
ياد آيم ڪي ڏينھڙا

آتم ڪٿا

انجنيئر نياز علي شر

ياد آيم ڪي ڏينهڙا

آتم ڪٿا



مصنف
انجنيئر نياز علي شر

ڪتاب جو نالو	:	ياد آيم ڪي ڏينھڙا
موضوع	:	آتم ڪٿا
ليکڪ	:	انجنيئر نياز علي شر
ڪمپوز	:	شبير احمد وڪو
ڳاڻيٽو	:	1000 ڪاپيون
سال	:	2016
قيمت	:	550 روپيه

Title	:	Yaad Ayam ke Denhra
Written by	:	Engr. Niaz Ali Shar
Copies	:	1000
Composer	:	Shabir Ahmed Vako
Year	:	March 2016
Price	:	Rs 550
Published by	:	Paras Printing Agency Hyderabad

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

1. نياز منزل، سينارجا روڊ، ٺري ميرواھ ضلع خيرپور
2. لغاري بوڪ اسٽور، ٺري ميرواھ ،ضلع خيرپور
3. تبوڪ فارميسي، پڪا چانگ، خيرپور فون: 03322759880
4. عبدالله نياز پيٽروليم، باغ بچراھ، نوابشاھ ڪنب روڊ
5. پير امام بخش قادري، نور مصطفيٰ، فضل آباد فيض گنج خيرپور

اي ميل ايڊريس: niazshar@hotmail.com

ارپنا

ابي، امان، برادر ظفر علي خان،
ڊاڪٽر عبدالله ۽ بيگم رابعہ نياز جي نانءُ
جن منهنجي سيني عيبن ۽
ارڏائين کي برداشت ڪيو
۽ هميشہ قرب ۽ پيار ڏنو

دعاگو

انجنيئر: حاجي نياز علي شر بلوچ

فهرست

پنھنجي پاران

جيئن تہ مونکي لکڻ پڙھڻ جو ڏاڍو شوق ھوندو ھيو، مان پنھنجي زندگي ۾ پنھنجيون يادگيريون ضرور کنھن نہ کنھن ڊائري ۾ محفوظ کندو رھيس. انھن ڊائرين ھن مجموعي لکڻ ۾ منھنجي گھڻي رھنمائي ڪئي.

فرانس جي ھڪ نوبل پرائيز حاصل ڪندڙ کان جڏھن انٽرويو ورتو ويو ۽ ٻيھر ڪتاب لکڻ لاءِ سوال ڪيو ويو تہ ھُن جواب ۾ چيو تہ ڪتاب لکڻ ايترو ڏکيو آھي جيترو برفباري دوران پاڻي جي تلاءُ ۾ ٽپو ڏيڻ. اھڙي ڳالھہ شيڪسپيئر ھن ريت چئي آھي تہ "دنيا ۾ ڏکي ۾ ڏکيو ڪم آسان مضمون لکڻ آھي."

مونکي لکڻ جو تہ گھڻي عرصي کان شوق ھو جو انجنيئرنگ ڪاليج جي پڙھائي دوران، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل اکرن کي سَوَلي سنڌي ۾ لکڻ لاءِ ھڪ ڊڪشنري جي شروعات ڪئي، ليڪن ڪيترين مجبورين ۽ مشڪلاتن ڪري اُھو ڪم اڌ ۾ رھجي ويو. ڪھاڻي لکڻ جو شوق اھڙو جاڳيو جو حيدرآباد مان ڇپندڙ، طارق اشرف جي ماھوار "سُھڻي" رسالي تي آمريت جي پابندي سان "تخليق" ماھوار جي پھرين رسالي ۾ منھنجي ڪھاڻي "اڻپورو پيار" ڇپي، جنھن کان پوءِ اخبارن ۾ ڪھاڻيون ۽ شاعري ھلندي رھي. روزگار جي حوالي سان ٻاھر وڃڻو پيو جنھن ڪري ادب جي ڪاروان کي ٻنڌو اچي ويو ورنہ اسان بہ شايد ناميارن اديبن جي ڳڻپ ۾ شامل ھجون ھا.

مان جڏھن کان سجاڳي پاتي آھي، تڏھن کان ھڪ جاءِ تي ويھڻ نصيب ڪونہ ٿيو آھي. ميٽرڪ دوران ھاسٽل حوالي، خيرپور جي ممتاز ڪاليج ۾، گھر کان پري، اتان مشڪل سان جان ڇڏائي تہ ڄامشورو ۾ ڇئن سالن جي بجاءِ پنجن سالن ۾ وڃي فارغ التحصيل ٿياسي، جنھن کان پوءِ سوچيو ھيو تہ ھاڻي زندگي وڏي آرام سان گذرندي، ليڪن نہ ڄاڻ تہ رھندو ملڪ بدر تي وڃي ست سمنڊ پار ڪري ٿاءِ لينڊ جي AIT ۾ انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس ڪرڻ نڪتاسين، AIT مان موٽي بہ سال نواب شاھہ جي انجنيئرنگ ڪاليج ۽ پوءِ يونيورسٽي ۾ استادي ڪئي. استادي کان نجات وٺي، HDA ۾ مشڪل سان ٽي سال لڳايا جتان حالات ۽ نوڪري جي عجيب اسٽائيل ڪري ٻاھر وڃڻ لاءِ من ماندو ٿيو. عراق ۽ ملائيشيا ۾ نوڪري ڪرڻ جا موقعہ مليا ليڪن نصيب سعودي عرب ڏانھن ڇڪي

ويو. ٻاويهه سالن جي ڊگهي عرصي کانپوءِ الائي ڇو ڪئناڊا جي قوميت جو شوق جاڳيو. ڪئناڊا ٻه دفعه وڃي بالآخر وطن واپسي جو پروگرام ٺاهيو. ان واپسي ۾ حب الوطني ۽ پنهنجي ڌرتي سان حد کان وڌيڪ محبت جو عنصر شامل آهي.

زندگي جي اِن حصي ۾ دنيا جي پنجويهن پرڳڻن جي گهمڻ ۽ سير و سفر جو موقعو ضرور مليو، جيڪو مان سمجهان ٿو ته اُهو هڪ منهنجو سرمايو آهي، جنهن منهنجيون اکيون، دل و دماغ کولي ڇڏيو.

هڪ اهڙي جاهلانه ۽ دقيانوسي ماحول مان نڪري، الله جي رحمت سان مون کي تمام وڏيون ڪاميابيون عطا ٿيون، جن جو ڪيترو به شڪر ڪجي اوترو گهٽ آهي. الحمد الله، مون کي روزگار لاءِ ڪنهن وڏيري، چوڌري، شاهه، مير ۽ پير جي اڳيان ڪڏهن به هٿ ٻڌڻا ڪونه پيا. الله جي ڪرم سان نوڪريون مون کي ڳولهينديون رهيون. نوڪري دوران مان ڄاڻي واڻي ڪنهن کي هرويرو نقصان نه پهچايو ليڪن هميشه ڪمزور جو ساٿ ڏنو. نوڪري دوران پنهنجو ڪم ايمانداري ۽ محنت سان ڪيو ۽ هميشه اُن اداري ۽ عوام جي ڀلائي ۽ ترقي کي اوّلين ترجيحات تي رکيو. نوڪري دوران ڪئين دفعا استعيفا ڏني، ليڪن اصولن تي سوديبازي قبول نه ڪئي. دنيا جي هن دائري اندر ڪئين چور، چغل، منافق ۽ حاصد مليا، ڪوشش ڏاڍي ڪئي سڌارڻ ۽ گڏ ڪٽي هلڻ جي، ليڪن چوندا آهن ته بيوس اُنن بار ڇڏيا آهن.

مان اڄ تائين ڄاڻي واڻي نه ڪنهن سان دُشمني ڪئي آهي ۽ نه وري ڪنهن ٻئي کي پنهنجو ويري سمجهان ٿو. ٻهرين ڳالهه جي پڪ اٿم، ليڪن پوئين معاملي جي خبر خدا کي آهي جو هو دلين جا راز سڀ ڄاڻي ٿو.

مان سڄي زندگي ۾ سِکڻ ۽ سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي، غريبن، محتاجن ۽ يتيمن جي وس آهر رهنمائي ۽ مدد ڪئي. منهنجي دوستي ايتري وسيع نه رهي آهي ليڪن مخصوص ماڻهن سان ياڻرن وارا رشتا قائم رکيا آهن. جهڙوڪ غلام شبير لغاري، ثناءُ الله ملاح، ڊاڪٽر غلام شبير ميمڻ، شفيع محمد لاکو، ڪرنل محمد اڪرم قريشي، ممتاز ميمڻ، ڪرنل (ڊاڪٽر) عبدالشڪور سهتو، برگيڊيئر خادم حسين جتوئي، غلام سرور ڪنڌر، شاهد جاويد (ڪئناڊا)، ڊاڪٽر ياڻي خان، عبداللطيف شر، ڊاڪٽر امتياز جوکيو، ڊاڪٽر مشتاق سومرو (لنڊن)، ڊاڪٽر حاجي محمود ميمڻ، نور محمد شر، حاجي ڪريم الدين شر، شفيع محمد شر، شاهد

محمود رانا (ڪئناڊا) ڊاڪٽر نجيب بگٽي، مشتاق احمد شر، استاد خان محمد جمالي، انجنيئر رفيق احمد لغاري، شير محمد شر (وڪيل) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن اهو مشهور قول آهي ته انسان جي سڃاڻپ سندن دوستن جي وصفن مان سُڃاتي ويندي آهي. مان هن ڪتاب لکڻ ڪان اڳ جڏهن علامہ آءِ - آءِ قاضي جو اُهو صدارتي خطبو پڙهيو، جيڪو 1934ع دوران حيدرآباد ۾ منعقد ٿيندڙ آل سنڌي ادبي ڪانفرنس کي ڏنو هو جنهن ۾ هُن ڪنهن قوم جي تاريخ جو گم ٿي وڃڻ کي ڪنهن شخص جي حافظي ختم ٿي وڃڻ جي برابر قرار ڏنو. ڊاڪٽر قوم جي تاريخ ۽ علم ادب کي بچائڻ ۽ زندهہ رکڻ لاءِ ٻہ تجويزون ڏنيون جن ۾ هڪ تہ رائج ڪهاڻين، نقلن، نظيرن، ڳالهين ۽ ٽوٽڪن کي لکي ياداشت جو اهو سرمايو محفوظ ڪيو وڃي ۽ ٻيو هر طبقي جي فرد کي گهرجي تہ هو پنهنجيون سوانح عمريون (آتم ڪهاڻيون) سچائي سان لکن تہ جيئن ايندڙ نسل اُن مان رهنمائي حاصل ڪري سگهن.

زماني جي گردش ۽ پيٽ جي پوڄا، حضرت انسان کي رولي ماري وڌو آهي. هي پيچ پچان، ڏک ڊوڙ ۽ حَوَس انسان کي ڪائي ڪپائي ڇڏي ٿو. اهڙن رولڙن مان گذرندي پاڻ کي پنهنجي پوروچوٽي تي قائم رکڻ ئي وڏي ڪاميابي آهي، ورنہ گهٽائي تہ اُنهن جي هوندي آهي، جيڪي زندگي جي آخري حصي ۾ پهچڻ ڪان اڳ پَڄي پُري پوندا آهن.

منهنجي هن آتم ڪهاڻي کي لکڻ لاءِ اُتساهہ ۽ همٿائڻ ۾ ڊاڪٽر ياٺي خان صاحب جو نہ صرف هٿ پر سندس رهنمائي هر وقت ساٿ رهي. هن ڪتاب لکڻ ۾ ڊاڪٽر عبدالله ۽ بيگم رابعہ نياز جي همت ۽ برداشت اگر نہ هجي ها تہ هي ڪتاب توهان جي هٿن تائين نہ پهچي ها. مان بيگم جو شڪريو ادا ٿو ڪيان جنهن چاليهہ سالن ڪان وٺي منهنجون زبون اُڌهي ڪاڏل ڊائريون، هيڏي لڏپلاڻ باوجود ائين محفوظ رکيون جيئن ڪُڪڙ پنهنجي ٻَچن کي باز ڪان لِڪائيندي آهي، جيڪو اڄڪلهہ جي زماني ۾ اهو ممڪن نظر ڪونہ پيو اچي.

هن ڪتاب ۾ مان وس آهر ڏاڍي ڪوشس ڪئي آهي تہ ڪنهن بہ ڪردار جي دل آزاري، نفرت اپاريندڙ، بدنامي يا هتڪ آميز چرچا چاٽي واٽي نہ ڪئي آهي، البت جيڪا بہ روءِ داد بيان ڪئي آهي اُها صداقت تي مبني، سبق آموز سمجهڻ گهرجي. مان مختلف واقعن کي انتهائي وڏي احتياط سان ساڳئي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن رنگ ۾، مونکي پنهنجي سامهون نظر آيا آهن. هن ڪتاب ۾ درج ڪيل

واقعا سڀ صحيح آهن ليڪن انداز بيان منهنجو پنهنجو ذاتي آهي، انهن سان اتفاق ڪرڻ يا اختلاف ڪرڻ هرهڪ جو حق آهي، ليڪن مونکي ٻئي صورتون قابل قبول آهن. مان ڄاڻي واڻي ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪئي آهي، تنهن هوندي بہ مان هرهڪ جي راءِ جو احترام ڪيان ٿو ۽ اهڙي صورت ۾ پنهنجي اڳواٽ معذرت پيش ڪيان ٿو.

مان دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رهيس ۽ نوڪري ڪئي ۽ هزارين ماڻهن، شرفاء ۽ وزيرن ۽ اميرن سان قريبي تعلق رهيو، ليڪن الحمد الله، ڪنهن کان بہ مرعوب نہ ٿيس، سواءِ تبوڪ ۾ جنرل شايع ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي ڊاڪٽر عباسي صاحب جي اعليٰ ڪارڪردگي جي.

هن ڪتاب ۾ شر قبيلي جي مختصر تاريخ ۽ بلوچستان جي شوري علائقي ۾ شرن ۽ ٻڙدي قبيلي جي وچ ۾ ٿيندڙ فساد جو ذڪر ۽ اتان لڏپلاڻ ڪانپوءِ مير سهراب خان، والي سنڌ جي درٻار ۾ حاضري ۽ آبادي جو پورو تفصيلوار ذڪر قلمبند ڪيو ويو آهي تہ جيئن نئين نسل کي خبر پئي تہ اسان اصل ڪير ۽ ڪٿان جا آهيون ۽ اسان جي وڏڙن سان ڇا وهيو ۽ واپريو. اسان کي پنهنجي وڏڙن جي غيرت، ٻَڌي، بهادري، پيار ۽ محبت مان سبق حاصل ڪري انهن جي نقش قدم تي هلڻ سان فخر محسوس ڪريون.

اميد ٿو ڪريان تہ هي ڪتاب اسان جي قوم لاءِ سَنَد ۽ حوالي جي حثيت حاصل ڪندو.

انجنيئر حاجي نياز علي شر
حيدرآباد
مارچ-2016

پيش لفظ

سائين نياز علي شر صاحب سان منهنجو واسطو ٻائيتاليهه سالن کان به متي جو آهي جيڪو سچو شعوري دور آهي. نياز صاحب جو وڏو ڀاءُ ظفر علي شر منهنجو استاد رهيو آهي. جنهن اسان کي ڇهين ڪلاس کان وٺي انهين ڪلاس تائين مسلسل ٽي سال پڙهايو.

ڇا ته ڪمال جا استاد هئا!! پر جيترا پڙهائڻ جا ڀلا، اوترا سزا ڏيڻ جا به! پڙهڻ وارن ٻارن لاءِ مکڻ ۽ ماکيءَ مثل! ۽ نه پڙهڻ وارن لاءِ وري وڏي ماکيءَ جي مک وانگر چڙيا ته الله جي پناهه. مان پڙهائيءَ ۾ چڱيرو هيس، هميشه پهريون يا ٻيو نمبر ايندو هوس پر هڪ دفعي جي ڳالهه آهي (1971ع) جڏهن مان ڇهين ڪلاس جو شاگرد هيس. اپريل جو مهينو ڪٽڪن جي لابارن جي مند، ڪاتي ڪٽڪ ڏاٽن سان لبجي پئي ته ڪٿي ڳاهجي پئي، ڪاتي وري ڦرسا پيا نهن، ڪُنديون پيون ٿين، ته ڪائي ٽوپا، ڳاگڙا ڇڄ، ڪاتي واٿرَ پئي هلي ته ڪاتي ٻنئي. جيترو سج گرم، اوترو ماٺهن، ٻارن ٻچن ۽ عورتن ۾ ڪم جي گرميءَ پچ پچان. هارين نارين ۾ پئو ته متان ڪا گجگوڙ ٿئي ۽ مينهن وسي. هاري ناري لاباري ۾ مشغول ته اسان جهڙا ٻار وري ڪُنڊي ۽ چوٽي ۾ مشغول.

اسان جي پاڙي ۾ به هڪ ڏينهن صبح جو سوير ديرو ٻَنئي ٿيو، مونکي به ڪتيءَ ڪنيو، وچين ديري پيڙو ٿيس، پڙ تي ڪٽڪ جا رهيل کيل داڻا ڪافي نظر اچي رهيا هئا. بس هڪ ڪجيءَ جي ڦرئي مان نهيل ٻهارو به هٿ ڪري ورتو، اڌ مني ڪلاڪ جي جاکوڙ ڪانپوءِ اڌ ڪلو يا ٽي پاءُ جيترو اَنُ نڪتو. ڏاڍي خوشي ٿي ڇو ته هڪ ڏينهن پهريائين ڪٽڪ جو ڪيرُ ميڙي چوٽو ڪري سنگن سان هڪ ٻاچڪو اڳيئي پري چڪو هوس، ان مان به ايتري ئي اَنَ نڪرڻ جي توقع هئي. حسابن جي ڪتاب ۽ هڪ عدد ٽه ليڪئي بُڪ جيترو مال گڏ ٿي چڪو هو بلڪ اجان اتر ۾ ڪجهه شيءِ شڪل جو به آسرو هو. بس ان خوشيءَ سان دل ٽمٽار هئي اسڪول کان به دير ٿي ويئي هئي، هاڻ پجي وڃي ڪتاب ڪنيم. متي سان هڪ رومال ٻڌم ڇو ته ڪافي مٽي ۽ دز وارن ۾ ڦاٿل هئي. مِٽي کي ڌوئڻ ۽ نيرن ڪرڻ جو وقت ٻنهه ڪو نه بچو هو. بس اسڪول ڏانهن ڊوڙ پاتم. امڙ جا نيرن ڪرڻ لاءِ سَڏ متي سَڏ، بس ڪن ٽار ڪري وڃي اسڪول پيڙو ٿيس. ظفر صاحب انگريزيءَ جو ڪلاس وٺي رهيو هو.

اَن پري ڪان ايندو ڏسي ڪلاس مان ڪافي ٻاهر نڪري ايو، شايد ان ڪري ته ٻيا ٻار منهنجي بيعزتي نه ڏسن. هڪ هٿ جي آڱرين ۾ لڪيل ڪتاب ڦاٿل هيس، مون کي استاد چيو ته اسڪول ۾ دير سان آيو آن!!
سڄي هٿ سان هڪ اهڙي ٿڦڙ وهائي ڪڍيائين جو بس واڄٽ نڪري ويا. اهو ان ٿڦڙ جو آواز اڄ به محسوس ٿيندو آهي.

اُن وقت سائين ظفر صاحب جو ننڍو ڀاءُ، نياز علي شر صاحب اسانجي شر ڪميونٽيءَ جو پهريون ماٺهون هو، جنهن ڪرسٽوفر ڪولمبس وانگر اسان جي ڪميونٽيءَ لاءِ نه صرف هڪ انجنيرنگ ڪاليج دريافت ڪيو پر ان سان گڏوگڏ موڪلن واري وقت ۾ اچي اسان جي اسڪول ۾ مَئِٿِس جا ڪلاس به وٺندو هو.

جڏهن پهريون دفعو نياز صاحب ڪلاس وٺڻ شروع ڪيا، ته خبر پئي ته وڏو ڀاءُ، ته پنهنجي جاءِ تي، پر ننڍو ڀاءُ ته ذهانت ۾ ان کان به ڪجهه رتيون اڳتي نڪتو، بس نياز صاحب جي اچڻ سان اسانجو ڪلاس مَئِٿس سان محبت ۾ گرفتار ٿي ويو. ڇا الجبرا، ڇا ٽرگناميٽري، ڇا جاميٽري ڇا انگي حساب، بس هر طرف حسابن جي ڌوم مچي وئي، سڄو سڄو ڏينهن صرف هڪ مضمون پڙهندا هئاسين، ۽ وقت گذرڻ جو احساس به نه رهندو هو. رِسيس ۽ موڪل واريون گهنٽيون زهر جيان لڳنديون هيون. دل چوندي هئي ته بس ڪلاس مان نڪرجي ئي نه.

انهيءَ زماني ۾ وري سائين عبدلڪريم شر صاحب به ڪنهن ٻي ڪُنڊ مان انجنيئرنگ جو شاگر ٿيو، اُهي ٻئي شخص اسان جي شر ڪميونٽيءَ جا انجنيئرنگ ۾ سرواڻ آهن.

مون کي ياد آهي ته 1975ع ۾، جڏهن مان اڃان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺريءَ ۾ نائين ڪلاس جو شاگر هئم ته عبرت اخبار ۾ هڪ ننڍڙي خبر، نياز صاحب جي پاسپورٽ سائيز جي تصوير سميت لڳي ته مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج جي ليڪچرار نياز علي شر صاحب کي پرڏيهه ۾ ايشن انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجيءَ ۾ ماسٽر ڪرڻ جي اسڪالرشپ ملي آهي ۽ هو ڪجهه ڏينهن ۾ بئنڪاڪ روانا ٿيڻ وارا آهن. خبر پڙهڻ سان ايڏي ته خوشي ٿي ڄڻ نياز صاحب جي نه پر منهنجي پنهنجي اسڪالرشپ ٿي هجي. خير اها تصوير سميت خبر مان ڪئي سال پنهنجي هڪ ڪتاب اندر رکي ڇڏي ۽ ڪيترو وقت ان خبر کي ڏسي خوش ٿيندو رهيس. شايد اها به هڪ اتساهه جو سبب بڻي جو مان به آخر اسڪالرشپ وٺي، 1996ع ۾

انگلنڊ Ph-D ڪرڻ لاءِ روانو ٿيس. هاڻ انجنيئرنگ جي ڊگري سان گڏ اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالرشپ جي به خبر هڪ نئين دريافت کان گهٽ نه هئي.

چاڪاڻ ته اسان ٻئي هڪ ئي ڳوٺ، هڪ ئي ڪميونٽيءَ سان واسطو رکندڙ آهيون. ان ڪري مونکي ان چوڻ ۾ ڪابه گهٻراهٽ ڪو نه ٿي ٿئي ته اسان لاءِ ٻه شهر بوزدار وڏا ۽ نري ميرواهه، نيويارڪ ۽ لنڊن جي حيثيت کان گهٽ نه هئا. مان ته 16 سالن جي عمر پنهنجي سؤٽ ڊاڪٽر غلام اصغر شر سان گڏ پهريون ڀيرو حيدرآباد 1976ع ۾ ڏٺي ۽ خبر پئي ته ٽي وي به ڪا بلا آهي، جنهن جي ذريعي ڪراچيءَ کان تصويرن ۽ آوازن سميت ماڻهون گهر ويٺي ڏسي سگهجن ٿا. مان ان وقت پهريون دفعو حيدرآباد گاڏي کاتي ۾ حيدر چوڪ جي ڀرسان هڪ دڪان تي وڪري لاءِ پيل ٽي وي ڏٺي ۽ ڪاري اسڪرين تي گهڻيءَ ۾ گهمندڙ ماڻهن جا عڪس ڏسي ڪافي وقت ويچاريندو رهيس ته واه ڪيئن نه جيئريون جاڳنديون تصويرون پيون نظر اچن. واهه سائنس جي ترقي!

ان ماحول مان نڪري، نياز صاحب ڪيڏي ته دنيا جهاڳي آهي ۽ پاڻ ميجرايو آهي، ان جو اندازو هن آتم ڪٿا مان اوهان پاڻ لڳائي سگهوٿا. مان جڏهن هن ڪتاب جو نسخو پڙهندو رهيس، نياز صاحب جا احسان آهن ته هو لکندو هو ۽ هر حصو مون ڏانهن موڪليندو به رهيو ته گڏوگڏ مان به پڙهندو رهان ۽ مشورا به ڏيندا رهن. هن ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ، نياز علي شر صاحب جي هڪ سٺي ۽ ڪامياب زندگيءَ جي پويان هڪ راز جي به خبر پئي ته هو ڪيترو نه اوست ۽ يڪسو انسان آهي جو زندگيءَ جي هر اهم گهڙيءَ کي پنهنجي روزنامچي ۾ محفوظ ڪندو رهيو آهي. زندگيءَ جي سفر ۾ ٿيندڙ چڱايون، لڱايون، خوشيون ۽ اداسيون سڀ جو سڀ سندس رڪارڊ ۾ محفوظ آهن، جن کي سموهي، هن ڪتاب جي صورت ۾ ڇپرايون آهن.

حقيقت ۾ هي جيڪو اوهان جي هٿن ۾ ڪتاب آهي، اهو ان اصل ڪتاب جو اڌ به ڪو نه آهي جيڪو صرف مونکي پڙهڻ نصيب ٿيو آهي. اڌ کان به مٿي حصي کي سرجري ڪري، پاڻ ئي الڳ ڪري ڇڏيو اٿن مان ڪيس صلاح ڏني ته ڪنهن ٻئي عنوان تحت ان زخم ذخيري کي به ڇاپيو وڃي. هن ڪتاب ۾ هڪ وڏو اُتساهه ڀريل آهي هر ان ٻهراڙيءَ جي جڳهڙن ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ پلجندڙن لاءِ، ته هو ڪنهن به وڏي اعليٰ مقام تائين پهچي سگهن ٿا، جيڪڏهن ڏيان صرف پاڻ ۾ اهليت پيدا ڪرڻ تي ڏين. نياز صاحب

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ان لازوال بيت ڪي حقيقت جو روپ ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

جنين ڏاند نہ ٻج، تنهين تنهنجو آسرو
اوّل ڏِين انهن کي، پوءِ اياڙين سِڄُ.

هي آتم ڪٿا هڪ پيغام آهي، انهن نوجوان نسل لاءِ، جيڪي پنهنجي محنت جي بلبوطي تي ڪاميابي حاصل ڪن ٿا، هن ۾ انهن نوجوانن لاءِ يقينن ڪوبہ نياپو يا اتساهه ڪونهي، جيڪي ڪاپي ڪلچر جي وَرِ چڙهيل آهن، يا وري پنهنجي اولاد کي ان ۾ دفن ڪري چڪا آهن يا وري سَورس ۽ سُفارشي ڪلچر ۾ يقينَ رکندڙ آهن.

هن آتم ڪٿا ۾ صرف ۽ صرف پيغام جستجو آهي، پيغام خودداري آهي ۽ پيغام محنت آهي ۽ ان سان لاڳاپيل ڪاميابي آهي. هي آتم ڪٿا خود غرضيءَ جي ۽ ٻين جي ٽيڪ تي زندگي گذارڻ جي ندامت ٿي ڪري، همت ۽ بردباريءَ جو سبق ٿي ڏئي ۽ هڪل ڪري ٿي:

هَلو هَلو ڪاڪ، تڙ جتي نيهن اچل
نہ ڪا جهل نہ پل سيڪا پسي پرين ڪي.

والسلام
خيرانديش
ڊاڪٽر ڀائي خان شر،
اپريل 2016

مهاڳ

دنيا جي ادب ۾ ناول کان پوءِ جنهن صنف کي بيحد مقبوليت ملي آهي سا آتم ڪٿا (Autobiography) آهي. عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي تہ آتم ڪٿا ڪنهن جڳ مشهور شخصيت جي هجڻ ڪپي، جنهن جو ادب، فنونِ لطيف، سياست، سائنس يا ٻئي ڪنهن ميدان ۾ وڏو نالو هجي، پر اهو ڪو ضرور ڪونهي. علامہ آءِ آءِ قاضي جو چوڻ آهي تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ ڪپي. علامہ صاحب اها ڳالهہ ان ڪري چئي هئي تہ ان سان ادب ۾ واڌارو ٿيندو. پر ٻي طرح ڏسجي تہ هر ماڻهو جي زندگيءَ جا تجربا ۽ لاها چاڙها پنهنجا پنهنجا هجڻ سبب ٻين ماڻهن کان الڳ ۽ منفرد هوندا آهن. زندگيءَ جي انهن تجربن جون ڪٿائون دلچسپ هجڻ سان گڏ ٻين ماڻهن جي لاءِ انهن تجربن مان سکڻ جو موقعو پڻ مهيا ڪنديون آهن.

انگريزي ٻوليءَ ۾ اصلوڪيون يا ٻين ٻولين مان ترجمو ڪيل آتم ڪٿائون هر ميدان ۾ ڪم ڪندڙ معروف توڙي غير معروف شخصيت جون لکيل يا لکايل وڏي انداز ۾ موجود آهن. لکايل ان لحاظ کان تہ ڪي مشهور شخصيتون آتم ڪٿائن جي ماهر ليکڪن کي ڳرا معاوضا ڏئي کانئن پنهنجون آتم ڪٿائون تحرير ڪرائينديون آهن. انهن ليکڪن کي انگريزي ۾ Ghost Writer ڪوٺيو ويندو آهي

سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ معروف توڙي غير معروف شخصيتن جون لکيل آتم ڪٿائون ڇپيل آهن. نياز علي شر جو سنڌي ادب سان پراڻو تعلق آهي. هن ڪجهہ ڪهاڻيون، شعر ۽ مضمون لکيا آهن. پنهنجي فيلڊ ۾ ريسرچ پيپر بہ ڇپيل اٿس. پر هاڻي هيءَ آتم ڪٿا سندس سڃاڻپ بنجي ويندي. سادي سُودي ٻوليءَ ۾ لکيل هن آتم ڪٿا ۾ ڀلي عبارت آرائي جي چاشني نہ هجي، پر بيان جي سادگي ان جي سونهن آهي، جنهن ۾ سچائي پريل آهي.

نياز علي شر ننڍپڻ کان ڏکين ۽ اڙانگين حالتن کي منهن ڏيندي تعليم حاصل ڪئي. پرائمري کان پوءِ سيڪنڊري ۾ پڙهڻ دوران هو ڳوٺ کان 10 ڪلوميٽر پري جهنگ واري ويران رستي تان ٽن سالن تائين پنڌ ڪندو رهيو. ان دور جي پرائمري تعليم بابت پڻ هن ڄاڻ ڏني آهي. ان زماني ۾ پرائمري اسڪولن جي استادن جي پروموشن بدلين، جزا ۽ سزا جو معيار ان ڳالهہ تي پرکيو ويندو هو تہ سندن شاگردن جو ڪيترو

سيڪڙو امتحان ۾ ڪامياب ٿي سگهيو اهي. وڏي ڳالهه ته اهليت جي بنياد تي شاگردن کي پاس يا ناپاس ڪيو ويندو هو جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي سفارش جو عمل دخل نه هوندو هو. تڏهوڪي پرائمري توڙي ان کان مٿي واري تعليم جي جيڪا بيڙي ٻڏل آهي سا سنڌ ۽ ان جي نئين نسل جي لاءِ هڪ وڏي بدنصيبي ۽ سانحو آهي.

نياز شر ملڪ ۾ رائج تعليمي سرشتي تي جيڪا تنقيد ڪئي آهي سا ڪنهن حد تائين صحيح آهي. پرائمري کان وٺي هائر سيڪنڊري تائين ٻارن کي ٻولين جي سکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ وڌيڪ زور ڏنو وڃي ته سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ۾ 52 اکر آهن جيڪي تمام گهڻا آهن ۽ انهن ۾ ڪيترا غير ضروري آهن معصوم ٻارن تي 52 اکرن جو وزن چڱو خاصو ڳرو آهي.

آتم ڪٿا ۾ ليکڪ پنهنجا ويچار ته ڏئي سگهي ٿو، پر اها اصل ۾ يادگيرين تي ٻڌل هوندي آهي. نياز علي شر پنهنجي ننڍپڻ جون ڪيتريون يادگيرون بيان ڪيون آهن جيڪي سندس جاڪوڙ واري زندگي سان تعلق رکن ٿيون ۽ ساڳئي وقت اهي دلچسپ پڻ آهن. سندس شروعاتي زندگي ڏاڍي ڏکي گذري، پر هن ان ڳالهه جي شڪايت نه ڪئي آهي. سندس ننڍپڻ رڳو پري پنڌ ڪري اسڪول اچڻ وڃڻ تائين محدود ڪونه هو. هن کي سخت اُس ۽ گرميءَ ۾ پيرين اگهاڙي مال چارڻ، زمين ڪاهڻ ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪم به ڪرڻا پوندا هئا. انٽر پاس ڪرڻ تائين هو اُهي سخت پورهيا ڪندو رهيو.

ڪاليج ۾ پڙهائي دوران هن جو واسطو شاگرد تحريڪ سان پيو ان وقت ون يونٽ جي خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ هن حصو ورتو. هن جو اهو ذاتي تجربو چئجي يا مشاهدو ته سياسي پارٽين پنهنجن مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي نئين نسل کي ٽِشو پيپر وانگر استعمال ڪيو آهي. سنڌ ۾ تعليم جي تباهي جي شروعات سياسي جماعتن جي هٿان ٿي. هن کي ان ڳالهه جو به افسوس آهي ته ڪمپيوٽر جي دور ۾ داخل ٿيڻ باوجود، سنڌي ماڻهن جي شعور ۾ گهٽتائي ٿي آهي. ڪمپيوٽر هجي، ڪميونيڪيشن جا جديد وسيلا هجن توڙي بيشمار ٽي وي چينل ۽ موبائيل فونون انهن سڀني جي هوندي به سنڌي سماج ۾ ذهني سجاڳي ۽ شعور جي پيدا ٿيڻ جا ڪي به آثار نظر نٿا اچن. سياسي پارٽيون سنڌي ماڻهن کي ووٽ لاءِ ته استعمال ڪنديون رهن ٿيون، پر سندن سماجي ۽ معاشي بهتري لاءِ ڪجهه ڪرڻ بدران مال ڪمائڻ ۾ مشغول ٿيو وڃن.

سنڌ جي سرڪاري توڙي خودمختيار ادارن ۾ جيڪا ڪرپشن، اقرباپروري ۽ نااهلي آهي ان ڪي بہ نياز علي شر پنهنجي آتم ڪٿا ۾ وائکو ڪيو آهي. اهي بڌل سُڌل ڳالهيون ڪو نہ آهن. پر هن جا ذاتي مشاهدا آهن. سنڌ سرڪار جي آبپاشي کاتي، حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (HDA)، سکر جي لاءِ ترقياتي اداري، نساسڪ وغيره جهڙن ادارن ۾ هن کي جيڪي تلخ تجربا ٿيا، سي سڀ پڙهندڙن سان ونڊيا اٿس. اها خبر بہ اسان کي سندس آتم ڪٿا مان پئي ٿي، تہ قاسم آباد ۽ چام شوري ۾ گلشن شهباز جي رٿابندي هن جي ڪيل آهي. افسوس آهي تہ گلشن شهباز جي رٿا پوءِ رلي وئي ۽ اڄا تائين رليل آهي.

وچ ۾ هو سعودي عرب ۾ قسمت آزمائي ڪرڻ ويو جتي سندس محنت ۽ اورچائي کي ساراهيو ويو. هن کي البت اهو ڏسي ڏک ٿيو تہ عرب دنيا ۾ غير عرب يا عجمين سان سنو سلوڪ نہ ٿوڪيو وڃي. سندس لکڻ موجوب:-

”عرب دنيا جي مقامي ماڻهن جي نظر ۾، دنيا ۾ صرف ٽي قوميتون آهن. سڀ کان وڌيڪ عزت وارو خواجہ آهي جيڪو يورپ يا آمريڪا جي نسل مان ٿئي ٿو. ٻئي نمبر تي مقامي عرب اچن ٿا ۽ ”ٽئين نمبر تي غير عرب يا عجمي آهن جيڪي پاڪستان، هندستان، بنگلاديش، فلپائن وغيره مان آيل هجن. مقامي ماڻهن جو سلوڪ ٽنهي قسمن جي نسلن سان مختلف هوندو آهي.“

هي ڪتاب آتم ڪٿا هجڻ سان گڏ سفرنامو پڻ آهي. نياز شر انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم ٿائيلينڊ مان حاصل ڪئي. اتي پڙهڻ دوران هو ملائيشيا ۽ سينگاپور بہ گھمي آيو. آتم ڪٿا ۾ انهن ٽنهي ملڪن جو سربستو احوال ڏنو اٿس. سعودي عرب ۾ نوڪري دوران هو اُردن، شام، مصر، ترڪي، يونان، انگلينڊ، فرانس ۽ ڪئناڊا مان چڪر هڻي آيو. ڪيس ڪئناڊا جي اميگريشن بہ ملي پر اتي وڌيڪ وقت رهي ڪو نہ سگھيو پوءِ وطن جي ڇڪ ۾ سعودي عرب کي بہ الوداع چئي ساڻيهہ سنڌ ۾ موٽي آيو. هن واپس اچي پهرين مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيو، پوءِ نيڪ ارادن سان سکر جي ترقياتي اداري نساسڪ ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر ٿيڻ قبول ڪيائين. پر اتي سياسي ماڻهن جي مفادن ۽ رشوت خوريءَ جي گرم بازاريءَ کيس وڌيڪ وقت رهڻ نہ ڏنو. نساسڪ سکر جي سياسي

اڪوائن جي لاءِ مال ميڙڻ جو هڪ وسيلو آهي چڱو ٿيو جو نياز شر اتان خيريت سان پنهنجا پلاند آجا ڪرائي آيو.

مڪروه مفادن وارا سياسي اڳواڻ جن جي هٿن ۾ سالن کان وٺي سنڌ جي اعليٰ اقتدار جون واڳون رهيون آهن تن راشي ۽ نااهل ڪامورن سان گڏجي سنڌ ۾ ڦرلٽ ڪري جيڪا تباهي ۽ بربادي ڪئي آهي، اهو داستان به هن آتم ڪٿا جو اهم حصو آهي.

نياز علي شر هيءَ آتم ڪٿا سندس ذاتي زندگيءَ جو ته بيان آهي، پر سنڌ جي سماجي،سياسي، معاشي ۽ تعليمي حالتن سان گڏ ادارن جي بدحالي جو به داستان آهي.

شوڪت حسين شورو
ڄام شورو
6اپريل 2016

بسم الله الرحمنٰ الرحيم.

اَول اَللهُ علِيم، اعليٰ، عالَم جو ڌڻي؛
قادِر پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قديم
والِي، واحِدَ وَحدَہ، رازِقُ ربُ رَحِيم
سو ساراھ سچو ڌڻي، چَئي حَمدُ حَڪِيم
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙ جهانَ جي.

وَحدَہ لاشَرِيڪَ لہ، جن اُتوسين اِيمانَ،
تن مَجيو مُحَمَدُ ڪارڻي، قلَبَ ساڻ لِسانَ،
اُوءِ فائِقَ ۾ فرمانَ، اَوَتِڙ ڪنهن نہ اوليا

وَحدَہ لاشَرِيڪَلہ،بُڌءِ نہ ٻوڙا
ڪِ تو ڪنين نہ سُئا، جي گھڻ اندر گھوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙھا، جِتِ شاهد ٿيندءِ سامُهان

وَحدَہ لاشَرِيڪ لہ، اِهو وِهائج وِيُ،
ڪَنين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هِيُ،
پاٽان چوندُءِ پيءُ، پري جام جنت جو

ساري رات سُبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
اُن جي عبداللطيف چئي، مَٿيءَ لٿو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اَڳھ اَچيو اُنجي.

(شاهہ عبداللطيف ڀِٽائي)

بسم الله الرحمن الرحيم

شر قبيلي جي مختصر تاريخ

جڏهن کان هيءَ دنيا قائم ٿي آهي، ابن آدم مان ڪيترين قومن هن ڌرتي تي پنهنجي حُڪمراني قائم ڪري، پنهنجو دٻدٻو ڄمائي تاريخ رقم ڪئي آهي.ڪن جنگيون ڪيون، ڪن سمنڊ جا سِينا چيري، ان ۾ سفر ڪرڻ لاءِ رستا ٺاهيا، ڪن کوجنائون ڪري ايجادون ڪيون ۽ وري تاريخي اهڃاڻ ڇڏي، ايندڙ نسلن تائين پنهنجون يادگيريون قائم ڪيون آهن.

اسان جا وڏا به، زماني جي لاهن چاڙهن ڪري هڪ اهڙي قبيلائي جنگ سان دو چار ٿيا، جو پنهنجا جوڌا جوان مارائي، پنهنجي اباڻي ڌرتي تان لڏڻ لاءِ مجبور ٿيا.سوبہ اهڙي حالت ۾، جو ماريل قافلي ۾ رڳو عورتون ۽ معصوم ٻار شامل هيا، جيڪي در در جون ٺوڪرون کائيندا، انصاف لاءِ پڪاريندا رهيا پر ڪنهن بہ وقت جي حاڪم يا راجا، سندن داد نہ ڪيو ۽ نہ بدلو وٺي ڏنو. جيڪو ڏاڍو سو گابو ٿيو، قصور ڪنهن بہ ڌر جو ڪونہ هو، رڳو وقت جي ستم ظريفي هئي، جو ان زماني ۾ انسان جي جان جي ايتري اهميت ڪانہ هوندي هئي ۽ نہ وري انصاف جو ماڻُ مٿاهون هيو.

مير نصير خان نوري، والي قلات ۽ حاڪم وقت (1749-1794ع) جي درٻار مان مظلومن کي انصاف ڪونہ مليو، نہ وري انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ايئن ڪٿي چئجي تہ ان زماني جي رياستي نظام ۾ انصاف جي اهميت ڪونہ هُئي.هي قبيلائي جنگ بہ، هندستان جي ان دور جي ڪهاڻي آهي، جڏهن يورپي قومون، هندوستان جي سر زمين تي، پنهنجا پير پختا ڪري رهيون هيون.

شر قبيلي سان بلوچستان جي علائقي ۾، جيڪي وهيو واپريو، اُن جو سربَستو احوال جيڪو پيڙهي در پيڙهي، اسان جي بزرگن کان اسان تائين پهتو آهي، اهو سهيڙي سموهي پيش ڪجي ٿو. جيئن اسان جي نئين نسل کي پنهنجن وڏن بابت خبر پوي. هن وقت اسان معاشري ۾ بينڪي زندگي گذاري رهيا آهيون، پر اسان جا وڏا، انهن وقتن ۾ مال ڌارڻ، چارڻ، پالڻ ۽ پوکي راهي ڪري،گُهمي ڦري گذر سفر ڪندا هيا، جنهن لاءِ اسان کي انهن تي فخر ڪرڻ گهرجي، جو هو محنت ڪري ڪائيندا هيا. انهن جوعداوتي دور هيو، انهن جي مقابلي ۾ اسان اڄ ڪلهہ وڏيڪ

آرامده آهيون، جو ٿوري محنت ۽ نوڪري ڪري دنيا جا سڀ سک ماڻي رهيا آهيون.

بلوچستان ۽ پنجاب صوبن کان سواءِ سنڌ جي سيني ضلعن جهڙوڪ: گهوٽڪي،سکر،شڪارپور، لاڙڪاڻو، نواب شاهه، سانگهڙ ۽ ميرپورخاص ۾ جهڙوڪ شر گهڻي تعداد ۾ آباد آهن. انهن جو هن واقعي سان تعلق نه به هجي، پر ذڪر ڪيل واقعي سان رڳو اسان جا وڏا متاثر ٿيل آهن. ٻيا مبادا هن واقعي کي خيالي قصو ڪري سمجهندا هجن. بهرحال اسان وٽ ثابت ڪرڻ جا سڀ ثبوت موجود آهن، جنهن مان سڀ کان پڪي شاهدي، شوري واري زمينن جو سرڪاري رڪارڊ ۽ فارسي ۾ لکيل، زمينن جون سَنَدون ۽ شوري علائقي ۾ شرن جو تتار واري ماهي واري قبرستان ۾ اجتمائي قبرن وارو قلعو پڪ ڏيارڻ لاءِ موجود آهي.

بلوچن وٽ اصل کان علم گهٽ هو، جو انهن جي رهائش، هميشه شهرن کان پري، ڪوهستاني علائقن ۾ هئي، جنهن ڪري انهن جي تهذيب ۽ تمدن، صرف جابلو بياباني ۽ ڪوهستاني طرز تي رهي. جنهن ڪري بلوچن جي تاريخ لکڻ وارو خود بلوچن مان ڪونه هو. اڄ کان اٽڪل به ادائي سؤ سال اڳ، انگريز تاريخدانن، بلوچ قومن جي تاريخ لکڻ لاءِ قلم کنيو ۽ جڏهن بلوچ، ايران ۽ بلوچستان جي علائقي ۾ اچي سهڙيا، ته اتي انگريزن گهمي ڦري، بلوچ قومن جو حَسب نَسب ۽ ٻيا مشهور تاريخي واقعا، جيڪي ان وقت شعر و شاعري ۽ قصن جي صورت ۾ ملي سگهيا، انهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي، بلوچ قوم بابت ڪتاب لکي ورتا.

بلوچ قومن ۾ وقت جي رفتار سان جڏهن تعليم جي روشني پهتي ته ڪجهه بلوچ تاريخدان به پنهنجي قوم تي تاريخون لکي ورتيون، پر انهن تاريخن جي مواد جو پڻ بنياد به اڳ وارين غلط برابر لکيل تاريخي ڪتابن تان حاصل ڪيو ويو ۽ ان وقت بلوچ قوم جا مختلف قبيلا، ايران، بلوچستان مان مختلف علائقن جهڙوڪ: پنجاب، سنڌ، گجرات، افغانستان وارن ڏوراهن علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري چڪا هئا. انهن تاريخدانن، انهن لڏي ويل قبيلن جي لڏ پلاڻ بابت تمام ٿورو تذڪرو ڪيو آهي.

شر قبيلي ۾ به، علم گهٽ هجڻ ڪري، اهي پڻ ٻين بلوچ قبيلن وانگر ايران ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن مان سنڌ، پنجاب ۽ افغانستان ڏانهن لڏ پلاڻ ڪندا رهيا آهن. جنهن ڪري ڪنهن به قديم يا جديد تاريخ نويس، انهن جو ڀرپور تذڪرو، پنهنجن تاريخي ڪتابن ۾، ماسوائي

ڪجهه تاريخن ۾، مختصر حوالي ڏيڻ کان سواءِ نہ ڪيو آهي، جيڪو بلڪل ناڪافي آهي. ان وقت شر قبيلي ۾ اهڙو ڪوبہ ماڻهو نہ هيو، جيڪو پنهنجي قوم جي تاريخ، قلم بند ڪري محفوظ ڪري سگهي ها. اسان کي بہ هاڻي محسوس ٿيو آهي تہ اسان جي نئين نسل، جنهن ۾ علم اچي ويو آهي، تہ ڪا اسان جي تاريخ بہ هجي.حلانڪ انهن کي پنهنجي قومي تاريخ سان ڪا دلچسپي ايتري نہ رهي آهي. انهن کي اها بہ خبر نہ آهي، تہ اهي اصل ۾ ڪير آهن، ڪٿان آيا آهن يا انهن جي اصليت ڪهڙي آهي يا انهن جي بزرگن ڪهڙا تاريخي ڪم ڪيا، يا ڪهڙا ڪارنامہ سرانجام ڏنا آهن. پنهنجن وڏڙن جون ڳالهيون ٻڌي محسوس ٿئي ٿو تہ انهن ۾ ڪيتري نہ شرافت، ديانت، اتفاق، اتحاد، غيرت، جرئت ، بهادري، پيار ۽ محبت هئي، جنهن مان اسان کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي نقش قدم تي هلڻ سان فخر محسوس ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي بااصول ڪردار مان رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي.

سنڌي ۾ عام چوڻي آهي، تہ شر شوري ۾، رڍان ڍوري ۾، اُنُ ٻوري ۾ بند پيلو آهي. اڄ کان اٽڪل سوا بہ سَوَ سال کن اڳ،جڏهن خيرپور رياست ۾ مير سهراب خان (1745-1830ع) جي دور حڪومت (1783-1811) هُئي ۽ هندوستان جي سرنگا پٽم ۾ انگريزي فوجون ٽيپو سلطان سان برسر پيڪار هيون. ان وقت بلوچستان جي قلات رياست تي، مير نصير خان نوري جي حڪومت هئي ۽ شوري جو علائقو رياست قلات جي ماتحت هو.

تڏهن شوري علائقي ۾، شر گهڻي تعداد ۾ آباد هئا، جن جو ڌنڌو زمينداري، پوکي راهي، مال ڌارڻ ۽ چارڻ هيو. شر جاگير جا مالڪ ها ۽ هڪ مخصوص علائقي تي سندن مڪمل ڪنٽرول هو. اُن زماني جي رواج مطابق، سندن رهڻي ڪهڻي، شاهاڻي هئي جو وٽن نوڪري چاڪري ڪرڻ ۽ سَڏ وغيره ڏيڻ لاءِ لنگها ۽ مڱڻهار ۽ هلڪا ڪم ڪرڻ لاءِ، ڪاسبي جهڙوڪ، حجم، ڪنير، ڊکڻ وغيره پنهنجا ويهاريل هوندا هُئا.

هي علائقو جيڪب آباد، سنڌ کان اتر طرف ٽيمپل ديرو ريلوي اسٽيشن، جيڪا ڊيرا مراد جمالي ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر کان اٽڪل، 25 ڪلوميٽر اوپر طرف موجوده، پٽ فيڊر ڪئنال سان واقع آهي.

شر شوري علائقي ۾ شرن جي آبادي سان ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي، ٻين قومن سان گڏ، ٻڙدي قبيلو بہ گهڻي تعداد ۾ آباد هو، جنهن جو ان وقت سردار هيرو خان ٻڙدي هو. شرن جو وڏو، بلوچ خان پٽ قادن فقير

هو. هي سڀ قبيلا، خصوصاً شر ۽ ٻڙدي هڪ ٻئي سان صدين کان وٺي قرب ۽ محبت سان رهندا پئي آيا. مشهور ڳالھ آهي تہ شرن مان هڪ مڙس، پنهنجي برادري وارن کان ڪاوڙجي پنهنجا ٻار ٻچا وٺي وڃي هيرو خان ٻڙدي جي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو، جيڪا ڳالھ اِن وقت شرن کي نہ وڻي، جو غيرت خلاف هئي. شرن پنهنجو هڪ ماڻهو هيري خان ڏانهن نياپو ڏئي موڪليو، تہ ان شر کي ٻارين ٻچين سميت واپس ڪري، جنهن تي چوائي موڪليائين تہ ’اسان کي پٽ جو وهاڻ ڪرڻو آهي، بلوچ خان وارا پل سڏ بہ پري وڃن ۽ پنهنجي ٻروچ کي بہ وٺي وڃن‘. نياپو ڏيڻ وارو ماڻهو، نالي دليل خان، شرارت ڪري انهيءَ نياپي کي ٻيو رنگ ڏنو، جڏهن ڳوٺ جي ويجهو واپس آيو تہ گهوڙي تان لهي پيادو ٿي، پٽڪو ڪنڌ ۾ وجهي، ماريل ماڻهو وانگر لڏندو لمندو اچي پهتو. پڇڻ تي ٻڌايائين، تہ ’هيري خان چيو آهي تہ سيني شرن کي موڪل آهي، جيڪو وٽين سو ڪن پر ماڻهو ڪونہ موٽائيندس‘. اها ڳالھ ٻڌندي ئي شر ٻروچن ۾ مَمَڻ مچي ويو.ڪين ڏاڍي چڙ لڳي تہ آخر ڪهڙي سبب هيرو خان اها زيادتي ٿو ڪري، نہ ڪو جهيڙو اڳ اسان سان ٿيل آهي، نہ وري ڪو سندس پاند پلاند يا ڏيتي ليتي رهيل آهي، اها سئين سڌي اُرھ زورئي آهي. شرٻروچن دليل کان، نہ آڏي پڇي نہ ٽيڏي، سندس ڳالھ تي اعتبار ڪري، جهيڙي ۽ پلاند وٺڻ جي تياري ڪرڻ لڳا.

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ بلوچ خان وارا پنهنجا ماڻهو هٿيارن پنهوارن سان ساڻ ڪري، گهوڙن تي چڙهي شام جو هيرو خان ٻڙدي جي ڳوٺ ٻاهران پهچي، پنهنجو مڱڻهار موڪلي هيري خان ڏانهن نياپو ڪيائون، تہ ٻاهر اچي اسان سان ڳالهاءِ. هيري خان، مڱڻهار جو نياپو ٻڌي، حيران ٿي ويو تہ بلوچ خان ٻاهر ڇو بيٺو آهي. شادي جو سڏ بہ اٿس، اچي ڇو نہ ٿو؟ شادي جو موقعو هيو، سڏ بہ اُتاريل هيو، هيري خان جلدي ۾ پنهنجي گهوٽ پٽ، جنهن جي ان رات شادي ٿيڻي هُئي، کي بلوچ خان ڏانهن موڪليو تہ وڃ پنهنجي چاچي کي هيڏي وٺي اچ گهوٽ گهوڙي تي چڙهي، جئين شرن جي ويجهو پهتو، تہ بندوق سان فائر ڪري ڪيس ماري وڌائون ۽ پاڻ گهوڙن تي ٽاپ ٽاپ ڪندا، واپس ڳوٺ ڏانهن هليا آيا. ٻڙدين جڏهن بندوقن جا نڪاءُ ٻڌا تہ تڙ تڪڙ ۾ وٺي اوڏانهن ڀڳا، ويجهو وڃي ڏٺائون تہ گهوٽ مئو پيو آهي. اتان لاش کڻي جڏهن گهر پهتا تہ ماتم مچي ويو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ هيري خان، پنهنجا ماڻهو گڏ ڪري، پلاند وٺڻ جي تياري

ڪري، شرن جي ڳوٺ تي هلان ڪئي. جڏهن شرن جي ڳوٺ پرسان، ٻڙدين جو اوچتو لشڪر پهتو، ته رڻ پٽ ۾ رڳو ڏوڙ ڏڪاءُ، گهوڙن جي سُنبن جا ڪَڙڪاٽ ۽ جنگ جو پڙاڏو هو. شر به اوچتو حملو ڏسي، گهرن کان ٻاهر نڪري، ميدان ۾ سنيري بيٺا. تڙ تڪڙ ۾ ڪين جيڪي ڪجهه هٿيار مليا، اُنهن سان وڙهي مڙسن کي منهن ڏيڻو پيو.

چاڪاڻ ته ميدان ڇڏي ڀڄڻ ٻاڙين جو ڪم هُيو اوچتو حملو ڪري شرن سمجهي .ورتو ته مردن جو ميدان مان بچي موٽڻ مشڪل آهي. ان لاءِ عورتن ۽ ننڍن ٻارن جي رکوالي ڪرڻ لاءِ مَنگهه خان جو وڏو پٽ دوست علي، جيڪو ان وقت نوجوان هو ۽ ٻين ساٿين سان گڏ ميدان جنگ ۾ موجود هو، ان کي زبردستي ڪجهه ماڻهن گڏجي ڏڪي ٻاهر عورتن ۽ ٻارن جي رکوالي لاءِ موڪليو ۽ پر ۾ موجود عورتن به هن کي ميدان ۾ وڃڻ کان روڪيو، جو غيرت جي تقاضا به اها هُئي. ان دوران دوبدو جنگ شروع ٿي وئي، تلوار بازي ڪندا رهيا پر توري دير ڪانپوءِ شرن جا مڙس مرندا رهيا، جو مخالف ڌر تعداد ۾ شرن کان گهڻي هُئي. اهڙي حال ۾ شر مقابلو ڪندا رهيا پر ميدان نه ڇڏيائون ۽ جڏهن ميدان نريو ته شرن جا ستر کن مڙس مري چُڪا هئا ۽ ٻڙدين جا رڳو ڏهه ماڻهو مئا.

تيرهين صدي جي شروعاتي جهالت واري دؤر ۾ هي هاڃيڪار واقعو ٿيو. هڪ اندازي موجب 1204هه مطابق 1790ع جي ابتدائي مهينن دوران پيش آيو، ان وقت خيرپور رياست تي مير سهراب خان جي حڪومت هئي، جيڪا ستاويهه سالن جي عرصي (1811-1784) تي مشتمل هئي.

شرن جا گهڻا مرد مارجي ويا،سواءِ انهن جي، جيڪي اُن وقت ڪنهن سانگي يا مال چارڻ لاءِ گهرن کان ٻاهر هئا، جن ۾ ميان حسين فقير به شامل هيو ۽ باقي ننڍڙا ٻار ۽ عورتون وڃي بچيا. شرن جي ان بچيل ڪَڙول ۾، سڀ کان وڏو مرد، ميان حسين فقير پنهنجن ڀائٽين، دوست علي ۽ قائم خان سميت پنهنجي لٽيل قافلي کي گڏ ڪندي چيو ته، ”هاڻي هن تلاءَ مان پنهنجي قريبن جو ڪهڙو رت پيون، اڇو ته هي ملڪ ڇڏيون يا رياست قلات جي والي مير نصير خان نوري (1794-1749ع) ڏانهن فرياد ڪٺي هلون، ته من داد ٿئي.“ هن مظلوم قافلي ۾ شرن جي وڏڙي ڏاڏي گهنوري سيني بچيل ننڍن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي گڏ ڪري شامل ڪيو، ڇوڪرن ۾، دوست علي خان، قائم خان، صالح خان، سهراب خان، دوستڻ، واسو ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍڙا ٻار، ڇوڪرا، ڇوڪريون شامل هئا. جڏهن پنڌ

پيادي هلي ڪشالا ڪڍي، قلات پهتا تہ والي قلات جي دربانن ڪي بئي ڏر پلي چڙهيو هو، جو فريادين کي والي رياست، سان ملڻ نہ ڏنائون. آخرڪار قافلي جي مهندارن ميان حسين فقير، دوست علي ۽ قائم خان صلاح ڪئي، تہ محلات جي پوئين پاسي، ڪوٽ جي پرسان بيهنل وڏي وڻ تي چڙهي وڃي، فريادون ۽ دانهون ڪريون تہ جيئن والي رياست دانهون ٻڌي وٺي. پوءِ حسين ۽ دوست علي، بہ ٽي ننڍا ٻار وٺي، وڻ تي چڙهي وٺي دانهون ڪيون تہ، فرياد آ، فرياد آ، اسان سان ظلم ٿي ويو. دربان اندر اچڻ نہ ٿا ڏين ۽ توهان تائين پهچڻ ڪونہ ٿا ڏين. ’مير نصير خان‘، اِهي دانهون ٻڌي پوءِ قافلي کي پاڻ وٽ دربار ۾ گهرايو، جتي ڪيس سڄو سربستو احوال ڪري ٻڌايو ويو تہ فريادي ڌر جا ماڻهو مارجي ويا آهن ۽ حملو ڪندڙ ڌر جو جزوي نقصان ٿيو آهي. شرعي ۽ بادشاهي عدالت ڪريو. انصاف ٿئي ۽ نقصان پرائي معاوضو ڏياريو وڃي يا بدلو ورتو وڃي. جنهن تي مير نصير خان نوري چيو تہ ٻئي ڌريون اسان جي رعيت آهن. اِنڪري قصاص ڪري، ايترا ماڻهو ڪونہ مارائبا. اهو مون کان ڪونہ ٿيندو، البت توهان کي اجازت تو ڏيان ۽ حفاظت لاءِ فوجي دستو بہ ڏيان ٿو، توهان خيرپور رياست جي والي مير سهراب خان وٽ وڃو، اهو توهان کي پنهنجي رياست ۾ رهائيندو، جو مير سُهراب خان، مون ڏانهن لکيو آهي تہ ڪجهہ بلوچ ماڻهو مونکي ڏياري موڪليو، توهان بہ بلوچ آهيو، اوڏانهن وڃو، جو توهان جي اتي ضرورت بہ آهي. جڏهن پنهنجي رياست جي والي جي ڪورٽ مان هنن کي انصاف نہ مليو تہ ان اميد سان، خيرپور ڏانهن وڃڻ قبوليو تہ من اتان انصاف ملي يا پاند پلاند وٺي سگهجي. تنهن کان پوءِ هي عورتن ۽ معصوم ٻارن جو قافلو، خيرپور جي ڪوٽڏجي شهر پهتو، جتي مير سهراب خان، قافلي جي ڏاڍي مرحبائي ڪئي ۽ انهن کي گادي واري شهر کان اولهہ طرف، مير واهہ کان بہ اولهہ ڪجهہ ميلن جي مفاصلي تي، رهڻ جي اجازت ڏني.اتي وڃي رهيا، جتي هاڻي نيشنل هاءِ وي سان گڏ جسڪاڻي ڳوٺ آهي.

مير سُهراب خان (1745-1830ع)، أنهن مظلوم شرن جي ڪٽنب لاءِ’روزينہ‘ (وظيفا) مقرر ڪري، مٿن چيڙون ۽ بيگارون معاف ڪري، وڏو احسان ڪيو. مير سهراب خان کان پوءِ، سندس فرزند مير رستم خان ۽ ان کانپوءِ ننڍي ۾ ننڍيو فرزند، مير علي مراد خان والي مقرر ٿيو، تہ ان بہ شرن جا اڳوڻا حق ۽ تنخواهون جاري رکيون. مير علي مراد خان جي

نيڪ ناميءَ جي ساري ملڪ ۾ هاڪ هلندي هُئي ۽ شرن تي محبت ۽ شفقت جي نظر گهڻي هوندي هُئي.

ان ڳوٺ پرسان ٿاٿاري واري پٽ آهي، جتي اچي رهيا، اتي رهڻ انهن کي پسند نہ آيو، جو اتان ميرن جاڙدائي يا لشڪري ماڻهو ايندا ويندا هئا ۽ اها ڳالهہ کين پسند ڪانہ آئي، جو سندس پٽ پوٽا ننڍا ها ۽ نينگريون نوجوان هيون. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مير سهراب خان وٽ پيش ٿي، ڪيس عرض ڪيائون تہ ننڍا نوجوان آهن، هتي هيسجي ويندا، چاڪاڻ تہ مورا اُنن اڳيان سامائجي ڪونہ سگهندا، چيٽاڙجي ۽ لتاڙجي ويندا. اسان کي رياست ۾ ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ويهڻ جي اجازت ڏيو. مير صاحب ڳالهہ کي سمجهي ويو ۽ انهن کي اجازت ڏنائين تہ رياست خيرپور ۾ جتي توهان کي پسند اچي، اُتي وڃي رهو. سڄو ڪٽنب ڪڙول ڳوٺ ’ٿاٿاري واري پٽ‘ تان لڏي اچي ڳيلي واري پٽ تي وينا. اها جاءِ موجوده ڳوٺ وڏن شرن کان اوپر طرف، اٽڪل هڪ ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي. اها جاءِ جيئن تہ واريءَ جا دڙا هئي ۽ مال متاع لاءِ گاهہ ڪونہ ٿيندو هو، نہ وري اَنُ وغيره ۽ نہ پوک پراهہ ٿيندي هئي، انڪري اتان لڏي، موجوده ڳوٺ شرن ۾ وينا، جنهن ڳوٺ جو نالو بنگو خان شر مان بدلجي پوءِ مينگهو فقير شر ٿيو ۽ اهو علائقو سرسبز هو، جو اتان ميرواهہ ڪئنال وهندڙ هيو.

بحرحال موجوده ڳوٺ ٻڌڻ ڪانپوءِ، هن ڳوٺ جي ايرندي طرف وينل، مري ٻروچن اچي سندن چوڪرن سان کينس ڪئي ڪجهہ وقت ڪانپوءِ، هي ننڍا ٻار جڏهن اچي جوان ٿيا تہ مري ٻروچن کي دٻائي تنگ ڪري انهن کي اتان لڏائي ڇڏيائون.

ان دوران منگهہ خان جي ٻين پائرن، هر هڪ عظمت خان، حُسين فقير، جئيند خان ۽ جَلُو خان وارن جي آکهہ، وري ٿورو پري ٿي اولهہ طرف ميل ڏيڍ جي مفاصلي تي وجي ڳوٺ گهند (رسولپور) ۾ وينا ۽ ڪجهہ زمينون هٿ ڪري، کيتي ٻاڙي ڪرڻ لڳا، جتي هنن کان اڳ ۾ ڪيريا ذات جا ماڻهو وينل هئا، انهن جو چڱو مڙس ماڪن خان ڪيريو هو، جنهن پڻ شرن سان شرارتون ڪيون، تہ جيئن تنگ ٿي شر اتان لڏي ۽ ڇڏي وڃن. هڪ ڏينهن ماڪن خان ڪيريو، جيئن گهوڙي تي چڙهي، شرن جي اصل وڏي ڳوٺ آيو تہ غلام حيدر فقير، جيڪو ڳوٺ جو اُنهيءَ وقت چڱو مڙس هو، ٻچ ڪرائي، مار ڏيارايائين. جتان ماڪن خان، رياست جي مير صاحب ڏانهن دانهن ڪئي ويو.مير صاحب چيس تہ تنهن جي فرياد ڪونہ

ٻڌندس، جو شر مظلوم آھن چڱو ٿيندو تہ تون اتان لڏي ڪنھن ٻئي ھنڌ وڃي ويھ، جو اھي توکي اتي رھڻ ڪونہ ڏيندا. ماڪن خان ڪيريو، اتان لڏو ڪٽي وڃي نوابشاھ پرسان وينو. ان زماني ۾ زمين جي مالڪي ڪانہ ھوندي ھئي. زمين لاءِ پاڻيءَ جو ڪو خاطر خواھ ذريعو ڪونہ ھوندو ھو، البت واھ وغيره اونھاري ۾ وھندا ھئا ۽ سياري ۾ وري چرخي يا نارن ذريعي آبادي ٿيندي ھُئي. جيڪو جتي رھندو ھو، اھو زمين جو علائقو پنھنجي قبضي ۾ رکندو ھو. مال متاع چارڻ لاءِ چوڪرا رکندا ھئا ۽ پاڻي اچڻ جي صورت ۾ ڪجھ آبادي بہ ڪندا ھُيا. ملڪ ۾ ماڻھو ٿورا ھئا، زمينون گھڻيون ھيون. ھُرُ قار جو ڪم، زمينن ۾ گھٽ يا بنھ ڪونہ ٿيندو ھو. زمين جا علائقہ، قبيلي جي نالي يا چڱي مڙس جي نالي سڏبا ھئا، ڪو خاص سرڪاري رڪارڊ ڪونہ ھوندو ھيو. ماڻھو پنھنجي مرضي ۽ سھوليت خاطر لڏپلاڻ ڪندا رھندا ھيا، جتي ويندا ھيا، اتي زمينون ھٿ ڪري ويھي رھندا ھيا. اڄ ڪلھ وانگر زمين لاءِ مارا ماري ڪانہ ھوندي ھُئي، ان ڪري جتي ماڻھو نہ پڄي سگھندو ھو، تہ اتان لڏ پلاڻ ڪري سھولت سان ٻئي ھنڌ وڃي ويھندو ھو.

مير سھراب خان، سرڪاري خزاني مان شرن کي سندن رھائش جي چوڌاري ڪوٽ ڪٽائي ڏنو تہ حفاظت ۾ ويھي رھن، چو تہ ان زماني ۾، رياست جيسلمير جا راجا رياست خيرپور تي حملا ڪندا رھندا ھئا. مير صاحب شرن کي مضبوط ٿي رھڻ جي اجازت بہ ڏني، چاڪاڻ تہ رياست جي اپرندي سرحد سان رڳو بلوچ قبيلا ويھاريا ھيائين، جيئن اھي دشمن جي حملن وقت پنھجو ۽ رياست جو دفاع ڪري سگھن. ھن ڪوٽ اندر منگھ خان جا سپ پٽ، يعني ڇھ ڀائر دوست علي، قائم خان، صالح خان، سھراب خان، دوستڻ ۽ واسو وارا سپ گڏجي رھندا ھئا. ان ڪانً علاوه ڳوٺ جي چوڌاري واريون زمينون ھٿ ڪيائون ان مان ڪجھ زمينون گھنڊ ڳوٺ طرف ھٿ ڪيائون. وري ڪجھ ٻيون زمينون ڳوٺ ڪان اتر طرف بہ ھٿ ڪيائون. آھستي آھستي وڌندا بہ ويا. ۽ ٽڙي پکڙي زمينن جي سانگي جدا جدا ٿي پنھنجن حصن ۾ آيل زمينن جي حساب سان وڃي وينا.

شوري ۾ رھائش دوران، ڏيٿو خان شر کي بہ پٽ ڄاوا ھيا. ھڪ منگھ خان ٻيو عظمت خان جڏھن سندس زال مري وئي تہ واري سان ماني ٻنھي پٽن وٽ کائيندو ھو، ھڪ ڏينھن عظمت خان جي گھر واريءَ، پنھنجي ڏيرياڻيءَ کي سڏ ڪري پڇيو تہ اڄ ڳاڙھي ٻلي جي ماني ڪائڻ جو وارو

ڪنهن وٽ آهي. اها ٽوڪ ڏيٽو خان ٻڍي ورتي ۽ ڪاوڙجي پيو ۽ پٽن جي گهر ماني کائڻ ڇڏي ڏنائين. پٽن گڏجي جڏهن کيس ماني کائڻ لاءِ منٿون ڪيون تہ چيائين تہ اڄ کان پوءِ ماني پنهنجي زال جي هٿ جي کائيندس. پرچاياڻونس ڏاڏو پر انن پهرن تائين ڪنهن بہ پٽ جي گهر ماني ڪانہ کاڌائين. نيٺ منگهہ خان ۽ بلوچ خان وارن گڏجي ڏيٽو خان جي شادي ڪرائي. جنهن مان کيس چار پٽ ڄاوا، جن جا نالا، حُسين، جيئندو خان، ڄلوُ ۽ ڪوڪل رکيائين.

شوري مان نڪرڻ وقت، بلوچ خان جي آڪهہ مان خير محمد، سونو خان ۽ چار پنج ٻيا معصوم ٻار بہ هٿ آيا هئا انهن جي آڪهہ وري، فيض گنج تعلقہ ۾ رهائش پذير وڃي ٿي، جيڪي اتي اڃان آباد آهن ۽ انهن جا پڳدار اڄا بہ بلوچ خان جي نالي سان ٿيندا اچن ٿا.

منگهہ خان جي پٽن ۾ دوست علي ڄم ۾ سيني ڀائرن کان وڏو هو. پاڻ بهادر جنگي جوڌو هو. جو هلندڙ جنگ مان کيس زبردستي ڌڪي ٻاهر ڪڍيو ويو هوتہ جيئن پاڻ ننگن جي سنڀال ڪري سگهي.حسين ۽ دوست علي، ماريل قافلي جا سنڀاليندڙ ۽ سردار ٿي آيا جو ٻيا ڀائر هن کان ننڍا ۽ صغير هئا. دوست علي سڄي ڪٽنب جي پالنا جو بار ڪنيون پاڻ سڄو وقت پورهيو ڪري مال چاري ننڍن ڀائرن ۽ سڄي آڪهہ جو پيٽ پاليندو هو، سندس گهٽو واسطو گذر سفر ڪرڻ سان رهيو، وري دنيا داري ۽ اتي ويٺي سندس ڀاءُ، قائم خان ۽ سندس وڏي پٽ غلام حيدر فقير (ذڪر اڳتي ايندو) جنهن هنگورجا شهر جي مدرسي مان عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪري آيو، جيڪو اهل الله ٿيو ۽ غلام حيدر فقير گوڏڙي جي نالي سان مشهور ٿيو. وقت جي رفتار سان فقير صاحب جي وصال کان پوءِ، هيءَ گادي فقيري جي نالي سان مشهور ٿي. هم وقت، صالح خان جي اولاد، يعني سندس پٽ جنگو خان، وري وڏيرن جي گادي شروع ڪئي، ٻنهي گادين وٽ فيصلا بہ ٿيندا هئا، ۽ سندن اوطاقون ۽ خانقاهون هر وقت، انهن جي نقيبن ۽ راڄوارن ۽ فقيرن سان ڀريل رهنديون هيون.

فقيري ۽ وڏيرپ جون هي ٻئي گاديون، اوڻويهين صدي جي شروع واري حصي ۾ بہ رونق پذير هيون. وقت جي رفتار سان، انهن جي پوئينرن ۾ اڳئين بزرگن وارو جاهہ وجلال بہ رهيو آهي، اڄ بہ اُهي قائم و دائم آهن. ساڳئي ڳوٺ ۾ اوڻهين عيسوي صدي جي آخر ۾، هادي شهنشاهہ ميان فولاد علي فقير صوفي دوست علي خان جو پڙ پوٽو،

تصوف جي گادي تي افروز ٿيو، سالڪي ۾ جنهن جو خطاب شمس العارفين رکيو ويو، پاڻ سنڌ جي مختلف وڏن وڏن مدرسن ۽ مڪتبن ۾ پڙهيا، عربي ۽ فارسي تي مهارت حاصل ڪيائون، جنهن جو باقي احوال اڳتي ٿيندو.

ديني علم جي گاديءَ تي سندن همعصر، رسولپور جي حُسين فقير شر جي پڙ پوٽي مولانا حاجي عبدالرحمان شر عرف الله وڏايو شر اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ جلوا افروز ٿيا. مولانا سنڌ جي سيني مدرسن مان تعليم حاصل ڪري، هڪ وڏو عالم الدين ٿي گذريو آهي. هن ڏهن سالن جي ڊگهي عرصي تائين پيادل حَج ڪيو. مون کي مولانا صاحب جو ڏوهٽو هجڻ جو شرف حاصل آهي. مولانا 1863ع ۾ گهنڊ ۾ پيدا ٿيو. مولانا جي والد حيدر خان جي شادي شرن جي معزز گهراڻي ميان غلام حيدر فقير (بن قائم خان) جي ڌيءَ، بيبنواز خاتون سان ٿي هئي. غلام حيدر فقير هڪ وڏو پرهيزگار ۽ متقي ٿي گذريو آهي، پاڻ اهلسنت وجماعت جا پيروڪار هُئا.

گهنڊ ڳوٺ جو نالو استاد قربان علي خاصخيلي تبديل ڪري رسولپور رکرايو. هي ڳالهه ويهين صدي جي وچ واري وقت جي آهي، جڏهن استاد قربان علي گهنڊ اسڪول ۾ ماستر ٿي آيو ۽ شرن جي ٻارن کي، جيڪي رڍن ۽ ٻڪرين کي چارڻ ۾ رُڌل هئا، تن زوري تعليم جي حوالي سان گهر گهر وڃي وڏن کي تعليم جي اهميت کان واقف ڪري، انهن جي ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪندو رهيو ۽ اسڪول جي جاءِ نه هجڻ ڪري، سيني شرن وٽ پاڻ وڃي، توڏيون، پچر ۽ ورا وٺي ۽ گهر گهر مان چندو ڪري اسڪول ۾ ڪچيون لانديون ۽ منهن نهرائي تعليم ڏيندو رهيو. هن استاد جي محنت ڪري، سنڌ ۾ نري جي شرن کي تعليمي ميدان ۾ مڃتا ملي. ناني حاجي عبدالرحمان جو تفصيل سان ذڪر هن ڪتاب جي آخري حصي ۾ ايندو، جيڪو هن پاڻ حج جي سفر جي حوالي سان لکيو آهي. اهو مضمون سنڌي ادبي بورڊ جي ’مهراڻ‘ رسالي جي 2006ع واري شماري ۾ ڇپيل آهي، جيڪو نانا مرحوم جي هٿ اکر نُسخي تان ورتل آهي.

شرن جي تاريخ واري هن مضمون کي برادر ظفر علي خان جي هٿ اکر مضمون تان مدد حاصل ڪري، پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ هتي پيش ڪيو ويو آهي، جو اڳ ۾ اهڙو ڪوبه دستاويز موجود نه آهي، جيڪو سنڌ جي هن بهادر ۽ اهل علم قبيلي جي ڄاڻ ڏئي. مان سمجهان ٿو ته ان ڏس ۾ هي پرچار پنهنجي نوعيت جي بي مثال معلومات آهي.

شر شوري واري علائقي ۾ شرن جو هڪ خاندان اجا تائين رهائش پذير آهي، جيڪو بچيل ڪچيل زمينن تي قابض آهي ۽ هزارين ايڪڙ آبادي ايراضيءَ جا مالڪ آهن ۽ ڏاڍا خوش حال آهن جو ان علائقي مان گڊو بئراج جو وڏو واهه پٽ فيڊر ڪئنال وهندڙ آهي، جنهن جي پاڻي ڪريءَ، سڀ زمينون هن وقت آباد آهن. ميان پير بخش خان شر مزاراڻي ۽ اُن جا پائر اتي پنهنجا جدا جدا ڳوٺ ناهي آباد ٿيا وينا آهن.

ديهه دودائڪو پراڻي رڪارڊ موجب، شرن جي ديهه آهي، جتان شاهي واهه مان شر واهه نڪري ٿو. مراد علي ۽ پاڳيو شر جو ڳوٺ اجان موجود آهي، جيڪو شاهي واهه کان اتر طرف، صحبت پور واري علائقي جي پرسان آهي. هي ڳوٺ شر شوري واري علائقي کان ڪجهه ڏکڻ طرف آهن، ڳوٺ ڊگهي، صحبت پور کان اولهه طرف واقع آهي. جنهن لاءِ مشهور آهي تہ شرن جي هڪ مائي ڊگهي قد واري هوندي هئي. جنهن جي پويان ڳوٺ تي اهو نالو پيل آهي. اڄ ڪلهه ان علائقي ۾ ڪوسا برادري جا ماڻهو آباد آهن.

شوري مان نڪرڻ وقت بلوچ خان جي آڪهه مان خيرمحمد، سونو خان ۽ چار پنج ٻيا معصوم ٻار بہ هٿ آيا هئا. انهن جي آڪهه وري فيض گنج واري علائقي ۾ رهائش پذير ٿي، جيڪي اُتي رهندا اچن ۽ هن وقت انهن جا ٿيهارو ڪن کان وڏيڪ ڳوٺ آهن جن ڪي ميراڻي پاڙو سڏيو وڃي ٿو. انهن جا ڀڳدار اجان بہ بلوچ خان جي آڪهه مان ٿيندا اچن

شر قبيلو تاريخي پس منظر ۾

سنڌ اندر بلوچن جي تاريخي ڪتابن جي ورق گرداني ڪندي، شر ذات جو هيٺئين ريت ذڪر ملي ٿو.

1) ڊاڪٽر عطا محمد حامي جي ڪتاب ’خيرپور ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو‘ (ٻيو ڇاپو 2009) جي صفحي، 401 کان 403 تي، شر قبيلي جي بزرگن ۽ صوفي فقيرن، غلام حيدر گودڙيو فقير، مينگهو فقير، غلام شاهه فقير، قائم فقير، مراد علي فقير ۽ ٻڍل فقير تي تبصرو ۽ تعريف ڪئي آهي. ساڳئي ڪتاب جي صفح 409 تي، فولاد علي فقير شر ۽ صفح 413 تي، مُبين فقير شر ۽ علي بخش شر (صفح 415) بابت تعريفي نوٽ لکيا آهن. ساڳئي ڪتاب جي صفحي 225 تي، حامي صاحب لکيو آهي تہ مير علي مراد خان بزرگن

جي صحبت ۾ معتقدي جي ڪري، فقير غلام حيدر شر جي مزار مٿان، ڳوٺ مينگهو فقير، تعلقہ ميرواھ ۾ هڪ سهڻو قبو تعمير ڪرايو هو.

2) شيخ صادق علي شير علي،جيڪو 1901ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر سنڌ هيو، تنهن “The Musalman Races in Sindh, Balochistan and Afghanistan” جي نالي سان ڪتاب لکيو، جنهن ۾ سنڌ جي مسلمان ذاتين بابت، وسيع معلومات جمع ڪئي آهي. هن ڪتاب جي صفحي 22 تي شرن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هن جتوئي ذات جي سامهون، ٻُلاء، ٽڙت، شر، ڪوش، خروس لکيل ڏيکاريا آهن. ساڳئي وقت مصنف فتح خان جتوئي جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو قبيلي جو ان وقت (1900ع) دوران وڏو سردار هو.

3) ’سنڌ جي تاريخ‘ هڪ انگريزي ۾ لکيل ڪتاب جي صفحي 235 تي، مصنف پهرين بلوچ ڪٽنب جي سنڌ ۾ اچڻ بابت لکي ٿو تہ، ڪلهوڙن جي حڪومت (1701-1783ع) جي والي سنڌ، ميان مير محمد ڪلهوڙي (ارڙهين صدي جي شروعات ۾) بلوچ وطن قلات جي واليءَ کي خط موڪليو، جنهن ۾ هن ڪجهہ جنگجو بلوچ ڪُٽنبن جي گهُر ڪئي ۽ لڏي اچڻ جي صورت ۾ کين زمينون ڏيڻ جو بہ واعدو ڪيو ويو. جڏهن پهريون بلوچ (ٽالپر) مير عَلُودو (Mir. Aludo) اچڻ لڳو تہ والي سنڌ، پنهنجي وزيرن ۽ معزز شهرين کي سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ سونن سنجن وارا گهوڙا ساڻ ڪري بلوچ ڪٽنب جي آجيان لاءِ اڳيرو موڪليا. جڏهن مير علودو بلوچ، گادي جي هنڌ، خدا آباد کان ويهارو ڪلوميٽر پنڌ تي پهتو تہ وفد هڪ وڏن وارن سان، مٿي ۾ پيوت تي فقير نما ريدار نمودار ٿيندي ڏٺو، جنهن کي ڊيرو هٿ ۾، ڪانبو ٻڇي ۾، هزار کن رڍن کي ڪاهيندو اچي پيو ۽ سندس عورتون، گڏهن تي چڙهيل نظر آيون. وفد حيران ٿيو تہ هي ڇا شاهي مهمان آهي، جنهن لاءِ اسان سڀ سوڪڙيون کڻي اچي سندن آجيان لاءِ پهتا آهيون. ويجهو اچڻ تي معلوم ٿي ويو، تہ هي ئي شاهي مهمان آهي. ان مصنف مطابق، مير علودو پهريون بلوچ هو، جيڪو سنڌ ۾ آيو. آهستي آهستي بلوچن جي مختلف قبيلن سرسبز سنڌ ديس جو رُخ ڪيو ۽ ٿوري عرصي ۾ هزارن جي تعداد ۾ گڏ ٿيا. ڪلهوڙن کي اها خبر ڪانہ هُئي تہ اِهي بلوچ اڳتي هلي وزير ۽ سپهہ سالار ٿي، هالاٽي

جي ميدان ۾ آمهون سامهون ٿي جنگ ڪندا ۽ سنڌ جي حڪمراني کان ڪين هميشہ لاءِ محروم ڪري ڇڏيندا.

4) ڪتاب مظهر شاهجهاني جي، انگريزي ترجمي Sindh under the Maghuls جي صفحي 144 تي لکيل آهي، ”انهن ٽن پرڳڻن مان جيڪي سکر جي طرف آهن، هڪ جتوئي پرڳڻو بہ آهي، اڳين وقتن ۾ هن پرڳڻي جا سردار بلوچ قبيلن مان هوندا هئا، جهڙوڪ، جتوئي، بليدي، ڪورائي، دردشت، لورائي ۽ شر وغيره اهي اڪثر ڪري شرارتن ۽ بغاوتن ۾ ملوث هوندا هئا.

5) پير علي محمد راشدي مرحوم، ’اهي ڏينهن اهي شينهن‘، جلد پهرين ۾ شرن جو ذڪر ڪيو آهي، لکي ٿو تہ ’سنڌو درياءَ جي پرسان ڪڇي ۾، جتوئي، ٽڙت، خروس ۽ شر رهن ٿا، جيڪي مال چاريندا ۽ کِيتي باڙي ڪندا آهن، ۽ مال متاع جي چوري بہ ڪندا آهن. ان حوالي سان اها خبر پوي ٿي تہ شر سنڌ علائقي جا پراڻا رهواسي آهن.

6) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ’جنگ نامہ‘ ڪتاب ۾ مختلف قبيلن درميان جيڪي جنگيون لڳيون هيون، انهن جو احوال ڏيندي لکيو آهي، تہ ”هڪ جنگ جيڪا اندازاً 1809ع کان اڳ لڳي هئي، جنهن ۾ الهيار خان شر، دشمن جي قوم، جنهن کي بهاولپور رياست جي نواب طرفان، 500 روهيلا سپاهين جي مدد بہ مليل هئي، سان جنگ ڪري، سرسي ڪئي ۽ نواب بهاول خان جا ڪپتان بہ مارجي ويا پر پوءِ دشمن، ٻارڻ دستي، ٻئي دفعي ٻيا ماڻهو وٺي آيو، جن اچي الهيار خان شر کي ٻيروٽي ۾ حملو ڪري ماريو. شرن بہ ٻارڻ دستي کي ’مانسنگ جي ڪُڙهہ‘ وٽ وير وٺي ماريو.

ساڳئي ڪتاب ۾، ’علي بخش نظاماڻي جا مير علي مراد جي پهلوانن سان مقابلا‘، جي عنوان سان، هڪ ٻيو قصو لکيل آهي، جنهن موجب نارو تعلقہ ۾ رياست خيرپور جي حاڪم، مير علي مراد خان اول جي اچڻ وقت مير صاحب جي لشڪري ماڻهن سان نظاماڻي جو تڪرار ٿي پيو، جيڪو مير صاحب جو باڊي گارڊ گُهرام مري ۽ علي بخش نظاماڻي، هڪ ٻئي تي ڪيل تلوارن جي وارن سان زخمي ٿي پيا تہ مير صاحب خوف کان منزل ڪٽائي ناري واري ٽڙ مان سڌو گادي واري شهر ڪوٽ ڏجي روانو ٿي ويو رواني ٽيڻ وقت قائم خان شر مير صاحب کي دلداري ڏيندي عرض ڪيو تہ منهنجي دعوت قبول

ڪريو ۽ منزل ڪريو، تہ آءُ شرن ڪي چوڪيءَ تي بيهاريندس ۽ ڪنهن جو بہ وار ونگو نہ ٿيندو. مير صاحب جيئن چڙهيو تہ مهراڻي (شڪار گاهہ جو نالو) واري واٽ سان سڌو اچي ڪوٽ ڏجي پهتو. هي پهريون قائم خان هو، جيڪو ننڍي عمر ۾ پنهنجي ڀائرن ۽ ڪٽنب سان گڏجي، شوري ڪان هٽ پهتو هو، اهو دور مير علي مراد خان جي حڪومت (1843-1894ع) جو هو ۽ اُن وقت قائم خان جي عمر سٺ سالن جي لڳ ڀڳ هوندي جو پنهنجن ماڻهن سان، ميرصاحب جي مٿان محافظ ٿي بيهاريائين.

7. جسٽس مير خدا بخش مري، بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو ريٽائرڊ چيف جسٽس هو، جنهن هڪ ڪتاب انگريزي ۾ “Search Lights on Baloches and Balochsitan” نالي لکيو آهي ۽ جنهن ۾ بہ شر ذات ڪي، جتوئي جي (Sub Clan) لڙهي ڪري لکيو آهي پر وڌيڪ وضاحت ڪيل نہ آهي.

8. ايم.ايڇ پنهور، سماهي رسالي مهراڻ جي، 1998ع واري اشاعت جي، صفحي نمبر 13 تي ’ڪلهوڙن جي عروج ۽ زوال تي ماحوليات جو اثر‘، واري مضمون ۾ ڪلهوڙن جي دور حڪومت جي ڪوٽايل واهن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ شر واهہ، جنهن جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، بابت لکيو آهي تہ،شر واهہ، شر قبيلي جي نالي پٽيان ڪوٽايل آهي، هاڻي جيڪو شور ڪوٽ برانچ نالي سان گڏبو بئراج ۾ ضم ٿيل آهي.

9. مرزا قليچ بيگ، پنهنجي ڪتاب،’قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو‘، ڇاپو 1921ع جي صفحي نمبر 409 تي، جتوئي ذات بابت لکندي چوي ٿو تہ بلوچ مائي جتو جو اولاد آهن، جا جلال خان ولد هرين جي ڌيءَ هُئي ۽ پنهنجي سوٽ مراد خان سان شادي ڪئي، جنهن جي اولاد مان جتوئي، بُلا، ٽڙٽ، شر، خروس ۽ زنگيجا آهن ۽ اهي روهڙي جي علائقي ۽ حيدرآباد ضلع ۾ رهندا آهن.

منهنجو ننڍپڻ

سڀ ڪان پهريائين ساراهه هڪ ڌڻي جي جڳائي، جو ٻنهي جهانن جو خالق ۽ مالڪ آهي، جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي. جيڪي سندس وحدانيت ڪي مڃين ٿا ۽ يقين رکن ٿا، سي ڪڏهن بہ سڌي راهه ڪان نہ ٿا ڀٽڪي سگهن ۽ ڪين نہ ئي ڪو ڏک رسي ٿو ۽ نہ وري اُهي ڪنهن ٻئي طاقت ڪان ڊڄن ٿا. تنهن ڪانپوءِ انهن جي موڪليل، نبي ڪريم ﷺ جيڪو اسان لاءِ ڌڻي پاڪ تائين پهچڻ جو وسيلو بڻجندا.

بهار موسم جي اِختتام، 5 اپريل،1951ع، مطابق 28 جمادي الأخر، 1370هه، ڏينهن خميس، صبح جي 11 بجہ ڌاران، منهنجو جنم،ضلع خيرپور جي نري ميرواهه تعلقہ جي، نور واهه ويجهو هڪ ننڍڙي ڳوٺ ديهه مَٺ ۾، هڪ هاري جي اڏيل مَنهہ ۾ اُن وقت ٿيو، جڏهن آسمان ڪڪرن سان ڀريل هو ۽ هلڪي برسات هلي رهي هُئي. مان ماءُ پيءُ جي پنجين اولاد آهيان، يعني مون ڪان اڳ ۾ بہ ڀائر ۽ بہ ڀينر آهن. جنهن ڪانپوءِ هڪ ڀاءُ ۽ هڪ ڀيڻ جو اضافو ٿيو.

اسان جي وڏن کي ايتري ڌن دولت ڪونہ هُئي، صرف ورثي ۾ مليل ڪجهہ ايڪڙ زمين هُئي،جيڪا آباد ڪري پنهنجو گذر سفر ڪندا هُئا.

هڪ غربت ڀيو ڀهراڙي،ڏاڍي مسڪيني حال ۾ هوش سنڀاليم. وڏن ڪان ٻُڌل ڳالهين مطابق خيرپور رياست ۾ شر قبيلو اٽڪل سوا بہ سَو سال ڪن اڳ بلوچستان مان لڏي مير سُهراب خان ٽالپر جي حڪومت دوران،اچي اجوڪي ضلع خيرپور ۾ آباد ٿيا هئا جنهن جو تفصيل سان ذڪر ٿي چڪو آهي.

اسان جي چوڌاري سڀ جا سڀ ماڻهون،جنهن ۾ مختلف ذاتيون اچن ٿيون، غريب ۽ هاري هُئا، جن جو گذران صرف زميني پيداوار تي هو ۽ نہ ئي ڪا وڏي ذميداري هُئي. زمين جي ٽڪرن کي آباد ڪري، اُن مان اَنُ پيدا ڪري، اڳئين ڇهہ ماهي لاءِ، پنهنجي ڪٽنب جي خوراڪ مشڪل سان مهيا ڪري سگهندا هُئا. اسان جو ڳوٺ ڪنهن بہ وڏي يا ننڍي شهر سان ڪنهن روڊ، رستي سان ڳنڍيل نہ هو، بلڪ ڪچا پيچرا ۽ ڪچين سڙڪن سان ٻين وسندين سان ڳنڍيل هو. جن ۾ نوربوزدار، ٽالپر وڏا، مينگهو فقير شر، رسولپور (گهنڊ)، هنبياري، ويسر، نري، جونجهاڻ وغيره شامل آهن.مسافري يا اچ وڃ جو ذريعو صرف بيل گاڏي يا گهوڙي سواري

هوندو هو. اسان شهري دنيا کان بلڪل ڪٽيل هُئاسين. اسان جي وڏن اهڙي ويراني اچي وسائي،جو نه ڪو شهر ويجهو ۽ نه وري ڪو اسڪول يا اسپتال بلڪ، سندن هاريءَ پيشي مطابق،زمينن کي آبادي لاءِ اريگيشن ڪئنال ۽ واٽر ڪورس يعني ڪڙيي جي به پڇڙي اچي وسايائون.

سکر بئراج 32- 1923ع دوران ٺهيو ۽ منهنجي والد صاحب جو جنم 1918ع ڌاران ٿيو هيو، ان وقت اريگيشن کوهن ۽ نارن وسيلي ٿيندي هُئي.

اهڙي سخت حالات مان نڪري، اُسرڻ ۽ مقابلو ڪري اڳتي وڌڻ، ايترو نه مشڪل هو، جيترو سُئي جي پاڪي مان اُٺ جو لنگهڻ ليڪن شڪر آهي، اُن رَب جو جيڪو خالق ۽ مالڪ آهي سيني جهانن جو، سبحان الله،جنهن هن نندڙي جان ۾ وسعت ۽ سگهه ڏني جو هن ڪتاب لکڻ تائين مهلت ملي.

آئون جڏهن پيدا ٿيس ته ڏاڏو، ڏاڏي، نانو ۽ ناني گهڻو اڳ وفات ڪري چڪا هُئا ۽ بدقسمتي سان انهن جي پيار کان بلڪل واقف نه رهيس. چهن چاچن مان صرف ٽي چاچا ڏٺا، جيڪي ياد آهن.منهنجو حسب نصب هن ريت آهي، نياز علي پٽ رمز علي بن سکر خان بن لعل خان بن دوست علي خان بن منگهه خان بن ڏيٽو خان. شرن بڙدين جي جهيڙي ڪانپوءِ، دوست علي خان سنڌ لڏي اچي ميرن جي دور حڪومت دوران سنڌ ۾ آباد ٿيو هو.

اسان جي ڏاڏي، سکر خان کي به شاديون هُيون، جن مان ڪيس ست پٽ هُئا، پهرين شاديءَ مان غلام علي ۽ پاڳيو خان ۽ ٻئي شادي مان لعل خان، زوار شرف الدين، فوج علي، رمز علي ۽ نياز علي. انهن ڀائرن مان نياز علي جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو، اهو نالو بابي سائينءَ مون تي رکيو.

بابي وارا ڪجهه سالن کان پوءِ، نور واهه تان لڏي اچي اصلوڪي ڳوٺ مَٺ ويجهو، حاجي مبارڪ شر ۾ ٻين سڳن ڀائرن سان گڏ آباد ٿيا، جيڪو مينگهو فقير شر ڳوٺ کان ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. بابا جن سيني ڀائرن مان ننڍو ڀاءُ هجڻ ڪري، ڪيس ورهاست ۾ حصو گهٽ مليو، اهو ڪو سنڌ جي قبيلن ۾ عام رواج آهي ته وڏو ننڍن کان ملڪيت ۾ ڪجهه حصو ڦٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، پوءِ مُروَت هجي يا وري طاقت جي زور تي. بس وڳر ڪيو وتن، پرت نه چنن پاڻ ۾.

شاهه فرمايو آهي:

جنهين ڏاند نه ٻج،
تنهين آسرو تنهنجو،
اول ڏئين انهن کي، پوءِ اپارين سج.

غربت هجڻ ڪري، بيماري سيماري ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي، جو دوا نہ ملڻ ڪري بيماري بيزار تي پاڻ پنهي جان ڇڏائيندي هئي. هڪ دفعي منهنجي اکين ۾ اچي سور ٿيو، جو جان ئي ڪونہ پيو ڇڏي. امڙ کي اچي پريشاني ٿي جو نہ دوا، درمل ۽ نہ وري ڪو شهر ويجهو. امڙ مونکي ٻڌايو تہ اکيون جڏهن ٻہ مهينا خراب رهيون تہ پوءِ هن کي خواب ۾ اشارو آيو تہ هڪ ماڻهو لوسڻ گاهہ جو سائو ٻوٽو کيس ڏئي رهيو هيو ۽ اکين ۾ وجهڻ لاءِ چئي رهيو هيو. امڙ صبح تي ڪٽي مونکي دسيو ۽ لوسڻ جا ساوا پن گهوٽي ڪٽي ان جو رس اکين ۾ وڌو ۽ قدرت رب جي جو منهنجون اکيون بلڪل ٺيڪ ٿي ويون.

عمر جا پهريان پنج سال چولي ۾ گذاريا. جيڪو اُن وقت بافتي جي ڪپڙي مان، امڙ هٿ تي هڪ جي گرڻ ڪانپوءِ پيو سيي پارائيندي هُئي. ننڍي هوندي مائٽن ۽ پائرن پويان گڏجي مال چارڻ ۽ هر قسم جي گهريلو ڪرت ۾ مشغول هوندا هئاسين. هڪ دفعي سوٽ نادر علي سان چاچو زوار شرف الدين جي گهر اڳيان ٿلهي پرسان ٻڌل گهوڙي جي وٿاڻ لڳ راند ڪيڏي رهيا هئاسون تہ اوچتو نادر وڃي گهوڙي جي پُڇ ۾ هٿ وڌو، جنهن تي گهوڙي ڪئري هجڻ ڪري پوئين لت لڳائي، نادر وڃي ڪريو ۽ نرڙ مان رت وهڻ لڳس. دانهن تي سيئي پنهي آيا جو سيني جا گهر بلڪل ويجها هُئا، اٿين جڻ اڳر ئي ساڳئو هو. چاچو فوج علي مون سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو، جو نادر روئندي اهو چيو تہ مونکي نياز ڌڪو ڏنو آهي، حالانڪ اهڙي ڳالهہ ڪونہ هُئي. ليڪن مائٽن جي مار ايتري هوندي هُئي جو پاڻ بچائڻ خاطر ٻئي تي ڪوڙ هڻي جان بچائڻي پوندي هُئي. مان پنهي وڃي گهر ۾ لڪي ويس، پوءِ بابا ۽ چاچو هڪ ٻئي کي پئي وڏي آواز ۾ ڪلاڪ کن لُڙ بکيڙو ڪندا رهيا.

صبح جو ڪڏهن امڙ، چاچن جي گهران لسي ونڻ لاءِ موڪليندي هُئي جو اسان وٽ ڪڏهن سوئو ڍور نہ هوندو هو. مان جڏهن لسي وارو ٿانءُ کڻي چاچين جي سامهون جهليندو هئس تہ هڪ چاچي سٽ ڏئي وٺندي هئي ۽ پوءِ اُن ۾ لسي ڏيندي هئي.

امڙ ذڪر ڪندي هئي تہ مان ننڍي هوندي ڏاڍو شرارتي ۽ محنتي هوندو هئس. پنهنجو ڪم همت ۽ جوابداري سان نپائيندو هئس.

اسان جي ڳوٺ ۾ محرم دوران ڏاڍو ماتم ٿيندو هو. ڏاڍا دهل ۽ نغارا وڄندا هُنا. اسان ننڍي هوندي، موقعي جي لاعلميءَ ڪري ان ۾ ڏاڍو خوش

هوندا هئاسون ۽ دل ۾ ائين چوندا هئاسون تہ اهڙا ڌهل جيڪر سدائين وڄندا رهن. ڳڙ جا شربت ۽ نياز ڪائي ڏاڍو خوش ٿيندا هئاسون. گهر جي ماحول ۾ پاتين ۾ وڏا، ننڍن تي ڏاڍ ۽ مار موچوڙو سدائين ڪنيون وتن گهر جي سامان لاءِ ٽي ڪلو ميٽر پنڌ ڪري خاصخيلين جي ڳوٺ مان استاد عبدالرحيم جي دڪان يا ڀڻ جي دوڪان تان سامان وٺي ايندا هئاسون. استاد عبدالرحيم خاصخيلي ڊگهي اڇي ڏاڙهي، نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار انسان هيو. هن کي دڪان جا ڦڪا پڳڙا، منا پڳڙا، لائي ۽ نقل ڏاڍا ياد ايندا آهن. ٻيو دڪان هادي بخش ڀڻ جو هوندو هو، هي ٻئي دوڪاندار سخت چنا پيتي ڪندا هئا. پيٽ ۾ سور يا اکين ۾ سور پوندو هو، ليڪن دوا ساڳئي جوانهري ٽڪيون ئي هونديون هيون. الله جي قدرت جو جوانهري ٽڪيون کائڻ سان هر بيماري هلي ويندي هئي. هاڻي تہ ماڻهن ۾ جيتري منافقت ۽ بي ايماني گهر ڪري وئي آهي. اوتريون موتمار بيماريون اچي ويون آهن، جو آمريڪا تائين علاج ڪرائڻ سان بہ جان ڪونہ پئي ڇُٽي. جڏهن مان پرائمري ۾ پڙهندو هئس تہ اٽو پهارڻ لاءِ چار ڪلو ميٽر اُنَ پنڌ متي تي ڪٽي مينگهو فقير ڳوٺ ۾ واقع منور علي فقير جي مشين يا مسٽر واحد بخش ۽ سندس پاءُ جي مشين تي ڪٽي ويندو هئس پهاري گهر موٽندو هئس. پينل اٽو ايترو تہ گرم هوندو هئو جو ڪيتريون ئي ساهيون پٽي گهر پهچندو هئس. اسان وٽ اُن وقت گهوڙو وغيره سواري لاءِ ڪونہ هوندو هُئو. اسان واقعي زندگي جا ڏکيا ڏينهن گذاريا، جيڪي نئين نسل جي سوچ ۽ سمجهہ کان ٻاهر آهن.

پرائمري تعليم

پرائمري تعليم جا پهريان بہ سال ڳوٺ ۾ واقع پرائمري اسڪول ۾ پورا ڪيا، سڄي ڳوٺ جا ٻار اِن ئي اسڪول ۾ تعليم وٺندا هئا. آئون ننڍي هوندي کان ٿورو شرارتي هوندو هئس جنهن ڪري هم عمر ٻار، مون کان لهرائيندا هئا. اسڪول اوڏڪي پٽ متان ڇَن يا لانڍي وانگر ڪمري اڳيان ڪليل وراندي تي مشتمل هو.اسڪول جي اِن مقامي اڏاوت (Indigenous Construction) جي صدقي اسان کي گرمي محسوس ڪونہ ٿيندي هني

اسڪول ۾ صرف هڪ ئي وقت تي هڪ استاد هوندو هُو، جيڪو سيني ڪلاسن کي گڏي ساڳئي ڪمري ۾ پڙهائيندو هو.جيئن ٻڪرين کي واڙ اندر واڙي ڇڏيو ويندو آهي. استاد هر ڇهہ مهينن ۾ تبديل ٿيندا رهندا

هئا.پرائمري استادن ۾، نياز علي خاصخيلي، دوست محمد خاصخيلي، گل بيگ خاصخيلي ۽ شاهه محمد ٽانوري شامل هئا. صبح جو سوير اچي اسان پوري اسڪول کي ٻهاري ڏئي، پاٽي سان چمڪار ڪري، استاد جي اچڻ کان اڳ ۾ تيار ڪندا هئاسين. اُن وقت پهرين سال ۾ الف.ب پڙهائيندا هئا ۽ ان کانپوءِ پهريون سال پرائمري شروع ٿيندي هئي. استاد محنتي هئا جو امتحان وٺڻ لاءِ خيرپور کان انسپيڪٽر آف اسڪول، جنهن کي سولي سنڌيءَ ۾ ’صاحب‘ چيو ويندو هو، اچي هر اسڪول ۾ پاڻ بذات خود امتحان وٺندو هو ۽ رزلٽ ۾ ڪا به رعايت يا سفارش نه هلندي هئي. ’صاحب‘ هميشه سفيد پوش، گهڻو ڪري ڪراڪلي ترڪي (Fez) يا جناح نموني جي ڳاڙهي ٽوپي پائيندا هئا. رستن جي سهولت نه هجڻ ڪري اڪثر اُٺ يا گهوڙي تي سوار ٿي ايندا هئا. ايترو ته رعب تاب ۽ دٻدٻو هوندو هئن جو استادن کي پروگرام ملڻ سان، ننڊ حرام ٿي ويندي هئي. امتحان ۾ پاس ٿيندڙ شاگردن جي سيڪڙو جي حساب سان، هر استاد جي پوري سال جي ڪمائي يا سندس شاگردن سان محنت جو قُل سمجهيو ويندو هو. مطلب ته رزلٽ ۾ شاگردن جو گهڻو سيڪڙو پاس ٿيڻ، اهو ظاهر ڪندو هيو ته استاد ڪيترو نه محنتي ۽ هوشيار آهي ۽ ان مان هُن ڪيتري محنت ڪري جيڪي حاصل ڪيو سو ئي سندس استادن جي پروموشن، بدلين، جزا ۽ سزا جو سبب بڻبو هو. اِهي ئي استاد جي بنيادي ڪارڪردگي جا ماپا Key Performance Indicator هئا، جن جي ڪري استاد پاڻهي جاٺي بغير ڪنهن نگراني (Monitoring System) جي،محنت ڪندا هئا. جنهنڪري تعليم جو معيار ان وقت گهڻي قدر بهتر هُو. ياد آهي ته جڏهن،’صاحب‘ امتحان وٺڻ يا عام چڪاس (General Inspection) تي ايندا هُئا ته استاد شاگردن کان وڌيڪ پريشان نظر ايندا هُئا.ته الائي ڇا ٿيندو.

مون کي ياد آهي، ته گرمي جي ٽاڪ منجهند جو، جڏهن موڪل ٿيندي هُئي، ته اسڪول ۽ گهر جي وچ وارو اڌ ڪلو ميٽر فاصلو، ڪڙڪ واري هجڻ ڪري، ايترو گرم ٿي ويندو هو، جو پنج قدم اگهاڙين پيرين هلڻ ٽانڊن تي گهمڻ جي برابر هوندو هئو. مان پيرين اگهاڙين رستي تي ايندڙ ڪَکن، مينهن جي ڇيڻن يا ڀَڄي ٻُوڙن جي سَرن مٿان، پنهنجا پير رکي ٿوري تپش جهڪي ڪري، اڳين منزل جو تعين ڪري ڊوڙون پائي وڃي گهر پهچندو هئس.

ان اسڪول جو ٻيو اهم واقعو آهي جيڪو مونکي اڄان تائين نہ صرف ياد آهي، پر اُن جا اثر مرڻ تائين مون سان گڏ رهندا. هڪ ڏينهن اسڪول ۾ منجهند جي ساهيءَ دوران، جيئن مان اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي، تہ ننڍي هوندي شرارتي هجڻ ڪري، اسڪول جي ڇت تي چڙهي ڪيڏڻ هڪ معمول تي ڇڪو هوندو هو. لانڍيءَ جي ڇتِ جيڪا ڀڃرن مٿان، سُڪل ٻوڙن سان ڍڪي ويندي آهي ۽ انهن ۾ آخري چوٽي مٿان سَرن جي ڪانن جو چوٽيون اڀيون رهجي وينديون آهن، جيڪي ٻارن جي اک ۾ لڳڻ لاءِ خطرناڪ ثابت ٿينديون آهن. مان بہ لانڍيءَ جي مٿان زور سان ڀڄندو ويس ۽ خبر ئي نہ پئي جو هڪ اُڀي تيلي منهنجي کٻي اک جي مرڪزي حصي يعنيٰ ماڻڪي (Pupil) اندر داخل ٿي ٽُٽي پئي، جيڪا امڙ جيجل، ٻئي ڏينهن صبح جو نڇڪٽي ذريعي ٻاهر ڪڍي ۽ ڪيئي هفتا پاڙي مان سُوالي ورتل ماکي جا ڦڙا پئي وڌا اهڙي آپريشن ڪري مان ڪيترائي ڏينهن ڪٽ تي رڙيون ڪندو رهيس ۽ مون کي ائين لڳو ڄڻ مُڏي ڪاتيءَ سان ڪو ڪُهي رهيو هجي. امڙ منهنجي اک جو ڊاڪٽري آپريشن، اِن حالت ۾ ڪيو، جو اُن وقت ٻيو ڪو چارو هن کي نظر ڪونہ آيو. هن واقعي جو ذڪر، تبوڪ جي ملٽري اسپتال ۾، ان وقت ٿيو، جڏهن مان ڊاڪٽر سليم مهر کان نظر جي حوالي اکيون ڏيکاريون، جنهن ٻڌايو تہ کٻي اک جي نظر سڄي کان ان ڪري گهٽ آهي.

پرائمري جي ٻئي سال ۾ هُئس، تہ استاد جي بدلي ٿي وئي ۽ ٻيو بہ ڪو استاد سندس جاءِ تي ڪونہ پهتو، جنهن ڪري پوءِ ٽيون سال بہ ڪلو ميٽر پري عبدالرّحيم خاصخيلي پرائمري اسڪول ۾ وڃي ڳوٺ جي ڪجهہ ٻين ٻارن سميت داخلا ورتي، جتي استاد ربنواز خاصخيلي، دوست محمد خاصخيلي ۽ ديدار علي ڀٽي جن واري واري سان پڙهايو. ٽيو سال پورو ڪري، چوٿون سال وڃي بہ ڪلو ميٽر ڳوٺ کان اتر طرف، مَٺ پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو. اسان جي زمينن کي سيراب ڪرڻ وارو ڪڙيو (Water Course) بہ اِن ڳوٺ کان لنگهندڙ ۽ خانواهہ مان نڪرندڙ آهي. صبح سوير جو ڳوٺ جا سڀ ٻار اٽڪل ڏهاڪو کن هئاسين، قطار ڪري اُن واٽر ڪورس جو ڪپر وٺي وڃي اسڪول پيرو ٿيندا هئاسين. اسڪول کان واپسي تي ڪڙيي ۾ تڙ ڪندا هئاسين.

پرائمري اسڪول مَٺ ۾ استاد محراب خان رند، هيڊ ماسٽر هوندو هو، اِن ئي ڳوٺ جو رهواسي، چڱو مڙس ۽ خانداني هو. استاد شاهنواز

ٿانوري، جيڪو هڪ ٽنگ تي لوڏو ڏئي هلندو هو، شايد ننڍپڻ ۾ پوليو جو اثر ٿيو هجيس،اسان کي پڙهائيندو هو. هو ٻوزدار وڏا پرسان،تقريباً 4 ڪلو ميٽر پنڌ تي سندن ڳوٺ هئڻ ۽ هميشه گهوڙي سوار ٿي وقت تي اسڪول پهچي ويندو هو ۽ ڏاڍو جوشيلو، ڪاوڙيل ۽ سخت مزاج هوندو هو. ان کان سواءِ ٿيون استاد دوست محمد خاصخيلي بہ بدلي ٿي آيو، جيڪو هڪ ڪلو ميٽر کان پنڌ اسڪول ايندو هو، ڏاڍو رعب تاب وارو سنا ڪپڙا پائيندڙ ۽ ڀاري جسامت وارو محنتي شخص هو.

هڪ دفعي جو قصو ياد آهي تہ هڪ ڏينهن منهنجو چاچو (مرحوم فوج علي) اسڪول آيو ۽ استاد دوست محمد خاصخيلي کي دانهن ڏنائين تہ منهنجي پٽ نادر علي کي ڪالهہ رستي تي مان مارڪُٽ ڪئي هُئي. سو استاد داد رسي ڪندي، مون کي چيو تہ ڪرسيءَ جي پائي هيٺان،پنهنجو هڪ هٿ رک، پوءِ هو وزني جسامت وارو استاد ڪُرسيءَ تي اڌ ڪلاڪ کن ويهي رهيو، ڏاڍو ايذاءُ آيو ۽ چاچو خوش ٿي هليو ويو ۽ منهنجو هٿ هفتي تائين ڏکندو رهيو.

ٻولي جا ٻاونجاهہ اکر

اسان جي سنڌي ٻولي ۾ الف. ب جي اکرن جي گهٽائي ضرور زبان کي وسعت ۽ بلاغت ڏئي ٿي پَر ننڍي عمر جي ٻارڙن لاءِ انتهائي وت کان وڌيڪ وزن (Overloading) جو سبب پڻ بڻجي ٿي. هڪ ٻروچن ۾ پنهنجن مان شاديون ڪرڻ، ٻيو رِڌن پالڻ ۽ ان جو کير ٻارڙن جي خوراڪ ٿيڻ، ٿيون صبح جو گهاٽيءَ لسي جا گلاس ۽ مٿان وري 52 اکرن جو وزن، ٻار کي تعليم کان بيزارڪري، ڀڄائڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو. اهوئي ٻار ڪجهہ سالن بعد، اردوءَ جي 38 اکرن جو وزن برداشت ڪرڻ جي قوت مس ڌاري ٿو تہ اڳتي وري انگريزي جي 26 اکرن جو وزن تيار آهي. ان دوران کي خوش نصيب عربيءَ جي،28 اکرن جو وزن بہ کڻن ٿا. اسان جي اڌ عمر تہ صرف چئن ٻولين جي پڙهڻ ۽ سِکڻ ۾ گذري وڃي ٿي. بغير تجرباتي علم جي ابتدائي ڪتابي تعليم (Book Centered Education)حاصل ڪرڻ سان گڏ، گهڻ زباني علم سکڻ، وقت ضايع ڪرڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ آهي. آئون اڄ بہ چوان ٿو تہ ڪنهن بہ سنڌي پڙهيل کان سنڌي الف.ب ترتيبوار لکرايو، مشڪل سان ڪو هڪ يا بہ سيڪڙو اهڙا پڙهيل ملندا، جيڪي سَوَ سيڪڙو صحيح لکي وجن. لڳي اينئن ٿو تہ شايد اسان

صرف ٻولين سکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ پيدا ٿيا آهيون. علم جي مهارت ۽ ترقي اسان کان اجان سَوَ قدم پري آهي.

انگليند ۾ سائنسدانن تحقيق ڪري ثابت ڪيو آهي ته قريبي رت جي رشتن (سڳا سوٽ،ماسات وغيره) جي ڪري پيدا ٿيندڙ ٻارڙن ۾ جسماني ۽ ذهني معذوريءَ (Physical & Mental disorders/ disabilities) جو ڪارڻ وڏي ٻيڻو ٿيو وڃي. جمڻ وقت ٻارن ۾ ٿيندڙ پيدائشي نقص (Birth defects) مان،31% عيبن جو تعلق سڌو سئون ويجهي رشتيداري تي آهي. يوڪي جي ليڊ يونيورسٽي جي تحقيق موجب موجوده مقامي پاڪستاني ڪميونٽيءَ ۾ هر سال 90 ٻارن جو موت اِن قريبي رشتيداريءَ جي ڪري ٿئي ٿو. دنيا ۾ تقريباً ٿيندڙ شادين ۾، 10 سيڪڙو شاديون قريبي رشتن جون ٿين ٿيون. غير رشتي جي شاديءَ جي ڪري ٻار ڪافي ذهين ٿين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو هندو وڏيڪ هوشيار هوندا آهن انهن جو مذهب ڪين ويجهي رشتن ۾ شادي جي اجازت ڪونه ٿو ڏئي. ان ڪري هو شادي اُتي ڪندا آهن، جتي انهن جو ڪو پري جو رشتو به نه ملي.

اڄو ته ڳڌجي ان مسئلي جو حل ڳولي ڪيون، اسان جي ٻوليءَ جي ماهرن کي گهرجي ته ٻين ٻولين جهڙوڪ: چائينيز، فرينچ، جپنيز، ملائي ۽ عربي وغيره وانگر سائنسي رياضي ۽ ٻين علمن جي ڪتابن کي سنڌي ۾ ترجمون ڪن ۽ سائنسي اصطلاح ۽ لفظن جا سنڌيءَ ۾ مناسب لفظ ڳولين يا ايجاد ڪن. ان مشق کي مڪمل ڪرڻ سان سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ تي وڏو احسان ٿيندو. اهوئي سبب آهي جو، يورپين پنهنجي هڪ ٻوليءَ ۾ پڙهي اعليٰ تعليم حاصل ڪن ٿا ۽ کوجنا (Research) ڪري نيون ايجادون ڪن ٿا. سنڌي ٻولي جي ماهرن، اديبن کي گذارش آهي ته ٻوليءَ جي وسعت، بلاغت کي قائم ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ضروري آهي ته جديد سائنسي ٽيڪنالاجي علم ۽ ايجادن مطابق سنڌي زبان جي لفظن ۾ اهڙي ڦير ڦار ۽ جوڙجڪ ڪري نُوان لفظ ايجاد ڪيا وڃن ته جيئن ڌارين ٻولين جي لفظن جي قبوليت ۽ گود ونڻ کان،اسان جي ٻولي ڪراهت ۽ ڌڪار جي سگهه قائم رکي سگهي. جهڙيءَ طرح عربي زبان ۾ قائم رکي وئي آهي. مثلاً ڪمپيوٽر کي عربي ۾ ’حاسب آلي‘ چيو وڃي ٿو، جيڪو ٻن لفظن، ’حاسب‘ معنيٰ حساب ۽ ’آلي‘ معنيٰ مشين يا اوزار ملائي ناهيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ ’حساب ڪندڙ مشين‘ جي آهي. اسان جي ’سنڌي لئنگئيج

اثارٽي' اِن ڏس ۾ ڪافي سٺو ڪم ڪري رهي آهي پر افسوس جو پنهنجي اداري جي 'عنوان' جو سنڌي ترجمو (ادارھ سنڌي ٻولي) اڃان تائين نہ ٿاهي سگهي آهي.

ثانوي تعليم

اِن دوران منهنجي وڏي ڀاءُ، جناب ظفر علي خان مئي 1961ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول ٺري ميرواھ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو ۽ جلدي کيس انگريزي ماستري جي نوڪري، مڊل اسڪول رسولپور ۾ ملي، جيڪو اسان جي ڳوٺ کان ڇهہ ڪلوميٽر تي، ڏکڻ طرف واقع آهي. اُن وقت سنڌس پگهار 107 روپيہ ماهوار مقرر ٿي. ظفر علي خان وڏو محنتي ۽ جفاڪش انسان هو، جو ماستري کان پوءِ PCS ڪري روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ سکر جو ايڊيشنل ڪمشنر مقرر ٿيو ۽ 2001ع ۾ رٽائر مينٽ ورتائين .

مان چوٿون درجو پاس ڪري، رسول پور مڊل اسڪول ۾ سڌو سنئون ڇهين ڪلاس ۾ داخلا ورتي جو مرحوم برادر مون کي پرائمري اسڪول (رسول پور) ۾ 'صاحب'(School Inspector) جي سامهون پيش ڪيو ۽ هُن ڪجهہ سوال پڇي، مون کي چوٿين کان ڇهين ڪلاس ۾ پروموشن ڏني. اِن ڪاوش ۾، مالوث مرحوم الاهي بخش بن بخت علي بن مولانا حاجي عبدالرحمنؒ شر جيڪو اُن وقت اسڪول جو هيڊ ماستر بہ هو، شامل آهي. مڊل اسڪول رسولپور ۾ نواب شاھ جو، خان محمد جمالي، هيڊ ماستر هُو، برادر سان گڏ ٻيا استاد غلام نبي مهر، ڳاڙهي موري کان ۽ مسٽر سلطان علي ميمڻ، گمبٽ سان تعلق رکندا هئا، جن جي رهائش ۽ مانيءَ جو انتظام ڳوٺ جي چڱن مڙسن وٽ ٿيل هو. ان ڪري جو اُهي استاد ايترو پري کان رستن ۾ سُواري جي سهولت نہ هجڻ ڪري اوٽ موٽ ڪندي صحيح طرح سان پڙهائي نہ سگهن ها. سيئي استاد محنتي، اورچ ، ايماندار ۽ سچي دور جا پڙهيل هُئا.

اُهو 1963ع جو دور آهي جو ڳوٺ کان ڏهہ ڪلوميٽر روزانو پيدل سفر ڪري ڇهون، ستون ۽ اٺون ڪلاس مڊل اسڪول رسولپور مان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪيو. ڳوٺ ۽ اسڪول جي وچ واري مفاصلو بلڪل غيرآباد هو، جنهن ۾ ڪجهہ حصو سِم، ڍورو، واري جا دڙا ۽ جهنگل هو، جنهن ۾ گدڙ، سيهڙ، ڦيڪاري، جنگلي ٻلا، نور، ڦاڙها، شڪاري ڪُتا ۽

بيا ڪئي جانور پيا گهمندا هُئا ۽ اهڙي خطرناڪ رستي تان هر روز جو لنگهڻ، هڪ ڏهن سالن جي اڪيلي ننڍڙي جان لاءِ، عجيب ۽ خوفناڪ منظر پيش ڪري ٿو. هِن وقت به آئون جڏهن ياد ڪندو آهيان ته لڱ ڪانڊارجي ويندا آهن. پورا پڪا ٽي سال، اِن خطرناڪ رستي تان، هر روز ٻه دفعا گذر ٿيندو هو.

هڪ دفعي جو واقعو آهي جو آئون جڏهن صبح جو سوير تيار ٿي اسڪول لاءِ نڪتس ۽ جڏهن وچ ڊُوري ۾ پهتس ته پري کان هڪ جانور بڪريءَ جهڙو پر ناسي رنگ جو نظر آيو، جنهن ڪي مٿي تي الاهي سڱ هُئا. آئون ڊِڃي هڪ ڪبڙ جي پرسان وڃي لڪيس پر نه ڄاڻ ته اُن جانور پِي، مون کي ڏسي ورتو ۽ جهٽ بيهي، اوچتو وٺي مون ڏانهن تيزي سان ڊوڙڻ شروع ڪيائين. آئون ڀَوَ ۾ هٽئين خالي جلدي اِن ڪبڙ جي جُهِڳٽي ۾ اندر گهڙي، مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪيم پر ڪبڙ جو وڻ ننڍو هجڻ ڪري مشڪل سان زمين کان چار فوٽ مٿي چڙهيس جو وڏيڪ ڪبڙ جي لامن ۾ منهنجي وزن جهلڻ جي طاقت ڪونه هُئي. منهنجو خوف مان مٿي چڙهڻ ۽ ڦاڙي جو مون تائين پهچڻ، اهو صرف ويهن سيڪندن جو ڪرتب هو. مون اهڙو خوفناڪ جانور نه ڪڏهن ڏٺو هو نه وري ڏٺو هو. اهو جانور اچي منهنجي هيٺيان بيهي رهيو ۽ آئون ڀَوَ ۾ وڻ ۾ ڪافي وقت ٽنگيل رهيس ۽ پوءِ اهو جانور آهستي آهستي پري ٿيندو اُن طرف ئي روانو ٿي ويو جتان آيو هو پر آئون هيٺ لهڻ کان عاري هُيس. اِن لاءِ ته، هن پيري بچي ويس پر ٻئي واري شايد ئي نه بچان. ڪلاڪ کن آئون ڪبڙ جي لامن ۾ ٽنگيل رهيس، ايتري ۾ ڏٺم ته هڪ گهوڙي سوار اسڪول واري طرف کان اچي رهيو هو، ٿوري انتظار کان پوءِ، هُن مون کي مٿي ڏسي پڇيو ته ڇا ماجرا آهي. مون کيس پوري روئداد ٻڌائي ۽ هيٺ لٿس پوءِ دل کي ڏڍ آيو. هُن به دلداري ڏني ۽ چيو ته گهوڙي تي چڙهه ته آئون توکي تنهنجي ڳوٺ ڇڏيندو وڃان پر مان وري به ڪتابن جي ڳوٿري کڻي اسڪول طرف وڃڻ جو رستو پڪڙيو. اسڪول پهتس ته اُتي منهنجو ياءُ بهادر علي خان اچي پهتو جو اُن گهوڙي سوار جيڪو ذات جو ميرجت هُو، وڃي ڳوٺ وارن کي نياپو ڏنو ۽ ٻڌايو ته اسڪول ويندڙ ڇوڪرو ڪنهن جانور کان ڊڃي ويو آهي. اسڪول جو وقت پورو ڪري پوءِ ياءُ سان گڏ ڳوٺ موٽيس پر ان واقعي منهنجي دل تي تمام گهرا اثر ڇڏيا پر الحمد الله جو ارادي جي پختگي، متحرڪ ۽ انقلابي طبعيت هجڻ ڪري اهڙين مشڪل حالتن

ڪي منهن ڏئي، تعليم جاري رکي. پوءِ خبر پئي ته اهو جانور ڦاڙهو هو، جيڪو نري جي جج صاحب جو پاليل هو ۽ مينگهي فقير ڳوٺ ۾ وڪيل شهباز علي شر وٽ بيهاريل هيو.

استاد نظر حسين سان جڏهن اِن واقعي جو ذڪر ڪيم ته هن ٻڌايو ته نري ۾ سيف الله صديقي (سيوهڻ، دادو وارو) جڏهن جج ٿي آيو ته هُن ٻه ڦاڙها اسان وٽ چارڻ لاءِ بيهاريا هئا. تن مان هڪڙو گهران گم ٿي ويو هو. شايد اهو ئي ڦاڙهو هو، جنهن مون کي اسڪول ويندي ڊوري ۾ اچي ڊيڇاريو. مسٽر نظر حسين وڌيڪ ٻڌايو ته اِن گم ٿيل ڦاڙهي لاءِ جج صاحب جڏهن وڏيري بلاول خان کي ڳولي هٿ ڪرڻ لاءِ چيو ته وڏيري جج کي جواب ۾ چيو ته، سائين گم ڪونه ٿيو آهي، توهان جن وٽ چرڻ لاءِ بيهاريو آهي، انهن ئي اِن کي ڪائي ڪپائي ڇڏيو هوندو. جنهن تي مان نظر حسين کي جواب ۾، رئيس بلاول خان جي ڳالهه جي صحيح هجڻ جي تصديق ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايم ته اسان جا وڏا ٻه توهان جي وڏن وٽان هميشه ڦرجي نڪرندا هُئا.

ڏِسي ڏونگر مَ ڏار، متان هلڻ ۾ هيٺي ٿئين.

ڇهين ڪان انين ڪلاس ۾ صرف پنج شاگرد هئاسون، هڪ مسٽر محمد عالم شر ’صوفي‘ جيڪو ٽپيدار ٿيو ٻيو مسٽر مشتاق شر، رسولپور ڳوٺ جو، جنهن خيرپور اسپتال مان ڪمپائوڊري جو ڪورس ڪري وجي صحت کاتو وسايو. ٽيون مسٽر پليڏنو شر، جيڪو اصلي ناري تعلقه جو هو، ليڪن پر واري ڏهرن جي ڳوٺ ۾ استاد ارباب علي ڏهر وٽ رهندو هو. ناري ۾ اُستاد ٿيو، ۽ اُتي ئي رٽائر ڪيائين ۽ هاڻي وفات ڪري ويو آهي. اسڪول مان فارغ ۽ موڪلن جي ڏينهن ۾ گهر جي ڪم ڪار، مال چارڻ ۽ زمين ڪيڙڻ ۾ لڳي ويندا هُئاسين. پنهنجا چار ڏڳا پاڙي وارن چوڪرن سان ساڻ ڪري، ڊوري، سَٽ سِمون يا جونجهاڻ وارن ويران پٽن ۾ سڄو ڏينهن گهمائي ڦيرائي شام جو اچي گهر ٻيڙا ٿيندا هئاسون. ڪم نه ڪرڻ جي صورت ۾ گهر جا سڀ ڀاتي بيزاري ڏيکاريندا هُئا ۽ ننڍو هجڻ ڪري سيني وڏن جي حڪمن جي نافرماني هڪ عذاب مثل هوندي هُئي. اِن حوالي سان اڪثر چوندو آهيان ته ڀهراڙيءَ جي اڪثر گهرن ۾ سيني ڪان ننڍو ڀاتي هميشه ڊڪ ڊوڙ ۾ رهي ٿو. گرميءَ جي ڏينهن ۾ جڏهن ڪانوَ جي اک پئي نڪرندي هئي. متي ۽ پيرين اگهاڙين ٻرن ۽ بيابانن ۾

پيا جانور هڪليندا هئاسين. امڙ مانجهاندي لاءِ انگوڇي يا ڪنهن ڪپڙي جي ٽڪري جي ڪُنڊ ۾ مانيءَ جي وچ ۾ بصر کي سوگهو ڪري اهڙيءَ طرح ٻڌندي هُئي جو ٽاڪ منجهند ۾ کولي، مانيءَ کي سڌو ڪرڻ لاءِ پاڙي وارن کان مدد وٺڻي پوندي هُئي ۽ بصر کي جڏهن زوردار ڏڪ سان ڀڃ اڏ ڪندا هئاسون ته اُن مان ٻاڦ نڪرندي نظر ايندي هُئي ۽ بصر جو پِتو ڏڪ سان گوليءَ وانگر نڪري وڃي پري ڪرندو هو. جونجهاڻ ۾ هڪ پراڻو کوهه هوندو هو، جنهن ۾ اڪثر ڏنار ٽپا ڏئي تڙ ڪندا هُئا. انهن علائقن ۾ ڪيترين ذاتين جا ڏنار پنهنجو مال اچي چاريندا هُئا. آهستي مان به اُن کوهه ۾ ترڻ سکيس، جيڪو ان وقت مان سمجهان ٿو ته ڪنهن خطري کان خالي نه هُو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته اسان جڏهن گهر وڃڻ لاءِ جونجهاڻ مان نڪرڻ واري ڪئي ته رستي تي مهراڻين جي ڪاهيل فصل ۾ وڃي منهنجي مينهن جو ڪمزور پاڏو پيو، جنهن جي خبر مون کي ڪونه پئي، جو اسان ڏنار مال جي پويان اچي رهيا هئاسون. پاڏو جسماني طور ڪمزور هو ۽ مالڪ پڄندو اچي پاڏي کي پتر هٽي ڀوڙائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پاڏو وڃي زمين پيڙو ٿيو. پهريائين ته مون کي ڏاڍو خوف ٿيو ته هاري پاڏي کي ڪڍي مون سان وڙهڻ جي ڪندو. جڏهن پاڏو ڪريو ته هاريءَ وٺي ٿو پنهنجي گهر پڄي ته متان شر وڙهن. مان الله جا شڪرانا ادا ڪيا ۽ ٿوري دير ۾ پاڏو به آسيرا پاسيرا زور ڏئي پنهنجي ماءُ ڏانهن هلڻ لڳو.

هڪ دفعي گهرن جي اولانهون واري ڪُڙيي تي مينهون چاريندي، ڪنهن ڳالهه تان سوٽ وڏيري پٽ، سان ڦڏو ٿي پيو، جنهن تي مان ڪيس لَٺِ وهائي ڪڍي. سندس مٿي ۾ اهڙو ڏڪ لڳو، جو ڪائنس رت وهڻ لڳو ۽ زور سان رڙيون ڪيائين ته وڏيرن جا سڀ ياتي موقعي تي پهچي ويا ۽ هيڏانهن امڙ جيجل ۽ بهادر خان به اچي منهنجي پاسي ٿيا. معاملو ڏاڍو گرم ٿي ويو ۽ مونکي به اچي پوءُ ٿيو، ته هاٽي الائي ڇا ٿيندو. ٿوري گوڙ گهمسان ڪانپوءِ، ناپر ٿي وئي ۽ امڙ وارا مون کي گهر وٺي ويا. منهنجي پهرين نوجوانيءَ جي ويڙهه مون ڪي، سڄي ڳوٺ ۾ ڏاڍو مشهور ڪيو جنهن ڪانپوءِ ڳوٺ جا سيئي ڇوڪرا مون کان لوائيندا هُئا ڇڻ مان ان ڳوٺ جو ڊان هجان.

ادي کي جڏهن رسولپور ۾ ماستري ملي ته اسڪول وڃڻ لاءِ سائيڪل ورتي، جيڪا انهن ڏينهن ۾ ڏاڍي خوبصورت لڳندي هُئي ۽ چڙهڻ جو

ايترو تہ شوق هوندو هو، جو صرف خوابن ۾ اُن تي چڙهڻ تصور ٿيندو هو. برادر سخت مزاج ۽ چيڙاڪ هجڻ جي باوجود اسان بہ سائيڪل تي اُن وقت چوري ڪري هڪ پيدل تي چڙهندا هئاسين، جڏهن ادو گهر کان ٻاهر هوندو هيو ۽ پوءِ بهادر ۽ مان سائيڪل جا پيرا آڳُر تان ٻُهاري صاف ڪري ڇڏيندا هئاسين.

مان 2006ع ۾، جڏهن نئين ٽيوٽا ڪار ۾، رسولپور کان ڳوٺ، وچ وارو ڪچو رستو، جنهن تان مان ٽي سال مسلسل پيدل سفر ڪيو، وڃڻ ٿيو ۽ اُن خوفناڪ حصي وٽ پهتس تہ مونکي پويان ڏينهن ياد اچي ويا، جو منهنجي اکين ۾ پاڻي اچڻ لڳو ۽ وار ڪانڊارجي ويا. مونکي ٻنهين جهانن جي مالڪ جون مهربانيون ياد اچي ويون، جو ڳاڙي بيهاري سجدي ۾ ڪري پيس (سبحان الله).

ڳوٺ جا خونخوار ڪُتا

اُن زماني ۾ اسان جي گهرن جي آس پاس، چاچي حاجي مبارڪ خان شر جي آکهہ جا گهر هُئا، جنهن کي عام طرح ڳوٺ جو وڏيرو مبارڪ خان سڏيو ويندو هو، مرحوم وڏو مالدار ۽ زميندار ماڻهو هو، وٽس گهڻي تعداد ۾ مينهن ۽ ڍڳين جا واڙا هوندا هُئا، جو ڪيتريون ئي مينهون اڻ ڏڌيون ڇُڙي ويندڻيون هيون. چورا ڪاري جي خطري جي پيش نظر حاجي مبارڪ وٽ خونخوار ۽ مختلف نسلن جي ڪُتن جو هڪ درجن کن پاليل هو، جن جو قد ڪاٺ گڏهہ جيترو هوندو هو ۽ پوري ٻن ڪلو ميٽرن جي دائري ۾ مارُ ڪندا هُئا. مال گهٽو هئڻ ڪري، ڪُتا کير، لسي ۽ مکڻ تي پلبا هئا. اسڪول ڏانهن ويندي منهنجو لنگهہ بہ اُتان هو ۽ هر روز ايندي ويندي ڪُتن سان چڪِريون هونديون هُيون. ڪيترائي دفعا انهن خونخوار ڪتن سان مقابلو ٿيو ۽ انهن کي مات ڏني ورنہ جهڙوڪ مون کي کائي وڃن ها، پر الله تعاليٰ جو ڪرم رهيو جو اهڙن خونخوار ڪتن کان ۽ جهنگ جي جانورن کان پاڻ بچائي، زندگي جي هِن اڻانگي سفر کي جاري و ساري رکيو.

ڏک سُکن جي سونهن - گهوريا سُک ڏکن ري
(شاهہ)

هر روز صبح شام، خونخوار ڪُتا، ڪلوميٽر پنڌ تائين منهنجو بيقراري سان انتظار ڪندا رهندا هئا، آئون بہ ڪين ڏاڍو سختي سان پيش ايندو هُئس. جيڪڏهن همت کان ڪم نہ ورتو وڃي ها ته اڄ هي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ ڪونہ هجي ها.

اسان جي هڪ عزيز مسٽر عبداللطيف شر ڪُتن جي خونخوار هجڻ بابت اهو ٻڌايو تہ ڪُتن کي نديپڻ ۾ جيڪڏهن انساني ٿڄ جو کير پياريو وڃي تہ پوءِ اُهي ڪُتا انسان جي بوءِ سنگهڻ سان سُجاڳ ٿي ميلن جي پنڌ تائين مار ڪري سگهن ٿا. هونءَ بہ ڪُتي کي بوءِ سنگهڻ جي سگهہ ٻين جانورن کان گهڻو وڌيڪ آهي، ان ڪري جو ڪُتي جي نڪ اندر ٿلهو اسپنج وانگر پردو (Thick spongy membrane) ٿئي ٿو، جنهن ۾ بوءِ سنگهڻ جي جيوگهرڙن(Scent-detecting cells) سان گڏ، ان کي دماغ تائين پهچائڻ وارو اعصابي تند جو سرشتو موجود آهي، جنهن جي ايراضي،جيڪڏهن انسان جي ساڳئي نظام سان ڀيٽ ڪئي وڃي،تہ 60 سيڪڙو وڌيڪ آهي. انسان جي نڪ ۾ بوءِ سنگهڻ جي ايراضي، جنهن ۾ ٿلهي اسپنج جو پردو آهي اُها هڪ مربع سينٽي ميٽر جيتري آهي ۽ ساڳئي ڪم لاءِ ڪُتي جي نڪ ۾ 60 مربع سينٽي ميٽر آهي. ساڳئيءَ طرح دماغ ۾ جيڪو حصو بوءِ سنگهڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي سو بہ چاليهہ ڀيرا انسانن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. ڪُتي کي سنگهڻ جي قوت ڪيئي هزار ڀيرا انسان کان وڌيڪ آهي. ٻئي پاسي انسان مشڪل سان هڪ ڪلو ميٽر تائين صاف ڏسي سگهي ٿو پر ڪُتو 50 ڪلوميٽرن تائين آسانيءَ سان ڏسي سگهي ٿو. ڪُتو انساني بوءِ پلي هڪ هفتو پراڻي ڇو نہ هجي، آسانيءَ سان ٻڌائي سگهي ٿو ۽ 40 فوٽ زمين دوز بوءِ کي سنگهڻ جي سگهہ رکي ٿو. ان حوالي سان ڪُتي کي جيڪڏهن انساني کير نديپڻ ۾ پيارجي تہ ان جي شايد انسان جي بوءِ کي سنگهڻ جي قوت ڪيئي ڀيرا وڌائي سگهجي ٿي. شايد اهو صحيح هجي تہ جهنگ ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجي مال جي حفاظت لاءِ اِهو عمل ڪندا هجن، جيئن مير ٽالپرن وٽ ڪيئي نسلن جا ڪُتا شڪار لاءِ پاليل هُئا. جانورن جي ڪمائتي خاصيت کي وڌائڻ لاءِ، ٽالپر مير پنهنجي نون ڄاول ٻهاڻن (Foals) کي پنهنجي گهوڙين (Mare) کان جدا ڪري، انهن کي مينهن جو کير نہ ڏيارڻيندا هُئا پر ڳُئُن جي کير تي پاليا ويندا هُئا. ان لاءِ تہ جيڪڏهن، مينهن جو کير پيئندا، تہ سواري يا جنگ دوران جڏهن پاڻي مان گذرندا تہ اُن ۾ ويهي رهڻ جي خاصيت يا خواهش پيدا ٿيندي هئي، جنهن ڪري ڳئون جي کير تي پاليا ويندا هُئا.

ڪُتن جي مختلف نسلن مان هجڻ ۽ ڪير مڪڻ تي پاليل وڏي قدامت ۽ ڪثير تعداد جي ڪري پوري علائقي ۾ خوف ۽ حراس ڦهليل هوندو هو. پرسان جيڪي واٽون ۽ ڪچا گاڏير رستا هئا سي سڀ ويراني ۽ سُڃائيءَ جو ڏيک ڏيندا هُئا. ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي ايندڙ انسان جو پتو لڳائڻ ۽ هڪ ڪُتي جي ڀونڪ تي اک ڇنڀ ۾ ڏهه ڪُتا جمع ٿي وڃڻ، هڪ دل کي ڏڪائيندڙ داستان آهي، جيئن بڪايل ڳجهن کي پري کان ئي ڍونڍ جي بانس ايندي آهي، اهڙيءَ طرح هِنن ڪُتن کي به، انساني بوءِ پري کان اچيووينديِ هئي.

هڪ ڏينهن شام جو وڏيرن جا ڪُتا اسان جي گهر جي لوڙهي کي اورانگي اچي گهر اندر، ڪُتي تي چڙهي ويا. وڏيرن جي ڪتن ۾ ڳاڙهي رنگ جو گابي جيترو ڪتو به هوندو هو، جنهن کي ڳاڙهو ڪُتو جو نالو رکيل هو. اوچتو ڪتا داخل ٿيا ۽ اسان جي هڪ ڪتي کي ڪٽي مٽي دوز ڪيائون. بدقسمتي سان ان مهل منهنجي هٿ ۾ ڪهاڙي هُئي، جيڪا مان ڪتن جي ڊِڄ کان هميشه ساڻ رکندو هئس. مان ٻنهين هٿن سان ڪهاڙي اسان جي ڪُتي کي ڏسي، مٿان بيٺل ڳاڙهي ڪتي جي ڪرنگهي ۾ زور سان جو لڳائي، ته سڄي اندر گهڙي وئي. ڪهاڙي ڇڪي ڪڍڻ سان ڪتو وات ڪڍي، ڀڄ هيٺ ڪري پوئتي ڀڳو، پر گهر تائين رت وهائيندو ويو، جنهن تي اسان جو سوٽ قادر داد خان، ٿوري دير ۾ منهنجو اچي مهمان ٿيو. ادي سان تکو منو ڳالهائي واپس وريو ۽ ڪجهه عرصي لاءِ ڪتن جون ڀونڪون بند ٿي ويون. ٻئي دفعي جو واقعو آهي ته هڪ دفعي مان اسڪول کان واپس اچي رهيو هئس ته وڏيرن جي گهرن جي اولهائون ٻير جي نمبر واري زمين مان ڪتابن جو ٻشڪڙو ڪلهي تي ڪٽيو، جوئر جي ناڙن دوران ڀنو وٺيو گهر اچي رهيو هيس ته، ڪڙيي تي ڪٻڙن ۾ ڪتن پنهنجي شڪار جو گهات هٽي انتظار پئي ڪيو. نه چاڻ ولر ڪتن جي مون ڏانهن ائين ڊوڙ ڪئي جڻ شڪاري ڪتن کي شينهن تي ڇڄ ڪندا آهن. مان ڪتابن جي ٻشڪڙي کي وٺي ڦيرايو. ايتري ۾ ڪوڪل فقير جيڪو ناڙ ۾ مينهون ۽ ٻيو مال چاري رهيو هو، اُن ڪڙڪيدار دانهُن سان جڏهن هڪلون ڪيون ته ڪتن جي لُوهن ۾ ڪجهه نرمي آئي ۽ مان پنهنجا نازڪ آنڊا بچائي گهر پهتس. ڪوڪل مرحوم، چاچي مباري جو اڪيئين زال مان پٽ هو، جيڪا سڱ ۾ اسان جي پُڦي هئي. هن ڪڏهن به اسان کي مالوٽ وارو پيار ۽ قربت ڪونه ڏيکاري هئي. اسان جي پُڦي به صابرين هئي، حضرت علي رضہ فرمايو آهي ته اهڙي غربت تي صبر ڪندي انسان پنهنجي عزت محفوظ رکي ته اهو اُن امير کان بهتر آهي،

جنهن ۾ ذلت ۽ رسوائي هجي. چاچي مُباري جي ڪتن ۾ اُهو ڏکهو ڏاٻڙ، ڳاڙهو بگهڙ نما ڪتو ۽ ٻُوتُو ڪارو ڪتو، اڄان تائين هر مهيني منهنجي خوابن جي زينت بڻيل آهن. هن آتم ڪهاڻي لکڻ ڪري، وري ٻيهر يادگيريون تازيون ٿيڻ سان، ڪتن جو خوابن ۾ اچڻ جون وارِيُون (Frequency) وڌي ويون آهن.

والدين جو احوال

منهنجي والده نوريزي جو جنم نومبر 20، 1922ع ڳوٺ گهنڊ، هاٹوڪو رسولپور ۾ ٿيو. اسان جي والده، اُن وقت جي ديني عالم، مولانا حاجي عبدالرحمنٰ بن حيدر خان جي ڌيءَ هُئي.اسان جي ناني جو پيءُ حيدر خان جي شادي هڪ معزز گهراڻي، فقير غلام حيدر گودڙي جي ڀيڻ، بيبنواز سان ٿي هُئي، جنهن جو والد قائم خان شر، شرن جو قومي سردار هو ۽ متس ’رئيس‘ جو لقب هو. قائم خان، پاڻ اهل سنت والجماعت جو هو ۽ وڏو پرهيزگار ۽ متقي ٿي گذريو آهي. ناني مرحوم جو ذڪر جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جي، ’مهراڻ‘ رسالي جي 2006ع واري ٽماهي جي شماري ۾، جناب قاضي شوڪت قريشي صاحب جن ڏنو آهي، اُن جو تفصيلي احوال اڳتي ايندو. والده پنهنجي پيءُ وٽان ننڍڙائيءَ واري عمر ۾، عربي الف.بي پڙهيل هُئي. ڏاڍي ذهين هجڻ ڪري، هجري ۽ عيسوي مهينن جون تاريخون، آسماني ستارن جا نالا، جهڙوڪ ڪَتي، ٽيڙو، وِڇُون، قُطب تارو، ڪٽ، گهٽو، ڪُتو (داب اڪبر)، نوح نبي جي واٽ (Galaxy)، پُڇڙُ تارو ۽ پرهه جو تارو وغيره جي تمام سٺي ڄاڻ هوندي هُئس. انهن جي لهڻ چڙهڻ سان مختلف مُندن ۽ موسمن جو احوالِ، اسان کي بلڪل آساني سان سمجهائيندي هُئي. مثال، ڪَتي اُڀري تہ ٻہ ساڙي ۽ لهي تہ ٻہ ساڙي . قطب تارو هڪ هنڌ اتر طرف بيٺل هوندو آهي. جهنگ ۽ ٿر بر ۾ ماڻهو رات جو مسافري وقت قطب تاري جو سهارو وٺي،طرف سُڃاڻي رستو ڳوليندا آهن. امڙ کي سنڌي مهينا، چيٽ، ويساک، ڄيٺ، آکاڙ، ساوڻ، بَدو، اَسُو، ڪَتي، نهري، پوهہ، مانگهہ ۽ ڦڳڻ ياد هوندا هُئا ۽ هر هڪ مهيني جي حساب سان هوءَ موسم، برساتن ۽ آبادي جي لحاظ کان ڀرپور ٿيندڙ فصلن بابت وڏي ڄاڻ رکندي هُئي. اِن کان سواءِ، حساب ڪتاب ۽ ليکي چوکي جي گهڻي ڄاڻ هوندي هُئس، جو اُن زماني جي ڀهراڙيءَ ۾ پڙهيل ماڻهو ايترا ڪونہ هوندا هُئا، ٽپيداري ڊِل جو حساب، سندس ڏير امڙ کان ڪرائيندا هُئا ۽ دڪانن تان لٽي ڪپڙي ۽ آندل سامان جو حساب بہ ڪري ڏيندي هُئي. اُن

زماني ۾ وسيلا نہ هجڻ ڪري ۽ ٻِپ ڀهراڙي هجڻ ڪري، ماڻهن جي مسڪيني واري حالت واضح نظر ايندي هُئي. شروعاتي زندگي ۾ سال جي هڪ فصلي پوک ٿيندي هُئي، پاڻي جي پيچڙي ڪري اونهاري ۾ فصل آخري وقت ۾ سُڪي ويندا هُئا ۽ اناج جي اپت ايترو نہ ٿيندي هُئي، جو هاري پنهنجي ٻاتين لاءِ ڇهن مهينن جو اناج ڪنو ڪري سگهي. گهڻو ڪري جنوريءَ کان مارچ وارا مهينا،ماڻهو هڪ ويلو کائي، ٻئي لاءِ سوچيندا هُئا تہ ڪٿان اناج اوڌر سوڌر ڪري وٺي اچون. پوءِ واڻين يا وري سرنديءَ وارن کان قرض ڪٽي چانور يا اناج وٺي ايندا هُئا. اهو عام غريباڻو گذر هو. سياري توڙي اونهاري ۾ پاڻي جي قلت هجڻ ڪري ۽ زمين جي ٽڪُرن کي بچائڻ خاطر ۽ پاڻي جي واري تي مقرر وقت تي نہ ملڻ ڪري، اڪثر پائرن ۾ جهيڙا ٿيندا هُئا. اسان جو پاڻي ٽن پائرن جي زمينن لاءِ هميشہ رات جو ٻہ پهر مقرر ڪيو ويو هو، جو 40 سال تائين رات جي وقت ملندو هو ۽ پوءِ پائرن وٽ ڪو گهڙيال يا واچ نہ هوندي هُئي سو ان ٻن پهرن يعني 6 ڪلاڪن کي رات جو بغير وقت معلوم ڪئي، ڪيئن هڪ ٻئي کان پاڻي جو وارو وٺن، سو اُن رات اچي امڙ کان وقت پڇندا هُئا ۽ امڙ جيجل، آسمان ڏانهن ڏسي، ڪين ٽائيم ٻڌائيندي هُئي ۽ پوءِ هو مطمعن ٿي وڃي پاڻي وهندا هُئا. امڙ جي ايتري اهليت هوندي بہ، ڪيس پوري طرح تسليم نہ ڪيو ويندو هو جو هوءِ ٻئي پاڙي ۽ ٻئي ڳوٺ مان هت پرڻجي آيل هُئي. جنهن کي زماني جي جاهليت کان وٺي،اڄ تائين ٻهراڙي واري ماحول جي گهٽِن طبق ۾، ٻئي پاڙي مان آيل عورت کي،’ڌاري‘ جي لفظ سان پڪاريو ويندو آهي ۽ اُن سان ڌاري جهڙوئي سلوڪ ڪيو ويندو. امڙ کي هٿ جو هنر ايترو تہ مَنُ موهيندڙ هو، جو سنڌي پڪي پرت يعني ڪپڙي جي تنڌن کي ڳَٽي سُئي سان پرت پريندي هُئي، جنهن کي عام طرح عورتن لاءِ خاص ڪري ٻروچن لاءِ ’ٽِڻان‘ مشهور آهن، سي اهڙا تہ پريندي هُئي، جو من موهيندڙ رنگ ٻرنگ هوندا هُئا ۽ اُهي ٽڻا وڏيري گهراڻي جون عورتون رپئي يا ڏيڍ روپئي ۾ خريد ڪنديون هُيون ۽ اُن مان گهرجو خرچ هلائيندي هُئي ۽ اسان جي وڏي ڀاءُ، محترم مرحوم ظفر علي شر جي پڙهائيءَ جو خرچ بہ ڪڍندي هُئي. ظفر علي خان، پهريائين 1961ع ۾ انگريزي ماسٽر ٿيو ۽ آخر ۾ سکر جو ايڊيشنل ڪمشنر ٿي رٽائر ڪيائين. امان تي سجاول ۾، 1995ع دوران فالج جو اثر ٿيو، جو اُن وقت ظفر علي خان اتي SDM هو. مون امڙ جو علاج، آغا خان اسپتال ۾ ڪرايو جو پنجن سالن تائين طبعيت نيڪ رهڻ کان پوءِ، سندس دل وڏي وڃڻ ڪري ڪراچيءَ

NICVDجي (Notioinal Institute of Chordroviscular Diseases) ۾ راچي
كيس، 1998ع ۾ داخل كرايو پر كهڙو وقت زنده نه رهي سگهي ۽
كجهه ڏينهن ۾ وڃي خالق حقيقي سان مليو (اِنا لله وِانا اِليه
راجِعوْن). مرڻ وقت مون سان گڏ پيڻ نظيران ۽ ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر
رياضت كراچي ۾ موجود هُئا، جتان ايمبولينس ذريعي لاشُ كڻي
ڳوٺ پهتاسين. امڙ جي تاريخ وفات، بروز جمع، جمادالاول 6، 1419ھ،
مطابق آگسٽ 28، 1998ع، اٺ بجه شام، كراچي جي NICVD سينٽر اسپتال ۾.

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيكڙو
وطن ٿيو وري، كوڙن كانئرن جو
(شاهہ)

ادي ظفر علي كي پڙهائڻ ۾ امڙ ۽ مامي بخت علي جو گهڻو هٿ هو،
جو امڙ سنڌي پرت وارا ٽڪا پري وكڻندي هُئي، جنهن مان گذر سفر ٿيندو
هو. ظفر علي خان 1960ع ۾ ميٽرك كري انگريزي ماستري جي نوكري
ورتي، جنهن كانپوءِ گهر جا حالات كجهه بهتر ٿيا. ظفر علي خان،PCS
پاس كري، جڏهن 1977ع ۾ روينيو كاتي ۾ پهريون مختياركار لكي
شكارپور ۾ مقرر ٿيو تہ ان كان پوءِ گهرو اقتصادي ۽ داخلي معاملن ۾
خاصي تبديلي ٿيندي نظر آئي.

امڙ جي بيماريءَ وارا آخري ڏينهن تورڙا سخت هُئا جو سندس خدمت
لاءِ كو خاص بندوبست نہ هو، جو مان ملك كان ٻاهر ۽ ادي وارا كڏهن
كهڙي ضلعي ۾ تہ كڏهن كهڙي ۾، شايد اِن حوالي سان امڙ اكثر
چوندي هُئي تہ ’چوٽيرن چوندبيو ۽ كوٽيڙن كاڏو‘، جنهن جي معنيٰ جي
كيس خبر هئي.

آئون جڏهن سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ كاليج جي ٻئي سال (1972ع)
۾ هئس تہ بابا جن وفات كئي (اِنا لله وِانا اِليہ راجِعوُن). سندس علاج
حيدرآباد، ڄامشوري ۽ خيرپور مان كرايو، ڊاكٽرن موجب گهڻي خُقي
پيئڻ كري سندن ڦڦڙ خراب ٿي چكا هُئا. بابا جي وفات كان پوءِ والده
سڄي گهر كي سنڀاليو، جنهن ۾ برادر ظفر علي صاحب جن جو بہ وڏو
هٿ هو. بابا جي وفات وقت امڙ، وڏي پيڻ، مان،ننڍو ڀاءُ رياضت ۽ بابا جو
مامو باغ علي موجود هُئا. سندس وفات خميس ڏينهن 10 شوال 1392ھ
مطابق 16 نومبر 1972ع ٿي.

منهنجي ڏاڏي، لڇم خاتون، ملهار خانؒ جيكو پڳدار شر، قائم خان جو
ڏوهٽو هو، تنهن جي ڌيءَ هئي ۽ فقير فولاد علي جي سڳي پيڻ هجڻ

ڪري، بابا سائين رشتي ۾ فولاد علي (1867-1967) جو سڀڳو پاڙيڇو ٿيو. جنهن ڪري طبعيت ۾ سادو، نہ ڪڏهن ٻئي جي گلا ڪئي، نہ پچر، غريباڻي زندگي گذاري ۽ رب جي ڏني تي هميشہ راضي رهيو. زمين جي ڪم ڪار ڪان ڏاڍي سُستي ڏيکاريندو هو. زمين جي هرڻ، پاڻي جي واري وهڻ ۽ ڊل ڏيڻ جي وقت ڪان اڳ ۽ دوران ڏاڍو پريشان نظر ايندو هو. نور واهہ واري زمين جي اپت اُتي رهندڙ هاري ڪائي ڪپائي چڙيندا هُئا. ڪنهن سان گارگند يا وڙهڻ لاءِ ڪڏهن بہ نہ سوچيو هيو، بلڪ ائين چوندو هيو، تہ بابا الله سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو. ڏاڏي سڪر خان جي اولاد پنهنجي سڀڳي سوٽ، چاچي حاجي مُباري ڪان مڙيوئي لهرائيندا هُئا. گهٽو سامهون ڪونہ ايندا هُئا. غالباً گهٽي پئسي هجڻ ڪري، هنن جي غُربت تي ٺٺوليون ٺينديون هجن. پاڻرن پاڻ ۾ توري گهٽي ڳالهہ، پوک ۾ مال پوڻ، ٻارن ۽ ڪتن وڙهڻ تي وڏن آوازن ۾، هڪ ٻئي کي گارگند ڪندا رهندا هُئا. پر شام جو هڪ ئي ٿلهي تي گڏجي ويهي حُقو پيئندا هُئا. سندن دلين ۾ غير ۽ ڪينو ڪونہ هوندو هين. هڪ دفعي مان ننڍو هجان، بابا مون کي بوزدار وڏا شهر وٺي ويو، جيڪو شهر ڏسڻ جو، منهنجو پهريون مشاهدو آهي. واڻين جا ڪچا دوڪان هوندا هُئا ۽ دوڪان اندر هڪ ٿلهو ٺهيل هوندو هو جتي واڻيان ويهي گراهڪن کي ڪپڙو ماپي ڏيندا هُئا. گرميءَ جي سخت موسم هُئي، ٿلهي جي ڪنڊ جي آخري چيڙي تي وينو هئس، تہ دڪان وارو، پٽ سان سٽيل ڪپڙي جي ٿانن مٿان اخباري پني ۾ ويڙهيل ٿاڌل جي هڪ وزن جيتري پڙي، لاهي منهنجي پرسان اُڇلي، جيڪا مان ڪٽي پنهنجي انگوڇي ۾ لڪائي. بابا ڪپڙو وٺي نڪتو ۽ ٻين دوڪانن ۾ سامان وٺڻ ۾ مشغول ٿيو تہ اهو دڪان وارو ڇوڪرو، جنهن پڙي اڇلائي هُئي، اچي پهتو ۽ ٿاڌل جي پڙي جي پڇا ڪئي. بابا منهنجو انگوڇو کولي اُها پڙي کيس واپس ڪئي ۽ رستي تي مون کي سمجهايو تہ ٻيهر اهڙو ڪم نہ ڪجان، جنهن ڪانپوءِ مان ڏاڍو شرمندو ٿيس ۽ زندگي ڀر لاءِ اهڙي ڪم جي ويجهو بہ نہ ويس. الله تعاليٰ جي هدايت اچي وئي پر جي بابا تلاشي نہ وٺي ها ۽ اِن چوريءَ تي شاباس ڏئي ها، تہ مان وڏو چور ۽ رهزن ٿي وڃان ها.

بابا کي شاهہ جو هي بيت ڏاڍو پسند هوندو هو:

صاحِبَ تنهنجي صاحبي - عجب ڏٺي سون
پَـنَ ٻوڙين پاتال ۾- پَهڻ تارين ٿُون.
جيڪر اچين مون - تہ مـيريائي مانُ لَهان.

بابا عارفاڻا ڪلام وڏي شوق سان ٻڌندو هو. اڪثر ڪري ڀڳت ڪنور رام، ماستر چندر ۽ جيوٽي ٻائي جي ڪلامن کي شوق سان ٻڌندو هو. ڀڳت جو مشهور ڪلام — ’نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو- اونالي ڌڻي جي ٻيڙو تار منهنجو‘ جڏهن ريڊيو تي ايندو هو، تہ سڀ ڪم ڇڏي ڪلام ٻڌي ڌُهرائيندو ويندو هو.

اڪثر ڪري چوندا آهن، تہ انسان ڄاڻندي بہ اڻڄاڻ هوندو آهي ۽ عام ڀاڪوبہ آهي، تہ جيڪا ٻئي جي لاءِ قبر کوٽيندو آهي، تنهن ۾ پوندو پاڻ آهي. خواهشن جي غلامي ڪندڙ انسان، الاهي احڪامن کان ايترو پاسيرو ٿي ويندو آهي، جو سندس ضمير ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي، نتيجتن هُو رت جي رشتن کي ڇڏڻ تہ ڇا، پر وڪڻڻ لاءِ بہ تيار رهندو آهي. ان حوالي سان انسان نڳي نڳائي ۽ منافقت کان پاسو ڪري، آخرت آجي ڪري ٿو.

بابا کي حصي ۾ ٿوري زمين ملي ۽ اُها بہ مٿاهين اهڙي جو پاڻي نہ چڙهي ۽ هر فصل جو اڌ سڪي وڃي. مان جڏهن اٺين پاس ڪئي تہ زمين جو پاڻي وهڻ، مال چارڻ، فصل جي سار سنڀال جهڙا سڀ ڪم منهنجي حوالي ڪيا ويا. اسان جي زمينن کي سيراب ڪندڙ ڪڙيي جي مٿان چاچي مباري خان پنهنجي ٻئي گهر واري جي پائرن ۽ عزيزن کي اچي آباد ڪيو، جنهن ڪري پاڻي پيچڻ جو آزار وڌي ويو، مان رات جو ڀڳل شيشي واري پراڻي گاسليٽ تي ٻرندڙ، جرمن جي فيور هينڊ ڪمپني (Feuer Hand) جي بتي کڻي، سڄي ڪڙيي جو سماءُ ڪندو هئس، اولهہ جرمني جي فيور هينڊ ڪمپني جو نهيل اعليٰ معياري بتيون ان وقت هٽي عام ملنديون هيون.هن بتيءَ جي نشاني، اها هئي تہ، هن کي گاسليٽ سان ڀري، پوءِ ٻاري اونڌو ڪبو هو تڏهن بہ تيل نہ هاريندي هئي ۽ نہ وري وسامندي هئي. هن جي ٿري تي خاص نشان اڪريل هوندو هيو، جيڪو بتي جي اصلي هجڻ جي سڃاڻپ هئي. جڏهن اسان جي زمين تي پاڻي چڙهندو هو، تہ ڪڙيو ايتريون ٽمنار پرجي ويندو هيو، جو پريل واهہ جو پيو ڏيک ڏيندو هو. اڪثر ڪري، مٿيان پاڙي وارا جڏهن ڳنڊيولوڙهيندا هُئا، تہ منهنجي زمين وارو پاڻي بہ واپس وٽن پهچي ويندو هُو ۽ اُن ڳنڊي کي ٻڌڻ بہ ڪو ايترو آسان ڪم نہ هوندو هو، پر هٽي ماري، اُن ڳنڊي اندر سُمهين، ڪوڏر سان پاسن واري مٽي کي ريڙهي اچي سوڙهو ڪندو هئس، تہ ايستائين اسان جو وارو ختم ٿي ويندو هو. اسان وري ’پاڻي مٿي جهوپڙا مورک اُڃ مرن‘ وانگر ٻئي هفتي، ايندڙ واري جي سوچ ۽ ڳڻتي ۾ پيا گذاريندا هئاسين ۽ فصل گرمي جي شدت جي ڪري، ڪاماڻجي ويندو هو. پر شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ،’تتي ٿڌي ڪاهہِ، ڪانهين ويلهہ

ويهڻ جي' وانگر محنت ڪندا رهياسين ۽ ٻنهين جهانن جي پالڻهار پنهنجي خزاني مان الاهي ڪجهه ڏئي ڇڏيو.

عام چوڻي، اُٺ تڏهن پئي رُنا، جڏهن ٻورا پئي سبيا، وانگر بابا سائين، ميرن جي ڇيڙ بيگار وانگر ڍل ۽ پاڻي جي واري جي اڳواٽ ايتري ڳڻتي ڪندو هو، جڻ ايندڙ هفتہ ڪا قيامت اچڻ واري هجي. اسان جي ڪڙيي جي مٽان ويهاريل بہ اهڙا هُئا، جيڪي اسان جو سلو سائو ٽيڻ ڪونہ ڏيندا هئا، پوءِ الاءِ تہ ٻچيل هئا يا ڪين حلال ۽ حرام ۾ فرق جو پتو ڪونہ هين (والله عالم).

امڙ هر وقت باوضو رهندي هُئي، نماز، روزو ڪڏهن بہ نہ وساريائين، هميشہ ذڪر ڪندي رهندي هُئي. فقير يا سوالي ڪڏهن بہ خالي هٿ نہ موٽندو هو، بلڪ غربت هوندي بہ سواليءَ کي خيرات ڏيڻ کان اڳ ۾ ضرور جيڪو اٽيو سٽيو ڪاڏو موجود هوندو هيو، سو ڪين ڪارائيندي هُئي. اهي عنايتون شايد سندن والد محترم، اسان جي ناني، مولانا حاجي عبدالرحمنٰ جي دعائن جو نتيجو هُيون، جن پيدل ڏهہ سالن ۾ حج ڪيو. آئون سعودي عرب ۾ جڏهن سول انجنيئر جي نوڪري دوران،رائل سعودي آرمي سان تبوڪ ۾ هئس تہ امڙ کي بہ حج ۽ ڪيترائي عمرا ڪرايا ۽ پوري سعودي عرب ملڪ ۾ جيترين بہ زيارتون هيون، انهن سيني جاين تي ڪيس وٺي ويس، جهڙوڪ، جبل اُحد، خيبر، شهداءِ بدر، مسجد رسول تبوڪ حضرت شعيب جي بستي،مَدينہ منوره جون سڀ زيارتون، مڪہ مڪرمہ ۽ اُتي جون سڀ زيارتون ۽ شهر ضُبا، جدهہ ۽ ينبع شامل آهن. امڙ کي پهنجن عزيزن قريبن جون پنجن پيڙهين تائين جا نالا، مٽيون، مائٽيون ياد هونديون هُيون. اسان جي ذهني تعليم جي اوسر، جيڪا امڙ جي گود مان، اسان کي حاصل ٿي، اوتري ٻاهرين ماحول تہ ڇا، پر اسڪول ۽ مدرسن مان بہ حاصل ڪانہ ٿي سگهي. اولاد مائٽن جي ڪيتري بہ خدمت ڪري اوتري گهٽ آهي، هڪ دفعي نبي صلعم جن کي هڪ ماڻهوءَ چيو تہ سائين مان ماءُ پيءُ کي ڪلهي تي چاڙهي طواف ڪرايو آهي، ڇا حق ادا ٿي ويو. نبي صلم فرمايو ان هڪ رات جنهن بستري تي تو پيشاب ڪيو ۽ تنهنجي ماءُ توکي آلِي جاءِ تان ڪڍي سُڪي جاءِ سمهاريو ۽ پاڻ آلي جاءِ تي سُمهين، تو ان هڪ گهڙي جو بہ حق ادا ڪونہ ڪيو (سبحان الله).

هاءِ اسڪول نئري

مڊل اسڪول رسولپور ۾ استاد خان محمد جمالي، انگلش، برادر ظفر علي، مئٿس ۽ استاد غلام نبي مهر، سلطان ميمڻ ۽ ٻيا سائنس جا سبجيڪٽ پڙهائيندا هُئا. استاد ڏاڍا محنتي، ايماندار ۽ وقت جي پابنديءَ سان پڙهائيندا هُئا. اُستاد خان محمد جمالي پوءِ ترقي ڪري، حيدرآباد ۾ اسڪولس جو ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿي رٽائر ڪيو ۽ 2012ع ۾ وفات ڪري ويو.

اسڪول ڇهه ڪلو ميٽر پري هجڻ ڪري هر روز 12 ڪلو ميٽرن جو مفاصلو اوٽ موٽ پيدل ڪرڻو پوندو هو. مائٽن جو مسڪيني حال هجڻ ڪري، سائيڪل به وٺي ڪونه پئي سگهياسين (شڪر الحمدالله) ڇهين ڪلاس جو امتحان رسولپور، ستئين ڪلاس ۽ اٺين جو نئري هاءِ اسڪول ۾ ڏئي، سٺن نمبرن ۾ اچي پاس ٿياسين. اٺون ڪلاس پاس ڪري وڃي هاءِ اسڪول نئري ۾ داخلا ورتي. اُهو اسڪول ڳوٺ کان ڏکڻ طرف 13 ڪلو ميٽرن پنڌ تي آهي. اِن اسڪول ۾ پري کان ايندڙ ڇوڪرن لاءِ هڪ هاسٽل،جيڪا سرڪاري طور مفت کاڌ خوراڪ سميت موجود هئي پرڪوشش ڪرڻ تي خبر پئي ته اُن ۾ ڪا گنجائش ڪونه هُئي. هِن اسڪول ۾ پري کان ايندڙ، شاگردن لاءِ سرڪاري خرچ تي رهايو ويندو هو ته جيئن انگريزي تعليم عام ٿئي. هن اسڪل جي اڏاوت 1955ع ۾ پوري ٿي ۽ اناويهه ايڪڙ زمين شهر جي ٻنگل خان ولد جهنديو خان، غلام رسول ولد اسماعيل ۽ ٻين جوڳين ذات جي ڏني. هن اسڪول جو نقشو ۽ برجستي اڏاوت، ڪراچيءَ جي ڪنهن اسڪول جي ڪاپي لڳي ٿي. خيرپور ۾ رياست دوران، جيڪڏهن ٽالپر پنهنجي حڪمراني جي دور ۾ اهڙو تعليمي ادارو ٺهرائين ها ته شايد اسان جا وڏا يا نئري شهر جي جوڳين يا ملاحن مان ڪو نوجوان، پاڪستان جي تحريڪ ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جو ساٿي هجي ها ۽ تاريخ جي سونهري اکرن ۾ لکيو وڃي ها.

پيراٽو خان ولد اهدي خان جوڳي، نئري شهر جي اسپتال لاءِ پنج ايڪڙ ويهه ويسا زمين پڻ فراهم ڪئي هئي جنهن تي اسپتال موجود آهي..

مون کي فري بورڊ شپ نه ملڻ، اسڪول جو پري هجڻ ۽ روڊ رستي سواري جي سهولت نه هجڻ ڪري، ڏاڍي پريشاني ٿي. آخرڪار اهو طئه ڪيو ويو ته ويجهڙائي ۾ وسندڙ ڪنهن عزيز جي گهر ۾ وڃي رهجي ۽ اتان پيادل اسڪول اچ وڃ ڪجي. سو بدقسمتي سان ماسات حسن بخش

جو گهر مليو جيڪو رسولپور کان هڪ ڪلوميٽر اتر طرف ۽ اسڪول کان 4 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف واقع هو. اُن وٽ رهڻ جو بندوبست طئي ٿيو. مسٽر حسن بخش جي شادي منهنجي سوٽ سان ٿيل هئي، سو وجي اُتي رهياسين ۽ صبح سوير جو تيار ٿي چار ڪلو ميٽر پنڌ ڪري وجي، اسڪول پيڙا ٿيندا هُئاسين.

ڀهراڙيءَ جي زندگي بہ عجيب آهي، هر سهولت کان محروم، تقريباً صبح جو سوير نڪرڻ ڪري ناشتو وغيره ڪونہ ملندو هو ۽ منجهند جو اسڪول مان موٽندو هُئس تہ رات واري ماني ئي اڌ رات جو نصيب ٿيندي هُئي جو گهر ڌياڻيءَ جو سست ۽ ابوجهہ هجڻ ڪري، بي پرواهي معمول بڻيل هئي. هڪ ڀيري جو قصو آهي، مان اسڪول مان موٽيس تہ مانيءَ جو آسرو ڪندي مون کي ننڊ اچي وئي ۽ اُهو هر روز جو معمول هوندو هو. اڌ رات ڌاران ماسات ڪاڏو (کير ۽ ماني) ڪٽي اچي گهري ننڊ مان اٿاري چيائين ماسات اٿو ۽ ماني کائو. هڪ نِپُ اونداهي ٻيو ٿڪاوٽ ۽ جواني جي تازي گهري ننڊ مان منهنجيون اکيون ڪونہ پيون کُلن. مان اجان مس سڌو ٿي ويٺس تہ ماسات هٿ ۾ گلاس ڏنو. مون اکين کولڻ لاءِ منهن ڌوتو ۽ ماسات ماني ڏني، تہ مون کيس چيو تہ هيءَ رُکي ماني آهي،چا سان کائجي. ماسات دانهن ڪري چيو، تہ گلاس ۾ کير هُو سو ڪيڏانهن ويو. مون کيس ٻڌايو تہ اُن سان هٿ منهن ڌوئي ڇڏيو. اهڙي طرح رُکي سُکي تي گذر ڪري، ڪشالا ڪاٽي علم حاصل ڪيم.ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، وري هڪ ٻئي عزيز مسٽر غلام الدين جي طرفان صبح سوير اسڪول ويندي رستي تي انجي گهران ناشتو ملندو هو، جيڪو ٻَني تي ويهي، کائي اڳتي اسڪول ويندو هُئس. آئون انهن سيني جو ٿورائتو آهيان، جن جي ٿوري گهڻي مدد سان منزل رياسين.

هاءِ اسڪول نري جو هيڊ ماستر، جناب ايم.اي. ٽالپر صاحب هو جيڪو وڏو برجستو، سخت فوجي انداز ۾ منتظم ۽ فرض شناس تعليمي ماهر هو. ٽالپر صاحب جن اصلي ڪوٽ مير محمد داڙا واهڻ، تعلقہ ڪنگري، ضلع خيرپور جا آهن ۽ هن وقت حيدرآباد جي سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ۾ رهائش پذير آهن. ساڻس هاڻي بہ آئون ملڻ ويندو آهيان،جو بلڪل عمر رسيده ٿي ويا آهن.

ٽالپر صاحب جي انتظام جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي ايتريقدر جو سندس امر کان سواءِ اسڪول اندر ڪڪُ پيي چُري نہ سگهندو هو. ڪنهن بہ

ڪلاس ۾ ڪرسي نہ هوندي هُئي جو استاد پنج منٽ ڪن ويهي ساهہ پٽي. استاد بہ اهڙا ئي محنتي ۽ فرض شناس ۽ ذهين هوندا هُئا، جو ڪلاس ۾ داخل ٿيندي ئي پڙهائي ۾ شروع ٿي ويندا هُئا. چوندا آهن تہ استاد بادشاهہ نہ هوندو آهي، ليڪن بادشاهہ ٺاهڻ ۾ مدد ضرور ڪندو آهي. هر هڪ شاگرد جي چرپر تي سندن ڪرڙي نظر هوندي هُئي ۽ پڙهائي جو معيار ۽ انتظام (administration) اُن دور جي، اڄ جي دور سان ڀيٽ ڪجي تي تہ اڪيون لڙڪ لاڙي ٿيون وڃن. اڄڪلهہ جي دور ۾ ڪاپي ڪلچر، ٽيوشن ۽ پرائيويٽ ادارن کان ڪير واقف ڪونهين. اسڪول جو ڊسپلين استادن توڙي شاگردن لاءِ اهڙو هوندو هُو، جو اسڪول ۾ سڀ کان پهريائين کليل ميدان ۾ اسيمبلي ٿيندي هُئي، جنهن ۾ قرآن شريف ترجمي سان تلاوت ٿيندي هئي ۽ هيڊ ماستر صاحب جي تقرير ۽ قومي تراني سان ختم ٿيندي هئي. پوءِ ڇوڪرا يونيفارم ۾ قطار ڪري، پنهنجي پنهنجي ڪلاسن ۾ ويندا هُئا ۽ موڪل دوران بہ فري بورڊنگ ۾ رهندڙ قطار ڪري ويندا هُئا.

ٽري هاءِ اسڪول هڪ مڪمل تعليمي ادارو آهي، جنهن کي ٽالپر صاحب هڪ فوجي پبلڪ اسڪول وانگر، پنهنجي ايمانداري، قابليت ۽ سخت انتظام هيٺ هلائي، تعليم جو معيار ايترو بلند ڪيو جو اُن وقت جا فارغ التحصيل شاگرد، پاڪستان کان علاوه پوري دنيا ۾ وڏن عهدن تي فائز آهن.

مرحوم استاد محمد سليمان شر، اسان جو ڪلاس ٽيچر هو، ڏاڍو ذهين، هوشيار ۽ محنتي استاد هو. انگريزي سٺي پڙهائيندو هو ۽ ڪلاس ۾ غلطي ڪندڙ ڇوڪرن کي ماريندو بہ هو. هميشہ تنبيهہ ڪندو هو تہ ڪلاس ۾ ٽوپي سان سِر ڍڪي ايندا ڪيو. استاد غلام مصطفيٰ مانڌڻ، ٽري جي اوپر ۾ سندن ڳوٺ مان ايندا هُئا سُٺا قابل استاد هُئا. استاد نور محمد ناريجو، گمبٽ جا هُئا ۽ رياضي سٺيءَ طرح پڙهائيندا هئا ۽ سندن سمجهاڻي نهايت سليس ۽ آسان هوندي هُئي. هڪ دفعي ياد آهي تہ ناريجي صاحب اسانکي رياضي جو هوم ورق ڏنو، جيڪو جڏهن صبح جو ڪيس ڏيکاريو ويو،تہ منهنجي ڪاپيءَ تي Excellent جو انگريزي لفظ لکيل هو. استادن کان ڊڄندا هُئاسين، سو آئون پريشان ٿي ويس، تہ استاد الائي ڇا لکيو آهي، جو ان وقت Excellent اکر جي مطلب جي خبر ڪونہ هُئي. آخر ٻئي استاد کان پڇا تي معلوم ٿيو، تہ زبردست پلو ڪم ٿيل آهي، جنهن تي ڏاڍي خوشي ٿي.

استاد سبحان علي ملاح، ٺري شهر جو اصلي رهواسي هو ۽ پاڻ انگريزي ۽ رياضي ۾ هوشيار هوندو هو.استاد محمد ابراهيم ڪُبر هوشيار ۽ محنتي ۽ سدائين فل سوٽ ۽ ٽاءِ ۾ ملبوس هشاش بشاش رهڻ وارو استاد هُيو ۽ سندس اُٺٽي ويهٽي ڪپڙي پائڻ جو نمونو بلڪل مُهذب ۽ جينٽل مئن وارو هوندو هُين، سندن اسٽائيل هوشيار شاگردن تي گهڻو اثر ڪندو هو، پاڻ انگريزيءَ جا ماهر هئا. اسڪول ۾ ٻيا ٻه ڪيترائي استاد هئا، پر هن وقت جيڪي ياد آهن، انهن جو ذڪر ڪيو اٿم.

اسڪول جي چئن استادن ۾ مسٽر سليمان شر، غلام مصطفيٰ مانڊڻ، سبحان علي ملاح ۽ ابراهيم ڪُبر کي جڏهن لاهور M.Ed جي تربيت لاءِ موڪليو ويو ته انهن جي جاءِ پرڻ لاءِ استاد محبوب علي جوکيو، محرابپور مان، نور محمد ناريجو، گمبٽ مان، عبدالفتاح شاهه جيلاني کي گهوٽڪي ۽ غلام محمد چنو کي بوزدار وڏا مان بدلي ڪري، ٺري هاءِ اسڪول ۾ آندو ويو. استاد محبوب علي جوکيو ڏاڍو قابل استاد هو، اسان کي سماجي اڀياس جو مضمون پڙهائيندو هو. هن استاد جي سُهٽي شخصيت سان گڏ، هن جا اکر ايترا ته سُهٽا هُئا جو چڻ مالها ۾ گُل پويا ويا هجن، پاڻ فقير فولادلي جا مريد هئا. استاد عبدالفتاح شاهه، قد جو ڊگهو، رنگ جو پورو ۽ بااخلاق انسان هو، جنهن اسان کي انگريزي مضمون پڙهايو. هميشه رنگ برنگي پئنٽ شرٽ ۾ ملبوس رهندو هو ۽ ڪپڙا سندس جسم تي ٺهندا هُئا. ٽالپر صاحب ڪجهه عرصو اڳ ۾ هڪ ڪچهري دوران، جڏهن استاد عبدالفتاح جو ذڪر آيو ته چيائين ته شاهه پنهنجي ڪوٽ جي کيسي مٿان گلاب جو گل هٽي اچڻ لڳو، جنهن تي مان کيس آفيس ۾ گهرائي چيو ته اسڪول اندر گلن لڳائڻ جي منع آهي، تنهن ڪري توهان اڳتي لاءِ خيال ڪيو. جنهن ڪانپوءِ ڪڏهن به هُن گل نه لڳايو. استاد محمد صالح چنو سائنس جو مضمون پڙهائيندو هو ۽ عربي پڙهائڻ لاءِ ٺري شهر جو استاد حسن عسڪري، پنهنجي روايتي پائجامي ۽ ڊگهي ڪُڙتي ۾ مبلوس، مقرر هيو. هو عربي ۽ فارسي ٻوليون پڙهائڻ لاءِ رکيل هو.

مون سان گڏ پڙهندڙ شاگردن ۾، ثناءُ الله ملاح، غلام شبير لغاري، محمد عالم شر ’صوفي‘،مشتاق احمد شر، غلام سرور ويسر، محراب خان ويسر، ربنواز ٻبر، مريد عباس دستي، غلام الدين خاصخيلي، گل محمد دستي، ڪوثر عباس، غلام مرتضيٰ مانڊڻ، پليڏنو شر، سانوڻ خان ويسر، الله ڏنو جوڳي ۽ ٻيا شامل هُئا. غلام شبير لغاري ٽنڊي ڄام ايگريڪلچر ڪاليج (هاٽوڪي يونيورسٽي) مان جانورن جي ڊاڪٽريءَ جو امتحان پاس

ڪيو، پر مرحوم 1977ع جي وچ ڌاري خيرپور ويندي، ڪوٽڏيجي پرسان مير واهه جي پل پريان وڪڙ ۾، ويگن جو ٽرڪ سان ٽڪر ٿيو جو ويگن ڪلٽيون کاڌيون، جنهن ۾ ڊاڪٽر شبير شهيد ٿي ويو. هي واقعو ان وقت ٿيو، جڏهن مان AIT مان انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس ڊگري ڪري گهر پهتو هئس. هي واقعو منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکوئيندڙ هو، جو هڪ پياري دوست کان هميشہ جي جدائي ٿي وئي. ثناءُ الله نري ۾ ميڊيڪل جو اسٽور ڪوليو هو، جنهن ڪانپوءِ هو ڪافي سال جپان ۾ نوڪري ڪندو رهيو، پر ڪنهن بيماريءَ سبب وفات ڪري ويو. جنهن جو مون کي پڻ صدمو آهي. مريد خان دستي نري ۾ وڏيرو آهي ۽ محراب خان ويسر ۽ ربنواز ٻبر تعليم کاتي سان وابستہ رهيا. محمد عالم شر ٽپيداري ڪئي، ڏاڍو يار ويس ۽ دلبر انسان هو.

آخر ڇهن مهينن ڪانپوءِ اسانجي مالوٽ عبدالستار جن هيڊ ماستر کي چئي ڪري، مون کي هاسٽل ۾ هڪ سيٽ وٺي ڏني ۽ پوءِ آئون هاسٽل ۾ شفٽ ٿي ويس، ان حوالي سان مالوٽ جو ٿورائتو آهيان.

زمانو تعليمي ماحول جو هو، هاسٽل ۾ سَوَ کن شاگرد هر وقت رهندا هُئا. شهر نري ۾ نہ بجلي هُئي ۽ نہ وري لنڪ روڊ. سياري ۾ رات جو شاگرد گاسليٽ تي ٻتيون ٻاري هاسٽل ۾ اٺئين کان ڏهين بجہ تائين پڙهندا هُئا ۽ گرميءَ جي موسم ۾ وراندي ۾، ٻئي ڏينهن جي تياري يا هوم ورڪ لاءِ پڙهائي ڪندا هُئا. اِهي ٻہ ڪلاڪ بلڪل خاموشيءَ سان پڙهندا هئا، جو مقرر ڪيل مانيٽر يا پر واري بنگلي ۾ هيڊ ماسٽر چڪر لڳائي ڏسندو هو. سياري ۾ وري ڪمري اندر ٻتيون ٻاري پڙهائي ڪئي ويندي هُئي. ٻاهران اونداهيءَ ۾،هاسٽل جي درين مان روشني اٺين معلوم ٿيندي هُئي جڻ ريل گاڏي اسٽيشن تي بينل آهي، جو تہ هاسٽل کان ٻاهر واري دنيا بلڪل اونداهي ۾ وڪوڙيل هوندي هُئي. هاسٽل جو اندروني انتظام هلائڻ لاءِ سينئرس مان مانيٽر رکيل هوندو هو. آئون جڏهن هاسٽل داخل ٿيس، تہ عبدالمجيد پنجابي مانيٽر هو جيڪو ڪنهن ميرٽ ذريعي چونڊيل ڪونہ هو ۽ هيڊ ماستر جي مرضيءَ تي هوندو هو مانيٽر جو رعب ۽ دبدبو استادن کان وڌيڪ هوندو هو. شهر وڃڻ لاءِ مانيٽر کان ٻن ڪلاڪن جي موڪل لکت ۾ وٺڻي پوندي هُئي. مطلب تہ هاسٽل اندر رهڻ ۾، هڪ خاص ضابطہ اخلاق ۽ انتظام هوندو هو، جنهن تي ايم.اي ٽالپر، هيڊ ماستر پاڻ نگران هُيو.انڪري جو سندس گهر بہ هاسٽل جي مين گيٽ سان لڳ هُيو. پاڻ بہ هڪ بہ دفعا ضرور وزٽ ڪندا هئا ۽ شاگردن جي کاڌي جو

انتظام سندن نگراني هيٺ هوندو هو. پوين سالن جي رڪارڊ موجب، مانيٽر باقي شاگردن جي مقابلي ۾ تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ علمي ۽ پريڪٽيڪل لائيف جي لحاظ کان ڪامياب ڪونہ ويندا هُئا ۽ پوئتي رهجي ويندا هُئا. جو مانيٽري دبدبي ڪري، هو پنهنجي پڙهائي ڏانهن ايترو ڌيان ڪونہ ڏئي سگهندا هئا.

هاسٽل ۽ اسڪول ٻاهران وڏا راندين جا ڪليل ميدان هوندا هئا، جتي شام جو سڀ گڏجي رانديون ڪيڏندا هئاسون. شهر جي ان زميندار، ذات جوڻي ڪي، الله تبارڪ و تعاليٰ مغرفت فرمائي، جنهن پنجاهہ جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ پنهنجي زرعي زمين تعليم جي واڌاري لاءِ اسڪول هاسٽل، رهائشي ڪوارٽرن ۽ راندين جي ميدانن لاءِ ڏني جو هن وقت نري تعلقہ ۾ تعليم عام آهي. انهن ميدانن تي ڪڏهن ڪڏهن اسڪائوٽنگ جا پروگرام بہ ٿيندا هُئا، خيما هٽي هترادو عارضي ڳوٺ ناهي وننڊا هئاسون. رات جو وري ڪيمپ فاير منعقد ٿينديون هُيون، جو ميدان تمام وسيع هوندو هو ۽ وچ ۾ باهہ جو جو مچ ٻاري، ٻاهر بينچيون رکندا هئاسون، جن تي شهر جا ماڻهو اچي ويهندا هئا ۽ پوءِ شاگرد ڪپڙا پوشاڪ مٽائي مختلف رانديون ڪري ماڻهن کي وندرائيندا هُئاسون. جسماني ورزش (Physical Training)۽ فوجي سکيا لاءِ، استاد غلام رسول ڄامڙو مقرر هو، جيڪو هر وقت جسم سان ڄُڙيل پتلون ۽ قميص (Tight Dress) پائڻ ڪري ٽيڊي استاد جي نالي سان مشهور هو. اسڪول ۾ غير نصابي سرگرميون (Extra Curricular Activities) قدرگهٽ هونديون هُيون، ايتريقدر جو تقريري (Debating) مقابلا بہ ورلي ٿيندا هُئا. انهن ڪمزورين جو نقصان هلندڙ زندگيءَ ۾، ڏاڍو شدت سان محسوس ڪيوسين. اڄوڪي تعليمي ماحول ۾ سرگرميون گهٽيون آهن، پر وري تعليم جو فقدان آهي. آزاديءَ جو ڏينهن وڏي جوش ۽ ولولي سان ملهايو ويندو هو. اسڪول جي سيني شاگردن کي پوليس يونيفارم پارائي، ڪلهن تي ڪاٺ جون بندوقون رکي، پوري شهر جي پئريڊ ڪرائي ويندي هئي. اسڪول ۾ جادوگرن کي گهرائي، مختلف ڪرتب ڏيکاريا ويندا هئا. اهڙن خاص موقعن تي فوجي ڪپتان يا ڪنهن ٻئي آفيسر کي گهرائي، ملڪ جي دفاع بابت ليڪچر ڏياريا ويندا هُئا.

هاسٽل ۾ رهڻ سان ذهني تبديلي اِها آئي تہ وقت جي اهميت، هن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد ڇا آهي ۽ هن دنيا ۾ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ سان گڏ نماز پابندي سان پڙهڻ، يعني اسلام جي اهميت جي خبر پئي. انهن ڏينهن ۾

نائين ۾ ڏهين ڪلاس جا امتحان گمبٽ هاءِ اسڪول ۾ ٿيندا هُئا، جتي اسان بہ وڃي امتحان ڏنا. ڏهون ڪلاس 1968ع، ۾ پاس ڪري اچي ڳوٺ نڪتاسون. ڳوٺ ۾ تہ هزارين ڪمن اسان جو جڻ انتظار سالن کان پئي ڪيو، زمين کي آباد ڪرڻ کان، مال چارڻ وغيره تائين.اڳتي پڙهڻ لاءِ ايترا وسيلا نظر ۾ ڪونہ هُئا، جو ان وقت انٽر ڪرڻ لاءِ، خيرپور کان ويجهو کو بيو ڪاليج ڪونہ هُو. خيرپور اسان جي ڳوٺ کان 60 ڪلوميٽرن تي اتر طرف واقع آهي.

مسڪيني حال ڪري، ڳوٺ ۾ پنجن مهينن تائين گهر جو ڪم ڪار، زمين آباد ڪرڻ ۾ بہ عدد مينهون ۾ ڏاندن جو جوڙو چوڙي پسگردائي جي علائقي ۾ ڪاهي ڳوٺ جي ڀين چوڪرن سان گڏ وڃي صبح کان شام تائين چاريندا هُئاسون. هونئن بہ اُهو عمل، آئون هميشہ جاري رکندو هئس، جڏهن بہ گهر ۾ ايندو هئس.

گهر جي ڪم کان بيزار ٿي، آخرڪار روزگار جي تنگيءَ ڪري هڪ ڏينهن خبر پئي تہ ريلوي وارن کي ڊرائيور گهرجن سو وڃي روهڙي لوڪو شيڊ پهتس جتي هڪ ريلوي آفيسر سان ملاقات ٿي. اُن مون کي نوڪريءَ جو آسرو ڏنو ۾ چيو تہ هڪ هفتي اندر ڪجهہ سرٽيفڪيٽ کڻي اچي واپس مل.روهڙيءَ کان واپسي اُن ئي هڪ مال گاڏي واري ڊرائيور کي چيو تہ مون کي پاڻ سان گاڏي ۾ کڻيون وڃي ۾ راڌيپور ۾ لاهي، جتان آئون ڳوٺ پنڌ هليو ويس. ڊرائيور آخر مال گاڏي، جيڪا ٻاڦ انجڻ تي هلي پئي، سان منهنجي لاءِ راڌيپور اسٽيشن ويجهو، آهستہ ڪري مون کي لاهي ڇڏيو، آئون اچي ڳوٺ پهتس. گهر ۾ سيني کي ٻڌايم، تہ خوش ٿيا، تہ اسان جو هي موپي هاٽي ريل گاڏيءَ هلائيندو ۾ پئسا بہ گهر آڻيندو. وقت گذرڻ سان منهنجو ريل گاڏي ۾ نوڪري ڪرڻ جو ارادو ڪمزور ٿيندو ويو ۾ مان گهرجي سار سنڀال سان گڏ، اڳتي وڌڻ واري روشنيءَ جي اُن لاٽ جو انتظار ڪندو رهيس.

ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڳوناٽي زندگي گذارڻ لاءِ ڪافي جسماني محنت ۾ مشقت کان ڪم وٺڻو پيو. بهرحال انسان لاءِ مشڪلاتون زندگيءَ جو هڪ حصو آهن، جن کي پري اڇلائي نہ ٿو سگهجي. پر انهن تي ضابطو آڻڻ وارو ”شخص ئي، پنهنجي زندگي بامقصد بنائي سگهي ٿو. شيخ سعدي مطابق مايوسي هڪ اُس مثل آهي، جيڪا سخت کان سخت وجود کي بہ ساڙي راک ڪري ڇڏيندي آهي.“

آمريڪا جي بِل گيٽس مطابق، توهان جيڪڏهن غريب پيدا ٿيا آهيو، ته اُن ۾ توهان بي ڏوهي آهيو پر غريب ٿي مرو ٿا ته اُن ۾ سراسر توهان جو ڏوهه آهي. تنهنڪري ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ همت ۽ ڪوشش جو سهارو ناهي ڇڏڻو ، چاهي حالتون ڪهڙو به رُخ اختيار ڪن. مصيبتن کان گهبرائڻ نه گهرجي، حوصلي ۽ صبر سان پنهنجي مقصد ۽ منزل ڏانهن مسلسل وڌندو رهجي.

اهو بلڪل سچ آهي، ته جنهن گهر ۾ تعليم ۽ نيڪ ماءُ هجي ته اهو گهر تهذيب ۽ انسانيت جي هڪ عظيم يونيورسٽي مثل آهي.

منهنجي طبعيت ۾ مسلسل تحرڪ، مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ڪرڻ ۽ وقت جي اهميت کي پهرين ترجيح ۾ شامل ڪرڻ ئي، منهنجي ڪاميابي جو راز آهي.

ڀهراڙي ۾، بيروزگاري ۽ خشڪ زندگيءَ اهڙو تنگ ڪيو، جو مزدوريءَ لاءِ چاچي مباري خان جي باغ تي اٺ آنا في ڏينهن جي حساب سان طئي ٿيو. محمد حريف کي ڪجين جي باغ جو ٺيڪو ڏنل هو، پر ٻئي ڏينهن تي ان ڪم لاءِ ڪنهن ٻئي ڇوڪريِ کي بيهاري ڇڏيو، جنهن جو اجان تائين ڏک اٿم.

مون کي ياد آهي، جڏهن مان ننڍو هوندو هئس، ته امڙ پنهنجي مائٽن ڏانهن رسولپوَر گهمڻ ويندي هُئي ته مان ساڻ هوندو هُئس. اِها ڳالهه ان وقت جي آهي، جڏهن مان ٻئي درجي ۾ پڙهندو هئس. امڙ کي يائر لاپي ۾ اَنُ وغيره ڏيندا هُئا، جيڪو امڙ مامي حاجي بخت علي جي دڪان تي وڪڻي، حسب ضرورت پيئي سودو وٺندي هُئي. هڪ ڀيري مامو جڏهن تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾، اَنُ وجهي ٻئي پاسي وٽ وجهندو رهيو، پر تور دوران مسلسل هڪ پڙُ مٿي، ته ٻيو هيٺ ٿيندو رهيو ۽ مامو مختلف وٽ وجهندو ۽ ڪڍندو رهيو. آخرڪار مان، مامي کي اشارو ڪري چيو ته هي وَٽ وجهو، جنهن جي وجهڻ سان تارازيءَ جا ٻئي پڙ برابر ٿي بيٺا. مامي حيران ٿي امڙ کي چيو، ته اَدِي هي ڇوڪرو ڏاڍو ذهين آهي. هن کي ضرور پڙهائجانءِ. مامي جي سَڪٽي ساراهه ته ايتري ڪونه وٽي پر جي هڪ ڪَٽمِنڙو ڏئي ها ته مان اڄ تائين سندس اهو احسان ضرور ياد رکان ها. مامو حاجي بخت علي، امڙ کي ڪافي مالي سهارو ۽ حوصلو ڏيندو رهندو هو نه ته اسان جو حال مڙيوئي پورو هيو ۽ ناناڻي راڄ ڪري، ڳوٺ ۾ به ڪو ايرو غيرو هرو پرون نه ڪؤسندو هو.

سوٽ زوار جتوئيءَ، پنهنجي گهر جي اڏاوت شروع ڪرائي ته اُن تي مزدوري لاءِ وچي مستريءَ سان مليس، جنهن هڪ روپيو هر روز تغاري جي ڪم لاءِ مقرر ڪيو. شام تي پئسا صبح ڏيڻ جي آسري تي ٿاري ڇڏيائين، سڄي رات منهنجي اگهاڙي ٽِڪڻ سڙندي رهي، جڻ تابڪاري تپش يا باهه جي ڇپي ۾ لوساڻجي وئي هجي. اهو ان ڪري جو مان ڪمائي جي جوش ۾ بغير ڪنهن ڪپڙي يا سينهُون مٿي تي رکڻ جي، پريل تغاري اُگهاڙي ٽِڪڻ تي رکي، مٿئين منزل تي پهچائي. اهو ڪم سياڻي پئسن ملڻ جي آسري تي، چار ڏينهن لڳاتار ڪري بند ڪيم ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خبر پئي ته مستري به ڪم ڇڏي هليو ويو هو. مزدوري نه ملڻ تي ڏاڍو افسوس ۽ ڏک ٿيو جو مستري جو ڪو اُتو پتو ئي ڪونه پئي مليو. هڪ ڏينهن بهادر علي ۽ مان بوزدار شهر مان بيل گاڏي ڪاهيو پيا اچون ته اوچتو منهنجي نظر هڪ دڪان تي پئي، جنهن ۾ هي ساڳيو مستري وينو هو. مان بهادر فقير کي احوال ٻڌايو ۽ پوءِ گڏجي پئسن بابت گهرُ ڪئي، جنهن تي هُن پئسن بدلي، دڪان مان سامان کڻڻ جو چيو. مان سوچي ڳوٺ ۾ دوڪان کڏڻ جي نيت سان، چوندي سامان کنيون ۽ دڪان هلائڻ شروع ڪري ڏنو. جنهن ۾ الله تعاليٰ ايتري برڪت وڌي جو گهر جو خرچ، نوان بوٽ ۽ هڪ مشهور اعليٰ درجي جو ’صوفي‘ ڪپڙو وٺي جوڙو سبرايو. جنهن کان پوءِ منهنجي قسمت کلي ۽ دنيا ۾ ڪاروبار جي برڪتن جي خبر پئي.

ان حوالي سان مغربي ملڪن ۾، عيسائي تهوارن جي موڪلن دوران شاگردن کي مختلف دڪانن تي مناسب پگهار جي بدلي رکيو ويندو آهي ته جيئن نئين نسل کي ڪاروبار جي ڄاڻ سان گڏ مختلف ماڻهن سان گڏيل رابطا ناهڻ جو تجربو حاصل ٿئي.اهو رواج هتي انڪري ڪونه آهي جو هتي ڪُتِ خلق گهڻي آهي، پر معيار کان خالي آهي.

خواب ۾ نبي سڳورو جو ديدار

انسان جي ذهن کان ويهن سالن واري عمر کي سڄي عمر جو ’سونهري‘ حصو چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، جو اِن عرصي ۾ توهان پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ۽ دنيا ۾ ڇا ڪرڻو آهي، اهو سڀ طئي ڪري زندگي ناهي سگهندو آهي، بشرطيڪ ذهن ۾ اڏام، مستقل مزاجي ۽ منزل مقصود واضح هجي. باقي جيڪي ماڻهو پنهنجي زندگي جو ڪو مقصد نه

تا ٻڌائي سگهن، اُهي ڪاميابيءَ جي منزل ڪي ڪڏهن بہ پهچي نہ سگهندا. خواب حقيقتن ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا، پر اسان ۾ بہ اهو حوصلو، صبر ۽ همت هجڻ لازمي عمل آهي. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ اڳتي ڇا ڪرڻو آهي، تنهنجي خبر ڪونہ هُئي نہ وري ڪو رهنمائي ڪرڻ وارو مليو اها ڪوشش ڪندو هئس تہ نماز ۽ روزي سان لڳاءُ رهي ۽ ڪوڙ کان پاسو ڪندو هئس. راتين جو عجيب خواب ايندا رهندا هُئا ۽ انهن خوابن مان ائين محسوس ٿيندو هو تہ زندگي جي ايندڙ وقت ۾ انقلاب يا هلڪي ڦُلڪي تبديلي ضرور ايندي. رات جو خواب ۾ اڏامڻ جا عجيب نظارا ايندا هئا وٽن، باغن مٿان اڏامندو رهندو هئس. هڪ رات جو اهڙو خواب نصيب ٿيو، جنهن ۾ آسمان جو اولاهون اڌ سئنيما جي پردي واري اسڪرين وانگر رنگين ٿي ويو ۽ باقاعدي اعلان ڪيو ويو تہ سڀ ماڻهو آسمان جي اولاهين حصي تي پنهنجون نظرون ڄمائين جو اسان جو نبي، محمد صلم جن اُمت کي ديدار ڪرائيندو. سڀ ديدار لاءِ بيتاب ٿي پنهنجون نظرون، آسمان جي اولاهين اڌ گول واري اسڪرين تي ڄمايون ۽ ٿوري دير کان پوءِ، پردي کي ڦاڙي هڪ حَسين نوجوان، اڇي لباس ۾ ملبوس، هٿ ۾ تلوار کڻي خيمن جي سامهون اڇي ٻينو ۽ تلوار هلائيندو رهيو. سندن منهن ۾ ڪاري ڏاڙهي ۽ مٿو ڍڪيل بلڪ هٿن ۽ منهن کان سواءِ ٻيو سڄو جسم اڇي لباس سان ڍڪيل نظر آيو. اِهو منظر ڏسي، ماڻهن وڏي آواز سان پيغمبر خدا تي صلوات جا ورد شروع ڪيا، جنهن ڪانپوءِ، مون کي سُجاڳي ٿي وئي. هي هڪ اهڙو خواب هو جنهن منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي (سبحان الله). مان اِن خواب جو ذڪر هڪ بزرگ سان، سندن خليفن جي سامهون ڪيو تہ فقير سائين اِن خواب کي اهميت نہ ڏني بلڪ ائين چيو تہ پاڪستان جي فتح ٿيندي پر ڪجهہ وقت پوءِ پاڪستان، 1971ع ۾ بہ ٽڪر ٿي پيو.

بابا هر هفتي ضرور فقير فولاد علي وٽ حاضري ڀرائيندو هو جتان اسان لاءِ انب ۽ ڏوڏا ڪٺي اچي کارائيندو هو. گذريل سال رمضان ۾ مان جڏهن حيدرآباد ۾ واقع ’قرآن اڪيڊمي ۽ جامع مسجد‘ ۾ اعتقاف لاءِ وينس تہ اُتي هڪ پراڻو ڪميونسٽ خيالن جو پٽڪيل ۽ ڪامريڊ مسٽر خادم حسين ٻجاراڻي، جيڪو سيپڪو (SEPCO) ۾ لائين مين ۽ بهادر فقير جو پٽ ساٿوڙي پئي لڳو. تنهن ٻڌايو تہ خيرپور جي ڪامريڊ ۽ هاري ڪاميٽي جي صدر، مسٽر شاهہ محمد دُراني (ٻچل شاهہ پاڙو) جا ڪجهہ

عزيز جڏهن زيارتن خاطر اِيران ويا تہ اُتي هن جي عزيزن جا پاسپورٽ ڏسي، اتان جي آفيسرن هڪ ٻئي کي چيو تہ هي ماڻهو فولاد علي فقير جي وطن جا آهن.

ڳالهہ پئي هلي دنيا ۾ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ، جُستجو ۽ جاکوڙ جي،سو مان نندي هوندي هڪ ڏينهن پنهنجي چاچي صالحيان، زوجہ چاچو زوار شرف الدين کي هٿ ڏيکاريو، جو هُن کي ڪا قدرتي ڄاڻ هُئي، حالانڪ الف.بي کونہ پڙهيل هُئي. منهنجو هٿ ڏسي، چوڻ لڳي تہ،”ابو توکي الله تعاليٰ وڏو ڀاڳ ڏنو آهي“، تجسس وچان پڇيومانس تہ چاچي ڪجهہ وڌيڪ تفصيل ٻڌاءِ تہ هن چيو ”الله توکي رزق ججهو ۽ جام ڏيندو، ست سمنڊ ڏوراهين ولايت ويندي ۽ پنهنجي پسند جو پرڻو ڪندين.“ مون کي چاچي جون ڳالهيون، هوا ۾ تير مثل لڳيون.دل تي ڪوئي اثر انڪري نہ پيو، جو روان صورتحال مطابق، چاچيءَ جون ڳالهيون ائين هيون ڄڻ ٻٻرن کان ٻير گهرڻ.

چوندا آهن تہ ڪَکَ هيٺان لک، سو چاچي بہ ڪا درويش هُئي، يا ڪنهن الله واري جي ڌي هوندي. هاڻي جڏهن ياد ايندي آهي، مان سندس روح لاءِ دعا گهرندو رهندو آهيان. هن دور ۾ اهڙا انسان توهان کي ڳولئي ڪونہ ليندا. وقت گذرڻ سان، ربَ مهربان ٿيندو ويو، جو پوءِ چاچي جون هٿ واريون ٻڌايل ڳالهيون ائين سچيون ٿينديون ويون، ڄڻ هُن منهنجو مقدر جو ڪتاب تفصيلي طور پڙهيو هجي.

ممتاز ڪاليج خيرپور

برادرم ظفر علي خان جيڪو اُن وقت انگريزي ماستر هو، تنهن مشورو ڏنو تہ انٽر پري انجنيئرنگ، ممتاز ڪاليج خيرپور (هن وقت لطيف يونيورسٽي جو حصو آهي) ۾ داخلا وٺڻ گهرجي. هفتو کن سوچ ويچار ۾ گذري ويو، جنهن کانپوءِ،ممتاز ڪاليج ۾ داخلا (1969) لاءِ تياري شروع ڪئي. خيرپور، 60 ڪلوميٽر پري هجڻ سان گڏ ۽ پڪن رستن نہ هجڻ ڪري،صرف هڪ ڪنارو بس جنهن کي سَچُو جي بس سڏيندا هئا، جيڪا بس بوزدار وڏا کان صبح جو خيرپور رواني ٿيندي هُئي ۽ شام ڌارين موٽندي هئي. جنهن جو مقرر گسُ بوزدار وڏا، ٽالپور وڏا، راڻيپور کان ٿيندي ڪنب، ڪوٽڏجي ۽ سوهو قناصرا کان وچي خيرپور وٽ ختم

ٿيندو هو اُن وقت صرف نيشنل هاءِ وي راڌيپور، ڪنب،ڪوٽ ڏجي ڪان ٿيندو ويندو هو ۽ صرف ٻيو ڪوئي به پڪو رستو نهيل ڪونه هو.
ٽالپور وڏا ڪان بس ۾ ويناسون، پوءِ جڏهن ڪوٽڏجي ڪراس ڪيائين، ته انجن خراب ٿي پئي ۽ سيني مسافرن کي لاهي ڇيائون، ته بس اڳتي نه هلي سگهندي. توهان هاڻي پنهنجو پنهنجو رستو پڪڙيو. اهڙي قسم جي حالت هفتي ۾ هڪ به پيرا ڪا وڏي ڳالهه نه سمجهي ويندي هئي. ڏاڍي پريشاني ٿي جو ڪاليج بند ٿيڻ جو وقت اچي ويجهو ٿيو. پراڻي نيشنل هاءِ.وي تي بيهي گاڏين کي لفٽ لاءِ هٿ ڏيندا رهياسون. انهن ڏينهن ۾ بسون ۽ ويگن جهڙيون سواريون نه هجڻ جي برابر هونديون هُيون. آخرڪار هڪ ڪليل وليز جيپ بغير ڪئواس جي جيڪا اڳتي سواريءَ سان پريل هئي، سان اچي اڳيان بيهي رهي ۽ ڪرائي جو ڳالهائي جيپ تي چڙهڻ لاءِ چيو. غنيمت سمجهي، ڪليل جيپ جي پُٺ واري ديوار، جتي اسپيئر ٽائر قاتل هوندو آهي،ان مٿان پير اندر ڪري ڍالي ۾ هٿ ڦباڻي ويهي رهيس. پُراڻي جيپ، جڏهن هلڻ لڳي ته ڏاڍو خوف ٿيو،مٿان ڪري پوان ۽ جڏهن ڪاليج سامهون لاٿائين، ته پوري طرح ڪپڙا ۽ وار مٽيءَ سان ڏوڙ تي ڇڪا هئا. پاڻ چندي وجي، ڪاليج جو دروازو ٽپي فارم وٺڻ لاءِ دريءَ وٽ پهتس ته اُتي هڪ هلڪي ڏاڙهيءَ سان ملازم وينو هو. منهنجي حالت ڏسي، هُن کي شايد يقين ڪونه آيو، ته هي به ڪو داخلا وٺڻ وارن مان هجي، سو داخلا فارم گهرڻ سان مون کي ٽوڪ جي انداز ۾ چيائين ته، انجنيئرنگ جي هِجي (Spelling) ته ٻڌاءِ. هڪ جيپ جي سفر پريشان ڪيو هو ٻيو وري پهريون دفعو ڪنهن گاڏي يا بس ۾ چڙهي شهر آيو هئس، سو هيڏي هوڏي ڏٺم،ڪيس انجنيئرنگ جي ’هِجي‘ اکرن تي زور ڏئي ٻڌايم پوءِ هُن مسڪرائي فارم ڪڍي ڏنو.
فارم وٺڻ ڪانپوءِ شاهه صاحب جو هي بيت ياد آيو:

سڪنها يـانءِ مَ سَـپ، وِياءَ واسـينگن جا
جنين جـي جَهڙپَ، هـاٿي هنڌان نه چُري
(شاهه)

ڳوٺ اچي فارم پري، اُن سان گهربل سرٽيفڪيٽ شامل ڪري پوسٽ ذريعي، ڪاليج ائڊريس تي موڪلي ڏنا ۽ پندرهه ڏينهن ڪانپوءِ خبر پئي ته فرسٽ ايئر پري انجنيئرنگ ۾ داخلا ٿي وئي آهي ۽ ڪلاس شروع ٿيڻ وارا آهن. ساڳئي وقت، امتياز بوزدار رئيس حسين بخش بوزدار جو پائيٽو)،ربنواز ٻبر ۽ گل محمد جلالاڻي.نصير فقير جلالاڻي جي اولاد

مان،جيڪي بوزدارن کان اوپر ميرواه جي ٻئي پاسي تي سندن ڳوٺ آباد آهي، تن ٻه ممتاز ڪاليج ۾ داخلا ورتي، سو مان ۽ امتياز بوزدار خيرپور ۾ گڏ رهڻ لاءِ ڪو مناسب بندوبست جو ارادو ڪيو، پوءِ اُن گل محمد جلالاڻي وارن سان ڳالهايو، اُنهن جي خيرپور ۾ هڪ پڪي جڳهه هئي جتي عارضي طور رهڻ جو بندوبست ٿئي ٿيو. بستر ٻوري ۾ ڪٽي جلالاڻين جي جاءِ واقع پنج هٽي پرسان وجي رهياسين. فرنيچر ايترو ڪونه هو جو هڪ ڪمري ۾ صوفا پيل هُئا. ڪتن جي بندوبست ٿيڻ تائين انهن تي سمهندا هئاسين، ليڪن ياد آهي تہ ڇهہ مهينن لاءِ انهن صوفن کي بسترو ڪري استعمال ڪندا رهياسون.

پهرين ڏينهن ڪاليج ۾ پهتاسين تہ هڪ هال ۾ جمع ڪري، ڪجهہ استادن سان تعارف ڪرايو ويو ۽ ٻئي ڏينهن باقاعدي سان ڪلاس ۾ پڙهايو ويو آئون ٻهراڙي مان هجڻ ڪري هتي جو شهري ماحول منهنجي لاءِ اوپرو هو هر روز هر شئي نئين لڳي رَهي هُئي.

ٽئين ڏينهن صبح جو، جيئن ڪاليج جي ٻاهرين ميدان ۾ پهتاسين، تہ سڀ ڇوڪرا ٻاهر بينل هُئا ۽ احتجاج ڪري نعرا هڻي رهيا هُئا. اُهي سڀ سينئر شاگرد لڳي رهيا هُئا ۽ اينڊز شاگردن کي ڪاليج بلڊنگ اندر داخلا کان منع ڪري، جلسي ۾ شامل ڪندا رهيا. 'امان منصوري مڙده باد' جا وڏي بلند آواز سان نعرا لڳائڻ شروع ڪيائون. آئون ٻہ اُن ۾ شامل ٿي ويس، حالانڪ خبر ڪونہ پي پئي تہ ماجرا ڇا آهي. آخرڪار پوري مجموعي کي ڊپٽي ڪمشنر آفيس پيدل هلڻ لاءِ چيو ويو، جيڪا تقريباً ٽي ڪلو ميٽر پري هُئي. زور سان 'امان منصوري مرده باد' جو نعرو لڳائيندا، پراڻو نيشنل هاءِ وي ڏئي وجي D.C آفيس پهتاسين تہ اتي پوليس بيٺي هئي ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ جلسو ڇڙ وڇڙ ٿي ويو. آئون پريشان ٿي ويس تہ هي آخر ڇا هُيو جو ۽ مون کي ڄاڻ نہ هئي تہ اِن نعري جو مطلب ڇا آهي. پوءِ هڪ سينئر کان پڇيم تہ يار هن نعري جو مطلب ڇا آهي، جنهن سمجهايو تہ 'امان منصوري'ڪيميا مضمون جو استاد آهي ۽ هُن ڪجهہ ليڊر ڇوڪرن کي ناپاس ڪيو هوندو، جنهن ڪري اُن جي بدلي ٿا ڪرائين.

انن مهينن ڪانپوءِ مالڪن جي خواهش تي جاءِ خالي ڪري ڏيٽي پئي اُن ڪانپوءِ خيرپور جي شاهي بازار ۾ گل محمد سولنگي جي دڪان مٿان هڪ بغير باٿ روم جي ڪمرو نهيل هو تنهن ۾ ڪجهہ عرصو فقير هدايت علي شر سان گڏ رهياسين جو هُن ٻہ ڪاليج ۾ اڇي داخلا ورتي هُئي ۽ سولنگي سندن پراڻا واقف ۽ دوست هُئا.

ڪاليج وڃڻ لاءِ هڪ پراڻي سائيڪل ورتم، جيڪا آخر تائين شامل حال رهي ۽ هڪ دفعي ڪرايو نہ هجڻ جي صورت ۾، سٺ ڪلوميٽر چڙهي ڳوٺ ويو هُيم، پوءِ سوهو ڳوٺ وٽ پنچر ٿي پئي، جتي چار آنا ڏئي پنچر هٽايو هيم. ڪوٽڏڇي ڪان ميرواهہ جو ساڄو بند وٺي بوزدارن ڪان سڌو ڳوٺ اچي پهتو هئس.

ڪاليج ۾ ون يونٽ جي دوران، گهڻا استاد پنجاب ڪان آيل هُئا. جن ۾ فزڪس جو استاد عبدالمجيد، رياضي جو استاد، خواجہ جيڪو ويسپا تي ايندو ويندو هو. ڪيميا جو امان منصوري، اِهي ڏاڍا هوشيار ۽ قابل استاد هُئا. رياضيءَ جو بيواستاد، غلام سرور شاهہ جيڪو اڳتي هلي نواب شاهہ جي انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسيپل بہ رهيو، جنهن وقت (1978) آءٌ اتي اسسٽنٽ پروفيسر هئس. استاد غلام سرور شاهہ (خيرپور شهر) ڏاڍو ذهين ۽ هوشيار هوندو هو ۽ Honda 50 تي چڙهي ڪاليج ايندو ويندو هو. قد جو ڊگهو ۽ اکيون وڏيون،بوربہ تي نِوڙي لڪندو هو.

استاد ڊاڪٽر عطا محمد حامي بہ اسان کي سنڌي پڙهائيندو هو ڏاڍو قابل انسان هو ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف بہ هو.

انٽر جي آخري حصي ۾ برادر ظفر علي خان،1970ع ۾، جڏهن In service ٽريننگ لاءِ خيرپور آيا تہ پوءِ هڪ جاءِ ڪرائي تي وٺي، اُن ۾ گڏجي رهياسون. ادا جي ٽريننگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ آخري ڇهہ مهينا ڪن خيرپور جي بچل شاهہ پاڙي ۾ محسن شاهہ بن دين محمد شاهہ جي اوطاق ۾ رهيس، جيڪا اسان جي عزيزن، مسٽر شهباز علي بن موج علي ۽ استاد نظر حسين جي معرفت ملي. ٻئي پاٹر شاهہ اهڙا تہ پڪا حُسيني هئا جو چوويهہ ڪلاڪ ڪارا ڪپڙا پهريل ۽ سڄو ڏينهن وينا اوطاق ۾ وڏي آواز سان مرثيا ڳائيندا رهندا هُئا.

الحمد الله سخت محنت ۽ ڪشالا ڪري، انٽر پري انجنيئرنگ فرسٽ ڪلاس، 1970ع جي آخري حصي ۾ پاس ڪري نڪتاسون.

مون کي اُن جڏڙي سائيڪل جو ساٿ ڏاڍو ياد ايندو آهي، جنهن پورا ٻہ سال ڏکيا سُکيا مون سان گڏ گذاريا ۽ خيرپور ڪان ممتاز ڪاليج جي وچوارا ٽي ڪلو ميٽر پنڌ، هر روز خونخوار ۽ خوفناڪ ٽرڪ ڊرائيورن ڪان بچائڻ ۾ ساٿ ڏنو جتان زنده بچڻ ڪنهن معجزي ڪان خالي نہ هو.

خيرپور ۾ رهائش دوران ڳوٺ مان مِٺِ مَائٽ پنهنجي ڪمين ڪارين،بيماري سيماري دوران ايندا رهندا هُئا.جن ۾ ماسات واحد بخش خان پنهجي ويسپا ۽ لنمبريٽا اسڪوٽر تي ايندو هو جو سندس نوڪري

ڪوٽڏچي فارم تي هوندي هئي. ماسات سان گڏ خشڪ صاحب بہ گڏ نوڪري ڪندو هو، ڏاڍو مذاقي ۽ خوش طبع انسان هو خشڪ صاحب هڪ دفعي ڪچهري دوران ٻڌايو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ نقلي ڊاڪٽر آهي، جنهن وٽ هڪ پيرسن پنهنجو ننڍو ٻار وٺي آيو. ڊاڪٽر ٻار جي نبض ڏسي، اکيون ڦاڙي پوڙهي کي چيو تہ بابا ’هن کي ٿاءِ سَوَ ڊگري بخار هي‘. مريض وجڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر چيو تہ سائين جي ائين نٿا ڪوڙ ڳالهايون تہ هو اسان جي سچ کي ڪوڙ سمجهن ٿا. سو رُڪ ڪٽي رُڪ ڪي، وارو قصو آهي. مريضن کي توهان جي خوف نہ ڏنو تہ توهان کي پئسا ڪونہ ملندا سو روزگار لاءِ اِهي نوان ڪرتب ڏيکارڻا پون ٿا.

خيرپور جي شاهي بازار واري رهائش تي، سوٽ شفيع محمد بيمار ٿي آيو، جنهن کي سِول اسپتال ۾ پندرهن ڏينهن علاج ڪرايو ۽ ٻيو سوٽ وڏيرو قادر داد خان بہ ڪافي بيماري حالت ۾ سِول اسپتال مان علاج لاءِ آيو جيڪو صحتياب ٿي ريل ذريعي واپس ٿيو.

استاد غلام سرور شاهہ گرميءَ جي ڏهاڙن ۾ ڪاليج جي پرسان واقع واپڊا ڪالونيءَ ۾ ڪنهن انجنيئر کي ڪتاب ڏيڻ لاءِ مون کي موڪليو. آفيس تائين پهچندي پگهر ۾ شل ٿي ويس، جڏهن آفيس ۾ پهتس تہ جسم کي اوچتو ڏاڍي ٿڌڪار لڳي ۽ پريشان ٿيس تہ هي ڇا ٿي ويو. پر ٿوري دير کان پوءِ خبر پئي تہ هڪ دري مان هڪ اهڙي مشين نظر آئي، جيڪا ٿڌي هوا ناهي ڪمري اندر موڪلي رهي هئي. ايئر ڪنڊيشنر ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو اهو منهنجو پهريون تجربو هو جيڪو ڪالج واري وقت دوران ٿيو.

ملڪ اندر 1970ع ۾ ڪافي سياسي وڳوڙ رهيا جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. اِن سياسي ڀونچال ڪري تعليمي ادارا هڙتالن جي ڪري گهڻو عرصو بند رهڻ سبب ساليانا امتحان پوئتي ٿيندا رهيا.

ون يونٽ ٽوڙڻ واري مهم ۾، اسان ڪئي دفعا خيرپور شهر جي شاهي بازار بند ڪرائي ۽ جلوس ڪڍي قومي شاهراهہ تان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽريفڪ معطل رکي.

باشعور انسان اُهو آهي، جيڪو مستقل مزاجي ۽ اڻٿڪ محنت سان پنهنجي اڄ کي، گذريل ڪالهہ کان بهتر بڻائڻ جي جستجو ڪندو رهي ٿو. اِن حوالي سان مون کي ڇهہ مهينا ڳوٺ اُن ڪري گذارڻا پيا جو انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پهرين سال واري شاگردن جا اڄان امتحان ئي ڪونہ

ٿيا هُئا. چوندا آهن تہ ساڳيا چڳهہ ۽ ساڳيان لاٽون، پر تنهن هوندي بہ انسان کي تڪليفن کان گهٻرائڻ نہ گهرجي، جو اِهي سوچڻ تي مجبور ڪنديون آهن ۽ سوچڻ سان ئي ماڻهو ڏاهو ٿيندو آهي ۽ ڏاهپ ماڻهوءَ کي جيئڻ جون سَوَين واٽون ڏيکاريندي آهي، جنهن ڪانپوءِ هو هن دنيا ۾ ڪاميابي سان رهڻ جي لائق ٿيندو آهي. هونئن بہ جي زندگي ايتري آسان هجي ها تہ ڪوئي پيي ٻارماءُ جي پيٽان روئندو نہ اچي ها. تنهنڪري ڇهہ مهينا ڳوٺ رهڻ منهنجي لاءِ سبق آموز رهيو، جو هتان جي ماڻهن جون چالاڪيون، ڪينا حسد ۽ منافقين کان واقفيت ملي ۽ تجربو حاصل ٿيو. اهو ائين آهي جيئن ننڍي ٻار کي هدايتون ڏئي هلڻ سيکارجي، پر هُو ڪڏهن بہ هلڻ ڪونہ سکندو، جيستائين هو ڪيترائي ڀيرا هلي، ڪِري نہ پئي ۽ اُٿڻ ڪانپوءِ هلڻ جي مشق مسلسل جاري رکي.

ڳوٺ ۾ زمين ڪاهڻ ۽ مال چارڻ جي وڏي مهارت حاصل ڪئي. ڊسمبر جي اڌي رات جي سردي ۾، پيرين اگهاڙو تن بدن تي اڌپورا ڪپڙا، ٽن ڪلوميٽرن جي ڊگهي ڪَڙيي جي پُڇڙي ۽ آخري پيچ، زمين ڪڙيي جي ڪپرن کان اڌ فوٽ مٿي، آباد ڪرڻ نهايت ئي هڪ مشڪل مرحلو هو. زمين جي سطح کي هيٺ ڪرڻ جي حوالي سان، اسان پنهنجي گهر ۽ چوڌ طرف اوڏڪي يت ڏيارڻ لاءِ مٽي ڪٽائي ۽ سڄي ڳوٺ کي مٽي ڪٽڻ جي اجازت ڏني، جنهن ڪانپوءِ ڏاندن وسيلي ڪيڻ هٽي ڪڏون پوريون،جنهن ڪري زمين جي سطح ۾ ڪافي هيٺائين آئي ۽ اڌ جريب (ويهہ ويسا) غيرآباد پيل زمين پڻ آبادي هيٺ آندي، جنهن ۾ ڪجين ۽ انبن جا وڻ رکيا ويا.

ٻهراڙي جي بدحالي ۽ بي حسي ڏسي خاموش ٿي نہ وينس، پر باهمت ۽ پُر عَزم ٿي، ترقي جي راهہ ۾ هر ايندڙ رڪاوٽ مُسمار ڪندو اڳتي وڌندو رهيس.

مان انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ بہ مال وغيره چارڻ لاءِ سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر رهندو هئس پر ان وقت سڀ ڇوڪرا نوجوان هوندا هُئا پوءِ ڪليل ميدانن ۾ مختلف رانديون جهڙوڪ، ٻِلهاڙو، لِڪ ڇُپ، ملهہ، ڪوڏي ڪوڏي، تتر ۽ ڪڪڙ ويڙاهڻ، پتا ڪيڏڻ واهن، تلائن، ڍنڍن، ڪوهن ۾ ترڻ ۽ واهن ۽ ڪڙيي جي ڪپر سان ترڪڻ ٺاهي ترڪڻ، شامل هوندو هو.

هڪ دفعي جهنگ ۾ مينهون چاريندي رحيم بخش سان ملهہ وڙهندي ڪيس اهڙو ڏک ڏنو جو سندس ٻانهن ڀڄي پئي. مان ڊڄي ويس، پر ڪيس سندس گهر تائين پهچائي، پنهنجي گهر هليو ويس، ٿوري دير ۾ چاچو هوندل خان ڪڙيي سان گاريون ڏيندو پئي آيو تہ مان گهر ۾ لِڪي ويس

پر جڏهن بابي کيس ويهاري حُقو پياريو تہ ناراضگي ختم ڪري پنهنجي گهر هليو ويو. قديم زماني ۾ انسانيت جا اخلاق ۽ قدر هوندا هُئا جيڪي هاڻي نظر ڪونہ ٿا اچن. بي حسي ۽ عدم برداشت جو اهو عالم آهي جو هر هڪ ٿڏي تي پنهنجو فيصلو پاڻ ڪرڻ چاهي ٿو.

هڪ ڏينهن مان جڏهن ڪاليج کان موڪل تي ڳوٺ پهتس تہ امڙ مون کي علي خان جي دانهن ڏني تہ هڪ ويسو مير بحرن کان پئسن تي ورتل گوار پنهنجن مينهن کان پيلائي ويو آهي. منهنجي رت ۾ اِها شيءِ قدرتي شامل آهي، جو ظلم ۽ ڏاڍ ڪندڙ جي ڳچي ۾ پوندو آهيان. مان امان کان ڳالهہ جي پڪ وٺي، ڪچڙي منجهند ڏارين،پستول پري، ڪُهاڙي هٿ ۾ ڪري، چاچي مباري جي گهرن ڏانهن روانو ٿيس ۽ امڙ کي اِن ڳالهہ جو اندازو لڳائڻ ڪونہ ڏنم. هي آهي انڌي جواني، جنهن تي مان هاڻي پشيمان ٿيندو آهيان تہ مون کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي ها پر غريب جو مجبوريون عام ماڻهوءَ جي سمجهڻ کان ٻاهر هونديون آهن. مان زيادتي برداشت ڪونہ ڪري سگهندو آهيان ۽ مان هر اُن ماڻهوءَ کي بزدل سمجهندو آهيان جيڪو پنهنجي حق لاءِ آواز بلند نہ ٿو ڪري سگهي. مان اوطاق ۾ پهچي ڏٺو تہ سامهون واري زمين جي ناڙ تي ارباب خان ۽ مير هزار مال جهليو بيٺا آهن. مان سڌو ارباب خان کي گوار پيلائڻ جي دانهن جڏهن آڪڙ ڪري ڏني تہ هو بلڪل خاموش ٿي ويو. ارباب خان سياڻو انسان هو جو منهنجي آواز ۽ اکين جي شور کي فورن سُڃاڻي خاموشي اختيار ڪئي. مير هزار ٻاري جي ٻئي پاسي مال سان بيٺل هو ارباب خان سان ڏي وٺ ڪري، مان واپس ٿي رستي تي هڪ فائر ڪيو، جنهن جو آواز ٻڌڻ کان پوءِ ٻئي پائر ارباب خان ۽ قادرداد خان اسان جي گهر آيا ۽ بابي ۽ ادا سان منهنجي شڪايت ڪئي. چاچي مبارڪ خان جي آکهہ اسان جو هونءِ بہ خيال ڪندي هئي ۽ اُن وقت برداشت گهٽي هوندي هُئي. اِن ڪاروائي جو نہ صرف اسان کي فائدو ٿيو پر پوري پاڙي وارن کي بہ رسيو جو اِن واقعي ڪانپوءِ پوري ڳوٺ ۾ ڪنهن جي بہ پيل ڪونہ ڪرائي ويندي هُئي.

ڇهن مهينن جي ڊگهي موڪل ڳوٺ ۾ محنت ڪري گذاري، جنهن ڪانپوءِ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا فارم ڀريو. جنهن سان رهائشي سرٽيفڪيٽ (Domicile Certificate) موڪلڻ ضروري هُئو. اُن وقت رهائشي سرٽيفڪيٽ وٺڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هوندو هو بهرحال هر جاءِ تي الله سائين جي مدد ٿيندي رهي جو سڀ ڪاغذ تيار ڪري پوسٽ ذريعي انجنيئرنگ ڪاليج جي ائڊريس تي موڪلي ڏنا. ڊوميسائيل ٺهرائڻ لاءِ يونين

ڪائونسل ڪان رهائشي ڪاغذ وٺڻ لاءِ جڏهن مان رئيس بلاول خان (جيڪو اُن وقت بوزدار يونين ڪائونسل جو چيئرمين هو) ڪي نري ميرواهه واري پل تي بيٺل ڏٺو ته ڪيس عرض ڪيم جنهن فورن پنهنجي منشي جيڪو خيرپور جو شر هو، تنهن کي سرٽيفڪيٽ لکڻ لاءِ چيو ۽ اتي جو اتي ٺپو هڻي ڪاغذ منهنجي هٿ ۾ ڏنو. اِها آهي اڳين انسانن جي نظر ۽ سڃاڻپ. بلاول خان ۽ حاجي رسول بخش خان اسان جو تمام گهڻو خيال رکندا هُئا. حاجي رسول بخش خان چانهه پيارڻ کان سواءِ ڪونه ڇڏيندو هو، دعا آهي ته الله تعاليٰ ٻنهين جي مغفرت فرمائي. آمين.

انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو

جيئن ته اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته ملڪ ۾ گوڙ گهمسان هلندڙ هُئا، انٽر جو نتيجو ڇهن مهينن کان پوءِ نڪتو. اُن وقت حيدرآباد مان عبرت ۽ آفتاب اخبارون نڪرنديون هيون ۽ ٻيو حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن هوندو هو، جيڪو شام جو 6:10 تي هر روز مقامي خبرون نشر ڪندو هو جاڻ جا صرف اِهي ئي ٻه وسيلا هُئا. اخبار جو ملڻ مشڪل هوندو هو جو اِها صرف نري شهر تائين ايندي هُئي.هڪ ڏينهن ريڊيو جي ذريعي خبر پئي ته سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو ۾ داخلا شروع ٿي ويون آهن. مون سڀ سَنَدُون پوسٽ ذريعي ڏياري موڪليون ۽ داخلا سنڌ ٻهراڙي (Rural) ڪوٽا تحت بغير انٽرويو جي ’سول انجنيئرنگ‘ ۾ ٿي وئي، جو انٽر فرسٽ ڪلاس ۾ ڪئي هُئي. ريڊيي ذريعي خبر پيئي ته ڪلاس شروع ٿيڻ وارا هئا آئون بستر ٻوري ڪڇي سينارجا ريلوي اسٽيشن تان،پئسينجر گاڏي، جيڪا هر اسٽيشن تي بيهندي آئي،نيٺ اچي حيدرآباد پهچايو، جتان بس ذريعي ڄامشوري پهتاسين. اِهو سڄو سفر منهنجي لاءِ، بلڪل نئون هو، جو اڳ ۾ حيدرآباد اچڻ ڪونه ٿيو هُيم.

ڪاليج جو پرنسيپال،جناب ڊاڪٽر اي.ڪيو.ڪي افغان هو. اُن وقت ڪاليج ۾ رواج هلندڙ هو ته سينيئر شاگرد پهرين سال جي شاگردن سان ’فولنگ‘(Fooling)، يعني نئون شاگردن کي هرويرو تنگ ڪندا هُئا. اُهو رواج صرف پاڪستان جي خاص ڪري سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڏاڍو زور شور تي هو هاڻي به جاري آهي پر هاڻ بيوقوف ڪرڻ لاءِ ان جو نالو مٽائي، ان کي فولنگ جي بدران Ragging سڏين ٿا. اهڙي قسم جو بيهوده رواج، ڪراچي يا پنجاب جي ڪنهن به اداري ۾ نه آهي، بلڪ اُتي نئون

شاگردن ڪي پراڻا شاگرد خوش آمديد چوڻ لاءِ پارٽي (Welcome Treat) ڏيندا آھن ۽ اُن ۾ تُحفن جي ڏي وٺ بہ ٿيندي آھي. نُون شاگردن سان اھڙي حالت ڏسي،ھاسٽل جي ڪمري مان گھڻ نڪربو ھو. اسان جي استاد نظر حُسين شر جو دوست مسٽر مرحوم لياقت علي راڄپر،جيڪو ڊاڪٽر نور احمد راڄپر جو سڳو سؤٽ ھو، ٻئي سال ۾ پڙھندو ھو، جنھن ڪي منھنجي پارت ڪئي وئي. ھي اصل ۾ پڪا چانگ ڪان اوپر،’بُسيرو‘ ڳوٺ جا رھواسي ھئا ۽ اتان جي وڏيري گھراڻي سان تعلق ھُين. نور احمد بہ اڇي ميڊيڪل ۾ داخلا ورتي ۽ اسان ٻئي مرحوم لياقت علي راڄپر جي ڪمري ۾ عارضي طور رھڻ لڳاسين، جو اسان ڪي اجا ڪمرو نہ مليو ھيو. انھن ڏينھن ۾، لياقت ميڊيڪل ڪاليج الڳ ھو ۽ انجنيئرنگ ڪاليج سنڌ يونيورسٽي سان ڳنڍيل ھو.

مرحوم لياقت راڄپر جي ڪري، اسان سان فولنگ وغيره ڪونہ ٿي، البت فولنگ صرف انھن سان ڪئي ويندي ھُئي جن جو ڪنھن گروپ سان واسطو ڪونہ ھوندو ھو. مرحوم لياقت اسان ڪي ايئن بچايو جيئن ڪُڪڙ پنھنجن ننڍڙن چوزن ڪي ڪانوَ ڪان بچائيندي آھي، جنھن لاءِ مان سندس ٿورائتو آھيان ۽ ربَ پاڪ ڪان دعا گھران ٿو تہ کيس جنت ۾ جاءِ ملي. مرحوم لياقت ڪجھ مھينن جي اندر ڳوٺ ويو، اُتي ڪنھن گھرو معاملي ۾ الُجھي پاڻ ڪي پستول جو فائر ڪري آپگھات ڪيو ۽ اسان ڪي اُن ڏينھن شام جو خبر پئي تہ رات جو وڃي ڳوٺ حاضر ٿي سندس وڏي ڀاءُ مسٽر شرف الدين راڄپر سان تعزيت ڪئي ۽ ڏاڍو افسوس ٿيو جو اجان تائين دل تان نٿو لھي.

ڪجھ ڏينھن ڪان پوءِ، شاھ عبدالطيف ھاسٽل جي ٻئي ونگ ۾ E 45ڪمرو الاٽ ٿيو، تنھن وقت ٻن شاگردن ڪي ھڪ ڪمرو الاٽ ڪيو ويندو ھو. ڊگري پاس ڪرڻ تائين ساڳئي ئي ڪمري ۾ رھيس، باقي پارٽنر بدلبا رھيا. پھريائين سکر جو مسٽر غفار شيخ ھو جيڪو آخر ۾ سنڌ جي روڊ ڊپارٽمينٽ ۾ سپرينٽنڊنٽ انجنيئر ٿي رٽائر ڪيائين ۽ ٻيو وري مسٽر محمد يعقوب ڪلھوڙو جنھن پورٽ قاسم جي انجنيئرنگ ڪاتي ۾ نوڪري ڪئي ۽ اتان ئي رٽائرمينٽ ورتي.ھو ھڪ سال مون ڪان سينئر ھو ۽ ڏاڍو سنو انسان ھو.اُن وقت مون ڪي صرف 30 روپيہ ماھوار خرچ ملندو ھو جنھن ڪري ڪنھن ٻئي سرگرمي ۾ شامل ڪونہ ٿيندو ھئس. ڪجھ عرصي ڪان پوءِ پرنسپال بدلجي ڊاڪٽر اي.ايف عباسي آيو

جنهن اسان کي RCC (Reinforced Cement Concrete) جو مضمون پڙهايو. ڏاڍو هوشيار ۽ غريب پرور استاد هو، جو منهنجون ٽئين ۽ چوٿين سال جون فيون معاف ڪندو آيو. ان ڪري جو مان غريب هجڻ سان گڏ محنتي ۽ هوشيار شاگردن ۾ شمار ٿيندو هئس. هر سال آئون امتحانن ۾ پوزيشن ڪڍندو آيس. ٻئي سال ۾ ٿرڊ پوزيشن، ٽئين ۽ چوٿين ۾ ٻئي پوزيشن حاصل ڪيم. ڊاڪٽر حاجي محمود ميمڻ صاحب اسان کي پاڻي جو علم (Open Channel Flow and Hydraulics) جا مضمون پڙهايا. هي استاد تمام ايماندار ۽ نيڪ شخص هو جو آخر ۾ گورنر کيس وائيس چانسيلر لاءِ آڇ ڪئي پر هُن نہ قبولي ۽ پروفيسر شپ ۾ رهڻ پسند ڪيائين. ان ڪري جو اها هڪ سياسي پوزيشن هُئي ۽ ان ڪاڻپوءِ شايد ڪائنس ڪي ناجائز ڪم ورتا وڃن ها. مون سان گڏ ڪلاس ۾ اسي کن شاگرد صرف سِول انجنيئرنگ ۾ هوندا هئا ۽ تقريباً ايترا ئي شاگرد ميڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ جي شعبن ۾ هوندا هئا. تنهن وقت ۾ صرف ٽي شعبا هوندا هُئا ۽ هاڻي تہ ويهن کان بہ مٿي شعبا (Disciplines) مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ آهن، جن ۾ داخلا جو ملڻ بہ ڏاڍو مشڪل آهي. مون سان گڏ پڙهندڙ شاگردن ۾ ممتاز ميمڻ، غلام سرور ڪنڌر، جيڪو اُن وقت اسٽوڊنٽ يونين جو صدر بہ ٿيو۽ هو هاڻي خيرپور انجنيئرنگ ڪاليج جو پرو وائيس چانسيلر آهي. ممتاز ميمڻ،ڊاڪٽر حاجي محمود ميمڻ جو ڀائيٽو آهي ۽ مون سان گڏ ماسٽرس اِن انجنيئرنگ AIT (Asian Institute of Technology) مان 1977ع ۾ ڪئي ۽ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي مان پروفيسر شپ تان رٽائر ڪيو. ان کان علاوه مسٽر عطا محمد شيخ، عبدالوهاب شيخ ٻئي خيرپور شهر جا رهواسي هئا. عطا محمد نواب شاهہ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهائيندو رهيو ۽ عبدالوهاب هاءِ ويز ڊپارٽمينٽ مان سپرنٽنڊنٽ انجنيئر تي رٽائر ڪيو. ان کان علاوه محمد ابراهيم سمون ۽ بخش علي ابڙو، جن ٻنهي AIT مان ماسٽرس ڪئي ۽ پرائيويٽ سيڪٽر ۾ سُنين نوڪرين تي فائز رهيا. منهنجو مقابلو ممتاز ميمڻ، حُسين بخش شيخ، محمد ابراهيم سمون ۽ بخش علي ابڙي سان پهريان پنج چوٽيءَ جي هوشيار شاگردن جي پوزيشن تي فرسٽ ايئر کان هلندو آيو جو آخري سال ۾، منهنجي ٻئي پوزيشن آئي ۽ پهرين پوزيشن ممتاز ميمڻ ڪئين.

جيئن تہ اسان ٻهراڙيءَ جي اسڪولن مان بنيادي تعليم حاصل ڪئي هئي، جنهن جو معيار ايترو ڪونہ هو جيترو شهري اسڪولن ۾ هوندو

آهي، تنهن ڪري سخت محنت ڪرڻي پئي. ڳوٺ وڃڻ لاءِ تقريباً هر ٻئي مهيني ريل ذريعي سينارجه اسٽيشن تي لهي بس ۾ سفر ڪري وڃي نري پهچندي سج لهي ويندو هو. پوءِ نريءَ کان وري ڳوٺ 12 ڪلو ميٽر پنڌ ڪري وڃي اڌ رات ڌاران ڳوٺ پيڙو ٿيندا هئاسين. نري کان ڳوٺ تائين روڊ رستي جي سهولت نه هجڻ ڪري، اچ وڃ جي ڏاڍي تڪليف هوندي هُئي. ڪڏهن ڪو پر واري ڳوٺ مان ڪم سانگي سان نري مان سائيڪل سوار ملي وڃي ته اهو وڏو ڀاڳ وارو ڏينهن هوندو هو. واپسيءَ ۾ به اهو ساڳيو پنڌ ائين ڪري وڃي، سينارجه اسٽيشن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گاڏي جو انتظار ڪرڻو پوندو هو. گاڏيءَ ۾ ويهڻ جي جاءِ ڪونه ملندي هُئي. سڄي وات (220 KM) گاڏي جي در يا گهٽي ۾ مٿين سيٽن جي سهاري بيني وقت گذرندو هو. اُن وقت ڀُٽي صاحب جي حڪومت ۾ شاگردن کي اڌ ٽڪيٽ تي سفر ڪرڻ وارو حڪم پاس ٿيو جنهن کان پوءِ شاگردن مورڳو ٽڪيٽ وٺڻ ئي ڇڏي ڏني ۽ فري ۾ سفر ڪرڻ لڳا، مجال آهي جو ريل جو ٽي ٽي نعرو ڪنهن شاگرد کان سوال ڪري. تڏهن شاگردن ۾ هڪ نارو مشهور ٿيو ته ’جيئي ڀٽو- ڪرايو ڇٽو‘. اِن جو فائدو نه صرف شاگردن پر اڻ پڙهيل نوجوانن به ڏاڍو ورتو جو ٽرين، بس، ويگن ۽ ٻين سوارين ۾ اڌ کان وڌيڪ مسافر ڪرايو ڪونه ڏيندا هُئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته بس ڪنڊڪٽر جڏهن هڪ نوجوان کان ڪرايو گهريو ته هُن جواب ۾ بجاءِ اسٽوڊنٽ جي چيو ته مان ايڪسيڊنٽ آهيان، پر بس ڪنڊيڪٽر ويچارا اڻ پڙهيل هوندا هيا سو اُن کي خير ڪانه پئي. ٽرين ۾ بغير ٽڪيٽ سفر ڪرڻ لاءِ توري محنت ڪرڻي پوندي هئي، جو ٽي ٽي جي هر چُر پُر کي نظر ۾ رکڻون پوندو هو ۽ هر اسٽيشن تي گاڏو مٽائڻو پوندو هو. جيڪڏهن غلطيءَ سان ٽي ٽي ساڳئي گاڏي ۾ چڙهي پوي ته پوءِ اُن جو حل به اهو آهي ته توهان واش روم ۾ وڃي در بند ڪري ايندڙ اسٽيشن جو انتظار ڪريو ۽ پوءِ گاڏو تبديل ڪري پنهنجي جان بچايو. اهو زندگيءَ جو اٽانگو سفر، 1971ع کان 1975ع تائين جاري رهيو.

اُن وقت انجنيئرنگ ڪاليج لاءِ صرف ٽي هاسٽلون مختص هُيون. هڪ سچل هاسٽل، ٻئي شاهه عبداللطيف ۽ ٽئين سر سيد هاسٽل، جيڪا اڳتي هلي زبون حالت هجڻ ڪري 1998ع ڌاري مسمار ڪئي وئي. هر هاسٽل ۾ ٽي سؤ کن شاگرد رهندا هُئا ۽ هر هڪ ۾ هڪ ننڍي ميس هال هوندو هو جنهن ۾ تقريباً پناڻ ٺيڪيدار هوندا هُئا، جيڪي ٽي وقت کاڌو تيار ڪري پئسن تي ڏيندا هُئا. ڏاڍي ڪمائي هوندي هئن جو ڏسندي ڏسندي وڏا

نيڪيدار تي ويا. آئون پئسا گهڻ هجڻ ڪري، ڪاڏو ڪمري ۾ پچائي ڪائيندو هئس. اِن تي پارٽنر ويچارا ناراض ڪونہ ٿيندا هُئا. پر ڪمري ۾ ڪاڌي جي بوءِ ٿيڻ ڪري، پريشان ضرور ٿيندا رهيا. هاسٽل ۾ هڪ وڏو هال مسجد لاءِ مختص ڪيل هو، جنهن ۾ پنج وقت نماز باجماعت سان ٿيندي هُئي.

هاسٽل ۾ هر قسم جا شاگرد رهندا هُئا، ڪي امير گاڏين وارا، ڪي موٽر سائيڪل وارا تہ ڪي وري اسان وانگر پيادا. سنڌ يونيورسٽي ۾ پيون بہ هاسٽلون هونديون هيون،جهڙوڪ انٽرنيشنل هاسٽل، جنهن ۾ اميرن جا بار ۽ ٻاهرين ملڪن مان ايندڙ شاگرد، جن ۾ فلسطيني، اردني، عراقي ۽ مصري وغيره هوندا هئا. ان کان علاوه، اقبال هاسٽل ۽ ٻيا چار بلاڪ سڏيا ويندا هُئا. هِن وقت تہ يونيورسٽي ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي آهي جو رستا بہ ڪونہ ٿا سڃاڻڻ ۾ اچن پر تعليم جو معيار اجان ترقي طلب آهي.

اسان کي ڊاڪٽر ايس.ايم. قريشي صاحب بہ Strength of Materials پڙهايو، ڏاڍو قابل استاد هو. سندس سمجهاڻي ۾ وڏي ترتيب ۽ بلاغت هوندي هئي ۽ ڪاليج کي ترقي ڏئي، جڏهن مهراڻ يونيورسٽي جو درجو ماڻيو تہ هو پهريون وي.سي ٿيو. شفيع محمد لاکو صاحب جن هڪ سال سينيئر هجڻ ڪري، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جو مضمون پڙهايو، جنهن کان پوءِ،هُن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي ۾ وجي نوڪري ڪئي ۽ اُتان سعودي عرب نوڪري لاءِ روانو ٿي ويو. هن وقت لاکو صاحب حيدرآباد ۾ R.C.C Consultants ڪمپنيءَ جو مالڪ آهي. ڊاڪٽر عبدالاحد ابڙو صاحب بہ اسان کي آخري سال ۾ پڙهايو، الطاف احمد ميمڻ بہ Steel Structure جو مضمون پڙهايو ۽ پوءِ جلدي ئي ماسٽرس ڪرڻ لاءِ AIT روانو ٿي ويو. سيد مومن علي شاهہ بہ اسان کي هڪ مضمون پڙهايو، مسٽر اقبال ترڪ بہ هڪ مضمون پڙهايو هو، پاڻ پورٽ ۽ فشريز ڊيپارٽمينٽ مان رٽائر ڪيائون. مومن علي شاهہ تازو ڪتاب لکيو، جنهن جو عنوان ”سنڌ ۾ نئين سوچ جي ضرورت آهي ۽ پڙهڻ وٽان آهي.

اوائلي دور ۾ يونيورسٽي جي مختلف شعبن ۾ ڪنهن گوٺائي شاگرد يا استاد جي معلومات وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ليڪن شروع جي پهرين سال ۾ ڪوبہ اهڙو شخص نري تعلقہ سان تعلق رکندڙ ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو. البت ٻئي سال ۾ مسٽر محبت خان راڄپر جيڪو

بوزدارن جي ٻاهران بگي ڏڙي پرسان واقع راڄپرن جي ڳوٺ جو رهواسي هو تنهن سان ملاقات ٿي جيڪو يونيورسٽي جي ڪنهن آرٽس شعبي ۾ گريجوئيشن ڪرڻ آيو هو. مسٽر محبت خان راڄپر ڳوٺ جي وڏيري جو پٽ هو ۽ ڏاڍو يار ويس ماڻهو هو. هُو شام جو ضرور ملڻ ايندو هو. ان ڪان علاوه ٽالپر وڏا جو سُهاڳ بہ انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ اچي ليڪچرار ٿيو تنهن سان بہ ملڻ ويس. ٽئين سال ۾ اسان جي نري جي ڊاڪٽر سعيد اعوان کي زولاجي ۾ ليڪچرر شپ ملي جنهن سان پڻ مليس. ڊاڪٽر سعيد، ڊاڪٽر حنيف اعوان جو وڏو ڀاءُ آهي ۽ سندن والد نري جي هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن کي کاڌي جو سامان سپلاءِ ڪرڻ جو ٺيڪو ڪٽندو هو. اهو گهراڻو نري جي معزز گهراڻن ۾ شامل آهي جو پنهنجي محنت ڪري اعليٰ تعليم حاصل ڪئي.

سنڌ متحده شر بلوچ تنظيم

الحمد الله، ڳوٺ ۾ مان پنهنجي قبيلي مان پهريون شخص آهيان، جنهن انٽر سائنس جي پري انجنيئرنگ گروپ ۾ فرسٽ ڪلاس، ۾ پاس ڪئي ۽ سِول انجنيئر جي ڊگري فرسٽ ڪلاس، سيڪنڊ پوزيشن 1974ع ۾ حاصل ڪئي. ان سان گڏ انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس ڊگري، 1977 ۾ AIT جهڙي جڳ مشهور، بين الاقوامي اداري مان، ڇويهن سالن جي ننڍڙي عمر ۾ حاصل ڪئي ۽ پاڪستان جي ٻن وزيراعظم، جناب ذوالفقار علي ڀٽو ۽ غلام مصطفيٰ خان جتوئي کان علاوه، ڪيترن ئي وزيرن، پيرن ۽ اميرن سان ملاقات، واقفيت ۽ سلام دعا قائم رکي.

ان کان علاوه، ڪئناڊا جهڙي ملڪ، جيڪو دنيا ۾ رهائش جي حساب سان چوٽيءَ جي مٿين پنجن (Top Five) ملڪن ۾ شامل آهي، تنهن ۾ اهليت جي بنياد تي، قوميت (Immigration) حاصل ڪئي. الحمد الله، پوري ڪٽنب کي دنيا جي ڇهن کنڊن مان پنجن کنڊن جي پنجويهن ملڪن ڪان وڏيڪ ۾ رهائش، سير و سفر ڪرڻ جي توفيق ملي آهي.

شر قبيلي ۾ پهريون ماڻهو هجڻ جو شرف حاصل آهي، جيڪو سعودي آرمي ۾ وڃي، سِول انجنيئر ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ / چيف انجنيئر جي اعليٰ عهدن تي فائز رهيو هجي. پهريون ئي شر آهيان، جنهن جو پروفائيل يا سوانحي خاڪو قابليت ۽ اعليٰ پيشوراڻي

مهارت سبب بين الاقوامي ڪتابن جهڙوڪ، آمريڪي ڪتاب ”دنيا ۾ ڪير ڪئين آهي“ (Who's who in the World) ۽ برطانيه جي ڪتاب Dictionary of International Biography, Cambridge UK 1998) ۾ ڇاپيو ويو آهي. پاڪستان ۾ چيف انجنيئر جي عُهدن تي ڪم ڪيو ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر (MD) جي رتبي تي پهچي رٽائر ڪيو.

ان ڪان علاوه سٺي ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان شهنشاھ سعودي سان مختلف موقعن تي تعارف ۽ هٿ ملائڻ، ولي عهد ۽ نائب وزيراعظم، جناب پرنس سلطان بن عبدالعزيز سان ڪيئي ڀيرا تعارف ۽ هٿ ملائڻ جا موقعا نصيب ٿيا آهن. اِن حوالي سان، مان پنهنجي سيني سنڌي ڀائرن کي عمومي ۽ شر قبيلي جي فردن ۽ نوجوان نسل کي خصوصي، التجا ڪندس ته تعليم جهڙي زيور سان پنهنجي اولاد کي سينگاريو ته جيئن هو پنهنجي زندگيءَ جي ڪاميابيءَ منزل ماڻي سگهن. توهان سڀ ڄاڻو ٿا ته، اسان جا وزير، پير، امير، ڪامورا، زميندار، ملان ۽ مرشد، ڪڏهن به نه چاهيندا ته هاريءَ جي اولاد پڙهي، ڇاڪاڻ ته جاهلن کي ڦاسائڻ ۽ ڦرڻ سولو آهي، بنسبت پڙهيل هاريءَ جي، جيڪو هنن جي اٽڪل بازين جي ڄار ۾ آساني سان نٿو ڦاسي اهوئي سبب آهي جو اسان جو هاري طبقو هيل تائين اڻ پڙهيل ۽ غلاميءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي.

علم جي طاقت ۽ محنت سان انسان اعليٰ رتبي تي پهچي سگهي ٿو. علم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ سجاڳي آڻيو ته جيئن توهان جا ايندڙ نسل غلامي جي زنجيرن کان آجا رهن. مان جڏهن غريب، مسڪين ۽ لاچار انسان کي ڏسندو آهيان ته دل ۾ سوال اڀري ايندو آهي ته هن شخص جي اهڙي حال ۾ رهڻ ڪري مان ڪيترو مجرم آهيان؟ لاچار انسان مون کان ڏسڻ برداشت ڪونه ٿيندا آهن جو ضمير سوال ڪندو رهي ٿو. بي انصافي جي بنياد تي ٻڌل هي اسان جو سماج ”جنهن جي لٺ تنهن جي ڀَنِ“ واري اصول تي صدين کان پيو هلي، اڄ تائين ڪو اهڙو جوڌو جوان پيدا ڪونه ٿيو آهي. جيڪو هِن انڌي نظام کي تبديل ڪري، سچائي، ايمانداري، حق ۽ عدل جي نظام کي قائم ڪري. حضرت علي (رضہ) جن فرمايو آهي ته ’علم مال کان بهتر آهي، عمل اُن جي حفاظت ڪري ٿو ۽ تون مال جي حفاظت ڪرين ٿو. علم حاڪم آهي ۽ مال محڪوم آهي مال خرچ ڪرڻ سان گهٽبو آهي، پر علم خرچ ڪرڻ سان وڌندو آهي‘.

حضرت ابن عباس رضہ جن فرمايو تہ 'الله تعاليٰ حضرت سليمان کي اختيار ڏنو تہ علم، مال ۽ بادشاهي مان جيڪي پنهنجي لاءِ پسند ڪر پر هُن علم کي ترجيح ڏني، جو مال ۽ بادشاهي اِن علم وسيلي عطا ٿي وجن ٿا.

مسلم جي حديث آهي تہ 'جڏهن ابن آدم مري وڃي ٿو تہ اُن جي عمل جو رشتو ٽُٽي بند ٿي وڃي ٿو پر صرف ٽن شين جي ڪري ڳنڍيل رهي ٿو، هڪ ان جو علم، جنهن سان ٻين کي فائدو ملي، ٻيو صدقي جاريہ ۽ ٽيون صالح اولاد جيڪا هُن لاءِ خير جي دُعا گهرندي هجي'

امام غزالي فرمايو آهي:

"سڀ انسان مُردہ آهن پر زندہ اُهي آهن جيڪي علم وارا آهن" حديث ابن ماجہ مطابق علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان جي لاءِ فرض آهي.

'طلب العلم فريضة علي کل مسلم"

الله تعاليٰ نبي صلعم جن تي سڀ کان پهرين وحي نازل ڪئي، تہ اُن ۾ جيڪو پهريون لفظ ۽ حڪم 'اِقرا' لفظ نازل ٿيو، جنهن جي معنيٰ آهي تہ 'پڙهہ' پر بدقسمت اسان جي قوم آهي، جيڪا پڙهڻ کان پُنيري آهي. ڏسو تہ ٻين قومن علم جي زور تي ڪيتري نہ ترقي ڪئي، جو وڃي چنڊ تي پهتا ۽ هاڻي سورج منڊل (Solar System) جي ڳڻڙهہ سُرو گِرهہ 'مريخ' (MARS)، جيڪو سج کان چوٿين نمبر تي ۽ زمين کان لڳ ڀڳ ڏيڍ لک ڪلو ميٽر پنڌ تي آهي، تنهن تي وڃڻ جي تيارين ۾ مصروف آهن. حالانڪ هر مسلمان مرد ۽ عورت لاءِ علم حاصل ڪرڻ لازم قرار ڏنو ويو آهي. هن ڪتاب پڙهندڙن کي التجا آهي، تہ پنهنجي اولاد کي علم جي روشنيءَ کان محروم نہ رکو، پوءِ ڀلي چو نہ توهان کي پيٽ سان پٿر ٻڌڻا پون.

پٺ تي علائقي ۽ ڏنڙيل قبيلي مان هجڻ ڪري، دل ۾ ڏاڍو خيال رهندو هو تہ ڪا اهڙي مهم هلائجي جنهن سان عام سجاڳي پيدا ڪئي وڃي تہ جيئن غريبن جا ٻار تعليم جي زيور کان آرائستہ ٿين جيئن سندن غربت ۽ مفلسي کان هميشہ لاءِ جان ڇُٽي. ان لاءِ پهرين ترجيح شر قبيلي لاءِ مخصوص ڪري، خيال آيو تہ چو نہ ڪا هڪ اهڙي تنظيم ٺاهي وڃي جنهن ۾ سنڌ جو هي ڏنڙيل قبيلو هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿئي ان لاءِ مون ڪوشش ورتي جنهن ۾ نواب شاهہ جي يونائيٽڊ بئنڪ جي اڪائونٽ محمد حسن شر ۽ جناب وڪيل شير محمد شر، پڪاچانڪ وارو، جيڪو خيرپور شهر ۾ وڪالت ڪندو آهي، ٽن سان صلاح مشورو ڪري، 'سنڌ

متحده شر بلوچ تنظيم' ناهي ورتي. جنهن ۾ محمد ملوڪ شر (پڪا چانگ)ڪي صدر چونڊيو ويو. اسان گڏجي هن تنظيم کي ڏاڍو فعال رکيو ۽ ڪافي گڏجاڻيون ڪرايو ويون. ان دوران مان هڪ، 'شر قبيلي کي اپيل' جي عنوان سان، سُجاڳ ڪرڻ لاءِ هڪ پمفليٽ شايع ڪرايو. حيدرآباد کان سيٺارجہ ويندي، هر اسٽيشن ۽ گاڏي اندر ورهايو جنهن جو وڏو اثر ٿيو جو پوءِ شر سُجاڳ ٿيا ۽ پنهنجن ٻارڙن کي تعليم جي ميدان ۾ لاٿائون.

اهڙيءَ طرح پڙهائيءَ سان گڏ 'متحده شر تنظيم' جون هر مهيني گڏجاڻيون ۽ انهن جو انتظام ۽ قبيلي جي مختلف وڏيرن ۽ چڱن مڙسن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ۽ عام ماڻهن کي پنهنجن ٻارڙن کي تعليم ڏانهن متوجہ ڪرڻ ۽ هدايت نامان جاري ڪرڻ ۾ وقت سرف ٿيندو رهيو. الحمد الله ڪتي بہ پوئتي هٽڻو ڪونہ پيو ۽ هر مرحلي ۾ ڪاميابي نصيب ٿي.

متحده شر تنظيم، ڪافي سُجاڳي آندي، ليڪن اڳتي هلي ڪجهہ وڏيرن ۽ مفاد پرستن جي نظر چڙهي وئي جنهن ڪانپوءِ غير فعال رهي.

سنڌي ٻولي وارو بل

1970ع کان 1974ع واري دور ۾ پهريان بہ سال، سياسي وڳوڙ وارا هُئا پر پويان بہ سال بہ ڪو خاص سُک ڪونہ هو. تعليمي ادارن ۾ ڪافي هُل ۽ هنگاما هوندا هُئا. ادارا ڪافي عرصو بند رهندا هُئا، جنهن ڪري تعليمي نصاب مڪمل ڪونہ ٿيندو هو.

چوڪرن ۾ آزاديءَ جي لهر ۽ شاگرد اتحاد، اليڪشن جي اجازت سان اجان ماحول وڌيڪ ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري ويو. ڪاپي ڪرڻ جو رُجهان تمام گهڻو وڌي ويو. ايترو جو جڏهن پهرين سال جو امتحان ٿيو تہ شاگردن جي ليڊرن گوڙ ڪيو تہ ڪاپي جي منع نہ ڪئي وڃي، اُن تي ڊاڪٽر اي.ڪيو افغان صاحب جا اُهي لفظ اجان ياد آهن، تہ "بابا جي توهان جو اِهو حال آهي، تہ پوءِ هي ادارا اسان کان ڪونہ هلي سگهندا" جنهن تي ليڊرن وڏا نعرا هنيان. ڪاپي ڪرڻ جو اهو حال وڃي ٿيو جو 1974ع ۾ جڏهن آخري سال جو امتحان ڏيڻ هال ۾ داخل ٿياسين تہ اُسان مان پنجن / ڇهن شاگردن گڏجي استادن کي چيو تہ اسان کي الڳ ڪمري ۾ ويهاريو وڃي جتي اسان پيپر ڏيون جنهن ڪري ڪاپي ڪندڙ شاگرد اسان تي

ڪاوڙجي پيا. استادن اسان کي ٽيچرس ڪامن روم ۾ ويهاري امتحان ڏياريو.

پئسي جي تنگي هجڻ ڪري ڪافي تڪليفون پيش آيون. هڪ ته انجنيئرنگ جا ڪتاب مهانگا ملندا هُئا. آئون ڪوشش ڪري لائيبريريءَ مان ڪتاب وٺي نوٽس وغيره ناهيندو هئس. لائيبريري مان صرف ٻن هفتن لاءِ ڪتاب پاڻ وٽ رکي سگهبا هُئا، ان ڪان پوءِ منتو ميڙون ڪري وقت کي پيا وڌرائيندا هئاسين. ڪاليج جي ٽيوشن في پرنسيپال ڊاڪٽر اي.ايف عباسي صاحب (Dr.A.F Abbasi) جن معاف ڪندا هُئا. برادرم ظفر علي صاحب جن ٽيهارو روپيه ماهوار پوسٽ ذريعي موڪليندا هُئا جيڪي ناڪافي هُئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ڳوٺان مونکي ٽيهه روپيه مليا، جيڪي مان چوري ٿيڻ جي خوف ڪان جورابن ۾ وجهي ڄامشوري وڃڻ لڳس ته سئي گئس وٽ پهچي خيال آيو ته پيروسڻ تان پيڻ نظيران جي گهران گهمندو وڃان. سوئي گئس وارو رستو، تن ڏينهن ۾ پڪين سِرن جو ٺهيل هو ۽ سواري جو مقرر وقت نه هجڻ ڪري، مان پنڌ هلي پيس. جڏهن پڇراهه وٽ پهتس ته هڪ ففٽي موٽر سائيڪل سوار پويان اچي پهتو، جنهن کي لفٽ وٺڻ لاءِ هٿ ڏنو. هو گهنڊ جو شر، استاد عبدالقيوم (سدا رنگ پل پرسان سنڌن ڳوٺ آهي) هو جيڪو مون کي سڃاڻندو هيو، تنهن موٽر سائيڪل تي ويهاريو. جڏهن پيروسڻ پرسان لٿس ته هِن مون ڪان ڪرايو گهريو. مان جڏهن کيسي ۾ هٿ هنيون ته سڀ کيسا خالي ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيس ۽ شڪ پيو ته موٽر سائيڪل تي چڙهڻ ڪانپوءِ ڪٿي رستي تي هوا جي زور تي پئسا ڪِري پيا آهن. منهنجو اهو حال ڏسي استاد عبدالقيوم مون کي چيو ته مان توهان سان پوڳ ڪيو آهي، ڪرايو ڪونه وٺندس جو هو منهنجي ناناڻي راڄ مان هو ۽ ايترو به چيائين ته جي مان چاهيان ته هو پئسن ڳولڻ خاطر هو واپس هلڻ لاءِ به تيار آهي مان سندس ڏاڍو ٿورائتو آهيان.

مان پريشاني حالت ۾ اڌ ڪلوميٽر پنڌ ڪري پيڻ جي گهر پهتس ته شام جو جڏهن سمهڻ ڪان اڳ جورابا لاهڻ لڳس ته ٽيهه روپيه نڪري پيا. مون ۾ نئون ساهه پئجي ويو ۽ پٽ ڃائي ڪان وڌيڪ خوشي ٿي. پئسن وڃائڻ جي حالت ۾ مسٽر فريد خان، پئسن ڏيڻ جي حامي ڀري مان سندس ٿورائتو آهيان.

ٻئي سال دوران منهنجي ملاقات وڪيل شير محمد شر ۽ شفيع محمد شر (پڪاچانگ) سان ٿي ته انهن مهرباني ڪري حاجي ڪريم الدين شر ٻن

حاجي نجم الدين، جيڪو سنو زميندار ۽ ڪاٽن فيڪٽري (پريا روڊ) ۾ شيئر هولڊر هو، تنهن کي مدد لاءِ سُفارش ڪئي. جنهن مون کي هڪ هزار روپيه مدد ۾ ڏنا. جن مان 500 روپيه ڪئش، باقي 500 روپيه مسٽر شفيع محمد شر کي اڌار ڏنل هئا،جنهن مون کي ماهوار 100 روپيه قسط ڪري ڏنا. آخري سال 1974ع دوران، جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب شاگردن کي قرض ڏيڻ جي اسڪيم پاس ڪئي، جنهن جو مون کي به فائدو پيو، جو اُن وقت حبيب بئينڪ مان هڪ سال لاءِ -/175 روپيه ماهوار قرض ملڻ لڳو. الحمدالله. ڪم سولا ٿيندا ويا ۽ مون کي ياد آهي ته آئون جڏهن نواب شاهه جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ليڪچرر ٿيس، ته اُهو قرض بئينڪ کي موٽائي ڏنو هو.

وزير اعليٰ ممتاز ڀٽي، جڏهن سنڌي ٻولي وارو بل (1973) پاس ڪرايو ته ڪراچيءَ ۾ وڏا هنگاما ٿي ويا. سنڌي ۽ مهاجرن جو فساد ٿيو، جنهن ۾ ڪيترين ئي جانيون ضايع ٿيون. حيدرآباد شهر ۾ به ڪافي هنگاما ٿيا. مهاجرن جا سنڌين تي ۽ سنڌين جا مهاجرن تي دوبدو حملا ٿيا. اردو ڪتاب ۽ اخبارون ساڙيون ويون. ان دوران مون به نري ميرواهه ۾ اردو اخبار جا بنڊل جيڪي اجان ريل گاڏي ذريعي سينارجه اسٽيشن تان نري لاءِ بس ۾ کنيون پئي آيا جڏهن بس مينگهو روڊ وٽ پهتي ته مان موقعي جو فائدو وٺندي مسٽر شهاب الدين شر کي اشارو ڪري بنڊل لاهي مينگهو فقير وڃڻ لاءِ ڪچو رستو ورتو جو اُن وقت روڊ نهيل ڪونه هو ۽ عام سائيڪل سواري به ميرواهه جي سڄي پاسي واري ڪچي ڪپ سان هلندي هئي. مان ڳچ پنڌ ڪري ميرواهه جي ٽاپ وٺڻ لاءِ سِر مان لنگهي جڏهن واهه جي ڪپ تي چڙهيس ته استاد ساعت علي سائيڪل تي اڪيلو ڳوٺ وڃي رهيو هو، مان کيس سڄي ماجرا ٻڌائي ته اُها ڀڳل سائيڪل موٽر سائيڪل جهڙي تيز رفتار هلڻ لڳي. جلدي ڳوٺ پهتس ته شهاب الدين سهڪندو اچي پهتو ته پوليس جو زور پئجي ويو آهي. مهرباني ڪري اخبارون موٽائي ڏيو، پوليس پويان لڳي پر لڪي جان ڇڏائي.

هڪ ڏينهن شاهه لطيف هاسٽل جي ڪمري نمبر 45 ۾ وينو هُئس ته در ڪڙڪيو. کولڻ تي ڏٺم ته ٿلهي جسامت وارو همراهه سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس، پيرن ۾ رٻڙ واري سادي چپل پاتل بينو هو. منهنجو نالو وٺي پڇيائين، جنهن تي وڌيڪ حال احوال ڏيڻ تي معلوم ٿيو، ته هي منهنجي ياءُ ظفر علي خان سان گڏ ماستري ڪندڙ جان محمد ويسر جو ننڍو ڀاءُ هو. سوئي گئس پرسان ويسرن جو رهاڪو هيو منهنجي ساڻس واقفيت ڪونه

هُئي بلڪ هن صرف منهنجو نالو سندس ياءُ واتان ٻڌو هو ته فلان ڄامشوري ۾ انجنيئرنگ ۾ پڙهندو آهي. احوال ڏيندي هن وڌيڪ ٻڌايو ته ريل گاڏي ۾ ڪيس ننڊ اچي وئي، سڄو سامان چوري ٿي ويو ۽ ڪيسي مان پئسا به نڪري ويا. هاڻي هن وقت ڪجهه به نه آهي، صرف ويهه روپيه ڪرائي جا مون کان اڌارا وٺڻ آيو هو. هڪ سُڄائي ڀيو سور گهٽا، هن کي مان دوستن کان پنجي سٺي ويهه روپيه ڏنا. جڏهن مان اڌار پئسا وٺڻ سندس ڳوٺ ويس ته خبر پئي ته همراهه ٺڳيءَ جو ڪاروبار ڪندو آهي. پاڻ گهر ۾ هجڻ جي باوجود، اوطاق تائين ڪونه آيو ۽ مان به ٿن چئن چڪرن ڪاٽڻ کان پوءِ ڪٽي بس ڪئي.

هڪ ڏينهن سوٽ قادر داد خان اچي ڄامشوري نڪتو. هن کي بورڊ آف روينيو ۾ زمين جي ڪٽت بابت ڪو مسئلو هو. انهن ڏينهن ۾ خيرپور ضلع جي زمينن جا معاملا حيدرآباد واري روينيو آفيس مان حل ٿيندا هُئا. روينيو آفيس ۾ منهنجي ڏيٺ ويٺ هُئي. مان قادر داد خان کي وٺي روينيو جي ڊائريڪٽر دوست سان ملايو، جنهن فوراً زمين جا ڪاغذ، جنهن کي ٽي.او فارم چيو وڃي ٿو، ان وقت ڪڍي ڏنا. جيڪو ڪيتري عرصي کان نه پئي مليا. هي نئين ڪٽت زمين هُئي، جيڪا رندن واري زمين سان لڳ هُئي. قادر داد ڪڏهن به اِن ڪم ٿيڻ جو ذڪر زبان تي نه آندو.

محترم ذوالفقار علي ڀٽو سان ملاقات

ڀٽو صاحب پاران خيرپور جي بار ڪائونسل کي خطاب کان پوءِ جڏهن ٻاهر نڪتو ته اُتي ممتاز ڪاليج جي شاگردن جي گروپ ۾، آئون به شامل هئس، سائس ملاقات ٿي اهو وقت هو جنرل يحيٰ جو ۽ 1970ع دوران پيپلز پارٽي اليڪشن جي تياري ڪري رهي هئي. ٻيو ڀيرو ڀٽي صاحب سان ملاقات ٿي، جڏهن 1972 ۾ ڀٽائي رحه جي ميلي تي چادر چاڙهڻ آيو. اُن وقت بنگلاديش مان بهارين کي پاڪستان آڻڻ جون صدائون پئي گونجيون. اِها هڪ وڏي سازش هُئي، جنهن تحت بهارين کي سنڌ اندر خصوصاً ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ آباد ڪري، اصلي رهاڪو سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻو هو. يونيورسٽي جهڙن ادارن ۾ سجاڳي هُئي، جو بهارين جي اچڻ خلاف گهٽائي هنگاما ٿيا نه رڳو شاگردن پر هر فرد پئي اِن جي مخالفت ڪئي. جيئن ڀٽو صاحب جي اچڻ جي خبر پئي ته اسان شاگرد گڏجي شاهه لطيف سائين جي مقبري تي وڃي ڀِٽاسين ڏاڍا نعرا ’بهاري نه کپن‘ جا هڻندا ڀٽو صاحب جي گاڏيءَ وٽ وڃي انتظار ڪيوسين.

پروٽوڪول ڏاڍو سخت هو پر اسان موقعي جو انتظار ڪري ڀٽي صاحب جي گاڏي جي اڳيان وڃي جٽو ڪري ويهي رهياسين. ڀٽو صاحب جي ڀٽائي رحہ تي چادر چاڙهي جڏهن گاڏي ۾ ويٺو تہ اسان وڏي آواز ۾ ’بهاري نہ کپن‘ جا نعرا هنيان. اسان گاڏيءَ کي اڳتي چُرڻ کان جڏهن مجبور ڪيو، تہ ڀٽو صاحب گاڏيءَ دري جو شيشو هيٺ ڪري، هٿ لوڏي، وڏي آواز ۾ چيو تہ ’بهاري ڪڏهن بہ نہ ايندا‘ توهان يقين ڪريو، بهاري ڪونہ ايندا. بهارين کي آڻڻ ۾ مهاجرن هر ليول تي ڏاڍا زور لاتا، ايترو جو انهن کي آڻڻ جي لاءِ خرچ چندو ڪري گڏ ڪرڻ لڳا. ڀٽو صاحب بهارين کي پاڪستان اچڻ جي اجازت تہ ڪونہ ڏني ليڪن اڳتي هلي جنرل ضياءُ جي دور ۾ سنڌ اندر پيپلز پارٽي کي ٽوڙڻ يا ڪمزور ڪرڻ لاءِ مهاجر قومي موومينٽ (MQM) جو وجود آندو ۽ مهاجرن کي طاقت ونائڻ لاءِ بهارين کي آهستي آهستي ملڪ اندر آندو ويو ۽ شناختي ڪارڊ ۽ پاسپورٽ بہ ٺاهي ڏنا ويا. بهارين کي پاڪستان سان محبت رکندڙ ۽ وفادار قوم جو لقب ڏنو ويو. اُنهن کي بنگلاديش مان پاڪستان آڻڻ جو خرچ اقوام متحده (UN)، سعودي عرب ۽ ٻين اسلامي ملڪن پرڻ جي حامي ڀري. منهنجي خيال ۾ اُهي بهاري جيڪي بنگالين جا قاتل هُئا ۽سُنا ويڙهاڪ ۽ چالاڪ سمجهيا وڃن ٿا، سي هِن وقت سڀ جا سڀ پاڪستان يعني ڪراچي پهچي چُڪا آهن. ڪراچيءَ ۾ ڪيترين ئي بهارين جو بستيون آباد آهن.

ٽيون ڀيرو، ڀٽو صاحب کي روبرو ان وقت ڀٽو جڏهن هُن 1973ع دوران حيدرآباد ۾ ڄامشورو روڊ تي واقع فلٽر پلانٽ جي سامهون ’روٽي ڪپڙا اور مڪان‘ جي واعدي کي پاڻي ڏيڻ لاءِ غريب ڪولهين جا گهر ٺهرائي کين چاٻين ڏيڻ وقت افتتاح ڪيو. ڀٽو صاحب ’روٽي ڪپڙا اور مڪان‘ جي واعدي کي ياد ڏياريندي، غريب ڪولهين کي چاٻيون ڏنيون. اِهي گهر ڄامشورو روڊ سان لڳ پراڻي فلٽر پلانٽ پرسان اڄان بہ موجود آهن.

چوٿون ۽ آخري دفعو، 1974ع ۾ حيدرآباد جي سرڪٽ هائوس ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي وفد کي گهرايو هُئائين، جنهن ۾ آئون بہ شامل هئس. اُهو ڏينهن، اڱارو، 22 جنوري 1974ع جو آهي، جڏهن ڀٽو صاحب سنڌ جي ٽوئر تي آيل هو. ڀٽو صاحب شاگردن کي اعليٰ تعليم پرائڻ جي هدايت ڪندي هڪ خوشخبري ڏني تہ شاگردن کي بئنڪن ذريعي قرض ڏنو ويندو، تہ جيئن هو پنهنجي تعليم مڪمل ڪري سگهن. اِن قرض مان، مون کي بہ پنهنجو ونڊ مليو.

سُجاڳيءَ جو دور

اسان جي ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ روشني يا بجلي جي اچڻ جو امڪان ڪونہ هو. ملڪ ۾ ڀٽو صاحب جي سربراهہ ٿيڻ ڪانپوءِ سڀ ڳالهيون جيڪي اڳم ۾ ناممڪن هُيون، سي ممڪن ٿيڻ لڳيون. ٻهراڙيءَ جي جوانن کي وڏيون نوڪريون ملڻ ۽ روڊ رستا پڪا ٿيڻ، نوان اسڪول کلڻ ۽ انهن جون پڪيون جايون ٺهڻ. بجلي جو شهرن مان نڪري ٻهراڙين ۾ اچڻ، سڀ ممڪن ٿي پيو. اهو ترقيءَ جو سلسلو جيڪو شروع ٿيو سو ڀٽو صاحب جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ بہ جاري رهيو.

پاڪستاني ماڻهن کي پيپلز پارٽي جي دور ۾ ڳالهائڻ لاءِ زبان، ڏسڻ لاءِ اکيون ۽ سوچڻ سمجهڻ لاءِ دماغ مليو. عام غريب ماڻهو بہ سياسي، سفارتڪاري، بين الاقوامي معاملن تي کُلئي عام بحث مباحثو ڪرڻ لڳو جنهن کان اڳ ۾اهو ساڳيو عوام بي خبر، ٻوڙو ۽ گونگو هوندو هو، جيئن اولڙ گاهہ، جيڪو نہ کائڻ جو نہ سانديڻ جو. ترقي ۽ تيز رفتاري جو اهڙو دور شروع ٿيو، جيڪو اڳ وَهم ۽ گُمان ۾ ڪونہ هُئو. جناب ذوالفقار علي ڀٽو طاقتور ملڪن جي سربراهن سان کُلم کُلا ڳالهائڻ لڳو ۽ سندس اِها سياسي بصيرت هئي جو پاڪستان کي هڪ ائٽمي طاقت بنائي ڇڏيائين. مسلم دنيا جي سربراهن کي گهرائي، 1974ع دوران لاهور ۾ اسلامي سربراهن جي ڪانفرنس ڪرايائين. عربن کي عقل جي چاٻي ڏئي تيل (Oil)کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ترغيب سيکاريائين. انڊونيشيا کان لبيا تائين مسلمان ملڪن ۾ يڪجهتي پيدا ڪيائين جنهن جو خيال ان وقت تائين ڪنهن مسلمان سربراهہ کي ڪونہ آيو هيو. روس کان اسٽيل مل جو ادارو جوڙايائين جيڪو ان وقت ايشيا جو وڏي ۾ وڏو تصور ڪيو ويو هو. اِهي سڀ ڳالهيون پاڪستان جي ڏشمنن کي ڪونہ وڻيون انهن طئي ڪري ڇڏيو تہ جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو سربراهہ رهيو تہ انهن جي ملڪن جي مفادن کي سخت ڇيهو رسندو رهندو. نيٺ پاڪستاني سياست ۾ 1977ع جي مارچ مهيني وارين چونڊن کان پوءِ وڏو ڀونچال آيو. ملڪ ۾ هونءَ بہ، بہ نمبري ۽ غداري جي گهٽتائي ڪونہ آهي. سو مخالفت لاءِ هڪ سوچي سمجهي سازش هيٺ ملڪ اندر خلفشار ۽ هنگاما آرائي پيدا ڪرڻ لاءِ ڳجهين طاقتن ملي ڪري سياسي مولوين هٿان حڪومت جي مخالفت ۾ وڏا جلسا جلوس ۽ بدنظمي پيدا ڪرائي جو اِن ڀونچال جو فائدو آرميءَ جي سربراهہ جنرل ضياءَ الحق

اُهڙو ورتو جو جڏهن ڏريون پاڻ ۾ نهي ويون ۽ معاهدو ٽيڻ وارو هو تہ آڌيءَ رات، 5 جولاءِ 1977ع تي ملڪ ۾ انقلاب آڻي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو. ڀٽو صاحب تي هڪ خون جي پلاننگ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪري ڪيس هلايو ويو ۽ آخرڪار اُن کي 4 اپريل 1979ع تي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. دنيا ڏسندي ڏسندي دنگ رهجي وئي. ڦاسيءَ جي سزا تي عمل درآمد ڪرڻ کان اڳ ڀٽو صاحب کي ڇڏائڻ جو تمام گهڻيون افواهون بہ هليون پر ڪابہ پوري ڪانہ ٿي، نيٺ اسلامي دنيا جو هڪ عظيم ڏاهو، ذهين سياستدانن انساني بي جرم بي خطا تختہِ دار تي ٽنگيو ويو ۽ دنيا خاموش تماشائي بنجي ڏسندي رهي. حالانڪہ 5 جون 1978ع تي بي.بي.سي ريڊيو، ايران جي اخبار ڪيهان ’انٽرنيشنل‘ جي حوالي سان خبر ڏني، تہ پاڪستان جا فوجي حڪمران، ذوالفقار علي ڀٽو کي، 10 سالن تائين ملڪ بدر ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن ۽ اهو شرط وجهي رهيا آهن، تہ ڀٽو صاحب ايندڙ ڏهہ سالن تائين سياست تان پڻ رٽائر ٿي ويندو. انهيءَ سلسلي ۾ فوجي حڪمران، ايران جي بادشاهہ رضا شاهہ پهلوي ۽ سعودي عرب جي بادشاهہ شاهہ خالد جي ضامن پوڻ تي زور ڏئي رهيا آهن.

لبيا جي صدر، ڪرنل قذافي لاءِ بہ اُنهن ڏينهن ۾ اهو چيو پئي ويو تہ ڀٽو صاحب کي ڦاسي کان بچائڻ لاءِ حڪومت پاڪستان سان ڳالهيون ڪري،ڀٽو صاحب کي پاڻ سان لِبيا وٺي ويندو. نيٺ 4 اپريل 1979ع تي سڀ سانگا پلجي ويا، جڏهن صبح جو ڀٽو صاحب جو لاش نئون ديرو پهچي ويو. ماڻهن ۾ ڀٽو صاحب جي محبت ايترو تہ گهر ڪري وئي هُئي، جو هو ان ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا تہ ڪو ڀٽو صاحب کي ڦاسي تي چاڙهيو ويو آهي. ڀٽو صاحب جيڪڏهن نوازشريف وانگر مصلحت جي پاليسي اختيار ڪري ها تہ شايد هِن وقت ڀٽو فيمليءَ جا حالات مختلف هجن ها ۽ سلسليوار تيندڙ قيمتي جانين، جهڙوڪ مير مرتضيٰ ڀٽو، شاهنواز ڀٽو ۽ محترم بينظير ڀٽو جو قتل بہ ڪونہ ٿئي ها. ڀٽو صاحب مرحوم جي خاندان جا جاني دُشمن، شايد ڪي پنهنجا، تہ ڪي وري پراوا هئا. هن سانحي جي حوالي سان آئون وڏيڪ کوجنا ڪندڙن ۽ محققن لاءِ هڪ سوال رکان ٿو، تہ اِن جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، جن جي ڪري هڪ قوَت کي ٿوري عرصي ۾ ايترو مٿي اياريو ويو ۽ وري قليل مدت ۾ اُن کي ڌاٽو ويو؟ آخر ڪا تہ ڪوتاهي ٿي هوندي؟ اڄ تائين مير مرتضيٰ

شاهنواز ۽ بينظير جا، حڪومت هجڻ جي باوجود، قاتل نہ پڪڙيا. بلڪ بڌڻ ۾ آيو آهي،تہ قاتلن کي ترقي ڏئي خاص عهدن تي فائز ڪيو ويو. انهن شهيدن جي خون مان ڪجهہ ٻگهڙن جي ڏندن کي رت لڳو ۽ ڪيترن ئي ٻين پنهنجو پيٽ ڀريو هوندو.

يونيورسٽي جا ٻہ اهم واقعا

پيپلز پارٽي سرڪار 1973ع واري آئين ناهڻ ۾ قانون جي وفاقي وزير، عبدالحفيظ پيرزادي جو هٿ هو. سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ نئين آئين ٺاهڻ جي حوالي سان حفيظ پيرزادي کي اعزازي ڊاڪٽريٽ ڊگري ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني جنهن ۾ بيگم نصرت ڀٽو، صنم ڀٽو، سنڌ جي گورنر بيگم رعنا لياقت علي خان، سنڌ جو وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽو، جام صادق علي ۽ عبدالحفيظ پيرزادو وارن شرڪت ڪئي. جساف پيرزادي کي ڊگري ملڻ جي خلاف هئي.

جڏهن حفيظ پيرزادي کي اعزازي ڊگري ڏيڻ جي تقريب شروع ٿي، تہ ٻيا سڀ وزير هيٺ وينل هئا. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي شاهہ محمد شاهہ ۽ ڪارڪنن جڏهن نعري بازي شروع ڪئي تہ رد عمل ۾ سپاف جي شاگردن، پيپلزپارٽي جي حق ۾ نعرا هنيان. هنگامو وڌندو ويو، جساف ۽ سپاف جا شاگرد اڳواڻ اسٽيج تي پهچي ويا. ’آئين نامنظور‘ ۽ ’آئين ٺاهيندڙن تي لعنت‘ جا نعرا زور شور سان لڳندا رهيا. ان گوڙ دوران سنڌ گورنر، بيگم رعنا لياقت علي خان کي بہ گهٽ وڌ ڳالهايو ويو. ۽ حفيظ پيرزادي جي خلاف پڻ نعرا لڳايا ويا. اوچتو ممتاز علي ڀٽو اٿيو ۽ مائيڪ تي چوڻ لڳو تہ ’اهو مردن جو ڪم ناهي‘ اسان اوهان جا مهمان آهيون مان اوهان کي اپيل ڪريان ٿو تہ اوهان خاموشي اختيار ڪريو ان تي پنڊال خاموش ٿي ويو.

ڪانووڪيشن جي ڪاروائي شروع ٿي، جڏهن بيگم نصرت ڀٽو پنهنجي لکيل تقرير شروع ڪئي تہ شاگردن وري نعري بازي ڪري شور مچايو ۽ جڏهن حفيظ پيرزادو ۽ بيگم رعنا لياقت علي خان اسٽيج تي چڙهيا تہ ٻيهر نعريبازي ۽ شور وڌي ويو.

اسٽيج تي نعرا هڻندي اسماعيل وساڻ، حفيظ پيرزادي جي جڏهن سامهون آيو تہ حفيظ پيرزادو مچرجي ويو ۽ اسماعيل وساڻ کي گارگند ڪئي، جنهن تي اسماعيل ڪيس زوردار چماٽ وهائي ڪڍي. سڄي تقريب

هنگامي جي وَرِ چڙهي وئي ۽ هوائي فائرنگ شروع ٿي وئي. سڀ ڪجهه درهم برهم ٿي ويو.

اسماعيل وساڻ تي مارا ماري شروع ڪري ڪيس گرفتار ڪري ڪٺي هليا ويا. هڪ پوليس آفيسر دل جي دوري پوڻ سبب ٽڏي تي فوت ٿي ويو. سڄي ڄامشوري ۾ ترٿلو پئجي ويو ۽ اندا ڌند گرفتاريون ڪيون ويون، اسماعيل وساڻ سان گڏ، امان الله شيخ ۽ احمد خان شر کي به گرفتار ڪيو ويو، سڀ هاسٽلون خالي ڪرايون ويون، ائين لڳو ڄڻ مارشل لا اچي وئي آهي.

ٻيو واقعو، ان وقت پيش آيو، جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي رسالن ۽ ڪتابن تي بندش خلاف ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري، جلسو ڪيو ويو. ڪجهه شاگردن گڏجي وڃي ڪراچي روڊ بلاڪ ڪيو. روڊ بلاڪ ڪندڙن ۾ SNSF جو صدر مرحوم نذير عباسي، حيدر شاهه، حبيب الله ناريجو، عيسيٰ جمالي، مولا بخش لغاري، ضمير لاڙڪ ۽ ٻيا شامل هئا. روڊ تي ڏرٽي وقت ٽرانسپورٽ جو صوبائي وزير، بديع الحسن زيدي، بدقسمتي سان اچي لنگهيو. شاگردن ان کي ڪٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي، شاهه لطيف هاسٽل ۾ رکيو، جنهن ۾ مان رهندو هئس. مان به ڪمري ۾ داخل ٿي ڏٺو ته اُن وقت وزير صاحب ڦڙتيءَ سان شاگردن کي جواب ڏئي رهيو هو. جنهن ڪانپوءِ شاگردن ان ٻڌل کي توري ڪُٽَ سَٽَ ڪئي، تيستائين سنڌ يونيورسٽي تي پوليس جو گهيرو ٿي چڪو هو. مسئلو وڌي ويو. مينهوڳيءَ جو ڏينهن هو پوءِ شاهه محمد شاهه،اسماعيل وساڻ، حيدرشاهه ۽ قمرزمان ڪيس ڪار ۾ يونيورسٽي مان ٻاهر ڪڍي هليا ويا. جنهنڪري سنڌن مائٽن کي پوليس ڪنيي ڪٺي وئي. ان وقت سنڌ جو وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب هو. وزير موصوف کي شاگرد هفتو کن مختلف علائقن ۾ زميندارن جي اوطاقن ۽ زمينن تي لڪائيندا رهيا. شاگردن ۽ حڪومت وچ ۾ ڳالهيون ٿيون جنهن تحت وزير بديع الحسن کي آزاد ڪيو ويو.

اُن وقت شاگردن ۾ سياسي شعور گهٽ، جُنونيت ۽ لاعلمي زورن تي هجڻ ڪري، مهم جوئي، اگرائي ۽ ضد ۾ تعليم حاصل ڪرڻ بجاءِ غلط ڪم ڪرڻ جو رواج عام پئجي چڪو هو. ائين محسوس ٿيو ڄڻ نوجوان نسل کي سياسي پارٽيون پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ٽِشو پيپر وانگر استعمال ڪري رهيون هيون.

اسڪول ۾ لطيف ڏي

1974ع جي شروعات ۾ ٽرڊ ايئر جا امتحان ٿيا، رزلٽ 70% مارڪون ڪڍي ٽرڊ پوزيشن حاصل ڪئي ۽ ان خبر سان گڏ منهنجو فوٽو، 11 جون جي ’عبرت‘ ۽ ’آفتاب‘ اخبارن ۾ ڇپيو، ڏاڍي خوشي ٿي،اُن ڏينهن مالوٽ مشتاق احمد شر مون کي ڏهه روپيا پوزيشن کڻڻ جي مبارڪي ڏني. انجنيئرنگ جي آخري سال ۾ داخلا ورتي تہ ائين محسوس پيو ٿئي چڻ انجنيئر ٿيڻ وارا آهيون. اڪثر ڪري موڪلن دوران، مان مدل اسڪول مينگهو فقير شر ۾ ستين ۽ اٺين ڪلاس جي شاگردن کي رياضي پڙهائيندو هيم. انهن شاگردن ۾ هڪ پائي خان شر بہ هو، جنهن بعد ۾ انگلينڊ مان آرڪيٽيڪچر ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ هن وقت سينٽر آف ايڪسيلينس اِن آرٽس ۽ ڊزائين ڄامشورو جو ڊائريڪٽر آهي. ڊاڪٽر صاحب وڏو سلجهيل، بردبار ۽ ماهر انجنيئر آهي.

مينگهو فقير شر مدل اسڪول ۾ ڦهرين مارچ، 1974ع تي ’لطيف ڏي‘ ملهايوسين. اِهو پروگرام منهنجي ڪاوش سان ٿيو، جو ڀرواڙيءَ جي اسڪولن ۾ اهڙي قسم جون سرگرميون ڪونہ ٿينديون هيون. اِن پروگرام کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو، تقريرون، ڊراما ۽ آخر ۾ موسيقي. پوري ڪاروائي اهڙي پُرڪشش انداز ۾ ڪرائي وئي، جو سڀني ڏسندڙن جا هوش اُڏامي ويا ۽ واهه واهه ٿي وئي. اِن پروگرام جو مهمان خاص، فقير علي گوهر ولد فولاد علي فقير هو. اهڙي قسم جي پروگرام ۾ شاگردن ۽ استادن ڀرپور حصو ورتو، جنهن ۾ سڀني شاگردن جي ذهني سجاڳيءَ کي اُڀاريون ويو، پر افسوس جو اِن روايت کي اڳتي جاري نہ رکيو ويو،جو اُهو پروگرام ڦهريون ۽ آخري ثابت ٿيو. ڀرواڙيءَ جي اسڪول ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئا. جيڪو سولو ان ڪري نہ هيو جو بلوچ پنهنجن نياڻين کي تعليم گهٽ ڏياريندا هُئا. ڇوڪرِن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر هو، ليڪن ڇوڪريون وڌيڪ هوشيار ۽ محنتي نظر آيون. اُنهن ڇوڪرِين ۾ هڪ ڇوڪرِي، ربيعت خاتون بنت استاد رحيمداد شر ڏاڍي هوشيار هُئي جيڪا سوال جو جواب فوراً ڏيندي هُئي. جيڪا پنجن سالن ڪانپوءِ، فيبروري، 1979ع ۾ مون سان رشتي ازواجيت ۾ آئي، ان بعد ۾ گريجوئيشن ڪري، حيدرآباد ۾ اسڪول ٽيچر ٿي پڙهايو ۽ سعودي عرب جي تبوڪ شهر ۾ پاڪستان ايمبيسي اسڪول ۾ بہ تدريسي عمل جاري رکيو. ڏاڍي پرهيزگار، تهجد گذار ۽ گهر ڏياٽي عورت آهي.

آل پاڪستان ٽوئر

آخري سال ۾ پهچڻ کان پوءِ هر سال وانگر آل پاڪستان ٽوئر جو پروگرام،اپرل 1974ع تي طئي ٿيو، ٽوئر پروگرام لاءِ ريل بوگين ۾ سوار ٿي ڪراچي روانا ٿياسون، جتي ٻه ڏينهن ڪراچي شهر ۽ ساموندي ڪنارا، هاڪس بي وغيره، گهمڻ کان پوءِ، روهڙي روانا ٿياسون. ريل جي بوڪ ڪيل بوگيون آخر تائين،اسان سان هڪ گهمندڙ ڦرندڙ گهر وانگر گڏ رهيون، جتي ٽوئر پروگرام مطابق ترسڻو هو ته اُن اسٽيشن جي فالتو پٽڙي (Wash Lines) تي بيٺل هونديون هيون. انهن بوگين ۾ نالي ماتر غسل خانه (Wash Room) جي سهولت هوندي هئي. اِهي بوگيون اڳئين منزل تي پهچڻ لاءِ،ڪنهن ٻئي گاڏي سان لڳي ويندون هيون. ڪراچي کان سکر لاءِ، روهڙي اسٽيشن تي بوگين کي بيهاريو ويو. شاگرد روهڙي شهر ۽ سکر ۾ بئراج ۽ ايوب پُل گهمڻ لاءِ نڪتا ۽ آئون خيرپور ۾ شير محمد شر وڪيل سان ملڻ لاءِ هليو ويس ۽ پوءِ موٽي اچي قافلي ۾ شامل ٿي، گڊو بئراج ڏسڻ لاءِ ڍرڪي روانا ٿياسين. ڍرڪي مان بس ذريعي گڊو بئراج جو،اڳ ۾ اريگيشن ڊپارٽمينٽ سان طئي ڪيل پروگرام مطابق سير ڪيوسين ۽ اريگيشن جي انجنيئرن بئراج جي فني تفصيلن (Technical Specifications) بابت ليڪچر ڏنو ۽ اُن کان پوءِ منجهند جي ماني ڪارائي وئي جنهن کان پوءِ سنڌ جي وڏي پاور اسٽيشن، گڊو ٿرمل پاور اسٽيشن جو اپياس ڪرايو ويو. اهو پاور اسٽيشن 1963ع ۾ تيار ٿيو هو، جيڪو سنڌ سميت پنجاب کي به بجلي سپلاءِ ڪري ٿو. گڊو بئراج کان واپس روهڙي اچي ساڳئي بوگي ۾ سوار ٿي صبح ڇهه بجه اچي ملتان جي ڪينٽ اسٽيشن نڪتاسون. ملتان ۾ قاسم پارڪ، حق باهو (غوث اعظم رح)، شمس تبريز ۽ رڪن عالم رحه جون زيارتون ڪري شهر جي مکيه بازار گهمي، اچي ڪينٽ اسٽيشن نڪتاسون ۽ شام جو حرم دروازو (Harram Gate) ڏٺوسين. ملتان سهڻو شهر آهي ۽ جتان جا ماڻهو اخلاقي ۽ نرم مزاجي پئي معلوم ٿيا.

شام جو ساڍي ٽي بجه لاهور روانا ٿياسين ساڍا ڏهه بجه خيريت سان لاهور ريلوي اسٽيسن تي اسانجي بوگي اچي فالتو پٽڙي تي بيٺي. لاهور ويندي خانيوال، ساهيوال، اوڪاڙا، رائيونڊ ريلوي اسٽيشن تي گاڏي ٿورو ٿورو بيهندي رهي. رات جو بوگي ۾ ننڊ ڪري، صبح جو لاهور گهمڻ لاءِ تيار ٿي اسٽيشن کان جيئن ٻاهر نڪتاسون، ته سوين سواري لاءِ ٽانگا بيٺا

ڏناسون ۽ هر هڪ وڏي آواز سان ’لاري ڊي،لاري ڊي‘ چوندا رهيا، اِن جو مطلب سمجهه ۾ ڪونہ آيو. آخر پڇڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ لاري اڏي يا بس اسٽينڊ تي ويندڙ مسافرن کي پيا پُڪارين. اڳتي هلي لاهوري گيٽ ڏسي، انارڪلي، نورجهان مهرالنساءَ جو مقبرو، جهانگير بادشاهہ جو مقبرو، رنگ محل، داتا گنج بخش جو مقبرو ڏٺوسين. اسان جي طئي شده پروگرام مطابق ٻئي ڏينهن لاهور يونيورسٽي روڊ ريسرچ ڊپارٽمينٽ (Road Research Department) ۽ عمارتسازي جي کوجنا (Building Research Centre) جا ادارا ڏٺا ۽ اتي هلندڙ تحقيق جو ڪم بہ ڏٺو. ان ڏينهن لاهور ۾ خبر پئي، تہ پاڪستان جو اڳوڻو صدر فيلڊ مارشل محمد ايوب خان راولپنڊي ۾ دل جي دوري ڪري وفات ڪري ويو. شام ڌاري بادشاهي مسجد، قلعو (Fort) ۽ علامہ اقبال رحہ جي مزار گهمي، مينار پاڪستان ڏٺوسين. مينار پاڪستان صاف سٿري ۽ دل کي وڻندڙ جاءِ آهي، جتي شام جو ماڻهو پنهنجي ڪٽنب سميت تفريح لاءِ اچن ٿا. ٻئي ڏينهن بس ڪِرائي تي ڪري، شاليمار باغ ڏسڻ وياسون، جتي عاليشان نظارا، پاڻي جا ڦوهارا، سرسبز، هر پاسي مختلف گلن جا ٻوٽا، رنگا رنگ نظارا، اسان اڳم نہ ڏٺا هئا. رات جو موٽي اچي، اُمرتسر TV تان نشر ٿيندڙ هندستاني فلم ’دنيا‘، جنهن ۾ وجيتي مالا ۽ ديو آنند اداڪار هُئا،ڏٺي، جو لاهور کي امر تسر ويجهو هجڻ ڪري ٽي.وي. ڏسڻ ۾ ايندي هُئي.

صبح جو لاهور انجنيئرنگ يونيورسٽي جي بس ۾ 50 ڪلوميٽر تي ’چانگامانگا‘ جو سير ڪيوسين. چانگا مانگا سر سبز علائقو، مختلف شجر ڪاري سان مالا مال آهي، جنهن اندر هڪ هٽرادو ڊينڊنهيل آهي، اُن ۾ ننڍڙيون ٻيڙيون، جيڪي پاڻي تي هلي، توهان کي پوري علائقي جو ديدار ۽ دلڪش نظارا ڏيکارين ٿيون. هتي جهنگلي ٻيلو آهي، جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ٻاف تي هلندڙ ٽرين بہ ڏٺي، جيڪا غالباً ٻيلي اندران ڪاٺ وغيره ڪٽڻ جي ڪم ايندي آهي.انجنيئرنگ يونيورسٽي جو دورو ڪيوسين، اُتي مختلف شاگردن جي گروپن سان ملاقات ٿي. اسان سان گڏ اسانجي ڪاليج مان چونڊيل صدر مسٽر غلام سرور ڪنڌر بہ گڏ هيو، پوءِ يونيورسٽي شاگرد يونين جي صدر ۽ ٻين عهديدارن سان ملاقاتون ٿيون. شاگردن جي بحث جو مرڪزي نڪتو،’جيئي سنڌ‘ هُيو ۽ ڪافي بحث مباحثو ٿيو،جنهن ۾ ائين محسوس پئي ٿيو جڻ بحث ڪندڙن جو خيال هيو تہ اسان گهٽ محب وطن آهيون، بنسبت انهن جي ۽ اسان ڦهريائين

پاڻ کي سنڌي چو تا چورايون. خبر نہ آهي تہ اهڙي سوچ اسان جي پائرن ۾ الائي ڪهڙي سببن ڪري اُسري آهي. چا نفرت ۽ بغاوت صرف غير پنجابين جي ورثي ۾ آئي آهي. اسان جي سنڌ جو وجود تہ هند کان بہ اڳ جو آهي. اسان پورا پاڪستاني محبت وطن آهيون.

لاهور يونيورسٽي جي طارق هال ۾ امر تسر ٽي.وي تان، ’بيس سال بعد‘، هڪ جاسوسي فلم ڏٺي. تنهن زماني ۾ هندوستاني فلم ڏسڻ قانوني طرح منع هُئي. سو ماڻهو وڏي شوق سان پر لڪي هندوستاني فلمون ڏسندا هُئا، ان وقت جو هي هڪ وڏو پاڳل پڻو هو. لاهور ۾ ڪافي ڏينهن جي ٽوئر جو پروگرام هو، ان ڪري بانو بازار وجي ميوزم ڏٺو، جنهن ۾ تاريخي شيون پيل هيون. راڌا ڪرشنا مغل بادشاهن، جهڙوڪ، جهانگير (1605-1658)، شاهجهان (1628-1680ع) ۽ اورنگزيب بادشاهہ (1658-1707ع) جون تصويرون (Portrait) ۽ سندن تلوارون ۽ لباس ڏٺو.

لاهور کان جهلم، منگلا ڊيم ۽ ميرپور (آزاد ڪشمير) بس ذريعي گهمڻ نڪتاسين. منگلا ڊيم 1967ع ۾ تيار ٿيو، جنهن جي اوچائي 295 فوٽ ۽ سمنڊ جي سطح کان 1102 فوٽ مٿي آهي. پاڻي جي وهڪري جا پنج چئنل آهن، جن ۾ اٺ ٽربائين ۽ جنريٽر لڳل آهن جيڪي 400 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. هتان کان سورهن ڪلوميٽر پنڌ تي آزاد ڪشمير جو ميرپور شهر آهي. اُن جي موسم خوشگوار لڳي پئي. صبح جو راولپنڊي اچي پهتاسين، جتان پهريائين صدر بازار جو چڪر ڏئي پوءِ بس ذريعي اٺن ڪلوميٽرن تي راول ڊيم ڏٺو جنهن جي ڪم جي شروعات 1971ع ۾، جنرل يحيٰ خان جي هٿان ٿي هُئي. هن ڊيم مان راولپنڊي ۽ اسلام آباد شهرن کي پاڻي جي سپلاءِ ٿئي ٿي. لاهور وانگر راولپنڊي ۽ اسلام آباد شهر، صاف سُٿرا، روڊ رستا ويڪرا، سرسبز ۽ گل گلزار آهن.

صبح تي بس ذريعي اسلام آباد ۾ واقع يونيورسٽي، جيڪا اٽڪل 12 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هئي، سا ڏسڻ وياسين. پروگرام مطابق سينٽرل لائبريري ۽ مختلف ادارا ۽ سينٽر گهميا. هي يونيورسٽي1970ع ۾ نهي راس ٿي، جنهن جو جنرل يحيٰ خان افتتاح ڪيو. ٻئي ڏينهن سوير 110 ڪلوميٽر بس ذريعي سفر ڪندا،ڪيمبل پور، حسن ابدال، لارينس پور ۽ ٽيڪسيلا کان ٿيندا وجي تربيلا ڊيم تي پهتاسين.

تربيلا ڊيم جو گهڻو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ تورو هلندڙ آهي. هي ايشيا جو وڏي ۾ وڏو ڊيم آهي.واپسيءَ تي حسن ابدال ۾ سِکن جي

مرشد،گرونانڪ جو گرُد وارو، لالا زار باغ ۽ ٽيڪسيلا ۾ ميوزم ڏٺو، جنھن ۾ هڙاپا جي ٽي هزار سال پُراڻي تهذيب جا آثار محفوظ هئا ۽ آخر ۾ ريل ڪار ذريعي راولپنڊي پهچي صبح جو مري لاءِ نڪتاسين. رستو نانگ جي وڪڙن وانگر هو، جبل جي پاسن کان مٿي چڙهندي بئي پاسي کان سوين فوٽ گهري کائيءَ تي جڏهن نظر پوندي هئي، تہ وار ڪاندارجي ويندا هئا. ان ڪري بس جي درين کان ٻاهر نظر ڪڍڻ لاءِ دل برداشت ڪونہ پئي ڪيو. مري ويندي ائين محسوس پئي ٿيو، ڄڻ اسان ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ آهيون، جو هتي هر شئيءَ مختلف لڳي رهي هئي. مري سروي آف پاڪستان جي آفيس بلڊنگ ۾ رهڻ جي گنجائش ڪري ڏني وئي،جيڪا غالباً، اسان جي ڪاليج جي اڳوڻي پرنسيپل، ڊاڪٽر افغان صاحب جي واقفيت هئي، جنهن ڪري اها سهولت ملي. مري ويندي سخت سردي لڳي رهي هئي ۽ ڪيترن شاگردن کي زڪام بہ ٿي پيو. مري ۾ وڃي جڏهن بس مان ٻاهر نڪتاسين، تہ ڪڪر اسان جي چوگرد گهمن پيا. ٿوري برسات بہ هلي رهي هُئي ۽ چو طرف ڪڪر ئي ڪڪر نظر پئي آيا.

مري علائقو پنجاب حڪومت جي انتظام هيٺ آهي، جيڪو 60 ڪلو ميٽر اسلام آباد، راولپنڊي کان اتر اوڀر، پير پنجل پهاڙي سلسلي ۾ واقع آهي. خوشگوار موسم هجڻ ڪري، 1864ع تائين انگريزن مري کي سمرهل اسٽيشن (Summer Hill Station) جو درجو ڏنو. مري هماليہ پهاڙن جي دامن (Foot Hills of Hamalaya) ۾ واقع آهي ۽ 2.30 ڪلو ميٽر سامونڊي سطح کان مٿي آهي.

مري ۾ 12 ڪلوميٽرن تي ايوبيا جو علائقو آهي، جيڪو سرحد صوبي، (هاڻوڪي KPK)، جي حد اندر آهي، اُتي ڪيبل ڪار (Cable Car) ذريعي هڪ ڪلوميٽر کان وڌيڪ مفاصلو طئي ڪري، هڪ ٻئي جبل جي چوٽيءَ تي وڃي لٿاسين ۽ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ ڪيبل ڪار ذريعي ساڳئي جاءِ تي موٽي آياسين. مري ۾ ٻي خوبصورت قدرتي نظارن سان پريل نٿيا گلي آهي، جيڪا ايتري تہ گل گلزار آهي جو توهان جي دل اُن کي ڇڏڻ نہ چاهيندي.

مري کان واپس پنڊي اچي، بوگي کي خيبر ميل سان لڳائي، پشاور روانا ٿياسين ۽ صبح جو اچي پشاور ڪينٽ اسٽيشن تي پهتاسون. پشاور شهر جي بازار گهمي شام جو ’بڏابير‘ پرسان، آرمي جي ڇانوڻي آهي.جنهن ۾ مسٽر امير علي ولد سومر شر سپاهي هو، تنهن سان ملڻ لاءِ، آئون ڇانوڻي ويس.هڪ رات رهي صبح جو جڏهن واپس پهتس تہ لَنڊي ڪوتل لاءِ بس تيار هُئي. اُن ۾ سوار ٿي 50 ڪلوميٽر جو مفاصلو طئي ڪري وڃي

اُتي پهتاسين. لَنڊي ڪوتل پاڪستان ۽ افغانستان جي بارڊر پرسان هڪ بستي آهي، جتي سامان سِمَگل تي سستو وڪامندو آهي. اسان شاپنگ ڪري اچي افغان فوجين سان فوٽو ڪيرايا،خيبر پاس ذريعي پشاور ڪينٽ اسٽيشن واپس آياسين، جتي بوگي بينل هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو وادي سوات ڏانهن، بس ذريعي ٻه سَوَ ڪلوميٽرن جو سفر شروع ٿيو نوشهرا، مالا ڪنڊ ۽ مردان مان ٿيندا سوات وادي ۾ داخل ٿي اچي سعادو شريف ۾ منزل ڪئي. وادي جي پُرڪشش نظارن من موهي وڌو، ٻن پهاڙي سلسلن جي وچ ۾ هڪ پاٽيءَ جو وهڪرو، ڪٿي هيٺايون تہ وري ڪٿي مٿاين جو منظر هو، جيڏانهن نهار تہ ساوڪ ئي ساوڪ نظر پئي آئي. جبل چوٽين تائين ساوڪ ۽ قدرتي نظارن سان پرپور هي حَسين وادي سياحن لاءِ سچو سون آهي.

وادي سوات سرحد صوبي (هاڻوڪو خيبر پختونخواه) جو هڪ ضلع آهي، جنهن جون حدون افغانستان سان مليل آهن. سوات نندي هندوڪش جبلن مان نڪري ٿيو، سعادو شريف سوات جي گاديءَ جو هنڌ آهي ليڪن منگورا وڏو شهر آهي. هي هڪ خيرپور وانگر رياست هو، جيڪو 1969ع ۾ ختم ڪري، پاڪستان سان شامل ڪيو ويو. وادي سرسبز چادر ڍڪيل وڏين چوٽين وارن جبلن، صاف ۽ شفاف پاٽي جي ڍنڍن ۽ قدرتي خوبصورتيءَ سان مالا مال آهي. تنهنڪري سياحن لاءِ دلڪش هجڻ ڪري هن خطي کي سئزرلينڊ (Switzerland of the Region) جي لقب سان پُڪاريو وڃي ٿو.

وادي سوات ۾ پهريائين ٻڌمت (Budhism) جو مذهب 234 قبل مسيح کان عام هو، جنهن ڪانپوءِ هندو مذهب پير ڄمايا،جڏهن محمود غزنوي، 1023ع ۾ سوات فتح ڪري، ٻڌمت بادشاهہ راجا کي ماري ڇڏيو، ان ڪانپوءِ ۽ اسلام مذهب وادي سوات ۾ رائج ٿيو.

وادي سوات ۾ جبلن جون چوٽيون هر موسم ۾ برف جي اچي چادر سان ڍڪيل هونديون آهن. اڪثر ڪري ڪاغان ۽ ڪالام وادين ۾ گهڻي برفباري ٿئي ٿي، جو سال جو وڏو حصو اهي شهر ملڪ کان ڪٽيل رهندا آهن، ڇو جو برفباري ڪري رستا بند ٿيو وڃن. وادي جا ٻيا شهر مَرگزار، مَداين، شِن ۽ بحرين بہ ڏسڻ وٽان آهن. دنيا جي سياحن جي دلچسپي وڌائڻ لاءِ، حڪومت کي گهرجي تہ ملڪ ۾ امن قائم ڪري ۽ سياحن لاءِ ضروري سهولتون فراهم ڪري تہ جيئن ملڪ ۾ اقتصادي ۽ سياحت جي صنعت جي ترقيءَ سان گڏ، مقامي ماڻهو لاءِ روزگار جي موقعن ۾ واڌ اچي.

سوات وادي مان بس ذريعي، پشاور ڪينٽ اسٽيشن تي انتظار ۾ بيٺل بوگي ۾ چڙهي واپس حيدرآباد ورياسين، مان امير علي سان گڏ سينارجه اسٽيشن تي لهي ڳوٺ پهتس ۽ ٻيا ٻه پنهنجن اسٽيشن تي لهندا ويا ۽ باقي حيدرآباد وارا اڳتي گاڏي ۾ روانا ٿي ويا.

AIT ۾ داخلا جو سلسلو

اسان جو آل پاڪستان ٽوئر، 8 مئي 1974ع تي ختم ٿيو، ڪاليج ۾ گرمين جي ٻن مهينن جي موڪل هئي ۽ 22 جولاءِ تي ڪُلڻ جو پروگرام هو، ان ڪري مون ايترو وقت ڳوٺ ۾ ٻني ٻاري ڪاهڻ جو وجي ڪم ڪار ڪيو، ان لاءِ جو بيڪار ويهڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. مئي مهيني ۾ ڦٽين جو فصل ڪاهيو ويندو آهي. اِن دوران ٽرڊ ايئر جو رزلٽ آيو جنهن ۾ پهرين پوزيشن ممتاز ميمڻ، ٻئي حسين بخش شيخ ۽ ٽئين پوزيشن منهنجي آئي. ساڳئي ڏينهن تي پٽو صاحب جي شاگردن لاءِ قرض واري اسڪيم تحت 175 روپيه ماهوار ٻه ملڻ جو بئنڪ طرفان حڪم نامو مليو ڏاڍي خوشي ٿي ۽ اڳتي هلي آڪٽوبر ۾ ڪاليج طرفان 630 روپيه جو چيڪ مليو. رب پاڪ ڪنهن جي به محنت ضايع نه ڪندو آهي. نيت صاف آهي ته مالڪ پنهنجي رحم ۽ آساني جا گل نڇاور ڪري ٿو.

اسان جي گريجوئيشن سال، ڊسمبر 1974ع جي آهي پر ملڪ ۾، خاص ڪري سنڌ ۾ هُل ۽ هنگامن ڪري ڪاليج ۽ ٻيا تعليمي ادارا ڪافي وقت بند رهڻ ڪري اسان جو سيشن ڇهه مهينا ڪن پوئتي هٽي وڃي مارچ اپريل 1975ع ڌاران پاسنگ پريڊ ٿي.

اسان جي آخري سال جا ڪلاس شروع ٿيا ته، پڙهائي تي به ڏاڍو زور ڏنوسون جو آخري سال جي ڊگري پوزيشن ۾ هجڻ ڪري نوڪري جلدي ملي وڃڻ جا چٽا امڪان هوندا آهن.

اِن دوران استادن ۾ ڪجهه نوان چهرا آيا جيڪي AIT، ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي، بئنڪاڪ، مان تازي ماسٽرس آف انجنيئرنگ ڪري آيا هُئا. انهن جي سُٺي پڙهائڻ جو انداز ڏسي، مون کي به شوق ٿيو، ته جو نه اهڙي اداري ۾ داخلا لاءِ ڪوشش ڪجي. سو آئون به ائڊريس هٿ ڪري، فارم گهرائي، پوسٽ ذريعي موڪلي ڏنو. ان لاءِ ته اهڙي اداري ۾ اسان کي سفارش ڪرائڻي ڪونه پوندي، جو اُتي اهڙو رواج نه هوندو. اُهي صرف ميرٽ جي خيال سان داخلا ڏيندا ۽ ٻئي وڏي حيرت جي ڳالهه ته

هو اسڪالرشپ بہ پاڻ، ٻين ملڪن ڪان وٺي اسان کي ڏيندا. هڪ تہ پاڪستان مان اسڪالرشپ ملڻ جو امڪان زيرو جي برابر ۽ ٻيو تہ اسان وٽ آٽين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏهاڙي سومرا .... وارو حال هو.

اُنهن ڏينهن ۾ پوسٽ جو حال ڏاڍو موچارو هوندو هُيو، جو جواب ايندي مهينو ڏيڍ لڳي ويندو هو. مون ان لاءِ اڳ ۾ درخواست موڪلڻ مناسب سمجهيو جو ايستائين فائينل سال جو امتحان ڏئي وٺندس، جو داخلا بہ آخري سال جي نتيجي تي ٽيٽي هُئي. AIT ۾ پڙهائي جي لحاظ کان نئون سال آگسٽ مهيني ۾ شروع ٿيٽو هُو، سو وقت بچائڻ لاءِ اِهو ضروري هو تہ گهٽو اڳواٽ داخلا لاءِ فارم پرجي، جو اُنهن کي داخلا کان اڳ گهٽي ساري معلومات ۽ ڪاغذات گهربل هُئا.جيڪي انٽرويو کان اڳ ۾ ڪين مهيا ڪري ڏيٽا هُئا. انهن ۾ پوين سالن جي امتحانن ۾ ڪاميابي بابت، سَنُدون، ٽي ڪن تعارفي خط، جيڪي وڏي نالي وارا انجنيئر، پروفيسر يا ڪنهن وڏي اداري جي ڊاريڪٽر جا قابل قبول هئا. مونکي ياد آهي، تہ ٽي رفرنس ليٽر منهنجي بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ AIT جي رجسٽرار، مائي چرنسُپيا (Mai Charoensuaaya) هر هڪ ڊاڪٽر اي.ايف عباسي صاحب، جيڪو ڪاليج جو پرنسيپل، ٻيو ڊاڪٽر حاجي محمود ميمڻ صاحب ڏانهن موڪليا. ٽئين رفرنس جو مون کي ياد ڪونہ آهي تہ ڪنهن کي موڪليو ويو هو. هر دفعي جڏهن AIT مان ڪو خط ايندو هو، تہ ڏاڍي خوشي ٿيندي هُئي، ائين لڳندو هو ڄڻ ڪنهن محبوبہ جو خط آيو هجي. ڪلاس ميٽس مان ممتاز ميمڻ بہ AIT ۾ اپلاءِ ڪيو، گهٽي معلومات ۽ ڪاغذات ڏيڻ کانپوءِ، اپريل 1975ع جي آخر ۾،AIT کان خط مليو تہ 3 مئي تي گورنمينٽ NEDانجنيئرنگ ڪاليج ۾ صبح جو 8 بجي انٽرويو لاءِ پهچٽو آهي. اسان جو آخري سال جو امتحان 7 فيبروري 1975ع ۾ شروع ٿيو، جيڪو 1974ع سال جي آخري مهينن ۾ ٿيٽو هو. پهريون پيپر Soil Mechanics-II ۽ آخري پيپر Architecture &Town Planning، سورهن اپريل تي ٿيو ۽ ٿيسِس (Thesis) يارهن مئي تي ٽيٽي هُئي ۽ رزلٽ وچي جون ۾ نڪتي. آخري سال جي نتيجي نڪرڻ کان اڳ، AIT وارن منهنجي پوئين ڪارڪردگي جي بنياد تي، مون کي پهري مئي تي ليٽر موڪليو جنهن ۾ مون کي انٽرويو لاءِ گهرايو ويو. ڏاڍي خوشي ٿي تہ آخري سال جي نتيجي نڪرڻ کان اڳ ۾ مون کي انٽرويو لاءِ گهرايو ويو آهي. جيئن تہ مونکي ڪو رهنمائي جو وسيلو موجود نہ هئو ۽ نہ وري

کي اهڙا ٻيا وسيلا موجود هُئا. جيڪي اڄڪلهه جي دور ۾ جهڙوڪ: موبائيل فون، TCS، انٽرنيٽ وغيره، نوجوانن وٽ موجود آهن،مان انٽرويو لاءِ ڪا خاص تياري نه ڪري سگهيس. وقت تي پهچڻ لاءِ آئون هڪ ڏينهن اڳ ۾ مالوٽ مسٽر عبدالستار شر، جنهن جو گهر ايئرپورٽ جي سامهون واري علائقي 'گرين ٽائون' ۾ هو، ان وٽ وڃي رات رهيس ۽ صبح سوير نڪري بس ذريعي پڇا ڪندي وڃي NED انجنيئرنگ ڪاليج پهتس. تنهن وقت انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسيپل مسٽر جوکيو صاحب هو، اتي وڃي اُن جي دفتر ۾ سيڪريٽري وٽ پنهنجو نالو درج ڪرايم. انٽرويو تي سنڌ مان ڪافي اميدوار آيل هُئا، سڀ جا سڀ سوٽ ٽاءِ ۽ عمدين پوشاڪن ۾ هئا ۽ آئون سادي پوشاڪ ۾ ۽ گهبرايل، سو يقين ڪونه پيو اچي ته آئون هي انٽرويو پاس ڪندس. الله تعاليٰ ۾ آسرو ڪري، دل ٻڌي انٽرويو لاءِ انتظار ڪيم. خبر پئي ته انٽرويو ڪاميٽي ۾،AIT ڪان آيل پروفيسر، ڊاڪٽر اِي ڊبليو براند (Dr. Prof E.W Brand) آيل آهي ۽ پرنسيپال ڊاڪٽر جوکيو ۽ ٽيون ڪو هندو پروفيسر،مسٽر ڳاوت راءِ انٽرويو ڪاميٽي ۾ شامل آهن. پنهنجي واري جو انتظار ڪندي، جڏهن داخل ٿيس ته پهريائين منهنجي نظر ڳاڙهي جسامت واري پروفيسر اي.ڊبليو براند تي پئي جو انگريز کي ڏسڻ جو هي منهنجو پهريو اتفاق هو. ٽنهين ميمبرن واري واري سان انجنيئرنگ جي مختلف مضمونن مان سوال ڪيا، آئون سيني سوالن جا جواب سُهٽي نموني سان ڏنا. انگريز کان رهيو ڪونه ٿيو، سو ڊاڪٽر جوکيو کان پڇيائين ته ڇا هي ڪراچي کان ٻاهران آيل آهي، تنهن تي جوکئي صاحب مون کان ضلعو پڇيو، مان ڪيس خيرپور جي ٺري تعلقي مان اچڻ جو ٻڌايو. ان تي جوکئي صاحب پروفيسر کي تفصيل سان ٻڌايو ته هي ڇوڪرو اندرون سنڌ (Sindh Rural) سان تعلق رکي ٿو. پروفيسر آخري سوال ڪيو ته سنڌ اندر پاڻي بخارات (Evaporation) ڪيتري انداز ۾ ٿيندو آهي. مون هن کي ٻڌايو ته بخارات جو تعلق درجہ حرارت سان آهي ۽ اندازً گرمي دوران 10 کان 15 سيڪڙو تي سگهي ٿو. ڊاڪٽر براند، جوکئي صاحب سان مشورو ڪيو، تنهن تي جوکيو صاحب منهنجي جواب جي تائيد ڪئي. آخر ۾ جوکيو صاحب، سنڌي ۾ فقير فولاد علي شر بابت معلومات ورتي ۽ شر هجڻ جي ناتي سان رشتو پڇيو، جنهن تي مون ڪيس چيو ته فقير فولاد علي شر، منهنجي بابا جو سڳو مامو ٿئي. ڊاڪٽر براند، اِهو چيو ته منهنجو انٽرويو صحيح ٿيو آهي پر رزلٽ توهان

جي آخري سال جي نتيجي تي انحصار ڪري ٿي ۽ توهان کي گهرجي تہ جلدي ڪاغذ ڏياري موڪليو تہ جيئن اسان توهان کي داخلا ۽ اسڪالرشپ بابت اطلاع ڏيون. پوءِ هن کي مهرباني ڇٽي ۽ ٻاهر نڪري وجي،NSC بلڊنگ پهتس، جو اتي هڪ عزيز رسول بخش شر سان ملڻو هو.

مئي جي انٽرويو کان پوءِ، 7 جون تي AITکان ليٽر مليو، جنهن ۾ ماسٽرس اِن اريگيشن انجنيئرنگ ۾ داخلا سان گڏ، فل برائيٽ اسڪالرشپ ڏيڻ جي تصديق ڪئي وئي ۽ مفت رهائش / ڪتابن جو خرچ ۽ کاڌو الائونس جيڪو 1575 ڀات (Rs.800) ماهوار ملڻ شامل هئا. الحمد الله،خالقِ ڪائنات جا لکين احسان جن کي وساري نٿو سگهجي. هي خط جڏهن ادا ظفر کي، ڳوٺ ۾ ڏيکاريو، تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ ’تنهنجا ڀاڳ بلڪل نرالا آهن‘، مون کي چاچي صالحيان ان جي هٿ ڏسڻ واري ڳالهہ، ياد اچي وئي ۽ خط پهچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ چاچي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي هئي. مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بئنڪاڪ وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. پاسپورٽ ٺهرائڻ لاءِ حيدرآباد مان انڪار مليو، تہ سکر مان وڃي ٺهرايو. پاسپورٽ ٺهرائي ٿاءِليند جي ڪائونسل جنرل ڪراچيءَ مان ويزا لڳرائي جوAIT وارن منهنجي داخلا بابت پوري معلومات اڳ ۾ انهن کي موڪلي ڇڏي هئي. آمريڪا (PAN America) جي ايئر لائين جي ٽڪيٽ ڪراچي جي ميٽروپول هوٽل مان ورتي ۽ وڃڻ جي تاريخ 26 مارچ تي طئي ٿي، ٽڪيٽ جي قيمت، 1635 روپيہ هُئي، جيڪا AIT وارن ايئر لائين کي اڳواٽ ادا ڪئي هُئي.

انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهہ ۾ ليڪچرر

اسلام آباد مان سرڪاري نوڪريءَ جي حوالي سان NOC وقت تي نہ پهچڻ بابت ٻڌائيندو هلان، تہ اُن وقت سرڪاري ملازمن لاءِ لازمي هوندو هُيو تہ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ کان اڳ اسلام آباد کان NOC ضرور وٺن، هوائي جهاز جي ٽڪيٽ وٺڻ وقت NOC جو هجڻ ضروري هو، نہ تہ وري ايئرپورٽ تان موٽائي ڇڏيندا هُئا. منهنجي NOC ان ڪري ضروري هُئي جو مون کي پرنسيپال ڊاڪٽر اي.ايف عباسي صاحب جن 16 اپريل تي پنهنجي گاڏي ۾ ساڻ ڪري، نواب شاهہ جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهائڻ لاءِ زور وڌو ۽ آئون استاد جي اڳيان خاموش رهيس ۽ ليڪچرار جي جاءِ تي اُن وقت گريڊ

17 جي پگهار 800 روپيه ماهوار سان ڪم شروع ڪيو. اسان جو آخري پيپر 16 اپريل ۽ ٿِيسِس (thesis)، 11 مئي تي ٽيٽي هُئي، ڊاڪٽر عباسي صاحب مون کي رزلٽ نڪرڻ کان اڳ، نواب شاهه ۾ استاد ٿيڻ جو حڪم ڪيو ۽ پاڻ مونکي پنهنجي ڪار ۾ کڻي نوابشاهه ڪاليج ۾ دخلڪاري ڪرائي. نواب شاهه انجنيئرنگ ڪاليج، جيڪو سنڌ يونيورسٽي سان لاڳاپيل هو، تنهن جي ٻئي سال جي شاگردن کي عمارتي اڏاوت ۽ اڏاوتي سامان جي مضبوطي (Building Construction and Strength of Material) جا مضمون پڙهائڻ شروع ڪري ڏنا هئا.

هتي بيان نه ڪرڻ خيانت ٿيندي ته جناب غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب پنهنجي سنڌ جي وزير اعليٰ جي دور ۾ سنڌ اندر وڏي ترقي ڪئي ۽ هي انجنيئرنگ ڪاليج ۽ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج، نواب شاهه جي ماڻهن لاءِ نه، پوري ٻهراڙي سنڌ واسين لاءِ جتوئي صاحب طرفان هڪ تحفو هو.

مئي مهيني جي وچڌاري آخري سال جي رزلٽ آيو، جنهن ۾ منهنجي ٻئي پوزيشن آئي ۽ ڀرين ممتاز ميمڻ ڪئي. 22 مئي، 1975ع تي مان ليڪچرار جي پوزيشن لاءِ باقاعدي يونيورسٽي سليڪشن بورڊ اڳيان پيش ٿيس. بورڊ جو چيئرمين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) جو چيئرمين هو، سيني ميمبرن سوال ڪيا، پوءِ آخر ۾ چيئرمين منهنجي ڪاليج ۾ بهتر ڪارڪردگي جي حوالي سان تعريف ڪئي.

ماهر انجنيئر ٿيڻ ۽ نوڪري وٺڻ جو ايترو ته اشتياق هوندو هو، جو بيان نه ٿو ڪري سگهجي. آخري سال جي وچ ڌاري، نوڪري لاءِ هر اخبار جي ايندڙ اشتهار تي نظر هوندي هُئي. 26 سيپٽمبر 1974ع ۾ اريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ سب انجنيئر جي جاءِ لاءِ درخواست موڪلي. تڏهن اريگيشن ڊپارٽمينٽ وڏي رعب تاب وارو شعبو ليکيو ويندو هو،پر بدقسمتي جو اُن مٿان خاص ٽولي (يعنيٰ ’شاهه، ميمڻ، سومرن ۽ شيخن جو مڪمل قبضو هوندو هو ۽ جهڙي تهڙي جي داخلا مشڪل هوندي هُئي.

ساڳئي سال جي آڪٽوبر مهيني ۾ حاجي ڪريم الدين شر جي دوست، غلام قمبر جتوئي معرفت سنڌ جي چيف منسٽر غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب جي سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي واري گهر وڃڻ ٿيو ۽ جتوئي صاحب ۽ سندس ڀاءُ غلام مجتبيٰ خان سان ٻه ٽي دفعا ملڻ جو موقعو مليو.

ٻيءِ پاسي اسان شرن سان مٽي مائٽي واري نسبت ڪري وڏا مهربان هوندا هُئا جو اسان کي ڏکيو ڏسڻ پسند نه ڪندا هُئا. بلوچي شجري جي

نسبت شر ۽ جتوئي پاڻ ۾ پائر سمجهيا ويندا آهن. اسان ٽنهي جڏهن غلام مصطفيٰ خان سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايم، ته آئون شر آهيان ۽ انجنيئرنگ جي ڊگري ڪئي آهي (آخري سال جو امتحان رهيل هو)، سو نوڪري جي ڳولا ۾ آهيان، توهان ڪا مهرباني ڪريو. اُن تي فوراً چيائين، ته آئون سياڻي 15 ڏينهن لاءِ وفد (Delegation) جي سربراهي ۾ آسٽريليا پيو وڃان، سو توهان صبح 8 بجي ڏاران هتي اچي جو توهان کي سائيٽ (SITE) جي ايم.ڊي مسٽر مقصود سان ملايان ۽ ڪيس نوڪري ڏيڻ لاءِ چوان. وڏيڪ لاءِ جتوئي صاحب پنهنجي پاءُ غلام مجتبيٰ کي منهنجي پارت ڪري ڇڏي. هي مقصود صاحب غالباً اُهو ئي آفيسر هو، جنهن کي جنرل ايوب ٽي سَوَ آفيسرن واري لسٽ ۾ نوڪري کان خارج ڪيو هو. جن ۾ اڪثريت CSP آفيسرن جي هئي ۽ مقصود سان ممتاز پٽو به ناراض رهندو هو. آئون صبح جو سوير پهتس ته جتوئي صاحب منهنجو هٿ وٺي مقصود صاحب جي هٿ ۾ ڏئي چيو ته بابا هي اسان جو مائٽ آهي ۽ انجنيئرنگ جي ڊگري اٿس سو SITE ۾ ڪيس نوڪري ڏيئنس. مقصود صاحب مون کي چيو ته ٿورو انتظار ڪريو ته سائين وارن کي ايئرپورٽ تان روانو ڪري توکي آفيس گڏ وٺيويندس. سائين آفيس پهچڻ سان مئنيجنگ ڊاريڪٽر مقصود صاحب پنهنجي چيف انجنيئرکي گهرائي چيو ته شر صاحب جو انٽرويو ڪريو جو ڪيس نوڪريءَ تي رکڻو آهي. چيف صاحب جڏهن ڊگري بابت پڇيو ته، مان ڪيس ٻڌايو ته اجان امتحانن ۾ ڪجهه مهينا باقي آهن، تنهن تي هُن مون کي رزلٽ نڪرڻ کان پوءِ اچڻ جو چيو.

9 مئي 1974ع تي، نواب شاهه انجنيئرنگ ڪاليج ۾ استاد جي حيثيت سان شامل ٿي شاگردن کي مختلف مضمون پڙهائڻ شروع ڪيم اِن اُميد سان ته انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿيڻ سان گڏ ڪجهه مالي حالت کي بهتر بنائڻ ضروري هُيو. اُن وقت نواب شاهه ڪاليج جو پرنسيپال ڊاڪٽر اي.اي جوڻيجو هو، جيڪو مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ تازي Ph.D ڪري آيو هو. ڪاليج قائم ٿئي کي ٻه سال کن ٿيا هُئا، اجان ڪاليج جون عمارتون ڪونه نهيون هيون، بلڪه ٻه هاسٽلون مڪمل ٿيڻ واريون هنيون ۽ ڪاليج جي درسي عمارت نه هجڻ ڪري پڙهائي ڪنهن پراڻي جاءِ ۾ هلندڙ هُئي. اسٽاف جي رهائش جا گهر اجان اڏاوت هيٺ هُئا. استادن لاءِ سوسائٽي ۾ هڪ ڪِرائي تي ورتل جاءِ، جنهن کي ’ٻارنهن دري‘ چوندا هُئا، اُن ۾ رهائش پذير هُئا. آءُ چار مهينا پڙهائي، آگسٽ جي آخر ۾ ماسٽرس ڪرڻ لاءِ بئنڪاڪ روانو ٿي ويس.

بئنڪاڪ روانگي

سرڪاري نوڪري جي حوالي سان اسلام آباد مان NOC پوسٽ ذريعي نواب شاهه ڪاليج جي ائڊريس تي وقت اندر نه اچڻ ڪري ڏاڍي تڪليف ٿي، جو اُن وقت منهنجي اسلام آباد ۾ ڪنهن سان به ڏيٺ ويٺ ڪونه هُئي. بهرحال رب جي مهرباني جو آخري ڏينهن تي مان ڪراچيءَ مان پنهنجي ياءُ بهادر علي فقير کي نواب شاهه موڪليو ته NOC پهچڻ شرط سڌو ڪراچي کڻي اچي، پوءِ هو فلائيٽ واري ڏينهن فجر جي وقت اچي، عبدالستار شر جي گهر واقع گرين ٽائون پهتو جتي آئون ترسيل هُئس. وڏي حيرت جي ڳالهه، ته هُن پهريو دفعو ڪراچي جو رخ ڪيو هو ۽ عبدالستار جو گهر ڳولي لهڻ هڪ معجزي کان گهٽ نه هو جو ان وقت ڪنهن قسم جو رابطو يا معلومات وٺڻ ممڪن نه هئي. NOC کڻي اچڻ کان پوءِ مان وچي ميٽرول هوٽل ۾ واقع PAN AM آفيس مان ٽڪيٽ ورتي. اِن NOC جي دير سان پهچڻ ڪري ڪيترائي پاڪستاني شاگرد AIT ۾ اڪثر مقرر وقت گذرڻ کان پوءِ پهچندا هئا. ان لاءِ آئون جڏهن AIT ۾ پاڪستاني اسٽوڊنٽس ايسوسئيشن جو سوشل سيڪريٽري ٿيس، ته پوءِ وزير تعليم، جناب عبدالحفيظ پيرزادي کي خط لکي AIT ۾ داخلا لاءِ، مستقبل ۾ NOC کي مقرر وقت کان اڳ موڪلڻ جي ضرورت کان آگاهه ڪيو.

اسلام آباد مان NOC اچڻ ڪري، 28 آگسٽ تي صبح سوير 2:50 تي، آمريڪي پان.ايم جي جهاز ۾ چڙهي دهلي ايئرپورٽ تي ڪلاڪ ڪن ترسي، اتان ڪجهه ٻيا مسافر کڻي شام ڌاري بئنڪاڪ جي ڊان مئنگ (Don-Mang Airport) ايئرپورٽ تي وڃي لٿاسين. مون سان گڏ ممتاز ميمڻ جي به داخلا ٿي هُئي اسان ٻئي انٽرويو تي به گڏ هئاسين ۽ جهاز ۾ به گڏ سفر ڪيو. ممتاز جي داخلا زميني علم (Soil Engineering) ۾ ٿي هُئي.

ڪراچي ايئرپورٽ تي مون کي الوداع ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر حاجي محمود ميمڻ صاحب، ظفر علي صاحب، حاجي ڪريم الدين شر، عبدالستار شر، بهادر علي فقير، شفيع محمد شر، مشتاق احمد شر، نيڪ محمد شر، رسول بخش شر ۽ ٻيا ڪيترائي عزيز ۽ دوست موجود هُئا.

دهلي ايئرپورٽ تي اسان ٻنهي جهاز کان هيٺ لهي، ٽار ميڪ (Tarmac) تي فجر جي نماز ادا ڪئي. اسان کي بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي وٺڻ لاءِ، مسٽر الطاف سومرو، رفيق احمد لغاري آيا، جيڪي ڄامشورو ۾ ڪجهه

وقت لاءِ استاد بہ هُئا ۽ ڇهہ مهينا اڳ پڙهڻ لاءِ AIT آيا هُئا. منهنجي هوائي سفر جو هي پهريون (Maiden Flight) سفر هو. جهاز ۾ ڪافي مسافر هُئا، مون کي فل سوٽ سان گڏ سنڌي ٽوپي پاتل هُئي. ايئرپورٽ تان، 42 ڪلوميٽر ٽيڪسي ڪري وڃي، AIT ڪيمپس ۾ پهتاسون تہ اُتي ٻين پاڪستانين ڏاڍي سني آذر ڀاءُ ڪئي ۽ هڪ نئين ماحول ۾ اچي، هر شئيءَ ۾ جدت ڏسي ۽ حيرت محسوس ڪئي.

AIT وارن مون کي هالينڊ (Royal Govt of Netherland)کان اسڪالرشپ اهليت جي بنياد تي وٺي ڏني هئي. بئنڪاڪ وڃڻ کان اڳ ڪاليج وارن مون کان هڪ بانڊ لکرائي ورتو، جنهن ۾ موٽي اچڻ ۽ ڪاليج ۾ نوڪري ڪرڻ جو پابند ڪيو، حالانڪ منهنجي اسڪالرشپ ٻاهرين ملڪ جي هُئي، اِها پابنديءَ ان صورت ۾ وٺبي آهي، جڏهن اُهو ادارو يا حڪومت اسڪالرشپ پاڻ ڏيندو آهي. بهرحال آئون جڏهن 1977ع ۾ ماسٽرس ڪري،واپس آيس تہ اُن پابندي تي عمل ڪندي، ڪاليج ۾ نوڪري ڪئي ۽ اُن وقت پرنسيپال،سيد غلام سرور شاھ هُيو، جنهن مون کي خيرپور جي ممتاز ڪالج ۾ رياضيءَ جو مضمون پڙهايو هُئو. استاد پنهنجي مضمون ۾ ڏاڍو هوشيار هو ۽ قابل احترام هو پر اها خبر نہ پئي تہ هِن ڪاليج ۾ ڪيئن اچي پرنسيپال ٿيو.

AIT، بئنڪاڪ ۾ پهچڻ سان ٻئي ڏينهن اسان جي انگلش جي ٽيسٽ ورتي وئي، اِهو ان لاءِ تہ ايشين ملڪن ۾ انگريزي مادري زبان نہ هجڻ ڪري، اُنهن شاگردن کي وڌيڪ سکيا ڏني وڃي تہ جيئن هو انگريزيءَ ۾ ليڪچر وغيره آساني سان سمجهي سگهن. انگريزي ۾ هندوستاني، سريلنڪن ۽ فلپيني وڌيڪ هوشيار محسوس ٿيا ۽ سڀ کان وڌيڪ جڏا،انڊونيشين، چائنيز ۽ ويٽنام وارا هُئا. ٽيسٽ رزلٽ جي آڌار تي ڪنهن کي بہ مهينا تہ ڪن کي چار مهينا انگريزي سکڻي پئي. پر مونکي ٻن مهينن لاءِ انگريزي سکڻي پئي، انگريزي ٻولي جي مرڪز جي جوابداري پروفيسر برانڊ جي گهر واري ئي هئي.

صبح تي اسان کي بئنڪ ذريعي کيسي جي خرچي 1575 ڀات (انوقت 800 روپيہ) ڏني وئي، جنهن مان بوڪ اسٽور تان وڃي ڪتاب خريد ڪياسين. AIT طرفان اينڊڙ هڪ سال جو ڪئلينڊر بہ ڏنائون، جنهن ۾ هر نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين (Academic & non academic activities) بابت وقت ۽ تاريخ درج ٿيل هُئي، جنهن ۾هڪ ڪلاڪ جي بہ ڦيرڦار ڪونہ آئي.(AIT ۾ داخلا لاءِ، اي.ميل admissions@AIT.AC.TH آهي).

AIT دنيا ۾ هڪ واحد ادارو آهي، جنهن ۾ گهٽ مالي حالت وارا شاگرد به اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا پر هِن اداري جو مٿانهون معيار هجڻ ڪري، تعليم پرائڻ ڏاڍي ڏکي ۽ مشڪل آهي، جو پاسنگ پنجاهه سيڪڙو کان مٿي رکيل آهي. سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي نه ته هِن اداري جي تاريخ ڏسبي ته ٻين ادارن جي بنسبت هِتي هر سال ڪيترائي ڇوڪرا آپگهات ڪندا رهندا آهن يا وري اڌ ڇريا ٿي تعليم پوري ڪري نه سگهندا آهن. منهنجي دور ۾ هڪ شاگرد جيڪو سنڌ مان آيو هُيو، سو به آخري سيميسٽر ۾ اڌ پاگل ٿي پيو ۽ وڏي مشڪل سان سندس پيءُ ۽ ڀاءُ کيس واپس وٺي ويا، جنهن ٻن ٽن سالن کان پوءِ موٽي اچي ڊگري حاصل ڪئي. ٽائي ڇوڪري ناپاس ٿيڻ ڪري آپگهات ڪئي. هن اداري ۾ جيڪو شاگرد ڪنهن به هڪ مضمون ۾ گهٽ مارڪون کڻي ناپاس ٿئي ٿو ته ان کي اِها سهولت نه ٿي ڏني وڃي، ته اُن مضمون جي بدلي ۾ ڪو ٻيو مضمون کڻي سگهي. حالانڪ اِها سهولت، يورپ ۽ آمريڪا جي سڀني تعليمي ادارن ۾ موجود آهي. بلڪ اُتي ته توهان سري ڪان مضمون (Subject or Discipline) يا اداروئي تبديل ڪري ڊگري حاصل ڪري توهان واپس موٽندا پر AIT ۾ ائين نه آهي.

AIT ڪئمپس، 42 ڪلوميٽر پَھُوليوٿِن هاءِ وي (Paholyothin Highway) تي بئنڪاڪ کان اتر طرف واقع آهي. ڪيمپس ڏاڍي خوبصورت نهيل آهي، اُتي شاگردن ۽ اسٽاف لاءِ هر قسم جون سهولتون ميسر آهن. مسلمان شاگردن لاءِ ڪيفي ٽيريا ۾ الڳ سان حلال خوراڪ جو بندوبست آهي. شاگردن کي پنهنجي فئملي سان گڏ رهڻ جي سهولت جي حوالي سان فئملي رهائش جو مڪمل بندوبست پڻ آهي.

ٿائلينڊ

ٿائلينڊ کي سِيام (SIAM) سڏيو ويندو هو، ڏکڻ اوڀر ايشيا (South East Asia) جي انڊوچائنا پيننسولا (Indochina Peninsula)جي وچم هڪ ملڪ آهي، جنهن جي اتر ۾ مِينمار (برما)، لائوس (Laos) ۽ اوڀر ۾ ڪمبوڊيا ۽ لائوس جو پرڳڻو، ڏکڻ ۾ ٿائلينڊ جو نار (Gulf of Thailand) ۽ ملائيشيا ۽ سندس اولهه ۾ اينڊومان سمنڊ (Andoman Sea) سان گڏ ڪجهه برما جو حصو لڳي ٿو. ٿاءِ لينڊ کي ساموندي حدون، ويٽنام سان ڏکڻ اوڀر ۾ ۽ انڊونيشيا ۽ هندوستان سان ڏکڻ اولهه ۾ لڳن ٿيون. ٿاءِ لينڊ جي ايراضي 513000 مربع

ڪلوميٽر ۽ (2014ع) دنيا ۾ آبادي جي لحاظ کان، وَيهن ۽ ايراضي جي حوالي سان ايڪونجاهين نمبر تي آهي. ٿاءِ لينڊ جي هن وقت، آبادي ساڍا ڇهه ڪروڙ آهي. ملڪ جي سرڪاري ٻولي ’ٿائي‘ آهي، جيڪا ’ٿائي ڪدائي‘ (Tai Kadai) ٻولي جي ويجهو آهي ۽ معنمار (برمان) جي ٻولي ’لائوشن‘(Lao Shun) مان نڪتل آهي. ٿائي ٻولي سان ملندڙ جلندڙ ٻيون به قبائلي ٻوليون ڳالهايون وجن ٿيون، جهڙوڪ:ٿائي چائينيز ۽ ٿائي ملائيز ٻوليون آهن. ملڪ ۾ تقريباً پنج نسلي گروهه Ethic Groups آهن، جهڙوڪ: اتر اوير علائقي ۾ رهندڙ وچئين پرڳڻي ۾ وسندڙ، ڏاکڻي علائقي ۾ رهندڙ ۽ انهن سان گڏ وري چائينيز نسل ۽ ملائي نسل جا باشندا. انهن سيني جي رسمن رواجن ۽ ريتن ۾ فرق آهي. انهن ۾ اتر اوير ۽ وچئين پرڳڻي ۾ رهندڙ ٻين گروپن تي مڙيوئي ڪجهه حاوي نظر ايندا آهن، جيئن اسان وٽ پنجاب کي وڏي ڀاءُ واري حيثيت مليل آهي. اُهو وڏو ڀاءُ، ڀلين ننڍن ڀائرن جو ستياناس چونہ ڪري،جو ڪيس چوڻ وارو ڪونہ هوندو آهي ٿائي ٻولي، سيني ادارن ۾ ڳالهائي ۽ لکي ويندي آهي. آباديءَ جو پنجانوي سيڪڙو ٿائي ٻولي ڳالهائيندا ۽ سمجهندا آهن. ٿائي ٻولي آسان آهي جو اوپرو ٻن ٽن مهينن ۾ ڳالهائي سگهي ٿو. انگريزي ٻولي،صرف هڪ مضمون طور اسڪولن ۾ پڙهائي ويندي آهي. پر عام طور ڏٺو ويو آهي تہ ٿائي، انگريزي ۾ ايترائي ڪمزور هوندا آهن جيترا چائنيز، انڊونيشين ۽ عرب.

اڇو تہ پنهنجي اصلي موضوع تي واپس اچون، ٿائيلينڊ ۾ بادشاهي نظام هيٺ پارليامينٽري نظام آهي ۽ رياست جو هيڊ بادشاهہ آهي، جنهن جو نالو يميبول عادل يا ديج (King Bumibol Adulyadej) آهي، ماڻهن جو عام مذهب ٻڌمت آهي ۽ سندن ڪئلينڊر جو سال معلوم ڪرڻ لاءِ عيسوي سن ۾ 543 جمع ڪرڻو پوندو. ٻڌ ڌرم کان پوءِ ٻئي نمبر تي مسلمان آهن، جن جو تقريباً 5% آبادي جو ٿئي، جن ۾ ملائي مسلم جي گهڻائي آهي. ان کان پوءِ عيسائي آهن، جيڪي 1% کان ٿورو گهٽ آهن، انهن سان گڏ هندو، سک ۽ يهودي بہ آهن. ٿائي ماڻهو ڏاڍا صاف سُترا ۽ نياز مندي سان آڌر ڀاءُ ڪرڻ وارا، ملڻ وقت ٻئي هٿ جوڙي مٿي ڪري نِوڙت سان آڌر ڀاءُ ڪرڻ خاطر، سوادِي ڪپ (Sawadee Khrap) چوندا آهن. ڳالهائڻ ۾ مناس، نوڙت ۽ عاجزي نمايان نظر ايندي آهي. ٿاءِ لينڊ ۾ بہ ڪيترين ئي ندين پر وڏين ندين ۾ چائو ڦريا (Chao Phraya) ۽ ميڪانگ ندي (Mekong) مشهور آهن، جيڪي سڄي ملڪ کي زرخيز ڪن ٿيون. هونءَ بہ اُتان جي

موسم ڏاڍي خوشگوار آهي، پر گرمي ۾ درجہ حرات 35^0C کان مٿي ڪونہ چڙهي، هر وقت ڪڪر آسمان کي ڍڪيو بيٺا هوندا آهن. چائو ڦريا ندي، بئنڪاڪ شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي ۽ 25 ڪلو ميٽر ڏکڻ طرف وڃي، ٿاءِ لينڊ جي نار (Gulf of Thailand) ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. پراڻي زماني ۾ هن نديءَ جو نالو ’مائي نام‘ Mai-Nam هُو، جنهن جو مطلب مائي، ماءُ ۽ نام معنيٰ پاڻي يعني پاڻي جي ماءُ (mother of waters) آهي. ملڪ جي اُترين حصي ۾، ناکون ساوان (Nakhon Sawan) شهر وٽ بہ نديون، پنگ (Ping) ۽ نان (Nan)، ملي (Confluence) ڪري چائو ڦريا کي جنم ڏين ٿيون.جيڪا 375 ڪلوميٽر ڪري اچي بئنڪاڪ پرسان ٿاءِ لينڊ نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

بئنڪاڪ ۾ زميني مٺي پاڻي (Sweet Ground Water) هجڻ ڪري، سڄو شهر ايترو بي انداز زمين مان پاڻي ڪڍي استعمال ڪري ٿو جو هڪ تحقيق موجب سڄو شهر آهستہ آهستہ هيٺ ٽيڻ لڳو آهي. چون ٿا تہ 4mm هر سال سڄو شهر زمين دوز ٽيندو رهي ٿو، جنهن ڪري حڪومت زير زمين پاڻي ڪڍڻ تي پابندي وجهي شهر کي چائو ڦريا ندي، جيڪا شهر جي وچان لنگهي ٿي، اُن مان پاڻيءَ کي فلٽر پلانٽ جي ذريعي صاف ڪري شهرين کي مهيا ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. بئنڪاڪ کي دنيا ۾ بهترين سياحت ۽ سفر جو مرڪز سمجهيو وڃي ٿو. ڪيترائي داخلي توڙي خارجي سياح هر سال هيڏانهن جو رخ ڪن ٿا. بئنڪاڪ شهر ۾ گراند پئليس (Grand Palace)، ڪيترائي ٻڌمت مذهب جا ٻگوڊا (Bajoda)، نيشنل ميوزم (National Museum) رائل بارج ميوزم(Royal Barge Museum)، ڪيترائي وڏا باغ (Parks)، چڙيا گهر ۽ ٻيڙن مٿان بازارون(Floating Markets) ڏسڻ وٽان آهن.

ملڪ جي اترين حصي ۾ دنيا جو خوبصورت قدرتي نظارن سان ڀرپور چيانگ مائي شهر آهي، جنهن ۾ نيشنل ميوزم، نيشنل بازار ۽ بوٽانڪ گاردن ڏسڻ وٽان آهن. بئنڪاڪ کان 100 ڪلو ميٽر پنڌ تي ٿاءِ لينڊ نار جي ڪپ تي، پتايا بيچ، سمنڊ ڪناري تي ٽڪ لاهڻ (Sea Side Massages) ۽ مهاتما ٻڌ جا سونهري قداور بُت (Statues) ڏسڻ وٽان آهن.

AIT جو تعليمي معيار

ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي (Asian Institute of Technology, AIT)، انجنيئرنگ ٽيڪنالاجي ۾ اعليٰ تعليم ڏيڻ جو ادارو آهي، سيٽو تنظيم (South East Asia Treaty Organization, SEATO) جي ميمبر ملڪن، آسٽريليا، فرانس، نيوزيلينڊ، برطانيه، آمريڪا، پاڪستان، فلپين ۽ ٿاءِ لينڊ پاڻ ۾ گڏجي فيصلو ڪيو ته ايشيا ۾ انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم لاءِ سُنو گريجوئيٽ اسڪول آف انجنيئرنگ هئڻ گهرجي، جنهن ۾ بين ملڪن سميت ميمبر ملڪن جي شاگردن کي انجنيئرنگ ۾ اعليٰ تعليم ڏني وڃي. اِن اسڪول کي قائم ڪرڻ لاءِ بئنڪاڪ شهر کي چونڊيو ويو ۽ ٿاءِ لينڊ جي شهنشاهه يميبول ايدل ياديج اِن کي قائم ڪرڻ جي سَنَد پاس ڪري، اگتي هلي،1967ع ۾ ٿاءِ لينڊ جي آئيني اسيمبلي قانون سازي ڪري اسڪول کي ترقي ڏئي، هڪ آزاد ادارو ناهيو، جنهن جو نالو ايشيشن انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي رکيو ويو. AIT جي پهرين واري جشن تعليمي سَنَد (Graduation Ceremony) ۾ شرڪت، ٿاءِ لينڊ جي بادشاهه، مئي 1968ع دوران مهمان خاص طور ڪئي.اُن وقت هي ادارو بئنڪاڪ شهر اندر هيو، پر شاگردن جي گهٽي تعداد ڪري، بادشاهه سلامت فيبروري 1983ع ۾ هن اداري جي نئين ڪيمپس، جيڪا پَٿمتاني (Pathumthani) ضلع اندر واقع آهي،اُن جو افتتاح ڪيو.

AIT جي ڪيمپس 400 ايڪڙ زمين تي مشتمل آهي ۽ حفاظت خاطر پوري ايراضي کي لوهي خاردار تارن (Barbed Wire Fence) جي مضبوط ديوار ۽ انجي ٻاهران هڪ هٽرادو واهه کوٽائي، اداري جي سيڪيورٽي کي مضبوط (Ring Fence entity) ڪيو ويو آهي. اُهو ائين آهي، جيئن مير ٽالپر پنهنجي بينڪن يا محلن جي ٻاهران واڳون وارا تلاءُ (Alligrator / Crocodile Ponds) ٺهرائي، پنهنجو پاڻ کي ٻاهرين خطري کان محفوظ رکندا هُئا.

AIT ۾ وڃڻ سان پڙهائي ۾ مشغول ٿي وياسون ۽ روز بروز وزن وڌندو ويو جو اسان وارن ادارن ۾ پڙهائي جو معيار ايترو نه هو. ٻيو وري اسان جي ملڪ ۾، ڪونه ڪو ڏڦيڙ هلندڙ رهي ٿو جنهن ڪري شاگرد معياري تعليم حاصل ڪري نه ٿا سگهن اسان ڏٺو ته،سريلنڪا ۽ انڊيا جا شاگرد ايترا ته هوشيار هُئا، جو ائين پيو لڳي چڻ، هو ماسٽرس جو ڪورس اندر گريجوئيشن ۾ ڪري آيا آهن. باقي انڊونيشين، ٿائي ۽ چائينيز، جيڪي اڪثريت تائيواني هُئا، انهن کي انگريزي زبان ۾

ليڪچر سمجهہ ۾ گهٽ اچڻ ڪري، سندن حال اسان کان بہ هيٺو هُو. استاد بہ هر انساني تخليق مان هُئا خاص ڪري ٿائي، انگريز ڊچ، اسرائيلي، هندوستاني، جاپاني ۽ سريلنڪن ۽ هر ڪنهن جي پڙهائڻ جو طريقو بہ مختلف ۽ سندن انگريزي غير مادري زبان هجڻ ڪري مختلف هئي. اسان غريب شاگرد ڏاڍي مشڪل ۾ هوندا هئاسين.مڙيوئي اچي چون چون جو مربو ٿهيو.

ٿائي ۽ جپانين جي انگريزي الله پناهہ ڏئي جي گهٽو سمجهڻ تي زور رکبو تہ ڪانوَ وانگر پنهنجي مادري ٻولي بہ وڃائي ويهبي. اِن ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ استاد وڏا قابل هُئا ۽ بين الاقوامي معيار جا هئا پر مسئلو هو، انگريزي ٻولي جو، جنهن جي ذريعي، پنهنجي دماغ ۾ سِٽِيل خيال کي، ٻئي جي دماغ ۾ جاءِ وٺي ڏيڻ، رڍن اڳيان رباب وڄائڻ جي برابر پئي محسوس ٿيو. اسان کي رياضيءَ جو مضمون، ڊاڪٽر ايڪسيل (Dr. RHB Excell)، جيڪو انگريز هُيو، سو پڙهائيندو هو. ڏاڍو سخت استاد هُيو، پاڻ سولر انرجي (Solar Energy) تي تجربا ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن اسان جي رياضي جو پيپر عيدالفطر جي نماز واري وقت تي رکيو ويو، جنهن ڪري ممتاز ميمڻ ۽ آئون گڏجي مِنٿ ميڙ ڪرڻ لاءِ وياسين تہ متان مهرباني ڪري امتحان کي ڪجهہ ڪلاڪ اڳتي پوئتي ڪري جيئن اسان هڪ ويجهي مسلمان جي ڳوٺ رنگست (Rangsit)، جيڪو AITکان ڪجهہ ميلن جي فاصلي تي واقع هو، اتي نماز پڙهڻ جو ڪو موقعو ملي وڃي. سو اسان کي ڪٺو جواب ڏنائين ۽ چيائين تہ توهان هِتي پڙهڻ آيا آهيو يا مذهبي رسمن کي پورو ڪرڻ لاءِ. بهرحال رياضيءَ جي امتحان خاطر مان عيد جي نماز قربان ڪئي پر ممتاز ميمڻ نماز پڙهي اڌ ڪلاڪ کن دير سان اچي پيپر ڏنو.

AIT ۾، هڪ سُٺي روايت هُئي، جو امتحاني پيپر چڪاس ڪانپوءِ شاگردن کي موٽائي ڏنا ويندا هُئا، تہ جيئن شاگردن کي پنهنجي غلطين جو اعتراف ٿئي ۽ اڳتي لاءِ صحيح نموني سان امتحان جي تياري ڪن.شاگردن کي رهائيش لاءِ اعليٰ قسم جي هاسٽل (Dormitory) ڏنل هوندي هُئي، هر هڪ کي الڳ ڪمرو، جنهن ۾ شامل غسل خانهھوندو هيو. کاڌي لاءِ ڪيفيٽريا (Cafeteria) ۽ درسگاهہ جو ويجهو هجڻ، راندين لاءِ کليل ميدان، گولف ڪلب، سئمنگ پول ۽ موسيقي جي پروگرامن لاءِ AIT Centre وغيره جون سڀ سهولتون ميسر هيون. شادي شده شاگردن لاءِ علحده سان گهر هئا، جن ۾ هو پنهنجي ڪٽنب سان گڏ رهي سگهندا هئا، پر AIT ۾

پڙهائي ايتري مشڪل هوندي هئي،جو شادي شده جوڙن ۽ غير شادي شده جوڙن جي حالت وڃي برابر ٿيندي هُئي، جو هُنن جي ڪتابن، لائيبريري ۽ ليبارٽري مان جان ئي ڪونہ ڇُٽندي هئي.جو گهر جي ٻين پاتين کي وڃي سنڀالين. اسان جي هڪ پاڪستاني دوست فون ذريعي نڪاح ڪري ڪنوار کي گهرائي وڏي غلطي ڪئي هُئي، جوٻن مهينن اندر ڪنوار تنگ ٿي وڃي لاهور جا وڻ ڏنا. هن ملڪ ۾ جيتري عورت کي آزادي آهي، مان سمجهان ٿو تہ اهڙي يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ شايد ئي هجي. هتي هر جاءِ، هر هند، هر ڪم ۾، عورت نظر اچي ٿي، ايتري قدر جو بسن جي ڊرائيوري ۽ ڪنڊيڪٽري بہ عورتون ڪن ٿيون. روڊ تي ڪاٺ جي تختن مان سُندل جهڙا ننڍڙا دوڪانڙا ناهي، هنداٽا وڪٽنڊڙ سڀ جون سڀ نوجوان ڇوڪريون،هر جاءِ تي نظر اينديون هيون. اسانکي تہ عجيب انڪري پئي لڳو جو اسان جنهن ماحول ۾ نندا تي وڏا ٿيا آهيون، اُتي مرد حاوي (Man Dominated) آهن ۽ عورتون پردي پويان هونديون آهن ۽ هُتي اُن جي بلڪل ابتڙ هو..

ٿائي مرد ڪمزور ۽ عورتون وڌيڪ ذهين آهن. سيپٽمبر جي آخر ۾،AIT ۾ هڪ نمائش (Exhibition) جو بندوبست ڪيو ويو، جيڪو هر سال ٿيندڙ آهي، جنهن ۾ سيني ملڪن جي شاگردن پنهنجي پنهنجي ملڪ جي ثقافت بابت اسٽال لڳايا ۽ اسٽيج شو بہ ڏيکاريا ۽ آخر ۾ انگريزي ناچ گاني جي محفل لڳائي وئي. مونکي ثقافتي شو ۾، VIP مهمانن جي رهبريءَ تي لڳايو ويو، جرمن سفير کي، مون اسٽالن تي گائيڊ ڪيو ۽ شو دوران بہ مختلف ملڪن جي رسمن بابت، جيڪي سوال ڪيائين. ڪيس مطمئن ڪيو ۽ شام جو هو بئنڪاڪ روانو ٿي ويو. موسيقي محفل ۾،سيئي شاگرد نچڻ ۽ ڳائڻ ۾ ائين جُنبي ويا جيئن سخت گرمي ۾ اجايل جانور پاڻي جي ڍُبي کي ڏسي ڊوڙندا آهن. اسان لاءِ هڪ تہ رمضان شريف جا روزا ۽ ٻيو وري هي ماحول، ڏاڍي پريشاني ٿي. بهرحال، الله تعاليٰ جي ڪرم سان ۽ ممتاز ميمڻ جي همت ڏيارڻ ڪري، روزا بہ سڀ رکياسين جو ڪيفي ٽيريا ۾ سحري جي سهولت ڪري، ڪا پريشاني ڪونہ ٿي. ممتاز ميمڻ کي، الله نيڪي ڏئي جو ان جي ڪوشش سان، اسان AIT ڪيمپس ۾ هڪ ڪمرو نماز پڙهڻ لاءِ يعنيٰ هڪ مسجد لاءِ مقرر ڪرايو ۽ ان کان پوءِ نماز باجماعت ٿيڻ لڳي. جو بنگالي ۽ ڪجهہ هندوستاني مسلمان دوست بہ نماز ۾ شريڪ ٿيڻ لڳا. آئون سمجهان ٿو تہ

شايد هِن وقت،AIT ۾ مسجد لاءِ ڪو جوڳو بندوبست ڪيو ويو هجي. 5 آڪٽوبر 1975ع تي عيد تي، امتحان هجڻ ڪري، نماز ڪونہ پڙهي سگهياسون.AIT ۾ پاڪستاني شاگردن جي تنظيم ’پاڪستان اسٽوڊنٽ ايسوسئيشن‘ نهيل هُئي، جنهن ۾ مون کي سوشل سيڪريٽري جو رتبو ڏنو ويو، اهڙي قسم جون تنظيمون ٻين ملڪن جون بہ هيون،جن جا شاگرد هتي پڙهندا هُئا.

آڪٽوبر ۾ مڊ ٽرم امتحان ٿيا ۽ رزلٽ بہ سٺو آيو ڏاڍي خوشي ٿي ۽ وڌيڪ محنت ڪرڻ لاءِ دل کي ڏڍ ڏناسين،جو پهرين ٽرم جو آخري امتحان ڊسمبر جي پهرين تاريخ کان شروع ٿيندو هو.

17 آڪٽوبر تي جڏهن آئون ڪلاس پورا ڪري پنهنجي هاسٽل واري ڪمري H-12 ۾ داخل ٿيس، تہ اچانڪ هڪ اڍائي فوٽ ڊگهي بلا (Snake) ڏسي، ڏاڍو پريشان ٿيس. آخر دل ٻڌي اِن بلا کي ماري وڌو، پر سڄي رات ننڊ ڪونہ آئي. بئنڪاڪ ۾ تقريباً هر روز برسات پوندي آهي ۽ هاسٽل جي پرسان وري گُلڪاري ۽ ڇٻر گهٽي ۽ گهاٽي هُئي انڪري شايد پاڻي ۽ وٽڪار هجڻ ڪري جيت جڻو بہ عام هوندو هو. مون اتان جي سپروائيزر کي اطلاع ڏنو، تہ اُن پوري ڪمري جي تلاشي ورتي ۽ يقين ڏياريو تہ اهڙي قسم جي ڪا ڳالهہ نہ آهي، پوءِ وڃي سک جو ساهہ کنيو.

ڊسمبر جي پهرين هفتي ۾ امتحان ٿيو ۽ آخري هفتہ ۾ رزلٽ آئي پر رزلٽ ڏاڍي سخت ڪڍي وئي، جنهن ۾ ڪيترن ئي شاگردن جا ساهہ سُڪي ويا. اسان سان گڏ هڪ ڇوڪري مسئز عاليہ، جنهن اين.اِي.ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج مان پهرين پوزيشن کٽي اچي هتي پهتي هُئي، تنهن کي بہ سڪتي اچي ورتو، آخر ايتري فڪر مند ٿي جو هڪ ڏينهن منهنجي سامهون روئي ڏنائين تہ منهنجا بہ لڙڪ وهڻ شروع ٿيا. ڏاڍي پريشاني ٿي ۽ چوڻ لڳي تہ مائٽ ڇا چوندا ۽ منهنجو رشتو بہ ٽُٽي ويندو ۽ آئون برباد ٿي ويندس، جيڪڏهن مون کي ناپاس ڪري واپس ڪيائون. مان تہ گهٽي دلداري ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس ۽ آخر ۾ هڪ ڳالهہ ذهن ۾ آئي تہ چو نہ پروفيسر صاحب سان ملجي ۽ ڪيس عرض ڪجي، تہ هيءَ پهرين مسلمان ڇوڪري پاڪستان مان آئي آهي ۽ جيڪڏهن صرف هڪ يا ٻن نمبرن جو ئي سوال آهي تہ مهرباني ڪري سنڌس پيپر تي هڪ دفعو ٻيهر غور ڪيو وڃي. اِها منهنجي صلاح هُن کي وٽي وئي ۽ پوءِ پروفيسر سان وڃي ملي جنهن ٻيهر غور ڪرڻ جي گذارش قبول ڪئي ۽ ڪيس رعايت

ملي ۽ پنهنجي تعليم ڪي محنت ڪري، ماسٽرس ڊگري وٺي اسان سان گڏ وطن واپس وري.

اسان سان هڪ ٿنڊي جام ايگريڪلچر ڪاليج (هاٽوڪي يونيورسٽي) جو هڪ شاگرد (جان محمد بلوچ) ڪي پهرين سيميسٽر ۾ گهٽ گريڊ ملڻ ڪري واپس ڪيو ويو. هو ڏاڍو پريشان ٿيو.

رزلٽ ايترو ته سخت نڪتو جو ڪيترن ئي چوڪرن جون نه صرف وايون بتال ٿيون، پر AIT ۾ به هڪڙا اهڙا واقع ٿيا جو اڄان ياد اٿم. ان لاءِ چوندو آهيان،ته اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ،AIT جي بدران يورپ يا آمريڪا وڃو،جو گهٽ ۾ گهٽ اها پڪ هوندي ته موٽڻ وقت توهان وٽ ڪا نه ڪا ڊگري ضرور ساڻ هوندي. 10 جنوري،1976ع هڪ چائنيز شاگرد ڊارميٽري جي بلاڪ J.Block جي جنهن ڪمري ۾ رهندو هيو تنهن ۾ هُن آپگهات ڪيو. ڊاڪٽرن جي رپورٽ ڪان پوءِ پوليس جي انڪوائري تي،جنهن ۾ ظاهر ٿيو ته هن آپگهات ڪيو آهي. جنهن ڪي پوءِ ڊانگ مانگ (Dong Muang) علائقي ۾ ٻُڌمت مذهب جي طريقي سان سندس باڊي ڪي ضروري رسمن ادا ڪرڻ ڪانپوءِ ساڙيو ويو،جيڪا رسم مون خود به وڃي ڏٺي. لاش ڪي باهه ڏئي ساڙڻ جو مڪمل بندوبست هو، جيڪو ٻُڌمت جي پادرين (Monks) پنهنجي هٿن سان سرانجام ڏنو، ائين لڳو ته رسم طور ٿورو ڪاٺ رکي، باقي باهه بجلي جي ذريعي ڏني وئي. جنهن پوري جسم ڪي ٿوري وقت اندر چار جي شڪل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. باهه ڪان اڳ ماڻهن ڪي پيپسي جا گلاس پيئڻ لاءِ ڏنا ويا سڀ ماڻهو ڪاري ڪپڙن ۾ اوڊيل هئا ۽ هر هڪ ڪي هڪ رومال به ڏنو ويو. باهه ڏيڻ ڪان اڳ ۽ پوءِ پنهنجي زبان ۾ ڪجهه دعائون پڙهندا رهيا.

اڄان اِهو واقعو دل تي گهرا نقش قائم رکيو بيٺو هو، ته اوچتو هڪ ٿائي شاگرد، AIT سينٽر جي سُئمنگ پول ۾ ان وقت ٻڏي مئو، جڏهن هُن سان گڏ ٻيا چار شاگرد ساڳئي پول ۾ وهنجي رهيا هئا. اسان ڪي، AIT جي چوديواري اندر هر هنڌ موت نظر اچڻ لڳو.

ٿائليند ۾ پاڻيءَ جا رستا

ٿائليند ۾ هر وقت برسات پوندي رهندي آهي ۽ پاڻيءَ جون ڍنڍون، ڍورا ۽ نالا هر طرف ڦِمٽار وهندي نظر ايندا، جو توهان حيران ٿي

ويندا.ٿائيلينڊ ۾ گهڻو پاڻي هجڻ (Paddy field) ڪري، اُتي ساريون ڪثرت سان ڪاهيون ويندون آهن، ان ڪري عام ماڻهوءَ جو پاڻيءَ سان واهپو روزمره جو ڪم آهي. چوڻ جو مطلب ته ٿائيلينڊ ۾، هر هڪ انسان مڇين وانگر پاڻيءَ تي ئي پلجي ٿو. ايترو جو توهان کي ڪيترائي ڳوٺ، پاڻي جي تلائن مٿان ڪاٺ جي ٿنين مٿان گهر ٺهيل نظر ايندا. ٿائيلينڊ ۾ هر هڪ انسان پاڻيءَ جو تارو آهي، ان ڪري جو پاڻي سان هر وقت سندس واهپو رهي ٿو. سو ڪنهن ٿائي ڇوڪري جو ٻڏڻ ائين آهي، جڻ چئجي ته ڪو مُهاڻو ڪنهن واهه جي پاڻي ۾ ٻڏي مري وڃي، جيڪو اعتبار جوڳي ڳالهه ڪونه آهي. اِن شاگرد جي ٻڏڻ جو ڪارڻ به آپگهات ئي ٿي سگهي ٿو، جو سندس امتحان ۾ رزلٽ خراب آئي هئي.

AIT جي آبي وسيلن واري شعبي (Water Resource Engineering)، جنهن ۾ پاڪستان مان منهنجي ۽ مسز عاليه معين الدين ۽ عبدالوحيد ميمڻ جي داخلا ٿي هُئي جنهن ۾ ٽوٽل 25 شاگرد هُئا، شاگردن ۾ ٻه هندوستان کان ٽي بنگلاديش مان، ٻه سريلنڪا، ست ٿائيلينڊ، پنج تائيوان، ۽ چائنا، هڪ جپان، هڪ ملائيشيا، ٻه انڊونيشيا ۽ ٻه ويٽنام جا ملائي ڪُل ڏهه ملڪن جي شاگرد سان گڏ پڙهڻ جو موقع مليو.

AIT جي پهرين ڪيپ 1961ع ۾ اٺن شاگردن تي مشتمل هئي ۽ ٻئي ڪيپ 1962ع ۾ نڪتي، جنهن ۾ 22 شاگرد ڪامياب ٿي نڪتا، جن ۾ اسانجو استاد ڊاڪٽر اي.ايف عباسي صاحب به شامل هو. سال 1977ع تائين دنيا جي 27 ملڪن جا ڪُل 1321 شاگرد AIT مان فارغ التحصيل ٿيا، جن ۾ 103 پاڪستاني شاگرد شامل هُئا. اِن وقت دوران سڀ کان وڌيڪ تعداد چار سَوَ ٻاونجاهه ٿائي شاگردن جو هو ۽ جنهن ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي چائنيز (238) شاگردن هئا.

هن وقت (2015ع)، ٽوٽل فارغ التحصيل شاگردن جو تعداد 21،375 کي پهچي ويو آهي، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ 5794 ٿائي آهن، ٻئي نمبر تي نيپال (1216)، ٽئين نمبر تي سريلنڪا (1134)، چوٿين نمبر تي بنگلاديش (1089)، فلپين (934) ۽ ڇهين نمبر تي پاڪستان آهي، جو هيل تائين 865 شاگرد AIT جي مختلف مضمونن مان پاس ٿي نڪتا آهن.

AIT طرفان اڀياسي دوري (Study tour) جي حوالي سان،سرزميني مشاهدي لاءِ سفر جو انتظام ڪيو ويو، 130 ڪلوميٽر اولهه طرف برمان جي سرحد پرسان ’ڪنچا بُري‘صوبي (Kanchaburi Province) ۾ ’بَن چائونين ڊيم‘(Ban Chao Nen Dam) ڏسڻ جو موقع مليو. روڊ سان ويندي جيڏانهن

ڪيڏاهن، قدرتي نظارن، ۽ سرسبز وڻن ۽ گلزار ٻوٽن کي ڏسي دل ڏاڍي خوش ٿي. روڊ سان ٻنهين پاسن کان پاڻيءَ جا واهه (Klong) ۽ برساتي نالا جيڪي هميشه پاڻي سان ڀريل رهن ٿا ۽ اُن ۾ وري رنگين هلندڙ ٻيڙا، جن تي ماڻهو پنهنجو سفر جاري رکن ٿا، ايترو ته دلڪش ۽ من موهيندڙ منظر ڏئي رهيا هُئا، جو ڄڻ جنت جو عڪس هجي. هتي هر برساتي نالو ٻيڙن وسيلي، ماڻهن کي هڪ جاءِ کان ٻئي تي پهچائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. نيويگيشن لاءِ هي هڪ عمدو وسيلو آهي، جنهن کي اسان ڪڏهن به استعمال ڪونه ڪيو. حالانڪه انگريزن اِن سهولت جي وسيلي سڄي دنيا تي حڪمراني ڪئي جو هندوستان تي سَوَ سال حڪومت دوران هيتري وڏي بيابان ۽ ريگستاني پرڳڻي تي درياهي ۽ واهن ۾ ٻيڙين، آگبوٽن وسيلي پنهنجو انتظام هلايو. ڏنو وڃي ته دنيا جي ڪافي ملڪن جي ڀيٽ ۾، پاڪستان ۾ دريائن ۽ واهن جو ڄار ايترو ته وسيع آهي، جو اُن تي انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ، سنڌ ۾ نيويگيشن جي لحاظ کان سروي ڪئي ۽ انهن ثابت ڪري ڏيکاريو ته سنڌو دريا ۽ اُن جا واهه جهاز راني لاءِ بهتر آهن، جنهن ڪري سنڌن فتح ۾، جهاز راني جو وڏو عمل ۽ دخل رهيو. هاڻ جيڪڏهن سنڌ اندر ٻيڙن وسيلي آمدرفت جي ذريعي کي ترقي ڏيون ته انهن علائقن ۾ وڏي هل چل ٿيندي ۽ ڪاروبار مچي ويندو، جيڪي صدين کان لاچار ۽ برباد پيل آهن. افسوس جو ستر سالن کان، ڪنهن به اِن ڳالهه تي ذرا غور نه ڪيو آهي. هاڻي به جيڪڏهن حڪومت غريب ماڻهن کي آسان قرض ڏئي، موٽرائيز ٻيڙا ٻاهران گهرائي ڏئي،ته مان سمجهان ٿو هڪ معاشي انقلاب اچي ويندو ۽ عام مسافر هنن ڀڳل ٽُٽل گاڏين ۽ رستن تي ڪونه چڙهندا ۽ پاڻي جي رستي کي ترجيح ڏيندا، جو روڊن تي اهڙا ته خوفناڪ حادثا ٿين ٿا، جنهن مان بچڻ جي اُميد ڪونه هوندي آهي. سي.اين.جي (CNG) تي هلندڙ ويگنن جو مثال ائين آهي، ڄڻ بم جي مٿان مسافر سُواري ڪري رهيا هجن.

ٿاءِ ليند ۾ واهن ۽ برساتي نالن تي باقاعدي سان موٽرائيز ٻيڙا هلندا رهندا آهن ۽ عام پبلڪ کي وڏي سهولت ميسر آهي، خاص ڪري جتي روڊن ۽ رستن جي گنجائش نه آهي.

ديم سائيٽ ويندي، ڪنچن بري صوبي ۾ داخل ٿياسين ته رستي تي، ڪِوئي ندي (Kiwi River) مٿان نکن پٿم (Nakhon Pathem) واري پل به ڏني سون، جيڪا ٻئي مهاڀاري جنگ دوران تباهه ڪئي وئي هئي ۽

1942ع ۾ اها جپانين ٻيهر ناهي هُئي. ڪجهن ٻري ۾ اُهي اجتمائي قبرون به ڏٺيون سين جن ۾، اُن جنگ دوران قتل عام ۾ مارجي ويلن کي دفنايو ويو هو اسان اڳتي جڏهن ڊيم سائيٽ تي پهتاسين ته ڊيم جي انتطاميه طرفان زبردست آجيان ٿي. اعليٰ قسم جي رهائش جو بندوبست ٿيل هو رات جي ماني کانپوءِ هلا گلا ۽ ناچ گاني واري محفل ٿي، جنهن ۾ ساٿين ڏاڍو پاڻ کي وندرايو. صبح جو ناشتو ڪري ڊيم ۽ اُن جي فني وصفن بابت هڪ بريفنگ ڏئي بعد ۾تفصيلي معائنو ڪرايو ويو. هڪ جابلو علائقو ٻيو لش گرين، جيڏانهن ڏس ته ساوڪ ئي ساوڪ پئي نظر اچي. الله تعاليٰ ڪجهه علائقن کي تمام گهڻي خوبصورتي ڏني آهي. شام جو واپس ٿيندي رستي تي هڪ ٻيو ڊيم به ڏٺوسين ۽ اُتان اچي AIT پهتاسون.

جاپاني پروفيسر ڊاڪٽر فُودي

ڊاڪٽر فُودي (Dr.Fude I.) جيڪو اريگيشن انجنيئرنگ جو مضمون پڙهائيندو هو، هڪ ڏينهن اچڻ سان مون کي مخاطب ٿي چيو، مسٽر بلوڪ (بلوچ لفظ کي بگاڙي) رات جو TV تي، مسٽر ذوالفقار ڀٽو بوتل ۾ تيل ڏيکاري چئي رهيو هو ته، پاڪستان ۾ پيٽرول جي ذخيري (Oil Reserves) کي ڳولي لڌو آهي ۽ هاڻي پاڪستان دولتمند ملڪ ٿي ويندو. آئون کيس دلداري ڏيندي چيو، ته اِها خبر بلڪل صحيح آهي، تنهن تي کلي چيائين ته توهان به ويجهي مستقبل ۾، ڪويت وانگر شاهوڪار ٿي ويندا پر افسوس جو ڀٽي صاحب جا خواب اڌورا رهجي ويا.

جپانين جي انگريزي کان الله پناهه ڏئي، ڀلي سڄو ڏينهن ليڪچر ڏيندا رهن، حرام آهي جو توهان کي هڪ لفظ به سمجهه ۾ اچي. گونگن جا اشارا سمجهه ۾ اچي ويندا، پر هنن جي وات مان نڪتل لفظن جا هزارين مطلب نڪرندا. هن پروفيسر جڏهن اريگيشن جي مضمون تي پڙهائڻ شروع ڪيو ته هڪ پورو مهينو مون کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪو نه آهي. هر روز هِن جي وات مان سَوين ڀيرا هڪ لفظ ’پَدي فِيل‘پدي فيل بار بار نڪرندو هو ۽ منهنجي سِر مٿان هوائي جهاز وانگر گذرندو رهيو. نيٺ آخر هن اِهو اکر جڏهن بورڊ تي لکيو ته خبر پئي ته سارين جي فصل کاهڻ لاءِ مخصوص پاڻي بيهنل زمين جي باري ۾ پڙهائيندو رهيو. مون کي لڳي ٿو ته، جپاني ٻولي ۾ اسان وانگر ٻاونجاهه اکرن جي، اڌ جيترا

اکر بہ شايد ڪونہ آهن جو هو لفظن جو اُچار ائين تا اُچارين جيئن دٻي ۾ نڪريون پيل هجن.

1977ع جي اليڪشن کان اڳ مان سنڌ جي وزير اعليٰ، غلام مصطفيٰ خان جتوئي ڏانهن زبردست خط لکيو، جنهن ۾ پاڻ کي اعليٰ تعليم يافتہ ۽ پيپلز پارٽي جو متحرڪ ڪارڪن ڪري ٻڌايو، تہ اسان جي شر بلوچ قبيلي جي پوري سنڌ ۾ ڪافي اڪثريت آهي ۽ تمام ڏتڙيل ۽ غريب حال هجڻ ڪري مون تي فرض آهي تہ پنهنجي سنڌي قوم ۽ خاص ڪري پنهنجي، غريب قبيلي وارن جي خدمت ڪيان. ان ڪري مون کي ايندڙ اليڪشن ۾ مدد فرمائي صوبائي اسيمبلي لاءِ خيرپور ضلع جي نري ميرواهہ تعلقہ جي سيٽ لاءِ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ ونرائي ڏيندا. جتوئي صاحب سان اڳ ۾ ٿيل ملاقاتن جو بہ اُن خط ۾ ذڪر ڪيم. منهنجو آخري سيميسٽر، April 1977 ۾ تيڻ ڪري، اليڪشن پاڪستان موٽڻ کان اڳ ۾ ٿي وئي. پوءِ خبر پئي، جڏهن برادرم ظفر صاحب ۽ ٻيا عزيز جتوئي صاحب سان عيد تي مليا تہ منهنجي خط جو جتوئي صاحب انهن سان ذڪر ڪيو ۽ معلومات ورتائين تہ ڇا اليڪشن ۾ بيهڻ لاءِ پڪو ارادو رکي ٿو، جنهن تي برادرم ظفر صاحب،جتوئي صاحب کي اِهو چيو تہ پهريائين ڊگري وٺي اچي پوءِ ڏنو ويندو. اليڪشن ٿي جنهن ۾ ڀٽو صاحب جي پيپلز پارٽي کٽيو پر مخالف ڌُر ان رزلٽ کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هُئي، جنهن جو فائدو جنرل ضياءُ ورتو ۽ ڀٽو صاحب جي حڪومت کي معطل ڪري مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. ان حالتن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ايندو. هن اليڪشن ۾ اسان جي شر قبيلي مان محمد ملوڪ شر (پڪا چانگ) صوبائي اسيمبلي جي سيٽ کٽي هُئي.

رينگسيٽ ڳوٺ

AIT ۾ پڙهائي دوران اتان جي مقامي مسلمانن سان سٺا رابطا هوندا هُئا. AIT کان 4 ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي هڪ ننڍو شهر رينگسٽ هو، جنهن ۾ ڪجهہ مسلمانن جي آبادي هوندي هُئي ۽ هڪ عدد مسجد بہ آباد هُئي، جتي اسان اڪثر جمعي ۽ عيد جون نمازون پڙهڻ ويندا هُئاسون.اڪثر موڪلن وارن ڏينهن ۾، اُتي وڃي منجهند يا رات جي ماني بہ کائيندا هُئاسون، جو بئنڪاڪ شهر ۾حلال کاڌي جو ملڻ ڏاڍو محال هوندو هُئو. رينگسٽ ۾ برساتي پاڻي جي ڍنڍن مٿان، ڪاٺ جا گهر نهيل هوندا هُئا، جن ۾ غريب مسلمان توڙي ٻيا ٿائي رهندا هُئا. رينگسٽ ۾ هڪ دفعي جو

واقعو آهي، تہ آئون جڏهن هڪ دوست، سومرو صاحب، جيڪو اسان کان هڪ ٽرم سينيئر هُئو، تنهن سان گڏجي رينگسٽ وڃڻ ٿيو، تہ اُتي بازار ۾ گهمندي اوچتو هڪ نوجوان ٿائي سومرو سان وڏي آواز ۾ ٿائي ٻولي ۾ ڳالهائڻ لڳو ۽ وڙهڻ واري موڊ ۾ اچي ڏڪو ڏنو. منهنجا ڀهريان ڏينهن هُئا سو ٻولي ڪونہ پئي آئي تہ ماجرا ڇا آهي. مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پرهُن بہ ٿي جوڊي ڪراٽي جا ايڪشن ڪري اسان کي ڊيڄارڻ لڳو. اِن ڏي وٿ دوران هڪ بس اچي بيني،مان سومرو کي اشارو ڏنو ۽ ٻئي بس ۾ چڙهي جان بچائي. سومرو کان مان بس ۾ پڇيو تہ مسئلو ڇا هو. پوءِ ٻڌايائين تہ ڪالهہ رات 'پرٿونام' (Purthonam) ويو هُيم، سو ٽيڪسي واري سان ڪرائي تي ڪجهہ منهن ماري ٿي هئي، شايد اهوئي ٽيڪسي ڊرائيور هو. 'پرٿونام'، AIT کان 5 ڪلوميٽر اتر طرف هڪ آبادي آهي، جتي جواني ماڻڻ جي جاءِ آهي ۽ عام شاگرد ويندا رهندا آهن. رات جو ٽيڪسي وارا اڪثر ڪري مسافرن کي ڦرڻ جي ڪوشش بہ ڪندا رهندا آهن. رينگسٽ ۾ تمام سٺي ڪپڙي جي مارڪيٽ آهي،هِتي اهو رواج ڏسي حيرت ٿي تہ ڪپڙي وٺڻ سان گڏ ساڳئي دوڪان وارا توهان جي ماپ وٺي سڀي بہ ڏيندا آهن. ڪپڙو تمام عمدو ۽ اعليٰ درجي جو ملي ٿو ۽ سلائي تہ بلڪل سستي ۽ لاجواب ڪري ڏين ٿا.

پاڪستان ايمبيسي مان مسٽر خالد نظامي، فرسٽ سيڪريٽري، پاڪستان ڏي ملهائڻ لاءِ سفارتخاني اچڻ جي دعوت ڏني. 21 مارچ تي اِهو رنگا رنگ ۽ ثقافتي پروگرام ڏسي دل ڏاڍي خوش ٿي. اسان پاڪستان مان آيل شاگردن جا سفارتخاني وارن سان سنا لاڳاپا هوندا هُئا، جو جڏهن AIT ۾ ڪو اهڙو پروگرام ٿيندو هُيو، تہ انهن کي اسان گهرائيندا هئاسون ۽ انهن جي مختلف پروگرامن ۾ پڻ اسان شرڪت ڪندا رهندا هُئاسون.

ٿاءِ لينڊ ۾ مسلمان پنج سيڪڙو ٿين، تنهنڪري حڪومت سڀني مذهبي اقليتي فرقن کي پنهنجي مذهب تي هلڻ جي پوري آزادي ڏنل آهي. جهڙي طرح مسلمان نبي صلعم جي ولادت جي ڏينهن کي ملهائيندا آهن، اهڙي طرح اِن ڏينهن کي بہ هتي حڪومتي ليول تي اهميت ڏني ويندي آهي. 13مارچ تي اِن ڏينهن کي ملهائڻ لاءِ، راڻي رميائي ڀاني (Her Majesty Queen Rambhai Bhani) هڪ دعوت نامو موڪليو جنهن ۾ هُن بادشاهہ سلامت جي پاران،'مرڪزي ميلادالنبي' ملهائڻ جي مجلس ۾ مهمان خصوصي جي حيثيت سان شرڪت ڪئي. اِهو دعوت نامو اسان ڏانهن بہ موڪليو ويو، جيڪو 'هُئامڪ اسپورٽس اسٽيڊيم' (Hua Mak Sports Stadium) ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ 300 کن مسلمانن

شرڪت ڪئي ۽ بئنڪاڪ جي مرڪزي مسجد جي امام، قرآن مان تلاوت ڪئي ۽ اسلامي ڪتابن جو اسٽال پڻ لڳل هو ۽ آخر ۾ ڪاڏي سان گڏ مناين جو دور ٿيو. ٿاءِ لينڊ ۾ ميناڻ جا هزارين قسم ٿين. مسلمانن جي هن مجلس ڪي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. شهزادي آخر ۾ انعام اڪرام ڏنا ۽ تقرير ڪري پنهنجي ڪار ۾ رخصت ٿي هلي وئي.

پاڻي جي بندن جو معائنو

چوٿين ٽرم جو امتحان ڏيڻ ڪانپوءِ، اسان جي ڊپارٽمينٽ (Water Resources Division) شاگردن لاءِ زميني مشاهدي (Field Trip) جو بندوبست ڪيو، جنهن ۾ ٽن وڏن پاڻي جي بندن (Water Dams) تي گهمائڻ ۽ معلومات ڪني ڪرڻي هئي، ان لاءِ 100 بات في شاگرد ڪان ورتا ويا. صبح جي پروگرام مطابق، سڀ ڇوڪرا بئنڪاڪ شهر جي فتح يادگار (Victory Monument) وٽان بس ۾ سوار ٿي، 150 ڪلوميٽر اتر طرف اُن شهر ۾ پهتا، جتي ٻه نديون هڪ نان (Nan) ۽ ٻئي پنگ (Ping) ملي ڪري، چائو فِريا ندي کي جنم ڏين ٿيون، اُن شهر جو نالو ’نڪورن ساوان‘ (Nakorn Sawan) آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ئي ٿي چڪو آهي. نڪورن ساوان ۾، جڏهن مانجهاندي جي مانيءَ لاءِ هڪ هوٽل ۾ پهتاسين، ته آئون حلال ڪاڌي لاءِ پريشان ان لاءِ ٿيس ته هوٽل جي مکيه دروازي تي ڏيڏر ۽ نانگ ٽنگيل هُئا، جيڪي گراهڪن کي پسند ڪرڻ لاءِ ڏيکاريا پئي ويا. ٻين چائينيز، ويٽنامين ۽ ٿائين پنهنجي پسند جا ڏيڏر ۽ نانگ پسند ڪيا پر مان ڪجهه وقت خاموش رهيس، پوءِ خيال آيو ته ڇو نه سڌو سنئون وڃي بورچي خاني ۾، ڪنهن سبزيءَ جو بندوبست ڪرايان، بورچي کي ٿائي ٻولي ۾ سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيم ته آئون مسلمان آهيان، مون کي حلال ڪاڌو گهرجي، پر منهنجي ڳالهه سندس مٿي مٿان گذري وئي. آخر هڪ ٻيو، هوٽل جي ويٽرن مان پيڃي آيو،ٻه ٿي انگريزي جا اکر ڄاڻي پيو، اُن کي ڪجهه سمجهه ۾ آيو، تنهن بورچي کي سبزي لاءِ چيو پر جڏهن هو سبزي ديڳڙي ۾ وجهي، مٿان تيل وجهڻ لڳو ته مون سوال ڪري معلوم ڪرڻ چاهيو ته ڇاجو تيل آهي؟ هُن فوراً وراڻيو ته سُوئر جو تيل (Pork Oil) آهي، مان وڏيڪ پريشان ٿي سوچيم ته اِن کان بهتر ته اُهي ڏيڏر آهن جيڪي Display تي رکيل هئا، ڇو جو گهٽ ۾ گهٽ، ڏيڏرن جي نالي سان قرآن شريف ۾ ممانعت (Prohibition) ڪونه آهي. ٻيو ٿي، آئون هڪ ٿائي ڪلاسميٽ کي

مدد لاءِ پڪاريو ۽ پوءِ هُن سڄي مسئلي کي سُلجهايو ۽ مسلم ڪاڏي جو بندوبست ڪيو ويو. ماجهاندو ڪري وڃي، ’سِريڪٽ ڊيم سائيٽ‘ پهتاسين، جتي اسان جي لاءِ رهائش ۽ رات جي ماني جو سهڻو بندوبست ٿيل هو. رستي سان قدرتي نظارا ڏسي دل باغ بهار پئي ٿي.

رات ٽِڪي صبح جو ناشتو ڪري، ليڪچر هال ۾ جمع ٿياسون، جتي پروگرام جي مطابق، ٿاءِ لينڊ جي بجلي پيدا ڪندڙ اداري، EGAT (Electricity Generation Authority of Thailand) جي آفيسرن اسان کي ڊيم ۽ ان جي پاڻي ذخيري ڪرڻ جي گنجائش (Capacity) ۽ بجلي پيدا ڪرڻ جي طاقت سان گڏ ڊيم جي هائڊرالڪ ڊزائين ۽ اڏاوت بابت پوري معلومات ڏني. ان کان پوءِ سڄي ڊيم سائيٽ جي وزٽ سان گڏ پاڻيءَ جي ذخيري ٿيل تلاءُ ۾ جهاز راني (Boating) ڪرائي وئي.

هي ڊيم نان ندي تي ٽن فيزن ۾ تيار ڪيو ويو آهي،چونڊيل ۽ منظور ڪيل مٽيءَ جو ٺهيل آهي، جنهن جي ڊيگهه 200 ميٽر ۽ اوچائي 113 ميٽر آهي. پاڻي ذخيريءَ ڪرڻ جي گنجائش سَوا ٻه ارب گيلن آهي، ان سان گڏ پڻ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ هر هڪ سَوا لک ڪلو واٽ جا چار جنريٽر لڳل آهن ۽ هي پروجيڪٽ مقرر مدت کان هڪ سال اڳ ۾ مڪمل ڪيو ويو ۽ ٽوٽل لاڳت 1,200 ملين ڀات ٻڌائي وئي. هن ڊيم جي ٺهڻ سان اترئين علائقن ۾ دريائي ٻوڏن تي پوري طرح ضابطو آڻي سگهجي ٿو.

ماجهاندو ڪري ڀميبول بند (Bhumiphol Dam) ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسون، جيڪو تقريباً 200 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي پِنگ نديءَ تي ٺهيل آهي. ڊيم سائيٽ تي رات جي مانيءَ ۽ رهائش جو بندوبست ڪيل هو. رات جي ماني کانپوءِ، اسان کي ڪجهه فري ٽائيم ڏنو ويو، جنهن کانپوءِ آرامي ٿياسون ۽ صبح جو نيرن ڪري ليڪچر هال ۾ جمع ٿي، اِيگٽ (EGAT) آفيسرن کان بند بابت معلومات ۽ ليڪچر ٻڌا،جن ۾ ڊيم بابت سڄي فني معلومات ٻڌائي ۽ ان کانپوءِ ڊيم سائيٽ جو دورو ڪرايو ۽ آخر ۾ ڊيم جي تلاءَ اندر ٻيڙي ذريعي گهمايو ويو ۽ مانجهاندي جي ماني کانپوءِ، چائو فريا بند، جيڪو چاليهه ڪلوميٽر جي فاصلي تي هو، ان ڏانهن روانا ٿياسين. هي بند بئنڪاڪ جي واپسي واري رستي تي واقع هو. پهچڻ سان ليڪچر هال ۾، رائل اريگيشن (Royal Irrigation Dept., RID) جي آفيسرن ڊيم جي اڏاوت ۽ ان جي فائدن بابت سڄي معلومات ڏني.

ٻن ڪلاڪن جي ترسڻ کانپوءِ، بئنڪاڪ واپسيءَ تي، چئنات (Chainat) شهر، جيڪو بئنڪاڪ کان 150 ڪلوميٽر جي پنڌ تي واقع هو، اتي اسان

ڪي رات جي ماني ڪارائي وئي واپسي جو سفر جاري رکيو جو رات جو 11 بجي ڌاران بئنڪاڪ جي ساڳئي فتح يادگار وٽ، بس مان لھي AIT جي گاڏين ۾ وجي گھر پيڙا ٿياسين.

AIT ۾ ھر ھفتي ڪانہ ڪا سرگرمي ٿيندي رھندي ھئي، AIT Centre ۾ سئنيما ھوندي ھئي، جنھن ۾ ھفتيوار موڪلن دوران انگريزي فلمون بہ ڏيکاريون ويندي ھيون.ٿاءِ ليند جا سڀ تھوار ۽ ان سان گڏ شاگرد، پنھنجي پنھنجي ملڪن جا خاص ڏينھن بہ AIT سينٽر ۾ ملھائيندا رھندا ھُئا. راندين جا مقابلا بہ زور شور سان ٿيندا رھندا ھُئا. مون کي ياد آھي تہ ھاڪي راند ۾ اسان جي ٽيم First runner-up جي حيثيت حاصل ڪئي ھُئي، جنھن جو اھڙو سرٽيفڪيٽ بہ مليل آھي. سخت پڙھائي ۽ وقت گھٽ ھوندي بہ شاگردن جي مختلف سرگرمين ۽ مشغولين ۾ زور شور سان حصو وٺندو رھيس. اِن سان گڏ AIT جي پاڪستان اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن ۾ سوشل سيڪريٽري (Social Secretary) ۽ ڪيفي ٽيريا ڪاميٽي جو پڻ ميمبر طور چونڊيو ويس.

AIT ۾ مونکي پنجن ٽرمن جي اسڪالرشپ ملي، ھرٽرم چئن مھينن جو ھو ۽ ماسٽرس ويھن مھينن ۾ پوري ڪرڻي پئي، پڙھائي جو وزن ھر ٽرم ۾ وڌندو تي ويو.آخري ٽرم ۾ مضمونن سان گڏ ھڪ ليبارٽري ۾ تحقيقي بنياد تي ھڪ تحقيق ڪئي، جنھن ۾ نيدرليند جو پروفيسر،ڊاڪٽر اووربيڪ (Dr. Qverbeak)۽ ٻيو ڊاڪٽر پِردا (Mr. Prida) ۽ ٽيون ڊاڪٽر سُپات (Dr. Suphat) (ٿئي ٿائي)، جن ڏاڍا آڏا ٽيڏا سوال ڪيا جو انھن سيني کي چڱي طرح منھن ڏنو ۽ ان سڄي تحقيق کي ڪامياب قرار ڏنو ويو.

ھڪ ڏينھن صبح جو خبر پئي تہ ھڪ ھوائي جھاز رن وي کان ڪجھہ ڪلوميٽر ٻھريائين ڪري پيو آھي. آئون ٽيڪسي ڪري، حادثي جي جاءِ جيڪا AIT کان 15 ڪلوميٽرن پنڌ تي ھُئي،پھچي اُن حادثي جو ذاتي معائنو ڪيو ۽ ڪئميرا ڪڍي وجي فوٽو ورتا. جاءِ واردات تي پھچڻ کان پوءِ ڏنو تہ ھوائي جھاز ڌُنڌ (Fog) ھجڻ ڪري، حد نگاھہ (Visibility) گھٽجي وڃڻ سبب، رن وي کان اڳ ئي پنھنجي اوچائي، ايتري گھٽائي ڇڏي جو ناريل جي باغ (Coconut) جي وڻن سان ٽڪرائي وجي تباھہ ٿيو. ھي جھاز مصري ايئر لائين جو ھو ۽ اُن بدقسمت جھاز ۾ ڏيڍ سَو مسافرن مان اڪثريت حج تان موٽڻ وارن جي ھئي. مون کي حادثي جي جاءِ ڏسي، اکين مان ڳوڙھا وھڻ لڳا، انڪري جو مسافر حج کان موٽي پنھنجي وطن پھچڻ

وارا هُئا. موقعي تي جھاز جا ڪجھ ٽُڪڙا پري پري کان نظر اچي رهيا هُئا ۽ ناريل جي وڻن جي مٿان وارو حصو ڇڻ ڪنھن وڏي ڪاريگر ڪارائي سان ڪٽي ڇڏيو هجي. هن حادثي ۾ هڪ به مسافر زنده نه بچيو ۽ مونکي اقبال جو هي شعر ياد اچي ويو:

رحمتیں ہیں تری اغیار کے کاشانو پر
برق گری ہے، تو بیچارے مسلمانو پر

ملائيشيا ۽ سنگاپور جو سفر

انن مھينن جي سخت محنت ڪانپوءِ، ڪجھ دوستن سان ملي ڪري ملائيشيا ۽ سنگاپور جي سياحي سفر جو پروگرام ناهيو. مون سان گڏ وحيد ميمڻ ۽ ٻه ٻيا پنجاب جا شاگرد هلڻ لاءِ تيار ٿيا. هڪ هفتي جي موڪل وٺي، بئنڪاڪ مان نڪرندڙ انٽرنيشنل ٽرين جي ذريعي پهريائين ملائيشيا جي، ڪُئالالنمپور شهر ۾ ٻن ڏينهن لاءِ ترسڻ جو پروگرام ناهيو، جو اُتي اسان جو استاد، مسٽر نصير قاضي،’مارا ٽيڪنيڪل تعليمي اداري‘(MARA Tech. Institute) ۾ پڙهائيندو هو، سو ان سان ملڻ جي پروگرام جي بهاني، ڪئالالمپور گهمڻ جو سبب بڻيو. گاڏي ۾ سمهڻ لاءِ، فل سيٽون بڪ ڪرائي چڙهياسين، اُن گاڏي ۾ ڪافي يورپي سياح به شامل هُئا. بئنڪاڪ کان ريل گاڏي مختلف اسٽيشن تي بيھندي اچي ملائيشيا جي باردر واري اسٽيشن پيدانگ بسر (Padang Besser) تي بيٺي، جتي سيني مسافرن کي لاهي، انهن جي پاسپورٽن تي انٽري ويزا لڳايون ويون،جنھن کان پوءِ ريل ملائيشيا جي حد ۾ داخل ٿي مختلف اسٽيشن تان ٿيندي، اچي ڪئالالنمپور ۾ ظاهر ٿي. ملائيشيا ٿاءِ لينڊ کان وڌيڪ قدرتي نظارن (Natural Greenery) سان مالا مال آهي. ميدان ۽ جبل سڀ شاداب ۽ سرسبز نظر ايندا. ايترو جو توهان کي مٽي يا خالي زمين جو ٽڪرو به نظر ڪونه ايندو.

ڪئالالمپور ۾ پهچڻ شرط، ٽيڪسي ڪري سڌو قاضي صاحب سان ملڻ لاءِ مارا انسٽيٽيوٽ جو رخ ڪيوسين. قاضي صاحب جن اڳواٽ مليل معلومات مطابق، انتظار ۾ گهر ويٺو رهيو. قاضي صاحب پاڻ وٽ رهايو ۽ شهر به چڱي طرح گهمايائين.

اسان جي دوست مسٽر نصير قاضي (سکر واسي) مارا انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي ۾ ڪجھ ٻين پاڪستانين سميت هتي ليڪچرار آهي، تنھن

پوريءَ طرح انسٽيٽيوٽ گهمايو، جنهن جو عمارتون جديد فني طرز تي ٺهيل هيون. هتي صرف مقامي شاگردن کي گڏيل تعليم (Co-Education) ڏني ويندي آهي. هِن اداري کي قائم ڪرڻ ۾ چينين جي تعليمي ادارن، خاص ڪري ڪئالالمپور يونيورسٽيءَ تي قبضي ڪرڻ جي ضد ڪانپوءِ عمل ۾ آئي، جو چيني تعليمي ميدان ۾ مقامي ماڻهن کان ان وقت تورو اڳيرو هُئا. مارا انسٽيٽيوٽ جون عمارتون هڪ وڏي ٽڪري تي ٺهيل آهن، ڪجهه ڊپارٽمينٽ، ليبارٽريز ۾ جديد طرز جو سامان (Well equipped Laboratories) ۽ ڪشادي ڪتابن سان ڀريل لائبريري ۽ ورڪشاپس، ڪائڻ پيئڻ جي بار (Snack Bar) ڏسي تعليمي معيار جو احساس ٿيو. گڏيل تعليم هجڻ ڪري ڇوڪرين کي مٿي تي وڏي شال هوندي آهي ۽ ڇوڪرا سُوٽ پينٽ ۾ ملبوس هوندا آهن.

چائينيز جڏهن ملائي قوم (ملائيشيا جا اصلي باشندا) کي اگهور ننڊ ۾ ستل ڏٺو، ته اچي ڪاروبار تي قابض ٿيا ۽ جڏهن پوءِ سندن جون اکيون کليون ته پوءِ جاڳي پيا ۽ پنهنجي ڪاروبار کي باهمت ٿي ورتائون ۽ هاڻي چائينيز سان ڪلهوڪلهي ۾ ڏئي ڏاڍي محنت ڪندا نظر اچن ٿا. چائنيز هاڻي پاڻ کي ملائي چائينيز سڏائن ٿا ۽ لوڪل رسمون ۽ رواجن کي پنهنجي رواجن ۾ ضم ڪري، يڪجهتيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. ايترا محنتي آهن، جو آهستي آهستي ملڪ جي اقتصادي حالتن تي قبضو ڪندي وڏيون ملڪيتون هٿ ڪيو وينا آهن. گهڻي دير ڪانپوءِ وڃي ملڪ جي اصلي رهاڪن کي خبر پئي ته هاڻي پير نڪرڻ وارا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ڏسو ته بلڪل ايئن پيو ٿئي، جيڪي ٻاهران آيا سي سُکيا ۽ ستابا آهن ۽ اصلي ماڻهن جو حال ڏُٽ ڏهاڙي سُومرا وارو آهي. پناڻ جبلن تان پيادا سنڌ ۾ پهچن ٿا ٻارن سميت مزدوري ڪري، گند ڪچري مان شيون ڪڍي،وڪرو ڪري آهستي آهستي سخت محنت ڪري گڏهه گاڏو وٺي، اُن ذريعي پنهنجي محنت سان آمدني وڌائي رڪشا خريد ڪن ٿا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هو ٽريڪٽر ٽرالي ۽ ٽرڪ وٺي ٻن ٽن سالن ۾ پئسو ڪمائي واپس ورن ٿا ۽ ٻ ٽي ٻيا ڪٽنب وٺي وري انهن جي سڌار لاءِ محنت ڪندي نظر اچن ٿا. سنڌ سيني ٻاهرين لاءِ ڏبئي آهي پر اصلي سنڌين لاءِ ريگستان ۽ بيابان آهي. جتي پڪي ٻ ويچارا ٻڪ اچ وگهي مريو وڃن. سخت محنت کان لوانيون ٿا يا وري چوريون ۽ ڌاڙن ۾ ماهر ٿي ويا آهيون. اسان جي سياستدانن ته اسان جي قوم کي پنڻ تي هيرائي ڇڏيو آهي. هڪڙن ته

سڀ قوم جي هر فرد کي ٽيڪسي ڊرائيور بڻائڻ چاهيو ۽ ٻين وري مختلف اسڪيمن تحت، هڪ هزار روپيه ماهوار ڏئي پنڻ جي بنيادي اصولن کان واقف ڪرايو. منهنجي ذاتي تجزيي مطابق ڪيترائي ٺيڪيدارن جا نوڪر ۽ مُنشي پنجن سالن کانپوءِ اُهي پاڻ ٺيڪيدار ٿي ويندا آهن. سنڌ ۾ اڪثريت پناڻ ۽ پنجابي ٺيڪيدار آهن ۽ انهن وٽ ڪم ڪندڙ عملي ۾ مقامي ماڻهو اٽي ۾ لوڻ برابر نظر ايندا آهن. اسان ۾ اهو به پراڻو رواج آهي ته جيڪي وڏي نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ چڱا پيٽي جا امتحان، جهڙوڪ، CSS, PCS يا آرمي ۾ ڪميشن وغيره، پاس ڪري جڏهن ڪامياب ٿين ٿا ته شاديون غيرن مان ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا. زندگي سڌرڻ کانپوءِ، ٿورو گهڻو سهارو پنهنجن کي ملڻ بجاءِ، فائدو ٻيا ونڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا.

مَلائي چائينيز ڇوڪريون شڪل جون ڏاڍيون سهڻيون ٿين، پر اصلي ملائي به گهٽ نه آهن، انهن جا قد چائينيز کان ٿورو ڊگها رنگ پورو ۽ اکيون ڇهري تي موتي جي سجاوٽ وانگر محسوس ٿينديون آهن.ملائي به پنهنجن ڇوڪرين کي آزاد ڇڏي ڏيڻ ۾ چينين سان مقابلو ڪري رهيا آهن. شهر ۾ شراب جو آزادانو استعمال ٿيندي ڏٺم. ڪئالالمپور تمام سُهڻو ۽ صاف سُٿرو شهر آهي. سرسبز ۽ ساوڪ سان ڍڪيل جبلن جي هيٺائين ۽ مٿائين تي اڏيل، هي شهر توڙي سڄو ملڪ قدرتي نظارن سان مالا مال آهي. تقريباً هر دوڪان تي انگريزي چڱيءَ طرح سمجهي ۽ ڳالهائي وڃي ٿي. هتي هندوستاني سِک ۽ ٻيون قومون گهٽيون نظر اچن ٿيون، جيئن بئنڪاڪ شهر ۾ پاڪ هند وارن لاءِ به آباديون مشهور آهن، هڪ 'چائنا ٽائون' ۽ ٻيو 'سِک مارڪيٽ' توهان کي دنيا جي هر شهر ۾ ملندا.

سنگاپور وانگر هتي به شهر ۾ گاڏي پارڪنگ لاءِ مسواڙ ورتي ويندي آهي. شهر جي هر ڪنڊ تي توهان کي گاڏين جي پارڪنگ لاءِ ضرور هڪ ماڻهو گاڏين جي رکوالي ڪندي بيٺل نظر ايندو. ملائيشيا جي ڪرنسي به ڊالر آهي جنهن جي قيمت لڳ ڀڳ سنگاپور جي ڊالر جي برابر آهي.

هتان جا اصلي رهاڪو سنڌين وانگر ٿورا سُست ۽ سياڄهڙا لڳن ٿا پر هاڻي چينين سان مقابلي ۾ هڄڻ ڪري سجاڳيءَ طرف روان دوان آهن. هتي به سنڌ وانگر ٻولي ۽ قوميت جو وڏو مسئلو آهي جو نوڪرين ۾ قوميت کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. تنهن ڪري چيني پنهنجو پاڻ کي قابل بڻائڻ لاءِ سخت چڱا پيٽي ۽ مقابلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر جيڪڏهن ناڪام ٿي ويا، ته پوءِ ايندڙ نسل لاءِ وڏو مسئلو پيدا ٿي

سگهي ٿو، جو انهن کي زنده جيل ۾ وجهي، پاڻ رفو چڪر ٿي ويندا پر زنده قومون ايئن ڪڏهن به ڪونه ڪنديون آهن. انگريزي ۾ چوڻي آهي ’ڪنهن مسڪين کي مڇيءَ جي پاڇي ڪارائڻ کان، اُن کي مڇي جو شڪار سيکارڻ بهتر آهي‘.

جنرل چارليس نيپيئر سنڌ ۾ مير ٽالپرن جي حڪومت بابت جيڪي ڳجهيون (Confidential) رپورٽون لکيون، انهن ۾ اِهو ذڪر ڪيو ويو آهي ته ’ميرن جي طرز حڪومت ذاتيات کي فائدو ڏيڻ لاءِ آهي ۽ انهن جو عوام جي ڀلائي (Public Services) سان پري جو به واسطو ڪونه آهي پر اسان جڏهن سنڌ تي حڪومت ڪنداسين ته اهڙي پلاننگ ڪنداسين جو اسان جي ايندڙ نسلن کي ڀرپور فائدو پهچندو‘. اِها سوچ اسان جي، ڪنهن به ارباب اختيار يا سياستدان وٽ ڪونه آهي هر هڪ پنهنجي ڪُرسي بچائڻ ۽ پنهنجين ڪيسن ڀرڻ جي چڪر ۾،مصلحت پسندي تحت پيو ڏينهن پورا ڪري، جنهن کي انگريزي ۾ چوندا آهن ته ”You Scratch my back, I scratch yours“.

قدرت الله شهاب پراڻو CSP آفيسر، ’پنهنجي شهاب نامي‘ ۾ ملڪ جي صاحب اقتدار، وزيرن، بادشاهن، ملڪ جي سربراهن ۽ سياستدانن بابت هيئن لکي ٿو.

’مون دنيا ڀر جي ڪيترن سربراهه مملڪت، وزيراعظم ۽ بادشاهن کي ڪيترائي ڀيرا تمام ويجهڙائي کان ڏٺو آهي پر مان ڪنهن کان به متاثر ڪونه ٿيس نه وري مون کي ڪو وڏي عظمت جو ڪنهن ۾ ڪو نشان نظر آيو جيترو جهنگ شهر (هاڻوڪو فيصل آباد) جي شهيد روڊ جي فوٽ پاٿ تي وينل، قاتل ۽ پراڻن جوتن ڳنڍيندڙ موچي ۾ ڏسڻ ۾ آيو‘.

ڪئالالمپور ۾ ڪافي سنڌي دڪاندار آهن ۽ ڪجهه وقت اڳ سندن سنڌي تنظيم وجود ۾ آئي آهي. هي شهر سمنڊ جي ويجهڙائي ڪري، برساتن جي ضد ۾ هوندو آهي، جنهن ڪري موسم ڏاڍي خوشگوار هوندي آهي. هتان جو ربڙ، ڪاٺ، ڪوئلو، ٽين، قلعي ۽ تيل مکيه برآمد ٿيندڙ شيون آهن. هي ملڪ تيرهن صوبن تي مشتمل آهي جن مان به صوبا چيني اپسمنڊ ۾ هجڻ ڪري ٻين صوبن کان جدا آهن. ملائي ٻولي ۾ ڪجهه عربي لفظن جو ميلاپ نظر اچي ٿو. مثلاً اِبو معنيٰ پيءُ. ماسي گاسي معنيٰ مهرباني، جنهن کي ٿائي ٻولي ۾ ڪپ ڪن (Thank you) چيو ويندو آهي.

ڪئالالمپور ۾ ڪافي سنڌي دوڪاندارن سان ملاقات ٿي جن ورهاڱي دوران يا اُن کان پوءِ، هتي پهچي پنهنجا ڪاروبار شروع ڪيا ۽ هِن وقت هو وڏي ڏنڌي وارا پئي سڏيا.

ملائيشيا بابت معلومات

پڙهندڙن لاءِ ضروري آهي تہ ملائيشيا بابت وڌيڪ معلومات ڏني وڃي، تہ آسانيءَ سان سمجهہ ۾ ايندو تہ هي ملڪ ڪٿي آهي ۽ اُن جا ماڻهو ڪهڙو مذهب رکن ٿا. هي ملڪ هندوستان ۽ سريلنڪا کان گهڻو اوپر طرف، سمنڊ جي وچ ۾ آهي. هي ملڪ تيرهن صوبن ۽ ٽن فيڊرل ٽيريٽريز تي مشتمل آهي ۽ ايراضي ٽي لک ٽيهہ هزار آهي، جيڪا ٻن حصن ۾، ڏکڻ چائنا سمنڊ (South China Sea) جي ڪري ڪٽيل آهي. هڪ حصو اولهہ ملائيشيا، جيڪو اُپبيٽ ڪري، اتر ۾ ٿاءِ لينڊ سان مليل ٿو ۽ انڊونيشيا جي سماٽرا ٻيٽ کان ملاڪا نار جي وسيلي ڪٽيل آهي. سنگاپور بہ هن حصي جي آخري اوڀر واري چيڙي تي واقع آهي. اولهہ ملائيشيا جا بحري رستا، ٿاءِ لينڊ، سنگاپور، ويٽنام ۽ انڊونيشيا سان لڳن ٿا. اوڀر ملائيشيا، انڊونيشيا جي بورنيو ٻيٽ (Borneo Island) جي سرزمين مان حصيدار آهي، جنهن ۾ برونائي بہ شامل آهي. انهن ٻنهين زميني ٽڪرن جي وچ ۾، ڏکڻ چائينا سمنڊ (South China Sea) آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ننڍڙا ٻيٽ آهن، جيڪي ملائيشيا جي ڪنٽرول هيٺ آهن. ملائيشيا جي اوڀر واري حصي جا بحري واسطا، رستا ۽ ساموندي حدون (Maritime Borders) برونائي، انڊونيشيا ۽ فلپائن سان لڳن ٿيون. ڪئالالمپور هن ملڪ جو راڄ ڌاني آهي. ملڪ جي آدمشماري،2012ع ۾ ٻہ ڪروڙ پنجاسي نفوس تي مشتمل هئي. هن علائقي تي گهڻو عرصو پورچو گال قابض رهيا، جنهن کان پوءِ، ڊچن (Dutch) جي ڪنٽرول کان هن ملڪ 1957ع ۾ آزادي ورتي، جنهن ۾ سنگاپور بہ شامل هو، ليڪن 1963ع ۾ انگريزن سنگاپور کي ملائيشيا جي ڪنٽرول کان آزاد ڪرايو.

ملائيشيا ۾ سرڪاري زبان ’ملائي‘ (Malay) آهي، اُن کان علاوه سَوَ کن ٻيون ٻوليون بہ ڳالهايون وينديون آهن، جن ۾ عِبانِ، چائنيز، ڪينٽونيز (Cantonese)، ميڊرين (Mandrin)، تامِل (Tamil) ٿائي، پنجابي، هندي ۽ سنڌي وغيره شامل آهن.

ملڪ جو قومي مذهب اسلام آهي، جو تقريباً 62 سيڪڙو آبادي اسلام مذهب جي پوئلڳ آهي، 19 سيڪڙو ٻُڌمت، 9 سيڪڙو عيسائي، 6 سيڪڙو هندو مذهب، 2 سيڪڙو چائنيز فلاسافي جي مڃڻ وارا ۽ بقايا ننڍن ملڪن سان واسطو رکندڙ يا وري ڪنهن بہ مذهب کي نہ مڃڻ وارن جو انگ شامل آهي. مسلمانن تي لازم آهي تہ هو شريعت جي قانون کي مڃين ۽

شرعي ڪورٽن جا قاضي (Judge) امام شافعي جي مَسِلَڪ (School of Thought) مطابق، مسلمانن جي شادي، وراثت، طلاق وغيره جا فيصلا ڪندا آهن.
چائنيز نسل وارا ڪاروبار تي قابض آهن. پينانگ شهر، جيڪو دنيا ۾ بهترين سياحي مرڪز سمجهيو وڃي ٿو، تنهن تي هندوستان مان آيل تامل، نسل جا ماڻهو سڄي ڪاروبار تي حاوي آهن. اولهه ملائيشيا پرڳٽو، انڊونيشيا کان ملاڪا نار جي ڪري جدا آهي، ان جي اهميت بابت الطاف شيخ، پنهنجي سفرنامي ۾ جيڪو تفصيل ڏنو آهي، ان ۾ آئون صرف ايترو چوندس، تہ مَلاڪا نار جي ڪري دنيا جو سمورو سامونڊي سَفر ۽ ڪاروبار مان، 40 سيڪڙو جهاز راني هن نار ذريعي ٿئي ٿي. مان سمجهان ٿو تہ ايترو ڪاروبار،ٻنهي هٿرادو ٺهيل (Man made) پنامان ڪئنال (Panama Canal) ۽ مصر جي سئز ڪئنال (Suez Canal) مان نہ ٿيندو هوندو، جيترو هن نار وسيلي ٿئي ٿو.اهوئي سبب آهي جو سڀ کان پهرين،1511ع ۾ پورچو گال وارن ڪيترن علائقن تي قبضو ڪيو، جو تنهن وقت ۾ اِهي قومون، جهاز راني ۾ مهارت رکنديون هُيون.

سنگاپور جا سنڌي

ڪئالالمپور ۾ ٽي ڏينهن ترسي ريل ذريعي ٽي سَوَ ڪلوميٽر طئي ڪري وڃي سنگاپور جي اميگريشن وارن وٽ پهتاسين. انهن ويزا هٿي ڏني اسان وڃي شهر جي هڪ واءِ ايم.سي.اي (Young Men's Christian Association) ۾ رهائش پذير ٿياسين. ٻئي ڏينهن تي تيار ٿي وڃي گڏجي شهر جو چڪر لڳايوسين. شهر جا روڊ رستا ايترا تہ صاف سٿرا هُئا، جو چِٽ هتي ڪي انسان رهن ئي ڪونہ ٿا. بازار ۾ ماڻهن جي پيڙ، دڪانن ۾ سياحن جي اچ وڃ، گاڏيون، بسون، سائيڪل سوار، سڀ قانون جي پاسداري ڪندي روان دوان ڏسڻ ۾ آيا. اهڙو نظام اسان جي ملڪن ۾ آخر ڇو.نہ ٿو هلائي سگهجي.
جيئن تہ آءٌ اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ سنگاپور 1963ع کان اڳ ملائيشيا جو حصو هو، ليڪن انگريزن هڪ ڪوڙو سچو رفرينڊم ڪرائي ان کي ملائيشيا کان آزاد ڪرائي ڇڏيو. سنگاپور، ملائيشيا اپبيٽ کان جوهر نار (Johar Strait) ذريعي ڪٽيل آهي، يعنيٰ جوهر نار انهن ٻنهيي علائقن جي سرزمين کي جدا ڪري ڇڏيو آهي. جوهر نار جي ويڪر تقريباً اڌ ڪلوميٽر يا اُن کان گهٽ آهي، جنهن سنگاپور جي زمين کي اڪيلي ٻيٽ جي شڪل ڏني آهي سنگاپور سان گڏ 63 کن ٻيا ننڍا ٻيٽ بہ شامل

آهن. 1960ع ۾ سنگاپور جي ايراضي، 581.50 مربع ڪلوميٽر هُئي، ليڪن آبادي جي وڌڻ ڪري حڪومت سمنڊ کي پائڻ جا منصوبا (Sea Reclamation Projects) تيار ڪري، هن وقت (2013) ۾ ايراضي وڌائي 716 مربع ڪلوميٽر ڪئي آهي.ويجهن ننڍن ٻيٽن جي وچ واري سمنڊ کي، جبل پهاڙ ڪٽي پريندا رهن ٿا ته زميني ايراضي وڌائي وڃي، جيئن ماڻهو اُن تي گهر ٺاهي آبادي ڪن. زمين گهٽ هجڻ ڪري، شهري آباد، ڊگهين عمارتن (High Rise Buildings) ۾ رهڻ جا عادي ٿي ويا آهن.

سمنڊ کي پائڻ جو ساڳيو عمل پهريائين نيدرلينڊ هالينڊ وارن شروع ڪيو، جو انهن وٽ آبادي جي نسبت،زمين ٿوري هئي. نيدر لينڊ وارن سوين ڪلوميٽر سمنڊ اندر پرائي ڪري، آبادي ڪئي وئي آهي، جهڙي طرح دُبئي وارن سمنڊ اندر ڪيتريون ئي اسڪيمون ٺاهي راس ڪيون آهن.

ملائيشيا ۽ سنگاپور کي ملائڻ جا ٻه مکيه رستا، هڪ سنگاپور ڪازوي (Singapore Cause way) ۽ ٻيو ٽُئاس لنڪ روڊ آهن. سنگاپور جي هن وقت (2013) دوران آبادي ٽيونجاهه لک نفوس تي مشتمل آهي ۽ مکيه مذهب ٻُڌمت آهي، جنهنڪري توهان کي ٻُڌ جا قيمتي بوتا مختلف چؤراهن تي نظر ايندا. پنجٽيهه سيڪڙو آباديءَ جا ماڻهو، ٻُڌمَت جي پوڄا ڪن ٿا ۽ ٻئي نمبر تي عيسائي مذهب اچي ٿو،جنهن کان پوءِ اسلام، هندو ۽ چائينيز مذهب آهن. هڪ سروي مطابق سنگاپور ۾ تقريباً 17 سيڪڙو ماڻهو ڪنهن به مذهب سان واسطو نه ٿا رکن.

سنگاپور ۾ چار سرڪاري زبانون آهن. انگلش، ملائي، چائينيز ۽ تامل. سنگاپور هن وقت دنيا جي مکيه تجارتي مرڪزن مان هڪ آهي ۽ پنجن مکيه ۽ مشغول بحري پورٽن مان هڪ آهي.

آبادي گهڻي ۽ زمين گهٽ هجڻ ڪري، پنجن مان چار ماڻهو اونچي عمارتن ۾ رهن ٿا ۽ رهائش عام ماڻهو جي وس کان گهڻو مهانگي آهي. هوٽلن جا اگهه چوٽ چڙهيل آهن.سنگاپور ۾ اُهي خوش نصيب شخص گولڻ سان به ڪونه ليندا،جن وٽ ڪشادا بنگلا ۽ ماڙيون هجن. پر اهڙن ماڻهن جي پاڪستان ۾ ڪا کوٽ نه آهي. سنگاپور فري پورٽ هجڻ ڪري هتي وڏو واپار هلي ٿو ۽ لکين سياح سينگاپور جو رُخ ڪن ٿا. شهر ۾ ٽيڪسي ۽ هوٽل جا ڪرايا چوٽ چڙهيل آهن.

سنگاپور ۾ سنڌي دوڪاندارن سان ملي ائين محسوس ٿيو ڄڻ حيدرآباد ۾ وينو هجان. سنگاپور ٿوري ايراضي هجڻ ڪري، ملڪ ۽ شهر

مڙيوئي ساڳئي نالي سان مشهور آهي. هڪ ڪلاڪ جي ڊرائيونگ سان،ملڪ جي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي پهچي سگهجي ٿو. هتان جا رهاڪو مختلف قومن ۽ نسلن جي ملاوٽ آهن. مک ملاوٽ ملائي، چيني، هندوستاني، سريلنڪن (تامل نسل) ۽ هندوستاني (اڪثريت سِک پنجابي) شامل آهن. مکيه واپار چينين جي هٿ ۾ آهي. ڪجهه حيدرآباد جا سنڌي هندو به هت رهن ٿا،جيڪي ورهاڱي دوران يا پوءِ اچي هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾ واپار بهاني آباد ٿيا هئا. ليڪن انهن جا ايئرڪنڊيشن وڏا دڪان ۽ مال ڏسي حيران ٿيس ته لڏپلاڻ ۾ ڪيتري نه برڪت آهي. هر دڪان تي چار، پنج وڪرو ڪندڙ ڇوڪريون (Sales Girls) رکيل هونديون آهن ۽ جيڪي گراهڪن کي منهن ڏيو بيٺيون هونديون آهن ۽ سيٺ صرف ٽيليفون تي، مکيه ڊيلرن سان ڳالهائيندي، پنهنجي ڪاروبار کي وڌائڻ لاءِ دوڪان جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ويٺل نظر ايندو. مان تقريباً گهڻن سنڌي هندوئن سان مليو آهيان ۽ انهن مان اڪثريت انهن جي هئي جن وٽ سنڌ ڌرتي لاءِ سِڪ ۽ محبت اجان زنده هُئي. سنگاپور ۾ هڪ مکيه پيننسولا شاپنگ سينٽر (Peninsula Shopping Complex) آهي، جيڪو ڪالمئن گهٽيءَ (Coleman Street) تي واقع آهي، (هاءِ اسٽريٽ جي پرسان)، ان ۾ ڪجهه دڪان سنڌي هندن جا آهن، جن ۾ ڪُويتا اليڪٽرونڪس ۽ سندس برانچ ڪراچي سِلڪ اسٽور، جيڪا ٽرانزٽ روڊ (Transit Road) تي آهي، بيو تاج محل ڊپارٽمينٽل اسٽور، جنهن جو مالڪ پي.اي. ڪشن راج آهي، جيڪو حيدرآباد جي چوٽڪي گهٽيءَ جو چاول آهي. انهن رميش اليڪٽرونڪس ۽ ’واشي کي گوڏيا‘ جا شاندار دڪان شامل آهن. آئون جيڪي به خريداري ڪيم سا سڀ سنڌي دڪاندارن کان ڪئي. ڪيليفورڊ پئرس (Califord Paris) تي، هڪ سنڌي (حيدرآباد) جو دڪان آهي، تنهن جي مالڪ جو نالو ’موهن‘ آهي وڏو چالاڪ ماڻهو آهي. گراهڪن کي سنڌي ۾ گاريون ڏئي، کين خوش ڪري ڇڏي ٿو. ان جو دڪان بندرگاهه جي پرسان هجڻ ڪري تقريباً، هر بحري جهاز جي ڪپتانن سان جاڻ سڃاڻ ۽ دوستي رکي ٿو، انگريز، فرينچ، جرمن، ڊچ ۽ پاڪستاني وغيره سندس گهاٽا دوست پئي لڳا. ڳالهائڻ جو اهڙو تيز جو دشمن کي دوست بنائڻ سندس ذهن سيڪنڊن جو جادو پئي محسوس ٿيو. مان جڏهن هن کي جهازن جي ڪپتانن سان ايترو گهرو دوست محسوس ڪيو ته ڪانئس الطاف شيخ، جيڪو پاڪستاني بحري جهازن جو ڪپتان ۽ انجنيئر آهي، اُن جو ذڪر

ڪيو تہ ڪلي چوڻ لڳو تہ، هو تہ منهنجو تمام گهاٽو يار آهي. الطاف جڏهن بہ هتان لنگهندو آهي اهو مون وٽ ضرور چڪر لڳائيندو آهي. الطاف شيخ جا لکيل سفرنامہ / ڪتاب جيڪي، مون سنڌ ۾ پڙهيا هُئا، سي سڀ ڏيکاريائين. موهن چوڻ لڳو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ الطاف شيخ پنهنجي ڪتنب سوڏو سرڪاري موڪل تي هتي آيو هو ۽ مون وٽ ئي ترسيل هو.

سنگاپور ڪي آبادي ۽ ايراضي جي لحاظ کان ڏنو وڃي تہ حيدرآباد شهر سان مشابهت ڏئي سگهجي ٿي. ائين ڪٿي چئجي تہ، سنگاپور ۽ حيدرآباد پاڻ ۾ سِسٽر سٽيز (Sister Cities) آهن تہ بہ غلط نہ ٿيندو آهي. اسان جڏهن استنبول کان، ازمير (Izmir) بس ذريعي وڃي رهيا هُئاسين، تہ وچ مفاصلي تي هڪ شهر، بُرصا (Bursa) نالي آيو، جنهن جو تاريخ ۾ ڪافي ذڪر بہ آهي. اسان جڏهن بس تان لهي شهر جو چڪر لڳايو، تہ هڪ بورڊ تي انگريزي ۾ بُرصا ۽ ملتان ڪي سِسٽر سٽيز جو لقب ڏنل هو. حيدرآباد ۾ صرف گندگي گهٽي آهي، سمنڊ پرسان اٽس ڪونہ ۽ سيڪيورٽي جو وڏو مسئلو آهي، بهرحال اِهي ساڳيا حال، سنڌ جي سڀني شهرن جا آهن. حيدرآباد وري بہ لاڪاڻو ۽ جيڪب آباد کان بهتر آهي. الله تعاليٰ کان دعاگو آهيون تہ اسان جي ملڪ ۽ شهرن ۾ امن ۽ ترقي اچي (آمين).

سنگاپور سمنڊ جي ڪناري تي هجڻ ڪري وڏو فري پورٽ آهي، ڪنهن قسم جي ڊيوٽي وغيره ڪونہ ڏني ويندي آهي. جاپان جون ٺهيل شيون، معياري هجڻ سان گڏ سستي اگهن ۾ دستياب آهن. جاپان جو سامان سڀ کان پهريائين سمنڊ ذريعي هانگ ڪانگ پهچندو آهي،جتان سينگاپور اچي رسندو آهي. تنهن ڪري هانگ ڪانگ ٿورو سنگاپور کان سستو آهي.

سنگاپور جو رائج سِڪو سنگاپوري ڊالر آهي جيڪوان وقت (1977ع) دوران پاڪستان جي چئن روپيہ جي برابر هو ۽ هڪ آمريڪي ڊالر، سينگاپوري اڍائي ڊالرن جي برابر هو. شهر تمام صاف سترو، بس سروس تمام بهترين، ٽيڪسي وارا سڀ ايماندار ميٽر مطابق ڪرايو وٺن، ليڪن دڪانن تي ايتري تہ پڪائي (Bargaining) ڪرڻي پوندي آهي، جو شروعاتي قيمت جي اڌ ۾ وڃي سودو مُڪندو. حڪومت جو سخت رويو ڪنهن بہ قانون جي ٽوڙي بہ پچڪڙي ڪئي يا رستي تي ڪو ڪاغذ يا ٽِشو پيپر اڇلايو، تہ فوراً پوليس وارو توهان ڪي ٻانهہ مان وٺي قانون مطابق جرماني جو چنو هٿ ۾ رکندو ۽ هدايت ڪندو تہ اڳتي اهڙي غلطي نہ ٿيڻ

ڪپي. سنگاپور سير سفر ڪرڻ سان گڏ واپار لاءِ بهترين جڳهه آهي، جنهن
چڏ چوت ۽ بارگيننگ ۾ ماسٽرس ڪئي هجي اهو پلي سنگاپور اچي
وڏيڪ ڪاروباري تجربو حاصل ڪري.

هتي انگريزي سان گڏ، ٻيون ٻوليون، جهڙوڪ چيني، ملائي، تعمل،
هندي وغيره به ڳالهايون وجن ٿيون. شهر ۾ هر هڪ انگريزي ڳالهائيندڙ
ملندو چاهي اهو ٽيڪسي ڊرائيور ڇو نه هجي. مطلب ته ڪنهن به سياح کي
ٻوليءَ جو مسئلو پيش ڪونه ايندو. ٽيڪسي ڊرائيور گهٽو ڪري
هندوستاني سِک يا تامل نظر ايندا سو انهن سان اردو، پنجابي يا تامُلَ
ڳالهائي پنهنجو مقصد پورو ڪري سگهجي ٿو. سنڌي دوڪاندار به هر بازار
۾ گهمندي ملي وجن ٿا. سيني دڪانن جو ڪاروبار چيني سيلز گرلس
هلائينديون آهن ۽ گراهڪن کي مسڪرائي پري کان آڏر ياءُ ڪري، فوراً
ائين چونديون ته سائين مان توهان جي مدد ڪري سگهان ٿي(Can I help you, sir).
سنگاپور ۾چوڪرين جي ايتري آزادي هجڻ جي باوجود فحاشي نظر ڪونه
آئي، جيئن بئنڪاڪ ۾ عام رواج آهي. هڪ دفعي مان رات جو ڪلفورڊ
پئرس تي موهن جي دڪان تي ساٽس ڪچهري ڪري رهيو هئس ته اوچتو
به مادرن چوڪريون، چپ ڳاڙها، ڪپڙا اٽپورا پاتل (هلندڙ گهمندڙ پئي
لڳيون)، مطلب ته ٻروچڪي لحاظ کان اڌ اگهاڙيون پئي لڳيون، اندر داخل
ٿي، موهن سان ملائي زبان ۾ ڳالهائڻ لڳيون. موهن سان غالباً، اڳ جون
واقف ڪار پئي لڳيون. موهن انگريزيءَ سان گڏ، ملائي ٻولي به آساني سان
ڳالهائي پيو جو سنگاپور 1963ع کان ملائيشيا جي قبضي هيٺ هيو. اسان
جا ڪراچيءَ وارا پائر ته ستر سالن گذرڻ کانپوءِ به سنڌيءَ جو هڪ لفظ
ڪونه ٿا ڳالهائين، پوءِ قصوروار ڪير آهي، اُهي يا اسان؟.

دوران گفتگو موهن مون کي مخاطب ٿي چيو ته هي چون ٿيون ته مان
پنهنجي مهمان کي اجازت ڏيان ته وجي هنن سان گڏ سامهون واري ڪافي
هائوس (Coffee House) ۾ ڪافي پئي. ڇا خيال آهي؟ مان موهن کي چيو ته
يار مان بئنڪاڪ جو تڪل ۽ بيزار آهيان، سو مون کي اِن مصيبت کان
ڇڏاءِ. موهن ڪلي چوڪرين کي ملائي ۾ چيو، ته هي دوست بئنڪاڪ مان
به ڏينهن اڳ هت آيو آهي، سو اهڙي ۾ اُميد گهٽ رکڻ. وقت جي بچت
آهي. اُهي ٻئي چوڪريون ڪلندي يا دل ۾ گاريون ڏيندي، دوڪان مان ٻاهر
نڪري، ڪافي هائوس ۾ لنگهي ويون. موهن ٻڌايو ته سامهون واري
ڪافي هائوس ۾ ڪيتريون ئي سُهڻيون ۽ نوجوان ڇوڪريون،رات جو

گراهڪن جي تلاش ۾ هونديون آهن. هي پورٽ ايريا هجڻ ڪري، ٻاهران ايندڙ سياحن کي ڦاسائي پنهنجي جيءَ ۽ جهان کي خوش رکنديون آهن. هتي فحاشي جو ڪليل ڏنڌو ڪونہ هلي، ليڪن ڪافي هائوسن ۾ لِڪَ ڇپَ ۾ شايد ڪم هلي پيو. سنگاپور ۾ نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا پاڻ ۾ پيار ڪندي، هٿ ۾ هٿ ۾ ڏئي، ياڪر پائيندي روڊن ۽ باغن ۾ نظر ايندا. رات جو ٻارهن بجي ڌاري،موهن کان موڪلائي ٽيڪسي پڪڙي اچي هوٽل پهتس، جتي گڏ آيل دوست، ورتل سامان جو پاڻ ۾ حساب ڪتاب ڪري رهيا هُئا.

ٻئي ڏينهن،مان پيننسولا دڪان ۾، ڪجهہ سامان وٺڻ لاءِ ٻجلي تي هلندڙ ڏاڪڻ (Escalator) ذريعي پهرين منزل تي چڙهي مختلف دوڪانن مان ٿيندو وڃي هڪ دڪان تي پهتس، جنهن ۾ ٻہ ڪاري رنگ جون ڇوڪِريون گراهڪن جي انتظار ۾ گهات لڳايو ويٺيون هيون. قد جون ڏگهيون ۽ سنهڙيون، سريلنڪن لڳي رهيون هيون. AIT ۾ مختلف قومن جي شاگردن سان گڏ پڙهڻ ڪري،سڃاڻپ جو تجربو سنو حاصل تي ويو هيو. دڪان جي ڪنڊ ۾ ڪرسي تي هڪ،45-40 سال عمر جو ظاهري شڪل ۾ انڊو پاڪ جو پئي لڳو، جيڪو ڪنهن سان فون تي انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هيو. آءُ دل ۾ محسوس ڪيو تہ هي دڪان تہ ڪنهن سنڌي جو پيو لڳي سو لنگهي ويس. جڏهن هُن رسيور فون متان رکيو، تہ مان دل ٻڏي سنڌي ۾ چيو ’سائين آئون سنڌ مان آيو آهيان‘، مان ڳالهائڻ کان اڳ ۾ سوچيم، تہ جيڪڏهن هو سنڌي نہ هوندو، تہ پوءِ مونکي ڦِڪو تي ڪيس انگريزي ۾ ٻہ ٽي دفعا ساري چوٽو پوندو. مون کي حيرت تي جو جڏهن هُن منهنجا لفظ ٻڌا، تہ فوراً أتي مون کي ياڪر پاتو. شايد دڪان تي ويٺل ڇوڪِرن، اهو سمجهيو هجي هي سيٺ جو وڇڙيل عزيز يا دوست آهي. مون کي هُن جي ياڪر مان ايئن لڳو، ڄڻ پنجويهہ سالن جي ٽيپ کان پوءِ پنهنجي عزيزن سان ملي رهيو هجان. پورو هڪ منٽ ياڪر مان نہ ڪديائين. خوشي يا ديس جي حُب خاطر سندس اکين مان ڳوڙها ڪرندي ڏٺم. آءُ ٻہ دل جو ڪمزور هجڻ ڪري، اکين مان پاڻي وهڻ لڳو. ”اڙي يار تون تہ اباڻي ديس مان آيو آهين“ جتان جا ماڻهو سڀاجهڙا ۽ مهمان نواز آهن‘. خاطر توازع ۾ ڪافي ۽ بسڪٽ وغيره ڪاڻڻ کانپوءِ،مان هن جي ڳالهين ۽ سنڌي قوم جي خوشحالي ۾ دلچسپي ڏسي، خود کي پنهنجي ديس ۾ محسوس ڪيم. ٻڌايائين تہ حيدرآباد جي چوٽڪي گهٽيءَ ۾ پيدا ٿيو هُئس ۽ أتي ئي هاءِ

اسڪول ۾ داخلا ورتي هئم. هِن وقت بہ حيدرآباد جو نقشو بلڪل ياد اٿم. ڏاڏايائين تہ بابا حيدرآباد ۾ هڪ ننڍو دڪان هلائيندو هو ليڪن هتي اسان جو وڏو ڪاروبار آهي. سندس دڪان اليڪٽرونڪس جي سامان سان ڀريل هو. سنڌ جي سياست ۽ ترقي جون تازيون خبرون ٻڌندي، اهڙو تہ خوش پئي ٿيو، جهڙو سندس واپار ۾ واڌاري جي ڪا خبر ٻڌي رهيو هجي.

مان ڪانئس ڪافي سوال پڇيا، تہ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان، توهان سنگاپور ۾ اُن جي ڪهڙي خدمت ڪئي آهي؟ چوڻ لڳو تہ هتي سنڌي دڪاندارن جي هڪ ايسوسئيشن (Sindhi Shop Owners Association) ناهي آهي، جنهن جو هوءَ پاڻ ميمبر آهي ۽ هر مهيني ميٽنگ ٿيندي رهندي آهي. ڇا توهان سنگاپور ۾ سنڌي اخبار ڇاپڻ جي ڪوشش ورتي آهي؟ چوڻ لڳو تہ ڪوشش وڏي پيا ڪريون اميد آهي تہ ايندڙ وقت ۾ ڪاميابي ٿيندي. توهان پنهنجي اولاد کي سنڌي ڪٿي پڙهائيندا آهيو؟ اڙي سائين، هتي ڪوئي سنڌي اسڪول تہ آهي ڪونہ پر ڪي ماڻهو شايد ئي پنهنجي اولاد کي گهرن ۾ پڙهائيندا هجن. مون کي ائين پيو لڳي تہ ڪجھ وقت ڪانپوءِ، توهان جي اولاد سنڌي ٻولي کان واقف ڪونہ هوندي، ايترو ڪين ياد هوندو تہ سنڌين جي اولاد آهيون پر سنڌي ٻوليءَ کان ناواقف آهيون. اهو ائين آهي، جيئن اسان بلوچ اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو آهيون، پر وڏا چوندا آيا تہ اصلي اسان عربن جي اولاد آهيون. اڄي بلوچي زبان ڪونہ ٿي، هو وري اسان کي عربي نسل ۽ ٻولي جي آزمائش ۾ پيا هرويرو وجهن، شايد عربن سان انڪري پيا ملائين، تہ هو هاڻي اربن وار آهن.

طوطو ساڳيو آ پر طوطي مَتيل آهي

چيني عورتون ڪم ڪار جون ڏاڍيون مضبوط آهن، جو لڳاتار 12-16 ڪلاڪ دڪانن تي ڪم ڪنديون رهنديون آهن. سندن صحت ۽ رنگ جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي. چيني قوم جي عمر ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ طويل ٿيندي آهي. ان جو غالباً سبب وقت جو صحيح استعمال،هر ڪم پنهنجي مقرر وقت تي ڪرڻ، وقت تي مناسب کاڌو کائڻ ۽ پورو آرام ڪرڻ چيو وڃي ٿو. قد جا پورا ڀُنا، اکيون پوريل، رنگ جا ڀورا، بدن ۾ ڀريل، ڪم جي وقت ڇڏي ۽ عورتون مختلف انگريزي لباس (Mini Skirt) ۾ ڪم ڪندي نظر اينديون آهن.

هِن قوم ۾ عشق جو آزادانو استعمال ٿئي ٿو. ڇوڪري يا ڇوڪرو اڃان مس جوانيءَ ۾ پير وجهي ٿو تہ مائٽ ڪيس دوست ڳولڻ جي اجازت

ڏئي ڇڏيندا آهن پر زماني جي گهراين ۽ چالاڪين جي اڻڄاڻائي يا ناداني سبب تڪڙا فيصلا ڪري هو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ويهندا آهن. پيار ۾ ٻئي پارٽيون، بجاءِ خرابين جي، گهڻي اهميت خوبين کي ڏئي فيصلا ڪري اُن وقت جو انتظار ڪنديون آهن، جڏهن اُهي خرابيون اڀري نمودار ٿين، پوءِ ان وقت فيصلن کي واپس ڪرڻ جي ڪوشش، ائين هوندي آهي جيئن ڏُڌل کير واپس ٿڻن ۾ وجهڻ، جيڪو ڪڏهن ڪونه پوندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو آمريڪا ۽ يورپ ۾ ڪيتريون ئي پيار جون شاديون (Love Marriage) ٽٽي پونديون آهن. ٻئي انسان جي اندر ۾ جهاتي پائڻ ۽ ان کي سُڃاڻڻ هڪ ڏکيو عمل آهي. آزادنه عشق جي ڪري، توهان کي ڪافي جوڙا ٽهلندا، پاڪر پائيندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن طوطن وانگر چميون ڏيندا، (جڏهن سندن عشق وٽين چڙهي ٿو)، فوٽ پاٿن، هوٽلن، باغيچن رستن جي ٻنهين پاسن کان، هر جڳهه تي نظر ايندا.

هڪ دفعي اهڙو پيار وچان پرٽيل جوڙو، جڏهن باغ مان گذريو ته سامهون واري وڻ جي لام تي طوطو ۽ طوطي پنهنجون چُهنبون ملائي پئي پيار ڪيو، جڏهن زال اهڙو منظر ڏٺو ته ان ڏانهن مڙس کي اشاري ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ته مڙس، ڪاروائي ڏسي، ان ڪان ڪن لاٿار ڪئي. ڪافي وقت ڪانپوءِ، هو ٻئي جڏهن اُتان واپس پئي وريا ته طوطو مَحُوعشق ۾ ڏسي زال مڙس چيو ته، اهڙا توکي هنن جو پيار نظر ڪونه ٿو اچي، جنهن تي سندس مڙس تيش ڪاوڙ ۾ اچي چوڻ لڳو ته، ڄڻائي ڏس، طوطو ساڳيو آهي، پر طوطِي مَٽِيل اٿس.

چيني قوم ۾ بنگالين وانگر واڌ تمام گهڻي ٿئي (ان ڪري چين جي آدمشماري دنيا ۾ سيني ملڪن کان وڌيڪ آهي)، هڪ ٻار پينگهي ۾ ته ٻيو پيٽ ۾، اهو شايد انڪري جو سندن خوراڪ بنگلاديش وانگر چانور ۽ مڇي آهي. چيني قوم، دنيا ۾ توهان جتي به وڃو سڪن وانگر هر جاءِ تي نظر ايندا، ان ۾ ڪو شڪ نه آهي، ته هو وڏا محنتي ۽ جفاڪش آهن، جنهن ڪري پوري دنيا ۾ واپار ۽ صنعت تي قابض آهن.

اسان دوست جڏهن شهر ۾ شاپنگ لاءِ نڪتاسين ته مختلف مارڪيٽن جي مُعائني ڪانپوءِ معلوم ٿيو ته هتي هر قسم جون شيون معيار مطابق ملن ٿيون. مختلف دڪانن ۽ بازارن ۾ هندوستاني گهڻا نظر آيا، جن اسان سان پنهنجي ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪئي، جنهن مان سنگاپور بابت وڌيڪ معلومات حاصل ٿي. ڪجهه دوستن هلڪي ڦلڪي شاپنگ به ڪئي.

هڪ ڏينهن تي اڪيلو شهر لاءِ نڪري ويس جو اڳئين ڏينهن تي گهمڻ ڦرڻ سان يقين آيو ته هي ڪو ڏاريو شهر نه آهي ان لاءِ جو پورٽ ايريا

پرسان ڪافي دڪان سنڌي واڻين جا هئا، جن سان ڳالهہ ٻولهہ تي ۽ هو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ چيائون تہ سنڌي ٻنسبت ٻين جي گهٽ گهمڻ ايندا آهن.

پورٽ ايريا پرسان،مسٽر موهن جو هڪ گفٽ شاپ (Gift Shop) هو، سو آئون سڌو اتي ويس ۽ ساڻس ڪچهري ڪندو رهيس. هُن سنڌ جا ڪافي حال احوال ورتا ۽ سنڌ ۾ ترقي ۽ ٻين حالتن بابت پڇندو رهيو پاڻ حيدرآباد کان 1947ع ۾ هندستان آيو، جتان پوءِ سنگاپور واپار ٻهاني اچي آباد ٿيو.

ڪچهري دوران گراهڪ ايندا ويندا رهيا، جن کي ڪڏهن پاڻ تہ ڪڏهن وري سندس اسسٽنٽ ڇوڪري شيون ڏيکاري وڪرو ڪندي رهي. دڪان سُني جاءِ تي هجڻ ڪري ڪافي رش محسوس ٿي. ٿوري دير گذرڻ ڪانپوءِ هڪ انگريز سياح ڇوڪري دڪان ۾ داخل ٿي. جنهن هڪ خاص ماڊل واري ڪئميرا جي گهُر ڪئي، جنهن تي موهن فوراً، پنهنجي اسسٽنٽ کي هدايت ڪئي تہ مٿان اسٽور مان ڪڍي اچ. هوءَ ڏاڪڻ ذريعي مٿي چڙهي وئي موهن سياح ڇوڪريءَ جي خوشامند ڪندي ڪافي آفر ڪئي ۽ ٻيون شيون بہ ڏيکارڻ لڳو اُن دوران سياح ڇوڪريءَ کي هڪ مهانگي پارڪر پين پسند اچي وئي. اسسٽنٽ ڇوڪري ٻن منٽن گذرڻ کان پوءِ خالي هٿين موٽي آئي ۽ چيائين تہ ميم افسوس آهي جو اهو ماڊل اسٽاڪ مان ختم ٿي ويو آهي. سياح ڇوڪري پارڪر پين وٺي جڏهن ٻاهر نڪتي،تہ موهن مون ڏانهن متوجهہ ٿي چوڻ لڳو تہ 'سائين اِهي آهن ڏنڌي ڪرڻ جون ٽِڪُون'.مان پڇيس تہ ڪيئن ڀلا، چيائين مون کي خبر هُئي تہ اها ڪئميرا منهنجي دڪان تي موجود ڪونہ آهي پر جيڪڏهن آئون سڌو جواب ڏيانس ها تہ هُو اُتان ئي پويان پير ڪري موٽي وڃي ها.مان چالاڪيءَ ڪري ڪيس،ڪجهہ وقت دوڪان اندر ترسايو جو هن هڪ ٻئي شئي تہ خريد ڪئي، ورنہ هٿين خالي هلي وڃي ها. مون کي سندس ڪيل اٽڪل بازي، ڏاڍي وڻي ۽ تعريف ڪري چيم تہ يار ڪاروبار تہ توهان کان سِکجي. هونءَ بہ چائينيز ۾ ڪهاوت آهي "جيڪڏهن توکي مسڪراهٽ نہ ٿي اچي تہ پوءِ ڪاروبار ۾ هٿ ئي نہ وجهہ".

سنگاپور ۽ ملائيشيا انگريزن جي اثر هيٺ رهڻ ڪري هُتان جو سڄو نظام برٽش سسٽم سان هم آهنگ آهي. شهر جي بازارن، سامونڊي ڪنارن، باغن، ٻين تفريحي مقامن تي مغربي ملڪن مان سياح اڪثريت ۾ نظر اچن ٿا. شهر ۽ پسگردائي ڏاڍي خوبصورت ۽ دل کي وڻندڙ آهي روڊ رستن تي نيون نيون ماڊلن واريون گاڏيون اڪثريت سان نظر اچن ٿيون.

اسٽيل جو مڳ

اسان بہ اهڙي مهانگائي ڪي ڏسي،گھمي ڦري جلدي خريداري ڪري واپسي جو پروگرام ناهيو، ٻين دوستن وانگر ڪجهہ واچون ڪئميرائون، ٽيپ رڪارڊ ۽ پراڻن هندي گانن جون ڪجهہ ڪيسٽون پرايون سين جو ان وقت گانا ٻڌڻ جو رواج عروج چڙهيل هو ۽ ويڊيو رڪارڊ جو اڃان رواج شروع ڪون ٿيو هو يا وري جي ايجاد ٿيو هو تہ هوم پراڊڪشن ۾ اڃان ڪونہ آيو هو. اسان سان گڏ دوستن ۾ هڪ مسٽر سعيد هيو، جنهن ڪي اسان پوري AIT جي پڙهائي دوران، صرف هڪ پينٽ ۽ شرٽ ۾ ملبوس ڏٺو. هڪ عدد ٿي شرٽ لِيڪڙ ڪيرالين ڪپڙي مان ٺهيل ۽ ٻئي نيري رنگ جي پينٽ هوندي هئس. هو انهن ڪي ڌوئي پائيندو رهندو هو رات جو سمهڻ لاءِ،ڪي الڳ ڪپڙا هئس، الائي ڪونہ ۽ پاڪستان ريلوي جي چيئرمين جو پٽ سڏائيندو هو. همراهہ ڏسڻ وائسڻ جهڙو ۽ ظاهري طرح سُٺي فئملي مان لڳندو هو پر اِن ڪنجوسي واري حالت جي ڪري اسان ڪي چڙ لڳندي هئي. ڪٿي چانهہ پيئڻي تہ چوندو بس توهان پيئو مان ڪونہ ٿو پيئان. واپسيءَ تي ريل جڏهن مختلف اسٽيشن تي بيهندي آئي تہ اسان سُٺن قدرتي نظارن ڪي ڪئميرا ۾ آڻڻ لاءِ جڏهن فوٽو ڪيرائيندا هُئاسون ۽ هن ڪي شامل ٿيڻ لاءِ چوندا هُئاسون تہ شامل نہ ٿيڻ لاءِ پيو بهانا ڪندو هو، يار روشني گھٽ آهي منهنجو صحيح رنگ ڪونہ ايندو يا ڪارو رنگ ٿي ويندو وغيره. حالانڪ اِها ڳالهہ بنهہ ڪونہ هوندي هُئي. هو صرف ان لاءِ انڪار ڪندو هو تہ فوٽو جي ڪاپي جڏهن تيار ٿيندي تہ پوءِ ونڻ لاءِ پئسا ڏيڻا پوندا. اهڙي قسم جا ماڻهو مون ڪي عجيب لڳندا آهن. اسان سُجائي هوندي بہ، پر ۾ بينل ڪي، اهو محسوس ٿيڻ ڪونہ ڏيندا هئاسون، تہ ڪيسا خالي آهن.

اهڙوئي هڪ ٻيو انسان ڏٺو جيڪو پاڪستان ملٽري انجنيئرنگ سروس (MES) سان واسطو رکندڙ هو ۽ KAMC، يعني ملٽري سٽي تبوڪ ۾ ڪم ڪرڻ خاطر ٽن سالن جي عرصي لاءِ آيو هو ڊيپوٽيشن وارن جون پگھارون سعودي ملٽري جي برابر هونديون هيون ۽ ٻيا ڪيترائي الائونس ملائي سندن سوچ کان وڌيڪ وظيفو ملندو هيو پر هڪڙو مرض هيو، جو هو ايتري تہ ڪنجوسي ڪندا هُئا،جو ڪهڙي ڳالهہ ڪجي شايد ان لاءِ تہ ڪين ٽن سالن کان وڌيڪ اجازت ڪونہ ملندي هئي ۽ جلدي متبادل انجنيئر مقرر وقت تي پهچي ويندو هو. انهن ۾ هڪڙو اهڙو انجنيئر آيو جنهن

پنهنجي رهائش جي بورچي خاني ۾ رڌ پچاءُ لاءِ صرف لوهي مَگُ (Mug) ورتو جيڪو گهڻ ڪمو هو. هو اُن ڪان پاڃي پچائڻ، چانهه پچائڻ ۽ پاڻي پيئڻ جو ڪم وٺندو هو. ڪپڙا بہ مختصر تي جوڙا پاڪستان مان آندا هُئائين، اُهي استعمال ڪري ٽن سالن ڪان پوءِ بہ ساڳين ڪپڙن ۾ واپس ويو. هڪ دفعو موڪل لاءِ پاڪستان وڃي رهيو هو، تہ گهر واريءَ ڪي تبوڪ ايئرپورٽ تان جهاز ۾ چڙهڻ وقت فون ڪيائين تہ ’مين آندا پيا آن‘ ۽ پوءِ فون پئس بچائڻ خاطر اٽپوري ڳالهہ ڪري ڪٽي ڇڏيائين. هو جڏهن لاهور ايئرپورٽ پهتو تہ ڪيس وٺڻ لاءِ ڪو بہ نہ آيو، جو هُن پورو پروگرام صحيح طرح سان گهر واري کي نہ ٻڌايو، سندس بيوقوفيءَ جو ٻيو ڪارنامو تہ هڪ دفعي هو هڪ ٻئي دوست سان ڪار ۾ ڏگهي سفر لاءِ تبوڪ ڪان جدي وڃي رهيو هيو،گاڏي جو ٽائر پنچر ٿي پيو، سو هن چا ڪيو جو ٽائر مان ڪوڪو، ڪار جي چاٻيءَ سان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪوڪو ڪڍندي چاٻي بہ اڌ ڪري وڌي. هڪ تہ سعودي جابلو، غيرآباد علائقو ۽ ٻيو وري چاٻيءَ جا بہ اڌ ٽيڻ.بهرحال سندس بيوقوفي ڪري ٻنهين کي ڪيترائي ڪلاڪ، اُن سج ۽ گرمي ۾ ترسڻو پيو، جيستائين ڪا لفٽ وٺي ڪنهن اڳئين وسندي مان، ڪو چاٻي ناهڻ وارو وٺي اچن. سعودي عرب جي روڊن جي ويراني کان اهي واقف هوندا جيڪي اتي رهي آيا هجن.ايترو جو 40-50 ڪلوميٽرن تائين، توهان کي آبادي نظر نہ ايندي، سواءِ ڪنهن پيٽرول پمپ يا هڪ اڌ دڪان جي، جتان توهان بسڪوٽ، پاڻي ۽ ٻئي مشروبات وٺي سگهوتا.

سنگاپور کان بئنڪاڪ لاءِ ساڳئي انٽرنيشنل ٽرين ۾ سوار ٿي اچي بئنڪاڪ پهتاسون ۽ آخري ٽرم جي پڙهائي ۽ تحقيقي منصوبي (Project thesis) کي مڪمل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وياسون.

اسان جي هڪ دوست جو آخري سال جي مقالي (thesis) پوري ڪرڻ وقت،سندس پروفيسر سان ڪو مسئلو ٿيو. هڪ ڏينهن صبح جو جيئن پنهنجي ڪمري مان اُٿي، منهنجي ڪمري ۾ ڪامن واش روم جي دروازي مان داخل ٿيو تہ مون کي وڏي آواز سان چيائين تہ ’اڙي تون پاڻ کي ڇا ٿو سمجهين‘؟

اسان ٻنهين جا ڪمرا لڳو لڳ هڪ ئي هاسٽل جي ايچ بلاڪ ۾ هُئا. آئون اڃان ننڊ مان اٿيوئي مس هيس سو خبر ئي ڪونہ پي پئي تہ آخر مسئلو ڪهڙو آهي.مان ڪيس جواب ڏنو تہ يار اهڙي ڪا ڳالهہ ڪونہ آهي.

هو جسامت ۾ پريل ۽ رنگ جو پورو، هڪ سني فئملي، سندس پيءُ رٽائرڊ چيف انجنيئر تي رهيو هو. منهنجي اِن غير مزاحمتي جواب (Passive Responsive) تي هو جنهن دروازي کان اندر آيو، اتان واپس پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي، مکيه در کان ٻاهر نڪري، وراندي مان ٿيندو درسگاهہ جي عمارت (Academic Block) ڏانهن روانو ٿيو. ٿورو اڳتي پهتو تہ سامهون سندس لاهوري دوست درسگاهہ واري عمارت کان واپس اچي رهيا هئا. جڏهن هڪ ٻئي جي ويجهو آيا تہ هن ڪيس انگريزيءَ ۾ گار (You son of bitch) ڏني جنهن تي هُن بہ ساڳئي گار ڪڍي،پوءِ ٻنهي هڪ ٻئي کي نوئشن جا وار ڪيا. اهڙو سڄو منظر مان پنهنجي ڪمري جي دري کان ڏسندو رهيس جو اسان جي هاسٽل (Dormitory) درسگاهہ واري بلاڪ جي بلڪل سامهون هئي. ٻن منٽن جي ايڪشن کان پوءِ هي اڪيڊمڪ بلاڪ ڏانهن روانو ٿيو ۽ اُتي پهچي چيئرمين جي سيڪريٽري کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو، تہ تون مون سان شادي ڇو نہ ٿي ڪرين؟ (Why don't you marry me). اِن ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ اِها ڇوڪري سڄي AIT۾ بيحد سُهڻي هئي ۽ ڪپڙا ايترا تہ سنها، سوڙها ۽ اٽپورا پائيندي هُئي جو اکيون دنگ رهجي ويندي هُيون. ڏسندڙ وري ٻئي صبح جي انتظار ۾ رهندو هُيو، تہ شايد سياڻي متان اجان وڌيڪ ننڍا ۽ سوڙها ڪپڙا پائي اچي ۽ حقيقت ۾ لڳندو بہ ائين هو. اها مون کي بہ خبر آهي تہ ان دوست جو ڪو ان سان پراڻو پيار جو تعلق (Love affair) هلندڙ ڪونہ هو، پر هن ان کي اهي جملا چئي حيرت ۾ ضرور وڌو هوندائين ۽ هن بغير انتظار ڪرڻ جي وڃي چيئرمين کي اهڙي ڳالھ جو اظهار ڪيو جنهن آخر هُن کي AIT جي ڊاڪٽر جي حوالي ڪيو ۽ مون سان گڏ ممتاز ميمڻ کي گهرايو ويو. اسان کي هن جي والدين کي فورًا، اطلاع ڏيڻ لاءِ بئنڪاڪ وڃي فون ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي.

ممتاز ۽ مان سندس پيءُ جيڪو حيدرآباد ۾ رهندو هو بئنڪاڪ وڃي فون هٿ ڪري اطلاع ڏنو ٻئي ڏينهن تي سندس ماءُ ۽ پيءُ اچي بئنڪاڪ پهتا ۽ هن کي منٿون ميڙون ڪري حيدرآباد واپس وٺي آيا ۽ پوءِ هن هڪ ٻن سالن اندر موٽي اچي ماسٽرس ڊگري حاصل ڪئي.

حسب معمول 26 فيبروري تي AIT day ملهايو ويندو آهي جنهن ۾ سيني ملڪن جي شاگردن پنهنجي ملڪ بابت معلومات، ڪلچر بابت

اسٽال لڳايا ۽ پنهنجا ثقافتي شو اسٽيج تي پرفارم ڪري ڏسندڙن جا من موهي وڌا ۽ پنهنجي ملڪن جي وڏيڪ معلومات بابت دستاويزي فلمون (Documentary Films) به ڏيکاريون. اسان به پنهنجا اجرڪ، ٽوپيون، رليون، ملتاني جوتا، مري جا ڪمبل ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون اسٽالن تي ڏيکاريون. اهڙي عمل ۾ هر ملڪ جو سفير وڏي مدد ڪندو آهي ته جيئن ملڪ جي نيڪ نامي ٿئي. اسان کي به پاڪستاني سفارتخاني اسٽالن کي سجائڻ ۾ مدد ڪئي ۽ فنڪشن ۾ حاضر رهي داد ڏنائون.

26 مارچ 1977ع، تي صبح اٿڻ تي خبر پئي ته ٿائيليند ۾ موجوده ملٽري حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي فوجي ٽولي آڌيءَ رات ڌاران انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

نئين انقلاب آڻڻ جو سبب اِهو ڏنو ويو ته موجوده ملٽري حڪومت ملڪ ۾ آزاد گهمندڙ ۽ مختلف ڪارروايون ڪندڙ ڪميونسٽن کي قابو ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. اِن انقلاب ۾ ميجر جنرل آرُون (Maj. Gen. Arun) کي اڳوات قتل ڪيو ويو، جو هُن ان ڪاروائي ۾ حصي وٺڻ کان انڪار ڪيو. سيني سپاهين کي قيدي ڪيو ويو ۽ پڇا ڳاڇا تي ٻڌايائون ته اسان کي انقلاب جي ڪا به خبر ڪونه آهي، صرف اسان کي بئنڪاڪ هلڻ لاءِ چيو ويو هو. بحرحال بروقت ڪاروائي جي ڪري ڪا خونريزي ڪونه ٿي ۽ معاملو پوري ڪنٽرول ۾ اچي ويو.

پاڪستان ۾ سياسي گهوٽالو

ميڊيا ذريعي پاڪستان جي سياسي صورتحال بابت ڏاڍي بيچيني هلندي رهي. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت خلاف مذهبي جماعتون، مخالف ڌر سان ملي ويون. ڀٽو صاحب ايندڙ اليڪشن جي تاريخ،جو اعلان ڪري 7 مارچ، نيشنل اسيمبلي ۽ 10 مارچ تي صوبائي اسيمبلي مقرر ڪئي. 216 نيشنل اسيمبليءَ جون سيٽون ۽ 495 صوبائي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ، اليڪشن مُهر ۽ نشان الاٽ ڪيا، جنهن مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي تلوار ۽ پاڪستان نيشنل الائنس (PNA) کي هَرَ (Plough) جو نشان مليو. سنڌ ۽ بلوچستان مان ڪافي سيٽون بنا مقابلي پيپلز پارٽي جي اميدوارن کٽيون. قومي اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي، 140 سيٽون کٽيون ۽ پاڪستان نيشنل الائنس کان ٽيهن سيٽن تي کٽيو. اصغر خان جڏهن ڏٺو ته پيپلز پارٽيءَ کي شڪست ڏيڻ سندس وس ۾ نه آهي، ته اُن صوبائي

اليڪشن جو باءِ ڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ الزام لڳايو تہ اليڪشن ۾ ڌانڌليون ڪيون ويون آهن. سڄي مخالف ڌر (PNA) گڏجي صوبائي اسيمبلي جي اليڪشن ۾ حصو نہ وٺڻ جو اعلان ڪيو ۽ آخر ڪار 11 مارچ تي انهن سيني گڏجي فيصلو ڪيو تہ ملڪ ۾12 مارچ کان هڙتال شروع ڪئي ويندي جو اليڪشن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌليون ڪيون ويون آهن. BBC ريڊيو مطابق مخالف ڌر جي هڙتال لاهور، ڪراچي ۽ پشاور ۾ ڪامياب قرار ڏني وئي ۽ ڪجھ جائين تي ماڻهن ۽ پوليس وچ ۾ جهڙپن جو ذڪر بہ ڪيو ويو.

ڀٽو صاحب ريڊيو ۽ TV ذريعي قوم کي خطاب ڪندي، مخالف ڌر کي ڳالھہ ٻولھہ جي دعوت ڏني، ليڪن انهن قبول نہ ڪئي ۽ ملڪ ۾ قانون کي پنهنجي هٿن ۾ کڻڻ لاءِ عوام کي اُڪسائيندا رهيا، جنهن ڪري ڪراچي سميت ڪيترن شهرن ۾ هنگاما ٿيا. آخر ڀٽو صاحب مخالف ڌر مان مفتي محمود، عبدالستار، شير باز خان مزاري، پروفيسر غفور ۽ ميڊم نسيم ولي خان کي جيل ۾ وڌو. ميڊم نسيم ولي خان جو تہ پلو ٿيو، جو سنڌس مڙس اڳ ۾ ئي جيل ۾ هو ۽ ٻنهي کي هڪ ئي ڪمري ۾ بند ڪيائون. اِن هنگامن ۾ ڪراچي سڀ کان گهڻو متاثر ٿيو، ڪافي ماڻهو ماريا ويا، ڪيترائي جيل ۾ وڌا ويا ۽ سرڪاري ملڪيت کي نقصان ٿيو ۽ باهيون ڏنيون ويون.

8 اپريل تي منهنجي آخري امتحان جو مقالو (thesis) ٿيو، جنهن ۾ سٺا نمبر کڻي پاس ٿيس. ان کان پوءِ پاڪستان وڃڻ کان اڳ ٻن ڏينهن لاءِ بئنڪاڪ جي مرڪزي مسجد ’هارون مسجد‘ ۾ تبليغ تي وڃڻ جو ارادو ڪيو تنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ 23 اپريل تي جماعت سان شامل ٿي ڏهن ڄڻن جو گروپ ٺاهي پر واري علائقي جي رهواسين کي مسجد ۾ گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏني (الله تعاليٰ قبول ڪري، آمين).رات مسجد ۾ ٽِڪي، ٻئي ڏينهن شام ڌارين، AIT روانو ٿيس جو پاڪستان واپس وڃڻ لاءِ تياري ڪرڻي هُئي.

PIA سان ڪراچي لاءِ سيٽ بڪ ڪرايم پر ڪراچي ۾ هنگامن ڪرفيو ۽ PIA جي هڙتال ڪري فلائيٽ (Flight No.PK.791) منسوخ ڪئي وئي پر مان گهر خط ذريعي اڳواٽ اطلاع ڏئي ڇڏيو هو. سو فون جي اهڙي ڪا سهولت نہ هجڻ ڪري، پروگرام تبديلي گهر اطلاع ڪونہ ڪري سگهيس. آخر 26 اپريل لاءِ سيٽ بڪ ڪرائي، ان لاءِ تہ 25 اپريل تي، گريجوئيشن

تقريب (Graduation Ceremony) ۾ حاضر رهي ڊگري وٺي پوءِ وطن واپس ورڻ پر ڪراچي جون حالتون اهڙي عروج تي پهتل هيون جو مون کي پنهنجي وطن پهچڻ ۾ شڪ ٿيڻ لڳو جو ڪراچي ۾ سخت ڪرفيو ۽ هنگامن سان گڏ، PIA وارن جي اسٽرائيڪ، هڪ عجيب ۽ غير يقيني صورتحال پيدا ڪئي، جنهن ۾ ڪابه ڳالهه يقين سان نه پئي ڪري سگهجي.

الحمد الله، 25 اپريل تي، AIT Centreجي آڊيٽوريم هال ۾ پر رونق تقريب (24th Graduation Ceremony) ٿي، جنهن ۾ اي.آءِ.ٽي جي صدر ڊاڪٽر آر.بي بئنڪس (R.B Banks) هٿان، مون کي ماسٽر آف انجنيئرنگ جي ڊگري ملي. ڏاڍي خوشي تي ۽ ائين لڳو، ڄڻ مونکي ويهن مهينن جي سخت محنت جو ڦل ملي ويو هجي، (بيشڪ الله تعاليٰ ڪنهن جي به محنت ضايع نه ڪندو آهي).

اِن پررونق تقريب ۾ شرڪت ڪانپوءِ سوچيم ته فلائيٽ جو منسوخ ٿيڻ، هڪ بهتر عمل هو، جو هن اهڙي زبردست موقعي کي مان مِس ڪري وڃي رهيو هُيس.

26 اپريل رات جو 12 بجي PIA جي فلائيٽ PK-761 ذريعي بئنڪاڪ جي ڊان مئانگ (Don-Muang) ايئرپورٽ جي رن وي تان، DC-10 جهاز پنهنجو نڪُ (Nose) مٿي ڪٽي اڏامڻ لڳو ته دل ۾ پنهنجي وطن جي محبت ۽ پنهنجي عزيزن سان ملڻ لاءِ هڪ خاص جذباتي ڪيفيت محسوس ڪيم، جنهن جو بيان مان هتي نه ٿو ڪري سگهان. پر اُن سان گڏ، ڪراچي جي اُبتڙ حالتن ڪري دل ۾ خوف طاري ٿيو جو ايئرپورٽ تي ڪنهن به عزيز جو پهچڻ ڪرفيو جي ڪري ممڪن نه هو ۽ نه وري انهن کي نئين شيڊول جو اطلاع ڏئي سگهيم. مون سان گڏ ممتاز ميمڻ به جهاز ۾ سوار هو. جهاز هوا ۾ سڌو تي ڪراچي طرف روانو ٿيو، ته مان پنهنجي پرسان ويٺل جپاني سان انگريزي ۾ حال احوال ڪيو، ايتري ۾ ايئر هوسٽيس رات جو ڪاڏو کڻي آئي صبح سوير چار لڳي پنجٽيهن منٽن تي جهاز مان اعلان ٿيو ته اسان ڪراچي پهچڻ وارا آهيون ۽ ٿوري دير ۾ جهاز پنهنجو نڪُ آهسته هيٺ ڪرڻ لڳو ته شهر جون ٻرندڙ بتيون ٽمڪڻ لڳيو ۽ ٿوري دير ۾ جهاز رن وي تي ڊوڙڻ لڳو.

منهنجو اصلي پروگرام ڪراچي کان سکر وڃڻو هو. پروگرام مطابق ادا ظفر جن مون کي سکر ايئرپورٽ تي خوش آمديد چوڻ لاءِ محمد ملوڪ شر MPA ۽ هڪ ٻئي صوبائي اسمبليءَ جي ميمبر کان علاوه، ڪافي ٻين

عزيزن کي، جنهن ۾ مالوٽ مرحوم محمد عيسيٰ خان شر ۽ ڪيترائي ٻيا وٽي اچي سکر ايئرپورٽ تي پهتا هئا، پر منهنجي بئنڪاڪ واري فلائيٽ، ڪراچي ۾ ڪرفيو ۽ پائلٽن جي هڙتال ڪري منسوخ ڪئي وئي، ان ڪري آئون اصلي پروگرام تي نه پهچي سگهيس ۽ نه وري فون جي سهولت هئي جو اطلاع ڏئي سگهان.

ڪراچيءَ جهاز مان سامان کڻي بس ذريعي ايئرپورٽ بلڊنگ پرسان لاٿائون ۽ اسان لائونج ۾ لنگهي وڃي اميگريشن ٽيم اڳيان قطار ڪري پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. اميگريشن پاسپورٽ تي ٺپو هنيو جنهن ڪانپوءِ، پنهنجو سامان کڻي، ڪسٽم وارن جي منهن چڙهياسين. ڪسٽم وارن کان جان ڇڏائي، دروازي کان ٻاهر نڪري، نظر ڊوڙائيندي سامهون،مسٽر علي اڪبر ميمڻ نظر آيو، جيڪو ممتاز ميمڻ کي وٺڻ آيو هو. ان کان پوءِ، مسٽر سليم ٻٽ ڪراچي ۾ نوڪري ڪندو هو. جنهن کي مان فون ڪري، فلائيٽ جي تبديليءَ جو پروگرام ٻڌايو هو. (سليم ٻٽ سان ملاقات وڪيل شهباز علي شر وٽ نريءَ ۾ ٿي هُئي).

جڏهن منهنجي سليم ٻٽ تي نظر پئي ته دل بهار ٿي وئي ۽ اُميد ٿي ته هاڻي ڪراچيءَ جي هنگامن ۽ ڪرفيو کان نڪري 450 ڪلوميٽر پنڌ ڪري وڃي خير سان ڳوٺ پهچنداسين.مان سليم جو شڪريو ادا ڪيو جو هُن ڪراچي جي هنگامن ۽ هلندڙ ڪرفيو مان نڪري اچي، ايئرپورٽ تي مون کي آجيان ڪرڻ لاءِ پهتو. ڪرفيو ۾ نرمي 5:30 ڌاران ٿيڻي هئي، سو اهو مشورو ڪيوسين ته ٽرين ذريعي ڳوٺ وڃڻ لاءِ ڊرگ روڊ اسٽيشن تي پهچي 8 بجي واري سنڌ ايڪسپريس گاڏي پڪڙجي جيڪا شام جو 4 بجي ڌارين سينارجه اسٽيشن تي پهچندي آهي. پروگرام مطابق گاڏي شام جو پنجين وڳي سينارجه اسٽيشن تي لاٿو، جتان ٽيڪسي ڪري ڳوٺ پهتاسين. سيني مائٽن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. جيئن اوڙي پاڙي ۽ پري جي عزيزن کي خبر پئي ته ماڻهو پري پري کان ملڻ آيا ۽ اِها ميل ميلاپ جي رونق تقريباً 15 ڏينهن تائين جاري رهي. ملڻ وارن جا سوين سوال ۽ انهن جا جواب. ڪافي ڳالهيون انهن کي اچرج ۾ وجهيو ڇڏين. جيئن مثال بئنڪاڪ ۾ مزدوري، بس ڪنڊڪٽري، ڊرائيوري عورتون ڪن ۽ مرد ڪوئي ڪم نه ڪن. عورتن کي اڌ اگهاڙي ڊريس ۾ رهڻ پسند هجڻ وغيره ڪافي پري

پري کان يار دوست ملڻ آيا ڏاڍا حال احوال ورتائون ۽ اِها رونق ڪيترائي روز هلندي رهي. مسٽر سليم ٽندو مير علي جا رهاڪو آهن ۽ هن وقت بئنڪ ۾ نوڪري ڪندا آهن.

بئنڪا ڪ مان واپسي

ڳوٺ پهچڻ تي محسوس ڪيو ته ويهن مهينن جو وقفو ڪيترو نه ڊگهيو هو، جو بار، جوانيءَ کي پهچڻ جي ڪوشش ۾ هُئا ۽ ڪين مُڇن جي ساول نظر اچي رهي هُئي، جيڪي وڻن جا ننڍا ٻوٽا هُئا سي، ڪافي وڏا نظر پئي آيا. ترقيءَ جي لحاظ کان ڪائي تبديلي ڪونه هُئي، جيڪو پٽر يا گندگي، ويهه مهينا اڳ ڏٺي هيم اُها پوءِ به ساڳي جاءِ تي پيل نظر آئي. اُهي ئي ڪچا رستا، اجان وڏيڪ خراب حالت ۾ ڏٺا. توڙي اهو دور ڀٽو صاحب جي انقلابي دور مان هو.

ڀهراڙيءَ جي ماڻهن کي وقت جي اهميت جي خبر ڪونه آهي، سو اڻ واقف ماڻهو به ٽولا ڪري مون سان ملڻ آيا ۽ احوال ورتائون. اُن وقت ۾ ولايت مان پڙهي اچڻ هڪ وڏو ڪارنامو سمجهيو ويندو هو. ماڻهو ائين چوندا هئا ته يار فلاڻي ڳوٺ مان فلاڻو شر چوڪرو ولايت پاس ڪري آيو آهي، سو هلو ته ملي حال احوال وٺونس. اِهو ائين آهي، جيئن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جڏهن PHD ڪري ڳوٺ پهتو ته ڳوٺ مان هڪ بزرگ،پنهنجي بخاريل چوڪري کي وٺي اچي سندس سامهون بيهاريو ته ڊاڪٽر صاحب هِن جي دوا ڪريو. ڊاڪٽر بلوچ چيس ته بابا مون علم ۾ ڊاڪٽري ڪئي آهي. تنهن تي بزرگ چيس ته بابا ائين چئو ته تون وڏو ماسٽر ٿي آيو آهين.

ڪجهه ڏينهن ترسي نواب شاهه جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ليڪچرر جي ڊيوٽي تي چڙهڻ جي رپورٽ ڏنم. هن وقت ڪاليج کي ترقي ڏئي قائدي عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ، سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي (QUEST) جو درجو ڏنو ويو آهي. يونيورسٽي ۾ ان ڪري دخلڪاري ڪيم، جو منهنجي لِيئن رکيل هئي ۽ هڪ معاهدي تحت بانڊ ڀريل هُيو، جنهن تحت مون کي واپس اچي يونيورسٽي ۾ پڙهائڻو هو.

جنرل ضياءُ آچر بدران جمع جي موڪل جو اعلان ڪيو، جيڪو پهريون جولاءِ جي پهرين تاريخ 1977ع تي آيو پر گذريل آچر موڪل هجڻ ڪري پاڪستان جي تاريخ ۾، چئن ڏينهن جو ننڍي ۾ ننڍو هفتو 27 جون کان پهرين جولاءِ وارو ثابت ٿيو.

جنرل ضياءُ الحق وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي اِن الزام تحت قيد (Protective Custody) ڪيو تہ هن مارچ واري اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪرائي هُئي. آزادي ملڻ کان پوءِ وري ٻيهر ٽي سيپٽمبر تي ڪيس سندس 70 ڪلفٽن واري رهائش گاهہ تان گرفتار ڪيو ويو جو اُن تي ٻيو الزام لڳايو ويو تہ هُن محمد احمد قصوري کي قتل ڪرايو آهي. مقتول احمد رضا قصوري (MNA) جو پيءُ آهي، جنهن کي ڪجهہ سال اڳ اُن وقت گوليون هڻي قتل ڪيو ويو، جڏهن هو ٻئي پيءُ پٽ هڪ شادي ۾ شرڪت ڪري واپس پنهنجي گهر اچي رهيا هُئا. احمد رضا گاڏي هلائي رهيو هو ۽ سندس پيءُ اڳئين سيٽ تي ويٺل هو. دراصل ٽارگيٽ رضا قصوري هو، جو مارڻ وارن اهو اندازو لڳايو هوندو تہ گاڏي ڊرائيور هلائيندو هوندو ۽ رضا اڳئين سيٽ تي ويٺل هوندو پر قضا رباني جي، جو ان رات احمد رضا قصوري پاڻ گاڏي هلائي رهيو هو. احمد رضا اُن وقت قومي اسيمبليءَ جو ميمبر هو ۽ شروعات ۾ پيپلز پارٽي ۾ شامل هو پر آخر ۾ ڀٽو صاحب جي ڪجهہ فيصلن ۽ پاليسيز کان اختلاف ڪندو رهيو ۽ قومي اسيمبلي ۾ هنگاما خيز تقريرون پڻ ڪندو هو. جنرل ضياءُ الحق، اِن ڪيس جو سهارو وٺي ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن، خاص ڪري مولوي انوارالحق کي پاڻ سان گڏ ڪري، ڀٽو صاحب کي سياسي منظر عام تان هميشہ لاءِ هٽائڻ جو منصوبو ناهيو، جنهن ۾ گهڻي قدر ڪامياب تيو پر هر عقل وارو،اهو ضرور ڄاڻي ٿو تہ ملڪ جي وزيراعظم پنهنجي هٿن سان ڪڏهن بہ اهڙو ڪم نہ ڪيو هوندو، پر خبر نہ آهي تہ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا جج صاحبان ڪهڙي قانون تحت ڏني. تنهنڪري ڀٽو صاحب کي ڏنل موت جي سزا کي دنيا وارن عدالتي قتل (Judicial Murder) قرار ڏنو .قدرت الاهي، جو جنرل ضياءُ جو حادثو زمين کان ڪيترائي ڪلو ميٽر هوا ۾ ٿيو. جو جڏهن پرزا ۽ ٽڪرا زمين تي پهتا تہ ڪجهہ هٿ نہ آيو ۽ خيالي قبر ۾ ضياءُ کي دفنايو ويو.

سنڌ جي اڳوڻي گورنر رٽائرڊ جنرل مُعين الدين حيدر، اي.آر.واءِ چينل تي تازو انٽرويو ڏيندي انڪشاف ڪيو تہ جڏهن جنرل ضياالحق ڀٽو صاحب کي ڪورٽ طرفان ڦاسي جو حڪم نامو جاري ڪرايو تہ سعودي جي شاهہ خالد ۽ ياسر عرفات هن کي مڪي شريف ۾ گهرائي حرم پاڪ اندر ڀٽي صاحب کي ڦاسي نہ ڏيڻ لاءِ زور ڀريو ۽ واعدو ورتو تہ ڀٽي صاحب کي ڦاسي نہ ڏني ويندي جنهن جو ضياالحق واعدو ڪيو ليڪن هُن

حرم شريف اندر ڪيل واعدي کي وفا نہ ڪيو. سندس حشر بہ اهڙو ٿيو جنهن جو مثال ڪونہ ٿو ملي

جنرل ضياءُ ڀٽو صاحب جي حڪومت معطل ڪرڻ وقت ريڊيو ۽ ٽي. وي تي پوري قوم کي خطاب ڪندي 90 ڏينهن اندر اليڪشن ڪرائڻ جو واعدو ڪيو جيڪو ڪڏهن بہ پورو ڪونہ ٿيو.هن پنهنجي پَڪَڙَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، اسلامي سزائون ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ هزارين ماڻهن کي ملٽري سمري ڪورٽس طرفان ڪاٺ جا اسٽينڊ نهرائي، انهن تي ماڻهن کي رسن سان ٻڌي ڪوڙا ۽ لنيون عام ملاڪڙي وانگر عوام جي سامهون هنيا ويا. جن جي واڪاڻ سرڪاري اليڪٽرونڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ۽ ريڊيو تي ڪئي وئي. منافقت تحت انهن سزائن جو سهارو وٺي، پنهنجي ڪرسي ڄمائي ۽ پوءِ جڏهن سندس پير کُپي ويا تہ پوءِ اسلامي قانون ۽ سزائون سڀ وساري ڇڏيائين. مان سمجهان ٿو تہ هِن وقت پاڪستان جي عوام هزارين حصا سٽريل هجي ها، جيڪڏهن ضياءُ صاحب اسلامي نظام نافذ ڪري ها. ان لاءِ جو اسلامي نظام ۾ جيڪي سزائون آهن، اُنهن جو جرم روڪڻ ڪارڻ نسبتاً گهٽ آهي، پر جرم کي پاڙ کان پٽڻ مقصود آهي.

مثال وٺون سعودي عرب جو جتي اسلامي قانون سان گڏ، اسلامي سزائون بہ ڏنيون وڃن ٿيون. چور جو هٿ ڪپڻ، وڃي ڳولهيو تہ توهان کي سعودي عرب ۾ چوري بنهہ نہ هجڻ جي برابر نظر ايندي ۽ نہ وري توهان کي ڪو هٿ ڪٽيل شخص ملندو. توهان کي مڪي ۽ مديني ۾، نماز دوران دوڪان کليل ملندا ۽ سامان درن کان ٻاهر پيل نظر ايندو. ايترو جو ناڻي مٽائڻ (Money Exchanger) جي دڪانن تي اذان اچڻ سان، نوٽن جي ٿهين مٿان ڪپڙو رکي ڍڪي وڃي نماز ۾ شامل ٿين ٿا.

ڪيترن سالن تائين عوام سمجهندو رهيو تہ ڀٽو صاحب اڃان زنده آهي ۽ انُ جو مجسمو ناهي نئون ديرو دفن ڪرڻ لاءِ، حڪومت موڪليو هيو، ماڻهن ۾ ڀٽو صاحب لاءِ محبت ۽ عقيدت جي حد ئي ڪانہ هُئي.

6 فيبروري، 1979ع تي سپريم ڪورٽ، جناب ذوالفقار علي ڀٽو جي اپيل جو فيصلو 3 ججن جي مقابليَ ۾ 4 ججن جي اڪثريت سان ڏنو، جنهن موجب اپيل رد ڪئي وئي، هن ڪان اڳ فل بينچ ۾ 9 جج ها، جن مان هڪ جسٽس قيصر خان کي رٽائر ڪيو ويو ۽ جسٽس وحيدالدين پاڻ کي بيمار ڪري اسپتال حوالي ڪيو.سموَري ڪاروائي اپيل جي فيصلي کان اڳ ۾ مڪمل ڪئي وئي هئي، ان ڪري جيئن فيصلو حڪومت جي

مرضي مطابق ڪري سگهجي. ان ڪان اڳ، سپريم ڪورٽ، اپيل ڊسمبر 1978ع ڌاران ٻڌي ڪيس جو فيصلو مڪمل ڪري محفوظ ڪري ڇڏيو هو.

ايران جي بادشاهه رضا شاهه پهلوي خلاف گذريل ڪجهه سالن ڪان بغاوت هلي رهي هئي جيتوڻيڪ پاڻ ايشيا لاءِ آمريڪا جو ڊائريڪٽر جنرل هو. پر تڏهن بہ پاڻ کي عوام کان بچائي نہ سگهيو، نيٺ 16 جنوري، 1979ع تي شاهه ايران پنهنجو ملڪ ڇڏي مصر پهچي ويو ۽ ايران ۾ نگران ڪائونسل ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ امام خميني اعلان ڪيو، تہ هو مناسب وقت تي ايران پهچي عبوري حڪومت قائم ڪندو هوڏانهن آمريڪي صدر جمي ڪارٽر، CIA جي ڪارڪنن تي ڪاوڙيل رهيو تہ چو نہ اهڙا اپاءُ ورتا ويا، جو ايران جو عوام شهنشاهه مان خوش رهي ها. آمريڪا کيس بچائڻ جي ڪوشش ۾ هو پر هوڪونہ بچي سگهيو. شهنشاهه ايران، پنهنجي سڄي ڪٽمب کي اڳوٽ آمريڪا جي لاس اينجلس واري علائقي ڏانهن موڪلي ڏنو هو.

سعودي عرب جو بادشاهه شاهه خالد بن عبدالعزيز دل جي دوري پوڻ سبب 13 جون، 1981ع تي رياض ۾ گذاري ويو. پاڻ اڳوڻي بادشاهه، شاهه فيصل جي قتل ٿيڻ کان پوءِ، 8 اپريل، 1975ع تي بادشاهه ٿيو هو. هن کان پوءِ شاهه فهد سعودي عرب جو بادشاهه ٿيو ۽ شهزادو، عبدالله کي ولي عهد بنايو ويو. شاهه فهد جي وفات کان پوءِ، عبدالله کي ملڪ جون واڳون هٿ ۾ ڏنيون ويون جنهن کانپوءِ هن وقت، سلمان بن عبدالعزيز ملڪ جو بادشاهه آهي ۽ هي عبدالعزيز جي پٽن مان آخري پٽ بادشاهه ٿيو آهي، جنهن کانپوءِ سندس پوٽا پنهنجي واري جي انتظار ۾ بادشاهت جهڙي اهم منصب لاءِ تسبيون ڦيرائيندا رهندا.

قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي، نواب شاهه ۾ اسسٽنٽ پروفيسر

مان قائد عوام يونيورسٽي جي ٻين سينئر استادن کي گڏ ڪري باقاعدي ميٽنگ ۾ هڪ بيان جاري ڪيو، جنهن ۾ نالي وار سينئر استادن گڏجي، جنرل ضياءُ الحق کي پرزور اپيل ڪئي تہ ڀٽو صاحب کي ڦاسي نہ ڏني وڃي، اِهو بيان سينئر اخبارن ۾ ڇپيو.

قائدي عوام يونيورسٽي نواب شاهه جي سِوِل انجنيئرنگ جي شاگردن کي مختلف مضمون پڙهائيندو رهيس، مسٽر عبدالڪريم شر (پڪا چانگ) بہ تنهن وقت پڙهندو هو هاڻي هو بلڊنگ ڊپارٽمينٽ ۾ ايس.اي. آهي، پر جڏهن بہ ملندو آهي، تہ پري کان ادب ۾ اٿي بيهندو ۽ استاد ڪري مخاطب ٿيندو آهي، ڏاڍو اخلاقي ۽ خانداني ماڻهو آهي. سائين جن جڏهن خيرپور ضلع ۾ هو تہ ڪيس بہ ڪلو ميٽر ڳوٺ جي رستي لاءِ ادي ظفر ۽ مان گڏجي منت ڪئي هئي تہ پاڻ ڏاڙهي تي هٿ رکي واعدو ڪيو هو، ليڪن اُهو روڊ اڃان تائين ڪونہ ٺهيو.

1978ع جي آگسٽ مهيني ۾، مون کي يونيورسٽي جي رجسٽرار ڪان، اسٽنٽ پروفيسر جي ترقيءَ جو خط مليو، جنهن جو مون کي اڳ ۾ علم نہ هو. ڏاڍي خوشي ٿي جو اوچتي رتبي سان گڏ پگهار بہ وڌي وئي. ساڳئي وقت مان ڄامشورو انجنيئرنگ يونيورسٽي جي پوسٽ گريجوئيٽ سينٽر (Post Graduate Centre) ۾ ماسٽرس جي شاگردن کي شام جي وقت پڙهائڻ لاءِ وزٽنگ پروفيسر (Visiting Professor) مقرر ٿيس، جتي مان مختلف ڪورس پڙهائيندو رهيس. انهن شاگردن ۾, الله وسايو پٽي،جيڪو ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ چيف انجنيئر جي عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ ٻيو چانڊيو صاحب، جيڪو مهراڻ يونيورسٽي ۾ پروفيسر ٿي رٽائر ڪيائين، نمايان شاگردن ۾ شامل هئا.

ان دوران،نواب شاهه جي گرلس ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج PMDC) جي شاگرديائڻين جي تنظيم جي صدر، مس شِيرين، جيڪا هڪ رٽائر ڪرنل جي ڌيءُ هُئي، تنهن کي مبينہ طور نواب شاهه شهر ۾ مارشل لاءِ جي ڊيوٽي تي مقرر هڪ ميجر، گهرائي سندس لڄالٽ ڪئي. اِن واقعي جي رد عمل ۾سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سميت، LMC ۽ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ ڏاڍا هنگاما ٿيا. ملٽري هاسٽلس ۾ گهڙي پئي ۽ ڪيترائي شاگرد قيد ڪيا ويا. جنهن ۾ هڪ ملٽري سپاهي بہ شاگردن هٿان ڄامشورو ۾ قتل ٿي ويو. اِهي هنگاما ڪافي ڏينهن هليا ۽ سڀ ادارا ڪجهہ عرصي لاءِ بند ڪيا ويا. آخر مسئلو جيئن جو تيئن رهيو ۽ ميجر کي نواب شاهه مان هٽائي، ڪنهن ٻئي شهر موڪلي ڇڏيو ويو.




مصنف، پنهنجي استاد

ڊاڪٽر پروفيسر اي.ايف عباسي


سان گڏ



انجنيئرنگ جي گريجوئيشن (1974ع) جو گروپ فوٽو اڳيان ويٺلن ۾ ساڄي کان ڇهون نمبر تي ڪاليج جو پرنسپل ڊاڪٽر اي - ايف عباسي استاد بروهي صاحب، شفيع محمد لاڪو صاحب، ڪلاس ميٽ غلام سرور ڪنڌر ۽ ڏيرو صاحب مصنف آخري قطار جي بلڪل ساڄي ڪنڊ ۾ بيٺل نظر ايندي. استادن جي پويان ساڄي کان چوٿين نمبر تي منهنجو روم ميٽ سکر وارو غفار شيخ، ان جي پرسان حسين بخش شيخ ۽ ابراهيم سمون نظر اچي رهيا آهن.




عمري دوران برادر ظفر علي خان سان گڏ



يائرن سان گڏ عرفات جي ميدان جو نظارو جنهن ۾
جبل رحمت صاف نظر اچي رهيو آهي. ساڄي کان بهادر علي فقير،
ڊاڪٽر رياضت، عبدالله ۽ ظفر علي خان نظر اچي رهيا آهن.




ساڄي کان ٻيو نمبر تي امتياز، مصنف، پنجين نمبر تي ڪاظمي
۽ آخر ۾ سريلنڪن دوست بالا سبرامَنِيمم



عمري تي آيل ساڄي کان ڊاڪٽر رياضت علي ۽ بهادر فقير،
عبدالله ٻنهين جي وچ ۾، مِنيٰ جي ميدان ۾ بيٺل نظر اچن ٿا.



ڪراچي جي اَيواري ٽاور ۾ انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان (ICAP) جي سرپرستي هيٺ ڊائريڪٽرس ٽريننگ پروگرام جو گروپ فوٽو، ساڄي کان پهرين صف ۾ ٽيون نمبر تي محمد علي، انجنيئر عبدالجبار ميمڻ نساسڪ جي بورڊ جو چيئرمين، ان جي پرسان نساسڪ جو ايم ڊي انجنيئر نياز علي شر (مصنف) ۽ عثمان غني ڪتري، نساسڪ بورڊ جو ميمبر شامل آهن آخري صف جي کاٻي کان چوٿين نمبر تي ICAP جو ڊائريڪٽر جناب عبدالرحيم سُريا صاحب بيٺل نظر اچي ٿو.



خيرپور شهر واسين لاءِ پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ خاڪي شاهه فلٽر پلانٽ جي افتتاح لاءِ، مصنف سنڌ جي وزير اعليٰ جناب قائم علي شاهه صاحب کي بريفنگ ڏيندي ۽ منصوبي جي رونمائي پردي جي ڪُشائي ڪندي دعا گھر رهيو آهي.




اسلام آباد جي سِيرينا هوٽل ۾ ADB جي سرپرستي هيٺ منصوبن جي تعميل، تڪميل ۽ انتظام بابت سيمينار ۾ شامل ، پهرين صف ۾ ساڄي کان چوٿين نمبر تي نياز علي شر ۽ ڇهين نمبر تي ADB جو ڪنٽري ڊائريڪٽر مسٽر وَرنر لِپاڪ موجود آهي.



هي گروپ فوٽو اُن معاهدي جو آهي (مئي 2013) جنهن تحت ADB، نساسڪ جي اعليٰ ڪارڪردگي ڏسي قرض جي رقم وڌائي منظور ڪئي. هن معاهدي تي صحيحون ڪندڙن ۾، ساڄي کا سنڌ حڪومت جو ايڊيشنل چيف سيڪريٽري عارف احمد خان، ٽئين نمبر تي ADB جو ڪنٽري ڊائريڪٽر مسٽر ورنر، مسٽر محمد شهزاد ارباب سيڪريٽري، ايڪانامڪ افيئرس ڊويزن ۽ آخر ۾ ايم ڊي نساسڪ، سکر انجنيئر نياز علي شر بلوچ شامل آهن




يائرن سان گڏ عمري دوران گروپ فوٽو، برادر ظفر علي خان
ساجي پاسي کان نمايان نظر اچي رهيا آهن.



يائرن سان گڏ عمري دوران گروپ فوٽو، برادر بهادر علي خان
سان گڏ قادر بخش ۽ وچ ۾ عبدالله نمايان نظر اچي رهيا آهن.



پائرن سان گڏ عمري دوران گروپ فوٽو، برادر ظفر علي خان ساڄي کان ۽ کاٻي کان ڊاڪٽر رياضت علي خان نمايان نظر اچي رهيا آهن.



ٽورنٽو جي لارينس روڊ واري مسجد، جنهن جي اڏاوت جو ذڪر ڪتاب ۾ ڪيل آهي ۽ هاڻي هي مسجد تيار ٿي وئي آهي، منهنجو دوست شاهد جاويد پنهنجي دوست سان گڏ بيٺل نظر اچي رهيو آهي.



1975ع جي آگسٽ مهيني ۾ مونکي AIT مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪراچي ايئرپورٽ تي الوداع ڪرڻ لاءِ، ساڄي کان ٻئي نمبر تي مالوڻ مشتاق احمد، شفيع محمد شر، رسول بخش شر (فشريز ڊپارٽمينٽ)، مصنف، ڊاڪٽر حاجي محمود ميمڻ (پروفيسر مهران يونيورسٽي)، حاجي ڪريم دين شر (پڪاچانگ)، ماروڻ نيڪ محمد، ماروڻ عبدالستار شر ۽ برادر ظفر علي خان، جنهن ايڊيشنل ڪمشنر سکر جي عهدي تان رٽائر ڪيو.



ايم ڊي نساسڪ دوران سکر جي آفيس جي ڪانفرنس روم ۾، فيڊرل منسٽر سيد خورشيد احمد شاهه کي ADB مشن سان ملاقات ڪرائي ۽ سکر جي آب رسائي ۽ نڪاسي آب جي منصوبن تي ويچار ڪيو. ساڄي کان ويٺلن ۾ محمد علي شيخ، عابد حسيني، چوٿين نمبر تي مسٽر نويد اختر، مصنف سان گڏ خورشيد احمد شاهه ADB جو پرنسيپل اڪنامسٽ مسٽر ايلن ڪيلي ۽ سندس سيڪريٽري مس لنڊا محو گفتگو آهن.

ستر جي ڏهاڪي جا آخري سال

ستر جي ڏهاڪي جا آخري ٽي سال تمام هنگاما خيز ۽ مسلم دنيا لاءِ ڏاڍا ڏکيا رهيا.

- ڀٽو صاحب جي حڪومت معزول ڪري ڦاسي ڏيڻ ۽ ملڪ ۾ مارشلا لڳائڻ.
- افغاني صدر دائود ملٽري انقلاب دوران قتل ٿيو، هنگاما ۽ ملٽري جنتا جي حڪمراني. افغانستان ۾ روسي فوجن جو قبضو مسلم دنيا جو احتجاج
- شهنشاهه ايران رضا شاهه پهلوي،ايراني انقلاب جي ڪري ملڪ مان لِڪي وڃي مصر پهتو.
- آمريڪا جي 85 ٽن جي اسڪاءِ ليب (Sky Lab) خلا ۾ خراب ٿي ڪرڻ ڪري، پوري دنيا ۾ ٽن ڏينهن تائين خوف ۽ حراس رهيو، ائين جيئن قيامت اچڻ واري هجي. انڊيا ۽ بنگلاديش ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ خالي ٿي ويا. پوءِ اِها وزني اسڪاءِ ليب، جڏهن بحر اوقيانوس ۾ آسٽريليا جي ويجهو ڪري، تڏهن وڃي ماڻهن سک جو ساهه کنيو.
- پيپلز پارٽيءَ جي ماڻهن کي گرفتار ڪرائڻ ۽ جنرل اليڪشن جيڪا 17 نومبر تي ٿيڻي هُئي، ان جو ملتوي ڪرڻ.
- ملٽري جو يونيورسٽن ۽ هاسٽلن تي قبضا ڪرڻ ۽ شاگردن کي سُتي پئي گرفتار ڪرڻ.
- عوام کي کلي عام ڪوڙا هڻڻ.
- ايران ۾ يونيورسٽي شاگردن، تهران ۾ آمريڪي سفارتخاني تي قبضو ۽ 90 ماڻهن مان 53 آمريڪي يرغمال.
- خانہ ڪعبہ تي هٿياربندن جو قبضو ۽ امام مهدي جي اچڻ جي دعويٰ.
- افغانستان ۾ ملٽري انقلاب ذريعي صدر حفيظ الله امين کي معزول ڪري، ٻابرڪ ڪارمل جو قبضو ڪرڻ ۽ USSRکي اچڻ جي دعوت ڏيڻ.
- ايران عراق جنگ شروع ٿيڻ ۽ مسلسل 8 سال هلڻ
- پاڪستان ۾ اليڪشن ۽ پاڪستان نيشنل الائنس رزلٽ کي نہ قبول ڪرڻ ۽ هنگاما ڪرائڻ.
- واشنگٽن ۾ سياح فام مسلمانن 134 سفيد فام آمريڪين کي يرغمال ڪيو، جنهن ۾ ليڊر مسٽر عبدالخالق اُن فلم کي بلڪل ختم ڪرڻ

جو مطالبو ڪيو، جيڪا نبي صلي الله عليہ وسلم جن جي زندگيءَ تي فلمايل هئي.

- ڪراچيءَ سان گڏ ٻين شهرن ۾ مارشل لاءِ لاڳو ڪرڻ.
- ايم.آر.ڊي (Movement for Restoration of Democracy) جي تحريڪ شروع ٿيڻ سان هنگاما شدت اختيار ڪري ويا.
- مسلم انتهاپسندن (extremists) قابل ۾، آمريڪي ايمبيسيڊر کي يرغمال ڪري قتل ڪري ڇڏيو.
- ايران ۾ آمريڪي يرغمال ٿيڻ تي، جمي ڪارٽر ايران جي تيل تي پابندي هڻي ڇڏي.
- حرم مڪي تي جُحيمن العُطيبي وارن قبضو ڪيو، جنهن ۾ اڍائي سؤ ماڻهو مارجي ويا ۽ 600 سخت زخمي ٿي پيا. ايران جي امام خميني آمريڪا تي الزام هنيو جنهن جي رد عمل ۾، اسلام آباد ۾ واقع آمريڪي سفارتخاني تي حملو ڪري ان کي باهہ ڏني وئي جنهن ۾ چار آمريڪي سفارتڪار مارجي ويا.
- خانہ ڪعبہ مان پڪڙيل، 63 هٿياربندن جون سسيون لاٿيون ويون.
- مالا ۾ اسپين جي سفارتخاني کي باهہ لڳڻ دوران 36 سفارتڪار سڙي مري ويا.
- ٿوٽل سج ڪرهڻ تي، جيڪا اتر آفريڪا ۽ اولهہ ايشيا ۾ ڏٺي وئي.
- لنڊن ۾ ايراني سفاتخاني کي يرغمال ڪيو ويو.
- اخوان المسلمين جي ماڻهن شام جي صدر حافظ الاسد تي قاتلاڻو حملو ڪيو، پر هو معجزاتي طور بچي ويو.
- ترڪي جو سابق وزيراعظم استنبول ۾ ٻن هٿياربندن هٿان قتل.
- اڳوڻو شاهہ ايران رضا شاهہ پهلوي قاهره ۾ گذاري ويو.
- رياض ۾ سعودي هوائي ڪمپني جي فلائيٽ 163 کي باهہ لڳي، جنهن ۾ سڀ (301) مسافر عملي سوڌا مارجي ويا.
- عراقي ڪمانڊ ڪائونسل ايران جي ملٽري ٽارگيٽ تي حملي جو حڪم ڏنو.
- آمريڪي صدار جي عهدي لاءِ، جمي ڪارٽر اليڪشن کٽي فورڊ کي شڪست ڏني.
- درجن حنفي مسلمانن واشنگٽن ۾، 3 عدد رهائشي فليٽن تي قبضو ڪيو. هڪ ماڻهو مئو ۽ 130 يرغمال ڪيا ويا ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ قبضو ختم ڪرايو.
- اسرائيل ۾ ليڪيڊ پارٽي جي مهاهيم بيگن اليڪشن کٽي.

- SFATO ختم ڪيو ويو.
- مصر جي صدر، انور صادات، پهريون عرب مسلمان سربراهه، اسرائيل جي دوري تي ويو جنهن اسرائيل جي حڪومت کي تسليم ڪيو.
- جنرل ضياءُ الحق حدود آرڊيننس لاڳو ڪيو.

اهليت جي لتاڙ

يونيورسٽيءَ رجسٽرار طرفان مون کي آسٽريليا لاءِ Ph.D ڪرڻ جي اسڪالرشپ جو خط مليو، ڏاڍي خوشي ٿي. پر ماسٽرس ڪرڻ کان پوءِ منهنجي استاد ٿي پڙهائڻ ۾ دلچسپي گهٽجڻ لڳي هئي. نواب شاهه يونيورسٽي دوران، مان مختلف جاين تي اپلاءِ ڪندو رهيس. بلڊنگ ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ ايگيزيڪيوٽو انجنيئر (AXEN) لاءِ،سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) ۾ اپلاءِ ڪيو پر سُفارش نہ هجڻ ڪري ڪم ڪونہ ٿيو. اُن وقت رُشوت ايتري ڪلي عام نہ هوندي هُئي، پر واسطو يا سِفارش جو دور ضرور هو. توهان ڪنهن MNA يا MPA جا عزيز هجو يا وري اهو ڊپارٽمينٽ جنهن ۾ توهان وڃڻ چاهيو ٿا، اُن ۾ توهان جو ڪو ويجهو عزيز سُپرينٽنڊنٽ يا چيف انجنيئر جو عهدو رکندو هجي تہ پوءِ ڪم آساني سان ٿي ويندو هو. آئون انهن بنهي وصفن کان محروم هوندي، پنهجي تعليم قابليت ۽ الله تعاليٰ تي ڀروسو رکي هر هنڌ مقابلو ڪندو رهيس، پوءِ ڪٿي ڪاميابي ملي تہ ڪٿي ناڪامي کي سيني سان سنڀاليو. مون کي ڪتابي علم کي پريڪٽيڪل يا فيلڊ ۾ آزمائڻ جو ڏاڍو اڇي شوق ٿيو، جنهن ڪري هر هنڌ تي اپلاءِ ڪندو رهيس. پورٽ قاسم ۾، انجنيئر جي جاءِ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن جي حوالي سان انٽرويو ۾ وينس، اُن وقت SPSC جو چيئرمين ڪو رٽائرڊ جج (مسٽر عواڻ صاحب) جيڪو شڪارپور جي پاسي جو هُيو، آءُ جڏهن انٽرويو لاءِ بورڊ اڳيان پهتس،تہ چيئرمين اعواڻ صاحب منهنجي فائيل کي پڙهي وڏي اچرج ۾ اچي ويو ۽ يڪدم سوال ڪيائين تہ تون بابا ’شر‘ آهين. مان چيو جي سر مان شر قبيلي مان آهيان. فوراً چوڻ لڳو تہ مون کي اعتبار ڪونہ ٿو اچي (I can not believe it).هڪ تہ انجنيئرنگ ۾ بئچلر ڊگري، وري مٿان ماسٽر آف انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم، سا بہ ٻاهرين ملڪ مان مون کي يقين ڪونہ ٿو اچي. اسان وٽ شڪارپور۾، شر ڏاڙيل، چور ۽ رڍون چاريندا آهن، تو وري ايتري تعليم ڪيئن حاصل ڪئي. مون ڪيس ٻڌايو تہ مان

نري تعلقي، خيرپور ضلعي جو آهيان ۽ پڙهيل فئملي سان تعلق آهي. پوءِ مس ڪٽي چيئرمين صاحب چپ ڪئي، پر هُن سيني ميمبرن سامهون مون کي خوار ضرور ڪيو. انٽرويو دوران ڪافي سوال ڪيا ويا، جن جا مون صحيح جواب ڏنا، جو منهنجو پڙهڻ سان لڳاءُ رهيو آهي. اُن انٽرويو دوران، ٽيڪنيڪل ميمبر ڊاڪٽر اي.ايف عباسي صاحب به موجود هو، منهنجو استاد ۽ ڪاليج جو پرنسپال ٽي رهيو هو ۽ ان وقت پورٽ قاسم ۾ ٽيڪنيڪل ايڊوائيزر جي پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو هو. پورٽ قاسم، ممتاز ڀٽو جي وزارت تحت هئي. ان مون کي چيو ته ڪالهه تو جيڪي ڪجهه شاگردن کي پڙهايو آهي، ان بابت بورڊ تي اسان کي ليڪچر ڏئي سو آئون شروع ٿي ويس، پنجن منٽن ۾ عمارت سازي مضمون بابت سڄو بورڊ اکرن سان پري ڇڏيم. انٽرويو پينل ۾ مسٽر اي.اين.جي عباسي (A.N.G Abbasi) نالي هڪ ميمبر، غالباً جيڪو خيرپور جي ڊاڪٽر تنوير عباسي (شاعر) جو ڀاءُ هو. اُن اڃي روڙو وڌو. ته توهان يونيورسٽي معرفت (through Proper channel) اپلاءِ نه ڪيو آهي، ان ڪري توهان کي انٽرويو ليٽر نه ملڻ گهرجي ها. مان ڪيس چيو ته يونيورسٽي مان ليٽر ٻن ڏينهن اندر وٺي ڏيندس. هن وڌيڪ ٻڌايو ته، هو به خيرپور جو آهي، پر ڪنهن قسم جي مدد ڪرڻ کان قاصر آهي. خوامخواهه جي چُڪ ڪڍي سڄي معاملي کي خراب ڪري ڇڏيو، ان ڪري جو مون وٽ ڪا سُفارش ڪونه هُئي. هي عباسي اريگيشن ۾ سپرينٽنڊنٽ انجنيئر هو ۽ اڳتي هلي سيڪريٽري ايريگيشن تي رٽائر ڪيائين.

ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) طرفان اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (AXEN) جي جاين جي ڀرتي لاءِ اخبار ۾ هڪ اشتهار آيو. مان پاڻ کي موزُون اُميدوار سمجهي اپلاءِ ڪيو، جو منهنجي ماسٽرس، اريگيشن انجنيئرنگ ۾ ٿيل هئي، جيڪا انهن جي گهرج کان اضافي ڊگري هُئي. اخباري ليک ۾ اِن پوسٽ لاءِ صرف بئچلر ڊگري گهربل هئي.

آئون انٽرويو لاءِ ويس ته اُتي خبر پئي ته مون کان سواءِ،ڪنهن وٽ ماسٽرس ڊگري جي اضافي تعليم ڪونه هُئي ۽ سڀ بئچلر ڊگري وارا اميدوار هُئا، انهن ۾ به چوڪرا اُهي هئا، جيڪي منهنجا ڪلاسميٽ هئا پر ڪڏهن ڪڏهن ڪلاس ۾ نظر ايندا هُئا. سدائين سٺن ڪپڙن ۾ ملبوس ۽ پلين گاڏين ۾ گهمندا نظر ايندا هُئا. انهن سان جڏهن ملاقات ٿي ته چوڻ لڳا ته سائين توهان به انٽرويو ڏيندا ته پوءِ اسان کي نوڪري ڪٿان ملندي.

بهرحال انٽرويو ڪال تي،مان جڏهن اندر ويس ته انٽرويو وٺڻ وارا هڪ بئي ڏانهن ڏسڻ لڳا شايد ان ڪري جو هو سڀ بئچلر ڊگري وارا هُئا ۽ مون ڪان سوال پڇڻ جي اڳرائي بابت پاڻ ۾ مشورو ڪري رهيا هُئا.

چيئرمين،منهنجي AIT مان ڪيل ماسٽرس ڊگري بابت، معلومات وٺڻ شروع ڪئي، جنهن ڪانپوءِ اي.اين.جي عباسي جيڪو اريگيشن کاتي ۾ ايس.اِي هو تنهن مختلف سوال ڪيا منهنجي تازي ماسٽرس ڪيل هجڻ ڪري، جوابن ڏيڻ ۾ ڪنهن قسم جي ڏکيائي ڪونه محسوس ٿي. البت ڪين نئين معلومات جي حوالي سان، سندن چاڻ ۾ اضافو ٿيو جو هنن جيڪي ڪتاب پڙهيا هئا سي پنجاهه سال پراڻا ۽ مقامي انجنيئرن جا لکيل هُئا. هنن جي سوالن مان اهو ضرور محسوس ٿيو ته منهنجي انٽرويو لاءِ هنن ڪافي ڪتابن جو مطالعو ڪيو هو، جو هڪ فارمولا بابت، مان ڪين چيو ته فلاڻو ڪتاب کولي تصديق ڪريو. انٽرويو دوران، عباسي صاحب مون ڪان دريائي ٻوڏ جي ڪنٽرول بابت سوال ڪيو، جنهن تي مان ڪيس ٻڌايو ته ٻوڏ کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻوڏ اچڻ ڪان اڳ، ڊيم جي تلائن ۾ پاڻي کي هيٺئين سطح تي رکجي ته جيئن ايندڙ ٻوڏ کي، بجاءِ درياهه ۾ وهائڻ جي، اتي ذخيرو ڪجي ۽ درياهه جي ٻنهي بندن (Levee's)، تي اضافي پاڻي جي خارج لاءِ اسپل.وي (Diversion Spilt Ways) ناهي، پاڻيءَ کي درياهه جي وهڪري مان خارج ڪري، فالتو ڍورن ۽ هيٺائين وارن علائقن ۾ اضافي پاڻي جو چوڙ ڪرائي درياهه جي بندن کي ٽُٽڻ ڪان بچائي سگهجي ٿو. ان تدبير کي انگريزي ۾ Flood Ways چيو وڃي ٿو. ان ڪان علاوه، بندن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڊائيڪ (Dike) جي اڏاوت يا ڪچي بند جي وچ ۾ گهري سيمنٽ ڪنڪريٽ، يا پٿرن يا سِرن جي تلهي ديوار ناهي بندن کي هميشه لاءِ پکو ڪري ڇڏجي ته درياهه جو پاڻي، بندن کي ٽوڙي باهر نقصان نه ٿو ڪري سگهي. ٻوڏ جي اضافي پاڻيءَ کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ، وڏيڪ ننڍا ڊيم ٺاهيا وڃن جو اهو ٻوڏ ڪان بچڻ جو مستقل حل آهي. پاڻي جي ماهر انجنيئرن کي گهرجي ته دريائي وهڪري کي ملڪ اندر موجود پاڻي جي ذخيرن، تلائن، ڍنڍن، ڍورن اندر پاڻي جي اهڙي طرح ورچ ڪن جو اضافي پاڻي کي مناسب وقت لاءِ زرخيز ڪري بقايا وهڪري کي درياهه جي پيٽ مان بغير بندن ٽٽڻ جي گذاري سمنڊ پيڙو ڪرڻ کي ٻوڏ ڪان بچڻ جو مناسب انتظام چئي سگهجي ٿو.

انٽرويو ڪاميٽي ڏنو ته هتي دال نه ڳرندي سو غير متعلق، ڪُندائتا ۽ بي ربط سوال ڪرڻ لڳا، جنهن مان مون کي محسوس ٿيو ته چونڊ اڳ ۾ ٿي چڪي آهي، هي صرف رسم آهي، جنهن کي پورو ڪيو پيو وڃي. جيئن ته منهنجو مطالعو تازو تيل هو، سيني سوالن جا جواب ڏيندو آيس. آخر ۾ سوال ٿيو ته پاڪستان ۾ سيني درياهن جي ڊيگهه ڪيتري ٿيندي؟ مونکي جڏهن به هن انٽرويو جي ڪاروائي ياد ايندي آهي ته مون کي، قدرت الله شهاب، واري انٽرويو سان ڀيٽ ڪري، ڏک ڪونه ٿيندو آهي. جنهن ۾ هن، پنهنجي، (Indian Civil Services) ICS جي انٽرويو بابت لکيو آهي ته انٽرويو ڪاميٽي جي هندو ميمبر، ڊاڪٽر سر راڌا ڪرشن هن کان سوال ڪيو ته چار آئونس وزن پورو ڪرڻ لاءِ، ڪيترا پنگ پانگ بال گهرجن؟ ۽ پيو هڪ عجيب سوال پڻ ڪيو ته ’اِٽلي کي يورپ جو بُوٽ چيو وڃي ٿو، هن جي پرسان وارن جزيرن مان، ڪنهن ڪنهن جزيري کي، ڪٽي ڪٽي ملايو وڃي، جو مرداڻي بوٽ مان ڊگهي ڳُڙي وارو زنانو بوٽ نظر اچي‘. اهڙي نوعيت جي سوالن مان نوڪري نه ملڻ جا جواب ازخود اچيو وڃن. انگريزن جي دور حڪومت ۾،ICS ۾ مسلمانن جي داخلا اٽي ۾ لوڻ برابر هوندي هئي. ICS ۾ هڪ هزار آفيسر هوندا هئا، جيڪي پوري هندستان جي حڪومت جو ڪاروبار هلائيندا هئا. هي آسماني مخلوق آهن، جن کي هن وقت بيورو ڪريٽ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هنن کي خدمت خلق جي حوالي سان، عوام تي ظلم جي حڪمراني ڪرڻ جا، سکيا دوران سبق ڏنا ويندا آهن. چوندا آهن ته ڪاري بڌ ڪبري سان، رنگ نه مٽائيندي، پر عادت ضرورت مٽائيندي. ICS وارا آفيسر، جيڪي پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ (Civil Services of Pakistan) CSP سڏيا ويا ۽ هن وقت، (Central Superior Services) CSS سڏيا وڃن ٿا، سي هڪ ئي جنس جا ساڳيا نالا آهن. انهن سياح فام انگريزن جا جن جي ڪُڌن ڪرتوتن ۽ غلط پاليسين ڪري پاڪستان هيل تائين ترقي نه ڪري سگهيو آهي. هي سياستدانن، وڏيرن، پيرن ۽ ميرن جا غلام ۽ مسڪين عوام جا حاڪم آهن. سرڪاري ڪرسي ملڻ ڪانپوءِ، ابن آدم ۾ فرعونيت پرجي وڃڻ سان، حُليو بگڙي وڃي ٿو ۽ سندن فطرتي خصلتون، تيڏن ۽ ڪنڊائتن سانچن ۾ اهڙي شڪل اختيار ڪن ٿيون، جو سندن نگاهه، ڊنڊلي ۽ سوچ محدود ٿي وڃي ٿي. ذاتي ڪاميابيون ۽ مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سندن نگاهن جي مرڪزيت صرف سياسي پيرن کي خوش رکڻ ۾ گذري وڃي ٿي. هنن جو

عوام جي ڀلائي يا انهن جي مسئلن جي حل سان، چڙ پري جو بہ واسطو آهي ۽ هو چند خوشامد ڪندڙ ماڻهن جي اُٽيل ڄار ۾ هر وقت ڦاٿل رهن ٿا.

انٽرويو ڪاميٽي وارن ان فارمولا جي تصديق لاءِ ڪتاب تہ ڪونہ کوليا پر جڏهن نتيجو نڪتو تہ مٿي ذڪر ڪيل آهي. نوجوان پاس ٿيا. جيڪي پڙهائي دوران ڪلاس ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

اُنهن ٻنهين چوڪرن مان، هڪ چيف انجنيئر جو ڀائيٽو هو ۽ ٻيو سپرينٽنڊنٽ انجنيئر جو پٽ هو ۽ ٻنهي آفيسرن جو تعلق اريگيشن ڊپارٽمينٽ سان هو، جنهن ڪري ٻئي چوڪرا واسطي جي حوالي سان ڪڄي ويا. مون کي ڏاڍي تڪليف ٿي جو مون وٽ اريگيشن ۾ اضافي اعليٰ ڊگري، جيڪا ٻاهرين ملڪ جي باوقارتعليمي اداري (Prestige Institute) مان حاصل ڪيل هئي ۽ ان جي باوجود نوڪري انهن کي ڏني وئي، جيڪي ڪلاس ۾ ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندا هُئا. ايتري بي انصافي ڏسي ڏاڍو افسوس ٿيو تہ اسان جي هن پياري ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي.
اُن وقت جنرل ضياءُ الحق، جي تازي مارشل لا لڳل هئي ۽ سنڌ جو گورنر جنرل ايس.ايم.عباسي هو. مان هڪ صفحي تي اِها سڄي ڪاروائي سُني نموني بيان ڪري، گورنر صاحب کي ٽيليگرام ذريعي موڪلي ڏني. جنهن ورتل انٽرويو کي منسوخ ڪرڻ جو حُڪم ڏنو، جو ناانصافي ۽ بي ايماني تي ٻڌل هو. ڏنو وڃي تہ پراڻي زماني ۾ اريگيشن ڊپارٽمينٽ تي مخصوص ذاتين جو قبضو رهيو آهي، جن ۾ شيخ، ميمڻ ۽ شاهہ سرفهرست رهيا آهن. هِن وقت شايد ايئن نہ هجي، جو اريگيشن ڊپارٽمينٽ جي اهميت اُن وقت جي ڀيٽ ۾، هاڻي گهٽي گهٽ ٿي وئي آهي.

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن هڪ معتبر ادارو هجڻ گهرجي، هر لحاظ کان اهليت کي ترجيح ڏئي نتيجو ڪڍيو وڃي، تہ جيئن ڪنهن سان بہ حق تلفي نہ ٿئي ۽ ادارن ۾ لياقت جي بنياد تي نوجوان کي ڀرتي ڪري موڪلجي تہ جيئن ادارا مضبوط ٿين ۽ عوام جي صحيح خدمت ۽ ترجماني ٿئي. اهليت کي ختم ڪري سفارشي ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ سان،ادارن جي ساک کي متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي. هي سفارشي ۽ رشوتي ڪلچر، ائين خطرناڪ آهي، جهڙي طرح ڪاٺ مان ٺهيل گهر کي، اڏوهي وني وڃي ۽ خبر ئي نہ پوي جو پورو گهر وڃي اوچتو ڌڙام ڪري تباهہ ٿي وڃي. ان ڪلچر جي ڪري اسان جا سڀ ادارا تباهہ حال آهن. اسان جيڪڏهن پنج درجا پاس ڪرڻ واري کي ڪنهن اسڪول ۾

استاد ڪري پرتي ڪيون تہ هُو چا پڙهائيندو؟ اسان پنهنجو پاڻ کي ڏوکو ڏيڻ سان گڏ پنهنجي ايندڙ نسلن کي تباهہ و برباد پيا ڪيون. هي هڪ خطرناڪ راند آهي، جنهن ۾ اسان سڀ شريڪ آهيون. خاص ڪري ڪميشن جهڙن ادارن کي سياسي ڪلچر کان پاڪ رکيو وڃي ۽ ايماندار، اهليت وارا آفيسر مقرر ڪيا وڃن.

مان مختلف انٽرويوز جو احوال ڏسي، ڏاڍو پريشان ٿيس تہ آخر ڪيئن، ڪنهن انجنيئرنگ ڪاتي ۾ نوڪري ونجي، هتي واسطي ۽ سفارش ڪانسواءِ نوڪريءَ جو ملڻ ڏاڍو ڏکيو مرحلو لڳو. آخر سوچي دل ۾ خيال آيو تہ ڇو نہ پلا ڪنهن ٻاهرين ملڪ ۾ ڀاڳ آزمائجي. هڪ ڏينهن انگريزي اخبار ۾ اشتهار پڙهيم، تہ ڪراچي ۾ مڪينائيزڪنسٽرڪشن آف پاڪستان (Mechanised Construction of Pak) جي آفيس ۾ عراق مان آيل هڪ ٽيم ڪجهہ انجنيئر پرتي ڪرڻ آيا آهن. سو آئون بہ اِن موقعي جي تلاش ۾ نواب شاهہ مان بس ذريعي وڃي ڪراچي آفيس ڳولي لڌم، منهنجا ڪپڙا ۽ منهن مٽي ۾ ڌُت ٿي ويو، آفيس ٻاهران ڪپڙا ڇنڊبندي، منهن صاف ڪري، اندر وڃي جو ڏسان تہ سوين اميدوار جيڪي سڀ جا سڀ سوٽيڊ بوٽيڊ ۽ هشاش بشاش پئي لڳا سي اڳي ئي انتظار ۾ ويٺا هئا.نواب شاهہ مان ٽڪل بس ذريعي اچي مان بہ قطار جي آخري ڇيڙي ۾ وڃي ويٺس. ماحول کي ڏسي،سمجهي ويس تہ يار هتي بہ پنهنجي دال ڪونہ ڳرندي جو ٻارنهن وڃي چڪا هئا ۽ منهنجي انٽرويوءَ جو شايد ئي وارو اچي. واپسي وڃڻ جي سوچ ۾ ويٺو رهيس تہ هڪ شخص پر ۾ اچي چوڻ لڳو، تہ پنهنجي سَندَن جا ڪاغذ جي ساڻ اٿئي تہ مونکي ڏي جو وڃي جمع ڪيان، سو ڪيس ڪيي ڏنا، هن اندر ڪٽي وڃي جمع ڪيا. هاٽي وڃي ڪجهہ دل کي ڏڍُ ٿيو، تہ رب پاڪ چڱائي ڪندو ۽ پري جو پنڌ قبول ڪندو. بس ڏهہ منٽ مس گذريا تہ هڪ همراهہ اندران ئي وڏي آواز ۾ منهنجو نالو پُڪاريندو آيو. مان ڊگهي قطار جي آخري ڇيڙي ۾ هوندي پري کان هٿ مٿي ڪري پنهنجي موجودگيءَ بابت اشارو ڏنو.هُن اندر اچڻ لاءِ چيو، مان هلڻ لڳس، تہ سڀ جا سڀ اميدوار مون کي گهوري ڏسي رهيا هُئا. هو شايد سوچين پيا تہ اسان هت ڪلاڪن کان انتظار ۾ آهيون ۽ هِن آخر واري کي ڪيئن گهرايو ويو آهي. بهرحال مان جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ هڪ عرب منهنجو ماسٽرس جو سرٽيفڪيٽ هٿ ۾ ڪٽي هوا ۾ لهرائي چيو تہ اسان کي تنهنجو تعليمي معيار وٽي ويو آهي ۽ تُنهنجي

ڳولا ۾ هتي آيا آهيون. پرهڪڙي ڳالهہ آهي تہ توڪي فيلڊ جو تجربو نہ آهي، ليڪن اعليٰ تعليم هجڻ ڪري اسان توهان کي چوندي چڏيو آهي. مان کين مهرباني چئي پگهار بابت پڇيو تہ تنهن تي هُن چيو تہ اڍائي سَوَ دينار ماهوار ۽ 50 دينار گهر الائونس اضافي ملندو. اِها پگهار اُن وقت جي حساب سان 12 هزار روپيا جي برابر هئي. مان سندن آفر قبول ڪئي ۽ انهن مون کي پاسپورٽ جمع ڪرڻ لاءِ هڪ هفتي جو وقت ڏنو، جو مون کي پاسپورٽ نهرائڻو هو.

مون کي ڏاڍي خوشي ٿي، جو غيرن منهنجي محنت جو قدر ڪيو پر هم وطنن قدر نہ ڪيو.پر افسوس آهي جو پنهنجي ملڪ ۾ اهليت هوندي بہ ڪيتري مايوسي ڏسڻي پئي ٿي. آخر ڪڏهن انصاف ملندو ۽ حقدار کي پنهنجو حق ملندو. اسان پنهنجن معيارن ۽ ماپن کي بي انصافيءَ جي ترازو ۾ چو ٿا توريون. ڇا قائد اعظم،هي ملڪ ان لاءِ ناهيو هو؟، تہ ماڻهو هڪ ٻئي جو حق کائن، بي انصافي قائم ۽ دائم رکن.قابليت جي مذاق ڪئي وڃي؟ جيڪو ڏاڍو سو ڳابو وارو قانون نافذالعمل هجي؟. جيڪڏهن بي انصافيءَ جي هن ظالماڻي نظام کي ختم نہ ڪيو ويو ۽ حرام حلال جو فرق نہ آندو ويو تہ پوءِ هِن قوم جو الله ئي حافظ آهي. اسان مسلمان ٿي ڪري سچو ڏينهن حق تلفي ۽ حرام جو سودو وينا ڪيون. الله تعاليٰ، اسان سڀني تي رحم ڪري ۽ سڌي واٽ تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي تہ جيئن اسان پنهنجي عوام ۽ ملڪ ۾ انصاف، اهليت، حق جي تلقين ۽ ناحق، حرام ۽ حلال ۾ فرق ڪيون ۽ اهڙو عدل ۽ انصاف جو نظام قائم ڪيون، جنهن ۾ شينهن ۽ ٻڪري هڪڙي تلاءُ مان پاڻي پيئن. اسان کان معتبر تہ انگريز آهن جيڪي ڪوڙ ڪونہ ڳالهائن، انصاف سان فيصلو ڪن ۽ واعدي خلافي ڪونہ ڪن ۽ روز مره جي معاملات ۾ ڪنهن قسم جي بي ايماني ڪون ڪن، پنهنجي ناهيل قانون جي پاسداري ۽ اُن تي پابندي سان عمل ڪن ٿا.

اسلام هو پر مسلمان ڪونہ هئا

ستر جي ڏهاڪي ۾ سعودي عرب جي بادشاهہ، ٻنهي حرمين شريفين (مڪہ مڪرمہ ۽ المدينہ منوره) جي ڪجهہ امامن کي آمريڪا جي دوري تي موڪليو.هو سڀ آمريڪا جو دورو ڪري، جڏهن واپس رياض ايئرپورٽ تي آيا تہ هڪ اخبار نويس کائنئن سوال ڪيو تہ آمريڪا ۾ توهان ڇا ڏٺو؟ امامن جي

اڳواڻ چيو تہ ’اسان اُتي اسلام ڏنو، پر مسلمان ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا‘. امام پنهنجي جواب ۾ جڻ سمنڊ کي هڪ شيشي جي بوتل ۾ بند ڪري ڇڏيو. واقعي اِن ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي تہ توهان کي اُتي ڪوڙ، فريب، دوکو نہ ملندو. ڏسڻ ۾ صاف ستري زندگي آهي، باقي رهيو عملن جو حساب، اُهو تہ ڏينهن قيامت جو الله تعاليٰ سان هر هڪ کي پورو ڪرڻو پوندو.

هونءَ بہ حڪم آهي تہ انصاف جي رسي کان هٿ نہ ڪيو ۽ اِن ڳالهہ کي ڪڏهن بہ نہ وساريو تہ قيامت تمام ويجهي آهي ۽ هر شخص الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي عملن جو جواب ضرور ڏيندو.

بهرحال عراق وارن مون کي ڪجهہ ڏينهن اندر نوڪريءَ جو آرڊر پوسٽ ذريعي ڏياري موڪليو جنهن ۾ نوڪري جا مخصوص شرط واضح هئا ۽ هفتي اندر پاسپورٽ بہ جمع ڪرائيءَ ڇڏيو، جنهن تي ٻن هفتن ۾ ويزا لڳي وئي، هاڻي ٽڪيٽ جي انتظار ۾ هئس جو اوچتو،1980ع جي شروعات ۾ ايران - عراق جنگ لڳي پئي، جيڪا 8 سال جاري رهي. اِن جنگ لڳڻ کان پوءِ مون کي پنهنجي مائٽن عراق وڃڻ جي اجازت نہ ڏني. جنهنڪري ٻاهر نوڪري ڪرڻ جي خواهش ۽ تپش دل ۾ رهجي وئي.

عملي تجربو حاصل ڪرڻ خاطر، انجنيئرنگ ڪاتي ۾ نوڪري ڪرڻ جي تاڙ ۾ لڳو رهيس.هڪ اشتهار سامهون آيو، جنهن ۾ حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ۾ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (AXEN) جي آسامين جي ڀرتي لاءِ درخواستون گهرايون ويون هيون. اهليت جي لتاڙ ۽ ٻي انصافي هجڻ ڪري، بيدلي سان، سادي پني تي درخواست لکي موڪلي ڏني. مهيني اندر انٽرويو ڪال اچي ويو. نااُميدي جي پر فضا ماحول ۾ نوابشاهہ مان ٽڪل بس ذريعي، حيدرآباد اچي HDA جي آفيس، جيڪا GOR ڪالوني ۾ هُئي، تنهن کي ڳولي لڌم. آفيس ٻاهران منهن ۽ ڪپڙن تان دُڌر ڇنڊي، ڊاريڪٽر جنرل HDA جي آفيس ۾ داخل ٿيس تہ اُتي بہ ڏاڍي رش ڏسي پريشاني ٿي تہ شايد هتي بہ ڪو وڏي سفارش وارو ڪجندو. اميدوار فُل سوٽن ۽ ٽائيز ۾ ملبوس ۽ هٿن ۾ سهڻيون ڪاري رنگ جون ننڍڙيون بئگون جن ۾ سندن تعليمي سَنَدون رکيل هيون. مان سادن ڪپڙن ۾ پري کان آيل ۽ ٽڪل اچي انتظار ڪرڻ لڳس، تہ ڪڏهن ٿا گهرائن. ڪافي دير سان وارو آيو، اندر داخل ٿيس تہ ڊائريڪٽر جنرل،سان گڏ ٻين ايڪسپرٽ انجنيئرن جو پورو انٽرويو پئنل موجود هو. سيني مون کان سوال پُڇيا، جن جا جواب سهڻي نموني ڪين

ڏنا. انٽرويو دوران هڪ ميمبر جيڪو HDA جو سيڪريٽري مسٽر جوٽيجو هُيو، ان اريگيشن بابت سوال ڪيو، جيئن مان جواب ڏيڻ لڳس، تہ اُن تي مسٽر مُووَرُ صاحب، جيڪو HDA ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر هو، تنهن اُن سوال کي غير متعلق هجڻ ڪري رد ڪري ڇڏيو. بهرحال انٽرويو جي آخر ۾ ڊائريڪٽر جنرل سليم خان صاحب مون کي چيو تہ ٻاهر انتظار ڪر ۽ واپس نہ وڃجان ۽ مان ٻاهر انتظار ڪرڻ لاءِ ترسي پيس.جڏهن انٽرويو ختم ٿيا، تہ مسٽر سليم خان صاحب پاڻ ٻاهر نڪري آيو ۽ مون کي چيائين تہ اسان توکي چونڊيو آهي، توهان ڪيتري وقت اندر دخلڪاري ڪري سگهندين ٿا، پر اسان چاهينداسين تہ توهان جيترو جلدي ۾ دخلڪاري ڪيو تہ بهتر آهي. مان هڪ مهيني جي مهلت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پر هُن پندرهہ ڏينهن جو وقت ڏنو. مون کي پوءِ خبر پئي، تہ جلدي پهچ، انڪري ڪرائي پئي وئي تہ متان سُفارشن جي پيڙ ٿئي ۽ اسان قابليت وارن سان ڪاناانصافي ڪري وٺون. ڊي.جي سليم خان صاحب وڏو ايماندار ۽ پرهيزگار آفيسر مون زندگيءَ ۾ نہ ڏٺو. هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن ڪم لاءِ DG صاحب جي گهر وڃڻ ٿيو تہ سندس گهر واري جيڪا اُن وقت لطيف آباد جي ڪامپري هينسو هاءِ اسڪول جي پرنسيپال هُئي، تنهن گهر اندر مَرمت جو ڪم ڪرڻ لاءِ چيو، تنهن تي مان ڪيس سليم خان صاحب کان اجازت وٺڻ لاءِ چيو. ميڊم مون کي چوڻ لڳي تہ تنهنجو سليم صاحب، مون کي سرڪاري اخبار پڙهڻ ڪونہ ڏيندو آهي ۽ چوندو آهي تہ هي سرڪاري اخبار آهي،جيڪا صرف منهنجي پڙهڻ لاءِ ورتي ويندي آهي، تنهنڪري توهان پنهنجي پئسن تي گهرائي پڙهندا ڪريو. مان سليم صاحب جي ايمانداري تي حيران ٿي ويس ۽ سوچيم تہ پاڪستان بہ شايد انهن ماڻهن جي ڪري ئي آباد آهي.

بهرحال مان يونيورسٽي وارن کي استعيفا ڏئي وڃي HDA ۾ دخل ٿيس ۽ الله جا شڪرانا ادا ڪيم تہ رب پاڪ منهنجي دعا قبول ڪئي.

ازدواجي ٻنڌڻ

اڳ ۾ ذڪر ڪيل آهي، تہ مان گريجوئيشن دوران جڏهن موڪل تي ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هو تہ مڊل اسڪول مينگهو جي شاگردن کي رياضيءَ جو مضمون پڙهائيندو هئس. انئين ڪلاس ۾ هڪ شاگردياڻي جنهن جو نالو ربيعت خاتون بنت استاد رحيمداد هو، سابہ اُتي پڙهندي هُئي، ڏاڍي ذهين،

سني سيرت ۽ خوبصورت هوندي هُئي. مان جڏهن ماسٽرس ڪري آيس، تہ هو انٽرميڊيئيٽ ڪري رهي هُئي. واپسي اچي جڏهن شادي لاءِ مٽن مائٽن ۾ ڇوڪري ڳوليم، تہ ڪافي عزيزن آڇون ڏنيون، پر آخر ۾ اچي استاد رحميداد جي گهر تي ڪُٽو نڪتو. سندن حسب نسب ۾ پاڙو قائماڻي شرن ۾ غلام حيدر فقير جي گادي نشين، ميان ٻڍل فقير جي ڏوهٽي آهي. استاد رحيمداد کي فقير سڪندر علي خان جيڪو، هِن وقت ٻڳدار ۽ هٽان جي شرن جو سردار آهي، کان ڇورايو جو ان جي رشتي ۾ ياڻجي ٿئي. اِن رشتي ۾ ڪجهہ مخالفت بہ ٿي، جنهن ۾ منهنجي وڏن جو هٺ هو. بهرحال ڪافي هيناين ۽ متايون منهن پيون ۽ الحمدالله سيني رڪاوٽن کي دور ڪري ڪاميابي نصيب ٿي. فقير هدايت علي هن رشتي ۾ پڻ ڪافي مدد ڪئي.

اُن زماني ۾ ڇوڪرين کي پڙهائڻ سماج ۾ بُرو سمجهيو ويندو هو، پر اِن ٻروچڪي ماحول ۾ هڪ استاد رحيم داد ۽ ٻيو استاد علي محمد شر، پنهنجين نياڻين کي تعليم ڏياري لوڪ ۽ ڳوٺ جون ٺٺوليون سِر تي کنيون، جنهن جي نتيجي ۾ هن وقت ڪيتريون ئي ڇوڪريون تعليم جي زيور ۽ نور سان روشن آهن. ڪجهہ سالن کان پوءِ، ڪامريڊ غلام حسن شر ۽ وڪيل شبير شر وارن جون بہ نياڻيون روس ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ ويون ۽ ڪامياب ٿي موٽيون ۽ هن وقت نري تعلقہ ۾ شر قبيلي جي نياڻين ۾ نوي سيڪڙو خواندگي جي شرح آهي، جيڪا ڪنهن بہ قبيلي سان پيٽائي سگهجي ٿي.

ٻروچڪي ماحول مان پاڻ بچائي نڪرڻ هڪ وڏي قرباني ۽ همت جو ڪم آهي. منهنجي شادي جي معاملي ۾ ماروٺ الاهي بخش، استاد خان محمد جمالي (نواب شاهہ) ۽ هدايت علي فقير جو سنو سات ۽ همت گڏ رهي. نيٺ آخر 24 فيبروري، 1979ع تي شام جو جڄ وني صبح سوير ڪنوار کي گهر وٺي آيس ۽ ڪاج جو سڏ، 3 مارچ تي ڳوٺ ۾ وڏي ڌام ڌوم سان ملهايو ويو.

تقريباً 5 مهينا ڪن، مان فئملي سوڌو نواب شاهہ جي مهراڻ يونيورسٽي جي تازي ٺهيل ڪالوني ۾ بنگلو وٺي اُن ۾ رهياسون ۽ اُن کان پوءِ جڏهن HDA ۾نوڪري ملي تہ لطيف آباد جي پنجين ۽ ڇهين ڪجهہ سالن ڪانپوءِ نمبرن ۾ رهائش پذير ٿياسين.

ان سلسلي ۾ مان اُن وقت جي حيدرآباد مان نڪرندڙ ماهوار سنڌي رسالي، ’سُهڻي‘ جنهن تي جنرل ضياءالحق جي دور ۾ بندش پئي، پر

رسالي جي ايڊيٽر مسٽر طارق اشرف صاحب، رسالي جو نالو مٿائي ’تخليق‘ رکيو، جنهن جو پهريون پرچو جون 1978ع ۾ شايع ڪيو ويو. جنهن ۾ منهنجي ڪهاڻي ’اڻپورو پيار‘ ڇاپي وئي رسالي جي اشاعت بابت جيڪو، اشتهار سنڌ جي سيني سنڌي اخبارن ۾ ڇپيو، تنهن ۾ لکيل هو ته هن ڪتاب ۾ اياز قادري، شوڪت حسين شورو، حليم بروهي، سرفراز راڄڙ ۽ نيازشر جون ڪهاڻيون شامل آهن.

اهو اشتهار آفتاب، عبرت ۽ مهراڻ اخبارن جي 10/06/1978 واري پرچي ۾ اڃان به موجود هوندو. اِن ڪهاڻي جو هٿ لکيل ڊرافٽ، مان جڏهن طارق اشرف صاحب کي ڏيکاريو، پڙهي چيائين ته تون ته سٺو ڪهاڻيڪار آهين هي تنهنجي پهرين ڪهاڻي به زبردست لکيل آهي. بهرحال سندس همت افزائي لاءِ، مان سندس ٿورائتو آهيان. ان دوران منهنجي ٻئي ڪهاڻي، ’غريب هجڻ وڏي غلطي‘ جيڪا سچي ڪهاڻي تي مبني هئي ۽ 2 ڊسمبر، 1981ع آفتاب اخبار ۾ شايع ٿي ۽ ان کان علاوه منهنجا ڪافي شعر مختلف وقتن تي، مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا.

پڙهندڙن جي شوق لاءِ هڪ شعر پيش ڪجي ٿو:

پٿر دل سان تو پيار ڪيو
وساري ڇڏ پنهنجي ياد مورک
جنهن تنهنجي پيار کان انڪار ڪيو
اِن سنگدل جي بيوفائي ڪارڻ
نياز تو نئون رخ اختيار ڪيو

ان کان علاوه، منهنجا ڪئي، تحقيقي مضمون The Muslim World League Journal، مڪ المبارڪ مان شايع ٿيندڙ، ماهوار مئگزين ۾ شايع ٿيا. ان کان علاوه مان ٽيڪنيڪل اکرن جي انگلش سنڌي ڊڪشنري تي ڪافي ڪم ڪيو، ليڪن اُهو اڻپورو رهجي ويو جو آئون جلدي نوڪري لاءِ سعودي عرب هليو ويس.

حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (HDA)

23ڊسمبر، 1979 تي HDA ۾ انٽرويو ڏنو، ٻن سيٽن لاءِ 50 کان وڌيڪ اميدوار آيا، جنهن مان مون کي 40 مان 35 مارڪون ڏئي پهرين پوزيشن ڏني وئي ۽ اُن مهل ئي مون کي، جلدي دخلڪاري لاءِ چيو ويو. قائد عوام يونيورسٽي، نواب شاهه، مان ڪليئرنس وٺي 8 جنوري 1980ع تي HDA ۾

دخلڪاري ڏني. مون کي HDA جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، مسٽر يو.ايچ مُوِرُ صاحب جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو مون کي ڪنهن خالي جاءِ تي رکڻ چاهيو پئي. ٻن ٽن ڏينهن تائين مان سندس آفيس ۾ حاضري ڏيندو رهيس، آخر هُن مون کي HDA جي هائوسنگ پروجيڪٽ ۾، اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر،جي جاءِ تي آرڊر ڪيڍي ڏنو، جنهن ۾ قاسم آباد جي ٻنهي فيزن ۽ ايئرپورٽ پرسان ’ڪوهسار‘ ۽ ’گلشن سرمست‘، سان گڏ ڄامشورو ۾ ’گلشن شهباز هائوسنگ اسڪيم‘ جي ترقياتي منصوبن جي تعمير جو مڪمل ڪم سونپيو ويو. قاسم آباد جي ٻئي فيز جا روڊ رستا، پاڻي ۽ نڪاسي آب جو پورو نظام اڏڻو هُيو. قاسم آباد جي علائقي ۾ وڏو جهنگل هو، جنهن ۾ خونخوار جانور گهمندا هُئا ۽ ڪچي جو علائقو هوندي، اتي چور ۽ ڌاڙيل رهندا هُئا. مون کي ياد آهي ته اسان جڏهن سروي ڪرڻ شروع ڪئي ته گهاٽي جهنگلي ٻبرن (جن کي عام ٻولي ۾ انگريزي ٻبر به چيو ويچي ٿو) جي ڪري ايراضي جي اندر داخل ٿي نه سگهياسين ۽ پوءِ سٺ هزار روپين ۾ جهنگل صاف ڪرڻ جو نيڪو ڏئي ٻبر، ٻيريون ۽ ڪنڊيون وغيره ڪپرائي پوءِ سروي ڪئي. قاسم آباد جي حد بندي (Demarcation) ڪري پوءِ روڊن ۽ رستن جا نيڪا ڏنا ويا ۽ HDA جي آفيس به نهرائي،جيڪا اڄ به فيز-وَن ۾ موجود آهي. اِن آفيس جي پرسان هڪ چانڊين جو ڳوٺ هو، جن قاسم آباد کي آباد ڪرڻ ۾ ڪافي رڪاوٽون وڌيون ۽ جهڳڙا ڪيا ته هي اسان جي زمين آهي وغيره وغيره.

قاسم آباد فيز پهريون، تي اسان جو دوست سليم ميمڻ هو، جنهن مٿان XEN جي اضافي چارج، مسٽر افضل آرائين وٽ هئي، جو پوري حيدرآباد جي واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج جي چارج به ان وٽ هئي. هو محنتي ماڻهو هجڻ ڪري، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ (PHED) کان HDA ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. افضل محنتي، دنياداري ۾ ڏاڍو هوشيار ۽ ڪمائو پٽ هجڻ ڪري سيني جي اکين جو تارو (Blue Eyed) هُيو.

هن وٽ ڪيترائي انجنيئر ڪم ڪري ويا پر هِن حيدرآباد جي آب رسائي ۽ نڪاسي جي ڪاتي ۾ پوري عمر گذاري ۽ اهڙو ته سمائجي ويو، جو هِن جو HDA ۾ مَٽ ثاني شايد ڪونه ملي سگهيو ۽ رٽائرمينٽ ئي اِن واٽر سپلاءِ مان ڪيائين. تنهن ڪري، حيدرآباد وارا اڃان تائين پاڻي جي ڦُڙي ڦُڙي لاءِ پيا تا سِڪن. درياه جي ڪناري تي شهر آباد هوندي به، پاڻي کان اڃان تائين محروم انڪري آهن،جو صحيح پلاننگ نه ڪئي وئي ۽ ڪيتري ڪروڙين بجيٽ کي ڪائي ڪپائي هليا ويا. شايد شاهه ڪريم ٻلڙيءَ

وارو ’پـاڻي مـٿي جـھوپڙا مـورک اُڄ مـرن‘ جو سنيھو حيدرآباد، سکر ۽ روھڙي واسين لاءِ ئي چَيو ويو ھجي.

HDA جي بدقسمتي، جو نئون ادارو ھجڻ سان گڏ، وري پبلڪ ھيلٿ جي چُنل کارتوسن ۽ پراڻن انجنيئرن جو مٿان قبضو، توھان ڏٺو ھوندو تہ سڄي سنڌ جي ھر شھر ۽ ڳوٺن ۾پبلڪ ھيلٿ (PHED) وارن واٽر سپلاءِ جون اسڪيمون تہ آنديون پر اُنھن مان ڪا ھڪ بہ ڪم نہ ٿي ڪري ۽ اربين روپيا نہ رڳو غير معياري اڌاوت ڪري غرق ڪيا ويا، پر ڪيترين ئي اسڪيمون،اڻپوري ڪم جي ڪري رولڙي جو شڪار ٿي ويون. ان لاءِ سنڌ جو عوام اڄ تائين سٺي حڪمراني جي بحالي، سنڌ جي خوشحالي جا خواب پيو ڏسي.

PHED آب رسائيءَ جا منصوبا مڪمل ڪري ميونسپلٽي يا ٽائون ڪاميٽي کي منتقل ڪري ڇڏين ٿا، جن وٽ پگھارن جا پئسا بہ ڪونہ ھوندا آھن. سي واٽر سپلاءِ جي اسڪيمن کي ڪيئن ھلائين. انھن اسڪيمن کي ھلائڻ لاءِ حڪومت کي گھرجي تہ مناسب فنڊ مھيا ڪري ڏين. پھرين سال جي اندر ئي اِھي منصوبا فيل ٿي وڃن ٿا ۽ عوام سنڌ جي ھر شھر ۾ پاڻيءَ جون خالي ٽانڪيون (Water Towers) ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو رھي ٿو. انھن اسڪيمن جي افاديت تي نہ حڪومت ڪڏھن سوچيو آھي ۽ نہ وري ڪنھن حساس اداري ان تي متوجھہ ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. عوامي نمائنده ڪوڙ سارا پئسا خزاني مان ڪيرائي، اھڙي قسم جا مُردھہ منصوبا تيار ڪن ٿا، جن مان پر عوام کي ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿو ملي ۽ لڳاتار خزاني کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو رھي ٿو. اِن ڌنڌي کي صرف پنھنجا پيٽ پرڻ لاءِ ھڪ ڪاروباري شڪل ڏني وئي آھي. گذريل 70 سالن، ۾ ڪنھن بہ ھڪ شھر کي ماڊل طور پيش نٿو ڪري سگھجي. ھر شھر جو اھو حال آھي تہ ھر جاءِ تي گندگيءَ جا ڍير پيئڻ جو پاڻي اٽليو ۽ ابڪڙندڙ ڇُلڪندڙ، ٽمٽار گٽر، ھر روڊ جي ٻنھي پاسن کان نظرايندڙ ناجائز قبضن ڪري ٽريفڪ جو نظام درھم برھم، آخر اسان ۾ سماجي سڌارو ۽ شائستگي ڪڏھن ايندي. شھرن جي اِھا حالت ڏسي ايترو تہ افسوس ٿئي ٿو، جو سمجھہ ۾ ڪونہ ٿو اچي تہ اڃان اسان جي سڌرڻ ۾ ڪيترين صديون باقي درڪار آھن ۽ ملڪ جو ڇا ٿيندو؟ ھر ھڪ اُن بکئي بگھڙ وانگر انتظار ۾ آھي، جنھن کي ڄڻ ڪو مئل جانور جھنگ ۾ ملڻ وارو ھجي، جنھن کي ھو سکون ۽ سرور سان کائيندو رھي.

گذريل رڪارڊ تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي ته حيدرآباد شهر جي واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج اسڪيمن تي پوين 70 سالن ۾، اربين روپيه خرچ ٿيا هوندا پر عوام کي اِن ڏس ۾ ڪنهن قسم جي سهولت ميسر نه ٿي آهي.

رابرٽ برٽن

حيدرآباد ميونسپل 1883ع ۾ وجود ۾ آئي. 1876ع ۾ لکيل سنڌ گزيٽيئر (Gazatteer of Province of Sindh) جو صفحو 260، پڙهندا ته توهان کي معلوم ٿيندو، ته 1865ع ۾ حيدرآباد جي ميونسپل سيڪريٽري مسٽر چارليس لي، شهر واسين لاءِ پنجن لکن رپين ۾، سنڌو درياهه مان ست لک پنجاهه هزار گيلن يوميه پاڻي ڪڍي، شهر جي ٽن ٽينڪن تائين پهچائڻ لاءِ هڪ اسڪيم ٺاهي، جيڪا ان ڪري قبول نه ڪئي وئي جو خزاني ۾ في الحال ايتري رقم موجود نه هُئي. ان کان اڳ ۾ حيدرآباد شهر کي نئين ’ڊومڻ‘ واهه ذريعي پاڻي ڏنو ويندو هو، جيڪو ڪافي نه هُيو. آخرڪار، 1870ع ۾ ميونسيپل انجنيئر، مسٽر رابرٽ برٽن (Robert Burnton)، آبي رسد جو هڪ بيو منصوبو ٺاهيو، جنهن ۾ هُن گِدو وٽان، اسٽيم انجن ذريعي، درياهه مان پاڻي ڪڍي اڌ ڪلوميٽر پنڌ تي مٿاهين واري جاءِ تي پاڻي جمع ڪرڻ جا تلاءُ ٺاهي، انهن ۾ پاڻي گڏ ڪري پوءِ هڪ ڪسي، زمين تي يا ان کان مٿي جي صورت ۾ ٿنين تي اڏيل موري (Aqueduct) ذريعي، حيدرآباد شهر جي هڪ ٽئنڪ جيڪا قلعي اندر هئي اُن ۾ پاڻي پهچايو. باقي تي هلنڊڙ اسٽيم انجن ذريعي، پاڻي کي لفٽ ڪري شهرين کي سپلائي ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو. اِها ڪسي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ڪچي قلعي وارن جبلن ۾ سُرنگهون ڪڍي انهن مان پار ڪري، قلعي کي پاڻي پهچائڻو هو، جنهن جي لاڳت تي لک چوڏهن هزار روپيا هئي ۽ اِها اسڪيم منظورڪئي وئي. جنهن کي ٻن سالن اندر مڪمل ڪري، حيدرآباد شهر کي 1872ع ۾ پاڻي ڏنو ويو، جيڪو اڄ به، اِن انگريز جي ٺهيل منصوبي تحت پاڻي ڏنو وڃي ٿو. صرف تبديلي اِها آندي وئي آهي، ته اڳ ۾ اسٽيم تي هلندڙ انجن هُيون ۽ هاڻي بجلي تي هلندڙ پاڻي جا پمپ آهن.

حيدرآباد ۾، اسي جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ هڪ ٻاهرين قرض تي ۽ ٻاهرين انجنيئرن جي صلاح مشوري (Consultants) جي مدد سان، هڪ پاڻي صاف ڪرڻ جو پلانٽ (Rapid Sand Gravity Filter) تيار ڪيو ويو، جيڪو ڪافي عرصي کان ناڪار آهي ۽ ان جي مرمت ڪرڻ بجاءِ وري

هڪ ٻيو پاڻي صاف ڪرڻ جو پلانٽ هنيو ويو آهي. جنهن جي ڪارڪردگي سُني نہ هجڻ ڪري، شهرين کي اڃان تائين صاف پاڻي ڪونہ ملي سگهيو آهي، اُن جي توسيع 2009ع ڌاري ڪئي وئي پر ڪو فرق ڪونہ پيو. آخر درياهہ جي ڪپ تي ويهي، سڀ جا سڀ اُڃ پيا مرون، ايترو جو اونهاري ۾ پاڻي بلڪل اڻلڀ تي ويندو آهي.

انگريزن جي زماني يعني 1870ع ۾ نهيل اسڪيمون، اڃان هلن پيون ۽ 1947ع کان پوءِ جيڪي اربين ڊالر قرض ڪٽي پاڻي ۽ نڪاسي آب جون اسڪيمون ٺاهيون ويون، سي تقريباً سڀ فرسوده ۽ ناڪاره ٿي ويون آهن. آهي ڪو هن ملڪ جو واهي وارث جو ڪٽي حساب وٺي. عوام تہ اسان جي ايتري گونگي ۽ ٻوڙي ٿي چُڪي آهي، جو انهن جو ذهن صرف اِن سوچ ۾ گم آهي، تہ صبح جي نيرن کان پوءِ رات جي ماني جو چا ٿيندو.اليڪشن مهل سياستدان وري اُن مداريءَ وانگر آهن،جيڪي هڪ هٿ ۾ ڏُٻڪي وڄائي پولڙي کي نچائي سوين ماڻهو گڏ ڪري، پنهنجو ڪيل ڏيڪاري ايندڙ پنجن سالن لاءِ ووٽ وٺي گُم ٿي هليا وڃن ٿا.

اسان جي عوام ڏاڍو ابوجهہ ۽ بي خبر آهي، جو پوين ڪيل واعدن مان ڪجهہ حاصل نہ ٿيڻ جي باوجود، هو ووٽ وري بہ ساڳئي اميدوار کي ڏيندو رهي ٿو. ساڳيا لاٽو، ساڳيا چُڪهہ، تہ پوءِ تبديليءَ جي اميد رکڻ ائين آهي، جڻ ٻٻرن کان ٻير گُهرڻ. ’هٿ جي وَڍي جو، نڪو ويڄ نہ طبيب‘ وارو حال آهي.

ستا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
سلطاني سُهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.
(شاهہ)

بااختيار سرڪار ۽ بي اختيار عوام

اسان جو عوام ۽ نئون نسل جيڪو پاڻ کي پلي اسٽيشن، ڪمپيوٽر دور ۽ پيڙهي وڇوٽي (Generation Gap) ڪري، مختلف پُشتن جي وچ ۾ خيالن ۽ عملن جو اختلاف جي حوالي سان،پاڻ کي سُجاڳائي ٿو، سو چئو طرف گهٽا ئي هُل هنگاما ڏسي پيو، پر ڪائنس گهري ننڊ مان سُجاڳي جي اُميد،مٽيوئي گهٽ نظر پئي اچي. اڄڪلهہ ايمانداري، سچ ۽ عزت نالي ماتر وڃي رهي آهي. بي ايماني، ڪوڙ ۽ دوکي بازي جي اعليٰ اداڪاري کي، سياست چيو وڃي ٿو. هِن وقت سياست جا گُڻ، اهليت ۽ معيار سڀ تبديل ٿي چُڪا آهن، جن کي سمجهڻ لاءِ عوام کي هوشيار ٿيڻ گهرجي. سڀ کان پهريائين تعليم عام ڪجي، ان ڪانپوءِ اسان جو عوام جيڪا

وڏيرن، جاگيردارن، چوڌرين،پيرن ۽ اميرن وٽ يرغمال آھي، ان کي آزاد ڪرائڻ ضروري آھي. آزادي جو مقصد انھن کي روزگار ۽ وسائل مھيا ڪجن جو ھُو ھميشہ لاءِ مذڪوره گروھہ جي پھچ کان پري ۽ آزاد رھن. ٽئين وجي ھو، سياستدانن جي پوئين ڪارگردگي ۽ انھن جي معيار کي پرکي ووٽ ڏيندا ورنہ اھو سلسلو ائين ئي جاري ۽ ساري رھندو، جنھن کي انگريزيءَ ۾ چوندا آھن تہ Rolling Stone Gathers no moss اھڙي سسٽم ۾ تبديلي جي اُميد نہ رکڻ کپي. ھر حاڪم ۽ ڪامورو پنھنجي پنھنجي پروگرام تحت اچي ٿو ۽ مقرر وقت گذرڻ جو انتظار ڪري ھليو وڃي ٿو ۽ ٻئي واري جو انتظار ڪري ٿو. ڪنھن وٽ ڪا اھڙي پاليسي يا منشورنہ آھي، جنھن ۾ عوام جي خدمت ڪرڻ جو ڪو ذڪر ھجي. پاڪستان ۾ موروثي سياست ملڪ ۽ عوام کي لُولو لنگڙو ڪري ڇڏيو آھي. ھڪ ئي فئملي جا ڀاتي مختلف جھنڊن تحت حڪومت ۾ رھي فائدو وٺن ٿا يا وري پنھنجون مناسب وقت تي وفاداريون تبديل ڪري، ذاتي مفاد حاصل ڪن ٿا. اسان جو عام ماڻھو گھري ننڊ ۾ ھجڻ ڪري سندن ڪُڌن عملن تي ڌيان ڪونہ پيو ڌري، باقي سندن ڀڳون چوندن واري ڏينھن تي سندس وڏيرو يا پير، چئن آنن ۾ چوپٽ ڪري، ائين ڳھي ٿو، جيئن اونداھہ ۾ گھري سمندر اندر وڏي مڇي ننڍي مڇي کي، بغير ڳيت ڏيڻ جي ڳھي ڇڏي ٿي. اِھو ٿيو اسان جي 68 سالا قسمت جو ھڪ پاسو، ٻئي پاسي تي نظر وجھڻ سان لِڱ ڪانڊارجيو وڃن ٿا، جڏھن اسان جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ وارا، قانون سازي ڪرڻ وارن جي اڪثريت تعليم جي مقرر ڪيل حد کان بہ گھٽو گھٽ آھي. اھڙا سياستدان عوام جي ڀلائي جا ڪھڙا فيصلا ڪندا. جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ ھڪڙي وڏيري کي تعليم جو وزير مقرر ڪيو ويو، جيڪو پاڻ اڻ پڙھيل ھو، ھاڻي توھان ٻڌايو تہ تعليم جو ڪھڙو حال ٿيندو.

قُدرت الله شھاب، پنھنجي ’شھاب نامہ‘ ۾ لکيو آھي تہ جڏھن مَلڪ فيروز نون خان جي دور ۾ وزارتن جا قلمدان ورھائي بس ڪيائون تہ آخر ۾ تعليم جو ڪاتو وسري وڃڻ ڪري، تقريب جي آخر ۾ جڏھن تعليم جي سيڪريٽري کي ياد آيو، تہ چيائين ٻاھران ڪو ڏسو، جنھن کي شيرواني پاتل ھجي، ان کي وني اچو تہ تعليم جي وزارت لاءِ قسم کڻي. توھان پاڻ اندازو لڳايو تہ اھڙي ملڪ جو ڇا حال ٿيندو جنھن ۾ تعليم جي ايتري اھميت ھوندي. ان ڪري اسان ڀارت سريلنڪا ۽ بنگلاديش کان بہ تعليم

جي معيار کان ڪيتروئي پنتي پيل آهيون. اسان جا سياستدان ۽ عوام بئي هڪ بئي سان، اهڙا تہ هم رنگ (Synchronise) تي ويا آهن،جو مون کي ساڳئي منزل جا مسافر لڳن ٿا. جيڪڏهن توهان هِن سر زمين سان محبت ۽ پيار رکو ٿا، تہ سياستدانن کي معيار ۽ ڪَسوٽي جي ترازو ۾ تورڻ تمام ضروري آهي.

اسان جي سياستدانن ۾ وڏو انگ، اُنهن اهم شخصيتن جو بہ آهي، جن کي اعليٰ حاڪمن جي مرضي ۽ حُڪم جي تعميل تحت،برآمد،(جهڙوڪ: مُعين قريشي ۽ شوڪت عزيز وغيره) ڪري، وڏي ڪمائي وارا قلمدان ڏئي، پنهنجي حاڪمن کي راضي رکيو وڃي ٿو ۽ ان جي برعڪس هندوستان جنهن ۾ آڏواڻي ۽ سُونيا گانڌي کي، پارٽي ڪنڻ جي باوجود، ملڪ جي وڏي عهدي تي صرف انڪري نہ رکيو ويو جو هو سنڌ جي پيدائش ۽ هوءِ اٽلي جي ملڪ ۾ ڄائي هُئي .

اسان جا رهنما، هتان اعلاج ڪونہ ڪرائين،سندن پوري ڪٽنب جو علاج، آمريڪا يا يورپ جي مکيہ اسپتالن ۾ ٿئي ۽ سندن اولاد کي دُبئي، آمريڪا ۽ يورپ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اماڻيندا رهندا آهن. جيڪي موٽي اچڻ تي، نسل در نسل سياست ۾ داخل ٿي، اسيمبلي تائين بغير ڪنهن رڪاوٽ جي آرام سان پهچيو وڃن. توهان اندازو لڳايو تہ اسيمبلي اندر اُنهن کي ڪهڙي خبر تہ مِٽي ۽ چاچرو ۾ ڏڪار پيو رانديون ڪري يا اُتان جا ماروئڙا ڪيتري سُک ۾ پيا رهن. معروٽي سياست ۾ معيار جي ڪوئي ڪسوَٽي نہ ٿي رهي ۽ انهن حالتن جي ڪري سياستدانن کي عوام جو قدر ڪونہ آهي. اُنهن کي جڏهن اِها پڪ آهي تہ اڳئين اليڪشن ۾، ماڻهن جي پڳ جي بها هڪ ٽڪي برابر نہ آهي تہ پوءِ هو ڇا لاءِ ماڻهن سان ملن ۽ انهن جا مسئلا حل ڪن. ان لاءِ ضروري آهي تہ ووٽر پنهنجي گهري ننڊ مان سجاڳ ٿين ۽ سوچين تہ اڳتي لاءِ ڪهڙو لائح عمل اختيار ڪرڻ گهرجي. توهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ پارٽين اندر جڏهن جمهوريت سري کان ئي موجودگي نہ آهي تہ اُهي سياستدان، ملڪ اندر ڪيئن جمهوريت آٽي ۽ هلائي سگهن ٿا. چوندا آهن تہ انڌن جي ملڪ ۾ هڪ اک وارو بہ بادشاهہ هوندو آهي.

ڳالهہ پئي ڪئي سون قاسم آباد واري مکيہ روڊ جي، جيڪو نيشنل هاءِ وي مان نڪري سنڌي مسلم سوسائٽي اندر وڃي ٿو ۽ اِن سان گڏ اسڪيم جي اندر وارا روڊ جن تي پاڻي ۽ نڪاسي آب جو پائيپ نيٽورڪ

(Distribution Pipe Network) وڇرايو. ان سان گڏ، رسد آب لاءِ زمين اندر، پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ تلاءُ ۽ رسدي مشن جو نظام لڳرايو. هر هفتي جي اڱاري واري ڏينهن تي، ڊائريڪٽر جنرل سليم خان صاحب اچي اسڪيم جي هلندڙ ترقياتي ڪمن جو، پاڻ خود جائزو وٺندو هيو ۽ ڪم جي تيز رفتاري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ جنهن جو سُنن لفظن ۾، ڪڏهن ڪڏهن اظهار به ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڪم ڏسي خوش ٿيو ۽ مون کي چوڻ لڳو ته مسٽر شر، مون کي به هن اسڪيم مان هڪ پلاٽ ڏيندؤ، جو اسان به ڏاڍي محنت ڪيون ٿا. اها هُن جي مذاق ۾ خوشي جو اظهار هوندو هو.

14 فيبروري، 1980ع ۾ سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، مسٽر سلمان فاروقي، قاسم آباد اسڪيم جو معائنو ڪيو. DG صاحب، ان کي تفصيلي آگاهي ڏني ۽ هُن به ڪم کي ساراهيو. هي سُلمان فاروقي اهو ساڳيو انسان آهي، جنهن جي ياءُ اسٽيل مل ڪائي ڪپائي چڙي ۽ هي پاڻ جنرل ضياءُ جي دور ۾ سيڪريٽري هو ۽ PPP جي ٻنهي دورن ۾ اعليٰ عهدن تي فائز رهيو ۽ ٽئين دور ۾، ته هو پريزيڊنٽ هائوس اسلام آباد ۾ رهائش پذير رهيوهيو.

ڄامشوري ۾ گلشن شهباز اسڪيم جي آبي رَسد لاءِ ڪراچي واهه مان پاڻي کڻڻ لاءِ پمپنگ اسٽيشن ٺاهي ۽ اسڪيم لاءِ پاڻي جي پائيپ لائين وڇرائي.

24 مارچ، 1980ع تي هِن اسڪيم جو باقائدي بنيادي پٿر (Ground Breaking Ceremony) سنڌ جو گورنر ليفٽيننٽ جنرل، ايس.ايم عباسي جن رکيو. هي اسڪيم جاءِ وقوع جي حساب سان، زبردست اسڪيم آهي پر مالڪي نه هجڻ ڪري، اجان به ساڳئي حال ۾ آهي. اِهو ان ڪري جو سياستدان مقامي، نه هجڻ ڪري، اسڪيم کي پنهنجو نه ٿا ڪن ۽ اسڪيم ڄامشوري ۾ هجڻ ڪري، HDA مان نڪري سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي (SDA) ۾ داخل ٿي، جنهن ڪانپوءِ ضلع ڪوٽڙي ۾ شامل ٿي. شايد حاڪمن جي تبديلي ڪري حُڪمن جي تعميل وقت اندر نه ٿي سگهي آهي. اها اسان جي بدقسمتي آهي، جو اسڪيم رولڙي جو شڪار آهي ڇاڪاڻ جو هيءَ اسڪيم، پوري سنڌ جي وڌندڙ آبادي کي، منهن (Cater) ڏئي سگهي ٿي، جو ٻن هزار ايڪڙ تي مشتمل هوندي، هڪ وسيع ايراضي پرسان خالي پيل آهي. شل اسان کي عقل ۽ سمجهه اچي.

شروعاتي دور ۾ اسان جي هائوسنگ پروجيڪٽ جي آفيس، سينٽرل جيل پرسان (ڪلهوڙا ڪالوني ۾)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي آفيس ۾ واقع هُئي، ليڪن اُتي رش هجڻ ڪري، HDA يونٽ نمبر 6، ۾

هڪ بنگلو ڪرائي تي ورتي، اُن ۾ منتقل ڪرڻي پئي. گنجي ٽڪر تي گلشن سرمست هائوسنگ اسڪيم جي ٽوٽل ايراضي چار هزار ايڪڙ مخصوص ڪئي وئي، جنهن جو پهريون فيز پنج سَوَ ايڪڙن تي پلان ڪيو ويو. مان هن منصوبي سروي ڪري، ان جي پلاننگ لاءِ گهربل سڄا تفصيل گڏ ڪيا. هِن اسڪيم جي بنيادي پٿر رکڻ جي تقريب، گورنر سنڌ، ايس.ايم عباسي ايئرپورٽ پرسان هڪ پهاڙ جي چوٽي تي ڪئي، جتي تنبو هڻي ڪيس بريفنگ ڏني وئي ۽ پوري اسڪيم جو جائزو به اتان ئي ورتائين.

1982ع جي شروعات ڌاري، گلشن شهباز اسڪيم جي مشهوريءَ لاءِ مختلف اخبارن ۾ اشتهار ڏنا ويا مان هر ڪئٽيگري جي پلاٽ جا فارم، هڪ جيپ پري وجي اپر سنڌ جي سيني ضلعن جي مختلف بئنڪن جي انتظاميه کي ڏنا ۽ هر شهر ۾ بئنر به هڻايا، ته جيئن پوري سنڌ، هن اسڪيم جي پلاٽن بوڪ ڪرڻ جي مُهم ۾ شامل ٿين. اِن مهم ۾ ٻهراڙي جي ماڻهن حصو ورتو ۽ ڪافي پلاٽ حاصل ڪيا. جيئن مان اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته هِن اسڪيم جي مالڪي متجندي رهي ۽ ڪائي سياسي سپورٽ نه ملڻ ڪري ڪامياب نه ٿي. هِن اسڪيم جي ڪمپيوٽر ذريعي قرعه اندازي، گورنر صاحب جن ڪراچي ۾ ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن تي ان جو رزلٽ عام ڪيو ويو. هي اسڪيم، جيڪڏهن صحيح طريقي سان تعمير ۽ ترقي ڪري ها ته شاندار رهائشي منصوبو هيو. ڄامشوري جون مشهور ٽڏيون هوائون ۽ مٽي جبل تي هجڻ ڪري هي هڪ ڪامياب رهائشي منصوبو ايري اچي ها. پوري اسڪيم هڪ قدرتي نهيل نڪاسي آب جي سرشتي سان ڳنڍيل هجڻ ڪري، پورو نڪاسي آب وجي ڪراچي واهه (K.B Feeder) ۾ چوڙ ڪري ٿو ۽ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته نڪاسيءَ جي پاڻيءَ کي، جديد طريقن سان صاف ڪري ڪراچي واهه ۾ چوڙ ڪجي ته ماحولياتي لحاظ کان هڪ بهترين منصوبو جوڙڻ جي ضرورت آهي ۽ واهه ويجهو هجڻ ڪري پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ به ڪونه ٿيندي جو اِهو واهه سدائين وهندڙ آهي ۽ پوري ڪراچي شهر کي پاڻي فراهم ڪري ٿو.

ايئرپورٽ واري پاسي به اسڪيمون هُيون، هڪ گلستان سرمست ۽ ٻئي ڪوهسار، جن جي پوري پلاننگ، آب رسائي، نڪاسي آب ۽ رستن جي حد بندي (Demarcation)، مون کي ڪرڻي پئي. اُن وقت انهن اسڪيمن جي چارج، مسٽر آءِ.آءِ صديقي صاحب کي مليل هُئي، جنهن کي پبلڪ

هيلٿ انجنيئرنگ جو ڪافي تجربو هو ۽ غالباً چيف انجنيئر تي رهيو هو پر سرڪار جي ناراضگي جي ڪري، ٻئي من پسند ماڻهو کي، اِهَا جاءِ ڏئي، هن کي پاسي تي ڪري ڇڏيو هُئائون. سرڪاري نوڪرين ۾ اِنهن ڪُڌن ڪرتوتن (يعنيٰ جونيئر کي سينئر جي جاءِ تي رکڻ) جو عام رواج آهي ۽ سرڪار نامدار ۾ ڪو بيو اهڙو ادارو ڪونہ آهي جو ڪنهن ڪان پڇا ڪري تہ ڪهڙي سببن ڪري ائين ڪيو تو وڃي. هڪ شخص سڄي زندگي جي محنت ڪان پوءِ اعليٰ ڪرسي تي پهچي، ڪئين جلدي اٿوٽندڙ شخصيت تي وڃي ٿو. اهو اسلوب صرف ذاتي پسند ۽ ناپسند جي ڪري ڪيو وڃي ٿو، جيڪو بلڪل ناانصافي تي مبني آهي. اهڙي قسم جا هزارين واقعا هن وقت بہ جاري ۽ ساري آهن.

ڪوهسار اسڪيم، لطيف آباد جي ويجهو هئڻ ڪري ۽ مقامي سياستدانن جي مالڪي هجڻ ڪري آباد آهي پر گلستان سرمست، 30 سالن ڪان ساڳئي حالت ۾ غيرآباد آهي ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اُتي سنڌي آبادي وارا نہ تا آباد ٿيڻ چاهين ۽ لطيف آباد جي آبادي اوڏانهن منتقل ٿيڻ ڪان شايد عاري هجن.

لطيف آباد جي رسائي آب

ڊائريڪٽر جنرل جناب سليم خان منهنجي ڪم مان خوش ٿي، مون کي لطيف آباد جي واٽر سپلاءِ هلائڻ ۽ ان جي سار سنڀال (Operation and Maintenance) لاءِ بدلي (5 مئي 1980ع) ڪيو، جيڪو پڻ افضل آرائين جي تحت هو. آئون وڃي محمد نواز بلوچ ڪان چارج ورتي. محمد نواز بلوچ شايد افضل سان مڙيوئي ڪونہ پئي نهي هليو. حيدرآباد شهر جي واٽر سپلاءِ جو انچارج مسٽر شعير احمد جوٽيجو هيو ۽ ڊرينيج جو انچارج مسٽر مغل صاحب هوندو هو. منهنجي سب ڊويزن ۾، مسٽر يونس آرائين، سب ڊويزن ڪلارڪ هو، جيڪو افضل جو ويجهو عزيز پڻ هيو ۽ بہ سب انجنيئر هئا، جيڪي ٻئي ڊپلوما هولڊر هُئا. هڪ مسٽر خليل احمد ۽ ٻيو مسٽر اشتياق احمد، هي ٻئي سُنا محنتي ماڻهو هئا ۽ شهر جي آب رسائي ۾ ڪافي عرصي ڪان ڪم ڪندا رهيا هئا. عوام سان سنو ورتاءُ رکڻ، اُن صورت ۾ جڏهن توهان وٽ پاڻي جي مستقل قلت هجي ۽ شهرين کي گرمي جي موسم ۾ پاڻي نہ ملي، هڪ وڏو مشڪل مرحلو هو ۽ اِهو وقت ڏاڍو ڏکيو

۽ محنت سان گذاريو. درياهه مان گدو وٺان پاڻي کڻڻ جو، نظام اهو ساڳيو هيو، جيڪو 1872ع ۾ انگريزن ٺاهيو هو، جنهن جو ذڪر آءُ اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. اُن وقت 1872ع ۾، حيدرآباد شهر جي آبادي ڪوئي 35,272 نفوس تي مشتمل هُئي ۽ هاڻي آبادي وڃي پندرهن لکن کي پهتي آهي ۽ بنيادي خدمتن (Basic Utilities) جو نه مقدار آبادي جي لحاظ کان وڌايو ويو ۽ نه وري ان جي معيار کي مضبوط ڪيو ويو. هر هڪ انجنيئر پنهنجو وقت پاس ڪيو آهي ۽ ڪنهن به صحيح رُخ ۾ ان مسئلي جي مستقل حل لاءِ ڪابه منصوبه بندي نه ڪئي آهي.

ان وقت واٽر سپلاءِ جي حوالي سان حيدرآباد شهر کي چئن طرفن کان پاڻي مهيا ڪرڻ جو اڻپورو نظام هو. هڪ مکيه سپلاءِ، ڪوٽڙي بئراج کان، شورا ڳوٺ پرسان تلائن ۾ پاڻي جمع ڪري ان کي فلٽر پلانٽ واقع ڄامشورو روڊ تائين پهچائي، صاف ڪري قديم شهر ۽ اولهه واري حصي، ڄاوڙي سميت ٻين علائقن کي سپلاءِ ڪيو ويندو هو. ٻيو پاڻيءَ جو ذريعو، پريٽ آباد ۾ تلائن ۾ جمع ڪري،شهر جي اوپر واري علائقي کي آنرايل پاڻي (Settled Water) مهيا ڪيو ويندو هيو ۽ ٽيون ذريعو درياه مان گدو وٽ، انگريزن جي ٺهيل اسڪيم (ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي)، جنهن کي (Floating Pantoon Pumping Station) چيو وڃي ٿو، اُن مان آنرايل پاڻي شهر کي ڏنو ويندو هو. اِن سان گڏ هڪ لطيف آباد چار نمبر پرسان درياهه جي ڪپ تي ڪجهه پمپ رکي پاڻي کڍيو ويندو هيو، اُن وقت قاسم آباد جو وجود ڪونه هو ۽ اهو پاڻي لطيف آباد لاءِ مقرر ڪيل هيو. هي غالباً اُها جاءِ آهي جتي چيو وڃي ٿو ته علاما آءِ.آءِ. قاضي جن ٽاپڙي درياهه ۾ ڪري پيا هئا. (والله عالم).

هي سڄو جُڳاڙي سسٽم، اُن وقت بلڪل نارڪاره ٿي ويندو هو، جڏهن درياهه بادشاهه ۾ پاڻي جي سطح ۾ لاٿ اچي ويندي هُئي. درياهه اندر پاڻي گهٽ اچڻ جا سبب برساتن جو نه وسڻ ۽ درياهه مٿان بئراجون ۽ بندن(Dams) جو ٺهڻ سان گڏ هندوستان جو مٿان پاڻيءَ گهٽ نيڪال ڪرڻ آهي. حيدرآباد ته ڇا،پر سنڌ جا سيئي شهر، پاڻيءَ جي شديد کوٽ ۾ مبتلا آهن. سکر، روهڙي، حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي شهر، درياهه جي ڪناري تي آباد هوندي به پيئڻ جي صاف پاڻيءَ کان اڄ تائين محروم آهن.

لطيف آباد جي آب رساني سب ڊويزن جي آفيس،لطيف آباد پوڻين پنجين نمبر جي پرسان، مين روڊ، جيڪو پنجين ۽ ڇهين نمبر کي جدا ڪري ٿو، اتي هڪ ڪرايي تي حاصل ڪيل بنگلي ۾ واقع هوندي هُئي.

منهنجي بدلي بہ ان وقت عمل ۾ آئي جڏهن گرمي چوٽ چڙهي رهي هُئي ۽ پاڻي گهٽ هجڻ ڪري عوام جون دانهون ۽ ڪوڪون بڌي ڏاڍي پَچ ڊڪ ڪرڻي پئي. رات ڏينهن هڪ ڪري، پراڻن بُتن کي پيچي وجي پاڻي جي سپلاءِ جو دورانو وڌائي شهرين جي ضرورت کي ڪنهن حد تائين پورو ڪيو ۽ انهن علائقن ۾ جتي پاڻيءَ جي رسد ممڪن نہ هئي، اتي نوان پائيپ وجهي پاڻي پهچائي ماڻهن جون دعائون ڪٺيون. شهرن ۾ واٽر سپلاءِ جو ڪم 24 ڪلاڪ لڳاتار سخت محنت گهري ٿو. توهان وٽ نسبتاً رڪاوٽون گهٽيون ۽ وسيلا گهٽو گهٽ هجڻ ڪري عوام سان مُهڙ ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

لطيف آباد کي، پاڻي ڏيڻ لاءِ، درياهہ تي لطيف آباد نمبر چار وٽ رکيل پمپ مشينري کي بغير ساهيءَ جي هلائڻو پوندو هو ۽ ساڳئي وقت بجلي جي اک بوٽ ۽ اڪثر بريڪ ڊائون جي ڪري، آڌيءَ رات جو بہ مون کي جهنگ وچان وڃڻو پوندو هو. پاڻي سپلاءِ ڪرڻ ايترو تہ حساس (Sensitive Issue) مسئلو هو، جو جيڪڏهن بہ ڪلاڪ بہ پمپ بند رهيا،تہ فون وڃڻ لڳندا هئا ۽ شهر وارا اُتي ڪڙا ٿيندا هئا، يا وري سڌو XEN يا DG کي فون ڪيو ويندو هُيو.

پاڻي جي شديد ڪوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ،HDA وٽ مئڪوڊو نلڊس ڪنسلٽنٽ (MC-Donalds) رکيل هُئا، جيڪي پاڻي جي رسد ۽ نيڪال لاءِ پيا معلومات گڏ ڪندا هُئا ۽ نقشا وغيره پيا تيار ڪندا هئا. اُن وقت حيدرآباد شهر کي فلٽرڊ واٽر سپلاءِ نہ هجڻ جي برابر هُئي، جنهن جي ڪوٽ اڄ تائين شدت سان محسوس ڪئي وڃي ٿي.

صلاحڪارن بہ رٿون ناهيون، جن ۾ فلٽر پلانٽ کان وڏي قطر جاپائيپ وجهرائي، شهر ڏانهن پاڻي آندو وڃي ۽ شهر جي وڏن روڊن تي وسيع دائري ۾ مکيہ پائيپ (Ring Main) جي وڇائي ڪئي وڃي ۽ ٻيو تہ چار نمبر لطيف آباد وٽ، پاڻي کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ وڏا ڪچا تلاءَ ناهي، اُن مان آنرايل پاڻي لطيف آباد کي ڏنو وڃي. لطيف آباد جي ڪجهہ حصي کي ٽڏي سڙڪ واري ٽئنڪن مان بہ پاڻي ڏنو ويندو آهي. اِن رٿائن تي عمل درآمد لاءِ، لطيف آباد جي چار نمبر وٽ وڏن ڪچن تلائن سان گڏ، پمپنگ اسٽيشن قائم ڪرڻ لاءِ ٺيندڊرن جو، جڏهن وقت آيو تہ شڪارين کي شڪار ياد اچي ويو. انگريزن جي چوڻيءَ وانگر Curiosity killed the cat. اُن وقت جو XEN جيڪو وڏو اثر رسوخ رکندو هو، تنهن هوشياري ڏيکاري ۽ اِن

اسڪيم ڪي، جيڪا لطيف آباد جي سب ڊويزن ۾ ھجڻ جي باوجود، پنھنجي قريبي شڪاري جيڪو پريٽ آباد جي سب ڊويزن جو AXEN ھو. تنھن جي حوالي ڪرائي، جنھن مان انھن جي نيڪ ارادن جي خبر پئجي وجي ٿي. ائين لڳو جڻ بکين گِدڙن کي جھنگ ۾ اوچتو مئل جانور مليو ھجي. اِن ڏينھن ڪانپوءِ مان HDA مان جلدي نڪرڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو.منھنجي تعليم انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس ڊگري ۽ بالا آفيسر ڊپلوما ۽ وري مٿان اُن جون عجيب سرگرميون، جو منھنجي حد جو منصوبو غير قانوني طور پنھنجي من پسند ماتحت ڏانھن منتقل ڪرائي ڇڏيو.

مان سوچيو ھو تہ ايمانداري سان پنھنجي عوام ۽ سرزمين جي خدمت ڪنداسون پر اندر جا ڪارناما اھڙا تہ ڪُڌا ھا، جيئن ڪنگڻ پائڻ لاءِ آئيني جي ضرورت نہ پوندي آھي، وانگر نيٽُن جو ادراڪ واضح نظر اچڻ لڳو.اھڙيءَ طرح ڪنھن ڪان مشوري وٺڻ بغير ئي سمجھہ ۾ اچي ويو تہ ھت نوڪري ڪرڻ، صمام ۾ سپ اگھاڙا‘ ٽيڻ وانگر آھي. منھنجي سامھون ٻہ رستا آيا، ھڪ ۾ اونڌاھي ۽ ٻئي ۾ ھڪ روشني جي لاٽ نظر آئي ۽ مان HDA کي ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪري اخبارن ۾ ٻاھرين ملڪن ۾ نوڪري جا اشتھار پڙھڻ شروع ڪري ڏنا.

ڊاڪٽر علاما محمد اقبال فرمايو آھي:

جس کھیت سے دھکان کو میسر نہ ہو روٹی
اس کھیت کے ھر گوشہٴ گندم کو جلادو۔

1981ع ۾ حيدرآباد جي گرلس اسڪولن جي ريجنل ڊائريڪٽر مس رضيا بلوچ (رند) اخبار ذريعي گرلس استاد ڀرتي ڪرڻ جو اعلان ڪيو، جنھن ۾ منھنجي گھر واريءَ انٽرويو ڏنو ۽ پوءِ ٽيسٽ ۾ ويٺي جيڪا ھُن سٺن نمبرن ۾ پاس ڪئي ۽ ڊائريڪٽر صاحبہ ٻن ڏينھن اندر ڪيس لطيف آباد جي ’ھائي اسڪول‘ ۾جي.ايس.ٽي جي پوسٽنگ ڏني. انٽرويو ۾ ڊائريڪٽر صاحبہ ڪانئس 15 جو ڪھڙو ياد پڙھڻ لاءِ چيو ۽ لکت جي امتحان ۾ شاھہ لطيف تي مضمون لکرايو،جيڪو بھترين لکيو ويو ۽ ھُن کي پسند آيو. انٽرويو دوران رضيا بلوچ، منھنجي گھر واريءَ کان پڇيو تہ شر، پنھنجي نياڻين کي ڪونہ پڙھائيندا آھن، پر توھان ڪيئن پڙھيا آھيو. تنھن وقت ٻہ شرن جي عورتن ۾ تعليم گھٽ ھوندي ھُئي. تعليم، 1990ع جي ڏھاڪي ۾ عام ٿي. ميڊم رضيہ ٻہ شڪارپور جي ھُئي، جو اُتي جا شر رڌن ۽ ٻڪرين چارڻ ۾ پورا ھئا. منھنجي انٽرويو دوران ٻہ سنڌ پبلڪ

سروس ڪميشن جي چيئرمين، مونکان اِهو ساڳيو سوال ڪيو هو، جو هوبہ غالباً شڪارپور جو هو. منهنجي گهر واري بہ لطيف آباد ۾ نوڪري ڪندي رهي، ڪڏهن ڪيس جيپ يا موٽر سائيڪل تي اسڪول پهچائيندو هئو مانس ۽ ڪڏهن هوءَ رڪشا ڪري گهر پهچي ويندي هُئي. اسڪول جو ماحول تعصب کان پاڪ هوندو هو ۽ شهر ۾ امن امان ۽ سڪون هوندو هو. ڪنهن قسم جي چوري، ڦرلٽ يا زيادتي ڪونہ ٿيندي هُئي. مهاجر سنڌي پناڻ ۽ پنجابي سڀ گڏ ڪم ڪندا رهندا هُئا.

ڊائريڪٽر جنرل پاڻ ٽيڪنيڪل نہ هجڻ ڪري، مسٽر اي. ڪي قاضي، جيڪو پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ سنڌ جو، چيف انجنيئر هيو، تنهن کي ٽيڪنيڪل ايڊوائيزر طور مقرر ڪيو هُئائين تہ جيئن هو ڪيس فني مشورا ڏئي ۽ کيس غلط فيصلي ڪرڻ کان بچائي.ڊي.جي صاحب پاڻ CSP آفيسر هو. جو اڳتي هلي وڏي سيڪريٽري جي عهدي کي پهتو. ان ڪري قاضي صاحب جي HDA ۾ بہ ايتري ئي هلندي هُئي، جيتري سليم خان جي، جو هو بہ ئي هڪ راڄ سان تعلق رکندا هُئا. جناب شفيع محمد لاکو صاحب کي بہ PHED مان ڊيپوٽيشن تي، HDA ۾ حيدرآباد شهر جي آب رسائي پروجيڪٽ کي سنڀالڻ جي اختياري ڏني وئي هئي. پاڻ ڏاڍو هوشيار ۽ محنتي هوندو هُيو. هاڻي تہ سعودي عرب کان موٽي اچي، پنهنجي رائل ڪنسلٽنٽ ڪمپني (R.C.C Consultant) کولي اٿائين، جيڪا پاڪستان ۾ آب رسائي وَ نڪاسي جي ڪمن جي صلاحڪاري پئي ڪري. هڪ ٻيو انجنيئر،مسٽر معين قاضي، جيڪو وڏي قاضي جو عزيز هو، سو بہ PHED مان HDA ۾ آيو هو ۽ ان کان علاوه، مسٽر نظير سومرو بہ پبلڪ هيلٿ مان اسان سان گڏ،HDA ۾ ڪم ڪندو هيو، هو لاکو صاحب جو ڪلاسميٽ هُيو ۽ آخر ۾ شايد PHE جو چيف انجنيئر ٿي رٽائر ڪيائين.

نظير سومرو ۽ لاکو صاحب کي ڪرڪيٽ کيڏڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هُيو ۽ ايئرپورٽ پرسان جبلن جي ميدان تي موڪل جي ڏينهن ۾ وڃي گڏ کيڏندا هُئاسون. مسٽر محمد اشرف ابڙو، حيدرآباد جي واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج منصوبي جو سپرينٽنڊنٽ انجنيئر هوندو هو ۽ هو بہ PHE مان، افضل آرائين وانگر ڊيپوٽيشن تي آيل هو. آرائين، جوڻيجو ۽ ابڙو وارن جو، HDA ۾ هڪ ٻيو برمودا ٽراءِ اينگل وانگر هڪ اهڙو تلسمي ٽِواٽو (آجا) رستو هوندو هو، جتان هر نئون اينڊڙ پنهنجي واٽ ضرور پلجي ويندو هو ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي منزل رسيد ڪونہ ٿيندو هو.

انور دستي بلوچ (نري ميرواهه) به واپڊا حيدرآباد جي آفيس ۾ هوندو هو، ان سان ڳوٺائي هجڻ جي ناطي سان ڪافي ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون ڏاڍو يار ويس ۽ سچو دوست، پاڻرن وانگر هوندا هئاسين. نواب شاهه، مهراڻ يونيورسٽي ۾ مسٽر

غلام سرور شيخ، لاڙڪاڻي جو انجنيئر هو، ڏاڍو پيارو ۽ مذاقي هوندو هُيو. هميشه سنڌ لطيفن سان ڪچهريءَ جي شروعات ڪندو هُيو. آئون جڏهن ڳوٺ ويندو هئس، ته واپسيءَ تي ضرور، هڪ رات نواب شاهه ۾ ترسي، سندس ڪچهري ٻڌي صبح جو حيدرآباد پهچندو هُئس. هو هن وقت ڪئناڊا جي ٽورنٽو شهر ۾ رهائش پذير آهي ۽ اُتي ڪافي سيٽ ٿي ويو آهي. ٽنڊي جام ۾ اسان جو ماسات واحد بخش، پلانٽ پروٽيڪشن آفيسر هوندو هو، موڪلن ۾ اسان اوڏانهن گهمڻ ويندا هُئاسون، ڪچهريون ڪري واپس ٿيندا هُئاسون. حيدرآباد ۾، سڪندر علي رند سان به ڪافي ملاقاتون ٿيون، جو اسان جي ڳوٺائي رندن جا ويجها عزيز هُئا. ان کان علاوه ماسٽرس جو شاگرد، مسٽر الهه وسايو پٽي،جيڪو اريگيشن ڊپارٽمينٽ،نصير ڊويزن جو سپريٽنڊنٽ انجنيئر هيو، تنهن سان به ڪافي اچوڄ هوندي هُئي. ڏاڍو سنو ۽ قابل احترام شخصيت جو مالڪ هو. اسان سان گڏ ٻيا به انجنيئر پرتي ٿيا،انهن ۾ هڪ مسٽر بخاري صاحب هُيو، جنهن ڪجهه سال اڳ، HDA مان رٽائر ڪيو ۽ ٻيو مسٽر شاهد رانا، جيڪو پڻ ميڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ انگلينڊ (UK) مان ماسٽرس ڪري آيو هيو ۽ ان بنياد تي کيس HDA ۾ نوڪري ملي هئي. هي مسٽر محمود رانا جو پٽ هُيو، جيڪو اُن وقت پراجيڪٽ ڊاريڪٽر مسٽر مُوَر صاحب جي وقت فنانس سيڪشن جو انچارج هو، جنهن کي اُن وقت ڊائريڪٽر فنانس ته ڪونه چيو ويندو هيو، ليڪن اڪائونٽ آفيسر جي لقب سان سڏيو ويندو هو. محمود صاحب ڏاڍو سنو ماڻهو هو، سندن واسطو پنجاب جي ڪنهن شهر سان هو. منهنجي گهڻي دوستي ۽ ويجهڙائپ، مسٽر شاهد محمود رانا سان هُئي، جو هُن کي به ساڳئي ڊويزن ۾ مقرر ڪيو ويو هو. کيس اُن وقت جي فلٽر پلانٽ، جيڪو هاڻي ڄامشورو روڊ جي لڳ اولهه پاسي، جتي باگڙين کي پنو صاحب مفت ۾ گهر ٺاهي ڏنا هئا، جي ويجهو جي چارج هئي. هاڻي شايد اُهو فلٽر پلانٽ بند پيل آهي. اسان ٻئي، هر روز شام جو ملندا هُئاسين ۽ پنهنجا حال اوري، HDA جي مستقبل تي فڪرمند رهندا هئاسين، جو HDA پبلڪ هيلٿ جي ڊيپوٽيشن تي آيل انجنيئرن هٿان

يرغمال ٿيل هُئي. مان مسٽر بخاري، شعير جوڻيجو ۽ شاهد رانا، صرف چار انجنيئر HDA جا سڌا سنوان ملازم هُئاسين، باقي سڀئي عوام،PHED مان اوڊر تي آيل هُئي ۽ گهڻو سٽيپ ڏسي، سندن واپسي جو ڪو ارادو نظر ڪونہ پئي آيو.اُنهن ۾، ڪيترا تہ جاڻ ۾ لڪير جا فقير هئا، ڪم ڪي مڙيوئي ڊِڪو ڏيڻ جا ڏاها لڳندا هئا. گهڻي مهارت جي طلب مسئلي جو مستقل حل ڳولهڻ کان لاچار، صرف حاضر سائين ۽ ڪمائي ۾ وڏيڪ هوشيار ۽ چالاڪ لڳندا هُئا. پر اِن کان وڏيڪ چا بڌايان، جو جيڪڏهن HDA وارا ڪنهن کي واپس بہ ڪندا هُئا، تہ اُهو انجنيئر صاحب وڃي ڪورٽ جو سهارو وٺي، وري بيهر آرڊر ڪرائي اُيندو هئو.جنهنڪري انتظاميہ ويچاري، پريشان حال نظر ايندي هُئي. پبلڪ هيلٿ وارن، HDA ۾الائي ڪهڙيون سون جون ڪاٽيون ڏٺيون هُيون. اسان کي انوقت ايتري خبر نہ هوندي هُئي، جو اسان سنئون سِڌو ڪم ڪرڻ وارا هُئاسين. مون کيءِ ياد آهي، تہ مسٽر هاشم مغل ۽ عابد علي جي جڏهن ڊيپوٽيشن ختم ڪئي وئي، تہ هنن ڪورٽ ۾ وڃي ڪيس ڪيو ۽ ڊائريڪٽر جنرل بہ ڏينهن وڃي سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ کي اِلاز منٿون ڪندو رهيو، پر ڪورٽ جي حڪم کي مڃي آرڊر واپس ڪيو ويو.

مان درياهہ بادشاهہ جي ڪناري گِدو وٽ جيڪي، 1872ع ۾ انگريزن جي اڏايل واٽر سپلاءِ سسٽم (Pontoon Pumping Station) تي گهڻي محنت ڪئي. بيڙن تي اڏيل، پاڻي کڻڻ جي مشينري ۽ درياهہ ۾ ترندڙ وڏا لوهي پائيپ، جيڪي ڪافي پراڻا تي چڪا هُئا، انهن مان پاڻي جي هر جوڙ مان سِمڻ ۽ اُنهن جي مرمت، پمپنگ مشينري جي وسعت کي وڌائڻ (Capacity Enhancing) لاءِ وڏيڪ هارس پاور جا موٽر نصب ڪرڻ ۽ تلائن ۾ جيڪا سالن کان سِٽِ جمع ٿيل هُئي، انهن جي صفائي ڪرائي، پاڻيءَ جي ذخيري (Storage Capacity)کي وڌائي بيٺي ڪرائي ۽ ان بند واهي (Conduit)، جيڪا ٿڌي سڙڪ جي پاسي سان پيل آهي، تنهن جي صفائي ۽ مرمت ڪرائي وئي،جنهن کي سالن کان ڪنهن بہ هٿ نہ لاتو هُيو.

الهہ هلي پئي، لطيف آباد نمبر چار جي نون تلائن ٺاهڻ جي، جنهن تي مان ٽِن صفحن تي خط لکي،ايم.ڊي (واسا)، ڊي.جي (HDA) ۽ ايڪسِئين، چيف انجنيئر، اي.ڪي. قاضي کي موڪلي ڏني، جن ۾ مان سيني خدشن جو تفصيلي ذڪر ڪيو، جنهن مان ثابت پئي ٿيو تہ هِن اسڪيم کي منهنجي سب ڊويزن مان کڻڻ ۽ پنهنجي ڪمائو ساٿي ڏانهن منتقل ڪرڻ

صرف بدنيتي تي ٻڌل آهي. اُن ليٽر جو جواب اڄ تائين ڪونہ مليو. پر بالا آفيسرن اهڙو سفيد چِٽو (White Paper) پڙهي، پريشان ٿي ويا ۽ پڙاڏو سندن دل ۾ گهڻي وقت تائين گهونج ڪندو رهيو.

مون کي لطيف آباد سب ڊويزن مان بدلي ڪري،2 اپريل، 1982ع، DG سيڪريٽريٽ ۾ ٽيڪنيڪل آفيسر ڪري رکيو ويو. اُتي ڪا خاص جوابداري ڪونہ هُئي، صرف ٽيڪنيڪل مسئلن جا فائيل،DG مون ڏانهن صلاح مشوري لاءِ موڪليندو هو يا وري HDA جا ڪنسلٽنٽ هئا، انهن سان ٿون منصوبن بابت تعاون ڪرڻو پوندو هو. ايشين ڊولپمينٽ بئينڪ (Asian Development Bank ADB) جي قرض کي استعمال ڪرڻ لاءِ صلاحڪارن جي، حيدرآباد شهر ۾ پاڻي ۽ نڪاسي لاءِ مختلف تجويزون ۽ منصوبن تي تحقيق ۽ مطالعو ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻي هُئي. انهن سان ڪم ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو، جو هو هڪ ٽيڪنيڪل ادارو هو جو ڪم ڪرڻ سان منهنجي ڄاڻ ۾ اضافو آيو. ٻہ ٽي دفعا ڪراچي جي هاليڊي اِن (Holiday Inn) هوٽل ۾ ADB وارن سان ميٽنگيون ٿيون، جن ۾ مان ۽ مسٽر اي.ڪي قاضي گڏ هوندا هئاسين. ان دوران،ڊي.جي ۽ قاضي صاحب، ڪافي دفعا منهنجي گاڏي ۾ سوار ٿي، حيدرآباد جي ميئر (Mayor HMC) سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ڪيون ۽ شهر جي عوام جي ڀلائي بابت اهم فيصلا ڪيا.

HDA ۾ نوڪري دوران،مان ڄامشورو جي پوسٽ گريجوئيٽ سينٽر ۾، وزيٽنگ پروفيسر طور ٻن سالن تائين ماسٽر آف انجنيئرنگ جي شاگردن کي بہ پڙهائيندو رهيس.

ڊائري جا ورق (1981)

- ❖ هندوستان جي مشهور اداڪار نرگس، هڪ اسپتال ۾، هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي.
- ❖ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، عالم الدين هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.
- ❖ ويٽيڪن سٽي (روم) ۾، عيسائي رهنما، پوپ کي پيٽ ۾ گولي ان وقت لڳي، جڏهن هو کليل جيپ ۾ زيارتين کي ديدار ڪرائي رهيو هو. کيس زخمي حالت ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو.
- ❖ سنڌ جي گورنر، ليفٽيننٽ جنرل، ايس.ايم عباسي ڪراچي ۾ مسٽر رسول بخش خان ٽالپر کي سينئر وزير ۽ پاور ۽ اريگيشن ۽ سيد

غوث علي شاهه کي تعليم جو قلمدان ڏنو. ان سان گڏ غلام محمد مهرکي به وزارت ڏني وئي. رسول بخش ٽالپر صاحب اِن کان اڳ ۾ PPP ۾ وڏي عهدي تي رهيو آهي.

❖ بنگلاديش جي صدر، مسٽر ضياءِ الرحمٰن کي گولي هڻي ماريو ويو ۽ نائب صدر مسٽر عبدالستار کي صدر جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو آهي.

❖ اسرائيلي هوائي جهازن، عراق اندر اچي، ائٽامڪ رئيڪٽر جي ڪارخاني تي بم اڇلائي، ان کي تباهه ڪري آرام سان اُڏامي پنهنجي وطن واپس موٽي ويا. عراق جي صدر صدام، اِهو پلانٽ فرينچ حڪومت کان ورتو هو ۽ انهن جي مدد سان پئي تيار ڪيو ويو. حملو اُن وقت ڪيو ويو، جڏهن پلانٽ تياريءَ جي آخري مرحلي ۾ هُئو. اِن تي آمريڪا ۽ پئي دنيا خاموش رهي، جنهن مان ظاهر ٿيو ته آمريڪا جي اجازت يا اشاري تي، اهو ڪم ڪيو ويو آهي. ان لاءِ ته، ائٽم بم ٽيڪنالاجي مسلمانن جي هٿ ۾ نه اچي،جو اهو سئون سڌو خطرو، اسرائيل کي آهي. اِن واقعي تي اسلامي دنيا مان به ڪنهن دانهن ڪوڪ ڪونه ڪئي.

❖ انگلينڊ جي تقريباً سيني شهرن ۾ سفيد گورن ۽ ايشيائي ڪٽڪ رنگن جي وچ ۾، ڪافي نسلي هنگاما ۽ جهڙپون ٿيون، ان ۾ ڪيترائي پاڪستاني ماڻهو متاثر ٿيا ۽ ڪجهه لاش به پاڪستان پهتا.چاڪاڻ جو انگريزن، ڪارن ايشيائين جي گهرن کي باهيون ڏنيون ۽ ڪٽي ڪتي پوري فئملي جا فرد به ساڙيا ويا.مسز ٿئيچر ڏاڍي پريشان ٿي ته جيئن انهن هنگامن کي جيترو جلدي ٿي سگهي ختم ڪيو وڃي.

❖ لاهور ۾ ڪن نامعلوم ماڻهن، چوڌري ظهور الاهي جي گاڏي تي سڌا فائر ڪري کيس ماري وڌو. چوڌري، 1970ع جي اليڪشن ۾ ميمبر ٿيو ۽ 1978ع ۾ وزير به ٿيو هو مسلم ليگ سان تعلق هئس. چوڌري صاحب جي گاڏي ۾ رٽائرڊ چيف جسٽس مولوي مشتاق احمد ۽ ائڊوڪيٽ جنرل.مسٽر ايم.اي رحمان واقعي مهل گڏ هُئا. پويان ايندڙ، اڇي رنگ جي ڪار مان اچانڪ آٽوميٽڪ هٿيارن جا فائر ٿيا اُن کان فوراً بعد، هڪ دستي بم به اڇلايو ويو. چوڌري صاحب ته موقعي تي سندس ڊرائيور سميت مارجي ويو ۽ مولوي مشتاق کي سٽرن ۾

زخم رسيا ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي ڪجهه به ڪونه ٿيو مشتاق اهو ساڳيو ماڻهو آهي،جيڪو ڀٽو صاحب جي ڦاسي ۾، اڳيرو هُيو. خبر نه آهي ته اصل ٽارگيٽ ڪير هُيو؟ ليڪن BBC مطابق، الذوالفقار تنظيم جي اڳواڻ شاهنواز ڀٽو چيو ته اهو واقعو ذوالفقار علي ڀٽو جي پلاند وٺڻ لاءِ ڪيو هو آهي.

❖ 27 ڊسمبر، 1981ع جي هلال پاڪستان اخبار ۾ آيو، ته ڪنڊيارو جي سينئر سِول جج مسٽر حافظ محمد احسن شر جيڪو اسان جي شر قبيلي جو پهريون جج هو، تنهن کي برادري جهيڙي ۾ سندس عزيزن پنهنجي ڳوٺ ’گيهل پور‘ ڪشمور، ضلع جيڪب آباد ۾ قتل ڪري سندس مڙهه کي درياهه ۾ اڇلائي ڇڏيو. آدم شر مقتول جو پاءُ، اخبار وارن کي پنهنجي قبيلي جي انن ماڻهن تي شڪ جو اظهار ڪيو. ٻن ڏينهن جي ڳولا کانپوءِ، سندس لاش درياهه مان هٿ آيو. غالباً، حافظ صاحب کي هڪ پراڻي خون، جيڪو گيهل پور يونين ڪائونسل جي چيئرمين مسٽر خير محمد شر جو ٿيو هو، اُن ۾ ڪيس ڏر جاڻي انتقام ورتو ويو هيو (والله عالم).

❖ PTV مطابق، مصر جي صدر، انور سادات کي، هڪ فوجي پريڊ دوران، گولين سان زخمي ٿيڻ کانپوءِ اسپتال ۾ گذاري ويو. صدر زخمي حالت ۾ هيليڪاپٽر ذريعي اسپتال آندو ويو، ليڪن بچي نه سگهيو. صدر کي پيٽ ۾ 5 گوليون لڳيون ۽ فائرنگ دوران ماڻهو ميدان ڇڏي ڀڄي ويا. انور سادات جي مرڻ کانپوءِ حُسني مبارڪ کي صدر جو عهدو ڏنو ويو، جنهن ٽن ڏينهن اندر راءِ شماري (Referendum) ڪرائي، پنهنجي ڪرس کي هميشه لاءِ پڪو ڪري ڇڏيو. انور سادات کي، ’امن جو سپاهي‘ (Soldier of Peace) جي لقب سان نوازيو ويو ۽ اسرائيل جي وزيراعظم ’مسٽر بيگن‘ به اچي دفنائڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي. هڪ هفتي اندر، معزول شهنشاهه، ايران جي زال ’فرح ديبا‘ بيان ڏنو ته انور سادات کي ايران جي امام خميني قتل ڪرايو آهي، ڇو جو سادات اسان کي، سياسي پناهه ڏيڻ سان گڏ اسان جي ڌيءَ جي پنهنجي پٽ سان شادي ڪرائي آهي. ان کانپوءِ، فرح ديبا پاڻ کي مصر ۾ نامحفوظ سمجهڻ لڳي.

سريلنڪا جي وزير جو دورو

آگسٽ 1981ع جي آخر ۾، مسٽر سُهيل يزداني کي بدلي ڪري مون کي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بلڊنگ ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ مقرر ڪيو ويو. آفيس عارف پلازه ۾ واقع هئي، اُتي نَين هائوسنگ اسڪيمن جي پلاننگ وغيره ڪئي ويندي هُئي ۽ نين عمارتن جا نقشا پڻ پاس ڪيا ويندا هُئا. ان ساڳئي آرڊر ۾ مسٽر جوڻيجو کي XEN جي قائم مقام ترقي ڏئي، شهر جي نڪاسي آب جي جوابداري ڏني وئي ۽ لطيف آباد نمبر 4 واري اسڪيم بہ وٽس رهڻ ڏني وئي، جيڪا انتظامي لحاظ کان نامناسب ڳالهہ هئي. ڇهن مهينن ڪانپوءِ واٽر سپلاءِ پروجيڪٽ سب ڊويزن جو مون کي انچارج ڪيو ويو جتان نظير سومرو کي ٻئي پاسي بدلي ڪيو ويو. جنهن ۾ گلشن شهباز اسڪيم، جنهن جي ايراضي 5500 ايڪڙن تي مشتمل ۽ ڄامشورو ۾ سپر هاءِ.وي ڪراچي ٽول پلازه جي ڏکڻ اولهہ طرف واقع آهي. هن اسڪيم جي پهرين مرحلي ۾، 70،000 پلاٽ ڏيٺا هئا ۽ هڪ هزار ايڪڙ زمين پرائيويٽ سوسائٽي اسڪيمن (Private Cooperative Societies) لاءِ مختص ڪئي وئي هئي. هيءَ اسڪيم دادو ضلع جي ’سون ولهار‘ ديهہ ۾ قائم آهي، جنهن جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي. هن اسڪيم جي سنڌ جي گورنر جناب ليفٽيننٽ جنرل ايس.ايم عباسي پيڙهہ جي پٿر جو بنياد رکي شروعات ڪئي. هي عباسي صاحب اُهوئي آهي، جنهن سکر شهر جي تيل پيڙيندڙ هڪ وچولي گهراڻي کي زمين مان ڪڍي آسمان تي پهچايو.

جيئن تہ مون کي رسالن ۽ اخبارن ۾ لکڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو، سو هڪ دفعي اخبار نويسن سان ڪنهن پروجيڪٽ جي بريفنگ دوران ’سِول انجنيئرنگ جي ڊڪشنري‘ جيڪا، مان مرتب ڪري رهيو هوس، تنهن جي ذڪر نڪرڻ سان، ڳالهہ سنڌي اخبارن ۾ ڇپي، جڏهن اها ڪٽنگ، DG صاحب وٽ روٽين ۾ پهتي تہ مون کي گهرايائين ۽ حال احوال وٺي، مون کي شاباس ڏنائين ۽ چيائين تہ سائين

آپ تو بڑے پڑھے لکھے آدمی ہو ۔

الطاف رند صاحب، جيڪو ٽنڊو آدم پرسان هڪ زميندار هو ۽ اسان جي ڳوٺائي رندن، استاد محراب خان ۽ غلام قادر خان رند جو ويجهو عزيز هو، تنهن جي اوطاق تي، سينئير منسٽر مسٽر مير رسول بخش خان ٽالپر (منسٽر آف پاور ۽ اريگيشن) سان ملاقات تي. مير صاحب هونءَ بہ ڪچهري جا مور آهن. هي مير اڳ ۾ڻو صاحب جي پيپلز پارٽي ۾ شامل

هئو ۽ وزير رهي چڪو هُيو پر پوءِ الائي ڪهڙي ناراضگي جي ڪري، فوجي حڪومت ۾ شامل ٿيو.

HDA ۾ نوڪريءَ دوران ڪافي واسطا وڌيا. جو شهر جي ميئر، ڊپٽي ميئر، بشير چانڊيو صاحب، حيدرآباد ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين، ڊپٽي ڪمشنر، اميرن، وزيرن سيني سان ڪٽي نہ ڪٽي ملاقات ٿيندي رهندي هئي. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين جناب پير جان سرهندي سان ڪافي دوستي هوندي هئي. جناب عبدالحميد جتوئي صاحب جو فرزند، جناب لياقت علي خان جتوئي، جيڪو اڳتي هلي سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو، تنهن سان ڪافي ڪچهريون ٿينديون هيون. جڏهن پاڻ ٽنڊي سڙڪ واري پيٽرول پمپ جي پنيان هڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ هر روز شام جو ويهندو هو تہ پوءِ فون ڪري مون کي بہ گهرائيندو هو. اُن سان دوستي تڏهن ٿئي، جڏهن مان جناب غلام مصطفيٰ جتوئي خان جو هڪ خط ڪيس اچي ڏنو هو. جتوئي صاحب سدائين مهربان هوندا هئا. حيدرآباد جي احد يوسف وزير صحت سان بہ چاڻ سڃاڻ ٿي، جو هو ڪافي دفعا اسان جي نئين اسڪمين کي ڏسڻ ايندو رهندو هو. مرزا اطهر بيگ، جيڪي مرزا قليچ بيگ جي ڪٽنب مان آهن، اُنهن سان ڪافي دفعا استاد خان محمد جماليءَ جي معرفت ملاقات ٿي.

سريلنڪا جو ڊپٽي منسٽر پنهنجي وفد سميت حيدرآباد آيو، جنهن کي اسان جاپان مان گهرايل ڊڪٽائيل آئرن پائيپ (Ductile Iron Pipe) ڏيکاريا، جيڪي شهر ۾ پاڻيءَ جي رسائي لاءِ خريد ڪيا ويا هئا ۽ ڪجهہ پيون (Installation) بہ ڪين وزٽ ڪرايون. هي وزير خيرسگالي دوري تي حيدرآباد آيو هيو ۽ شهر اندر ترقي وارن ڪمن کي ڏسڻ جي خواهش ڪئي هئي.

ڊائري جا ورق (1982)

اپريل 1982ع جي مهيني ۾، سينٽرل سپيرير سروسز(CSS) جي امتحان ۾ ويهڻ جو شوق ٿيو پر جڏهن فارم پرايم تہ عمر جي حد کان ڪجهہ سال وڌيڪ هجڻ ڪري فارم ڪونہ قبول پيو ۽ عمر جي حد ۾ رعايت جو اختيار گورنر صاحب وٽ هو، جيڪو اتان حاصل ڪرڻ، مارشلا جي دور ۾ مشڪل ڪم هو. جناب سليم خان صاحب عمر جي حوالي سان بہ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن، جي ڪراچيءَ واري آفيس ۾ ڪنهن دوست سان ڳالهايو، ليڪن ڪو آسرو ڪونہ مليو. DG صاحب انهن کي اهو سمجهائڻ

جي ڪوشش ڪئي تہ عمر جي حد صرف حڪومتي ملازمن لاءِ آهي ۽ خودمختيار ادارن (Autonomous Bodies) جي ملازمن لاءِ خود بورڊ (FBSC) کي اختيار مليل آهي.

- انگريزي اخبار ’ڊان‘ ۾ هڪ ننڍي خبر آئي تہ ڪراچيءَ کان اينڊڙ فوڪر جهاز جي فلائيٽ، جڏهن موهن جي دڙي ايئرپورٽ تي لٿي، تہ اُن مان عمري تي ويندڙ احرام ۾ مبلوس هڪ پنڌڻ جو ٽولو لٿو، جن لهڻ سان ايئرپورٽ بلڊنگ کي جده سمجهي، پتين ۽ نلهن کي چمڻ لڳو تہ ايئرپورٽ انتظاميہ انهن کان جڏهن پڇيو، تہ چيائون اسان عمري لاءِ جده پهتا آهيون، پاڪ جاءِ هجڻ ڪري چمي رهيا آهيون. دراصل ڪنهن ٺڳ ايجنٽ، هنن کي عمرو ڪرائڻ جي بهاني جده جو پورو ڪرايو ورتي، ڪنهن طريقي سان موهن جي دڙي ڏانهن لوڪل فلائيٽ ۾ چاڙهي ڇڏيو. عجب آهي اهڙن ٺڳن تي جو عمري وارن کي بہ ڪونہ ٿا بخشين. انهن ڏينهن ۾ ٺڳين جا عجيب واقعا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا.
- پير حسام الدين راشدي، 70 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو. هي وڏو ليکڪ ۽ شاعر هئو سنڌي - اردو ۽ پرشين زبانن تي ڪين عبور حاصل هو ۽ ٺٽي ۾ ڪيس دفنايو ويو.
- استاد عطا محمد حامي، ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ گذاري ويا، سندن عمر 63 سال هئي، پاڻ مون کي ممتاز ڪاليج ۾ سنڌي پڙهائي هئائين. مينگهي ۾ جڏهن فقير غلام حيدر گوڏڙئي جي ميلي تي آيا تہ ساڻس ڪچهري بہ ٿي هئي، سندس گردا فيل ٿي ويا هئا.
- عربستان جو شاهہ خالد دل جي دوري سبب گذاري ويو، 1913 ۾ ڄائو هو. وليعهد فهد کي بادشاهي ڏني وئي.
- جنگ اخبار ۾ آيو تہ سيوهڻ وٽ هڪ بئراج ٺاهيو ويندو ۽ برطانوي انجنيئرن ان پروپوزل کي پاس ڪيو آهي، جنهن ذريعي 21 لک ايڪڙ اضافي زمين آباد ٿيندي. زرعي معيشيت ۾ انقلابي سڌارو ايندو. هن اسڪيم جي ضرورت سکر بئراج ٺهڻ وقت محسوس ڪئي وئي هئي. سنڌ جي سياستدانن ان تي ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. هن بئراج جي ٺهڻ سان سانگهڙ، ٿرپارڪر، نواب شاهہ، حيدرآباد ضلع کي وڏيڪ فائدو پهچندو. افسوس جو اهو منصوبو پاءِ تڪميل تائين نہ رسيو ۽ فائيلن جي قبرستان ۾ هميشہ لاءِ دفن ٿي ويو هن منصوبي جي

تڪميل سان، هزارين خاندان روزگار سان لڳن ها ۽ سنڌ جي معيشيت ۾ ڪئي دفعا وڌيڪ بهتري اچي ها.

❖ گورنر سنڌ، ٽنڊو ڄام جي ايگريڪلچرل ڪاتي لاءِ، جپان مان آيل نَوَن بلڊوزرن جو افتتاح ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ، حيدرآباد جي نيشنل بئنڪ جي بلڊنگ ۾ حيدرآباد ۾ اينڊڙ هائوسنگ اسڪيمن بابت معلومات ورتي، جنهن ۾ HDA جون سڀ رهائشي اسڪيمون، جهڙوڪ قاسم آباد، ڪوهسار، ايئرپورٽ پرسان گنجي ٽڪر تي گلستان سرمست ۽ ڄامشوري ۾ گلشن شهباز رهائشي اسڪيمون شامل هُيون.گورنر صاحب ايترن وڏن رهائشي منصوبن جو ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ساراهڻ ڪانسواءِ نہ رهي سگهيو.

❖ جهلم مان هڪ ئي قبيلي جا 30 ماڻهو ريل ذريعي اچي ڪراچي پهتا ۽ سيني سندن هڪ نوجوان ڇوڪرِي جي خواب ڏسڻ ۽ اُن جي تعبير جي تعميل لاءِ سڌو سنئون سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو. جن ڪي اتان، جي ملازمن، 15 ڄڻن کي ڪڍي ورتو باقي ٻيا سڀ جن ۾ ٻار، عورتون ۽ مرد هئا، ٻڏي مري ويا. خبر پئي تہ سندن ڇوڪري جيڪا شايد فقيرياڻي يا عَليل هُئي، تنهن خواب ۾ ڏٺو تہ هِن کي سمنڊ ذريعي ڪربلا معليٰ وڃڻ جو حڪم مليو آهي. انڪري سڀ جا سڀ اُن خواب جي تعميل ڪندي بغير ڪنهن معقول سهاري يا مدد جي سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو. هڪ عجيب واقعو آهي، جنهن جو منطق اڃان تائين سمجهہ ۾ نہ آيو آهي.

HDA کي الوداع

ڊائريڪٽر جنرل، جناب سليم خان ڏاڏو ايماندار هو. ليڪن ڪنن جو ڪچو هو جو مسٽر افضل جا لفظ سندس پوڙن ڪنن ۾ گهڙي گهر ڪري ويندا هئا. سليم صاحب کي ٻُڌڻ جي تڪليف هُئي، سو اُنڪري هميشہ پاڻ سان، ٻُڌڻ جو مددگار اوزار (Hearing Aid) لڳائي رکندو هو. ايترو تہ هوشيار هو، جو جڏهن ڪنهن جي ڳالهہ نہ ٻڌڻي هوندي هُيس، تہ مشين کي ان وقت بٽن ذريعي بند ڪري ڇڏيندو هو، اهڙي طرح جو اڳئين کي محسوس نہ ٿئي ۽ پوءِ پيو صرف مٿو لوڏيندو هُيو، جيئن ڳالهہ ٻُڌندڙ سمجهي تہ هُن کي هُو بلڪل ٻڌي رهيو آهي. نماز باجماعت آفيس ۾ ٿيندي هُئي، پابندي سان پڙهندو هو. HDA جو سيڪريٽري، مسٽر عنايت الله

جوڻيجو صاحب هو، جيڪو ٿوري عرصي ۾ بدلي ٿي ويو، جنهن ڪانپوءِ ڏيپلي جو حبيب الله ميمڻ آيو، جيڪو ڪجھ لالچي هو ۽ هر اينڊڙ ويندڙ ڪان پيو پڇندو هو تہ ڇا آندو اٿئي.ڪاٺ جو ڏاڍو شوقين هوندو هو. بهرحال ٻئي سڪيريٽري صاحبان مون سان سٺو اخلاق رکيائون جو مان سندن ٿورائتو آهيان. مسٽر جوڻيجو ڪچي آبادي جو ڊائريڪٽر ٿي رٽائر ڪيو.

HDA جي ٽن سالن جي قليل عرصي ۾، ڏاڍي سخت محنت ڪئي ۽ پاڻ ميجرايو پر پراڻن رانديگرن جي ڳجھن حملن ۽ منافقت ٿڪائي وڌو جو اهڙي فرسوده ماحول ۾ وڌيڪ ترسڻ مناسب نہ لڳڻ لڳو. لالچي انسان، بکايل ڳجھن وانگر هر وقت شڪار جي تانگھہ ۾ راتين جو ويهي نئين شڪار جي منصوبابندي ڪرڻ، ٻٽي معيار (Double Standard) جي اصولن مون کي منجهائي وڌو. مان هاڻي پڪو ارادو ڪيو تہ نوڪري لاءِ هيءَ جاءِ مناسب ڪونہ آهي ۽ مان پنهنجي حاصل ڪيل علم کي عوام ۽ ملڪ جي فائدي لاءِ استعمال ڪرڻ بدران ڇڻ تہ مورڳو وڃائڻ لڳس، جيئن رکيل لوھہ کي ڪَٽُ لڳي ڪمزور ڪري ڇڏيندي آهي.

مان اخبارن ۾، نوڪرين لاءِ اشتهارن تي وري ٻيهر ڌيان ڏنو ۽ درخواستون موڪلڻ شروع ڪري ڏنيون. جتي بہ درخواست موڪلي، اُنهن منهنجي اعليٰ تعليم ڏسي، فورن انٽرويو ڪال ڏني.

سڀ ڪان پهريائين مونکي نيسپاڪ (NESPAK) مان بغير انٽرويو جي آرڊر اچي مليو،جو مون کي پوءِ خبر پئي تہ، انٽرويو ڪاميٽي ۾، ڊاڪٽر اشرف ملڪ جن ميمبر هئا، جيڪي AIT مان ڊاڪٽريٽ ڪري آيا هُئا ۽ منهنجا AIT دوران دوست هئا، انڪري لاهور انٽرويو تي وڃڻ معاف ڪيو ويو ۽ پوسٽ ذريعي آرڊر موڪلي ڏنو، جنهن لاءِ مان انهن کي هڪ مهينہ جي دخلڪاري مدت وڌائڻ لاءِ عرض ڪيو جيڪو هنن قبول ڪيو. لاهور پري هجڻ ڪري مون کي مڙيوئي ڳالھہ نہ وڻي ۽ دخلڪاري ڪان معذرت ڪئي.

ان ڪانپوءِ منهنجو ملائيشيا جي، مارا انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي، ڪئالالمپور،جنهن جو اڳ ۾ بہ ذڪر ڪري چڪو آهيان، ڪراچي جي Overseas office ۾ انٽرويو ٿيو، جنهن ۾ ملائيشين ڊيليگيشن موجود هُئا. آخرڪار پگهار ٿوري ڏيڻ ڪري (ڏھہ هزار روپيہ) ٻيو پڙهائڻ جي شعبي ڪان بيزاري هجڻ ڪري، آفر قبول ڪونہ ڪيو جو مان هُنن کي،ويهہ هزار روپيہ ماهوار چئي هليو آيس.

ٽيون انٽرويو ڪال، عراق جي ڪنهن ملٽري ڪاليج ۾ پڙهائڻ لاءِ هو، جيڪو پاڪستان اوئرسيز ڪراچي جي آفيس ۾ ٽيٽو هو، پر اُن انٽرويو تي انڪري ڪونه وڃي سگهيس جو عيد جو ڏينهن هو ۽ ايران عراق وچ ۾ جنگ هلندڙ هُئي.

سعودي عرب لاءِ تياري

پاڪستان جي ڪنسلٽنگ فرم،ACE لاءِ انٽرويو آيو پر وڃي ڪونه سگهيس. فيبروري 1983، سعودي امپلائمينٽ بيورو (Saudi Employment Bearu) گِذري آفيس مان ڪال آئي. اِها نوڪري سعودي منسٽري آف ڊفينس اينڊ ايويئيشن MODA (Minister of Defence & Aviation) ۾ سِول انجنيئرنگ جي هڪ جاءِ لاءِ هُئي. سنيري ڪاغذات ڪٺي، هڪ ڏينهن حيدرآباد مان، بس ۾ سوار ٿي،ڪراچي پهتس. انٽرويو تي آيل ڪافي اميدوار سُٺن ڪپڙن ۾ ملبوس ۽ هشاش بشاش پئي لڳا. منهنجي واري اچڻ تي، جڏهن ڪمري اندر داخل ٿيم تہ اُتي ٻہ سعودي ۽ هڪ پاڪستاني آفيس ترجمان، مسٽر رضا موجود هُئا. مون کي ڪُرسي تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ اڌو گابري انگريزي ۾، تعليم ۽ تجربي بابت سوال ڪيائون. منهنجي ماسٽرس آف انجنيئرنگ ڊگري ڏسي، وري مون ڏانهن گهوري ڏٺائون، جنهن مان دل ۾ سمجهي ويس تہ هتي شايد منهنجو ڪم ٿي ويندو. سعودي انٽرويو وٺندڙن مان هڪ ملٽري اتاشي ۽ ٻيو ڪرنل بوگري هو، جيڪو شاهہ عبدالعزيز ڇانوڻي، تبوڪ، (King Abdul Aziz Military City Tabok (KAMC) مان، ان ڪم لاءِ خاص ڪري آيو هو. منهنجو اندازو آهي تہ بوگري، اصلي سنڌي ذات “پرڳڙي” جي بگڙيل صورت پئي لڳي جيڪو گهڻو وقت اڳ سنڌ مان حج لاءِ آيل هجن ۽ پوءِ اُتي ترسي پيا هجن. سعودي امپلائمينٽ بيورو، سعودي ڪائونسوليٽ جي گِذري واري آفيس ۾ قائم هيو، جتي سعودي حڪومت مختلف ادارن ۾ آسامين کي پرڻ لاءِ، سِڌي ريت چونڊ ڪندي رهندي هُئي. ٽيم مون کان، سرٽيفڪيٽ بابت سوال ڪيا ۽ انهن ادارن بابت معلومات ورتي جتان مان پڙهي آيو هئس ۽ ڪم ڪري تجربو حاصل ڪيو هو. مان ڪولي وضاحت سان، هڪ هڪ ڪري بيان ڪري ٻڌايو، جنهن ڪانپوءِ مون کي چيائون تہ اسان توهان کي جلدي اطلاع ڪنداسين.

مون کي سعودي امپلائمينٽ اتاشي طرفان هڪ رجسٽرڊ خط مليو، جنهن ۾ هُنن مون کي، 5 مارچ تي ٻيهر انٽرويو لاءِ اچڻ جو چيو پر ڪجھہ اهڙي مصروفيت هئي جو مان پنجن جي بدران ڇهين تاريخ تي هليو ويس.

جڏهن آئون اندر داخل ٿيس ته، هو منهنجي پگهار ۽ گريڊ بابت مون سان مشاورت ڪرڻ لڳا. مون کي سڌو سئون سعودي منسٽري آف ڊفينس اينڊ ايويشن (MODA) ۾ ڀرتي ڪرڻ جي صورت ۾، منهنجي پگهار ۽ گريڊ، منسٽري جي اڳ ۾ مقرر اسڪيل سان مطابقت رکڻ لاءِ شايد منهنجي اضافي تعليم کين ڪجهه مونجهاري جو شڪار ڪري وڌو، جو اِن عهدي لاءِ هنن کي بيچلر ڊگري گهربل هُئي. آخر گهڻي مشاورت کانپوءِ مون کي گريڊ (7) ست ۾ مقرر ڪري، پگهار ۾ ماسٽرس جون ٻه انڪريمنٽ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا. مان کين صاف چئي ڏنو ته توهان مون کي ماسٽرس جي اسڪيل ۾ رکو ته نيڪ آهي، ورنه مون کي قبول نه آهي. ٽوٽل پگهار ٿاهي ٻڌايائون، جيڪا تقريباً 3500 ريال بيني ۽ ان سان گڏ هر سال، ٽي اضافي پگهارون گهر جي رهائش لاءِ يا ڪرائي جي مد ۾، ميڊيڪل ۽ ڪنوينس حڪومت جي ذميواري هوندي ۽ هر سال 45 ڏينهن موڪل سان گڏ پگهار ۽ فئملي سميت ٽي ٽڪيٽ جهاز جي سفرلاءِ ڏيڻ تي پڻ راضي ٿيا. مان پگهار گهٽ هئڻ ڪري کين وڌائڻ لاءِ چيو ته آخرڪار هنن (عربن) ترجمان کي عربي ۾ ڪجهه چيو، جنهن مون کي اتان وٺي، ٻئي ڪمري ۾ ويهاري سمجهايو ته پگهار حڪومت جي نهيل اسڪيل مطابق آهن، جنهن کي ڪابه طاقت ردوبدل نه ٿي ڪري سگهي. انڪري توهان راضي ٿيو جو توهان جي اعليٰ تعليم به انهيءَ فيلڊ ۾ آهي ۽ هو چون ٿا ته اُتي وڃڻ کانپوءِ چانوٽي جي حوالي سان، ڪافي ٻيون به سهولتون آهن. جهڙوڪ:اوور ٽائيم وغيره. توهان انٽرويو ۾ پهرين پوزيشن ڪئي آهي، جي ڀلا توهان نه ويندا ته پوءِ ٻئي نمبر واري کي موڪلي ڇڏيندا سون. پر منهنجي توهان کي گذارش آهي ته توهان هائوڪريو. همراهه ڏاڙهي سان نيڪ ۽ نمازي پئي لڳو پر مان الائي ڇو اڙي پيس، جو کيس هڪ هفته جي مهلت لاءِ چئي نڪري آيس. آخر ۾ هُن وري اندر وڃي سعودي آفيسرن کان ڪجهه صلاح مشورو ڪري، مون کي چيائين ته نيڪ آهي، توهان هڪ هفتي بعد اچي،پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪريو ته جيئن معاملو اڳتي وڌائي سگهجي. مان هائوڪار ڪري، ادا ظفر علي ڏانهن نئين هليو ويس جو ادي کي پنهنجي طبيعت ڊاڪٽر کي ڏيکارڻي هُئي ۽ هو نئين ۾ SDM مقرر هُيو. رات رهي، صبح جو اسان کي،محترم فقير سڪندر علي خان جي فون آئي جنهن ۾ خبر پئي ته اسان جي سوٽ نادر علي ابن فوج علي، جيڪو پوليس ۾ جمعدار هو

تنهن جو پنهنجي ساهرن سان گهريلو معاملي تي جهڳڙي دوران قتل ٿيو آهي. هو هڪ جذباتي (Short Tempered) ۽ جلدي ناراض ٿي وڃڻ واري شخصيت جو مالڪ هُيو. سدائين گهر ۾ شڪ شُبا ڪري، جهڳڙي ۾ مشغول رهندو هو ۽ پاڙن ۽ سؤٽن سان پڻ ٿوري ٿوري ڳالهه تي ڪٽي هٿين پوندو هو، جو شايد انڪري جو ڪيس ڪي پوليس جي ٽريننگ آيل هُئي. چورن ۽ ڌاڙيلن سان گهٽ هٿ ڳنڍيندو هيو، ليڪن ڪمزورن سان هر هفتہ جڏهن ڳوٺ ايندو هو، تہ جي شام گُسي ويندي هئس، تہ رات جو اچانڪ هُل هنگاما تي ويندا هُئا. اُنهن ڏينهن ۾ هن شايد گهرواري کي ڪا هلڪي ڦلڪي مارڪٽ ڪُئي، جيڪا پاڙي مان، ڪنهن دوست / دشمن، سندس سَهُرن (In-laws) ڏانهن نياپو موڪلي ڏنو تہ توهان جي ڇوڪري کي ڏاڍي مار ملي آهي، سو اُهي اٺن ڪلو ميٽرن کان ٽرڪيٽرن تي چڙهي اچي نادر علي کي گهر ۾ ڏاڍي مارڪٽ ڪئي ۽ گهر واري کي ٻارن سميت وٺي هليا ويا، جيڪا نادر علي کي ڳالهہ پسند نہ آئي.نادر جا ٻہ پاٹر ۽ ڪجهہ سؤٽ بہ اُن وقت موجود هُئا. ليڪن هو پري کان ايندڙن کي شايد روڪي نہ سگهيا ۽ نہ وري ڪنهن انهن کي ٺهراءَ جو مشورو ڏنو. اسان کي ٻڌڻ ۾ آيو تہ نادر اِها ڪارگذاري برداشت نہ ڪري سگهيو. هن سَهُري جن کان پنهنجن ٻارن کي واپس وٺڻ جي جڏهن ڪوشش ڪئي، تہ هُنن ڪيس ڏڪ هڻي زخمي ڪري وڌو. زخمن، ڏکن ۽ ٻارن جي پاڻ کان جُدائي برداشت نہ ڪرڻ ڪري، صبح تي پنهنجي گهر اڳيان هڪ وڻ ۾ ٽنگيل (Suicide) ڏنو ويو، جنهن تي ڏاڍو صدمو رسيو.

اسان ٻئي ڀائر، ٽتي مان ڪار ذريعي ڳوٺ روانا ٿياسين، شام جو پهچڻ ڪانپوءِ مٿئين واقعي جي پوري خبر پئي، ڏاڍو ڏک ٿيو. صبح جو فقير سڪندر علي، ظفر علي ۽ مان گڏجي خيرپور ۾ سپرينٽنڊنٽ آف پوليس (SP) سان ملياسين جنهن خاطري ڏياري تہ انصاف ڪيو ويندو ۽ ڪيس کي مارشل ڪورٽ ڏانهن منتقل ڪنداسين. نري ٺاٹي تي سندس ڀاءُ جعفر ڪيس داخل ڪرايو، جتي هڪ بروهي ٺاٹي جو انچارج هو. بهرحال ڪيس اڳتي نہ هليو ۽ راجوٽي نهراءَ تحت ماٺ ٿي وئي. ادا ۽ مان ٽئين ڏينهن تي واپس هليا آياسين. مان پوءِ گورنر ۽ ٻين پوليس جي اعليٰ آفيسرن کي انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيلي گرام موڪليندو رهيم. پر افسوس جو سندس ڀاٹرن ڪيس جي پوئواري صحيح طريقي سان نہ ڪئي ۽ خون ائين وڏيرن ۽ چڱ مڙسن جي وَر چڙهي ويو.

سعودي نوڪري واري آفيس ڪي، ڪافي دوستن جي صلاح مشوري کان پوءِ، فون ڪري ڪين آفر قبول ڪرڻ لاءِ چيو، جنهن تي هنن مونکي پاسپورٽ، جنهن تي پروفيشن ۾ سِول انجنيئر (Civil Engineer) لکيل هجي، هڪ هفتي اندر جمع ڪرائڻ لاءِ چيو جو ويزا اڳ ۾ اچي چڪي هئي. منهنجا ڪاغذ،منظوري لاءِ سعودي عرب موڪلي چڏيا هُئا، ان لاءِ تہ اُن محڪمي جي رضامندي (Consent) ضروري هئي ۽ بعد ۾ ائين نہ چون تہ چونديل اميدوار اسان جي معيار تي نہ ٿو لهي. منهنجي ملازمت جي چونڊ ۾ ڪنهن بہ ايجنٽ جو واسطو نہ هو، سڌو سنئون سعودي سفارتخاني جي نوڪري ڏيارڻ واري اتاشي جي آفيس سان رابطو هو، تنهن ڪري نہ سُفارش جي ضرورت پئي ۽ نہ وري رشِوت جي. الحمد الله، ڪم وقت تي آساني سان ٿيندو رهيو. سڀ سَنَدُون پاڪستان جي پرڏيهي معمالن جي آفيس (Office of Foreign Affairs) مان تصديق ڪرايا ۽ ميڊيڪل جو سرٽيفڪيٽ ڪراچي جي سِول سرجن سينٽرل هاسپيٽل کان وٺڻو هو، سو اُتي رشوت جا 120 روپيا ڏيڻ کانپوءِ فٽنيس جو سرٽيفڪيٽ مليو، جنهن تي منهنجي سِول سرجن سان ٿورو تلخ ڪلامي بہ ٿي. سِول سرجن پئسا وٺي بغير ڪنهن چڪاس جي سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيو.

سِولِ انجنيئر جي هڪ آسامي تي مون کي مقرر ڪيو ويو ۽ ٻيو پلمبر جي جاءِ لاءِ، ڪراچيِ مان محمد صديق علي ۽ ايسڪري ٽيڪنيشن لاءِ مسٽر علي محمد چنڊ کي مقرر ڪيو ويو، جيڪو LMC ۾ ڪم ڪندڙ هو. تبوڪ ۾ محمد صديق، مون وٽ ڪم ڪيو پر چنڊ جي خبر نہ پئي تہ سعودي عرب جي ڪهڙي شهر ۾ ڪيس نوڪري ملي.

ميڊيڪل جو فٽنيس سرٽيفڪيٽ آفيس ۾ ڏنو تہ هڪ ويزا لاءِ خاص خط مليو، جيڪو مون کي ڊپٽي ڪنسوليٽ جي آفيس ۾ بذات خود جمع ڪرائڻو هو، سو مان وڃي ڊپٽي ڪانسوليٽ جنرل سان مليس جنهن مونکي ويزا فارم ڏنو، جيڪو ڀري واپس ڏنو ۽ اُن سان گڏ، پاسپورٽ ۽ ٻيا بہ ڪافي گهربل ڪاغذ جمع ٿيا. اُنهن ويزا لاءِ هڪ هفتي جو وقت ڏنو جو اُن مقرر وقت تي ويزا لڳل پاسپورٽ ملي ويو. ان دوران اسٽار رڪروٽنگ ايجنسي طرفان بہ هڪ انٽرويو لاءِ آچ آئي، جيڪا قبول نہ ڪئي، جو سعودي عرب لاءِ ڪم تي ويو هو.

هاڻي مون کي چيو ويو تہ پروڪٽر آف اميگريشن (Proctor of Immigration) کان ڪليئرنس وٺي اچڻو آهي. سو آفيس پڇائي وڃي ڳولي لڌي. ڪليئرنس لاءِ درخواست ڏنم جن ساڳئي ڏينهن تي ڪليئرنس ڏنو پر اُن

ڏينهن الله تعاليٰ مون کي هڪ خطرناڪ ڪارجي حادثي کان بچائي وڌو، جو روڊ ڪراس ڪندي، هڪ تيز رفتار ٽيڪسي اچي ذري گهٽ مون کي ٽڪر هيون. سعودي بيورو کي پروڪٽر آف اميگريش وارو ڪليئرنس ملڻ تي،سعودي ايئر لائين ڏانهن ٽڪيٽ لاءِ ليٽر مليو. اُهو کڻي جڏهن ايئرلائين آفيس پهتس تہ اُنهن وري اسٽيٽ بئنڪ ڏانهن ٽيهہ ڊالرن جي فارين ايڪسچينج وٺڻ لاءِ خط ڏنو. مون سان گڏ مسٽر جاويد ولد الاهي بخش ساڻ هو، جو ڪراچي جو واقف ڪار هيو، تنهن اسٽيٽ بئنڪ وڃي ٽيهہ ڊالر ورتا ۽ ٻئي ڏينهن وڃي ايئر لائين جي دفتر پهتاسين، جن ڪراچيءَ کان رياض جي ٽڪيٽ ڏني ۽ فلائيٽ نمبر SV 353، تاريخ 7/5/1983، صبح 8 بجي مقرر ٿي. مسٽر اسرار جن سرٽيفڪيٽ جي تصديق دوران ۽ پاسپورٽ سعودي ڪنسوليٽ جي آفيس ۾ ويزا لڳرائڻ وقت ڏاڍي مدد ڪئي. مون کي ٽڪيٽ ۽ ويزا لڳل پاسپورٽ سان گڏ هڪ بند لفافو ڏنو ويو، جنهن ۾ منهنجا سڀ دستاويزات، نوڪري جي آڇ وغيره جا ڪاغذ شامل هُئا، جيڪي مون کي رياض جي ملٽري هيڊ ڪوارٽر (Military HQ) ۾ ڏيڻا هُئا. اُهي سڀ کڻي 7 مئي، صبح جو فلائيٽ جي حوالي سان ٽي ڪلاڪ اڳ ۾ ايئرپورٽ پهچڻو هو. آئون اِهي سيئي ڪاغذات هٿ ڪري، حيدرآباد هليو ويس جو اجان وڃڻ ۾ 8 ڏينهن باقي هُئا ۽ HDA مان ٻہ ڪنهن نموني سان جان آزاد ڪرائڻي هئي. حيدرآباد اچي ٽن مهينن جي موڪل لاءِ درخواست ڏني، جيڪا بالا آفيسرن قبول نہ ڪئي. پوءِ آئون پنهنجي چارج شيٽ ناهي، تنهي سب انجنيئرن کان اُن تي صحيحون وٺي پوءِ ٽن ڏينهن جي ايمرجنسي موڪل لاءِ درخواست ڏني جو ٻيجڻ جي ٻئي ڪا واهہ نظر ڪونہ آئي. فلائيٽ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ فون تي اطلاع ڏنو ويو تہ منهنجي فلائيٽ 7 مئي جي بجاءِ 8 مئي تي شام جو 5:50 تي آهي ۽ نمبر SV351 اٿس. ڪراچي رياض ٽن ڪلاڪن جي هوائي سفر ڪرڻ ڪانپوءِ مغرب نماز ڏاران، 7 بجہ رياض ايئرپورٽ تي پهتاسين.

ڪراچي ايئرپورٽ تي مون کي الوداع (See Off) لاءِ، برادرم ظفر علي صاحب ۽ مسٽر جاويد ولد الاهي بخش جن گڏ آيل هُئا.

رياض ۾ پهچڻ

رياض ايئرپورٽ تي، مون کي عربي ٻولي نہ سمجهڻ ڪري ڏاڍي تڪليف ٿي جو اميگريشن ۾ ڪسٽم وارا بہ انگريزي ڪونہ پيا ڳالهائين ۽

عربي مون ڪي سمجهه ۾ نه پئي آئي. اميگريشن ۽ ڪسٽم کان جان ڇڏائي، جڏهن ٻاهرين دروازي وٽ پهتس، ته مسٽر ممتاز ميمڻ، AIT وارو، منهنجو ڪلاس ميٽ انتظار ۾ بيٺو هو، جنهن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري گهر وٺي ويو. ايئرپورٽ کان ممتاز جي گهر ويندي شهر جي رونق، صفائي ۽ ٽريفڪ جو انتظام ڏسي حيرانگي وٺي وئي. ائين محسوس ٿيو ڄڻ موهن جي دڙي مان نڪري، اچي ڪنهن جنت ۾ داخل ٿيا هجون. مون سان گڏ فلائيٽ ۾ مسٽر بشير کهڙو به هيو، جيڪو منسٽري آف هائوسنگ ۽ ورڪس ۾ نوڪري ڪندو هُيو ۽ ممتاز جو غالباً واقف ڪار هو، جو اُن کي به گاڏي ۾ ويهاريو هُئائين. ممتاز جي گهر پهچڻ ڪانپوءِ جلدي عشاءَ جي نماز ٿي. جنهن لاءِ ممتاز مون کي مسجد ڏانهن گڏ پيدل وٺي ويو. نماز مسجد ۾ پڙهي مان جڏهن سُنتون ادا ڪيون ته سجدي دوران غالباً، هٿن سان گڏ، ٻانهن کي به مُصلي سان لڳايو. جنهن تي هڪ سعودي عربيءَ ۾، الاهي سمجهايو پر مون کي عربي سمجهه ۾ ته ڪونه آئي، ليڪن هُن جي اشارن مان سمجهي ويس ته سجدي مهل ٻانهن کي مُسلي تي رکڻو نه آهي ۽ صرف هٿ رکڻا هوندا آهن.

نماز پڙهي، پرسان واري دڪان (عربي ۾ بقالو چون) تي چڙهي ويس، جتي هر شيءَ صاف سٿري ۽ ترتيب سان ڏسي پنهنجي ملڪ جي دوڪانن واري حالت تعجب ۾ وجهي ڇڏيو. مان فرج (ثلاج عربي ۾) مان هڪ ٽِن پريل رس جي بوتل خريد ڪئي پر ان کي کولڻ منهنجي لاءِ هڪ مسئلو ٿي ويو. ڪوشش ڪيم پر نه کلي سگهي، جنهن کي مان دخل تي وينل مقامي ماڻهوءَ کي اشارن ۾ کولڻ لاءِ چيو، ته منٽ ڪن منهنجي منهن ڏانهن ڏسندو رهيو،پر ڪاوڙ ۾ کولي ڏنائين.

ممتاز جي گهر اُن رات هڪ نئين پٽ جي ولادت ٿي، جنهن جو نالو راحيل رکيو ويو. رات رهي صبح سوير مان ڪراچي مان سعودي ڪنسوليٽ وٽان جيڪي سِيل ٿيل لفافو ڏنو ويو هو، سو ڪٽي وڃي رياض جي آرمي هيڊڪوارٽر جي آفيس ۾ ڏنم، جتان وري انهن مون کي به سيل ٿيل لفافا تبوڪ آرمي ڪمانڊر جي آفيس ۾ ڏيڻ لاءِ ڏنا. تبوڪ وڃڻ لاءِ فلائيٽ بوڪ ڪرائڻي هُئي، جو 1400 ڪلوميٽرن جو مفاصلو روڊ رستي ڪرڻ وقت جو ذيان هو. ممتاز ميمڻ ۽ انصاري صاحب مون کي رات ٽِڪي صبح واري فلائيٽ تي وڃڻ لاءِ مشورو ڏنو، جو پوءِ خبر پئي ته رات جو تبوڪ پهچي، خامخواه خوار ٿيان ها، جو اتي ڪو اهڙو واقف

ماڻهو ڪونہ هُيو ۽ نہ وري عربي ٻولي سمجھ ۾ پئي آئي. عرب دنيا ۾ انگريزي گهٽ سمجهي ۽ ڳالهائي وڃي ٿي. ٽيڪسي وارا تہ بلڪل جٽ آهن، پر جي ڪو هندوستاني، فلپيني يا بنگالي ٽيڪسي ڊرائيور ملي وڃي، تہ پوءِ توهان جا ياڳ آهن جو سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. ايترو جو ايئرپورٽ لفظ کان بہ مقامي ٽيڪسي ڊرائيور لاعلم ڏٺا، پوءِ مون ايئرپورٽ جو عربي وارو لفظ 'المَطَارُ' ياد ڪري ڇڏيو.غالباً رياض ۾ اهو پهريون عربي ٻولي جو لفظ سکيو هيم.

شاهہ عبدالعزيز ملٽري چانوٽي (KAMC) تبوڪ ۾ پهچڻ

شام جي فلائيٽ منسوخ ڪرائي،ٻئي صبح واري فلائيٽ تبوڪ لاءِ بڪ ڪرائي. اهڙيءَ طرح بہ راتيون رياض ۾ رهي، صبح جو ٽيڪسي ڪري ايئرپورٽ پهچي، تبوڪ واري فلائيٽ ۾ وڃي سوار ٿيس. مسٽر ظفر جيڪو رياض ۾ ممتاز جن جو دوست هو، اُن تبوڪ ايئرپورٽ تي مونکي وٺڻ لاءِ پنهنجي واقفار/ دوست، مسٽر محمد شريف کي چيو، جيڪو منهنجي انتظار ۾ تبوڪ ايئرپورٽ تي اڳي بيٺو هو، جنهن پنهنجي گاڏيءَ ذريعي شاه عبدالعزيز ملٽري چانوٽي KAMC جي گيٽ نمبر 4 تي ڪٽي آيو، جتان ملٽري پوليس جي ڊيوٽي تي بيٺل جوانن، اسان کي اندر وڃڻ نہ ڏنو، جو هر اندر ويندڙ گاڏي کي داخل ٿيڻ جي اجازت جو هڪ ڪارڊ ڏنل هوندو آهي، جيڪو اسان وٽ ڪونہ هو. بهرحال مسٽر محمد شريف اُنهن کي گهٽو ئي عربي ۾سمجهايو تہ هي نئون انجنيئر، پاڪستان مان پرتي ٿي آيو آهي. اُنهن هڪ بہ ڪونہ ٻڌي، چيائون تہ توهان گيٽ نمبر هڪ مان داخل ٿيو جو ڪمانڊر آفيس اتان بلڪل ويجهي آهي. اتان گاڏي ڪڍي،انهن جي ڏسيل رستي سان ڪو بہ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اُن گيٽ تي پهچي ڪين داخل ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو پر سيڪيورٽي جي ڪري انهن ڪافي پڇا ڳاڇا ڪانپوءِ پنهنجي ڊيوٽي آفيسر کان اجازت ورتي، اسان کي اندر وڃڻ ڏنو، جو ڪمانڊر جي آفيس بلڪل نزديڪ ۽ سامهون هُئي شريف صاحب مون کي ڪمانڊر آفيس جي سامهون لاهي پاڻ ڊيوٽيءَ تي واپس هليو ويو جو هُن ويچاري جا بہ ٽي ڪلاڪ ضايع ٿي ويا. مون بہ لفافا ۽ هڪ هئنڊ بيگ کڻي آفيس ۾ داخل ٿي، لفافا ڏنم تہ انهن مون کي هڪ آفيس ۾ وٺي ويهاري، هڪ ننڍي شيشي جي گلاس ۾ بغير کير جي 'شاءِ' ڏني، جيڪا مان پيتي ۽ ڏاڍي

مهيدار لڳي. هُو مون کي عربيءَ ۾ ڪجهہ چوندا رهيا شاءِ ۽ مرحبا جا لفظ ياد اٿم جيڪي بار بار چوندا رهيا. سعودي عرب ۾ 'شاءِ وڳهوا' پچڻ عام رواج آهي. عرب آفيسر کي انگريزي ڪونہ ٿي آئي ۽ مون کي وري عربي سمجهہ ڪونہ پئي آئي، سو لفافا ڪٺي وجي ڪنهن وڏي آفيسر کي ڏنائين تنهن کيس شايد ٻڌايو هجيس تہ هي نئون پرتي ڪيل انجنيئر آهي، جيڪو هن ملٽري ڇانوڻي جي 'ادارة المدينہ العسڪريہ' جي سار سنڀال واري کاتي (Operation & Maintenance Service) ۾ ڪم ڪندو. بهرحال هڪ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ، هنن مون کي پنهنجو ڊرائيور ڏئي، گيٽ نمبر ۾ مان داخل ٿي وجي، اُن 'اداري' جنهن کي ادارة الملڪ عبدالعزيز العسڪريہ بتبوڪ چيو وجي ٿو جي ڊاريڪٽر جي آفيس وجي حوالي ڪيو. هاٽي هي اُها جاءِ هُئي، جنهن لاءِ مون کي پرتي ڪيو ويو هو. اداري جي مسٽر خليل الرحمٰن صاحب جيڪو چيف انجنيئر جي عهدي تي ڪم ڪندو هو، اُن وٽ ڊيوٽي رپورٽ ڪيم، جنهن ڪافي مدد ڪئي. ڏاڍا ملنسار ۽ پڙهيل ڳڙهيل انجنيئر هئا، غالباً انجنيئرنگ ۾ آمريڪا مان ماسٽرس ڪيل هُئي ۽ پاڪستان جي PWD مان رٽائرمينٽ وني، هتي نوڪري ڪرڻ آيو هو. هو پنجاب مان ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ جي علائقي مان هو.

خليل الرحمٰن، مسٽر اجمل خان منهنجي حوالي ڪيو،جنهن هڪ ٻئي ڏينهن ۾ سڀ تقاضائون ۽ رسمون جيڪي نئين ايندڙ لاءِ ضروري هيون، سي 'مڪتب الفراد' (Personnel Office) مان پوريون ڪرايون. مسٽر خليل الرحمٰن صاحب مون کي اداري جي ڊائريڪٽر، ڪرنل فواد لامين جي آفيس ۾ ملاقات ڪرائي ڪرنل صاحب سان منهنجو تعارف، سُنن لفظن ۾ ڪرايو، جنهن ڪانپوءِ ڪرنل فراد مون کان ڪجهہ خير آفيت لاءِ انگريزي ۾ ڳالهايو ۽ خليل صاحب کيس منهنجي رهائش جي بندوبست لاءِ ياد ڪرايو. منهنجي رهائش هڪ گيسٽ هائوس، جنهن کي موٽل (Motel) سڏيندا هُئا، ان ۾ ڏني. اِن موٽل ۾ اُهي يورپين پڻ رهندا هُئا، جيڪي ڇانوڻي ۾ هلندڙ منصوبن جي صلاحڪاري (Consultancy) تي معمور هُئا. ان موٽل ۾ هڪ پاڪستاني ايئر فورس، مان رٽائرڊ (اليڪٽريڪل ٽيڪنالاجي ۾)، مسٽر محمد اقبال افسر بہ رهندو هو، جيڪو رڌ پچا بہ پنهنجي ڪمري ۾ ڪندو هو، ان جي مون کي بہ سهولت ملي، جو ميس وغيره جي سهولت ويجهي ڪانہ هئي. اِن موٽل ۾ هر سهولت، مثلاً ڪمرا سڀ ايئرڪنڊيشنڊ، ڪمري سان اٽيچڊ باٿ روم ۽ فلي فرنشڊ، ڪامن لانڊري روم ۽ ڪچن شامل هوندو هو.

ڏسو اسان جا حال

موٽل جو 30 نمبر ڪمرو، مون کي ڏنو ويو. اقبال صاحب ايئرفورس جون خبرون ٻڌائي ٽڪائي ڇڏيندو هو. اداري ۾ پاڪستانين جي سياست جون اهڙيون ته ڳالهيون ٻڌايائين، جو مون کي ڊپ ٿيڻ لڳو ته هتي نوڪري الائي ڪيترا ڏينهن هلندي. بهرحال سُنو ٿيو جو هلندڙ ماحول (Current affairs) ۽ پاڪستانين جو پنهنجو پاڻ ۾ اٽبٽت ۽ اندروني تفرقي بازي بابت ڪجهه علم حاصل ٿيو. مان اڳواٽ خبردار ٿي ويس، ته هتي به پاڪستانين جو ساڳيو حال آهي، جيڪو ملڪ اندر آهي ۽ مونکي ته هي سڄو ماحول، ڪُتي جي پُڇ وارو قصو ٿي لڳو. مسٽر خليل الرحمنٰ، سيني ڪان وڌيڪ تجربيڪار،سمجهدار ۽ پڙهيل هو ۽ هِن ئي اِهي سڀ پاڪستان لاهور ۽ اسلام آباد مان ڀرتي ڪرايا هئا، جو اُن وقت پاڻ وڃي انٽرويو ڪري، پنهنجي پسند جا اميدوار چونڊي ڪٺي ايندو هُيو. هِن جو وڏو مخالف سندس ئي ڀرتي ڪيل مسٽر جمشيد هو، جنهن کي اڪثر ماڻهو ’ڪريلو‘ (Bitter Gourd) جي نالي سان پڪاريندا هُئا. هو اسٽيٽ آفيس (State Office) ۾ ڪلارڪ هو. جمشيد چانوٽي اندر گهر ۽ آفيسن جي الاٽمينٽ ڪان پوءِ صفائي فرنيچر پهچائڻ ۽ چاٻين جي حفاظت ڪان علاوه، بلڊنگس جي هينڊنگ ۽ ٽيڪنگ اوور وغيره جهڙا معاملا به هِن جي حوالي هوندا هئا. سيڪيورٽي آفيسر ۽ ٻيا سعودي آفيسرن جي غلامي ڪندي پنهنجو ماڻُ مضبوط ڪري چڪو هو تنهن ڪري پاڪستاني آفيسرن جي ڪاڻ ڪونه ڪڍندو هو. اهو پاڪستانين ۾ وڏو مرض پڪڙيل هو، ته پنهنجي وفاداري ۽ فرمانبرداري، صرف ٻاهرين ۽ سعودي آفيسر جي ڪندا هُئا. جنهن ڪان پوءِ اُنهن کي پنهنجن سان سني ورتاء رکڻ جي ڪائي ضرورت نه هوندي هئي. جمشيد به اداري جي سيڪيورٽي آفيسر جيڪو آرمي ۾ ڪيپٽن ۽ هڪ قبيلي جي رئيس جو پٽ هجڻ ڪري اداري ۾ اجنبي ملازمن تي هرويرو به رعب تاب ڪندو رهندو هو. اهو ٻڌو ويو هو ته، جمشيد اُن ڪيپٽن سان، پنهنجي منهن پاڪستانين کي گهٽ وڌ ڳالهائي، پاڻ کي وڏائيندو هو. اهڙي قسم جا گهڻيا ماڻهوهر سوسائٽي ۾ هوندا آهن. ٻاهرين سان ملي ڪري خوامخواهه پنهنجن کي تنگ ڪرڻ سندن شيوو بنجي ويندو آهي.

موٽل جي لگزري ايئرڪنڊيشن ڪمري ۾ ڏاڍي سڪون جي ننڊ ڪري صبح جو مسٽر اقبال افسر سان سندس گاڏي ذريعي آفيس ويس اُتي

ڪافي پاڪستاني ملڻ آيا، جن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پنهنجو ماحول پاسڻ لڳو. اداري جي مکيه ڪاتن جا سربراهه پاڪستاني انجنيئر هئا پر افسوس جو هڪ ٻئي کان نفرت ڪندا هُئا ۽ هر هڪ پنهنجو گروپ ٺاهي ڇڏيو هو. سِول انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو سربراهه، مسٽر امين حمدان هو، جيڪو دائريڪٽر ڪرنل فواد امين جو رشتي ۾ سالو هو. پاڪستانين ۾ ميڪينيڪل ڊپارٽمينٽ جو، مسٽر ابوالحسن، اليڪٽريڪل ڊپارٽمينٽ واري جو نالو ياد نه آهي، ٽيليفون ڊپارٽمينٽ جو، مسٽر غلام سرور ۽ ايگريڪلچر جو مسٽر رشيد چوڌري جيڪو غالباً ڊپوٽيشن تي آيل هو. ليڪن افسوس جو هو پاڻ ۾ اندروني منافقت ڪري، مختلف گروهن ۾ ورهايل هئا ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه ۽ ملڻ جلڻ کان عاري هئا.

پاٽيءَ جي رسد ۽ نيڪال جو ڪاتو تنهن وقت سِوِل ڊپارٽمينٽ سان شامل هو، جيڪو اڳتي هلي پاڻمرادو ڊپارٽمينٽ تي ويو ۽ مان انجو سربراهه ٿي ويس.

سعودي عرب ۾ خميس ۽ جمع جي ڏينهن تي عام موڪل هوندي هئي سو پهچڻ سان اِهي ٻه ڏينهن موٽل ۾ آرامَ سان گذريا بلڪ خميس جي ڏينهن اقبال افسر سان تبوڪ شهر گهمڻ ۽ ڪجهه خريداري ڪرڻ نڪري ويس. اسان جي ڇانوڻي (KAMC) تبوڪ شهر کان ڪجهه ڪلوميٽرن تي ڏکڻ طرف واقع هئي پر هاڻي ته ڇانوڻي ۽ شهر پاڻ ۾ ملي ويا آهن. ڇانوڻي جي اوپر طرف، تبوڪ ايئرپورٽ آهي، جيڪو پڻ هاڻي شهر جي بلڪل ويجهو ٿي ويو آهي. تبوڪ شهر جي آبادي چند سالن ۾ وڏي بيٽين تي وئي آهي.

مسٽر جمشيد ٻئي ڏينهن فون ڪري مون کي شهر جي هڪ هوٽل ۾ رات جي ماني کارائڻ لاءِ چيو، پوءِ شهر وياسين مغرب جي نماز مسجد رسول ۾ پڙهي، هوٽل ۾ کاڌو کائي مونکي موٽل تي ڇڏي ويو. ڪچهري دوران مسٽر خليل صاحب جي خلاف ڳالهائيندو رهيو ۽ اداري بابت مختلف احوال ڏنائين. هن جو مطلب هو ته مان هِن جي گروپ ۾ شامل ٿيان. بهرحال مان گهر بار ڇڏي حلال رزق جي ڳولا ۾ نڪتو هئس ۽ نه ڪنهن پارٽي يا گروپ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ، هيترا جتن ۽ ڪشالا ڪيا هيم. دل ۾ سوچيندو رهيم ته الله تعاليٰ، اسان پاڪستانين کي ڪا هدايت ڏئي، جو سيٰ پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ڀائيچاري واري واٽ تي هلون ۽ نفرتن، منافقت ۽ تفرقي بازي کان بچون.

جمع ڏينهن نماز ادا ڪري، ڇانوڻي جي اندر ”اسٽار مارڪيٽ“ وياسين ۽ ڪجهہ ضرورت جون شيون وٺي هوٽل ۾ ڪاڏو پچائي، ٻنهين گڏجي کاڌو. اقبال صاحب ايئرفورس جي نوڪري دوران ڪاڌي پچائڻ جو سٺو تجربو رکندو هو، هوئنن بہ آرمي ۾ هر شئي جي ٽريننگ ڏني ويندي آهي.

ڇنڇر جي ڏينهن، هفتي جي شروعات ٿيندي آهي، آفيس مان ٿي موٽل پهتس تہ ڊاڪٽر عبدالقادر شيخ (لاڙڪاڻو) جيڪو هِتي جي ملٽري هاسپيٽل ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ ڪجهہ عرصو اڳ دهران مان بدلي ٿي آيو هو، ان جي فون آئي، جنهن ڪي ڊاڪٽر پروفيسر اي.ايف عباسي جيڪو دهران انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ پڙهائيندو هو، منهنجي پارٽ ڪئي هئي. ڊاڪٽر شيخ ملڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ رات جي ماني هوٽل تي ڪائي سندس گهر اچي ڪچهري ڪئي. سائين ڏاڍو دلبر ماڻهو هو، جو وڏي عمر هجڻ ڪري سنڌي ۾ ڳالهائيندي اردو ۽ عربي ڪي بنا جِهجَهڪَ جي استعمال ڪري ويندو هو ۽ ٻڌڻ وارو جي ناواقف يا ناسمجهہ هوندو تہ ڏاڍو پريشان ٿي ويندو هو. سندس ملاقات ڊاڪٽر عباسي صاحب (ڄامشورو انجنيئرنگ ڪاليج جو اڳوڻو پرنسپال) سان دهران ۾ ٿي هئي جو ٻئي اُتي نوڪري ڪندا هُئا. بهرحال ڊاڪٽر شيخ صاحب ڏاڍو خوش طبع ۽ مانيٽو طبيعت جو مالڪ هوندو هو.

مسٽر خليل رحمان، ڪرنل فواد جي رضامندي سان مون ڪي اداري جي سول انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي پاڻي جي رسد، نڪاسي آب ۽ سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ سيڪشن (Water Supply & sewage treatment plant) ۾ انچارج ڪري رکيو جو اڳ ۾ ملٽري انجنيئرنگ سروسز (MES) مان مقرر ڪيل مسٽر نصير اختر شِفائي، جو ٽن سالن وارو مدو ختم ٿيڻ ڪي ويجهو هو. مسٽر نصير ڏاڍو معتبر شخصيت جو مالڪ هو ۽ هر ڳالهہ مون سان ونڊيندو رهندو هو ۽ هميشہ پاڪستانن جي سياست کان پري رهڻ ۾ بهتري جي تلقين ڪندو رهندو هو. مسٽر نصير اختر جو مون سان گڏ هجڻ ڪري سٺو سهارو ثابت ٿيو، جو پنهجن ڪي پاڻ مُنهن ڏيندو هُيو. ڇهہ ست مهينا سندس ساٿ، مون لاءِ روشني ۽ رهنمائي هو، ليڪن افسوس جو وڃڻ کان پوءِ ساڻس پاڪستان ۾ ڪوئي رابطو نہ رهيو.

پوسٽنگ ملڻ کانپوءِ چوٿين ڏينهن تي مسٽر جمشيد پنهنجي شيطاني حرڪتن کان باز نہ رهيو، جو وڃي اُن ڪيپٽن انچارج سيڪيورٽيءَ ڪي منهنجي خلاف پڙڪايو، جنهن مون ڪي گهُرائي چيو تہ بابا تون موٽل مان نڪري ’بريگا ڪيمپ‘ جي بئچلر اڪوموڊيشن ۾ رهہ. حالانڪ هُن ڪي اِها

۽ خبر هئي تہ آئون انجنيئر جي پوسٽ تي پرتي ٿي آيو آهيان ۽ نہ ڪنهن ليبر يا ٽيڪنيشن جي جاءِ تي پر عقل هجي تہ اهڙي ڳالهہ ئي نہ ڪري ها. جڏهن مان مسٽر خليل الرحمٰن سان ذڪر ڪيو تہ هُن وجي اداري جي ڊائريڪٽر ڪرنل فواد امين سان ڳالهہ ڪئي، جنهن مون کي انجنيئرس ڪيمپ ۾ ٽي بيڊ روم جو گهر الاٽ ڪري ڏنو ۽ چيائين تہ مان پاڻ سيڪيورٽي آفيسر سان ڳالهائيندس. اِها هڪ شرارت ڪئي وئي هئي پر مان پوءِ بہ سندس گروپ ۾ شامل ڪونہ ٿيس، ليڪن منهنجي رب اُن کي منهنجي ڀلائيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو، جو اِن بهاني ڪري ايئرڪنڊيشنڊ ۽ فرنِشڊ گهر ملي ويو، الحمدالله.

مسٽر نصير مون کي 25 ڪلو ميٽر پنڌ تي آرمرڊ برگيڊ (Armour Birgade) جي ٽريٽمينٽ پلانٽ جو معائنو ڪرڻ لاءِ وٺي ويو جو اُن پلانٽ جي ترتيب (Process) جي هڪ ايڪي (Unit) جنهن کي بايوڊسڪ (Bio-Disc) چئبو آهي، جي خراب ٿي وڃڻ ڪري، پورو پلانٽ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. سو اِن لاءِ مسٽر خليل ۽ ڪرنل ٻئي اچي موقع تي نڪتا ۽ ان جي بحالي لاءِ بحث مباحثو، پلانٽ جي ڪنسلٽنٽ بيسل (Basil) ۽ ٺيڪيدار ميشرز توپا (Topa) سان ڪرڻو پيو، جنهن ۾ مان بہ شامل هئس، پوءِ انهن اِن کي جلدي ٺيڪ ڪرڻ جو واعدو ڪيو.

سعودي عرب ۾، هر قسم جا پلانٽ جديد ٽيڪنالاجي تي ٺهيل آهن ۽ اعليٰ معيار جي اڌاوت شرطيہ هوندي آهي. پلانٽ مٽيريل سڀ، جا سڀ آمريڪا يا يورپ مان درآمد ڪيا ويندا آهن ۽ اُن جي چڪاس لاءِ انٽرنيشنل ڪنسلٽنٽ هوندا آهن، جن جي منظوري (Okay) ڪرڻ کان پوءِ آخري پيرو آپريشن ٽيم اچي، مشينري ۽ پرزن کي چڪاس ڪري سرٽيفڪيٽ ڏيندي آهي. جنهن کانپوءِ اُن پلانٽ جي قيمت جي ادائگي ڪئي ويندي آهي. هتي ائين نہ آهي تہ ٽينڊر ٽيڻ کان اڳ 20% رشوت ۽ 30% ٽينڊر ملڻ کان پوءِ رشوت ورتي ويندي آهي ۽ جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو 60% وڃي اصلي ڪم تي خرچ ٿيندو آهي، جنهن جو معيار توهان سمجهي سگهو ٿا تہ ڪهڙو نہ بيڇڙو هوندو پر اڄڪلهہ بدو آهي تہ سنڌ ۾ ڪن منصوبن کي صرف ڪاغذن ۾ ئي پورو ڪري سڄي رقم هضم ڪئي وڃي ٿي. رشوت ٿيئن دنيا جي ملڪن ۾ تباهي ڪري ڇڏي آهي. اهوئي سبب آهي جو روڊ ٺاهي ٽريفڪ لاءِ مَس کوليندا آهن تہ ٽُٽڻ شروع ڪندا آهن. ايتري بي ايماني ٿيندي تہ ڪو بہ منصوبو گهڻو وقت نہ هلي سگهندو۽

بالا آخر ملڪ ترقي نہ ڪري سگھندو. لڳي ائين ٿو تہ اسان جي ملڪ ۾ بي ايماني، رُشوت ايترو تہ زور وٺي وئي آهي جو هاڻي ناسور جي شڪل اختيار ڪري وئي آهي، جنهن مان هن وقت جان ڇڏائڻ مهال آهي، جو پٽيوالي، چوڪيدار کان وٺي پيرن، اميرن، هر سرڪاري ڪامورن ۽ وزيرن تائين ڪُلي عام عروج تي چڙهيل آهي ان موذي مرض کان ڪو ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ پري تائين ڪو روشنيءَ جو ڪرڻو بہ نظر ڪونہ پيو اچي.اسان هڪ اهڙي اٽڏنل پيچري تي روان دوان آهيون، جيڪو تباهي ۽ بربادي ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. بنيادي نقطو اهو آهي تہ اسان ڪي جيڪا بہ جوابداري حوالي ڪيل آهي، ان ڪي نيڪ نيتي ۽ ايمانداريءَ سان سرانجام ڏيڻ کان قاصر آهيون. ڏسو پنگي کان بادشاهہ تائين، پنهنجو ڪم سچائي، خلوص ۽ صلاحيت سان نہ ٿو ڪيو وڃي. ڪاٺ مان ٺهيل پر رونق تاج محل کي اڏوهي چؤطرف وڪوڙي وئي آهي ۽ محل اندر رهندڙ سپ گهري ننڊ ۾ گم آهن پوءِ جي سُجاڳي وقت اندر نہ آئي تہ هي پورو محل ڪمزور ٿي، ڪنهن مهل اچي اوچتي ڌڙام ڪري ڪِري نہ پوي. افسوس آهي تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي ديس ۽ ماڻهن جي سورن ۽ ڏکن جو احساس رکن ٿا ۽ ملڪ هلائڻ کان بخوبي واقف آهن، سي غيرن جي قوميت جي شوق ۾ مزدوري ۽ ٽيڪسي هلائي رهيا آهن ۽ مڪارن، چورن ۽ ڌاڙيلن اچي قوم کي يرغمال ڪيو آهي.

سعودي عرب جي تاريخ تي هڪ نظر

مان اڳتي وڌڻ کان پهريائين، پڙهندڙن لاءِ سعودي عرب ۽ تبوڪ شهر بابت مختصر معلومات ڏيڻ چاهيندس.

سعودي عرب جو گهڻو حصو ريگستاني ۽ جابلو علائقن تي مشتمل آهي. حجاز جي علائقي ۾ مڪي ۽ مديني جي آبادي کان سواءِ، باقي علائقن ۾ خانہ بندوش قبيلا ايندا ويندا رهيا ۽ ڪا خاص آبادي ڪونہ هُئي. اسان جو پيارو نبي محمد صلي الله عليہ وَآلہ وسلم، جن جي مڪي ۾ 571ع ۾ پيدائش ٿي، جنهن ستين عيسوي صديءَ جي شروعات ۾، هن جزيري (Peninsula) جي مختلف قبيلن کي اسلام جي جهنڊي هيٺ گڏ ڪيو ۽ هڪ قوم جو قيام وڌو. جنهن بعد ۾ اسلامي سلطنت جون حدون ڏهن سالن اندر، اولهہ يورپ کان اوڀر ۾ پاڪستان تائين قائم ڪيون. ڏهين

صدي کان ويهين صدي جي شروعات تائين، مڪه المڪرمه ۽ مدينہ اَلمنوَره (منطقہ الحجاز) جي حڪمراني بغداد، قاهره ۽ استنبول جي حاڪمن سان مختلف عهدن (Treaties) جي بدولت، مڪي جي ’شريف‘ خاندان وٽ رهي. سورهين صدي ۾، عُثماني دور جي حڪمرانن (Ottoman Empire)، پورچيوگيزن جي طاقت کي گهٽائڻ ۽ بحرالاحمر (حجاز)، هندي سمنڊ ۾ سندن طاقت ۽ حملي کي ناڪام ڪرڻ خاطر، حجاز ۽ ايراني نار کي پنهنجي حڪمراني ۾ داخل ڪري ورتو ۽ اندروني علائقن تي مختلف قبيلن جي سردارن کي مقرر ڪري، پنهنجي هٿ هيٺ آندا. عُثماني دور ان وسيع العرض تي طويل مدت يعنيٰ چار سَوَ سال، طاقت جي عروج و زوالَ سان حڪمرانيءَ ڪئي. نيٺ 1744ع ۾ عرب جزيري جي وچ واري علائقي، نجد مان، محمد بن سعود پنهنجي طاقت کي مذهبي رهنما، جناب محمد بن عبدالوهاب جي طاقت سان جوڙي هاٺوڪي سعودي بادشاهت جو آغاز ڪيو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. پهرين سعودي رياست جو وجود، 1744ع ۾ رياض جي علائقي ۾ وڌو ۽ آهستي پنهنجي طاقت جي زور تي، پر وارا علائقا فتح ڪري، پنهنجي ڪنٽرول ۾ آڻيندا ويا، پر 1818ع ۾، محمد علي پاشا، عثماني دور جي مصري وائسراءِ، اِن کي ختم ڪري ڇڏيو. وري بيهر نجد ۾ 1824ع محمد بن سعود ڪوشش ڪري، هڪ ننڍڙي علائقي کي فتح ڪري، قابض ٿيو پر 1891ع ۾ مڪي جي الراشد قبيلي جنگ ذريعي محمد بن سعود کي شڪست ڏني، جو هو جلا وطن ٿي ڪويت ۾ رهيو. جتان وري ٿيون دفعو پنهنجي ملڪ کي آزاد ڪرائڻ جون تياريون ڪندو رهيو. ان وقت ڪويت تي عبدالله الصباح جي حڪمراني هُئي. ويهين صدي جي شروعات ۾، جزيره عرب تي مختلف قبيلن جي سردارن جو حڪم هوندو هو جن ۾ الراشد نجد جي علائقي تي قابض هئو ۽ سڀ جا سڀ سردار عثماني حاڪمن جي حُڪمن جا پابند رهندا هُئا. 1902ع ۾، جڏهن ڪويت جو حاڪم مبارڪ بن الاصباح (ٻيو) هو، تہ محمد بن سعود نجد ۾ رياض جي علائقي تي هڪ مذهبي جماعت ’اخوان‘ جي مدد حاصل ڪري فتح ڪيو ۽ 1913ع ۾ عثماني حڪومت کان ’الحسا‘ جو علائقو بہ کسي ورتو.

پهرين مهاڀاري جنگ (1914-18)، دوران انگريزن مختلف عرب قبيلن کي متحده عرب رياست (United Arab State) ناهڻ لاءِ همٿايو، تہ جيئن مسلمان پاڻ ۾ وڙهي ڪمزور ٿين ۽ سندن ڏشمن عثمانيہ حڪمراني

جو هِن جزيره عرب تان خاتمو ٿئي. اِن پٺين عرب انقلاب (Pan-Arab Revolt 1916-18) ته ڪو وڏو اثر ڪونه ڏيکاريو پر مهاڀاري جنگ ۾ اتحادي ملڪن (Allied Countries) جي برتريءَ ڪري، عثمانيه حڪمراني ڪمزور ٿي ۽ جزيره عرب تان هميشه لاءِ غائب ٿي وئي.

عبدالعزيز بن عبدالرحمٰن (ابن سعود)، عرب انقلاب ۾ شريڪ نه ٿيو پر الراشد سان لڳاتار جدوجهد ۽ مزاحمت ڪندي کين شڪست ڏني ۽ 1921ع ۾ پاڻ نجد جو سُلطان (Sultan of Najid) جو لقب حاصل ڪيو ۽ اخوان المسلين جي مدد سان حجار جو علائقو 25-1924ع ۾ فتح ڪيو ۽ 10 جنوري 1926ع تي، اِبن سعود پاڻ کي حجاز جو بادشاهه (King of Hejaz) جو لقب ڏئي، 1932ع ۾ حجاز ۽ نجد جي حڪومتن کي ملائي مملڪت سعودي عرب (Kingdom of Saudi Arabia) جو نالو ڏنو ويو. اُن وقت ملڪ ۾ غربت هُئي، جو وسيلن جو دارو مدار صرف اٽپوري زراعت ۽ حاجين جي آمدني تي منحصر هوندو هو.

1938ع ۾ الحسا جو علائقو، جيڪو ملڪ جي اوپر ايراني نار جي ويجهو آهي، اُن ۾ تيل جا وڏا ذخيرا (Vast Oil Resources) دريافت ٿيا، جن کي 1941ع ۾ آمريڪن ڪمپني، آرامڪو (Arabian America Oil Company)، تيل جا کوهه کوٽائي اُنهن مان تيل ڪڍيو، جنهن ڪري پوري ملڪ ۾ اقتصادي حالت سڌري ۽ پوري ملڪ ۾ ترقي ٿي. تيل جي صنعت جي ترقيءَ ڪري، هزارين ماڻهن سعودي عرب ڏانهن روزگار ڪمائڻ جو رخ ڪيو ۽ 1976ع ڌاري، سعودي عرب دنيا ۾ تيل پيدا ڪرڻ وارن ملڪن جي فهرست ۾ پهري نمبر تي اچي ويو.

سعودي عرب جي باني ۽ باباءِ قوم، شهنشاهه عبدالعزيز السعود جي 1953ع ۾ وفات ڪانپوءِ، سندس وڏي پٽ، سعود بن عبدالعزيز کي بادشاهي جي تخت تي ويهاريو ويو جنهن 1964ع تائين ملڪ جو انتظام هلائي، سندس ڀاءُ فيصل بن عبدالعزيز جي حوالي ڪيو. 1972ع کان اڳ، تيل ڪڍڻ واري ڪمپني آرامڪو (Aramco) 100% آمريڪن هوندي هُئي، شاه فيصل، اِن سال ۾ 20% ڪمپني جا شيئر خريد ڪري پنهنجو حصو وڌو.

1973ع جي آڪٽوبر ۾، اوپيڪ OAPEC (Organization of Arab Petroleum Exporting Countries) جي عرب ملڪن، جنهن جي سربراهي سعودي عرب پئي ڪئي، تنهن مصر ۽ شام جي ملڪن، 1967ع واري اسرائيلي جنگ دوران وڃايل علائقا حاصل ڪرڻ لاءِ، ڇهن ڏينهن جي جنگ ۾ آمريڪا اسرائيل کي ملٽري امداد ڏني جنهن جي رد عمل ۾، يوم ڪپور (Yom

Kippur) جي هن جنگ ڪانپوءِ، عربن ۾ غيرت آئي، جنهن تحت آمريڪا سان گڏ، ڪئناڊا، جپان، نيدرلينڊ ۽ بريطانيہ جو تيل بند ڪيو، جنهن ڪري انهن ملڪن جي معاشي حالت بگڙجي وئي. صدر نڪسن جي هينري ڪسينجر، اسرائيل تي زور وجهي شام جي گولان هائيٽس (Golan Heights) ۽ مصر جي سحراءُ سِينا مان فوجون واپس ڪيرايون، جنهن ڪري جنوري 1974ع ڌاران تيل جي فراهمي شروع ڪئي وئي.

اِن تيل جي بندش جي نتيجي ۾، هن وقت ڪجھ اولھ جي ملڪن ۽ آمريڪن تيل جا ايترا تہ ذخيرا ٺاهي ڇڏيا آهن، جو ڪين ڪنهن بہ اهڙي قسم جي ڌمڪي کان هو هاڻي ڪونہ ٿا ڊڄن. ساڳئي وقت ٽيڪنالاجيءَ جي سبب تيل تي پنهنجو انحصار الاهي گهٽائي ڇڏيو آهي.

شاھ فيصل کي پنهنجي ڀائٽي، شهزادي فيصل بن مشهد، 1975ع ۾ قتل ڪري وڌو، جنهن کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ، خالد بن عبدالعزيز کي ملڪ جي حڪمراني ملي. شاھ خالد جي دور ۾ ملڪ جي هر شعبي ۾ ترقي ٿي ۽ آمريڪا سان ناتا وڌيڪ جوڙيا ويا. هِن دور ۾ بہ وڏا واقعي ٿيا، هڪ تہ 1979ع دوران ايران ۾ اسلامي انقلاب آيو، سعودي عرب ۾ تيل جي ذخيرن جو علائقو ايراني نار سان ملي ٿو ۽ اُن علائقي ۾ شيعہ آبادي هجڻ ڪري، شبو هو تہ، متان هتي بہ ڪي هنگامہ ٿين، جيڪي 80-1979ع دوران نروار بہ ٿيا. ٻيو واقعي حرم مڪہ المڪرمہ جي قبضي جي صورت ۾ ٿيو جيڪو 10 ڏينهن جاري رهيو ۽ سيني قابضن کي پڪڙي انهن جا سِر قلم ڪيا ويا. جنهن ڪانپوءِ سعودي عرب ۾ سئنيمائون بند ڪيون ويون ۽ اسلامي قانونن جي ڀرپور پاسداري ڪئي وئي. 1980ع ۾ آمريڪي تيل ڪمپني هڪ دفعو ٻيهر آرامڪو کي پورو جو پورو خريد ڪري ورتو. شاھ خالد، جُونِ 1982ع ۾ دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪري ويو، جنهن کان پوءِ ملڪ جون واڳون سندس ڀاءُ شاھ فهد بن عبدالعزيز جي حوالي ڪيون ويون. جنهن 1986ع ۾ پنهنجي نالي سان، ’خادمين حرمين شريفين‘(Custodian of two Holy Mosques) جو لقب شامل ڪيو. شاھ فهد، آمريڪا سان، پنهنجا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ڪيا ۽ جديد ملٽري ٽيڪنالاجي ۽ هٿيار آمريڪا ۽ برطانيہ کان خريد ڪيا. تيل جي آمدنيءَ ڪري ان جا ملڪ جي ترقيءَ تي آثار نمايان نظر اچڻ لڳا. هر شعبي ۾ انقلابي تبديليون اچڻ ڪري، سعودي سوسائٽي ۾ ان جو اثر واضع ٿيڻ لڳو. ايران، عراق جنگ واري اسي جي ڏهاڪي ۾، سعودي عرب، صدام کي ڪليل مدد ڏني پر ساڳئي طرح صدام کي ڪويت جي قبضي وقت، 1990ع

۾ ان کي نہ صرف ڪلم ڪلا نِديو پر آمريڪن ۽ ٻين ملڪن جي فوجي (Co-alition troops) نفري کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت بہ ڏني ۽ هن پاڪ سر زمين تي اُنهن کي رهايو ۽ عراق مٿان سيني فوجن جي مدد سان، حملو ڪري، ڪويت کي 1991ع ۾ آزاد ڪرايو.

ايران عراق جنگ ۾، انگلينڊ ۽ آمريڪن، ٻنهي ملڪن کي پنهنجا هٿيار ڏنا تہ جيئن ٻنهي ڌرين جي ويڙهہ ۾، ملسمانن کي ئي تہ مرڻو هو. آمريڪا ڳجهي طريقي سان، ايران کي بہ هٿيار وڪڻي ڏنا ۽ اِن جنگ مان مغربي ملڪن هٿيار وڪڻي اربين ڊالر ڪمايا. ڪويت جي اميرن ۽ عام مهاجرن کي پنهنجي سرزمين تي رهڻ ڏنو ۽ صدام جي پاسداري ڪندڙ ملڪن، يعني، يمن ۽ اُردن جي رهاڪن کي ملڪ بدر ڪري ڇڏيو. مان سمجهان ٿو تہ شاهہ فهد، پنهنجي وڏن، اِبن سعود تي ڪيل ڪويتي حُڪمرانن جي احسانن جو بار لاهي ڇڏيو.

شاهہ فهد کان ٻئي نمبر تي، سندس ننڍو ڀاءُ، شهزادو عبدالله بن عبدالعزيز ڪرائون پرنس ۽ شهزادو سلطان بن عبدالعزيز، ڊپٽي ڪرائون پرنس مقرر ڪيا ويا. شهزادو عبدالله ساڳئي وقت نيشنل گارڊ جو سپريم ڪمانڊر ۽ شهزادو سلطان، وزير دفاع جي چارج سينڀاليندا آيا. جيڪا گهڻي عرصي کان سندس هٿ ۾ هُئي.

شهزادو سلطان بن عبدالعزيز، پنهنجي واري اچڻ کان اڳ ئي 21 آڪٽوبر 2011ع تي وفات ڪري ويو ۽ شاهي خاندان ۾ نئين شهزادي جي چونڊ لاءِ ٿوري هلچل ٿي، نيٺ شهزادي نائف کي ڪرائون پرنس چونڊيو ويو پر خدا جي قدرت جو هي شهزادو بہ 2012ع ۾ وفات ڪري ويو، جنهن کان پوءِ شاهہ عبدالله پنهنجي ڀاءُ سلمان بند عبدالعزيز کي ولي عهد جي ڪرُسي ڏني. هن وقت شاهہ عبدالله جي وفات کانپوءِ، ولي عهد سُلمان بن عبدالعزيز سعودي عرب جو بادشاهہ آهي.

ڪويت جي آزاديءَ جي جنگ، دنيا ۾ اقتصادي بدحالي پيدا ڪئي ۽ ٻاهرين ملڪن جي فوجن، جڏهن سعودي زمين تي رهي ڪري، عراق تي حملو ڪيو تہ ڪافي مذهبي عقيدي رکڻ وارا، اُن تي ناراض ٿيا ۽ اعتراض واريو. ليڪن ڪنهن بہ ان تي ڪَنُ نہ ڌريو ۽ نتيجي ۾ ملڪ اندر ڪجهہ ناراضگي ۽ هنگامن جا آثار نمودار ٿيا ۽ عوام ۾ آمريڪا ۽ يورپ لاءِ نفرت جو بنياد پيو.

2001ع دوران، هائي جيڪرن آمريڪا جا چار هوائي جهاز اغوا ڪري، نيويارڪ، واشنگٽن ۽ ورجينا تي حملا ڪيا، جنهن ۾ 3000 کان وڌيڪ

آمريڪي باشندا مئا ۽ اِهو چيو وڃي ٿو تہ 19 هائي جيڪرن مان، 15 سعودي عرب جا باشندا هُئا. اِن جي رد عمل ۾ آمريڪي صدر جارج بش سڄي دنيا جي فوج گڏ ڪري، افغانستان ۽ عراق تي حملا ڪري، ٻنهي ملڪن جي حڪومتن کي هٽائي پاڻ قابض ٿي ويٺو ۽ لکين مسلمان ٻنهي جنگين ۾ شهيد ٿيا. انهن جنگين ۾ ايترو تہ نقصان ٿيو جو ڪيترائي ملڪ اقتصادي طور ڪمزور ٿيا ۽ طاقتور ادارا، بئنڪون، تيل جون ڪمپنيون ڏيوالپڻي جو شڪار (Bank Rupt) ٿي ويون.

شاهہ فهد، 1995ع ۾ دل جي دوري پوڻ ڪري، سخت بيمار ٿي پيو. جنهن ڪان پوءِ سندس ننگو ڀاءُ ڪرائون پرنس، عبدالله کي انچارج (Defacto Regent) بادشاهہ جي جوابداري ڏني وئي، جنهن تي فهد جي سڳن ڀائرن جيڪي سَتَ سُديري (Sudairi Seven) سان مشهور آهن اعتراض ڪيو.

شاهہ فهد، 2003ع دوران صدام کان ڪويت جي آزادي واري جنگ ۾، پنهنجي آرمي کي شامل نہ ڪيو، ليڪن عوام ۾ ڪافي بي چيني ڦهلجي وئي. جنهن تي شاهہ فهد، مارچ 1992ع ۾ ’بنيادي قانون‘ Basic Laws جو نفاذ عمل ۾ آندو ۽ 1993ع ۾ ’شورا ڪائونسل‘ (Consultative Council) جو بنياد وڌو، جيڪا چيئرمين ۽ 60 ميمبرن تي مشتمل هئي.

اپريل 2005ع ۾ پهريون دفعو سعودي عرب ۾ بلدياتي چونڊون (Muncipal Election) ڪرايون ويون جنهن ۾ عورتن کي ووٽ ڏيڻ جو حق حاصل ڪونہ هُيو. 2005ع ۾ شاهہ فهد وفات ڪري ويو، جنهن کانپوءِ پرنس عبدالله کي شهنشاهہ جو لقب مليو.

شاهہ عبدالله ملڪ اندر اقتصادي اصلاح (Economic Reforms) آندي تہ جيئن تيل جي آمدنيءَ تي گهٽ انحصار هجي. اِن سان گڏ عدليہ فوج ۽ مختلف وزارتن ۾ تبديليون ۽ جديد نظام جي اندراج شامل آهن ويو هڪ عورت کي ڊپٽي منسٽري جي عهدي تي پڻ فائز ڪيو، جيڪو سعودي تاريخ ۾ پهريو واقعو آهي. ان کان علاوه، عوام جي ڀلائي لاءِ پنج لک نوان گهر ۽ لکين نين نوڪرين جون جايون پيدا ڪيون تہ جيئن ماڻهن کي گهر هجن ۽ ڪين نوڪري بہ ملي.

سعودي عرب ۾ بادشاهہ سان گڏ، مذهبي عالمن جي وڏي اهميت آهي جو هر فيصلي يا قانون ۾ عالمن جي اعتماد جي ضرورت پوندي آهي. عالم گهڻو ڪري الشيخ قبيلي سان تعلق رکن ٿا، جيڪي مجيل مذهبي ديندار آهن ۽ محمد بن عبدالوهاب جي اولاد مان آهن. ملڪ جو نظام

اسلامي شريعت يعنيٰ قرآن شريف ۽ سنت محمدي ﷺ جي مطابق هلايا وڃن ٿا.

سعودي عرب، يونائيٽيڊ نيشنس جو ميمبر 1945ع ۾ ٿيو، عرب ليگ (Arab League)، گلف ڪو آپريشنس ڪائونسل (Gulf Co-Operation Council) مسلم ورلڊ ليگ (Muslim World League) ۽ او.آءِ.سي (Organization of Islamic Co-Operation) جو بنيادي ميمبر آهي.

سعودي عرب، دنيا ۾ چوٽي جي انهن ڏهن ملڪن ۾ شامل ٿئي ٿو، جيڪي ملڪ پنهنجي فوجي طاقت تي وڏيڪ پئسو لڳائن ٿا. آمريڪا ۽ پاڪستان سان سندس سُٺا فوجي لاڳاپا قائم آهن.

مقامي ماڻهو سعودي ملٽري طاقت ۾ شامل آهن، رائل سعودي لينڊ فورسز ايئر فورس، نيوي، ايئر ڊفينس، نيشنل گارڊ ۽ پئرا ملٽري فورس، جن جي ڪُلي تعداد سوا ٻه لک متحرڪ نفري تي مشتمل آهي. لينڊ فورس ۽ نيشنل گارڊ ۾ پرتي خاص وفادار قبيلن جي فردن مان ڪئي ويندي آهي.

سعودي عرب ۾ تيل جي ذخيرن کان علاوه سُون جون ڪلٽيون، مهدالذهب (Cradle of Gold) ۾ موجود آهن، جن مان هر سال سون ڪڍي بازار ۾ آندو ويندو آهي.

سعودي عرب ۾ تعليم عام ۽ مفت آهي بلڪ شاگردن کي ڪتاب ۽ لنچ وغيره اسڪولن ۾ سرڪاري انتظام تحت هلندڙ ميس هال ذريعي مهيا ڪئي ويندي آهي. تعليمي معيار ڪنهن به يورپي ملڪ کان گهٽ نه آهي ۽ هن وقت، 2014ع دوران عورتن ۾ لٽريسي ريٽ 81% آهي ۽ مردن ۾ اِن عدد کان ڪجهه مٿي آهي.

جديد فني تعليم لاءِ ڪافي يونيورسٽيون، وڏن شهرن ۾ کوليون ويون آهن، جتي استادن جو معيار اعليٰ آهي ۽ انهن کي يورپ مان پرتي ڪري پڙهائڻ لاءِ آندو وڃي ٿو.

سعودي عرب جي آدم شماري (2013)، ٻه ڪروڙ ستر لک آهي، جن مان پنجونجاهه لک غير سعودي آهن. سعودي عرب جي، 1950ع ۾ آدمشماري ٽيهه لک هُئي، ليڪن تيل جي ذخيرن نڪرڻ کان پوءِ آبادي ۾ بي انتها اضافو ٿيو آهي. سعودي عرب ۾ مکيه ٻولي عربي آهي، ليڪن ٿوري مختلف اوچارن سان، حجازي عربي، نجدي عربي ۽ ٽئين گلف عربي

ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ان کان علاوه ٻاهران آيل ماڻهو پنهنجون ٻوليون، جهڙوڪ فلپيني ٽگالو، پاڪستاني اردو، بنگالي وغيره ڳالهائن ٿا.

سعودي عرب ملڪ جذيره عرب جو اسي سيڪڙو ايراضيءَ تي محيط آهي. جزيره ۽ ٻيٽ ۾ فرق اهو آهي، جو ٻيٽ جي چئو طرف پاڻي هوندو آهي ۽ جزيره کي ٽن طرفن کان پاڻي هوندو آهي ۽ چوٿون طرف زمين سان مليل هوندو آهي. سعودي عرب جون ڏکڻيون سرحدون، متحده عرب امارات ۽ عُمان سان ملن ٿيون، جيڪا وڏي ايراضي ريگستان تي مشتمل آهي، جنهن کي دنيا جو وڏو ۽ وسيع ريگستان چيو وڃي ٿو، جيڪو ربُالخالي علائقو (Rub-al-Khali) سان مشهور آهي. هن ملڪ جي اوڀر واري سرحد قطر، بحرين، ڪويت ۽ ايراني نار سان ملي ٿي ۽ اتر طرف، عراق ۽ اولهه ۾ اُردن ۽ بحر احمر (Red Sea) آهي، جيڪو سعودي عرب کي مصر کان جدا ڪري ٿو. يمن جو ملڪ جو وري سندس ڏکڻ جي سرحد سان ملي ٿو. صحراءِ سِينا (Senai Peninada) مصر جو حصو آهي، بحر احمر کي نقشي ۾ ڏسڻ سان، انجي شڪل هڪ واڳئون جيان نظر ايندي، جيڪو ڇڻ سندس جڙا (Jaws) ڪنهن وڏي شڪار کي قابو ڪرڻ ۽ ڳڙڪائڻ لاءِ کوليو وينو هجي، اُهو علائقو اِهو آهي، جتي بحر الاحمر ٻن حصن ۾ جدا ٿئي ٿو، جن مان هڪ حصي کي اَقِبا نار (Gulf of Aqba) ۽ ٻئي کي مصر جي سُئز ڪئنال چئجي ٿو. سعودي عرب جو تبوڪ شهر بہ مصر جو صحراءِ سينا جي سامهون اچي ٿو، جنهن کي اتر اولهہ صوبو (North Western Province) چيو وڃي ٿو. شهر تبوڪ، مدينہ منوره کان، 700 ڪلوميٽر اتر اولهہ طرف واقع آهي. هن شهر ۾ سعودي عرب جي سڀ کان وڏي ملٽري ڇانوڻي KAMC ۽ ايئر بيس (Air Base) آباد آهي، جنهنجو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

بحرالحمر واري پٽيءَ سان هڪ پهاڙي سلسِلو هلي آهستي آهستي ميداني علائقي جي صورت اختيار ڪندي، نجد ۽ ايراني نار سان وڃي ملي ٿو. هن ملڪ ۾ نہ ڪا وڏي ندي وهي ٿي ۽ نہ وري ڪي پاڻي جون ڍنڍيون آهن. البت برساتي نالن ۽ ندين جو ڄار جيڪو قدرتي طرح وجود ۾ آيل آهي سو موجود ملندو، جيڪو روڊ ذريعي سفر ڪرڻ وقت نظر ايندو. اسير ريجن، جيڪا ڏکڻ اولهہ ۾ واقع آهي،اهو جابلو علائقو آهي ۽ سرسبز ۽ شاداب پڻ آهي. هي ملڪ 13 صوبن تي مشتمل آهي، جنهن مان، تبوڪ، اتر اولهہ واري صوبي جي گادي جو هنڌ آهي.

KAMC چانوٽي

مسٽر نصير اختر چانوٽيءَ اندر، توڙي ٻاهر، جيڪي بہ پاڻي جي رسد، نڪاسي ۽ صاف ڪرڻ جا نصب ڪيل پلانٽ مون کي توري وقت اندر ڏيکاريندو رهيو ۽ انهن ۾ هلندڙ مسئلن بابت ڄاڻ بہ ڏيندو رهندو هو. مان محنت ڪَري سيني تنصيبات جي فني معلومات هٿ ڪري، انهن جي پوري ترتيب کي سمجهي ورتو تہ جيئن ڪنهن بہ مسئلي جو حل بروقت ڪدي سگهجي.

چانوٽي هجڻ ڪري پاڻي جي سپلاءِ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي، 24 ڪلاڪ، معياري پريشر سان ڏيٽي پوندي هُئي، اڌ ڪلاڪ جي تعطل ڊائريڪٽر ۽ ڪماندر تائين شڪايت پهچي ويندي هُئي. جيئن تہ توهان کي علم آهي، سعودي عرب ۾ درياهہ يا واهہ تين ئي ڪونہ سو پاڻي پيٽرول کان بہ مهانگو ملي، پر عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ چانوٽي جي رٿابندي ڪندي يا ٺاهڻ وقت، انٽرنيشنل رهنمائي ڪندڙ ڪمپنين، هڪ وڏي غلطي ڪئي يا وري ڄاڻي واڻي هر شهري سهولت (Utility Services) مثلاً، سردي ۾ گهرن کي گرم رکڻ ۽ گرمي ۾ ايئرڪنڊيشنگ ڪرڻ، پاور هائوس کي ٿڌي ڪرڻ وارو نظام (Power House Cooling) ۽ ٻيون ڪيتريون ننڍيون وڏيون سهولتون سڀ جو سڀ، پاڻي جي رسد جي محتاج ڪري ٺاهيون. مطلب تہ سعودي عرب ۾، پاڻي هڪ اڻلڀ (Water Scarcity) ۽ ٻيو وري ان جو ڪثرت سان استعمال، ائين سمجهو تہ جيڪڏهن پاڻي جي رسد بند ٿي وڃي، تہ رڳو عام استعمال لاءِ پاڻي بند ٿيڻ سان گڏ، ٻيون سڀ سهولتون، جهڙوڪ، ايئرڪنڊيشنگ،گهرن کي گرم رکڻ ۽ بجلي جو بند ٿي وڃڻ شامل آهن. اهڙي ڏکئي ۽ پيچيده نظام کي هلائڻ هڪ مشڪل عمل هو، ليڪن الله تعاليٰ جي مهرباني سان، اهڙي نظام کي خير خوبي سان ڪيترائي سال نہ رڳو هلايو پر اُن جي سار سنڀال ۽ ٻيٽي وسعت وڌائي جو اتي جي انجنيئرن، آفيسرن ۽ اولهہ ملڪن جا ماهرن ساراهہ ڪرڻ کان نہ رهي سگهيا.

KAMC تقريباً 500 Km² جي ايراضي تي مشتمل آهي ۽ ان کان علاوه ڇهہ مختلف آس پاس جي علائقن ۾ برگيڊ ۽ يونٽس اِن سان شامل هيون جن ۾ آرمرڊ برگيڊ (Armoued Birgade)، جنهن کي بدر برگيڊ جو نالو ڏنو ويو، جڏهن 1991ع ۾ پاڪستاني برگيڊ آئي، تہ اِن بدر برگيڊ ۾ رهيل هُئي. آرمر اسڪول ، حطين برگيڊ، پرنس سلطان پئليس، بحر الحمرتي

واقع هگَل (Hygal) ۽ شرما پورٽ (Sharma Port) وغيره جي سار سنڀال بہ KAMC جي ماتحت هوندي هُئي.

پيئڻ جي پاڻي جي معيار کي پرکڻ لاءِ 100 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي حالتعمار (Halatamar) شهر، جيڪو اردن ۽ سعودي عرب جي سرحد تي واقع آهي، اوڏانهن پاڻيءَ جا نمونا کڻي ويندا هُئاسون، جتي وڏي ٽيسٽنگ ليبارٽري آهي. لبنان، شام، اردن ۽ ترڪيءَ مان جيڪي بہ ڪاڌي جون شيون سعودي عرب ۾ داخل ٿينديون آهن، انهن جي چيڪنگ لاءِ هڪ وڏي ليبارٽري ٺهيل آهي. جنهن ۾ هر ڪاڌي جي شئيءَ کي مارڪيٽ ۾ پهچڻ کان اڳ اُن جي معيار کي پرکيو ويندو آهي. حالتعمار جي ڪاڌي چڪاس ليبارٽري (Food Testing Laboratory) ۾، مون سان گڏ، مسٽر نصير شِفائي، مسٽر وحيد ۽ KAMC ليبارٽري جي، مسٽر شفي محمد کي، ويهن ڏينهن لاءِ پاڻي جي پيئڻ واري معيار (Drinkable quality of water)کي ڪيميائي طريقي جي حوالي سان چڪاس جا طريقا سکڻ لاءِ، ٽريننگ لڳي، جنهن ۾ اسان چارئي ڄڻا گاڏيءَ ۾ هر روز صبح جو سوير گڏجي نڪرندا هُئاسون ۽ سَوَ ڪلوميٽر ڪري وڃي اتي ٽريننگ وٺندا هئاسون. ٽريننگ ۾ پاڻي جي معيار بابت، ڪافي معلومات ملي، جنهن ۾ پاڻي جي مُضِر جُزن (Dangerous elements) کي ڪيئن سڃاڻجي ۽ انهن کان ڪيئن نجات حاصل ڪجي، جو پيئڻ جي پاڻي بي مضر ٿي وڃي. پاڻي ۾ موجود مختلف معدنيات (Minerals) جو مقدار، بين الاقوامي صحت جي معيار (World Health Organization) جي مطابق لازمي قرار ڏنل آهي. اِن حوالي سان پاڻي کي ٽن مکيہ طريقن سان چڪاس ڪرڻ ضروري آهي.

طبعي چڪاس (Physical Test)، ٻيو ڪيميائي چڪاس (Chemical Test)، ٽيون بئڪٽرولاجيڪل چڪاس (Bacteriological test) اسانکي تنهين چڪاسن جا مختلف طريقا سيکاريا ويا. چڪاس جي آخري طريقي ۾ پاڻي ۾ موجود انساني جان جي خطري واريون جيوت يا جراثيم، جيڪي هوا، مٽي، ٻوٽن ۽ جانورن مان پاڻي ۾ ملي، انسانن لاءِ خاص ڪري، ننڍڙن ٻارن لاءِ، خونخوار ثابت ٿين ٿا، تن کي ڪيميائي عمل ذريعي، پاڻي مان ختم ڪري سگهجي ٿو، جنهن کان پوءِ پاڻي انساني ڪپت لاءِ بي ضرر ٿي وڃي ٿو. ٽريننگ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ هر هڪ کي سَنَدَ ڏني وئي ۽ پوءِ اسان گڏجي KAMC اندر، پاڻي جي چڪاس لاءِ هڪ وڏي ليبارٽري قائم ڪئي. جنهن ذريعي پيئڻ جي پاڻيءَ جي چڪاس هر روز ڪئي ويندي هئي ۽ جيڪڏهن بئڪٽيريا موجود هجڻ جو انديشو ٿيندو هو، تہ ان کي

ختم ڪرڻ لاءِ ڪلورين (Calcum Hypochrite) جي مناسب وزن سان اُن جو خاتمو آندو ويندو هو. اهڙي طرح پاڻي جي معيار جا بيا بہ ڍه ڪن جُز آهن جن تي ليبارٽري جي چڪاس ذريعي پڻ خيال رکيو ويندو هو ۽ انهن کي يورپين يا دنيا جي صحت واري تنظيم جي مقرر ڪيل معيار مطابق، ڪنهن بہ حالت ۾ رکڻو هوندو هو، جو انهن جي مقرر ڪيل جزن جي حدن اندر رهڻ سان پاڻي کي صحت لاءِ صحيح قرار ڏنو ويندو آهي، نہ تہ اُن مان ڪابہ بيماري جنم وني سگهي ٿي جيڪا هڪ وبا (Epidemic) جي صورت اختيار ڪري وجي ٿي. اهڙي قسم جي وبا جو ڦهلجڻ سعودي عرب جي سخت قانون ۾ صحيح ڪونہ آهي.

ان دوران ڪافي پاڪستاني انجنيئرن ۽ بيا جيڪي KAMC کان ٻاهر پرائيويٽ ڪمپنين ۾ ڪم ڪندا هُئا، تن سان ملاقات ٿيندي رهي. انهن ۾ انجنيئر محمود شيخ، جيڪو آئسَ ڪمپني ۾، تبوڪ شهر کان ٻاهر راند جي ميدان جي اڏاوت تي مقرر هو تنهن تبوڪ شهر ۾ پنهنجي گهر ڪافي دفعا دعوت ڏني ۽ ٻين انجنيئرن، مسٽر محمد حفيظ ۽ مسٽر اعجاز (انڊين) سان ملاقات ٿي.

ٻهرين ريالن واري پگهار

جون 1983ع ۾، مونکي پوري هڪ مهينہ جي گذرڻ سان، پگهار واڌو هائوس رينٽ تي پگهارون ۽ بيا الائونس ملائي سعودي سترن هزارن کان وڌيڪ رقم ملي، جيڪا پاڪستاني رقم ستر هزار روپيا جي برابر هئي، 4 روپيا برابر هڪ ريال ۽ هاڻي (2014) جي ريٽ مطابق 26 روپيہ برابر آهي هڪ ريال جي. هاڻي توهان پاڻ اندازو لڳايو تہ اسان جي اقتصادي حالتون ڪيڏانهن پيون وڃن، جڏهن تہ اقتصادي ماهر ٻاهران در آمد ڪرٽا پيا پون ٿا.

پگهار ملي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مون کي پنهنجي، AIT واري سريلنڪن دوست / گڏ پڙهندڙ، مسٽر بالا سَبرا مَنيَم سان ڪيل واعدو ياد آيو، جيڪو مان پنهنجي ڊائري تي قلمبند ڪيو هو. اُن واعدي مطابق تہ جڏهن پئسو ايندو، تہ ان مان پنهنجي ڳوٺ ۾ مسجد ۽ هو پنهنجي ڳوٺ ۾، هڪ مندر ۽ هڪ اسڪول ۽ ان سان گڏ ڪجهہ غريب هوشيار شاگردن کي صرف ڪتاب وني ڏيندا سين. اِن تي وس آهر عمل ڪيو جو ڳوٺ ۾ هڪ عدد مسجد، ٻهرين سال موڪل تي اچڻ وقت ناهي ۽ ٻئي ٽئين ۽ چوٿين موڪلن دوران غريب، هوشيار ۽ محنتي شاگرد ۽ شاگردياڻين کي روڪ

پئسا ڏنا ۽ نري ميرواهه جي ڪاليج ۾ پڙهندڙ پري ميڊيڪل جي شاگردياڻين لاءِ، پرنسپال (شاهه صاحب) ڏانهن اسڪالر شپ لاءِ هڪ خط لکيو، پر پرنسپال ڪنهن جي نامينيشن ڪونه ڪئي ۽ نه وري ڪو مون کي جواب ڏنو.

پگهار ملڻ سان، ڪجهه ضرورت جون شيون وٺڻ جي خواهش جاڳي، سو اقبال صاحب کي وٺي، شهر مان هڪ عدد نيشنل TV ، ٻه هزار ريال ۾ ۽ ساڳئي ڪمپني جو VCR ٻه هزار ست سَوَ ريالن ۾ ورتا اُهي ٻئي شيون اعليٰ درجي جون ۽ مهانگي ۾ مهانگيون هُيون. هڪ عدد الارم ڪلاڪ جو صبح جو اٿڻ ۾ تڪليف ٿيندي هُئي، خريد ڪيم. ٻئي ڏينهن تي ڊٽسن 180-B ڪار، ماڊل 1980، پنهنجي گڏ ڪم ڪندڙ مسٽر صابر مرزا، جيڪو اقبال جو ويجهو دوست هو ۽ پاور هائوس ۾ مڪنيڪل انجنيئر هو، تنهن کان ڇهه هزار ٽي سَوَ ريال ۾ خريد ڪئي. اِهو سودو مسٽر اقبال جي توسط سان ٿيو.

سعودي ڊرائيونگ لائسنس

سعودي عرب ۾ جيڪڏهن توهان وٽ اچ وڃ جي سهولت، يعني گاڏي يا ڪار نه آهي ته ائين سمجهو ڇڻ منڊا آهيو. ننڍن شهر ۾ بسن جي سهولت نه هجڻ جي برابر آهي، جو هتان جو هر ماڻهو پئسي هجڻ ڪري، پنهنجي ذاتي گاڏي ضرور رکي ٿو،تنهن ڪري گاڏي جو هجڻ تمام لازمي آهي. گاڏي ڪانپوءِ وري ڏکيو مرحلو اچي ٿو ڊرائيونگ لائسنس وٺڻ جو، سو نه ٻنهه مشڪل آهي، بلڪ پاڪستان ۾ ٻئچلر ڊگري ملي ويندي، ليڪن سعودي عرب ۾ ڊرائيونگ لائسنس ڪونه ملندو. ڊرائيونگ لاءِ توهان کي اسڪول وڃڻو پوندو ۽ ٽريننگ وٺڻ کان توهان پوليس وٽ درخواست ڏيڻ جا اهل ٿيندا. اُتي توهان کي گاڏي جي هر پرزي بابت پڇيو ويندو. جنهن کان پوءِ ٽريفڪ قانون بابت سوال جواب ۽ ان ڪانپوءِ توهان کي گاڏيءَ ۾ ويهاري ٽيسٽ ورتي ويندي، جنهن ۾ گاڏي جي پوئين پير پارڪنگ (Reverse Parking) شامل آهي جنهن لاءِ مقرر ڪيل نشانن اندر پارڪنگ نه ٿيڻ جي صورت ۾ توهان کي ساڳئي مشڪ (شروع کان ٻيهر ورجائڻي پوندي. ڪئنادا ۾ ڊرائيونگ لائسنس ائين سمجهو ڄڻ، توهان کي گاڏي هلائڻ لاءِ، پي.ايڇ.ڊي ڪرڻي آهي.

مون وٽ پاڪستاني ڊرائيونگ لائسنس هجڻ ڪري ۽ انجنيئر جي رتبي جي ڪري، غالباً ڪجهه رعايت ٿي جو اُن لائسنس جو عربي ۾

ترجمو ڪرائي ڏنم، جنهنڪري مون کان ٽيسٽ وٺي هڪ هفتي اندر لائسنس ڏئي ڇڏيائون. سڀ دوست حيران ٿي ويا، ته توهان ڪهڙي گدڙ سنگهي سنگهاين جو جلدي ۾ ڪم ٿي ويو. اسان ڪي ته ڇهن مهينن کان، پيا ٽا ٽرينگون ڪرائين.

پهرين عمري جو احوال

اسان جي شعبي ۾ ڪافي تعداد پاڪستاني آپريٽرن کان وٺي سپروائيزر ۽ انجنيئر جي عهدي تائين هوندا هُئا ۽ انهن کان علاوه فلپيني، هندوستاني، مصري، أردني، لبناني، فلسطيني، ترڪ، سوڊاني، يمني، ۽ هڪ ٻه ڪن گورا انگريز، جيڪي ٽيڪنيشن ۽ ڪجهه سالن کان پوءِ ڪافي انگريز انجنيئر به ڀرتي ڪري آندا ويا. فلسطيني پنهنجي فن ۾ ڏاڍا هوشيار ۽ انگريزي سُٺي ڄاڻندا هُئا، جو انهن وٽ بنيادي تعليم انگريزي ۾ آهي. ترڪ ٿورا هُئا پر خاص ڪري، أهي فن معماري (Construction work) ۾ ڏاڍا قابل ۽ ڪاٺ جي ڪم جا ماهر سمجهيا ويندا آهن جو ترڪيءَ ۾ معماري فن گهڻو پراڻي وقت کان مشهور آهي. توهان ڏسندا ته خانه ڪعبه جي ٻاهران چؤطرف شروعاتي گُبذن واري اڏاوت، دور عُثمانيه جي وقت ۾ مشهور ترڪي انجنيئر سَنان (SINAN) جي ڪيل آهي، جيڪا خادم حرمين شريفين، شاهه فهد، جي تمام وڏي توسيعي منصوبي ۾ به أن اڏاوت کي شهيد نه ڪيو ويو، پر توسيع ۾ أن کي شامل ڪيو ويو. مصري، لبناني، فلسطيني ۽ اردني سڀ هڪجهڙا چالاڪ ۽ عربي ٻولي جو فائدو وٺي، پنهنجو مقام ڪوڙ سچ تي ٺاهيو وجن، جو هُو سڀ پنهنجو پاڻ ۾ سَوٽائي سَوٽ ٿين. اِهي چارئي قومون، پاڻ کي مڙيوئي هوشيار سمجهن ٿيون. لبناني ۽ فلسطيني قومن بابت هوئڻ به قرآن ۾ ساراهه ٿيل آهن، جو اهي سڀ بني اسرائيل قوم مان آهن.

يمني ۽ سوڊاني به عربي ٻولي هجڻ ڪري پاڻ قبائڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونه ڇڏين. يمني ته وري پاڙيسري هجڻ ڪري سعودي وارا، انهن کي مڙيوئي گهڻو پائين. سوڊاني گهڻو ڪري ڪائڻ پچائڻ جي ڪم جا ماهر ۽ سُنا وفادار ۽خدمتگار سمجهيا ويندا آهن. انڪري سوڊانين ۽ يمنين کي توهان بادشاهي محلن (Royal Places) ۾ نوڪري ڪندي ۽ محلن جي بورچي خانن جي سار سنڀال ۾ مشغول ڏسندا. پرنس سُلطان بن عبدالعزيز، تقريباً هر عيد تي تبوڪ ايندو هو، ته سوڊانين ۽ يمنين جو

جهاز، اڳ ۾ پرجي ايندو هو، جيڪي اڳوات پهچي محل جي بورچيخاني جي اڇي سار سنڀال ڪندا هئا.
مون کي ٻه هڪ مهينو ڪن ٿيو هو، هڪ ڏينهن آفيس پهتس ته اُتي پاڪستاني سپروائيزر، مسٽر عبدالوحيد چيو ته ڪجهه ڏينهن ۾ هڪ ترڪ مسٽر هيري (Mr. Hayri) عمري لاءِ تيار آهي، توهان ٻه اُن سان سندس گاڏي ۾ وڃي عمرو ڪيو ته بهتر آهي. مون کي ڳالهه وڻي وئي، سو ٽن ڏينهن جي موڪل جي درخواست لکي مسٽر امين حمدان کان منظور ڪرائي، تياري ڪرڻ شروع ڪئي. ٻئي ڏينهن مسٽر هَيري جي گاڏي ۾ سوار ٿي مديني منوره (جيڪو 700km جي پنڌ تي هو) ڏانهن روانا ٿياسين.
مسٽر هيري کي انگريزي بلڪل ڪونه اچي ۽ مون کي عربي، مسئلو ٿيو ته پاڻ ۾ ڪيئن حال احوال ڪجي. بهرحال ڏکيو سکيو وقت، اشارن جي بين الاقوامي ٻولي ذريعي گذاري ٽائم پاس ڪيو. تبوڪ کان مديني لاءِ پراڻو رستو ورتو، جيڪو مِدائن صالح کان ٿيندو، خيبر مان مدينه منوره پهچي ٿو. هاڻي نئون روڊ سڌو ناهيو ويو آهي، جيڪو القليبا (Al-Qatibah) کان ٿيندو تائما (Tyma) مان لنگهي وڃي، خيبر کان مدينه منوره پهچي ٿو.
رمضان شريف جو مهينو هجڻ ڪري، اسان ٻنهي کي روزا هُئا ۽ جون جي مهيني ۾ ڏاڍي گرمي هجڻ ڪري تڪليف اچڻ لڳي جو الحمدالله وڃي مسجد نبوي ۾ پهچي روزو کوليوسين. زندگي ۾ پهريون دفعو، پري کان مسجد جا منارا ڏسي دل کي ڏاڍو سُڪون مليو ۽ اندر داخل ٿي نبي صلعم جن جي روضي مبارڪ جو ديدار ڪرڻ سان، اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا ۽ سڄي جان ۾ هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي جو سڄي جسم ۾ لرزش محسوس ٿي، بهرحال اُن ڪيفيت کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي، صرف محسوس ئي ڪري سگهجي ٿو.
جيئن ته رمضان شريف ۾، مسجد نبوي سڄي رات زائرين لاءِ کليل رهندي آهي. تنهن ڪري اسان کي عبادت لاءِ سڄي رات ملي ۽ صبح تي جمع جو ڏينهن هجڻ ڪري پروگرام ائين ٺاهيوسين ته فجر ۽ جمع جي نماز مسجد نبوي ۾ پڙهي پوءِ مَڪي شريف جي سفر لاءِ روانا ٿينداسين.
ٻئي ڏينهن خير سان نماز ادا ڪري مديني کان بدر واري پراڻي رستي سان جيڪو بحر احمر جي ڪناري سان وڃي، جده نڪري ٿو تنهن سان روانا ٿياسين. مديني کان ٻاهران، ’ابيار علي‘ وٽان احرام ٻڌي عمري جي نيت سان ٻه رڪعتون نفل ادا ڪري روانا ٿياسين. هِن وقت ته مديني منوره کان مڪه مڪرمه تائين سڌو سئون ايڪسپريس وي ٺاهيو ويو

آهي، جنهن سان مفاصلو ٻه ڪلاڪ ٿي ويو آهي. بدر ۾ بدر جي شهيدن جون زيارتون ڪري، جدي روانا ٿياسين. هي سڄي ساموندي پٽيءَ حجاز جي علائقي ۾ اچي ٿي.

هي علائقو جابلو آهي ۽ ڪجهه ڳاڙهي واري جا وڏا وڏا نظر اچن ٿا. رستي ۾ عشاش جو هڪ ننڍو ڳوٺ به آيو. اسان پلجي سڌو جدي وڃي نڪتاسون، پوءِ اتان پچا ڪري مڪي شريف لاءِ روڊ ورتو، جو ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ، حرم پاڪ جا منارا نظر آيا. مون ڪي پوري طرح ياد آهي ته دل گهبرائجي وئي، ته گناهن جا انبار ڪٺي ڪهڙي منهن سان حرم ۾ داخل ٿيون. هيترا سارا گناهه ڪري، ڪيئن رب جي اڳيان پيش پئون. آخر دل جهلي حرم پاڪ ۾ داخل ٿي ٻه رڪعت نفل ادا ڪري، پوءِ وڃي خانه ڪعبه جو طواف شروع ڪيو. عمري ڪرڻ بابت ايترو علم ڪونه هيو،پر ترڪي ساٿي سمجهائيندو رهيو ۽ ان پويان عمري جا سڀ نفل پورا ڪيا. الحمدالله، الله تعاليٰ قبول فرمائي. (آمين). رات پوري حرم پاڪ ۾ گذاري، صبح جي نماز پڙهي جدي لاءِ روانا ٿياسين، جو سفارتخاني ۾ ڪجهه ڪم هيو. اُن ڪان پوءِ جدي شهر جو سير ڪري، اڌ رات ڪانپوءِ جدي ڪان مديني روانا ٿياسين، جتي وڏيڪ نمازون ادا ڪري، نبي صلعم جي روضي جو ديدار ڪري، هڪ رات رهي، ٻئي صبح جو نماز پڙهي تبوڪ لاءِ ساڳئي رستي سان نڪري پياسين ۽ خير سان ڇهه بجي شام جي تبوڪ پهتاسين.

تبوڪ جي شروعاتي دور ۾ ٽيليفون جي ايتري سهولت ڪونه هوندي هئي جو پاڪستان ڪنهن مٽ مائٽ سان ڳالهائجي، جو ٽيليفون لائينن جو نيٽورڪ ايترو وسيع ڪونه هوندو هو. ايترو جو تبوڪ شهر ۾ هڪ فون ايڪسچينج هوندي هئي، اُن ۾ ايتري ته فليپنين ۽ پاڪستانين جي پيڙ هوندي هُئي. جو فون ڪرڻ لاءِ ٻه ڪلاڪ پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻو پوندو هو، جنهن ڪانپوءِ توهان ڪلاڪن تائين پيا، ڊائل هلايو پر ڏاڍي مشڪل سان ڪو نمبر ملي ويندو هيو، شايد ان ڪري جو انٽرنيشنل ڊائلنگ لاءِ ايتري گنجائش نه هوندي هُئي. البت مان فون ڪرڻ لا ڪنهن ڏهه مِنٽ وٽ رات ٽِڪي فجر جي نماز ڪان اڳ وارو وقت وٺي، فور ڪندو هئس، ته نمبر ملي ويندو هو. مون ڪي اڪثر، برادر ظفر صاحب جيڪو ٽئي ۾ مختيارڪار هيو، اُن سان ڳالهائڻو پوندو هو، ملٽري سٽي اندر لوڪل فون جي سهولت هوندي هُئي، پر ٻاهر ڪال ڪرڻ يا ٻاهران ڪال

جو داخل ٿيڻ، غالباً سيڪيورٽي سببن ڪري، ڏاڍو مشڪل ڇا پر ناممڪن هوندو هو.

عمري تان مرڻي اچڻ وقت ڳوٺان آيل خط ۽ هڪ پارسل ۾، جيڪو منهنجي گهر واري منهنجي لاءِ شلوار قميص موڪلي هئي سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. خطن ذريعي حال احوال معلوم ٿيو ۽ وقت ڪڏهن مان به ڪافي خطن جا جواب ربيعت خاتون، ظفر علي خان، فقير سڪندر علي خان، جاويد شر، بهادر علي فقير، محراب خان رند ۽ غلام قادر رند ڏانهن لکي موڪليا.

رمضان جي مهيني ۾ پاڪستاني جيڪي پنهنجي گهر ٻار سميت هتي رهن ٿا، سي هر روز هڪ ٻئي کي افطاري لاءِ گهرائيندا آهن ۽ لذت ڀريا کاڌا تيار ڪري روزا کولائيندا آهن، ۽ ڪافي ڪچهريون، حال احوال ٿيندا آهن. اسان پاڪستانين ۾ خاص ڪري هيءَ سٺي روايت آهي. جنهن مان هڪ قوم، ٻڌي ۽ ڀائيچاري جو سبق ملي ٿو.

پرنس سلطان جو دورو

تبوڪ جي ڇانوڻي ۽ شهر جي وچ واري علائقي ۾ پرنس سلطان بن عبدالعزيز، وزير دفاع وطيران جي ويهڻ ايڪڙن تي، شاهي محل ٺهيل آهي جنهن ۾ پراڻي جاءِ کي ڊاهي، نيون عمارتون جديد طرز معماري تي ٺاهيون ويون آهن. انهن جي نئين سر اڏاوت اداري جي نظر هيٺ هلي رهي آهي، جنهن ۾ هر ڊپارٽمينٽ پنهنجو پنهنجو ڪمال ڏيکاري ٿو. معماري ڪم لاءِ ترڪيءَ مان رازا ڀرتي ڪري آندا ويا، جن کي عمارت سازي ۾ وڏو ڪمال حاصل آهي. سعودي عرب ۾ هر هفتي ٻه ڏينهن موڪلن کان علاوه، سال ۾ ٻن عيدن تي 12 ڏينهن، هر هڪ عيد جي حساب سان موڪلون ٿينديون آهن. سال ۾ عيدن جي 24 ڏينهن کان علاوه ٻئي ڪوئي به موڪل ڪونه ٿيندي آهي.

پرنس سلطان وزير دفاع هجڻ ڪري هر سال هڪ ڀيرو تبوڪ ايندو رهندو آهي پر سندس اچڻ صرف ٻن يا ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ترسڻ نه هوندو آهي. ٻنهي عيدن مان ڪائي به هڪ عيد تبوڪ ۾ ڪندو رهندو هو. هِن سال (1983) به سندس پروگرام، رمضان جي عيدالفطر تبوڪ ۾ ڪرڻ جو ارادو ٿيو جو اداري جي هر شعبي کي محل اندر تياري ڪرڻ لاءِ چيو ويو ۽ اِن سلسلي ۾ ڪرنل فواد امين ۽ خليل الرحمٰن جن محل جو دورو ڪيو. جنهن ۾ اُنهن مختلف ڪمن جو جائزو ورتو ۽ تياريءَ لاءِ احڪام

جاري ڪيا، جو عيد ۾ اجان هڪ هفتي جو وقت هو. پرنس سلطان اڪثر ڪري، تبوڪ صوبي جي مختلف قبائلي سردارن کي گهرائي، گڏ ڪاڌو ڪارائيندو آهي ۽ انهن جا مسئلا پڻ ٻڌندو آهي. آرمي جي مختلف شعبن جي گڏجاڻين ۽ ملٽري پئريڊ وغيره جو معائنو به ڪندو آهي. اِهو هڪ طريقو آهي پنهنجي عوام سان رابطي رکڻ جو جيڪو قديم وقت کان رائج آهي.

پروگرام مطابق، عيد جي ٻئي ڏينهن تي پرنس سلطان جي اچڻ جو پروگرام طئي ٿيو ۽ اداري جي انجنيئرن کي ڪم ڪرڻ لاءِ به وڌيڪ ڏينهن ملي ويا. پرنس جي محل تي، آهستي آهستي سيڪيورٽي وڌندي وئي ۽ رياض مان مختلف ٽيمون، جهڙوڪ، ذاتي سيڪيورٽي، انٽيليجنس ۽ ڪارن سوڊانين ۽ يمنين جون ٽيمون، جن کي جيڪا رڌ پچاءَ ۽ خدمتگاري جي جوابداري سونپيل آهي، جهازن ذريعي پهچڻ شروع ٿي ويا. اداري جي انجنيئرن ۽ فني ماڻهن جي محل ۾ ڊيوٽي جي لسٽ ظاهر ڪئي وئي، جن جا الڳ سان سيڪيورٽي ڪارڊ نهڻا هوندا آهن. منهنجي به محل ۾ ڊيوٽي لڳي، حالانڪ منهنجو پروگرام هو عمري لاءِ مڪي مدينه شريف وڃڻ جو، پر ڊيوٽي ڪري پوئتي هٽائي ڇڏيو.

پرنس سلطان، ٻن ڏينهن جي دوري جو پروگرام طئہ ٿيڻ سان عام ماڻهن جي دعوت لاءِ، محل اڳيان وڏي ميدان ۾ رنگين خيما لڳي ويا ۽ زمين تي ڪارپيٽ پٿرجي ويا. اهو محل جيڪو سڄو سال ويراني جو منظر ڏيندو هو، هاڻي هڪ سُهڻي ڪنوار وانگي سينگاريل نظر اچڻ لڳو. هي منظر منهنجي لاءِ پهريون تجربو هو ۽ ڊيوٽي لڳڻ کان پوءِ وڌيڪ محتاط ٿي ويس ته متان ڪا اهڙي غلطي ٿي وڃي جو بعد ۾ پريشاني جو سبب بڻجي. مونکي محل جي، VIP مرڪز شڪايت ۾ صبح 7 کان هڪ بجي تائين ڊيوٽي ملي جنهن ۾ مون کي هڪ، وائرليس سيٽ (Walki Talki) به ڏنو ويو ته جيئن مان آساني سان مختلف خدمتون ڏيندڙ شعبن جي واسطيدارن سان فورن رابطو ڪري سگهان ۽ مطلوبه شڪايت جي ٿوري وقت اندر، اصلاح ٿي سگهي. الله تعاليٰ، آساني فرمائي جو ڪو اهڙو وڏو مسئلو پيش ڪونه آيو ۽ ٻئي ڏينهن به ساڳئي ڊيوٽي ڪئي.

ظهر جي نماز ادا ڪري پرنس سلطان بن عبدالعزيز شهر مان جڏهن موٽي آيا ته قبائلي اميرن ۽ فوجي جنرلن سان گڏ خيمي اندر قبائلي رسم مطابق وڏن ٿالهن ۾ چانور ۽ متان سڄا سارا دنبا (خروف) پوري طرح

پڪل رکي پوءِ ٿالھ جي چؤ طرف زمين تي ويھي ڪائڻ شروع ڪندا. آھن اھو سنت جو طريقو بہ آھي ۽ اِن ۾ ننڍي وڏي جي تميز نہ ھجڻ جي برابر آھي. پوءِ ھٿن سان اُن دُنبي جو گوشت پيا پٽي ڪائيندا آھن ۽ چانور ھٿ جي تري ۾ وجھي، اُنکي پيا نيپوڙيندا، جيستائين وجي بال وانگر گول گرھ نھي پوءِ ڪٽي وات ۾ وجھندا. ڪائڻ وقت پلٽي ماري ويھڻ، گھٽ ڳالھائڻ ۽ ھڪ ٻئي کي گوشت، ھٿ سان پٽي ڏيڻ، تمام وڻندڙ خصلتون آھن. سعودي چاءِ (بغير کير جي) ۽ گھَوو (Arabic Coffee) اُن سان گڏ ڪجور، ھر وقت پيو ھلندو رھندو آھي. جڏھن پرنس خيمي اندر آيو تہ اداري جي ڪرنل سميت اسان اُتي اڳي ئي انتظار ۾ بيٺا ھُئاسين. ڪرنل پرنس کي خوش آمديد چئي پھري نمبر تي رکيل ٿال جيڪو اليوميم فئائل (Aluminum Foil) سان ڍڪيل ھو، اتي ويھاريو ۽ ڪجھ ٻيا جرنيل ۽ قبائلي امير بہ ساڻس گڏ وينا. ڪرنل صاحب مسٽر خليل الرحمنٰ ۽ مونکي بہ اشارو ڪري پرسان واري ٿال وٽ ويھڻ لاءِ چيو. سيني ڏاڍو مزي سان ماني کاڌي صرف ھڪ طعام ۽ سنت مطابق زمين تي ويھي گڏجي ڪائڻ ۾ ڪابہ وڏائي ڪونہ نظر آئي. پرنس وجڻ وقت ھر يونٽ جي ڪمانڊر کي، پنھنجي کيسي مان انعام اڪرام لاءِ ڪجھ پئسا ڏئي ويندو ھو. اِھو ڪو پراڻو رواج آھي. جو پوءِ اُھي انچارج ھر ھڪ ڊيوٽي ڪندڙ کي انعام طور ورھائي ڏيندا ھُئا. اھڙي طرح اسان جي ڪرنل کي ڪجھ لکَ ريال ڏنا ويا، جيڪي ھُن ڊيوٽي ڪندڙن کي ورھائي ڏنا، جنھن مان مون کي پڻ بہ ھزار ريال انعام طور مليا. اُن وقت حالات پرسڪون ھُئا جو اسان بہ ساڳئي خيمي اندر ۽ پرنس جي بلڪل پرسان ويھي ماني کاڌي پر ھِن وقت اھو ممڪن ڪونہ ٿو لڳي جو پوري دنيا ۾ سيڪيورٽي ھڪ وڏو مسئلو بڻجي وئي آھي.

محل اندر ھڪ وڏو وھنجڻ جو تلاءُ (Swimming Pool) نھيل آھي، جنھن لاءِ اِھو ٻڌو ويو آھي تہ شھزادو شام جو پنھنجي محل مان نڪري، ھِن تلاءُ جي ديدار لاءِ ايندو آھي تہ پوءِ اُتي جيڪي بہ جرنل موجود ھوندا ھُئا، انھن لاءِ سون جا سِڪا (Gold Coins) تلاءُ اندر اڇلائي. ڪندڙن کي انعام طور ڏنا ويندا ھُئا. جيڪي اُھي اڇلايل سِڪا پاڻي اندر ڳولڻ ۾ ھوشيار ھوندا ھنا. اِھا ڪھاڻي اتان جي ھڪ يمني ٻڌائي، جيڪو ان تلاءُ جي سار سنڀال سالن کان ڪندو ھو شروع واري ڏينھن ۾ زيارت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، جڏھن ھن تلاءُ جي صفائي ڪئي تہ ھن کي ڪجھ سون جا سِڪا ھٿ آيا ۽ انھن مان ھڪڙو سِڪو مونکي سوکڙي طور بہ ڏنو.

هفتي ۾ ٻن ڏينهن جي موڪل هجڻ ڪري وقت گهڻو ملي ويندو هيو ۽ سعودي عرب ۾ سوشل لائيف گهٽ هجڻ ڪري، پنهنجي گهر ۾ رهڻو پوندو هو، سواءِ ٻئن دوستن ڏانهن وڃڻ يا وري شام جو شهر لاءِ نڪري وڃڻ ئي معمول بڻيل هيو. بهرحال اڪيلي سر وقت ڪپائڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو، جو منهنجي فئملي اجان ڪونہ آئي هُئي ۽ اُنهن جي ويزا وٺي مون کي هتان موڪلڻي هُئي. ان لاءِ ڪافي ڪاغذن جي ضرورت پئي ۽ سيني گهربل ڪاغذات جو عربي ۾ ترجمو، وري انهن سيني کي پاڪستان ايمبيسي مان تصديق ڪرائڻ، جنهن کان پوءِ وجي رياض ۾ وزارت خارجا جي آفيس جي ’مڪتب الستقدام‘ ۾ بذات خود جمع ڪرائڻ ڪانپوءِ 15 ڏينهن اندر ويزا ليٽر ملندو هو ۽ جنهن ڪانپوءِ سعودي ڪنسوليٽ ڪراچي جي آفيس ۾ جمع ٿيڻ سان پاسپورٽ تي ويزا جو ٺپو هڻي ڏيندا هئا. اِهي سڀ مرحلا ڏاڍي مشڪل سان طئي ڪري ويزا آڪٽوبر 1983ع تي موڪلي ڏني، جنهن لاءِ ڪراچي ۾ تقريباً ايترا ئي ڪاغذن جمع ڪرڻ کان پوءِ 8 نومبر تي ويزا پاسپورٽ تي لڳي، جنهن ڪانپوءِ بيگم، 12 نومبر، 83 تي PIA فلائيٽ ذريعي جده ايئرپورٽ تي رات جو 2 بجہ پهتي، مان اُتي موجود هئس، جو منهنجي اَقامي (Residence Permit) جي اصلي ڪاپي کان سواءِ، هُن کي ايئرپورٽ کان ٻاهر ڪونہ ڇڏين ها. مان ڪيس جدي مان ڪار ذريعي وٺي، فجر جي نماز ڏاري حرم مڪه ۾ پهچايو، جتي عمرو ادا ڪري هڪ رات ’بدر هوٽل‘ ۾ ترسي، نمازون ادا ڪري، ٻئي ڏينهن منجهند ڌاري، جدي کان هوائي جهاز ذريعي، تبوڪ پهتاسين، جتي ڊاڪٽر شبير ميمڻ اسان کي ايئرپورٽ تي خوش آمديد ڪيو ۽ پنهنجي گهر وٺي ماني کارائي پوءِ ڇڏيائين.

ڊاڪٽر شبير ميمڻ اصل ۾ دادوءَ جا آهن پر هاڻي حيدرآباد جي قاسم آباد جي علائقي ۾ رهن ٿا. ڊاڪٽر صاحب سان ملاقات بابت، مون کي هڪ پاڪستاني ٻڌايو تہ گورنر جي محل لڳ جيڪا مسجد آهي، اُن ۾ جمع نماز تي هڪ همراهہ سنڌي ٽوپي پائي ايندو آهي، جيڪو غالباً سنڌي آهي. مان پروگرام ٺاهي اڳئين جمع تي اُن مسجد ۾ نماز تي ويس ۽ جڏهن نماز ختم ٿي تہ واقع هڪ شخص قد جو ڊگهو سنڌي ٽوپي سان نظر آيو، ڪيس مسجد کان ٻاهر اچي مليو مانس ۽ معلوم ٿيڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ يار هتي سنڌي تمام گهٽ آهن، ڪچهري وغيره لاءِ ڪو ملي ئي ڪونہ ٿو. بهرحال ميمڻ صاحب جو گهر اُن مسجد جي مين روڊ جي هُن پار

هو. مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو، حال احوال ٿيا ۽ پوءِ منجهند جي ماني کائي ڪائنس موڪلائي، پنهنجي گهر آيس ۽ آسرو ٿيو ته خير سان ملڻ لاءِ هڪ ٻيو دوست به آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ ڏاڍو سنجيده ۽ پيارو ماڻهو نڪتو جو هر هفتي ڇا پر هر ٻئي ڏينهن ملڻ لاءِ مون کي گهر اچڻ جي دعوت ڏيندو رهيو يا وري مون وٽ اچي ڪچهري ڪندو هو. ڊاڪٽر صاحب آرمي هاسپيٽل ۾ ڊاڪٽر هو، جتي KAMC جي سڄي اسٽاف ۽ آرمي جي نفري جو علاج معالجو ٿيندو هُيو. آرمي جون تبوڪ ۾ به وڏيون اسپتالون هُيون. هڪ شاهه عبدالعزيز ملٽري هاسپيٽل ۽ ٻي شاهه فيصل فوجي هاسپيٽل، جيڪا تبوڪ شهر ۽ KAMC جي بلڪل وچ واري علائقي تي واقع هئي، مطلب ته هيءَ هاسپيٽل KAMC ۽ تبوڪ شهر کي ڳنڍيندي هئي. هيءَ اسپتال اڳ ۾ پراڻي نهيل هُئي، جنهن کي پوري طرح ڊاهي، وري ٻيهر نئين طرح ٺاهيو ويو. ڊاڪٽر صاحب، LMC جو تعليم يافته گريجوئيٽ ۽ دل جي شعبي ۾ P.G (Post Graduate) ڪيل اٿس. ڊاڪٽر جو ٿوري وقت اندرئي يمن جي سرحد پرسان شرورا ملٽري ڇانوڻي اسپتال ۾ تبادلو ٿي ويو، جتان وري رياض جي ملٽري اسپتال وڃي وسائي، ان ڪانپوءِ هُن ڪافي عرصو رياض ۾ گذاريو.

ڊاڪٽر ميمڻ شرورا اسپتال ۾ هڪ عرب بدو جي ايمان جي پختگي بابت هڪ قصو بيان ڪيو ته هڪ دفعو، هڪ سپاهي پنهنجي پيرسن پيءُ کي طبيعت ڏيکارڻ لاءِ وٺي آيو، جنهن کي شگر هئي. آخر ۾ اُن بَدو جڏهن پرهيز لاءِ پڇيو ته مان ڪيس ڪافي شيون ٻڌايون جن جي پرهيز ڪرڻ گهرجي پر جڏهن آخر ۾ مان هُن کي اِهو چيو ته کجور (تمر) نه کائجان ته هُن منهنجي ڪن جي پاپڙي ڪٽي پڪڙي ۽ ڪافي وقت گذريو ته سندس پٽ وچ ۾ اچي هُن جو هٿ ڪڍايو. ان لاءِ ته تون مونکي اُن شيءَ جي کائڻ کان منع ٿو ڪرين، جنهن جي کائڻ جي اجازت، رسول ڏني آهي. مان کجور کائيندو رهندس ڀلي مري ڇو نه وڃان.

اسان وٽ وقت گهٽو هجڻ ڪري، رات جو هندوستاني فلمن جون وي.سي.آر (VCR) ذريعي ڪئسٽون ڪرائي تي وٺي ڏسندا هُئاسين، جو پاڪستان ۾ انهن تي گهٽي عرصي کان پابندي هجڻ ڪري ڏاڍو اتهاس هوندو هو، جيڪو سال کن اندر پورو ٿي ويو ۽ پوءِ فلمن ڏسڻ جو وقت به گهٽ ماندو هُيو ۽ شوق به ايترو نه رهيو. شهر ۾ فلمي ڪيسٽن جا ڪافي دڪان ڪليل هوندا هُئا. جن وٽ هر قسم جون فلمون سواءِ بلو پرنٽ جي

موجود هونديون هيون. هڪ ڪيسيٽ، 24 ڪلاڪن جو ڪرايو 10 ريال هوندو هيو ۽ جيڪڏهن هڪ مهيني جو معاهدو ڪجي ته 250 ريال ۾ جيتريون فلمون توهان ڏسڻ چاهيو، ڪيسيٽون ڪٺي سگهو ٿا. پاڪستانين کي ڏاڍو شوق هو ۽ اِهي سڀ جا سڀ دڪان به پاڪستانين جا هُئا، جن 22 ويلن ٽريلرن جي وزن جا گناهه، اڳتي جي ٿمر ۾ پئي سانديا.

پاڪستاني برگيڊ جي آمد

سعودي عرب ۽ پاڪستان جي وچ ۾ هڪ فوجي معاهدي مطابق، پاڪستان آرمي جي هڪ برگيڊ (تقريباً پنج هزار نفري) سان گڏ ملٽري جي مختلف شعبن ۾ ٽريننگ وغيره يا سعودي ملٽري سان گڏ ڪم ڪرڻ جي حوالي سان بين ملٽري چانوٽين ڪان علاوه، تبوڪ جي KAMC ۾ هڪ برگيڊ ۽ ان ڪان علاوه پڙهائي واري شعبي ۾ سعودي ملٽري کي انگلش پڙهائڻ، ميڊيڪل جي شُعبي ۾، ڪافي ڊاڪٽر ۽ هوائي فوج ۾ انجنيئر شامل هئا جيڪي تبوڪ ۾ آيل هُئا. اِهو سلسلو ٽن سالن جي مدي لاءِ هوندو هو ۽ آهستي انهن جي متبادل نفري ايندي رهندي هُئي. اِها برگيڊ به پيرا، يعني ڇهه سال هلي جنهن ڪان پوءِ برگيڊ جو اچڻ بند ٿي ويو. ليڪن مختلف شعبن ۾ فني ماهر ڪافي عرصي تائين ايندا رهيا. انهن ۾ ڪافي سنڌي آرمي آفيسرن سان ملاقات ٿي، جن ۾ڪئپٽن ڊاڪٽرعبدالشڪور سهتو، ڪئپٽن ڊاڪٽر محمد اڪرم قريشي، ڪئپٽن ڊاڪٽر خادم حُسين جتوئي، ڪئپٽن نبي بخش سولنگي، ميجر عبدالرزاق بگٽي، جنهن جي شادي لاهور مان ٿيل هُئي، ميجر سڪندر علي پناڻ جيڪو آرمي جي انجنيئرس ڪور (Engineers Core) مان هو ۽ ڏاڍو تيز ماڻهو هو.

پاڪستاني فوجين سان هڪ خطرناڪ روڊ حادثو ٿيو، جنهن ۾ ٻه پاڪستاني آرمي جا فرد ۽ ٽيون پاڪستاني سويلين شهر ڪان پنهنجي برگيڊ، جيڪا 25 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي هُئي،ڪار ۾ ويندي هڪ ٽرڪ سان ٽڪر ٿيو. جنهن ۾ ڪار کي باهه وٺي وئي ۽ ڪوئي به ٻاهر نه نڪري سگهيو. ٽيئي ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا.

پاڪستان آرمي جو وري ٻيهر سعودي عرب ۾ اچڻ، اُن وقت ٿيو جڏهن 1991ع ۾ صدام ڪويت تي حملو ڪري ان کي قبضي هيٺ آندو ۽ جارج بُش، سعودي بادشاهه فهد بن عبدالعزيز جي دعوت / درخواست تي سڄي دنيا

جي فوج اچي سعودي عرب ۾ ڪئي ڪئي. اِن جنگ جي نتيجي ۾ صدام ڪويت جي سيني تيل جي کوهن کي باهه ڏئي، علائقو خالي ڪري هليو ويو. ان جنگ جو ڪافي سارو خرچ سعودي عرب برداشت ڪيو.

منهنجو پهريون حج

14 سيپٽمبر 1983ع تي حج شروع ٿيو، جنهن لاءِ جمع ڏينهن تي عرفات ۾ لکين حُجاج جمع ٿيا ۽ حج جا ٻه خطبا ڏنا ويا. جنهن کي سولي سنڌي ۾ حج اڪبر چوندا آهن. حج لاءِ تياري شروع اڳ ۾ ڪئي هئي جو هڪ گروپ ۾ شامل ٿي، مُعَلم ذريعي تبوڪ مان روانو ٿيڻو هو. تبوڪ مان هوائي جهاز ذريعي جدي پهچي مڪي شريف لاءِ روانا ٿياسون، جتي فجر جي نماز ادا ڪئي. احرام اسان تبوڪ کان پاتو هو، جو جهاز ۾ احرام ٻڌڻ مشڪل ٿي وڃي ها، جو ميڪات کان جيڪڏهن جهاز جلدي اڳتي وڌي وڃي ته پوءِ احرام جي شرطن کي پورو نه ٿو سمجهي سگهجي. احرام ٻڌڻ لاءِ خانہ ڪعبه جي مختلف طرفن کان مقرر ڪيل ميڪات آهن. ميڪات اُن حد کي چيو وڃي ٿو، جنهن کان حج يا عمري لاءِ احرام ٻڌي پوءِ حرم پاڪ ڏانهن وڌڻو آهي. جهڙي طرح، مديني وارن لاءِ، ابيار علي (Abyar Ali) کان احرام ٻڌڻ ضروري آهي. اسانجي مجموعي جو، ’البخاري‘ مُعَلِم هو، جنهن جدي کان اسان جي سفر لاءِ ڪوسٽر نندي بس جو بندوبست ڪيو، جيڪا سعودي ايئر لائين جي هڪ ملازم، مسٽر طارق جي نگراني هيٺ هُئي. طوافِ عمره ڪري، اسان ميدان منيٰ لاءِ روانا ٿياسين، اتي پهچڻ سان مُعَلم جي لڳايل خيمن کي ڳولڻ ۾ ٿورو وقت لڳو، جنهن کان پوءِ پنهنجي خيمي ۾ آرامي ٿياسين. اسان جو مجموعو تقريباً 24 فردن تي مشتمل هو جن ۾ اٺ فئملي وارا هُئا ۽ عورتن لاءِ پرسان وارو خيمو مخصوص ٿيل هو. نماز باجماعت ادا ڪندا رهياسين ۽ رات جو خيمي ۾ گذاري صبح جو اُن ڪوسٽر ۾ چڙهي، ميدان عرفات روانا ٿياسون. ميدان عرفات ۾ (9 ذوالحج)، جمع ڏينهن جو پهريائين، جمع نماز ادا ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ وري حج جو خُطبو ٿيو ۽ عصر جي نماز ڪسر ڪري پڙهي وئي، جتان سج لهڻ وقت منيٰ کان ميدان مُزدلفا ڏانهن روانا ٿياسون، جتي پهچي نماز مغرب ۽ عشاءَ ادا ڪري، شيطان لاءِ پٿريون چونڊي هٿ ڪيون ويون. رات جو مُزدلفا جي ميدان ۾ گذاري فجر جي نماز ادا ڪري، منيٰ ڏانهن اُن ڪوسٽر ۾ هلڻو هو پر مون کان پنهنجو

گروپ مُزدلفا ۾ وچڙي ويو، جنهن ڪري مان پئي سُواري ۾، منيٰ روانو ٿي ويس، جتي پهچي وڏي شيطان کي وجي پٿريون هنيم.
10 ذوالحج تي، وڏي شيطان کي پٿر هڻي قرباني ڪرڻ لاءِ ٻه ٻڪر، هر هڪ 350 ريال خريد ڪري، پنهنجي ۽ بابي مرحوم جي نالي قرباني ڪئي (الله تعاليٰ قبول فرمائي، آمين).
مان جڏهن پهريون عمرو ڪيو هو، ته عمري جي ارڪانن بابت سرسري معلومات حاصل ڪئي هُئي ليڪن هن وقت حج تي وڃڻ کان اڳ حج بابت ڪافي تفصيلي معلومات پڙهي هئي، ان لاءِ ته ڪا غلطي نه ٿي وڃي، جو منهنجو اِهو پهرو فرضي حج هو. الحمد الله حج جا سڀ ارڪان پوري طرح ادا ٿيا ۽ دعا آهي ته الله تعاليٰ اِن عمل کي قبول فرمائيندو. آمين.

شاهه ۽ گدا ساڳئي لباس ۾

حج جي موقعو تي، مختلف ملڪن مان ايندڙ حاجين جي ڪري تمام گهٽي پيڙ ۽ پيهه جو منظر عام جام، هر هنڌ واضع نظر اچي رهيو هو مرد،عورتون، ٻار، ٻچا سڀ جا سڀ، هڪڙي ئي لباس ۾، خالق ڪائنات جي جڻ سامهون اچي بينا هُئا ۽ هر هڪ پنهنجي گناهن جي معافيءَ جو طلبگار پئي لڳو. اهڙو منظر ڏسي دل ڏاڍي گهبرائجي پئي وئي ته قيامت جي ڏينهن به ايئن ئي ساڳيو حشر ٿيندو ۽ هر هڪ پنهنجي ڪُڏن ڪرتوتن جي ڪري پيو ڪنبدو. اندازي مطابق هن سال ويهن لکن کان وڌيڪ حاجي آيل هُئا ايتري ته گهما گهمي هُئي، جو عرفات جهڙي وڏي ميدان ۾، خيمي لڳائڻ لاءِ جاءِ ڪونه ملي ۽ مسجد ۾ وجي پٽ جي چانؤ ۾ عبادت ڪئي.
حرم شريف کان، مِنيٰ سادا ڇهه ڪلوميٽرن تي واقع آهي ۽ منيٰ کان عرفات تقريباً 12 ڪلوميٽر پنڌ تي آهي ۽ مُزدلفا جو علائقو منيٰ ۽ عرفات جي وچ ۾ اچي ٿو. اِهي ٽئين منزلون، هڪ ئي وادي ۾ اچن ٿيون. سعودي حڪومت کي لکين شاباس، جو ايتري مخلوق لاءِ هر سهولت معيار مطابق مهيا ڪري ٿي. 11 ذوالحج تي منيٰ مان حرم پاڪ لاءِ طوافِ زيارع ڪرڻ واسطي روانا ٿياسين، جتي نماز پڙهي وري واپس منيٰ ۾ اچي وڏي شيطان سان گڏ، وچين ۽ ننڍي شيطانن کي پٿريون هيون. 12 ذوالحج تي ٽنهي شيطانن کي پٿريون هڻي طواف و داع لاءِ، حرم پاڪ پهچي طواف ڪيو ۽ نماز پڙهي پروگرام مطابق مدينه شريف روانو ٿيڻو هو پر جدي وجي مسٽر تحسين صاحب جيڪو موڊا (Moda) جو ملازم هُيو، اُن وٽ

رات ٽِڪي صبح جو ٻين دوستن سان گڏ، ڪار ذريعي مدينہ شريف روانا ٿي، اُتي حاضري پري ۽ رات رهي صبح جو فلائيٽ ذريعي، تبوڪ وڃڻو هو پر فلائيٽ نہ ملڻ ڪري، تبوڪ لاءِ GMC ڪار ۾ سوار ٿي روانا ٿياسين، جو اٺن ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ، خير سان صبح جو سوير اچي گهر پهتاسين.

الله تعاليٰ جا لکَ شڪر ادا ڪيا جو حج جي سعادت نصيب ٿي. حج ادا ڪرڻ، اسلام جي پنجن رُڪنن مان هڪ آهي. اسلام جا پنج رڪن هي آهن:

1. شهادت ڏيڻ تہ الله تعاليٰ ڪانسواءِ، ٻيو ڪوئي عبادت لائق نہ آهي ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم الله تعاليٰ جو سچو رسول آهي.
2. نماز قائم ڪرڻ 3. زڪوات ڏيڻ 4. رمضان مبارڪ جا روزا رکڻ 5. بيت الله شريف جو حج ڪرڻ.

اُن ماڻهوءَ جو دين اسلام پورو نہ ٿو ٿي سگهي جيڪو بيت الله تائين پهچڻ جي وسعت رکندي، حج ادا نہ ڪري.

منيٰ جي ميدان ۾ لکن جي تعداد ۾، حاجين کي هڪ ئي سفيد لباس (احرام) ۾ ڏسي ائين محسوس ٿيو، جيئن الله تعاليٰ، قرآن ۾ فرمايو آهي تہ ’محشر ڏينهن سيني کي گهُرائي هڪ هنڌ حاضر ڪيو ويندو‘. بلڪل اُن محشر جي ڏينهن وارو ڏيک نظر آيو، جنهن ۾ بادشاهہ، وزير، امير، غريب، نوڪر ۽ غلام سڀ جا سڀ اچي اُن خالق جي سامهون ٿيندا ۽ پريشاني ۾ سندن منهن لٽل هوندا جو ڪين پنهنجي عملن جي جاچ پوچ واري هوندي. جنهن جي بنياد تي جزا ۽ سزا ملندي. هِتي سڀ جا سڀ فقير نظر پئي آيا ۽ سندن زبان تي صرف ذڪر الاهي ۽ ثناءُ ٻڌڻ ۾ پئي آئي پر قيامت جي ڏينهن خوف طاري هوندو ۽ هر هڪ پنهنجي خالق کي پنهنجي ڪُڏن ڪرتوتن جي معافي لاءِ پيو پڪاريندو ۽ دانهون ڪندي نظر ايندو.

الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام ۾ فرمائي ٿو تہ:يوم حشر واري ڏينهن زمين کي ڌوڏيو ويندو ۽ جبل پوري طرح پيچي پٽي ڪيا ويندا، جيڪي اڏاريل ڌُز وانگر ٿيندا ۽ ماڻهن کي ٽولن ٽولن ۾ ورهايو ويندو. هڪ سڄي پاسي وارا چڱا هوندا، ٻيا کٻي پاسي وارا بدحال هوندا ۽ ٽيان اڳين منجهان ڪجهہ مقرب هوندا.

يوم محشر ۾ رشتيداري ۽ اولاد ڪنهن ڪم نہ ايندي ۽ هر شخص ذاتي حيثيت سان پنهنجي اعمال نامي جو ذميوار هوندو. ڪافرن جا منهن ڪارا هوندا. اُن ڏينهن نہ پيءُ، پٽ جي جاءِ تي بدلو ڏيندو ۽ نہ وري پٽ،

پيءُ جي جاءِ تي. اِن ڏينهن ڪافر پاڻ ۾ وڙهندا. يوم محشر وڏو سخت ۽ ڏکيو ڏينهن ٿيندو.

ان ڏينهن انسان ذات، ڪِر وڪِر پتنگ جيان هوندا. انسانذات کي پنهنجن موڪليل اعمالن جي خبر پئجي ويندي. مجرم پنهنجي اولاد، زالون، ڀائر ۽ قريبي مائٽ، بلڪ رُوءِ زمين جا انسان فديہ ۾ ڏيندا، تڏهن بہ ڪو انهن کي فائدو نہ پهچندو.

انسان پنهنجي ڀائرن، ماءُ، پيءُ، زال ۽ اولاد کان پري ڀڄندو ۽ ڪنهن سان بہ ڪنهن جي همدردي يا احساس نہ هوندو. شاهہ لطيف جيان، ”ذات نہ آهي ذات تي، جو وَهي سو لهي“، وارو مامرو ظاهر تي عيان ٿي ويندو.

اهڙي حالت ۾ انسانذات هڪ وڏي مشڪل ۾ هوندي ۽ هر هڪ کي گهٻراهٽ هوندي، اوستائين جيستائين وجي اعمالنامو هٿ ۾ اچي. يوم حشر تي سُفارش جو موقعو بہ تمام گهٽ نظر اچي پيو، جو الله تعاليٰ جزا ۽ سزا جو پورو نظام انصاف تي ٻڌل هجڻ ڪري، سُفارش کي وچ ۾ آڻي، ڪنهن سان بہ بي انصافي، ڪرڻ نہ چاهيندو، باقي پاڻ غفور رحيم هجڻ ڪري، ڪنهن کي معاف ڪري، تہ اِها سندس وڏائي آهي. پر معاف ڪرڻ لاءِ بہ ڪا خاص ڪسوٽي (Criteria) تہ ضرور هوندي. غالباً معاف بہ انهن کي ئي ڪندو، جن وٽ شاهہ صاحب مطابق، ڪجهہ ثمر ساڻ هوندو، باقي خالي هٿئين، هلڻ وارا شايد ئي ڪنهن جي ياد ۾ اچن.

روز محشر ۾ سفارش

ان حوالي سان، الله تعاليٰ واضع ڪيو آهي تہ، توهان کي ذاتين ۽ قبيلن ۾ انڪري ورهايو ويو آهي، تہ جيئن توهان هڪ ٻئي کي سڃاڻو. ليڪن توهان مان، مونکي ويجهو، اُهو آهي، جيڪو مُتقي ۽ پرهيزگار آهي.

هاڻي ان مان معلوم ٿيو، تہ الله تعاليٰ جي قربت حاصل ڪرڻ لاءِ صرف هڪ ئي وات آهي، جيڪا متقي ۽ پرهيزگارن جي آهي ۽ نہ وري قبيلن، ذاتين ۽ نسلن جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ شاهہ، سيد، پير فقير وغيره. سڀاجهن سنڌي ڀائرن کي صدين کان پيا ٿا، نسبت جي بنياد تي، ناانصافي ڪن. متقي ۽ پرهيزگار ڪير بہ ٿي سگهي ٿو. ڀلين شاهہ، سيد، شر، جتوئي، ميمڻ، شنباڻي، ڪوري يا موچي وغيره ڇو نہ هجي. اهميت ذات پات کي نہ، پر انجي عمل ۽ محنت تي آهي.

منهنجي علم ۽ حساب مطابق، سُفارش جو امڪان نہ هجڻ جي برابر آهي، ائين ڪٿي اندازو لڳائجي، تہ هڪ ڪان بہ سيڪڙو سُفارش جو امڪان تي سگهي ٿو باقي سڄو حساب ڪتاب ميرٽ يعني معيار تي ڪيو ويندو.

سُفارش جي حوالي سان قرآن شريف ۾، اچي ٿو تہ ”اي نبي کين) چئو تہ الله ڪان سواءِ جن معبودن کي توهان پنهنجو معبود سمجهندا آهيو، انهن کي سڏي ڏسو. اُهي نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾، ذري برابر ڪنهن شئيءِ جا مالڪ آهن ۽ نہ وري منجهن ڪا ڀائواري آهي ۽ نڪي مَجهائن ڪو الله جو مددگار آهي. ۽ نڪو الله جي حضور ۾ انهن مان ڪنهن جي شفاعت ڪو فائدو ڏئي سگهندي، سواءِ اُن شخص جي، جنهن لاءِ الله سُفارش جي اجازت ڏئي“. جيئن شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ، ڪچ ڪمايم ڪوڙ، پڳم عُهد الله جا وانگر دنيا ۾ ڪوڙ ۽ فريب جي ڪمائي ڪري، پوءِ وٽي سفارشون ڳوليندو.

سُفارش کي مُشروط ڪري، الله تعاليٰ، سُفارشي عمل کي پوري طرح ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. خدا جا پيارا گهڻا ئي آهن پر هو اهڙي سُفارش لاءِ زورا وري نہ ڪندا، جو اُن ۾، الله تعاليٰ جي ناراضگي بہ ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙي جُرعت ڪرڻ، الله تعاليٰ جي حضور ۾، گُستاخي ڪرڻ جي دائري ۾ اچي ٿي ۽ ان ۾ ناراضگي جو خطرو (Involved Risk) ڪير بہ نہ ٿو کڻي سگهي، جيستائين الله تعاليٰ ڪنهن شخص جي باري ۾ سُفارش ٻڌي ۽ ان ڪان وڌيڪ مشڪل ڪم اهو آهي تہ اُن سُفارش ڪندڙ جي عظمت ڪيتري اعليٰ هجي، جو اُتي الله کي عرض ڪري تہ مون کي اجازت ڏني وڃي. سو اُن سُفارشي عمل ۾ ڪافي مونجهارا ۽ قبوليت جي گهٽ امڪان هجڻ ڪري، اِن آسري ۽ اُميد تي، بي عمل تي يوم حشر ۾ پهچڻ هڪ ڪمزور انسان جي سوچ ٿي سگهي ٿي. اِن ۾ هڪ ٻيو پهلو بہ ڏسڻ گهرجي تہ آيا، سُفارشي پاڻ ڪيتري اهليت رکي ٿو ۽ ٻيو تہ ڇا اسان اِن قابل آهيون جو اسان جي سفارش ڪرڻ لاءِ هو تيار ٿيندو. اُن کي اسان ڪان وڌيڪ ٻيا بہ ڪيترائي ويجها ٿي سگهن ٿا. يوم حشر ۾ ڇا سُفارش ڪندڙن وٽ ايترو وقت بہ هوندو جو هر هڪ پنهنجي واويلا ۾ لڳو پيو هوندو. اهڙي حالاتن ۾، بغير اجازت ڪوئي بہ پنهنجي زبان کولڻ جي جُرات نہ ڪري سگهندو. سُفارش صرف اهو ڪري سگهندو، جنهن کي سُفارش جي اجازت ملندي. منهنجي خيال ۾ سُفارش تي ياڙڻ يا آسرو ڪرڻ، انتهائي خطري ڪان خالي نہ هوندو.

شاهه صاحب فرمائي ٿو:

مَگُ ٿنهين ڪان، مَگَڻا! جو ڏيهاڙي ٿو ڏِئي،
ڪوُڙا دَرَ دُنيا جا، جا جِڪَ! مَگين جي،
سُيان توهِين ڪي، موٽِي ڏيندا مُنهَن ۾.

الله تعاليٰ ڪافرن لاءِ مثال ڏيندي فرمايو آهي ته حضرت نوح ۽ حضرت لوط جي زالن پنهنجن مڙسن سان خيانت ڪئي ۽ ٻئي پيغمبر پنهنجي نڪاح هيٺ آيل زالن کي، الله جي عذاب کان نه بچائي سگهيا. ساڳئي طرح خالق مخلوق مومن لاءِ مثال ڏئي ٿو ته فرعون جي زال، فرعون جي ٽولي کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ دعا گهري ۽ رب پاڪ کي چيائين ته بهشت ۾ منهنجي لاءِ گهر عطا ڪر ۽ ظالمن جي ٽولي کان بچاءِ. هاڻي ڏسجي ته پيغمبرن پنهنجي گهر وارين کي بچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، ليڪن الله تعاليٰ انهن جي زالن جي عملن کي ڏسي دعا قبول نه ڪئي.
هنن مثالن مان صاف ظاهر آهي ته عملن جو دَخلُ تمام گهڻو اثر رکي ٿو، بجاءِ سُفارش جي آڙ ۾ ويهي، پنهنجا عمل به ٺاهي نه سگهجن ۽ آسري ۾ رهجي وڃون. سو بهتر اهو ٿيندو ته وڃي ٽٽي ٽڏيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي، متان ٿيئي اونداهه پيرنه لهين پرين جو، مطابق وقت نه وڃايون ۽ الله تعاليٰ جي احڪامن جي وڃي پوءِ واري ڪيون
شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

سُتا! اُٿي جاڳُ، ننڊَ نه ڪَجي ايتري،
سُلطاني سُهاڳُ، ننڊن ڪندي نه ملي.

هاڻي عقل وارا پاڻ فيصلو ڪن ته سُفارش جي سهاري زندگي بسر ڪرڻي آهي يا محنت ڪري پنهنجا عمل سُڌاري وڃي پار پهچڻو آهي. ڪم اُهو ڪجي، جنهن ۾ بهتر نتيجو نڪرڻ جي پڪ هجي، نه ته سڄي محنت ضايع ٿي سگهي ٿي.
شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

وحده لاشريڪ له، اِهو وهائج وِيءَ
ڪٿين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هِيءُ
پاڻان چونڊءِ پيءُ، پري جام جنت جو
(شاهه)

ڪائنات جي تخليق جو با مقصد هجڻ

خير سان حج تان موٽي تبوڪ ۾ پنهنجي روزگار سان لڳي وياسين، حج ڪرڻ ڪانپوءِ منهنجي ذهن تي هڪ سوال بار بار اچڻ لڳو، ته ’آخر اسان جو هِن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد ڪهڙو ٿي سگهي ٿو‘. ڇا هِت اچڻ انگريزن جي سوچ مطابق، هِن دنيا ۾ عيش عِشرت ڪرڻ مقصد آهي. يا الله تعاليٰ هت ڪنهن خاص مقصد لاءِ موڪليو آهي. هتي ڪائي، ڪمائي، غلط ڪم ۽ نڳيون ڪري، سازوسامان، ٻين جي حوالي ڪري اڳتي روانو ٿي وڃڻو آهي، جيئن ابن ڏاڏن کان ڏسندا ۽ ٻڌندا ٿا اچون. ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍاين جو ڪهڙو حساب ڪتاب ٿيندو. ڇا هيءَ دنيا به هڪ وڏي جهنگل مثل ناهيل آهي، جنهن ۾ ڏاڍي جي لٺ ڪي به متا وارو سلسلو پيو هلندو رهندو. هڪ قاتل اگر جي سَوَ خون ڪري ٿو، ته آخر ايترن خونن جا حساب ڪيئن ٿيندا. هتي ته صرف هڪ خون جي بدلي ۾ خون آهي، پوءِ 99 خونن جو حساب ڇا ٿيندو؟. هي دنيا مونکي الائي ڇو خالي خالي نظر اچڻ لڳي، شايد ان ڪري جو اسان پنهنجي اهڙي ماحول ۾ پرورش ورتي جتي نڪو نماز پڙهندو هو ۽ نه وري ڪو هدايت ڪرڻ وارو هوندو هو. شاگرديءَ زندگي ۾ جُنوني سنڌ ڌرتي جا نعرا هنياسين ۽ يونيورسٽي ۾ وري ڪجهه اهڙي قسم جا دهريا دوست مليا، جن پيار ۽ محبت سان نفرت جا سبق سيکاريا ۽ اسلامي ڄاڻ کان بنهه پري جي به ڄاڻ سڃاڻ نه رکي.

ڳوٺن ۾ مدرسا نه هجڻ ڪري، اسلامي تعليم جهڙيون سهولتون ميسر نه هيون. جڏهن ننڍا هوندا هئاسون ته عيد نماز لاءِ، 5-4 ڪلوميٽر ڪري، ڇوري مائٽن پويان وڃي نماز پڙهندڙن ڪي سجدي ۾ ڏسي کلندا هُئاسون ۽ ڪڏهن ته وري لوفر ڇوڪرا نمازين جا بوٽ ڇورائي ويندا هئا.

بهرحال وقت گذرڻ سان منهنجي تجسس ۾ اضافو ٿيندو رهيو ته آخر هن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ ۽ ڪاميابي جو ڪهڙو رستو آهي؟.

مون کي دين سان ننڍي هوندي کان لڳاءُ هو، ليڪن مون کي واٽ ڏيکارڻ وارو ڪونه مليو. مون کي ياد آهي ته ننڍي هوندي شايد پرائمري يا سيڪنڊري تعليم دوران گهر ۾ ڇاچن ۽ سؤٽن جي جڏهن ڪچهري لڳندي هُئي ته اُن ۾ اسان جي سؤٽ مرحوم جتوئي چيو ته قرآن پڙهڻ وڏو ثواب جو ڪم آهي. مان جهٽ سوال ڪيو ته هڪ ماڻهو عربي نه ٿو پڙهي سگهي، ته پوءِ هو ڇا ڪري؟ جواب ۾ چيائين ته قرآن کولي، اُن جي اکرن ۽ سِٽن مٿان آڱر گهمائيندا رهو، ته اُن جو به توهان کي ثواب ملندو.

والله عالم تہ اِها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي، ليڪن منهنجي پياس کي وسائڻ لاءِ ڪافي هُئي. سو مان قرآن کي کولي، ڪيترن سالن تائين اکرن متان آڱر گهُمائيندو رهيس ۽ اهڙيءَ طرح بغير استاد جي قرآن آهستي سکڻ ۽ پڙهڻ لڳس. پوءِ تہ ڳوٺ ۾ جيڪو بيمار ٿيندو هو، تہ مون کي گهرائي سوره ياسين پڙهائيندا هُئا. پڙهڻ جي رفتار گهٽ هجڻ ۽ تلفظ جو صحيح اچارڻ، ڪافي عرصي تائين مسئلو رهيو. ليڪن الحمد الله، آهستہ سڌارو ايندو رهيو. هاڻي مسئلو اچي پيدا ٿيو تہ آخر قرآن ۾ لکيل ڇا آهي؟ اسان لاءِ ڪهڙو نياپو آهي ۽ ڪهڙا احڪام آهن؟. ان لاءِ معنيٰ واري قرآن کي هٿ ڪري، يونيورسٽي تعليم دوران ڪجهہ پڙهائي ڪئي، ليڪن ناڪافي رهي ۽ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي جو گهربل سوالن جا جواب بنا استاد جي ڳولڻ ڪو آسان ڪم هيو ڇا؟

ان ڪانپوءِ لاڙڪاڻي مان خط وڪتابت ذريعي، بائيبل يعنيٰ عيسائيت جي باري ۾ 6 مهينن جو ڪورس ڪيو، جنهن جو سرٽيفڪيٽ اڃان مون وٽ محفوظ آهي. اُن خط ڪتابت ذريعي، حضرت عيسيٰ عليہ اسلام بابت ڪافي معلومات ملي. جنهن ڪان پوءِ مون کي قرآن جي معنيٰ پڙهڻ جو اتساهہ ٿيو.

اسان جا وڏا ڏينهن جو مال متاع ۽ پوک پراهہ جي پيل تان، هڪ ٻئي کي گارگند ۽ ڪڌهن تہ لٺ بازي تائين معاملو پهچي ويندو هو ۽ اسان ننڍي عمر ۾ جهيڙي جهڳڙي جي حالت ۾ بيحد پريشان ٿيندا هُئاسون پر عجيب لڳندو هو جو شام جو اچي سڀ گڏ ٿي ڪچهري ڪندا ۽ حقو (چلم) وغيره پيئدا هُئا. شايد دليون صاف هونديون هئين جو هڪ ٻئي جي خلاف نفرت کي دل ۾ جاءِ ڪونہ ڏيندا هُئا. اڄڪلهہ تہ بُرد باري (Tolerance)، سهپ آهي ئي ڪونہ، هر هڪ بيوس لاچار ۽ پرائي ملڪيت هڙپ ڪرڻ جي حَوس ۾ پيو دم ڏئي. اُها سچائي اسان ڪان موڪلائي هميشہ جي لاءِ الائي ڇو غائب ٿي وئي؟ شاهہ لطيف وانگر وَڳَرَ ڪيو وَٺن پِرت نہ ڇنن پاڻ ۾.

اُن تجسس جي تڙپ ۾ مان ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ عمري لاءِ مڪي شريف ۽ مسجد نبوي جي زيارت لاءِ، هڪ هفتو موڪل ڪري نڪري ويس. مڪي مڪرمہ ۾، محترم شفيع محمد لاکو سان ملاقات ٿي، جو هُن کي بہ هِتي نوڪري ملي وڃڻ ڪري، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ

جي نوڪري کي خيرآباد چئي آيو هُيو. سائين منهنجو استاد ۽ همدرد رهيو آهي. سندس ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان.

لاڪو صاحب جي مڪي شريف ۾ ڪافي بزرگن سان واقفيت هجڻ ڪري، انهن سان ملاقات دوران ڪافي معلومات حاصل ٿي. مونکي اهو چيو ويو ته، مان قرآن شريف جو ڪم از ڪم، هڪ پيرو ترجمو ۽ ان ڪانپوءِ تفسير ضرور پڙهان، جيئن منهنجي ڪمزور ذهن ۾ ڦاٿل ڌنڌيل تصوير ۾ گهرا رنگ پرجن ته جيئن اُن تصوير کي آسانيءَ سان سڃاڻي سگهجي. مونکي لاڪو صاحب، مولانا ابواعليٰ مودودي جي، تفسير تفهيم القرآن ۽ امام غزالي جي لکيل ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ پڙهڻ لاءِ سُفارش ڪئي. اُن وقت مڪي شريف جي هڪ ڪتاب گهر مان، اِهي ڪتاب ۽ ٻيا ٻه ڪيئي اسلامي ڪتاب ورتا، جن جي پڙهڻ ڪانپوءِ مونکي سڪون حاصل ٿيو. عمرو ۽ مسجد نبوي جي زيارت ڪرڻ ڪانپوءِ تبوڪ پهچي ٻهريائين تفهيم القرآن کي اهڙي طرح مطالعو ڪيو، جو قرآن جي احڪامن ۽ مثالن کي، آءٌ الڳ هڪ بوڪ تي، آيتن جي نمبرن سان، مطالعي لاءِ لکندو رهيس. الله جي ڪلام ۾ وڏي طاقت ۽ اثر آهي، جو مون کي ڏهن سيپارن پڙهڻ تائين، سيني سوالن جي جوابن کان علاوه نه صرف ٻيا به هزارين مونجهارا ختم ٿيا پر شرڪ بابت بيحد ڄاڻ ملي، جنهن ڪري گهٽي ڌنڌلاهٽ ختم ٿي ۽ مونکي پنهنجي منزل صاف ڏسڻ ۾ آئي.

الله تعاليٰ، نبي صلعم جن تي قرآن پاڪ نازل ڪري، پوري ڪائنات تي وڏو احسان ڪيو آهي. قرآن انسانن جي صحيح زندگي گذارڻ لاءِ، هڪ مڪمل قاعدن، ضابطن ۽ هدايتن جو ڪتاب (Perfect code of life) آهي. جنهن ۾ سوال به آهن ته وري انهن سوالن کي حل ڪرڻ جا رستا به ٻڌايل آهن، ته جيئن خالق جي مخلوق، هرويرو وچڙي غافل نه ٿئي، جنهن ۾ خالق جي غفور هجڻ جو واضع ثبوت ملي ٿو پر افسوس جو اکين ۽ ڪنن هوندي به اسين نه ڏسي سگهون ٿا ۽ نه وري ٻڌڻ جي وسعت رکون ٿا. اِها هڪ وڏي ڀُل آهي، جو اشرف المخلوقات جي درجي کان ٿُني وڃي، اسفل سافلين جي نيچ درجي کي قبول ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي هٿن مان نڪرڻ نه ٿا ڏيون.

الله تعاليٰ، فرمائي ٿو ته ”بيشڪ اوهان ڏانهن هڪ ڪتاب نازل ڪيوسين، جنهن ۾ اوهان لاءِ نصيحت آهي، پوءِ ڇو نه ٿا سمجهو“ (10/21).

هاڻي سمجهه تڏهن ايندي جڏهن اُن جي معنيٰ ۽ مطلب کان واقف ٿيڻ لاءِ جاکوڙ ۽ کاوش ڪبي.

”هي قرآن فيصلو ڪندڙ آهي ۽ نہ ٺٺولي جي ڳالهہ ڪندڙ“ (13/4/87).
قرآن کي جڏهن چڙي ڏٺو تہ پوءِ اسان کي ڪيئن خبر پوندي تہ خالق مخلوق، هن ڪائنات کي ٺاهي اسان کي پنهنجو نمائندو ڪري ڇا لاءِ موڪليو آهي. ڇا هي دنيا صرف راند ۽ مسخري لاءِ ٺاهي وئي آهي ؟

”الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ، ’آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي سا ڪا اسان راند نہ بڻائي آهي“ (16/21).

زمين ۽ آسمان جي بناوت تہ ڇا پر انسان پنهنجي اندر جي بناوت ۽سندس چؤ طرف جيڪي بہ نظر ايندو رهي ٿو، انهن سيني ۾ خالق ۽ مالڪ جي قدرت جون نشانيون موجود آهن پر صرف غور ۽ فڪر ڪرڻ جي ضرورت آهي. دنيا ۾ هڪ پن تہ ڇا پر هڪ ڪنڊو بہ بيڪار نہ آهي. خراب کان خراب ماڻهو بہ ڪنهن نہ ڪنهن مقصد خاطر پيدا ڪيو ويو آهي، باقي اِها ڳالهہ جدا آهي تہ حضرت انسان انهن رازن کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪري. الله تعاليٰ ڪائنات ۾ بي انداز خوبصورتيون پيدا ڪيون آهن، جن تي غوروفڪر ڪرڻ سان سندس ڪبريائي واضع نظر اچي ٿي پر جيڪڏهن ڪو انسان هن خوبصورت ڪائنات جو بصيرت واري اک سان مشاهدو نٿو ڪري تہ پوءِ سندس گمراهي آهي. توهان ڪڏهن غور ڪيو آهي تہ ساڳئي زمين ۽ پاڻي مان هزارين قسم جا ميوا ڪير پيدا ڪري ٿو؟ جن جو ذائقو، مواد ۽ رنگت هڪ ٻئي کان ڪافي مختلف آهي. ان تخليق تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ڪهڙي طاقت آهي، جيڪا هڪ جهڙن داخل ڄُزن (Input) (پاڻي، مِٽي) جي ڪري ڪيترن ڪيميائي عملن جي سلسلن (Chemical Reactions) ۾ تبديليون آڻي مختلف قسمن جي مختلف ذائقن واري ميوات پيدا ڪري ٿي . ڳئون، مينهن ٻَڪري جي جسم مان ڳاڙهي رت کان پاڪ صاف، سَفيد کير ڪيئن ٿهي نڪري ٿو. سبحان الله، هر ذي شعور انسان، ڪائنات يا پنهنجو پاڻ ۾ غوروفڪر ڪري تہ هِن کي قادر جي قدرت ۽ تخليق جي ڪهاڻي سمجهہ ۾ اچي ويندي. دنيا جي تقريباً ٻن سَوَ ملڪن جي آبادي، جيڪا هن وقت ساڍن ستن اربن جي ويجهو آهي ۽ هن صدي جي آخر ۾ ٻارهن اربن تائين پهچندي، توهان اندازو لڳايو تہ ساڍا ست ارب ماڻهن ۾ ڪي بہ ماڻهو بہ هڪجهڙا نہ ملندا ڇا هي تخليق جو بيمثل ۽ اعليٰ معيار توهان کي نظر نہ ٿو اچي. ڇا هي پوري تخليق بي مقصد هوندي؟ ڪڏهن بہ نہ، صرف سوچڻ جو مقام آهي.

الله تعاليٰ جا ٻانهان جڏهن آسمان ۽ زمين جي بناوٽ تي فڪر ڪندا آهن تہ چوندا آهن تہ بيشڪ پالڻهار تو هنن کي بي رٿو نہ بڻايو آهي.
آفاق ۽ وجود ۾ نشانيون آهن، جن تي غور و فڪر ڪرڻ سان انسان پنهنجي وجود کان واقف ٿي، اُن خالق ڪائنات جي تخليق جو مقصد معلوم ڪرڻ لاءِ فڪر مند ٿئي ٿو.
اِها ڄاڻ تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن، اسان الله جي ڪتاب کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، باقي ثواب خاطر تلاوت تي انحصار ڪرڻ سان، دين جي سونپيل جوابدارين جي انعام جا حقدار نہ ٿا ٿي سگهون. اِهو ائين آهي جو پيناڊول جي گوري ڪيسي ۾ رکڻ سان مٿي جو سور ڪونہ لهندو. جهڙيءَ طرح مٿي جي سور لاهڻ لاءِ، گوري کائڻ ضروري آهي، اهڙي طرح جنت حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪلام الاهيٰ جي احڪامن کي دل سان لڳائڻ ضروري آهي.
جيئن ٻڌايو ويو آهي، تہ آفاق ۽ وجود ۾ نشانيون آهن عقل وارن لاءِ تہ پوءِ عقل وارا ڪيڏانهن ويا؟ جو نہ اُهي نشانيون ڪڍي، عام ماڻهن جي رهبري لاءِ پيش ڪيون ويون آهن.

تخليق ڪائنات ۽ بگ بئنگ نظريو

هن ڪائنات (Universe) جو وجود ڪيئن ٿيو ۽ مقصد ڇا آهي؟. توهان کي خبر آهي تہ آواز (Sound) بہ وڏي قوت رکي ٿو ۽ اُن کي ماپي بہ سگهجي ٿو. الله تعاليٰ جو ’ڪُن‘ چوڻ ۽ ڪائنات جو وجود (فيڪون) ۾ اچڻ، ڪو خالق اڳيان مشڪل ڪم نہ آهي. توهان ڪُن لفظ کي، جيڪڏهن وڏي آواز سان، ڪجهہ ڀيرا ورجائيندا تہ پيدا ٿيندڙ آواز جي طاقت جي اسرار جو اندازو لڳي ويندو.
ساڳئي طرح، هِن دنيا جي خاتمي بابت، اِهو نازل ٿيو آهي ”سخت رَڙِ ٿيندي، پوءِ سڀ، جا سڀ اچي گڏ ٿيندا (53/36)، اِهو منظر آهي قيامت جي ڏينهن جو، جڏهن هيءَ دنيا ختم ڪئي ويندي، جبل پڃي پورا ڪيا ويندا. اِن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جيڪا شئي وڏي آواز سان پڃي پورا ڪري سگهجي ٿي تہ اُن جو وجود بہ ان ساڳئي آواز سان ٿي سگهي ٿو، جنهن کي ’ڪُن‘ چئون ٿا.
خالقِ ڪائنات پنهنجي ڪلام ۾ مختلف جاين تي ارشاد فرمايو آهي، تہ الله تعاليٰ، جنهن ڳالهہ جو فيصلو ڪندو آهي تہ اُن لاءِ صرف ايترو چوڻ تہ

'تي پئو (ڪُن) نہ اُها شئي تي پوندي آهي. اهڙيءِ طرح ڪائنات جي تخليق ۾ جيڪي ڪجهہ مَجَهسِ آهي، اِهو سڀ خالق جي صرف هڪ لفظ 'ڪُن' جو مظهر آهي. جنهن کان ڪوبہ انڪار نہ ٿو ڪري ايترو جو مُشرڪن ۽ ڪافرن کان جڏهن اِهو سوال ڪيو ويندو آهي تہ هي ڪائنات، زمين ۽ آسمان ڪنهن خلقيا آهن تہ فوراً چوندا الله تعاليٰ خلقيا آهن.

هي سڄي ساري خلقت، اُن جي ڪمالِ علم، ڪمالِ حڪمت ۽ ڪمالِ قُدرت جون نشانيون آهن، جنهن جو مطلب تہ هر مخلوق، الله جي اُن هڪ لفظ جي ادائگي جو ئي نتيجو آهن.

فرمان آهي 'چئو تہ جيڪڏهن منهنجي رَب جي ڳالهہ لاءِ سمنڊ مَسُ ٿئي تہ بہ منهنجي رب جي ڳالهين ختم ٿيڻ کان اڳ، سمنڊ ختم ٿي ويندو، ڪٿي اُن جهڙو ٻيو (سمنڊ) بہ مدد طور آڻيون. (109/18)'.

جيڪڏهن زمين جا سڀ وڻ قلم ٿين ۽ سڀ سمنڊ، خواهہ ان کان سواءِ، ٻيا بہ ست سمنڊ گڏجي مَسُ، ٿين تہ بہ اُن جون ڳالهيون نہ کُٽنديون (27/31).

الله تعاليٰ جي ڪمالِ قدرت جي واکاڻ لاءِ سمنڊن جو ناڪافي هجڻ، ظاهر ڪري ٿو تہ اُن جي تخليق جو معيار ڪيترو نہ اعليٰ آهي جو اِن ۾ ڪنهن قسم جي ڪمي يا نُڪسُ هجڻ جي ڪا گنجائش باقي نہ هوندي ۽ تخليق سان گڏ، تقدير ۽ هدايت جو سلسلو بہ فرمائي ڇڏي ٿو.

اهائي تقدير ۽ هدايت آهي، جنهن تحت طبعي قانون (Laws of Nature) جو وجود سامهون آيو، جنهن ڪانپوءِ، حياتاتي قانونن (Biological Laws) جو اضافو ٿيو. اِنهن قانونن کي ٿوري وقت لاءِ حَذف ڪرڻ لاءِ، لفظ 'ڪُن' جو استعمال ڪري، الله تعاليٰ، پنهنجي خاص مرزي هلائي مطلوب ڪم جي تڪميل ڪرائي وٺندو آهي، جنهن کي معجزه (Miracle) چيو وڃي ٿو. اِن جا ڪيترائي مثال، الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ ٻڌايا آهن، مثلاً،حضرت عيسيٰ عليہ وسلام جي پيدائش بغير پيءُ جي ٿيڻ، جنهن ۾ حياتاتي قانونن کي روڪيو ويو ۽ هڪ لفظ 'ڪُن' جي برڪت سان، اُن رُڪيل قانون جي جاءِ ورتي. ساڳئي طرح اصحاب الڪَهف وارن جو قصو آهي. ٻيو مثال حضور نبي ڪريم جڏهن معراج تي ويا حرم پاڪ کان مسجد اقصيٰ ۽ ستن آسمانن جو سير سفر ۽ اُتي مختلف محفلن ۾ حاضري ڀري موٽڻ ڪانپوءِ سندس وضو جو پاڻي اجان وهي رهيو هُيو ۽ درجو ڪَڙو اجان لڏندو پي رهيو. اهو سڀ الله تعاليٰ لاءِ آسان آهي جو وقت کي مُنجَمِدُ

(freeze) ڪري ۽ ٻئي حڪم سان، قدرتي قانون وري ٻيهر، پنهنجي اصلي حرڪت ۾ اچي ويا.

جيئن فطرت جا ڄاڻو ڄاڻن ٿا ته هيءَ دانشمندانه، بي عيب، باقاعدي ساخت واري ڪائنات، پاڻمرادو ٻڌائي ٿي ته ضرور ڪنهن تمام عظيم، همه گير قوت ئي اهڙو عجيب ۽ حيرت انگيز نظام خلقيو آهي، جنهن جي ڪمالِ تخليق جي جيتري به تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي. هزارين سال گذرڻ باوجود پوري نظام جي ڪنهن هڪڙي پرزي ۾ نه ڪو تعطل نه ڪا رنڊڪ يا ڪا خرابي نظر آئي هجي ۽ هر هڪ پرزور، پنهنجي مقرر ڪيل مقدار مُطابق عمل پيرا آهي. پر جي هي ساري ڪائنات، اجايو يا پاڻمرادو خلقيل هجي ها ته ضرور ڪونه ڪو عيب ظاهر ٿي پوي ها.

الله تعاليٰ جي ڪلام پاڪ مان، مبارڪ لفظ ’روح‘، امر ’وحي‘ ۽ ’نور‘، اُهي لفظ آهن، جن جي حوالي سان تخليق جو پهريون مرحلو وجود ۾ آيو. الله تعاليٰ جي امر، ’ڪن‘ نهايت لطيف ۽ پرسڪون ’نُور‘ جي صورت اختيار ڪئي، جنهن ذريعي هڪ ’روح القدس‘ ۽ ٻئي ’روح الامين‘، يعنيٰ حضرت جبرائيل سان گڏ سڀ ملائڪ، جن جي تخليق ’نور‘ مان ڪئي وئي ۽ ٻئي روح، آدم ۽ روح محمدي سميت نسلِ آدم جي اُن سيني انسانذات جي روحن جي تخليق ڪئي وئي. جيڪي تاقيامت پيدا ٿيڻا آهن. ’اَلستُ بِرَبِڪُم، قَالُو بَليٰ‘، انهن روحن پنهنجي خالق سان عهد ڪيو، ته تون ئي اسان جو رَبُ آهي. رب تسليم ڪرڻ ڪانپوءِ، جڏهن خاڪي جسد ۾ ڦوڪيو وڃي ٿو، ته پوءِ اُن ڪيل عُهد کي وسارڻ نه گهرجي. بلڪ جسد خاڪي ۾ ڦوڪجڻ ڪانپوءِ، اِن ڪيل واعدي کي هر وقت ياد ڪرڻ گهرجي ۽ اُن خالق جي احڪامن جي پرپور تابيئداري ڪندي، قيامت جي ڏينهن جي سختين ۽ دوزخ جي باهه کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ اُپاءُ ونڻ گهرجن.

اهو عليم ۽ قدير، جنهن ساري ڪائنات کي اڻ هوند (Nothingness) مان خلقيو ۽ مخصوص انداز ۾ بيهڪ ڏنائين، جن شين کي انسان لاءِ مُسَخر يا تابعدار ڪرڻو هُيس، انهن شين، مثلاً، حيوانن ۽ نباتات ۽ غير جاندار شين کي قدر آهر خلقي، اُنهن جي نشوونما جو بندوبست ڪيائين.

انسان جي ٻالڪپڻ، جوانيءَ ۽ ٻُڍاپي جي هر منزل جي گهرجن جون شيون پيدا ڪيائين. بس اِها آهي ٿورڙي جهلڪ، هڪ عليم جي علم جي، خالق جي خلقت جي، حڪيم اَلتقدير جي ڪمال قدرت جي

سبحان الله، هي ڪائنات جي ابتدا (Big Bang) سان ٺيٺ ڏانهن اشارو آهي، جنهن جي خبر چوڏهن سَوَ سال اڳ، قرآن ڪريم ڏني آهي. جڏهن ته سائنسدانن کي ان جو علم يا انڪشاف چند سال اڳ ٿيو ۽ اِن عمل سان جيڪي اربين، ڪربين ستارا ۽ ڪهڪشائون وجود ۾ آيون، تن جي تمام ٿوري خبر سائنسدانن کي پئجي سگهي آهي.

سيني انسانن، حيوانن، نباتات ۽ جمادات جي ضرورتن لاءِ پاڻي، روشني، بجلي ۽ معدني شين جهڙي قوت ۽ بيون اُهي ضروري شيون جيڪي اسان جي سمجهه کان به ٻاهر آهن، تن کي به پيدا ڪري هر قسم جي مخلوقات لاءِ هر لحاظ کان قيامت تائين زمين ۾ قوت پري ڇڏيائين.

خالقِ ڪائنات جي ايجاد جو ٻيو مرحلو ٿئي ٿو، جنهن ۾ زمين، آسمان، جِن ۽ انساني مخلوقات جو نهڻ شامل آهي. جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيل آهي ته الله تعاليٰ جڏهن به ڪنهن شئيءَ کي ٺاهڻ جو ارادو ڪندو آهي ته صرف لفظ ’ڪُن‘ چوڻو پوندو اتس ۽ اُها شيءِ نهي پوندي آهي.

خالق جو چوڻ آهي ته ڪجهه به نه هُجڻ مان زمين ۽ آسمان ٺاهيا ويا آهن. اڳتي زمين ۽ آسمانن جي بناوت بابت اهو ٻڌايو ويو آهي ته اِهي ٻئي وڏي تدبير ۽ رٿا بندي سان ٺاهيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن هُو چاهي ته زمين تي وسندڙن کي ناس ڪري، ٻئي جديد قوم کي پيدا ڪري. زمين ۽ آسمان انهن جي وچ ۾ جيڪي ڪجهه آهي، انهن کي اجايو ڪونه ٺاهيو ويو آهي ۽ بناوت جي تفصيل ٻڌائيندي، اِهو فرمايو ويو آهي ته، ”ڪيئن ستن آسمانن کي طبقا طبقا ڪري خلقيو ويو ۽ انهن ۾ چنڊ کي روشن ۽ سج کي چمڪندڙ ڏيئو ڪيائين ۽ زمين کي وڇائو ٻڻايائين. بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ جوڙجڪ ۾ رات ۽ ڏينهن جي بدلجڻ ۾ عقل وارن لاءِ يقيناً نشانيون آهن.“ (190/3).

بهرحال ذات پاڪ تي ايمان رکندڙ، اُن جي پهري حُڪم ’ڪُنِ‘ جنهن تحت عالم نور جو وجود ٿيو، انهن جي سمجهڻ لاءِ آسان آهي ته الله تعاليٰ جي ٻئي امر ’ڪن‘، جي حوالي سان زمين ۽ آسمان جي تخليق هڪ وڏي ڌماڪي سان ٿي، جنهن بابت دنيا جي علم طبعي جا معروف ماهر متفق ٿي چڪا آهن ته هي ڪائنات اندازً، 15 ارب سال اڳ، هڪ وڏي ڌماڪي (Big Bang) سان وجود ۾ آئي. سوال پيدا ٿو ٿئي ته اهو ڌماڪو، ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو، تنهن لاءِ صرف اِهو چون ٿا ته اُن ڌماڪي وارو وقت ۽ مڪان اجان غير معروف آهن پر جيڪڏهن اهو پڇيو وڃي ته اِهو ڌماڪو ڪنهن ڪيو، ته اِن لاءِ ڪوبه جواب ڪونه اٿن، جو ان سوال جي جواب ۾، خالق

ڪائنات جي وجود جو تصور سامھون اچي وڃي ٿو، جيڪو انھن ماده پرست افراد وٽ قابل قبول ڪونہ آھي. ذاتِ حق سبحانه تعاليٰ جي ٻئي امر ’ڪُن‘، جي نتيجي ۾ ھڪ اھڙو ڌماڪو ٿيو، جنھن ’نور‘ مان ’نار‘ جي شڪل اختيار ڪئي.ان جي تائيد وقت حاضر جي علم طبعي جي ماھر مسٽر اسٽيون وائن برگ ڪئي آھي، جنھن مطابق اِن ڌماڪي دوران ھڪ اھڙي باھ شڪل اختيا ڪئي، جو ان مان مختلف برقي ذرڙن جھڙوڪ، منفي برقي، مثبت برقي ذرن ۽ غير جانبدار ايٽمي ذرن (Electrons, Protons & Neutrons) تي مشتمل ھُئي، جنھن جو لکين درجه حرارت ھيو ۽ تمام تيزي سان ھڪ ٻئي کان پري وڃي رھيا ھُئا. وقت گذرڻ سان، انھن ذرڙن جي درجه حرارت ۽ ڪشش ثقل (Gravity) ٻنھي ۾ گھٽتائي ٿيندي رھي. ذرڙا ھڪ ٻئي کان پري ويندي، وڏيڪ حصن ۾ ڦاٽندا ۽ تعداد ۾ وڌندا رھيا، جنھن ڪري مختلف آسماني گرھ (astronomical objects) ۽ ڪھڪشان (Glaxies) وجود ۾ آيون. اسان جي زمين، چنڊ، تارا وغيره، جيڪي (سواءِ سج) پنھنجي مقناطيسي طاقت (Gravity Force) ذريعي، پنھنجي محور تي ڦرندا رھن ٿا ۽ سيني جي شڪل تقريباً گولائي (Spherical) يا بيضوي (Egg Shape) آھي، جو وڏي ڌماڪي مان نڪتل شيون، وڏي رفتار سان گولائي ۾ ڦرندي نڪرڻ ڪري پاڻمرادو ئي اھڙي گولائي جي شڪل اختيار ڪري وٺن ٿيون.

اِن باھ (نار) جي تخليقي مرحلي جي آخر ۾ خالق ڪائنات، جنات کي پيدا ڪيو، جنھن جو ذڪر سوره الحجر، جي آية 27 ۾ آيو آھي، تہ جِنن کي باھ مان پيدا ڪيو ويو آھي. حضرت آدم جي تخليق، جنن کان گھڻو عرصو بعد ۾ ڪئي وئي. تخليق جو ٽيون مرحلو اُن وقت شروع ٿيو، جڏھن باھ مان نھيل ٽُڪرا ٿڌا ٿيڻ لڳا. جن ۾ ھڪ اسان جي زمين بہ ھُئي. زمين جي ٿڌي ٿيڻ سان، بہ شيون وجود ۾ آيون، ھڪ تہ زمين ٿڌي ٿيڻ ڪانپوءِ، سندس سطح تي ھڪ خاص تھہ ٺھي پيو،جنھن کي crust of earth چيو وڃي ٿو ۽ اُن جي ٿڌي ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻي جا بخار نڪري زمين جو غلاف يعنيٰ فضا (Atmosphere) وجود ۾ آيو، جنھن ڪانپوءِ، ھائيڊروجن ۽ آڪسيجن جي ميلاپ سان پاڻي وجود ۾ آيو، جيڪو ڪُل زميني حيات لاءِ مفيد آھي. جنھن لاءِ ارشاد آھي تہ ھر جاندرا شيءِ پاڻيءَ مان ٺاھي وئي آھي.

وقت گذرڻ ڪانپوءِ زمين تي خليفو موڪلڻ لاءِ، حضرت آدم کي پنھنجي ھٿن سان ٺاھي روح ڦوڪيو ۽ سندس تاجپوشيءَ جي محفل ۾ نوري ۽ ناري مخلوق کي حڪم ڏنو ويو تہ ڪيس سجدو ڪن سيني

ملائڪن، مالڪ جي حڪم جي آڏ مڃي سجدو ڪيو، سواءِ هڪ جِن عزازيل جي، جنهن اڳتي هلي بغاوت جو اعلان ڪيو، جنهن ڪري ڪيس شيطان ۽ ابليس جي خطابن سان نوازيو ويو.

حضرت آدم ۽ ابليس جو سجدو نہ ڪرڻ وارو قصو، پنهنجي اهميت جي حوالي سان قرآن پاڪ ۾ ستن مختلف جاين تي ذڪر ڪيل آهي. جن ۾ اِهو ٻڌايو ويو آهي، تہ هُن سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو تڪبر ۾ اچي نافرمانن ۾ شامل ٿي ويو ۽ ايئن بہ چيائين تہ مٽيءَ مان نهيل ڪي سجدو ڪيئن ڪيان وغيره وغيره.

هاڻي اِهو ڏنو وڃي، تہ آخر شيطان پنهنجي انڪار ۽ بغاوت جي حق ۾ ڪهڙا سبب بيان ڪري ٿو، ڏسڻو اهو آهي تہ اُنهن ۾ سندس علم مطابق ڪيترو وزن آهي. شيطان جو چوڻ هو، تہ هي انسان زمين ۾ فساد ڪندو ۽ رت وهائيندو. هن نقطہ فڪر تي شيطان جي علم ۽ عقل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ واقع انسان هن دور ۾ انهن ٻنهي ڪمن ۾ ئي مشغول نظر اچي ٿو، جن جو انڪشاف شيطان ارتقائي دور ۾ ڪيو هو ۽ جنهن ۾ حصيدار خود ابليس بہ آهي. ان کان علاوه، شيطان جو چوڻ هو، تہ مان اِن تخليق کان بهتر آهيان جو مونکي باهہ (نار) مان ٺاهيو ويو آهي ۽ هِن (آدم) کي مٽيءَ مان ۽ وڌيڪ ان ۾ اضافو ڪيائين تہ اِهو منهنجو ڪم نہ آهي تہ مان هِن بشر کي سجدو ڪيان جنهن کي تو سڙيل مٽي جي سُڪي گاري مان پيدا ڪيو آهي.

اِن مان ثابت ٿيو تہ شيطان جي بغاوت جو اصل سبب حضرت آدم جي بناوت جو صرف اِهو پهلو هو، جيڪو اصل ۾ مٽيءَ مان هجڻ ڪري، جنن جي ناري بناوت جي مقابلي ۾ ڪجهہ ڪمتر هُيو. مگر ابليس، اِهو يلجي ويو تہ هِن مٽي جي مجسمي ۾ روح رباني بہ ڦوڪيل آهي، جيڪو نور مان نهيل هجڻ ڪري، ناري کان مرتبي ۾ مانَ ۾ گهڻو مٿي آهي ۽ ان جي مانَ ۽ عزت جي ڪري، ملائڪن کي سجدي جو حڪم ڪيو ويو هو. سيني ملائڪن سجدي اُن نوري پهلو جي اهميت ڪري ڪيو، جو هُو پاڻ بہ اِن عالم امر جي تخليق هُئا. ليڪن ابليس اِن کان گهٽ علم رکندي انڪاري ٿيو. اِها سندس هڪ وڏي ڀُل هُئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو،تاقيامت سزا جو مستحق ٿيو، ليڪن هُن اِن ۾ پوري انسانيت کي شامل ڪرڻ جي اجازت گهري، جيڪا ڪيس عطا ڪئي وئي. بلڪ پنهنجي ڊگهي عمر تاقيامت تائين بہ الله تعاليٰ کان منظور ڪرائي ورتي، تہ جيئن

ايندڙ نسلن کي بہ راہ راست ڪان بگاڙي ۽ پنهنجي تڪبري انداز کي ثابت ڪري ڏيکاري ۽ پنهنجي جماعت ۾ قيامت تائين اضافو ڪري سگهي.

’شيطان چيو تہ ”ڏِسُ هي شخص (حضرت آدم)، جنهن کي تو مون تي شرف ڏنو، جيڪڏهن مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏيندين تہ ٿورڙن کانسواءِ، سندن اولاد جون پاڙون پٽيندس“ (62/17).

بني آدم ۾ ڦوڪيل روحاني جُز، جنهن انسان جي مان ۽ مرتبي کي وڏائي اشرف المخلوقات جي درجي تي پهچايو پر شيطان جو پهريون ڪارنامو، حضرت آدم ۽ ڏاڏي حوا کي جنت مان ڪيرائي ڇڏيو. حضرت آدم باخبر هوندي بہ شيطان جي ڳالهين ۾ اچي پاڻ کي سزاوار بڻايو جنهن ڪري پوري انسانذات کي اُن عمل تي ملال آهي ۽ پنهنجي اشرف المخلوقات جي اهڙي وڏي مَانُ کي داغدار ڪيو ۽ پوئين اولاد کي پڻ پشيمان ڪيو.

شيطان سجدو نہ ڪري انسان کي وڏي آزمائشي مرحلي ۾ قيد وبند ڪري ڇڏيو آهي، جتان نڪرڻ لاءِ، الله جي خاص ٻانهن کي تہ آسان هوندو پر عام ماڻهو شيطان جي وِسوسَن ۾ اچي اهڙو گرفتار ٿيو آهي جو هو پاڻ بچائڻ لاءِ پريشان حال نظر اچي ٿو. ڏاڍو ڏکيو نظر اچي پيو، شيطان مردود جي سجدو ڪري ها، تہ الله تعاليٰ انسان ذات جي آزمائش ۾، وڏي آساني فرمائي ها تہ اڪثريت لاءِ شايد جنت آساني تي وڃي ها ۽ ٿورا وڃي دوزخ پيڙو ٿين ها. شيطان مردود جي انڪار ڪري، انسانذات ڏکي آزمائش ۾ پوڻ سبب تمام ٿورن، کي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. باقي گهڻائي اُن ابليس جي پوئواري ڪندڙن جي هوندي، جيڪي دوزخ جي باهہ ۾ ڌڪي اندر ڪيا ويندا، جتي هو هميشہ لاءِ رهندا جو انهن الله تعاليٰ ۽ انجي رسول جي نذير (Warning) ڏيڻ کانپوءِ بہ، عمل پئرا نہ رهيا.

انسانذات جي تخليق بابت انگريز سائنسدان ڊَاروِن، 1859 ۾ هڪ تحقيق ڪري ٻڌايو تہ انسانذات پولڙن (Apes)جي نسل مان پيدا ٿيا آهن، جنهن تي عيسائي پادرين وڏو احتجاج ڪيو تہ اِهو سراسر غلط آهي، جو بائيبل مطابق، انسان الله تعاليٰ جو خلقيل آهي ۽ اِهائي ڳالهہ الله تعاليٰ جي بين نازل ڪيل ڪتاب ۾ بہ آهي. ڊارون حياتاتي زندگي جي اِيياس (Biological evaluation theory) جي ارتقائي عمل جي تائيد ڪندي، چوي ٿو تہ هر جنس (انسان، حيوان ۽ ٻوٽا) قدرتي چونديل ۽ موروثي تبديلي وسيلي، پنهنجي انفرادي (individuals) قابليت يا صلاحيت ۾ وقت

گذرڻ سان اضافو آڻي مقابلو ۽ چٽا پيٽي جي چڪتاڻ ڪري، پنھنجو پاڻ کي خطرن مان ڪڍي، زنده بچائي ٿي، ان لاءِ ته پنھنجي جنس کي اڳتي زنده رکڻ لاءِ، اُن ۾ وڌيڪ اپت آڻي.

ڊارون جي چوڻ مطابق، هر جاندار شئي، وقت گذرڻ سان پنھنجو پاڻ ۾ تبديلي آڻي اچي هاڻوڪي شڪل اختيار ڪئي آهي. مثال ته انسان اڳ ۾ پولڙا هئا پر ماحول ۽ وقت گذرڻ ڪري، انساني جسم ۽ اقامت حاصل ڪيائون ۽ اهڙي طرح پنھنجي دماغي سوچ ويچار ۾ به اضافو آندائون.

ڊَارِوِن جي هي سوچ، 1859ع ڌاري آئي، جنھن وقت نزول قرآن کي، 1275 سال گذري چڪا هُئا. الله تبارڪ و تعاليٰ، قرآن ۾ ٽن جاين تي فرمايو آهي، ته ڪيترن ئي بُچڙن ۽ نافرمان ماڻھن ۽ ٽولن کي پنھنجو غضب نازل ڪندي، انھن مان ڪيترن کي باندر (Monkey) ۽ سوئر (Pig) بڻائي ڇڏيو. غالباً سوئر جو گوشت کائڻ کان سخت منع ان ڪري آهي. جو بندر ۽ سوئر انسان جي ساخت مان قريل (converted) نسل آهي، جنھن کي ڊَارِوِن(اُلٽو ڪري پيش ڪيو آهي. ڊَارِوِن کي اِهڙي قسم جي نظريي (theory) پيش ڪرڻ کان اڳ الھامي مقدس ڪتابن، مثلاً قرآن، توريت، زبور ۽ هندو ويدن جو مطالعو ڪرڻ گھرجي ها.

ڪُليل ڪتاب وارو امتحان
(Open Book Examination)

قرآن شريف مان مونکي سيني سوالن جا جواب ملي ويا ۽ مونکي وڌيڪ قرآني ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن جي معنيٰ جو مطالعو ۽ اِن سان گڏ تفسير پڙهن معمول ۾ شامل ٿي ويو. معنيٰ ۽ تفسير پڙهڻ سان منھنجا ست ئي طبق آهستہ آهستہ روشني جذب ڪرڻ لڳا ۽ ڪيترن ئي مونجھارن ۽ ڏکين مسئلن جا جواب ملندا رهيا. قرآن اِهو علم آهي، جنھن ۾ هر مسئلي جو حل موجود آهي. هڪ بحث دوران ڪنھن دهرئي عزيز سوال ڪيو، ته ڇا قرآن ۾ ائٽم (Atom) جو ذڪر آهي، مان ڪيس ٻڌايو ته بلڪل، هڪ دفع نہ پر بہ ٽي دفع ذڪر آهي. سورة صبا جي آيت ٽئين ۾، عربي لفظ ’ذره‘ جنھن جي معنيٰ آهي atom، جڏهن ڪيس ڏيکاريم، ته ڪجھ مجڻ جهڙا آثار نظر آيا. وڌيڪ به ٻڌايو مانس، ته قرآن ۾ آيو آهي (10/61) ته ان ائٽم کي وڌيڪ ننڍو بہ ڪري سگھجي ٿو، جنھن کي سائنسدانن هاڻي چوڏهن سَوَ سال کانپوءِ ثابت ڪيو آهي.

الله تعاليٰ، جڏهن احڪامن جي نزول جي شروعات ڪئي تہ پهريون، حُڪم اِهو ڪيو تہ پڙهہ (اقرا) (Read)، پر افسوس جو اسان پڙهڻ کان انڪاري آهيون. اِهو حڪم، پنهنجي اهميت جي حوالي سان بہ دفعا نازل ٿيو تہ جيئن خبر پوي، تہ علمِ حاصل ڪرڻ ڪيترو نہ ضروري آهي. قرآن کي سمجهي پڙهڻ سان ئي، الله جي احڪامن جي صحيح ڄاڻ پوندي ۽ ان کانپوءِ عمل ڪرڻ بہ آسان ٿي ويندو. ان ڪري اگر قرآن کي سمجهڻ چاهيو ٿا ۽ سڌي وات حاصل ڪرڻ جي خواهش رکو ٿا تہ پوءِ منهنجو هڪ مشورو آهي تہ توهان گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو قرآن معنيٰ سان پورو پڙهي وجو ۽ پوءِ توهان کي معلوم ٿيندو تہ الله جي ڪلام ۾ ڪيتري صفائي (Clearlty) ۽ سچائي آهي توهان جا سڀ مونجهارا ۽ گمان آئيني وانگر شفاف نظر ايندا. قرآن ۾ هر سوال جا جواب موجود آهن، صرف محنت ڪري، انهن کي ڳولڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي. قرآن پاڪ ۾ جديد سائنسي انڪشافات (Scientific Discoveries)، چوڏهن سَوَ سالن کان موجود آهن، پر انهن کي صحيح طريقي سان، اسان جا عالم پيش نہ ڪري سگهيا آهن ۽ نہ وري ڪا اُن جي تشريح ڪئي آهي. مثال زمين جي بيدي واري (Spherical) شڪل هجڻ ۽ سج جي چوڌ طرف ۽ پنهنجي محور تي گهمڻ، ماءُ جي رحم ۾ ٻار جي پيدا ٿيڻ جا ست مرحلا، جن کي ڪجهہ سَوَ سال اڳ سائنسي تجربن ذريعي ثابت ڪيو ويو آهي اُنهن انڪشافن جي جڏهن انگريزن کي خبر پئي تہ حيران ٿي ويا ۽ 1976ع ۾ ڊاڪٽر مورس بوڪالي، لنڊن ۾ هڪ وڏي طبي ماهرن جي گڏجاڻي ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جا مختلف مرحلن بابت قرآن جي آيتن جي حوالي سان، جڏهن اپياس ڏنو، تہ هو سڀ حيران ٿي ويا، جنهن جي روشني ۾ هڪ ڪتاب "What is the origin of man" لکيو ويو، جنهن ۾ اهي سڀ قرآني آيتون شامل آهن. اهو ڪتاب، مان جڏهن لنڊن مسجد جي لائبريري مان خريد ڪيو. هي مسجد لنڊن جي Seven Sisters Street تي قائم ڪيل آهي. جيڪا مشهور راڪ گلوڪار مسٽر ڪئٽ اِسٽيون ۽ هاڻوڪي يوسف اسلام نهرائي. مان خاص ڪري يوسف اسلام سان ملاقات ڪرڻ خاطر ويو هيم. مسٽر يوسف السلام ڪيئن اسلام قبول ڪيو ۽ موسيقي کي خيرباد چئي، لنڊن ۾ گهڻي وقت کان اسلام جي خدمت ڪري رهيو آهي، ان جو احوال اڳتي ايندو.

قرآن معنيٰ سان پڙهي پوءِ ٻيو دفعو وري تفسير پڙهڻ کان پوءِ الله تعاليٰ جي باڪمال تخليق ۽ ان جي مقصدن بابت ڪافي معلومات ملي ۽ ڪيترن ئي ڏکين سوالن جا جواب پڻ مليا. منزل صاف ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي، پر بيل گاڏي واري سفر جيان وقت تي پهچڻ ڏاڍو مشڪل هو جو اِن منزل

ڪي پهچڻ لاءِ هڪ نئين سواري جو بندوبست ڪري باهمت تي، اِن منزل تائين پهچڻ جا جتن شروع ڪري ڏنا. مختلف اسلامي ڪتاب، حديثن ۽ تفسيرن جو مطالعي سان گڏ، هتان هُتان، علم ۽ معلومات هٿ ڪري، هڪ اڙانگي رستي ڪي سنوارڻ جي ڪوشش ۾، ڪافي محنت ۽ جفاڪشي ڪرڻي پئي. سعودي عرب ۾ هجڻ ڪري، اهي سڀ سهولتون آساني سان ملڻ لڳيون ۽ تبوڪ مان وقت ڪڏي، هر مهيني يا هر ٻئي مهيني پنهنجي گاڏي ذريعي، حرمين شريفين، عمري ۽ زيارتن لاءِ موقعو ضايع نہ ڪيو ۽ اتان جي ڪتاب گهرن خاص ڪري اسلامي ڪتاب گهرن مان، مختلف اسلامي ڪتاب، رڪارڊ ٿيل ڪيسٽون، مختلف موضوعن تي وٺي، انهن جو مطالعو هڪ معمول تي ويو. دل جي تپش، اُن غيرآباد زمين (Barren) وانگر سالن ڪانپوءِ ٿيندڙ برسات، پنهنجي مٿين سطح تي پيدا ٿيل، گل وَ گلزار ۽ اُن مُئل جيوت جو وري زنده ٿيڻ، هزارين، لکين، جيوڙا، جاندار، پوپٽ، ٽانڊاڻ (ڪڙ ڪبيتا)، وغيره نئين سر پيدا تي ميلو مچائين تا ۽ ڪيترن قسم جا گل، ٻوٽا، لوڙڪ، ساوڪ، لُلڙ، مختلف وٽڪار وغيره نکرڻ ڪري ويراني ڪي ساهہ پئجي وڃي ٿو ۽ هڪ نئين دنيا ڏسڻ ۾ اچي ٿي جيئن ڪُنوار ڪي هار سينگار ڪيو ويندو آهي. اِن خالق هر جاندار شئي ڪي پاڻي مان پيدا ڪيو آهي، ۽ آدم لاءِ بيان آهي تہ هُن ڪي چيڪي مٽي مان پيدا ڪيو ويو آهي، جنهن ڪي ارتقا ئي (Evolution) عمل دوران پاڻي جي ميلاپ يا گارو ڪري، اُن ۾ نوري روح ڦوڪي، هڪ اشرف المخلوقات جو مٿاهون ماڻ ڏئي، هِن زمين تي پنهنجو خليفو ڪري موڪليو پر ڪيس اهڙي امتحان ۾ وجهي، هڪ قوي دُشمن ابليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. انسانذات هڪ سخت آزمائش ۾ جڪڙيل آهي ۽ سندس وسعت ڪان وڌيڪ، دُشمن جو طاقتور هجڻ ڪري، اڪثريت ابن آدم جي ناپاس ٿيڻ جي امڪان ۾خطرناڪ حد تائين قاتل نظر اچي ٿي. صرف پاس اُهي ٿيندا، جيڪي حضرت موسيٰ وانگر دليري سان مقابلو ڪندا پر حضرت موسيٰ ڪي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي مدد شامل حال هُئي ان جي برعڪس، اڪثر انسان شيطان جي اثر هيٺ آهي ۽ سواءِ انهن مومنن جي،جيڪي پرهيزگار ۽ الله جا ٻانهان هوندا جو انهن ڪي قيامت جي ڏينهن نہ پوءَ ٿيندو ۽ نہ وري ڏجندا.

سوره عصر ۾، الله تعاليٰ، سچي قرآن جو تَتُ بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ صرف چئن مضمونن بابت سوال ڪيا ويندا. اِهي چار امتحاني پيپر آهن.

مڪمل ايمان آڻڻ، عمل صالح ڪرڻ، حق جي تلقين ۽ صبر جي تلقين ڪرڻ. سُني آخرت پائڻ لاءِ اِنهن چئن امتحاني پيپرن ۾ پاس ٿيڻ شرط آهي. اِنهن پيپرن ۾ ڪابہ اختياري نہ هوندي، ڪنهن بہ هڪ پيپر ۾ ناپاس ٿيڻ، مڪمل ناپاس ٿيڻ جي برابر آهي. هي امتحان ڪتاب کولي (Open Book Examiation) ڏنو ويندو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ انهن پيپرن جو مڪمل ڪورس بيان ڪري، انهن جا جواب بہ اسان جي آساني ۽ رهنمائي لاءِ ٻڌائي ڇڏيا آهن.
شاهہ لطيف ڀٽائي فرمائي ٿو:

وَحدَہ لاشريڪَ لہ، ٻُڌءِ نہ ٻوڙا،
ڪِ تو ڪنين نہ سُئا، جي گهٽ اندر گهوڙا
ڳاڙيندين ڳوڙها، ڄٽِ شاهد ٿيندءِ سامُهان

هنن چئن پيپرن جي خاص ڳالهہ اِها بہ آهي تہ هي Practical Base امتحان هوندو، جن ڪي انسان عملي طور هن دنيا ۾ ڪندو ۽ جنهنجو نتيجو ڪمپيوٽر جي ياداشت واري چپ وانگر محفوظ رکي، اُن حساب ڪتاب واري ڏينهن ظاهر ڪري، توهان جي هٿن ۾ چنو ڏنو ويندو. نتيجي ڏسڻ ڪانپوءِ توهان عجب ۾ اچي ويندا ۽ چوندا تہ هن ۾ تہ هر ننڍي وڏي عمل جو ذڪر ڪيل آهي.

هِن دنيا ۾ ڪيترا ڪتاب پڙهي بئچلر، ماسٽرس ۽ ڊاڪٽرس جو ڊگريون حاصل ڪيون ٿا، عمر جو گهڻو حصو ان محنت ۾ صرف ٿيو وڃي پر اڳتي جي ابدي ۽ هميشہ رهڻ واري زندگي لاءِ وقت ڪونہ ٿو ملي. حالانڪ واضح ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ دنيا جي حياتي، راند ۽ تماشي لاءِ نہ پيدا ڪئي وئي آهي. پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر ڀاتين کي اُن سخت باهہ کان بچايو، جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر هوندا. هِن دنيا ۾ توهان جون زالون ۽ اولاد، توهان جا دُشمن آهن، گهڻو مال ۽ اولاد فتني جو سبب ٿيندا آهن ۽ قيامت ڏينهن، ڪوبہ بار ڪٽندڙ، ٻئي ڪنهن جو بار نہ ڪٽندو، پيءُ پٽ جو، ڌيءَ ماءُ جو، ڀاءُ ڀيڻ جو، مٽ مائٽ، يار دوست، سڀ پنهنجي پريشاني ۾ هوندا ۽ ڪنهن جي ڪم نہ ايندا. اِن ڪان وڌيڪ خطرناڪ صورتحال، اُن وقت سامهون ايندي، جڏهن توهان جا پنهنجا عضوا يعنيٰ هٿ، پير، ڪَن، اکيون ۽ کلون توهان تي شاهد ٿي بيهنديون. الله تعاليٰ پنهنجي محبوب مخلوق تي ڪڏهن بہ ظلم ۽ بي انصافي نہ ڪندو پر ڀليل انسان پنهنجي بدڪارين سبب، پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪن ٿا، جو آخرت جي

ڏينهن تي ايمان گهٽ آڻين ٿا ۽ نتيجن، الله جي احڪامن جي اطاعت نہ ٿا ڪن. الله جي موڪليل ڪتاب کي چولين ۽ بُشڪڙن ۾ بند ڪري، سينگاري رکڻ بدران، اُن ۾ لکيل احڪامن کي پڙهڻ، انهن تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ مطلوب ۽ ڇوٽڪاري جو وسيلو آهي. امام غزالي رضہ فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ جيڪڏهن رزق عقل ۽ دانش وارن کي ڏئي ها تہ پوءِ بيوقوف ۽ جانور بُک مري وڃن ها. انسان جي تمام پريشانين جو سبب مقدر کان وڌيڪ چاهت مقرر وقت کان پهريائين حاصل ڪرڻ ۽ قناعت پسندي جي گهٽتائي آهي، دنيا نصيب سان ملندي آهي ۽ آخرت محنتن سان، ليڪن ماڻهو محنت دنيا جي حصول لاءِ ڪن ٿا ۽ آخرت جي ڪمائي کي نصيب تي ڇڏي ڏين ٿا. الله تعاليٰ اسان سڀني کي فڪر ۽ عمل جي توفيق عطا ڪري.

يا رفيق.........!

آمريڪا ۽ يورپ ۾ پاڪستانين کي عام طور انڊين يا خاص ڪري پاڪيز (Pakis) ڪري سڏيندا آهن، يا پنهنجو پاڻ ۾ جڏهن بہ ذڪر ڪندا آهن تہ اهڙن لقبن سان ياد ڪندا آهن. ٿاءِ لينڊ ۾ وري ’خيڪ‘ لفظ سان ياد ڪندا آهن. عرب ملڪن ۾، يورپين کي ماڻَ واري لفظ ’صديق‘ يا ’خواجا‘ سان سڏين ۽ خاص ڪري برصغير جي رهواسين کي ’رفيق‘ ڪري پڪارين، جيڪو عام طور اسان کي پسند نہ ايندو آهي، ڇو تہ اِنهن ٻنهي لفظن جي معنيٰ ۾، امتيازي سلوڪ (Discrimination) جي بوءِ اچي ٿي. جڏهن ’رفيق‘ جو لفظ ڪين موٽائي مُنهن ۾ هٽبو تہ پوءِ هو سمجهي ويندا هُئا ۽ فوراً ’صديق‘ لفظ استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا هُئا.

عربي زبان جي هڪ خاصيت آهي، جيڪا ٻين زبانن ۾ شايد نہ هجي. عربي ٻولي ۾ هڪ بنيادي لفظ (Root Word) هوندو آهي، جنهن مان ڪيترائي لفظ نهندا آهن پر انهن نهيل لفظن جي معنيٰ جو ربط (Linkage)، اُن بنيادي لفظ سان، هميشہ قائم هوندو آهي. مثال عِلم بنيادي لفظ مان معلوم، عالم، معلم، تعلم، يعلم، علماءُ وغيره ۽ ولد لفظ مان والد، مولود، اولاد وغيره.

صديق لفظ جي معنيٰ آهي، پيارو دوست ۽ رفيق هڪ واقف راهگير، همسفر وغيره، کي سڏيو ويندو آهي ۽ انهن ٻنهي لفظن ۾

واقع امتيازي سلوڪ جي بوءِ اچي ٿي، جيڪا پاڪستانين کي عام طور ناپسند آهي.

ڪافي عرصو پراڻي ڳالهه آهي ته هڪ سنڌي عمري تي مڪي شريف ۾ آيو ۽ حرم ۾ عبادت ڪري، جڏهن دعا گُهري ته آخر ۾ ’يا الله معافي ڏي‘ جا لفظ ڪجهه بلند آواز ۾ ورجايا. ته سندس پرسان ويٺل عرب پنهنجا ڪَن اوپرا ڪيا، ته هي پاڪستاني شايد ڪو دَهريو آهي، جو الله تعاليٰ جي ڪعبيٰ ۾ اُنجي ئي ويهي نفي ڪري رهيو آهي. دراصل سنڌي جي ڪجهه لفظن جي عربي ۾ معنيٰ نفي جي برابر آهي جو اِن کي عربي ٻولي وارو ٻڌندڙ ائين سمجهندو ته ’يا الله مافي‘ چئي رهيو آهي، جنهن جي (مَا معنيٰ نه ۽ في معني آهي). مطلب ته الله ڪونه آهي؟ (نعوذ بالله). سو اُن ٻڌندڙ وجي پوليس (شُرطي) کي اطلاع ڏنو، سو ڪيس ڪنيي ڪٽي ويا جنهن ڪانپوءِ، ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه سمجهڻ جو مسئلو هجڻ ڪري، آخر هڪ سنڌي عالم کي گهرايو ويو، جنهن اچي ٻنهي ڌرين کي سمجهايو، ته بابا اِن جي عربي ۾ معنيٰ آهي ’استغفرالله‘ جنهن ڪان پوءِ، اُن سنڌي جي جان ڇٽي نه ته سندس سِسِي سِرِ ڪان..........

مَين ڪِي ڪَران

جيئن ته پاڪستان جي هر ڪاتي ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو پرتي ٿي ويندا آهن، جيڪي وقت گذرڻ سان پاڻ کي لازم يا اَٽلُ (Inevitable) سمجهي ويهندا آهن ۽ پاڻ کي ايئين هڪ اهم اڪائي جي تصوير پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جڻ هي ادارو يا محڪمو اِنهن ڪانسواءِ بند ٿي ويندو يا نه هلي سگهندو. اِها سوچ رکندڙ منهنجي خيال ۾ وڏا بيوقوف آهن،هي دنيا هلي رهي آهي ۽ هلندي رهندي. ڪنهن جي اچڻ يا وڃڻ سان ڪاروبار ڪونه رُڪندو، باقي صرف ڪنهن قابل انسان جي وڃڻ سان، غير معمولي حالتن ۾، اُن اداري جي ڪارڪردگيءَ تي ٿورو گهڻو اثر پئجي سگهي ٿو.

اهڙي هڪ صورتحال، تبوڪ جي شاهه عبدالعزيز ملٽري ڇانوٽي ۾ پهرئين سال جي شروعات ۾ مون سان پيش آئي. اِهو واقعو ايئن آهي، جو هڪ دفعي ڇانوٽي جي حَساس علائقي اندر، پاڻي جي وڏي پائيپ لائين اچانڪ ٽُٽي پئي، جنهن ڪري اُن علائقي ۾ رودِ رستا پاڻي هيٺ اچي ويا. اِن پائيپ لائين کي، بغير پاڻي بند ڪئي ڳنڍڻو هو، جنهن لاءِ اُن علائقي

جي انچارج مسٽر منير فاروقي کي جلدي ڳنڍڻ لاءِ هدايتون ڏنيون ويون. جنهن تي فاروقي پنهنجي ڏهن سالن جي نوڪري جي تڪبر ۾ اچي، مون کي پنجابي ۾ چيو تہ ’مَين ڪِي ڪَ ان، ٺهوڪ نال پائيپ بند ڪران‘.

مسٽر فاروقي غالباً مڪينيڪل ۾ ڊپلوما هولڊر هُيو ۽ واٽر سپلاءِ ۾ گذريل ڏهن سالن کان ڪم ڪندو آيو، پر هو هڪ عجيب مزاج رکندڙ نفسياتي مريض (Psyco-Patient) لڳندو هو. سندس منهن مهاندا تيز (Sharp)، نڪ ڊگهو، ڳالهائڻ وقت ٻئي هٿ ڇيلهہ تي رکڻ ۽ هڪ ٽنگ ٿوري پاسيري ڪري، مُنهن ٽيڏو ڪري، وڏي آواز سان ڳالهائڻ جي عادت هُئس ۽ ڪوبہ پاڪستاني ساڻس ڳالهائڻ پسند ڪونہ ڪندو هو. پراڻن رانديگرن ۽ سازشين، پنهنجي ڳُجهن وارن ۽ منافقي ڪري، مون کي فيل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر رب پاڪ جي ڪرم ۽ محنت سان، اسان پنهنجي ڪم کي اهڙي طرح ڪنيو، جو دشمنن جون سڀ سازشون ناڪام ٿي ويون.

مان اُن ڪم لاءِ هڪ ٻئي ٽيم کي تيار ڪري، وقت اندر اُن پڳل پائيپ کي بدلي ڪرائي ڇڏيو ۽ مسٽر فاروقي کي پندره ڏينهن اندر ٻئي ڪاتي ۾ بدلي ڪرائي ڇڏيو ۽ سندس چوڌرائپ هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي، جنهن تي ٻين پاڪستانين جي ڏندين آڱريون اچي ويون ۽ فاروقي جي ڏهن سالن کان، ڪوڙيل پيرن هيٺان مِٽي نڪرندي، حيران ٿي ويا. اِن ڪاروائي ڪانپوءِ، پاڪستانين کان علاوه مختلف قومن جي ملازمن جون اکيون کُلي ويون ۽ ڪم کي سهٽي نموني سان ادا ڪرڻ لڳا، جو انجام ڪين نظر اچي رهيو هو. مسٽر فاروقي منهنجي شڪايت تي، ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ ٽرانسفر ٿيڻ سان ئي، هڪ سال جي اندر، اتان عدم ڪارڪردگي (Non-Performance) جي سبب، نوڪري مان نيڪالي ڏئي ڪيس واپس پاڪستان موڪليو ويو ۽ اهڙيءَ طرح هڪ بليڪ ميلر ۽ متڪبر جو انجام پورو ٿيو.

ٿامر ناصر

منهنجي مقرريءَ جي حوالي سان، نوڪري جو ذاتي فائيل، ملٽري هيڊ ڪوارٽر (GHQ)، رياض جي هڪ آفيس ۾ محفوظ هوندو هو ۽ اسان جي هر عرضي، درخواست کي رياض موڪلي، ان تي اڳواٽ منظوري وٺي، پوءِ ڪاروائي ڪئي ويندي هُئي. پگهار جي واڌ، موڪل جي درخواست، اضافي ڪم (Overtime) يا موڪل تي وڃڻ ۽ ٽڪيٽون وغيره سڀ رياض مان منظور ٿي اينديون هيون. اصلي فائيل رياض آفيس ۽ نقلي ڪاپي

KAMC تبوڪ جي مڪتب افراد ۾ موجود هوندي هُئي. تبوڪ چانوٽي جي مڪتب افراد جو آفيسر، سرجنٽ مسٽر ٽامر ناصر جيڪو اصلي پراڻو عراقي لڳندو هو، ڏاڍو معتبر شخصيت جو مالڪ هو، پاڪستانين سان گهڻي محبت رکندو هُيو. ايترو جو منهنجي پٽ، (ڊاڪٽر) عبدالله لاءِ پنهنجي ڏيءُ جي، هڪ وڏي محفل ۾ آفر ڏني. خير اُن وقت عبدالله جي عمر ڏهه سال کن هُئي. هونئن بہ عرب انهن ڳالهين ۾ وڏي دل رکڻ وارا ۽ گهڻي سهپ وارا انسان آهن. مان جڏهن پاڪستان موٽي آيس، تہ ٽامر ناصر هڪ دفعي فون ڪئي ۽ ساڳئي ڳالهہ دُهرائي ۽ ٻئي دفعي وري هڪ پاڪستاني موڪل تي اينڊڙ ڪي يادگيريءَ جو نياپو ڏنو ٽامر ناصر ايترو تہ محبت ڀريو انسان هُيو، جو هميشہ کلندو رهندو هو ۽ ڪڏهن بہ ڪيس ناراض ٿيندي نہ ڏٺو. ڪجهہ عرصو اڳ، خبر پئي تہ وفات ڪري ويو آهي. مان رب العزت کان سندس مغفرت لاءِ دعاڳو آهيان. مون کي بہ حسب عقد، هر سال 45 ڏينهن موڪل سان گڏ فئملي سوڌو اچڻ وڃڻ جي هوائي سفر لاءِ ٽڪيٽ ملندي هُئي. پهري سال، 14 مارچ 1984ع تي ڳوٺ لاءِ موڪل تي روانا ٿياسين. 15 مارچ، ساڍا ڇهہ بجي صبح جو ڪراچي ايئرپورٽ تي پهچي، جڏهن ٻاهر نڪتاسون تہ اسان کي وٺڻ لاءِ برادر ظفر علي خان، فقير سڪندر علي خان، مسٽر جاويد بن الاهي بخش ۽ رضا محمد شر ايئرپورٽ تي آيل هُئا. اسان جو ڪسٽم وغيره ڪونہ ٿيو سو جلدي ٻاهر نڪري ذڪر ڪيل عزيزن سان ملاقات ڪئي ۽ پوءِ گاڏي ۾ ڳوٺ ٺري ميرواهہ لاءِ روانا ٿياسين. برادر ظفر علي صاحب تنهن وقت ٺٽي ۾ مختيارڪار هيو.

مُتحده اُمت مسلم

سُني نوڪري ملڻ جي حوالي سان بئنڪاڪ ۾ ماسٽرس ڪرڻ دوران، پنهنجي سريلنڪن دوست ۽ ڪلاس ميٽ، مسٽر بالا سُبرا مَنِيَم (Bala Subramanium) سان ڪيل واعدي مطابق، ڳوٺ جي سُڌاري لاءِ مسجد ٺاهڻ جو ارادو ياد آيو.جنهن کي مون پوري ڪرڻ خاطر، ڳوٺ ۾ هڪ ننڍي مسجد جو بنياد وڌو ۽ سخت محنت ڪري، اِن موڪل دوران ٺاهي راس ڪيو، ليڪن ڪجهہ ويجهن عزيزن ناراضگي جو اظهار ڪيو تہ اتي مولوي قرآن پڙهائيندو ۽ پوءِ سڀ ڳوٺ وارا سُني ٿي ويندا پر ڇا قرآن صرف سني مذهب وارن لاءِ نازل تہ ڪونہ ٿيو آهي، مان هڪ سُنو مولوي

بہ پگهار تي بيهاريو تہ جيئن مسجد نمازين سان آباد رهي ۽ ٻارڙا قرآن جي تعليم حاصل ڪن، جو تہ پوري ڳوٺ ۾، نہ مسجد هُئي ۽ نہ وري ڪنهن ڪي قرآن پڙهائڻ ۽ پڙهڻ ايندو هُيو. منهنجي ڪوشش هُئي تہ هن ڳوٺ ۾ الله جي نور وسيلي روشني ڪجي، ليڪن مسجد نهڻ ڪانپوءِ، سخت مخالفت شروع ٿي وئي. بهرحال اِن دوران منهنجي موڪل پوري ٿيڻ ڪري، تبوڪ روانو ٿي ويس. خبرون ايندون رهيون، تہ اُن مولوي کي ڀڄائڻ جون ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون ويون، پر هو قرآن پڙهائيندو رهيو. اڏيل مسجد ۾ قبلي جو صحيح رُخ معلوم ڪرڻ يا نئين مسجد ۾ قبلي جو رخ معلوم ڪرڻ لاءِ، سولو طريقو اهو آهي تہ سال ۾ ٻہ ڀيرا سج بلڪل خانہ ڪعبہ مٿان رهي ٿو، اُهي تاريخون ۽ وقت پاڪستان مطابق هي آهن.

1) مئي 28، هر سال، وقت منجهند ٻہ لڳي ارڙهن منٽ.

2) جولاءِ 16، وقت ٻہ لڳي ستاويهہ منٽ.

ٻنهي مان ڪنهن ٻہ وقت تي توهان مسجد پرسان سڌي ڪاٺي زمين ۾ کوڙي ڏسندا تہ ڪاٺيءَ جو پاڇولو توهان کي صحيح قبلي جو ڏس ڏيندو.

سعودي وڃڻ کان اڳ، اسان بہ پنهنجي وڏن وارن ريتن ۽ رسمن تي هلندا شيعا هُئاسون پر جڏهن کان قرآن بامعنيٰ پڙهيو، تہ سڀ طبق روشن ٿي ويا. قرآن ۾ ڪٿي بہ شيعہ يا سُني جو ذڪر نہ آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ حضرت آدم کان وٺي، هن سر زمين تي، هڪ ئي مذهب دين ’اسلام‘ رهيو آهي، جنهن جي پچار قرآن، انجيل ۽ زبور ۾ واضع طور ٻڌايل آهي پر افسوس جو ماڻهن پنهنجي اَنا ۽ دڪانداري چمڪائڻ لاءِ، گروهن ۽ فرقن ۾ ورهائي، دُشمنن اڳيان پاڻ کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. هر نبي جي وڃڻ کان پوءِ اُنجا پوئلڳ تفرقي جو شڪار ٿيا آهن. جهڙيءَ طرح، يهودين چيو تہ عُزيز الله جو پٽ آهي ۽ عيسائي وري ٽن خدائن جو (Trinity) عقيدو قائم ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح دين ’اسلام‘ ۾ ڪيترائي فرقا ٿي چڪا آهن، جن جو وجود، الله جي ڪلام توڙي سنت رسول ۾ ڪونہ ٿو ملي.

اسان مسلمان جي تفرقن کي وساري، هڪ ’اُمت مسلمان‘ ٿي ابرون، هِن دنيا جي گهٽي ياڳي تي الله جي دين کي قائم ڪري ثابت ڪيون، تہ اِن نظام جهڙو ڪو ٻيو نظام، ٿي نہ ٿو سگهي. پر افسوس جو يهودين، عيسائين ۽ هندن جي، گڏيل سازشين جو مقابلو تہ پري جي ڳالهہ، پر انهن

سازشين کي سُجاڻي بہ ڪون نہ تا سگهون. اسان پنهنجي جُنونيت ۽ گهٽ علم ڪري، پنهنجو پاڻ ۾ پيا وڙهون ۽ اجان تائين انگريز جي پراڻي فلاسافي divide and rule تي عمل پئرا آهيون. مسلمان مختلف گروهن ڪري پاڻ ۾ فساد ۽ ويڙهہ جي حوالي سان ڪمزور ٿيندا رهن ٿا.

جيڪو وحدت الاهي ۾ يقين رکي ٿو ۽ هو انهيءَ جي بنا ڪنهن طمع جي تابعداري ڪندو رهي، تہ پوءِ هو نہ فقط هر قسم جي ڳالهين کان بچيل رهندو ۽ خدا جي مِهر جو حقدار ٿي ويندو، پر هو دنيوي طاقت جو بہ مالڪ بنجي ويندو پر جيڪڏهن هڪ ڀيري هن دنيوي ڪوشش جي مقابلي ۾ خدائي فرض کي ڇڏي ڏنو تہ قدرت هن کي نہ نوازيندي. جيئن انساني زندگي ۾ قدرت جو اهو قانون ڪارفرما آهي، تيئن قومن جي زندگي جي بہ خبر رکي ٿو. جيڪي قومون خدا جي احڪام جي فرمانبرداري سان تابعداري ڪرڻ لاءِ تيار آهن، سي نہ فقط زنده رهن ٿيون، پر عالمي قوت جون مالڪ بہ بنجي وڃن ٿيون.

مثال طور، مسلمان جيستائين (هڪ هزار سال) الله تعاليٰ جي حڪم موجب هليا ۽ اُن جي منشاءَ مطابق زندگي گذاريندا رهيا، تيستائين انهيءَ قابل هئا، جو ڪارلائل جي چوڻ موجب ”دنيا شعلن ۾ هئي. هو خدا جي عظمت لاءِ رهيا ۽ جتي بہ ويا اتي خدا ئي حڪم جاري ڪري ڇڏيائون پر انهيءَ ڪان ستت ئي پوءِ دنيوي ڪشمڪش ۾ اچي، هنن خدا کي وساري ڇڏيو ۽ انهيءَ ڪري ڌڪاريا ويا. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو جيڪا بہ عظمت هنن حاصل ڪئي هئي. سا هاڻي صرف تاريخي يادگار آهي.“ مسلمان اڄرج ۾ آهن تہ هنن کي چو ڏڏيو ويو آهي. پر هو انهيءَ تي غور نٿا ڪن، تہ هو موجوده منزل تي چو پهتا آهن، مسلمانن هزار سالن تائين دنيا جي عظيم سلطنت قائم ڪئي، پر اُن کي قائم رکي نہ سگهيا جو انهن جي اندر وڏو تفرقو پيدا ٿي ويو.

مير علي احمد ٽالپر

پهرين موڪل ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، جڏهن تبوڪ ڊيوٽي تي چڙهيس تہ خبر پئي تہ اسان جي اداري جي ڊائريڪٽر جنرل فُوَاد اَمين ۽ ڇانوڻي جي ايريا ڪمانڊر کي بدلي ڪيو ويو آهي. سعودي عرب ۾ پيٽرول جون قيمتون سٺ سيڪڙو بہ وڌايون ويون ۽ سعودي ٽيليويزن جو ٻيو چئنل انگريزيءَ ۾ شروع ڪيو ويو.

ايران عراق جي هلندڙ جنگ ۾، ايران سعودي جي تيل بردار جهاز، جيڪو ايراني نار (Gulf waters) مان آمريڪا تيل کنيون پئي ويو، تنهن تي

ايراني ايئر فورس وارن حملو ڪري وڌو، جنهن جي جواب ۾ عراق وري ايران جي مڪيہ تيل جي بندرگاھ تي، هوائي حملو ڪري ڪافي نقصان ڪيو. ايران پاڻ ڪي ان جنگ ۾ اڪيلو سمجهي پيو ڇو جو ٻيا مسلمان ملڪ، آمريڪا ۽ يورپ جي گڏيل طاقت ڪان لهرائين پيا. آمريڪا ۽ سعودي عرب تہ عراق جي ڪليل مدد ڪري رهيا ها. اِن جنگ ۾ پاڪستان ڪان مدد وٺڻ لاءِ، سعودي عرب ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر پاڪستاني حڪومت جنگ جي ميدان ۾ داخل ٿيڻ ڪان لهرايو. جو ايران مسلمان ملڪ هجڻ سان گڏو گڏ اسان جو پاڙيسري ملڪ پڻ آهي. اِن جنگ دوران پاڪستان آرمي جي هڪ برگيڊ، تبوڪ چانوٽي ۾ موجود بہ هُئي، ليڪن ميدان ۾ وڃڻ ڪان معذرت ڪئي وئي هئي.

اِن جنگ جي حوالي سان، 20 مئي 1984ع تي پاڪستاني وزير دفاع، مير علي احمد ٽالپر جن تبوڪ ۾ موجود پاڪستاني برگيڊ جو معائنو ڪيو ۽ چانوٽي بہ ڏني. وزير موصوف ڪي پنهنجي وفد سميت چانوٽي اندر واقع فوجي مهمان خاني ۾ ترسايو ويو هُيو. مان مير علي احمد ٽالپر سان ملڻ ويس. حال احوال ڪيائين ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. مونڪي چيائين تہ بابا توهان سعودي ملٽري سان ڪم ٿا ڪيو اِهو ڏاڍو سنو آهي ۽ توهان هتي پاڪستان جي سفير وانگر آهيو ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪرايو. مير صاحب مونڪي سنڌي ٽوپي تحفي طور ڏني. سائين سان گڏ، ٿرپارڪر ضلع جو غلام قادر مري ۽ مسٽر مظهر لغاري پڻ هُئا، جن سان ڏاڍي سني ڪچهري ٿي. أهي صرف وزير صاحب جا ڪي ذاتي پراڻا ساٿي نظر پئي آيا، جيڪي صرف گهمڻ جي بهاني آيل هيا، اڪثر ڪري اِهو رواج عام آهي. وزير جي اعزاز ۾ تبوڪ ريجن جي گورنر، شهزادي عبدالمجيد بن عبدالعزيز پنهنجي محل ۾ عِشايہ (رات جي ماني) جو بندوبست ڪيو هُيو ۽ صبح جو سنڌن مدينہ شريف روانو ٿيڻ جو اڳوات پروگرام طئي ٿيل هُيو. ٽالپر صاحب ڏاڍو خوش مزاج ۽ ملنسار طبيعت جو مالڪ هو.

امڙ جو پهريون حج

شروع ڪان امڙ ڪي عمري ۽ حج جو ڏاڍو اشتياق هوندو هُيو. پر أن وقت پئسو نہ هجڻ ڪري، سندس آرزو پوري ڪونہ ٿي سگهي، البت جڏهن مان سعودي ڪان موڪلن تي آيس تہ وري ياد ڪرايائين. مان ڪيس پڪ سان چيو تہ اِن شاءَ الله، هاڻي عمرو ۽ حج ضرور ڪرائيندس. اِن حوالي سان، مان ڪيس ڏھ هزار روپيہ ڏنا، تہ جيئن عمري جي ٽڪيٽ،

برادر ظفر علي صاحب جي معرفت حاصل ڪري جو مونکي موڪل ختم ٿيڻ ڪري، وقت ڪونہ پئي مليو. ادا جن ٿني ۾ هجڻ ڪري، ڪراچي مان آسانيءَ سان ويزا لڳرائڻ جو بندوبست ڪري پئي سگهيا.

جمع پهرين جون، 1984ع تي رمضان شريف (1404 ھ) جو پهريون روزو ٿيو. تبوڪ ۾ مئي- جون ۽ جولاءِ جا مهينا ڏاڍا گرم ٿين. امڙ ڪي عمري لاءِ بہ رمضان ۾ گهرائڻ لاءِ ڪوششون اِن لاءِ ورتيون تہ ٻن مهينن کانپوءِ، گورنر آفيس (مڪتب اماره) مان سندس حج جي اجازت وٺي، گڏجي حج ڪرائجي. امڙ جي عمري جي ويزا لاءِ ٿني، ادا ڏانهن مسلسل منهنجو فون تي رابطو هوندو هُيو، نيٺ آخر ويزا لڳي وئي ۽ امڙ جي اچڻ جو پروگرام، 21 جون 1984ع مطابق، 21 رمضان 1404 ھ تي اڌ رات جو، پي.آئي.اي (PIA) جي فلائيٽ PK735 جدي ايئرپورٽ تي پهچڻ جو طئي ٿيو. رمضان شريف دوران سعودي عرب ۾ ڏينهن جو سڄو ڪاروبار، بازار وغيره بند ۽ رات جو ڪليل هونديون آهن ۽ آفيسون وغيره ڏينهن جو ڪليل رهنديون آهن. ماڻهو رات جو تراويح نماز پوري ڪري، پوءِ بازار وغيره گهمڻ نڪري ويندا آهن ۽ سحري وقت روزو رکي ننڊ ڪندا آهن. مان پنهنجي بيگم سميت، 24 ڪلاڪ پهريائين پنهنجي گاڏي وسيلي امڙ کي جده ايئرپورٽ تان وٺڻ لاءِ تبوڪ مان نڪري پيس، جو 8 بجہ شام جو جده ايئرپورٽ جي پارڪنگ ايريا ۾ گاڏي بيهاري، ٿورو آرام ڪرڻ کان پوءِ، ايئرپورٽ جي، انهن دروازن وٽ وڃي بيهي انتظار ڪيو، جتان عمري تي ايندڙ مسافر ايئرپورٽ لائونج کان ٻاهر نڪرندا آهن. رمضان جو آخري ڏهاڪو شروع ٿي چڪو هُيو، سو عمري تي اچڻ وارن جي ڪافي رش هئي ۽ ايئرپورٽ تي مختلف ملڪن مان ايندڙ اُڏامن مان مسافرن جي گهڻي پرمار ڪري، اسان ٻن مڪيہ دروازن جي پرسان بيٺا رهياسين. رات جا بہ وڄڻ لڳا، پر امڙ ايئرپورٽ مان ٻاهر ڪونہ نڪتي، ايستائين جو PIA جا سڀ مسافر ايئرپورٽ بلڊنگ مان نڪري چُڪا هُئا. مان جدي ايئرپورٽ تي، PIA جي ڪائونٽر تان سنڌي ۾ ٽي دفعا امڙ جو نالو وٺي اعلان ڪرايو پر ڪو ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو. ايئرپورٽ جي مختلف اسٽاف ۽ سيڪيورٽي کان معلومات ڪرڻ جي باوجود، ڪا خبر ڪونہ ملي. مان سندس جهاز ۾ سفر ڪرڻ جو ڪارڊ (Embarkation Card) بہ ڏٺو تہ پريل هُيو ۽ جهاز ۾ چڙهندڙ مسافرن جي لسٽ ۾ بہ سندس نالو هو، پر سندس ايئرپورٽ کان ٻاهر نہ نڪرڻ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو. اسان

ڏاڍو پريشان ٿياسون، بيگم تہ اڪين مان ڳوڙها وهائڻ شروع ڪيا، مان ڪيس دلداري ڏيندي چيو تہ، هي الله جي گهر جي مسافر ۽ مهمان آهي ۽ اُهوئي حفاظت ڪرڻ وارو آهي. بهرحال مان نتي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اتان بہ پڪ ورتم ۽ پڇيم تہ ڪيس ڪپڙا ڪهڙي رنگ جا پاتل آهن. امڙ جو پهريون دفعو ڪنهن اجنبي ملڪ ۾ اچڻ ۽ فون ذريعي بہ واسطو يا پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي قابليت نہ هجڻ، جو اُن وقت موبائيل فون اجان ڪونہ آيا هُئا.

مان فون تي شفيع محمد لاکو صاحب کي مڪي شريف ۾ اطلاع ڏنو. آخر اهو فيصلو ڪيو تہ حرم مڪي وڃي اُتي ڳولا ڪجي، جو متان ايئرپورٽ تان نڪري ٻين عمري تي ايندڙن سان ڪنهن ٽيڪسي ۾ هلي وئي هجي. اسان ٻئي مڪي روانا ٿياسين، اُتي وڃي عمرو ادا ڪيوسين ۽ گڏوگڏ ڳولا بہ شروع ڪئي. سڄي رات حرم ۾ ڳوليندي گذري، مان مردن واري حصي ۾ ۽ بيگم رابعہ عورتن واري حصي ۾ پر ڪجهہ بہ خبر نہ پئي. امڙ جي عمر وڏي هجڻ ڪري، ڏاڍي پريشاني ٿي تہ آخر ڪيڏانهن وئي. صبح سوير جو وري اسان ايئرپورٽ جو رخ ڪيو، اُتي وڃي ڳولا ڪئي، ليڪن ڪو اتو پتو ڪونہ پيو. مون کي شڪ ٿيو تہ متان لائونج اندر منهنجي اچڻ جي انتظار ۾ ويٺي هجي. ايئرپورٽ لائونج اندر وڃڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هُيو، جو اِهو ايئرپورٽ سيڪيورٽي جي حوالي سان، ناممڪن جي برابر هُيو. مون کي خيال آيو تہ ڇو نہ جده ۾ پاڪستاني ايمبيسي ۾ تاج بلوچ، جيڪو ليبر اتاشي هيو ۽ منهنجو دوست بہ،تنهن کي ايئرپورٽ تان فون ڪري، هي سڄي ماجرا بيان ڪئي، جنهن اڌ ڪلاڪ اندر، ايئرپورٽ تي اچڻ لاءِ چيو ۽ هن جي پهچڻ ڪانپوءِ پنهنجا ڊپلوميٽڪ پاور استعمال ڪندي، يعنيٰ پنهنجو ڪارڊ ڏيکاريندي مون کي ساڻ ڪري، لائونج جي اندر جتي اميگريشن ۽ ڪسٽم وارا تعينات هوندا آهن، اُتي وڃي پهتاسين، مان لائونج جا سڀ پاسا اوسا ڳولي ورتا، پر اُتي بہ موجود نہ هجڻ ڪري، هاڻي پڪ ٿي تہ ضرور حرم ۾ هوندي. مان تاج بلوچ صاحب جو ٿورائتو آهيان، جو هُن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي مونکي لائونج جي سيڪيورٽي ڪان رسائي (Security Access) حاصل ڪري ڏني، جنهن مان پڪ ٿي تہ ايئرپورٽ تي وڌيڪ وقت لڳائڻ جي ضرورت ڪونہ آهي. هاڻي ڳولا کي حرم تائين مرڪوز (focus) ڪرڻو پيو ۽ جدي کان مڪي روانا ٿي اتي باقائدي، سان حرم جا حصا حصا ڪري جاچ ڪئي.

زُمزَم ۽ عورتن وارن جاين تي بيگم جي ڊيوٽي لڳائي ۽ باقي پورو علائقو منهنجي جوابداري هيٺ آيو. جيئن ته رمضان جي آخري ڏهاڪي دوران، حرم ۾ حج کان وڌيڪ گهماگهمي ۽ رش ٿي ويندي آهي ايترو جو نماز لاءِ جڳهه ملڻ مشڪل ٿي ويندي آهي.

ٻئي ڏينهن لڳاتار ڳوليندي، هزارين ماڻهن جي شڪلن ڏانهن چتائي نهاريندي اکين ۾ سور پوڻ لڳو ۽ سيني ماڻهن جي شڪل هڪجهڙي نظر اچڻ لڳي ۽ ٿڪن جو ساهه نڪرڻ لڳو. آخر خيال آيو ته ڇو نه پلا حرم پرسان ايمبيسي جي پاڪستان هائوس وڃي معلومات يا رپورٽ ڪيان، سو اتي وڃي پڇا ڳاڇا ڪيم، پر ڪنهن کي ڪا خبر ڪونه هُئي.هر هڪ پنهنجي پريشانين ۾ پُر نظر آيو ۽ ڪو رجسٽري يا شڪايت درج ڪرڻ جي سهولت بنهه ڪونه ڏسڻ ۾ آئي. امڙ جي عمر رسيده هجڻ ۽ عربي ٻولي کان لاعلم، بغير ڪنهن مواصلات سهولت جي، مونکي ڏاڍو پريشان ۽ غمگين ڪري وڌو پر اِهو يقين هيو ته هِن جاءِ يعنيٰ حرم شريف ۾ جيڪو به ٿيندو بهتر ئي ٿيندو. وسوسن وڌڻ جي صورت ۾ خيال آيو، ته پرواريون اسپتالون ڏسي وٺان، سو پرسان واري الظُهرا هاسپيٽل ويس، اتي به ڪو خاطر خواهه جواب ڪونه مليو. ان ڪانپوءِ خيال آيو ته پوليس اسٽيشن وڃي معلومات وٺان ته ڪهڙا پاڪستاني ڪنهن حادثي ۾ زخمي وغيره ٿيا هجن يا جيل ۾ آهن، سو اتان معلومات ملي ته اِن نالي سان ڪائي به پاڪستاني عورت جيل ۾ ڪونه آهي.

ٽئين ڏينهن جڏهن مان ظهر جي نماز ادا ڪري، حرم جي باب عبدالعزيز کان نڪري رهيو هئس، ته رش ۾ اچانڪ آواز آيو، جو امڙ منهنجو نالو وٺي سڏ ڪيو ۽ اچي ڀاڪر پاتائين. ملڻ شرط مونکان اڳڀارون نڪري ويون ۽ امڙ به روئي ڏنو. امڙ کي ڀاڪر پائي ڪافي رُناسين، هت احساس ٿيو ته گهڻي خوشيءَ ۾ به روئڻ ايندو آهي. امڙ کان معلوم ٿيو ته، ايئرپورٽ تي ڪين ويهڻ لاءِ چيو ويو هو، جو اميگريشن وارن کي روزن لاءِ سحري ڪرڻي هُئي. جنهن ڪانپوءِ گهڻي دير ٽيڻ ڪري. هوءَ ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتي ۽ نڪرڻ سان ٽيڪسي واري ڪائنس هڪ سَوَ ڊالرن جو نوٽ ورتو، جيڪو هُن جي هٿ ۾ هو. ٽيڪسي واري اچي ڪيس حرم جي سامهون لاٿو، جنهن ڪانپوءِ حرم جي باب عبدالعزيز جي ٻاهران هڪ سنڌي ڪٽنب سان گڏ عمرو ۽ حرم اندر نمازون پڙهندي رهي. منهنجي لاءِ ڳوڻان جيڪي انب آندا هئائين سي به اِن گڙ ٻڙ ڪري ڪائي ورهائي ڇڏيائون. پوءِ ڪيس مِنيٰ جي پرسان عزيزيا جي

علائقي ۾ ، لاکو صاحب جي گهر وٺي آيومانس، جتي رات جو آرام ڪري، صبح جو اسان ٽنهي عمرو ڪيو (الله تعاليٰ قبول ڪندو. آمين).

ٽئين ڏينهن تي مڪي مدينہ منوره واري روڊ تي واقع ’مسجد تَنعِيم‘ ۾ احرام ٻڌي نِيت ڪري عمرو ڪيو ۽ پوءِ نماز عصر پڙهي، مِنيٰ، مُزدلفہ ۽ ميدان عرفات ڏسڻ لاءِ وياسون جتان موٽي اچي مڪي شريف ۾ پنهنجي هڪ عزيز، حاجي عجيب فقير جو گهر ڳولي، ساڻس ملاقات ڪئي. هِن کي مڪي ۾ ڪافي عرصو ٿي گذريو هو ۽ هو پنهنجي گهر ٻار سوڌو، هتي رهائش پذير هو. ساڻس ملي ڏاڍي خوشي ٿي، جو گهڻي عرصي گذرڻ کان پوءِ ملاقات ٿي هئي.

مديني شريف پهچڻ سان ڏاڍو دلي سُڪون محسوس ٿيو. رمضان دوران مسجد نبوي سڄي رات زائرين لاءِ کليل رهندي آهي. ليڪن رمضان کان علاوه، نماز عِشاءِ کان نماز فجر تائين بند رهندي آهي. مسجد نبوي ۾ ظهر جي نماز کان پوءِ، اسان جي ملاقات استاد محراب خان شر، مولوي عبدالطيف شر، خان محمد شر ۽ جمال الدين شر سان ٿي، جيڪي پنهنجن ڪٽنب سميت عمري لاءِ آيل هُئا. جيڪي اصل ۾ اسان جي ڳوٺ جي پرسان ويٺل آهن سندن ڳوٺ جو نالو فضل آباد آهي.

اسان هتي چاليهہ نمازون پڙهڻ ۽ زيارتن لاءِ هڪ هفتي کن رهڻ جو پروگرام ٺاهيو، جنهن تحت هوٽل ۾، 550 ريال ڪمرو هڪ هفتي لاءِ بوڪ ڪرايو،جنهن کانپوءِ تبوڪ لاءِ روانو ٿي وياسين.

مديني منوره ۾ ، ڊاڪٽر اي.ايف عباسي صاحب سان ملاقات ٿي. سائين اسان جو استاد ۽ انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو جو پرنسيپال ٿي رهيو آهي ۽ هن وقت هو، دهران انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي. ڊاڪٽر صاحب جا سعودي شاگرد انجنيئر KAMC ۾ گڏ ڪم ڪندا هُئا ۽ ڊاڪٽر صاحب جي ڏاڍي تعريف ڪندا هُئا. مڪي ۾ لاکو صاحب جي گهر ۾ ڊاڪٽر صاحب، ممتاز ميمڻ ۽ انصاري صاحب جن سان بہ ملاقات ٿي،جيڪي ٻئي هتي انجنيئر آهن ۽ ممتاز ميمڻ صاحب، مون سان بئنڪاڪ ۾ رهي چڪو هو. ڊاڪٽر عباسي جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي.

امڙ جي اٽڪَ سِڪ ۽ محبت جيڪا سندس سيني ۾ سالن کان سانديل هُئي، ان حوالي سان هُن دل کولي عبادت ڪئي پر ٽن عمرن ۽ مسجد نبوي ۾ چاليهہ نمازن ۽ مڪي، مديني جي زيارتن سندس پياس ختم نہ ڪئي. سالن کان پئي اِهو مطالبو ڪندي آئي تہ ڪيس عمرو يا حج ڪرايو وڃي. اسان جو نانو مولوي حاجي عبدالرحمان،جنهن پيادل حج ڪيو ۽ ڏهہ

سال اِن سفر ۾ لڳايا، يقينن سندس دعائون پنهنجي اولاد لاءِ اگهڻيون هُيون، جنهن ڪري مونکي بہ هتي نوڪري نصيب ٿي ۽ امڙ لاءِ حج جو دروازو کليو. ناني عبدالرحمان جي پيادل حج جو تفصيلي ذڪر ڪتاب جي آخري حصي ۾ پڙهي سگهو ٿا.

مڪي شريف ۽ مديني منوره جون سڀ زيارتون ۽ جبل اُحد (تفصيلي ذڪر اڳتي ايندو) ۾ جنگ جي شهيدن جون قبرون ڏسڻ، ڪانپوءِ، امڙ مطالبو ڪيو تہ مان حج ڪرڻ ڪانسواءِ ڪونہ واپس ويندس. سعودي عربيہ جي قانون مطابق، عمري ويزا تي ايندڙن لاءِ، حج ڪرڻ جي اجازت شامل نہ هوندي آهي. ان لاءِ تہ عمري جي ويزا ٽيهن ڏينهن جي مدت لاءِ هوندي آهي ۽ حج ادائي مهينن ڪان پوءِ ٿيندو آهي. هن صورت ۾ عمري جي ويزا ختم ٿيڻي هئي ۽ وڌيڪ ترسڻ غير قانوني هيو ۽ قابل سزا جرم ليکيو وڃي ٿو. منهنجي رهائش اگر جده يا مديني ۾ هجي ها، تہ شايد ڪجهہ مسئلو آسان ٿي وڃي ها. پر تبوڪ شهر، مديني ڪان 700 ڪلوميٽر پنڌ ۽ رستي تي ٽن ڪان چئن جاين تي پوليس وارا عمري وارن جي گَم ٿيڻ لاءِ تعينات هوندا آهن، جيڪي 24 ڪلاڪ ڊيوٽي ڪندا آهن ۽ هر گاڏي جي هر مسافر جا ڪاغذ يعنيٰ ’اقامو‘ وغيره، جنهن ڪي رهائش جو اجازت نامو چيو وڃي ٿو، چيڪ ڪندا رهندا آهن ۽ ڪنهن بہ مُجرم ڪي جيل ۾ داخل ڪري ڪجهہ مهينن جي سزا ڏئي، پنهنجي وطن واپس موڪلي ڇڏيندا آهن، ان عمل ۾ ڪنهن بہ رعايت يا سُفارش جي گنجائش نہ هوندي آهي.

عمري وارن ڪي صرف جدي، مڪي ۽ مديني شريف جي شهري حدن اندر رهڻو ۽ گهمڻو هوندو آهي ۽ ويزا جي مدت ختم ٿيڻ ڪان اڳ، واپس موٽي وڃڻو ضروري هوندو آهي. اِن حوالي سان

گهڻا پاڪستاني عمري تي اچي پوءِ ادائي، ٽي مهينا لڪندا (underground) آهن تہ جيئن حج جي سعادت نصيب ٿئي. اهو آهي تہ غير قانوني عمل، والله عالم پر عمري جي پاڳوڙن مان وري ڪجهہ حج ڪانپوءِ بہ لڪي وڃي مزدوري ڪندا آهن ۽ پڪڙجڻ ڪانپوءِ، جيل ڪاٽي واپس وطن ورندا آهن. سعودي حڪومت اسان جون اهڙيون حرڪتون ڏسي، هر دفعي نئون قانون ناهيندي آهي. هِن وقت عمري وارا پاسپورٽ، جده ايئرپورٽ جي اميگريشن وارا هڪ سعودي دلال جي حوالي ڪن ٿا، جيڪي اِن عهد تحت، عمري وارن جي ويزا ختم ٿيڻ ڪان اڳ، دلال انهن ڪي ايئرپورٽ تي ملڪ ڇڏڻ لاءِ سندن پاسپورٽ تي اميگريشن ڪان ٺپو هڻائي، جهاز ۾ چاڙهين ٿا. ٻئي صورت ۾ اُهو سعودي دلال جوابدار رهندو، ان ڪري عمري ڪان پوءِ لڪي وڃڻ وارن جو تعداد گهڻو گهٽ ٿي

ويو آهي. عمري تي ايندڙن ڪي ٻين شهرن ڏانهن ڳجهي ۽ غير قانوني طور سمگل (Smuggle) ڪرڻ جو ڪاروبار پاڪستانين شروع ڪري ڏنو آهي، جنهن جو ريٽ پنج هزار ريال في ماڻهو،جده کان تبوڪ آڻڻ لاءِ ورتو وڃي ٿو. تبوڪ ۾ اسان جا سنڌي، اهو ڪم اهڙي صفائي سان ڪن ٿا، جو پوليس ۽ اميگريشن وارا، جن جي آمريڪا مان ٽريننگ ورتل آهي، انهن جي به اکين ۾ مٽي وجهي، عمري وارن کي اچي تبوڪ پهچائين ٿا. اِن جو طريقو اهو آهي، ته عمري وارن کي برقعا پارائي، پنهنجي فئملي اِقامن تي، اهڙي وقت سيڪيورٽي پوسٽ وٽان گذاريندا آهن،جنهن مهل هُو تڪل هوندا آهن. مثلا فجر جي نماز کان اڳ يا ٽاڪ منجهند جو،جڏهن گرمي پنهنجا جوهر چنڊيندي هجي ته پوءِ اميگريشن وارا گهٽي تفتيش (search) ڪونه ڪن صرف اقامو ڏسڻ سان سمجهندا ته برقعي اندر سندس زال ئي هوندي. هڪ دفعي جڏهن مان اهڙي هڪڙي همراه کان سوال ڪيو ته ڇا ڪڏهن ڪنهن پوليس واري کي شڪ پيو ته هي برقعي اندر مرد آهي؟ جواب ۾ چيائين ته هڪ دفعي جده مان هڪ ڏگهي قد جي نوجوان کي برقعي اندر پرسان واري اڳئي سيٽ تي ويهاريم ته مونکي ئي شڪ ٿيو ته هن دفعي ضرور پڪڙبس، جو نوجوان قداور هجڻ سان گڏ ڏگهي ڳچي وارو هيو ۽ پري کان ايئن پئي لڳو ڄڻ برقعي ۾ ڪو مرد آهي. همراهه جا وڏا ڪُلها ۽ اپريل مٿو هو، جنهن لاءِ اڌ چريو به ڏسي چئي ڏيندو، ته هن برقعي ۾ ڪو مرد وينو آهي،سو سيڪيورٽي پوليس وارن لاءِ اندازو لڳائڻ، ته ڪو وڏو مسئلو نه هوندو جو اُنهن کي اهڙي قسم جون مشقون ڪرايون ويندديون آهن. هُن وڏيڪ ٻڌايو ته ڇوڪري کي گهٽو ئي سمجهايم ته جُهڪي ويهه جو پوليس وارا ڏاڍا هوشيار آهن ۽ جي پڪڙجي پياسين ته پوءِ سڀ جيل ۾ هونداسين. ڇوڪرو ڳالهه سمجهي ڪونه پيو آخر گاڏي جهلي، هِن کي مٿي واري هڪ زوردار مُڪ هيم ته بابا ڪنڌ هيٺ ڪري جهڪي ويهه، نه ته گاڏي مان لهه ته آئون وڃان. ڇوڪرو آخر سڄي واٽ جُهڪي وينو ۽ پوليس وارن کان لِڪي تبوڪ پهچي وياسين.

ڳالهه پئي ڪئي امڙ جي حج جي، سو مطالبو ٻڌي ڏاڍي پريشاني ٿي. هڪ ته مون کي اهڙي ڪمن جو تجربو ڪونه هو، ٻيو ته وري نوڪري کي مشڪل سان هڪ سال ٿيو هُيو ۽ ٿيون ته نوڪري سعودي ملٽري ۾ بهرحال مان هِڪ مشڪل معمي (Jiggsaw Puzzle) ۾ ڦاسي پيس. آخر دل جهلي ڪيس دعا گهرڻ لاءِ چيو ته الله تعاليٰ آساني فرمائيندو، تنهنجو حج ٿي ويندو. بس الله کي ياد ڪندي دعائون گهرندي رهه ته سڀ مشڪل

آسان ٿي ويندي ۽ ٿيو بہ ايئن، جو مون کي ذهن ۾ آيو تہ مدينہ کان تبوڪ لاءِ بجاءِ نئون سڌو روڊ وٺڻ جي بهتر ٿيندو تہ وڪڙ ڪري بدر کان ينبوع يعني بحر احمر جي ڪناري سان، أملج شهر کان ٿيندا، اَلوَجه شهر ۽ دُبا مان گذري، تبوڪ لاءِ جيڪو نئون روڊ اجان نهي پيو، اُهو وٺي وڃي تبوڪ رسجي جو نئين روڊ سان اجان پوليس چوڪي بہ ڪونہ لڳائي وئي هُئي.

هي رستو مدينہ تبوڪ واري سڌي رستي کان تقريباً 200 ڪلوميٽر ڊگهو هو، پر اِن رستي سان پاڪستانين جي ٽريفڪ نہ هجڻ جي برابر هُئي جيڪا فائديمند ڳالهہ ثابت ٿي.

اسان بسم الله ڪري، پنج جولاءِ، صبح جو 9 بجي، مديني شريف کان بدر روانا ٿياسين. بدر ۾ پهچي شهداءِ بدر جي قبرن جي زيارت ڪئي (جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) ۽ نفل ۽ دعائون گهريون سين. اِن وچ ۾ هڪ چيڪ پوسٽ آئي پر اسان جي زبانن تي دعائن جو سٽڪارو لڳل ڏسي، پوليس بيهڻ جو اشارو ئي ڪونہ ڪيو. الله جا لک شڪر ادا ڪياسين ۽ رستي سان اڳتي وڌندا رهياسين، بدر کان يَنمبوع شهر اچي نڪتاسين. هي شهر بحر احمر تي وڏو تيل جو بندر گاهہ آهي ۽ هت ڪافي تيل جون صنعتون لڳل آهن. پوري آمريڪا ۽ يورپ کي تيل جي رسد، هن پورٽ کان ٿيندي آهي جو ايراني نار کان مفاصلو تمام گهٽو وڏي وڃي ٿو.

بحر احمر جي ڪناري سان أملج شهر کان پوءِ، اَلوَجه شهر مان گذري اچي دُبا شهر پهتاسين. هي شهر مصر جي صحراءِ سينا جي آمهون سامهون آهي، جتان سعودي عرب جي مصر سان واپار جي آمدرفت آهي. دُبا شهر کان، اتر اوپر تي هڪ نئون روڊ، تبوڪ لاءِ ناهيو پئي ويو، جيڪو هتان 110 ڪلو ميٽر ڊگهو آهي. اسان دُبا کان هي روڊ وٺي پنهنجي گهر، جيڪو ملٽري ڇانوڻي اندر واقع هو، رات جو ڏهہ بجہ پهتاسين. الله تعاليٰ جا لک شڪرانا ادا ڪياسين جو بغيرڪنهن چيڪنگ جي سلامتي سان پنهنجي منزل پيڙا ٿياسين، جيڪو عام رواجي حالت ۾، بغير سيڪيورٽي چيڪنگ جي ممڪن ڪونہ هو. اِهو هڪ وڏي خطري ۽ جوکم جو ڪم صرف والده لاءِ ڪيو ۽ أن جو سِلو مون کي سندس ڪيل دُعائن جي صدقي ملي ويو آهي، چوندا آهن تہ والدين جي نافرماني، روزي جي قلت ۽ دنيا ۾ ذلت جو سبب بڻجي وڃي ٿي.

سومر 27 آگسٽ 1984، سعودي عرب ۾ ذوالحج جي پهرين تاريخ بيٺي، تبوڪ کان مڪي شريف پهچڻ لاءِ، امڙ جي حج ويزا نہ هجڻ ڪري ڏاڍي پريشاني ٿي تہ هاڻي هن کي ٻارهن سَوَ ڪلوميٽرن جو مفاصلو، بغير ويزا

جي ڪيئن طئي ڪرائجي. مڪي شهر ٻاهران، جناب شفيع محمد لاکو صاحب جي الراشد ڪمپني جي ڪيمپ آفيس هوندي هُئي،جتان جدي کان مڪي ويندي هڪ غير مسلم مسافرن جي استعمال لاءِ روڊ (Non Muslim Road) نڪري ٿو ۽ مڪي شهر جي ٻاهران گذري وڃي، غالباً طائف ڏانهن وڃي پهچي ٿو. مان شفيع محمد لاکو کي، فون ڪري امڙ جي بغير حج ويزا ۽ حج ڪرڻ جي مطالبي بابت مدد لاءِ چيو، جنهن تي لاکو صاحب پنهنجي ذهانت کي استعمال ڪندي مشورو ڏنو، ته امڙ کي جده طرف کان ايندي، مڪي جي چيڪ پوسٽ پهچڻ کان اڳ، غير مسلم روڊ ڏئي، منهنجي آفيس وٺي اچو جتان پوءِ مان پنهنجي گاڏيءَ ۾، توهان کي خاص ڪچي رستي ذريعي، پنهنجي گهر واقع عزيزيا وٺي ويندس، جتي امڙ حج جي ستين تاريخ تائين رهي ۽ پوءِ اسان سيئي گڏجي حج ڪنداسون. عزيزيا پاڙو منيٰ جي بلڪل پرسان آهي. لاکو صاحب جي صلاح، منهنجي دل وڏي ڪري ڇڏي. هاڻي صرف هو منهنجو مسئلو ته ڪيس ٻارهن سوَ ڪلوميٽرن جي سفر دوران، هر چيڪ پوسٽ کان ڪيئن بچائيندو مسٽر لاکو صاحب جي ڪيمپ آفيس تائين پهچايان. بهرحال اهو ڏاڍو مشڪل مرحلو هو، سو حج موسم کان اڳ ۾ پهچائڻ ضروري هو، جو حج شروع ٿيڻ کان، ڪجهه ڏينهن اڳ، تمام سخت چڪاس ڪئي ويندي آهي. مان سلامتيءَ سان مڪي شريف ۾ پهچڻ لاءِ ڪيترائي منصوبا ٺاهيا، پر گهٻراهٽ گهر ڪري وئي، جو مان ڪڏهن به اهڙو ڪم نه ڪيو هو. هڪ امڙ جو مطالبو، ٻيو وري نيڪيءَ جو ڪم، سو مڙيوئي الله تي رکي ذوالقعد جي آخري هفتي ۾ اڌ را ت جو گاڏيءَ ۾ سُوار ٿي، تبوڪ کان الضُبا (ڏُبا) (Al-Duba) وڃي بحر احمر جي ڪناري وارو روڊ وٺي، الوَجَه، أملج ۽ ينبوع کان ٿيندا وڃي بدر وارو پراڻو روڊ وٺي مڪي روانا ٿياسين. الحمدالله رات جو دير سان نڪرڻ ڪري، پوليس پنهنجي چوڪين تي آرامي هُئي، ڪنهن به نه پڇيو، جو امڙ کي لڳاتار دعائون پڙهڻ لاءِ زور به ڀريو هئم ۽ پاڻ به اِن ڪِرت ۾ قابو هُيس. مڪي کان اڳ غير مسلم روڊ ڏئي، لاکو صاحب سان ملياسين، جتان هُن جيپ ۾ ويهاري وڃي پنهنجي گهر واقع مڪي شريف جي عزيزيا واري پاڙي ۾ امڙ کي رهايو ۽ مان پنهنجي گاڏي أتي ٻيهاري جدي کان تبوڪ هوائي جهاز ذريعي شام جو گهر پهچي شڪرانا پڙهيا.

06 ذوالحج تي، مان پنهنجي بيگم سان، هوائي جهاز ذريعي حج لاءِ جدي پهچي عمرو ادا ڪري، لاکو صاحب جي گهر امڙ سان ملڻ وياسون. أتي پهچڻ سان امڙ سان ملاقات تي.پندرهن ڏينهن جي جدائي ڪري،

ڪجهه ناراض هُئي، ليڪن اسان جو ساٿس مسلسل تبوڪ کان فون تي رابطو رهندو هو پر هتان جي سخت قانونن جي بي خبري ڪري، سندس ناراضگي جائز هُئي. امڙ کي مڪي ۾ سڀ زيارتون ڪرايون تہ سندس دل ڏاڍي خوش ٿي.اِن دوران لاکو صاحب کيس ڪافي دفعا حرم پاڪ ۾ نمازون پڑهايون هئس.

بهرحال ٻئي ڏينهن تي کيس وٺي خانہ ڪعبہ وجي عمرو ادا ڪيو ۽ سڄو ڏينهن حرم ۾ عبادت ڪانپوءِ رات جو واپس گهر اچي آرام ڪيوسين ۽ 8 ذوالحج تي باقاعده، حج جي پهرين رسم يعني طواف قدوم ڪري، اچي مِنيٰ ۾ قيام ڪيو.جنهن ڪانپوءِ لاکو صاحب امڙ جي ڪراچي واپسي لاءِ PIA جي فلائيٽ (PK732)، 8 سيپٽمبر جي شام جو ساڍي ائين بجي واري اُڏام ۾ سيٽ ڪنفرم ڪرائي. لاکو صاحب جو مان نهايت ٿي شڪر گذار آهيان، جو هُن هميشہ ڏکئي وقت ۾ مدد ڪئي آهي. مِنيٰ کان ميدان عرفات لاءِ الراشد ڪمپني جي بس ۾ لاکو صاحب ۽ سندس گهر وارن سان گڏ سفر ڪيوسين، هڪ ڏينهن عرفات ۾ رهڻ ۽ حج جو خطبو ٻڌڻ ڪانپوءِ بعد مغرب، مزدلِفہ ۾ اچي رات جو قيام ڪيو. فجر جي نماز ادا ڪري، مِنيٰ روانا ٿي اچي، وڏي شيطان کي پٿريون هنيون ۽ قرباني ڪئي. اُن وقت قرباني لاءِ ٻي ٻڪر، ٻي سَو سٺ ريال في ٻڪر جي حساب سان ورتا. هي حج مان، پنهنجي والد محترم جي نيت ڪيو جو منهنجو پهرو فرضي حج گذريل سال ٿيل هُيو. (الله قبول فرمائي، آمين).

يارهين، ٻارهين ذوالحَج تي ٽنهي شيطانن کي پٿريون هڻي، طواف زياره ۽ طواف الوداع ڪري، امڙ کي جده ايئرپورٽ تي پهچائي کيس ڪراچي لاءِ روانو ڪرڻ لاءِ، مان مسٽر تاج بلوچ، ليبراتاشي کي فون ڪئي. ان لاءِ جو مون کي فڪر ٿيو تہ ايئرپورٽ تي متان اميگريشن وارا امڙ کي ويزا ختم هجڻ جي جرم ۾ روڪي نہ وٺن. جناب تاج بلوچ صاحب آيو ۽ اميگريشن وارن سان ملي، امڙ جي روانگي اجازت جي ويزا لڳرائي ۽ امڙ کي جهاز ۾ چاڙهي، ڪراچي روانگي ڪانپوءِ، اسان ڪار ذريعي مدينہ شريف جو رخ ڪيو جو تبوڪ جي رستي ۾ اچي ٿو. ظهر نماز رستي ۾ پڑهي ۽ عصر نماز، مديني ۾ داخل ٿيڻ سان مسجد قُبا ۾ پڑهي هي اُها مسجد آهي جيڪا نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن، مديني جي هجرت وقت ٺهرائي هُئي ۽ هي اسلامي دنيا جي پهري مسجد ليکي وڃي ٿي،جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. نماز مغرب وڃي مسجد نبوي ۾

پڙهي ۽ رات رهي فجر نماز پڙهي، ڪار ذريعي، تبوڪ جو رخ ڪيو. مديني شريف مان برادار ظفر صاحب کي ٽئي فون ڪري، امڙ جي پڇ بابت معلومات ورتي. امڙ کي جدي ايئرپورٽ ڇڏڻ کان اڳ، جده شهر جي مختلف بازارن، خاص طور 'بلديه بازار' مان خريداري وغيره ڪرائي. امڙ جده جون بُلند ۽ شيشي واريون قداور جايون ڏسي ڪراچي شهر کي ناپسند فرمايو ۽ هُن کي ڪراچي شهر گدلو نظر آيو. امڙ 21 جون کان 8 سيپٽمبر (1984) تائين جو عرصو سعودي عرب ۾ رهي.

مڪي ۽ مديني جون زيارتون

مڪي شريف ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون جايون آهن، جن جي زيارت هر عمري تي ايندڙ لاءِ ضروري آهي، ته هڪ دفعو اتي وڃي ڏسي ۽ اسلام جي شروعات واري زماني ۾ ٿيندڙ واقعن کان واقفيت حاصل ڪري. انهن زيارتن ۾ مڪي شريف جون زيارتون هي آهن.

جبل نور: هن جبل ۾ غار حِرا آهي، جنهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن عبادت ڪندا هئا ۽ پهريون ڪلام (اقرا) الله تعاليٰ وٽان،حضرت جبرائيل جي ذريعي نازل ٿيو. هي جبل هاڻي شهر جي حدود اندر اچي چڪو آهي. جنت المولئ: مڪي شريف جو پراڻو قبرستان آهي، جيڪو مڪي کان مِنيٰ ويندي رستي تي واقع آهي. هن قبرستان ۾، اُمُ المومنين بيبي خديجہ، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو پٽ قاسم، عاسم بنت ابوبڪر، ابو طالب، عبدالله بن زبير ۽ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي ڀين گهر ياتين جون قبرون موجود آهن. اسلامي نقطي نگاهه کان هي قبرستان مدينہ جي جنت البقيا جي قبرستان کانپوءِ، ٻئي نمبر تي اچي ٿو.

غارثور: هي اهو غار آهي، جنهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن هجرت دوران، حضرت ابوبڪر صديق سان گڏ هڪ رات گذاري.

مسجد ڪعَفُ: هن مسجد جي علائقي ۾ چون ٿا ته ستر هزار نبي مدفون آهن.

مسجد عُقبا: هيءَ مسجدي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي جاءِ پيدائش وٽ واقع آهي. مسجد نِمرا: هيءَ مسجد ميدان عرفات ۾ واقع آهي، جتي حج جو خطبو ادا ڪيو ويندو آهي ان کان علاوه منيٰ ۽ مُزدلفہ جا علائقا آهن،جتي حج جون رسمون ادا ڪيون وينديون آهن.

جبل رحمت: بابت اِهو مشهور آهي، تہ هتي ڏاڏو آدم ۽ ڏاڏي حوا، جڏهن جنت مان ڪڍيا ويا هئا تہ سندن پهرين ملاقات زمين تي عرفات جي ميدان ۾ واقع هن جبل تي تي هُئي. مسجد آشيا ۽ قِسوا فيڪٽري، جتي خانہ ڪعبہ جو غلاف ٺهي ٿو ڏسڻ وٽان آهي. مسجد جِن ۽ مسجد شجرا بہ مڪي شهر اندر موجود آهن، جن جي زيارت ڪرڻ گهرجي.

مديني شريف ۾ بہ ڪيتريون ئي زيارتون آهن، جن ۾ جنت البقيا گهمڻ وٽان آهي. هي قبرستان عالم اسلام ۾ وڏي مانَ ۽ شانَ وارو قبرستان آهي. جتي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جا ڪيترائي قريبي رشتيدار مدفون آهن. هي قبرستان مسجد نبوي جي بلڪل پرسان آهي. هي قبرستان پريل آهي، اُنهن بزرگن سان، جن نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کي ٻڌو، ڏٺو ۽ احڪامن جي پيروي ڪندي پنهنجي ابن ڏاڏن جي نهيل بُتن کي ڀڃو ۽ پنهنجيون زندگيون،الله جي راهہ ۾ قربان ڪري ڇڏيون.

جُنت البقيا ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو پٽ حضرت ابراهيم، امام حَسن رضہ، امام جعفر صادق، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جون گهر واريون، سواءِ حضرت خديجہ جي، جيڪا مڪي جي جنت المولىٰ ۾ مدفون آهي، نبي صلم جن جون ڌيئر، بيبي رُقيہ، اُم ڪلثوم، بيبي فاطمہ، عباس بن عبدالمطلب، امام زين العابدين، ڪربلا مان هڪڙو بچيل مرد، امام باقر، امام جعفر صادق، عبدالله بن جعفر تيار، عقيل بن ابي طالب (حضرت علي جو وڏو ڀاءُ)، حضرت عثمان بن عفوان ۽ ٻيا ڪيترائي بادشاهہ بزرگ، اسلامي عالم، جهڙوڪ لبيا جو بادشاهہ ادريس، طنطوي، ملڪ ابن انس، محمد حَيّ السِندي مدفون آهن. ان کان علاوه، مسجد قبا، جيڪا هجرت ڪانپوءِ، مديني جي پهرين مسجد سڏائي وڃي ٿي. هي اُها مسجد آهي، جيڪا حضرت ايوب انصاري جي گهر پرسان، اُن جاءِ تي ٺاهي وئي، جتي هجرت ڪندي، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي ڏاچي اُتي ويهي رهي.

مسجد ابرا: هي اُها مسجد آهي، جنهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم برسات وسڻ لاءِ نماز پڙهائي ۽ فورن آسمان ڪڪرن سان ڀرجي ويو ۽ برسات وسي پئي. ان کان علاوه،مسجد علي رضہ، جنهن پرسان سندن گهر هيو، مسجد ابوبڪر صديق،مسجد عمر رضہ، مسجد عثمان. اِهي سڀ مسجدون هڪ ٻئي جي پرسان آهن. مسجد بلال ۽ امام بخاري بہ حرم کي ويجهيون آهن.

جنگ بدر: بدر جو علائقو مديني کان 110kmپنڌ تي ڏکڻ اولهه طرف واقع آهي. نبي ڪريم صلي لله عليه وسلم جن جي هجرت کان پوءِ 17 رمضان 2 هه مطابق اڱارو، 13 مارچ 624ع، جي ڏينهن، مڪي جي قريشن ابوجهل ۽ هند هنود جي سربراهي ۾، 950 ويڙهاڪ، هزار گهوڙن سان، 170 اُٺن جو لشڪر ساڻ ڪري، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان جنگ ڪئي. مسلمانن جي لشڪر ۾ صرف، 313 ويڙهاڪ، ٻه گهوڙا ۽ 70 اُٺ هئا پر الله جي مدد هجڻ ڪري هن جنگ ۾ فتح ٿي. مسلمانن مان 14 شهيد ٿيا ۽ قريشن جا 70 مئا. هن جنگ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان ساڻ حضرت علي رضه، حضرت ابوبڪر صديق رضه، حضرت عمر فاروق رضه، حمزا، عُمير، زبير، عامر ۽ ٻيا ڪيترائي شامل هُئا. هن جنگ ۾ جيڪي شهيد ٿيا، تن ۾ ڇهه مهاجر ۽ اٺ انصار شامل هئا. اسلامي دنيا جي هيءَ پهري جنگ سڏي وڃي ٿي.

جنگ اُحد: جنگ بدر جي شڪست کانپوءِ، مڪي جي قريشن انتقام وٺڻ لاءِ 19 مارچ 625ع مطابق،3 شوال 3 هه تي مديني کان 6km اوپر اتر طرف واقع اُحد جبل وٽ جنگ ڪئي. جنگ جي سربراهي قريشن سردار ابو سُفيان ڪئي. هن جنگ ۾ مڪي جي قريشن جي فتح ٿي، جنهن ۾ اسلامي لشڪر مان ستر کن شهيد ٿيا، جن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جو چاچو، امير حمزا به شامل آهي، جنهن جي قبر جبل اُحد جي دامن ۾ هڪ وسيع ميدان ۾ موجود آهي.

مديني ۾ واقع، ’مسجد قِبلَتين‘ آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي وحي ذريعي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي مسجد اقصيٰ کان، قبلي جو رُخ ڦيرائي، مڪي ڏانهن ڪرڻ جو حڪم موڪليو. اِهو حڪم ان وقت آيو جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن، نماز جي امامت ڪري رهيا هُئا ۽ هلندڙ نماز ۾ قبلي جو رخ ڦيرايو ويو. (سبحان الله).

ڪجهه عربن جا رواج ۽ رسمون

سعودي عرب ۾ توهان کي اسلامي نظام نظر ايندو. ماڻهو پنهنجي روزاني زندگي جي معاملن ۾ گهٽو ڪوڙ يا ۽ ٺڳي ڪونه ڪن. دوڪانداري ۾ وزن، ماپ ۾ حق ڪن ۽ توهان کي شئي جي معيار جي حوالي سان سني يا خراب هجڻ جو ازخود ٻڌائيندا. سڀ هڪ جهڙا به ڪونه آهن، هر معاشري وانگر سنا ۽ خراب به آهن ۽ ٺڳي به هلندي رهي ٿي ان

ڪري جو ڪاروبار ۾ نندي ڪنڊ جا ماڻهو شامل هجڻ ڪري، اهو نڳڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جو رجحان وڌندو وڃي ٿو. ڪپڙو جڏهن ماپ ڪندا آهن، ته ٿورو وڌائي ڏيڻ ۾ ڪونه ڪيٻائين. گهڻي قدر ايمانداري توهان کي نمايان نظر ايندي. مون کي تبوڪ جي اَلرَاجِهي بئنڪ (Al-Rajhi Bank) جو واقعو ياد آهي،جتي هڪ بُڍو (ٻهراڙي جو رهواسي) بئنڪ جي دخل تي مون کان اڳيان قطار ۾ بيٺو هو، تنهن جڏهن پنج هزار ريالن جو چيڪ ڪئش ڪرائڻ لاءِ ڏنو ته اندازن هُن کي بئنڪ واري غلطيءَ مان پنجاهه هزار جا نوٽ ڏنا ته فوراً چوڻ لڳو ته 'هي منهنجا نه آهن' (هاذا مُش حقي) ۽ ڪائونٽر واري کي موٽائي ڏنا، جنهن هڪ ٻُڍيءَ جي غلطي ڪري پئسا وڌائي ڏنا هئا. اسان وٽ ايئن ٿئي ها ته مان نه ٿو سمجهان ڪو ته پئسا موٽائي ڏيندو، بلڪ بئنڪن ٻاهران لڳل، پئسن ڏيڻ وارين مشينن (ATMs) کي پيچي ٽوڙي، راتين جو پئسا چوري ڪري وڃن ٿا ۽ پوليس ڪڏهن به ڪو چورايل پئسو واپس ڪونه ڏياريو ۽ نه وري چور پڪڙيا آهن.

سعودي عرب ۾ سخت قانون ۽ اُن جي بالادستي ڪري وڏو امن آهي. توهان کي ورلي ڪو بازار ۾ سپاهي نظر ايندو پر اُنهن جو دٻدٻو ايترو آهي، جو سپاهي صرف هڪ آڱر جو اشارو ڪري، ته پوري ايڪسپريس وي جي ٽريفڪ بيهي روڊ جام ڪري ڇڏي ٿي.

اِن امن جي ڪري توهان کي مَڪي، مديني ۽ ٻين مڪيه شهرن ۾، نماز لاءِ اَذان وقت دڪان کليل نظر ايندا ۽ ڪڏهن به چوري جو واقعو نه ٻڌڻ ۾ آيو آهي. اِن قانون جي بالادستي ڪري بئنڪن ۽ سون جي دڪانن جا دروازا،شيشي جا آهن ۽ بئنڪون ناٽي ۽ سَونَ سان پريل هونديون آهن، جو ڪجهه بئنڪون اصلي سون پنهنجي نالي سان پڻ وڪڻنديون آهن.

سعودين جي شادي رسم، شادي هالن ۾ ٿيندي آهي. عربن ۾ هڪ سُٺو رواج اهو به آهي، ته جڏهن ڪا نياڻي پنهنجي جوانيءَ کي پهچندي ۽ شاديءَ لائق ٿيندي آهي ته اُن گهر مٿان اڇو جهندو لڳائي، عام ۽ خاص لاءِ پڌرو ڪندا آهن، ته هنن وٽ شادي لاءِ سنگ وينل آهي. پوءِ جيڪي شادي جي ڳولا ۾ هوندا، سي اچي اُتي سنگ گهرندا ۽ ٻنهين ڌرين جي راضپي جي صورت ۾، اُها شادي ٿي ويندي پر اڄڪلهه زمانو گهڻو تيز ٿي ويو آهي،جو هن سائنسي دور ۾، انٽرنيٽ ۽ موبائيل ماڻهن جا ڪم سولا ڪري ڇڏيا آهن جو اهڙي قسم جا ڪاروبار اڳ ۾ طئي ڪيا وڃن ٿا ۽ مائٽن کي خبر ئي وڃي پوءِ ٿي پوي.

سعودي عرب وارا اڪثر سفيد لباس ۾ ملبوس هوندا آهن. ڪپڙن ۾ پاجامو ۽ مٿان هڪ ڊگهي ڪُڙين تائين قميص پاتل هوندي اٿن. جنهن کي توب (Thob) چوندا آهن. مٿي تي اڇي رنگ جي ٽوپي جنهن کي تاڳيا (Tagia) چوندا آهن، اُن مٿان هڪ وال هم چورس ڳاڙهي رنگ تي مائل پٽا پٽي جو بوڇڻ يا ويڪرو رومال، جنهن کي گِٽرا (Gutra) چيو وڃي ٿو، کولي مٿي تي رکي، هڪ ڪُنڊ ورائي، ڪلهن ۽ پُٺ جي ڪجهه حصي کي اُن رمال سان ڍڪي، مٿان ڪاري رنگ جو، ٻٽو نوڙ اهڙيءَ طرح مٿي جي مٿين گولائي تي رکندا آهن، جيئن ڪنهن تيز هوا ۾ رُومال ۽ ٽوپي ڪِسڪي ڪِري نہ پوي. اِن ٻٽي نوڙ کي اِگال (Igal) چون ٿا. اِن رومال جي تاريخ ڏاڍي قديم آهي، جو هن سر زمين ۾ اڪثريت ريگستاني ۽ ويران پهاڙن هجڻ ڪري، روزانا اُنڌاري ۽ واريءَ جا طوفان ايندا هُئا، جن ڪري اکين، ڪَنن، مُنهن ۾ مِٽي ۽ ڌوڙ گِهڙي وڃڻ ڪري، بيماري ۽ پريشان ٿيڻ کان بچڻ لاءِ، هن رومال کي مٿي تي رکي، هڪ نوڙي سان ان کي قابو ڪرڻ لاءِ، ڳچي وٽ وڪڙ هڻي ٻڌندا هُئا، جيڪا وقت جي گذرڻ ۽ اقتصادي حالات سڌرڻ ڪري، رومال”گٽرا“ ۽ نوڙي ”اگال“ جي شڪل اختيار ڪر وئي آهي.

هڪ دفعي مان، جڏهن اِها ڊگهي توب ڳوٺ آندي ۽ پاتي، تہ ٻهراڙي جي عورتن ڏسڻ سان چيو تہ مرد ٻُسُو ڳگو جو پايون بيٺو آهي.

عام طور سعودي شادي ۾ سُٺو انتظام رکندا آهن. هر شادي هال ۾ پردي جو پورو انتظام هوندو آهي. عورتن لاءِ خوبصورت حُجرو ۽ اسٽيج ۽ مردن لاءِ الڳ، پر پرسان ئي هوندو آهي. شادي هال ۾ سوفن، ڪرسين سان گڏ، زمين تي بہ ويهڻ لاءِ رنگ برنگي گلم ۽ ڳاليچا وڇايل هوندا آهن، جن مٿان وڏا طول وهاڻا هوندا آهن، جو ماڻهو انهن کي ٽيڪ ڏئي ويهن ۽ پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا رهن. گرميءَ موسم ۾ اُنهن هالن ۾ تنبون اندر ٿڌ پئدا ڪندڙ مشينون يعني ايئر ڪنڊيشنر لڳل هوندا آهن. شادي هالن جو تعداد تبوڪ ۾ ايترو تہ وڌي ويو آهي، جو ڪڏهن ڪا قسمت سان اُتي شادي ٿيندي هجي.

شادي دوران، ڪنوار کي خوبصورت اڇي رنگ جو جوڙو پارايو ويندو آهي. ڪنوار ۽ گهوٽ گڏجي شادي هال جي عورتن واري پاسي ٺهيل اسٽيج تي نمودار ٿيندا آهن. گهوٽ پنهنجي عرب ثقافتي لباس ڊگهي قميص (توب) ۽ مٿي تي ڳاڙهو رومال، جنهن مٿان ڪارو نوڙ (گُٽرو) رکيل هوندو اٿن. اچڻ وقت ڪنوار کي هڪ رنگا رنگ گلن جو گلدستو

هٿ ۾ ڏنو ويندو آهي، ۽ ٻئي اچي عورتن سامهون اسٽيج تي ويهندا آهن. ان کانپوءِ ڪجهه موسيقي ٿيندي آهي ۽ اسٽيج تي گهوٽ ڪنوار جا ماءُ، پيءُ ۽ ڀينر،موسيقي تي نچندا آهن. جنهن کانپوءِ نڪاح ۽ ڪاڏي جي رسم ادا ٿيندي آهي. عربن ۾ اِهو مشهور آهي تہ ڪنهن جي شادي ۾ ڪيترا ٻَڪَر ڪُنا ويا. اُتي خَرچ ڪيل پئسن جو تعداد ڪونہ ٻڌائبو آهي، ليڪن ٻَڪَرن جو تعداد ئي اُن شخص جي گهڻي پئسي هجڻ يا سندس وڏ ماڻهپائي ثابت ڪري سگهي ٿو. ڪُنوار کي عربي ۾ 'عُروسه' ۽ گهوٽ کي 'عريس' چوندا آهن.

ڪاڏي ۾ چانور (رُز مَندي) ڪِشمِش سان گڏ،گهڻو ڪري اسٽيم تي پچايا ويندا آهن ۽ انهن ۾ پاڪستانين وانگر گهڻا مرچ مصالا (Species) ڪونہ وجهندا آهن. اهڙي پچاءُ کي 'مندي' ڪري سڏيندا آهن. چانورن ۾ غالباً چربي پوڻ ڪري، ذائقي ۾ گهڻو اضافو تي ويندو آهي. ٻڪرن جون کلون لاهي، انهن مان اوجهريون ۽ آنڊا ڪڍي سڄا سارا اهڙي طرح پچايا ويندا آهن ۽ گوشت ايترو تہ ڳريل هوندو آهي جو هٿ سان اُن پوري ٻڪر کي پٽي ڪائي سگهبو آهي. چانورن کي وڏن ٿالن ۾ وجهي، انهن مٿان پورا پڪل ٻڪر رکي، انهن جي گرمي جي حفاظت لاءِ، اليومينيم فئائِل (Aluminium Foil) سان ڍڪي ڪري اچي قطارن ۾ رکندا، پوءِ مهمانن کي کائڻ جي دعوت، 'تفَضَلُ' لفظ جي ادائگي سان ڏيندا آهن. هر هڪ ٿال جي چوگرد گلر تي تقريبا، ڇهن کان اٺ ماڻهون، هڪ ٻئي جي سامهون اچي ويهي ڪاڌو کائيندا آهن. اهو هيٺ ويهڻ ۽ پاٿولي ۾ گڏ کائڻ جو رواج، سنڌ جي ٻهراڙي ۾ اڃ موجود هو، ليڪن هاڻي اُهو آهستي ختم ٿيندي نظر اچي ٿو. هِن وقت ٻهراڙين ۾ شهري رواج، تنبن لڳائڻ جو اچي ويو آهي ۽ ڪرسين تيٰ ويهي کائڻ جو رواج عام ٿيڻ لڳو آهي. عربن جو زمين تي ويهي گڏجي، هڪ ٿانوَ ۾ کائڻ نہ رڳو ٻهراڙي ۾ پر شهرن ۾ بہ عام آهي. ايترو جو سعودي امير گهراڻي جا ماڻهو، جڏهن عام دعوت ڪندا آهن تہ اِن رواج مطابق هيٺ ويهي گڏجي، هڪ ٿانو ۾ کائيندا آهن ۽ مزي جي ڳالهہ تہ جيڪڏهن ڪاڌو بچي پوندو آهي، تہ دير ۾ ايندڙ، بنا جَجَهڪَ جي، اُها اوبر گڏجي کائڻ ۾ ڪو عار نہ سمجهندا آهن.

زمين تي ويهي گڏجي کائڻ جو اهڙو رواج، پٺاڻن ۾ بہ عام آهي. عربن جون گهڻيون خصلتون سنڌين ۽ پٺاڻن ۾ نظر اينديون. عربن جي سُني عادت آهي، تہ پڪل ٻڪر مان ٻوٽيون پٽي پرسان واري دوست يا

نندي ٻار جي اڳيان رکندا ويندا تہ جيئن هُن کي کائڻ ۾ آساني ٿئي. چانور کائڻ سان گڏ بوتل وغيره جو بندوبست پڻ ٿيل هوندو آهي ۽ مِني ۾ مختلف ميوا رکيا ويندا آهن. زيتون جو تيل کائڻ ۾ گهڻو استعمال ٿيندي ڏٺو آهي. جو اِن ۾ شفا آهي، زيتون جو ذڪر قرآن ۾ بہ آيو آهي. اِهي زيتون، ڪارِي رنگ جا، وڏي ٻير جيترا گهڻو ڪري لبنان، فلسطين، شام ۽ أردن ۾ پيدا ٿيندا آهن. عرب کائڻ وقت گهٽ ڳالهائيندا آهن ۽ ميزبان مهمانن جي ڪاڌي کائڻ وقت،هر هڪ کان پيو پڇندو رهندو آهي تہ،ڪنهن شئي جي گهرج آهي (تِبغ اِي شئي؟) ۽ ميزبان آخر ۾ مهمانن جي ڪاڌي کانپوءِ انهن جي بچيل ڪاڌي واري ڪنهن ٿال پرسان ويهي آرام سان پنهنجو پيٽ پريندو آهي. عرب چربي کي شوق سان کائيندا آهن، حالانڪہ، ڊاڪٽر چربي کائڻ کان سخت منع ڪندا آهن. جانورن جا آنڊا صاف ڪري، انهن کي رسي وانگر وَٽي نوڙي ٺاهي پچائي کائڻ جو لُطف ئي الڳ آهي، جنهن جو اندازو کائڻ کان پوءِ ئي لڳائي سگهجي ٿو.

عربن ۾ هڪ عام چوڻي آهي تہ، دماغ ڪونہ اٿئي، يعني 'مُخُ مَافِي'، ٿوري گهٽي ڳالهہ تان هڪ ٻئي کي ائين مزاق ۾ بہ چئي ڇڏيوآهي. هڪ دفع جي ڳالهہ آهي، تہ اسان جي ڊائريڪٽر، برگيڊيئر، محمد بن علي شايع هر هفتہ ڪنهن نہ ڪنهن هلندڙ منصوبي تي ٻن ٽن سؤ اداري جي آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ أن منصوبي جي مُقام (Project Site) تي سُٺي پارٽي ڪندو هُيو، جنهن ۾ اهڙي قسم جو ڪاڌو ميس هالن مان تيار ٿي ڳاڏين ذريعي، أن گهربل ماڳ تائين گرم حالت ۾ پهچايو ويندو هو. ڪاڌي کائڻ دوران، برگيڊيئر صاحب پاڻ بہ ضرور شرڪت ڪندو هو ۽ ٻين برابري رتبي جي آفيسرن کي بہ دعوت ڏيندو هُيو. هڪ ڀيري ڪاڌي کائڻ وقت، برگيڊيئر مون کي پڪل ٻڪر جي مٿي مان دماغ ڪڍڻ لاءِ چيو. مان سِري ڪٽي ڏاڍا أبتا سُبتا زور ڏنا پر ٻڪر جو مٿو نہ کليو، سو مون کان وٺي، مٿي جي ٻنهي پاسن کان اشهد آڱريون قاسائي جو چاڙين کي ٿورو زور ڏنو، تہ مٿو کُلي پيو ۽ ٻڪر جو دماغ (مُخ) نڪري ظاهر ٿي پيو، جيڪو مونکي کائڻ لاءِ آڇيو ويو. پرسان ٿال تي ويٺل مصري انجنيئر أن فارمولا تي عمل ڪندي ٻئي ٻڪر جو دماغ ڪڍڻ لاءِ جڏهن زور ڏنو تہ دانهن ڪري چيائين تہ سائين هِن ۾ دماغ تہ آهي ئي ڪونہ. تنهن تي برگيڊيئر وراڻيو تہ تون بہ ٻي دماغ ٻڪر وانگر آهن، جو ٻڪر کي جيڪڏهن دماغ هجي ها تہ هُو هتي ٿال ۾ تنهنجي اڳيان ڪونہ هجي ها. (أنت، ذائيق، اذافي مُخُ هُوَمَا ڪُنتُ

هنا)، پوءِ سيني ڪلي ڏنو اسان جو ڊائريڪٽر صاحب جيترو سخت ماڻهو هيو، ايترو وري خوش طبع ۽ سخي هوندو هو. آمريڪا مان انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪري آيو هو ۽ ڏاڍو محنتي ۽ هوشيار هو. مان پندرهن سال سائس گڏ ڪم ڪري تمام گهڻو پرايو. اهڙو قابل ۽ هوشيار انسان،مان عرب دنيا ۾ ڪونه ڏٺو. سندس وقت جي پابندي ۽ فيصلي ڪرڻ جي قوت،ايتري تہ تيز هوندي هئي، جو جڏهن ڪنهن منصوبي لاءِ تيار ٿي ويندو هو، تہ اُنکي جلدي بلڪہ مقرر وقت کان اڳ ۾ ختم ڪندو هو. هُن اداري جي پراڻي نظام واري ٿڪل ۽ سُست ڪارڪردگي کي سڌارڻ لاءِ وڏا اُپاءَ ورتا ۽ ٿوري وقت اندر، پوري اداري جي ڪارڪردگي کي نئين معيار مطابق اپنائي ورتو. هن جو سڌو سنئون واسطو وزير دفاع جناب سُلطان بن عبدالعزيز سان هو، جنهن ۾ وزير موصوف جي سيڪريٽري جناب مُحسن جو وڏو هٿ هوندو هو. جنرل شايع هڪ طاقتور ۽ بهادر آفيسر هو، جو پنهنجي ملازم کي بئي ڪنهن کان مارڻ ڪونہ ڏيندو هو، پر غلطي جي سزا، معاف نہ ڪرڻ جو قسم ڪنيل هئس.

ڳالهہ پئي هلي شاديءَ جي رسمن جي، سو عربن ۾ عام رواج آهي، تہ هر وقت سندن مهمان خاني ۾ گهَوُو، شاءِ (عربي ڪافي ۽ بغير کير جي چانهہ) ۽ کجور تيار هوندا آهن، هر ايندڙ مهمان جي آجيان اُن گهوو، شاءِ ۽ کجور سان ڪئي ويندي آهي. گهُوو ۽ شاءِ پيٽ جي حاضمي لاءِ مفيد آهي ۽ اِن ڪي ائين ڪٽي چئجي ڇڻ اڄڪلهہ هوٽلن ۾ اسٽارٽر يا هاضمي وڌائڻ لاءِ سوپ (Soup) يا نارنگين جي رَسُ، کاڌي کان اڳ آڇيو ويندو آهي. اِها ساڳئي ڪاروائي يعنيٰ گهَوُوا ۽ شاءِ کي وري کاڌي کان پوءِ بہ شروع رکيو ويندو آهي. هر ايندڙ مهمان کي خوشبوءَ جي حوالي سان عُودُ ڪاٺي (Agar wood) جو دُونهون ڏنو ويندو آهي، جنهن کي مقامي ٻولي ۾ ’بَخُور‘ چيو وڃي ٿو. اهو عُود جو وڻ اڪثر ڪري اُتر اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ ٿئي ۽ ان ڪاٺيءَ ۾ زبردست خوشبوءِ ٿيندي آهي. هندوستان اِن وڻن جي ڪمائي مان عرب دنيا مان اربين روپيا ساليانو ڪمائي ٿو.

هِن وڻ جو اصلي نالو (Botanical Name)، اڪيولاريا (Aquilaria) آهي، جيڪو هندوستان، فلپائين، ٿائليند، ڪمبوڊيا، ويٽنام، انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ چائنا ۾ پيدا ٿيندو آهي، جو اِنهن ملڪن جي آبهوا ۽ زمين سندس پئداوار لاءِ وڌيڪ ماحولياتي دوست آهي.

اِنهن سيني ملڪن مان وڌيڪ، خوشبودار آگروود (Agarwood)، انڊونيشا ۾ ٿئي ٿو، جنهن کي سيني خوشبوئن جي راڻيَ ڪري سڏين

تا. جنهن جو نالو اڪيولاريا مالاسينيسِس (Aquilaria Malacenensis) آهي. اِن وڻ جي اوچائي، 30-40 ميٽر ٿئي ۽ سندس وڻ جي ٿُڙ جو قطر، 70 کان 80 سينٽي ميٽر ٿئي. اِن وڻ ۾ دراصل هڪ بئڪٽيريا مولڊ (Mold) جي نالي ٿئي، جنهن ڪري وڻ جي رَسُ نڪري، ٿُڙ جي اندرين حصي جي ڪاٺ ۾ آهستہ داخل ٿي، اُن جو رنگ ڪارو ڪري ٿي ۽ هڪ زبردست خوشبوءِ پئدا ڪري ٿي، جيڪا اُن ٿُڙ مان جدا ڪري، ڪاٺ جي بُوري (Wood chips) پائوڊر يا وري اُن مان عرق ڪشي جي عمل (distillation) ذريعي خوشبودار تيل (oil) ڪڍي، پوري عرب دنيا ڪي وڪرو ڪيو وڃي ٿو جنهن مان اِهي ملڪ ساليانو ڪروڙين ڊالرن جو ناڻو ڪمائين ٿا. 70 ڪلوگرام وزن جي عُود ڪاٺيءَ مان، عرق ڪشي ذريعي، صرف 20 ملي ميٽر جو خوشبودار تيل ڪڍي سگهجي ٿو. ساليانو هِن ڪاروبار ۾، ڏي وٺ چئن کان پنجن ملين ڊالرن تائين پهچي وڃي ٿي، جنهن ۾ آگروود يعنيٰ عُود ڪاٺ جو بورو، پائوڊر، تيل ۽ اعليٰ قسم جي مَهڪ وارا عطر (Perfumes) شامل آهن. عود جو واس ڏيڻ عربي ثقافت ۾ وڏو شان رکي ٿو ۽ عود جي خوشبو جو ڪنهن محفل ۾ غير حاضر هجڻ هڪ وڏي گهٽتائي ۽ عيبدار محفل تصور ڪئي وڃي ٿي.

ڪئناڊا جي ٽن ڊبليوز (3W's) وانگر عربن ۾ چار شِينَ ’ش‘ مشهور آهن، جن جي دوستي تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي. شرطيہ (پوليس) شيخ يعنيٰ مُطوا يا قاضي، شيفر (ڊرائيور) ۽ آخري شرموط، (ڪجري). اهو بہ مشهور آهي تہ ڪُسُ ۽ ڪَعَس تي بدل دوستي نہ ٿڻدي آهي.

وادي حضرت شعيب عليہ السلام

تبوڪ شهر کان 200 ڪلوميٽر اتر اولهہ يعنيٰ، بحر احمر واري طرف ڏي ’البِدَع‘ شهر آهي، جتي حضرت شُعيب عليہ وسلم جو علائقو، ’مَدِين‘ رستي ۾ اچي ٿو ۽ اِن ڀرسان هڪ وڏي برساتي وادي آهي، جنهن کي ’وادي شُعيب‘ سڏين ٿا. اِهو علائقو آهي، جنهن جو ذڪر قرآن ۾ بہ حضرت شعيب جي حوالي سان آيو آهي. اِن واديءَ ۾ پاڻيءَ جي ٻن کوهن (Tube wells) جي مناسب جاءِ ڳولڻ لاءِ، جنرل شايع مون کي ۽ انجنيئر عزيز الرحمنٰ، جيڪو پاڪستاني انجنيئر هيو، چانوٽي ۾ گڏريل ڏهن سالن کان ڪم ڪندو هُيو، اِن ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. اسان ٻئي گاڏيءَ ۾ چڙهي روانا ٿياسين تہ رستي ۾ حضرت شعيب عليہ وسلام جي، اُن

بستي جو ديدار ڪيو، جنهن ۾ حضرت شعيب ۽ سندس قوم رهندا هُئا. جبلن کي ڪَٽي ڪوري (Carving) اندر گهر ۽ ڪمرا ناهڻ ان وقت جو ڪو خاص رواج هيو، جو انهن گهرن ۾ نہ چور داخل ٿي سگهن ٿا ۽ نہ وري انهن کي ڪو زلزلو ڊاهي سگهي ٿو. هِن وقت هي علائقو حڪومت جي آثار قديم جي قبضي هيٺ آهي. هي اُهو ئي علائقو آهي، جنهن ۾ حضرت موسيٰ عليہ وسلام جن مصر جي فرعون کان، قتل ٿيڻ جي خوف ۾ وٺي پڳو ۽ حضرت شعيب جي علائقي ۾ جڏهن پهتو، تہ هڪ کوهہ تي مختلف ڌنار پنهنجي مال کي پاڻي پياري رهيا هُئا. جن ۾ ٻہ ڇوڪريون پنهنجو مال پري جهليو بيٺيون هُيون ۽ حضرت موسيٰ کائن پڇيو، تہ توهان مال کي پاڻي ڇو نہ ٿيون پياريو، جنهن تي جواب آيو تہ اسان جو پيءُ ڪراڙو آهي ۽ جڏهن کوهہ تان نوجوان ڇوڪرا مال پياري هليا ويندا تہ اُن کان پوءِ اسان پياريندريون سين. اِهو سڄو قصو قرآن جي ’سورة القَصَصَ‘ ۾ تفصيل سان بيان ٿيل آهي. اِن کان پوءِ حضرت موسيٰ جڏهن حضرت شُعيب وٽ حاضر ٿئي ٿو، تہ حضرت شعيب کيس هڪ ڌيءُ سان شادي جي آڇ ڪئي جيڪا حضرت موسيٰ قبول ڪئي ۽ اُن جي بدلي ۾ حضرت موسيٰ ان علائقي ۾ اٺ کان ڏهہ سالن تائين ٻڪريون ۽ رڍون چاريون آهن. حضرت موسيٰ پنهنجي واعدي مطابق، ٻڪرين چارڻ جي مدي پوري ٿيڻ کانپوءِ، پنهنجا گهر ٻار وٺي مصر موٽڻ لاءِ، جڏهن جبل سِينا (Mount Sennai) تي پهچي ٿو تہ رات جو ٿڌ لڳڻ ڪري، پري کان هڪ تجلي ڏسي ٿو ۽ پنهنجي ٻارن کي اِهو چئي تہ مان توهان لاءِ باهہ ٻارڻ لاءِ ڪجهہ ٽانڊا ڪٽي اچان تہ ان طرف وڃي ٿو، پر اُتي پهچڻ سان کيس معلوم ٿيو تہ اُها باهہ نہ هئي پر نور جي تجلي هُئي، جنهن ۾ کيس الله تعاليٰ ڪجهہ نشانيون ڏئي، فرعون جي مقابلي لاءِ نبوت جو رتبو ڏنو. (سبحان الله).

هن علائقي جو سفر ۽ زيارت، امڙ ۽ اسان پوري ڪٽنب سميت ڪئي جڏهن هُن کي ٻئي دفعي وزٽ ويزا تي گهرائي عمرو ۽ حج ڪرايو هو.

اِن علائقي ۾ گهمڻ ۽ انهن جبلن تي نظر پوڻ جن کي الله جي نبين ڏٺو، انهن علائقن جو ديدار ڪرڻ، هڪ وڏي خوش قسمتي ۽ خوش نصيبي آهي، جنهن لاءِ مان ڪيترا شڪرانا ادا ڪيان پر اُهي گهٽ آهن.

انجنيئر عبدالعزيز پشاور جو هو، عربي ٻوليءَ تي وڏي مهارت هئس ۽ عرب ٻَدُن (ٻهراڙي ۾ رهندڙ) سان گهڻي دوستي ۽ واقفيت هوندي هُئس يا ڪڏهن وٺندو هو. وڏو قوم پرست ماڻهو هيو، گهڻو ڪري لاهورين سان

ناراض رهندو هو، جو هُو وڏا چالاڪ هوندا هُئا. مون کي هميشہ ياد ڪرائيندو رهندو هو، تہ 'يار لاهوريون سي بچ ڪي رهنا'، حالانڪ مون کي اهڙي خطري جي ڳالھ نظر ڪونہ آئي. اسان سڀ پاڪستاني آهيون ۽ هر سوسائٽي ۾ ڀلا ۽ بُرا ماڻهو هوندا آهن.

اسان اُتان جي مقامي ماڻهن کان معلومات وٺي حضرت شعيب جي بستيءَ پرسان، وادي شُعيب جي هڪ ڪناري تي ٻن کوهن لاءِ جاءِ جي چونڊ ڪئي ۽ اُن جو نقشو (Sketch) بہ ٺاهي ورتو ۽ ٻئي ڏينهن تي پوري رپورٽ ٺاهي جنرل شايع کي پيش ڪئي ۽ ڪجھ وقت ڪانپوءِ، انهن کوهن کي کوٽڻ لاءِ اجازت ڏني وئي. انهن کوهن جي کوٽائيءَ لاءِ اتان جي مقامي ماڻهن جي ضرورت جي حوالي سان، اتان جي قبيلي جي سردار، گورنر تبوڪ کي عرض ڪيو هو. جنهن وري اسان جي ڊائريڪٽر کي چيو، ڇو جو اهڙي قسم جي صلاحيت، اسان جي اداري کان ٻاهر موجود ڪونہ هُئي. چانوٽي اندر بجليءَ تي هلندڙ، چاليهارو کن پاڻي جا کوھ اداري وٽ اڳ ۾ ئي موجود هُئا، جن جي وسيلي، زمين اندر هڪ ڪلوميٽر، کان پاڻي ڇڪي پوري چانوٽي جي آبادي کي مهيا ڪيو ويندو هو.

انجنيئر عزيزالرحمان پنهنجي ذاتي تجربي مطابق، هڪ سٺي اڳڪٿي ڪندو هُيو. هو مقامي ماڻهن سان سچي محبت رکندو هو. سياستدانن ۽ وڏن آفيسرن بابت چوندو هو، تہ انهن جو مثال ائين آهي 'جيئن ڪُڪڙ ڪُراڙي ٽيندي ويندي، تيئن آنو ننڍو ڏيندي آهي'.

1984ع ۾ مان جڏهن پهرين موڪل تان موٽيس تہ ڊائريڪٽر ڪرنل فُواد امين، جيڪو غالباً شامي نسل مان هو، ان کي بدلي ڪري ڪرنل محمد علي الشايع کي رکيو ويو ۽ ساڳئي وقت دوران چانوٽي جي ڪمانڊر کي بہ بدلي ڪيو ويو. الشايع جي اچڻ ڪانپوءِ، پاڪستاني انجنيئرن ۽ هينئين ملازمن لاءِ سختي شروع ٿي، جو الشايع کي شايد اچڻ کان اڳ ۾ ئي ڪيس، اِهو سبق ڀڏايو ويو هو تہ تبوڪ چانوٽي جي اداري ۾ پاڪستاني انجنيئرن جو قبضو آهي، جنهن ڪري ڪم ڪار ڏاڍو سستي سان ڪيو ٿو وڃي. ڪرنل شايع اچڻ سان يارهن پاڪستاني انجنيئرن، يعني هڪ پوري ڪرڪيٽ ٽيم کي هڪ قلم جي حرڪت سان نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو. پاڪستانين ۾ اچي افرا تفري پئي ۽ پريشاني وڌي وئي. شايع جي مرضي هُئي تہ پاڪستاني انجنيئرن کي ڪڍي ڪجھ انگريز، مصري ۽ لبناني ڀرتي ڪيان، تہ جيئن مختلف قوميتون هجڻ ڪري، پاڪستانين وانگر هڪ ٻئي سان پاڻ ۾ نہ وڙهندا ۽ نہ وري ڪم

ڪار ۾ ڪو رخنو پوندو. اهڙيءَ طرح سڀ پراڻا انجنيئر جن ۾ عزيزالرحمان بہ شامل هُيو، نوڪري مان ڪڍيا ويا. صرف مون سان گڏ هڪ ٻيو انجنيئر مسٽر نعيم اقبال جن کي صرف ٻہ سال آئي ٿيا هئا، سي رهجي ويا. عزيزالرحمان عربي ٻوليءَ ۾ مهارت جو فائدو وٺي ڪرنل شايع جي خلاف ٽن صفحن تي هڪ شڪايت نامو لکي، وزير دفاع امير سلطان بن عبدالعزيز ڏانهن موڪلي ڏنو. جنهن ۾ هُن لکيو تہ هي اسلامي ملڪ آهي ۽ ڪرنل شايع انگريزن کي نوڪري ڏيڻ جي بدلي ۾، مسلمانن کي بيروزگار پيو ڪري وغيره....... ڪرنل شايع بااثر ماڻهو هو، جڏهن درخواست جي خبر پيس تہ هِن کي گهرائي ڏاڍي دٻ پٽيائين ۽ ڪيس سختيءَ سان چيائين تہ وڏيڪ ڪنهن قسم جي لکپڙهہ نہ ڪر، نہ تہ جيل ۾ وجهي، پوءِ اُتان جهاز ۾ چاڙهيندو سانءِ. اِها خبر جڏهن پاڪستانين کي پئي، تہ هِن سان ملڻ تہ پري، پر ساڻس ڳالهائڻ لاءِ بہ ڪو تيار نہ هيو. اهو ان ڪري تہ متان ڪرنل اسان کي بہ نوڪري مان ڪڍي ڇڏي . آخر مان جڏهن ڏٺو تہ هُو اڪيلو ٿي ويو آهي،تہ مون کي سٺو نہ لڳو ۽ ڪيس گهر اچڻ جي دعوت ڏني ۽ وڃڻ کان اڳ ڪيس الوداعي پارٽي ڏني. ڪرنل خلاف درخواست سان گڏ ڪافي ٻيا بہ عربي ۾ ڪاغذ ڏيکاريائين ۽ اُها بريف ڪيس جنهن ۾ ڪرنل خلاف درخواستون پيل هيون منهنجي گهر ۾ رکرايائين ۽ جيڪا هڪ هفتہ منهنجي گهر ۾ پئي رهي. متان سيڪيورٽي وارا سندس تلاشي وٺن ۽ پوءِ متان سڳ سوڌو گرفتار ڪن. بهرحال مون کي هُن جي هلڪي سوچ ۽ سمجهہ تي ڏاڍو عجب لڳو، تہ هو مسلمان ٿي ڇڻ عربن تي ڪو وڏو احسان ڪيو هجائين ۽ انهن کي اِهو پيو احساس ڏياري تہ هو مسلمان آهي ۽ انگريز عيسائي آهن، هن جو هتي نوڪري ڪرڻ جو وڌيڪ حق آهي. مان ڪيس احساس ڏياريو تہ اِن درخواست تي ڪو عمل ڪونہ ٿيندو، جو عربن ۾ انگريزن لاءِ، سفيد چمڙي هجڻ ڪري، رنگين چمڙي جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ عزت ۽ احترام آهي. هن کي ٿوري عرصي اندر ئي هوائي جهاز ۾ ويهاري، وطن واپس موڪليو ويو ۽ پوين لاءِ هڪ قسم جي نفرت جو ٻج هميشہ لاءِ پوکجي ويو، جيڪو ڊگهي عرصي تائين پاڪستانين پئي پوکيو.

اَنتَ حُمار

اداري جي انجنيئرن جي قابليت ۾ وسعت وڌائڻ (Skill and Capacity Building) لاءِ، ڊائريڪٽر ٽن آفيسرن کي جدي جي چيمبر آف ڪامرس جي دعوت تي، هڪ هفتہ لاءِ جدي ۾ واقع مختلف ڪارخانن جو دورو ڪرائڻ جو پروگرام طئي ڪيو، جنهن ۾ مون سان گڏ، ملٽري انجنيئرنگ سروس (MES) جي مسٽر اقبال چوڌري ۽ سعودي آرمي جي ميجر مُسارع، جيڪو اداري جي انتظامي ڪاتي جو سربراهہ هو، تنهن جي سربراهي ۾ جدي روانا ٿي وياسون. جدي ايئرپورٽ تي چيمبر آف ڪامرس جي مسٽر ابراهيم، اسان کي خوش آمديد ڪيو، جنهن سڌو سنئون هڪ پلاسٽڪ پائيپ ٺاهيندڙ فيڪٽري وٺي ويو، جتي اسان کي آجيان ڪرڻ ڪانپوءِ، پائيپ ٺاهڻ جي پوري ڪاروائي جي ڄاڻ ڏني وئي. جنهن ڪانپوءِ مسٽر ابراهيم اسان کي ”السلام ميريڊين هوٽل“ ۾ وٺي ويو، جتي اسان لاءِ اڳواٽ بڪنگ ڪيل هُئي ۽ هي 5-Star هوٽلن مان هڪ هو. اُن وقت هڪ روم جو ڪرايو 350 ريال هو. جيڪو چيمبر آف ڪامرس وارن جي ذمي هُيو ۽ شوئرليٽ ڪار مع ڊرائيور، روزانو 800 ريال ڪرائي تي اسان جي حوالي ڪيل هُئي. ٻئي ڏينهن چيمبر جي نمائندي اسان کي فائبر گلاس پائيپ فيڪٽري جو معائنو ڪرايو. فيڪٽرين ۾ جديد قسم جا اوزار ۽ نئين ٽيڪنالاجي ڏسي حيرانگي ٿي ۽ بهتر معيار جي پيداوار جو يقين ٿيڻ لڳو. پئداوار جي هر ڍير (lot) ۾، اُن جي مقرر ڪيل معيار لاءِ مختلف طريقن سان تپاسڻ يا پرکڻ (testing) جون مشينون لڳل هيون. بلڪ تپاس ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي خاص ليبارٽري موجود هُئي، جنهن ۾ عالمي سطح جي معيار کي پرکڻ لازمي هوندو آهي. اسان جي سامهو ڪافي اهڙي قسم جون ٽيسٽون ڪري ڏيکاريون ويون. انهن ڏينهن دوران تقريباً جدي شهر ۾ قائم ڪيل ڏهہ مختلف ڪارخانا ڏٺا ۽ معلومات ۾ ڪافي اضافو آيو. جدي ۾ هجڻ ڪري، مان چوڌري کي وٺي مڪي شريف ۾ وڃي عمرو بہ ڪري آيس ۽ هوٽل مان ڪئناڊا جي هيليفڪيس (Halifax) شهر ۾ رهندڙ دوست، انجنيئر شاهد محمود رانا سان ڳالهايم. رانا ۽ مان HDA ۾ گڏ ڪم ڪيو هو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

مسٽر اقبال چوڌري جو ذڪر، آئون اڳ ۾ تفصيلي ڪري آيو آهيان، هِن جي فني ڄاڻ ۽ سخاوت بابت وڌيڪ چوڻ مناسب ڪونہ ٿو لڳي.

ان کان علاوه جدي شهر جي انڊسٽريل ايريا ۾، لڳل ڪارپيٽ ۽ فرنيچر جي ڪارخانن جو دورو ڪيو ۽ اسان جي وفد جي ملٽري چانوٽي جي حوالي سان، ڪارخانن جي مالڪن سني آڌر ڀاءُ ڪئي ۽ ميجر مُسارع جي گڏ هجڻ ڪري وڌيڪ آجيان ڪئي ۽ هر هڪ کي سوکڙين سان پڻ نوازيو. ڪارپيٽ انڊسٽري وارن هڪ اعليٰ قسم جو نماز لاءِ مُصلو سوکڙي طور ڏنو، جيڪو تقريباً هڪ انچ ٿلهي ته واري مٽيريل مان نهيل هو، جيڪو اڄ تائين موجود آهي.

ميجر مُسارع هڪ بهترين انسان هو، جو هميشه مسڪرائيندو رهندو هو ۽ جيترو خوبصورت اوترو خوش اخلاق هو. شروع وارن ڏينهن ۾، آرمي يونيفارم ۾ جڏهن فيڪٽري ۾ داخل ٿياسين ته ماڻهو پريشان ٿي ويا، ته الائي ڇو آرمي آفيسر آيا آهن، شايد ڪا انڪوائري يا ڪنهن جاچ جي سلسلي ۾ آيا هجن. مان ڪيس مشورو ڏنو ته توهان سعودي سولين لباس ۾ وڌيڪ سُهڻا ۽ رُعبدار پيا لڳو،تنهنڪري توهان اِن لباس ۾ فيڪٽرين جو دورو ڪندا رهو، جو ان سان توهان وڌيڪ سڪون محسوس ڪندا ۽ توهان سان فيڪٽرين ۾ ملڻ وارا به سُک جو ساهه کڻندا ۽ اسان کي بنا جَجَهڪَ جي معمول کان وڌيڪ معلومات به ڏيندا. ميجر صاحب منهنجو مشورو ورتو ۽ پوءِ سويلين لباس ۾ ئي فيڪٽرين جو دورو ڪندو رهيو.

ميجر پروموشن تي جڏهن ڪرنل ٿيو، ته مان شام جو سندس گهر ويس، ڏاڍي آڌر ڀاءُ ڪيائين. گهَوُو، چاءِ ۽ ڪجور کائيندا رهياسين ته ڳالهائيندي پنهنجي ڏهن سالن جي پٽ کي ڪنهن معاملي بابت ڪجهه عربي ۾ چيائين، جنهن جي جواب ۾، ڪرنل صاحب کلندي پنهنجي پٽ کي چيو ته ’تون گڏهه آهين‘ (اَنتَ حُمار)، جنهن تي سندس پٽ فوراً ساڳيا اکر مَوٽائي منهن ۾ هنيا ۽ ڪرنل مون هوڏانهن مُنهن ڪري مُسڪرائيندو رهيو. مان سندس دوستاڻو رويو ڏسي چيو ته ڪاٺون جا ٻچا ڪانوَئي ٿيندا آهن. اداري ۾ ئي سندس پروموشن ڪانپوءِ جنرل شايع سان اٽبٽت ٿيڻ ڪري، ڪنهن برگيڊ ۾ بدلي ڪرائي هليو ويو، پوءِ به منهنجي ساڻس ڳاهي به ڳاهي ملاقات ٿيندي رهندي هُئي. هُن منهنجي هوشياري ۽ قابليت جو اندازو اُن ٽوئر دوران لڳائي ورتو هو، جنهن جو ذڪر هڪ دفعي هُن پاڻ ڪيو ته، فيڪٽرين جي دوري دوران توهان سني طرح معلومات حاصل ڪئي، باقي ٻئي ساٿي انجنيئر جو حال مڙيو ئي خير هو.

خواجا عارف ڪُل شيءِ

عربن کي بہ انگريزي ڏاڍي مشڪل لڳندي آهي. عربن ۾ اُهو ماڻهو ڪامياب رهي ٿو، جيڪو انگريزي ڳالهائڻ ۾ روان هجي، باقي فني مهارت هجي يا نہ هجي، ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي. بس رنگ جو اڇو هجي ۽ سندس وات مان انگريزي جا لفظ ڦرَ ڦرَ ڪري نڪرندا رهن تہ چوندا ’وَالله خواجہ عارف ڪل شيءِ‘، عرب انگريزن کي عربي ۾ خواجہ چوندا آهن. ساڳئي طرح ستر جي ڏهاڪي دوران، جڏهن ڀٽو صاحب پاڪستانين لاءِ عرب دنيا ۾ نوڪري لاءِ دروازا کولرايا،تہ هر پيچڪش پڪڙيندڙ کي،عرب ائين چوندا هُئا تہ سڀ پاڪستاني وڏا ماهر انجنيئر آهن.

عرب ۽ ٽئين دنيا جا ملڪ، اهڙن نااهل انگريزن لاءِ وڏو روزگار جو ذريعو آهن، جن کي پنهنجي ملڪ ۾ قابليت نہ هجڻ ڪري ۽ سخت مقابلي بازيءَ ڪري، هڪ تہ نوڪري نہ ملندي آهي ۽ ٻيو وري عمر رسيده ٿي رٽائر ٿيڻ تي،اهڙن ملڪن ۾ پنهنجو روزگار ڪمائيندا آهن. مون کي ذاتي تجربو آهي تہ اهڙا انگريز سعودي عرب ۾ مليا، جيڪي پنهنجي وطن ۾ بجليءَ جوڪم ڪندا هئا يا گاڏين جا مڪينڪ هُئا. سي هتي انجنيئر ٿي آيا ۽ ساڻن ڪم دوران سندن اهليت جو اندازو لڳي ويو. اهڙن انگريزن لاءِ هڪ ٻيو ڪمائي جو دروازو کليل آهي جو ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ (ADB)، ورلڊبئنڪ يا يو.ايس.ايڊ (USAID)، جڏهن غريب ملڪن کي قرض يا امداد ڏيندي آهي، تہ اُن قرض جي معاهدي ۾ هڪ شرط وجهندا آهن، جنهن تحت اُن قرض مان تقريباً پنجويهہ سيڪڙو جي قيمت جي برابر مقروض ملڪ کي بين الاقوامي ڪنسلٽنٽ مقرر ڪرڻا هوندا آهن. قرض جو اِهو هڪڙو خانچو آهي، جنهن ذريعي اِهي پئسا مقروض جي کاتي تي چڙهڻ سان نہ صرف ان تي وياج شروع ٿي وڃي ٿو، پر نہ ڄاڻ تہ اِها رقم موٽي واپس اُنهن نااِهل، سبڪدوش، هٽ نوڪين ماهرن جي حوالي چڙهي وڃي ٿي، جيڪي اهڙن بين الاقوامي صلاحڪار ڪمپنين ۾ ڀرتي ٿيل هوندا آهن. ڪنسلٽنٽ ڪمپنيون بہ خانا پوري ڪرڻ لاءِ ۽ پئسي بچائڻ خاطر، اهڙن ٻہ نمبري ماهرن کي ڀرتي ڪندا آهن جو اُهي ٿوري پگهار تي راضي ٿيو وڃن. ڪنسلٽنگ ڪمپنيون، مقروض ملڪن کان تہ اصلي ماهرن جون وڏي اگهہ واريون پگهارون وٺندا آهن پر اڳتي بہ نمبري ماهر، ٿوري پگهار تي ڪٽي ڀرتي ڪري ڪافي پئسا هڙپ ڪري ويندا آهن. قرض ڏيندڙ ملڪ وري ٻئي چالاڪي اِها ڪندا آهن تہ مقروض ملڪ کي مجبور

کندا آهن، تہ کم جا ٺيڪا، بين الاقوامي ٺيڪيدارن کي ڏيڻا هوندا آهن، جنهن ۾ نوي سيڪڙو امڪان اهو هوندو آهي،تہ ٺيڪو بہ ٻاهرين ملڪ جي ڪنهن ڪمپني کي ملي وڃي. اگر ٺيڪيدار ۽ ڪنسلٽنٽ ٻئي ٻاهرين ملڪن جا تہ بس ڏوئي ڍڪڻ گيهہ وارو مثال آهي، جنهن ڪري مقروض ملڪ جا ماڻهو وڪامجي وڃن ٿا. مٿيون مثال IMF واري قرض تي لاڳو نہ آهي، جو اُهي پورو قرض ڪئش جي صورت ۾ ڏيندا آهن. پر اُهي وري عوام تي ٽيڪس جو بوجهہ وجهرائي پنهنجي رقم معہ وياج واپس وٺندا آهن هي مثال انهن قرض ڏيندڙ ادارن لاءِ آهي، جيڪي غريب ملڪن کي ڪن خاص ڪمن ڪرائڻ لاءِ قرض ڏيندا آهن. IMF وارو قرض تہ ان لاءِ وٺڻو پوندو آهي، جو پوئين ڏنل قرض کي موٽائي قسط ۾ ڪين واپس ڏيڻو پوندو آهي. ڏنو وڃي تہ،هن وقت اسان جي مٿان ٽوٽل قرض جي رقم، 200 بلين ڊالرن کان بہ مٿي آهي. ان جو مثال ائين آهي، جيئن اسان مان هر هڪ فرد بشمول نئون پيدا ٿيندڙ ٻار،ٻارهن سَوَ ڊالرن، (هڪ لک رپيہ) جو قرضي آهي. ڇا اسان جا سياستدان جن کي اسان هر پنجين سال، اسيمبلي ۾ موڪليون ٿا، انهن کي ان مسئلي جي خبر آهي؟ ڇا انهن ۾ اِن مسئلي جو حل ڪڍڻ جي صلاحيت آهي؟ يا اڳتي هلي، ملڪ ٻين جي حوالي ڪري پاڻ دبئي يا يورپ هليا تہ نہ ويندا، عوام کي بہ اِن تي غور وفڪر ڪرڻ گهرجي.

ڊائري جا ورق (1984)

- ❖ هندستاني فوجن، امرتسر ۾ سِکن جي گولڊن ٽيمپل تي حملو ڪري، ڪيترائي سک ماري ڇڏيا.
- ❖ هن سال ايران عراق جنگ سبب پوري وچ اوڀر واري ملڪن ۾ ڪافي بيچيني ۽ انتشار رهيو.
- ❖ هندوستان ۾ وزيراعظم، مسز اندرا گانڌيءَ جي قتل کان پوءِ، پوري نئين ڪنڊ ۾ حالتون ڇڪتاڻ وارايون رهيون سِکن هندوستاني هوائي جهاز اغوا ڪري، زبردستي جهاز کي لاهور ايئرپورٽ تي لاٿو. اغوا ڪندڙن کي گرفتار ڪري مسافرن کي سلامتيءَ سان آزاد ڪيو ويو.
- ❖ هندوستان جي وزيراعظم مسز اندرا گانڌيءَ کي پنهنجي سِک محافظن گوليون هڻي ماري وڌو (تفصيل اڳتي ايندو).

- ❖ ڀوپال شهر ۾ يونين ڪاربائيڊ پيسٽيسائيڊ جي ڪارخاني مان زهريلي گئس جي نڪرڻ ڪري هزارين ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا ۽ ڪيترائي جڏا ۽ مَرنينگ تي ويا.
- ❖ جنرل ضياءُ الحق، پنهنجي صدارتي عهدي لاءِ راءِ شماري (Referendum) ڪرائي.
- ❖ مشهور شاعر فيض احمد فيض، لاڏاڻو ڪري ويو.
- ❖ الطاف حسين ايم.ڪيو.ايم (MQM) جو بنياد وڌو.
- ❖ سِکن جهاز اغوا جي ساڳئي قسم جي ڪاروائي، 23 آگسٽ تي ٻيهر ورجائي پر هُنن صرف تيل ورتو، جنهن ڪانپوءِ جهاز کي دُبئي ۾ لاٿائون، جتان ڪين وڏيڪ اڏام لاءِ تيل نہ مليو ۽ رٿابندي جي هار سبب، سڀ مُسافر سلامتي سان جهاز مان لاٿا ويا.
- ❖ لبنان ۾ ڪجهہ ايرانين، سعودي سفارتخاني تي قبضو ڪري باهہ ڏني. ايرانين جو چوڻ هو تہ اُنهن ايراني حاجين جو پلاند ورتو، جيڪي گذريل حج دوران ماريا ويا هُئا.
- ❖ سعودي ايئر لائين جو ٽراءِ اسٽار (Tri Star) هوائي جهاز لنڊن کان رياض ايندي، اترئين يمن وارن اغوا ڪري، تهران ۾ وٺي لاٿو، جنهن ۾ ڪافي يورپين مسافر سان گڏ مقامي عرب بہ شامل هُئا. عالمي زور بار ڪري، تهران ۾ سيني مسافرن کي لاهي، ٻئي جهاز ۾ رياض موڪليو ويو ۽ بعد ۾ هوائي جهاز واپس موٽي ماڳ آيو. اتر يمنين جي سعودي عرب سان انڪري دُشمني آهي، جو سعودي عرب ڏکڻ يمن جي گهڻي امداد ڪري ٿو.
- ❖ هندوستان ۾ 1500 سِکن کي، وزيراعظم اندرا گانڌي کي قتل ڪرڻ جي بدلي ۾ ماريو ويو.
- ❖ ڪويتي هوائي جهاز کي اغوا ڪري، تهران ۾ لاٿو ويو. جهاز پنهنجي ريگيولر اڏام تي ڪويت کان ڪراچي وڃي رهيو هو. تهران ۾ اغوا ڪيل جهاز مان صرف ٻن مسافرن کي قتل ڪيو ويو، جن ۾ هڪ ڪويتي ۽ ٻيو آمريڪي سفارتڪار هو، جيڪو آمريڪي ايمبيسي ڪراچي ۾ ملازم هو. ان کان علاوه ٻيا 90 مسافر هُئا، جن کي سلامتيءَ سان آزاد ڪيو ويو.
- ❖ گذريل 15 سالن ۾ هوائي جهازن جون سَوَن کان وڌيڪ هاءِ جيڪنگ جون ڪاروواريون ٿي چُڪيون آهن، جن ۾ ٻي انداز مسافر موت جو شڪار ٿيا آهن.

موت جو پيڇو ڪرڻ

ڪويت صدام جي قبضي مان آزاد ڪرائڻ لاءِ، جڏهن آمريڪي فوجون اچي سعودي عرب ۾ گڏ ٿيون ته صدام مسڪين وٽ ڪجهه تعداد رشين اسڪڊ ميزائيل (Scud Missile) جو هيو،جيڪي هُن اسرائيل تي اڇلايا ۽ جيڪي بچيا سي سعودي عرب جي رياض شهر تي اڇلايا، انهن علائقن ۾ جتي آمريڪي فوج مقرر ٿيل هُئي. جنگ جي شروع ٿيڻ کا اڳ، ايترو ته خوف و حراس هو، جو سعودي عرب جاڪيترائي شهر ۽ ڳوٺ خالي ٿي ويا هُئا، جو ويچارا صرف ٻاهرن ملڪن مان آيل ورڪر نظر ايندا هئا. رياض شهر جي النسيم پاڙي ۾، صدام جي اسڪڊ ميزائيل جي خوف کان الحُديث ڪٽنب (Al-Hudaith family) پنهنجي گاڏي ۾ گهر جا سڀ ڀاتي سُوار ڪري، موت کان بچڻ خاطر طائف شهر جو رُخ ڪيو. هو جڏهن طائف جي پهاڙي رستي تي گاڏي هلائي رهيو هو، ته رياض شهر مٿان ٻه هڪ اسڪڊ ميزائيل آيو، جنهن کي آمريڪي پيٽرائيٽ ميزائيل (Patriot Missile) ڪِرڻ کان اڳ نِشانو ڪري آسمان ۾ ڦاڙيو، ان بعد اسڪڊ جو مَلبو (Debri) ڪِرڻ سان، الحديث ڪٽنب جي گهر سان گڏ ٻيا ڪيترائي گهر تباهه ٿيا ۽ 29 ماڻهو اُن اسڪڊ ميزائيل جي ٽُڪر ٽُوٽَن ڪِرڻ ڪري زخمي ٿيا. پاڙي وارن چيو ته ڀلو ٿيو جو الحديث وارا موت کان بچي نڪري ويا پر قدرت الاهي جو اسڪڊ جي ڪچري ڪِرڻ وقت الحُديث جي گاڏي طائف جي جابلو اِڙوِنگڙِ روڊ تي حادثي جو شڪار ٿي، جو سيني ڀاتين مان ڪو هڪ به نه بچيو. هن حادثي النسيم ۾ رهندڙن جي دل ۾ هڪ گهرو اثر ڇڏيو ۽ سندن ايمان وڌيڪ مضبوط ٿي ويو، ته موت کان ڪيترو لڪجي پر هو پاڻهين ڳولي لهندو آهي.

موت بابت فرمان الاهي آهي ته ’جهڙي به جاءِ تي تون هوندي، موت توکي ڳولهي لهندو، ڀلي تون ڇو نه مضبوط ۽ ڊگهين عمارتن (Towers) ۾ لڪل هجين.

موروثي سياست ۽ انجو ڀيانڪ انجام

سِک مذهب جو بنياد پنجاب ۾ گرو نانڪ پندرهن صدي جي آخر ۾ وڌو ۽ سکن لاءِ مُقدس ڪتاب ’گرنت صاحب‘ جي نالي سان لکيو، جنهن ۾ سِکيا ۽ هدايتون، هندو ۽ ملسمانن جي مقدس ڪتابن مان حاصل ڪيون ته جيئن انهن ٻنهي مذهبن جا پوءِ لڳ پاڻ ۾ نه وڙهن.

سِک مذهب جا پوء لڳ هندستان ۾ 1984ع دوران ڏيڊ ڪروڙ هئا، جيڪي هندوستان جي پوري آبادي جو ٻه سيڪڙو ٿين ۽ فوجي ملازمت ۾ سندن 15% حصو هو. هيءَ قوم ڏاڍي محنتي آهي، هنن جا سُنا مزارع يا هاري دنيا ۾ مشهور آهن، جنهن ڪري هندستان جو پنجاب صوبو ٻين سيني صوبن جي پيٽ ۾ سُکيو ۽ ستابو آهي. سِکن جو مقدس مقام يا مرڪز، ’اَمَرَ تَسرَ‘ شهر ۾ گولڊن ٽيمپل (Golden Temple) آهي، جيڪو دهلي کان 250 ميل اتر اولهه طرف واقع آهي. هي هڪ ويڙاهڪ ۽ بهادر قوم آهي. سک دنيا جي هر ملڪ ۾ اوهان کي ڪاروبار ڪندي نظر ايندا. AIT بئنڪاڪ پڙهندو هئس، تہ اُتي سِکن جا دڪان ڏسي حيران ٿي ويس ۽ معلومات ڪندي خبر پئي تہ هتي سکن جو هڪ وڏو علائقو آهي، جتي صرف سِک ئي ڪاروبار ڪن ۽ اتي پنهنجن خاندانن سميت پراڻي وقت کان وٺي آباد آهن. سک مذهبي طور پنجن ڪاف (ڪ) يعني 5Ks کي ساڻ رکڻ جا پابند هوندا آهن، هڪ ڪَيس، ڊگهار وار (Long hairs)، ٻيو ڪڇا (Trousers)، يعني ڪُرتو ۽ پتلون، ٽيون ڪارا يعني اسٽيل جو ڪولابو (Steel Bracelet)، سڄي هٿ جي ٻانهن ۾ پائڻ لاءِ، چوٿون ڪنگو (Comb)، ۽ پنجون ڪرپان، يعني قوسي شڪل جو چاڪو يا خنجر. سِکن کي عام طور تي ’سردار‘ يا ’سِردار جِي‘ سڏيو ويندو آهي.

30 آڪٽوبر 1984ع هندستان جي وزيراعظم اندرا گانڌي (84-1917) کي سندس ٻن سِک باڊي گارڊن اُن وقت فائر ڪيا، جڏهن هُن اِنهن ٻنهي کي پرسان گذرندي، آڏر ياءُ يا ڪيڪار جا هندي لفظ ’نَمَستي‘ چيا. اندرا گانڌي پنهنجي رهائش گاهه مان نڪري، پنهنجي پرواري آفيس، جيڪا ساڳئي ويڙهي (Compound) ۾ هئي، جڏهن آفيس جي ٻاهرين دروازي وٽ پهتي تہ اُتي ڊيوٽي تي بيٺل گارڊن، بيئنت سنگهہ (Beant Singh)، پنهنجي پريل روالور مان گانڌي کي سڌا سنوان ٽي فائر ڪيا، جنهن ڪري گانڌي فوٽ پاٿ تي ڪري پئي ۽ ٻئي گارڊ ستونت سنگهہ (Satwant Singh) پنهنجي اٽو ميٽڪ اسٽين گن جا سڀ جا سڀ ٽيهہ فائر فرش تي پيل لاش مٿان ڪيا. اندرا گانڌي جي پويان ايندڙ گارڊن، اُنهن ٻنهي کي گرفتار ڪيو، جو هو پاڻ ٻئي پيش پيا ۽ ڪين پرسان واري گارڊ هائوس ۾ جڏهن وٺي ويا تہ اوچتو بيئنت سنگهہ چالاڪي ڪندي، هڪ گارڊ کان اُن جي اسٽين گن ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي ٻين گارڊن ڪيس فائر ڪري ماري وڌو. بيئنت سنگهہ تورو اڳ ۾ جڏهن پاڻ پيش پيو تہ اُن وقت چيائين تہ ”مان پنهنجو ڪم ڪري ڇڏيو، جيڪو مونکي ڪرڻو هُيو، هاڻي توهان کي

جيڪي ڪرڻو آهي سو ڪيو.“ بئينت سنگهه پنهنجي پٽڪي مان وڏو چاڪو (Dragger) ڪڍي، اِن چڪتاڻ دوران حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي گارڊن پڻ فائرڪيا جو هو سخت زخمي ٿي پيو ۽ اسپتال ۾ مري ويو. سکن لاءِ مذهبي روايتن مطابق اِهو ضروري آهي تہ هُو پنهنجي جسم جا وار ڪونہ ڪوڙائين ۽ هر وقت هڪ وڏو چاڪو پاڻ سان رکندا آهن ۽ هميشہ مٿي تي رنگين پٽڪو (Turban) ٻڌندا آهن. اندرا گانڌي مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾، اُوڙيسا جي گادي واري شهر ڀُوبَن نيسَوَر (Bhubaneswar) جي پئريڊ گرائونڊ ۾ هڪ وڏي مجموعي کي تقرير ڪندي چيو هو، تہ ”مون کي ڊگهي عرصي لاءِ رهڻ جو ڪو شوق ڪونهي ۽ نہ وري مان ڪنهن بہ اهڙي شين کان ڊڄان ٿي. مان دل ۾ نہ ڪنديس جيڪڏهن منهنجي زندگي، هِن قوم جي خدمت ۾ ختم ڪئي وڃي ۽ مان جيڪڏهن اڄ مري پوان تہ منهنجي رت جو هر ڦڙو، هن قوم ۾ طاقت ۽ جُنون (invigorate) پريندو“.

مسز اندرا گانڌي پنهنجي والد جواهر لعل نهرو جيڪو هندوستان جو پهرو وزيراعظم ٿيو، تنهنجي اڪيلي اولاد هُئي ۽ نومبر 19، 1917ع ۾، اتر پرديش جي الله آباد شهر ۾ ڄائي هُئي.

هندوستان جي تاريخ ۾ اهڙا واقعا آزادي جي فورن بعد رونما ٿيا، جهڙوڪ مهاتما گانڌي جو قتل، 1948ع ۾ هڪ هندو انتها پسند (Fanatic) جي هٿان، ان ڪري ٿيو، ڇو جو هُن اِهو نہ پئي چاهيو تہ هندستان کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائجي ۽ ٻيو تہ مهاتما گانڌي مسلمانن کي ڪجهہ رعايتون ڏيڻ لاءِ سُفارشون پئي ڪيون.

اندرا گانڌي جو پيءُ جواهر لعل نهرو، هندستان جو مسلسل 17 سال وزيراعظم رهيو، جنهن کانپوءِ 19 مهينا لعل بهادر شاستري حڪومت ڪئي. جنهن جي مرڻ کانپوءِ، 1966ع ۾ اندرا گانڌي کي ڪانگريس پارٽي جي واڳ هٿن ۾ ڏئي ڪيس وزيراعظم بڻايو ويو، جنهن تحت هندوستان ۾ خانداني موروثي حاڪميت جو بنياد وڌو ويو. اِها روايت اندرا گانڌي جي مرڻ کان پوءِ، سندس پٽ راجيو گانڌي جو وزيراعظم ٿيڻ تائين قائم رهي پراڳتي لاءِ اِن روايت جون پاڙون پٽيون ويون، ان ڪري جو حق ۽ معيار کان پاسيرو هيون. اهڙي قسم جي روايت بنگلاديش ۽ پاڪستان جي سياست ۾ پنهنجا پير ڄمائي ڇڏيا آهن. گهڻن ماڻهن کي اِها ڀُل آهي تہ مسز اندرا گانڌي، مهاتما گانڌي جي ڪٽنب مان هئي يا ان سان ڪا مٽي مائٽي هئس، پر ائين نہ آهي ۽ نڪو وري پاڻ ۾ ڪو رشتو اٿن.

مسز اندرا گانڌي شاگرديءَ دوران لنڊن ۾ هڪ هندستاني مسٽر فيروز گانڌيءَ سان 1941ع ۾ شادي ڪئي. جنهن تي سندس پيءُ نهرو ڏاڍو ناراض ٿيو. ان ڪري تہ سندس ماءُ ڪاملا نهرو جي مري وڃڻ ڪانپوءِ اڪيلائي محسوس ڪندي ڪيس گهر ۾ گڏ رهڻ لاءِ چيو هو. فيروز گانڌي نواب خان جو پٽ هيو، جنهن جو پيءُ مُبارڪ جواهر لعل نهرو جي پيءُ موتي لعل وٽ وڪيل طور ڪم ڪندو هو. اِهي مسلمان گهراڻي مان ها، ليڪن انگريزن ۽ هندن جي زور بار تي، ڪيترائي مسلمان پاڻ کي هندن جي ذاتين ۾ لڪائيندا هُئا.

مسز اندرا گانڌي کي قتل جي سازش 1977ع جي اليڪشن جي حوالي سان ڪجهہ هن طرح آهي تہ هندستان جي پنجاب رياست ۾ سک اڪثريت پارٽي اڪالي دل (Akali Dal) خالِستان تحريڪ هلائي، پنجاب کي سکن لاءِ هڪ آزاد رياست ڪرائڻ جو پڪو ارادو ڪيو، جيڪو مسز اندرا گانڌي کي ڪهڙي بہ قيمت تي قبول نہ هو. اندرا گانڌي هِن تحريڪ کي ڪُچلڻ لاءِ سکن جي مرڪزي سونهري گرجا گهر (Golden Temple) تي (1984ع) جي نالي سان فوجي حملو ڪرايو، جنهن ۾ ڇهہ سَوَ Blue Star Operation سِک پنهنجي اڳواڻ، جرميل سنگهہ سميت موقعي تي مارجي ويا. ان جي بدلي وٺڻ لاءِ گانڌي، سندس پٽ راجيو گانڌي ۽ وڏن فوجي جرنيلن کي قتل ڪرڻ جي سازش ٺاهي وئي ان جو نتيجو اندرا گانڌي جي موت سان ظاهر ٿيو. مسز اندرا گانڌي پنهنجي ننڍي پٽ، کي سياست ۾ اچڻ لاءِ تيار ڪندي هُئي، ليڪن 1980ع ۾ هو هڪ هوائي جهاز جي حادثي جو شڪار ٿي ويو، ڪنهن سازش جي امڪان کي بہ رد ڪونہ ٿو ڪري سگهجي. مسٽر سنجي هڪ سک ماڊل گرلز مس مونڪيا سان پيار ۾ اچي شادي ڪئي، جڏهن مونيڪا جي عمر 18 سال هُئي. مونيڪا کي هڪ پٽ فيروز وَرونا (Feroz Verunal) آهي ۽ گهر جي اندروني سياست ۽ تڪرار ڪري، مونيڪا ۽ سندس پٽ هندوستان جي بي.جي.پي (BJP) پارٽي ۾ شامل آهن ۽ مسز اندرا گانڌي جي Congress Party کي گهٽي وقت کان خيرآباد ڪري ڇڏيو.

اندرا گانڌيءَ جو وڏو پٽ، مسٽر رَاجيوُ گانڌي (1944-91) جيڪو شرميلي طبيعت رکندو هو، تنهن کي سياست سان ڪو خاص لڳاءُ ڪونہ هو. هِن مڪينيڪل انجنيئرنگ ڪمبرج انگلينڊ جي ٽِرنٽي ڪالج (Trinity College, Cambridge) مان پاس ڪري، انڊين ايئر لائين ۾ ڪمرشل پائلٽ

طور ملازمت شروع ڪئي، جنهن دوران هو چوڏهن سال بوئنگ (Boeing 737) ۽ بيا جهاز هلائيندو رهيو.

مسز اندرا گانڌي پنهنجي ٻئي نمبر پٽ، مسٽر سنجي گانڌي جي هوائي جهاز حادثي ۾ موت کانپوءِ سندس وڏي پٽ مسٽر راجيو گانڌي کي سياست ۾ آندو. هو 1981ع ۾ سندس ياءُ واري خالي ڪيل سيٽ تان کٽي اسيمبلي ۾ داخل ٿيو. هن جي شادي هڪ اٽليءَ جي ڇوڪري، مس سونيا سان ٿي، جنهن مان هڪ ڌيءَ مس پرينيڪا گانڌيءَ ۽ هڪ پٽ مسٽر راحل گانڌي جنم ورتو.

اندرا گانڌيءَ جي موت کانپوءِ، مسٽر راجيو گانڌي هندستان جو ڇهون وزيراعظم ٿيو. هِن پنهنجي دور ۾ سکن سان صلح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ گهڻي قدر اُن ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائين،ليڪن سياست ۾ ڪي اهڙيون غلطيون ٿي وڃن ٿيون جن جو وزن ڪٽڻ ڪڏهن ڪڏهن ڏکيو ٿي ويندو آهي. 1990ع دوران هِن سريلنڪا جي حڪومت کي تامل ٽائيگرس جي باغي تحريڪ کي ڪُچلڻ لاءِ ڪجهه فوجي ساز وسامان سان گڏ فوجي مدد ڏني، جيڪا ڳالهه باغين کي نه وڻي ۽ وجهه وٺي مسٽر راجيو گانڌي کي، 21 مئي 1991ع ۾ جلسي دوران هڪ آپگهات ڪندڙ ڇوڪريءَ (Suicide Bomber) جي هٿان گُلن جو هار پارائڻ وقت قتل ڪيو ويو ۽ اهڙي طريقي سان ’نهرو بادشاهت‘ (Nehru Dynasty) جو هندوستان مان انت آندو ويو.

سياست، حڪومت ۽ طاقت جي لذت (Lust)، ڪيترن ئي خاندانن جو خاتمو آندو آهي، پر حيرت جو انسان ايترو ته لالچي ٿي چُڪو آهي جو پنهنجي وڏن جي انجام جو ذاتي مشاهدو ڪندي به، پاڻ تي رحم ڪونه ٿا ڪن ۽ وڏيڪ جوش ۽ جنون سان سياست جي ڪوڙي راند اندر گهڙي، پوءِ ماڻهن لاءِ هڪ پيانڪ مثال بڻجو تا پون. اهڙيءَ طرح جمهوريت جي نالي ڪيترائي قد آور ۽ ذهين انسان اجل جو شڪار ٿي تاريخ جو حصو بڻجي ويا.

هندستان ۾ آسام رياست جي علحدگيءَ واري تحريڪ، وڏي مشڪل سان فوجي آپريشن جي ذريعي ڪمزور ڪئي وئي. جمون ۽ ڪشمير ۾ آزاديءَ جي تحريڪ گذريل پنجويهن سالن کان هلندڙ آهي، جنهن ۾ فوجي آپريشن ذريعي هزارين مسلمان شهيد ڪيا ويا آهن. حالانڪ مهاتما گانڌي ۽ هندوستان جون ٻيون ڪيتريون ئي قد آور شخصيتون ۽ سياسي رهنما، اِن ڳالهه تي متفق آهن ته ڪشمير جي رهواسين کان راءِ جي بنياد تي،

انهن جي مرضي مطابق فيصلو ڪيو وڃي، ته ڇا هُو آزاد رهڻ چاهين ٿا يا پاڪستان يا هندستان سان رهڻ چاهن ٿا. يونائيٽيڊ نيشن جو به اهو ئي فيصلو (Resolution) پاس ڪيل آهي. منهنجي ذاتي راءِ اِها آهي ته ڪشمير جي مسئلي کي هندوستان ۽ پاڪستان جي سياسي قيادت ويهي يو.اين (U.N) جي ريزوليشن جي روشني ۾ حل ڪن ۽ 65 سالن کان هلندڙ جهيڳڙي کي هميشه لاءِ ختم ڪن ته جيئن ٻئي ملڪ امن جو گهوارو ٿين ۽ غربت جو خاتمو آڻن ۽ ملڪ ۾ معياري تعليم ۽ صحت جي رسائي عام ماڻهن تائين پهچائين ۽ پنهنجي پنهنجي ملڪن کي دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي صف ۾ شامل ڪن. ويڙهه ۽ جهيڙي ۾ تباهي ۽ بربادي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿيندو.

الله ڪري ته اسان جي سياسي اڳواڻن کي اِن مسئلي جو اُدارڪ ٿئي ۽ ڪشميرين کي پنهنجي مرضيءَ مطابق رهڻ جو حق ملي.

مسز اندرا گانڌي ۽ سندس پيءُ ۽ پٽ هندوستان تي 1947ع کان 1991ع تائين يعني راجيو گانڌي جي قتل ٿيڻ تائين ڪل 44 سالن جي عرصي ۾ تقريباً چاليهه سال حڪومت ڪئي. ڇا صحيح جمهوريت جو رُوح اِن جي اجازت ڏئي ٿو؟ بادشاهت ۽ جمهوريت ۾ پوءِ ڪهڙو فرق رهيو؟ جيڪڏهن سياسي جماعت اندر خود جمهوريت جو وجود نه هجي ته اُها حڪمران جماعت ڪهڙي قسم جي جمهوريت ملڪ اندر هلائيندي؟ ’مُنهن پاڪرو پُٽِ ريڊي‘ وارو قصو ٿيو يا ائين چئجي ته هاٿيءَ جا ڪائڻ وارا ڏند هڪڙا ۽ ڏيکارڻ وارا ٻيا. سياسي جماعتن ۾ خانداني قبضن ڪري، مخالف سياسي جماعتن جي دُشمنيءَ کان علاوه، پنهنجي سياسي جماعتن اندر ئي ڪجهه اهڙا عناصر موجود ٿيندا آهن، جيڪي مسلسل بغاوتن ۾ مشغول هوندي، اهڙي موقعي جي تلاش ۾ رهندي، اندر ئي اندر پيا دُشمني ۽ نفرت جو ٻج پوکيندا رهندا آهن، جو وقت گذرڻ سان اُن کي سنيالڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. اسان جي سياست ۾ حق ۽ سچ، ڳولڻ سان به ڪونه ملندو، باقي مُنافقت، ڪوڙ ۽ خيانت عام جام موجود آهي.

اوڀر پاڪستان مان بنگلاديش جي پيدائش

اندو پاڪ جي تاريخ، اهڙي خانداني حڪومتن جي تسلسل ۽ آخر ۾ انهن سان ٿيندڙ خوفناڪ واقعن سان ڀريل آهي. اهڙي تسلسل ۾ هڪ ٻيو واقعو مثال اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۽ هاڻوڪي بنگلاديش جي باباءِ قوم،

شيخ مجيب الرحمٰن سان پيش آيو، جنهن مسز اندرا گانڌي جي مدد سان، 1971ع ۾ اوڀر پاڪستان کي الڳ ڪري، بنگلاديش جو نالو ڏئي، پاڪستاني تاريخ تي هڪ نمايان داغ لڳايو.

شيخ مجيب الرحمان، 22 مارچ 1922ع، ۾ هاٽوڪي بنگلاديش جي ’فريد پور شهر‘ ۾ ڄائو. 1948ع ۾ قانون جو شاگرد هوندي، قائداعظم خلاف ’ڪاري جهنڊي جي مُهم‘ (Black Flag Demonstration)، ان وقت هلائي جڏهن ’اردوءَ‘ کي قومي ٻولي (National Language) جو درجو ڏنو پئي ويو، جنهن دوران هِن کي قيد ڪيو ويو ۽ اهو واقعو سندس مشهوري جو باعث بڻيو. ان ڪانپوءِ عوامي ليگ کي جناب سُهروردي سان گڏجي منظم ڪيو. فيلڊ مارشل محمد ايوب جي 1958ع واري مارشالا ۾، شيخ کي قيد ڪري، ڏيڍ سال کن لاءِ جيل ۾ رکيو ويو. 1963ع ۾ جناب سُهروردي جي انتقال ڪانپوءِ، شيخ عوامي ليگ جون واڳون سنڀاليون، جنهن ڪانپوءِ هِن جي اندر جو ڇِن ٻاهر نڪرڻ شروع ڪيو ۽ 1966ع ۾ لاهور شهر ۾ منعقد ٿيندڙ آل پارٽيز ڪنوينشن دوران، هِن پنهنجي طرفان ڇهه نُقاطي پرگروام(Six Point Agenda) پيش ڪري، سيني شريڪ سياسي اڳواڻن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. هِن جي ڇهن نقطن ۾ شامل هيو، تہ وفاقي حڪومت وٽ صرف ٽي کاتا، دفاع، خارجي معاملات ۽ ملڪي سِڪو هوندا ۽ باقي کاتا صوبائي حڪومتن جي ڪنٽرول هيٺ رهندا. ٽئڪس روينيو صوبائي حڪومت وٽ رهندو. اوڀر پاڪستان کي پنهنجي ملٽري يا پئرا ملٽري فورس صوبي جي ڪنٽرول هيٺ ڏاهي ڏني وڃي ۽ ٻن سِڪن جي حوالي سان بہ نقطو شامل هيو.

شيخ مجيب الرحمٰن کي هندوستان جي ڳجهي ايجنسين سان ڳهٽو رابطي ۾ رهڻ ڪري، ڪيس 1968ع ۾ ’اگر تلا بغاوت‘ هيٺ گرفتار ڪري مٿس ڪيس هلايو ويو.

جنرل يحيٰ خان، 7 ڊسمبر 1970ع ۾ جيڪي اليڪشن ڪرايون، منهنجي ذاتي خيال ۾ پاڪستان جي تاريخ ۾ اهڙيون صاف ۽ شفاف چونڊون وري ٻيهر ڪونہ ٿيون. مون کي ياد آهي تہ اُن چونڊن ۾ منهنجي عمر 19 سال هُئي ۽ اسان جي ڳوٺ وارن جا ووٽ پرسان واري صبڙ رند جي پولنگ اسٽيشن ۾ڪاسٽ ٿيڻا هُئا. اسان ڳوٺ وارا سڀ گڏجي ٽي ڪلوميٽر پنڌ ڪري وڃي پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏنا. اُن ڏينهن مونکي ياد آهي تہ جنگ اخبار جي پهري صفحي تي، وڏن اکرن ۾ لکيل هڪ خبر، جنهن ۾ ’ڀٽو کي پارٽي‘ جي لفظن کي ڪٽي مان پنهنجي قميص جي

سامهون واري ڪيسي تي لڳائي ڇڏيو. اُهي اکر ايترا تہ وڏا هئا، جو پري کان آرام سان پڙهي سگهجن پيا. اليڪشن دوران هِن ڏورانهين هنڌ تي پولنگ اسٽيشن هجڻ جي باوجود، هڪ ملٽري جيپ نمودار ٿي ۽ جنهن مان ڪجهہ فوجي آفيسر لٿا ۽ پولنگ اسٽيشن جو معائنو ڪيو. منهنجي ڪيسي تي لڳل اخباري ڪٽنگ جا لفظ پڙهي، مونکي مخاطب ٿي لفظ ورجايا. مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ 1970ع واري جنرل يحيٰ جي اليڪشن صاف ۽ شفاف هئي پر بدقسمتي چئجي يا اسان جي ان وقت جي سربراهہ يا سياستدانن جي ڪا غلطي سمجهجي، جنهن ڪري اسان جو وطن عزيز جو اوڀرندو حصو (اوڀر پاڪستان) اسان کان هميشہ لاءِ ٽُٽي ويو. اهو اهڙو دل ڏڪوئيندڙ ۽ نہ وسرندڙ واقعو آهي، جنهن جا اجا تائين منهنجي دل تي اثر باقي آهن.

1970ع جي اليڪشن ۾ عوامي ليگ اڪثريت سان ووٽ کڻي ظاهر ٿي ۽ ٻئي نمبر تي ڀٽو صاحب جي پيپلز پارٽي آئي. عوامي ليگ، اوڀر پاڪستان مان تقريباً سڀ سيٽون کٽيون، غالباً شيخ مجيب رحمان جي اِن واعدي ڪري تہ جيڪڏهن هِن جي اڪثريت آئي تہ هر صورت ۾، هو ’بنگلاديش‘ ٺاهيندو، جو ان جو اظهار، هُن هڪ سال اڳ ۾ جناب سُهر وردي جي ورسيءَ ملهائڻ تي عام پبلڪ ۾ ڪيو هو، تہ اليڪشن کٽڻ جي صورت ۾ ’اوڀر پاڪستان‘ جو نالو مٽائي ’بنگلاديش‘ رکندو . شيخ جي عوامي ليگ کي سَوَ سيڪڙو بنگالي ووٽ بہ اِن مصلحت تحت مليا، جو بنگالين ۾ قومپرستي جي بوءِ وجهڻ وارو بہ شيخ مجيب ئي هو.

اليڪشن کان پوءِ، 1971ع ۾ ائين ئي ٿيو جو اوڀر پاڪستان مٽجي ’بنگلاديش‘ ٿي ويو ۽ شيخ پاڻ پهريائين نئين ملڪ جو وزيراعظم ٿيو ۽ ڪجهہ سالن کانپوءِ، پاڻ کي صدارت جي عهدي تي فائز ڪيائين. شيخ صاحب ٻين ننڍن سياسي پارٽين تي پابندي وجهي، هڪ پارٽي جي حڪمرانيءَ (One Party Rule) قائم ڪئي، جنهن ڪري دشمنيءَ ۾ اضافو ايندو ويو ۽ ڪافي وڏا رشوت جا ڪيس منظر عام تي اچڻ لڳا ۽ ملڪ ۾ کاڌي جي سامان جي شديد کوٽ ڪري، ملڪ ۾ ڏڪار (Disastrous Famine) پنهنجو منهن ڪوليو، جنهن تحت هزارين بنگالي موت جي ور چڙهيا. حاڪمن جي حاڪميت (Writ) گهٽجڻ لڳي ۽ ملڪ ڏيوالي ڏانهن تيزي سان وڌڻ لڳو.

1972ع ۾ مجيب الرحمنٰ پنهنجي ۽ سندس ڪٽنب جي سلامتي لاءِ، هڪ مليشا فورس تيار ڪئي، جنهن ذريعي پنهنجا سياسي انتقام وٺڻ شروع ڪيا. اِن مليشيا فورس جو نالو ’جاتيو راکي باهني‘

(Jatiyo Rakkhi Bahini) رکيو ويو جنھن ڪري بعد ۾ مجيب تي الزام لڳو، تہ اِن فورس چاليھہ هزار بيگناھہ ماڻھن کي قتل ڪيو آھي.

اِن فورس کي انگريزي ۾ National Guards چئي سگھجي ٿو، جنھن کي اڳوڻي سويت يونين (USSR)جي گرو (GRU)، اين.ڪي.وي.ڊي (NKVD) يا گُسٽاپو (Gestapo))، آمريڪي CIA، اسرائيل جي مُساعد Mossad هٽلر جي نازي (Nazi) فورس، پيپلز پارٽي جي FSF، عرب جي National Qaurds ۽ ايران جي سَوَاڪ (SAVAK)سان مشابهت يا برابري ڏئي سگھجي ٿي. انھن تنظيمن ذريعي، حڪمرانن پنھنجي ذاتي دُشمنن ۽ سياسي مخالفن کي ختم ڪرڻ ۽ پارٽيءَ کي زوري ماڻھن ۾ مقبول ڪرڻ جو ڪم ورتو ۽ هزارين ماڻھن کي مخالفت ۽ غداري جي ڪوڙن الزامن ۾ ماريو ويو.

آگسٽ 15، 1975 جي اڌ رات ڪانپوءِ، ڪجھہ جونير آرمي آفيسر ٽئن گروهن ۾ ورهائجي ويا، جن ۾ هڪ گروھہ ميجر هُدا جي سربراهي ۾، شيخ مجيب الرحمٰن جي گھر جو گھيرو ڪري، گھر ۾ موجود سيني گھر ڀاتين سميت ڪيس ۽ سندس سالين ۽ نوڪرن کي اُڦٽ ماري ڇڏيو. شيخ مجيب جا ٽي پٽ جن ۾ هڪ ڏھہ سال جو نوجوان ڇوڪرو بہ شامل هو، اجل جو شڪار ٿيا. شيخ جون بہ ڌيئر شيخ حسينہ ۽ شيخ ريحانا بچي ويون جو اُهي پڙهائي لاءِ اولھہ جرمنيءَ ۾ هيون. فوجي آفيسرن جا ٻيا گروپ، عوامي ليگ جي بااثر اڳواڻن کي قتل ڪري آيا ۽ آخري گروپ شيخ جي ذاتي حفاظت لاءِ ٺهيل فورس جي بااثر آفيسرن کي قتل ڪري، باقي فورس کي پيش پَورايو، جيئن اڳتي هلي پلاند نہ وٺي سگھن. ٽن مهينن ڪانپوءِ، وري هڪ حملو ڪري، ٻين اڳواڻن يعني اڳوڻي وزيراعظم ، اڳوڻي نائب صدر، اڳوڻي گھرو وزير، جيڪي اڃان تائين عوامي ليگ ۾ اثر رکندا هُئا، تن کي ڍاڪا جيل ۾ وجھي قتل ڪيو ويو. شيخ مجيب الرحمٰن ۽ سيني عوامي ليگ جي بااثر قيادت کي موت جي گھاٽ ۾ آڻڻ وارو سندس ئي پنھنجونائب مسٽر صدر خوند ڪر مشتاق احمد هو، جنھن کي سياست جي ايتري لذت آئي جو بنگال جي پوري قيادت ۽ عقلمند ماڻھن (Intelectuals)کي مارائي ڇڏيوءِ پوري قوم جيڪا اڃان پنھنجي پيرن تي مس بيھڻ جي ڪشمڪش ۾ هئي سا ڪِرڻ لڳي ۽ پاڙي ۾ وسندڙ ڳجھہَ (Vulture) جيڪا گھٽي وقت کان پنھنجي نظر ڄمائي لاماري (Circling) ڏئي، انتظار ڪري رهي هُئي، تہ ڪڏهن ٿو هي شڪار ڪِرڪائڻ لاءِ جلدي سامائجي وڃي.

شيخ مجيب جي ڌيءُ، شيخ حسينا، 1996ع ۾ اليڪشن کٽڻ کانپوءِ پنهنجي پيءُ جو ڪيس داخل ڪرايو،جو اِن کان اڳ ۾ سازشي صدر مسٽر خوندڪر مشتاق اِن ڪيس کي نہ هلائڻ لاءِ اسيمبلي مان ضمانت جو بل (Indemnity act) پاس ڪرايو هو، جنهن تحت بغاوت (Military Coup) ۾ حصو وٺندڙن خلاف ڪنهن بہ ملٽري يا سول ڪورٽ ۾ ڪيس نہ هلايو وڃي. ان ڪري ڪنهن بہ مقتول جو ڪيس، 1975ع کان 1996ع، يعني ٻاويهہ سالن تائين رجسٽر نہ ٿي سگهيو. هي آهي اسان مسلمانن جو انصاف (استغفرالله).

شيخ حسينا، 1996ع ۾، ان ضمانت واري قانون کي رد ڪرائي، ويهہ کن فوجي آفيسرن تي ڪيس داخل ڪيو. ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ، 8 نومبر 1998ع تي، پنهنجي فيصلي ۾ ويهن مان پندرهہ آفيسرن کي مجرم ثابت ڪري ڦاسي جي سزا ٻڌائي.

ميجر هُدا خوف کان ٿاءِ لينڊ جي بئنڪاڪ شهر ۾ وڃي لڪو، جتان هن کي گهرائي ڪيس هلايو ويو ۽ بئنڪاڪ ۾ هڪ دوڪان جي چوري جي جرم ۾ ڪيس جيل ۾ بہ وڌو ويو هو.

قاتلن هاءِ ڪورٽ ۽ سُپريم ڪورٽ ۾ اپيلونٰ داخل ڪيون،جن جي ٻارنهن سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ آخري فيصلو آيو، جنهن مطابق، صرف پنجن آفيسرن کي جنوري 28، 2010ع تي ڦاسي ڏني وئي، جن ۾ ميجر هُدا بہ شامل هو، جنهن شيخ مجيب الرحمنٰ کي پنهنجي گهر ۾ ڏاڪڻ تان هيٺ لهندي، گولين جا وسڪارا ڪيا ۽ هو اُتي ئي ڪري مري ويو. اِن کان پوءِ شيخ حسينا جي لاءِ ڪيترائي ڀيرا مارڻ جا منصوبا ٺهيا ۽ حملا ڪيا ويا ليڪن هوءَ بچندي رهي.

هن واقعي مان عقل وارن کي ٿوري دير لاءِ سوچڻ گهرجي تہ اسلام ۾ اهڙن ڪارنامن ڪرڻ جي ڪا گنجائش آهي؟ ۽ انهن ڪاروائين مان ڇا حاصل ٿيو، آخر اسان مسلمان ڇا ڪرڻ چاهيون ٿا؟.

موروثي سياست ۽ سريلنڪا

اڳوڻي سِلون (Cylone) ۽ هاڻوڪو سريلنڪا جي تاريخ تي نظر ڊوڙايون تہ تقريباً ملندڙ جُلندڙ موروثي حڪمراني نظر ايندي.

سريلنڪا هندستان جي ڏکڻ ۾ ٻيٽ آهي، جيڪو قدرتي نظارن سان مالا مال آهي. هندستان جي ڏاکڻين صوبي تامل ناڊو (Tamil Nado) پرسان

هجڻ ڪري، هِن ٻيٽ تي تامل قوم سان گڏ سنگاليز قوم ٻه آباد آهي. هِن ٻيٽ تي انگريزي ٻولي سان گڏ سنگالي ۽ تامل ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. هِن ٻيٽ تي صدين کان ٻنهي قومن ۾ قوميت جي مسئلي تي، هر وقت لڙائي ٿيندي رهندي اچي پئي. دنيا جا خوبصورت مالديو ٻيٽ سريلنڪا جي الهندي پاسي سمنڊ وچ ۾ آهن، جن کي ڏسڻ لاءِ هزارين سياح هر مهيني اچن ٿا.

سريلنڪا ۾ تامل قومپرست پنهنجي اڪثريتي علائقي، جيڪو هندوستان جي تامل ناڊو جي پرسان آهي ۽ جنهن ۾ سريلنڪا جو ٻيو نمبر وڏو شهر جفنا (Jafna) شامل آهي، اُن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪافي تحريڪون هلايون پر ڪامياب نه ٿي سگهيا ۽ هزارين جانيون اجل جو شڪار ٿيون، جن ۾ آر.پريما داسا (R.Premadas) صدر سريلنڪا، 1993ع جي مئي مهيني ۾، نَوَ مختلف ڪاتن جا وزير (1991-2008) دوران ۽ ويهارو ڪن پارليامينٽ ميمبر (PM) جن ۾ چار مسلمان پارليامينٽ ميمبر ٻه شامل آهن. سريلنڪا ۾ ڪافي مسلمان تامل قوم مان پڻ آباد آهن.

مسٽر سلومان بندرا نائيڪي (Soloman Bandranaike)، 1956-59ع دوران سريلنڪا جو صدر ٿيو. هو هڪ وڏو بئريسٽر (Barristor) آڪسفورڊ يونيورسٽي انگلينڊ مان پڙهيل هو ۽ هُن انگلينڊ ۾ ڪافي سال بئريسٽر ٿي ڪم ڪيو، پر هن کي پنهنجي قوم جي خدمت ڪرڻ جو جُنون، سريلنڪا وٺي آيو، جتي هِن سريلنڪن آزادي پارٽي ناهي. مسٽر سُلومان بندرا نائڪي جو سنگالي قوم سان تعلق هو ۽ سنگالي ٻولي کي اوليت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تامل قومپرستن کي پئدا ڪيو. 1959ع ۾ هڪ ٻُڌ ڌرم جو سَنِياسي(Budhist Monk) صدر سان ملڻ جي بهاني سندس گهر آيو ۽ پستول جا فائر ڪري کيس قتل ڪيو، جنهن کان فوراً بعد ساڳئي موروثي سياست (Family Politics) تحت، سندس گهر واريءَ، مسز سِري مَاوو بندرا نائڪي کي پارٽي جو چيئرمين ڪري، 1960ع ۾ دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم جو اعليٰ رتبو حاصل ٿيو، جنهن پوري يورپ جي عورتن کي حيران ڪري ڇڏيو.

ڪنهن چيو آهي ته ’سياست ممڪنات جو هُنر آهي‘ نندي هوندي ڪتابن ۾ جمهوريت جي تعريف يا وصف هن ريت پڙهي هئي، of The Democracy for the people by the people of the People ليڪن هاڻي خبر نه ٿي پوي، ته انگريزي لفظ پيپل (People) مان ڪهڙي قسم جا ماڻهو بيان

ڪيل آهن. مان سمجهان ٿو تہ دنيا جي ٽئين درجي جي ملڪن ۾ اِن لفظ جي معنيٰ 'پنهنجي گهر جا ماڻهو' سمجهيو وڃي ٿو، جو جڏهن بہ ڪو وزيراعظم يا صدر پنهنجي موت مري ٿو يا قتل ڪرڻ جي صورت ۾ سندس اولاد مان ئي اُن منصب تي فائز ڪيو وڃي ٿو. پارٽي اندر جمهوريت جي عدم موجودگي ۽ معيار جي لتاڙ اڳتي هلي، اهڙن واقعن کي جنم ڏئي ٿي، جن جو ذڪر مان مٿي ڪري آيو آهيان. حسد، بغاوت ۽ دُشمني جنم وٺي ٿي ۽ جمهوريت سان گڏ، ملڪ جي ترقيءَ کي وڏو نقصان پهچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو 67 سال گذرڻ جي باوجود،اسان اُتي جو اُتي بيٺا آهيون. جمهوريت جو حُسن اهو آهي تہ جمهور جي اڪثريت جي راءِ تي عمل ڪجي، جيئن چوندا آهن تہ: I agree to disagree .

مسز بندرا نائيڪي سريلنڪا تي ويهہ سال حڪومت ڪري، دنيا ۾ هڪ وڏو رڪارڊ قائم ڪيو. مسز بندرا نائيڪي جي آخري دور دوران، هُن پنهنجي ڌيءَ، مس چندريڪا ڪمارا ٽنگا کي صدارت جي عهدي تي فائز ڪيو. اِن دوران ماءُ، ملڪ جي وزيراعظم رهي ۽ ڌيءَ (1994-2005) ملڪ جي عظيم عهدي يعنيٰ صدارت سنڀالي. مس چندريڪا تي تمام گهڻا خودڪش حملا ڪيا ويا، ليڪن هر حملي ۾ بچندي رهي. مسز بندرا نائيڪي، پنهنجي پٽ مسٽر اَنُورا کي اسيمبلي جو اسپيڪر مقرر ڪرايو. اهڙيءَ طرح بندرا نائيڪيجي سريلنڪا تي حاڪميت جي پنجويهہ سالن جو طويل عرصو، جمهوريت جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ سراسر غلط ۽ پوري قوم تي ظلم ڪرڻ جي برابر آهي. ڇا پلا ايتري عرصي دوران، پارٽي اندر متبادل قائد پيدا نہ ٿي سگهيا جو ميرٽ جي لتاڙ ڪري پنهنجي خاندان کي اوليت ڏئي، پارٽي اندر بغاوت جي ٻج کي پوکيو ويو؟ پارٽيءَ اندر غير جمهوري روايتون قائم ڪري، لائق ۽ قابل ميمبرن کي پوئتي ڌڪي، اقربا پروري کي فروغ ڏئي ماروثي سياست جي ٻوٽي کي پروان چڙهائڻ ۾، هن نظام کي بادشاهي نظام جو نعمل بدل چئي سگهي ٿو ۽ پنهنجو قيمتي وقت ۽ ڪاوشون ضايع ڪري، قوم جو ٻيڙو ٻوڙيو وڃي ٿو.

هندستان پاڪستان ۾ موروثي سياسي واقعن جو تسلسل

حالتن واقعن تي نظر ڊوڙائڻ سان ايئن محسوس ٿيندو تہ اسان جي حاڪمن کي جمهوريت جي الف.ب جي بہ خبر نہ آهي. سياسي پارٽين کي

هو خانداني ملڪيت سمجهي پيا هلائين ۽ پنهنجي ڪٽنب ۽ عزيزن کي وڏن عُهدن تي آڻي، ڪرپشن جو ڪاروبار رچايو وڃي ٿو ۽ غريب عوام ساڳئي بدحالي ۽ غُربت جي گپَ ۽ دلدل ۾ گوڏن تائين ڦاٿل آهي. 1940ع دوران هڪ انگريز سياح پاران ڪراچي شهر جي پريل ويڊيو فلم ڏسڻ سان، ائين محسوس ٿيندو ته 75 سال گذرڻ کان پوءِ به اسان ڪا ترقي ڪونه ڪئي آهي. اُن فلم ۾ ڪراچي شهر جي مختلف بازارن جو منظر ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ۾ شهر اندر ماڻهن سان گڏهه گاڏن ۽ مزدورن ذريعي ٻن ڦيٿن واري گاڏي تي سامان ڍوئڻ ۽ اُن وقت پنندڙ فقيرن جا ٽولا شهر جي مکيه بازارن ۾ منظم طريقي سان، ماڻهن کان خيرات وٺندي نظر اچن ٿا. پنجهتر سال گذرڻ کانپوءِ اِهي ساڳيا منظر توهان کي سنڌ جي هر شهر ۾ نظر ايندا، جهڙوڪ، ڪراچي، لاڙڪاڻو، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور ۾ فقيرن کان وڌيڪ ته گڏهن گاڏي وارن جو شهر تي قبضو آهي ۽ توهان کي روڊ تي ٻئي سُواري گهٽ نظر ايندي. حيدرآباد ۾ ته فقيرن جا ٽولا توهان کي ٽڪرائيندا، جيڪڏهن توهان گاڏي مان نڪري ٻاهر ٿيندا. اهي ٽولا ايترا ته مُنظم آهن، جو جيڪڏهن توهان ڪنهن هڪ تي رحم ڪري ڪجهه خير ڏني، ته چئن توهان تي شامت اچي وئي ۽ ماکڙ وانگي توهان جي ٻاهران سَوين فقير ڦري ايندا جو مشڪل سان پنهنجي جان بچائي نڪري سگهندا. ملڪ ۾ چؤ طرف مُفلسي ۽ غربت واضح نظر اچي رهي آهي. امير ۽ غريب جي وچ ۾فرق وڌي چڪو آهي. اسان جي ملڪ تي اُنهن ساڳين خاندانن جي اولاد جي حڪومت آهي، جن کي انگريزن سندن ساٿ خريد ڪرڻ لاءِ، جاگيرون ملڪيتن ۽ خطابن سان نوازيو ۽ حڪومت ۾ شامل ڪري، مقامي عوام تي سندن گرفت مضبوط ڪرائي. هي اُهي ئي چند خاندانن جي اولاد آهن، جيڪي اڄان تائين انگريزن جي حاڪميت وانگر پيا حڪومت هلائين، جنهن ڪري اميرن لاءِ هڪڙو قانون آهي ۽ غريبن لاءِ ٻئي طرح جو قانون رائج آهي.

ڳالهه پئي هلي انڊو پاڪ ۾ خانداني حڪومت جي رواج ۽ اُن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ سياسي واقعن ۽ شامل خاندانن جي هِن صفحه هستيءَ تان هميشه لاءِ غائب ٿي وڃڻ جي. پاڪستان جي آزادي کانپوءِ جلدي، قائد اعظم جو هڪ سازش هيٺ بيمار ٿيڻ ۽ جلدي وفات ڪري وڃڻ، جنهن کانپوءِ پاڪستان جي پهرين وزيراعظم جناب لياقت علي خان کي هڪ جلسي ۾ گولين جو نشانو بڻائي قتل ڪرڻ. مان سمجهان ٿو ته انگريزي

جي ورهاست كانپوءِ، نقلي انگريزن بہ، ورهائي حكومت كرڻ (Divide and Rule) واري پاليسي جو تسلسل قائم ركيو.

جناب ذوالفقار علي ڀٽو جي ’پيپلز پارٽي‘، 1970ع واري اليكشن ۾ اولهہ پاكستان مان اكثريتي جماعت ٿي ايري ۽ اوڀر پاكستان مان جناب مجيب الرحمٰن جي ’عوامي ليگ‘ سڀ جون سڀ سيٽون كٽي پاكستان ۾ پهرين نمبر تي آئي. صدر جنرل يحيٰ خان طاقت جي منتقلي جو كم وقت اندر پورو نہ كيو، نتيجي ۾ اوڀر پاكستان ۾ مجيب الرحمٰن جي ڇهہ نقطن واري ايجنڊا ۽ هندستان جي وزيراعظم مسز اندرا گانڌي جي مداخلت تي اوڀر پاكستان كي ’بنگلاديش‘ جي صورت ملي ۽ اولهہ پاكستان جيكو هاڻي هك عضوو كٽائي، پاكستان ٿي ويو، سو جناب ڀٽو صاحب جي پيپلز پارٽي جي حكومت هيٺ اچي ويو.

ذوالفقار علي ڀٽو، 1972ع ۾ ملك اندر وڏن كارخانن كي قومي ملكيت (Nationalization) ۾ آندو، نئين ليبر پاليسي ڏئي مزدور طبقي كي پاڻ ۾ ٻڌي (Trade Unions) ٺاهڻ جو حق ڏنو. ملك اندر محدود زرعي زمين ركڻ جي حق بابت (Land reforms limiting the ownership) قانون ٺاهيا، جنهن تحت كيترن جاگيردارن كان زمين واپس سركار جي حوالي كئي وئي ۽ بي زمين هارين ۾ ورهائي وئي. ٻہ هزار بيورو كريٽ آفيسرن كي رُشوت جي بنياد تي نوكري مان فارغ كيو ويو. اندرا گانڌيءَ كان 1971ع واري جنگ دوران 93،000 فوجي قيدين كي آزاد كرايو. پاكستان جي كراچي شهر ۾ پهريون ائٽامك ريئكٽر ۽ اسٽيل مل جو بنياد وڌو. هك ناكامياب ملٽري بغاوت تحت، 59 فوجي آفيسرن كي گرفتار كيو ويو ۽ برگيڊيئر محمد ضياءُ الحق كي اِن بغاوت جي تحقيق كرڻ لاءِ مقرر كيو ويو. 1973ع ۾ پاكستان كي آئين مليو، جنهن تحت ملك ۾ آئيني اصلاح آيا.

ڀٽو صاحب كي پاكستان جي ائٽامك پروگرام جو خالق سمجهيو وڃي ٿو. جيكو سچ آهي سندس كاوش ساراهڻ جوڳي آهي. پر اِن كري دنيا جي طاقتور آمريكا كي اِها ڳالهہ نہ وڻي ۽ صاف اعتراض كندي، ڊاكٽر كسينجر ڌمكيون ڏنيون تہ اُن پروگرام كي ختم كيو وڃي، ٻئي صورت ۾ توهان (ڀٽو) مان ٻيا خوفناك سبق حاصل كندا. ايوب جي دور دوران، ڀٽو صاحب جڏهن پرڏيهي وزير هو، تنهن وقت كان هن كي ائٽم بم ٺاهڻ جو جنون هوندو هيو،جو ان ۾ ملك جي سلامتي جي ضمانت هُئي. 1965ع جي جنگ كانپوءِ، ڀٽو صاحب اخبار نويسن سان ڳالهائيندي چيو تہ ’اسان نيوكليئر بم تيار كنداسين‘، ڀلي اسان كي گاهہ كائڻو ڇو نہ پوي.

اڳئين دور ۾، پاسپورٽ وڏي سُفارش سان به ڪونہ ٺاهيا ويندا هُئا،اِهو ڪم ڀٽو صاحب آسان ڪيو، جو پاسپورٽ هر هڪ پاڪستاني جو حق آهي. جنهن ڪانپوءِ هر ڊويزن ۾ پاسپورٽ آفيسون ڪليون ۽ پاسپورٽ عام ٿيا ۽ لکين پاڪستانين کي وچ ايشيا جي ملڪن ۾ نوڪريون مليون، جنهن مان پاڪستان کي ٻاهرين ملڪن جو ناڻو (Foreign Exchange) اچڻ لڳو ۽ اقتصادي حالاتن ۾ بهتري آئي.

ملڪ اندر مخالف ڌر جي عبدالولي خان جي مخالفت وڌڻ لڳي ۽ بلوچستان جي اسيمبلي کي برخاست ڪرڻ جي عمل ٺاندن تي تيل هارڻ جو ڪم ڪيو.

1974-75دوران، پيپلز پارٽي جي اصلي اڳواڻن مان گهڻا ناراضگي ۽ مخالفت ڪري ڇڏي ويا ۽ ڪافي پنهنجي موت مري ويڃڻ ڪري پارٽي ۾ قائدين ۽ رهنمائن جي کوٽ ٿيڻ ڪري، پارٽي جي عوام تائين رسائي ۾ ڏکيائي اچڻ لڳي ۽ عوامي رابطو ڪمزور ٿيندو ويو. ملڪ جي ٻاهرين ۽ اندرين حالتن جي خراب ٿيڻ تي، مخالف ڌر جي نَوَن پارٽين ملي ڪري حڪومت خلاف ’قومي اتحاد‘ (Pakistan National Alliance) ٺاهي، هٽ ٻڌي حڪومت جي پويان پيا ۽ اليڪشن ۾ سڀ پيپلز پارٽي خلاف گڏجي وڙهيا. جنهن ۾ پيپلز پارٽي کٽي وئي، ليڪن اتحادين چونڊ نتيجي قبول ڪرڻ کان واضع انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ ووٽن ۾ شفافيت بلڪل غائب هئي.پيپلز پارٽي جي نيشنل اسيمبلي ۾ وڌيڪ سيٽون کٽڻ ڪري، مخالف اتحادي ڌر صوبائي اليڪشن جو باءِ ڪاٽ ڪيو، جنهن ڪري عام تاثر ڏنو ويو تہ الڪيشن صحيح طور تي عوام جي امنگن جي خلاف هئي. حڪومت ۽ مخالف اتحادي ڌرين وچ ۾ نهراءُ لاءِ ڳالهين جو دور شروع ٿيو.جڏهن ٻئي ڌريون اچي هڪ نقطي تي گڏيا، تہ دشمن قوتن پنهنجو وار ڪري ڀٽو صاحب کي، 5 جولاءِ 1977ع جي اڌ رات جو گرفتار ڪري،هڪ مهينہ لاءِ جيل ۾ رکيو ۽ جنرل ضياءُ الحق، قوم کي خطاب ذريعي اعلان ڪيو، تہ 90 ڏينهن اندر اليڪشن ڪرائي،حڪومت جون واڳون نونَ نمائندن حوالي ڪندو. جيڪو يارهن سالن کان پوءِ اُن وقت عمل ۾ آيو، جڏهن بهاولپور ۾ هڪ خطرناڪ هوائي حادثو ٿيو، جنهن ۾ جنرل ضياءَ سان گڏ ٻيا جنرل ۽ ڪجهہ آمريڪي فوجي جنرل مري ويا. اِن حادثي جي ڪارڻ جو پتو ساڳئي طرح، اجان تائين هڪ اهڙو راز آهي، جيئن اسان جي تاريخ ۾ پهري وزيراعظم جناب لياقت علي خان جي قتل،

محترمہ بينظير ڀٽو (1953-2007) جي شهادت، جيڪا 27 ڊسمبر 2007 تي ٿي ۽ مير مرتضي ڀٽو (1954-1996) ڪي، پنهنجي گهر اڳيان پوليس هٿان قتل ٿيڻ جا واقعا شامل آهن، اهي سڀ واقعا اڃان تائين عوام جي حڪومت هوندي، عوام ڪان ڳجها رکيا ويا آهن. جناب ذوالفقار علي ڀٽو جي ٻئي نمبر فرزند، جناب شاهنواز ڀٽو (1958-85)کي پئرس جي هوٽل ۾ زهر ڏئي ماريو ويو.ليڪن اِن سازش کي اڄ تائين بينقاب نہ ڪيو ويو. دنيا جي ذهين سياسي اڳواڻ جي پوري ڪٽنب جي ڀاتين کي چونڊي چونڊي، هڪ هڪ ڪري ماريو ويو ۽ افسوس جو نہ گوڙ ۽ نہ گهمسان ڏسڻ ۾ آيو ۽ نہ وري روڄ ۽ راڙو ٻڌڻ ۾ آيو.

ڀٽو صاحب جي جاني دُشمن، امريڪي وزير خارجہ ڊاڪٽر ڪِسينجر پنهنجي ياداشت (1979 Memoir) ۾ ڀٽي صاحب لاءِ هي لکيو آهي.

"Bhutto was brilliant, charming of global stature in his perception, a man of extra ordinary abilities, capable of drawing close to any country that served Pakistan's national interests.

اسان جي قوم جي بدقسمتي آهي، جو اهڙن عظيم اڳواڻن جي حفاظت ڪرڻ بجاءِ انهن کي پنهنجي هٿن سان ڪُهي دُشمنن کي خوش ۽ راضي رکيو آهي.

ننڍي کنڊ اندر ٿيندڙ واقعن جهڙوڪ، مسز اندرا گانڌي، شيخ مجيب الرحمٰن ۽ ذوالفقار علي ڀٽو کي اقتدار دوران ڪن سازشن هيٺ نہ صرف قتل ڪيو ويو،پر انهن جي ڪٽنب جي سرگرم ڀاتين (High Profile) کي پڻ هميشہ لاءِ ختم ڪري، اقتدار تي قبضو ڄمائي، هميشہ لاءِ خانداني يا معروثي حاڪميت جو خاتمو آڻڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي وئي، ليڪن اُن ۾ ڪا خاص ڪاميابي نصيب ڪونہ ٿي، ڇو جو وري مخالف سياستدان بہ ساڳئي طريقي سان خانداني حڪومت ۾ پنهنجي اولاد کي ترغيب ڏئي حاڪميت لاءِ تيار ڪري ميدان ۾ لاٿو آهي.

آمريڪا جو ڪينيڊي خاندان

اهڙي معروثي خانداني حاڪميت جو مثال، آمريڪا ۾ جان ايف ڪينيڊي (J.F Kennedy) جيڪو اٽويهہ سو سٺ جي ڏهاڪي دوران آمريڪا جو 35 هون صدر ٿيو. تنهن کي ڊلاس (Dallas) شهر ۾، 22 نومبر 1963ع تي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو. ڪينيڊي خاندان جي تقريباً هر ڀاتي جو

جواني ۾ مرڻ يا قتل ٿيڻ، هڪ عجيب داستان آهي، جو هر ٻڌندڙ جا وار ڪانڊاري ڇڏي ٿو. هن خاندان جي پهري فرد جوزف ڪينيڊي، 29 سالن جي عمر ۾ ٻئي مُهاياري جنگ دوران هڪ هوائي جهاز جي حادثي ۾ فوت ٿيڻ سان، هن خاندان کي نُحوست وڪوڙي وئي. هو آمريڪن نيوي ۾ پهري جنگ عظيم ۾ پائلٽ هُيو ۽ ٻئي جنگ عظيم ۾ رضاڪار (Volunteer) تي ڪم ڪري رهيو هُيو. اِن واقع کان چار سال بعد، جان ايف. ڪينيڊي جي 28 سال ڀيڻ ڪٽيلين ڪينيڊي هڪ هوائي جهاز جي حادثي ۾ فوت ٿي وئي. 1963ع ۾ جان.ايف. ڪينيڊي جي قتل کان هڪ سال بعد، سندس ڀاءُ ادوارڊ ڪينيڊي (Senator Edward Kennedy) هڪ هوائي جهاز جي حادثي ۾ شديد زخمي ٿي پيو، ليڪن بچي ويو.1969ع ۾ سندس ڪار درياهه مٿان پل سان ٽڪر کائي، درياهه ۾ ڪري، جنهن ۾ زخمي ٿيو، ليڪن اُن حادثي ۾ هڪ ڇوڪري مري وئي، جنهن ڪري ڪيس سزا ملي ۽ سندس سياسي پيشو هميشهه لاءِ ختم ٿي ويو.

هِن خاندان جو ٽيو فرد، رابرٽ ڪينيڊي، عمر 42 سال 1969ع ۾، ان وقت قتل ڪيو ويو، جنهن مهل هو ڊيموڪريٽڪ پارٽي طرفان صدارتي اميدوار لاءِ مُهم هلائي رهيو هو. 1973ع ۾ ايڊورڊ ڪينيڊي جو پٽ ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا ٿيو، جنهن ڪري پنهنجي هڪ ٽنگ کان محروم ٿيو.

1984ع ۾ رابرٽ ڪينيڊي جي، 28 سالن جو پٽ، ڪثرت سان نشو ڪرڻ ڪري مري ويو. صدر جان ايف.ڪينيڊي جي زال، جيڪو لين جنهن ارب پتي يوناني سان شادي ڪئي هئي، 1994ع ۾ ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا ٿي مري وئي. 1997ع ۾ رابرٽ ڪينيڊي جي پٽ مائيڪل ڪينيڊي،برف تي فوٽ بال راند (Ski Foot Ball) کيڏندي، پنهنجي جان تان هٿ ڌوئي ويٺو. پنجن سالن گذرڻ کان پوءِ، 1999ع صدر جان ايف.ڪينيڊي جو پٽ ڪينيڊي جونيئر سندس زال ۽ سالي سميت هڪ جهاز جي حادثي ۾ مارجي ويا. هِن خاندان جي افراد جي اچانڪ ۽ جواني ۾ حادثاتي موت، آمريڪا کان علاوه پوري دنيا ۾ خوف و حراس پکيڙي ڇڏيو آهي. اسرائيل جي هڪ ماهر جنسيات جو چوڻ آهي، تہ ڪينيڊي خاندان سان پيش آيل حادثن جو باعث بدقسمتي نہ سمجهي وڃي، ليڪن سندن رت ۾ ڪي موروثي خاصيت وارا جزا موجود آهن، جيڪا کين خطرن کي مُنهن ڏيڻ ۽ مُهم جوئي تي اُڪسائن ٿا.

عرب ۽ اجنبي

ڳالهه پئي هلي سعودي عرب جي، اسين وچين الائي ڪٿي نڪتاسين. سعودي عرب ۾ تمام سُنيون رسمون ۽ رواج رائج آهن. جڏهن ملندا آهن تہ اُتي هڪ ٻئي کي ياڪر پائي، ٽي دفع مُنهن ۽ ڳِٽا ملائي نقلي چمي ڏيڻ وارو آواز ڪڍندا آهن ۽ هميشهہ هر ڪم سڄي هٿ يا ساڄڙ ڪندا آهن. ايترو جو نئيو ٻار بہ هوندو تہ انکي نِوڙي چُمي ڏيندا آهن. پر جي گهڻي محبت ڏيکارڻي هوندي آهي يا اُنجو اظهار ڪرڻو پوندو اٿن، تہ هڪ قدم وڌائي ٻنهين ڳِٽن ملائڻ کانپوءِ، بزرگ، شيخ يا مائواري جي نرڙ کي چميو ويندو آهي. ننڍي حيثيت رکندڙ، ڪنهن وڏي مرتبي واري کي صرف ڪلهي تي مُنهن رکي چمي ڏئي رسم پوري ڪندو آهي،اهڙي رسم شهزادن سان ملڻ دوران ڏني ويندي آهي. اُردن وارن اِن رسم کي وڌيڪ آسان ۽ جديد ڪري ڇڏيو آهي، جو نوجوان ڳِٽا ملائڻ بدران پنهنجي نُڪن جي چوٽين کي بہ يا ٽي دفعا گهَڪا ڏئي ’ڪيفَ الحَال‘ چئي جان ڇڏائي ڇڏين ٿا.

عرب ملڪن ۾ غير عرب ڪم ڪندڙ ماڻهو، جن جي اڪثريت هندُو پاڪ ۽ فلپائين جي رهواسين جي آهي، جن جي حالت اُن وزندار بحري ٻيڙي وانگر آهي، جيڪو برمودا ٽراءِ اينگل (Burmuda Triangle) جي مُنجهيل ۽ خطرناڪ لهرن ۾ قاتل هجي ۽ اتان نڪرڻ جي واٽ نہ لهي. نوڪري ڏياريندڙ ايجنٽ ڳورو ملهہ وٺي، کين سبز باغ ڏيکاري موڪلين ٿا ۽ ماڳ تي پهچڻ کانپوءِ، کين خبر پئي ٿي تہ پگهار بہ گهٽ ۽ رهائش وغيره جو بندوبست بہ پاڻ کي ئي ڪرڻو پوندو. ٻيو تہ پوئتي رهيل ياتين جون مشڪلاتون ۽ مسئلا کين ايترو تہ منجهائي ڇڏين ٿا، جو هُو تقريباً اڌ پاڳل ٿي وڃن ٿا. خانگي ادارن ۾ نوڪري ڪرڻ بنهہ مشڪل ڪم آهي، جو ڪفيل (جنهن جي ڪفالت هيٺ اقامو ملي ٿو) ڪم گهڻو وٺندا آهن ۽ پگهار گهٽ ڏيندا آهن. انهن جي پريشانيءَ ۾ اضافي جو سبب مقامي سعودين کي نوڪرين ۾ ترجيح ڏيڻ واري پاليسي آهي، جنهن کي سولي سنڌي ۾ سعودائيزيشن (Saudisation) چيو وڃي ٿو. ان پاليسي مطابق، هر اجنبي (Expatriate) جي جاءِ تي، نوڪري جي مدت پوري ٿيڻ تي، مقامي ماڻهن کي رکيو ويندو آهي. هڪ هنڌ نوڪري ختم ٿيڻ جي صورت ۾ ٻئي هنڌ نوڪري ملڻ جو آسرو ۽ اُميد گهٽ هجڻ ڪري غير عرب ملازم، دماغي پريشاني ۾ مُبتلا ٿيو وڃن. پوئتي گهر ياتين کي اڻپورو خرچ موڪلڻ يا ضرورت کان وڌيڪ موڪلڻ ڪنهن خطري کان خالي نہ هوندو آهي.

هڪ دفع فلپيني انجنيئر، جڏهن موڪل تي ويو ته پنهنجي گهر ۾ ڪي اوپرا ماڻهو ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيو. پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس ته سندس زال ٻارن سوڌي گهر وڪڻي ڪنهن اڻڄاتل مقام وڃي وسايو آهي. هو پورو مهينو ڳوليندو رهيو، ليڪن ڪيس ڪا خبر ڪونه پئي ۽ پريشاني جي حالت ۾ واپس موٽي آيو. موٽي اچڻ ڪانپوءِ، ڪجهه ڏينهن ۾ هو پاڳل ٿي ويو ۽ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، ليڪن هن جي طبيعت نيڪ ٿيڻ جو نالو ئي ڪونه پئي ورتي. هن تي وقت گذرڻ ڪري وڏيڪ پاڳال پڻي جا دورا پوندا رهيا. سندس دوستن مان خبر پئي ته هن نه صرف سڄي عمر جي ڪمائي پيار مان ڪيل شادي يعنيٰ زال ڏينهن موڪليندو رهيو، پر ايترو جو دوستن کان قرض وٺي به پئسا موڪليندو هو. سندس زال هن کي نڄي، ٻئي سان شادي ڪري، گهر وڪڻي هميشه لاءِ هن سان بيوفائي ڪري هلي وئي، جنهن جو صدمو هي صحيح ڪونه سگهيو. هاڻي هي نيم پاڳل جي حيثيت ۾، پوليس جي حوالي آهي ۽ صرف عربي جا مخصوص لفظ 'اَيءِ.اَيءَ' پيو تو رٽي، جن جي معنيٰ آهي 'جِي سائين جي سائين'. پوليس ڪهڙو به سوال ڪري هي انهن کي ٻن لفظن ۾ ساڳيو ئي جواب ڏيندو رهي ٿو. ان لاءِ هاڻي پوليس به هن مان بيزار آهي ته هن کي جلدي وطن واپس ڪيو وڃي، ورنه پوليس وارن جو به اهڙو حال ٿي نه وڃي.

هڪ پاڪستاني انجنيئر جنهن گذريل ٽيهن سالن کان پئي ڪم ڪيو، تنهن کي جڏهن نوڪريءَ مان خارج ڪيائون ته واپس موٽڻ جو نالو ئي ڪونه پيو وٺي. لڳاتار چار مهينا اُتي مختلف آفيسرن کي منٿون ڪندو رهيو ۽ پيرين پوندو رهيو، آخر وڃي هڪ شهزادي وٽ ڪنهن سُفارشي معارفت پيش پيو، جنهن ڊائريڪٽر کي ڪيس ڪجهه مُدت تائين بحال ڪرڻ جي سفارش ڪئي. اِهي چار مهينا، هِن لاءِ حياتي ۽ موت جو سوال بڻيل هُئا.

نه هوندو بانس نه وڄندي بانسري

سعودي عرب ۾ ڪم ڪندڙ اجنبين جا ڪي قصا اهڙا ته عجيب ۽ ڏکوئيندڙ آهن جو هميشه ياد رهندا. تبوڪ شهر ملڪ جي اتر اولهه صوبي جي گادي جو هنڌ آهي ۽ آبادي جي لحاظ کان ان کي خيرپور ضلع سان مشابهت ڏئي سگهجي ٿي. هتي جي آبهوا، حيدرآباد شهر جهڙي آهي. هر صوبي جو حڪمران گورنر ۽ شهري سهولتون ميونسپالٽي جي ماتحت

هونديون آهن ۽ ملٽري چانوٽي جو نظام فوج جي حوالي آهي. صوبي اندر سِول اسپتالون، وزارت صحت ۽ چانوٽي اندر اسپتالون وزارت دفاع جي ضابطي يا ڪنٽرول هيٺ هلنديون آهن. اسپتالن جي نظام کي هلائڻ لاءِ متعلق وزارت ڪجهه عرصي لاءِ انتظام ڪنهن تجربيڪار ڪمپني جي حوالي ڪري پاڻ اُن جي ڪارڪردگي جي نگراني ڪندي رهندي آهي. ماهر ڊاڪٽر، نيڪو ڪٽنڊڙ ڪمپني طرفان رکيا ويندا آهن،جن ۾ اوليت يورپين کان علاوه عربي ٻولي ڳالهائيندڙ کي ڏني ويندي آهي پر هندوستاني ۽ پاڪستاني ڊاڪٽر به ڀرتي ڪيا ويندا آهن، جو انهن جون پگهارون به سنيون هونديون آهن.

وزارت صحت جي هڪ اسپتال جنهن ۾ لبناني ٻئي زال مڙس ڊاڪٽر ڀرتي ٿي آيا. ڪافي وقت ڪم ڪرڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر کي شايد سعودي عرب ۾ گهڻيون شاديون ڪرڻ جي رواج، دل موهي وڌي يا زال مڙس جي وچ ۾ ڪو گهريلو مسئلو پيدا ٿيو. لبناني نسل جا ماڻهو رنگ جا پورا ۽ قد جا ڊگها ٿين، شڪل شبيهه ۾ سهڻا هجڻ ڪري، ڪين اهڙو لقب يا سندن شان، الهامي ڪتاب ۾ به اشارتن بيان ڪيل آهي ۽ بني اسرائيلي قوم جا سؤٽ هوندي، تعارف جا محتاج ڪونه آهن. مڙس آخر پنهنجي ڊاڪٽر زال سان ٻئي شادي ڪرڻ جو راز بيان ڪيو، جنهن کي اِها ڳالهه پسند ڪونه آئي ۽ مڙس جي گهڻي اسرار تي بيزار ٿي پئي. مڙس کي اِن ڳالهه تان ٽارڻ لاءِ هُن ويچاريءَ گهڻائي هيلا وسيلا هلايا، ليڪن همراهه نه مڙڻ واري ڪئي ۽ وچي آخر مُنهن ٻُري ۾ هنيون. ڊاڪٽرياڻي آپريشن جي مهارت رکندي هُئي، سو هُن سوچي اِن مسئلي جو اهڙو مستقل حل (Permanent Solution) ڳولهي لڌو، جو وچي ٿيا خير. سعودي عرب ۾ سرڪاري آفيسون ۽ اسپتالون هفتي جا به ڏينهن خميس ۽ جمعو موڪل هجڻ ڪري بند هونديون آهن. هڪ دفعي ڊاڪٽرياڻي انهن ٻن ڏينهن ۾ پنهنجي مڙس کي سبق سيکارڻ جو دل ۾ پڪو پهه ڪيو. هن آپريشن جو مختصر سامان لڪائي گهر آندو ۽ رات جي کاڌي ۾ ڊاڪٽر کي هلڪو نشو ڏنو جنهن کان پوءِ هُن کي ننڊ اچي وئي. ننڊ دوران ڊاڪٽرياڻي ڪيس سُن ڪرڻ واري سُئي (Anesthesia) هڻي آرام سان ڊاڪٽر جي مرداڻي عضوي کي پاڙ کان ڪٽي وچي ٻلين جي حوالي ڪيو ۽ سک جو ساهه کڻي، دل ۾ چيو ته ’نه هجي بانس ۽ نه وچي بانسري‘.

ڊاڪٽرياڻي اُن رات اِهو سجو ڪم پاڻ اڪيلي سر ڪيو ۽ ڪنهن به نرس وغيره جي مدد وٺڻ جي ضرورت محسوس نه ڪيائين. ڊاڪٽر کي جڏهن

هوش آيو ته کيس ايمبولينس گهرائي اسپتال پيڙو ڪيائين. ڪيس داخل ٿيو، پوليس انڪوائري ڪئي ۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ، ٻنهين کي پنهنجي ملڪ لبنان موڪلي ڇڏيو.

عورت جو انتقام

عرب ۽ دنيا جي شاهوڪار ملڪن ۾ اِهو عام رواج ٿي ويو آهي، ته گهر ۾ هڪ کان وڌيڪ نوڪراڻيون هجن. اڄ جي زماني ۾، گهڻ نوڪرن واري گهرجي مالڪ ۽ مالڪياڻي کي هڪ وڏي شان ۽ مرتبي وارو ليکيو وڃي ٿو. گهر اندر ڪم ڪندڙ عورت کي، ’آيا‘، ’ماسي‘، يا اردو ۾ خانسا مان ۽ انگريزي ۾ House Maid چيو ويندو آهي. وڏن ماڻهن جي گهرن ۾، هڪ نوڪرياڻي صفائي وغيره لاءِ، ٻئي گهرجي ڀاتين جا ڪپڙا مشين ذريعي ڌوئي استري ڪرڻ لاءِ، ٽئين نوڪرياڻي ٻارن کي پالڻ لاءِ، چوٿئين بورچي خاني ۾ ٿانون کي ڌوئي صاف ڪرڻ لاءِ ۽ پنجين ڪاڌو وغيره پچائڻ لاءِ. مطلب ته نوڪرياڻين جو تعداد تقريباً ڀاتين جي تعداد جيترو وڃي ٿيندو آهي. حڪومت پنهنجي عوام کي سهولت ڏيڻ لاءِ، کين اجازت ڏني آهي ته هو ڪٿان به نوڪرياڻين وٺي آڻي سگهن ٿا. نوڪرياڻين جي ويزا جو بندوسبت حڪومت جي رياض واري آفيس جي ’مڪتب استقدام‘ ۾ صرف هڪ درخواست ڏيڻ سان ٿي وڃي ٿو. مقامي ماڻهن کي نوڪرياڻيون کهڙي به ملڪ مان گهرائڻ جي اجازت ملي وڃي ٿي. ستر جي ڏهاڪي جي وچ کان اڳ، پاڪستان مان نرسون ۽ گهر جي ڪم لاءِ نوڪراڻيون گهرايون وينديون هيون، ليڪن جنرل ضياءُ الحق پنهنجي دور حڪومت ۾، نوڪراڻين تي پابندي وڌي پر نرسون اڃان تائين اچن وڃن ٿيون. نوڪرياڻين جي ويزائن جو ڪاروبار به مقامي ماڻهن لاءِ وڏو فائديمند آهي، جو انهن کي پگهار وڌيڪ ٻڌائي وٺي اچن ٿا ۽ هت پهچڻ سان ٻيڻو ڪم وٺن ٿا ۽ پگهار پنهنجي مرضيءَ تي ڏين ٿا. ان کان علاوه معاشري ۾ ٻيا به ڪيترائي گهرو مسئلا پيدا ٿين ٿا. هتي بازار ۾ مقامي عورتون جڏهن خريداري ڪرڻ اچن ٿيون ته انهن سان به ٻي نوڪرياڻيون ضرور ساڻ هونديون، جو اِها وڏ ماڻهپائي جي ڪَسِوٽي آهي ته فلاڻ وٽ هيتريون نوڪرياڻيون آهن ۽ نوڪرياڻين جي تعداد تي ڪچهرين ۾ ذڪر ۽ وڏو فخر ڪيو ويندو آهي.

جڏهن پئسي جي ريل چيل هُئي، ته نوڪرياڻين جي پيڙ هوندي هئي، ليڪن عراق، ڪويت ۽ 9/11 واري خلل ڪان پوءِ، مڙيوئي معاملو ٺپ تي ويو آهي. هن وقت جيڪڏهن ڪنهن کي نوڪرياڻي تنگ ڪري ٿي ته پوءِ اُها نوڪرياڻي ٻئي ڪنهن پنهنجي مِٽ مائٽ سان مٽائي سگهجي ٿو. يعني اُنهن جي ڪفالت مٽائي سگهجي ٿي. هت لفظ ڪفالت جو مطلب اُن سعودي شخص جو آهي، جنهن توهان کي ويزا ڏني آهي يا توهان جنهن سعودي جي نالي يا جنهن ڪمپنيءَ جي نالي تي هِت اچي نوڪري ڪري رهيا آهيو. پئسي جي گهٽتائي هجڻ ڪري، ويزا ڪنهن اهڙي ملڪ جي وٺندا آهن جنهن مان ڪين گهٽ پگهار تي نوڪرياڻي ملي وڃي مثلاً: فلپين، انڊونيشيا، بنگلاديش، سريلنڪا، انڊيا وغيره. اهي غريب عورتون جڏهن سعودي اچڻ جي تياري ۾ هونديون ته ضرور ڏاڍيون خوش هونديون ته اسان هاڻي سعودي عرب ۾ نوڪري لاءِ وڃي رهيون آهيون ۽ ڏاڍو پئسو ڪمائي پنهنجي زندگي ۾ سُک ڏسنديون سين ۽ پنهنجي اولاد لاءِ ايندڙ زندگي آسان ٿيندي پر ائين هرگز نه آهي جو سندن پگهار پنج سئو ريالن جيتري هوندي آهي ۽ گهر جو ڪم 24 ڪلاڪ هلندو رهندو آهي. ڪين ڪاڏو، رهائش ۽ ڪپڙو لٽو ڏيندا آهن پر پگهار گهٽ هجڻ ڪري بچت تمام گهٽ ٿئي ٿي. اِهي اڌورا خواب ڪڏهن به پورا ڪونه ٿا ٿين. هڪ عورت ٻيو پرائو ديس،مجبور ۽ ٻولي مختلف هتان جا رواج مختلف، ٻئي ڳالهه ته عربن جو نوڪرياڻين سان سُهٽي سلوڪ جو مثال ڪو ورلي ملندو. هو جڏهن پنهنجي فئملي سان گڏ شهر يا بازار وڃن ته نوڪرياڻين کي به ٻار سنڀالڻ لاءِ ساڻ ڪڻن. سندن عورتن کي برقعا هوندا آهن ۽ نوڪرياڻين کي سندن برقعن مان مُنهن کولي هلڻ لاءِ حڪم ٿيل هوندو آهي. اِن جو مطلب پڇڻ تي معلوم ٿيو ته جيڪڏهن سندس منهن ڍڪيل هوندو ته ٻيا مِٽ مائٽ يار دوست اهو سمجهندا ته هِن همراهه کي شايد ٽي يا چار شاديون آهن. سو گهڻو ڪري عربياڻيون، نوڪرياڻين کي منهن کولي هلڻ لاءِ مجبور ڪنديون آهن، ته جيئن سندن عزت ۽ مَانُ مٽي رهي.

بهرحال ڳالهه پئي ڪيم هڪ اهڙي نوڪرياڻيءَ جي قصي جي، جيڪا هڪ وڏي گهر ۾ فلپيني نوڪرياڻي هُئي،جنهن سان گهر مالڪياڻي جو هميشه سخت رويو هوندو هو. عربياڻي جي نوڪرياڻي سان وري سخت رويي جا ڪيترائي سبب هوندا آهن. انهن مان مکيه سبب اهو هوندو آهي ته جيڪڏهن نوڪرياڻي نوجوان ۽ سُهٽي آهي ته پوءِ گهر مالڪ جا ٻئي هٿ اُن ۾ قابو هوندا آهن. اُن ڪري، عربياڻيون جڏهن نوڪرياڻيءَجي

پنهنجي مڙس کان گهر ڪنديون آهن، ته اهو شرط هوندو اٿن ته نوڪرياڻي جي عمر 35 سالن کان مٿي هجي پر جڏهن آيا (ماسي) نوڪري وني گهر پهچنديون آهن ته غربياڻين کي حيرت ۾ وجهي ڇڏينديون آهن، ڇو جو انهن جي عمر 20-18 سال هوندي آهي. بهرحال ڪجهه اهڙيون ڳالهيون مالڪياڻي ۽ نوڪرياڻي وچ ۾ پيچيدگي پيدا ڪنديون آهن. هي هڪ فلپيني نوڪرياڻيءَ جي ڳالهه آهي. فلپيني ۽ انڊونيشي رنگ جا سُنا سُهڻا ٿين. قد هلڪو هوندو اٿن، باقي سنائي ۽ صفائي جو گهڻو خيال رکندا آهن ۽ هن نسل ۾ ڪيترو به عمر رسيد هجن پر توهان کي نوجوان لڳنديون.

هن فلپيني نوڪرياڻي ۽ مالڪياڻي جي پاڻ ۾ سرد جنگ شروع هُئي، ته هڪ ڀيري مالڪياڻي ڪيس پنهنجو قيمتي جوڙو استري ڪرڻ لاءِ ڏنو. نوڪرياڻيءَ کان ڪجهه غفلت ٿي جو استري دوران اُن قيمتي وڳي کي ڪافي نقصان ٿيو. پوءِ جڏهن مالڪياڻي کي خبر پئي ته اُن ڪاوڙ ۾ اچي اُها گرم استري نوڪرياڻي جي ڳِچي تي زور سان جهلي بيٺي جو سندس ڳِچو سڙي پيو ۽ پوءِ ڪيس اسپتال مان دوا درمل ڪري مسئلو رفع دفع ڪري ڇڏيو. نوڪرياڻيءَ کي هاڻي دل ئي دل ۾ اچي بدلي جي باهه ٻرڻ لڳي. في الحال ته خاموشي جو اظهار ڪندي رهي ته جيئن مالڪن جي دل مان بدلي وٺڻ جو شڪ شبهو ختم ٿئي. آخر هُو بي وسي ۾ ڪري به ڇا پئي سگهي، پراوا ماڻهو پرائو ديس. بهرحال هلندي هلندي ٽن چئن مهينن ڪانپوءِ، هن هڪ منصوبو ٺاهيو ۽ هاڻي صرف وقت جي انتظار ۾ هئي. غالباً هن ڪنهن ٻئي هم وطن نوڪرياڻي سان به صلاح مشورو ڪيو هوندو. هڪ ڀيري گهر مالڪڻ ڪنهن شادي ۾ وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. اهڙي موقع تي گهر مالڪ پنهنجا ننڍڙا ٻار نوڪرياڻي جي حوالي ڪري شادين ۾ شرڪت ڪندا آهن. اِهو هتان جو رواج آهي، شايد ان ڪري ته ننڍڙا ٻار والدين کي تنگ ڪندا آهن.

آخر گهر جا سڀ وڏا ياتي هن نوڪرياڻي کي ننڍڙن ٻارڙن جي رکوالي ڪري، پاڻ سڀ جا سڀ شادي تي روانا ٿي ويا ۽ پوءِ اُن نوڪرياڻي کي اڳ ۾ ٺهيل منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ خلاصو وقت ملي ويو.

نوڪرياڻي وير وٺڻ لاءِ ڇا ڪيو جو اُنهن سيني ٻارڙن ۾ جيڪو سڀ کان ننڍو هو، اُنکي ڪٽي بورچي خاني ۾ وئي ۽ ٻين ٻارن کي سمهارڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. بدلي جي باهه ۾ نوڪرياڻي اُن ننڍڙي معصوم کي ڪٽي بورچي خاني جي تندور (Oven) ۾ وجهي اُن کي

هلائي،گهر مان نڪري ڀڄي وئي. جڏهن گهر جا ڀاتي رات دير ڪانپوءِ موٽي آيا تہ سڀ ڏاڍا پريشان ٿيا ۽ روئڻ پيا ۽ هڪ ٻار بہ گُتل هيو ۽ نوڪرياڻي بہ غائب هئي. آخر گهڻي ڳولا ڪانپوءِ، ٻورچي خاني ۾ وڃي ڏسن تہ تندور ۾ اِهو ننڍڙو معصوم ٽُڪَڙ وانگر ٻاهہ ۾ پچي چڪو آهي. آخري پوليس ۾ رپورٽ ڪانپوءِ ڳولا ڪئي وئي ۽ کيس پڪڙي پوليس جيل ۾ وڌو ۽ ڪورٽ جي قاضي وٽ ڪيس هلايو، جنهن کيس موت جي سزا ڏني.

اَنت آمريڪي

انجنيئر شيخ پرويز جيڪو آمريڪا جي قوميت رکندو هو. سعودي عرب ۾ نئون پرتي تي آيو. هڪ ڏينهن پنهنجي ڪار ۾، Dual Carrige way روڊ تي غلط طرف وڃي رهيو هو. جڏهن هو ڪجهہ فاصلو اڳتي هليو تہ ٻئي پاسي کان روڊ تي ٽريفڪ پوليس جي گاڏي کيس روڪيو تہ ’يا رفيق، اَنت في مخالف‘، مطلب تو ٽريفڪ قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. هِن کان اِقامو ورتي چيائين تہ ’انت في لازم سِجن‘ يعنيٰ ’توکي ضرور جيل وڃڻ گهرجي‘. سپاهي هن کي شڪل ۽ رنگت مان پاڪستاني سمجهي جيل اُماڻڻ جو داٻو ڏنو. پوءِ جڏهن سندس نظر اقامہ تي لکيل آمريڪي قوميت تي پيس، تہ سپاهي جا پير ٿڌا ٿي ويا ۽ حيران ٿي پڇيائين تہ ’اَنت آمريڪي؟‘ پرويز کي عربي سمجهہ ۾ ڪونہ آئي ليڪن پنهنجو متو لوڏي هائو ڪئي تہ سپاهي کيس آقامو واپس ڏيندي چيو تہ ”مراءِ ثاني مافي“، ٻيهر ائين نہ ڪجانءِ. آمريڪي پاسپورٽ هجڻ ڪري پرويز جيل وڃڻ کان بچي ويو پر جي پاڪستاني پاسپورٽ وارو، اهڙي غلطي ڪري ها تہ کيس جيل ۾ سزا ڪاٽڻي پوي ها، يعني سعودين جو هتي ٻٽو معيار چٽو واضح نظر اچي ٿو.

بَحرين جو سپاهي

هڪ ڏينهن گلف جي هڪ سُهڻي بيچ تي، هڪ مزدور سمنڊ جي ڪناري تان بيلچن سان ٽرڪ ۾ واري وجهي رهيو هو. اُتي هڪ سپاهي جيڪو بحرين مان هو، ڊيوٽي تي بيٺل هو جنهن اچي اُن مزدور کي روڪيو ۽ چيائينس تہ هتان واري ڪڍڻ منع آهي. مزدور موبائيل فون

ذريعي پنهنجي ڪفيل شيخ کي اطلاع ڏنو ۽ شيخ تيش ۾ اچي پنهنجي ڏکي شيوريٽ ڪار ۾ پهتو ۽ ڪاوڙ ۾ اچي سپاهي کي چيو تہ تو منع ڇو ڪئي.؟ توکي خبر نہ آهي تہ هي ڪنهن جي گاڏي آهي.؟ هاڻي توکي ٽرڪ واري سان پرڻي پوندي وجهڻي آهي. شيخ پنهنجي مزدور کي بہ واري پرڻ کان منع ڪئي ۽ هو سپاهي ٽي ڏينهن لڳاتار ٽرڪ ۾ بيلچن سان واري وجهندو رهيو. ان مان صاف ظاهر آهي تہ شيخ حڪمران فيمليءَ سان واسطو رکندڙ هو.

ڪيف الحال يا صديق

اداري جو ڊائريڪٽر نئون بدلي ٿي آيو. هڪ خميس واري موڪل جي ڏينهن پرنس سلطان جي محل ۾ آب رسائي ۽ اريگيشن نظام لاءِ هڪ نئين پمپ اسٽيشن لڳائي رهيا هئاسون تہ ڪم ڪندڙن مان هڪ اڌ چرئي سنڌي پلمبر ڏٺو تہ هڪ سعودي پري کان گاڏي مالهي اچي رهيو هو. سو اُن بيوقوف پلمبر ڪم ڇڏي اڳتي وڌي وڃي اُن شخص (ڊائريڪٽر) کي هَٿُ هَٿَ ۾ ملائي چيو تہ ’ڪيف الحال يا صديق‘ ڪهڙا حال آهن اي منهنجا دوست! هن جي اِها عادت هُئي تہ هرو پرون بہ وڃي، زوري هٿ ملائي ڪيف الحال يا صديق چوندو هيو. مَانِ نہ مانِ مين تيرا مهمان وانگر هر اڻ واقف سان بہ وڃي ملبو. نہ ڄاڻ تہ اِهو سعودي جنرل شايع هو، جيڪو موڪل واري ڏينهن خانگي لباس ۾ ملبوس هو ۽ هٽلر وانگي ڏاڍو سخت هو، جنهن قلم جي هڪ ڌڪ سان يارهن پاڪستاني انجنيئرن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو هيو. چوندا آهن تہ ’جڏهن ڳوهہ کي ڳُٽي ڪٽندي آهي تہ پوءِ شڪارين جا گهر ڳوليندي آهي‘، جنرل هن چريي کي ڏسي، مسڪرائي ڪٽي ماٺ ڪئي پر شايد دل ۾ اهو بہ سوچيو هجائين تہ پاڪستان ۾ پاڳل ماڻهن جي ڪوٽ ناهي جو سعودي عرب تائين اچي چڪا آهن.

مصر ۾ قبرن جا تهہ خانا

اسان جي، مصري دوست، انجنيئر، عبدالحليم ٻڌايو تہ مصر ۾ پيدا ٿيڻ ۽ مرڻ ٻئي مشڪل مسئلا آهن. هڪ تہ جڏهن ٻار پيدا ٿئي ٿو تہ گهر جي ضرورت پئي ٿي ۽ وري جڏهن مري ٿو تہ مصر اندر وري اُهو رواج آهي تہ هر هڪ فئملي کي اجتمائي قبر ناهڻ لاءِ قبرستان ۾ زمين وٺي اُن ۾

وسيع ڪمري جي اڏاوت ڪرائڻي پوندي آهي.پوءِ جڏهن ڪو ياتي مرندو ته اُن قبر ۾ اڳئي مئل جا بوسي هڏا پري پاسي تي ڪري، نئين لاش کي رکيو ويندو آهي ۽ اِهو سِلسِلو جاري رهندو آهي، جيستائين قبر وارو ڪمرو هڏن سان پرجي نه وڃي. قبرستان ۾ ڪنهن خاندان جي قبر ناهيل نه هجي ته سماج ۾ اُن کي گهٽ عزت وارو سمجهيو ويندو آهي.

مصر ۾ زير زمين پاڻي جي سطح متي هجڻ ڪري، قبرن لاءِ ڪمرا زمين جي سطح کان ٻه فوٽ متي اڏاوت ڪيا ويندا آهن جيئن مئل انسان جي جسم کي زير زمين پاڻي نقصان نه رسائي.

هن دوست هڪ فلمي ايڪٽر جي مرڻ جو واقعو ٻڌايو ته هن جي مرڻ کانپوءِ کيس اجتمائي قبر واري ڪمري ۾ رکي ويا ۽ جڏهن سال کانپوءِ، اُن ڪٽنب جي ڪنهن ٻئي ياتي وفات ڪئي، ان کي رکڻ لاءِ جڏهن قبر اندر داخل ٿيا ته جيئن اڳئين رکيل لاش جي هڏن کي سيري هڪ پاسي ڪري تازي لاش لاءِ جاءِ واندي ڪئي وڃي ته اُن ايڪٽر جي لاش جا هڏا در پرسان ويٺل ماڻهو جي ڊانچي وانگر پيل نظر آيا، جنهن مان ظاهر ٿيو ته هن کي دل جو سخت دورو ٿيو هجي ۽ عام ماڻهن مرڻ جي تصديق ڪئي هجي، ليڪن هن جي دل زنده هجڻ ڪري ڪيترن ڪلاڪن کانپوءِ ساهه پئجي ويو هجي ۽ در پرسان اچي در کڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي، ته من ڪو دروازو کولي ۽ هن دنيا ۾ وري ٻيهر موٽي سگهي (والله عالم).

هڪ ٻيو واقعو ته هڪ همراهه کي اجتمائي قبر ۾ رکي هليا ويا ته ٻئي ڏينهن قبر جو دروازو کڙڪڻ لڳو ته چوڪيدار ڊڄندي وڃي در کوليو ته اهو همراهه زنده ٿي ويو ۽ جڏهن چوڪيدار کيس گهر وٺي ويو ته سندس ياتي ڊڄي ويا ۽ زال خوف ۾ مري وئي.

هُن ٽيون واقعو ٻڌايو ته هڪ يوري رنگت جي ڊگهي قد جي دلير عورت، قبر جي اندر حالتون ڄاڻڻ خاطر پنهنجي دوست عورت جي مدد سان هڪ قبر ۾ مُردي سان گڏ دفنائي وئي جنهن ۾ ڪجهه ڪلاڪ اڳ لاش دفنايو ويو هو. هڪ ڏينهن گذرڻ کانپوءِ، جڏهن هُن کي اُن اجمتائي قبر مان ڪڍيو ويو ته هن جو رنگ ڪاري ڪوئلي وانگر ٿي ويو ۽ سندس سڀ حواس ختم هئا. ٿوري وقت کانپوءِ بغير ڪنهن معلومات ڏيڻ جي هِن دنيا مان لاڏاڻو ڪري اوڏانهن هلي وئي، جتان جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ وئي هئي.

يا رفيق....!

هڪ دفعي مڪي شريف جي حرم جي ٻاهران روڊ جي چؤڏڳي ڪراس ڪندي هڪ نوجوان مرسديز گاڏيءَ وارو جڏهن سنگنل ڪي ٽوڙي اڳتي وڌڻ لڳو، تہ ڊيوٽي تي بيٺل سپاهيءَ پري کان هٿ کڻي اشارو ڪري چيس تہ ’وقف يا رفيق‘ يعني اڙي تون بيهہ. اڪثر ڪري پاڪ هند جي ماڻهن کي سعودي ۾ رفيق سڏيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تہ وِسِريل ساٿي، پر اسان ماڻهن کي ان لفظ مان حقارت ۽ نفرت جي بوءِ ايندي آهي. اهڙيءَ طرح پنهنجي زبان وارن يعنيٰ عربن کي ’يا اخي‘، يا ’صديق‘ ڪري مخاطب ٿيندا آهن ۽ انگريزن کي ’خواج‘ ڪري پڪاريندا آهن. جنهن کي تمام عزت ڀريو سڏيو وڃي ٿو. اهڙي طرح ٿائليند ۾ هندو پاڪ جي ماڻهن کي ”خيڪ“ ڪري سڏيندا آهن، جنهن جي معنيٰ ڪا خاص سٺي نہ آهي. ساڳئي طرح يورپ ۽ آمريڪا ۾ پاڪستانين کي پاڪيز (Pakis) ڪري سڏيندا آهن. مان ان ڳالهہ تي وڌيڪ حيران ٿيس تہ مرسديز گاڏي هلائيندڙ پوري سعودي لباس ۾ ملبوس هيو. جنهن کي ڪير بہ عرف عام غير سعودي تصور ڪري نہ پئي سگهيو، ليڪن هن سپاهيءَ جي سڃاڻپ جي طاقت کي سلام آهي جو هُن پري کان اُن کي اُن رتبي ۽ مانَ سان سُڃاڻي ورتو تہ هي غير سعودي آهي. جنهن ڪانپوءِ ان سپاهي ان تي ڏنڊ وڌو ۽ تنبيهہ ڪئي تہ آئينده ائين ڪرڻ سان توکي ٿي ڏينهن جيل وڃڻو پوندو. هي سڄي سڃاڻپ ان جي ڪيل ڪم مان سپاهيءَ پرکي ورتي. توهان ڪيترو بہ سهڻو لباس پايو ۽ عربي ٻولي کي ڪيترائي وڪڙ ڏئي ڳالهايو، ليڪن هتان جا سپاهي سڃاڻي وجن ٿا تہ هي سعودي نہ پر پاڪستاني يا هندستاني آهي.

ياڳ پلا ٿيا بنگاليءَ جا

تبوڪ شهر جي ڳالهہ آهي تہ هڪ عرب خاندان جي نئين شادي شده جوڙي وچ ۾ اٽيڪٽ هلندي رهندي هئي، جو زال ڪجهہ پڙهيل گهراڻي مان ۽ مڙس ڪجهہ هلڪي خاندان سان تعلق رکندو هو ۽ ڪيس ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڪرڻ جي ڪا معروثي مهرباني ٿيل هُئس سو هڪ ڏينهن تيش ۾ اچي زال کي طلاق ڏئي وينو. سندس زال کي سرڪاري نوڪري يعني ماسترياڻي بہ هئي. سعودي عرب ۾ شادي ڪرڻ ڏاڍو مهانگو مرحلو آهي،

جو چئن شادين جي شوق ۾ رسم ھمراھن جا ڪلھا قابو ڪري چڙيا آھن. گھڻ شادين جي رواج ڪري ڪُنوار جو ملڻ ايترو تہ مھال آھي جڻ آسمان مان تارا لاھڻ. ڪُنوارين جي کوٽ ڪري سندن اگھہ بہ چوٽ چڙھيل آھن. چوندا آھن تہ ضرورت ايجاد جي ماءُ آھي سو گھٽا بدنصيب تہ ڪُنواري ڇوڪري نہ ملڻ جي صورت ۾ طلاق شده سان شادي ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا آھن. جو ھڪ تہ ملڻ جي آساني ڀيو اگھہ مناسب، پوءِ مڙيوئي گاڏي کي ڏکو ڏئي ھلائڻ جي ھمت نہ هاريندا آھن. جنھن ڪانپوءِ ٻُڪئي شڪاري وانگر ڪنھن ٻئي موقعي جي تلاش کي ھرويرون ھٿان بہ نہ وڃائيندا آھن. خوبصورت ۽ پڙھيل ڳڙھيل ڪنوار لکين ريالن ۾ وڻڻ ۽ ان کان وڌيڪ شاديءَ تي خرچ ڪرڻ، انتھائي مشڪل ڪم آھي ۽ شادي بہ وڏي ڏام ڏوم سان نہ ٿيڻ ھڪ وڏو سماجي مسئلو آھي. شاديءَ جي شان شوڪت مھمانن لاءِ ڪُنل ٻڪرن (خروف) جي ڪثير تعداد سان ئي لڳائي ويندي آھي ۽ وڏي فخر سان ڪچھري دوران دوستن کي ٻڪرن جو تعداد ٻڌائي، پنھنجي مانَ کي مٿاھون ڪندا آھن. عربن ۾ سنڌين جو ناچ تورو گھٽو ملندڙ جُلندڙ ضرور آھي، پر ان ۾ اُٺ جي لوڏ جو اثر نمايان نظر ايندو آھي. اسان سنڌين ۽ عربن جي شادين ۾ مرد چاھي عورتون شاديءَ جي خوشي ملھائڻ لاءِ ائين نچندا آھن، جيئن وزندرا ٻورين سان ستيل اُٺ ڪنھن ريگستان ۾ وڏن دڙن کي پار ڪندو ھجي. ھونءَ بہ چوٽي، تہ اُنن جي چاڙھي تي لعنت تہ، لاھي تي پڻ لعنت مشھور آھي.

عربن جي ھٿن ۾ تلوار، بندوقون، وڏا ياﻻ يا لڪڻ ھوندا آھن، وکون اڳتي پوئتي ۽ دائري ۾ ڦرڻ ۽ پيرن کي فرش تي زور سان ھڻندا رھندا آھن.

ڳالھہ پئي ھلي طلاق جي سو زال وڃي ڪورٽ جي قاضيءَ وٽ پھتي ۽ قاضي ڪيس ھلائڻ دوران مڙس کي گھرايو جنھن پنھنجي اقتصادي حالت محسوس ڪندي چيو، تہ طلاق مون کان غلطي ۽ غصي ۾ اچي وئي آھي،سو مون کي معاف ڪيو وڃي. زال جي ناراضپي کي ڏسي قاضي طلاق منظور ڪئي، جنھن تي مڙس ناھہ لاءِ گھڻو ئي اسرار ڪيو، ليڪن زال جي ناراضگي ڪري جوڙي ۾ طلاق ٿي ئي. مڙس شادي وقت زال کي حق مھر ۾ سندس گھر ڏنو ھو، جنھن ۾ ھو ٻئي ڳڏ رھندا ھُئا ۽ ھڪ بنگالي ڇوڪرو ڊرائيور ڪري رکيل ھُين. ھاڻي ھمراھہ جو نڪاح ٽٽڻ ڪري زال تہ وئي پر گھر بہ کسجڻ لڳو.

همراهه زال کي منٿون ميڙو ڪرڻ لڳو ۽ آخر صلاح ٻيهارين تہ في الحال تون نڪاح هن بنگالي ڊرائيور سان ڪر ۽ ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ کانئس طلاق وٺي پوءِ ٻيهر مون سان شادي ڪر.

اُن بنگالي جو ڀلو ٿيو جو اُن سان نڪاح ٿيو، ليڪن ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ زال سعودي مڙس کان صاف انڪار ڪيو، جو شايد بنگالي پنهنجو روشن مستقبل ڏسي، سچي محبت ۽ محنت ڪئي هجي جيڪا اڳيان قبول ٿي وئي. سعودي مڙس کي اچي ڏاڍو ساڙ ٿيو، هُن مسڪين بنگالي کي دابا ڏيڻ لڳو ۽ وجهہ وٺي چاقوءَ جا وار ڪري کيس زخمي ڪري وڌو. ماسترياڻي زال کي بنگالي جي محبت ايتري تہ پسند آئي، جو هن سڌو گورنر وٽ وڃي اڳئين مڙس خلاف شڪايت ڪئي، جتان هن کي انصاف مليو ۽ گورنر ان کي گهرائي ڌڙاڪ ڀڃيو ۽ کيس تنبيهہ ڪئي، تہ اگر جي هن بنگالي ۽ سندس زال کي ڪو نقصان ٿيو تہ هو جوابدار رهندو، جنهن ڪانپوءِ بنگالي پنهنجي گهر واري سان گڏ رهڻ لڳو ۽ سعودي قوميت لاءِ اميدوار ٿيو.

حَسَدُ

هاڻي هتي اهو عام آهي تہ جيڪڏهن توهان وٽ سُني گاڏي آهي تہ عام مقامي ماڻهن ان کي ڏسي حَسَدُ ڪري ٿو ۽ شايد دل ۾ ائين چوندو هجي تہ هي ٻاهريون ماڻهو هتي اچي اهڙو عيش چو ڪري رهيو آهي. ڪجهہ وَقت اڳ اهڙيون ڳالهيون ظاهري طور ڪونہ محسوس ٿينديون هُيون، پر هاڻي واضع طور محسوس ٿينديون رهن ٿيون شهر ۾ ڪجهہ اهڙا علائقا آهن، جتي اگر توهان گاڏي ٻاهر ٻيهاري تہ واپسيءَ تي ٻار يا نوجوان ان تي ليڪا ڪڍي ويندا، جنهن مان اجنبين سان نفرت ۽ حسد جي بوءِ صاف نظر ايندي. مقامي ماڻهو اهو سمجهي رهيا آهن، تہ ٻاهريان ماڻهو اچي هتي اسان جي روزگار تي لت ڏيو ويٺا آهن، هرو ڀرون ائين بہ ڪونہ آهي، هو پاڻ محنت ڪونہ ڪن. رڳو سُستي ۾ گذارين، ڪم ڪرڻ ۽ سکڻ لاءِ تڙپ ئي ڪونہ ڪن. بس هر شئي هُنن کي نهيل ٺُڪيل ملي. ايترو جو ماني بہ سيڪو هوٽل تان وٺي کائي. اهو ان ڪري آهي جو هوٽل تي ماني معيار واري صاف سٿري ۽ سَستي ملي ٿي. پوءِ چو گهر ۾ پچائڻ جي تڪليف ڪن. جيئن چوندا آهن تہ جي کير بازار مان ملي تہ پوءِ مينهن ڏارڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. عام طور عرب بہ اسان سنڌين وانگر

تکل ۽ ٿوٽي آهن. ڪم ڪرڻ جي حوالي سان سدائين ’بقرا انشاءِ الله‘ جا لفظ استعمال ڪندا رهندا، جنهن جو مطلب اهو ڪم سڀاڻي ڪبو جي الله چاهيو ته. اُئين لڳندو آهي جڻ ’اليوم‘ يعني ’اڄ‘ جو لفظ سندن ڊڪشنري ۾ موجود نه آهي يا وري اسڪول ۾ ڪين پڙهايو ئي ڪونه ويو آهي.

حديث آهي ته حسد کان پاڻ بچايو، ڇاڪاڻ ته حسد نيڪين کي اهڙي طرح ضايع ڪري ٿو، جيئن باهه سُڪين ڪاٺين کي ساڙي ڇڏيندي آهي. چوندا آهن ته حسد، حاسد کي مرڻ کان اڳ ماري ڇڏي ٿو.

پنجاهه ياتين جو هڪ خاندان

سعودين کي نوڪري ڏيڻ جي حوالي سان هڪ عطوي قبيلي جو نوجوان ڇوڪرو، مسٽر سَلمان عطوي.نوڪري لاءِ زباني امتحان ڏيڻ آيو. مان پڇيومانس ته ٻه هزار ريالن واري نوڪري ۾ توکي ڇا حاصل ٿيندو، هتي شادي لاءِ ڇوڪرين جا اگهه ايترا ته مهانگا آهن، جو توکي سڄي عمر نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ به ايترا پئسا گڏ ڪونه ٿي سگهندا، ۽ تون شادي ڪري سگهين؟ مسٽر سلمان ڳالهائڻ ۾ ڦڙتيلو، ليڪن فني ڄاڻ کان بلڪل وانجهيل هو. هن وڏو ساهه پري ڇيو ته شادي ڪرڻ ته واقعي وڏو مسئلو آهي پر ان کان اڳ گذر سفر جو بندوبست ضروري آهي. هُن مونکي ٻڌايو ته سندس پيءُ کي چار شاديون ۽ 45 ٻار آهن. هاڻي ماني ڪائڻ به هڪ وڏو مسئلو آهي. بابي کي پنهنجي اولاد جا نالا به ياد ڪونه آهن ۽ ماني ڪارائڻ مهل فرش تي جڏهن دائرا ٺاهي ويهندا آهيون، ته ائين لڳندو آهي، جڻ يتيم خاني ۾ داخل آهيون. سو ڪجهه نه ڪجهه ڪمائي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ضر ـ ري آهي. پيءُ به چوي ٿو ته هاڻي توهان جوان آهيو پاڻ ڪمائي کائو. پوءِ مون سندس حال ٻڌي ڪيس زباني امتحان ۾ پاس ڪري، نوڪري ڏئي ڇڏي. اڳتي هلي نوڪري ۾ محنت ۽ ايمانداري ڪونه ڏيکاريائين، ڊيوٽي تان ڪِسڪي وڃڻ ۽ گسائڻ سندس معمول بڻيل هو. ڪنهن ڪم لاءِ ڪيس ڇئبو هو ته ڄڻ ڏيڏر کي زڪام ٿي پيو هجي.

جڏو انجنيئر

ڪيميڪل ليبارٽري جي انچارج مسٽر صلاح الدين (سوڊاني) ٻڌايو ته ڊائريڪٽر طرفان هڪ سعودي نوجوان ڇوڪري کي نوڪري ڏيڻ حوالي

سان زباني امتحان وٺڻ لاءِ ڏانهس موڪليو. سندس امتحان لاءِ هن ڪجهه بنيادي سوال تيار ڪري، مذڪوره انجنيئر کي ڏنا، جنهن مان هڪ به سوال صحيح طرح حل ڪونه ڪيو، جنهن تي صلاح الدين ڪيس گهٽ مارڪون ڏئي رپورٽ موڪلي ڇڏي. جڏهن اها خبر ڊائريڪٽر کي پئي ته اُن غصو ڪيو ۽ چيو ته هي اجنبي آفيسر نه ٿا چاهين ته مقامي ماڻهن کي نوڪريون ملن. سو ڊائريڪٽر صلاح الدين ۽ اُن اميدوار کي آفيس ۾ گهرايو، صلاح الدين اِن امتحاني پيپر جي ڪاپي سميت اُتي وڃي پهتو ۽ ڊائريڪٽر کي سوال ڏيکاريا جيڪي صرف انٽرميڊيئيٽ ليول جا پئي لڳا. ڊائريڪٽر صلاح الدين کي چيو ته ڇا هي نئون ڪيميائي انجنيئر ڪجهه به ڪونه ٿو ڄاڻي؟. بعد ۾ انجنيئر کي نوڪري جو آرڊر ڏنو ويو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، هو اُن ئي ڊپارٽمينٽ جو Acting Head به ٿي ويو ۽ صلاح الدين سندس هيٺان پئي ڪم ڪيو. واقعي مذڪوره انجنيئر کي ڪجهه به معلومات ڪونه هئي. جڏهن ڪو بحث مباحثو ٿيندو هو ته بلڪل خالي نظر ايندو هو. ڪجهه ڏينهن اڳ،مان لکيو ته پاڻي جي لوهي ٽينڪن ۾ ڪٽ روڪڻ (Cathodic Protection) واري نظام کي نهرايو وڃي ته مذڪوره انجنيئر، اِهو خط ڪٽي اچي مون وٽ نڪتو ۽ چيائين ته هي جيڪو توهان لکيو آهي سو ڇا جي باري ۾ آهي؟ اسان کي ڪهڙو ايڪشن ڪٽڻ گهرجي. مطلب هُن لوهه کي ڪَٽ روڪڻ واري نظام جو شايد نالو ئي پهريون دفعو ٻڌو هو. تبوڪ ملڪ جي آخري ڇيڙي ۾ هجڻ ڪري، اتان جي مقامي تعليمي ادارن ۾ تعليم جو معيار، رياض، جده ۽ دهران جي شهرن سان نٽو پيٽائي سگهجي.

زوردار چَماٽ

هڪ عرب شوق مان ٽئين شادي ڪئي ۽ اِن نئين ڪنوار کي پنهنجي پراڻي گهر پرسان، هڪ نئون گهر وٺي رهايائين پوءِ همراهه شوق ۾ نئين زال سان وقت گهاريندو رهيو. هڪ صُبح جو الفجر نماز ڪانپوءِ سندس در ڪڙڪيو، هن جڏهن اکيون مهٽيندي در کوليو، ته اوچتو برقعي ۾ هڪ عورت سندس منهن تي زور واريون ٻه ٽي چماٽون وهائي ڪڍيون ۽ پوءِ هوءَ تڪڙي پنهنجي پرسان واري گهر ۾ هلي وئي. برقعي ۾ ۽ انڌيرو هجڻ ڪري، همراهه صحيح طور سُڃاڻي ته ڪونه سگهيو، ليڪن نياپي جي اصليت ۽ بنيادي اهميت کان ضرور واقفيت حاصل ٿي هوندي. فجر

واري زوردار چماٽن سندس ڳِٽن تي ڪجهہ ڏينهن لاءِ آثار ۽ احساسات ضرور ڇڏيا هوندا ۽ ڪَن مان واڪاٽ بہ ضرور نڪتا هوندا. عربن ۾ رواج آهي تہ پنهنجي گهر ۾ جيترو تي سگهي اوترو انصاف قائم رکن نہ تہ بئي صورت ۾ عورت مڙس خلاف، قاضي وٽ پهچي شوقين مڙس جي زندگي حرام ڪري ڇڏيندي آهي. تنهنڪري ڳالهہ دل کي وٽي نہ وٽي پر مڙس کي گهرجي تہ پنهنجي زال لاءِ پاهريون ٻنو نہ پيچي ۽ ڪيس خوش رکندو اچي، نہ تہ جوڳي نہ ڪنهن جا مِٽ. وارو مامرو صاف ظاهر آهي.

سعودي بَدُو جو انڪشاف

عرب دنيا ۾ ٻهراڙيءَ جي اٽپڙهيل کي عام طور بَدُو ڪري سڏيو ويندو آهي. هڪ بَدو جيڪو زمين کوٽڻ جي ڳوري مشين (Back hoe Operator) هلائيندو هو. جنهن جو نالو عبدالله عطوي هو، هڪ مزيدار ڳالهہ ٻڌائي ۽ چيائين تہ هت نوڪريءَ کان اڳ هُو آثار قديمہ ۾ نوڪري ڪندو هو. هِن چيو تہ عرب دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ آثار يَمن ۾ آهن ۽ ان کانپوءِ نمبر اچي ٿو تبوڪ جو. تبوڪ ۾ تمام گهڻا آثار آهن. تبوڪ علائقو تقريباً هڪ لک سٺ هزار مربع ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ تي مشتمل آهي. هِن چيو تہ جيولاجي علم رکندڙ ۽ سائنسدانن چيو آهي تہ حِجاز ايريا (منطقہ حجاز) جيڪو مڪي ۽ مديني شريف جو علائقو آهي، اِن ۾ جبل هجڻ ڪري زلزلي جي ايريا (Siesmic Zone) ۾ اچي وڃي ٿو، جيڪا دنيا جي سيني خطن کان وڏيڪ متحرڪ (active) آهي پر الله تعاليٰ جي مهرباني جو هتي ڪڏهن بہ زلزلو ڪونہ آيو آهي ۽ ان علائقي جي زير زمين ۾ وڏي گرمي (High temp) آهي، جنهن کي روزمرهہ جي زندگي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. اِن زير زمين گرميءَ مان بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي ۽ بيا بہ ڪيترائي فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. ليڪن حڪومت اڃان تائين اهڙو ڪو عمل شروع نہ ڪيو آهي. اِن تي جيترو جلدي ٿي سگهي، عمل ڪجي ۽ توانائي (Energy) کي پيدا ڪري استعمال ڪجي تہ جيئن زلزلي جي ڀيانڪ تباهيءَ کي روڪي يا گهٽائي سگهجي.

هِن بَدوءَ وڏيڪ مطالبو ڪيو تہ دنيا جو جيڪو گرين وچ زون (Green Wich timezone) آهي، اِهو بہ مڪي مڪرمہ کان ڳڻيو وڃي. هڪ بَدو جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي آئون پريشان ٿي ويس. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو چڻ ڪو بلڪل جاهل ۽ اٽپڙهيل هجي.

ٻيو ٻڌايائين تہ هتان کان 130 ڪلوميٽرن تي حضرت شعيب عليہ السلام واري علائقي (وادي شُعيب) ۾ هڪ جبل لوز (Jabal Lose) آهي، جنهن جي پرسان حضرت موسيٰ عليہ وسلام ٻڪريون ۽ رڍون چاريون تنهن جبل ۾ ڪافي غار آهن، جن ۾ ڪافي قيمت واريون شيون ۽ جواهرات لِڪل آهن (تفصيل نہ ٻڌايائين تہ ڪهڙيون قيمتي شيون آهن)، جيڪڏهن حڪومت حاصل ڪري تہ پوءِ تيل جي ضرورت ڪونہ پوندي.

سوڊاني بورچيءَ جي اهميت

اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ اميرن جا بورچي، سوڊاني ۽ يمني قومن کان علاوه ٻئي قوم مان نہ تا تي سگهن. شايد انهن جون وفاداريون آزمايل آهن.

سوڊاني دوست انجنيئر عثمان ٻڌايو تہ هڪ سوڊاني اسپيشلسٽ ڊاڪٽر، جيڪو آمريڪا مان تعليم وٺي آيو هو، تنهن سعودي قوميت لاءِ حڪومت کي درخواست ڏني. گهٽي تفتيش ۽ وقت گذرڻ کانپوءِ ڪيس انڪار ۾ جواب مليو. ساڳئي طرح هڪ سوڊاني بورچي، جنهن کي عربيءَ ۾ طَباخُ چوندا آهن، سعودي قوميت لاءِ درخواست ڏني، تنهن کي ٿوري وقت ۾ نيشنلٽي جو آرڊر مليو. ڪيترو عجيب آهي تہ هڪڙي اعليٰ تعليم يافتہ ڊاڪٽر کي جواب ڏنو ويو پر، هڪ بورچيءَ کي نيشنلٽي ڏني وئي. ان لاءِ تہ هتي سوڊاني بورچي اميرن جي محلن ۾ جام آهن. انهن کو سفارش جو هيلو هلايو هوندو ۽ ڊاڪٽر ويچارو صرف پنهنجي ميرٽ تي پاڙيو هوندو.

ڪجهہ پراڻيون يادون

❖ ننڍپڻ ۾ هڪ مائٽن جوڏيان نہ هجڻ ٻيو وسيلا اٽپورا هجڻ ڪري، مال چارڻ، زمين جو هر بنجهر، پاڻي جي واري لاءِ ڪٽيي جي ڪاٽي ڪرڻ ۽ ڪَسيون وٺڻ، آواندا ٻڌڻ، ٻنن، ٻارن جي ٽنهوار ڪرڻ، پاڻي سان ريج ڪرڻ، ڏاندن ذريعي زمين ڪيڙڻ، هر، ڪينڻ، پاجاري، ڏورٽان، جاٽ، اوڙ، ڇَٺ، ناڙي ۽ ڪِرين ذريعي فصل جو ٻج ڳنڍڻ. ياڻ، ڪلر ڇنڻ، ناڙي ڪاهڻ، سَلن کي ڇِتي پيپل کان بچائڻ، سلي سلي جو خيال ڪرڻ، ان پيها ناهي، جوئر ۽ ٻاجهري جي سنگن جي حفاظت لاءِ مِٽي ٻہ مان ڳوڙها ناهي، ٽنگڙي ۽ ڪانياڻي سان پکين جي جهار ٽَڙڻُ،

ڳيرن جي سنگ تي ويهي ضد ڪرڻ، پوءِ پاڻ پيهي تان لهي وڃي ضدي ڳيرن کي اٿارڻ. آيون پچائي يا ائين ڪچا آيون کائڻ. بک کان ڏاٽيون، ڳڙ ۾ پچائي کائڻ، جوئر جي مِني ڪاني کي ڪمند وانگر چلي کائڻ، آهت واري پاڻدي حجم جو اچڻ ۽ بني تي ويهي مٿو پاٽي سان پسائي پٽ ڪرائڻ. لابارو، ڪَڙب، بند ٻڌڻ، سنگن کي ڪُتي ديرو ڪرڻ، ڪٽڪ جي ديري لاءِ سپ گڏا ٻڌي هڪ جاءِ تي جمع ڪرڻ ۽ پوءِ ڏاندن ذريعي ڳاهه ڪاهڻ، ڦِرسو ٻڌڻ ۽ ڦرسي مٿان ويهي ڏاندن کي ڪٽڪ جي وَلِ مٿان گولائي ۾ هفتن تائين ڦيرائيندو رهڻ. ڪِٽڪ لُٽِڻَ لاءِ فجر ڏاران اٿڻ ۽ سج لٿي تائين لُٽڻ ۽ گڏا ٻڌڻ. پيهي تي ويهي مِٺي مان موسيقي لاءِ بوڙيندا ۽ نندڙا رانديڪا ناهڻ، هڪ عجيب دنيا هُئي، جيڪا هاڻي هتان گُم تي وئي آهي. تن بدن تي اڌورا، پراڻا ڦاٽل ساٽل ڪپڙا، سخت سردي ۽ سخت گرمي، پيرين اُگهاڙو، آخر انسان ايتري سخت محنت ۽ مشقت ڪري، پاڻهي پاڻ ختم ٿيو وڃي. ڳوٺ جا وڏا ۽ همعصر ڇوڪرا، غوث علي فقير، جعفر علي خان، ڏٺي بخش، رحيم بخش، صفر شر، اقبال گوپانگ، نادر علي، ڪوڪل فقير، علي قطب، جانب علي فقير، علي خان ۽ بال گوپانگ تقي محمد، پِڦي سُهاٽي، محڪم الدين، لعل ڏنو ۽ ٻيا گل حسن خاصخيلي جي آکهه مال گڏ چاريندي هوندي هُئي. غوث علي فقير جڏهن جلالاڻين جي ميلي تي منهنجي هوندا 110 موٽر سائيڪل تي بهادر سان گڏ هليو ته ڪيترائي ڏينهن غائب هجڻ ڪانپوءِ، جڏهن نروار ٿيو ته اتان ئي سَرِسُ سروس ملڻ ڪري، گيڙو ڪپڙا پائي آيو. هڪ سوٽ کي سندس والد، جڏهن الف.بي پڙهائڻ لڳو ته، پنهي ڏرين وچ ۾ الف انب تي جهيڙو ٿي پيو، جنهن ڪانپوءِ اڳتي نه پڙهيو، جو انب کائڻ لاءِ ضد ڪيائين. اسان جي هڪ ٻئي سوٽ سنڌي فائنل پاس ڪئي ته فقير فولاد علي جي سُفارش تي جڏهن نوڪري ڏيڻ واري صاحب وٽ پهتو، صاحب درخواست لکي ڪيس صحيح ڪرڻ لاءِ چيو، ته سوٽ ڪيس پنهنجو ڇهه انچ ڊگهو آڱونو ڪڍي صاحب جي اڳيان ڪيو ۽ چيائين ته آڱوني کي ٽڪ هڻو جنهن تي صاحب ڪاوڙجي پيو ۽ هن کي خالي هٿين موٽائي ڪنهن ٻئي کي نوڪري ڏئي ڇڏي. چوندا آهن ته سدورو ٻار پينگهي ۾ پڌرو، ساڳئي سوٽ جي ولي عهد کان جڏهن امڙ پڇيو ته بابا توکي جو پلي نوڪري ملي، ته تون پهريون پلو ڪم ڪهڙو ڪندين. جواب ۾ چيائين، ته سپ

ڪان پهريائين مان سپ اسڪول بند ڪري، استادن ڪي جيل اُماڻيندس.
اسان جي پڦي ڪنڌل ياد آهي جو هو زوار جتوئي جي گهر ڪٽ تي بيمار پئي هوندي هُئي ۽ ٺاڪ گرمي ۾ آلو ڪپڙو ڪري مٿان وجهندي هئي. ٻهراڙي ۾ ڪراڙو انسان وري ٻي اولاد ۽ مٿان بيماري جيئن اڌوهي ڪاٺ کي ڪائي ختم ڪري ڇڏي ٿي.

❖ هڪ ڏينهن پيرين اگهاڙو، جادو، بلاول ۽ علي محمد گوپانگ جي گهرن پرسان مال چاريندي، جڏهن مينهن پرائي پوک مان وراڻ لاءِ خوف مان وني ڀڳس تہ هڪ ڏڪهو ڪندو پير جي آڱرين جي پاڙ مان سڌو مٿي نڪري آيو. ائين جڻ هٿ سان لوهي سوئو لنگهايو ويو هجي. اُن درد ۾ ڪيترائي ڏينهن گهر ويٺو هئس جو گهمڻ سان سخت سور ٿيندو هوءِ ڪيترائي ڏينهن اُن زخم مان رت وهندي رهي.

❖ چاچي مبارڪ خان جي انتقال کان جلدي پوءِ، پراڻي باغ جي اوڀارئون ڪٻڙ واري نمبر پرسان جتي شير خان جو گهر هو، اتي مينهون پيا چاريون، تہ اوچتو هڪ وڇ وڃي پرسان واري کوهہ ۾ ڪري. سڀ ڳوٺ وارا ڀڄي آيا، ڏاڍا زور آزمايون، پر وڇير بہ وزن واري هُئي. اِن ڪاروائي دوران چاچو هوندل وڇير کي کوهہ اندر ڪريل ڏسي روئي ڏنو ۽ چوندو رهيو تہ ”مبارو پنهنجو ڀاڳ پاڻ سان کڻي ويو“. واقع هِن جي ڳالهہ وڏي معنيٰ واري هئي جو اُهي اڻ ڏڏيون مينهون ۽ انهن جا واڙا الائي ڪيڏانهن ويا. چاچي مباري خان جو ڀڳدار غوث علي فقير آهي، جنهن پنهنجي لاءِ مقبرو اڳوات ناهيو، جيڪو هاڻي تازو ڍهي پيو آهي پر فقير صاحب اجان پيو ٺو مستيون ڪري. چاچي مبارڪ جي پڳ غوث علي فقير کان ٿيندي استاد ذوالفقار علي کان لهندي وڃي فياض حسين کي پهچڻ واري آهي.

❖ رسولپور اسڪول مان جڏهن شام جو اِن ويران ڊوري مان اڪيلو ايندو هئس تہ رستي سان ڏاڍو ڊڄ ٿيندو هو. پوءِ شام جو مٿان ڪانوَ اڏامندا ساڳئي طرف ويندا هُئا تہ مان دل ۾ چوندو هئس تہ هي مون سان گڏ هلن ٿا ۽ منهنجا ساٿي آهن. بس دل کي ڏڍ ڏيڻو هوندو هو، باقي ڪانوَ ڪهڙي مدد ڪندا. جڏهن ڪانوَ مٿان نہ هوندا هُئا تہ مان وڏي آواز ۾ ٽُٽي ڦُٽي انگريزي ڳالهائيندو رهندو هئس. هونئن بہ مونکي انگريزي چڱي ايندي هئي ۽ دل ۾ پيو سوچيندو هئس تہ الله ڪري ڪو انگريز جيپ ۾ اچي هتي نڪري تہ اُن سان انگريزي

ڳالهايان. پوءِ هرويرون پيو ڪجھ غلط سلط جملا وڏي آواز ۾ پيو ڪسيندو رهندو هُئس. اجنبي ٻولي ڳالهائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هيو ۽ وڏي آواز سان اڪيلائي جو احساس ختم ٿي ويندو هو.

❖ مينگهو فقير مڊل اسڪول ۾ ادا ظفر علي خان سان گڏ ٻيا استاد، جهڙوڪ نظر حسين، عطا حسين ’فولادي‘، وفا نواز علي، ساعت علي، مهر علي، رحيم داد، علي محمد، محسن علي، ’محسن‘ ۽ ٻيا ڪيترائي استاد هوندا هُئا. رسولپور ۾ اسان جو مالوٽ الاهي بخش ڏاڍو خوش طبع هوندو هو. ٻنهي ڀائرن (رضا محمد) گڏجي پراڻي زماني ۾ پوري تعلقه ۾ پهرين ٽرائف موٽرسائيڪل (TRIUMPH Motor) ورتي، جيڪا اسان جي ڳوٺ ۾ ٻه ڪاهي آيا ۽ راڄن گڏجي هي هڪ نئون شاهڪار ڏٺو. رسولپور جو وڏيرو قادر بخش، هڪ معتبر شخص هو. سدائين ليڪڙ ٽوال ڪُلهي تي ڪٽندو هو ۽ پلا ڪپڙا گهٽو ڪري بوسڪي جا پائي وڏو پٽڪو ٻڌي پلوڙ گهوڙي تي چڙهي گهمندو هو. سندس پٽ حڪمت علي ۽ مالوٽ عبدالستار شايد گڏ پڙهيا هئا جو پاڻ ۾ ايتري ته مذاق ڪندا هئا، جو هڪ ٻئي جي منهن تان وينا پوندا گهروڙي ڏيندا هئا. ايتري سهپ هاڻي نه رهي آهي. هنن جي مذاق مان اسان ڏاڍو دل پشوري ڪندا هئاسون، ليڪن هاڻي اهي ڳالهيون ورجائي ڪونه ٿيون سگهجن، جو ايتري سهپ ڪونه رهي آهي. هڪ دفعي امڙ ۽ مان ڀچراهه جو رستو وٺيو، پيروسڻ پيڻ ڏانهن گهمڻ پيدل وڃي رهيا هئاسون ته پويان گهوڙي تي وڏيرو قادر بخش اچي رهيو هيو. هي جڏهن اسان وٽ آيو ته سڃاڻي گهوڙي تان لهي پيو ۽ امڙ ۽ مونکي چڙهڻ لاءِ چيو. امڙ گهڻو ئي انڪار ڪيو ليڪن وڏيري چيو ته حاجي مولانا عبدالرحمان جي ڌيءَ ڪي پيدل ڇڏي، اڳتي گهوڙي تي ڪونه هلندس. آخر ضد ڪان پوءِ، امڙ ۽ مان گهوڙي تي چڙهي پياسين ۽ وڏيرو ٻچراهه چوڪ تائين پيدل هليو. اهڙن ماڻهن جي شناس ڪي لک شاباسون هجن.

❖ مان جڏهن انجنيئرنگ جي پهرين سال ۾ هئس، ته ڪوڪل فقير بيمار ٿي پيو. هن سڄي عمر مال چاريو ۽ ڏکن ۾ گذاريو. ڪجھ پاڻ ننڍي هوندي، سخت طبيعت ۽ ڪاڙِڪو به هوندو هيو. سندس سڳڻ مامن سان ڪونه لڳندي هئس. ڪيس جڏهن TB جي مرض ورتو، ته قابو ٿي ويو. علاج وغيره ڪونه ٿيو. طبيعت جو ايترو سخت هوندو هو، جو ڪڏهن به مامن کي مامو ڪري نه پڪاريائين. اسان ڀائر جو پڙهي

پياسين، تہ ٿوڪون ڪري چوندو هو تہ رمز علي جا پٽ، ڪي ڪليڪٽر تہ وري ڪي ڪمشنر، هن جو ٿوڪون، قدرت الاهي سچيون ڪري ڇڏيون. (سبحان الله).

❖ هڪ دفعي مان ڄامشورو مان آيس تہ خبر پئي تہ ڪوڪل فقير سخت بيمار ٿي پيو آهي. مان پڇڻ خاطر ويم تہ همراهہ کٽ پيڙو هجي. مان کيس حيدرآباد کڻي هلڻ لاءِ ٻڌهن چيو تہ مون کي چيائين ”بابا توهان جي عزت ٿيندي جي ڪٿي هلندءُ.“ ايترو ڪمزور هجي، جو آواز بہ مشڪل سان پيو ڪڍي. پوءِ جيپ ڪرائي تي آڻي کيس حيدرآباد کڻائي ويس. غوث علي فقير ۽ صوبيدارو اسان سان ساڻ هُئا. حيدرآباد اسپتال مان چڪاس ڪرائي، ڊاڪٽرن مشورو ڏنو تہ هن کي ڪوٽڙي ۾ TB جي وڏي اسپتال ’ٽي.بي سينيٽوريم‘ ڪٽي وڃو، پوءِ اتان ٻن ٽن ڏينهن جي علاج ڪانپوءِ، هو نہ بچي سگهيو ۽ الله کي پيارو ٿي ويو، جتان هڪ جيپ ڪري سندس لاش ڳوٺ کڻي آياسون.

❖ هڪ دفعي گرمي ۾ منجهند جو فقير بڊل گهوڙي تي چڙهي اسان جي ڳوٺ آيو. گهرن جي اولهائون زمين ۾ مال چاريندي مان مليومانس، تہ چيائين بابا مان هتي توهان وٽ ترسندس، پوءِ سندس گهوڙي کي وڻ سان ٻڌي ۽ وڻ هيٺان پيل کٽ تي ويهي رهيو، پوءِ بابا ۽ امڙ وارا اچي ساڻس مليا. فقير سائين سان ڪچهريون ۽ حال احوال ٿيا پوءِ منجهند جي ماني ڪانپوءِ شام ڌارين گهوڙي تي چڙهي ڳوٺ روانو ٿي ويو. وڏن جي نظر ڏاڍي ڏکهي هوندي آهي. هاڻي خبر ٿي پوي تہ فقير سائين بابا وارن کي هڪ پلوڙ گهوڙي آڏياري بہ ڏني هُئي. هي ڪاري رنگ جي هئي ۽ ڏاڍا پند ۽ رلا هلندي هئي. امڙ جي ڏاڏي بيب نواز، فقير غلام حيدر گودڙيي جي سڳي ڀيڻ هئي، سو فقير سائين کي اهي پراڻا رشتا ياد رکڻ لاءِ اسان وٽان پيرو نہ پڇندا هئا.

❖ اسان جڏهن رسولپور ۾ پڙهندا هئاسون تہ واٽ تي فضل آباد واري مولوين جي پاسي سرڪاري زمين، پنجاب مان اچي، شفيع ۽ سراج الدين اوچتو روينيو کاتي مان زمين جي ڪٽت ڪري آباد ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. اسان جا مقامي ماڻهن رڳو اباڻي مليل ٻارن جي ٻنن کي سورڻ ۽ پنهنجي سوٽڻن ۽ عزيزن سان جهيڙن ۽ فسادن ۾ پاڻ کي کائي کپائي ڇڏيو آهي. هي ڪِتان جا ماڻهو، ڪٿي اچي غير آباد زمينون هٿ ڪري ڏينهن رات جي محنت سان ويراني ۽ ٻٺ کي گل و

گلزار ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا. مقامي ماڻھو ٻنن جي ويڙھ تي پيڙھيون در پيڙھيون وڙھندا رھن ٿا، ليڪن معاملن ۽ مسئلن جي حل، ڪَسُ ڪَسَر ڪائڻ، درگذر ڪرڻ، ڇڻ ڪين ڪنھن ڪونہ سيکاريو ھجي، سراج پنجابي، پنھنجي عمر جي آخري ڇيڙي ۾ بہ، مٽي تي ٽوڪري رکي يا گڏھ تي گدرا وڪڻندو نظر اچي ٿو. اسان جا مقامي ماڻھو ٽوپي پائي سڄو ڏينھن ھوٽلن تي ڏڪا کائيندي نظر ايندا.

❖ جڏھن AIT کان موٽي آيس تہ، پاڙي جي ملاحن، جيڪي نظر محمد، نور محمد ۽ شھمير وارن جي اولاد، جن ۾ وزير، علي ڏنو، حسين بخش، الاھي بخش ۽ وڪيل ملاح وارا شامل آھن تن مان وزير ۽ شھمير ملاح مون کي پنھنجي نئين ڪٽت زمين مان ٻہ ٻہ ايڪڙ وڪڻي ڏنا، پر دير سان خبر پئي تہ ڪاتو ڪنھن ٻئي جي نالي تي ڪرايو ويو. اھڙيءَ طرح ھنن ڪجھ زمين ظفر علي صاحب ۽ بھادر علي فقير کي بہ وڪڻي ڏني ھُئي. اُھا زمين جڏھن مون وٽ ھُئي تہ پاڻي نہ ملڻ ڪري غيرآباد ھوندي ھُئي، ليڪن وڪڻڻ کانپوءِ، ڏاڍي زرخيز ٿي وئي آھي.

❖ مان جڏھن نائين ڪلاس جو امتحان، گمبٽ ھاءِ اسڪول ۾ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيس تہ وقت ڏسڻ لاءِ واچ ڪونہ ھُئي، سو علي خان کان گھريم تہ ھن گھرڻ سان لاھي ڏني. سٽيزن ڪمپني جي واچ ھئي، جنھن امتحاني پيپرن دوران وقت ڏسڻ ۾ ڏاڍي مدد ڪئي.

❖ مان جڏھن سعودي عرب ۾ ھئس تہ پنجويھارو ڪن نوجوان ڇوڪرا ويزا تي رزق حلال ڪمائڻ لاءِ گھرايا ھُئا، جن ۾ ڊاڪٽر عطاالله شر، محمد سليمان شر، ڪريم بخش شر، قادر بخش، غلام علي، گلشن علي شر، شرف علي، نصرت علي شر، نظير احمد جمالي ولد خان محمد، رمز علي ولد بھادر علي فقير، غلام نبي شر، نصير احمد شر، ربڏنو شر، امام الدين شر ۽ ٻيا شامل ھُئا. سڀ جا سڀ الڙ ھُئا جو اتان جي ڪم جي معيار کان ايترو واقفيت نہ ھجڻ ڪري، اتي ڪم سيکاريو وَيُن، جنھن کانپوءِ ھو ڪم کان واقف ٿيا. پاڻ ۾ منافقت ۽ تعصب ڪري، اٽيٽت ۽ توري توري ڳالھ تان وڙھندا رھندا ھُئا. ڪم جي حوالي سان مرحوم محمد سليمان، ڪريم بخش ۽ ڊاڪٽر ڪجھ بين کان چڱا ھُئا پر پاڻ ۾ ويڙھ کان ھڪ ٻئي کي بچائي نہ سگھيا. ڊاڪٽر عطاالله، اداري جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر مقرر ٿيو. شروعات ۾ صفا اڻ مُڙ ۽ ضديرو ھوندو ھو، ليڪن جڏھن عمرو ۽ حج ڪيائين، تہ

پوءِ ڪل پيس، تہ ڪيترن ويهان سَوَ آهي. ان ڪان پوءِ تہ ڪيسي ۾ قرآن ڪنيون وتندو هو ۽ اچي ڏاڙهي تي اهڙو زور ڏنائين جو سندس شڪل منجي افغاني پناڻن جهڙي ٿي ويس. هڪ پيري تبوڪ شهر ۾ افغاني خوشبوءِ وڪڻڻ واري دڪان تي جڏهن چڙهيو، تہ دوڪان وارو هن سان پشتو ۾ شروع ٿي ويو پوءِ جڏهن جواب نہ مليس تہ ڦڪو ٿي، اردو ۾ حال احوال پڇيائين. ڊاڪٽر فيصلو تڪڙ ۾ ڪندو ۽ پوءِ پيو پڇتائيندو آهي. هر معاملي جي منفي پهلوءَ تي گهڻو لاڙو ۽ رَويو ڏيکاريندو. هڪ دفعي جنرل مشرف جي دور جي ڳالهہ آهي، تہ وزيراعظم شوڪت عزيز جي وقت دوران زبيدهہ جلال کي جنرل مشرف، وزير تعليم جو قلمدان ڏنو، جڏهن ڪنهن اخبار ۾ مشرف ۽ زبيده جي آڱرين ۾ پاتل مُندي ساڳئي شِڪل جي ٽِڪي تي سندس نظر پئي تہ چيائين هاڻي هي ٻئي جلدي شادي ڪرڻ وارا آهن. اِها شادي اڄ تائين عمل ۾ نہ آئي. بهرحال ڊاڪٽر هاڻي نمازي ۽ پرهيزگار ٻڻجي ويو آهي ۽ توهان سان هر مسئلي تي بحث ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار ملندو. ڊاڪٽر غريبن جو هڏڏوکي ۽ يارن جو يار آهي. منهنجي ڪئناڊا وڃڻ ڪانپوءِ، چاوٽي ۾ ڇيڪي نوجوان نوڪري ۾ رذل هُئا، تن اُنن ۽ ٻورن وانگر پوئتي ٽڻ جا مُنهن ڪيا، شايد ڪين شاهہ سائين جو نياپو، حيف تنهي تي ڦوءِ، وطن جن وساريو ياد اچي ويو هجي.

جمعي جو ڏينهن 31 جولاءِ 1987ع حج دوران مڪي شريف ۾ ايراني حاجين، آمريڪا ۽ اسرائيل جي خلاف سخت نعري بازي ڪئي ۽ سعودي سيڪيورٽي فورس ۽ نيشنل گارڊ، ايراني حاجين تي هلان ڪئي جنهن ۾ وڏو نقصان ٿيو. چار سَوَ کان مٿي ايراني حاجي ماريا ويا ۽ سوَين حاجي زخمي ٿي پيا. هي شيعا، سُني فساد ايران ۽ سعودي عرب ۾ 1925ع کان شروع آهي، جيڪو ختم نہ ٿو ٿئي. اِن ڪان اڳ ۾ بہ ڪيترائي ڀيرا اهڙي قسم جا فساد ٿي گذريا آهن ۽ هر دفعي حاجي شهيد ٿيندا رهندا آهن. ٻنهي ملڪن جي سربراهن کي، اِن معاملي تي گڏ ويهي سوچڻ گهرجي ۽ ننڍن وڏن مسئلن جو سياسي حل ڳولهي رفع دفع ڪرڻ گهرجي. حج جهڙي موقعي تي سعودي حڪومت کي بہ گهرجي، تہ ضيوف الرَحمان لاءِ نرم گوشو ۽ ورتاءُ رکن ۽ ايراني حاجين کي حج دوران سياست نہ ڪرڻ گهرجي. *سيپٽمبر 2015ع دوران حاجي جڏهن شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ وڃي رهيا هُئا تہ ڪافي ڀيڙ (Stampede) جي ڪري ڪيئي هزار حاجي هڪ ٻئي جي لتڙ ڪري شهيد

ٿي ويا. حاجين ڪي اهڙي موقعي تي صبر ڪان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ سعودي حڪومت کي گهرجي تہ اهڙن نازڪ گهڙين دوران خاص بندوبست ڪن تہ جيئن ڀيڙ نہ ٿئي. ان لاءِ مان سمجهان ٿو تہ وڏي، شيطان کي پٿرين هڻڻ لاءِ حڪومت کي گهرجي تہ ٻہ طرفو وسيع بجلي تي هلندڙ اسڪئليٽر مشين فٽ ڪن تہ، جيئن هر سال حاجين کي شهيد ٿيڻ کان روڪي سگهجي.

❖ ٺري شهر ۾ اسڪول جي ڏينهن دوران اسٽيج ڊراما رچايا ويندا هُئا، جن ۾ سنڌ جي ثقافتي پيار جي ڪهاڻين جهڙوڪ عمر ماروي، مومل راڻو، ليلا چنيسر جي ڪردارن کي انهيءَ روپ ۾ اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو هو. هي ڊراما شهر مان رفيق علوي، ظهير حيدر، انور شاهہ ۽ ٻيا گڏجي ڪندا هُئا. اسٽيج کي سهڻي نموني سينگاريو ويندو هو ۽ ڪافي شوقين انهن محفلن جو مزو وٺندا هُئا.

❖ مان جڏهن نوابشاهہ جي انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر (1978) هئس، تڏهن ٺري جي اريگيشن آفيس ۾ مسٽر لڇپت راءِ SDO هوندو هو. انهن ڏينهن دوران اسان جو خانواهہ مان نڪرندڙ ڪڙيو (16L) جنهنجو مُنهن واهہ مان بند جي اڌ حصي ۾ هجڻ ڪري ۽ پاڻي جو گسُ پوريل هجڻ ڪري، اٽپورو پاڻي ڪيندو هو. مان ڪڙيي جي واهہ مان پاڻي کڻڻ جي وسعت وڌائڻ ۽ ماڊول کي وهڪري جي مُنهن ۾ لڳائڻ لاءِ مسٽر لڇپت راءِ کي عرض ڪيو جنهن واهہ جي باندي دوران ماڊول کي اڳتي ڪاهڻ لاءِ اجازت ڏني ۽ اتان جي ڪئنال آبدار کي مدد ڪرڻ لاءِ پڻ چيو. پوءِ جڏهن واهہ جي باندي ٿي تہ مان سڀ ڳوٺ وارا وٺي ڪڙيي جو اڳيون ماڊول ختم ڪري واهہ جي وهڪري پرسان وڃي ڪاهيو، جنهن ڪانپوءِ اسان جون زمينون پوري طرح آباد ٿيڻ لڳيون ۽ پاڻي تي ٿيندڙ جهيڙا بہ ختم ٿي ويا.

❖ اسان جي ڳوٺ جا وساريل ڪردار، جانو موچي ۽ ساجن موچي بہ آهن، جن تپندڙ واري ۽ دوزخ جي باهہ جهڙي گرمي ۾ اسان جي وڏڙن جا جوتا ڳنڍي پئي ڪين پارايا. چاچو جانو موچي، قد جو ڊگهو رنگ جو پڪو، ڊگهي ڏاڙهي، هر صبح جو اچي گهر جي اڳيان نهيل ٿلهي جي هڪ ڪُنڊ وٽ ويهي، لٺ هٿ ۾، اکيون هيٺ ڪري، لسي ولوڙيندڙ چاچي صالحان کي چوندو هو تہ ”مائي صالحان جي ڏِين تہ ڏي نہ تہ هليا وڃون“. پوءِ لسي جا ڪجهہ ڍُڪَ سندس ٺِيي ۾ پئجي ويندا هُئا ۽ هو پويان پير ڪري ٻين گهرن مان لسي پني پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندو هو.

❖ عام طور شر قبيلي جا ماڻهو بهادر ۽ محنتي هوندا آهن. پنهنجو حق ڪنهن کي ڪائڻ ڪونہ ڏين، پر حق وٺڻ ڄاڻن ٿا. هن وقت تعليم عام هجڻ ڪري نوجوان نسل نوڪري پيشي ۾ دلچسپي رکي ٿو ٿري ميرواهہ جي شرن ۾ دليري ۽ حق سچ چوڻ جي حوالي سان رئيس بلاول خان، نواب الدين شر، محمد عيسيٰ خان، بهادر علي فقير ۽ ٻيا ڪافي سرفهرست رهيا آهن.

مولوين جي مار

عام طور مولوين کي عربي ۾، 'مُطوا' چيو ويندو آهي. انڊين انٽرنيشنل اسڪول ۾ جڏهن مائٽ پنهنجي ٻارن کي موڪل وقت وٺڻ آيا تہ ان وقت ظهر جي آذان اچي رهي هئي. مولوين يعنيٰ 'مطوا' جي هڪ گاڏي اچي بيٺي. انهن ۾ ٻہ مولوي ۽ هڪ سپاهي نمودار ٿيا. مولوي ٻارڙن جي انتظار ۾ بيٺل مائٽن کي چيو تہ نماز جو وقت آهي، توهان هتي ڇو بيٺا آهيو؟ وڃي نماز پڙهو. مائٽن چيو تہ اسڪول جي موڪل ٿيڻ جو وقت آهي، پنهنجي ٻارن کي وٺڻ آيا آهيون. بهرحال گهڻي بحث ڪانپوءِ مولوي سيني بيٺلن جا اقامہ نمبر نوٽ ڪري ڪين صبح جو سندس آفيس اچڻ لاءِ چيو. اِهي همراه صبح تي مولوين جي آفيس ۾ ويا تہ انهن ڪائن ٻيهر ائين نہ ڪرڻ لاءِ هڪ عهدنامو لکائي ورتو. آذان وقت ڪاروبار بند ڪرڻ جو حڪم جمع جي نماز لاءِ آيو آهي. ننڍڙن ٻارن کي سندن مائٽ پنج ڇهہ ڪلو ميٽر سواري ڪري پهچائن ٿا. اُهي آخر ڪيئن گهر واپس وڃن؟ تنهن ڳالهہ تہ مولوين کي صرف اهو اجبين جو اسڪول نظر اچي ٿو. عرب اسڪول ساڳئي وقت ڪليل هوندا آهن، جتي مولوي ڪونہ وڃن ۽ برٽش ۽ آمريڪي اسڪول ۾ مولوين کي وڃڻ کان ڊپ ٿيندو آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هتي ٽي مختلف قانون آهن، عربن لاءِ هڪ، غير عربن لاءِ ٻيو ۽ ٽيون وري يورپين لاءِ.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ رمضان مهيني ۾ هڪ سِکُ تبوڪ شهر جي بازار ۾ نماز جي دوران گهمي رهيو هو تہ اوچتو مولوين جي گاڏي اچي لنگهي. جن ڏٺو تہ هڪ ڊگهي ڏاڙهي وارو اجمي نماز دوران بازار ۾ گهمي رهيو هو، سو ڪين آسان شڪار نظر آيو، ڪانئس آڏا ٽيڏا سوال ڪري ڪٽي گاڏي ۾ ويهاري ويجهي مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ زور پريائونس. هن مسڪين کي عربي ٻولي نہ اچڻ جي صورت ۾ پنهنجو

مسئلو بيان نہ ڪرڻ ڪري ڏاڍي پريشاني ٿي.آخر انهن مولوين کي هڪ پاڪستاني ٻڌايو تہ هن جي ڊگهي ڏاڙهي ٿي نہ وجون، هي سِک ۽ غير مسلم هجڻ ڪري نماز ڪيئن پڙهندا. مولوين (مُطون) اهو ٻڌي ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ چيائون تہ هن جي ڊگهي ڏاڙهي ڏسي، اسان ان کي پڪو مسلمان سمجهي ويناسون.

ٻٽو معيار (Double Standard)

مغربي ملڪن ۾ هاڻ وي تي جيڪڏهن پرواري ڏيڏ (Lake) مان ڪو واٽڙو ڏيڏر بہ رستو پار ڪرڻ لاءِ ويجهو ايندو تہ اُن جي حياتي بچائڻ لاءِ سڄي آمدروفت بند ٿي ويندي ۽ ڪلوميٽرن تائين گاڏين جو قطارو نظر ايندو، جيستائين اُهو ڏيڏر آرام سان رستي جي ٻئي ڪناري ڪان اڳتي نہ هليو وڃي.

2004ع جي سيپٽمبر ۾، لنڊن جي پارليامينٽ هائوس (House of Commons) تي ڪجهہ احتجاج ڪندڙ پارليامينٽ بلڊنگ جي اندر، اُن حصي ۾ سيڪيورٽي ٽپي داخل ٿيا جتي اُن وقت اجلاس هلي رهيو هو. اهو واقعو انگلينڊ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو ٿيو آهي. احتجاج ڪندڙن جو مطالبو هو تہ لومڙيءَ جي شڪار(Fox Hunting) تي پابندي لڳائي وڃي، ڇو تہ ان جو نسل ختم (Extinct) ٿيڻ جو انديشو آهي. لومڙي جي نسل بچائڻ جي اهميت جو اندازو احتجاجين جي سيڪيورٽي رسڪ ڪٽي پارليامينٽ جي اندر داخل ٿيڻ مان لڳائي سگهجي ٿو. ليڪن اڪثر مسلم ملڪن ۾ ٻٽي معيار تحت،انساني خون بيدردي سان وهايو پيو وڃي پر ڪوبہ احتجاج ڪرڻ وارو ڪونہ آهي. اِن جو مثال ڪشمير، بوسينيا، ڪوسووو، فلسطين، شام، عراق ۽ افغانستان جي مسلمانن سان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍائي آهي.

مشهور آهي تہ غير مساوي ڳانڍاپا هميشہ هيٺي لاءِ هاڃيڪار هوندا آهن. ٻئي مهاڀاري جنگ کانپوءِ مسلمانن جي وچ ۾ اسرائيل کي آباد ڪري ان کي ائٽمي طاقت ناهڻ، هندستان کي ائٽمي طاقت حاصل ڪرڻ تي ڪائي واويلا نہ ٿي، ليڪن پاڪستان لاءِ ابتدائي ڪوشش ڪرڻ جي ڏوهہ ۾، جناب ذوالفقار علي ڀٽو،پنهنجي جان قربان ڪئي. جتي چاهين اُتي عوامي حڪومتن کي ذاتي مخالفت ڪري، فوجي ڊڪٽيٽرن جي وسيلي ختم ڪرائين. جمهوريت جا علمبردار سڏائي جمهوريت جو قتل

عام ڪرائڻ، سندن ڪبي هٿ جي راند آهي. انگريزن جي ”پاڻ ۾ ويڙهائي حڪمراني ڪرڻ (Divide & Rule Policy) ۽ آمريڪا جي ٻڌي ڪري حڪمراني ڪرڻ (Unite and Rule Policy) جي پاليسين، ترقي يافته ملڪن جي سربراهن کي مٿي ۾ سور وجهي ڇڏيو آهي. جتي مفاد آهي، اُتي جمهوريت ياد ڪونه ٿي اچي ۽ پنهنجن من پسند ماڻهن کي شهنشاهيت جي پڳ پڌرائي، ننڍن ٽُڪرن تي بادشاهت قائم ڪرايون وينا آهن ۽ سندن چوڪيداري جو نيڪو به ٻين کي نه ٿا سهن. جڏهن ڪين اقتصادي خسارو (Budget deficit) ٿيندو آهي، ته هڪ شُشِڪَر ڏئي، عربن کان تيل جو پئسو ڪسيو وجن يا وري اهڙا ايلچي علائقي ۾ پاليو وينا آهن، جو سندن مفادن جي حفاظت جا ضامن آهن ۽ عرب بادشاهن کي دڙڪا ڏيو ڊيجاري ڇڏين ته بابا اسان جي سئٽيلائيٽ ٻڌائي ٿي ته فلاڻو فوجي ساز وسامان سوڏو تنهنجي باردر تي اچي بينو آهي، مدد لاءِ اسان حاضر آهيون.

روس کي افغانستان مان ڪڍڻ لاءِ، جنرل ضياءَ کي جگري دوست ناهيو ويو ۽ بن لادن کي بي انداز طاقتور بڻايو ويو ۽ روس جي ڪم لهڻ کان پوءِ، ٻنهين سان ڪهڙو حال ڪيو ويو.

ايران عراق جنگ دوران، آمريڪا عراق جي حمايت ڪندي هر قسم جي مدد ڪئي ۽ ساڳئي وقت ڳجهي طرح پنهنجا فوجي هٿيار، ايران کي به وڪرو ڪيا، انڪري جو يهودن ۽ عيسائين جي ساڳئي پاليسي آهي جو ٻنهين ملڪن ۾ مرڻ وارا مسلمان آهن. ايران ۽ عراق ۾ نيوڪليئر جي منصوبي کي ڪڏهن به برداشت ناهي ڪرڻو، ليڪن اسرائيل کي ڪجهه به ناهي چوڻو، اهو ٻٽو معيار نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟

هن وقت ٽئين دنيا جي حالات مطابق ڪيترائي سياستدان ۽ ڪامورا رشوت وٺي پنهنجي ملڪن مان مني لانڊرنگ ڪري آمريڪا ۽ انگلنڊ ۾ وڃي پناهه وٺن ٿا، ليڪن مقامي حڪومتون انهن کي ڪجهه به نٿي چوي بلڪ انهن کي پنهنجي پناهه ۾ رکيو اچن ٿيون. جيڪڏهن اهڙي قسم جا ڪيس سندن ملڪ اندر ڪيا وڃن ته اهڙن سياستدان، ڪامورن کي سزا ڏيڻ کان ڪونه لهرائيندا، ليڪن ٻٽي معيار جو واضح اظهار ڪندي اهڙن رشوت خورن کي پناهه ۾ رکيو پيا اچن.

افسوس جو مسلمانن ۾ ٻڌي نه هجڻ ڪري، مسلم اُمه (Muslim Ummah) جي اپرندڙ طاقت کي پنهنجن جي گمراهي ۽ خيانت سبب ڄاڻي واڻي ڪمزور ڪيو پيو وڃي. ڇا مسلمانن جا اڳواڻ اِن لائق ٿيندا جو پنهنجا ويچا وساري، هڪ ’مسلم اُمه‘ جو بنياد وجهن، جهڙي طرح آفريڪا جي قومن جو اتحاد، يورپي يونين ۽ نيٽو جي ملڪن وارو اتحاد قائم آهي.

اجنبين سان امتيازي سلوڪ

عرب دنيا جي مقامي ماڻھن جي نظر ۾ دنيا ۾ صرف ٽي قوميتون آھن. سڀ کان وڏيڪ عزت وارو ’خواجہ‘ آھي، جيڪو يورپ يا آمريڪا جي نسل مان ٿئي ٿو، ٻئي نمبر تي مقامي عرب اچن ٿا ۽ ٽئين نمبر تي اُھي غير عرب اجمي آھن، جيڪي پاڪستان، ھندوستان، بنگلاديش، فلپائين وغيره مان آيل ھجن. مقامي ماڻھن جو سُلوڪ ٽنھين قسم جي نسلن سان مختلف ھوندو آھي.

- عرب دنيا ۾ عرب ۽ غير عرب وچ ۾ڪو سنو ورتاءُ نظر ڪونہ ٿو اچي، ماسواءِ يوروپين ۽ آمريڪن جي.بلڪ امتيازي سلوڪ (Discrimination) وڌندو نظر اچي رھيو آھي. اِن تفاوت کي روڪڻ يا اِن وڌندڙ ناسور کي دٻائڻ لاءِ، نہ ڪو قانون سازي جو عمل ۽ نہ وري ڪا اھڙي تنظيم (NGO) يا تحريڪ سامھون آئي آھي، جيڪا غير عربن سان ٿيندڙ زيادتين جو ازالو ڪري يا عوام کي آگاھي ڏئي ۽نہ وري ڪي اھڙا اقدام حڪومت اختيار ڪيا آھن.جن سان اِن نفرت کي گھٽ ڪيو وڃي. ان جو ھڪ سبب اھو بہ آھي تہ عرب اھو سمجھن ٿا، تہ ھي اجنبي ھِت اچي اسان جي وسائل ۽ روزگار تي لت ھنيون وينا آھن ۽ جيستائين اِھي ھتان نہ نڪرندا، تيستائين اسان وڏيڪ غربت ۽ بيروزگاري ۾ مبتلا ٿيندا رھنداسين. حالانڪ ھُو پاڻ محنت ڪرڻ جا ڪائل ڪونہ آھن، اسان وانگر ڪم ۾ سستي ڏيکارڻ، دير سان پھچڻ، ويھي رھڻ، مقرر وقت کان اڳ ڪِسڪي وڃڻ وغيره وغيره جون عام بيماريون گھر ڪري ويون اٿن.
- ھڪ دفع جي ڳالھہ آھي تہ ھڪ آمريڪي پنھنجي ڪمپني مان ھڪ اُردني ملازم کي قريبي آثار قديمہ ڏسڻ لاءِ شُونھون ڪري وٺي ويو، تہ اُتي مقامي بَدُو مکيہ دروازي تي چوڪيداري ڪري رھيو ھو، تنھن کي جڏھن اُردني، آثار قديم ڏسڻ لاءِ چيو، تہ ھُن صرف ’خواجہ‘ کي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني ۽ اُردني کي ٻاھر انتظار ڪرڻ جي ھدايت ڪئي، جيستائين آمريڪن فارغ ٿي واپس اچي. ھي عمل ڪيترو نہ دل ڏکائيندڙ ۽ ناروا آھي.
- بئنڪ يا ڪنھن ٻئي ھنڌ، جڏھن توھان قطار ۾ پنھنجي واري جو انتظار ڪندا ھوندا، تہ اوچتو بعد ۾ ايندڙ مقامي عرب ھيڏانھن ھوڏاھن نظر ڦيرائي ڏسندو تہ قطار ۾ ڪو خواجہ يا عرب تہ ڪونہ

بينو آهي، پوءِ قطار جو وچي اڳ وننڊو، جو 'رفيقن' کي هو اهميت ئي ڪونہ ڏين. اسلام ۾ اِن شئي جي اجازت ڪونہ آهي، ليڪن قرآن پاڪ ۾ جن پنجويهن پيغمبرن جو ذڪر آيو آهي، سيني جو تعلق بہ هِن ئي عرب خطي سان انڪري تہ آهي، جو هتي اصلاح جي سخت ضرورت هُئي، پر جي الله تعاليٰ هِن خِطي جي عوام تي اِهو رحم نہ ڪري ها، تہ پوءِ توهان خود اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ هتي ڪيتري نہ گهري اونداهي (Deep Darkness) هجي ها.

- شُرطه پوليس واقعي ايمانداري سان پنهنجي ڊيوٽي ڏيندا آهن، پر هڪ معاملي ۾ هميشهہ ڪوتاهي ڪندا آهن،جو عرب ۽ اجمي جي وچ ۾اگر ڪو حادثو ٿي پيو، تہ هو پاسو عرب جو وٺندا ۽ اَجمي تي هرو پرو بہ ڏنڊ رکندا، ڀلي غلطي عرب جي چو نہ هجي. اگر حادثي ۾ مقامي جي سَوَ سيڪڙو غلطي هوندي تڏهن بہ شُرطه توهان کي ڪيس معاف ڪرڻ لاءِ پيو زور ڀريندو. هڪ ڏينهن مصري جي گاڏي کي مقامي عرب جي گاڏي اچي لڳي، مصري اصل زبان هجڻ ڪري مقامي تي رُعب ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مقامي ڪيس ڇيو تہ تون جيڪڏهن پنهنجي ڳوٺ ۾ هجين ها، تہ هي حادثو پيش ڪونہ اچي ها. هاڻي تنهنجي غلطي آهي، پوءِ پوليس ۾ بہ مقامي ساڳيا اکر ورجائي مصري کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ آخر ۾ 'شرطي مصري کي معاف ڪرڻ لاءِ زور ڀريو، جيتوڻيڪ مقامي جي سَو سيڪڙو غلطي هُئي. شرطن جي شايد ڪا مجبوري يا ڪين هدايت آهي تہ ننڍڙن حادثن ۾ پنهنجن کي ترجيح ڏني وڃي يا وري ڪو ڏيٺ ويٺ ۽ سُفارش جو اثر ٿي سگهي ٿو.
- تبوڪ ۾ هڪ پاڪستاني گهٽي عرصي کان ليڊيز ٽيلرنگ جو دوڪان هلائيندو هو ۽ جراهہ ڪاريگر ليڪيو ويندو هو. ليڊيز ٽيلرنگ جا دڪانن تي پردا لڳل هوندا آهن ۽ دروازو بند رهندو آهي. عورتون پنهنجا نوان ڪپڙا سبائڻ لاءِ، درزيءَ سان رابطو هڪ دري ذريعي ڪيو ويندو آهي ۽ گراهڪ کي دوڪان اندر داخل ٿيڻ جي ضرورت ڪونہ پوندي آهي. پر جيڪڏهن بہ ٽي عورتون گڏ آهن يا فئملي آهي تہ پوءِ دڪان اندر وڃي سگهجي ٿو. شام جو ڪجهہ نوجوان ڇوڪرا سندس دڪان تي آيا ڪيس ڪپڙن جي ماپ وٺڻ لاءِ گهر هلڻ جو زور ڀريو،هو ساڻن گڏ ويو ليڪن

سندس واپسي بئي ڏينهن لاش جي صورت ۾ ٿي، جيڪو پوليس کي شهر کان ٻاهر، ’دُبا‘ شهر ڏانهن ويندڙ هاءِ وي جي هڪ پُل هيٺان مليو. سندس موت جو ڪارڻ معلوم ڪونه ٿي سگهيو، ليڪن اندازو شڪ سان لڳائي سگهجي ٿو ته شايد اِهو واقعو گراهڪ جي عورتن سان ڇيڙ ڇاڙ تان ٿيو هجي. (والله عالم).

❖ برڪت مسيح مون وٽ آب نڪاسي شعبي جو ملازم (Sewer man) هو. هڪ دفعي صفائي ڪندي ڪيس وڇون ڏنگ هنيون جنهن تي هو ڏاڍو پريشان ٿيو. مان ڪيس ايمبولينس ۾ چاڙهي، آرمي جي وڏي اسپتال موڪليو ته ايمرجنسي مان دوا وٺي، متان زهر وگهي مري نه وڃي. اسپتال ۾ پهچڻ سان انتظاميا هن کي داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جو هن جي اِن اسپتال ۾ سندس علاج جي حقداري (Entitlement) ڪونه هُئي ۽ هينئين قسم جي ملازمن لاءِ ننڍي اسپتال هُئي،جيڪا پري هجڻ ڪري، هن کي مان ويجهي اسپتال موڪليو ته ڪيس جلدي دوا درمل ملي وڃيس. اسپتال وارن هن کي دوا ڏيڻ کان انڪار ڪيو، مونکي اطلاع مليو ته مان وري سيڪيورٽي انچارج کي وائرليس ذريعي اطلاع ڏنو، ته اسان جي هڪ ورڪر کي وڇون ڏنگ هنيو آهي پر اسپتال وارا ڪيس دوا ڪونه ٿا ڏين. جيئن ته وائرليس ريڊيو، سڀ آفيسر ٻڌي سگهندا هُئا. جنرل شايع اهو نياپو ٻڌي فوراً سيڪيورٽي واري کي تنبيهه ڪئي ته جلدي پهچي ڪيس رپورٽ ڏئي. جنرل شايع جو وڏو رعب تعاب هوندو هو، جو هُن جو سڌو سنئون واسطو وزير دفاع سان هوندو هو. جنرل شايع ٿوري دير کان پوءِ، هاسپيٽل جي ڊائريڪٽر کي وائرليس ذريعي حڪم ڪيو، ته فوراً برڪت مسيح کي داخل ڪري دوا ڏني وڃي. ٿوري دير ۾ ڊائريڪٽر پڄندو آيو ۽ برڪت مسيح کي اسپتال جي مکيه دروازي تائين ڳوليندو اچي مليو، جنهن ڪانپوءِ ڊاڪٽرن کي هدايت جاري ڪئي، جو وڃي غريب جو علاج ٿيو. چوندا آهن ته اُٺ ۽ عرب گپ ۾ ڏٻرات جا ڏاڍا پاڙي ٿيندا آهن.

ڊاڪٽر مشتاق سومرو

ڊاڪٽر مشتاق احمد سومرو تبوڪ شهر ۾ طب واري ڪاتي ۾ ڊاڪٽر ٿي آيو. هو هاڻي لنڊن ۾ پيو ڊاڪٽري ڪري، سائين ڊاڪٽريءَ وارا وڏا امتحان ڏيندي وڃي آئرلينڊ پهتو، جتان اسان جي پراڻن حاڪمن يعنيٰ

انگريزن وٽ وجي پهتو. سائين پاڻ سڪرنڊ جا آهن ۽ ڏاڍا يار ويس ۽ سنڌي پرست آهن. سائي جن جڏهن آئرليند وڃڻ لڳا ته مون کي پنهنجي گهر جون چابيون ڏئي ايئرپورٽ روانا ٿيا. مان پوءِ گهر جو سڄو سامان وڪڻي ڪين پئسا آئرليند موڪلي ڏنا. ڊاڪٽر جي اسپتال تبوڪ شهر ۾ هُئي. سندن ملٽري اسپتال سان طب ڪاتي جو واسطو نه هجڻ ڪري هو صرف شهرين جي علاج معالج لاءِ مقرر هئا. ڊاڪٽر صاحب اسپتال ۾ عربي مريضن سان منهن ڏيڻ بابت ڳالهيون ٻڌائيندو رهندو هو. هڪ دفعي ٻڌايائون ته نوَن ڊاڪٽرن کي عربي ٻولي نه اچڻ ڪري شروع جي ڏينهن کان علاوه تڪليف ڪونه ٿئي جو عربي زبان ڪا ايتري ڏکي ڪونه آهي. پهرين ٽن مهينن ۾ بيمارين جون علامتون، مختلف بيمارين جا نالا ۽ رسمي عليڪ سليڪ جا چند جملا ياد ڪري ڇڏيا هئاسون. سعودي عرب جي اڪثريت ماڻهن جون شڪليون به اسان سنڌين سان گهڻو مشابهت ۾ اچن ٿيون. عربن جي لباس بدران جيڪڏهن سنڌي لباس پارائي، ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۾ گهمرائجي ته ڪين ڪير ڪونه سڃاڻندو ته هي عرب آهن. ساڳئي طرح اسان عربي توب، گُترو پائي گهمنداسين ته عام عرب به ڪونه سڃاڻي سگهندو، جيستائين وجي عربي ۾ گفتگو ڪجي. هڪ دفع هڪ عرب لباس ۾ ملبوس همراهه پنهنجي ننڍي پٽ کي ساڻ ڪري طبعيت ڏيکارڻ لاءِ آيو. عربيءَ ۾ حال احوال ڏنائين، ڇوڪري کي سخت بخار ۽ ڳلي ۾ سور هو. مون کي ڳلي جي سوج ۽ انفيڪشن هجڻ جي شڪ ۾ چڪاس لاءِ هٿ ۾ ٽارچ ۽ ڪاٺ جي پَٽي (Tongue Depressor) جهلي ڇوڪري کي وات کولڻ لاءِ چيو ته ڇوڪرو وات کولڻ کان ضد ڪئي، جنهن تي پٽس عربي ۾ دڙڪا سڙڪا ڏنس پر مجال آهي جو هو وات کولي. نيٺ آخر پٽس سنڌي ۾ ڇڙٻ ڏئي چيو ته ”چور‘ وات کول“ جنهن کانپوءِ ڇوڪري وات کوليو. کيس دوا ڏنم پوءِ حال احوال مان معلوم ٿيو ته هو اصل ۾ شڪارپور پاسي جا ڪاڪيپوتا آهن ۽ ڪيترن ئي سالن کان هتي آباد آهن. عربن کي گهڻي اهميت هجڻ ڪري، اجمي پاڻ کي عربن جي لباس ۾ لڪايو وتن.

ڊاڪٽر صاحب ٻيو واقعو هن ريت بيان ڪيو ته سعودي عرب جي عام ماڻهن ۾ ڪي ماڻهون تمام چڱا، يار ويس ۽ ملنسار ٿين. هڪ دفعي لوڪل فلائيٽ ۾ تبوڪ کان رياض ويندي تبوڪ ايئرپورٽ تي سيڪيورٽي چڪاس ڪرائڻ کانپوءِ لائونج ۾ جهاز لاءِ انتظار دوران،

اوچتو هڪ پوليس وارو جنهن منهنجي داخلا مهل چڪاس ڪئي هُئي، داخل ٿيو، منهنجي پرسان آيو ۽ چيائين تہ هيڏانهن اچو ٿورو ڪم اٿو. مان پريشان ٿيس تہ شايد هِن کي شڪ پيو آهي تہ مان ڪو دهشتگرد آهيان جو ٻيو دفعو چيڪ ڪرڻ آيو آهي. ويهہ قدم هلي لائونج اندر ڪنڊ ۾ موجود ڪيفي ٽيريا وٽ پهچي انکي ڪجھ پئسا ڏئي، مونکي چانهہ، بسڪوٽ ڪارايا. ڊاڪٽر ڪائنس پڇيو تہ مان توکي ڪونہ ٿو سُڃاڻان، تنهن تي اِن سپاهي چيو تہ تون ٻارن جو ڊاڪٽر آهين ۽ مان ٻہ ٽي دفعا توکي پنهنجا ٻار ڏيکاريا آهن ۽ ٻار جلدي ٺيڪ ٿي وڃن ٿا. هُن وڌيڪ ٻڌايو تہ هاڻي مونکي هِن سرڪاري لباس ۾ تون ڪونہ ٿو سڃاڻين پر مان عربي لباس ۾ هجان ها تہ تون سڃاڻي وڃي ها. تون هتي منهنجي ڊيوٽي دوران آيو آهين، تنهن ڪري تون منهنجو مهمان آهين، سو توکي چانهہ پيارڻ منهنجو فرض آهي.

قديم سنڌي عرب

آمريڪا جي ٽيڪساس صوبي جي هوسٽن شهر ۾، آمريڪي ڇٽيهين صدر ليِنڊن جي جانسن (1908-1973ع) جي نالي تي جانس اسپيس سينٽر (Johson Space Center) آهي، جيڪو 1961ع ۾ قائم ڪيو ويو. ان ۾ خلائي جهاز ناهڻ لاءِ تحقيق، ترقي ۽ تيار ڪري اُن کي آزمائڻ لاءِ تربيت ۽ سکيا ڏني ويندي آهي. هي مرڪز 1620 ايڪڙن جي وسيع ايراضي تي ڦهليل آهي، جنهن کي خلائي شهر ڪري سڏيو وڃي ٿو. هي منصوبو، پٺو صاحب وانگر، صدر ڪينيڊي (1917-63ع) جي سر آهي، جنهن کي چنڊ تي روس کان اڳ، ماڻهو پهچائڻ جو جنون چوٽي تائين چڙهيل هيو.

سعودي عرب ۾ اڌ صدي يا اُن کان اڳ آيل سنڌي گهراڻا ’السندي‘ قبيلي سان سڏيا وڃن ٿا ۽ هن وقت هو مڪمل طور مقامي عربن جي برابر جو مَانُ ۽ مرتبو پيا ماڻين. اسي جي ڏهاڪي ۾ حرم مڪ مڪرم جي پرسان ’السندي‘ نالي سان ڪجھ دڪان نظر آيا ۽ جدي ۽ مدينہ منوره ۾ بہ اِن نالي وارا دڪان موجود آهن. هڪ ڏينهن خيال آيو تہ دوڪان تي وڃي انهن سنڌين سان ملي اچان، جڏهن داخل ٿيس تہ اُتي ڪوئي بہ سنڌي ڳالهائڻ وارو ڪونہ مليو، البتہ سڀ عرب هُئا. معلوم ٿيو تہ هي، هتي تمام گهڻي عرصي کان آباد هجڻ ڪري پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت وساري ويٺا آهن. هونئن بہ سعودي عرب ۾، اهو عام رواج آهي تہ پراڻو رهندڙ

پاڪستاني توهان سان اردو يا سنڌي ۾ ڪو نہ ڳالهائيندو، بلڪ عربي ۾ پنهنجو حال احوال پيو ڏيندو، جيستائين وچي سندس لهجي کي نہ سُڃاڻجي. پنهنجي ٻولي ڳالهائيندي پراڻن رهندڙن کي شايد گهٻراهٽ ٿيندي آهي تہ متان سعودي عرب جي قوميت ملڻ ۾ ڏکيائي ٿئي. پاڻ کي احساس ڪمتري کان پيا بچائيندا رهندا آهن. قديم سنڌي قبيلن جي فردن سعودي عرب جي اقتصادي توڙي سماجي ماحول ۾ پاڻ کي ائين ضم ڪري ڇڏيو آهي، جو هاڻي توهان کي ڪوئي فرق نظر نہ ايندو. تعليمي ميدان ۾ قديم سنڌين، مقامي ماڻهن کان بہ گوءِ کٽي ورتي آهي.

رياض مان نڪرندڙ انگريزي اخبار، ’عرب نيوز‘ جي جون 11، 1999ع جي شُماري ۾ مديني جي هڪ ليکڪا مسز نورالخريجي هڪ السنڌي عورت حيات ’سنڌي‘ جي اعليٰ تعليم پرائڻ ۽ سندس ڪاميابي بابت لکيو آهي، تہ سعودي عرب جي حيات السنڌي جنهن انگلينڊ مان بايو ٽيڪنالاجي (Biotechnology) ۾ ماسٽرس ۽ ڊاڪٽريٽ (Ph.D) جون ڊگريون اعليٰ معيار سان حاصل ڪيون آهن، جو ڪيمبرج يونيورسٽي (Cambridge University) جي انتظاميہ، هِن جي غير معمولي ذهني صلاحيت جي مد نظر، ساڳئي يونيورسٽي ۾ ڪيس پروفيسر ڪري رکيو آهي.

مس حيات سنڌي تحقيق ڪري هڪ گهڻ زاويہ پروب (Multipurpose Probe) ايجاد ڪرڻ جو ڪارنامو سرانجام ڏنو، جيڪو فارماڪالاجي ۽ بايولاجي جي ميدان ۾ هڪ اهم دريافت Break through آهي. اِن ايجاد جي حوالي سان، مس حيات السنڌي کي برطانيا جي هائوس آف ڪامنس (پارليامينٽ) طب ۽ باءِ لوجي جي شعبي ۾ صلاحڪار ڪري مقرر ڪيو. مس حيات السنڌي جي ايجاد بابت، آمريڪن آرمي ۽ ناسا (NASA) وارن ڪيمبرج يونيورسٽي سان رابطو ڪري، اِن ايجاد بابت معلومات وٺي ڏاڍي ساراهہ ڪئي ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ جتن پڻ ڪيا.

مس حيات سنڌي قرآن جي حافظ هوندي پوري طرح حجاب ۾ رهندي، وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي جنهن تي سعودي عرب ۾ عورتون تہ ڇا پر پوري دنيا جي مسلمان عورتون هُن جي اِن اعليٰ ايجادن ۽ ڪاميابين تي فخر ڪري سگهن ٿيون. حيات سنڌي جي دلي خواهش آهي تہ هوءَ جدي شهر ۾ ’بايو ٽيڪنالاجي سينٽر‘ (Biotechnology Centre) کولي مقامي ماڻهن جي خدمت ڪري.

آمريڪي خلائي پروگرام، ناسا (NASA) جي جانسن خلائي شهر (Space City) ۾ چيف سائنٽسٽ ڊاڪٽر ڪمليش لولا ۽ مشيني ماڻهن جي ماهر (Robotic

(Professionalist)، درخشان ميمڻ ٻئي سنڌي آهن، ڊاڪٽر ڪمليش اصلي شڪارپور جا آهن، ليڪن ورهاست دوران ٻڙوڏا، هندستان لڏي ويا جتان ڪمليش آمريڪا پڙهڻ ويو، جتان هن وجي ناسا ۾ نوڪري ڪئي. ناسا جي انساني تحقيق (Human Research) جي جان چارليس چيو آهي ته آمريڪا جو چنڊ تي انساني آبادي ٺاهڻ جو ڪو پروگرام ڪونه آهي، ليڪن مارس (Mars) تي مشيني ماڻهو (Robots) موڪلڻ جو ارادو آهي. ان لاءِ مس درخشان ميمڻ جيڪا ناسا ۾ مشيني ماڻهن جي ماهر آهي، تنهن جون خدمات ورتيون وينديون.

تَخليقي ذهانت جو ضايع (Brain Drain)

عرب سنڌي قبيلي جي، ميڊم حيات السنڌي جي ذهانت تي سوچيون ته الائي ڪيترن محققن ۽ قابل سائنسدانن هِن ٽئين دنيا جي ملڪن مان نڪري، يورپ ۽ آمريڪا کي وجي آباد ڪيو آهي. جنهن ڪري مغربي ملڪن ۾ سائنس وڏي ترقي ڪئي آهي ۽ انسانذات لاءِ وڏي خدمت جو باعث پڻ بڻي آهي. اسان اُنهن جي ڪيل سائنسي ايجادن جي روشنيءَ ۾، رهنمائي وٺي جاکوڙي ۽ وسيلا پيدا ڪري، ترقي جي راهه هموار ڪرڻ جي بجاءِ، راهگير تي صرف عجب تماشو ڏسڻ ۾ پورا آهيون. اسان نه صرف پنهنجي ڪلچر کي پر تعليم کي به مغربي طرز تي پيا ڦيرايون گيرايون. اسان سان ته جيئن ڪانوَ مور جو هلڻ پئي سکيو، پر پنهنجو هلڻ به وساري وينو، واري ڪار پئي ٿئي .

اسان جا ڪرتا ڌرتا ۽ حڪومت وٽ ايترو وقت ئي ڪونه آهي جو مقامي ادارن ۾ مغربي جي ملڪن جيان تحقيق لاءِ سهولتون مهيا ڪن جو اسان جا ذهين ٻار ٻاهرين ملڪ وڃڻ جي بجاءِ، پنهنجي ملڪ اندر ايجادون ڪن. پر بجاءِ ان جي جڏهن اسان جا ٻار ٻاهرين ملڪن ۾ اعليٰ ڪارناما سارانجام ڏين ٿا، ته اتان جي ادارن، اُنهن کي وڏين سهولتن سان گڏ، پڪي نوڪري ڏئي، انهن کي هميشه لاءِ قابو ڪيو ڇڏين. اهي ذهين نوجوان واپس اچڻ جي صورت ۾، هتي بيروزگاري ۽ مناسب سهولتن جي عدم موجودگي ڪري پريشانين جو شڪار تي وڃن ٿا ۽ ٻيو هڪ وڏو مرض اهو به آهي ته اسان جي ملڪ ۾ معيار يعنيٰ ميرٽ جي لتاڙ، ڪرپشن ۽ سُفارش ادارن ۾ انڌن ۽ نااهل ماڻهن کي ڀرتي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ذهين ماڻهن کي مايوس ڪري، ڪين انڌن جي قطار ۾ ٻيهاري ڇڏيو آهي. اِن کان علاوه، ذهين نوجوانن کي اولهه جون ڇوڪِريون وافر انداز

۾ شادي لاءِ ملڻ جي صورت ۾ سندن گھر نھيو وڃي، جنھن ڪري ھنن جو ھتان جي ثقافت سان ناتو ٽٽي وڃي ٿو. اسان وٽ ڪارو ڪاري واري معاملي کان ھر ھڪ پيو ڊڃي.

ترقي پذير ملڪن جي غير معمولي ذھني صلاحيت جي اِن وَھُڪري مان، مغربي ملڪن کي وڏيڪ فائدو رسيو آھي، جو اُتي تحقيق ۽ تخليق (Creativity) جو عمل تيز ٿي ويو آھي.

مسلم دنيا جي تخليقي صلاحيت رکندڙ نوجوانن جو ھر سال گھٽي انداز ۾ اعليٰ تعليم جي بھاني مغربي ملڪن ڏانھن ويندڙ وھڪري تي غور فڪر ڪرڻ گھرجي ۽ انھن جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، سندن واپسي لاءِ راھ ھموار ڪرڻ، حڪومت جي اقتدار ۾ رھندڙ ٽولي جو ڪم آھي ورنہ اھي قومون عدم تحقيق ۽ ترقي (Research & Development) جي ڪري پنھنجي موت مري ويندیون ۽ اسان جا اِھي کوکلا نعرا ھٹڻ وارا ڳوليا بہ ڪونہ ليندا. اسان جي اعليٰ ذھنيت جو فائدو، غير وٺيو پيا وڃن جن تربيت ۽ تعليم تي ھڪ پيسو بہ خرچ نہ ڪيو آھي. اِھو سوچڻ جو مقام آھي.

ھن وقت آمريڪا، مغربي ملڪن ۽ آسٽريليا وارن اھڙن تخليقي ذھانت رکندڙ نوجوان ڊاڪٽرن، انجنيئرن جيڪي پنھنجن ادارن ۾ ٽاپ پوزيشن ۾ اچن ٿا، انھن کي پاڻ وٽ گھرائڻ لاءِ مختلف امتحان جھڙوڪ، TOFEL ۽ IELTS, AMC, PLAB, USMLE, SAT مشروط ڪري ڇڏيا آھن. ھي ھڪ اھڙو عمل آھي، جھڙي طرح پروڻ مان اٺو ڇاٽي ڪٽي وڃجي ۽ مالڪن کي پروڻ ۾ رُڪيل ڇاڻ موٽائي ڏجي. اھڙي چالاڪيءَ مان ائين ٿو لڳي تہ مستقبل ۾ ڪو قابل ڊاڪٽر بہ ھت ڪونہ ملندو.

اسان جي تخليقي ذھن رکڻ واري اولاد کي گھرجي تہ ھو پنھنجي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ واپس وطن موٽي اچن ۽ پنھنجي ڌرتيءَ تي رھندڙ ماروئڙن جي خدمت ڪن تہ جيئن سندن محرومي ۽ مايوسي مِٽجي ۽ ھو پنھنجي پيرن تي بيھي مشڪلاتن کي مُنھن ڏئي سگھن. حڪومت کي گھرجي تہ مناسب سھولتون پيدا ڪن، جيئن واپس ايندڙن کي تحقيقي ۽ تخلُيق جي عمل ۾ تيزي آڻڻ ۾ مدد ملي.ان ۾ اسان جي قبيلي جي ھڪ فرد محترم ڀائي خان شر پڻ آمريڪا جو گرين ڪارڊ ڇڏي ھڪ ڪارنامو ضرور ڪيو آھي، پر ڏسڻ اھو ڪپندو تہ اِن مان ھي ملڪ ڪيترو فائدو حاصل ڪري سگھندو.

اعليٰ ذهنيت جي محققن، سائنسدانن ۽ ڊاڪٽرن جي نقل، لڏپلاڻ کي اگر نہ روڪيو ويو تہ پوءِ هي صرف گونگن، ٻوڙن ۽ فقيرن جو ديس سڏايو ويندو، جنهن کي قابض قوتون اچي قبضو ڪري ويهي رهنديون ۽ هڪ غلاميءَ جي نئين دور جو آغاز شروع ٿيندو.

مسلمانن جي علمي ۽ تحقيقي عروج ستين صدي کان شروع ٿيو، جيڪو نائين صدي جي شروعات ۾ هارون رشيد جي خلافت (786-809ع) تائين قائم رهيو، جنهن دوران بَابُ الحِڪمَت جو وجود ٿيو. انهن سائنسي تحقيق جي اعتراف ۾ ڊاڪٽر رابرٽ (1876-1948) پنهنجي سَوَ سال 1919ع پراڻي لکيل ڪتاب “The Making of Humanity” جي باب نمبر ستين ’دارالحِڪمت‘ ۾ ڪولي وضاحت سان بيان ڪيو آهي تہ قرآني تعليم ئي سائنسي علمن کي پيدا ڪيو آهي، جنهن ۾ عرب مسلمان سائنسدانن جو عظيم ڪردار آهي. ’الجامع‘ عربي ٻوليءَ ۾ ان جو ترجمو يونيورسٽي آهي، جيڪو پوري يورپ ۾ رائج ٿيو. مسلمانن جي يونيورسٽين (جامعات) کان اڳ University لفظ جو ڪو وجودئي ڪونہ هو.

ترُڪن جي حجاز ريلوي (Hijaz Railway)

تبوڪ شهر ۾ هڪ پراڻي ريلوي اسٽيشن موجود آهي، جيڪا بلڪل ڦٽل ۽ لوهہ جي ديوار اندر آثار قديم وانگر محفوظ ٿيل آهي. ريل جون پٽڙيون ۽ هڪ اسٽيل هينگر وانگر مسافرن لاءِ ڇانو جو ڇپوٽرو پڻ ٺهيل آهي. اِن ريلوي جون اسٽيم انجن (Steam Engine) ۽ ڪجهہ بوگيون يعنيٰ گاڏا، مان شام جي دمشق (Damascus) شهر ۾ چوديواري اندر محفوظ ڏٺا، جيڪي ماڻهن جي ڏسڻ خاطر اڃان تائين رکيل آهن. عربي ۾ ريل کي ’قنطار‘ چيو ويندو آهي، جيڪو سنڌي ۾ قطار لفظ جو بگاڙ پيو محسوس ٿئي.

منهنجي ڪاتي ۾، هڪ ترڪ سپروائيزر مسٽر نورالدين ڪم ڪندو هو، ان کان جڏهن اِن ريلوي بابت معلوم ڪيو تہ هڪدم بي قابو ٿي چوڻ لڳو، تہ اِن ريل جي لوهي پٽڙين ۽ شهتيرن جو اسان (ترڪي) اڃان تائين قرض ئي ڪونہ لاٿو آهي ۽ انگريزن جي موڪليل ايلچي، مسٽر لارينس (Mr. Lawrence) عربن کي ڏوڪڙ ڏئي، اِهي پٽڙيون ڪڍي اچلائي ڇڏيون ۽ ڪاٺ جا سليپر ساڙي ڇڏيا هئا.

اسلامي دنيا جي عثمامي سلطنت (Ottoman Empire) جو هي هڪ وڏو شاهڪار، ترُڪي جي سُلطان عبدالحميد (1876-1909ع) جي حڪم تي،

ترڪي جي شهر استنبول (قسطنطنيه، (Constantinople) ڪان شام جي دمشق شهر، اُردن جي اَمانَ (Aman) شهر، سعودي عرب جي تبوڪ شهر مان ٿيندي مديني المنوره کان مکي شريف تائين، دنيا ۾ ڊگهي ۾ ڊگهي ريلوي لائين، جيڪا تقريباً ٻه هزار ڪلو ميٽرن جو مفاصلو طئي ڪرڻ لاءِ، حاجين جي سهولت لاءِ، ويهين صدي جي پهرين ڏهاڪي ۾ اڏائي وئي. هِن ريلوي جي اڏاوت سان مهينن جو سفر ڏينهن ۾ طئي ٿيڻ لڳو. مسلم دنيا جي ٻيو وارن ملڪن ٻه، اِن مان وڏو اقتصادي فائدو حاصل ڪيو. حجاز ريلوي کي مسلم دنيا جي ٻڌي جي علامت (Symbol of unity) واري خواب جي تڪميل سان ڀيٽيو ٿي ويو، ليڪن اولهه جي ملڪن ان کي پنهنجي خلاف ڀوائتي بگهڙ وانگر تعبير ڪيو جو ان سان ڪين مصر جي سئيز ڪئنال (Suez Canal) کي ڪنهن اقتصادي نقصان ٿيڻ جو انديشو پئي محسوس ٿيو.

اُن وقت هِن منصوبي جو ڪاٿو ساڍا ٽي ملين ليرا لڳايو ويو. اِن منصوبي کي مختلف حصن يا ٽڪرن ۾ ٺاهيو ويو، جو اِهو ڪم گهٽي پاڳي جابلو علائقن ۾ ٿيڻو هو. جهڙي طرح انگريزن سنڌ اندر ريلوي جو پهريون حصو، 108 ميل ڪراچي کان ڪوٽڙي تائين 29 اپريل 1958ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فرير ڪم جي شروعات ڪئي، پوءِ ڪجهه عرصو ساهي پٽي اڳتي وڌيا، ان لاءِ ته درياهن ۽ واهن جي پلين پئسي سان گڏ وقت ٻه پئي ورتو. هي ڪم سنڌ ريلوي ڪمپني جي حوالي ڪيو ويو، جنهن لاءِ سَرِ چارليس نيپيئر جون ڪاوشون ساراهه جوڳيون آهن.

دنيا جي هِن ڊگهي ريل تي ترڪي، شام، اردن ۽ سعودي عرب کان علاوه روس جي اولهه وارين رياستن، جيڪي هاڻي آزاد آهن، آفريڪا جي اوپر واري ڪناري (Along the Red Sea Coast) جي ملڪن، لبنان، فلسطين، عراق، مصر ۽ يمن جي ماڻهن، مديني ۽ مکي تائين پنهنجو ڪاروبار ۽ سفر آرام سان پئي ڪيو. پهرين اسٽيم انجن، 1913ع ۾ استنبول جي اسٽيشن تان هلي ۽ پهرين مهاڀاري جنگ دوران انگريز دغاباز، مسٽر لارينس، اُنِ ريل جي پٽڙين کي چالاڪيءَ سان عربن جي ٿي هٿان ڪيرائي ڇڏيو، جو اِن ريل ذريعي جنگ دوران، ترڪ فوجن کي هٿيار موڪليا ويندا هئا ۽ ترڪي ان وقت جرمن هٽلر جو ساٿاري هو، جيڪو انگريزن ۽ اُن جي مددگارن (Allies) کي پسند ڪونه هو. عربن اِن سونهري موقعي جو فائدو وني، ترڪن جي مٿن حڪمراني کان نجات ورتي.

هن منصوبي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ حڪومتي خزاني ۾ کوٽ ٿيڻ ڪري حڪومت هر صاحب حيثيت حاجي تي هڪ ريال في حاجي جي حساب سان

ٽيڪس لاڳو ڪيو ۽ اندرون سلطنت ۽ ٻاهرين اسلامي ملڪن کي پڻ عطيو ڏيڻ لاءِ چيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ شاهه ايران پنجاهه هزار ليرا ۽ مراڪش جي بادشاهه ست لک پنجاهه هزار فرينڪس ڏنا، هن ڪم جي تڪميل لاءِ مدد ڪئي. ان کان علاوه بخارا، سنگاپور ۽ هندوستاني مسلمانن طرفان ڪافي انداز ۾ مدد ملي. هندستاني مسلمانن وڏي جوش ۽ جذبي تحت، هڪ لک ويهه هزار ليرا جمع ڪري موڪليا. اِن ريلوي تي هندستاني حاجين به مڪي کان مديني ۽ موٽ ۾ مڪي شريف عمري ۽ حج تي ضرور سفر ڪيو هوندو. انگريز حڪومت جي مخالفت هوندي به، هندستاني مسلمانن لڪي ڇُپي اِن خير ۾ مدد ڪئي، جو ڪين لک شاباسون هجن.

فرينچ حڪومت به اِن ريلوي جي اڏاوت ۾ گهٽائي رخنا وڌا جو ڪافي پر واريون ڪالونيون هنن جي حڪم هيٺ هونديون هُيون ۽ گهڻي عرصي تائين پنهنجن ماڻهن کي اِن ريل کي استعمال ڪرڻ کان منع ڪندا رهندا هئا.

سعودي عرب ۾ انگريزن جي ڀَڄَ تي بَدُو عربن، ريل جي ڪاٺ جا سليپر ڪڍي لڪايا ۽ باهه ۾ ٻاريندا رهيا ايترو جو اڄ به سعودي عرب ۾ ان ريل جو مختلف علائقن ۾ ڦٽل پٽڙيون ۽ پراٽيون نهيل ريلوي اسٽيشنون نظر اچن ٿيون پر هاڻي انهن جا وڃي نشان رهيا آهن، باقي شام ۾ اِن ريل جا ڪجهه حصا حڪومت هلائي رهي آهي.

هِن ريل جي نظام جو تباهه ٿيڻ عرب مسلم دنيا جو هڪ وڏو الميو ۽ ڏک ڀريو داستان آهي، جو غير مسلم دُشمنن کي خوش ڪرڻ لاءِ مسلمانن هٿان، پنهنجي گهر کي باهه ڏيڻ مثل آهي. لڪين حج جي سعادت تي ايندڙن ۽ عمري وارن ۽ بين عالمي سياحن کي ڪيترائي سال ڏکئي، خطرناڪ، خونخوار رستن تان سفر ڪرڻو پيو هوندو ۽ ڪيتريون ئي ڪين تڪليفون آيون هونديون، جن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي، جو قديم زماني ۾ مڪي کان مدينه وارو سفر ڌاڙن ۽ ڦُورن ڪري ايترو سلامتي وارو نه هوندو هيو.

مڪي شريف کان اَمانَ، دمشق ۽ استنبول تائين هڪ سَوَ کان مٿي ريلوي اسٽيشن جو تعداد هو ۽ 1920ع ۾ هن ريل جو آخري سفر ٿيو. حجاز ريلوي جي اڏاوت، 1900ع ۾ ترڪن، جرمن انجنيئرن جي مدد سان ڪئي ۽ هِن اڏاوت دوران جرمن، برلن کان بغداد تائين ريل لائين وڇائي، اُن تي فوجي ساز و سامان بغداد تائين پهچايو. دمشق کان مديني منوره

وارو حصو هڪ هزار ٽي سَوَ ڪلو ميٽرن تي مشتمل آهي، جيڪو پهرين سيپٽمبر، 1908ع ۾ جڙي راس ٿيو ۽ اُن تي اسٽيم انجن هلائي باقائدي مواصلاتي نظام بحال ڪيو جيڪو 1920ع تائين جاري رهيو.

هن ريلوي جي بيروت، دمشق واري 240 ڪلوميٽر واري حصي تي بيروت پرسان هڪ وڏو جابلو علائقو اچي ٿو، جنهن کي پار ڪرڻ لاءِ سرنگهه ناهڻ خاطر اُن وقت مشينري ۽ وسيلا نه هجڻ ڪري، ريلوي لائين کي جبلن مٿان هلائڻو پيو. اِها ڏکي چڙهائي پار ڪرڻ لاءِ ريل وچائڻ انجنيئرن لاءِ هڪ وڏو چئلينج هو، جيڪا جبل جي لاهي چاڙهي ملائي پنجٽيهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڦهليل هُئي. گاڏي بيروت کان دمشق تائين، 240 ڪلوميٽر نون (9) ڪلاڪن ۾ طئي ڪندي هئي، جن مان ٻه ڪلاڪ صرف جبل لبنان کي پار ڪرڻ ۾ سرف ٿيندا هُئا. ان چڙهائي ۽ لهائي واري مفاصلي ۾ معمارن ٻن پٽڙين (Rails) جي وچ ۾ هڪ ٽئين پٽڙي نصب ڪئي، جنهن ۾ ڏندا يا گراڙيون (Gears) لڳايون ويون، جن تي انجن جي وچ واري حصي مان هڪ اضافي ڦيٿو لڳل هوندو هو، جيڪو انهن گراڙين ۾ اچي لڳندو هو ۽ ريل جي پوري وزن جي ڇڪ کي اُن گراڙين وسيلي چاڙهيءَ تي آهستي آهستي مٿي چاڙهيو ويندو هيو ۽ ساڳئي طرح جبل جي هيٺائين (Down Hill) تي به ريل کي ساڳئي رفتار سان هيٺ لاٿو ويندو هو. ڪڏهن ريل جي اڳيان ۽ پويان انجٽيون هٽي، گاڏي کي اِن جبل جي ڏکئي چاڙهي پار ڪرڻ ۾ مدد ورتي ويندي هُئي. جبل جي چوٽيءَ واري اسٽيشن جو نالو عاليہ (چوٽي) ۽ دمشق ڏانهن ويندي لاهي جي ختم ٿيڻ واري اسٽيشن جو نالو مُعَلَق (ٽنگيل Hang) رکيو ويو.

امڙ جو ٻيهر حج تي اچڻ

چار سالن بعد (1988ع)، امڙ وري ٻيهر حج ڪرڻ جو مطالبو ڪيو، جڏهن آئون موڪل تي-آيل هُئس، جنهن کان مان انڪار نه ڪري سگهيس. مان سعودي عرب واپس اچي، عمري ويزا جي بدران زيارت ويزا لاءِ رياض جي اميگريشن آفيس ۾ ڪاغذ جمع ڪرايا، جنهن ۾ امڙ سان گڏ برادر ظفر علي خان جي ٻئي نمبر پٽ، مسٽر سردار ۽ هڪ ٻئي گهر ڀاتيءَ کي شامل ڪيو. وزٽ ويزا ٽن مهينن جي ڏيندا آهن ۽ ان ۾ اهو فائدو هوندو آهي ته سعودي عرب جي ڪنهن به شهر ۾ آزاديءَ سان رهي ۽ گهمي ڦري سگهجي ٿو، جيڪا عمري وِيزا ۾ سهولت نه آهي. عمري ويزا ۾ صرف جدي، مڪي ۽ مديني کان ٻاهر اچڻ وڃڻ جي اجازت نه آهي. انهن تي

ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ، هر ذڪر ڪيل شهرن جي ٻاهران، چيڪ پوسٽون لڳايون ويون آهن، تہ جيئن عمري وارا ٻين شهرن ڏانهن وڃي نہ سگهن. ڪراچي مان ٽن مهينن جي ويزا لڳرائي، امڙ وارا PIA ذريعي جدي ايئرپورٽ پهتا. مان پنهنجي فئملي سميت تبوڪ مان ڪار ذريعي اچي، انهن کي ڪٺي سڌو مڪي حرم پهچي عمرو ادا ڪيو. سڄي رات عبادت ڪرڻ ڪانپوءِ، جناب لاکو صاحب جي گهر مِنيٰ پرسان عزيزيا پاڙي ۾ وياسون، جتان نماز عصر ڪانپوءِ، مدينہ شريف روانا ٿي، مسجد نبي ۾ نمازون پڙهي ٻئي ڏينهن جبل اُحد ۽ مڪي شريف ۾ ٻيون زيارتون ڪري تبوڪ لاءِ، خيبر قلعي جي زيارت ڪندا تبوڪ پهتاسون. تبوڪ ۾ ٽن مهينن دوران صوبي جا مختلف شهر ۽ قديم آثار جهڙوڪ، حضرت شعيب جي بستي جنهن علائقي ۾ حضرت موسيٰ انن ڪان ڏهن سالن تائين ٻڪريون چاريون، ڳاڙهي سمنڊ تي واقع شهر ضُبا، هنگل، ينبوع وغيره گهميا ڦرياسين. جيئن تہ سندن ٽن مهينن جي وزٽ ويزا جو وقت حج شروع ٿيڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ختم ٿيڻ لڳو تہ مان ويزا جي واڌ لاءِ گورنر تبوڪ کي درخواست ڏني، تاريخ 8 ذوالحج تائين وڌرائي. جنهن کان پوءِ حج تي وڃڻ لاءِ مڪي ۾ داخلا جي آساني ٿي نہ تہ حج دوران صرف حج ويزا وارن کي اندر داخلا ملندي آهي ۽ وزٽ ويزا وارن کي حج جي اجازت نہ هجڻ ۽ نئين قانون تحت، مقامي ماڻهن کي هڪ حج ڪانپوءِ، پنجن سالن تائين حج ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي آهي. ان لاءِ جو ٻاهران ايندڙ حاجين کي رش ٿيڻ ڪري تڪليف ٿئي ٿي. اِن قانون موجب مان بہ حج نہ پيو ڪري سگهان جو گذريل سال منهنجو حج ادا ڪيل هو. ان لاءِ مڪي کان ٻاهران غير مسلم روڊ وٺي، لاکو صاحب جي آفيس پهچي، سندس گاڏي ۾ اُن خاص رستي ذريعي، ست ذوالحج کان اڳ مون کي مڪي اندر داخلا ڪرٽي هئي. هِن دفعي بہ مڪي شهر اندر داخلا هڪ معجزي کان گهٽ نہ هُئي، جنهن ۾ لاکو صاحب جي مدد شامل هئي. عورتن احرام تبوڪ کان وٺي پاتو هو ۽ مان ۽ سردار مقرر ميڪات ’رابق‘ شهر مان احرام ٻڌو هو، جو اسان جو احرام رستي تي اهو ظاهر پيو ڪري تہ حج لاءِ پيا وڃون، جيڪو حج ويزا نہ هجڻ ڪري سيڪيورٽي مسئلو ٿي پئي سگهيو.

مِنيٰ ۾ لاکو صاحب سان گڏجي هڪ خيمو ڪرائي تي وٺي اُتي رهياسون ۽ انين تاريخ جي رات رهي فجر نماز ڪانپوءِ، ميدان عرفات روانا ٿياسون، جتي حج جو خطبو ۽ نمازون پڙهي پوءِ مُزدَلفہ لاءِ پيدل

نڪتاسين. امڙ پيدل حج ڪرڻ واري تمنا پوري ڪئي جو حج جون سموريون رسمون پيدل ادا ڪيوسين. الله قبول فرمائي، آمين.

مُزدَلفہ کان مِنيٰ پهچندي امڙ گُم ٿي وئي جو حاجين جي پيڙ تمام گهٽي هُئي. ڳولي ڳولي ٿڪجي پياسين ۽ جڏهن اسان مِنيٰ ۾ وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ روانا ٿياسون تہ شيطان پرسان پيڙ ۾ بيگم بہ نظر کان اوجهل ٿي وئي، جنهن مڪي وڃي طواف ڪيو ۽ پوءِ بس ۾ چڙهي عزيزيا ۾ لاکو صاحب جي گهر پاڻ پهتي، ليڪن امڙ کي ڳوليندي رات ٿي وئي. ڳولڻ ۾ لاکو صاحب ۽ لاشاري صاحب گهڻي مدد ڪئي ۽ آخر حرم جي زمزم واري حصي ۾ عبادت ڪندي ملي، جنهن کي رات جي آخري حصي ۾ مِنيٰ لاءِ وٺي آياسون. ڳولڻ ۾ ڏادي تڪليف ۽ پريشاني ٿي، جو حج ۾ هر طرف آدم ئي آدم پيو نظر ايندو آهي. سيني کي اهو چيل هوندو هو، تہ گُم ٿيڻ جي صورت ۾ زمزم جي کوهہ وٽ گڏ ٿيڻو آهي. اهو مشورو ڏاڍو ڪم آيو.

قربانيءَ ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن ٿي حرم وڃي طواف زيارت ۽ طواف وداع ڪري، ٽئين ڏينهن ٿي ٽنهي کي جده ايئرپورٽ تان ڪراچي لاءِ روانو ڪري، اسان مديني شريف روانا ٿياسين، جتي مسجد قُبا ۾ ظُهر جي نماز پڙهڻ ڪانپوءِ، مسجد نبوي ۾ عصر نماز ادا ڪري، تبوڪ لاءِ روانا ٿي وياسين ۽ اتي پهچي ڏاڍا شُڪر ادا ڪيا جو اُهو سڄو مرحلو خيريت سان پورو ٿيو.

جَسُ آهي سعودي حڪومت کي جو ٽيهہ پنجٽيهہ لک حاجين کي هڪ ئي وقت، هر سهولت مهيا ڪري ٿي، ڪنهن بہ قسم جي اٽاٽ يا ڪاڏي جي شين، توڙي مريضن لاءِ دوائن جي ڪوٽ وغيره ٿيڻ نٿا ڏين. الله تعاليٰ جزاءِ خير ڏين. حج دوران ايتري مخلوق کي هڪ محدود ميدان ۾ منظم نموني سان قابو ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونہ آهي. اسان وٽ جيڪڏهن پنج ڏهہ مهمان اچيو وڃن تہ هڪ وڏي پريشاني نظر ايندي آهي حاجي مختلف رنگ، نسل، ٻولي، ثقافت ۽ گهٽ جاڻ هجڻ ڪري، ٽولن ۽ هجوم ۾ گڏ رهي، حج جون رسمون ادا ڪندا آهن. انهن ۾ ڏکيا حاجي، آفريڪي ڪاري رنگ جا گهٽو ڪري، سوڊاني، صومالي، الجزائر، ڪينيا، نائيجيريا، اٿوپيا وغيره مان اچن ٿا. جيڪي قد جا ڊگها هڪ ٻئي جا هٿ وٺيو قطارن ۾ پيا گهمندا ۽ ضعيف العُمر ايشين جيڪي اڪثر قد جا ننڍڙا ٿين ٿا، جهڙوڪ، انڊونيشيا، فلپيني ۽ ملائيشيا وغيره، تن کي

لتاڙي، ڏڪا ڏيندا اڳتي هلندا ويندا آهن ۽ پنهنجي واري جو انتظار ڪون ڪندا آهن. اهو رَويو ۽ منظر، اسلامي تعليم ۽ پائيچاري جي برخلاف ۽ غير مُهذب ڏسي دِل ڏاڍي ڏکندي آهي. حاجين ۾ منظم حاجي ايراني، انڊونيشي ۽ ملائيشيا جا هوندا آهن، جن کي غالبن حڪومتن طرفان ڪين خاص هدايتون ۽ تربيتون ڏئي پوءِ حج تي موڪليو وڃي ٿو. خاص وري ڳالهہ اِها بہ آهي، تہ انهن ملڪن جا حاجي نوجوانيءَ ۾ حج تي اچن ٿا ۽ برعڪس پاڪستاني ۽ هندوستاني حاجين جي، جيڪي اڪثر ڪري جهور تي پوءِ هِن سُهاڻي سفر تي نِڪرن ٿا ۽ پوءِ ويندي يا موٽندي رستي يا سمنڊ جو ڪاج ٿيو وڃن. عبادت ۽ حج جواني سُونَ جي ڪاروبار مثل آهي پر ڪو اِن ڳالهہ کي سمجهي.

خيبر جو قلعو

اسان تبوڪ ويندي رستي تي خيبر جو قلعو ڏٺو، جنهن بابت مشهور آهي تہ هي شهر يهودين جو مرڪز هو ۽ هِن وقت بہ جنوني يهودي خيبر تي قبضو ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندا رهندا آهن. خيبر جو قلعو، خيبر شهر جي پرسان، مديني منوره کان 150 ڪلوميٽر اتر طرف تبوڪ ويندڙ پراڻي روڊ تي واقع آهي. جزيره عرب جي تاريخي گذر گاهہ اُردن، عراق، شام ۽ فلسطين سان واپاري ڳانڍاپا جوڙڻ جو هي واحد مواصلاتي مرڪز هو.

هي قلعو يهودين کان فتح ڪرڻ وقت حضرت علي رضہ الله جي مدد جي ضرورت پئي هئي. هي قلعو سو فٽ اوچي پهاڙي تي ناهيو ويو هو ۽ تقريباً ايراضي ۾ ڪوٽڏجي جي قلعي جيترو ٿيندو. هن قلعي ۾ تمام وڏو دَرُ نصب ٿيل آهي، جنهن تائين پهچڻ ۾ سَوَ کن ڏاڪڻ جا ڏاڪا پار ڪرڻا پون ٿا ۽ قلعي جي ٿلهي ديوار پٿرن جي اوساري مان ٺهيل آهي. قلعي اندر مختلف هال ٺهيل آهن، جيڪي ان وقت جي فوجي سازو سامان لاءِ استعمال ڪيا ويندا هُئا. قلعي جي ٻاهران اُونهي سر سبز وادي آهي، جنهن ۾ چؤ طرف ڪجين جا باغ موجود آهن. قلعي اندر دروازي جي ڪپي پاسي اونهو کوهہ موجود آهي، جنهن ۾ ڪافي گهرائي ۾ پاڻي نظر آيو، پهاڙ جي چوٽيءَ تان کوٽائي ڪري جَرَ تائين پهچڻ هڪ وڏو ڪارنامو ڏسڻ ۾ آيو. قلعي اندر فوجي ضرورتون مهيا ڪيون ويون ويندڙيون هيون، تہ جيئن جنگ دوران ڪنهن بہ شئيءَ جي کوٽ نہ پوي.

اسانجي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن مڪي مان هجرت ڪري آيا تہ مديني ۾ وسندڙ يهودي قبيلن کي اتان ڪڍيو ويو، جن ۾ بنو نادر قبيلو مشهور هو ۽ پوءِ اهي اچي خيبر جي تخلستان علائقي جنهن ۾ پاڻي سان آباد ٿيندي (OASIS) هئي، اچي ان ۾ پنهنجو ديرو ڄمايو. عرب جي جبلن وچ ۾ هي آسودو علائقو هجڻ سان گڏ ڪيترن ئي ملڪن ۽ وسندين جو رستو هجڻ ڪري، ڪاروباري اهميت جو حامل هو. بنو نادر قبيلي جا ماڻهو، پسگردائي ۾ وسندڙ عرب بدُن ۽ ڪالفن ۾ ايندڙ ٻاهرين ڪي، مديني ۾، اڀرندڙ اسلامي طاقت خلاف پيا ڀڙڪائيندا هئا. جيڪا ڳالهہ اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ۽ صحابن کي نہ وڻي.

ستين هجري، محرم مهيني مطابق، جون 628ع تي سورهن سَوَ مجاهد ۽ سَوَ کن گهوڙن سان مسلمان، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي سربراهيءَ ۾ اچي خيبر قلعي جو گهيرو ڪيو. يهودين جڏهن اسلامي لشڪر جو ٻڌو تہ سڀ (هزار کان مٿي) گڏجي پاڻ کي قلعي اندر حفاظت لاءِ ڪٺي محفوظ ڪيو. هن جنگ ۾ بيبي اُمِ سلمان زخمين جي ملم پٽي ڪرڻ لاءِ حصو ورتو. يهودين جو سردار مَرَحبُ هو، جيڪو مشهور زمانہ جنگجو ۽ ويڙهاڪ هو. حضرت علي رضہ سان ويڙهہ ۾ مارجي ويو، جنهن کانپوءِ ٻيا يهودي پاڙي ٿي پيا ۽ اِن لڙائي دوران سورهن کان ويهن وچ ۾ مسلمان شهيد ٿيا ۽ 93 يهودي ماريا ويا. يهودين جڏهن مسلمانن جي سچائي ۽ جوش ڏٺو تہ هٿين هٿيار ڦٽا ڪري نهراءُ ڪرڻ جي آڇ ڏني، جيڪا نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن قبول ڪئي. عهدنامي ۾ يهودن پنهنجي پوک پراهہ جي آمدني جِزيہ ڏيڻ ۽ مستقبل قريب ۾ ملڪ ڇڏي وڃڻ قبول ڪيو. نيٺ آخر حضرت عمر رضہ جي خلافت، 642ع ۾ کين ملڪ نيڪالي ڏني وئي. هن جنگ کٽڻ کانپوءِ ڪيترن پروارن عرب قبيلن اسلام قبول ڪيو ۽ ارڙهن مهينن جي قليل عرصي ۾ مڪي جي فتح ٿي. هن جنگ کانپوءِ، غير مسلمان سان رحم جوڳو ورتاءُ جزيہ ٽيڪس جهڙا قانون فافذ ٿيا.

شر قبيلي جو پهريون وڪيل

جيئن تہ منهنجو نوڪري وارو معاهدو سڌو سنئون رياض ۾ وزارت دفاع سان هيو ان ڪري هر سال 45 ڏينهن موڪل، ٻاتين لاءِ اوٽ موٽ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ملندي هئي. مان جڏهن موڪل تي پهريون

دفعو آيس، ته نري شهر ۾ هڪ ڪمرشل پلاٽ دڪانن لاءِ محمد يوسف جوڳيءَ کان ورتو جيڪو خاصو مهانگو مليو. اُن پلاٽ جي سروي نمبر ۾ وڪٽندڙ جي ڀائرن ۽ ڀينرن جو حصو هجڻ ڪري ۽ پاڻ ۾ اٽيٽت ٿيڻ جي بهاني، سندس ڀاءُ يا سوٽ، گمبٽ جي ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو ۽ ڪورٽ پلاري ٻئي ڌر کي بغير ٻڌڻ جي، ڪم روڪ جو حُڪمنامو (Stay order) صادر ڪري ڇڏيو. جنهن تي اڏاوت جو ڪم بند ڪرڻو پيو ۽ منهنجي موڪل جا ڏينهن پورا ٿيڻ تي پريشاني ٿي. آخر مان پنهنجي عزيز وڪيل جناب شهباز علي شر کي وڪالت لاءِ چيو، جنهن رجسٽريشن ۽ ٻيا الاهي سارا ڪاغذ مون کان صحيون ڪرائي ورتا. گمبٽ ڪورٽ تائين شايد هڪ دفعو گڏجي هليو پر اسٽي آرڊر برقرار رهيو. الله ڪري پاڪستان جي اسپتالن، ٿاڻن، ڪورٽن ۽ وڪيلن ۾ ڪم نه پوي. اِن وچ ۾ موڪل پوري ٿيڻ تي مان واپس هليو ويس ۽ وڪيل کي فون ۽ خط ذريعي ياد ڏياريندو رهيس، ليڪن هڪ سال گذرڻ ڪانپوءِ به وڪيل صاحب مونکي ڪورٽ مان ڪو ڪاغذ ڪونه آڻي ڏنو، جنهن ۾ ڪم شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنل هجي. آخر مان تنگ ٿي، وڪيل صاحب کي هڪ ڏکو خط لکيو، جنهن ۾ ڪيس ڏوراپا ڏنا. جو اڳوات في وصول ڪرڻ ڪانپوءِ به ڪم هڪ سال تائين نه ٿيو. اِن خط ۾ مان ڪيس مذاق ڪندي ايڊووڪيٽ advocate لفظ کي مُخفف (Abbreviation) سمجهي، اُن جي تشريح هينئن ڪئي.

Alluring Dubiously and Volunteering calculated terrifc ending

وڪيل صاحب مون تي ناراض ٿيو پر پوءِ معافي ڏيڻ تي راضي ٿيو ۽ ڪم به ڪرائي ڏنو. جناب شهباز علي شر کي نري ميرواھ جي شر قبيلي جو پهريون وڪيل هجڻ جو شرف حاصل رهيو آهي. هو هڪ مخلص ۽ شفيق انسان ٿي گذريو آهي.

مان جنهن هرڻ جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو آهي، اُهو به شهباز علي صاحب جن وٽ ڪنهن جج جو ٻيهاريل هو، جنهن مونکي رسولپور اسڪول ويندي ڊوري ۾ اوچتو اچي ڏيڄاريو هيو. شهباز علي ۽ استاد نظر حسين جي معرفت، خيرپور جي مسٽر محسن شاھ جي اوطاق ۾ انٽر پري انجنيئرنگ دوران رهايو هو. اوطاق ۾ چوويھ ڪلاڪ، ماتم، سيناڌني ڪرڻ ۽ مرثيا ڳايا ويندا هئا، پر مان هڪ ڪمري ۾ بند پنهنجي پڙهائي ۾ مشغول رهندو هئس. ڪڏهن مون کي به شامل ٿيڻ لاءِ گهلي ويندا هُئا پر هر وقت روئڻ ۽ وڏن آوازن ۾، پنهنجا بيت ٺاهي گڏجي پيا لاتيون لنوندا هُئا، جنهنڪري پڙهائي ۾ رُخنو ٿيندو رهندو هيو، ان جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

تبوڪ ڇانوڻيءَ ۾ پاڪستاني برگيڊ

1986ع ۾ سعودي عرب جي تبوڪ ڇانوڻيءَ ۾ پاڪستان آرمي جي هڪ برگيڊ، ٽن سالن جي مدي لاءِ هڪ خاص ٺاهه تحت آئي، جنهن ٽي سال گذاريا ۽ مُدي گذرڻ سان انهن جي بدلي، ٻئي برگيڊ موڪلي ڪئي وئي. برگيڊ ۾ تقريباً پنجن کان ست هزار، مختلف شعبن سان وابسته فوجي شامل هوندا آهن. برگيڊ جو برگيڊيئر جنرل انچارج هوندو آهي. اِن برگيڊ جي ڊاڪٽري شعبي ۾ گهڻا سنڌي آفيسر آيا ۽ ان کان علاوه ٻين شعبن جي آفيسرن سان ملاقاتون رهيون. اسان ٻه سعودي فوج سان گڏ پاڪستاني فوج جي ٻه خدمت ڪئي ۽ اُنهن ڪي مختلف گڏجاڻين ۾ دعوت ڏني، فوجي گڏجاڻين جهڙوڪ، پاڪستان ڊي، ٻڙا کاڻا، ڊفينس ڊي وغيره ۾ اسان ٻه شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي بهادر فوج ۾ شامل ٿي فخر محسوس ڪيوسين. اِن برگيڊ جو ڪمانڊر برگيڊيئر جهانگير ڪرامت صاحب هو، جيڪو نوازشريف جي حڪومت دوران چيف آف آرمي اسٽاف ٻه مقرر ٿيو.

جنرل رحيم الدين تبوڪ ڇانوڻي ۾ پاڪستاني برگيڊ جو معائنو ڪرڻ آيو ۽ سعودي هم منصب سان ٺاهه ۾ وڌيڪ هڪ سال اضافو ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي.

اسان جي فوجي آفيسرن ۾، ميجر سڪندر پناڻ، ڪئپٽن ڊاڪٽر خادم حسين جتوئي،ڪئپٽن ڊاڪٽر عبدالشڪور سهتو، ميجر عبدالرزاق ٻُگٽي ۽ ڪئپٽن ڊاڪٽر محمد اڪرم قريشي جيڪو ڪرنل ٿي تازو رٽائر ڪيو. ڪرنل محمد اڪرم قريشي صاحب جي ڊيوٽي هڪ شهزادي سان لڳي، جيڪو غالباً ڪرنل جي عهدي تي فائز هو. ميجر سڪندر جڏهن ٽي سال پورا ڪري موٽي وڃڻ وارو هو، ته ڪيس الوداعي دعوت ڏني وئي، جنهن ۾ فوج جا سڀ آفيسر شامل هُئا ۽ برگيڊيئر صاحب ٻه اِن پارٽيءَ ۾ شرڪت ڪئي. ميجر ٻگٽي ڪرنل جو عهدو ماڻي رٽائرڊ ٿيو. هڪ دفعي وزير دفاع شهزادو سُلطان بن عبدالعزيز فوجي مشقن ڏسڻ لاءِ آيو، جنهن ڪانپوءِ رات جي ڪاڌي جي دعوت ٿي ته پاڪستاني آرمي جو هڪ دستو ٻه شامل ٿيو. مان جڏهن انگريز انجنيئر آر.پي. آبري سان گڏ اُن پارٽي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ، اُن جاءِ تي پهتس ته آبري پري کان آرمي جي هن وينل ٽولي کي ڏسي چوڻ لڳو ته هي ڪتان جي فوج آهي، مان ڪيس چيو ته پاڪستاني فوج آهي. جيڪا هِن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندي، تنهن تي چوڻ

لڳو ته هي مقامي فوج کان سمارٽ آهن ۽ انگريز فوج سان مقابلو ڪري سگهن ٿا.

پاڪستاني فوج ۾ ڪرنل گُل جيڪو برگيڊ جي اسپتال جو ڪمانڊنگ آفيسر هو، ڪئپٽن ڊاڪٽر نظير جتوئي ۽ ڪئپٽن ڊاڪٽر خادم حسين جتوئي، جيڪو هن وقت پنو عاقل ڇانوڻي ۾ ڪمانڊنگ آفيسر آهي. ڪئپٽن ڊاڪٽر بلال، ڪئپٽن عبدالوهاب پناڻ (خيرپور)، ڪئپٽن مختيار احمد ۽ ڪئپٽن طارق (ڪراچي) جا نالا قابل ذڪر آهن. ميجر عبدالغفار به اِن دور ۾ تبوڪ ۾ ڊيپوٽيشن تي آيل هو. ڪئپٽن ڊاڪٽر شڪور سهتو صاحب جو ذڪر اڳ ۾ تي چڪو آهي، ليڪن سندس صوفياڻي طبعيت ۽ سادگي اهڙي هوندي هُئي، جو هڪ دفعي تبوڪ کان ڪراچي ويندي، سندس سُستي ۽ وقت جي اهميت جو قدر نه ڪندي، ذري گهٽ فلائيٽ مس ڪئي هُئي، جهاز مان ڏاڪٽيون لاهڻ وارا هُئا جو صاحب لائونج ۾ پهتو. ٻئي دفعي جي ڳالهه آهي ته پنهنجي سامان مان هڪ ڪارٽون تبوڪ ايئرپورٽ جي گيٽ پرسان وساري جهاز ۾ سُوار تي هليو ويو ۽ گهڻي وقت کانپوءِ جڏهن ايئرپورٽ سيڪيورٽي وارن کي اوپري يا ڪٽي ايئن ڇئجي ته هڪ اجنبي سامان ندڙڪو ڏٺو، ته اچي پريشان ٿيا ۽ سيڪيورٽي الارام وڄايا ويا. ڳالهه وڃي بم ڊسپوزل اسڪواڊ تي پهتي، جن کي گهرائي تسلي ڪيائون ته هن ۾ ڪو بم وغيره ته ڪونه آهي ۽ جڏهن ڪارٽون تي لکيل مالڪ جو نالو پڙهيائون ته کين خبر پئي ته فوج ۾ به ڪي اهڙا ابوجهه ماڻهو ڀرتي ڪيل آهن. جهاز جڏهن رياض ۾ پهتو ته هِن کي ڪٽي سُڪ ڪيائون، جنهن کانپوءِ مون کي فون ڪري اُن اوپري ڪارٽون کي ايئرپورٽ تان ڪٽي وڃڻ لاءِ چيو، جنهن تي عمل ڪرڻ کانپوءِ، اڏام پنهنجي منزل ڏانهن آسمان سان رمندي رهي. ڪئپٽن ڊاڪٽر خادم حسين جتوئي لاڙڪاڻي جا آهن. سائين سهڻي طبعيت جا مالڪ ۽ خانداني ماڻهو آهن. هن وقت سنڌ جي سيني ملٽري اسپتالن جي جوابداري سائين جي سر آهي ۽ ڪراچي مان جڏهن حيدرآباد ايندا آهن ته مڙيوئي ملڻ جي مهرباني ضرور ڪندا آهن. هن وقت برگيڊيئر جي عهدي تي فائز آهن. عبدالله نالي کين وڏو پٽ آهي، جيڪو پيٽارو ۾ پڙهي رهيو آهي.

هي برگيڊ پنهنجا ٽي سال پورا ڪري نومبر 87 کان واپسي جو پروگرام رٿيو، جنهن کانپوءِ ٻئي برگيڊ اُن جي جاءِ ورتي. برگيڊ جي تبديلي آرمي، C-130جهازن ذريعي ڪئي ويندي هُئي.

پاڪستاني برگيڊ اندر وڏو نظم ۽ ضبط (Discipline) ڏسڻ ۾ آيو. آرمي آفيسرن ۾ نماز جي پابندي ۽ اسلامي درس و تدريس جا سلسلا هلندا رهندا هُئا. لاهور جي ڊاڪٽر اسرار احمد، امير ’تنظيم اسلامي‘ جي درس جون ويڊيو ڪيسيٽون ڏيکاريون وينديون هيون، اهڙيءَ طرح مختلف مسجدن ۾ اسلامي تعليم تي ڪافي ڌيان ڏنو ويندو هو.

ڊاڪٽر اسرار صاحب، رمضان مهيني ۾ عمري تي آيو. مان بہ عمري تي آيل هئس، سو جڏهن لاڪو صاحب سان مڪي ۾ ملاقات ٿي تہ اُن ڊاڪٽر صاحب بابت ٻڌايو تہ هو اڄ فئملي سوڊو سندس گهر افطار لاءِ اچي ٿو. منهنجي ملاقات ڊاڪٽر صاحب سان ان ڏينهن ٿي، جنهن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي طائف ۾ سندس درس ٻڌڻ لاءِ لاڪو صاحب ۽ مان گڏجي وياسين. درس جو موضوع ’پاڪستان ۾ اسلامي انقلاب‘ بابت هو. درس ڪانپوءِ اسان ٻئي ڊاڪٽر صاحب کان موڪلائي مڪي لاءِ روانا ٿياسين.

شاهہ فهد جو تبوڪ ۾ اچڻ

10 نومبر 1987ع تي شاهہ فهد، تبوڪ جي دوري تي آيو، شاهہ جو هي پهريون دورو هو، جنهن ۾ يمن جي صدر صالح کي بہ هتي مدعو ڪيو ويو هو. شهزادي عبدالله جيڪو نائب اعليٰ آهي، سو بہ اُردن جي دوري کي ختم ڪري اچي تبوڪ پهتو. وزيردفاع شهزادو سُلطان جيڪو اڳ ۾ موجود هو، تنهن پنهي جي هوائي اڏي تي آجيان ڪئي. تبوڪ ۾ تمام گهڻي سيڪيورٽي ڪئي وئي. شاهہ فهد کي وزير دفاع، شهزادي سُلطان جي محل ۾ ترسايو ويو، جنهن جو پورو ڪنٽرول چانوڻي جي هٿ هيٺ آهي. شهزادو عبدالله ۽ يمن جي صدر جو هٿ پهچڻ ٻڌائي ٿو تہ ٻنهي پاڙيسري ملڪن جي حدن تي هلندڙ ڇڪتاڻ بابت ڪو صلح يا معاهدو ڪرڻو هو. بهرحال يمن جي صدر سان لڳاتار ٽي ڏينهن ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن صلح صفائي تي پهچي، هر ڪو پنهنجي گهر هلو ويو.

اِن دوران شاهہ فهد مقامي مختلف قبيلن جي سردارن کي گهرائي شاندار رات جي ماني کارائي ۽ ڪانئن مسئلن بابت پڇا ڪئي ۽ انهن کي حل ڪرڻ جا حُڪمناما جاري ڪيا.

وزير دفاع وطيران شهزادو سُلطان هتي ٻن ڏينهن کان ترسيل هيو، جو هِن کي ان اهم ميٽنگ ۾ حصو وٺڻ کان علاوه مهمانن کي آجيان ڪرڻو هيو. شهزادو سلطان کي اداري جي هڪ منصوبي جو افتتاح ڪرائڻ وقت

جنرل محمد الشايع اداري جي ملٽري آفيسرن ۽ انجنيئرن جنهن ۾ مان به شامل هئس، سيني سان تعارف ڪرايو. هن زيارت جي اختتام تي، معمول مطابق ملٽري ۽ سِولين آفيسرن ۽ ٻين ملازمن ۾ انعام ۽ اڪرام ورهايا ويا.

محمد خان جوڻيجو

جنرل ضياءَ پيپلز پارٽي جي نمائنده حڪومت کي مغربي ملڪن جي اشاري تي ختم ڪري مارشل لا نافذ ڪئي ۽ 16 ڪروڙ عوام سان واعدو ڪيو ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائي، حڪومت جون واڳون چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪندس، جيڪو واعدو يارهن سالن تائين وفا نه ٿيو. اِن کان پوءِ جنرل پنهنجي ڪرسي بچائڻ خاطر، شريعت جي نفاذ جي حوالي سان، مسڪين عوام تي ڪوڙا ۽ لنيون وسايون سي به سيني جي سامهون ۽ قوم جي اخلاقي جرئت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ڪرسي مضبوط ٿي ته شريعت جي نفاذ جي ڳالهه پوئتي اڇلي ڇڏي. ٻُڪئي شينهن جي ڏندن کي جو رت لڳو سو ڪتي تو شڪار کان مُنهن موڙي. جنرل ضياءُ الحق وري ٻيهر پنهنجي هٿان ٺوڪيل جمهوري حڪومت جو تختو اُونڌو ڪري وڌو جو وزير اعظم محمد خان جوڻيجو جي قومي اسيمبلي ۽ سڀ وزارتن کي پنهنجي هٿن سان اُجاڙي اُن وقت برطرف ڪيو جنهن وقت وزيراعظم چائنا، هانگ ڪانگ ۽ فلپائين جو دورو ختم ڪري، هوائي جهاز ذريعي پاڪستاني حدن اندر داخل ٿيو هو. اهڙو ملندڙ جلندڙ واقعو وزير اعظم نوازشريف ورجايو، جڏهن جنرل مشرف کي آرمي چيف جي عهدي تان هٽائڻ جي ناڪامياب ڪوشش ڪئي ۽ نتيجي ۾ نوازشريف پنهنجي وڌ وزارت وڃائي وينو ۽ ملڪ ۾ مارشل لاءِ لڳائي وئي. نوازشريف، آرمي جنرل جي نهيل ۽ آزمايل فارمولا کي، صحيح سمجهي نه سگهيو، جو اِها فارمولا آرمي جنرلن لاءِ نه، بلڪ سِولين لاءِ ڊزائين ڪري تيار ڪئي وئي هئي.

پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ، جنرل ضياءُ الحق وري ٻيهر جمهوريت کي بيوقوف ڪرڻ لاءِ قوم کي خطاب ڪندي اسلامي نظام جي نفاذ تي زور ڀريو ۽ واعدو ڪيو ته قليل عرصي اندر هو ملڪ ۾ شريعت نافذ ڪرڻ وارو آهي. ان سلسلي لاءِ عُلماءَ اسلام ۽ مذهبي ڪائونسل متفق ٿي شريعت جو مسودو تيار ڪرڻ ۾ مشغول هجڻ جو انڪشاف ڪيو.

پاڪستاني قوم سان هڪ نئون واعدو ۽ نئين نڳي ڪري پنهنجي اقتدار ڪي ديگهه ڏيڻ جو هڪ نئون بهانو ڳولي ورتو.

جنرل ضياءُ الحق جي نفاذ شريعت جي واعدي ڪانپوءِ ٻن مهينن اندر هوائي جهاز(Military Carrier C-130) جي اڏام دوران بهاولپور مٿان هوا ۾ جهاز جو ڦاٽڻ هڪ اهڙو معمو آهي، جنهن جي سببن جي اڄان تائين ڪنهن کي بہ خبر نہ پئجي سگهي آهي. جنرل ضياءُ الحق سان گڏ آمريڪي سفير مسٽر رافيل، آمريڪي ملٽري اتاشي ۽ پاڪستان آرمي جا ٻہ جنرل جن ۾ جنرل افضال ۽ جنرل اختر، پنج برگيڊيئر، اٺ ملٽري آفيسر ۽ چوڏهن جهاز جو عملو شامل هئا. اِهي سيئي بهاولپور ڇانوڻيءَ ۾ آمريڪي ملٽري ٽينڪ جي ٽپاس لاءِ اسلام آباد کان اچي رهيا هُئا. هن جهاز ۾ 38 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا، جنهن ۾ پاڪستان آرمي جي اعليٰ درجي جا جنرل (Top Brass) شامل هئا. جهاز ڪرڻ واري علائقي جي ماڻهن ٻڌايو تہ جهاز هوا ۾ ڌماڪي سان ڦاٽو ۽ پوءِ باهہ ۾ وڪوڙجي وڃڻ ڪانپوءِ هيٺ ڪريو جنهن جو ملبو (Debris) ڪلوميٽرن تائين ڦهليل هو.

غلام اسحاق خان، هڪ جهونو بيورو ڪريٽ، ملڪ جون واڳون سنڀالي 90 ڏينهن اندر چوندون ڪرايون، جنهن ۾ جنرل ضياءُ الحق جي هٽان لَٿيل حڪومت پيپلز پارٽي بيهر برسري اقتدار اچي وئي ۽ صدر غلام اسحاق خان بينظير کي حڪومت جو واڳون موٽائي ڏنيون. هي اُهائي پارٽي آهي جنهن جي سربراهہ جناب ذوالفقار علي ڀٽو کي جنرل ضياءُ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ڦاسي تي چاڙهيو هو، جنهن کي عام طور عدالتي قتل (Judicial Murder) چيو وڃي ٿو. وزيراعظم بينظير جي چونڊيل حڪومت کي، 6 آگسٽ 1990ع ۾ قومي ۽ عالمي سازشن تحت، صدر غلام اسحاق آئين جي انين ترميم جو سهارو وٺي ختم ڪيو.

پاڪستان سان ساڳيو کيل تماشو هلندو اچي. آخر هن ملڪ ۽ قوم جو ڪو خيرخواهہ ڪڏهن ظاهر ٿيندو جيڪو ملڪ اندر انصاف، امن،معياري تعليم، سٺي صحت ۽ ميرٽ جو ماڻُ متاهون ڪري. اسان جي بدقسمتي آهي جو اڪثر هر حاڪم چور دروازي کان اچي هن ملڪ ۾ مختلف تجربا ۽ واعدا، جهڙوڪ، ’بنيادي جمهوريت‘، هيٺئين سطح تائين جمهوريت، پيلي ٽيڪسي ۽ لئپ ٽاپ وغيره جهڙا اڻپورا خواب ڏيکاري هليا وڃن ٿا.

تبوڪ ۾ پاڪستاني اسڪول

تبوڪ شهر ۽ ڇانوڻي اندر پاڪستاني ملازمت پيشي يا ذاتي ڪاروبار ڪندڙ ڪافي تعداد ۾ پنهنجي خاندان سميت آباد هُئا. انهن جي ٻارن جي تعليم لاءِ تبوڪ ڇانوڻي اندر هڪ جرمن اسڪول جي بلڊنگ ۾ پاڪستاني اسڪول ڪوليو ويو هو، جنهن ۾ تقريباً 500 ٻار K.G کان اٺين ڪلاس تائين پڙهندا هُئا. استادن ۾ اڪثريت اُنهن عورتن جي هُئي، جيڪي ڇانوڻي ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جو زالون هيون ۽ ٻه مرد استاد به رکيل هُئا. اسڪول ۾ عورتن جي سياست ۽ پاڻ ۾ ڇڪتاڻ وڌي وڃڻ ڪري، ڪرنل شايع ناراض ٿيڻ لڳو. اسڪول ۾ سينئير استادن مان ڪنهن هڪ کي هيڊ مسٽريس ڪري رکيو ويندو هيو. اداري جو ڊاريڪٽر، جنرل شايع اسڪول جو سرپرست (Patron) طور ڪم ڪندو آهي ۽ اداري مان سندس مرضيءَ مطابق ڪن ٽن سينيئر ملازمن جي ڪاميٽي جوڙي، اُن کي اسڪول هلائڻ جي جوابداري ڏني ويندي هئي. اُن ڪاميٽي جو هڪ چيئرمين چونڊيو ويندو ۽ اِن ڪاميٽي کي اسڪول جي انتظام، سار سنڀال، هيڊ مسٽريس سان تعاون ذريعي ڪرڻ جو اختيار هوندو هو. هي هڪ خيراتي ڪم هو، هِن لاءِ ڪاميٽي کي ڪا پگهار وغيره ڪونه ملندي هئي.

جنرل شايع جڏهن محسوس ڪيو ته استادن وچ ۾ اڻبڻت ۽ ڇڪتاڻ وڌندي ٿي وڃي، ته هڪ ڏينهن مون کي گهُرائي اسڪول ڪاميٽي جو چيئرمين ٿيڻ لاءِ چيو ۽ مون کي اجازت ڏني ته مان پنهنجي مرضي جا ميمبر ڪاميٽي ۾ آڻيان، جو جنرل، اسڪول جي نظام کي سڌارڻ چاهي پيو.جنرل جو خيال هو ته هي پاڪستاني ڪميونٽي لاءِ هڪ وڏي سهولت هوندي هڪ تعليمي ادارو آهي، جنهن کي تباهه (بند) ٿيڻ کان بچائڻ ضروري آهي. مان اسڪول جي انتظام سڌارڻ لاءِ ڪيس ٽن ڏينهن ۾ رپورٽ ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

اِن اسڪول ۾ منهنجي بيگم ’رابع نياز‘ به استاد هُئي، جنهن ڪري مون کي هر مسئلي بابت بروقت رپورٽ ملندي هُئي ۽ ان جي حل بابت فوراً غور ڪيو ويندو هو. اسڪول جا فنڊ بئنڪ ۾ رکيل هوندا هئا ۽ پگهارون به چيڪ ذريعي ڏنيون وينديون هيون. هيڊ مسٽريس طرفان زيادتن ۽ چوڌراهٽ ختم ڪرڻ لاءِ سينئر استادن مان هر ڇهن مهينن لاءِ هيڊ مسٽريس جي تبديلي جو نئون نظام رائج ڪيو ته جيئن ٻين کي به اسڪول جي انتظام هلائڻ جو تجربو ٿئي ۽ ڪو ڪنهن سان زيادتي يا

چڪتاڻ نہ ڪري. پگھارون سندن تعليم / ڊگرين مطابق مقرر ڪيون، جو تعليمي سنڌون ڪافي استادن وٽ ڪوڙيون نڪتيون يا وري ڊگريون هنيون ئي ڪونہ، صرف سفارش تي رکيل هُيون. اسڪول بلڊنگ کي سرڪاري خرچ تي رنگ وغيره ڪرايو ۽ اندر هڪ سنو ٻارن جي کيڏڻ جو باغ ۽ اُن ۾ پينگھا چوڏيلون گِسڪٽيون (Slides) چيڪھلا (Sea Saw) لڳرايا. ان کان علاوهہ ٻيا بہ ڪافي اصلاحي ڪم ڪيا، جنهن ڪري اسڪول جو انتظام بهتر لڳڻ لڳو ۽ شڪايتون بہ گهٽجي ويون. ٻارن جي تعليمي معيار تي ڪافي ڪم ڪيو. لاهور مان ٻارن لاءِ درسي ڪتاب گهرايا. نوان تجربيڪار استاد مقرر ڪري، تعليم جي معيار کي مٿاهون ڪيو. هر سال، 14 آگسٽ تي اسڪول جي ميدان / باغ ۾ 'پاڪستان ڊي' ملهائڻ جو انتظام شروع ڪيو، جنهن ۾ ٻارن کان تقريرون ڪرائي انعام ڏيڻ، ڳائڻ وڄائڻ ۽ ٻارن کي مختلف ڊرامن ۾ حصو وٺڻ جا پروگرام شامل هوندا هئا. اِها هڪ رنگين رات هوندي هئي، جو ننڍا وڏا مزو ماڻيندا ۽ خوش نظر ايندا هيا. آخر ۾ هڪ ڊنر پارٽي ٿيندي هئي، جنهن ۾ مختلف کاڌا تيار ڪيا ويندا هئا. اِن پارٽي ۾ سعودي آفيسرن جي زالن ۽ ٻارن کي بہ مدعو ڪيو ويندو هو، جيڪي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا ۽ پاڪستاني رسم ۽ رواج کان واقفيت حاصل ڪندا هئا.

محمد عالم چنا دنيا جو ڊگھو انسان

1988ع جي حج دوران محمد عالم چنا (1953-1998ع) جنهن کي 1982ع ۾ دنيا ۾ ڊگھي انسان هجڻ جو اعزاز حاصل آهي ۽ 'گِنيس بوڪ آف ورلڊ رڪارڊس' (Guinness Book of World Records) ۾ نالو درج ٿيل آهي. سعودي عرب جي انگريزي ٽي.وي چئنل تي انٽرويو دوران هن کي ڏسي سعودي حيران ٿي ويا. ٽي. وي اينڪر پرسن مٿي ڪنڌ ڪري سوال پڇي رهيو هو، جنهن جو وري ايمبيسي اسٽاف جو مسٽر ظفرالله شيخ ترجمو ڪري سنڌيءَ مان انگريزي ۾ جواب ٻڌائي رهيو هو. هڪ سوال جي جواب ۾ هن ٻڌايو تہ هِن جو قد اٺ فوٽ ٽي انچ آهي ۽ هي سنڌ جو سپوت هجڻ ڪري مسڪيني حال ۾ زندگي گذاري رهيو آهي. جيڪڏهن هي ڪنهن مغربي ملڪ ۾ پيدا ٿئي ها، تہ هن جا وارا نيارا هجن ها.

حاجي محمد عالم چنا سنڌ جي سيوهڻ شهر جو رهواسي آهي، سندس قد ست فوٽ اٺ انچ رڪارڊ ڪيو ويو ھو ڪافي عرصو سيوهڻ جي لعل

شهباز قلندر جي درگاهه تي نوڪري ڪئي. 1998ع ۾ هن کي گُرڙدي ۾ تڪليف ٿيڻ ڪري ڪيس علاج لاءِ آمريڪا موڪليو ويو، جتي هو گذاري ويو. مڙهه سندس اباڻي ڳوٺ ۾ دفنايو ويو. هن 1989ع ۾ شادي ڪئي، جنهن مان هڪ پٽ اٿس. هِن کان اڳ دنيا جي ڊگهن انسانن مان هڪ ٻيو پاڪستاني مسٽر نصير سومرو، 1975ع دوران اِهو اعزاز حاصل ڪيو جيڪو پڻ سنڌ مان هو. هِن جو قد ست فوٽ ڏهه انچ هيو، هي پهريون پاڪستاني هيو، جنهن کي دنيا جي ڊگهن ماڻهن (Tallest man in the world) جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو هو. دنيا ۾ اڄ تائين ڊگهي ۾ ڊگهو انسان آمريڪن ’رابرٽ ويڊلو‘ Wadlow تي گذريو آهي، جنهن جو قد اٺ فوٽ يارهن ڏهائي هڪ انچ هو، جتي هيل تائين ڪوبه نه پهچي سگهو آهي.

اپريل 1985ع ۾ صدر جنرل ضياءُ الحق،اسلام آباد ۾ هڪ تقريب دوران اسٽيج تان لهي اچي محمد عالم چنا سان مليو، جنهن ڪانپوءِ چنا کي پريس ۽ اليڪٽرونڪ ميڊيا ۾ پذيرائي ملي. چنا 1984ع ۾ جپان جي ساڍن ڇهن فوٽن واري شهزادي مِڪاسا (Mikasa) سان به ملاقات ڪئي آهي.

هن وقت پاڪستان جو ٻيو سپوت مسٽر اعجاز احمد، پنجاب جي بکر ضلعي مان آهي، جيڪو 1976ع ۾ ڄائو ۽ هن جو قد ست فوٽ ڏهه انچ آهي ۽ پاڪستان ۾ ڊگهي هجڻ جو هو اعلان (Proclaim) ڪري رهيو آهي.

انجنيئر رچارڊ پال آبري

تبوڪ شهر ۾ واقع KAMC جي سار سنڀال ۽ توسيع لاءِ هڪ ’ادارو‘ جوڙيل آهي. اِن اداري کي هلائڻ لاءِ، شروع ۾ هڪ مقامي فوجي آفيسر جيڪو ڪرنل جي رتبي جي برابر هوندو هو، ان کي اِها جوابداري سونپي ويندي هئي، ليڪن ڪم جي وڌڻ ڪانپوءِ ۽ منهنجي هن اداري ۾ شموليت جي ڪجهه سالن بعد، اِن اداري جي ڊائريڪٽر (عربي ۾ مُدير) جي رتبي، ڪرنل مان وڌائي برگيڊيئر جنرل ڪري ڇڏيو. هن ڇانوڻي اندر سڀ سهولتون جهڙوڪ، بجلي سپلاءِ ڪرڻ، پاور هائوس هلائڻ، صفائي، پاڻي جي رسائي ۽ نِڪاسي آب، گهرن اندر گرمي ۽ ٿڌ (Heating & Air-conditioning) پهچائڻ سيڪيورٽي، هائوسنگ، روڊ رستن جي سُڌار-پاڻي جا فلٽر پلانٽ، گندي پاڻي کي صاف ڪرڻ جا پلانٽ، سيفٽي ۽ فائر فائيٽنگ، ايگريڪلچر ۽ باغن جي سار سنڀال، اداري جي هزارين گاڏين ۽ ڳوري مشينري (Vehicles & Heavy Equipment) جو ورڪشاپ، ٽيليفون

ايڪسچينج ۽ نيٽ ورڪ، سولر واٽر بئالرس، ملٽري گيسٽ هائوس، ميس ۽ شهزادي سلطان جي محل وغيره جي پوري جوابداري اداري جي مدير جي سپرد هوندي آهي. اِن اداري ۾ مختلف سهولتن ڪي هلائڻ ۽، اِنفرادي ۽ خود مختيار ڪاتا هوندا هُئا جن جو سربراهه فوجي ڪئپٽن يا ميجر هوندو آهي پر ڪن ڪاتن ۾ فني ڄاڻ جي ضرورت خاطر، قابل سربراهه انگريز انجنيئر ڪي مقرر ڪيو ويندو آهي، جهڙوڪ، پاور هائوس، بجلي جي نظام ۽ رسائي، پاڻي صاف ڪرڻ جا پلانٽ ۽ رسائي وغيره جا ڪاتا اِن ۾ شامل آهن. هر ڪاتي ۾ ڪيترائي شُعبا (Sections) هوندا آهن، جن جي نگهداشت، ٻين ملڪن جهڙوڪ، پاڪستاني، مصري، اُردني، لبناني، فلپيني ۽ هندوستاني انجنيئرن حوالي ڪئي ويندي آهي، جو انهن جون پگهارون انگريزي نسل جي انجنيئرن کان چار حصا گهٽ هجڻ سان گڏ ٻيون سهولتون، جهڙوڪ، رهائش، ميڊيڪل ۽ مواصلات ٻئي درجي جون ملنديون آهن.

ڪرنل شايع جيڪو جنرل جي عهدي تي ترقي ڪري رٽائر ٿيو، تنهن اداري ۾ بدلي ٿي اچڻ سان، يارهن پاڪستاني انجنيئرن کي فارغ ڪري، انهن جي جاءِ تي انگريز ڀرتي ڪري آندا، جن ۾ پاڻي واري ڪاتي لاءِ مسٽر رچرڊ پال آبري، جيڪو مڪينيڪل انجنيئر هو، تنهن کي سربراهه ڪري رکيو، ڏاڍو قابل ۽ سُني طبيعت وارو شخص هو. مان اِن ڪاتي جي واٽر ڊسٽري بيوشن سڪيشن جو انچارج ٿيس. ڏاڍي محنت ۽ ساراهه جوڳي اصلاح ڪئي، جنهن ڪري، مسٽر آبري منهنجي ڪارڪردگي ۽ قابليت بابت مختلف موقعن ۽ گڏجاڻي ۾ چيو "انجنيئر نياز منهنجي ڪمانڊرن مان هڪ آهي." مسٽر آبري سان گڏ ٽي سال ڪم ڪندي، ڪافي سکيو ۽ پرايو. سعودي عرب ۾ اسان جي پائرن ۾ هڪ وڏو عيب اهو آهي، جو هُو ٻئي قوم جي فردن سان ڏاڍي همدردي ۽ وفاداري سان پيا ڪم ڪندا، ليڪن پنهنجي هم وطنن جي پيرن هينان پيا مٽي ڪيندا آهن. پنهنجو آفيسر پلي ڪيترو چو نه قابل هجي، ليڪن هِنن کي وفا مقامي يا انگريز سان ڪرڻي هوندي آهي. مون وٽ هڪ سپروائيزر هوندو هو، سندس عجيب فطرت هُئي. هڪ ڀيري مان جڏهن اُتي نئون آيو هُئس ته مونکي چيائين ته مان فلان سعودي جنرل جو پٽ آهيان پر منهنجي ماءُ پاڪستاني آهي. اهڙي قسم جا نالائق ۽ نااهل ماڻهو،ڪم نه ڄاڻڻ جي صورت ۾ ٻه نمبري ڪندي ڪونه گهٻرائين. ان ڪري انگريزن کي خوش ڪرڻ لاءِ

پنهنجي گهران هو هر روز لذيذ سَموسَا، ڪَباب ۽ تريل مڇي وغيره پچائي مسٽر آبري کي کارائيندو هو. هڪ ڀيري مسٽر آبري مون کي چيو ته ’مسٽر نياز هِن جي لذيذ سَموسن سان مون تي ڪو اثر ڪونه پوندو سو گهٻرائڻ جي ڪا ڳالهه نه آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته اِهو غلط آهي پر بار بار منع ڪرڻ جي باوجود هو باز ڪونه ٿو اچي. ڇا ڪجي‘.

هڪ ڏينهن صبح جا ساڍا يارنهن ٿيا، مون کي نائب مدير ميجر پاپري جيڪو سيڪورٽي جو انچارج پڻ هو، تنهن وائرليس ريڊيو ذريعي چيو ته توهان جنرل شايع سان سندس آفيس ۾ فورن ملڻ اچو. آفيس ۾ داخل ٿي ڏٺم ته جرنل، آبري ۽ ميجر پاپري ويٺا هُئا. مون کي ويهڻ جو چئي جنرل شايع نادري حڪم ڪندي چيو ته مسٽر شار، (مان پنهنجي ذات ’شر‘ بدران ’شار‘ لکرائي جو عربي زبان ۾ شر لفظ جي معنيٰ ڪجهه معنيٰ خيز آهي)، اڄ کان تون هيڊ آف ڊپارٽمينٽ آهين ۽ فورن پنهنجي اڳيئن ڪم سان گڏ نئين ذميواري جي نگراني به سنڀال. جنرل شايع قد ڪاٺ ۽ شِڪل ۾ هٽلر وانگر لڳندو هو ۽ ڳالهائڻ ۽ ڪم وٺڻ جو انداز به ساڳيو، پنهنجا حڪم ۽ جُملا وضاحت سان مُنهن ۾ گُهنج وجهي، اکيون ڦاڙي ٻڌائيندو هو ۽ هر حڪم جي تعميل جي آخري تاريخ ڪلاڪن ۽ ڏينهن کان مٿي ڪونه هوندي هُئي. پاڻ بذات خود اُن جي پوئواري (Follow-up) ڪندو هُيو. ايترو سخت سعودي آفيسر، مان ڪونه ڏٺو جيڪو 24 ڪلاڪن مان 18 ڪلاڪ ڪم ڪندو هجي. مختلف منصوبن جي هنڌن تي پاڻ پهچي ۽ هر منصوبي جي ترقيءَ، واڌاري يا سڌاري کان پاڻ کي باخبر رکي. جنرل شايع سان ڪم ڪري مان زندگي ۾ بي انداز سکيا ورتي، سندس فيصلي ڪرڻ جي قوت (Decision Power) ايتري ته تيز هوندي هُئي، جو ڇا ڳالهه ڪجي. ان ڪري KAMC، هن جي عرصي دوران نه رڳو وڏي ترقي ڪئي پر ڪثير تعداد منصوبا مڪمل ڪيا، جنهن ڪري ڇانوڻي کي ٻاهر جي ڪاتن کان وڏن منصوبن ملڻ جو آچون آيون، جن کي مقامي قانون مطابق ڪرڻ مشڪل هو ۽ وزير دفاع شهزادو سُلطان، هر سال دوري دوران ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ اداري جي انجنيئرن سان الڳ ملاقات ڪري انعام ۽ اڪرام ڏئي ويندو هو.

جنرل جي حڪم کان ٻن ڪلاڪن بعد، منهنجي پروموشن جو حڪمنامو مون کي آفيسن ۾ ڏنو ويو، جنهن ۾ مسٽر آبري جي نوڪري ختم ٿيڻ جو ذڪر ٿيل هو ۽ مون کي سندس جاءِ سنڀالڻ لاءِ چيو ويو.

ٿوري دير ڪانپوءِ مسٽر آبري آفيس آيو، جنهن ڪان مان حال احوال ورتو ۽ هُن صبح نہ اچڻ جو ٻڌايو، ليڪن مونکي مسٽر آبري جي نوڪري فورن ختم ڪرڻ تي ڏاڍو افسوس ٿيو، جو قانون مطابق انگريزن ڪي معاهدي مطابق هڪ مهيني جو اڳواٽ نوٽيس ڏيڻ ضروري هوندو آهي. صبح تي اِها خبر پوري اداري جي ملازمن تائين پهتي، دوست ۽ سڄڻ خوش ٿيا ۽ مبارڪون ڏيڻ آيا پر دل ۾ بغض رکڻ وارا ۽ حاسد پريشان ٿي ويا، جو اهڙو عهدو مون کي چئن سالن جي ٿوري وقت ۾ ڪيئن مليو.

چانوٽي لاءِ نوان منصوبا

جنرل ۽ ٻيا سعودي آفيسر منهنجي محنت ۽ ڪارڪردگيءَ مان ڏاڍا خوش هئا، ليڪن ٻين ڪاتن ۾ ڪم ڪندڙ انگريز، مسٽر آبري کي ڪڍائڻ ۾ مون کي مُلوث (Involve) سمجهڻ لڳا، جيڪو بلڪل مفروضو هو. انهن مون سان سرد جنگ شروع ڪري ڏني، جنهن جا اشارا مون کي جنرل شايع وقت بوقت ٻڌائيندو رهيو. ڇهن مهينن ڪانپوءِ مسٽر آبري خط لکي مون کي اطلاع ڏنو تہ هُن کي ملائيشيا ۾ نوڪري ملي وئي آهي.

سعودي عرب ۾ پاڻي تيل کان مهانگو آهي. پاڻي زير زمين کوهن مان ڪيڻ ڏکيو آهي ۽ مِني پاڻي جو ذخيرو (Aquifer) تقريباً هڪ ڪلوميٽر زمين اندر آهي. اِن ذخيري ۾ مسلسل پاڻي ڪيڻ يا پمپنگ (Extraction) ڪرڻ ڪري، سطح آب (Water Table) ۾ ساليانو گهٽتائي اچي ٿي ۽ اِن زير زمين زخيري کي ٻيهر سيلاب (Recharge) ڪرڻ جودرياهن ۽ واهن جي عدم موجودگي ڪري، ڪا ٻي واٽ بہ موجود نہ آهي. مان اِن موضوع تي سورهن سالن جي زمين اندر پاڻي جي سطح ماپ ڪري اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو، تہ تبوڪ صوبي ۾ جر جي پاڻيءَ جي سطح هر سال ٽي ميٽر (10 فوٽ) هيٺ (Aquifer depletion) لهندي وڃي ٿي، جيڪو هِن پرڳڻي لاءِ ڳڻتي ۽ فڪر جو مڪام آهي. زير زمين ٿيڻ جي رفتار کي ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ 50 سالن کان پوءِ اِن پاڻي کي زمين مان ڪيڻ آسان نہ هوندو ۽ اڳتي هلي، پاڻي جي هن پرڳڻي ۾ شديد کوٽ ٿيندي، جنهن لاءِ هِن وقت منصوبہ بندي ڪرڻ تمام ضروري آهي. اِن حوالي سان مان هڪ تفصيلي رپورٽ پورن انگن اکرن سميت تيار ڪئي، جيڪا جنرل شايع کي ڏني ۽ ساڳئي وقت مڪي مان شايع ٿيندڙ مسلم ورلڊ ليگ جي جنرل

(Journal, Muslim World League) ۾ شايع ڪرائي. رپورٽ جي حوالي سان جنرل شايع کي هيٺين سُفارشن لاءِ چيو.

1. پاڻي جي استعمال کي گهٽ ڪري بچت ڪئي وڃي ۽ آبي تحفظ يا بقا (water conservation) جي حوالي سان عوام الناس کي اُن جي ڄاڻ (Public Awareness) ڏني وڃي، ته جيئن پاڻي جي زيان (Waste) کي روڪيو وڃي.
2. زراعت ۽ باغباني لاءِ شهري گندي پاڻي کي صاف ڪري استعمال ڪرڻ لاءِ مناسب اپاءُ ورتا وڃن.
3. زير زمين پاڻي تي جيڪا پوڪ ڪئي وڃي ٿي، اُن تي ڪنٽرول ڪري گهٽ ڪئي وڃي، جيئن مِٺي پاڻي جي اِن اٽليَ خزاني کي ايندڙ نسلن لاءِ بچائي سگهجي.

جنرل شايع اِن رپورٽ تي اکر به اکر (Letter and Spirit) سان عمل ڪيو ۽ گورنر تبوڪ کي خط لکي، شهر ٻاهران نجي فارم (Private Farms) تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ التجا پڻ ڪئي.

جنرل شايع مون کي نُون منصوبن جي ڊزائين ۽ تجويزون ٺاهڻ لاءِ چيو، ته جيئن چانوٽي اندر پاڻي جي رسائي، نڪاسي ۽ زراعت کي سڌارڻ ممڪن بڻائي سگهجي. پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ چانوٽي اندر پندرهن نوان اونها کوھ (Deep Tube Wells) کوٽڻ لاءِ تجويز ڏني، جيڪا فورن قبول ڪري مون کي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جيئن ته توهان ڄاڻو ٿا ته سعودي عرب ۾ پاڪستان وانگر درياھ ۽ واھ نه هجڻ ڪري، مِٺي پاڻي کي هڪ ڪلوميٽر پٿريلي زمين ۾ سوراخ ڪري، ان ۾ پاڻي اندر بجلي تي هلندڙ پمپ ۽ موٽر (Submersible tube well pumps)، لوھ جي پائيپ ذريعي،کوھ جي سوراخ اندر لاهي پاڻي ڪڍيو ويندو آهي. اِن منصوبي تي گهٽ سَرمايو لڳائڻ لاءِ هڪ تجويز ڏني، جنهن مطابق هِن منصوبي جي لاڳت پنجاھ سيڪڙو گهٽجي وئي. اِها تجويز هئي ته اهو ڪم ڪنهن ٺيڪيدار کان ڪرائڻ بدران، اداري طرفان هڪ ٽيم ٺاهي، ملٽري جي ڊرلنگ رِگ مشين (Drilling Rig Machine) استعمال ڪري منصوبو مڪمل ڪرڻ گهرجي. باقي لڳندڙ پائيپ ۽ پمپ مارڪيٽ مان خريد ڪري ڪم شروع ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو. جنرل شايع کي اِها تجويز ڏاڍي پسند آئي، جو اِن ۾ پنجاھ سيڪڙو بچت سان گڏ، اداري جي ملازمن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت (Capacity Building) به وڌندي نظر

آئي. اِن ڪم لاءِ هڪ تجربيڪار فلپيني سپروائيز، مسٽر رُستم کي هڪ خانگي ڪمپنيءَ مان گهرائي اداري طرفان ملازمت ڏني سندس گروپ ۾ ڏهاڪو کن فني ماهر ۽ مزدور حوالي ڪري ڪم شروع ڪرڻ لاءِ چيو. جابلو زمين ۾ هڪ ڪلوميٽر گهرو ٻه فوٽ دائري جو سوراخ ڪرڻ ايترو آسان ڪم ڪونه هو، ليڪن همت سان ڪم لڳاتار ڪرڻ ڪري، هڪ کوهه ٽن مهينن ۾ کوٽي پورو ڪندا رهيا ۽ ٻئي ٽيم انهن ۾ پائيپ ۽ پمپ لڳائيندي رهي ۽ جلدي 15 نوان کوهه پراڻن 35 کوهن جي نيٽورڪ ۾ شامل ڪري پاڻيءَ جي کوٽ کي نه صرف ختم ڪيو پر ضرورت کان وڌيڪ ذخيرو ٿيڻ لڳو. تبوڪ علائقي ۾ زير زمين مٺي پاڻي جا ذخيرا اٺ سَوَ ميٽر زمين جي سطح کان هيٺ شروع ٿين ٿا، جنهن ڪري کوهه هڪ ڪلو ميٽر تي هنيا وڃن ٿا.

جنرل شايع کي هڪ ٻيو منصوبو ناهي ڏنو، جنهن تحت گندي پاڻي کي مختلف ترتيبي عملن (Processes) مان گذاري، ٻيهر استعمال جي قابل بنائڻ هو. اُن پاڻيءَ کي باغباني، ڇانوڻيءَ اندر سرسبز، وٽڪار ۽ ڪليل ميدانن ۾ زراعت جهڙوڪ، برسيم، جَوَ ۽ مختلف گاهه وغيره پوکڻ لاءِ ڪم آڻڻو هو. ان لاءِ ڇانوڻي اندر ڪيترائي ڪليل ميدان موجود هُئا، جن ۾ زراعت ڪري، هڪ پاڻي کي استعمال ڪجي ۽ ٻيو ته اُن زراعت مان پيدائش کي وڪرو ڪري ناڻو ڪمائجي. اِها رٿ ڏاڍي پسند آئي ۽ اِن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. جنهن تحت 6 ميدان تيار ڪيا ويا، جن ۾ برسيم جَوَ ۽ مختلف گاهه ڪاهيا ويا. هر هڪ ميدان ۾ پاڻي ڦوهارن ذريعي هڪ گول دائري ۾ ڦرندڙ مشين ذريعي ڏنو ويو، جنهن کي Pivot Irrigation System چيو ويندو آهي. هڪ ميدان ٻه سَوَ ايڪڙ زمين آباد ڪري ٿو ۽ ٽوٽل هڪ هزار ٻه سَوَ ايڪڙ زمين کي گندي پاڻي کي صاف ڪرڻ کان پوءِ استعمال ڪرڻ سان آبادي ڪئي، جيڪي اڳتي هلي اِهي زراعتي ميدان ٻَڌون کي ٺيڪي تي ڏنا، جنهن مان نه صرف اداري جي آمدني ۾ اضافو ٿيو پر گندي پاڻيءَ جي استعمال سان ڇانوڻي اندر پاڻيءَ جو آزار به ختم ٿي ويو.

جنرل شايع منهنجي انقلابي ڪم ڪرڻ جي طريقي ڪار ۽ اڻ ٿڪ محنت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ليڪن افسوس جو منهنجي پگهار وڌائي نه سگهيو جو هِن جي وَسَ کان ٻاهر هئي. مون کي اِن مڃتا ۽ محنت جي عيوض مناسب موٽ، صلو نه ملڻ ڪري ٿوري پريشاني ٿي ۽ سوچيندي فيصلو ڪيو ته واپس وطن موٽجي، جو ان جيتري ڪمائي پنهنجي ملڪ ۾ ملي ويندي. جولاءِ 1990ع ۾ مان پنهنجي استعيفيٰ جنرل کي موڪلي

ڏني، هِن بئي ڏينهن تي مون کي گهرائي نوڪري ڇڏڻ جا سبب پڇيا. مان ڪيس ٿوري پگهار جو سبب ٻڌايو، جنهن تي مون کي چيائين ته تنهنجي پگهار وڌائڻ لاءِ رياض آفيس وارن کي ٽي دفعا لکيو آهي، ليڪن هو معاهدو تبديل نه ٿا ڪرڻ چاهين. جنرل ٿورو سوچ ۾ پئجي ويو ۽ مون کان پگهار پڇيائين، جنهن تي کيس ٻڌايو ته ساڍا پنج هزار ڪٽان پيو، چيائين ڪيتري وڌڻ گهرجي، جنهن تي مان ٽن هزار ريالن جو اظهار ڪيو، جنرل مون کي پنو ڏئي، درخواست لکڻ لاءِ چيو، مان درخواست لکي کيس ڏني. ان تي ساڍا اٺ هزار پگهار مع يورپين معاهدو (European Contract)، جنهن ۾ فري گهر، گاڏي، ميڊيڪل ۽ پوري ڪٽنب لاءِ چار هوائي جهاز جون ٽڪيٽون ۽ هر ڇهه مهينن ۾ 45 ڏينهن موڪل وغيره ڏيڻ جا حُڪم صادر ڪيا. هاڻي منهنجو معاهدو رياض سان ختم ٿيو ۽ اداري سان سڌو سئون يورپين معاهدو ٿيڻ تي سيني ملازمن خاص ڪري پنهنجي وڏن پائرن کي ڏاڍي تڪليف ٿي جو هڪ پاڪستانيءَ کي يورپين ليول جو رتبو مليو. بهرحال ڪي دوست خوش به ٿيا پر اڪثريت کي تڪليف ضرور ٿي.

منهنجي استيعفيٰ رياض، پهچڻ کان 30 ڏينهن اندر منظور ٿي ۽ مونکي اِن معاهدي مطابق مراعات (Benefits) ۽ منهنجي ۽ فئملي سميت تبوڪ ڪراچي، هڪ پاسي ٽڪيٽ (One Way Ticket) موڪلي ڏني وئي.

1990ع جا ڪجھ اهم واقعا

❖ هِن سال دوران سعودي عرب ۾ منشيات (Drug) جي سِمگلنگ ڏاڍي زور شور سان سرگرم رهي. نشو عمري ۽ حج تي ايندڙ مسافرن جي سامان ۾ لڪائي سعودي عرب ۾ آڻڻ جو رجحان وڌي ويو ۽ ڪافي ماڻهن کي موت جي سزا آئي، جو سعودي حڪومت ان معاملي ۾ ڏاڍو سخت آهي. اِن رجحان کي گهٽائڻ ۽ پبلڪ کي جاڻ (Public Awareness Campaign) ڏيڻ لاءِ رياض مان منشيات خلاف قافلا (Anti Drug Processions) ڪڍيا ويا. هڪ اهڙي جلوس جنهن ۾ سوَين گاڏيون هيون، جي آجيان ڪرڻ جي بندوبست لاءِ جرنل شايع مونکي ڪم سونپيو، جنهن ۾ تبوڪ شهر جي ٻاهران هڪ وڏي ميدان کي تيار ڪري انهن ۾ خيما ۽ عارضي باٿ روم لڳايا ته جيئن قافلي کي سڀ سهولتون حاصل هجن. جڏهن جلوس آيو ته اُن جي آجيان تبوڪ جي گورنر ڪئي، جنهن سان آرمي

جي ڪمانڊر ۽ ڪيترائي جنرل بہ شامل هُئا. جلوس جا ڪاروائي ڪانپوءِ ڪيئي اڻ ڄاڻ عرب چرس ۽ آفيم بابت وڏيڪ معلومات وٺڻ لڳا تہ آخر ڇا اهي اهڙيون خاص شيون آهن، جن جي پويان ايتري واويلا ڪئي پئي وڃي آخر انهن کي واپرائي ڏسجي تہ گهٽي پاڻي ۾ آهن.

❖ هندستاني ايئربس بنگلور شهر جي ايئرپورٽ پرسان ڪري پئي، جنهن ۾ 100 کن مسافر مري ويا ۽ 35 زخمي ٿي پيا.

❖ سنڌ جي وزير اعليٰ قائم علي شاهہ استيعفيٰ ڏني، جنهن ڪانپوءِ جناب آفتاب شعبان ميراڻي، شڪارپور جو هڪ زميندار ۽ پراڻو سياستدان آهي، اُن کي اِهو منصب عطا ڪيو ويو. سنڌ ۾ سينئير وزير هو. ميراڻي صاحب جي شادي سنڌ جي پراڻي وقت واري چيف منسٽر، الله بخش جي ڌيءَ سان ٿيل آهي. ميراڻي صاحب سان منهنجي ملاقات سندس شڪارپور جي رهائش گاهہ تي، 2013ع ۾ ٿي. ڏاڍو مهربان، صاف گو ۽ با اخلاق نظر آيو. اِن ملاقات ۾ ميراڻي صاحب شڪارپور شهر جي ڪچهہ وَسَندين جي نڪاسي آب واري مسئلن تي صلاح مشورو ڪيو هو.

❖ پاڪستان ۾ پيٽرول جون قيمتون 15% جي حساب سان وڌايون ويون. پاڪستان ۾ پيٽرول جي هر روز کپت ڏيڍ لک بئرل آهي، جنهن مان 60 هزار بئرل پاڪستان جي پئداوار آهي ۽ باقي تيل ٻاهرين ملڪن مان درآمد ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان ۾ تيل جي پئداوار جو گهڻو حصو سنڌ مان پيدا ڪيو وڃي ٿو. نئين قيمت جي حساب سان پيٽرول في ليٽر اٺ روپيہ اناويهہ پيسہ ٿيندو. هڪ آمريڪي بئرل برابر آهي 159 لٽرن، 42 گئلن جي

❖ ايران ۾ هڪ وڏو زلزلو آيو، جنهن پوئين پنجاهہ سال جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو. ايران ملڪ بدقسمتي سان ٻئي درجي جي زمين ڏٻڻ واري علائقي (Seismic Zone) ۾ واقع هجڻ ڪري، هتي زلزلا گاهي بہ گاهي ايندا رهندا آهن. گذريل زلزلو 1987ع ۾ آيو، جنهن ۾ 25 هزار ايراني موت جي ننڊ سمهي پيا. هي زلزلو شديد هجڻ ڪري، 45 هزار ماڻهو شهيد ٿي ويا. ايران حڪومت وٽ تيل هجڻ ڪري اڏاوتي معيار (Building Codes) کي سڌاري ۽ اڏاوت تي ڪنٽرول ڪري، جپان ۽ چائنا وانگر گهٽي جاني نقصان کان پاڻ بچائڻ خاطر گهڻ ماڙ (Sky Crapers) جي ڊزائين ۾ زمين جي ڏٻڻ وارو عنصر شامل ڪيو وڃي تہ بهتر ٿيندو.

❖ هن سال 10 ذوالحج تي هڪ ڏک پريو، واقعو مِنيٰ ۽ مَڪي ۾ حاجين سان ٿيو، جنهن ۾ 1426 حاجي اجل جو شڪار ٿيا. حج دوران مرڻ

شهادت جو درجو آهي. اهو واقعو اُن وقت پيش آيو جڏهن چاليهه، پنجاهه هزار جي تعداد ۾ حاجي هڪ سُرنگهه (Tunnel) مان لنگهي رهيا هُئا ۽ اوچتو سُرنگهه (جنهن کي عربي ۾ ’نفقُ‘ چوندا آهن، منافق ۽ نفاق به اِن لفظ جي پيداوار آهي) جي بجلي بند ٿي وئي ۽ اوندهه ٿيڻ ۽ آڪسيجن گهٽ ٿيڻ ڪري، حاجين ۾ خوف ۽ هراس پيدا ٿيو جو بچڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي کي پيٽ ۾ لتاڙي ماري ڇڏيو. الله تعاليٰ انهن سڀني کي جنت ۾ جاءِ ڏئي.

❖ 11 محرم الحرام 1411هه مطابق 01 آگسٽ 1990ع، صبح سوير عراق جي صدر صدام حسين هڪ خوبصورت خواب لڌو، جو وجي ننڍڙي پاڙيسري ملڪ ’ڪُويت‘ ۾ پنهنجي طاقتور فوج سان ڳڻ، ائين ڪلاڪن اندر پوري ملڪ جو نظام پنهنجي قبضي هيٺ آندو. صدام جو ڪويت ۾ داخل ٿيڻ وقت، ٽوٽل اَٺ لک آدم مان اڍائي لک ڪُويتي ٻاهرين ملڪن ۾ مزا ماڻي رهيا هُئا. صدر صدام جي ڪويتي بادشاهه سان پر واري تيل پئدا ڪندڙ ايراضي رُميلا فيلڊ (Rumaila Oil Fields) تي گهڻي وقت کان ناراضگي هلندڙ هُئي جنهن جو حل صدام جي نظر ۾ پوري ملڪ تي قبضو ڪري، دنيا سان بحري رابطو قائم ڪرڻ لاءِ ايراني نار تائين پهچ (Access to Gulf Water) جي پراڻي خواب جي تعبير سان تڪميل ڪيائين، پر اهو فڪر نہ ڪيائين تہ هتان اِهو بيڙو ايراني نارجي گهري پاڻي ۾ گهڻي وزن ڪري متان ٻُڏي وڃي. اِن ھُل هنگامي ۾ ڪُويتي بادشاهه ’جابر الاحمد الاجابر الصباح‘ سعودي سرحد ٽپي ريگستان پار ڪري وڃي رياض نڪتو ۽ سندس ننڍو ڀِڳو ڀاءُ شيخ فهد الحمد الجابر الصباح عراقي فوج هٿان، ’داسمان محل‘ (Dasman Palaces) ۾ مقابلو ڪندي مارجي ويو. هڪ عراقي فوجي جي چوڻ مطابق سندس لاش جي متان ٽينڪ چاڙهي وئي. شاهه فهد، پنهنجن محلن مان طائف شهر وارو محل ڪويت جي امير کي رهڻ لاءِ ڏنو.

❖ 6 آگسٽ تي صدر پاڪستان غلام اسحاق خان، ناراضگي ڪندي، آئين تحت ڪيس ڏنل اجازت مطابق، محترم بينظير ڀٽو جي چونڊيل حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾ قومي اسيمبلي ٽوڙي، جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي کي پاڪستان جو ڪيئر ٽيڪر وزيراعظم مقرر ڪري، آڪٽوبر ۾ اليڪشن ڪرائڻ جو عوام سان واعدو ڪيو. وزيراعظم غلام مصطفيٰ جتوئي واعدي مطابق وقت تي چونڊون

ڪرايون، جنهن ۾ نوازشريف جي مسلم ليگ اليڪشن کٽي ۽ نوازشريف ملڪ جو وزيراعظم ٿيو.

❖ جناب جتوئي صاحب پنهنجي وزارت عظميٰ جي دوران، 12 سيپٽمبر تي عمري لاءِ آيو، جنهن کان پوءِ مديني شريف ۾ مسجد نبوي ۾ ٽن پهرن واري نماز کانپوءِ منهنجي ساڻس ملاقات ٿي، غلام مجتبيٰ خان پنهنجي ياءُ سان جڏهن تعارف ڪرايو، ’ادا هي اپڻا شر هي‘ تہ سائين وڏي مونکي ياکر ۾ کٽي کيو ۽ حال احوال پڇيو. سائين جي مجموئي ۾ ڪافي ماڻهو هُئا، جن ۾ الاهي بخش سومرو ۽ سردار قيوم خان سجاتا. وزير اعظم سان سخت پروٽوڪول هجڻ ڪري ساڻس ملڻ ڏکيو هو، پر غلام مجتبيٰ خان مون کي پري کان ڏسي پاڻ وٽ گهرايو، جو مان بہ اُن وقت پرسان نماز پڙهي رهيو هيم. جتوئي صاحبان اسان شرن تي هميشہ وڏا مهربان رهيا آهن.

❖ آمريڪي نيوي جي جهاز ميزائيل ذريعي ايراني نار مٿان مسافر بردار هوائي جهاز ايئر بس کي ڪيرائي وڌو، جنهن جو ڪو خاص سبب ڪونہ هو. جهاز ۾ بہ سَوَ نوي مسافر هُئا، سي جا سي سمنڊ ۾ ٻڏي مري ويا. 290 مسافرن مان 23 مسافر کان سواءِ ٻيا سي ايراني هُئا. آمريڪن نيوي وارن جو اجايو ۽ ڪوڙو سبب تہ اِهو مسافر جهاز سندن سمنڊ اندر بيٺل ٻيڙي ڏانهن اچي رهيو هو. هاڻي ڪو ٿورو هوش رکندڙ اِن سبب تي اعتبار ڪري سگهي ٿو تہ 290 مسافرن سان ڀريل جهاز ڇا لاءِ آمريڪي نيوي جي ٻيڙي ڏانهن ويندو؟ اِن مان آمريڪي فوجين جي بزدلي ۽ سوچ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هو ڪيترو نہ خائف آهن. افسوس ان ڳالهہ جو بہ آهي تہ ڪنهن بہ مسلمان ملڪ اِن واقعي تي رڙ، ڪوڪ، احتجاج نہ ڪيو.

ريگستاني طوفان جهڙي فوجي ڪاروائي
(Operation Desert Storm)

صدر صدام حسين جو ڪُويت تي قبضي بابت ڪجهہ اڳ ۾ لکي چڪو آهيان. ڪويت تي قبضي جي سببن تي نظر وجهڻ سان پراڻي تاريخ جا ڪجهہ ورق اٿلائڻا پوندا. 1913ع واري اينگلو اُوٽو مئن ڪنوينشن (Anglo Ottoman Convention) کان اڳ ڪويت جو علائقو عراق جو حصو هو، جنهن کي مٿين ناهہ ذريعي انگريزن جدا ڪري، شيخ الصباح جي حوالي ڪيو تہ جيئن انگريز جي بحري جهازن جي پهچ هن علائقي تائين

هميشھ لاءِ قائم رهي، جو هُو عراق ۽ ايران وارن سان ايترو نهيل ڪونہ هئا. ڪُويت ان وقت بصره صوبي جو حصو هو، جنهن کي انگريزن اهڙي طرح جُدا ڪيو جو عراق جي ايراني نار تائين پهُچ کي هميشھ لاءِ بند ڪري، عرب پائرن کي هميشہ لاءِ پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيو.

ايران عراق جنگ دوران ڪويت، عراق جي صدر صدام حسين کي اقتصادي مدد ڪرڻ جي حوالي سان چوڏهن ارب ڊالر ڏنا هئا (وڏيڪ مسلمان مارڻ لاءِ)، جيڪي صدام گڙڪائڻ چاهيا ۽ ڪويت جي امير کي پئي منٿون ڪيائين تہ اهي معاف ڪيا وڃن، جو اِن جنگ جي ڪري ايران جو ڪويت سان هٿ چراند ۽ دهمان (Hegemony) بند ٿي ويو آهي. اِن مسئلي تي ٻنهي ڌرين ۾ ڪيترن ئي گڏجاڻين ۾ گهڻي تلخ ڪلامي ٿي ۽ مسئلي جو حل ڪونہ نڪتو، ليڪن ٻنهين پاڙيسري ملڪن ۾ سرد جنگ جاري رهي.

ايران عراق جنگ ڪانپوءِ عراق جي مالي حالت خراب ٿيندي رهي ۽ اِن ۾ وڌيڪ اضافو مٿس لڳايل پابندي (Sanctions) سندس زخمن تي لوڻ ٻُرڪڻ جو ڪم ڪيو، جو ملڪ جي اندروني حالتن جي خرابيءَ سان گڏ، مٿس سٺ ارب ڊالر جو قرض عدم واپسي جي ڪري وڌندو رهيو. انهن حالتن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ صدر صدام حسين امير ڪويت کي چيو تہ ڪچي تيل جي پئداوار کي گهٽاءِ تہ اُنجي قيمتن ۾ اضافو ٿئي، تہ جيئن اسان جي آمدني ۾ واڌ اچي، نتجيتن اسان جي اقتصادي حالتن ۾ سڌارو اچي ويندو. ڪويت اوپيڪ (OPEC) جي منظور ڪيل ڪوٽا کان بہ ڪچي تيل ڪڍڻ ۾ اضافو ڪيو جو تيل وڌيڪ سستو ٿيندو ويو. عراقي وزير خارجہ ۽ نائب صدر طارق عزيز هڪ ميٽنگ ۾ واضح ڪري ٻڌايو تہ تيل جي في بئرل(42 گئلن) قيمت ۾ هڪ ڊالر جي گهٽتائي، اسان کي هڪ بلين ڊالر ساليانی بجيٽ ۾ گهٽتائي جو سبب ٿئي ٿي، جيڪا عراقين لاءِ برداشت کان وڌيڪ آهي. ڪويت کي تيل جي پئداوار گهٽائڻ بجاءِ وڌائڻ واري پاليسي، صدر صدام کي ڏاڍو سوڙهو ڪيو، جيڪو ناراضگي جو سبب بڻيو.

صدام جي نفرت جو هڪ ٻيو سبب اِهو بہ هو، تہ هُن کي شڪ هو تہ عراق، ڪويت جي عالمي حد (International Borders) تي واقع عراق جي رُميلا تيل جي ذخيرن واري علائقي مان، ڪويت ڪنهن نئين ٽيڪنيڪ ذريعي تيل جا کوهہ ترڇا (Slanted) ڪري لڳايا آهن، جن مان تيل اسان جي

ذخيرن مان پيو ڪڍي. اِن جو اندازو عراق وارن ائين لڳايو، جو سندن رُميلا واري کوهن مان تيل جي پئداوار گهٽ نڪرڻ لڳي. (منهنجي ذاتي تجربي جي لحاظ کان ترڇي ڊرلنگ ڪري، پرائي حد مان تيل ڪڍڻ ممڪن نہ تو لڳي) چوندا آهن تہ هيٺي تي هر ڪو زور آزمائي ڪندو آهي. متين ناراضگين ڪري عراق، ڪويت جا سفارتي ناتا بلڪل ختم تي چُڪا هُئا. آخر سيٺ صدام جولاءِ مهيني ۾ پنهنجون فوجون ڪويت جي باربر پرسان وڏن جٿن (Columns) ۾ اچي گڏ ڪيون، جڏهن اها خبر سئٽلائيٽ ذريجي آمريڪي ايجنسين کي پئي تہ عراق ۾ آمريڪي سفير مس اَپريل گلاسپي (Ms April Glaspie) صدر صدام سان ملاقات ڪري فوج جي غير معمولي چُر پُر بابت معلومات حاصل ڪرڻ چاهي ۽ تبصرو ڪندي وڌيڪ چيو تہ اسان کي توهان جي دوستي تي اعتبار آهي ۽ عرب - عرب جي جهڳڙي ۾ اسان جو ڪجهہ بہ نہ وڃي ۽ آمريڪا، عراق تي اقتصادي پابندي لڳائڻ جو ڪو ارادو ڪونہ پيو رکي. صدر صدام حسين اِن سفارتي ٻوليءَ کي شايد ڪويت کي هڙپ ڪرڻ جو سفارتي سائو سنگنل سمجهي ڪويت اندر داخل ٿي پيو.

اِن سفارتي جملن جي وڌيڪ منطقي تحليل (Analysis)ڪرڻ سان، آمريڪي ٻٽي پاليسي (Double Standard) جي راند چٽي سگهجي ٿي. امريڪن، اسرائيل جي بچاءُ ۽ ڪيس خِطي جي ائٽمي طاقت جي مقابلي ۾ بئي ڪنهن کي برداشت نہ ٿا ڪري سگهن ۽ هر اُڀرندڙ طاقت کي پنهنجي موت مارڻ جون نت نيون سازشون ڪندا رهن ٿا.

1989ع ۾ عراق فوجي طاقت جي حوالي سان دنيا ۾ چوٿين نمبر تي هو، جو هِن وٽ ڏهہ لک مستقل فوج ۽ سادا ڇهہ لک پئرا مليٽري نفري موجود هئي، جن جي مدد لاءِ پنج هزار ٽينڪ، پنجَ سَوَ ڪميئٽ جهاز ۽ اڍائي سَوَ ڪمبئٽ هيليڪاپٽر هر وقت تيار هوندا هئا.

آمريڪا اِن راند کي ان لاءِ کيڏڻ چاهيو ٿي تہ عراق جهڙو دُشمن بہ مرندو ۽ تيل پيدا ڪندڙ شيخ هميشہ لاءِ فرمانبردار غلام ٿي رهندا. هڪ مسلم ملڪ جي اڀرندڙ طاقت جو ذيان پوري امت مسلمہ لاءِ خسارو آهي. امير ڪويت جيڪو سعودي عرب جي بادشاهہ فهد وٽي اچي مهمان ۽ پنهنجا سُفارتي تعلقات استعمال ڪرڻ لڳو ۽ مون کي ياد آهي تہ هن هڪ دفعي سعودي TV تي انٽريو ڏيندي روئي ڏنو. فرانس، هندوستان، پاڪستان ۽ بين ڪيترن ئي ملڪن، اِن عمل کي نديو (Condemn) ۽ فورنَ ڪويت کي خالي ڪرڻ لاءِ زور پريو. روس ۽ چائنا عراق تي فوجي

سازوسامان گهرائڻ تي پابندي هڻي ڇڏي. NATO جي ملڪن اِن قبضي تي ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ آخر ۾ آمريڪا، عراق جي صدر صدام حسين کي ڌمڪي ڏني ته 15 جنوري 1991ع تائين ڪويت خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ جنگ لاءِ تيار ٿئي. عرب ليگ، اسلامڪ ڪائونسل (OIC) جا اجلاس ٿيا، جن ۾ صدام کي ڪويت خالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو پر هُن ڪنهن جي به نه ٻڌي ۽ ڪويت کي عراق جو صوبو ٺاهي، اتي علي حُسين کي گورنر ڪري مقرر ڪيو. امريڪي صدر بش عراقي عوام کي TV ذريعي خطاب ڪيو. سعودي عرب، عراقي ۽ يمني، ۽ اردني سفارتڪارن کي ڪڍي ڇڏيو. ڪويتي امير UN سيڪيورٽي ڪائونسل کي خطاب ڪيو ته اتان عراق جو نِمائندو ٻاهر نڪري هليو ويو. انگليند جي وزيراعظم مسٽر مارگريٽ ٿئيچر جنهن کي لوهه مان ٺهيل عورت (Iron Lady) چوندا هئا، آمريڪي صدر بش سان نيويارڪ ۾ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ عراق سان جنگ ڪرڻ جي حق بابت UN سيڪيورٽي ڪائونسل مان منظوري لاءِ پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيو ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جو اتفاق ڪيو.

اقوام متحده سيڪيورٽي ڪائونسل جي 15 ميمبرن مان ٻارهن حمايت ۽ ٻن مخالفت ڪري بل پاس ڪيو ۽ عراق کي ڌمڪي ڏئي، چيو ويو ته 15 جنوري 1991ع تائين ڪويت خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ نيٽو (NATO) ۽ اتحادي فوجن (Coallation forces) طرفان جنگ ذريعي ڪويت کي آزاد ڪرايو ويندو.

ڪويت جي قبضي ڪانپوءِ چار لک ڪويتي پنهنجو ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا ۽ ڏيڍ لک ڪويت ۾ ڪم ڪندڙ هندوستانين کي پنهنجي حڪومت پهرين هفته اندر هوائي رستي پنهنجي ملڪ پهچايو. توهان شايد ڄاڻندا هجو ته ڪويت وانگر دُبئي ۾ به سڄو ڪاروبار هندوستاني هلائين، جو مقامي ماڻهو انهن تي ڪاروباري لحاظ کان ٻين قوميت جي ماڻهن جي مقابلي ۾ گهڻو اعتماد ڪن ٿا. هزارين پاڪستاني جيڪي ڪويت ۾ ڪم ڪندا هُئا، پريشانيءَ جي حالت ۾ ڀڄي نڪتا، جن ۾ 12 هزار ڪويت مان نڪري عراق مان ٿيندا شام جي هبور چيڪ پئائنٽ (Habur Check Point) ذريعي ڀڄي وڃي تُرڪي ۾ پهتا. انهن پاڪستانين ۾ هڪ اسان جو دوست انجنيئر تاج محمد ميمڻ جيڪو منهنجو شاهه لطيف هاسٽل ۾ روم ميٽ هو، تنهن ڪويت مان ڪمپني جي جيپ ڪاهي اچي پاڪستان نڪتو. فلپيني ڪويت ۾ ڪم ڪندڙ نرسن سان فوجين ڏاڍيون زيادتون ڪيون،

جن جون خبرون TV تي عام اچڻ لڳيون. جڏهن اخبار نويسن فلپين جي صدر کان منيلا ۾ سوال ڪيو تہ فلپيني نرسن سان زوري زنا ڪئي تي وڃي تہ حڪومت اُن تي ڪهڙو رد عمل ڏيکاريو آهي، فلپيني صدر مسڪرائيندي جواب ۾ چيو تہ .When rape is inevitable, than one should enjoy it

ڪويت ۾ جيڪي فلسطيني هُئا، تن صدام جي حمايت ۾ عراقي فوجن سان گڏجي مقامي ڪويتن جي گهرن، ڪاروبار ۽ دوڪانن کي لُٽيو ۽ عراقي فوجي 600 ڪويت شهرين کي يرغمال ڪري ڪٽي ويا. ڪويتي هوائي جهازن جي هوابازن سڀ جهاز اُڏاري سعودي عرب ۾ وڃي بيهاري ڇڏيا. ان حوالي سان آمريڪا، نيٽو ۽ اتحادي فوجن طرفان ڏنل آخري تاريخ جيئن ويجهي ايندي وئي تيئن ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس وڌندو ويو. مشهور ڪيو ويو تہ صدر صدام وٽ خطرناڪ جنگي هٿيار(Weapons of Mass destruction) ۽ ڪيميائي هٿيار (Binary Chemical Weapons) آهن جن جي مدد سان هو ڪويت تي قابض رهندو ۽ مخالف فوج جو گهڻو نقصان ڪندو. برطانيہ جي وزيراعظم ٽوني بيلئر تہ چرين وانگر صدر صدام جي W M D لاءِ سڄي دنيا ۾ روئندو پٽيندو هو، پر جڏهن نيٽو ۽ اتحادي فوجن عراق تي حملو ڪيو، تہ اتي هنن کي ڪجهہ بہ نہ مليو، ليڪن مغربي منافقن ۽ مِڪِريلن ڪيترائي بيگناهہ مسلمان موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيا. عراق، ڪويت ۽ سعودي عرب واري سرحد وارا سڀ ڳوٺ ۽ شهر خالي تي ويا. تبوڪ شهر عراق جي سرحد کان 500 ڪلوميٽر پري هجڻ جي باوجود اڌ شهر خالي تي ويو. مقامي ماڻهون ڪاڻ پيئڻ جي سيڌي سامان جون ٽرڪون پرائي پنهنجن اباڻن ڪکن ڏانهن، جبلن ۽ ريگستان ۾ ڪاهي پيا جو شهرن تي بمباري ٿيڻ جو انديشو گهڻو نظر پئي آيو.

مون کي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ جيڪا رياض آفيس وارن موڪلي هُئي سان مون وٽ محفوظ هئي ۽ هڪ مهينو موڪل هوندي بہ جنگ جي ميدان ۾ رهڻ جو پڪو پروگرام ناهيو، ليڪن گهر وارن کي جنگ جي شروع ٿيڻ کان 10 ڏينهن اڳ پاڪستان موڪليو جو جنگ دوران هوائي جهازن جي اڏام بند ٿيڻ جا قوي امڪان هئا. صدام جي ڪيميائي هٿيارن ۽ بايولاجي اوزارن جي خطري کان سعودي حڪومت، مقامي ۽ غير مقامي سيني کي گئس کان بچاءُ جا ماسڪ (Gas Mask) ڏنا ۽ احتياطن

پنهنجي گهرن جي درن ۽ درين کي سيل (Air Light) ڪرڻ جون پڻ هدايتون ڏنيون ويون.

منهنجو گهر تبوڪ ايئرپورٽ جي رنوي کان هڪ سو پنجاهه ميٽرن جي مفاصلي تي واقع هجڻ ڪري خطرو وڌي ويو، اِن حوالي سان جو ايئرپورٽ جي تباهي دُشمن فوج جي اولين ترجيحن ۾ شامل هوندي آهي. هلندڙ جنگ ۾ هڪ ڏينهن مَڪي مان شفيع محمد لاکو صاحب فون ڪري خيريت پڇي، جنهن تي مان ڪيس چيو ته حرم ۾ دُعا ڪجو جو منهنجو گهر رنوي جي بلڪل پر ۾ آهي.لاکو صاحب فورن جواب ڏنو ته تون اِها دعا گهرندو رهه ته دُشمن جو ٽارگيٽ ڪڏهن به نه گسُي، (مطلب بم رنوي کان ٿورو ترڙيو ته سڌو منهنجي گهر). صدام جي فوج هٿان شاهي ڪٽنب جا ٻه امير ماريا ويا، جن ۾ شيخ فهد الاحد ۽ شيخ محمد صباح شامل آهن.

16 جنوري 1991ع بعد اڌ رات تبوڪ ڇانوڻي جي ڪمانڊر آفيس پرسان هڪ وسيع چؤراهي تي پاڻي جي پائيپ لائين ڦاٽڻ جي ايمرجنسي تي، جنهن لاءِ مون کي ريڊيو ڪال آئي، مان نورالدين (نورتين ترڪي) سپروائيز کي گهُرائي جڏهن اُتي پهتس ته FMريڊيو ذريعي معلوم ٿيو ته عراق جي بغداد تي اتحادي فوجن بمباريءَ جي شروعات ڪري ڏني آهي ۽ BBC ريڊيو اِهو به ٻڌايو ته بغداد شهر مٿان بمباري جي ڪري ڪارا ڪڪر نهڻ لڳا آهن.

اتحادي فوجن جي اولين ترجيح عراق جي ايئرفورس ۽ ائنٽي ايئرڪرافٽ سهولتن (Anti Air Craft Facilities) کي تباهه ڪرڻ خاطر، جهاز سعودي عرب جي اڏن تان ۽ ٻيا ايئرڪرافٽ ڪئريئر (Aircraft Carrier) جيڪي ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ ۾ بيٺل هُئا، اتان بمباري لاءِ اڏامون پري عراق جي مختلف شهرن ۽ ڇانوڻين تي بمباري ڪئي. اتحادي فوجن ۽ نيٽو وارن جي ٻئي ترجيح، عراقي ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول سسٽم سان گڏ مواصلاتي نظام (Communication facilities) کي تباهه ڪرڻو هو، جيڪو ملڪ لاءِ ڪرنگهي جي هڏي واري حيثيت رکي ٿو. هوائي جهازن جي لڳاتار بمباري، عراقي هوائي طاقت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ عراق پهرين رات ڪو به هوائي حملو نه ڪيو البت ٻئي ڏينهن تي ان روسي ساخت اسڪڊ (Scud) ميزائيل فائر ڪيا، جيڪي ستن هفتن واري هن جنگ دوران ٽوٽل 88 اسڪڊ موڪليا، جن جي شروعات ۾ اسرائيل جي تل ابيب (Tal Aviv) شهر سان ڪئي وئي، جتي ڪافي نقصان ٿيو ۽ اسرائيل ۾ افراتفري

ڦهلائي ڇڏي. صدام جو اسرائيل تي حملي ڪرڻ جو هڪ مطلب اِهو به هو ته اسرائيل عراق تي جوابي ڪاروائي ڪرڻ جي صورت ۾، سڀ عرب ۽ مسلمان ملڪ سندس همدرد ٿي پوندا ۽ پنهنجون فوجون نيٽو جي مددگاري مان ڪڍي وجڻ جي صورت ۾ اسان لاءِ جنگ کٽڻ جو امڪان وڏيڪ مضبوط ٿي ويندو ۽ ٽئين جنگ عظيم (World War-III) جون راهون هموار ٿي وينديون. اِن حوالي سان آمريڪي صدر بُش، اسرائيلي وزيراعظم، ازهاڪ شامير (Azhak Shamir) کي اسڪڊ ميزائيل کي هوا ۾ تباهه ڪرڻ وارا پيٽرائيٽ ميزائيل (Patroit Missile) نصب ڪري ڏنا ۽ هر وقت ڪيس عراق تي حملو نه ڪرڻ جي تلقين ڪندو رهيو. انهن اسڪڊ حملن ۾ 74 اسرائيلي مري ويا ۽ 230 زخمي ٿيا. اسڪڊ ميزائيلن جي ڪري اِهو انديشو رهندو هو ته متان نَروِگئس جهڙوڪ سَارن (Nerve gas such as SARIN) يا بيا بائلوجيڪل وار هيڊ پري سعودي عرب تي حملو نه ڪري، جو اُن سان انسانن جي گهڻي تعداد ۾ مرڻ جو انديشو آهي. اِن خطري ڪان نيٽو وارا ۽ سعودي عرب جا ماڻهو ڏاڍا پريشان رهندا هُئا ۽ اسرائيل اندر وڏي بيچيني ۽ خوف هوندو هو.

47 اسڪڊ ميزائيل سعودي عرب جي مختلف شهرن تي هنيا ويا ۽ هڪ بحرين ۽ قطر ڏانهن موڪليو ويو. هڪ عراقي اسڪڊ ميزائيل جيڪو دهران شهر ۾ اُن بئرڪ تي اچي سڌو لڳو، جنهن ۾ آمريڪي فوجي رهندا هُئا، ان ميزائيل 28 آمريڪي فوجي ماري وڌا ۽ سَوَ کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ڪيا. اِن هڪڙي ميزائيل آمريڪن ۽ مقامي ماڻهن کي وڌيڪ خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. ٻن هفتن کانپوءِ عراقي فوج سرحد پرسان سعودي عرب جي هڪ ننڍي شهر خِفجي (Khifji) تي ٽينڪن سان حملو ڪري قبضي اندر آندو پر ٻن ڏينهن اندر عراقي فوجن جي اڳيرائي تي ۽ ٻنهي پاسي ڪافي نقصان ٿيو. NATO جي مددگار فوج جي طاقت ڏسي، آخر صدام ڪويت مان نڪرڻ جو اعلان ڪيو، جنهن تي آمريڪي فوج جي ڪمانڊر اِهو چئي An Old Recipe in a New Sauce سندس اعلان رد ڪري ڇڏيو. آخرڪار صدام 23 جنوري تي چار سَوَ ملين گئلن جو ڪچو تيل ايراني نار ۾ وهائي ڇڏيو، ته جيئن امريڪي ٻيڙن کي ترڻ ۾ تڪليف ٿئي. جنهن ڪري ماحولياتي نقصان سان گڏ ساموندي جيوت (Marine life) جون لکين جنسون اجل جو شڪار ٿيون هونديون. اِن تيل جو سمنڊ ۾ وهڻ ڪري، سعودي عرب جا پرسان وارا کاري پاڻي صاف ڪرڻ

جا سڀ آر.او پلانٽ (Reverse Osmosis Plants, RO) بند ٿي ويا. صدام ڪويت خالي ڪرڻ کان اڳ، ست سَوَ تيل جي کوهن کي باهه ڏني، جيڪا اٺ مهينا هلندي رهي ۽ اندازن هر روز سٺ لک بئرل تيل سڙندو رهيو. اِن باهه کي وسائڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن مان تجربيڪار ٺيڪيدار گهرايا ويا ۽ خرچ ڏيڍ بلين ڊالر آيو. ان جنگ دوران عراقي فوجن سميت، NATO ۽ اتحادي مغربي فوجن جي ڪيترن ئي سپاهين جنگ ۾ حصو نہ وٺڻ جو اعلان ڪيو، جن کي ملٽري قانون موجب ڪورٽ مارشل ڪري سزائون ڏنيون ويون. اِن جنگ جو ٽوٽل خرچ تقريباً 166 ارب ڊالر آيو، جنهن مان 62 ارب آمريڪا، 36 ارب ڪويت، سعودي عرب ۽ ٻين عرب ملڪن، 16 ارب جرمني ۽ جپان جي ڪاتي ۾ آيا، 52 ارب ڊالر ٻين غير عرب ۽ يورپين ملڪن ڏنا. هِن پنج هفتن واري ڏکي جنگ ۾ فوجي جاني نقصان، آمريڪي 294، انگلينڊ 47، سعودي عرب 24، فرانس 9، مصر 11، قطر 3، سينيگال 92، عرب عمارات 6، شام 2 ۽ ڪويت جو هڪ فوجي شامل آهن.

ڪويت جي شاهي گهراڻي مان مسز فَدِيلَہ الاصباح، جيڪا ڪويت جي بادشاهہ شيخ جابر جي سڳي سُوٽ هُئي، تنهن شروعاتي اٺ ڏينهن ڪويت اندر رهي، عراقي فوج خلاف عوامي مزاحمت ۾ حصو ورتو. ڪويت جي يونيورسٽي شاگردن ڏاڍي مزاحمت ڪئي پر هٿياربند فوج اڳيان هنن جو وس نہ هليو. ٽئين ڏينهن تي ڪجهہ ٽينڪن کي باهہ ڏني وئي ۽ ڪجهہ عراقي فوجي بہ مزاحمتي ٽولن ۾ شامل ٿي ويا. ڪجهہ مصر جي ماڻهن بہ اتحادي فوج جي خلاف پڻ احتجاج ڪيو پر ڪي اهڙا ٻاهريان ماڻهو بہ هُئا، جن ڪويت ۾ عراقي فوج جي مدد ڪئي ۽ ڪيترائي دڪان ۽ بازارون (Malls) وغيره لُٽيا. شهزادي اٺن ڏينهن تائين وڙهندي رهي، آخر ۾ هڪ يمني ۽ پاڪستاني ڪيس گڏجي چيو تہ توکي ڪويت مان بحفاظت ٻاهر ڪڍڻ ۾ مدد تا ڪريون. هن کي هڪ پاسپورٽ بہ ڏنائون، جنهن ڪانپوءِ شهزادي پاڪستاني لباس پائي، ڪرفيو دوران پاڻ کي پاڪستاني پناهہ گير پڌرو ڪري، بغداد پهچي مصر رواني ٿي وئي، جتان سعودي عرب هلي وئي. شهزادي وڌيڪ ٻڌايو تہ عراقي فوجن ٻاهيون ڏئي شاهي محل ۽ نائب بادشاهہ سعد الاصباح جي محل کي ساڙي ڇڏيو ۽ محل جي ڪِرڻ ڪري ڪيترائي ماڻهو ان جي اندر سڙي مري ويا.

عراقي فوجن جي ڪويت ۾ داخلا ۽ قبضي ڪانپوءِ، ڪويت ۾ ڏاڍا ظلم ڪيا ويا ۽ لکين ماڻهو ڪويت مان پاڻ بچائي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا

۽ ساڳئي وقت عراق ۾ خارجي ماڻهن پنهنجو ڪاروبار ڇڏي پروارن ملڪن ۾ پناهہ ورتي. اهڙيءَ طرح عراق کان 270 ڪارن ذريعي هڪ هزار پاڪستانين ترڪيءَ جي هبور بارڊر پار ڪري ترڪي ۾ پناهہ ورتي، جنهن کانپوءِ هوگاڏين ذريعي ايران مان پاڪستان پهتا. ترڪي ۾ پاڪستاني سفير عزيز خان ٻڌايو تہ عراق مان 900 پاڪستانين جو پيادل ٽولو داخل ٿيو آهي. رستي ۾ ڪيترائي ٻار ۽ بزرگ مرد ۽ عورتون ڪمزوري ۽ سفر جي ڏکيائي ڪري فوت ٿي ويا، جن کي رستي تي دفن ڪري هتي پهتا آهن. هي آهي ماڻهو هُئا جن جو ڪويت ۾ هلڪو ڦلڪو ڪاروبار هو. اهڙيءَ طرح ڪيترائي مغربي ملڪن جا پناهہ گير پنهنجون جانيون بچائي ترڪي پهتا، جتان هو آسانيءَ سان پنهنجن ملڪن ڏانهن روانا ٿي ويا. پاڪستاني پناهہ گير جو چوڻ هو تہ عراقي فوجين اُنهن سان جانورن وانگر برتاءُ ڪيو ۽ کين کليل آسمان هيٺ سخت گرميءَ ۾ رکيو، نہ کاڌو نہ پيتو فراهم ڪيو. پناهہ گيرن عراقي ڪُردن جي ساراهہ ڪئي، جو انهن کين کائڻ ۽ پيئڻ لاءِ ڪجهہ ڏنو پئي. ڪويت ۾ ڏهہ هزار پاڪستاني پناهہ گير شروعاتي ڏينهن دوران، ايران ۾ پنهنجن گاڏين ذريعي داخل ٿي پاڪستان پهتا ۽ عراق وارن ترڪيءَ جو رخ ڪيو جو عراق، ايران بارڊر بلڪل بند ڪيل هو.

شهزادو خالد بن سُلطان جنهن آزاديءَ ڪويت واري جنگ ۾ عرب فوج جي سربراهيءَ جي واڳ سنڀالي ۽ NATO جي اتحادي فوجي ڪمانڊر آمريڪي فوجي جنرل نارمن شُيو واز ڪوف، جو هم منصب جو عهدو ورتو ۽ ڪويت کي عراق جي قبضي مان ڇڏائي، امير شيخ جابر کي تختي تي ويهاريو. جنرل خالد انگريزن جي رائل ملٽري اڪيڊمي سينڊ هرٽس مان، 1968ع ۾ گريجوئيشن ڪري اسٽاف ڪاليج، ڪينساس شهر مان 1979ع ۾ ماسٽرس ڊگري حاصل ڪئي. جنرل خالد ڪويت جي آزاديءَ کان فورن بعد سيپٽمبر 1991ع ۾ پنهنجي عهدي کي خيرباد چيو.

ڪويت مان نڪرڻ وقت صدام جي فوجن جو جاني نقصان گهڻو ٿيو. فيبروري 25 تي ڪويت آزاد ٿيو ۽ 15 مارچ تي ڪويتي امير اڍائي مهينن جي ملڪ بدريءَ کان پوءِ سلامتي سان پنهنجي وطن واپس ٿيو.

صدام جا اسڪڊ ميزائيل

جنگ شروع ٿيڻ سبب ڏاڍو خوف هو، صدام جا اسڪڊ ميزائيل صرف رات جو سفر ڪندا هُئا، اوچتو سائرن وڄڻ شروع ٿي ويندا هُئا. سائرن وڄڻ دوران قلمو پڙهڻ شروع ڪندو هئس. ٽڪيٽ ۽ موڪل هوندي به هتي رهڻ پسند ڪيم، ڪيترائي ٻيا هتان امرجنسي موڪلون ڪري پاڪستان وڃي نڪتا. مون کي اِها پڪ ۽ يقين هو ته هڪ دفعي موت اچڻي آهي سو موت کان لڪڻ اجايو آهي.

اِن جنگ جي ڏکين ڏينهن ۾، فون جي سهولت نه هجڻ جي برابر هُئي، مون کي پنهنجي عزيزن مان صرف ٽن پاڪستان مان فون ذريعي خيروآفيت معلوم ڪئي، تن ۾ منهنجي بيگم رابع نياز، ڊاڪٽر پائي خان شر، ليڪچرر، مهراڻ يونيورسٽي، ڄامشورو جيڪو هن وقت ڊائريڪٽر سينٽر آف ايڪسيلنس، ڄامشورو ۽ ٻيو مسٽر علي نواز شر، وجود علي شر جو پاءُ (رسولپور مان امڙ جو پاڻجو). مان ٽنهي جو ٿورائتو آهيان، جو اهڙي ڏکئي وقت ۾ ياد ڪيو. مڪي شريف مان شفيع محمد لاڪو صاحب به مهرباني ڪندو رهندو هو، پر افسوس آهي جو پائرن مان ڪنهن به اِن ڏکئي موقعي تي ياد ڪونه ڪيو، حالانڪ مان ان خوف ۽ خطري کي ڏسي، ڳوٺ ڏانهن وصيت لکي موڪلي ته منهنجي هتي شهيد ٿيڻ جي صورت ۾ ملڪيت، قرآن ۽ طريقہ اهل سنت جي قانون مطابق ورهائي وڃي.

مون کي 1965ع واري جنگ جو منظر ياد آهي، جنهن وقت مان رسولپور جي مڊل اسڪول ۾ ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس. هڪ ڏينهن صبح جو زبردست ڌماڪو ٿيو ته مان گهر جي ڇت تي چڙهي ويس. ايتري ۾ وري ٻيو ڌماڪو ٿيو، پر جهاز جو آواز ٻڌڻ ۾ نه آيو. ٻئي ڌماڪا اتر اولهہ طرف کان آيا ۽ شايد هندستاني جهازن اتر اولهہ کان لنگهندڙ سئي گئس پائيپ لائين کي نشانون بنائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي (والله عالم)، جو ان وقت نه فون هوندا هُئا ۽ نه وري اخبارن تائين رسائي هوندي هئي. انهن ڏينهن ۾ اهو ٻڌڻ ۾ آيو ته هندستاني جهاز گهٽ اوچائي سان اڏام ڪري، درياهہ سنڌ جي پيٽ ۾ لڪي اچي سکر ريل واري پُل ۽ ٻئراج تي بمباري ڪرڻ ايندا هُئا. ساڳئي ڪاروائي 1971ع واري جنگ دوران ورجائي وئي. مان تڏهن ڄامشورو جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهندو هُئس. هڪ رات جو شاهہ لطيف هاسٽل مان ڪوٽڙي واري پُل مٿان بمباري جو منظر سڌ سنئون ڏٺو، جڏهن اسان جي فوجين پُل جي اردگرد دشمن جي

ايندڙ جهازن تي ائنٽي ايئر ڪرافٽ فائر ڪيا، جيڪي رات جو هڪ رنگ برنگي فائر ورڪ جو منظر پيش ڪري رهيا هُئا. انهن ڏينهن ۾ ’ڪرش انڊيا‘ جو جنگي نعرو (Slogan) ۽ ماڻهن ۾ پنهنجي وطن سان محبت جو جوش ۽ جذبو نمايان نظر ايندو هو. 1965ع واري جنگ ستر ڏينهن هلي ۽ 1971ع واري چوڏهن ڏينهن، ليڪن ٻنهي ڌرين جو جاني نقصان تمام گهٽو ٿيو.

هي وقت ايترو ته خوفناڪ ۽ ڏهڪاءُ وارو هو جو موت گڏ گهمندو رهندو هو پر اُن مالڪ جون سڀ مهربانيون جو زندگي بخشي ۽ اڳتي به آساني ڪندو ۽ ڪاميابي ۽ نصيب ڪندو.(آمين).

ڏٺو وڃي ته ڪويت دنيا جي امير ترين ملڪن مان آهي ۽ تيل جي اڻکٽ ذخيرن سان مالا مال هوندي به ڪنهن غريب مسلمان ملڪ کي ڏکيائي ۽ تڪليف ۾ ڪڏهن مدد ڪرڻ جو ڪونه ٻڌو آهي. ليڪن انهن جي وسيلن تي هلائي چلائي سندن دوست اولهه جي ملڪن جي هٿ هيٺ ضرور آهي. آمريڪا صدام کي چڙهائي ڪرڻ جو سائو سگنل ڏئي، پنهنجا پراڻا ملٽري هٿيار ۽ اوزار مسلمانن کي مارڻ لاءِ هنن کي ئي وڪيا ۽ نئين ٽيڪنالاجي تحت نهيل نئون ملٽري هٿيارن ۽ اوزارن جي پرک ۽ چڪاس ڪندي، مسلمان جو رت وهايو. اِها عام ڳالهه آهي ته ڪويت جي امير وٽ ايتري ته دولت آهي، جو جيڪڏهن سڄي دنيا جي مسلمانن ۾ ورهائي ته هر هڪ کي گهٽ ۾ گهٽ به لک روپيا حصي ۾ ملندا.

ٽوئر پروگرام

جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ مان جنرل شايع کان هڪ مهينو موڪل جي اجازت ورتي جنهن ۾ مصر، ترڪي ۽ يونان گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. بيگم صاحبه کي پاڪستان مان گهُرائي ورتو جنهن کانپوءِ انهن ٽنهين ملڪن جي وزٽ ويزا لاءِ جدي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. مديني مان ٽيندا ابيار علي، وٽان عمري جو احرام ٻڌي، حرم شريف پهچي عمرو ڪري، ٻئي ڏينهن صبح جو جدي پهچي، مصر جي ڪنسوليٽ جنرل جي آفيس ڳولي وڃي ويزا لاءِ ڪاغذ جمع ڪيا، جن ٽن ڪلاڪن اندر ويزا هڻي ڏني.ان کانپوءِ ترڪيءَ جي ڪنسوليٽ جنرل جي آفيس ۾ ڪاغذ جمع ڪيا، جن ٽن ڪلاڪن ۾ ويزا لڳائي پاسپورٽ موٽائي ڏنو. جدي کان مڪي شريف اچي پئليس هوٽل ۾ 50 ريال ڪمرو بوڪ ڪرايو، حرم ۾

نماز پڙھي صبح جو يونان جي ڪانسوليٽ جنرل جي آفيس پھچي ويزا لاءِ پاسپورٽ جمع ڪرايو، جنھن 45 ريال في ورتي ۽ صبح اچڻ لاءِ چيو. اسان وٽ جدي جي بلد يا علائقي ۾ 85 ريال ھوٽل بوڪ ڪرائي شھر گھمڻ لاءِ نڪري شارع فلسطين جو چڪر لڳايو، جنھن ڪانپوءِ جدي شھر جو تازو نھيل جمجوم مال (Jomjoom Mall) تان ڪجھ خريداري ڪري ھوٽل ۾ رات رھي صبح جو يونان جي ڪنسوليٽ آفيس پھچي پاسپورٽ ورتا. يونان (Greece) جي آفيس ۾ ڏاڍي رش ھُئي ۽ آگسٽ جي مھيني جي گرمي پنھنجي اوج تي ھجڻ ڪري اسان مڪي وڃڻ جو پروگرام ٺاھيو، جو اُتي اسان جي ھڪ عزيز حاجي عجيب شر جي گھر گاڏي بيھاري ٽوئر لاءِ نڪرڻو ھو. مڪي شريف پھچي ’پئليس ھوٽل‘ ۾ رھياسين. مغرب جي نماز مسجد طبيشي ۾ پڙھي، فجر جي نماز حرم ۾ پڙھي، صبح جو مصر جي قاھره شھر لاءِ روانگي جي حوالي سان جدي ايئرپورٽ پھچي فلائيٽ ۾ منجھند ڏاران روانا ٿياسين. جھاز ڳاڙھو سمنڊ پار ڪري ٻن ڪلاڪن جي قليل عرصي ۾ وڃي مصر جي قاھره شھر جي ايئرپورٽ تي لاٿو. ايئرپورٽ تان اميگريشن ڪرائي ڪسٽم مان نڪري اچي، ٽيڪسي ورتي جنھن اسان کي ھوٽل تي پھچايو. ٽيڪسي واري ٻوليل ملھ کان علاوه وڌيڪ پئسا ٽِپ لاءِ گھري ورتا، اھو ھتان جو کو عام رواج آھي.

مصر جو تاريخي پسمنظر

مصر دنيا جي پراڻي تھذيبن ۾ شمار ٿئي ٿو. ھن وقت مصر جي ايراضي ڏھ لک ڏھ ھڪ ھزار چار سَوَ اٺ مربع ڪلوميٽر آھي ۽ آفريڪا کنڊ جي اترئين چيڙي تي واقع آھي ۽ ھن جي اولھه ۾ لبيا، ڏکڻ ۾ سوڊان، اوير ۾ غزا پٽي (Gaza Strip)، اسرائيل ۽ ڳاڙھو سمنڊ اتس. ھن ملڪ جي وچ ۾ نيل نندي وھي ٿي، جيڪا آفريڪا جي پر واري ملڪن جھڙوڪ سوڊان، اٿوپيا، يوگنڊا ۽ ڪينيا مان نڪري ٿي ۽ مصر جي قاھره وٽان لنگھي پورٽ سعيد (Port Said) ۽ اليگزينڊريا جي وچواري ميدانن کي سيراب ڪري، ميڊيٽيرينين سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪري ٿي. ملڪ جي اڪثريتي آبادي نيل نندي جي ٻنھي سرسبز پاسن سان رھي ٿي ۽ باقي گھڻو حصو جابلو ۽ ريگستاني آھي. سُئز ڪئنال جي حوالي سان ھن ملڪ کي آفريڪا ۽ ايشيا جي زميني پُل (Land Bridge) ڪري سڏجي ٿي، جو سئز ڪئنال جيڪو ھترادو ڪوٽيل جھازراني لاءِ پاڻي جو پيچرو آھي، ميڊيٽرينين سمنڊ کي ڳاڙھي سمنڊ ذريعي بحره عرب سان ڳنڍي ٿو.

قاهره ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ ٻئي نمبر تي وڏا شهر اليڪسزينڊريا ۽ آسوان آهن. انهن کان علاوه لُڪِزَر (Luxor)، پورٽ سيد،شرم الشيخ، غزا (Giza) جتي خُفُور جا احرام (Pyramids) موجود آهن ۽ سئيز شهر (Suez) جيڪو سُئز ڪئنال جي ڏاکڻين ڇيڙي تي واقع آهي.

وادي نيل کان علاوه مصر جي زميني منظر نگاري جي حوالي سان ڪافي ريگستاني علائقو هجڻ سان گڏ ڪجهه نخلستاني (OASIS) علائقا بہ موجود آهن، جن ۾ پاڻي جا چشما ۽ سرسبز وٽڪار موجود آهي، ريگستان سَهارا (Sahara Desert) ۽ لبيا جي ريگستان جا ڪجهه حصا مصر جي هِن ريگستان ۾ شامل آهن. هن علائقي ۾ ايتريون تہ تيز هوائون لڳنديون آهن، جو 100 فوٽن جي اوچائي کان وڏا واري جا دڙا (Sand Dunes) ٺاهيو ڇڏين ۽ اهي واري جا دڙا فرعون جي بادشاهت کي مغرب جي حملن کان بچائيندا رهيا هئا، جنهن ڪري قديم زماني ۾ اِن ريگستاني علائقي کي ڳاڙهي زمين ڪري پُڪاريندا هُئا.

مصر جا ڳاڙهي سمنڊ جي پٽي وارا شهر، ڪائنات جي حرارتي درجو وڌڻ يا گرمائش (Global Warming) جي ڪري، اتر قطب وٽ برفاني جبلن (Ice Bergs) جي پگهرجڻ ڪري، سامونڊي پاڻي جي سطح وڌڻ جي خطري ڪري، ڪافي ماحولياتي تباهي ۽ ماڻهن جي لڏ پلاڻ جو، هِن صدي جي آخر ۾ اڳ ڪٿي ڪئي وئي آهي، جنهن ڪان مصر کي هاڻي ئي سوچڻ ۽ منصوبہ بندي ڪرڻ گهرجي.

مصر ۾ عربي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي پر مختلف علائقن ۾ عربي جي لهجي (Dialect) ۾ فرق بہ موجود آهي. اسڪولن ۾ عربي کان علاوه انگريزي، فرينچ، جرمن ۽ اٽالين ٻوليون بہ پڙهايو وڃن ٿيون.

مصر جي آبادي (2015ع) نَوَ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي، جنهن مان 90% مسلمان آهن، 9% عيسائي ۽ هڪ سيڪڙو دنيا جي ٻين مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا.

قاهره شهر ۾، ترڪي جي استنبول شهر وانگر تمام گهڻيون مسجدون نهيل آهن، ۽ هر مسجد جا ڊگها ۽ خوبصورت منارا ڏسڻ وٽان آهن، جنهن ڪري هن شهر کي ’هڪ هزار مِنارن وارو شهر‘ ڪري ياد ڪيو ويندو آهي.

دنيا جا بہ قديم ادارا هن ملڪ ۾ موجود آهن، الازهر يونيورسٽي جيڪا 970ع ۾ الفاطمي (Fatimids) خلافت (نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ڌي بيبي فاطمہ جي اولاد مان) جي دور ۾ ٺهي ۽ دنيا جي پهرين يونيورسٽي ليکي وڃي ٿي ۽ ٻيو جنهن ڪانپوءِ، اليڪسزينڊريا ۾ آرٿوڊاڪس عيسائي مذهب جو چرچ، جيڪو پهرين صدي عيسوي ۾ ٺهيو.

قديم زماني ۾ مصر ۽ پروارو پرڳڻو ايراني ۽ رومين جي زير حڪومت ۾ واري واري سان ايندو رهيو، جيستائين 907ع ۾ الفاطمي خلافت شروع ٿي، جيڪا تقريباً ڇهه سؤ ڏهه سال هلي، جن قاهره کي خلافت جو مرڪز بڻايو. 1517ع ۾ عثماني خلافت مصر کي فتح ڪيو ۽ گهڻي عرصي کان پوءِ وري مصر جو صوبو ملٽري طاقت ڪري، مملو ڪن (Mumluk) جي هٿ هيٺ آيو، جن مصر کي عثمانيه خلافت کان نيم خود مختياري وني ڏني ۽ ان کانپوءِ نيپولين بونا پارٽ (Napolean Bounapart) فرينچ فوجن جي طاقت سان 1798ع ۾ مصر کي فتح ڪيو، ليڪن ٿورن سالن جي قليل دور حڪومت کانپوءِ، محمد علي پاشا جيڪو عثمانيه حڪومت تحت هڪ الباني فوجي ڪمانڊر هو، تنهن مصر تي قبضو ڪيو ۽ عُثمانيه سلطنت کان مصر لاءِ خود مختياري حاصل ڪئي. جنهن کان پوءِ انگريزن، 1882ع تي مصر تي حڪومت ڪئي، ليڪن هُو خلافت عثمانيه جي صلاح ثواب ۾ پهرين جنگ عظيم تائين رهيا. نيپولين مصر ۾ رهائش اختيار ڪري مسلمان ٿيو، هڪ مصري عورت سان شادي ڪئي.

محمد علي پاشا پنهنجي وقت ۾ سوڊان ۽ ڪجهه عرب جا پرڳڻا مصر سان ملائي، فوج، زراعت ۽ تعليم ۾ وڏي ترقي آندي. صدين کان مصرتي غيرن جي خلاف حڪومت نيٺ آخر محمد عرابي جي قيادت ۾ نوجوان نسل ۾ سجاڳي آندي جو بغاوت ڪري حڪومت خلاف اٿي ڪڙا ٿيا، پر ڪمزور هجڻ ڪري ڪيترائي سال وڙهندا رهيا، ڪجهه سالن کانپوءِ انگريزن مصر کي آزاد ڪرڻ جو هڪ نهراءُ پاس ڪيو، جنهن تحت، 18 جون 1953ع ۾ مصر کي جمهوريت Egyption Republic جو درجو ڏنئي، ملٽري جنرل محمد نجيب کي مصر جو پهريون صدر ڪري رکيو ويو. جمال عبدالناصر 1954ع ۾ جنرل محمد نجيب کي طاقت ذريعي معزول ڪيو . هِي اُن نوجوان قوم پرستيءَ جو معمار هو. جمال عبدالناصر وڏي دليري ڏيکاريندي هڪ مهيني کانپوءِ فرينچ ۽ برٽش ڪنٽرول هيٺ سئيز ڪئنال کي قومي ملڪيت ۾ ورتو، جنهن ڪري 1956ع ۾ سئز ڪئنال بابت وڏو گهوٽالو آيو ۽ مغربي طاقتن ۾ بُحران پيدا ڪيو.

صدر جمال ناصر، 1970ع ۾ وفات ڪئي، جنهن کانپوءِ انور صادات صدارت جو عهدو سنڀاليندي روس کان واسطا ٽوڙي، آمريڪا سان دوستي وڌائي، جنهن 1977ع ۾ اسرائيل جو دورو ڪري، هڪ ٺاهه هيٺ ڪانئن اڳ ۾ قبضي هيٺ آندل صحراءِ سينا (Sahrae Sinnai) خالي

ڪرائي ورتو، جنهن ڪري ڪاوڙ ۾ عرب ليگ جي شاهن مصر کي پنهنجي برادريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ اخوان المسلمين جي هڪ جُنوني، انور صادات تي فوجي سلامي دوران سڌا سنوان فائر ڪري کيس موقعي تي ماري وڌو. صدر صادات جي قتل ڪانپوءِ، 1980ع ۾ هڪ رفرينڊم ذريعي حُسني مبارڪ کي صدر چونڊيو ويو، جيڪو لبيا جي ڪرنل قذافي، عراق جي صدام ۽ پاڪستان جي جنرل ضياءُ الحق وانگر ڪُرسيءَ سان ائين قابو ٿيو، جڻ کيس ويلڊ ڪيو ويو هجي. نيٺ عوامي هنگامن ۾ اهڙيو سوگهو ٿيو جو کيس 2011ع تي زبردستي استعيفيٰ ڏيڻي پئي.

قاهره ميوزم

قاهره شهر گهمڻ ۽ هتان جا مختلف ثقافتي جايون ۽ قديم آثار ۽ شهر جون خاص بازارون، عجائب گهر ڏسڻ لاءِ هڪ هفتو ترسڻ جو پروگرام ٺاهي، هوٽل وارن کي اطلاع ڏنو جنهن تي هو خوش ٿيا.

هوٽل مان نڪري ٽيڪسي ڪري ’قاهرا ميوزم‘ ڏانهن وڃڻ لڳاسين ته جلدي پهچڻ تي محسوس ٿيو ته ميوزم هڪ ڪلوميٽر جي پنڌ تي هو، ۽ ٽيڪسي واري ميٽر ڪونه هلايو ۽ وڏيڪ گهرڻ لڳو ۽ نيٺ گهٽي ڇڏ چوٽ ڪانپوءِ جان ڇڏائي. هتي جا ماڻهو اجنبي سياحن کي ڦرڻ ۽ ٺڳڻ جي چڪرن ۾ هميشه رُڌل هوندا آهن. قاهره ۾ مواصلات جا مختلف وسيلا آهن، جهڙوڪ، ميٽرو ريل، بسون ۽ ويگنو پر انهن کي استعمال ڪرڻ لاءِ شهر جي رستن جي واقفيت هئڻ ضروري آهي. اڻ واقف اجنبي سياحن لاءِ ضروري آهي ته ٽيڪسي جو سهارو وٺي، پنهنجي گهُربل منزل تائين پهچي، ليڪن ٽيڪسيءَ ڊرائيورن جي چالاڪين ۽ ٺڳجڻ کان هوشيار رهڻ تمام ضروري آهي. قاهره جو شهر به سنڌ جي ڪراچي ۽ حيدرآباد وانگر آهي. شهر جا ڪجهه علائقا صاف سٿرا آهن ۽ تورو پنڌ ڪرڻ سان گندگي پريل ۽ غريبن جون جهوپڙيون، شانتي گهر نظر ايندا، جتي ناليون پيون تمتار وهنديون. ڳالهه ٽيڪسيءَ جي پئي ڪئي سون، ٽيڪسي جا هتي ٽي قسم آهن. ڪاري رنگ جي ٽيڪسي، جيڪا بغير ايئرڪنڊيشن، گاڏي پراڻو ماڊل، ميٽر بنهه ڪونه هوندس ۽ ڊرائيور توهان کان اِن ڪوشش ۾ هوندو ته بيٺو ڪرايو وٺي. هميشه ٽيڪسي ۾ ويهڻ کان اڳ ميٽر تي هلڻ جو اڳوات پڇو يا وري ڪرايو طئي ڪري پوءِ گاڏي اندر داخل ٿيو. ڊرائيور هرويرو توهان سان ضرور ڦڏو ڪندو ۽ ڪرايو مٿي

ونڻ جي ڪوشش ڪندو. پر توهان جي تورو سخت تي ڳالهائيندا تہ هو نرمائي ۾ توهان کي منٿ ڪندو، جو زيارت ڪندڙن لاءِ پوليس اُنهن تي ڏاڍي سختي ڪندي رهي ٿي. مصر ۾ هر روز هزارين زائرين اچن ٿا ۽ ملڪ تمام گهڻو ناڻو ڪمائي ٿو. اِن لاءِ پوليس توهان جي حفاظت لاءِ موجود هوندي. ٻئي ٽئڪسي اڇي رنگ ۾ آهي، جيڪا ڪاري رنگ واري کان سروس ۾ بهتر آهي. هِن ۾ ميٽر ۽ AC لڳل هوندو آهي، ڪرائي وارا ميٽر کي لالچي ڊرائيور خراب ڪري رکندا آهن يا وري اُنهن جي ڦرٽي کي تيز ڦِرڻ واري سُئي هٽائي ڇڏيندا آهن، جنهن ڪري ڪرايو ٻيڻو ٿي ويندو آهي. اهڙي قسم واري ٽيڪسي ڊرائيور جو بہ احتياط ڪرڻ گهرجي. ٽئين ٽيڪسي پيلي رنگ جي آهي جيڪا پروسي ڪرڻ جهڙي آهي.

مشهور تحرير اسڪاير (Freedom Square) پرسان عجائب گهر وٽ ڳاڙهي رنگ جي بہ ماڙ عمارت وٽ پهتاسين. عجائب گهر ڏسڻ لاءِ ڏاڍي خلق آئي هئي، جو ٽڪيٽ وٺڻ ۾ اڌ ڪلاڪ لڳي ويو. هن عجائب گهر ۾ قديم مصر جي بادشاهن جون نادر شيون، فرعون ۽ ٻين بادشاهن جا محفوظ ڪيل لاش (Mummies) پويان ايندڙ نسل لاءِ نشانين طور رکيل آهن. فرعون جي لاش کي پوئين ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪري رکڻ جو قرآن شريف ۾ بہ ذڪر آيو آهي.

ميوزم ۾ مصر جي پراڻي تهذيب جي حوالي سان مختلف قسم جون هڪ لک سٺ هزار شيون رکيون ويون آهن، جيڪي پنج هزار سالن جي پراڻي تاريخ جي نشاندهي ڪن ٿيون. ان کان علاوه 27 فرعون دور جي شاهي فردن جون محفوظ ڪيل لاشون آهن، جو اُن وقت مصر جي ماڻهن ۾ اهو عام رواج هو، جنهن تحت لاشن کي دفن ڪرڻ بجاءِ، اُنهن کي مختلف ڪيميائي عملن جي ذريعي هزارن سالن تائين ڪنهن ڪيڙي يا بئڪٽيريا لڳڻ جي خطري کان محفوظ ڪري رکندا هُئا.

لاشن جي حفاظت جا مصرين جي وٽ ٽن کان وڌيڪ طريقا هُئا، جن ۾ لاش کي برف ۾ ڄمائي (Freeze) رکڻ، ٻيو اُن کي بلڪل سُڪائي رکڻ، ٽيو طريقو خاصو ڏکيو ۽ مهانگو آهي، جنهن ۾ انساني جسم جي انهن حصن، جهڙوڪ، پيٽ مان آنڊا، ڦڦڙ، دل ۽ مٿي مان دماغ ڪڍي باقي بچيل جسم جي پاڻياٺ ڪڍڻ ۽ جسم کي سُڪائڻ لاءِ هڪ نمڪين ڪيميڪل استعمال ڪيو ويجي ٿو، جنهن کي نيٽرون (Natron) چئجي ٿو. اهو ڪيميڪل نيل ندي جي ڀرسان پاسن واري علائقن ۾ موجود آهي.سوڊيم باءِ ڪاربونيٽ کي جڏهن آلاڻ يا گِهم ملندي، تہ جسم جي تيزابيت (pH)

وڏي وڃڻ ڪري، ڪابه بئڪٽيريا حملو نه ڪري سگهندي آهي. اُن جسم کي ڪيميا ۾ پُسيل ڪپڙي جي پٽين سان ويڙهي، سُڪائڻ کان پوءِ ڪنهن شيشي جي صندوق ۾ هميشه لاءِ رکيو وڃي ٿو. مُردي جي بدن جي حفاظت (Mummification) قديم زماني ۾ صرف ڏن دولت يا بادشاهه ئي ڪرائيندا هُئا، هيءُ عام ماڻهو جي وَس جي ڳالهه ڪونه هوندي هُئي. هِن مِيوزم جي زميني سطح واري حصي جي هڪ وڏي هال ۾، مصر ۾ ايجاد ڪيل پيپرس (Papyrus) رکيل آهي، يعنيٰ پني جي چائنا ۾ ايجاد کان اڳ هتي سائپرس جي وڻن مان هڪ پنو ٺاهيو ويندو هو، جيڪو بادشاهن جي احڪامن جاري ڪرڻ ۽ معاهدن لکڻ جي ڪم آندو ويندو هو. اِن پني جي ايجاد قديم زماني جي وڏي مهارت ۽ قابليت مڃڻ وٽان آهي. انهن پنن کي حفاظت سان ڪيترين صدين کان سانڍڻ به ايترو آسان ڪم نه آهي. ساڳئي حال ۾ قديم زماني ۾ استعمال هيٺ سِڪا رکيل آهن، جن تي اهڙا اکر لکيل آهن، جو پڙهڻ ۾ ڪونه ٿا اچن، ڪي يوناني ٻولي ۾ ته ڪي وري رومي ۽ پراڻي عربي زبان ۾آهن. اِهي سِڪا جن تي بادشاهن جو شڪليون پڻ ٺهيل (Image Embossing) آهن، سي مختلف ڌاتن، جهڙوڪ، پتل (Bronze)، چاندي ۽ سون جا ٺهيل آهن.

هن ميوزم اندر خاص حصن ۾ فوٽو ڪڍڻ منع آهي، ليڪن ميوزم جي ملازم کي ڪجهه پائونڊ کيسي ۾ وجهڻ سان، جيترا دل چاهي فوٽو ڪڍي سگهو ٿا.بس ساڳيوئي اسان واري پوليس وارو معاملو لڳو پيو آهي. ڪجهه مصرين ۾ هڪ عادت عجيب آهي ، اگر توهان واٽ ويندي ڪنهن مصري کان ڪنهن هنڌ وڃڻ يا ڪنهن جڳهه جي رستي بابت پڇيو ته ٻڌائڻ کانپوءِ، توهان جي اڳيان هٿ ڪولي معاوضي جي گهُر ضرور ڪندا خير مصري سنا ماڻهو به آهن، توهان کي پڙهيل ۽ اخلاق وارا به گهڻا ملندا.

ميوزم جي ٻئي هال ۾، ڏهه صديون قديم بادشاهن جا بُت محفوظ رکڻ واريون صندوقون (Coffins) جام نظر ايندين، جن تي انهن جا نالا ۽ سال لکيل ملندا. ميوزم جي ٻئي منزل تي فرعون جي مقبرن مان لڌل قديم مصنوئي شيون رکيل آهن. فرعون ڪنهن هڪ بادشاهه جو نالو نه آهي، البت فرعون قبيلي (Clan) جي شهنشاهيت جو نالو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي فرعون قبيلي مان بادشاهه ٿيا. جيئن هندستان جي تاريخ ۾ مغل دور حڪومت رهيو، جنهن ۾ مغلن مان مختلف هندستان جا بادشاهه ٿيا.

اهڙيءَ طرح قديم دور ۾، 525 سال قبل مسيح، مصر ۽ ان جي آس پاس واري علائقي تي، فرعون قبيلي، ٻه هزار پنج سَوَ پنجهتر سال (2575 سال) جي طويل عرصي ۾، ايڪٽيهه مختلف حاڪميت جي دورن دوران، هڪ اندازي مطابق، ساڍا ٽي سَوَ کان وڌيڪ فرعون حاڪمن قديم مصر تي ايتري ڊگهي عرصي تائين حڪومت ڪئي، جنهن جو مثال هن دنيا جي ڪنهن ٻئي پرڳڻي ۾ نه ٿو ملي. انهن ساڍن ٽي سَوَ فرعوني حاڪمن مان، 27 حاڪمن جي مُردن کي حِفاظت ۾ رکيو ويو آهي، جن کي ٽن هزار سالن کانپوءِ به سُڃاڻي نه، پر ڏسي ضرور سگهجي ٿو. فرعون جي حاڪمن جي طاقت ۽ سندن ظلمن جو داستان قرآن پاڪ ۾ تفصيلي طور ڏنل آهي، جنهن ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي الله تعاليٰ مصر جي صحراءِ سيناءَ جي هڪ جبل مان روشني ڏيکاري، فرعون جي مقابلي لاءِ حڪم ڪيو. بني اسرائيل قوم جي آزادي به اِن معاملي جو حصو آهي.

مصر جون ڪيتريون ئي مِميزِ استنبول، لنڊن، جرمن ۽ آمريڪا جي مختلف شهرن جي عجاعب گهرن جون زينت بڻيل نظر اينديون، جو قاهره جي ميوزم مان ڪيترائي ڀيرا چوري ۽ لُٽ مار ڪري اهڙين قيمتي قديمي ثقافت جي ورثي کي ڪوڙين جي اگهه ۾ وڪڻي، دُشمنن جي حوالي ڪيون آهن. هن قوم جو الله تعاليٰ ئي حافظ آهي. گذريل انقلاب (2011) دوران، ميوزم جا دروازا ڀڃي ماڻهو اندر داخل ٿي ڪيترن شين کي چورائي ويا ۽ ٻن مردن جي مَمِيز کي ڀڃ ڀڃي ڊاهي ڇڏيو. ان کان اڳ ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا ٿيا آهن، جن ۾ مِيوزم کي وڏو نقصان رسيو آهي.

2003ع دوران اسان جڏهن ڪئناڊا ۾ رهندا هُئاسين ته اتان جي هڪ روزنامہ اردو ٽورنٽو ٽائيمس جي آڪٽوبر 2003 جي شماري ۾ سُرخي آئي ته ’فرعون مصر اول جي ممي تقريباً ڏيڍ سَوَ سال ڪيناڊا جي ميوزم ۾ پئي رهي‘ جنهن کي هاڻي مصر واپس موڪلي رهيا آهن. اِها ممي ڪئناڊا ۾ سمگل ٿي آئي هئي، جنهن کي واپس ڪرڻ لاءِ آمريڪي شهر اٽلانٽا پهچايو ويو، جيڪا اتان مصر رواني ٿي ويندي. اها مَمي هڪ مصري خاندان، عجائبات جي هڪ ڪينيڊين شوقين کي وڪڻي ڏني هئي، جيڪا مختلف واپارين جي هٿان وڪامدي اچي ڪئناڊا جي نياگرافال شهر، جيڪو آمريڪي سرحد ڀرسان واقع آهي، انجي عجائب گهر ۾ ڏيڍ سَوَ سال تائين رکيل رهي. 1998ع ۾ جڏهن هن عجائب گهر جو نيلام ٿيو، ته ٺيڪيدار هن مَمِي، جنهن بابت شڪ هو ته فرعون جي بادشاهہ رمزيز 1 جي آهي، تنهن کي ويهہ ملين ڊالر قيمت ۾ آمريڪي شهر اٽلانٽا جي عجائب

گهر کي وڪڻي ڏني ۽ معلوم ٿيڻ تي ته اصل مصر مان سمگل ٿيل آهي، ته پوءِ تحفي طور مصر کي موٽائي ڏني پئي وئي.

اِن هال ۾ ڪيترن بادشاهن جا بُت پيا آهن، جيڪي ڪجهه اصلي سون جا ٺهيل معلوم پيا ٿين. فرعون بادشاهه رَمِيزيزِ (ii) جو 83 ٽن، ٽي هزار سال پراڻو مجسمو قاهره ريلوي اسٽيشن جي چوڪ تي، 50 سالن تائين بيهاريل هو ۽ پر هاڻي ان جي مرمت ڪئي پئي وڃي. قاهره ميوزم ڪافي وڏو هجڻ ۽ مختلف حصا ڏسڻ ۾، اسان کي سڄو ڏينهن لڳي ويو. واپسي تي فودِ اسٽريٽ پهچي، رات جي ماني کاڌي ۽ پوءِ هوٽل وڃي آرامي ٿياسون.

مصري احرام

گِزا پئرامڊ (Giza Pyramids) جيڪو شهر جي ٻاهران ابراهيم روڊ جي پڇ ۾ آهي ۽ اوچائي واري جبل جي چوٽي تي، ٽي وڏا ۽ ٽي ننڍا پائرامڊ آهن، جيڪي شهر مان ڪنهن اوچاهي واري جاءِ تان واضع طور ڏسڻ ۾ ايندا. اُنهن پيرامڊ جا نالا، فرعون بادشاهن جي نالن سان سڏيا وڃن ٿا، جن اُنهن کي ٺهرايو ۽ هو اُتي مدفون آهن. هڪڙو مَين ڪُوارِي (Menkauri Pyramid) ٻيو خَافِرِي (Pyramid of Khafre) ۽ ٽيون جيڪو زمين جي سطح کان 150 ميٽر اوچو آهي، تنهن کي خُوفُو يا چيوپس (Cheops) Pyramid oi Khufu ڪري سڏين ٿا.

احرام يا پئرامڊ جي اندر وڃڻ لاءِ وڏيڪ پئسا ڏيڻا پون ٿا. اندر داخل ٿيڻ لاءِ هڪ سُرنگهه ٺهيل آهي، جيڪا ڏاڪڻ ذريعي پئرامڊ جي وچ واري حصي ۾ ٺهيل گِرانڊ گئلري (Grand Gallery) تائين پهچائي ٿي ۽ اجان ٿورو ڏاڪڻ ذريعي مٿي وڃڻ سان بادشاهه جي چئمبر (King Chamber) ۾ وڃي سگهجي ٿو. هن پئرامڊ جي سطح ارضي کان 30 ميٽر هيٺ هڪ چيمبر ٺهيل آهي، جنهن کي غالباً بادشاهه يا سندس اولاد جي مرڻ کان پوءِ ڪين اُتي دفن ڪيو ويندو هو يا وري حالات جنگ ۾ اُتي لِڪڻ جي گنجائش هجي (والله عالم).

هي پيرامڊ سوا تيرنهن ايڪڙن جي زمين تي ٺاهيو ويو آهي، جنهن ۾ هڪ اندازي مطابق 2.50 ملين پٿرن جا بلاڪ (Stone Blocks) استعمال ڪيا ويا آهن، هر هڪ بلاڪ جو وزن ڏيڍ ٽن آهي. قدرتي پهاڙ مٿان هترادو پهاڙ ٺاهيو ويو آهي. هنن پيرا مڊ جي اڏاوت عام ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر آهي، جو وزني پٿرن کي ايتري اوچائي تائين، بغير مشيني طاقت جي ڪٽي وڃڻ ۽ پنهنجي جاءِ تي لڳائڻ انتهائي ناممڪن پيو لڳي.

احرام مينڪواري هنن ٽنهين احرامن ۾ گهٽ اوچائي، 61 ميٽر (204 فوٽ) وارو احرام آهي. هڪ وڏي پٿر مان ٺهيل شينهن جي جسم وارو بوتو، جنهن کي انساني سِسِي لڳل آهي، سو به احرامن جي اوپر واري حصي ۾ موجود آهي، جنهن ڪري هن کي Sphinx ڪري سڏيو وڃي ٿو ۽ لڳل سِسِي چون ٿا ته فرعون بادشاهه ڪيفري (Khafre) جي آهي. مصر جي مختلف شهرن ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا احرام موجود آهن. اِهي احرام دنيا جي ستن عجائبات (Seven Wonders of the World) مان قديم مصر جي، هڪ منفرد قسم جي اڏاوت جو دلفريب ۽ دلچسپ شاهڪار آهن. مصر جي احرامن جي ٽوئر ڏاڍو ٿڪائي وڌو جو احرام اندر وڃڻ ۽ سَوَين ڏاڪا چڙهڻ ۽ آڪسيجن جي گهٽ هجڻ ڪري مشڪل مرحلو پئي لڳو.

الاَظهر يونيورسٽي

شهر اندر واقع الاظهر يونيورسٽي ڏسڻ لاءِ نڪتاسين. يونيورسٽي جي خوبصورت عمارت پرسان الاظهر باغ جا دلفريب، سرسبز منظر ڏسي ڏاڍو مزو آيو. يونيورسٽي ۽ باغ ۾مقامي زائرين جي ڏاڍي پيڙ لڳل هُئي. پارڪ اندر پاڻي جا ڦوهارا هلي رهيا هُئا ۽ هزارين رنگين گلن جا وڻ ۽ ٻوٽا باغ جي رونق کي چار چنڊ لڳائي رهيا هُئا. پارڪ اندر زائرين جي هر سهولت جو مناسب بندوبست هو، جنهن ۾ کاڌي پيتي لاءِ ريسٽورينٽ، ڪيفيز وغيره شامل آهن. پارڪ جي وچ ۾ هڪ وڏي ڍنڍ موجود آهي، جنهن ۾ ننڍيون رنگين موٽرائيز ٻيڙيون تري رهيون آهن. يونيورسٽي اندر هڪ خوبصورت مسجد ڏسڻ وٽان آهي. جنهن ۾ هزارين نمازين جي گنجائش آهي.

زائرين جي گروپ سان خانه خليل (Khan-el-Khalil) مارڪيٽ جو دورو ڪيو، هي تمام وڏي ۽ سستي مارڪيٽ آهي، جنهن ۾ توهان هر ضرورت جي شئي خريد ڪري سگهو ٿا. ڪپڙن کان وٺي مختلف سوکڙيون (Souvenirs) ۽ هٿ جون ٺهيل شيون (Hand Crafts) ملي وڃن ٿيون. ڪنهن به دڪان تي مقرر قيمتون ڪونه آهن، البت چڏ چوٽ (Bargaining) جو جهان جاري آهي. اهو مصري دڪاندارن جو پراڻو اصول آهي ته زائرين کي جيترو ٿي سگهي اوترو وڌيڪ ڦريو. هن بازار ۾ ڪجهه جاين تي مصر جي بيلي ڊانس (Belly Dance) ۽ صوفي ڊانس مفت ۾ ڏيکاري وڃي ٿي. هن ئي بازار جي ٻاهران هڪ وڏو قلعو (Citadel) آهي، جيڪو تمام پراڻو

نهيل آهي. هن تاريخي قلعي اندر محمد علي مسجد آهي، جيڪا ٻاهرين خوبصورتي ۾ استنبول واري بلِيو مسجد سان گهڻي مشابهت رکي ٿي. هتان توهان کي قاهره شهر ۽ احرام مصر جا منظر صاف نظر ايندا.

قاهره ٽاور جيڪو نيل ندي اندر هڪ ٻيٽ تي ٺهيل آهي. هي ٽاور ڪنڪريٽ جي اڏاوت سان 187 ميٽر (614 فوٽ) ڊگهو آهي ۽ شڪل لوٽس گل (Lotus Flower Shape) جهڙي اٿس، 1961ع ۾ تيار ڪيو ويو هو. ٽاور جي مٿئين ڇت (Top Terrace) تي چڙهڻ ڪانپوءِ، توهان پوري شهر جو نظارو ڏسي سگهو ٿا. ساڳئي وقت مٿئين ڇت جي گول ڦرندڙ هوٽل (Revolving Restaurant) ۾ ڪافي يا آئيس ڪريم ڪائيندي، سڄي شهر جي منظر ڪُشي ڪري سگهو ٿا. نيل ندي جي پاڻي ۾ ترندڙ ريسٽورينٽ (Floating Restaurants) ۾ پنهنجو بقايا وقت صرف ڪري، پوءِ ٻيڙي ۾ چڙهي نيل نندي جو نظارو ورتوسين. مصر ۾ سَستي ۽ تڪڙ ۾ تيار ٿيندڙ کاڌي جي حوالي سان توهان کي ’شوآرما‘ ۽ ’ڪوشري‘ عام ملندي. شوآرما ۾ ٻاهر تي پڪل گوشت جا ٽڪُڙا يا چڪن گِرل، سلاد وغيره ملائي هڪ تلهي ماني جي اندر وجهي، ويڙهي ڏيندا جيڪا ڏاڍي لذيذ ٿيندي آهي. ڪوشري ۾ چانور، نوڊل، پاستا، چڻن جي دال ملائي هڪ لذيل ڪاڪٽيل ناهي ڏيندا آهن. مصر ۾ ٻين عربن وانگر ناشتي ۾ فُول ۽ عدس، يعنيٰ مختلف داليون آهن، جيڪي زيتون جي تيل ۾ خاص طريقي سان پچائي ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ڏاڍيون لذيذ ٿين ٿيون.

قاهره جي هڪ اخبار ۾ خبر آئي، ته هڪ رافيل نالي فلپيني نوڪرياڻي، جيڪا ڪويت جي شاهي گهراڻي جي ڪنهن شهزادي جي اڳئين گهر واري کي چاڪن سان وار ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو آهي. شهزادي شيخا لطيفه 51 سال، شيخ منصور جيڪو ڪويت جي بادشاه شيخ جابر الاحد جو ڀاءُ آهي تنهن جي اڳئين زال هُئي، جنهن کي قاهراه جي هڪ فليٽ ۾ مئل ڏٺو ويو ۽ نوڪرياڻي کي هٿ ۾ رت ڀريل چاڪو سميت پوليس پڪڙيو. فلپيني نوڪرياڻيءَ پوليس کي ماجرا ٻڌائيندي چيو ته مان موڪل تي وڃڻ پئي چاهيو، پر شهزادي منهنجي هڪ به نه ٻڌي ۽ منهنجو پاسپورٽ لڪائي ڇڏيو. ڏاڍين منٿن، الازن ڪانپوءِ به هن نه مڃيو، جنهن ڪري مان ڪچن مان ڪاتي کڻي ڪيس زخمي ڪيو ته هِن در کولي ٻاهر ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ڪانپوءِ مان وڌيڪ چاقن جا واري ڪري ڪيس ماري وڌو.

اسان هوٽل مان قاهره - استنبول لاءِ سِيٽون ڪنفرم ڪرايون جنهن جي اڳ ۾ بڪنگ ٿيل هُئي.

ترڪي بابت معلومات

صبح جو ايئرپورٽ پهچي جهاز ذريعي استنبول جي اتاترڪ (Ataturk Airport) هوائي اڏي تان اميگريشن ۽ ڪسٽم ڪرائي ٻاهر نڪري ٽيڪسي لاءِ انتظار ڪيوسين. ڪسٽم وارن سامان ڪونه کولايو، البت صرف معلومات ورتي ته ڪهڙو سامان آهي ۽ VCR بابت معلومات ورتي جيڪا اسان وٽ ڪونه هُئي. اميگريشن ڪرائيندي محسوس ٿيو ته ترڪيءَ وارا انگريزن کان ايترو مرعوب ڪونه آهن، جيترا عرب يا اسان آهيون. جڏهن ٻاهر ٽيڪسي جي انتظار ۾ هئاسون، ته هڪ عورت 40 سال عمر جي اچي اسان کي عرب سمجهي، عربي ۾ چيو ته مان هڪ ٽورسٽ آفيس جي ملازم آهيان ۽ توهان مون سان هلو جو مون وٽ گاڏي آهي.هُن پنهنجو نالو ’لاميا‘ ٻڌايو. پهريائين ته اسان ٿورو پريشان ٿي وياسين پر هُن جلدي پنهنجو ڪارڊ ڏيکاريو، جنهن ڪانپوءِ محسوس ٿيو ته اِن ۾ ڪا ٺڳي نه آهي. اسان ساڻس ڪوسٽر گاڏي ۾ سوار ٿي شهر جي مختلف رستن تان گذرندي هِن پنهنجي آفيس ۾ لاٿو ۽ رهائش لاءِ فرنشڊ ٻه ڪمرا، ٻه باٿ روم ۽ ڪچن وغيره ڏيکاريو، ليڪن پهريون دفعو اچڻ ڪري اسان ڪي پنهنجي سيفٽي ۽ سيڪورٽي جو خيال رکندي، ڪيس ڪنهن فور اسٽار هوٽل تي وٺي هلڻ لاءِ چيو، جنهن لاءِ هُن اسان کان 15 ڊالر ڪرايو ورتو ۽ ’اقبال هوٽل‘ ۾ پهچايو، جتي آجيان ڪندڙ چوڪري، 50 ڊالر ۾ ڪمرو ڏئي، اسان جو سامان ڪمري تائين پهچرايو. جنهن ڪانپوءِ سمهي ڪئي سُون ڏاڍي ننڊ. هوٽل ۾ اسان جي ڪمري جي جاءِ اهڙي زبردست هُئي، جو دري مان نظر ڊوڙائڻ سان، باسفورس سمنڊ جو سڄو نظارو ۽ هلندڙ جهاز صاف ڏسڻ ۾ پي آيا. ڪمري ۾ لڳل TV جا پروگرام ڪافي اڳيرو پئي لڳا، جو ڇمي ڏينڻ، مغربي ڪلچر وانگر هتي به عام هئي. TV پروگرامن ۾ هلڪي، ڦلڪي، موسيقي واري فحاشي ڏسڻ ۾ آئي پئي.

استنبول جي موسم ڏاڍي خوشگوار هوندي آهي، تڏي هوا واري مشين (AC) هلائڻ جي گهٽي ضرورت ڪونه ٿي پئي هوٽل وارن ٽوئر (Day Tour) جي حوالي سان ڪجهه ٽوئر ڪرائيندڙ ڪمپنين جا پمفليٽ ڏياري موڪليا. اسان ايسٽور ٽوئرس سان فون تي رابطو ڪري، صبح جي ڊي ٽوئر پروگرام جي بڪنگ ڪرائي ڇڏي.

مان پڙهندڙن جي معلومات ۾ اضافي لاءِ، ترڪي ملڪ جي جاگرافي ۽ تاريخ تي ٿوري روشني وجهڻ ضروري ٿو سمجهان.

صبح تي جڏھن مان پئسن مٽائڻ واري دڪان (Money Exchanger) تي هڪ سَوَ ڊالر مٽائي مقامي ناڻو، جنهن کي ليرا چيو وڃي ٿو، ورتو تہ مونکي تقريباً ٽي لک ليرا ڏنا، جو منهنجا سڀ کيسا نوٽن سان پرجي ويا. مان بيگم کي چيو تہ اسان هتي وڏا شاهوڪار ٿي ويا آهيون، ايترا پئسا مليا آهن جو انهن کي کپائڻ مشڪل ٿي ويندو. خيال آيو تہ چو نہ هڪ ٻن هفتن لاءِ ڪا گاڏي ونجي. اسان کي خبر تڏهن پئي جڏهن پر واري هوٽل تي وڃي ماني کاڌي ۽ جڏهن بل ڏيڻ لڳاسين تہ ٻئرا پنجاهہ هزار ليرا جو بل ٺاهي آندو، پوءِ تہ ڏاڍي پريشاني ٿي تہ اڳتي گذر الائي ڪيئن ٿيندو. هتي ليرن جي ڪا قيمت ئي ڪونہ آهي، لڳي ٿو تہ حڪومت نوٽن جي انگن پويان هڪ ٻڙي هر سال وڌائيندي رهندي آهي.

دنيا جي نقشي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ ترڪي بيهڪ جي لحاظ کان شام ملڪ جي اتر ۾ ڪاري سمنڊ ۽ ميڊيٽيرينين سمنڊ (Mediterranean) جي وچواري زمين جيڪا صرف شام ملڪ جي زمين سان جُڙيل آهي، باقي ٽنهي پاسن کان پاڻي اتس ۽ اولهہ کان بلغاريہ جو ملڪ واقع آهي، جنهنجو پڻ ساڻس زميني ميلاپ پاڻي جي ڪري ڪٽيل آهي. مزيدار ڳالهہ اِها آهي تہ دنيا ۾ هي اهڙو ملڪ آهي، جنهن جون حدون ستن ملڪن سان لڳن ٿيون ۽ هي ملڪ ايشيا ۽ يورپ جو لنگهہ يا ڪٽي ميلاپ چئجي جنهن ڪري هن ملڪ کي دنيا جي ڪيترين ئي تهذيبن جو گهر چيو وڃي ٿو. هن ملڪ جو 97% حصو جنهن کي ’انتوليا‘ (Anatolia) چيو وڃي ٿو، ايشيا کنڊ جو حصو آهي ۽ باقي 3% جنهن کي بَالڪَنس (Balkans) چئجي ٿو، اُهو يورپ ۾ شامل آهي. وڏي ڳالهہ تہ استنبول شهر جي وچ مان اڌ ڪلوميٽر ويڪرو پاڻي جو وهڪرو آهي، جنهن کي باسفوس (Bosphorus) سڏجي ٿو، تنهن کي ايشيا ۽ يورپ جي سرحد چون ٿا ۽ اهو وهڪرو شهر جي ڏکڻ واري پاسي ’مار مارا‘ (Sea of Marmara) سمنڊ ۽ اتر ۾ ڪاري سمنڊ کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. ترڪي ٻولي ۾ Black کي سنڌي وارو ’ڪارو‘ ئي چون ٿا.

ترڪيءَ جو حدون جن ستن مُلڪن سان لڳن ٿيون، تن ۾ اولهہ ۾ يونان، اتر اولهہ ۾ بلغاريا (Bulgaria)، اُتر اوڀر ۾ جارجيا (Georgia)، اوڀر ۾ آرمينيا (Armenia)، ايران ۽ ڏکڻ اوڀر واري پاسي کان عراق ۽ شام شامل آهن.

ترڪي کي چار سمنڊ لڳن ٿا، جن ۾ ميڊيٽيرينين سمنڊ ڏکڻ ۾، اولهہ ۾ ايجين سمنڊ، ڪارو سمنڊ اتر طرف کان ۽ مارمارا سمنڊ جنهن مان باسورس وهڪرو ڪري، ايشيا ۽ يورپ جي حد بندي ڪري ٿي. ترڪي

ملڪ جي سامونڊي پٽي جي ڊيگهه مٿين چئن سمنڊن جي ڪري ست هزار ڪلوميٽرن کان وڌيڪ هجڻ ڪري ايشيا ۽ يورپ جي وچ ۾ اچ وڃ جي هڪ اهم چؤڏڳي هوندي، هڪ نمايان جيو اسٽريٽجڪ (Significant geostrategic importance) هنڌ هجڻ ڪري، هِن ملڪ جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ترڪي ست لک اسي هزار مربع ڪلو ميٽرن جي ايراضيءَ تي ڦهليل آهي ۽ جاگرافي ۽ جيوميٽري جي لحاظ کان، زمين مستطيل جي شڪل ۾ آهي، جنهن جو هڪ پاسو تقريباً 17 سَو ۽ ٻيو 9 سَوَ ڪلوميٽرن کي ٻن، ٽُڪرن ۾ ورهائي ٿو. هِن ملڪ ۾ پندرهن نديون وهن ٿيون، جن ۾ تِگرِس (Tigris River) ۽ فرات (Euphrates River) نديون وڏيون ۽ مشهور آهن. ملڪ جي چؤڌاري سمنڊ هجڻ ڪري، برسات عام جام ٿئي ٿي ۽ موسم خوشگوار رهي ٿو.

ترڪي جي آدمشماري پنج ڪروڙ (1991) آهي، جيڪا وڌي 2011ع ۾ ساڍا ست ڪروڙ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. وڏا شهر استنبول (Istanbol)، جنهن جو قديمي نالو بَازِينٽِيَم (Byzantium) هو ۽ پوءِ قسطنطنيه ٿيو، اُن جي آبادي پنجاهه لک آهي. اَنڪره (Ankara) جيڪو گاديءَ جو هنڌ آهي، ان جي آبادي چاليهه لک (1991)، اِزمير (Izmir) ٻه لک آبادي جو شهر آهي ۽ ڪونيا (Konya) 15 لک جي آبادي جو شهر آهي، جنهن ۾ مولانا رومي جي مزار آهي. استنبول ۽ انقره جي وچ ۾ فاصلو 460 ڪلوميٽر آهي.

ٽُرڪي ۾ آبادي جو 98% مسلمان آهن ۽ باقي عيسائي ۽ 26 هزارن جي تعداد ۾ يهودي آهن. ترڪي ۾ ترڪي زبان ٻولي ويندي آهي، جيڪا انگريزي الف.ب (Latin Aphabet) ۾ لکي ويندي آهي. ترڪي ۾ بهترين تعليمي ادارا هجڻ ڪري، ملڪ اندر لٽريسي ريٽ (2011) 94% رڪارڊ ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪيترن ئي مغربي ملڪن سان ڀيٽائي سگهجي ٿو.

ترڪي نيٽو جو ميمبر هجڻ ڪري، سندس فوجي طاقت آمريڪا کانپوءِ ٻئي نمبر تي آهي ۽ نيو ڪليئر شيئرنگ پاليسي (Nuclear Sharing Policy)، تحت بيلجيم، اٽلي، جرمني ۽ هاليند جهڙن ملڪن جي خاص مجموعي ۾ شامل آهي، جنهن تحت ترڪي جي هوائي فوج جي اختيار ۾ چاليهه نيوڪليئر بم ڏنل آهن جيڪي حسب ضرورت استعمال ڪري سگهن ٿا.

ترڪي ۾ زراعت کانپوءِ، سياحت کي وڏو ڪاروبار ليکيو وڃي ٿو. حڪومت سياحت لاءِ تمام گهڻو ناٽو سيڙايو آهي جو هر سال ڪروڙين سياح هن ملڪ ۾ اچي پنهنجون موڪلون گذارين ٿا. 2012ع جي اندازي

مطابق، ٽن ڪروڙن کان وڌيڪ زائرين مختلف ملڪن مان هتي آيا، جنهن ڪري ملڪ جي آمدني ۾ اٺاويهه ارب ڊالرن جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو، جيڪو دنيا جي ٽوئريزم جي حوالي سان ڇهين نمبر تي آيو. ترڪي ۾ زائرين جو وڌيڪ انگ مغربي ملڪن کان اچي ٿو، ليڪن ڪجهه ايران، شام ۽ ٻين مسلمان ملڪن مان به اچن ٿا. روس ۽ انگلينڊ مان ايندڙ زائرين اڪثريت ۾ هوندا آهن. ترڪي ۾ زائرين جي گهمڻ ڦرڻ جي آزادي ۽ امن لاءِ هڪ اسپيشل پوليس (Tourist Police) قائم ڪيل آهي، جيڪا هر موقع تي حاضر هوندي آهي ۽ مجال آهي جو ٽيڪسي ڊرائيورنگ، بشني يا لوفر ڪنهن سياح کي تنگ ڪري يا ڦري. ترڪي ملڪ جا ماڻهو بااخلاق، مهربان ۽ مددگار هوندي، ٻاهران آيل زائرين سان حُسنِ اِخلاق سان پيش اچن ٿا. پاڪستانين سان وڌيڪ محبت رکن ٿا ۽ ’اَرگداش‘ ڪري پُڪارين، جنهن جو مطلب پيارو دوست جو آهي. ترڪي ۾ ريپبليڪن آرمي هجڻ ڪري، هر شهري کي آرمي ۾سکيا وٺڻ يا نوڪري ڪرڻ لازمي آهي.

سلطنت عثمانيه جي اوائلي دور ۾، شهنشاهه جي مرڻ کانپوءِ سندس جاءِ نشين اولاد مان جيڪو زياده طاقتور هوندو هو، اُن کي تاجپوشي ڪري سلطنت جون واڳون ڏنيون وينديون هيون، پر اِن ڪشمڪش ۾ مرندڙ بادشاهه جي اولاد پاڻ ۾ وڙهندا (Survival of the fittest) رهندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ماريندا رهندا هُئا. جنهن کانپوءِ هڪ حُڪماني تحت، پڳ ۽ سلطنت جون واڳون وڏي پٽ کي ڏنيون وينديون رهيون. پٽ جي اولاد جي زال مان نہ ٿيڻ جي صورت ۾، سندس ٻئي رکيل (Mistress) نوڪرياڻي يا غلام جي اولاد به اُن صورت ۾ پڳ لاءِ قابل قبول هوندا هُئا جنهن ڪري شاهي خاندان ۾ اندروني بغاوتن ۽ جهڳڙن جنم ورتو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي بادشاهه ۽ شهزادا موت جي منهن چڙهيا. سلطنت عثمانيه 1299ع کان 1922ع جي هڪ طويل عرصي دوران، 623 سال حڪومت هلي ۽ ان دوران چاليهه بادشاهه تخت نشين ٿيا ۽ دنياء ارض تي هڪ وسيع اسلامي خلافت جو دور قائم رهيو.

سعودي عرب ۾ بادشاهه جي وفات کانپوءِ، سندس جانشين پٽ جي بجاءِ سندس ڀاءُ کي پڳ تي ويهاري، سلطنت جون واڳون ڏنيون وينديون آهن ۽ سندن ٻئي اولاد کي راضي رکڻ لاءِ اعليٰ عُهدا ڏنا ويندا آهن. شهزادن جي قابليت ۽ عمر جي لحاظ کان بزرگي جي تربيت ڏيڻ ۽ اُن تي

عمل ڪرائڻ لاءِ هڪ شاهي ڪميشن (Royal Commission) موجود آهي، جيڪا شهزادن وچ ۾ اُيرنڊڙ چپڪلش ۽ اختلافن کي نبيري چڏي ٿي.

ترڪي ۾ بادشاهي نظام يا طاقت جي منتقلي انگريزن جي نظام وانگر وڏي اولاد کي ڪئي ويندي هُئي، بشرطيڪ نرينا هجي، ان لاءِ جو اسلام ۾ عورت جو مقام وراثت جي حوالي سان ٿورو مُختلف آهي. انگريزن ۾ وڏي اولاد جيڪڏهن ڇوڪرو نہ آهي ۽ ڇوڪري آهي تہ ان کي راڻي جو درجو ڏنو وڃي ٿو، جنهن جو مثال هِن وقت جي راڻي الزبيٿ (بِئي) جو آهي، جنهن هن دنيا ۾ ڊگهي عرصي تائين راڻي هجڻ جو رڪارڊ ٺاهيو آهي. ترڪيءَ جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ قديم وقت ۾ ترڪيءَ تي يوناني ۽ ايراني قابض رهيا، جنهن ڪانپوءِ سڪندر اعظم (Alexander the Creat) ان کي فتح ڪيو ۽ اُن تي رومن قابض ٿيا، جنهن ڪان پوءِ بيزنٽائين شهنشاهيت (Byzantine empire) جي هٿ هيٺ رهي. يارهين صدي، 1071ع ۾ سلجوڪ ترڪن هڪ جنگ فتح ڪري ترڪي جا حاڪم ٿيا، جن ڪان بعد منگولن قبضو ڪيو. تيرهين صدي جي آخر ۾ عُثمانيہ دور (Ottoman Empire) شروع ٿيو، جن جنگيون ڪري ڏکڻ اوڀر يورپ، ايشيا جو اولاهون پرڳڻو ۽ اتر آفريڪا جي سيني پرڳڻن کي ملائي، دنيا جي هڪ نئين عظيم ۽ وسيع سلطنت قائم ڪئي، جنهن جو مثال اڄ تائين ڪونہ ٿو ملي. اِن عظيم سلطنت پندرهين ڪان سترهين صدي دوران، پنهنجي دٻدٻي ۽ طاقت جو عروج ڏٺو، خاص ڪري 1520-66ع ۾ جڏهن شهنشاهہ سليمان (Suleman the mangificient) جو حڪومتي دورهو.

ويانا جي 1683ع واري قبضي ۽ 1699ع ۾ تُرڪ جنگ (Great Turkish War) ڪانپوءِ عثمانيہ خلافت جي طاقت گهٽ ٿيندي وئي. پهرين جنگ عظيم (1914-1918) ۾ خلافت عثمانيہ کي شڪست آئي ۽ اسلام دُشمن قوتون گڏجي پيون. جن هِن عظيم سلطنت کي پاڙ ۾ ورهائي ڪيئي نوان ملڪ ٺاهيا. ترڪن جي آزادي واري جنگ (1919-22) جيڪا بابائي قوم مُصطفيٰ ڪمال اتاترڪ انتوليا (Anatolia) ۾ شروع ڪئي. ان جي نتيجي ۾ هي جديد دور جي تُرڪي 1923ع ۾ آزاد ٿي جنهن جو پهريون صدر پاڻ ڪمال اتاترڪ ٿيو.

هن ملڪ ۾ ٽن پاڱن تي ترڪي ۽ هڪ پاڱي تي ڪُرد (Kurd) نسل جا ماڻهو آباد آهن. عثمانيہ خلافت جي عروج دوران، هِن سلطنت جون حدون ڏکڻ ۾ سوماليا تائين اتر ۾ هنگري ۽ اوڀر ۾ ايران تائين ۽ اولهہ ۾ الجيريا تائين ڦهليل هُيون،جن مان هن جديد زماني ۾ ٽيويهہ ملڪن جدا ٿي آزادي ورتي آهي.

استنبول، اوپيرا ۽ اولھ جو ميلاپ

ڳالھ پئي ڪئي اقبال هوٽل جي سو رات جي ننڊ مان فارغ ٿي صبح جو ٽوئر ڪرڻ لاءِ تيار ٿي هوٽل جي بار (Bar) وچي ناشتو ڪيو، جيڪو ڪرائي ۾ شامل هو. ساڍي اٺين بجي ايسٽور ٽوئر ڪمپني جي ڪوسٽر بس آئي، جنهن ۾ سوار ٿياسين. بس مختلف هوٽلن مان زائرين کي ڪٺندي ايسٽور هوٽل جي سامهون کليل ميدان ۾ بيٺي، جتي مختلف ٽوئر مقامن ڏانهن وڃڻ لاءِ ٻيون بہ بسون انتظار ۾ بيٺيون هيون. زائرين سڀ پنهنجي پسند جي ٽوئر مقامن ويندڙ بسن ۾ وڃي چڙهيا ۽ اسان کي ساڳئي گاڏي ۾ ويهڻ لاءِ چيو ويو. اسان سان گڏ ٻيا ٿي جوڙا، انگريزي نسل ۽ هڪ اسرائيلي جوڙو شامل سفر رهيو. ٿوري دير ۾ هڪ نوجوان ڇوڪرو ۽ ڇوڪري گاڏي ۾ سوار ٿيا، جن چڙهڻ سان ڇوڪري پنهنجو تعارف ڪرايو تہ منهنجو نالو ’مُراد‘ آهي ۽ مان توهان جو سُونهون (Guide) آهيان. ٿوري دير کان پوءِ خبر پئي تہ ڇوڪري سندس نندي ڀيڻ آهي، جيڪا پڙهي بہ ٿي پر موڪلون هجڻ ڪري هِن پيشي ۾ تجربو حاصل ڪرڻ لاءِ سِکيا وٺي رهي آهي. ترڪي جا باشندا حُسن اخلاق ۽ رنگ جا پورا ۽ ڏسڻ ۾ سُهڻا ۽ جسم جي اڏاوت ۽ مغربي لباس پهرڻ ڪري، يورپي ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڪنهن کان گهٽ نہ آهن.

گاڏي شهر جي صاف سُٿرن ۽ ويڪرن روڊن تي هلندي رهي. پري اُفق کان پري، سمنڊ جي لهرن ۽ موجن جي تال تي رقص ڪندڙ ٻيڙيون، پتيليون، فيريز ۽ جهاز هڪ ناقابل يقين منظر پيش ڪري رهيا هئا. اتي هڪ ڊگهي لوهي رسن جي طاقت تي ٽِڪيل پُل (Suspension Bridge) جو هجڻ بہ هڪ دلفريب ۽ خوبصورت شاهڪار جي علامت هو. سمنڊ مٿان ناهيل اُها پل آهي جيڪا، هڪ ڪنڊ کي ٻئي ڪنڊ سان ملائي هڪ ڪري ٿي. صبح جي پکڙندڙ روشنيءَ ۾ مسجدن جا بلند مُنارا ۽ ويڪرا، بُلند ۽ عظمت وارا گنبذ ڪنهن شهنشاهيت جو مظهر پيش ڪري رهيا هئا. هي سُهڻي صبح جيڪا شهر بيمثال ۽ باڪمال استنبول جي آهي،سا هِن شهر جي گِهٽين بازارن، گُلزار نظارن ۾ گُم ٿيڻ جي خواهش کي اُڪسائي ٿي. استنبول دنيا ۾ اهڙو هڪ بي مثل شهر آهي، جيڪو هڪ ئي وقت ٻن کنڊن کي ملائي ٿو. 660ع قبل مسيح بيزينٽم جي وقت ۾ هن شهر تي نالو استنبول پيو. هي شهر 16 صدين کان وٺي، چئن مختلف سلطنتن جي گاديءَ جو هنڌ رهيو، جن ۾ رومن، بيزنٽيم ، لاطيني ۽ عُثمانيہ سلطنت شامل آهن.

هن شهر ۾ پهريون دفع ايندڙ، هر گهٽيءَ، بازار ۾ بي حساب ماڻهن جو هجوم ۽ ٽريفڪ جي شاهراهن تي رواني ۽ انجو شور شرابو، هڪ سيلاب وانگر ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيندو پر ڪجهه ڏينهن رهڻ ڪانپوءِ، مقامي ماڻهن جي اخلاق، قانون جي پاسداري ۽ پيار پائي ڏاڍو خوش ٿيندو، جو شهر ڇڏڻ تي سندس دل اُتساهه نه ڪندي. هر سال ٽن ڪروڙن کان وڌيڪ زائرين هن ملڪ، خاص ڪري استنبول شهر جو رُخ ڪن ٿا، جنهن ڪري توهان کي هر گهٽيءَ ۾ ماڻهن جو سمنڊ نظر ايندو ۽ توهان کي ٻين سيني وانگر پنهنجو رستو ڳولي اڳتي وڌڻو پوندو.

جيئن گاڏي هلندي رهي تيئن اسان جي سُونهين انگريزي زبان ۾ معلومات ڏيندو هليو ۽ ڪجهه دير ۾ قديم زماني يعني روم سلطنت جي وقت ۾ ٺهيل چورا چرچ (Church of Chora) وٽ گاڏي بيهاري. اسان پنهنجي ڪئميرا جي فلم 23،000 ليرا ۾ ورتي، (1991 ۾ هڪ ڊالر برابر هيو 2260 ليرن جي). اِن فلم جي قيمت ڏهن ڊالرن برابر ٿي، جيڪا بلڪل ناجائز هُئي، ليڪن تُرڪن جي ڪمائي زائرين جي ٻلي آهي. گائيڊ معلوم ڪرڻ تي ٻڌايو ته چورا لفظ جو مطلب ’ٻهراڙي‘ آهي. يعنيٰ هي چرچ اُن وقت شهر کان ٻاهر هو، جيڪو هاڻي شهر جي وچ ۾ آهي. هن چرچ جي پراڻي عمارت جي باوجود ايتري ته سينگاريل هُئي، جو اندران رنگن ۽ چٽسالي ڪري چمڪي رهي هُئي. هِن چرچ جي اڏاوت هڪ اندازي مطابق 413ع ۾ ٿي هُئي، جنهن ڪانپوءِ ان کي ٻيهر 1077ع ۾ ناهيو ويو. هي ڳاڙهي پٿر مان ٺهيل عمارت آهي ۽ ترڪي معماري مهارت جو هڪ جيئرو جاڳندو شاهڪار آهي. اندرين پاسن تي رنگا رنگ موزائڪ ٽائلون لڳائي مختلف ڊزائينون، چٽساليون عيسائيت جي مذهب جي عڪاسي ڪري رهيون هيون. بيبي مريم سندس والدين، ۽ حضرت عيسيٰ جو پيدا ٿيڻ، پيغمبري ملڻ ۽ ڪراس (Cross) تي لٽڪائي موت جي سزا ڏيڻ وغيره. اُهي سڀ خاڪن ذريعي پٿن تي تصويرون اُڪريل هيون.

چرچ اندر سون سان چٽسَالي پڻ ڪيل هُئي. اِن چرچ کي عُثمانيه دور حڪومت اچڻ ڪانپوءِ هڪ محراب ٺاهي مسجد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو، ليڪن هِن وقت خبر نه آهي ته هتي نماز ٿيندي آهي يا نه.

هن شهر جي آبادي هڪ ڪروڙ چاليهه لک (2013) آهي ۽ مڊل ايسٽ ۾ چوٿين ۽ دنيا ۾ آبادي جي لحاظ کان پنجين نمبر تي آهي. اسانجي سُونهين بس ذريعي شهر جي مختلف رستن تان سفر ڪندي، سونهري

سِنگ ندي (Golden Horn River) جو ڪپر وٺي هڪ فرينچ شائر، ’پيئر لوٽي‘ (Piere Loti) جو گهر ڏيکاريو ۽ اِن نالي سان هڪ ڪافي هائوس به آهي جنهن ۾ اسان کي ڪافي به پياري وئي.

پيئر لوٽي جنوري 1850ع ۾ ڄائو هو، وڏو فرينچ شاعر، ناوِلسٽ ٿي گذريو آهي، ليڪن پيشي جي حساب سان هڪ ڪامياب نيول آفيسر هو. هِن تُرڪن جي جنگ آزادي ۾ ترڪن جي حمايت ڪئي،سندس مٿان حڪومت ناراض ٿي ۽ هو جڏهن نيول آفيسر جي حيثيت ۾ ويٽنام موڪليو ويو، ته هن ويٽنام جي عوام سان ٿيندڙ ظلمن جو برملا اظهار ڪيو. هِن ڪيترائي ناول لکيا آهن، جنهن ڪري هن کي بين الاقوامي شهرت حاصل ٿي. فرانس اڪيڊميا (Academie Francaise) هن جي ڪم کي تسليم ڪري ڪيس اعليٰ ترين اعزازن سان نوازيو آهي. هن برٽش انڊيا (1900ع) اچي هڪ ناول لکيو، جنهن جو نالو ’انڊيا بغير انگريزن جي‘ (India Without British)رکيو ۽ پنهنجي نه لکندڙ سچائي ۽ هندستان اندر ٿيندڙ ڏاڍاين جو برملا اظهار ڪيو. پيئر لوٽي 10 جون، 1923ع ۾ گذاري ويو.

Golden Horn River کي سنڌي ۾ ’سونهري سِنگ ندي‘ چئي سگهجي ٿو، هي 7.50 ڪلوميٽر ڊگهي ۽ ويڪر ۾ 300 کان 750 ميٽر هڪ بينل پاڻي يا ائين ڪٽي چئجي، ته بند ندي آهي،جيڪا باسفورس مان مر مرا سمنڊ جي ويجهو نڪري ٿي ۽ پراڻي استنبول ۽ نئين آبادي کي جدا ڪري ٿي. اڳيان بند هجڻ ڪري، هِن ۾ ڪو پاڻي جو وهڪرو نه آهي، البت قديم زماني کان جبلن تي پوندڙ برسات جو پاڻي وهڪرو ڪري اچي، هن نندي ذريعي باسفورس ۾ خارج ٿيندو رهي ٿو.

پيئرلوٽي فرينچ ناولسٽ ۽ نيول آفيسر جو گهر گولڊن هارن ندي جي ڪناري تي، 300 ميٽر جي اوچائي واري جبل تي واقع آهي، جتان سڄي شهر، گولڊن هارن ندي جي پر رونق نظارن سان گڏ باسفورس ۾ جهازن جي چُرپُر، ائين پئي لڳي جڻ ڪنهن هوائي جهاز يا هيليڪاپٽر مان منظر ڪشي ٿي رهي هجي. اسان جي سونهين هوٽل ۾ ڪافي پيئڻ دوران ٻڌايو ته پيئر لوٽي ترڪن بابت ۽ خاص ڪري استنبول شهر جي پنهنجي ڪتابن ۾ ڏاڍيون تعريفون ڪيون آهن، جنهن ڪري اڃان تائين ڪيس ياد ڪيو ٿو وڃي ۽ هر سال ڪافي زائرين سندس رهائشگاهه جي محل وقوع کي ڏسڻ اچن ٿا. ترڪي وارن اِن وڏي جبل جو نالو پيئرلوٽي جبل رکي ڇڏيو آهي. سونهري سگ ندي تي اِهو نالو ان ڪري پيو آهي جو قديم زماني ۾ سج

لھڻ ۽ اپرڻ وقت، سج جا ڪرڻا ھن پاڻيءَ تي لڳي، ھڪ سونھري رنگت جو نظارو ڏيندا ھُئا، جنھن ڪري ان ڪي گولڊن چيو وڃي ٿو ۽ ھارن ان لاءِ تہ ھن ندي جي شڪل ھرڻ جي سِڱَ جھڙي ھجڻ ڪري، انگريزي ھارن جو لفظ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

گولڊن ھارن ندي ۾ پاڻي جو وھڪرو نہ ھجڻ ۽ ٻنھي پاسن تي جبلن مٿان آبادي ھجڻ ڪري، گندي پاڻي جو نيڪال ھن ندي ۾ ھجڻ ڪري بدبوءِ اچي رھي ھئي.

يورپين ماحولياتي ايجنسي (European Environmental Agency EFA) جنھن ۾ 33 ملڪن سميت ترڪي بہ شامل آھي،سي ماحولياتي گندگي (Environmental Pollution) کان پنھنجي سر زمين کي پاڪ ۽ صاف رکڻ جي ضمانت ڏين ٿا. پنھنجي پاڻي، درياھن، ھوا، زمين، زراعت کي ھر غلاظت جھڙوڪ، ڪارخانن مان نڪرندڙ ڪيميڪل، شھرن جي گندي پاڻي، موٽرن ڪارخانن مان نڪرندڙ دونھون ۽ خراب جُزن کان بچائڻ لازم قرار ڏنل آھي. دريائي ۽ ساموندي ڪنارن کي ھر قسم جي زھرن ۽ گدلاڻ کان صاف رکڻ، اُن ملڪ جي حڪومت جي جوابداري ۾ شامل آھي. اھڙي طرح ورلڊ ھيلٿ آرگنائيزيشن WHO، ۽ آمريڪن ماحولياتي بچاءُ واري ايجنسي (US Environmental Protection Agency) USEPA ۽ ساڳئي خطوط تي پاڪستان ۾ ماحولياتي بچاءُ جي ايجنسي (Pakistan Environmental Protection Agency) PEPA موجود آھن، جيڪي ماحوليات جون حامي ۽ بچاءُ جون ذميوار آھن. ليڪن پاڪستان ۾ پيپا (PEPA)، ڊزاسٽر مينيجمينٽ وارن وانگر ڪاغذن ۾ موجود آھي، پر زمين تي نظر ڪونہ اچي. زلزلو يا ٻوڏ کان بچڻ لاءِ توھان کي Disaster Management وارا ڳولي بہ ڪونہ ليندا، جي ڪٿي ملي بہ ويا تہ ھٿين خالي ملندا ، اھڙن ادارن کي مشينري مھيا (Mechanised and Equipped) ڪري ھر ڏکيءَ وقت لاءِ تيار رکڻ، ھِن وقت جي ضرورت آھي، جيڪا حڪومت جي جوابداري ۾ شامل آھي.

ڳالھہ پئي ھلي گندي پاڻي کي بغير صاف ڪئي، ڪنھن وھندڙ درياھہ، واھہ يا ڍنڍ ۾ نيڪال ڪرڻ جي، ترقي پذير ملڪن ۾ اِن تي عمل نہ ڪرڻ سخت گناھہ سمجھيو وڃي ٿو. اسان جو زنده مثال حيدرآباد، سکر ۽ خيرپور شھر آھن. حيدرآباد شھر جي مختلف آبادين، جھڙوڪ، لطيف آباد، قاسم آباد ۽ شھر جي ٻاھران نئين آبادي وارن علائقن جو گندو پاڻي درياھہ

سنڌ، قليلي واهه، پنجياري ۽ اڪرم واهن جي مٿاهين (Upstream) وارن چيڙن کان وڏو وجهي ٿو ۽ ساڳئي وقت هيٺائين پاسي (Downstream) مان مذڪوره ۽ ٻين شهرن جي آبادين لاءِ آب رسائي (Water Supply) ڪئي ٿي وڃي. مٿاهين پنجاب جي مختلف شهرن سميت سنڌ جي وڏن شهرن، سکر، روهڙي جي گندگي جي نِڪاسي جو واحد وسيلو درياهه سنڌ جو وهڪرو آهي، جو قدرت جي هڪ پاڪ صاف نعمت کي ناپاڪ ڪري، ماڻهن کي مختلف بيمارين ۾ ڄاڻي واڻي مبتلا ڪيو پيو وڃي. حيدرآباد مان هيٺ وهندڙ واهن تي ڪيترائي ڳوٺ، واهڻ ۽ وسنديون آهن، جيڪي انهن واهن جو پاڻي واپرائن ٿا. ساڳئي طرح سکر ۽ روهڙي شهر جي گندي پاڻي کي درياهه جي مٿاهين پاسي چوڙ ڪري، ساڳئي شهرن کي پيئڻ جو پاڻي هيٺائين واري وهڪري مان جمع ڪري ڏنو ٿو وڃي. هڪ سال اڳ جڏهن مان اِن گندي پاڻي جي نيڪالي کي درياهه کان ڪٽي، شهر جي اولهه طرف 20 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي گندي پاڻي کي صاف ڪرڻ (Sewage Treatment plant) لاءِ پلانٽ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته ارباب اختيار کي اِها ڳالهه پسند نه آئي جو هو نٿا چاهين ته شهرين کي صاف پاڻي مهيا ڪيو وڃي. خيرپور شهر جو عجيب حال ڏسي، ڏاڍي پريشاني ٿيندي آهي. هي شهر سنڌ جي وزيراعليٰ (جنهن 15 سالن تائين حڪومت ڪئي) ان جي رهائش گاهه هجڻ جي باوجود، سڄي شهر جو گندو پاڻي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي (PHED) وارن مير واهه جي مٿاهين چيڙي کان واهه اندر داخل ڪري صاف پاڻي ۾ غلاظت پري پوءِ شهر کي واهه جي هيٺائين چيڙي يعنيٰ پُرڳڙي پُل وٽان شهرين کي پيئڻ جو پاڻي نيڪال ڪري تلائن ۾ جمع ڪرڻ ڪانپوءِ شهرين کي ساڳيو پاڻي پياريو پئي ويو. مان اِن گندي پاڻي جي ميرواهه ۾ چوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ، (Elimination of Sewage flow in Mirwah) هڪ اسڪيم آندي، جنهن ۾ ميرواهه جي ٻنهي ڪپرن تي نوان پائيپ وجهي، گندي پاڻي جي رسد کي ڪَٽي (Intercept) ميرواهه ۾ وجهڻ بجاءِ، شهر کان ٻاهر صاف ڪرڻ واري پلانٽ ڏانهن نيڪال ڪرڻو هو. جڏهن اهو ڪم شروع ٿيو ته ضلع آفيسر ۽ ٻيا ڪرتا ڌرتا ناراض ٿيا، وڏي مشڪل سان مان گاڙهي پل کان پُرڳڙي پل تائين پائيپ وجهي، ميرواهه جي ڪاٻي پاسي واري ڪپ مان جنهن جي ديگهه ٽي ڪلوميٽر آهي، سمورو گندو پاڻي ميرواهه ۾ داخل (Inflow) ٿيڻ کان موڙي (Divert) شهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ميرواهه جي

صاف پاڻي کي غلاظتن کان بچايو. اسان جي انجنيئرن جي گهٽ فهم ۽ ناتجربيڪاري سبب، قدرتي وسيلن کي تباهه ڪري، نه صرف خلق حاضر کي ڇيهي ۾ وڌو آهي، پر ايندڙ نسلن (Future Generations) لاءِ وڏي ڏکيائي ۽ خساري جو سامان تيار ڪرڻ ۾ ڏينهن رات مصروف عمل آهيون.

الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته ’هر جاندار شيءِ کي پاڻيءَ مان خلقيو ويو آهي‘، جنهن مان پاڻي جي اهميت جو سبق ملي ٿو پر افسوس آهي جو هتي سمجهڻ وارا گهٽا گهٽ آهن. ڳالهه پئي ڪئي استنبول جي ۽ اسان وجي نڪتاسون ميرواهه جي پاڪ صاف پاڻي کي گندگي کان بچائڻ جي.

پيئرلوٽي جي گهر ۽ جبل تان سڄي شهر ۽ ’سون سنگ ندي‘ جي دلڪش نظارن ڏسڻ ڪانپوءِ شهر جي مشهور بازار، جنهن کي وڏي بازار (Grand Bazar) چون ٿا ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. هي بازار، دمشق جي بازار وانگر ڍڪيل (Covered Bazar) آهي. استنبول شهر ۾ گهٽي آبادي ۽ لکين زائرين جي اچڻ ڪري بازار ۾ تمام گهٽي رش هجڻ ڪري، بازار اندر گهمڻ ڦرڻ ڏاڍو مشڪل ٿيو وڃي. استنبول ۾ جنهن پاسي وڃو توهان کي ماڻهن جا هجوم نظر ايندا، جيئن ڪراچي ۾ صدر جو علائقو يا حيدرآباد ۾ ريشم گلي ۽ سکر جي شاهي بازار. شايد استنبول جي خوشگوار موسم، اِن ڪثرت آبادي جو سبب بڻيل آهي، جو دنيا جا سياح هتي گهمڻ اچن ٿا ۽ گهڻا مقامي ماڻهو پنهنجي روزگار ڪمائڻ خاطر مئي کان آگسٽ مهينن ۾ هت اچي آباد ٿين ٿا.

ترڪي ۾ سياحت هڪ وڏو ڪاروبار آهي ۽ ملڪ هن ٻاهران ايندڙ ناڻي جي ڪمائي (Foreign Exchanges) ذريعي ڏاڍي ترقي ڪئي آهي. هن موسم ۾ ملڪ جا تعليمي ادارا بند هجڻ ڪري، مقامي ماڻهن کي سياحت جي ڪاروبار کي هٿي ڏيڻ لاءِ ٿوري وقت واري (Part Time) نوڪري جلد مليو وڃي. گهڻو ڪري ڪاليج ۽ يونيورسٽين جا ڇوڪرا، ڇوڪريون بجاءِ فالتو وقت ضايع ڪرڻ جي، شهر اندر مختلف ٽوئر آفيسن سان شامل ٿي، مختلف ٻولين ۾ سياحن لاءِ سُونهين جو وظيفو ڳولي وٺندا آهن. هتي انگلش جرمن، فرينچ، اٽلي، جاپاني، عربي ۽ اسرائيلي ٻولين جا سُونهان توهان کي هر ٽوئر واري آفيس ۾ آساني سان ملندا.

ڍڪيل بازار ۾ داخلا لاءِ هر طرف کان زائرين جي داخلا جا ننڍا دروازا آهن ۽ بازار ۾ هر طرف گهٽيون ئي گهٽيون آهن، جو نئون ويندڙ ڪڏهن به واپس ساڳئي جاءِ ڳولي ڪونه لهي سگهندو. اسان کي، سُونهين، بازار

۾ وجائجي وڃڻ بابت اڳ ۾ ئي باخبر ڪيو هو. هي هڪ طلسم سان ڀريل دڪانن سان گُتيل بازار آهي ۽ اڏاوت ۾ بلڪل هڪ جهڙي پئي لڳي. هي بازار عُثمانيہ دور جي فن معماري جي شاهدي ڏئي رهي آهي، جو پٿرن مان ٺنيا (Columns) ۽ انهن مٿان ونگون ۽ ونگن مٿان گُمبذ هڪ اسلامي طرز معماري (Islamic Architecture) جو هڪ شاهڪار پئي نظر آيو. هي بازار سياحن لاءِ خريد وفروخت جو مرڪز پئي محسوس ٿيو جو هتي هر ضرورت جي شئيءَ معياري ۽ سستي ملي رهي هُئي. هِن بازار جي مرڪز مان مختلف قسم جي شين جي وڪري لاءِ عليحده ڪاروباري گهٽيون ڦٽي رهيون هيون، مثلاً، چمڙي مان ٺهيل ملبوسات جي بازار، ڪپڙي جي ملبوسات جي بازار، ڪائڻ پيئڻ جي بازار، هٿ سان ٺهيل سوکڙيون ڪارپيٽ بازار ۽ سوکڙين جي بازار (Souvenirs)، وغيره. ترڪي ۾ ٽامي ۽ پتل (Bronze and Copper) مان ٺهيل سوکڙيون ايتريون تہ دل پسند ۽ خوبصورت آهن جو هنن جي فن کي ساراهڻ کانسواءِ نٿو رهي سگهجي. ٽامي تي تصوير اڪاري ڪڍڻ هڪ وڏو فن آهي. ترڪي جا ماڻهو فن معماري جي حوالي سان دنيا ۾ مشهور آهن.هو هر فن ۾ وڏي مهارت، صفائي ۽ معياري ڪم ڪرڻ سندن مشغلو آهي انڪري مان سمجهان ٿو تہ اها ايمانداري جي نشاني آهي. منهنجي تصوير هڪ ٽامي جي پليٽ تي عُڪاري ڏني وئي، جيڪا مون وٽ اڃان بہ محفوظ آهي.

چمڙي جا ملبوسات ڏسي حيرت وٺي وئي، جو اهڙي معيار جي ٺهيل شئيءَ اڳ ۾ نہ ڏٺي هُئي. هتي تمام اعليٰ قسم جو چمڙو مشهور آهي جيڪو ڏُنبن، رڍن ۽ ٻڪرين جي کلن کي جديد سائنسي طريقن ذريعي صاف ڪري، مختلف قسم جا مردانا ۽ زنانا ملبوسات تيار ڪيا ويندا آهن. هڪ چمڙي جي جئڪيٽ جي قيمت (1991 ۾) 150 ڊالر (3300 روپيہ) ٻڌائي وئي. هن بازار ۾ تقريباً پنج هزار دڪان آهن ۽ توهان کي دنيا جي هر شئيءَ ملي ويندي. نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون توهان جي مدد لاءِ هر وقت تيار بيٺا هوندا. صرف توهان پنهنجي ٻَٽوڻ جو منهن کولڻ جو ارادو ڪيو. دڪان تي ڇَڏِ ڇُوٽِ وارو مصر جي قاهره شهر وارو سلسلو هتي بہ چالو آهي، تنهن ڪري قيمت لڳائڻ کان اڳ، هوم ورڪ ڪرڻ تمام ضروري آهي جو بعد ۾ پڇتائڻو نہ پوي.

ٻن پهرن جي ڪاڌي لاءِ اڌ ڪلوميٽر پنڌ ڪري، مَرمَرا سمنڊ جي ڪناري تي واقع هڪ هوٽل ۾ داخل ٿي 15 منٽن جي انتظار ڪانپوءِ، ٻئي سبزي

جو سوپ ڏنو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ وڏي پليٽ ۾ ڏيڍ سَوَ گرام ٻاڦ تي پڪل ڇانور، جيڪي ننڍڙي چيني پيالي ۾ پريل هئا، ٻه سيخ ڪباب، اُبريل پاٽي تي پڪل مختلف سبزين جو هڪ ڪاڪٽيل، پٽاٽو، چپس، ڊبل روٽي جا ٻه سلائيس، ڇهه ڪاري رنگ جا زيتون، جو اڪثر عرب کائيندا آهن. هي ڪارا ٻيرن جيترا زيتون اڪثر شام، اردن، فلسطين ۽ لبنان ۾ عام ٿيندا آهن ۽ انهن جو قرآن ۾ به ذڪر آهي. اِن سان گڏ پڪل سبزي به ٿوري مقدار ۾ آندي. ڪاڏي جو ٿوري مقدار ۽ گهٽڻ قسمن (Variety) جون شيون ڏسي خيال آيو ته شايد هتي ڇانور مهانگا هجن. ڪاڏي ۾ گهُربل ڪئلوريز ۽ پروٽين جو مناسب مقدار حاصل ڪرڻ لاءِ ته انهن سيني شين جي ٿوري مقدار سان هڪ مڪمل غذا (Balanace food) ٺهي ٿي، جيڪا جسم جي هر ضرورت کي پورو ڪري ٿي. اسان سڄي عمر، ڪٽڪ جي ماني ۽ لسي جا ٻه گلاس کائي، پنهنجي جسم سان ظلم ڪيو آهي. اسان جو سماج، اسان کان راڪيٽ ۽ هوائي جهاز ٺاهڻ جي توقع لڳايو وينو آهي. اهڙي غذا جي حساب سان صرف رڍون ۽ ٻڪريون ئي چاري سگهجن ٿيون، جنهن ۾ اسان جهڙي مهارت دنيا ۾ توهان کي ڪونه ملندي پر افسوس جو گِنزير بوڪ وارا الائي ڇو اسان سان ڏمريل آهن، جو اڃان تائين اسان جي ابن ڏاڏن جو نالو پنهنجي ڪتاب ۾ نه ڇاپيو اٿن.

توپ ڪاپي محل اندر ميوزم

تازن ميون مان ٺهيل مِنو (Sweet dish) کائي هوٽل جي ٻاهران بس لاءِ نڪتاسين ته هڪ اٿلين ڇوڪرِي، اسان سان گڏ شام واري شفٽ ۾ بقايا تفريحي مقامن تي هلڻ لاءِ انتظار ڪري رهي هُئي، جيڪا اسان جي ٽولي ۾ شامل ٿي. ڪوسٽر مختلف رستن تان ٿيندي، هڪ وڏي محل نما عمارت جي اڳي سامهون بيني. سياحن جي ڏاڍي پيڙ لڳل هُئي، جو هي جاءِ هر قسم جي سياح کي پسند آهي، جو هن اندر ترڪي جي قديم تاريخ بابت معلومات ڏيندڙ هڪ وسيع ميوزم آهي. هن محل جو نالو توپ ڪاپي محل (Top Kopi Palace) آهي. هي محل سُلطنت عثمانيه جي تعميراتي دور جو هڪ اعليٰ شاهڪار آهي، جنهن کي سلطان محمد فاتح، 1462-78ع دوران ٺهرايو، جنهن ۾ سُلطنت عُثمانيه جي، 624 سالن جي دور حُڪمراني مان، 400 سالن جي طويل عرصي لاءِ بادشاهه هن محل ۾ رهائش پذير هُئا. هِن محل ۾ مکيه چار حصا (Courtyards) آهن ۽ ٻيون ڪافي

عمارتون آهن، جن ۾ چار هزار ماڻهن جي رهڻ جي گُنجائش آهي. هن محل کي متاهين واري پهاڙي تي مرمرا سمنڊ جي ڪناري تي، اهڙي جاءِ تي اڏيو ويو آهي جتان باسفورس، گولڊن هارن ندي جي دلڪش نظارن کي آساني سان ڏسي سگهجي ٿو ۽ ڪنهن دُشمن جي پهُچ کان ٻاهر ۽ هڪ وڏي قلع نما ديوار اندر آهي. توپ ڪاپي جو مطلب توپ وارو دروازو (Cannon Gate) آهي ۽ عثمانيہ دور جي خاتمي کانپوءِ وقت جي حڪومت، هن محل کي هڪ ميوزم ۾ تبديل ڪري اُن کي ساڳئي حالت ۾ محفوظ ڪيو ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ استعمال هيٺ آندو.

توهان اندازو لڳايو تہ اسان ڪلهوڙن ۽ ميرن جي ٺهيل قلعن سان ڪهڙو حال ڪيو آهي. حيدرآباد جي پڪي ۽ ڪچي قلعي جي حالت ڏسو، پنهنجي قديم ثقافتي ورثي، جن تي قومون فخر ۽ ناز ڪن ٿيون، اسان انهن جو ڇا حال ڪيو آهي. سنڌ اندر مختلف مڪانن تي اهڙن قلعن جا آثار اڃان بہ موجود آهن، پر انهن تي ليند مافيا ۽ وڏيرن جا قبضا آهن. توپ ڪاپي محل جيڪڏهن اسان جي ڪنهن شهر ۾ هجي ها، تہ شايد ئي ڪو نشان باقي رهي ها، گهٽ ڪري تہ ليند مافيا وارن جي هٿ چڙهي وڃي ها ۽ هِن وقت ڏِگها گهٽ معيار وارا فليٽ ٺهيل هجن ها. اسان ڪراچي ۾ باب قوم قائدي اعظم جي رهائشگاهہ جو ڇا حال ڪيو آهي؟ الله ڪري تہ قائم ۽ دائم رهي، شڪ آهي تہ متان ڪجهہ سالن کانپوءِ، ڪو فليٽ ٺهندي نظر اچي. اسان مان قوميت آهستي موڪلائي رهي آهي ۽ شخصيت اُن جي جاءِ پئي وٺي، جنهن جو علاج ڪرڻ لاءِ ڪو ڊاڪٽر موجود ڪونهي. اسان جا سياستدان، بيورو ڪريٽ ۽ وڏيرا پنهنجن ذاتي مفادن جي چار ۾ قاتل آهن. هنن کي صرف پنهنجو فڪر کائي ويو آهي، جو ايندڙ نسلن کي غلامي واري دور ڏانهن گهليو پيا وڃن. اگر ڪو اڪ پٽي ٿو، تہ اُنجي اڪ ڪڏي وڃي ٿي ۽ زبان ڪوليندڙ جي زبان غائب ڪئي وڃي ٿي. آخر اسان جو ڇا ٿيندو، ايندڙ نسلن لاءِ ڪير سوچيندو.

چوڻي آهي تہ هڪ هزار قابل انسان مرڻ سان ايترو نقصان ناهي ٿيندو، جيڪو هڪ ’احمق‘ جي صاحب اختيار ٿيڻ سان ٿيندو آهي. عام سياستدان ۽ دانشور سياستدان ۾ فرق اهو آهي تہ هو ايندڙ اليڪشن کٽڻ لاءِ پيو سوچيندو آهي، پر دانشور سياستدان ايندڙ نسلن جي ڀلائي لاءِ پيو سوچيندو آهي.

A Politician thinks of next elections, a Statesman, thinks of a next generations:

جڏهن سماج ۾ دانش، دليل ۽ علم سمهي پوندا آهن تہ پوءِ اتي رات جي اونداهي ۾ چبون، چمڙا ۽ پوت سجاڳ ٿي پوندا آهن. جَنهن سماج جو وهنوار ڪوڙ، فريب، دغا ۽ منافقت تي مشتمل هجي تہ اُتي دانشور، ماهر سياستدان ۽ سائنسدان پيدا ڪونہ ٿيندا آهن.

اهوئي سبب آهي جو 67 سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ اسان جي اڌ آدمشماري ڪان وڌيڪ (11 ڪروڙ) غربت جي لڪير ڪان هيٺ پيا گذارين. اِن جو ذميوار ڪير آهي؟ ان جو ذميوار اهي عام سياستدان آهن، جيڪي هر اليڪشن ۾ بيهي ڏانڏليون ڪري ڪامياب ٿي اسيمبلين ۾ پهچن ٿا ۽ اسيمبلي ۾ هڪ دفعو بہ عوام جي ڀلائي جي ڳالهہ ڪونہ ڪئي وڃي ٿي.

توپ ڪاپي محل، 175 ايڪڙن جي ايراضيءَ تي ڦهليل آهي. هن محل ڪي سنگ مرمر سان ٺهيل شاهي دروازو (Imperial Gate) آهي، جتان صرف بادشاهہ ايندا ويندا هُئا. هن دروازي تي قرآني آيتون لکيل آهن ان ڪي ’بابِ همايون‘ جي نالي سان بہ پڪاريو وڃي ٿو. دروازي ڪان اندر داخل ٿيڻ سان خوبصورت باغ آهي، جنهن ۾ پاڻي جا تلاءُ ۽ ڦوهارا لڳل آهن. قديم زماني ۾ هتي موت جي سزا واري ڪي جلادن هٿان ماري تلوارن ڪي هنن تلائن ۾ صاف ڪيو ويندو هو ۽ سندن سِرَ ٽنگيا ويندا هئا. اِن جي پرسان سلامي جو دروازو آهي، جتي بادشاهن ڪي فوجن طرفان سلامي ڏني ويندي هُئي. پهرن حصي ۾ مختلف آفيسون، اسپتال ۽ سِڪا خانہ (Coin Manufacturing) آهن.

ٻئي ڪورٽ ۾ داخل ٿيڻ سان، شاهي سُواري (Imperial Carriages) جي بيهڻ جي جاءِ آهي، جتي مختلف بادشاهن جي استعمال هيٺ آيل گهوڙي گاڏيونِ زائرين لاءِ رکيل آهن،جيڪي بہ سَوَ سالن ڪان وڌيڪ عرصي گذرڻ جي باوجود بہ، ڪارآمد نظر اچي رهيون آهن.

محل جي ٻئي حصي ۾، شاهي سُواري واري جاءِ ڪان ٿورو اڳتي، بورچي خاني جي وڏي عمارت آهي، جنهن مٿان ويهارو ويڪريون ڏونهين ڪيڻ جون چمنيون لڳل آهن. هن بورچي خاني ۾ ڏهہ گُمبذ ڇت تي لڳل آهن.هن ڪچن ۾ 800 بورچي، شاهي خاندان جو ڪاڌو تيارڪندا هُئا.

ڪاڌي لاءِ چائينيز برتن، سلڪ روٽ ذريعي اُتن جي ڪاروائن تي پورسلين ٿانوَ، چائنا مان خريد ڪيا ويندا هُئا، جن جو رنگ نيرو ۽ اڇو آهي. ڪائڻ پيئڻ جي ٽي هزار ٿانوَ ڪي زائرين جي ڏسڻ لاءِ رکيو ويو آهي. ٿانوَ اهڙي تہ اعليٰ معيار جا آهن جو هن وقت جي ٺهيل ٿانون جي معيار

ڪان گهڻو شانائتا محسوس پيا ٿين. تورو اڳتي هلبو ته هينائين واري ميدان ۾ وري شاهي گهوڙن جي استنبل (Imperical Stable) جي جاءِ آهي، جتي مختلف شاهي سُواري ۾ استعمال ايندڙ شيون رکيون ويون آهن. اِن جي پرسان شاهي نوڪرن جي رهڻ جون جايون (Dormitories) آهن.

شاهي محل ۾ استعمال هيٺ ايندڙ ٿانون ۾ قسمين قسمين طرح جا ٿانو نظر آيا، جن ۾ مِٽي مان پڪل پيالن کان وٺي ٽامي جي وڏين ديڳين، چاندي ۽ سون مان ٺهيل خاص ٿانو موجود هُئا، جن کي ڏسي معلوم ٿيو ته مغربي، جاپاني ملڪن ۾ هِن وقت تيار ٿيندڙ معياري ٿانو، هِنن جي اصلي نقل آهن. اهي ٿانو چيني جي اصلي مِٽي پورسلين (Porcelain) مان ٺهيل آهن، جن جو اعليٰ معيار ۽ ۽ رنگا رنگ چٽسالي ڏسي انسان دنگ رهجي وڃي ٿو.

شاهي ڪائونسل جي جاءِ آهي، جتي وڏو وزير ۽ شاهي ڪائونسل پاڻ ۾ ويهي صلاح مشورو ڪندا هُئا. هن جا ٽي هال آهن جن مٿان گُنبذن جي ڇت پيل آهي. هن ۾ هڪ سون جي سيخن سان لڳل هڪ دري آهي، جنهن مان بادشاهه وزيرن جي ميٽنگ ۾ شامل ٿيندو هو ۽ هُو دري مان سيني وزيرن کي ڏسي ۽ ڳالهائي سگهندو هو. هن هال ۾ مذهبي ۽ خارجي معاملن بابت، فيصلا، فجر جي نماز، حاجيا صوفيه مسجد ۾ ادا ڪرڻ ڪانپوءِ گڏجاڻين ۾ ڪيا ويندا هُئا.

هڪ ٻيو هال آهي، جنهن مٿان گمبذ ۽ اندران خوبصورت چٽسالي ۽ رنگا رنگ ٽائلون لڳل آهن، هن ۾ بادشاهه وزيرن سان ملاقات ڪندو هو ۽ ٻاهران ايندڙ مهمانن کي وڏي ڪدڙي (Head Enuch) جي سرپرستي ۽ حفاظت تحت محل اندر داخل ڪري، وڏو وزير آجيان ڪندو هو ۽ بادشاهه سان سندن ملاقات ڪرائيندو هو.

ٽاور آف جسٽس (Tower of Justice) شاهي ڪائونسل ۽ شاهي رهائشگاهه، جنهن کي ’حرم‘ (Harrem) چيو وڃي ٿو، محل جي وچ ۾ واقع آهي. ٽاور هِن محل جي اوچي عمارت آهي، جيڪا باسفورس ڪان صاف نظر اچي ٿي، جيڪا شاهي موجودگي ۽ سندس انصاف جي پري ڪان ايندڙن کي پڪ ڏياري ٿي. هن ٽاور تي چڙهي بادشاهه سمنڊ جا دلڪش نظارا به ڪڏهن ڪڏهن ڏسندو هو.

شاهي خزانو (Imperial Treasures) جتي پوري سلطنت جي ڪاروبار ڪي هلائڻ لاءِ ناڻو ۽ سون وغيره حفاظت سان رکيو ويندو هو. هتي هِن وقت هن هال ۾، ترڪي جي فوجي ساز وسامان زائرين لاءِ رکيو ويو آهي.

خوشيءَ جو دروازو (Gate of Felicity) ٽئين ڪورٽ يارڊ جو دروازو آهي، جنهن اندر شاهي رهائشگاهه (حرم) هيو ۽ شاهي اجازت جي بغير شاهي خاندان جي فردن کان علاوه هن دروازي کي پار نہ ڪري سگهندو هو. هِن دروازي جي اندر وڏي وزير کي بہ سواءِ اجازت جي داخل ٿيڻو نہ هوندو هيو. هِن دروازي جي اندر ڪدڙن جو سردار (Chief Enuch) پوري حرم جي سارَ سنڀال جو زميوار هوندو هو. اُن جي هيٺان سَوَين ٻيا ڪدڙا مختلف جوابداري تحت هوندا هُئا ۽ حرم جي اندر وارو سڄو ڪم صرف ڪدڙن کان ورتو ويندو هو. هن علائقي ۾ سندن رهائش لاءِ ڪمرا ٺهيل هيا، جيڪي ڊيوٽي ڪانپوءِ اچي انهن ۾ رهندا هئا. هر هڪ کي رتبي آهر رهائش ملندي هُئي. ڪدڙن کي آمريڪي ۽ آفريڪي ملڪن مان آندو ويندو هو جن جو ذڪر اڳتي ايندو.

هن نمائش ۾ شهنشاهه سلطان جو حُقو پڻ رکيل آهي، جنهن جي بناوت بلڪل سنڌ ۾ استعمال ٿيندڙ حقي جهڙي آهي، صرف فرق ايترو آهي جو هي اعليٰ معيار جو ٺهيل آهي.

ٽئين ڪورٽيارڊ اندر اُنهن ڇوڪِرن (Female Slaves) جي رهائش هئي، جن کي آرٽ، مصوريءَ ميوزڪ سيکاري ويندي هُئي، پوءِ اُنهن مان قابل ۽ ذهانت وارن کي چونڊي، بادشاهه جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو ويندو هو. هن ڪورٽ يارڊ ۾ هڪ هال (Audience Hall) آهي، جنهن ۾ بادشاهه کي وزير ۽ امير اچي پنهنجي ڪارڪردگي جو پورو احوال ڏيندا هُئا، پوءِ بادشاهه خوشيءَ ۾ اُنهن کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيندو هو، پر ڪنهن تي ناراضگي جي صورت ۾، ڪيس گونگي ۽ ٻوڙي ڪدڙن جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. هن چئمبر ۾، ٻاهرين ملڪن جي سفيرن جي بادشاهه سان ملاقات وغيره بہ ٿيندي هُئي.هِن ڪورٽ يارڊ ۾ هڪ هال آهي، جنهن ۾ اڍائي هزار شاهي لباس زائرين لاءِ رکيل آهن، جن تي عمدو زري ۽سون جو ڪم ٿيل آهي.

هن هال ۾ بادشاهه جي تاجپوشي جي رسم ادا ڪئي ويندي هُئي ۽ هتي ئي بادشاهي تخت آهي ۽ هن دربار ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهران ايندڙ مهمانن (Foreign Envoys) جي بادشاهه سان وڏي وزير جي تعاون سان ملاقات ڪرائي ويندي هُئي. هي تخت ريشمي گاديلن ۽ وهاڻڻ سان سجايل آهي، جن تي زمرد ۽ موتي ائين سجايل آهن، جيئن رات جي اونداهي ۾ ڪنهن ڪمري کي مختلف رنگن جي روشنيءَ سان روشن ڪيل هجي.

ٽئين ڪورٽ يارڊ ۾ Conquer's Pavillion آهي، جنهن جي ٻئي منزل تان مرمرا سمنڊ ۽ باسفورس جا نظارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

شاهي خزانو (Imperial Teasures) ۾ شاهي فردن جي هار سينگار، سونا زيور ۽ هزارين سوڪڙيون زائرين جي ڏسڻ لاءِ رکيون ويون آهن. هن جي هڪ هال ۾ شاهي خزاني جا هيرا، جواهرات، قيمتي پٿر، ٻه وڏا سونا موم بتي رکڻ لاءِ (Candle holder) آهن، هر هڪ جو وزن 48 ڪلو گرام آهي، جيڪي حرم مڪي جي ڪعبي لاءِ سوکڙي طور ٺهرايا ويا هُئا. سونا گُلدان، موتين پريو تاج، جيڪو هندوستان جي بادشاهه سوکڙي طور شهنشاهه سُلطان کي ڏنو هو.

Potrail Gallery جي هن هال ۾ قديم زماني جي خطاطي ۽ آرٽ رکيل آهي، جنهن ۾ پهريون دنيا جو نقشو، ٻارهين صدي جا لکيل قرآني نُسخا ۽ قديم زماني ۾ لکيل بائيبل جا نسخا به شامل آهي.

سلطان احمد ٽيون جي لائيبريري آهي، جنهن ۾ رنگين اِزنڪ ٽائيلس (Iznik tiles) لڳل آهن. هي ٽائيلس ترڪي جي اِزنڪ شهر ۾ ٺاهيون وجن ٿيون ۽ هالا ٽائيلس سان رنگت ۾ مشابهت رکن ٿيون. ٿي سگهي ٿو ته هالا وارن، اهو هُنر ترڪي مان حاصل ڪيو هجي. هن لائيبريري ۾ ساڍا ٽي هزار مختلف موضوعن تي ڪتابي نسخا رکيل آهن، جيڪي هِن دور ۾ انهن جو وجود ڪونه آهن.

ننڍين شهزادن (Teenage Princes) جي ڪپڙي جي سلائي جو نمونو به شهنشاهه جي لباس جهڙو هو. ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي لباس ۾ ڪو خاص فرق نظر ڪونه آيو. ننڍن ٻارن لاءِ وهاٽا ۽ رِلڪا هٿ تي سبيل هُئا ۽ پينگها ۽ ڪپڙي مان ٺهيل رانديڪا، جن اندر ڪپهه پريل هُئي سي پڻ موجود هُئا. پر واري هال ۾ شهنشاهه مصطفيٰ (ٽيون) جا ذاتي هٿيار نمائش لاءِ رکيل هُئا، جن سان گڏ شهنشاهه مراد (چوٿون) جا قيمتي هيرن (Gems) ۽ موتين سان سينگاريل هاٿي جي ڏندن (Ivory) مان ڪوريل (Carved) تاج پڻ موجود هيون. هاٿي جي شڪل ۾ هڪ سونهري ڌات مان ٺهيل موسيقي جو اوزار (Golden Music Box)، موتين سان ڇِنيل قرآن جو ارحل، پاڻي پيئڻ جا سونا پائيپ، تماڪ رکڻ لاءِ صندوق پڻ زائرين لاءِ رکيل هُئي. ان کان علاوه جنگي اوزار مثلاً تلوارون، جنگي ٽوپلا (Helmets)، چاڪو، خنجر (Daggers)، پستول، قديم بندوقون ۽ لوهي جنگي لباس پڻ موجود هو. ٽئين ڪورٽ يارڊ ۾ شاهي خاندان سان لاڳاپيل مختلف فردن جون تصويرون (Potrait) رکيل آهن جن تي وڌيڪ تفصيل لکيل آهي.

مقدس شين جون زيارتون

بادشاھ جي ذاتي چيمبر (Privy Chamber) ۾ اسلامي زماني ۽ قديم تاريخ جي حوالي سان مُقدس شيون، مثلاً: نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو چولو يا جُبو (Cloak)، سندس خاص بہ تلوارون، تير، جنگ اُحُد ۾ شهيد ٿيل ڏند مبارڪ، ڏاڙهي جو وار مبارڪ، جنگي خنجر (Battle Sabre) هٿ سان لکيل خط، جيڪي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن اُن وقت مصر جي بادشاهن کي لکيا، جن ۾ اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏنل هُئي. سي سڀ زائرين لاءِ رکيل آهن. اِن کان علاوهباس جي ڪمان، لَٺ ۽ مڪي جي پٿر تي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي ساڄي پير جا نشان پڻ رکيل آهن. اِن سان گڏ هِن هال ۾حضرت ابوبڪر الصديق جي تلوار، حضرت عمر بن خطاب رضہ جي تلوار، جيڪا ڪافي ڊگهي نظر اچي ٿي.. حضرت عثمان بن عفان رضہ جي تلوار ۽ حضرت علي ابن ابو طالب رضہ جي تلوار مبارڪ رکيل آهي، جيڪا وزني ۽ ويڪري نظر اچي ٿي. ان کان علاوه حضرت موسيٰ جي اُها لَٺ مبارڪ، جنهن جي هٽڻ سان جبل مان پاڻي نڪري پيو، فرعون جي سامهون نانگ تي پئي ۽ ڳاڙهي سمنڊ کي چيري پاڻيءَ رستو ناهيو ۽ جنهن مان حضرت موسيٰ پنهنجي بني اسرائيل قوم کي بچائي سلامتي سان پار ڪري ويو ۽ فرعون جي لشڪر کي سمنڊ اندر ٻوڙي ڇڏيائين. هن هال ۾ حضرت محمد صلي الله وعليہ السلام جو پٽڪو بہ رکيل آهي.

شهنشاھ سُلطان جي لباس جي حوالي سان سندس وڏيون قميصون، شيرواني نموني جون، جن جو هيٺيون حصو فِراڪ وانگر سبيل هو، سي رنگ برنگ ڇيٽ (Printed) جي ڪپڙي مان ٺهيل هيون ۽ پاجاما اڪثر سفيد رنگ جا هوندا هُئا. ڪپڙو عمدو ۽ بنارسي قسم جو لڳي رهيو هو. حالانڪ اُن وقت سلائي جون مشينون نہ هجڻ جي باوجود، هٿ تي سِبڻ جو فن ايترو تہ اعليٰ ۽ معياري هو، جو زائرين جو دماغ دنگ رهجي ويو. عورتن جا ڪپڙا فِراڪ وغيره زياده گُجَن وارا يعني ڪَڇريءَ استعمال ٿيل هُئا. جُتين جو نمونو مَوجي جهڙي شڪل، جن مٿان رنگا رنگ پشَم (Colorful wool) جا گل لڳل هُئا.

هن هال ۾ صرف سلطان ۽ سندس ڪٽنب جي ڀاتين کي داخلا جي اجازت، سال ۾ هڪ دفعو زيارت لاءِ 15 رمضان المبارڪ جي ڏينهن هوندي هُئي، ليڪن هِن وقت سڄو ڏينهن زائرين انهن مقدس شين جو

ديدار پيا ڪن. گهڻا ماڻهو ثواب خاطر صرف، مذهبي لحاظ کان انهن مقدس شين کي ڏسڻ ايندا آهن. سلطان سليم (اول) جڏهن مصر فتح ڪيو ته اتان ڪافي اسلامي آثار ۽ تبرڪات هٿ ڪيا، جن کي هِن محل ۾ محفوظ رکيو ويو. هِن ميوزم ۾ ڪاتب رسول، حضرت زيد بن ثابت جو اُهو قديم قرآني نسخو به موجود آهي، جنهن کي پڙهندي حضرت عُثمان رضه کي شهيد ڪيو ويو هو ۽ سندس وهايل خون اجان تائين سوره بقره جي آيتن تي لڳل آهي، جيڪو هرڻ يا ڦاڙهي جي کل تي لکيل آهي. محفوظ تلوارن ۾، حضرت خالد بن وليد رضه، حضرت عُمار بن ياسر رضه ۽ حضرت جعفر طيار رضه جون تلوارون پڻ شامل آهن.

هِن ڪمري ۾ خانه ڪعبه جون چابيون ، سون مان ٺهيل حِجرِ اَسوَد جو پراڻو ڍَڪُ ۽ سلطان عبدالحميد جي دور جو ٺهيل خانه ڪعبه جو دروازو پڻ محفوظ آهن.

ٽاپ ڪاپي محلِ جا چار سَوَ ڪمرا

شاهي حرم ۾، شاهي خاندان جي ياتين لاءِ چار سَوَ ڪمرا مختلف ماپن جا ٺهيل آهن. هن حرم ۾ سلطان، سندس ماءُ، زالون، نوڪرياڻيون ۽ انهن جي اولاد جي رهائش شامل هُئي، جنهن سان گڏ خدمت گار کدڙن ۽ غلام عورتن جي رهڻ جا ڪمرا هُئا. حرم جا سڀ ڪمرا هڪ ويڪري ۽ عاليشان وراندي ۽ ڪورٽ يارڊ ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن.

هن محل جو ماهر انجنيئر، معمار ترڪي، 16 صدي جو جڳ مشهور، مسٽر صنان (Sinan) هيو جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. شاهي محل ۾ بادشاهه کانپوءِ سندس ماءُ جو حڪم هلندو هو ۽ حرم جي اندرين سار سنڀال چيف کدڙي جي هٿ هوندي هُئي. کدڙن جو تفصيل وار ذڪر اڳتي ايندو. محل ۾ حرم جي دروازي جي رکوالي، چيف کدڙي جي نظر داري هيٺ هوندي هُئي.

محل اندر حرم جي هڪ پاسي ڪاري رنگ جي کدڙن (African Enuchs) جي رهائش هوندي هُئي، جن جو ڪارو چيف کدڙو سردار هوندو هو ۽ هن جو محل اندر سنو رتبو هوندو هُيو . پورن کدڙن جي رهائشگاهه ۽ مسجد به پرسان هُئي. بورچي خاني جي سامهون ريل گاڏي جي پٽڙين تي هلندڙ گاڏي ۾ شهزاديون ويهي محل جو نظارو ڏسنديون هيون، جنهن کي کدڙا ڌڪيندا هُئا. حرم اندر شهزادن لاءِ اسڪول هو، جتي شهزادا تعليم حاصل ڪندا هُئا ۽ اسڪول جو ڪنٽرول چيف کدڙي جي هٿ هيٺ هوندو هو.

حرم اندر ڪاڏو پڇائڻ ۽ هر شاهي فرد ڪي ڪارائڻ ڪدڙن جو ڪم هيو. سلطان جي ماءُ (Queen Mother) جي رهائش سلطان جي رهائشگاهہ جي پر ۾ نهيل آهي.

شاهي هال (Imperial Hall) ۾ سلطان پنهنجي گهر جي مختلف فردن سان ملاقات ڪندو هو ۽ هِن هال ۾ شاهي مجلسون، شادي، مذهبي گڏجاڻيون، سندس زالن ۽ نوڪرياڻين سان ملڻ، ماءُ ۽ ٻارن سان ملڻ جو هنڌ هي هال هو. هي هال هڪ وڏي گنبذ واري ڇت سان سينگاريل آهي، جنهن تي دلڪش چٽسالي ٿيل آهي. هن هال ۾ مختلف بادشاهن جا خاص شخصي استعمال هيٺ آيل شيون ۽ لباس، سِڪا ۽ فوجي سازوسامان زائرين لاءِ رکيل آهي.

ان کان علاوه، نوڪر چوڪِرين لاءِ رهائشي ڪمرا، ۽ غسل خانہ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي جايون شامل آهن. هن محل پرسان ڪدڙن لاءِ هڪ اسڪول،مسجد ۽ ڪُتب خانو بہ نهيل آهي، جن ۾ انهن جو استعمال هيٺ لباس نمائش لاءِ رکيل آهي، جيئن سياحن کيٰ اُن وقت استعمال ٿيندڙ ڪپڙن جي معيار ۽ نوعيت (Designs) بابت ڄاڻ حاصل ٿئي.

شهنشاهہ سلطان جي وقت دوران سندس، عورتن ۽ ٻارن جي استعمال هيٺ آيل ريشمي لباس ڪپڙن جي نوعيت، رنگت ۽ اُٽت Textile Fabric جي اعليٰ معيار ڪي ڏسي محسوس ٿيندو تہ ٽيڪسٽائيل انڊسٽري اُن وقت ڪيتري تہ ترقي ۾ هئي. بادشاهن جي استعمال هيٺ آيل نماز جا عُمدا مُصلا،ائين پئي لڳا ڄڻ اڄڪلهہ جون اعليٰ معياري ڊزائنون اُنهن تان نقل ٿيل هجن.

محل اندر ٻئي نمبر شهزادي ۽ ٻين ننڍن شهزادن جي رهڻ جي جاءِ هوندي هُئي، جتي هنن ڪي عُثمانيہ حڪمرانيءَ جي طور طريقن بابت سکيا ڏني ويندي هُئي. ٿوري قابليت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، اُنهن ڪي وڌيڪ سِکيا ڏيڻ ۽ ماتحتن سان ملڻ جُلڻ جي حوالي سان ڪين ننڍن رياستن ۾ گورنر يا ڊپٽي گورنر جو عهدو ڏئي موڪليو ويندو هو، تہ جيئن عُثماني حڪومت ۾ شهزادن جي ڪوٽ پيدا نہ ٿئي ۽ ڪين حڪومت ڪرڻ ۾ اڳتي هلي ڪنهن پريشاني ڪي منهن نہ ڏيڻو پوي.

خلافت جي اوائلي دور ۾ شهنشاهہ ڪي جيڪڏهن سندس پُٽن ، پائرن يا پائيٽين مان ڪنهن قسم جو خطرو، بغاوت يا سازش ڪرڻ جو اُهڃاڻ ملندو هو ، تہ هو قانوني طور سيني ڪي قتل ڪرائڻ جو حق پي رکندو

هو جنهن جي نتيجي ۾ سلطان سليم، 1512ع ۾ پنهنجي پيءُ کي زهر ڏئي ماريو ۽ هڪ ياءُ ۽ ٽن ڀائيٽن کي قتل ڪرايائين. سلطان محمود (ٽيون)، 1595ع ۾، 19 نوجوان شهزادن کي مارائي ڇڏيو.

ميوزم اندر فوٽو ونڻ ۽ فليش استعمال ڪرڻ منع آهي، جو اِن سان نه صرف ٻين زائرين کي تڪليف ٿئي ٿي پر ساڳئي وقت قديم شين کي تيز روشني نقصان پهچائي ٿي جو اهڙين نازڪ ۽ اڻ لڀ شين جي زندگي گهٽجي وڃي ٿي.

باسفورس پُل، ايشيا ۽ يورپ جو سنگم

ايشيا ۽ يورپ کي جدا ڪندڙ باسفورس ندي (Bhosphorus River) جي مٿان ڏيڍ ڪلو ميٽرن کان ڊگهي، لوهي رسِين وسيلي لٽڪيل پُل ٺاهي، ٻنهين ڪندن کي ملائي ڇڏيو آهي. 1973ع ۾ جڏهن هي پُل ٺهي راس ٿي ته دنيا ۾ اهڙي نوعيت جي چوٿين ڊگهي ۾ ڊگهي پل هُئي، جيڪا هِن وقت (2013) ٻاويهين نمبر تي پهتي آهي. جو اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي ٻيون پليون آمريڪا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ تيزي سان جُڙي راس ٿيون آهن. اُن وقت هيءَ پل ٻه سَوَ ملين ڊالرن جي ماليت ۾ ٺهي راس ٿي. هن پل جي ويڪرائي ۾ ڇهه سروس لينس (Six Lanes)، واڌو ٻه ايمرجنسي ۽ پيدل هلندڙن لاءِ رستا شامل آهن، جنهن ڪري هن پل جي ٽوٽل ويڪرائي 110 فوٽ ۽ ڪل اوچاهي 541 فوٽ آهي. هن پل جي پاڻي سطح کان اوچائي 210 فوٽ آهي، جنهن ڪري وڏا جهاز آسانيءَ سان پل هيٺان لنگهيو وڃن. باسفورس سامونڊي ندي جي گهرائي 150 فوٽ آهي ۽ ٻن سمنڊن کي ملائڻ جي حوالي سان اهو مشهور آهي ته هِن ندي ۾ ٻه زوردار وهڪرا (Strong Currents) هڪ ئي وقت مختلف طرفن ۾ وهن ٿا، جن ۾ مٿاهون وهڪرو جيڪو ڪاري سمنڊ کان مرمرا سمنڊ ڏانهن ۽ هيٺائون وهڪرو اُبتڙ ڪاري سمنڊ ڏانهن وهي ٿو. هي وهڪرا ٻنهي سمنڊن جي پاڻيءَ جي سطح (Sea Level) کي قائم رکڻ لاءِ عمل ۾ اچن ٿا.

دنيا ۾ اهڙي قسم جي لوهي رَسَن تي ٽنگيل پُلين ۾ هڪ انگلينڊ جي هيمبرگ پُل (Hamberg Bridge) آهي، جنهن جي ڊيگهه 4626 فوٽ، ورازانو پل نيو يارڪ (Verrazano Bridge New York)، جيڪا 4260 فوٽ ڊگهي آهي ۽ آمريڪا جي سِينفرينسِسڪو گولڊن گيٽ پُل (Golden Gate Bridge)، جنهن جي ڊيگهه 4200 فوٽ آهي.

هيءَ پل صرف ٻن ڍگهن ٿنڀن (Pylons / Towers) جي سهاري تي بيٺل آهي، جن جو وچوارو مفاصلو هڪ ڪلو ميٽر ٿيندو. هِن پُل جي جديد طرز معماري ۽ دلڪش نظارن استنبول شهر جي خوبصورتي ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. رات جي وقت پُل مٿان لڳل رنگين روشنيون اهڙو تہ حَسين منظر پيش ڪن ٿيون، ڄڻ ڪنهن خوبصورت ڪُنوار کي هيرن جا هار پهرايا ويا هجن.

جڳ مشهور معمار صنان(Engineer Sinan)

عُثمانيہ دور جو جڳ مشهور معمار صِنان سُلطان سُليمان اعظم (King Sultan the magnificent) جو خاص معمار هو. جيڪو 1490ع ۾ عيسائي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو، جنهن اڳتي هلي اسلام قبول ڪيو، ۽ 17 جولاءِ 1588ع ۾ وفات ڪئي. هِن سلطان سليمان جي وفات ڪانپوءِ سندس پوين بادشاهن، سُلطان سليم (ٻيو) ۽ سُلطان مراد (ٽيون) جي دور ۾ ڪافي اڏاوت جو ڪم پڻ ڪيو، جيڪي هِن وقت بہ زائرين، هزارين ميل پنڌ ڪري شوق سان ڏسڻ ايندا رهن ٿا. هِن ماهر معمار پنهنجي دور ۾ ٽي سَوَ کان مٿي عاليشان عمارتون (Major Structures) ٺاهيون ۽ هن جي معماري شاگرد ساٿين ۽ ماهرن استنبول ۾، سُلطان احمد مسجد جي ڊزائين ڪئي، مُغل دور جي هندستان ۾ تاج محل جي اڏاوت ۾ پڻ مدد ڪئي ۽ صِنان جي معماري مهارت ۽ هُنر جا تصوري ويچار (concepts) استعمال ڪيا ويا آهن.

'انجنيئر صِنان هڪ پٿرن جي اُوساري ڪندڙ رازي (Stonemason) جو پٽ هيو، فني تعليم حاصل ڪري، فوج ۾ انجنيئر ٿيو، سخت محنتي هجڻ ڪري جلدي ترقي ڪندو رهيو ۽ 'آغا' (Aga) جي اعليٰ رُتبو حاصل ڪيو. عمارت سازي جي مهارت سان گڏ هِن رودِ ٺاهڻ، پليون ۽ آب رسائي لاءِ زير زمين واهہ (Aqueducts)، ڪَيسِن جي معماري ۾ گهڻي شُهرت حاصل ڪئي، جو پنجاهہ سال جي عمر ۾ هن کي شاهي معمار (Chief Royal / Architect) ڪري رکيو ويو، جنهن تي وڏيڪ پنجاهہ سال تائين ڪم ڪندو رهيو ۽ ڪيترين ئي دلڪش مسجدون ۽ ٻيون عمارتون جوڙي راس ڪيون.جيڪي اڄ تائين دنيا جي زائرين جون منظور نظر آهن، جن ۾ اِديم (Edime) شهر ۾ سِليميا مسجد (Selimiya Mosque)، استنبول ۾ سُليمان مسجد، محمد پاشا پُل مِهر مَا سُلطان مسجد (Mihrimah Sultan Mosque)، شهزادي مسجد، چرچ آف آزمشَن (Church of Assumption)

وغيره شامل آهن. صِنان کي پٿرن تي چٽسالي ڪرائي استعمال ڪرڻ جي مهارت سان گڏ گُنبذن سان چٽ اڏڻ جي ڪَري وڏي شُهرت حاصل ٿي.

شهزادي مسجد، سلطان سُليمان جي اڪيلي ڏيءُ هئي جنهن جي نالي تي ٺاهي وئي، جيڪا وڏي وزير رستم پاشا جي زال هُئي ۽ 22 سالن جي عمر ۾ گذاري وڃڻ ڪانپوءِ، هن مسجد جي اڏاوت شروع ڪئي وئي.

معمار صنانِ فوج ۾ هڪ سپاهي جي حيثيت سان، بَلگريڊ (Belgrade) روڊِس (Rhodes)، مَوهَاڪِس جي جنگين جي گهيرن ۾ ڀرپور حصو ورتو. آخر ۾ ترقي ڪندي ويانا (Vienna) جي جنگ دوران فوجي انجنيئرس ۾ ڪاٽي جو سپهه سالار جي حيثيت ۾ حصو ورتو ۽ شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو. توهان کي شايد خبر هجي ته ڪنهن به جنگي ميدان ۾ پهريائين ويندڙ فوجي ٽولو Corps of Engineer جو هوندو آهي، جيڪي پيدل فوج جي سهولت خاطر، روڊ، رستا ۽ پليون وغيره ٺاهيندا آهن. هنن کي پهري ٽولي وارا انجنيئرس (Front Line Army Engineers) ڪري چوندا آهن. فوجي نوڪري دوران هِن گهڻو وقت بغداد ۾ گذاريو جو اُن وقت سلطنت عثمانيه جو هڪ صوبو هو.

معمار صنان عمارتي اڏاوت ۾ شڪلين جي هڪ جهڙائي واري اپياس (Geometeical Patterns) جي اصول کي رائج ڪيو. سعودي عرب ۾ تُرڪن جي حڪومت دوران، مڪي شريف جي حرم ڪعبه جي چؤ طرف ننڍڙن گُنبذن جي ڇت سان بينل اڏاوت، هِن ماهر معمار جي اصولن ۽ نظرداري هيٺ تيار ڪئي وئي هئي، جيڪا حرم جي، 1960ع ۾ توسيع جي باوجود، شاهه فيصل جي فرمان مطابق اڏاوت جي اِن حصي کي نئين ڪم جو حصو بڻايو (Duck-Tail) ويو هو. حرم شريف جي هن اڏاوت ۾ رنگين پٿرن جي تلهن تنين تي ونگون ڏئي، مٿان ننڍڙا گُنبذ بيهاري، اسلامي فن معماري (Islamic Architecture) جو هڪ عظيم شاهڪار ٺاهي پيش ڪيو آهي، جنهن کي شاهه فحد جي توسيعي پروگرام دوران به نه ڇيڙيو ويو.

معمار صنان ٽوٽل 334 عظيم ۽ شاندار عمارتون، جن ۾ 261 ڪتب خانا، 17 اسپتالون، 132 مسجدون، 149 اسڪول، 33 وڏا محل، 7 قرآني تعليم جا مدرسا ۽ اسڪول، 17 بورچي خانه، 7 پليون، 31 وڏا غسل خانه ۽ ڪيترائي آب رسائي لاءِ زير زمين واهه ۽ ڪَسِيون (Aqueducts)، نمائشي پاڻي جا ڦُهارا ۽ ڪيترائي فوجي قلعا ٺاهيا.

اهوئي سبب آهي جو هن وقت ترڪي مان معماري ماهر، انجنيئر ۽ رازا وچ ايشيائي ملڪن ۽ يورپ ۾ گهرائي، وڏيون عمارتون، جهجيو پگهارون

ڏٺي نهرايون وجن ٿيون. ٻنهين حرمين شريفين (مڪو ۽ مدينہ شريف) جي توسيع لاءِ ماهر انجنيئر ۽ رازا ، مستري تُرڪي مان گهرايل هُئا جن جو تعداد هزارن ۾ هو ۽ هي ڪم لڳاتار ٽن شِفٽن ۾ هلندو رهيو آهي.

مسجد ايوب انصاري رضہ ’سونهري سِڱ واري ندي‘ (Golden Horn River) تي واقع آهي ۽ ايراضي جي حوالي سان مسجد اندر پندرهن سَوَ ۽ ٻاهرين حصي ۾ ٽن هزارن کان وڌيڪ نمازي هڪ ئي وقت نماز ادا ڪري سگهن ٿا. مسجد جي اندرين حصي ۾ رنگين ٽائيلس لڳل آهن ۽ پاسن تي تمام عمده خوش خطي (Calligraphy) سان قرآني آيتون لکيل آهن ۽ مرڪزي حصي واري ڇت هڪ عاليشان گُنبذ سان ڍڪيل آهي ۽ چئن ڪُنڊن تي ڊگها مينار نهيل آهن. مسجد جي اندرين پاسن تي سونهري رنگ جون، ڇنساليون اُڪريل آهن. هن مسجد جي سامهون هڪ وڏو ميدان آهي، جنهن جي ٻئي پاسي حضرت ايوب انصاري رضہ الله تعاليٰ جو مقبرو آهي، جنهن اندر نيري رنگ جي ڇنسالي ٿيل آهي جيڪا شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مقبري سان مشابهت رکي ٿي. هالا ٽائيلس جهڙيون ٽائيلس لڳل آهن. مسجد اندر هڪ ڪان ٻئي پٽ تائين ڳاڙهي رنگ جي غاليچن سان مُزيَنُ آهي. هِن مسجد لاءِ اِهو مشهور آهي تہ عثمانيہ دور جي هر بادشاهہ جي چيلهہ ۾، عُثمانيہ خلافت جي باني بادشاهہ محمد عُثمان خان جي تلوار ٻڌي رسم تاجپوشي ادا ڪئي ويندي هُئي. حضرت ايوب انصاري رضہ مدينہ مُنور جو رهاڪو هو ۽ جليل القدر صحابي هو سندس قبر مٿان عاليشان مقبرو، سلطان محمد فاتح نهرايو، جنهن ڪري شهر جي هِن حصي جو نالو پڻ سلطان ايوب سان مشهور آهي. حضرت ايوب انصاري اسلام جي تعليم ۽ تبليغ ڏيندو مدينہ شريف کان استنبول پهتو، جتي سندس انتقال ٿيو.

مسجد سُليمانيہ هڪ وڏي پهاڙ تي واقع هجڻ ڪري سڄي شهر مان نظر ايندي آهي. شهنشاهہ سليمان (1566- 1496ع)، ٽيهن سالن جي حُڪمراني ڪانپوءِ هِن مسجد جي اڏاوت جو حڪم ڏنو ۽ ترڪي جي مشهور معمار صنعان کي اِن ڪم کي پورو ڪرڻ جي جوابداري سونپي، جنهن سڄو ڪم پنهنجي نظرداري هيٺ 1550ع ۾ شروع ڪيو، جيڪو لڳاتار محنت ڪانپوءِ سَتن سالن ۾ پورو ٿيو. هن مسجد ۾ 24 سنگ مرمر ۽ گرينائيٽ پٿرن جا ٿُلها ٺنيا آهن، جيڪي 28 گُنبذن جو وزن ساڍا چار سَوَ سالن کان کنيون بيٺا آهن. مسجد جي مکيہ وچئين هال واري گنبذ جي اوچائي 145 فوٽ ۽ قطر 80 فوٽ آهي، جنهن کي چئني پاسن کان وڏين

ونگن تي سهارو ونـي، چئن ٿنين تي بيٺل آهي. وڏي مرڪزي گنبذ جي اولهہ ۾ اوپر واري پاسن کان بہ وڏا اڌ گنبذ (Semi Domes) آهن، جيڪي پروارن ننڍن گنبذن جو سهارو جهليو بيٺا آهن. مسجد جو محراب ۾ مُنبرسنگ مرمر پٿر مان ٺهيل آهي. نمازين لاءِ وسيع مرڪزي هال آهي، جنهن کان علاوه ڪافي ٻيون گئلريز پڻ موجود آهن. مسجد جي اندران ۾ ٻاهران رنگا رنگ ٽائيل ورڪ سان سينگاريل آهي. مسجد اندر ۾ ٻاهر تقريباً ڇهہ هزار نمازي هڪ ئي وقت نماز ادا ڪري سگهن ٿا.

مسجد جي اڱڻ جي چئني ڪنڊن تي چار ڊگها مُنارا ٺهيل آهن، جن کي شهر جي ڪهڙي بہ ڪنڊ مان آساني سان ڏسي سگهجي ٿو. ٻن منارن کي ٽي ٽي چبوترا (Stages) ڏنل آهن ۾ ٻن کي بہ چبوترا، جنهن مان مطلب ڪڍي سگهجي ٿو تہ سُلطان سليمان، عثمانيہ سلطنت جو ڏهون بادشاهہ هو ۾ استنبول شهر کي فتح ڪرڻ ڪانپوءِ، چوٿون بادشاهہ، جنهن کي چئن منارن سان مشابهت ڏئي سگهجي ٿي (والله عالم). سلطان سليمان هڪ وڏو فاتح بادشاهہ ٿي گذريو آهي، جنهن ويانا، هنگري ۾ اوپر ۾ سعودي عرب جو حِجاز جو علائقو فتح ڪيو. شهنشاهہ سُليمان جي وفات 1566ع مطابق 974هہ ۾ ٿي ۾ سلطنت عثمانيہ جو خاتمو پهرين عظيم جنگ ڪانپوءِ، پهرين نومبر 1922ع ۾ ٿيو. سُلطان سليمان جي وفات ڪانپوءِ حڪومت جون واڳون سندس ڄاٽـي (Son-In-Law) ۾ سندس ماءُ جي حوالي ٿيون. عُثمانيہ دور کان اڳ جا ٺهيل مندر ۾ گرجا گهرن کي محراب ۾ منارن جو اضافو ڪري، انهن کي مسجدن ۾ تبديل ڪيو ويو.

آمريڪي عورت پاران نماز جي نيت

هِن وقت اسان اڃان مسجد جي پرسان ئي هُئاسون تہ، نماز عصر جي آذان جو وقت ويجهو اچي ويو، جنهن تي اسان جي سُونهين غير مسلم سياحن کي مسجد کان ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ عرض ڪيو. مان وضوءَ جي جاءِ معلوم ڪري وضو لاءِ وڃڻ لڳس تہ اسان سان گڏ هڪ آمريڪي خاتون، جنهن جو نالو ’ٻابي‘ (Bobby) هو، تنهن نماز پڙهڻ جو اسرار ڪيو. جنهن تي مان ڪيس پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ وضو ڪرڻ لاءِ چيو، هوءَ جڏهن وضو ڪري آئي تہ مسجد اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش دوران، دربانن ڪيس اڻپورا ڪپڙا هجڻ ڪري نماز کان منع ڪئي، جنهن تي مونکي ڏاڍو افسوس ٿيو جو سندس نماز پڙهڻ جو شوق پورو ڪونہ ٿيو.

هُن وڏيڪ افسوس ڪندي چيو تہ آءُ مسلمان ڪونہ آهيان، پر نماز پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي.اُن تي يڪدم مونکي قرآن شريف جي آيتِ ياد اچي وئي، جنهن ۾ چيل آهي تہ 'الله تعاليٰ جنهن کي چاهي هدايت ڏئي ۽ جنهن کي چاهي گمراھ ڪري'. اُن آمريڪي عورت کي لک شاباسون هجن جو ايتري ايمان جو مظاهرو ڪيائين.

بس ۾ هلندي معلوم ٿيو تہ هوءَ ٿئيٽر جي مالڪ ۽ ڊرامن جي ڊائريڪٽر ۽ ڪجھ انگريزي فلمن ۾ ڪم ڪري چڪي هُئي، جيڪو پڻ مونکي ڏنل وزيٽنگ ڪارڊ ۾ درج هو. مان واپسي تي سعودي عرب مان سندس ائڊريس تي انگريزي ۾ لکيل نماز جو ڪتابڙو موڪلي ڏنو.

مان نماز لاءِ مسجد ۾ داخل ٿيس، ٿوري دير ڪانپوءِ مُعذن پنهنجي مخصوص انداز ۾ مسجد جي وچم نهيل چبوتري تي چڙهي تڪبير ڏني. نماز باجماعت ٿي، جنهن ڪانپوءِ مُعَذن صلواتون ۽ درود پڙهڻ شروع ڪيا ۽ جڏهن درود ختم ٿيا تہ امام دُعا پڙهي جنهن ڪانپوءِ نماز ختم ٿي، ۽ وري سياحن لاءِ دروازا کوليا ويا.

مون کي افسوس صرف هڪ ڳالھ جو ٿيو تہ ايتري وڏي مسجد هوندي (ڇھ هزار نمازين جي گنجائش) عصر جي نماز ۾ صرف ڏيڍ سَوَ نمازين نماز ادا ڪئي. شايد جمع نماز تي گهڻي حاضري هجي. (والله عالم..) تُرڪن جو نوجوان طبقو مغرب جي تهذيبي اثرن هيٺ اچڻ ڪري سندن دين کان دوري واضح نظر اچي ٿي. جنهن کي بي اثر ڪرڻ لاءِ ڪنهن جماعت يا مذهبي تعليم جو ظاهرن ڪوئي عمل نظر ڪونہ پيو اچي. حالانڪ استنبول دنيا ۾گهڻ مسجدن وارو شهر سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ هڪ محتاط اندازي موجب، ٽن هزارن کان متي مسجدون آباد آهن، جن ۾ هر سال اضافو ٿيندو رهي ٿو. سيني مسجدن ۾ آذان هڪ ئي وقت اچي ٿي ۽ نماز باجماعت ٿئي ٿي. ليڪن حاضري گهٽ آهي. جمعي جي نماز تي گهڻي پيڙ ٿئي ٿي ۽ ڪافي نوجوان ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

مصطفيٰ ڪمال اتا ترڪ جي اصلاح

گاڏيءَ واپسي ۾ لَئيليا (Lailya) جي علائقي ۾ واقع اقبال هوٽل وٽ لاٿو، ڪجھ آرام ڪانپوءِ بازار جو چڪر هنيون ۽ رات جي ماني ير واري ريسٽورينٽ ۾، پندرهن هزار ليرن (125 روپيہ) ۾ کاڌي. تُرڪي ۾ پاڻي کي سُو (SU)، کير کي سُوت (Sut) ۽ لسي کي آئرن (Aron) ڪري چوندا

آهن. ترڪي ٻولي جي رسم الخط عربي مان انگريزي الفابيٽ ۾، 1928ع دوران تبديل ڪئي وئي ۽انگن کي رومن ۾ لکڻ جو قانون وڏي انقلاب هيٺ، مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ (1881-1938ع) آندو. مصطفيٰ ڪمال، 1923ع ۾ ترڪيءَ جو پهريون صدر ٿيو ۽ وفات (1938ع) تائين صدارت جي عهدي تي فائز رهيو. پهرين جنگ عظيم ۾ ترڪن، جرمن سان الحاق ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ استنبول شهر تي انگريزن، فرينچ ۽ يونان وارن جو قبضو ٿيو. 1922ع ۾ يونان جي فوجن کي انتوليا مان نيڪال ڏئي انقره کي گادي جو هنڌ ناهيو ۽ سُلطنت عثمانيہ کي ختم ڪري.، ترڪي ۾ اصلاح آندا ويا. 1925ع ۾ مصطفيٰ ڪمال، نئين لباس جا اصلاح آندا، جنهن تحت عورتن لاءِ پردو غير قانوني قرار ڏنو ويو ۽ مردن کي مغربي طرز جو لباس پائڻ ۽ پنهنجو اصلي ثقافتي لباس (ٽوپي ۽ پٽڪو) نہ پائڻ جو پابند ڪيو ويو. مردن کي اهڙي ٽوپي پائڻ لازم قرار ڏنو ويو، جنهن سان سجدو ڪرڻ مشڪل هو. ترڪي پٽڪو ۽ ٽوپي (Fez) تي پابندي وجهي، يورپي ٽوپي پائڻ لاءِ پابند ڪيو ويو. يورپي ٽوپي، جنهن کي هيٺئين وَٽِ جي ٻاهران هڪ سخت وڏيل ڪِناري (Rim) هوندي آهي، جنهن جي پائڻ سان سجدو ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. اهڙي قسم جون ٽوپيون انگريز پائيندا هئا، جيڪي توهان اڪثر ڪري Cow Boys فلمن ۾ ڏٺيون هونديون. ترڪن جي اوني ٽوپي هوندي هُئي، اڪثر ڳاڙهي رنگ جي، جنهن کي اوني ڌاڳن مان هڪ ڊگهو گُل وچئين چوٽي مان لٽڪيل هوندو هو ۽ اڪثر ڪري غلام محمد مهر ۽ ٻيا پراڻي زماني ۾ تعليم کاتي جا آفيسر پائيندا هُئا. اِها ٽوپي ڦُل نما هُئي ۽ سڄو مٿو ڍڪي ڪناريون اچي ڪنن جي مٿئين پاڙ وٽ ٽڪرائينديون هيون. اها ٽوپي مڪمل شرافت جي ضمانت هوندي هُئي، جيڪا اتاترڪ کي پسند نہ آئي.

وڏيڪ شادين تي پابندي وجهي، سماجي بي حيائي ۽ بُرائي کي تقويت ڏني وئي، جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو جو استنبول ۾، توهان کي هر هنڌ صرف عورتون ئي عورتون نظر اينديون ۽ سندن لباس مغربي طرز جي اِسڪرٽ يا پينٽ شرٽ وارو هوندو. ڪي عورتون توهان کي برقعن ۾ يا وري مٿي تي رنگين رومال ويڙهيل نظر اينديون. ٻهراڙي ۾ ترڪي ويڪري شلوار مٿان ننڍڙي ٿي شرٽ پائين نہ تہ گهٽو ڪري پينٽ شرٽ جو رواج تمام گهٽو آهي. 1928ع ۾ قانوني طور تي هڪ کان وڌيڪ شادي ڪرڻ کان روڪيو ويو. مصطفيٰ ڪمال، ترڪن کي اسلامي اثر کان پري رکڻ لاءِ ڪيترائي قانوني نهراءُ پاس ڪيا تہ جيئن مغربي ملڪن سان

وڏيڪ ثقافتي رابطا قائم ٿين ۽ ملڪ ترقي ڪري. هُن جو غالباً ذاتي خيال هو تہ اسلام پسندي ترقي ۾ رڪاوٽ جو سبب آهي، جو هو پاڻ اولهہ ماحول جو پليل هو ۽ اُتي ئي تعليم ورتي هُئي. هِن غالباً اهو بہ حڪم ڏنو هُيو، تہ مسجد جا امام نماز لاءِ اذان ترڪي ٻوليءَ ۾ ڏين، پر اُن تي عمل ڪونہ ٿيو. جو مصطفيٰ ڪمال ڪي، الله تعاليٰ جلدي ئي 1938ع ۾ گهُرائي ورتو. اِنهن غير اسلامي اصلاح ڪري، خبر نہ آهي تہ ملڪ ڪيتري ترقي ڪئي، ليڪن تُرڪي وارا يورپين يونين (European Union) ۾ داخلا لاءِ سالن کان سُوالي ضرور هئا.

مصطفيٰ ٻين آزاد خيال مسلمانن جهڙوڪ، ايران جي رضا شاهہ پهلوي ۽ البانيا جي انور هوڪسا، مذهب کان پاسيرو ٿي ۽ ترقي پسند حڪمرانن جي نقل ڪري، ملڪ اندر غير اسلامي اصلاحات جي ڀرمار ڪري ڏني.

ترڪي ٻولي جيڪا اڳ ۾ عربي رسم الخط (يعنيٰ قرآن جي ٻولي) ۾ لکي ويندي هُئي، جنهن ۾ ڏهہ سيڪڙو عربي لفظ شامل هُئا، جن کي انقلاب ڪانپوءِ، انهن لفظن کي انگريزي لفظن سان تبديل ڪري، انهن جو خاتمو آٽي ڇڏيو، جيئن تُرڪ اسلام کان پري ٿيڻ ڪري، ترقي جي راهہ تي گامزن ٿين. هِن وقت تُرڪن لاءِ عربي ۾ لکيل قرآن پڙهڻ وڏو مسئلو آهي. ترڪي جا اُهي علائقا جيڪي شام ۽ عراق جي سرحدن سان لڳن ٿا، انهن جي مادري زبان عربي آهي ۽ انقره ۾ عربي ٻولي ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي، پر استنبول ۾ عربي اجنبي ٻولي جي حيثيت رکي ٿي.

استنبول ۾ عام ماڻهو انگريزي ڪونہ ٿيا سمجهن ۽ اسان کي ترڪي ٻولي جي ڄاڻ نہ هجڻ جي برابر هئي ڪجهہ جملا هڪ ترڪي دوست کان سکڻ جي باوجود، وڏيڪ پريشاني ٿي، جو انهن لفظن کان اڳتي جي ڪا ڄاڻ ڪونہ پئي پوي. مثلاً ڪهڙا حال آهن. ’نَاسِلسَن‘ ۽ قيمت ڇا آهي، ’ڪَاچ بَرَا‘، هاڻي جي تُرڪي ۾ قيمت لاءِ ’ڪاچ برا چوان‘ تہ هو قيمت ترڪي ۾ ٻُڌائين،جنهن جو مطلب سمجهہ ۾ ڪونہ اچي، سو اِن ڪري، اُنهن لفظن کي استعمال ڪرڻ مان ڪو فائدو ڪونہ حاصل ٿيو. اسان کي عربي ٻولي ڪافي فائدو ڏنو، جو ترڪي وارا ٿوري عربي واڌو بين الاقوامي اشارن جي ٻولي، مڙيوئي مسئلو حل ٿي ويو پئي. استنبول شهر ۾ ڪنهن بہ دڪان تي انگريزي نہ عربي لفظ لکيل نظر آيو، حالانڪ ٻين ملڪن ۾ ائين نہ آهي. استنبول ۾ ڪافي ايرانين جا دوڪان هُئا، جن پنهنجي وطن کي ايراني انقلاب ڪانپوءِ خدا حافظ چيو هو.

بُرصا شهر جو سير

صبح تي هوٽل مان ناشتو ڪري، بس جو انتظار ڪيو. تُرڪيءَ ۾ هوٽلن جو انتظام ڏاڍو سنو آهي. هتي هوٽل جي چيڪ اِن ۽ آئوٽ جو وقت ٻارنهن بجي ڏينهن جو مقرر ڪيل آهي. سعودي عرب ۾ ٻه بجه مقرر آهي. هوٽل ۾ لاڪرس ٻه موجود آهن، جي توهان اگر پنهنجا قيمتي زيور يا پاسپورٽ وغيره رکڻ چاهيو. هوٽل ڏاڍو صاف سٿرو آهي. ترڪي ۽ سعودي عرب جو وقت ساڳيو آهي.

اسان جي گاڏي، پروگرم مطابق، اِئسٽور هوٽل جي اڳي سامهون بيني، جنهن ۾ اڳ ۾ مقرر ڪيل مختلف زائرين کي پروگرم مطابق، پنهنجن گهمڻ واري ماڳن جي حوالي سان، گاڏين ۾ ويهاري انهن سان ساڳئي ٻولي وارو سُونهون ساڻ ڪري روانو ڪيو. اسان سان گڏ هلندڙن جو تعارف ٿيو، جنهن ۾ ٻه جوڙا آمريڪي، هڪ انگريز ۽ هڪ جوڙو اٽلين هو. اسان کي ترڪيءَ جي پراڻي گادي جي هنڌ ’بُرِصا‘ (Bursa) شهر، جيڪو هتان سَوَ ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي، جي گهمڻ جو پروگرام ناهيو.

اسان جو هوٽل استنبول شهر جي اُن حصي ۾ آهي، جيڪو زميني لحاظ کان يورپ سان مليل آهي ۽ سونهري سِنگ واري ندي ٻه اِن اولهه واري حصي ۾ واقع آهي.اسان جي گاڏي مختلف رستن تان ٿيندي، سونهري سگ واري ندي کان تُرڪ پُل تان پار تي اچي باسفورس کي ابور ڪرڻ لاءِ باسفورس پل تي چڙهي، استنبول شهر جي ايشيائي حصي ۾ داخل ٿي. استنبول شهر جا روڊ رستا صاف سُترا آهن ۽ رستن جي چؤڏڳين (Cross Roads) تي پُليون (Fly Over Bridges) ٺهيل آهن،جنهن ڪري ٽريفڪ جي انتظام هلائڻ لاءِ اشارن جي ضرورت ڪونہ آهي، جو ماڻهن جو وقت قيمتي هجڻ ڪري، هتي وقت بچائي، گهٽو ڪم ڪرڻ جي سُني عادت پيل آهي. اسان وانگر سَوَين گاڏيون سي.اين.جي اسٽيشن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيون انتظار ڪنديون آهن، صرف سَوَ روپيه بچائڻ خاطر، جو وقت جي اهميت، ۽ قدر کان ناواقفيت جو ڪليو ثبوت آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ ترقي ۽ سُڌارو اڃان صديون اسان کان پري آهي. چوندا آهن تہ جنهن وقت کي ضايع ڪيو، دراصل وقت اُنکي ضايع ڪيو.

" Time and tide wait for none "

ڪراچي ۽ حيدرآباد شهرن ۾ هر هنڌ روڊن تي پيڙ ۽گهما گهمي، ٽريفڪ جي گهٽائي، روڊن تي غير قانوني حد دخليون (Encroachment)، اساسي سهولتن جي عدم موجودگي (Deficient Infra Structure)، ڊرائيورن جي ٽريفڪ قانون کان لاعلمي ۽ قانون جي پاسداري ڪندڙ پوليس جي غير موجودگي، سان گڏ رشوت خوري جي نتيجي جو هڪ مُنجهيل مُرَڪِبُ آهي، جيڪو 67 سالن کان وٺي عوام جي پيو رت چوسي. انگريزن پراڻي زماني ۾ جڏهن ڪراچي ۾ ايتريون گاڏيون بہ ڪونہ آيون هنيون، ٽرام سروس شروع ڪئي، جيڪا آزادي کانپوءِ، اُن جي انجن ۽ پٽڙيلن کي پُڳڙن جي مُٺِ تي وڪٽي، هڙئي پئسا هضم ڪري ڇڏيا ۽ نہ وري عوامي سهولتن خاطر، اُن جو ڪو متبادل حل ڳوليو. شهرن اندر ماڻهن جي اچ وڃ کي روان دوان رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ ارباب اختيار وارا ڊرائيونگ لائسنس لاءِ گهٽ ۾ گهٽ تعليم ميٽرڪ پاس لازم قرار ڏين، جو ڊرائيور ٽريفڪ جي اشارن ۽ هدايتن کي سمجهي ۽ پڙهي سگهي. روڊن تي غير قانوني حد دخلين کي هٽايو وڃي، شهر اندر پيڙ وارن چوراهن تي فلاءِ اوور پُلون ناهيون وڃن، متبادل رستن ۽ زير زمين ريلوي جو ڄار وڇايو وڃي ۽ مغربي ملڪن وانگر شهرن اندر ميٽرو بس سروس هلائي وڃي.

حيدرآباد ۾ راڻي باغ جي پرسان گذرندڙ پراڻي نيشنل هاءِ وي ۽ ٽڏي سڙڪ تي بہ فلاءِ اوور ناهيون ويون، ليڪن پُلين مٿان گاڏي گذرندي نظر ڪونہ ٿي اچي، پر هينان گاڏين جي هر وقت پيڙ پراڻي وقت جيان لڳل هوندي آهي. اهو جيئرو جاڳندو مثال آهي نااهلي ۽ رُشوت خوري جو،جنهن ڪري قومي سرمايو ضايع ڪيو ويو. اِهي پليون مخالف طرفن وارن روڊن تي ناهڻ گهرجن ها، جيڪي غلط طرفن ۾ ناهي، قاسم آباد جو مکيہ مَدخل بند ڪري، هڪ وڏو جرم ڪيو ويو آهي. پر اِن کان وڌيڪ افسوس جو قاسم آباد جي اِن پُل تي ڪنهن بہ ڏاهي، دانشور ڪا واويلا يا مخالفت نہ ڪئي، الائي ڇو سڀ جا سڀ خاموش هئا.

استنبول ۽ بُرصا جي ڳالهہ ڪندي، قاسم آباد پهچي وياسين. بهرحال اسان جي گاڏي 30 ڪلوميٽر پنڌ ڪري مر مرا سمنڊ جي ڪناري تي واقع هڪ ننڍي آبادي واري بندرگاهہ جَيبزِ (Gebz) تي پهچي، هڪ بحري ٻيڙي (Ferry) ۾ داخل ٿي وياسون، ٻيڙي ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڪارون ۽ بسون اڳ ۾ ئي موجود هيون. ڏهن منٽن کانپوءِ، اهو ٻيڙو مرمرا سمنڊ

تي 30 منٽن جي مسافري کان پوءِ بئي ڪناري تي واقع شهر ’يُولوا‘ (Yolova) جي بندرگاهه تي لنگر هيون. ٻيڙي اندر هڪ هوٽل هُيو، جنهن ۾ ڪائڻ پيئڻ جو شيون ڪافي مهانگيون وڪڻي رهيا هُئا. جهاز جي بيهڻ سان سڀ گاڏيون نڪري پنهنجي منزلن ڏانهن روانيون ٿيڻ لڳيون. علائقو جابلو هو، پر ڪافي ساوڪ نظر اچي رهي هُئي. ٻهراڙي جو نظارو ڏاڍو دلڪش هُيو، پر ڪا پوک پراهه نظر ڪونه آئي. رستي تي هڪ وڏي صوفيه فيڪٽري (Sofia Factory) نظر آئي، جيڪا ڪپڙي ناهڻ جو وڏوڪارخانو آهي، غالباً صوف عربي ۾ اُنَ (Wool) کي چوندا آهن شايد اُوني ڪپڙي ناهڻ جو ڪارخانو هجي. روڊ جي ٻنهي پاسن کان ناسپاتي، زردالو، ڪارا انگور ۽ ڪارن زيتونن جا باغ نظر آيا. ڪجهه فاصلو اڳتي هلڻ سان، اِزنڪ ڍنڍ (Iznik Lake) وٽ پهتاسون. جنهن پرسان اِزنڪ شهر واقع آهي جنهن جون ٽائيلس هالا وارن ٽائيلس وانگر ڏاڍيون مشهور آهن، جن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. هن ڍنڍ لاءِ مشهور آهي، ته قديم زماني ۾ هتي دنيا ڀر مان عيسائي پادري بائيبل جا 10 هزار نسخا کڻي، اچي هتي گڏ ٿيا هئا ۽ سيني نُسخن کي پاڻ ۾ ڀيٽائي ڏٺو ۽ آخرڪار صرف ٽي نسخا، هڪ جهڙا نڪتا ۽ باقي سڀ هڪ ٻئي کان مختلف هجڻ ڪري، هِن ڍنڍ جي حوالي ٿيا. اِها ڪاروائي اُن وقت عمل ۾ آئي، جڏهن بائيبل بابت اهو مشهور ٿي ويو هو ته ’هِن ڪتاب جا ڪي ٻه ٻه نُسخا هڪجهڙا ڪونه آهن‘.

آخر ڪار ڪجهه مفاصلو طئي ڪري بُرصا پهتاسون. هي شهر سُلطنت عُثمانيه دور جي پهرين گادي جو هنڌ ٿي گذريو آهي ۽ قديم تاريخي شهر آهي، جيڪو ٽي سال قبل مسيح کان به اڳ آباد هيو. هن شهر جي فتح وقت، باني سلطنت، عُثمان خان سخت بيمار هجڻ ڪري، هِن شهر جي فتح جي خبر سندس پٽ ’اور خان‘ بستر علالت تي کيس ڏني هئي.

برصا جي ريشمي بازار (Silk Market) ڏٺي، جتان جو ريشمي ڪپڙو دنيا ۾ مشهور آهي ۽ تمام گهڻي قسم جا نمونا موجود آهن.

هڪ هوٽل تان لنچ ڪري بُرما جي جڳ مشهور، سائي مسجد (Green Mosque) ڏسڻ لاءِ مسجد پهچي، وضو ڪرڻ لاءِ وضو خانه ۾ پهتس ته اُتي ويٺل چوڪيدار 500 ليرا گهريا. ترڪي جي هر شهر جي Public Places تي نِجي ڪاروبار لاءِ ، عوام ۽ زائرين جي سهولت لاءِ، سُنا حمام نهرائي رکيا آهن، جن جي استعمال تان هُو پنهنجي لاءِ مناسب پئسو پيا ڪمائين. هي هڪ سُني سهولت سان گڏ، هڪ پئسي ڪمائڻ جو بهتر ڪاروبار آهي.

گرين مسجد، عُثمانيہ دور جي اوائل ۾ ناهي وئي هُئي، هن پرسان سائو مقبرو واقع آهي، جنهن ۾ سلطنت عُثمانيہ جي باني عُثمان خان ۽ اُن جي اولاد جون قبرون آهن. هي مسجد ۽ مقبرو تمام وسيع ۽ ويڪرا نهيل آهن، جنهن جي اندران ڪافي چٽسالي واريون ٽائليون لڳل آهن.

توري پنڌ تي مُراد مسجد ڏٺي، جنهن اندر ڪافي رنگين چٽسالي ٽيل آهي. ٻنهي مسجدن جو فن معماري هڪ جهڙو هجڻ ڪري، ائين پيو محسوس ٿئي چڻ ساڳئي وقت ۾ ناهيون ويون هجن ۽ معمار بہ ساڳيو هجي.

ڪجھ وقت لاءِ بُرصا شهر جو چڪر لڳائي پوءِ هڪ وڏي جبل تي چڙهڻ لاءِ رسين واري ڪار جو سهارو ورتو، جنهن تي چڙهي بہ ڪلو ميٽر جي بلندي واري جبل تي چڙهڻ شروع ڪيو، جنهن جو قدرتي نظارو ايترو تہ دل کي وڻندڙ هو، جو ان کي لفظن ۾ نٿو بيان ڪري سگهجي. هي ڪيبل ڪار مري واري ڪيبل ڪار کان هزار ۽ قدرتي نظارن سان مالا مال آهي. هِن جبل جو نالو 'اُلداغ' (Uldag) آهي، جنهن جي چوٽي تي چڙهڻ سان بُرصا شهر تمام ننڍڙو لڳي رهيو هو. مٿي ويندي هڪ وچواري اسٽيشن تي لهي، قدرتي نظارن ۽ من موهيندڙ ٿڌي هوا جو لطف ورتو. جبل جي چوٽيءَ تي پاڻيءَ جا قدرتي چشما (Water Springs) جن مان صاف پاڻي مٿي نڪري (Gushing)رهيو هو. ڪيبل ڪار ۾ تقريباً 25 ماڻهن جي گنجائش هُئي، جيڪا اسان کي چڙي ٻين کي ڪڻڻ لاءِ رواني تي وئي ۽ توري عرصي ڪانپوءِ ايندي ويندي رهي. ڪيبل ڪار جو سفر وڏي اوچائي جي ڪري خطرناڪ هجڻ سان گڏ، دلڪش پڻ هو. ڪيبل ڪار ذريعي هيٺ لهي برُصا شهر جي هڪ مشهور چوڪ تي آياسين، جتي هڪ وڏو بورڊ لڳل هيو، اتي پرسان ڪافي ملڪن جا جهنڊا پڻ لهرائي رهيا هُئا، جن ۾ پاڪستان جو جهنڊو پڻ شامل هيو. بورڊ تي ٻين ملڪن جي شهرن جا نالا لکيل نظر آيا، جن ۾ 'مُلتان' شهر جو نالو پڙهي خوشي ٿي. مان پنهنجي سُونهين کان معلوم ڪيو، جنهن ٻڌايو تہ ملتان ۽ بُرصا شهرن ۾ ثقافتي هڪ جهڙايون هجڻ ڪري، اِهي ٻئي شهر، سِسٽر سِٽيز (Sister Cities) ڪري سڏيا وڃن ٿا. هونئن بہ ترڪي، اسان پاڪستانين کي دوست يعني اَرگَداش، ڪري پڪاريندا آهن. ڪنهن دڪان تي وڃو يا ٽيڪسي واري سان ڳالھ ٻولھ ٿيندي تہ، توهان کي اردگداش ڪري مخاطب ٿيندا.

استنبول جون قديم مسجدون

شهر جو چڪر لڳائي، ساڳئي رستي سان استنبول واپس ورياسين جو صبح جو ترڪي ايئر لائين جي آفيس وجي، يونان جي اٿينس (Athens) شهر لاءِ سيٽون تصديق ڪرائيڻون هيون ڇاڪاڻ شام جو پنجين وڳي هر قسم جي آفيس بند ٿيو وڃن.

ترڪي جي هوائي جهاز ٽڪيٽ آفيس ۾ داخل ٿي هڪ خالي ڪائونٽر واري ڇوڪري کي ٽڪيٽ تصديق ڪرڻ لاءِ چيو، جنهن ڪمپيوٽر سسٽم ڊائون هجڻ ڪري اسان کي ويهڻ جو چيو. ايئر لائين آفيس اندر سيني ڪائونٽرن تي ڳاڙهي لباس ۾ ملبوس سڀ ڇوڪريون هنيون ۽ ڪوبه مرد نظر ڪونه آيو. ٿوري انتظار ڪان پوءِ، اسان پر واري ملبوسات جي دڪان تي وجي مختلف ڪپڙن ۽ انهن جا اگهه، وقت گذارڻ لاءِ شهر جي مشهور بازار گهمڻ جي ارادي سان پڇا ڪندي ’مصري بازار‘ نڪتاسون. هن بازار کي شهنشاهه محمد (چوٿون) جي ماءُ جي حڪم تي، 1660ع ۾ هڪ مشهور معمار انجنيئر قاسم آغا ناهي راس ڪيو. هيءَ بازار به استنبول ۽ شام جي دمشق شهر واري ڍڪيل بازارن وانگر آهي.

سلطان احمد مسجد (Sultan Ahamet Mosque) عُثمانيه دور جي خوبصورت، عاليشان معماري ۽ عمارت سازي جو هڪ لاثاني ثبوت آهي، جنهن کي شهنشاهه احمد (پهريون) جي حڪم تي جڳ مشهور معمار محمد آغا ستن سالن دوران ناهي راس ڪيو. آغا محمد، مشهور معمار صِنعان جو شاگرد هو.

هن عاليشان اڏاوت ۾ سلطان احمد جي ڪوشش هُئي ته ’حاجيه صوفيا مسجد‘ جيڪا معمار صنعان ناهي هُئي، تنهن کان به وڌيڪ خوبصورت ۽ دلڪش اڏاوت ڪئي وڃي. معمار آغا جي به اِها ڪاوش هُئي ته پنهنجي استاد جي ڪيل ڪم کي مات ڏئي، پنهنجو مان مٿاهون ڪري. هي مسجد موقع جي لحاظ کان مرمرا سمنڊ جي ڪناري تي هجڻ ڪري، زائرين جي اڪثريت جي دلچسپي جو مرڪز بڻيل هوندي آهي.

هيءَ مسجد استنبول شهر جي سيني مسجدن کان وڌيڪ خوبصورت آهي، جو هِن مسجد ۾ تمام ڊگها پر پينسِل جهڙا سنهڙا مينار ٺهيل آهن. ڇئن منارن، هر هڪ ۾ ٽي گول چيوترا ۽ ٻن مينارن ۾ ٻه گول چيوترا ٺهيل آهن، جن جي ڪري مِنارن جو منظر وڌيڪ دلڪش لڳي رهيو آهي.

هِن مسجد کي نيري مسجد (Blue Mosque)، ان ڪري سڏيو ويندو آهي، جو مسجد جي اندرين پاسن ۾ جيڪي ٽائيلس وغيره استعمال ٿيل آهن،

انهن جو رنگ نيري رنگ جي مائل آهي. هِن مسجد ۾ 26 ٽلها گرينائيٽ پٿر جا ٺهيا آهن، جيڪي ٽيهه مختلف قطر جي گنبذن (Domes) کي ڪنيون بيٺا آهن. نماز جي وسيع مرڪزي هال مٿان هڪ بُلند گنبذ آهي، جو پري کان گنبذن جي چار ماڙ ٺاهي دلڪش ۽ عظيم فن معماري جو منظر پيش ڪري رهيو آهي.

هِن مسجد اندر ٻه سَوَ سٺ دريون، اهڙي خاص ترتيب سان لڳايون ويون آهن، جو اندر جي روشني جي يڪسانيت تي سج جي ڪهڙي به بيهڪ يا رُخ، روشني تي اثر انداز نٿو ٿي سگهي. مسجد جي اندرين حصي ۾اِزنڪ ٽائيلس لڳل آهن ۽ ترڪي جا نهيل ڳاڙهي رنگ جا اعليٰ قسم جا قيمتي غاليچا پوري فرش کي ڍڪي پرڪشش ڪيو بيٺا آهن. هونئن به ترڪي غاليچن ٺاهڻ، غلم سازي جي لحاظ کان دنيا ۾ وڏو مشهور ملڪ آهي، جنهن ڪري هتان جا نهيل اعليٰ قسم جا غاليچا، دنيا ۾ فروخت ڪيا ويندا آهن. هن مسجد جي ايراضي ڇهه ايڪڙ زمين تي ڦهليل آهي، جنهن ۾ ٻيون به ڪافي جايون نهيل آهن. هڪ خوبصورت مرڪزي باغ به آهي، جنهن ۾ پاڻي جا تلاءُ ۽ ڦوهارا هلي رهيا آهن. بهرحال بلو مسجد جي تعمير سازي سان ترڪن جي فن معماري استنبول شهر ۾ پنهنجي چوٽيءَ تي پهتل آهي.

عُثمانيه دور جي عاليشان فن معماري جا شاهڪار، قديم سلطنت ۾ شامل هن دور جي لبنان، دمشق، بغداد، سعودي عرب، مغرب ۽ مشرق ۾ نمايا نظر اچي رهيا آهن.

بلو مسجد گهمڻ کانپوءِ، هڪ قديم چرچ، جنهن کي چار مِنارا، محراب ۽ معذن جي بالڪوني جو اضافو ڪري عثمانيه دور جي اوائل (1453ع) ۾، هڪ عاليشان مسجد ۾ تبديل ڪيو ويو، جنهن جو نالو ’حاجيه صوفيا مسجد‘ (Hajia Sofia Mosque) رکيو ويو. هن مسجد جي اندرين پاسن تي قديم موزائڪ ٽائيلس ذريعي، وڏي مهارت سان حضرت عيسيٰ عيله وسلام ۽ بيبي مريم جون تصويرون ٺاهيل آهن. هِن مسجد جي مرڪزي وسيع هال، جيڪو مستطيل شڪل ۾ آهي،تنهن مٿان وڏو گمبذ، چئن ٿلهن پٿرن جي اوساري جي ٿنين تي، 170 فوٽ زميني سطح کان مٿي بيٺل آهي. هن مسجد جي اڏاوت، بلو مسجد جي اڏاوت تان نقل ڪيل آهي. مرڪزي گنبذ جي چؤ طرف ننڍا گنبذ ۽ مسجد اندر ڪيتريون ئي خوبصورت گئلريون نهيل آهن. مسجد جي ٻاهران وڏو سرسبز باغ آهي، جنهن ۾ پاڻي جا ڦوهارا، زائرين لاءِ دلڪش نظارو ۽ فوٽو گرافي لاءِ

مسجد اندر درين تي وڏن دائرن ۾، الله تعاليٰ، نبي صلم، خُلفاءِ راشدين، امام حسين ۽ امام حسن جا نالا عمدي رسم الخط ۾ اُڪريل آهن.

مسجد جي زيارت ڪانپوءِ، باسفورس نديءَ جي ڪناري تي ٺهيل دولمباحي محل(Dolmabahee Palace) ڏٺي، هي محل طوب ڪاپي محل جي نهڻ کان ڪافي بعد، عثمانيه دور جي آخري سالن ۾ ٺاهي راس ڪيو ويو. هي محل شهنشاه محمد (ٻيو) جي فرزند عبدالمجيد (پهريون) (1839-1861ع)، سن 1843ع ۾ اڏاوت جو ڪم شروع ڪرايو. هي محل طوب ڪاپي محل جي طرز تعمير جي مشابهت مطابق ٺهرايو ويو. جنهن ۾ تاجپوشي سان گڏ، عورتن لاءِ حرم ۽ ٻيون جايون ملائي ٻه هزار فوٽ ڊگهي ساموندي ڪپر تي ڊيگهه والاري ٿي. تاجپوشي هال وسيع ايراضي تي ڦهليل آهي ۽ ڇت ڇئن ٿنين تي هڪ وڏي گنبذ ذريعي ڍڪيل آهي، جيڪو فرش کان 120 فوٽ مٿي آهي، جنهن ۾ ساڍا چار ٽن وزني روشني جو فانوس (Chandlier)، 750 بلبن سميت گنبذ جي مرڪزي دائري مان ٽنگيل آهي، جنهن جو نظارو زائرين ڪي گهائي ڇڏي ٿو.

هن مرڪزي هال اندر ڪافي خوبصورت ڇڏيا (Galleries) آهن، جن ۾ مهمانن لاءِ موسيقي وڄائي ڪين روح کي راحت ڏني ويندي هئي. چاندي مان ٺهيل موم بتي جهلڻ جا وزني جهل (Holder)، ريشمي پردا، قيمتي شاهي زيور ۽ عاليشان فرنيچر، اهو ٻڌائي رهيا آهن، ته محل ڪنهن عياش شهنشاهن جو هو. شهنشاهن، شهزادن ۽ راڻين جي ڪمرن ۾ پيل قيمتي فرنيچر ۽ سونهري رنگت جون چادرون ۽ ريشم جا وهاڻا، اهو ثابت ڪن ٿا ته هن محل اندر دنيا ۾ موجود، عيش عشرت جو هر سامان مهيا ڪري ڏنو ويو هو، ليڪن شهنشاهن کي پنهنجي رعيت ۽ مسڪينن جو ڪو فڪر ڪونه هوندو هو. هن محل ۾ عثمانيه سلطنت جي آخري، پنجن بادشاهن جي تاجپوشي جون رسمون ادا ڪيون ويون هيون.

اِهو ٻڌايو وڃي ٿو ته هن محل جي ٺهڻ ڪانپوءِ، سلطنت جي اقتصادي حالت خراب ٿيندي رهي، جو آخر اڳتي هلي، ملڪ ۾ بيچيني پيدا ٿي ۽ انقلاب جون راهون هموار ٿيون. وڏي عجب جي ڳالهه جو، بابائي قوم مصطفيٰ ڪمال، هن ئي محل ۾، 10 نومبر 1938ع تي وفات ڪئي ۽ هتي ئي سلطنت عثمانيه جو 1922ع ۾ زوال آيو.

عثمانيه دور ۾ ڪدڙن جو عروج

ڪدڙن کي اردو ۾ خُواج سِراءِ، هندوستان ۾ هِجڙا (Hijra) ۽ ترڪي ۾ ڪُوسَيڪ (Kocek)ڪري سڏيو وڃي ٿو. هر مخلوق ۾ پن جنسن نرُ ۽ مادي جو ذڪر الاهي ڪتابن ۾ اچي ٿو. پر هي اِنهن کان تورو مختلف، ٽئين جنس (Transgender) آهي، جنهن کي نر نه مادي چئي سگهجي ٿو.

عثمانيه سلطنت ۾ اهو عام رواج هوندو هو. ته گهرن ۽ محلن جو سڄو سارو انتظام، سار سنڀال، حفاظت، چوڪيداري، ذاتي حفاظت، ڪاڏي پچائڻ، گهر هلائڻ جو حساب ڪتاب ۽ ٻين ذاتي مسئلن تي صلاح مشورا وغيره ڪدڙن جي حوالي هوندا هُئا.جهڙيءَ طرح قديم زمانيَ ۾ ڪدڙن جو گهڻي تعداد ۾ نوڪر هجڻ، اهڙي طرح جديد زماني ۾، سعودي ۾ شادي ۾ گهڻن ٻَڪرَن جو ذبح ڪرڻ ۽ مغرب جي ملڪن ۾ ڊرائيور رکڻ يا ذاتي گهر جو هجڻ، سماج ۾ مَانُ ۽ اعليٰ مرتبي جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو.

سلطنت ۾ جڏهن ٻاهرين ملڪن جا بادشاهه، وزير، امير سلطان سان ملڻ ايندا هُئا، ته انهن جو آڌر ڀاءُ محل ۾ سردار ڪدڙو (Chief Eunch) ڪندو هو، جنهن ڪانپوءِ، هو اُنهن کي وزيراعظم سان ملائيندو هو ۽ ان ڪانپوءِ وزيراعظم، بادشاهه سلامت سان ملاقات ڪرائيندو هو. محل اندر پورا ۽ ڪارا ڪدڙا هوندا هُئا ۽ انهن جو سردار به ساڳئي ئي رنگ مان هوندو هُيو، ليڪن پورن ڪدڙن جو سردار، ڪارن ڪدڙن تي به نظر رکندو هو. محل اندر بادشاهه، سندس ماءُ جو حڪم هلندو هو جنهن کان پوءِ ڪاري سردار ڪدڙي جو حڪم بااثر ۽ معتبر سمجهيو ويندو هو جو محل جو پورو خرچ پکو به هن جي هٿ هيٺ هوندو هو. سردار ڪدڙي جي بادشاهي ۽ حرم اندر سيني شاهي خاندان جي شهزادِين شهزادن ۽ شاهي والده محترم سان سڌو سنئون واسطو هجڻ ڪري، هن جو مانَ ۽ مريادا (Protocol) اعليٰ مرتبي وارو مڃيو ويندو هو.

محل اندر شهنشاهه جي زالن کان علاوه ڪيتريون ئي رکيل (Concubines /Mistress) سُهٽيون ڇوڪريون ۽ غلام ڇوڪرِيون، موجود هونديون هُيون، جن جو ڪم صرف حرم اندر شاهي خاندان جي فردن جي خدمت ڪرڻ هوندي هُئي. انهن خوبصورت ۽ نوجوان ڇوڪرِين کي سلطنت اندر مختلف پرڳڻن جا گورنر، بادشاهه کي خوش ڪرڻ لاءِ، سوکڙي طور موڪلي ڏيندا هُئا. انهن گورنرن ۾ مصر جي گورنر جو ڪردار گهڻو نمايا هوندو هو، جو سڀ کان وڌيڪ خوبصورت ڇوڪرِيون سوکڙي طور موڪليندو رهندو هيو. جنهن ڪري هو وڌيڪ وڻيل هوندو هو.

اِهي خوبصورت ڇوڪِريون گهڻو ڪري، جورجيا (Georgia)، سرڪاسين (Circassians) ۽ ابخاسين (Abkhasians) جي علائقن مان يرغمال يا خريد ڪري بادشاهن کي خوش ڪرڻ لاءِ سوکڙي طور ڏنيون ويندڀون هُيون. جارجين ۽ سرڪاسين وارا مائٽ، پنهنجي نياڻن کي حرم ۾ غلام تي داخل ٿيڻ لاءِ اُڪسائيندا رهندا هُئا، جو غربت هجڻ ڪري، ڇوڪرين جو محل اندر مستقبل سڌرڻ جا روشن امڪان هوندا هُئا، ان ڪري جو شهنشاهه کي ڪنهن غلام يا نوڪرياڻي مان پهرين پٽ جي اولاد ٿيڻ تي، هُن جو محل اندر درجو بلند ڪيو ويندو هُيو، جو ايندڙ وقت ۾ سندس پٽ کي بادشاهي ملڻ تي، سندس سَتَ ئي آڱريون گيهه ۾ پئجي ويندڀون هيون. دنيا ۾ هِن وقت بہ اُهو تسليم ڪيو پيو وڃي تہ عورتن جي حُسن جي هاڪ جارجيا ۽ پروارن علائقن، جهڙوڪ: ابخاسين ۽ سرڪاسين ۾ ساراهہ جوڳي آهي. هي علائقا سرسبز ۽ جابلو آهن، هميشہ برسات پوندي رهندي آهي ۽ جارجيا جي پر ۾، ڪاري سمنڊ جي ڪناري تي آباد آهن. اهي غلام عورتون، پنهنجي حُسن، هوشياري ۽ قابليت مطابق، حرم اندر شهنشاهه جي قُربت حاصل ڪري سلطنت ۾ پنهنجو ورثو ڄمائي، پوري خلافت ۾ وڏي طاقت ۽ عهدا حاصل ڪيا آهن.

انهن نوڪرياڻين جي حرم اندر سندن بادشاهہ سان تعلقات مطابق ترقي ٿيندي رهندي هُئي، مثلاً پهرين ترقي ٿيڻ تي، اُن غلام عورت کي، اقبال (Ikbal) ڪري سڏيو ويندو هو، جنهن ڪانپوءِ اگر پٽ ڄائو تہ سندس رتبو ڪادِن (Kadin) يعني پٽ ڄڻڻ سان هوءَ سلطنت جي مستقبل بادشاهہ جي ماءُ تي، پوري حرم جي مالڪياڻي ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ ان ڪانپوءِ پنهنجي سَسُ جي جلدي موت اچڻ جون ويئي تسبيون (Rosary) ڦيريندي هوندي.

حرم اندر جاهہ وجلال رکندڙ بہ عورتون هونديون هيون، پهرين نمبر تي شهنشاهہ جي ماءُ ۽ ٻئي نمبر تي شهنشاهہ جي زال يا اُها نوڪرياڻي، ’ڪادن‘ جنهن اڳ ۾ وارث پيدا ڪيو هجي. حرم ۾ شهنشاهہ جي ماءُ، جنهن کي ’والديہ سُلطان (Queen mother) جي لقب سان پڪاريو ويندو هو، سا حڪومت جي سياسي فيصلن تائين سندس هٿ رسد هوندي هُئي. اُن صورت ۾، جڏهن وزير ۽ شيخ السلام، شهنشاهہ جي فيصلي کي صحيح نہ سمجهندا هُئا. غلام عورت، جڏهن ’ڪادن‘ جو رتبو ماڻيندي هُئي، تہ شهنشاهہ سانس نڪاح ڪري زال جي حيثيت ڏئي ڇڏيندو هُيو ۽ ڪيس سوَن جي تعداد ۾ نوڪرِياڻيون ۽ ڪدڙا حاضر رهندا هئا.

انگريزي ۾ ڪدڙن کي يونڪ (Eunuchs) چيو وڃي ٿو، جنهن جي معنيٰ، اُهي نر ڪدڙا، جيڪي جسماني طور مردانگي واري طاقت کان ۽ ٻار پيدا ڪرڻ واري صلاحيت کان قدرتي يا پئدائشي نُڪس ڪري محروم هجن ٿا. جهڙي طرح مغلن جي دور حڪومت ۾، محلن جا وارث يا محافظ ڪدڙا ئي هوندا هُئا. اهڙيءَ طرح سلطنت عثمانيہ جي شاهي محلن جي حفاظت ۽ انتظام سڄو ڪدڙن جي هٿ هيٺ هوندو هو. ڪدڙا ٻن قسمن جا هوندا هُئا، هڪ ڪارا جيڪي آفريڪا جي سوڊان، مصر ۽ نيل ندي جي مٿانهن علائقن مان غلام خريد ڪري، قاهره، بيروت، اِزمير يا اسنتبول آڻي، انهن کي جراحت (Operation) ذريعي مردانگي وارا عضوا، يعني آنورا (Testicles) ۽ عضوو خاص (Penis) کي ڪنهن تِکي لوهي اوزار، چاقو يا پَتو وغيره سان، ڪيس ڪاٽ جي فريم ۾ جڪڙي هڪ ئي جهٽڪي ۾ الڳ ڪري ڇڏيا هئا، ڪجهه مهينن تائين سندس خوراڪ صرف کير هوندو هيو. انهيءَ پوري ڪاروائي کي Castration چيو وڃي ٿو ۽ اِهو عمل ڪدڙن جي ننڍي عمر، يعني، 6-10 سالن جي عمر دوران ڪرڻو هوندو هو، جنهن ڪري صرف 10 سيڪڙو زنده رهندا هُئا ۽ باقي موت جو شڪار ٿي ويندا هُئا. اِهي ڪارا ڪدڙا گهڻو ڪري عيسائي يا يهودي مذهب رکندڙ خاندانن جي اولاد هوندا هُئا، جو اسلام ۾ مسلمان غلام رکڻ، اُن جي جراهت ذريعي جنسي عضون کي ڪٽڻ جائز نہ آهي. ڪدڙن جو ٻيو قسم، پوري رنگ جا ڪدڙا، جيڪي اوائلي دور ۾ انهن عيسائي پرڳڻن جهڙوڪ: جارجيا، آرمينيا، سرڪاسين کي فتح ڪرڻ وقت آندا ويندا هُئا ۽ هڪ ٻئي جون پاڙيسري روس کان آزاد ٿيل رياستون آهن. پورن ڪدڙن جي کوٽ کي هنگري، سِلوونيا ۽ جرمن جنگي قيدين مان پوري ڪئي ويندي هُئي، جڏهن سلطنت عثمانيہ ۽ انهن پروارن ملڪن (Balkan state) وچ ۾ هلندڙ سرحدي جهڳڙن ڪري قيدي پڪڙيا ويندا هُئا. هنن پورن ڪدڙن جي خاص عضوي جو اڌ ڪٽيو ويندو هو، جنهن ڪري هنن جي نوڪري محل اندر حڪومتي آفيسن، جهڙوڪ: خزاني جي آفيس، باغباني وغيره ۾ لڳائي ويندي هُئي، جنهن ڪري حرم اندر عورتن سان سندن واسطو يا رابطو نہ هجڻ جي برابر هوندو هو. مختلف صوبن جا گورنر، شهنشاهہ کي خوش رکڻ لاءِ مختلف ملڪن مان ڪدڙا خريد ڪري ڏنا ويندا هئا.

ڪارن ڪدڙن کي حرم اندر رهندڙ شهزادِين ۽ ٻين عورتن جي رکوالي ڪرڻ جي جوابداري سونپيل هوندي هئي ۽ سردار ڪدڙي کي Kizlar Agasi ۽ پوري سردار ڪدڙي کي Kapi Agasi جي لقب سان سڏيو ويندو هو. ڪاري

رنگ جو چيف ڪدڙو بادشاهہ ۽ وزيراعظم ڪانپوءِ ٽئين نمبر تي سندس رتبو ۽ حيثيت هوندي هئي، جيڪا پوري سلطنت ۾ هڪ اعليٰ مانَ ۽ شان واري هوندي هئي.

پورو چيف ڪدڙو محل جي اندروني آفيسن، ڪدڙن جي اسڪول، محل اندر تيندڙ گڏجاڻين، شادين، تفريحي محفلن ۽ نمائش جي جوابداري سونپيل هوندي هئي، ليڪن هنن کي حرم جي عورتن کان پري رکيو ويندو هو. هِن جي ضابطي ۾ حڪومتي خط ڪتابت، درخواستون، شاهي نياپا، مذهبي تهوارن جو ملهائڻ (Religious Ceremony) وغيره شامل هوندو هو. سورهن صدي جي آخر ۾، ڪارو چيف ڪدڙو ايتري طاقت وٺي ويو، جو نوجوان شهنشاهن (Teenager Kings) جي گهٽ تجربي ڪري، سلطنت جي سياسي فيصلن ۽ هلائي چلائي ۾ وڏو دخل حاصل ڪيو.

ڪدڙن جي جراحت جو رواج اوائلي آهي، جو محل يا گهر اندر ڪم ڪندڙ ڪدڙن جو بي لوث ۽ وفاداري مشهور رهي آهي،انڪري جو هو شادي جي قابليت نہ هجڻ ڪري، بي اولاد رهن ٿا، نہ ڪو لالچ ۽ وري ڪو گهٽي رشتيداري ۽ واسطو رکن ٿا.

سلطنت عثمانيہ جي دور حڪومت ۾، استنبول جي طوب ڪاپي محل ۽ آخري دالماباحي محل جي سڄي جوابداري کان علاوه، ڪاري چيف ڪدڙي، ’دار سعدا آغا‘ ۽ بشير آغا (1730ع دوران) جي، ڪنٽرول هيٺ رهي، جن جي طاقت، وزيرن ۽ شهنشاهن کي بہ پنهنجي اثر هيٺ هلائيندا رهيا.

ڪدڙن جي خريداري ۽ جراحت ڪانپوءِ انهن کي مختلف سکيا ڏنيون وينديون هيون، جو محل اندر هر ڪم جي سکيا جو احتمام هوندو هو، جنهن ڪانپوءِ هنن کي محل اندر، اسڪولن ۾ علم حاصل ڪرڻ ۽ هر هڪ جي قابليت جي حوالي سان. نفسيات جي ماهرن جي سفارش مطابق، ڪين پنهنجي دلچسپي جي ميدان ۾ وڌيڪ سکيا ڏئي، محل اندر مخصوص شعبي ۾ ڪين جوابداري ڏني ويندي هُئي . ڪدڙن جي ترقي، سندن محنت، ايمانداري ۽ محل واسين خاص ڪري بادشاهہ سان وفاداريءَ جي لحاظ کان ڏني ويندي هُئي، هڪ مڪمل ايمانداري سان اهليت ۽ قابليت جو اهڙو نظام قائم هيو، جنهن جي جيتري تعريف ڪئي وڃي اوتري گهٽ آهي.

ڪدڙن جي جراحت ڪانپوءِ، ڪيترائي نفسياتي طور احساس ڪمتري، محروميت، بي ترتيبو ورتاءُ (Eccentric social behaviour)، جسماني اٽپورائي ۽ محرومي خواهشِ ورثاءِ جو شڪار ٿي، هن سماج ۾ مقبوليت جو درجو حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ويندا هئا.

تاريخ شاهد آهي تہ شهنشاهہ علاءُ الدين خلجي، پنهنجي سُلطنت کي منگولن جي حملن کان بچائڻ ۽ هندستان ۾ ڪيتريون ئي رياستون فتح ڪرڻ ۾ فوجي ڪمانڊر، ملڪ ڪافور جي همٿ ۽ دليري شامل آهي. ملڪ ڪافور جو اصلي نالو، صبور ياڻي راجپوت هو جنهن کي ڪنيات شهر فتح ڪرڻ وقت، هڪ هزار دينار ۾ خريد ڪري، جراحت ذريعي ڪدڙو ڪيو ويو. هن شخص شهنشاهہ جي فوج ۾ نوڪري ورتي ۽ ڪمانڊر جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ هندستان جي ڪيترن ئي پرڳڻن کي فتح ڪري، خلجي سلطنت کي وسيع حڪمراني ٺاهي ڏني.

ملڪ ڪافور، 1309ع ۾ وَرَنگال قلعي تي چڙهائي ڪري، قلعي کي فتح ڪيو، جنهن مان دنيا جو مشهور ’ڪوهنور هيرو‘ (Koh-i-Noor) ڪڍي شهنشاهہ کي ڏنو، جيڪو بعد ۾ انگريزن (1877ع) جي ايسٽ انڊيا ڪمپني کسي قبضو ڪري، برٽش ڪرائون جُئيلس(British Crown Jewels) ۾ شامل ڪري، راڻي وڪٽوريا جي حوالي ڪيو. هي شاندار ڪارنامو هڪ ڪدڙي يا خواجہ سراءِ جي سر چڙهيو.

هڪ اندازي مطابق، پاڪستان ۾ ٽي لک ڪدڙا هوندا، جيڪي هن سماج جو حصو آهن، ليڪن اڪثريت صرف نچڻ، ڳائڻ، پنڻ ۽ ڪجهہ جسم فروشي جي ڌنڌي ۾ مشغول آهي. انهن جو ملڪ جي ترقي ۽ سماجي بهبود جي نگاهہ کان ڏسجي تہ ڪو خاص عمل دخل نظر ڪونہ پيو اچي. ڇا هو پاڻ ايترا قابل نہ آهن، جو اچي قومي ڌاري ۾ شامل ٿي، ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ پنهنجو هٿ ونڊائين؟ ڇا اسان جو معاشرو، اُنهن کي قومي ڌاري ۾ داخل ٿيڻ جي حوالي سان وڏي رڪاوٽ آهي؟ اسان جي رياست جي ارباب اختيار کي گهرجي تہ آدمشماري جي ايتري وڏي انگ کي سندن صحيح شناخت ڏني وڃي ۽ قانون سازي ڪري، اهڙا اُپاءَ ورتا وڃن، جن ۾ ڪدڙا برادريءَ جي حقن، جهڙوڪ؛ خود اعتمادي، مختلف شعبن ۾ اعليٰ تعليم، تحفظ، قومي شناختي ڪارڊ ڏيڻ، مختلف ڪاتن ۾ نوڪري جي ضمانت، ڪوٽا سسٽم، معروثي وراثت جو حق، جسم فروشي کان منع وغيره وغيره، جي حفاظت ۽ ضمانت ڏني وڃي.

اِن سان گڏ ڪدڙن جي رجسٽريشن آفيس هر ضلعي ۾ کولي وڃي، جتي هنن جي ميڊيڪل ٽيسٽ ڪرائي،حقيقي ڪدڙن جي صحيح سڃاڻپ ڪئي وڃي. اِن ڪاروبار ۾ ڪيئي صحتمند نوجوان، شوقيہ ٿيي پون ٿا. جنهن کي ابتدائي طبي مُعائني جي شرط سان، اِن وڌندڙ انگ تي ضابطو ۽ ڪٽائيءَ آساني سان ڪري سگهجي ٿو.

مغربي ملڪن ۾ جنس جي تبديلي جو وڏو ڪاروبار شروع ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي نوجوان ڇوڪرا، اڌوري ڇوڪرين جي ويس ۾ پيا مزا وٺن.

اهڙي قانون سازي ڪئي وڃي، جنهن ذريعي کدڙن کي گهرن ۾ بورچي، چوڪيدار، ڊرائيور وغيره جهڙيون گهرو نوڪريون ڏئي، سماج جي ترقي ۽ معيشيت ۾ اضافو ڪيو وڃي.

کدڙن کي سلائي، دوائن جا دڪان کولڻ، بيوٽي پارلر هلائڻ، ڏڪيل بازارن (Malls) ۾ وڪرو ڪندڙ ڇوڪرين (Sales Girls) جي ڪاروبار ڪرڻ لاءِ کين ڪاريگري، تجربي ۽ مهارت وڌائڻ جي سکيا (Skill Development Training) ڏيڻ جو سرڪار کي بندوبست ڪرڻ گهرجي، جيئن ته هن گروهه جي موجودگي مان ملڪ ۽ سماج کي ڪو فائدو پهچي.

عُثمانيه دور جا جانثار (Janissary)

عثمانيه دور جي باني، عثمان خان (1299-1326ع) جي ڏاڏي ارتگل غازي (1230-1261ع) کي، هن پرڳڻي جي اميري ملڻ کانپوءِ، 1299ع ۾ سندس پٽ عثمان خان، عثمانيه سلطنت جو بنياد وڌو، ته ان ۾ هنن سان جنگي قوت لاءِ پنهنجن قبيلن مان جنگجو ۽ ويڙهاڪ جوان شامل هئا، جيڪي مختلف لڙاين ڪري روم سلطنت کان ڪافي علائقا حاصل ڪيا. عثمان خان کانپوءِ سندس پٽ، اُرهان (1326-1362ع) جي 36 سالن جي طويل عرصي جي حڪومت دوران، سلطنت ۾ ڪا اهڙي توسيع ڪونه ٿي، جو قبائلي جنگجو ويڙاڪن جي قوت ۾ ڪمزوري، بي اعتمادي ۽ غير وفاداري جو عنصر وڌندو رهيو. شهنشاهه اُرهان، جي مرڻ کانپوءِ، سلطان مراد (پهريون) 1362ع ۾ جڏهن سلطنت جو ٽيون سلطان ٿيو، ته هُن سُلطنت کي دشمنن جي گهيري ۾ ڏسي، پنهنجي بچاءُ ڪندڙ جنگجو جوانن جي ڪمزور حالت ڏسي، رومن سلطنت جي طرز واري ’پريٽورين گارڊس‘ (Preatorian Gards) ۽ روس واري بادشاهه، پيٽر دي گريٽ (1682-1725) واري اسٽريلٽسي گارڊس (Streltsy Guards) جي حوالي سان هڪ نئين طرز جي جنگجو (Fighting Force) گروهه ٺاهڻ جي رٿ تي عمل ڪري، هِن جانثاري گارڊس جو 1383ع ۾ بنياد وڌو.

اُن جو نقل، پاڪستان جي فيڊريل سيڪيورٽي فورس، جنهن وزيراعظم کي ڦاهي تي چاڙهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ’جاتيا راکي باهني‘ فورس

بنگلاديش ۾ شيخ مجيب الرحمن، ناھي پنھنجي (Jatiya Rakhi BahiniForce) ذاتي بچاءُ جون جوابداريون ڏنيون، ليڪن فوجي بغاوت دوران ھُن کي بچائي نہ سگھي. ڪيترن تاريخدانن انھن کي جرمن نازي (Nazis) واري گسٽاپو (Gastapo)جي ڳجھي پوليس سان مشابھت ڏني آھي.


جانثاري جي سنڌي ۾ جانثار واري معنيٰ آھي. هن ۾ اعليٰ ويڙاڪن جو مجموعو ناھي، سُلطان جي حفاظت جي جوابداري ڏني وئي. هنن ويڙاڪن (Infantry) جو تعداد وقت گذرڻ سان (15 کان 16 صدي دوران) هزارن مان لکن تائين پهچي ويو. هنن جي ڀرتي، اُنهن جنگي قيدين ۽ غلامن مان ڪئي تي وئي، جيڪي علائقا فتح هيٺ ايندا هئا، يا جن علائقن کي زير اثر ڪري، انھن کان مال غنيمت (Booty) يا پئسن بدران، غلام ورتا ويندا هئا. جانثارن جي چونڊ اُن وقت جي يونان، البانيا، بلغاريہ، سرب، آرمينيا، جارجيا، يوڪرين ۽ ڪروئيشا جي عيسائي قبلين مان ننڍي عمر جي ڇوڪرن مان ڪئي ويندي هئي. اُن وقت ٻار طاقت جي زور تي ورتا ويندا هُئا يا وري غريب مائٽ پئسن جي بدلي پنھنجا ٻار وڪٽي ڏيندا هُئا. هي ساڳيو نظام چوڏهين صدي ۾ ايران جي ’صَفوَدَ سلطنت ۽ نادرشاھ جي حڪومت‘ دوران قائم هو. سلطان مراد (ٽيون)، 1574-1595ع دوران جانثارن جي چونڊ ٻاهر جي ملڪن مان ڪئي ويندي هُئي. 1827ع کانپوءِ، سلطان محمد (ٻيو) (1808-1839ع) جي دور ۾، هنن جنگجوئن وڏي بغاوت ڪئي ۽ دنيا جي مجيل هڪ وڏي فوجي قوت ظاهر ٿيڻ لڳي، جو پسگردائي وارا ملڪ، وڏو خطرو محسوس ڪرڻ لڳا. اِن بغاوت دوران ڪيترائي جانثار مارجي ويا، جنهن کانپوءِ سلطان محمد هِن جنگجو مجموعي جو خاتمو آڻي، مقامي ترڪن جي ڀرتي ڪئي ۽ مغربي طرز جهڙي ريگيولر آرمي جوڙڻ جي شروعات ڪئي.

ننڍي عمر جي عيسائي ڇوڪرن جي ڀرتي کانپوءِ، ڪين حڪمران جي مقرر ڪيل وڏن ترڪ گهراڻن ۾ موڪليو ويندو هو، جيئن هُو ترڪي ٻولي، اسلامي رسم ۽ رواج ۽ عثمانيہ خلافت بابت پوري ڄاڻ حاصل ڪن. اِن کان پوءِ اِهي سکيا ورتل ڇوڪرا، يعني ڪٺبٽ ڪجھ سالن تائين هڪ اسڪول ۾ داخل ڪيا ويندا هُئا، جتي اُنهن جي ذهني قابليت، اهليت ۽ سندن دلچسپي جي لحاظ کان انھن کي مختلف شعبن (Disciplines)، جهڙوڪ انجنيئرنگ، رازو (Stone Mason)، چترڪاري، تير اندازي (Artillery)، ڪلاريڪل ڪم وغيره سيکاريو ويندو هيو. جنگي اوزار

جهڙوڪ: رائيفل، بندوق، توپ وغيره هلائڻ جي وڏيڪ تعليم ۽ سکيا ڏني ويندي هُئي. جانثارن تي لازم هوندو هو ته ڏاڙهيون ڪوڙائين ۽ وڏيون مڇون رکرائين. شهنشاهه پنهنجي تخت ۽ سلطنت جي بچاءَ خاطر، جانثارن جي فوجي سکيا کان علاوه، اُنهن کي يونيفارم، وقت تي پگهارو ڏيڻ، جديد ترين فوجي سازو سامان مهيا ڪري ڏيڻ، سندن رهائشگاهه جي بذات خود نگراني ۽ انهن جي لباس ۾ سندن بئرڪن ۾ وڃي پگهار ڏيڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته اِن جنگجو مجموعي (Artillery Unit) جي ڪيتري طاقت ۽ اهميت هُئي. گرم يونيفارم جو رنگ سائو ۽ ڳاڙهو هوندو هو ۽ جنگ جي حالت ۾ جان جي حفاظت لاءِ ڏِگها بوٽ ۽ لوهي لباس وغيره مهيا ڪيو ويندو هو.

جانثارن سلطنت جي توسيع جي حوالي سان، 1453ع ۾ استنبول (Constantinople) فتح ڪيو ۽ مصري مملوڪن کي شڪست ڏني. هنگري ۽ آسٽريا خلاف ڪافي جنگيون وڙهيا ۽ بادشاهه جرئت مند ۽ ڪٽندڙ جانثارن کي جنگ ۾ حاصل ڪيل غنيمت جي مال، جو باقائدي حصو ڏيندو هُيو. عثمانيه سلطنت جي جانثارن جي پيادل فوج جي ڊويزن (Infantry Division) ئي هوندي هُئي، جيڪا جنگ دوران سلطان جي سر کي بچائيندي، جنگ وڙهندي رهندي هُئي ۽ دشمن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيندي رهندي هُئي. جانثارن جي ترقي سندن قابليت ۽ جنگ ۾ وڙهڻ جي انداز ۽ قوت تي دارومدار هُئي. سورهين عيسوي صدي ۾ سلطان، جانثارن جي ٻارن کي، اهليت جي بنياد تي فوجي سکيا جي اسڪولن ۾ داخلا جي اجازت ڏني، جنهن تي گذريل 300 سالن کان بندش هُئي. وقت گذرڻ سان اهليت جي بنياد تي داخلا واري پاليسي جي لتاڙ شروع ٿي ۽ 18 صدي جي وچ واري دور ۾ جانثارن جي سکيا تي ڌيان نه ڏنو ويو، جنهن ڪري ڪافي جانثارن پنهنجا ڪاروبار شروع ڪري ڏنا، جيڪي اڳ ۾ منع ٿيل هُئا. جانثار، مري ويلن جي ملڪيت جي وراثت ونڻ لڳا ۽ ڪافي ملڪيت جا مالڪ ٿي ويا ۽ ان ڪري خانثاري کي هنن اهميت ڏيڻ ڇڏي ڏني، جنهن ڪري هنن ويڙاڪ ۽ جنگجو ڏنڌي کان ڌيان هٽائي، ڪاروبار ۽ شهري زندگي گذارڻ شروع ڪري ڏني.

جانثارن جي قابليت جي گنجائش وڌائڻ (Capacity Building) لاءِ، هر دور جي سلطان پنهنجي ڪوشش ڪئي، جنهن ڪري اولهه ملڪن ۾ وڏو خوف ۽ هراس حاوي رهندو هو.



ٽورنٽو، ڪئناڊا ۾ مصنف، عبدالله سان گڏ، پويان CN ٽاور نظر اچي رهيو آهي.



لاڙڪاڻو ۾ منصوبي جي افتتاحي تقريب دوران اسپيڪر نثار احمد کهڙو سان گڏ مصنف اسٽيج تي ويٺل.



سکر جي مکيہ فلٽر پلانٽ جي افتتاحي تقريب ۾ سيد خورشيد احمد شاھ سان
گڏ ويٺل مصنف ايم- ڊي نساسک انجنيئر نياز علي شر بلوچ.



عبدالله نياز ٽورَنٽو،

ڪئناڊا جي

هڪ باغ ۾.



بيگم رابعہ نياز لنڊن جي آڪسفورڊ يونيورسٽي جي
هڪ بلاڪ جي مرڪزي پارڪ ۾.



سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر جناب نثار احمد کهڙو صاحب
لاڙڪاڻو ۾ نساسڪ پاران اڏيل منصوبن جو دورو ڪندي.



مصنف
تبوڪ چانوٽي
(KAMC)۾
چيف انجنيئر
جي عهدي دوران
آفيس ۾



مون سان گڏ عبدالله ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي سرحد پرسان دنيا جي
خوبصورت آبشارن مان هڪ نياگرا آبشار ڏسي رهيا آهيون.



منهنجي جيجل ماءُ،
نورپري بنت
مولانا حاجي
عبدالرحمان شر،
زوجہ رمز علي شر



لاڙڪاڻو ۾ نڪاسي آب جي منصوبي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي
نساسڪ ايم- ڊي ، نياز علي بلوچ (مصنف) ۽ پاسي ۾ گلشير شر نظر اچي رهيو آهي.



اسيمبلي اسپيڪر جناب نثار احمد کهڙو لاڙڪاڻو شهر
جي نڪاسي آب جي مکيه منصوبي جو افتتاح ڪري رهيو آهي.



افتاحي تقريب دوران جناب نثار احمد کهڙو سان گڏ ساڄي پاسي ڪمشنر لاڙڪاڻو
ڊاڪٽر سعيد احمد مگنيجو ۽ مصنف اسٽيج تي ويٺل.




سکر جي فلٽر پلانٽ جو افتتاح فيبرل منسٽر سيد خورشيد احمد شاهه ڪان ڪرايو منهنجي ۽ شاهه جي پويان بيٺل سکر جو ايم . پي .اي. ڊاڪٽر نصرالله بلوچ ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي.



فيڊرل منسٽر خورشيد احمد شاهه سکر ۾ مخلتف منصوبن جي دوري دوران، نساسڪ جي بورڊ جي چيئرمين انجنيئر عبدالجبار ميمڻ (ڪاري سوٽ ۾) نساسڪ جي مئنيجر ورڪس انجنيئر محمد علي شيخ (ساڄي پاسي) مئنيجر فناس مسٽر نويد اختر منهنجي پويان نظر اچي رهيو آهي.



عبدالله پنهنجي والده رابعہ خاتون سان گڏ،
بحر احمد جي پورٽ شرما وٽ تفريحي موڪلن دؤران



سٽي اسڪول، جناح ڪيمپس، حيدرآباد جي پرنسپل ميڊم عاليہ پوزيشن
کڻڻ وارن شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ڏئي رهي آهي ڪاٻي پاسي
عبدالله گلابي ڪوٽ ۾ بيٺل آهي.

لوڙهو پيو گهر کي کائي

چوندا آهن تہ ’لوڙهو پيو گهر کي کائي‘، وانگر جانثار ايتري طاقت ڪري ويا، جو سلطانن جي وس کان ٻاهر نڪرندا ويا. ان ۾ چؤطرف عيسائي حڪومتن جي منافقت ۽ Divide and rule واري پاليسي تحت شايد جانثارن کي ورغلايو ويو هجي(والله عالم)، جو جانثارن ۾ 80 سيڪڙو اصلي عيسائي مذهب رکندڙ هُئا ۽ پاڙيسري عيسائين جي اولاد مان هجڻ ڪري سلطان محمد (ٻيو) (1444-1446ع)، کي جانثارن زبردستي مجبور ڪري تخت تان لاهي، پيءُ سندس والد سلطان مراد (ٻيو) کي پارائي شهنشاهہ بڻايو. سلطنت جي طاقتور ويڙهاڪ جانثار (Significant Military Machine) پنهنجي اصلي ڪم کي وساري، پنهنجن ذاتي ڪاروبار ۾ لڳڻ کانپوءِ، پگهارن ۽ اِڪرامن جي حوالي سان، ان دور جي سُلطانن کان پئسا قرڻ لڳا. اِن ڪمزوري خاطر سلطنت جي اتريون سرحدون ويانا جي جنگ (1683ع) هارائڻ کانپوءِ سُسَڻ لڳيون.

جانثارن جو پهريون گوڙ گمسان 1449ع ۾ ظاهر ٿيو، جنهن ۾ پنهنجن پگهارون ۾ واڌارو ڪرايو. هِنن رومن سلطنت جي پريٽورين محافظن (Praetorian Guards) وانگر، سلطنت جي خلاف ڪاروايو، جهڙوڪ: سلطانن خلاف بغاوت وغيره شروع ڪري ڏنيون، جنهن ڪري خلافت جون اندروني حالتون ڪمزور ٿينديون رهيون

1451ع کانپوءِ سلطان هنن جو پگهارون، رتبا، انعام ۽ اڪرام وڌائيندو رهيو. سلطان سليم (ٻيو) 1566ع ۾ جانثارن تان شادي ڪرڻ جي پابندي ختم ڪئي، ليڪن 1622ع ڌارين جانثار سلطنت لاءِ هڪ وڏو خطرو ٿيڻ لڳا، جو سندن بدنظمي، وڙهڻ جي ناتجربيڪاري ۽ غير وفاداري، مغربي فوج ۽ سندن جديد جنگي ساز وسامان جي اڳيان ڪجهہ بہ لوڏو ڪونہ لهي سگهيا، جنهن جو ثبوت 1622ع ۾ پولينڊ سان جنگ جي شڪست ۾ ظاهر ٿيو. اِن شڪست کان پوءِ، نوجوان بادشاهہ عثمان (ٻيو) جانثار فوجي ٽولي کي ختم ڪرڻ چاهيو، جنهن جي نتيجي ۾، هنن بغاوت ڪري، سلطان عُثمان کي قيدي ڪري، ڪجهہ ڪلاڪن کانپوءِ کيس قتل ڪري ڇڏيو.

چوندا آهن تہ ’ميرن کي گهران لڳي‘، اهو نہ صرف ميرن لاءِ، پر سيني اسلامي سلطنت جي سلطانن جي ڪرتوتن جو ساڳيو نتيجو آهي. ڪلهوڙن ۽ عرب مسلمان حاڪمن جي دور ۾ جيڪو ڏاڍو سو گابو وانگر، هڪ ٻئي کي قتل ڪندا، دشمن اڳيان ڪمزور ٿيندا رهيا.

1804ع ۾ جانثارن جو هڪ ڪمانڊر، ’داهياس‘ (Dahias)، جڏهن سربيا جو حاڪم مقرر ٿيو، ته هن کي شڪ پيو ته متان سلطان، سربيا جي چڱن مڙسن کي چٺي، مونکي هٽان ڪيرائي ڇڏي. تنهنڪري هُن، وَلجيوُو شهر (Valjevo City) جي ڪيترن ئي مسلمان چڱن مڙسن کي قتل ڪري، شهر ۾ خوف ۽ هراس ڦهلائڻ لاءِ، هِنن جا سِرَ شهر جي مرڪزي چوڪ تي ٽنگائي ڇڏيا ته جيئن ڪوئي به ڪيس ڪيرائڻ جي ڪوشش نه ڪري ۽ بادشاهه، جانثارن خلاف ڪاروائي پڻ بند ڪري. اِن هيبت ناڪ واقعي ۾ سلطنت ۾ 300 سالن کان شامل پرڳڻي، سربيا جي ماڻهن ۾ وڏي نفرت پيدا ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ سربن انقلاب آڻي، هميشه لاءِ سلطنت کان جدا ٿي ويا ۽ سلطنت جي طاقت ٻين دشمن قومن جي نظر ۾ به ظاهر ٿي پئي.

1807ع ۾ جانثارن جي حڪومت خلاف بغاوت سلطان سليم (ٽيون) کي تخت تان انڪري لاٿو، جو هن هڪ نئي فوج کي مغربي يورپ جي جديد رواج مطابق اسارڻ چاهيو پئي، جيڪا جانثارن کي ڳالهه پسند نه آئي ۽ مصطفيٰ (چوٿون) جي اشارن تي جانثارن کيس قتل ڪيو ۽ محمد (ٻيو) کي 1808ع ۾ تخت تي ويهاريو. ٿوري وقت کان پوءِ جانثار سلطان محمد کي ڪڍڻ جي پويان پيا، جنهن ۾ غالبن مصطفيٰ جو هٿ هُيو. سلطان محمد پنهنجو تخت بچائڻ جي چڪر ۾ مصطفيٰ کي قتل ڪري، ناراض جانثار ڪماندرن سان صلح ڪيو. اهڙين حالتن ۾ سلطان ۽ جانثار هڪ ٻئي جي پويان پئجي ويا ۽ سلطنت جو سڄو ڪاروبار ڊانوان ڊول ٿيندو رهيو ۽ حڪومت جي طاقت (Writ) ڪمزور ٿيندي رهي.

1826ع ۾ سلطان محمد مغربي يورپ جي جديد طرز تي پنهنجي فوج تيار ڪرڻ جون تياريون ڪيون، جنهن خلاف سندس محافظ جانثار جنگ لاءِ تيار ٿي، محل ڏانهن اچڻ لڳا، ته متان گولن جا فائر (Artillery Fire) ڪرائي، چار هزار جانثارن کي موقع تي مارائي ڇڏيو ۽ باقي کي قتل ۽ ٿورن کي ملڪ نيڪالي ڏئي پنهنجي جان بچائي.

عثماني خلافت اُن وقت ۾ دنيا جي وڏي سلطنت هئي، جيڪا سوا ڇهه سَوَ سالن جي طويل عرصي تي مشتمل رهي، جنهن ۾ 37 شهنشاهن پنهنجو مدو پورو ڪيو، جن ۾ ٽي اهڙا به شامل آهن، جيڪي ٻه دفعا بادشاهت جي تخت تي ويٺا. هر هڪ پنهنجي قابليت ۽ بهادري جي حوالي سان پنهنجو حصو شامل ڪيو. ليڪن تاريخ اهو ٻڌائي ٿي ته، چوڏهين صدي عيسوي ۾ سلطنت جا پير مضبوط ڪرڻ ۽ طاقت جي وڌاءُ

۾ لڳي ويا ۽ پندرهين کان سترهين صدي دوران، سلطنت جي چئو طرفي توسيع ۾ لڳا، جو اولهه ۾ يورپ، اوپر ۾ عربستان، آفريڪا ۽ اتر ۾ روس جون ڪئي رياستون شامل ڪيون ويون. ستئيهه بادشاهن مان، سلطان محمد، جنهن 30 سال حڪمراني ڪئي ۽ البانيه ۽ بوسينيا ملڪ فتح ڪيا، هن کي اٽليءَ جي نيپولين سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي. ٻئي نمبر تي سلطان سليم، جنهن ٽئي حرم (مڪ مڪرم، مدينہ منوره ۽ يروسلم)، مصر، حجاز، لبنان، شام ۽ ايران فتح ڪيا، جنهن کي اليڪزينڊر دي گريٽ سان مشابهت ڏئي سگهجي ٿي. هِن جي فتحن سان سطلنت جي ايراضي وڏي ٻيڻي ٿي وئي.

ٽئين نمبر تي سلطان سليمان بن سليم، جيڪو 26 سالن جي عمر ۾ تخت تي ويٺو، 46 سال حڪومت ڪيائين ۽ سلطنت جي سرحدن کي يورپ جي گهڻو اندر داخل ڪري ڪٽي ويو. هن جي فتحن ۾، 1521ع دوران، بلغاريا (Belgrade)، روڊس (Rhodes)، ويانا (Vienna)، يونان (Greece) ۽ هنگري جو ٻداپيسٽ شهر شامل آهن. يورپ جي عيسائي پوپن کي اسلام جو سندن گهرن ۾ داخل ٿيڻ ڏاڍو پريشان ڪندڙ لڳو، جنهن کان پوءِ سيني پاڻ ۾ صلاح ڪري، سطلنت جي حدن کي هٽائڻ جون ترڪيبون سوچيون. سلطان سليمان، فنِ معماري کي عروج تي آندو، صنان ماهر اڏاوت، شاندار عمارت سازي ڪئي، جيڪا اڄ بہ زائرين جي دلچسپي جو مرڪز بڻيل آهي. شهنشاهہ عشق ۾ اچي هڪ خوبصورت يوڪرينين نوڪرياڻي ريڪسالانا (Rexalana) سان، 1534هہ ۾ شادي ڪئي، جنهن مان ڇهہ ٻار ڄاوا. ٻاهتر سالن جي عمر ۾ گذاري ويو. هن جي دور حڪومت ۾ سلطنت جو عروج هو. هي وڏو اصلاحي ۽ ترقي پسند حڪمران ٿي گذريو آهي.

خلافت عُثمانهي (1299-1922ع) تقريبا ڇهہ صديون مشرقي يورپ سميت ٽن برّاعظمن ۾ چاليهہ لک مربع ميلن جي وسيع ايراضي تي حڪومت قائم رکي. خلافت جا حڪمران ترڪ قوميت مان هجڻ ڪري بہ اُن عظيم سلطنت جي ڇانوَ ۾ عربي، ڪُردي يوناني، بلغاري، بوسنائي ۽ سربي قومن جا عيسائي، يهودي ۽ ٻين ڪيترن ئي مذهبن سان تعلق رکڻ وارن ڪروڙن انسانن پاڻ ۾ پُرامن زندگي گذجي گذاري- ڇهہ سَوَ سالن دوران سلطنت عثمانيہ ۾ ڪڏهن بہ يورپي ملڪن وانگر ڪا خانہ جنگي نہ آئي، ۽ نہ وري ڪڏهن مذهبي فرقيواريت منظر عام تي آئي.

شهزادن جا ٻيٽ (Princes Islands)

مرمرا سمنڊ اندر، شهر کان پنجويهه ڪلوميٽر پنڌ تي، اتر پاسي چار وڏا ۽ پنج ننڍا ٻيٽ آهن، جن کي ڏسڻ لاءِ هڪ ٻيڙي ذريعي ٻيٽن ڏانهن روانا ٿياسين. اسان سان گڏ ٽوئر ۾ چار جوڙا مغربي ۽ هڪ اسرائيلي شامل ٿيو. اسرائيلي جوڙي کي صرف ڊگهڙو اندرويئر ۽ چوڪري جي ڇاتي تي جهالر وارو ڊِڪ پاتل هو، مغربي ملڪن وارا الائي ڇو ڪپڙن پائڻ ۾ ڏاڍي ڪنجوس پائي ڪندا آهن. الله تعاليٰ به سچاٽي سگ ڏيندو آهي، جو سڄو سال سردي ۽ برف وسائيندو رهندو اٿن، ته جيئن هو مجبور ٿي، پنهنجي جسم کي ڍڪين، پر جون، جولاءِ، آگسٽ دوران، هو رهي سهي سڄي ڪثر ڪڍي ڇڏيندا آهن، جو انهن مهينن ۾ ٿورو سڄ نظر ايندو آهي، پر هو تقريباً اگهاڙن جهڙا ٿي گهمندا آهن. فيري مَرمَرا سمنڊ ۾ ڏيڍ ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ سهڪي اچي، سڀ کان وڏي ٻيٽ، جنهن کي ’بُيُوڪ‘ (Buyuk Island) چيو وڃي ٿو، پهتي جتي ديڪ تي لهي، سرسبز ٻيٽ تي چڙهياسين. اهي ٻيٽ جن کي ترڪي ٻولي ۾ ’اَدَلار‘ (Adalar) چيو وڃي ٿو، سڀ استنبول شهر جي ضلع يا ميونسپالٽي جي نظام هيٺ هلايا وڃن ٿا جنهن لاءِ شهر جو هڪ ميئر مقرر ڪيل آهي. هي ٻيٽ هڪ پاڻي ۾ ٻُڏل جبل جي چوٽي آهي، جيڪا پاڻي جي سطح کان مٿي هجڻ ڪري ٻيٽ جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي. هنن ٻيٽن تي ’شهزادن جا ٻيٽ‘ جو نالو ان ڪري پيو، جو قديم بيزنٽيم سلطنت دوران باغي شهزادن ۽ محل جي ٻين شاهي ياتين کي سزا طور انهن ٻيٽن تي ملڪ بدر ڪري رکيو ويندو هو ۽ اهڙي قسم جي ساڳئي سزا، عثمانيه دور ۾ شهزادن کي ڏني ويندي هُئي. اٺويهين صدي جي وچ ڌاري هنن ٻيٽن کي اميرن، مالدار ۽ زائرين جي وندر، تفريح ۽ دلچسپي لاءِ مخصوص ڪري حڪومت ڪروڙين ڊالر ڪمائي رهي آهي.

ڪراچي شهر پرسان عربي سمنڊ ۾ به ڪيترائي ٻيٽ آهن،جهڙوڪ چرنا ٻيٽ (Churna Island)، بُندل (Bundal Island)، ٻُڏو (Buddo Island) ۽ کِپرا نوالا ٻيٽ (Khipran Wala)، پر شايد ئي سنڌ ۾ رهندڙن کي انهن ٻيٽن جي موجود هجڻ بابت ڪو علم هجي ۽ انديشو آهي ته متان انهن تي لينڊ مافيا يا ڪنهن بااثر ماڻهن جو قبضو هجي. جيڪڏهن حڪومت انهن ٻيٽن کي اوسر ۽ ترقي ونرائي سياحن لاءِ خوبصورت ساموندي تفريح گاهه ڪري پيش ڪن، ته روزانه لکين روپيه آمدني ڪمائڻ

سان گڏ، ڪراچي شهرين کي هڪ جديد طرزجي سهولت ميسر ٿئي ۽ ڪيترائي مُهاڻا ٻيڙيون هلائڻ ڪري پنهنجي روزگار ۾ واڌارو آڻين، ته ملڪ جي معيشيت ۾ ترقي ٿئي پر اگر جي بااثر شخصيتن کي خبر پئي ته دبئي جي شيخن کي وڪڻي ڏئي ڇڏيندا.

بيوڪ ٻيٽ تي سلطان عبدالحميد (ٻيو) جي ٺهيل حمديہ مسجد پڻ موجود آهي. هِن ٻيٽ تي 1929ع ۾ رشيا (USSR) مان نيڪالي ڏنل مسٽر لِيَون ٽُروٽسڪي چار سال رهيو. ٻيٽ کي زائرين لاءِ صاف سٿرو رکيو ويو آهي، سڄو ٻيٽ رنگ برنگي گلن ۽ سرسبز وڻڪار سان ڍڪيل آهي. ٻيٽ جي چؤطرف سمنڊ جي سطح آب کان چار پنج فوٽ مٿي چار قطارون ويڪري سڙڪ ٺهيل آهي، جيڪا ٻيٽ جي چوٽي جي سڙڪن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿي. ٽي چار ماڙ جي اڏاوت گهٽي نظر اچي رهي آهي، جيڪي اميرن جي رهائش ۽ ڪجھ زائرين لاءِ ڪِرائي تي حاصل ڪري رهڻ لاءِ ٺاهيا ويا آهن. هنن ٻيٽن تي سُواري لاءِ صرف ٻن گهوڙن واري ٻگهي، جنهن کي وڪٽوريا ڪري چوندا آهن سي سياحن لاءِ موجود آهن ۽ ان کان علاوه ڪِرائي تي سائيڪل ۽ گڏھ جي جسواري جام آهي. ڪنهن بہ قسم جي تيل تي هلندڙ سُواري، پر ايترو جو موٽر سائيڪل هلائڻ بہ ممنوع ۽ قانون جي خلاف آهي. توهان کي صرف گهوڙن ۽ گڏهن جي پيرن جا آواز يا پرسان لنگهندڙ سائيڪل جي سرساٽ سان گڏ، پکين جون منڙيون منڙيون ٻوليون ۽ چرچراهٽ ٻڌڻ ۾ اينديون.

گهوڙي گاڏي يا گڏھ گاڏي ۾ ويهي ڪلاڪ ۾ سڄي ٻيٽ جو چڪر هڻي سگهجي ٿو. ٻيٽ تي ڪافي هوٽل، ريسٽورنٽ ۽ دوڪان آهن، جتان توهان ضرورت جون شيون خريد ڪري سگهو ٿا. هنن ٻيٽن تي پکين جو شڪار ڪرڻ منع آهي، جو هي ٻيٽ پکين لاءِ پُر امن علائقو (Bird Sanctuary) واضح طور قرار ڏنل آهي.

ٻيٽن تي صفائي جو وڏو انتظام نظر آيو جو گهوڙن ۽ گڏهن جي پويان جهالنگ ٻڌل هُئا، جيئن اُنهن جا ڇيٽان (Dung Waste) روڊ ۽ رستن تي ڪري گندگي نہ ڦهلائين. پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ جهالنگ نہ ٻڌڻ ڪري، سرڪار ڏنڊ لڳائي پئسا وصول ڪندي آهي، جنهن ڪري اسان کي جانور بغير جهالنگ جي نظر ڪونہ آيو.

پئسي جي مار آهي وڏي سَنوار، وانگر مان جڏهن سنگاپور گهمڻ ويو هيم، تہ هڪ دوست مشورو ڏنو تہ، سنگاپور ۾ ٻن شين کان پاسو

ڪجهان، هڪ روڊ ’زيبرا ڪراسنگ‘ کان علاوه ڪراس نہ ڪجهان ۽ ٻيو تہ ڪائي بہ شيءِ اڇلائڻي يا ٿڪي ڪرڻي هجي تہ اُن کي گندگي واري ڊٻي کان ٻاهر نہ اُڇلجان. هن وڏيڪ ٻڌايو تہ اِهو شهر آهي ئي ڄُرماني ڀرڻ لاءِ (Singapore is City of Fines)، مان ڏاڍو خيال ڪندو رهيس پر شرارتن هڪ دفعي خيال آيو، تہ روڊ ٽپي هُن پار ٽيان، سو هيڏي هوڏي لوٽان هٽي روڊ بغير زيبرا جي عبور ڪري ورتم. ٿوري دير ۾ پوليس جي گاڏي اچي پرسان بيٺي ۽ سپاهي ٻاهر نڪري مونکي شناختي ڪارڊ لاءِ چيو، جنهن تي مان کيس پاسپورٽ ڪڍي ڏيکاريو. پاسپورٽ ڏسي هن مونکي چيو تہ تون سياحت لاءِ پهريون دفعو آيو آهين؟ مان ها ڪار ۾ جواب ڏنو، جنهن ڪري هُن مونکي پاسپورٽ موٽائي ڏنو ۽ چيائين تہ تو روڊ غلط جاءِ تان پار ڪري ٽريفڪ قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. مان سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ معلومات خاطر اِن ڀڃڪڙي جي سزا بابت پڇيو، جنهن تي هُن چيو تہ اِن جي سزا، ڪنهن گندي روڊ جي سَوَ فوٽ ڊيگهہ کي ٻهاري سان صاف ڪرڻ جي آهي، پر جيئن تہ تون هڪ سياح آهي ۽ ٻيو وري پهرو دفع سنگاپور آيو آهي، تنهنڪري توکي معاف ڪيو وڃي ٿو. پر يادگيري سان اهڙي قسم جي غلطي جي ٻيهر گنجائش نہ هوندي. دنيا ۾ سنگاپور کي صاف ۽ خوبصورت شهر ليکيو وڃي ٿو، جنهن جو سبب قانون جي سختي ۽ گناهہ جي سزا بروقت ملڻ آهي.

بيوڪ ٻيٽ جي ڳاڙهي مٽي دنيا جي هر خوشبودار گُلن جي ٻوٽن لاءِ مفيد آهي، جنهن ڪري سَوين مختلف رنگن جا گل رستن جي ٻنهي پاسن کان لڳل آهن. هتان جي اڇي ۽ پيلي رنگ وارو جاسمين گل (Jasmine Blossoms) زبردست خوشبودار ۽ سهڻو آهي. هِن ٻيٽ تي قديم زماني جا بہ چرچ آهن جيڪي اُن وقت جي فن معماري جو مظهر آهن. هن ٻيٽ جي آبادي 5 هزار نفوس تي آهي ۽ هن ٻيٽ جي چوڌاري واري روڊ (Perimeter Road) سان سمنڊ جو وارياسو ڪنارو آهي، جيڪو سياحن جي ترڻ لاءِ مقرر آهي.

بيوڪ ٻيٽ گهمڻ کانپوءِ، هَيبَيلي ٻيٽ (Heybeli Island) جيڪو فيري جي ڏهن منٽن جي سفر تي واقع هُيو پهتاسين. ٻيٽ تي لهڻ سان اسان جي اسرائيلي ساٿي جوڙي گَڏهہ تي سُواري ڪرڻ لاءِ جڏهن مالڪ کان اگهہ پڇيو تہ هُن شايد وڏيڪ پئسا ٻڌايا، جنهن تي ترڪ، جيڪو وڏين مُڇن سان ٻهراڙي جو پئي لڳو، هِن کان قوميت پڇڻ بعد، وڏي آواز سان

ڳالهائڻ لڳو، جنهن تي سُونهون اچي وچ ۾ پيو ۽ معاملو رفع دفع ڪيائين. هن ٻيٽ تي راڻي ايلز ٻيٽ (ٻهرين) جي دور ۾ موڪليل سفير مسٽر ايڊوارڊ برٽن جي قبر موجود آهي، جو هُن اِن جاءِ ڪي پاڻ پسند فرمايو هو. هن ٻيٽ تي عاليشان نيوي اڪيڊمي جي وڏي عمارت آهي ۽ ٻيا رهائشي گهر، هوٽل، ريسٽورنٽ، ڪيفي ۽ ڪلبون پڻ موجود آهن. هي ٻيٽ ڏاڍو خوبصورت ۽ صاف سٿرو آهي. هِن ٻيٽ جي گهمڻ ڪانپوءِ فيري تي چڙهي پرسان واري، ’برگاز ٻيٽ‘ (Burgaz Island) تي پهتاسين. هي ٻيٽ هڪ ڊگهي جبل جي چوٽيءَ تي آهي، جيڪو سامونڊي سطح کان 545 فوٽ مٿي آهي ۽ سڄو ٻيٽ ڀرپور سرسبز (Lush Green) ۽ صاف سٿرو آهي. هن ٻيٽ تي من موهيندڙ وارياسي سامونڊي ڪنڌي آهي، جيڪا مغربي سياحن لاءِ تڙ ڪرڻ جي دل پسند جاءِ آهي. هِن ٻيٽ تي هزارين قسم جا وڻ ۽ ٻوٽن جي رنگين گلڪاري آهي، جيڪا نظر کي ڏاڍو ڀائي ٿي.

آخري ٻيٽ ’ڪِنالي‘ (Kinali) نالي سان مشهور آهي، جيڪو وارياسو آهي ۽ هر قسم جي وٽڪار ۽ ساوڪ کان واندو آهي. هن ۾ تڙ ڪرڻ لاءِ وارياسا ڪنارا آهن. هن ٻيٽ جي مِٽي ميندي (Henna)جي رنگت جهڙي آهي. بازينٽين جي دور حڪومت ۾، سلطان رامانوس (چوٿون) کي ملڪ بدر ڪري، 1071ع ۾ هتي رکيو ويو هو. هنن ٻيٽن کان علاوه، پنج ننڍا ٻيٽ آهن جن تي ڪا آبادي وغيره ڪونہ آهي، جو انهن جي ايراضي ايتري گهٽ آهي، جو اُتي ڪا واپاري سرگرمي نہ ٿي ڪري سگهجي. هي ٻيٽ شڪل ۾ وڏي چمچي جهڙو آهي. هي ٻيٽ غالبن سمنڊ هيٺان زير زمين گئسن جي گرمائش ۽ ڪيميائي عملن ڪري، قديم زماني ۾ لاوا تي ڦاٿا هجن ۽ اِهي لاوا پاڻي ۾ ٿڌا ٿي پهاڙ جي شڪل اختيار ڪئي هجي.

استنبول ۾ نمائش

ترڪي ماڻهو، رنگ جا پورا، قد جا ڊگها، ڳالهائڻ ۾ نرم مزاج، ڪپڙن پائڻ ۾ مغربي لباس، سندن گهر گهٽيون صاف سٿريون، دوڪانداري ڪرڻ ڄاڻن، اگهہ ۾ ڏي وٺ واري پاليسي، ڪاريگري ۽ هنر مندي جو اعليٰ معيار، قانون جي پاسداري، ٺڳي ٺڳائي کان بلڪل پري، اعليٰ اخلاقي معيار وارا ماڻهو آهن. گهرن جي اڏاوت مغربي طرز تي ڳاڙهي پٿر ۽ ڳاڙهن سِرن جو گهڻو استعمال، گهرن جون ڇتُون (Roof Tops) ڳاڙهي رنگ جي روف ٽائيلس سان، انگريزي حرف وِي کي الٽو ڪرڻ سان ٺهندڙ شڪل وانگر ڍڪيل آهن.

اسان هڪ شام جو شهر وچ ۾ پارڪ گهمڻ لاءِ نڪتاسين، اُتي خبر پئي تہ پارڪ ۾ موجود نمائش مرڪز (Exhibition Centre) ۾ پوري دنيا جي ملڪن پنهنجا نمائش جا دوڪان سجائي، پنهنجي مصنوعات جو تعارف پيا ڪرائين.

اسان بہ موقع جو فائدو وٺندي، نمائش جي داخلا لاءِ ٽڪيٽ ورتي ۽ مقرر وقت تي داخل ٿي هزارين اسٽال ڏٺا. اسٽالن ۾ پاڪستاني ايمبيسي جي طرفان، پاڪستاني مصنوعات جي نمائش لاءِ ڪافي وڏي ايراضي تي اسٽال لڳل هيو، جنهن ۾ ڪپڙي جي مختلف نمونن ۽ ٻين مصنوعات کي ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ سجايو ويو هو. پاڪستاني اسٽال تي هڪ ڇوڪري جڏهن اسان کي ڏٺو تہ اهامنهنجي گهر واري سان، انڪري اچي ملي جو هُن کي شلوار قميس پاتل هُئي. هُن چيو تہ هن اسٽال تي ٻن ڏينهن کانپوءِ پهرين توهان پاڪستاني خاتون کي ڏٺو آهي. هُن پنهنجو تعارف ڪرايو، هوءَ واپاري وفد سان گڏ ڪراچي مان آيل هُئي، ملي ڏاڍي خوش ٿي.

ان نمائش دوران هڪ ترڪي واپاري مليو، جيڪو پوءِ دوست ٿي ويو. هِن جو نالو سليم هو، جيڪو جهازراني جو ڪاروبار ڪندو هو. هن وٽ ٽي چار جهاز هُئا، جيڪي سامان کڻي مختلف ملڪن ڏانهن ايندا ويندا هُئا. مسٽر سليم ٻڌايو تہ هُن کي پاڪستان ۾ ڪاروبار ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ هو ڪجهہ سال اڳ ڪراچي آيو هو، جتي هن جي ملاقات راحت ڪاظمي سان ٿي، جنهن سان هن ڪاروبار بابت ڳالهيون ڪيون، ليڪن ڪاروبار تہ ڪونہ ٿيو، پر هُن جا ڪجهہ پئسا هضم ٿي ويا. مون کي سليم ڪراچيءَ ۾ لوهہ جون تارون ناهڻ جي ننڍي ڊنڊي ۾ شرڪت لاءِ چيو ۽ هڪ دفعي ڪراچي ۾ بہ آيو، پر مان سعودي عرب ۾ نوڪري ڪرڻ خاطر ساڻس ڪاروبار ۾ شرڪت ڪري نہ سگهيس. هو ڏاڍو يار ويس ۽ سچو دوست لڳي رهيو هو. هَن مون ڏانهن سعودي عرب ۾ ڪافي خط لکيا ۽ استنبول اچڻ جي دعوت ڏيندو رهيو پر مشغوليت هجڻ ڪري ساڻس ملاقات نہ ڪري سگهيس.

ازمير ۾ بيبي مريم جو گهر

استنبول کان 600 ڪلو ميٽر پنڌ تي اِزمير شهر (Izmir City) آهي، جيڪو ايجين سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي. گهمڻ جو پروگرام اڳي ئي طئي هجڻ ڪري، بس ذريعي روانا ٿياسين. هِن شهر جو رهواسي اسان سان گڏ تبوڪ ڇانوڻي ۾ انجنيئر هو. هي شهر ملڪ جي اولهائين طرف

’بُرصا شهر کان پنج سَوَ ڪلوميٽر تي واقع آهي ۽ قدرتي نظارن ۽ خوبصورت ساموندي ڪنارن کان گهڻو مشهور آهي. اِزمير ترڪي جي اولهہ واري سرحد تي واقع آهي، جنهن کي ايجين سمنڊ يونان کان جدا ڪري ٿو ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪيترائي ٻيٽ آهن، جن تي ترڪي ۽ يونان ۾ جهيڙو هلندڙ آهي. جيئن قبرس جو ٻيٽ (Cyprus Island)، جنهن ۾ نڪوسيا شهر ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، اڌ ٽُرڪي ۽ ٻيو اڌ يونان جي قبضي ۾ آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڪشمير جهڙو مسئلو ٻڌيل آهي. اسان جڏهن يونان مان واپسي ڪئي، تہ قبرس ۾ ٻہ راتيون ٽڪڻ جو ارادو ڪيو. جڏهن شهر ۾ ٽيڪسي ذريعي گهمياسين تہ ڊرائيور شهر اندر صرف اُن حصي ۾ گهمايو جيڪو ٽُرڪي جي قبضي ۾ هو ۽ يوناني واري حصي ۾ شهر جي روڊن ۽ رستن تي فوجي بينل هئا، جن ترڪي واري حصي جي شهرين ۽ ٽيڪسي وارن کي بغير اجازت، اندر داخل ٿيڻ کان منع ڪري رهيا هُئا. هي جرمن جي برلن شهر وارو معاملو پئي لڳو، جنهن شهر جي اڌ آبادي کي جدا ڪري، اوڀر رُوسي اثر هيٺ ۽ مغرب جي اثر هيٺ وارن حصن جي وچ ۾ سيمنٽ ڪنڪريٽ جي مضبوط ڀِت ڏئي جدا ڪري ڇڏيو هو ۽ سخت فوجي ٽولا پنجاهہ سالن تائين پهرو ڏيندا رهيا، نتيجن ڪيترائي جرمن ڀت ٽپڻ جي ڏوهہ ۾ گولين جو نشانو بڻيا. هن وقت اُها ڀت ٽٽي چڪي آهي، زائرين جي ڏسڻ لاءِ ڪجهہ نشان باقي ڇڏيل آهن، جنهن تي جرمن قوم پنهنجو لڳايل پئسو، سياحن کان وصول ڪري رهي آهي.

قبرص ٻيٽ، يُورپ سمنڊ اندر اٽلي جي سِسِلي ۽ سَردينا ٻيٽن کانپوءِ، ٽئين نمبر تي وڏو ٻيٽ آهي، جيڪو ترڪي جي ڏکڻ، شام ۽ لبنان کان اولهہ، مصر جي اتر ۽ يونان جي اوڀر ۾ واقع آهي. هي ٻيٽ ٽي سَوَ سال عثمانيہ خلافت هيٺ رهيو. هن ٻيٽ 1960ع ۾ آزادي ورتي. هن ٻيٽ تي يوناني ۽ ترڪي نسل جون قومون، قديم زماني کان آباد آهن. سندن ٻولي ۽ ثقافت ۾ فرق هجڻ ڪري مهاجرن ۽ سنڌين وانگر پاڻ ۾ ڪونہ ٺهن، جو هُو هاڻي ٻن نسلي گروهن ۾ ورهائجي چڪا آهن. ڏهن سالن جي نسلي فساد ڪري، آخر يونان ۽ ترڪي وچ ۾ 1964ع دوران جنگ جي صورت اختيار ڪئي، جيڪا آمريڪي صدر، جانسن ٻنهي وچ ۾ ٺهراءُ ڪرايو پر ڏهن سالن جي عرصي گذرڻ کانپوءِ، يوناني ملٽري جي ڳُجهي پٺڀرائي سان، قبرص اندر يوناني باشندن ۾ قوم ۽ نسل پرستي جي باهہ ڀڙڪي

پڙڪايو، جن انقلاب ذريعي قبرص کي يونان سان ملائڻ جو بھانو ڪري، خانہ جنگي شروع ڪئي، جنھن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ترڪ نسل جا ماڻھو ماريا ويا. جنھن جي پنجن ڏينھن بعد جولاءِ 1974 ۾، ترڪي فوج قبرص ۾ داخل ٿي، جيڪا اڄان تائين موجود آھي. پر يونان لاءِ واضع ٿي ويو تہ ھو هُتان جو صرف ھڪڙو چوڏري ڪونہ ٿو ٿي سگھي. ترڪي پنھنجي فوجي طاقت ذريعي، قبرص ٻيٽ جي 40% ايراضي تي قبضو ڪيو وينو آھي. ھِن ورھاست جي حوالي سان ڏيڍ لک يوناني نسل جا باشندا، قبرص جي اترين پاسي جيڪو ترڪي جي قبضي ۾ آيو، تنھن مان ڪڍيا ويا ۽ ڏاکڻي پاسي جيڪو يونان جي قبضي ۾ آيو، تنھن مان پنجاھہ ھزار ترڪ نسل جا ماڻھو، پنھنجن گھرن مان نيڪال ڪيا ويا. چوندا آھن تہ ’تاريخ پاڻ کي ورجائيندي آھي‘ اھڙي نقل مڪاني 88 جي ڏھاڪي ۾ حيدرآباد جي شھر ۾ ٿي، جڏھن سنڌ ۾ جھيڙا ٿيا. لطيف آباد مان سڀ سنڌي لڏي قاسم آباد ۾ آباد ٿيا ۽ قاسم آباد ۽ اندرون سنڌ مان مھاجر لڏپلاڻ ڪري، لطيف آباد يا ڪراچي وسائي. قبرص ۾ ٻہ ايئرپورٽ آھن، ترڪي واري حصي ۾ ’ارڪان ايئرپورٽ‘ (Ercan Airport) ۽ يونان واري حصي ۾ نڪوسيا انٽرنيشنل ايئرپورٽ. قبرص عثمانيہ سلطنت جي ڪِرڻ کانپوءِ، انگريزن پنھنجي قبضي ھيٺ رکيو ۽ پنھنجي پوري سلطنت (British Empire) تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ، ھن ٻيٽ تي فوجي ڇانوڻي (Military Base) قائم ڪئي، جيئن سئز ڪئنال (Suez Canal) جھڙي اھم لنگھہ ۽ ھندستان ڏانھن رسد وارن رستن تي نظر رکي سگھجي. 16 آگسٽ 1960ع ۾ آزادي وقت قبرص جي آبادي ڇھہ لک نفوس تي مشتمل ھُئي. ھن ٻيٽ تي ھزارين سياح تفريح لاءِ اچن ٿا. جو ھتي سياحن لاءِ سامونڊي ڪنارن تي خوبصورت تڙ ڪرڻ جا ميدان ٺاھيا ويا آھن.

ڳالھہ پئي ھلي اِزمير وڃڻ جي، سو بس اچي شھر ۾ لاٿو تہ بس اسٽينڊن تي ھوٽل وڃڻ لاءِ ٽيڪسي وارو مليو، جنھن ھوٽل تي پھچايو. ٽيڪسي واري کي جڏھن اسان حيدرآباد جو ٻڌايو، تہ ھن پنھنجو ڪارڊ ڏيکاري چيو تہ منھنجي پيءُ جو نالو حيدر علي آھي. بھرحال ترڪي پاڪستانين کي محبت ۽ دوستي جي ناتي سان ڏسندا آھن.

اِزمير شھر جي آدمشماري، استنبول ۽ انقرھ کانپوءِ ٽئين نمبر تي اچي ٿي ۽ رومن سلطنت جي وقت ۾ ھي وڏو شھر ھو. ھِن شھر ۾ اولھہ جي ملڪن سان واپار جي حوالي سان، ھڪ وڏو بندرگاھہ آھي ۽ قدرتي

خوبصورتي، سرسبز وڻڪار ۽ رنگ برنگ گلن جي ٻوٽن سان ايتري تہ ساوڪ آهي، جو زمين جو ڪوئي حصو خالي نظر ڪونہ ٿو اچي. هي شهر قديم تاريخي ۽ ثقافتي ورثي ۽ فِن معماري ۾ گهڻو شاهوڪار ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن شهر جي پرسان، هڪ قديم تاريخي شهر ’اِيفيسِس‘ (EPHESUS)، اجان تائين حال حيات آهي. جنهن ۾ اُن وقت جي فن معماري جون ٺهيل سڀ عمارتون بيٺل نظر اچن ٿيون، ليڪن منجهن رهڻ وارو ڪوئي نہ آهي. اِن شهر جون گهڻيون سنگ مرمر پٿرن سان ٺهيل آهن.هن قديم زماني ۾ خالي ڪيل شهر ۾ هر اُهي سهولتون ڏسڻ ۾ اچنِ ٿيون، جيڪي اڄڪلهہ جي جديد دور ۾ مهيا ڪيون وڃن ٿيون. هي ٻہ هزار سال پراڻو شهر، رومن سلطنت جي گادي رهيو آهي ۽ دنيا ۾ هڪ شاهوڪار ۽ واپارين جو مرڪز رهيو آهي.هن قديم شهر جي ڪنڊرن ۾ توهان کي لائبريريون، ٿيئٽر، اسيمبلي هال، سينٽ جان جو چرچ (Basilica) ، بيبي مريم جو چرچ، ڪُنواري جو گهر (House of Virgin)، هڪ اصحابي جي مسجد، يوناني چنڊ ديوتاءَ (Greek Moon Goddess)، آرٽيمس جو ٽيمپل (Artemis Temple)، ڪورٽن جهڙيون قديم عمارتون وغيره اجان تائين موجود آهن. هِن قديم شهر ۾ يهودين جي عبادت گاهہ (Jew's Synagogue) جي هڪ عاليشان عمارت پنهنجي خوبصورتي پردي ۾ لِڪايون بيٺي آهي.

بيبي مريم جي گهر، بابت اِهو مشهور آهي، تہ هِن گهر ۾ بيبي مريم آخري ڏينهن ۾ اچي رهي هئي ۽ اِن گهر ۾ ئي سندس وفات ٿي. هِن گهر ۾ هڪ ڪُشادو ڪمرو آهي، جنهن پرسان بورچي خانو ۽ بيبي مريم جون پٿرن تي اُڪريل تصويرون محفوظ رکيل آهن. هِن گهر هيٺيان هڪ پاڻي جو چشمو اجان پيو وهي ۽ ماڻهن جو ايمان آهي تہ اُن پاڻي ۾ هر مرض جي دوا آهي. سينٽ جان چرچ هيٺان حضرت عيسيٰ جي خليفن مان سينٽ جان جي قبر آهي، جو هِن جي وفات جي جاءِ اِفيسِسِ شهر ٻڌائي وڃي ٿي. هِن خليفي، گاسپل آف جان، انجيل مقدس (New Testament) ۽ ٻيا ڪيترائي عيسائيت تي ڪتاب لکيا. هن قديم شهر ۾ هڪ وڏو ٿيئٽر بہ آهي، جنهن ۾ 1500 ماڻهن ڪان وڌيڪ ويهڻ جي گنجائش آهي. گهٽين ۾ لڳل ماربل پٿرن تي اجنبي ماڻهن يا مسافرن جي سهولت لاءِ اشارا اُڪريل آهن، مثلا اسپتال، غسل خانا، دڪان ۽ چرچ وغيره جا طرف ٻڌائڻ لاءِ فرش تي لڳل ماربل تي شڪليون ٺاهي اشارو ڏنل آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ

هن شهر ۾ داخل ٿيڻ سان اجنبيت ختم ٿيو وڃي ۽ اُن وقت اجنبي ماڻهن ۽ واپارين کي رستي جي رهبري لاءِ اِهي سهولتون مهيا ڪيل هيون.

غير واقف انسان، جڏهن ڪنهن اجنبي شهر ۾ داخل ٿئي ٿو ته سندس اڻ سڃاتل راهون اگر اشارن ذريعي آساني سان معلوم ٿي وڃن ٿيون، ته اُن جي اجنبئيت وارو احساس، پنهنجائپ واري ڪيفيئت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

اِن اشارن بابت وڌيڪ وضاحت لاءِ، مان جڏهن لنڊن ويس ته اُتي اجنبي سياحن جي سهولت لاءِ اشارن هجڻ ڪري آساني نظر آئي، جو توهان شهر جي ڪنهن به دوڪان، ڪنڊ، گهٽي آساني سان ۽ بغير ڪنهن کان پڇڻ جي پهچي سگهو ٿا. پهرين ڏينهن هائيڊ پارڪ پرسان هڪ هوٽل، بئري هائوس (Barry House) ۾ ناشتو ڪري نڪرڻ وارا هُئاسين، ته منهنجي گهر واري هوٽل هلائيندڙ سِڪياڻي کان ڪنهن بازار جو رستو پڇو، جنهن تي هُن نيٽ پنجابي ۾ جواب ڏنو ته ’جي اِتي ڪوئي بهي نهين گم هوتا، تم نہ گهبرائو سارا ڪڇهہ اشارون مين لکها هوا هي‘. هوءِ ويچاري واقعي بي خبر هئي، بس گول مول جواب ڏئي جان ڇڏائي. واقع لنڊن ۾ توهان حيران ٿي ويندا ته حڪومت عوام الناس لاءِ ڪيترين نہ سهولتون پيدا ڪيون آهن. اتان جي بَس، ٽيڪسي سروس ۽ ميٽرو سروس جي جيتري به تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي.

اِفيسِس جي قديم شهر ۾ شهرين ۽ مسافرن لاءِ غسلخانا ٺهرايل هئا، جن جي هيٺان پاڻي پيو وهندو هو ۽ آب رسائي ۽ نڪاسي آب لاءِ استعمال ٿيندڙ پائيپ، مقامي مِٽي تيرا ڪوٽا مان ٺهيل هئا. اِفيسِس هڪ لک آبادي جو شهر هو، جنهن جون گهڻ ماڙ عمارتون، گاڙهن پٿرن مان ٺهيل اڄ تائين به هزار سال گذرڻ کان بعد به بيٺيون آهن، صرف انهن جون گنبذ واريون ڇتيون، مختلف زلزلن ۾ تباهہ ٿي ڪري پيو آهن. اِهو معماري ڪم تعريف جوڳو آهي. اسان وٽ هن وقت جديد ٽيڪنالاجي، مُواد، مال، مسالو ۽ نون اوزارن هوندي به عمارتون، پُليون ۽ روڊ ٺهڻ کان پوءِ جلدي ڊهيو وڃن. اسڪولن جي عمارتن جي ڇتين هيٺان لوهہ نڪري نروار ٿيو وڃي ۽ ڪنڪريٽ جي ڪِرڻ سان ڪئي شاگرد زخمي ٿي هسپتال جي حوالي ٿيا آهن، ڪراچي ۾ فلاءِ اوور، ٽريفڪ کولڻ سان گڏ وڃي ڦهڪو ڪيو. ڪنهن جو به محاسبو ڪونہ ٿيو جو سڀ اِن ڪُڌي ڪم ۾ شامل آهن.

يونان Greece

استنبول جي اتاترڪ ايئرپورٽ تان، تُرڪي ايئر لائين جي جهاز ۾ سوار ٿي هڪ ڪلاڪ اندر يونان جي گاڏي واري شهر اٿينس (Athens) جي هوائي اڏي تي پهچي ٽيڪسي ذريعي هوٽل ۾ رسياسين. يونان، پورچو گال، اسپين ۽ انگلينڊ قديم دور ۾ بحري جهاز راني ڪري دنيا ۾ وڏي طاقت وارا ملڪ ٿي گذريا آهن، جنهن سبب هُنن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن تي قبضو ڪري، پنهنجو بينڪون ۽ ڪالونيون ناهي، سَوين سال حڪمراني ڪئي. پورچو گال جي واسڪو ڊي گاما (Vasco da Gama) (1524-1460ع)، سامونڊي رستي ذريعي يورپ کي ايشيا سان ملائي ڇڏيو ۽ هندستان ڳولي لڌو ۽ اتان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو، جنهن کان هڪ صدي پوءِ، برطانيه فرانس ۽ نيدرلينڊ، ايشيا ۾ پهچي، پوچوگيز ڪالونين کي ختم ڪيو. يونان واپاري ۽ سامونڊي رستن جي لحاظ کان، ٽن کنڊن، يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي فوجي حڪمت عملي واري چؤواٽي تي واقع آهي، جو دنيا ۾ يارهين نمبر تي اهڙو ملڪ آهي، جنهن جي ساڍن تيرهن هزار ڪلوميٽرن کان وڌيڪ ڊگهي ۾ ڊگهي سامونڊي پٽي آهي ۽ جنهن ۾ پنج هزار کن ٻيٽ آهن، جن مان 227 آباد آهن. فلپائين ملڪ وانگر سمنڊ جي پاڻي جي لاهه ۽ چاڙهه ڪري، ٻيٽن جو تعداد وڌندو ۽ گهٽبو رهندو آهي. يونان پرسان ڪِريٽ سڀ کان وڏو ٻيٽ آهي، جنهن کانپوءِ ’اِيوبيو‘ (Euboea) ٻيٽ، جيڪو 60 فوٽ ويڪرو يوريپس نار (Euripus Strait) ذريعي يونان جي مکيه زمين (Mainland) کان جدا ٿيل آهي ۽ ٽئين نمبر تي جڳ مشهور، روڊس ٻيٽ (Rhodes Island) آهي. هِن ملڪ جو 80% پهاڙي زمين آهي، جنهن ۾ دنيا جو مشهور اولمپس جبل (Olympus Mountain) آهي، جنهن جي چوٽي تي ڪلوميٽر سامونڊي سطح کان مٿي آهي ۽ اِهو ئي جبل آهي، جنهن جي نالي تي اولمپس رانديون مشهور آهن. يونان جي آدمشماري 2011ع مطابق، هڪ ڪروڙ ڏهه لک آهي، اٿينس گاديءَ جو شهر آهي.

يونان جون زميني سرحدون، اتر اولهه ۾ البانيا، بلغاريه ۽ ميسيڊونيا (Macedonia)، اتر اوڀر ۾ ترڪي واقع آهي. هِي ملڪ نَوَ جيوگرافائي علائقن ۾ ورهايل آهي ۽ سندس اوڀر ۾ ايجين سمنڊ ۽ ڏکڻ ۾ يُونوِچ يا بحر روم سمنڊ واقع آهي. هي ملڪ قديم زماني کان سائنسي، سياسي، فلاسافي جي علمن جو مرڪز رهيو آهي. سڪندر اعظم (Alexander the great) يونان ملڪ جو هڪ عظيم فاتح ٿي گذريو آهي.

يونان، 1830ع ۾ جنگ آزادي دوران، عثمانيہ سلطنت کان جدا ٿي، هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت سان دنيا جي نقشي تي جاءِ ورتي. يونان، پنجين کان پندرهين صدي دوران رومن سلطنت (Roman Empire) ۽ بازينٽين سلطنت (Byzantine Empire) جي بہ اثر هيٺ رهيو، جنهن جي گادي جي هنڌ ڪي، اجوڪو استنبول (Constantinople) چيو ويجي ٿو.

يونان ڪائونسل آف يورپ (Council of Europe) ۽ يورپي يونين (European Union) جو ميمبر آهي. اَٿينِس شهر ۾ 150 ايڪڙن تي زولاجيڪل پارڪ آهي، جنهن ۾ چار سَوَ جنسن جا بہ هزار جانور موجود آهن. اَٿينِس شهر ۾ مختلف عجائب گهر جهڙوڪ: جنگ عجائب گهر (War Museum)، 70 ايڪڙن تي، نيشنل آرڪيالاجيڪل ميوزم ۽ ايڪروپوليس ميوزم (Acropolis Museium) ڏسڻ وٽان آهن. جنگ ميوزم ۾ رومن سلطنت کان وٺي جديد دور ۾ استعمال ٿيندڙ جنگي ساز و سامان رکيل آهي. قديم زماني ۾ استعمال ٿيندڙ جنگي اوزار، جيڪي مختلف شهنشاهن جي حفاظت لاءِ هوندا هئا سي زائرين لاءِ رکيل آهن. هي شهر دنيا جي تاريخي قديم شهرن مان هڪ آهي، جيڪو 3400 سالن کان وٺي آباد آهي.

شهر جي مرڪزي جبل مٿان پنجين صدي قبل مسيح جي وقت ۾ اڏيل شهر، جنهن کي ايڪرو پوليس چيو ويجي ٿو، جيڪو 515 فوٽن جي اوچائي تي اڄ تائين پنهنجي بناوٽ جا آثار مضبوطي سان جهليو بينو آهي، جو اُن وقت جي اعليٰ معيار جي اڏاوت ڏسي انسان حيران ٿيو وڃي. هي شهر جبل مٿان هڪ وسيع قلعي اندر ٺاهيل آهي، جنهن ۾ جديد دور جون سڀ سهولتون، جهڙوڪ: باغ، چرچ، ٿئيٽر، مندر، پاڻي جا تلاءَ وغيره موجود آهن، پر انهن جي حالت اهڙي آهي، جو عمارتن جو چِٺون ڪِريل آهن، ليڪن پٿر مان ٺهيل ٿلها ٿنيا اڃان تائين بينا آهن. اِن بُلنديءَ واري قديم شهر جو نظارو، جديد شهر جي مرڪزي حصي ۾ واقع هوندي، ايترو تہ خوبصورت آهي، جو رات دير تائين سياح پيا گهمندا ڦرندا آهن، اِن شهر جي قديم حصي کي رنگين روشنين سان چمڪايو ويندو آهي. هِن پراڻي شهر ۾، ماربل پٿر جو تمام گهڻو استعمال ٿيل آهي، جو مختلف عمارتن ۾ ڪثرت سان جيڪي ٿلها ٿنيا استعمال ڪيل آهن، انهن تي خوبصورت عورتن جا جسم اُڪريل آهن. هر عمارت جي ٻاهرين ديوارن تي پٿرن مان اگهاڙن مردن ۽ عورتن جون مورتيون ٺاهي، اهڙي طرح لڳايون ويون

آهن، جنهن مان اشارو ملي ٿو ته شايد اُن وقت جي مذهبي پوڄا لاءِ استعمال ٿينديون هجن. هِن شهر ۾ پنجن هزارن ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش وارو هڪ ڪليل هوادار ٿئيٽر، موسيقي ۽ ڊراما (Open Air Theater) آهي، جنهن جي مرمت ڪري، هِن وقت اٿينس (Athens Festival of Music & Drama) جو ساليانو ميلو لڳايو ويندو آهي.

پاڪستاني آثار قديم جي عمارتن جي ابتر حالت جي ڀيٽ ۾، يونان جي آثار قديم جي عمارتن جي بهتر حالت ڏسي، ڏاڍو افسوس ٿيو ته آخر ساڳئي وقت جي عمارتن کي ڀيٽائڻ سان زمين آسمان جيترو فرق نظر ايندو. منهنجي حساب سان اِن جا ٻه سبب واضح آهن، هڪ ته آثار قديم جي مرمت لاءِ حڪومت گهٽ فنڊ رکي ٿي، جيڪي رُشوت جي نظر چڙهيو وڃن ۽ ٻيو ته اسان جي گرم موسم ڪارڻ (Weathering effect) عمارتن جي ڇُرڻ جو عمل (Wear tear)، بنسبت مغربي ملڪن جي ٿڌي موسم ڪري گهڻو تيز آهي. هي آرڪيالاجي جي شاگردن لاءِ سوچ جو مقام (Food for thought) آهي، جن کي گهرجي ته وڌيڪ تحقيق ڪري اِن ڪمزوري جي تيزي واري عمل جي ڪارڻن کي ظاهر ڪرڻ سان گڏ، اُنهن جي روڪڻ جي اُپائن بابت معلومات فراهم ڪن ۽ حڪومت کي پنهنجون سُفارشون موڪلن، جيئن قديم ورثي کي تيزي واري تباهي کان بچائي سگهجي.

شهر جا ماڻهو خوش طبع ۽ خوش اخلاق آهن. هتي يورپي سياحن جي گهڻي پيڙ آهي. گهڻو ڪري هتي سياح اُهي اچن ٿا، جيڪي قديمي ۽ تاريخي جاين جي ڏسڻ جا شوقين آهن. هِن شهر جي مختلف حصن ۾ ڪافي پراڻيون عمارتون موجود آهن، جن کي حڪومت سياحن کان جمع ڪيل ناڻي جي حوالي سان سينگاري سهڻو ڪندي رهي ٿي.

شهر جي مرڪزي حصي ۾ هڪ وسيع باغ (National Garden) آهي، جنهن اندر هڪ وڏو چڙيا گهر آهي، جيڪو سرسبز گلن ۽ وڻن سان سينگاريل آهي ۽ ٻارن لاءِ بجلي تي هلندڙ چوڏيل ۽ ٻيون ڪافي مختلف رانديون کيڏڻ جو ساز و سامان پڻ موجود آهي.

شهر اندر ڪجهه علائقا صاف سُترا آهن، جن ۾ تجارتي مرڪز، بئنڪون وغيره آهن ۽ ڪي علائقا ايترا صاف نه آهن جو مڊل ڪلاس ماڻهن جي ڪاروبار جون بازارو هيون. دوڪانن تي قيمت جي گهٽ وڌ وارو رجحان موجود هو. دڪاندار انگريزي تمام گهٽ پيا سمجهن ۽ ڳالهائن، ان ڪري جو اُنهن جي پنهنجي گريڪ ٻولي تمام وسيع، جامع ۽ قديم آهي.

هِتان جي هڪ انگريزي اٿينس نيوز ۾ عراق جي صدر صدام حسين بابت لکيل هو، تہ هُنَ مصر جي صدر حُسني مبارڪ کي ادائي ڪروڙ ڊالرن جي رشوت ڏني هُئي، تہ هو گلف جنگ ۾ خاموش رهي، جيئن ٻيا عرب ملڪ، اِن جنگ ۾ حصو وٺڻ کان لهرائين پر شايد ائين ڪونہ ٿيو ۽ اِهي ادائي ڪروڙ ڊالر حُسني هضم ڪري ڇڏيا.

اٿينس شهر ۾ هڪ بندرگاهہ آهي، جتان توهان کي هر وقت مختلف پروارن ملڪن ڏانهن تيز رفتار بحري ٻيڙا تيار ملندا، پر يونان جي ٻيٽن لاءِ اهڙا لائينر ۽ فيريز ملندا، جن ذريعي توهان پورو ڏينهن ٻيٽن تي گهمڻ سان گڏ، سمنڊ جو سفر بہ ڪندا رهو. يونان جا ٻيٽ ڏاڍا خوبصورت ۽ سرسبز آهن.

يوناني فلاسافر ۽ سائنسدان

يونان ٽي صديون قبل مسيح، دنيا جا وڏا فلاسافر ۽ سائنسدان جهڙوڪ: سُقراط (Socrates)، اَفلاطون (Plato) ۽ اَرسطو (Aristotle) پيدا ڪيا آهن، جن سائنسي ۽ سياسي علم جي ڪري، يونان جو ٻين مغربي ملڪن کان مَانُ مٿاهون ڪيو ۽ پوري يورپ ۾ سڀ کان پهريائين جمهوريت جو مرڪز بڻايو. هن ئي ملڪ ۾ سڪندر اعظم جهڙيون شخصيون پيدا ٿيون، جن قبل مسيح جي زماني ۾، دنيا جي وسيع علائقن کي فتح ڪيو ۽ سنڌ تائين حڪومت ڪئي ۽ درياهہ سنڌ ۾ بحري جهاز راني (Navigation) جي شروعات ڪئي.

ارسطو، افلاطون جي اسڪول Academy Athens ۾ پڙهيو، جنهن ڪانپوءِ، هُن (ارسطو)، سڪندر اعظم (Alexandar the great) کي پڙهايو. افلاطون سائنسدان، سقراط (Socrates) جو شاگرد هو.

هن شهر جي آبادي 2011ع ۾ ٿيهہ لکن کان مٿي هئي. دنيا ۾ پهريون اولمپڪ رانديون 1896ع ۾ اٿينس ۾ ڪيڏيون ويون هُيون. يونان دنيا ۾ آثار قديم جو مرڪز چئي سگهجي ٿو، جو يونيسڪو جي آثار قديم جي آفيس هن شهر ۾ واقع آهي.

اٿينس شهر ۾ رات جي وقت دوران زائرين کي هوٽل مان هدايتون اِهي ڏنيون وينديون هُيون تہ اڪيلو شهر ۾ گهمڻ کان پاسو ڪن، جو شهر ۾ نوجوان، زائرين کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن، سو اهڙن ٺڳن کان بچڻ لاءِ بهتر آهي، جلدي هوٽل ۾ ٽيڪسي ذريعي پهچڻ گهرجي.

يونان جي يَنِيَنا شهر (Yannian City) وڃڻ ٿيو، جيڪو اٿينس جي قريب آهي، تمام سهڻو شهر آهي ۽ هڪ وڏي ڍنڍ جي ڪناري تي آباد آهي. هن شهر ۾ عثمانيہ دور جون ڪجهہ مسجدون ڏسڻ ۾ آيون، جن جا مُنارا بُلندي وارا هُئا. مسجد جو نالو ’اصلان آغا مسجد‘ آهي. هن شهر ڪي سونارن (Gold smith) جو شهر انڪري سڏيو ويندو آهي، جو هتي سون مان دنيا جي بهترين چٽسالي وارا گهہ ٺاهيا ويندا آهن. اٿينس شهر جي هڪ علائقي ڪي، غازي (Ghazi) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو ۽ هن علائقي ۾ وڏا شاپنگ مال، ڪلبون ۽ ريسٽورنٽس آهن.

اٿينس شهر جي منصوبہ بنديءَ جو هڪ منظر اهڙو شاندار آهي، جو هڪ ئي چؤدڳي يا وسيع چؤنڪ (Round about / Intersection) ڪان اٺ يا ڏهہ روڊ مختلف طرفن ڏانهن نڪرن ٿا، اسان وٽ صرف چار رستا نڪرندا آهن. مثال شهر جي ’ڪولوناڪي چونڪ‘ (Kolonaki Square) وٽان، اٺ رستا مختلف طرفن ڏانهن نڪرن ٿا، جن تي مختلف قسم جون بازارون ۽ دڪان آهن. هي چوڪ تمام وسيع آهي، جنهن وچ ۾، هڪ باغيچو ۽ پاڻي جو ڦوهارو هلي رهيو آهي. گاڏين جي پارڪنگ، چونڪ هيٺان زير زمين آهي. هِن چونڪ تي پهچڻ سان، توهان شهر جي مرڪزي حصي ۾ اچي سڪون سان، هر ضرورت واري شيءِ آرام سان خريد ڪري سگهو ٿا. ساڳئي قسم جي شهري منصوبہ بندي، پئرس شهر ۾ نظر آئي، جتان چؤنڪن تان ڇهن ۽ اٺن رستن جي نڪرڻ جو نظارو، توهان، چؤنڪ جي مرڪزي حصي واري باغيچي ۾ ويهي ڏسي سگهو ٿا.

شهر ۾ بسن، ٽيڪسي جي سٺي سهولت سان گڏ، زير زمين ريل، جنهن کي اٿينس ميٽرو چون ٿا، جو نظام ماڻهن جي چرپر کي آسان ۽ آرمدهہ بڻائي ٿو.

يونان ۾ پوندو ڏيڻ

يونان ۾ ٻُجي يا پُونڊي کي سنڌين وانگر بُرو سمجهيو ويندو آهي. يوناني ٻولي ۾ پونڊي کي ’معتزا‘، (Moutza) چوندا آهن. پونڊي ۽ معتزا ۾ لفظي فرق ايترو گهڻو نہ هجڻ ڪري، مان ٻانيا ٿو تہ هي بُرو اشارو (Obscene Gesture). غالباً سڪندري اعظم جي وقت ڪان سنڌ مان يونان جي ثقافت ۾ شامل ٿيو هجي، اِهو انڪري جو جڏهن سڪندري اعظم جي فوج سنڌو درياهہ مان ٻيڙن ذريعي سفر ڪندي، درياهہ جي ٻنهي پاسن ڪان

پنهنجي لشڪر ۽ گهوڙن جي خوراڪ لاءِ مقامي ماڻهن ڪان فصل ۽ ملڪيت زوري کسيندا ۽ باهيون ڏيندا ويا، جنهن ڪري مقامي غريب ماڻهو ڦرجڻ ڪانپوءِ کين پوندا ڏئي نفرت جو اظهار ڪندا رهيا. اِن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اِهو پوندو سنڌ مان يونان منتقل ٿيل آهي.

يونان ۾ پوندي، ڏيڻ ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي اهو ائين آهي تہ آمريڪا ۾ ڪارا جڏهن ڦُر ڪندا هئا تہ پهريائين چوندا هئا تہ "Don't move"، پر هاڻي جديد زماني ۾ جديد لفظن جو استعمال ڪيو پيو وڃي. نيويارڪ شهر ۾ هڪ چيني سياح گهمندي، هڪ اهڙي ڪاري جي ور چڙهيو، جنهن ڦر ڪرڻ وقت don't move جي بدران، نئون لفظ ”freez“ استعمال ڪيو، تہ مقامي ماڻهو تہ سمجهي ويا، ليڪن هي مسڪين چائنيز، انگريزي کان ناواقف، سو سمجهہ ۾ ڪونہ آيس ۽ اُتي پڇڻ لڳو، جنهن تي ڪاري آمريڪي يڪدم فائر ڪري، سندس انت آندو. ان لاءِ ضروري آهي، تہ جنهن ملڪ جي سفر تي سنبرجي تہ ان جي رسم ۽ رواج کان اڳواٽ واقفيت وٺڻ ضروري آهي نہ تہ اِن چيني جو مثال بڻجي سگهجي ٿو.

ثقافت جي شاگردن کي گهرجي تہ وڌيڪ تحقيق ڪري ڏسجي تہ متان پوندو سنڌ وارن، يوناني لشڪر کان حاصل تہ نہ ڪيو آهي.

پونديءَ بابت ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ پنج سَو سال قبل مسيح کان هي يوناني ثقافت ۾ هڪ نفرت جو اظهار رهيو. هڪ هٿ جي پوندي کان وڌيڪ نفرت ٻنهي هٿن واري پوندن ۾ آهي، جنهن سبب ڪيترائي انسان جهيڙن ذريعي، خوني فسادن ۾ نسل درنسل وڙهندا رهيا ۽ ڪيتريون ئي جانيون ضايع ٿيون. بيزنٽين سلطنت دوران جڏهن باغين يا ڏوهارين کي زنجيرن ۾ جڪڙي گڏهہ تي پوئتي منهن ڪرائي، شهر ۾ هوڪو ڏئي، اُن کي ماڻهن جي هجومن ۾ گهمائبو هيو، تہ اُن وقت شهر جا ماڻهو، چاڙُ يا ڪارنهن ڪٺي ان ڏوهاري جي مُنهن کي مليندي، پنهنجي نفرت جو اظهار ڪندا هُئا. توهان محسوس ڪندا تہ مُنهن تي ڪارنهن ملڻ وقت، هٿ جي شڪل پوندي وانگر ٿي وڃي ٿي. هي پوندو، ايران ۽ آرمينيا ۾ نفرت جي اظهار ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. 1990ع ڪانپوءِ اتر آمريڪا جي ڪجهہ ملڪن ۾ ڪنهن جي ڳالهہ نہ ٻڌڻ جي حوالي سان، کيس پوندو سندس سامهون جهلي، چيو ويندو آهي تہ talk to the hand، جنهن جو مطلب ’پنهنجو بحث فضول آهي يا ڳالهائڻ بند ڪر وغيره‘.

يوناني ٻولي ۾ عاجزي جو جُز موجود آهي. شڪريہ يا مهرباني لاءِ ’فرِسٽو‘ جو لفظ بار بار استعمال ڪندا آهن. جهڙيءَ طرح عرب شڪرًا ۽ ٿائي ’ڪُن ڪپ‘ چوندا آهن.

يونان جي سير سفر ڪري، اٿينس جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تان جهاز ذريعي جده پهتاسين، جنهن بعد احرام ٻڌي عمرو ڪري، حرم ۾ نمازون ادا ڪري، مديني شريف ۾ هڪ رات ٽِڪي، اتان هوائي جهاز ذريعي تبوڪ پهتاسين.

برگيڊيئر شايع کي ترقي ڏئي جنرل جو عهدو ڏنو ويو ۽ ساڳئي پوسٽ تي قائم رهيو. جنرل شايع منهنجي واپسيءَ جي انتظار ۾ هو، جو اچڻ شرط مونکي ’آرمرڊ برگيڊ‘ (Armoured Bigade) جي نڪاسي آب (Drainage Scheme) جي منصوبي بابت عمل جوڳو هجڻ جو اڀياس (Feasibility Study) تيار ڪرڻ لاءِ چيو، جو هُن منهنجي موڪل تي وڃڻ دوران، هڪ انگريز انجنيئر کي اِن ڪم لاءِ چيو هو، پر هُن ڪيس ٻڌايو تہ نِڪاسي آب زميني ڪشش ثقل جي سگهہ (Gravity Sewer) ذريعي ممڪن ڪونہ آهي. بڪتر بند جنگي گاڏين واري مدرسي جو نِڪاسي آب وارو نظام ايترو تہ خراب هو، جو هر وقت گندو پاڻي اسڪول جي روڊن تي بيٺو هوندو هيو. ان جو هڪ سبب اِهو هو تہ اسڪول جي مختلف شعبن جون عمارتون، مختلف وقتن ۾ ٺهڻ ڪري، ٺيڪيدارن هر هڪ شعبي جي نِڪاسي آب لاءِ الڳ الڳ پمپ مشينري نصب ڪئي، جنهن ڪري اسڪول ۾ ٽيهارو کن مختلف پمپنگ اسٽيشنون ٺهي ويون پر سيني کي مڪمل ڪري، پاڻ ۾ ملائي ضم ڪري (Integration) ڪم ۾ آڻڻ جي بجاءِ، هر هڪ کي انفرادي ۽ بي واسطگي (Isolation) ڪري نِڪاسي آب جي پوري عمل کي ناڪاره بڻائي ڇڏيو. هڪ پمپنگ جو پاڻي ٻئي پمپنگ اسٽيشن ۾ اڇلائي، چانوٽي جي سار سنڀال ۽ بجلي جي خرچ کي ٻيڻو ۽ ٽيڻو ڪري ڇڏيو. مان مڪمل جاچ پڙتال ۽ مڪمل جائزي وٺڻ کانپوءِ، جنرل کي ڪمپيوٽر جي پاور پوائنٽ پروگرام ذريعي، زميني حقيقتن تي مبني مواد ۽ معلومات ڏئي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ تيهن مان پنجويهہ ڊسپول پمپنگ اسٽيشنس کي مڪمل طور ختم (Elimination) ڪري، انهن جو سڄو گندو پاڻي بغير پمپنگ جي قدرتي نيڪال ذريعي، اداري کي سار سنڀال ۽ بجلي جي مد ۾ لکين ريال ماهوار بچت سان گڏ، گندي پاڻي جو رستن تي بيهڻ جو آزار هميشهہ لاءِ بند ٿي ويندو.

جنرل شايع منصوبي جي پيشڪش ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مونکي جلدي تڪميل لاءِ مختلف کاتن کي مونسان سهڪار ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. نهيل شهر اندر نوان پائيپ وجهڻ ۽ بين زير زمين خدمتن

جهڙوڪ، بجلي جون زير زمين وڇايل تارون، ٽيليفون، گرم ۽ سرد پاڻي جون لائينون ، فائر سسٽم، نون نهيل روڊن کي بچائڻ ۽ ملٽري جي ڳوري مشينري جي چرپر کي بغير متاثر ڪئي، سڄو ڪم مڪمل ڪري فعال بنائڻ، منهنجي لاءِ هڪ وڏو امتحان هو. مان هڪ پاڪستاني ماسٽر پلمبر مسٽر بشير مرزا، کي هِن ڪم جو سپروائيزر مقرر ڪري، ڪيس پوري معلومات ڏئي پنهنجي ذاتي نظر هيٺ منصوبو شروع ڪيو ۽ الحمد الله، ڇئن مهينن جي مختصر وقت ۾ پورو ڪم مڪمل ڪري ڏيکاريو. اِن منصوبي تحت پنجويهه پمپنگ اسٽيشنون ختم ڪري، انهن مان سٺ پمپ مع بجلي جو سازوسامان ڪڍي، هڪ جاءِ تي گڏ ڪري، جڏهن جنرل کي ڏيکاريو ته هو ڏاڍو خوش ٿيو. اُنهن نڪتل مشينري کي بين جاين تي استعمال ڪرڻ لاءِ محفوظ رکيو ويو. جنرل صاحب، اِن منصوبي دوران هر روز موقعي تي ايندو رهندو هو ۽ هڪ دفعي ايريا ڪمانڊر ۽ بڪتر بند اسڪول جي ڪمانڊر کي وٺي آيو ۽ منصوبي بابت کين معلومات ڏني. ڪيترائي ڀيرا منجهند جي عربي اسٽائيل ڪاڏو ميس هال مان پچرائي، اسان سان گڏ موقعي تي اچي کائيندو هو. مسٽر بشير مرزا ڪراچي جو رهندڙ هو، پر وڏو ڏاهو ۽ محنتي انسان هو. هو لوهه مان مختلف شيون ٺاهڻ (Steel Fabrication) جو وڏو ماهر هو ، ايترو جو بندوق، رائيفل ٺاهڻ، هن لاءِ کٻي هٿ جي راند هُئي. سعودي عرب ۾ ڪم ڪندڙ، ڪڏهن به نوڪري ڇڏي واپس نه ورندا هُئا، اُتي پهچڻ سان خبر نه آهي ته الائي ڪهڙي بيماري يا خوف وٺيو وڃي جو راز خوشيءَ سان پاڻهي جاڻي وطن واپسي جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿي سگهي. ڪفيل جيڪڏهن ڪنهن کي نوڪري مان فارغ ڪيو ته بئي ڪفيل کي پئسا ڏئي، پنهنجي ڪفالت تبديل ڪرائڻ ۾ ڪائي ڪسر ڪونه ڇڏائيندا آهن. هن طبقي جي ماڻهن، اسان جي ملڪ جي عزت، وقار ۽ ناموس کي مٽي چاڙهڻ جي بجاءِ، سندس ڪُڌن ڪرتوتن ڪري هيٺ ئي آندو آهي. اگر جيڪڏهن ڪنهن کي نوڪري مان فارغ ڪيو ويندو ته ائين لڳندو، ڄڻ هن جي گهر ۾ ڪا فوتگي ٿي هجي، جيڪا ايمان جي گهٽتائي جو ثبوت پيش ڪري ٿي.

اهو قوم جو حال ڏسي، مان چوندو هئس، ته سعودي عرب ۾ نوڪري ڪندڙ يڪ طرفه ٽڪيٽ (One way Ticket) تي اچن ٿا ۽ وڃڻ لاءِ صرف ڪاٺ جي صندوق ٻُڪ ڪرائڻي پوندي اٿن. اِن حوالي سان بشير مرزا جي

وڏي عمر هجڻ ڪري، سندس هٿ ڏڪندا هُئا. جنهن تي مان ساڻس مذاق ڪندي چوندو هُئس تہ، تون ايترو تہ ڪنجوس آهين، جو جيڪڏهن توکي قاهو ڪائڻو بہ پيو، تہ تون رسو بہ سعودي حڪومت کان مفت ۾ وٺي اهو ڪم ڪندين. بهرحال هُن محنت ۽ مشقت ڪري پنهنجي اولاد کي رزق حلال کارايو جو هن هڪ پٽ کي جاپان ۾ ڪاروبار وٺي ڏنو هو.

ڳالهہ پئي ڪئي بڪتر بند اسڪول واري منصوبي جي تڪميل جي مارچ 1993ع دوران وزير دفاع ۽ نائب امير سلطان، هر سال وانگر چانوٽي جي دوري تي آيو ۽ چانوٽي اندر هلندڙ ۽ مڪمل منصوبن کان علاوه، فوج جي مختلف شعبن ۽ شهر جي قبيلن جي سرادارن سان ملاقات ڪرڻ هميشہ سندس پروگرام ۾ شامل رهندو هو. بڪتر بند گاڏين جي اسڪول ۾ وزير موصوف جي افتتاح کان اڳ، جنرل شايع، منهنجو تعارف وزير دفاع، امير سلطان سان ڪرايو ۽ ساڻس هٿ پڻ ملايو، جنهن جي ميڊيا ڪوريج سعودي جي ٻنهي چئنلن (عربي ۽ انگلش) ۽ رياض مان نڪرندڙ مختلف عربي اخبارن وڏي وضاحت سان ڪئي. عربي ٽي وي چئنل ۾ خبر دوران مونکي هٿ ملائيندي ڏيکاريو ويو ۽ رياض مان ڇپندڙ، عربي اخبار ’الرياض‘، هڪ پوري صفحي جي ڪوريج ڏني، جنهن ۾ امير سان هٿ ملائڻ وارو فوٽو بہ ڇاپيو ويو، جنهن ۾ جنرل شايع بہ گڏ بيٺل نظر اچي رهيو آهي. وزير دفاع، منجهند جي ماني نئين ٺهيل ملٽري ميس هال ۾ ٻين فوجين سان گڏ کاڌي، جنهن ۾ اداري جا انجنيئر ۽ ٻيا آفيسر بہ شامل هُئا. هر سال وانگر، امير آخري ڏينهن تي سُٺي ڪارڪردگي ڪندڙن کي انعام ۽ اڪرام ڏيندو هو، جنهن ڪري مونکي پنج هزار ريال انعام طور ڏنا ويا. عربي ٻولي ۾آرمرڊ اسڪول کي ’مدرسہ سلاح المدرعات‘ ڪري سڏيو ويندو آهي، جنهن جو سربراهہ هڪ برگيڊيئر جنرل هوندو آهي. اسڪول جي نڪاسي آب جو مشڪل مسئلو حل ڪرڻ تي، اسڪول جي برگيڊيئر هڪ تعريفي خط (Letter of appreciation) لکي موڪليو.

ڪجهہ مهينن بعد، جنرل شايع اُن انگريز انجنيئر هينري هربرٽ جي نوڪري جي مياد وڌائڻ واري درخواست رد ڪري کيس نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو، جيڪو سعودي عام طور ائين ڪرڻ کان عاجز هوندا آهن، جنهن جو ذڪر مان اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان. منهنجي ڪاتي ۾ هي ٻيو انگريز انجنيئر هيوجنهن کي سندس نااهلي ڪري ڪڍيو ويو.

وطن سان محبت

وطن کان پري رهندڙن کي نسبتن وطن سان گهڻي محبت ٿئي ٿي پر اها محبت جڏهن وطن يا امت مسلمان جي حوالي سان، يوم آزادي يا ٻن عيد جي اچڻ تي تمام گهڻي وڌي ويندي آهي، جو سڀ پاڪستاني اجتمائي پروگرام ٿاهي، اِنهن خوشين جي ڏينهن کي سهڻي نموني سان ملهائيندا آهن. انهن تقريبن جي رنگا رنگ پروگرامن ۾ مقامي ماڻهن کي دعوت، پاڪستاني ثقافت، رسم و رواج کان واقف ڪرائيندا آهن. اهڙن دعوتن ۾ طعام جا خاص ڊش تيار ڪرايا ويندا آهن، جن جي لذت ايتري هوندي آهي، جو عرب، انگريز ۽ ٻيون قومون ساراهه ڪانسواءِ رهي نه سگهنديون آهن. هتي نسلي، لساني ۽ علاقائي نفرت کان بالاتر ٿي سڀ هڪ قوم، مثل گُلدستي وانگر گڏجي، اهڙين تقريبن ۾ حصو وٺي، ٻاهرين مهمانن کي سيني گُلن جي خوشبو ذريعي گلبها ـ ڪري ڇڏين ٿا. آزادي جي ڏينهن تي تقريري مقابلا، شاگردن کان ڊراما ڪرائڻ، ملي نغمن جي موسيقي ۾ مهمان گُم ٿيو وڃن. تبوڪ شهر ۾ اهڙين تقريبن لاءِ شهر اندر پاڪستاني هوٽل ۽ چانوٽي اندر، پاڪستاني اسڪول، جنهن ۾ صرف عورتون هونديون هيون ۽ ٽئين جاءِ پاڪستاني ڪئمپ جو ميس هال هوندو هو، جتي صرف مرد حضرات جشن ملائيندا هُئا. انهن موقعن جي اچڻ جو سعودي پيچا ڪندا رهندا هُئا، نه اهو وري ڪڏهن موقعو ايندو ۽ گهڻن نه تاريخون ٻـ ياد ڪري ڇڏيون هيون، جو اڳواٽ دعوت تي گهُرائڻ جي يادگيري ڪرائيندا هُئا. تقريب ۾ ملڪ جي مختلف علاقائي ثقافت کي نغمن ۽ ناچ جي حوالي سان تعارف ڪرايو ويندو هو.

سڀ ماڻهو خالص پاڪستانيت جي جذبي تحت، هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي ملندا آهن ۽ دل مان بي اختيار اِها دعا نڪرندي هُئي، نه الله تعالىٰ، جيڪو پيار ۽ محبت تو اسان کي ڏنو آهي، اهڙو ئي پيار ۽ محبت پاڪستان اندر رهندڙن، خاص ڪري سياستدانن کي عطا ڪر، نه جيئن اسان هڪ مضبوط ۽ توانا قوم ٿي هِن دنيا ۾ پنهنجي طاقت ۽ يڪجهتي جي بنياد تي پاڻ کي مڃائي سگهون (آمين).

عرب اجنبي ٿيڻ لڳا

سعودي عرب ۾ شهرن جي ترقي تيل نڪرڻ ڪانپوءِ ايتري تيزي سان ٿي جو مقامي شهري پاڻ، پنهنجن شهرن ۾ نه صرف پلجڻ لڳا، پر پاڻ کي

اجنبي پڻ سمجهڻ لڳا. جو مهينن اندر ترقي جي تيز رفتار ڪري شهر بازاريون، پاڙا ۽ گهٽيون پنهنجي پُراڻي شڪل مٽايو ڇڏين الله تعاليٰ حرمين شريفين جي برڪتن ڪري، حضرت ابراهيم جي اُها دعا قبول ڪري ورتي، جنهن ۾ هِن ملڪ ۾ اَمنُ ۽ هر قسم جي ميون جي موجودگي جو ذڪر ڪيل آهي. هتي توهان کي هر وقت، دوڪانن تي اُهي ميوا مثلاً، ڪيلا، انب، انگور، ملندا جن جو نہ پسگردائي ۾ ڪو وڻ آهي نہ وري ڪا موسم.

شهرن جي تيزي سان تبديلي، انهن ترقياتي ڪمن جي ڪري اچي ٿي، جن ۾ مڪي ۽ مدينہ شريف ۾ گهٽو فرق نظر اچي ٿو. الله تعاليٰ جيترا وسائل ۽ رحمتون وسايون آهن، ايترو ئي ملڪ جي ترقي ڪئي وئي آهي، جتي هر سهولت جو معيار اعليٰ قسم جو آهي.

ڳالهہ پئي ڪئي مقامي ماڻهن جي اجنبيت جي سو مڪي شريف جي هڪ شاگرد محمد عمر العمودي جيڪو، ڪجهہ سالن جي تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ، جڏهن واپس مڪي آيو، تہ هُن پنهنجي پاڙي (Neighbour hood) کي سُڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هُن چيو تہ گهر جي سامهون حاجي جعفر ۽ چاچي سعيد جا دوڪان ڪيڏانهن ويا؟ ۽ هاڻي هي وڏا پلازا نهي ويا آهن. عربي ٻولي جي اصليت نڪري چُڪي آهي ۽ ٻولي ۾ ايتري تہ ملاوت اچي وئي آهي، جو هڪ جملي جا هڪ کان وڌيڪ مطلب نڪرڻ لڳا آهن ۽ اڳيان پويان، آمهون سامهون، سڀ اجنبي ماڻهن جا هجوم نظر پيا اچن ۽ اسان جي اصلي ثقافت غائب ٿيڻ لڳي آهي شهر اندر ڪجهہ علائقا انگلينڊ ۽ آمريڪا جا چائنا ٽائون (China Town) ۽ انڊين ٽائون وانگر لڳي رهيا آهن. ڪجهہ سال اڳ ۾، فوٽ بال گرائونڊ، جنهن ۾ سنڌ باد ادبي ادارو هوندو هُئو، جتي پاڙي جا نوجوان ڇوڪرا اچي گڏ ٿيندا هُئا، اهي سڀ شيون يڪايڪ غائب ڪيئن ٿي ويون ۽ گهڻ ماڙ جون خوبصورت عمارتون، انهن جي جاءِ ورتي، جنهن ڪري علائقي جو نقشو تبديل ٿي چڪو آهي. مڪي حرم جي توسيع واري منصوبي جي حوالي سان، حرم جي چوطرف زمين جي قيمت بي انداز وڌي وئي آهي. ٻنهين حرمن جي عظيم توسيعي منصوبا، الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن جي شڪر گذاري برابر آهي، جنهن ڪري دنيا مان ايندڙ لکين حاجي ۽ عمري وارا هتان جي بهترين معياري سهولتن مان فائدو وٺن ٿا.

جدي جي هڪ وڏي واپاري، احمد حسن فتيحي، جنهن کي شهر اندر وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور آهن، تنهن جنيوا جي هڪ نيلام دوران وڏو قيمتي

نيلم پٿر (Largest Sapphire) خريد ڪيو، جنهن جي قيمت ٽيويهه لک ڊالر آهي. دنيا ۾ هن وقت صرف چار وڏا نيلم پٿر موجود آهن، جن ۾ هي پهري نمبر تي آهي ۽ ٻيو جنهن کي هندستان جو سِتارو (Star of India) چيو وڃي ٿو، اُهو آمريڪي ميوزم (National History Musuem, Washinton USA) ۾ رکيل آهي.

جدي شهر جي خوبصوررتي، ان جي ساحلي پٽي جو سينگار ۽ شهر اندر شاندار چوراها ڏسي، دل شهر ڇڏڻ جو نالو ئي نہ وٺندي آهي. جده شهر، مدينہ ۽ مڪي وانگر پنهنجو شهر پيو لڳندو آهي، جو نون ايندڙن کي پاڪستاني، هندستاني ۽ بنگالن جي اڪثريت هجڻ ڪري، پنهنجائپ پئي محسوس ٿيندي آهي.

شهر اندر چؤراها، اهڙا تہ خوبصورت نهيل آهن، جو ڏسڻ سان دل بهار ٿيو وڃي. هر چؤراهي جي اڏاوت ۽ منظر ڪشي مُنفرد آهي، جن ۾، سَٽِ روڊ (شارع سِتين) چؤراهي تي، هڪ وڏي سائيڪل رکيل آهي، جنهن کي پاڪستاني عام طور سائيڪل چوڪ ڪري سڏيندا آهن. گهڻا ماڻهو اِن چوڪ کي گُليَور واري سائيڪل (Gulliver's Bicycle) ڪري ياد ڪندا آهن. جِدي جي هِن چؤڪ تي وڏي ۾ وڏو مُجسمو اِن سائيڪل جو آهي جيڪو ڪلوميٽرن جي دوري کان نظر ايندو آهي.

انيتا روڊڪ (Anita Roddick)جيڪا عورتن جي حوالي سان، جڳ مشهود ’بادي شاپ‘ (Body Shop) جي مالڪ آهي، تنهن جدي گهمڻ کانپوءِ اخباري نويسن سان ڳالهائيندي هي لفظ چيا. " I love that huge bicycle that no body can ride on it" هي ڊگهي سائيڪل، دراصل گُليور جي سائيڪل ڪونہ آهي، ليڪن هي شاهڪار اسپين جي هڪ هنرمند لافونٽي (Lafonti) جي هٿن جي تخليق آهي، جيڪا هُن، محمد بن لادن جي پهرين سنگمَرمَر جي ڪارخاني جي بقاياجات مان ناهي راس ڪئي، جيڪا ڪافي عرصي کانپوءِ، جدي شهر ٻاهران گند ڪچري واري علائقي مان ميونسپلٽي وارن کي هٿ آئي، جن ٿوري مرمت بعد هِن کي چؤڪ جي زينت بڻائي ڇڏيو

زندگي مِثل سَراب (ڊائري جي هڪ ورق تان)

زندگي هڪ سَراب (Mirage) مثل آهي. سخت اُڃ لڳي هجي ۽ سامهون پاڻي بہ نظر اچي تہ پلا اُن کي ڪير ڇڏيندو. بس زندگي جي ڊُڪ ڊوڙ بہ ڪجهہ اهڙي طرح جي آهي پرپورِ جواني ۾ ساري دنيا، رنگين نظر ايندي

آهي. تمنائون ۽ اُميدون به ڪين هجن ۽ جذبات، طوفاني درياهه وانگر موجون ماٽي رهيون هجن، ڪيترا اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي پنهنجي جذبات کي قابو رکي سگهندا هوندا. پهريائين اِهڙن خوابن جي حسينائن کي تعبير جي سانچي ۾ وجهي، ننڍڙن ڳل جهڙن ٻارڙن جي تمنا ڪرڻ ۽ پوءِ ان ڳل ۽ ٻوٽن جي گلستان ناهڻ لاءِ هڪ خوبصورت محل جي خواهش ڪرڻ. اِهي سڀ اُميدون پوريون ٿين ته پوءِ عزت نفس جي شهرت جي ڪوشش ۽ آسائش لاءِ دولت جي تلاش. مطلب ته اُن ڊُڪ ڊوڙ ۾ انسان اهڙي طرح مصروف ٿي وڃي ٿو، جو پوئتي مڙي ڏسڻ لاءِ ڪيس وقت ئي نه ٿو ملي. ڪو وقت اهڙو اچي ويندو آهي جو عُضوا ڪمزور ٿيڻ لڳندا آهن ۽ خواهشات دل جي ڪنڊ ۾ لڪي ويندديون آهن، جنهن ڪانپوءِ اهوئي بجلي صفت انسان، دنيا کان آهسته آهسته ڪناراڪشي اختيار ڪرڻ لڳندو آهي. ايستائين جو پاڻ کي محدود ڪري، هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندو آهي. اُن وقت هو پنهنجي زندگي ڀر جي ڪوشش کي به بيوقوفي تصور ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ناڪامين سان تعبير ڏيندو آهي. اِن وقت هن کي صاف نظر ايندو آهي ته ڪيس سندس معبود حقيقي وٽ موٽي وڃڻو آهي، پر تياري کان ڄاڻ رکندي به بي خبر رهيو. اُها گهڙي اچي ويندي آهي، جڏهن ڪيس هِن دُنيا کي هميشه لاءِ خيرآباد چوڻو پوندو آهي. پر جيڪڏهن هِن دنيا ۾ ڪوئي نيڪ عمل ڪيو آهي ته اُهو ئي ان جو آئينده جي سفر جو سرمايو ٿيندو، نه ته ڪيس پڇتائڻ ڪانسواءِ، ڪجهه به هٿ نه ايندو ۽ اُهو پنهنجي ميزان (ترازو) ۾ نيڪين جي هلڪي پُڙ کي حيرت سان هميشه لاءِ پيو ڏسندو رهندو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس پڇتاءُ ۽ خساري کان سواءِ ڪا ٻئي شيءِ نظر ڪون ايندي ليڪن خالق ڪائنات جي غفور و رحيم جي وصف ڪري نا اميدي ڪرڻ ڪفر آهي پر سندس مغفرت جي خزانن ۾ ڪڏهن به ڪوٽ ڪونه ايندي. اُن وقت کان ڊڄڻ گهرجي، جڏهن توهان جا پنهنجا عضوا، ڪيل ڪُڌن ڪرتوتن بابت پيا پيرائتيون شاهديون ڏيندا.

ساري رات سُبحان - جاڳي جن ياد ڪيو
اُن جي عبداللطيف چئي - مٽيءَ لڌو مَانُ
ڪوڙين ڪن سلام - آڳهه اچيو ان جي
(شاهه)

بھاري نہ ڪپن

جدي ۾ مسلم ورلڊ ليگ (Muslim World League, MWL) جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر عبدالله نصيف اخباري نمائندن کي ٻڌايو تہ هن اداري، چار ملين ڊالر بنگلاديش مان بھارن کي پاڪستان آڻڻ لاءِ مختص ڪيا آهن، جيڪي هڪ مهيني اندر، ٽي هزار بھارين کي هوائي جهاز ذريعي پاڪستان آڻي رهائش پذير ڪبو. ڪجھہ مهينن اندر، انهن جي پھرين فلائيٽ ٽيھٺ ڪٽنبن جي فردن کي کڻي پاڪستان جي پنجاب صوبي ۾ پھتي. هڪ اندازي مطابق پنجويھہ لک بھاري آهن، جيڪي بنگلاديش مان هيڏانهن اچڻ لاءِ آتا آهن. بنيادي طرح ڏٺو وڃي تہ اِهي قريبي عرصي ۾ پاڪستان پھچي سنڌ ۾ آباد ٿيندا ۽ مقامي آبادي کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ واري منصوبي جي تڪميل ۾ پھريون قدم ثابت ٿيندا. اهڙو اظهار اسان، يونيورسٽي جي دور ۾ ان وقت جي صدر ۽ وزيراعظم، جناب ذوالفقار علي ڀٽو کي ڀٽ شاھہ جي ميلي تي واپسي ٿيندي، سنڌس ڪار کي روڪي، عرش ڏاريندڙ نعرن ذريعي ٻڌايو هو، جنهن جي رد عمل ۾ گاڏي جو شيشو هيٺ ڪري، ڀٽي صاحب پنهنجي زبان سان چيو هو تہ ’بھاري ڪڏهن بہ ڪونہ ايندا، توهان يقين ڪريو‘.

اسان جي ملڪ جو وڏو الميو آهي جو هتي لکين غير ملڪي ماڻهو آباد آهن. اُنهن کي شناختي ڪارڊ ۽ پاسپورٽ ٿورن پئسن جي رشوت ۾ آساني سان مليو وڃن جنهن ڪري ملڪ اندر دهشتگردي ۽ تخريبڪاري اچي گھر ڪيو آهي. منهنجي حڪومت کي التجا آهي تہ فورن غير ملڪي ماڻهن خاص ڪري، افغانين، بنگالين کي ملڪ بدر ڪيو وڃي ۽ پوءِ ڏسو تہ ملڪ ۾ پاڻهين امن اچي ويندو.

بھرحال هي هڪ تاريخ جو حصو آهي ۽ چوندا آهن تہ تاريخ پاڻ کي ورجائيندي رهندي آهي. بنيادي طرح ڏٺو وڃي تہ اِهي بھاري ورهاڱي کانپوءِ، پنهنجو اصلي هندستاني بھار صوبو ڇڏي اوڀر پاڪستان (هاڻوڪو بنگلاديش) وسايو، جيڪو اڪثريتي مسلمانن جو ملڪ هجڻ ڪري، ان مان هجرت ڪرڻ اعتراض جوڳي ڳالھہ آهي. بھاري جيڪڏهن بنگالين سان نہ ٺا گڏ رهي سگھن تہ پوءِ هو اسان سان ڪيئن رهي سگھندا ۽ ايئن لڳي رهيو آهي تہ مستقبل قريب ۾، شايد مقامي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪري انهن سان آمريڪي ريڊ انڊين (Red Indian) وارو حال ڪيو وڃي جنهن تي ايندڙ وقت واضح روشني وجھي سگھي ٿو. هي هجرت، ان

معاهدي جو حصو آهي، جنهن تحت MQM وارا نوازشريف سان ملي حڪومت جو حصو ٿيا هئا. اسان جا سياستدان، قوم پرست ۽ دانشور ان تي الائي ڇو خاموش آهن، لڳي ٿو تہ پيالو مڙيوئي سرس لڳي ويو آهي.

چانوٽيءَ جي موٽر وائينڊنگ ورڪشاپ ۾ لاهور جي شيخ اڪرام جي پٽ شهزاد شيخ کي اسلام آباد جي ٽنولي مين پاور سپلاءِ ڪمپني جي مالڪ، مسٽر عبدالسميع، جيڪو منهنجو دوست هجڻ ڪري هن کي نوڪري جي ويزا موڪلي هئي جو هو پمپ آپريٽر اچي لڳو، ڏاڍو سچو ۽ فرمانبردار نوجوان هو. شيخ اڪرام بہ نمازي ۽ پرهيزگار انسان هو. شيخ شهزاد پنهنجي پوري ڪٽنب سميت عمرو ڪري واپس اچڻ وقت، روڊ حادثي جو شڪار ٿيو، جنهن ۾ سندس بہ پٽ، ماءُ، پاڻ ۽ سَسَ گذاري ويا. اِهو حادثو رات جي وقت ٿيو، جڏهن غالباً شهزاد کي گاڏي هلائيندي ننڊ اچي وئي ۽ گاڏي ڪنهن ٻئي گاڏيءَ سان ٽڪرائي، روڊ کان لهي، ڪيتريون ئي ڪلٽيون کاڌيون، جن ۾ هڪ ئي گهرجي پنجن ڀاتين جون جانيون هن فاني دنيا مان دارالبقا ڏانهن روانيون ٿي ويون. الله کين جنت ۾ جاءِ ڏئي. (آمين). هڪ ڏينهن شهزاد ٻڌايو تہ ڪجهہ عرصو اڳ سندس ٻہ ساٿي دوست پنهنجي گاڏي ۾ جدي لاءِ روانا ٿيا ، واپسي ايندي رات جو کين ننڊ اچڻ لڳي، جنهن ڪري ٻنهي فيصلو ڪيو تہ گاڏي روڊ کان ٿورو هيٺ لاهي، اُن ۾ ڪجهہ آرام ڪري، تازه توانا ٿي بقايا سفر بعد ۾ ڪرڻ جي ارادي سان جڏهن هو گاڏي ۾ آرامي هُئا، تہ ڪجهہ دير ڪانپوءِ گاڏي لُڏڻ لڳي، جنهن تي کين سجاڳي ٿي. گاڏيءَ مان ٻاهر نڪرڻ وقت کين هڪ پڪ اپ نظر آئي جيڪا هنن جي گاڏي جي پويان بيٺل هُئي ۽ ٻہ مقامي نوجوان هنن جي گاڏيءَ جي پوئين ويل ۾ جئڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هُئا. هنن جو گاڏي مان ٻاهر نڪرڻ تي هو جئڪ ڪڍي، پنهنجي پڪ اپ ۾ وڃي سُوار ٿيا ۽ گاڏيءَ کي ريس ڏئي جلدي غائب ٿي ويا. سعودي عرب ۾ هونءَ تہ گهڻو ئي اَمن آهي پر مقامي نوجوان ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجن ڪاروائين کي قائم رکيو اچن. هنن غالباً اهو سمجهي گاڏيءَ جا ويل ڪڍڻ پئي چاهيا، تہ کين ڪجهہ پئسا ملي ويندا. اُها گاڏي روڊ ڀرسان ڇڏيل هوندي آهي، جنهن جو ڪو حادثو ٿيو هجي ۽ مالڪ هتي ڦٽي ڪري هليا ويا هجن. ليڪن هن جا مالڪ تہ اندر سُتا پيا هُئا، سو انهن موڳن ايترو بہ نہ سوچيو تہ متان ڪو اندر بہ آهي، بس ڦيٿا ڪڍڻ ۾ شروع ٿي ويا حالانڪ رستي تي گاڏي ڪنهن وسوَن ۾ يا ٿورو

پرپرو ڪري بيهاري، مان به پنهنجي ڪٽنب سان ڪيترائي ڀيرا تبوڪ کان مديني شريف هر مهيني ايندي ويندي، ڏکهي پنڌ ڪرڻ ڪري، رات جو ڪجهه ڪلاڪن لاءِ گاڏي اندر سانباها هنيا آهن. الحمد الله. اسان سان ڪڏهن به ڪو اهڙو واقعو پيش نه آيو. سعودي عرب ۾ اهڙي صورت ۾ بهتر آهي ته ڪنهن پيٽرول پمپ يا ڪنهن هوٽل يا ڪنهن وسنديءَ واري جاءِ تي رات جي وقت آرام ڪجي ته بهتر آهي.

تيل جي ذخيرن کان گهڻو اڳ بلڪ اسلام جي ظهور کان ڪجهه صديون بعد حاجين جي ٽولن کي مقامي ماڻهو ڦري ماري ويندا هُئا جو اُن وقت غربت گهڻي ۽ آبادي نه هجڻ ڪري ويراني هُئي. تبوڪ شهر ۾ مختلف قومن جا ماڻهو هڪ ئي محلي ۾ ڪرائي تي گهر وٺي رهندا آهن. هڪ دفعي سوڊاني ٻارن، مقامي ٻارن سان راند پئي ڪيڏي، سو هڪ سوڊاني ٻار پرسان لنگهندڙ ٻلي کي مذاق ۾ پٿر هيون، جنهن تي مقامي ٻارن ڪيس ڏاڍي مار ڏني، مار جو سبب اهو ٻڌايو ويو ته هن اجنبي اسان جي ٻِلي کي ڇو پٿر هيون. تبوڪ شهر ۾ گهڻي آبادي ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي آهي، جن ۾ ايتري تعليم ڪونه آهي پر جدي يا رياض جهڙي شهرن ۾ توهان کي سڀ مقامي ماڻهو مُهذب ۽ تعليم يافته ملندا. هاڻي ٻهراڙيءَ جي نوجوانن طبقي ۾ اهو حسد اچي رهيو آهي ته هي اجنبي اسان جي وسيلن تي قابض آهن، حالانڪ ڏنو وڃي ته سعودي عرب جي ترقيءَ ۾ جيترو اجنبي ماڻهن جو هٿ آهي، ايترو بين جو نه آهي.

ڇا چڙيا گهر ۾ داخل ٿياسين

اِن چانوٽيءَ ۾ نوڪريءَ جي ڪجهه سالن ڪانپوءِ، الله تعاليٰ مون کي هڪ شهزادو، ’عبدالله‘ عطا ڪيو. هِن جي ولادت ملٽري اسپتال (Armed Force Hospital) ۾ ٿي. مون کي اولاد دير سان ٿيڻ ڪري بي انتها خوشي ٿي. چوندا آهن ته هڪڙوئي رانجهون لکان دا مٺ وانگر، عبدالله به سهڻو ۽ سوڀ وارو آهي. هن جي تربيت ۽ بنيادي تعليم، تبوڪ جي انٽرنيشنل اسڪول ۾ ٿي. عبدالله جي اچڻ تي سڀ مٺ مائٽ ۽ دوست ڏاڍا خوش ٿيا، البت ڪجهه مان ٽورن جي مُنهن تي ميرنهن لڱل ڏني وئي. امڙ بيحد خوش ٿي، جو اُن اڪيلي کي گهڻو خيال هوندو هو. افسوس جو باقي پائرن مان، اهڙو احساس ڪڏهن به اُسرندي نه محسوس ڪيو ۽ نه وري ڪنهن موقعي تي همدرداڻو سَهڪار ڪيو پر ڏک ۾ دلداريءَ جي اظهار

لاءِ هڪڙو لمحو بہ نہ لهي سگهيا. اسان سندن اولادن کي جهوليءَ ۾ جهلي ۽ ڪُلهن تي چاڙهي رانديون ڪيڏايون. انسانن جي اندر جي خبر لهڻ، حضرت علي جي قول مثل تہ "منافق جي سُڃاڻ ايتري تہ ڏکي آهي جيترو اڌ رات جو ڪاري رنگ جي ڏاڱي کي سڃاڻڻ". واقعي اِهو تہ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. عبدالله کي ڪمپيوٽر اسڪرين تي ٻارن جي موسيقي وارا گانا هلائي ڏيکاريندا هئاسين، جو ڏاڍي شوق سان ڏسندو هو. اسان عبدالله سان گهر ۾ انگريزي زبان ۾ ڳالهائيندا هئاسين، جنهن ڪري کيس انگريزيءَ ۾ گهڻي مهارت حاصل ٿي. ڪمپيوٽر جي راندين، پلي اسٽيشن ۽ T.V ڪارٽونن جو ڏاڍو شوقين ٿي ويو، جو ننڊ هوندي بہ، T.V ڪارٽونن جو آواز ڪن تي پيو، تہ شهزادي جي ننڊ حرام ٿي ويندي هُئي. ننڊ نہ ڪرڻ ۽ ماني نہ کائڻ، سندس والده لاءِ بہ وڏا مسئلا هئا. T.V جي ڪارٽونن ايترو تہ تنگ ڪيو، جو اسان پاڻ ٽي.وي جا ٻيا پروگرام ڏسڻ بند ڪري ڇڏيا ۽ صرف ڪارٽون ڏسندي، ڪارٽون فلمن جا نہ چاهيندي بہ، ماهر ٿي وياسين، جو هي دنيا هڪ وڏو ڪارٽون نظر اچڻ لڳي. سندس ننڊ لاءِ هڪ حل ڪڍيو تہ رات جو 11 بجي ڏارين گهر جي بجلي مين سُئچ مان بند ڪري کيس ننڊ ڪرائيندا هئاسون ۽ ڪاڏي لاءِ کيس ڪارٽون فلم لڳائي ڪاڏو سندس وات ۾ وجهي ڏؤ ڪرائيندا هئاسين. بهرحال ڪارٽونن جي نقصان مان اسان فائدو بہ ورتو جو کيس خوراڪ صحيح ملي.

ٽن سالن کان پوءِ جڏهن اسان دُبئي گهمڻ لاءِ وياسين، تہ ڪوڙ سارا رانديڪا ورتا ۽ اُن وقت نئين پلي اسٽيشن (Play Station I) مارڪيٽ ۾ پهتي هُئي، جيڪا پڻ عبدالله کي پسند آئي. ڪمپيوٽر تي ٻارن جي گانن ۾ Twinkle Twinkle Little Star، عبدالله کي ڏاڍو پسند ايندو هو. اسان تہ سنڌي جي ٻئي درجي واري ڪتاب جي بيت "گيت ڏٽي جا گڏجي ڳايون، جو تو تڏڙا مينهن وسائي، باغن ۾ جو انب پچائي"، اڄان تائين بر زبان ياد آهن.

ٽن سالن جي گذرڻ کانپوءِ، اسان جڏهن موڪل تي پاڪستان آياسين، تہ ڪراچي کان شاهين ايڪسپريس، ذريعي جڏهن محراب پور اسٽيشن تي لهي ڪار ۾ سُوار ٿي ڳوٺ هلڻ لڳاسين، تہ محراب پور شهر مان لنگهندي، ڪار جي سامهون مختلف جانور، مينهون وغيره نظر اچڻ ٿي، عبدالله مون کان انگريزي ۾ سوال ڪيو تہ Dady, did we reach in a Zoo? مون کان ٺهڪ نڪري ويو جو عبدالله هي سوال پڇي مون کي لاجواب

ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس جواب ڏنو ته هيءَ پوري موڪل، اسان دنيا جي هڪ وڏي ڇڙيا گهر ۾، بغير ٽڪيٽ جي گذاريندا سين. عبدالله تبوڪ انٽرنيشنل اسڪول ۾ پڙهائي، توڙي راندين ۾ پهرين پوزيشن ڪٽندو آيو ۽ ڪئناڊا ۾ سندس ٽيچر، اسڪول هيڊ مسٽريس کي خط لکي، عبدالله کي مٿئين ڪلاس ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي. جڏهن مديني شريف ۾ ادا ظفر علي صاحب سان خلاصي گفتگو ۽ بحث مباحثي ڪانپوءِ، عبدالله لاءِ چيو ته هي نوجوان اسان جي ڪٽنب جو نالو روشن ڪندو. الله تعالىٰ کيس ڪاميابي ۽ ڪامراني سان گڏ نيڪ ۽ صالح ڪري (آمين).

هتي هر هنڌ توهان کي هر قسم جا جانور نظر ايندا. انسان ۽ جانورن جي گڏ رهڻ جو اهڙو مثال، توهان کي دنيا ۾ ڪٿي به ڪونه ملندو. جانورن سان گڏ رهڻ ڪري ننڍڙن ٻارن ۾ سوين مُهلڪ بيماريون ٿيو وڃن. اسلام چئي ٿو ته صفائي اڌ ايمان آهي، پر اِن تي عمل ڪير به ڪونه ٿو ڪري. شهرن اندر مينهن جا واڙا، هڪ وڏو آزار آهن، جنهن ڪري شهري زندگي مفلوج ٿي وئي آهي.

شهرن وچ ۾ جانورن جا وٿاڻ

خيرپور شهر اندر هزارين مهينن جا واڙا آهن ۽ جڏهن جتو ڪري انهن کي شهر جي مکيه روڊن تان ڪاهي پاڻي پيارڻ لاءِ ميرواهه آڻيو ويندو آهي، ته شهر جي سڄي ٽريفڪ ڪلاڪن جا ڪلاڪ جام ٿيو وڃي. ساڳيو حال سکر شهر جو آهي، بلڪ سڄي سنڌ سواءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد، ٻيا سڀ شهر ان موذي مرض ۾ مبتلا آهن. جن جو ڇوٽڪارو مشڪل نظر اچي رهيو آهي. شهرن جي ميونسپل ادارن ۾ رشوت خوريءَ جي ڪري شهرن کي بي يارو مددگار ڇڏيو ويو آهي. مينهن جي واڙن جي ڪثرت، شهر جي آب رسائي ۽ نڪاسي جي نظام کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهه سال اڳ وڏو وزير، خيرپور جي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ هڪ شعبه جي عمارت جي افتتاحي تقريب ۾ وڃڻو هو ۽ مان به اُن ڪاروان ۾ شريڪ هُئس، جيئن سرڪار جي گاڏي، بشمول سورنهن سيڪيورٽي وارن جون گاڏيون، سرڪاري ڪامورن جون اضافي گاڏيون، بُخاري محلي مان نڪري، جڏهن ڪچهري روڊ تي پهتيون، ته اڳئي سَو کن مينهن جو مجموعو روان دوان هجڻ ڪري، ڪاروان اڌ ڪلاڪ جي ڪاوش ڪانپوءِ آهستي چُرڻ لڳو، مُشڪل پنج هٽي پار ڪني ته نيشنل هاءِ وي سان مير

واھ ويندڙ سَوين مينھن جو ڀيو لشڪر، قافلي جي رڪاوٽ بڻيو. جنھن ۾ سائين کي پرڳڙي پل عبور ڪرڻ ۾ ھڪ ڪلاڪ لڳو. ڪاروان منزل مقصود تي پھچي، جڏھن واپس ٿيو، تہ ان منظر جي ھڪ جھڙائي (Mirror Image) وري ڀيھر ورجائي وئي، جو مينھون ميرواھ مان پاڻي پي، ساڳئي رستي سان واپس وٿاڻن تي پئي ويون. ڪاروانُ سان گڏ، مقامي ممتاز طبقي (Elite Class) سان تعلق رکندڙ فردن مان، ڪنھن بہ اِن منظر کي، نہ نِديو ۽ نہ وري اصلاح لاءِ ڪو بحث مباحثو ڪيو. شايد انڪري جو اِھا اِنھن جي ترجيح ۾ شامل نہ آھي يا اسان جي سياستدانن ۽ بيورو ڪريٽس جي اوليت ۾ عوام الناس جي ڀلائي ۽ خدمت جو فڪر سِري ڪان ئي شامل نہ آھي. مان سمجھان ٿو تہ اسان لڪير جا فقير آھيون. مان جڏھن نساسڪ، نارٿ سنڌ اربن سروسز ڪارپوريشن، سکر جو مينيجنگ ڊاريڪٽر (MD) ھُئس، ڪيترائي ڀيرا اعليٰ سطحي گڏجاڻين جن ۾ ڊاڪٽر نفيسہ شاھ (MNA)، ڪمشنر سکر، ڊپٽي ڪمشنر خيرپور، خيرپور ضلع جي پيپلز پارٽي جا عھديدار ۽ ميڊيا وارا شامل ھوندا ھُئا، تہ خيرپور شھر جي صفائي بابت، ڪمپيوٽر ذريعي انگ اکر ۽ زميني حقيقت تي مبني معلومات پاور پوائنٽ وسيلي بيان ڪري، اِھو واضح ڪندو ھئس، تہ شھر کي صاف سٿرو رکڻ ۽ نڪاسي آب جي نظام کي موثر رکڻ لاءِ، ارباب اختيار کي ھينيان فيصلا ۽ اُن تي فوراً عمل ڪرائڻو پوندو. ھڪ تہ شھر اندر جيترا بہ واڙا آھن، اُنھن کي شھر کان ٻاھر، سرڪاري زمين ڏئي فوراً منتقل ڪيو وڃي، ٻيو تہ روڊن ۽ نالين مٿان ماڻھن جون حد دخليون ھٽايون وڃن، جيئن انھن جي صفائي وغيره آساني سان ڪري سگھجي. واڙن وارا، مال جي گند ڪچري کي نالين ۾ اڇلائي ڇڏين ٿا يا ميرواھ جي وھڪري ۾ وھائي ڇڏين ٿا ۽ اھو ساڳيو پاڻي، ھينائين پاسي جي پُرڳڙي پُل پرسان تلاون ذريعي شھرين کي پياريو وڃي ٿو. سڄي شھر جي گندگي ۽ گندي پاڻي جو چوڙ ميرواھ ۾ ڪيو وڃي ٿو، جنھن جو تفصيلي ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آھيان.

ڪجھ وقت کان پوءِ، خبر پئي تہ ھت عوام جي ڀلائي لاءِ ڪنھن کي بہ فڪر نہ آھي، صرف ووٽ وٺڻ لاءِ، توھان ڪجھ ترقياتي ڪم ڪرڻ تي مجبور آھيو، تہ متان ماڻھو ناراض ٿي اڳئي چونڊن ۾ ووٽ نہ ڏين. جي اِھا سوچ آھي تہ پوءِ انڌن اڳيان روئڻ، اکين جي ذيان برابر ھوندو.

ساڳئي قسم جي پريزنٽيشن، جڏھن مان وفاقي وزير، جناب خورشيد شاھ کي سکر جي ڊسٽرڪٽ ھائوس ۾ ڏني، تہ ھُن کي منھنجي سفارش

وڃي وئي ۽ فوراً، اُتي وينل ڪمشنر سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر، مسٽر بلال ميمڻ کي حڪم ڏنائين، جنهن تي DC عمل ڪيو ۽ ڪيترائي واڙا شهر جي مرڪزي علائقن مان ڪڍي، شهر کان ٻاهر آباد ڪيا ويا، ليڪن ڪجهه واڙي جا مالڪ ڪورٽ مان اسٽي آرڊر وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيا، جو اِهو عمل نه صرف رڪيو پر منتقل واڙا به واپس موٽي آيا. اهڙي حالت ۾ ملڪ ڪيئن ترقي ڪندو، جو هر اداري جي ارباب اختيار وارو، اجتماعي ڀلائي (Greater Good) کان بي خبر ٿي، پنهنجي ذاتي يا انفرادي خوشحالي جو خواهش مند هجي. اسان سيني کي گهرجي ته قومي سطح جي سوچ کي پروان چاڙهي، سماجي، اخلاقي ۽ عقلي معيار جو مظاهرو ڪري ڏيکاريون ته جيئن اسان جي ايندڙ نسل کي ڪا تڪليف نه ٿئي. جڏهن اولهه وارا سمنڊن ۽ درياهن هيٺيان پڪن پهاڙن ۾ سُرنگهون ٺاهي، رستا ۽ ريلون روان ڪري سگهن ٿا، ڇا اسان پنهنجا شهر صاف سٿرا نه ٿا رکي سگهون. چوندا آهن ته : Where there is a will, there is a way.

عبدالله جي اچڻ ڪانپوءِ، الله تعاليٰ رزق ۾ وڌارو آندو، جو اداري ۾ ملازمت لاءِ اسان جي هڪ دوست مسٽر عبدالسميع کي ويزائون مليون، جنهن جي آفيس اسلام آباد ۾ هُئي. جنرل شايع جي مهرباني، جو هُن مون کي، ڊاڪٽر عطاالله شر ولد حاجي ڪريم الدين (پڪا چانگ) لاءِ ويزا ڏني، جيڪا مان سندس گهر واري ائڊريس تي موڪلي. حاجي ڪريم الدين جا مون تي ڄامشوري ۾ پڙهائي جي تنگي واري دور ۾ احسان هُئا، جن جو ذڪر ٿي چڪو آهي. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ اداري کي فني ڪاريگرن جي ضرورت پئي، جنهن لاءِ اسلام آباد جي عبدالسميع تنولي کي ويزائون مليون، جن ۾ ڪافي تعداد منهنجي ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙن جو هو. ان حوالي سان مان تقريباً 25 ڇوڪرا ڳوٺ جا گهرايا، جن اُتي اچي ڪم ڪيو. انهن ۾ ڪافي اهڙا هئا، جن ۾ ڪجهه مهارت ۽ سِکڻ جي صلاحيت هُئي، جنهنڪري انهن نوڪري کي سنڀالي ورتو، پر ڪجهه ننڍي عمر ۽ غير تجربي ڪري مڙيوئي ڪم کي هلايو پئي. ڳوٺ ۾ بيڪار گهمندا يا ٽريڪٽر ٽرالي هلائيندا هُئا، جن لاءِ اجنبي ملڪ ۾ ڪم ڪرڻ هڪ نئين تجربي کان گهٽ ڪونه هو.

اُنهن مان ڪجهه ڪم عقلن جا ڪارناما هيٺ ڏجن ٿا. جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته جنرل شايع هٽلر وانگر سخت ملٽري آفيسر هو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته خميس ڏينهن فوج کي موڪل هجڻ ڪري

ملازم خانگي لباس (توب، غُتره) پائي ايندا ھُئا. جڏھن ڊش جو دور شروع ٿيو، تہ ڪافي خانگي ٽي.وي چئنل اچڻ لڳا، جن ۾ ھندستاني چئنل جي اڪثريت ھوندي ھُئي. ڪجھہ چئنل سِکن جا بہ ھوندا ھُئا ۽ سچو ڏينھن ڊگھين ڏاڙھين وارا سِک، پنھنجي گھر ياتين، عورتن ۽ نوجوان ڇوڪرين سان پيا سچو ڏينھن نچندا ھُئا . سِکن کي رنگين پٽڪا ۽ ڊگھيون ڏاڙھيون ڏسي اِن اڏ چريي، جنھن شايد سِک اڳ ۾ ڏٺا ئي ڪونہ ھُئا سو دانھن ڪري چيائين تہ يار قيامت ويجھي اچي وئي آھي، جو ڊگھين ڏاڙھين وارا مولوي بہ نوجوان ڇوڪرين سان پيا ٿا نچن. ھن ڳالھہ ۾ ان ڇوڪري جو ايترو قصور نہ ھو جو 2001ع جي سيپٽمبر جي يارھين تاريخ (جنھن کي 9/11 سان ياد ڪيو وڃي ٿو) تي ٽيندڙ آمريڪا جي Twin Towers تي حملي کان پوءِ نيويارڪ ۾، ٻن سِکن کي مسلمان سمجھي ماري وڌو ويو ھو، ڪٽي ائين چئجي تہ اُھي بہ ھِن اسان واري ڇوڪري وانگر اڏ چريا ھُئا.

اداري جي اڪيلن ملازمن جي رھائش ۾ مسجد ھوندي ھُئي، سو ھي ھمراھہ سدائين فرض شروع ٿيڻ وقت مسجد ۾ داخل ٿيندو ھو ۽ سڀ صفن کي لتاڙي وڃي امام جي پويان ٻيھندو ھيو. شايد ھن کي ڪنھن ٻڌايو ھجي تہ پھرين صف ۾ ٻيھڻ سان ٻين کان ثواب گھڻو آھي. مسٽر سُليمان ڪائنس پڇيو تہ وينٽل قطارن کي اورانگھي ڇو ٿو امام جي پويان ٻيھين، متان ڪڏھن امام توکي تڪبير لاءِ چوي تہ پوءِ تون ڇا ڪندين؟ جو توکي تڪبير اچي ئي ڪونہ ٿي. جواب ۾ چيائين تہ جيڪڏھن امام تڪبير لاءِ چوندو، تہ مان ڪيس چوندس تہ مونکي وضو ئي ڪونہ آھي.

سعودي عرب ۾ ڏوھن جو تعداد

سعودي عرب ۾ اسلامي سزائن جي حوالي سان دنيا جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڏوھہ گھڻو گھٽ ٿين ٿا. چوندا آھن تہ پاڪ صاف معاشري جو وجود ناممڪنات مان آھي، ليڪن گناھن تي حاوي ٿي محدود ڪرڻ، ئي معاشري جي ھمت ۽ وس جي ڳالھہ آھي، جنھن کي سُني حڪمراني چئجي ٿو.

اِن ڏس ۾ قانون جي حُڪمراني (Rule of Law) ۽ حق سچ جي بنياد تي فوري ڪاروائي ڪري، مظلوم جي دروازي تي عدل ۽ انصاف کي رسايو وڃي. سعودي عرب ۾ چوري ڪندڙ جي سزا ھٿ ڪٽڻ آھي، ليڪن توھان کي ھڪ بہ اھڙو انسان نہ ملندو، جنھن جو ھٿ ڪٽيل ھجي. اِھو ان ڪري

جو الله جي قانون ۾ سزا کان وڌيڪ سزا جي دهشت انسانن کي اُن موذي مرض کان ڊيڄاري ٿي. جنهن انسان کي اِها پڪ هوندي ته مان جيڪڏهن الف کي قتل ڪندس، ته مون کي به قتل ڪيو ويندو، پوءِ هو ڪڏهن به اهو ڪم نه ڪندو پر جي قتل ڪرڻ کان پوءِ مونکي ڪوبه نه پڪڙيندو ۽ پوليس ڪنهن بئي مسڪين يا فقير کي ڦاسائي سزا ڏياري ڇڏيندي يا وري ڪين رشوت ڏئي يا سُفارش ڪري ڪيس ڪمزور ڪرائي ضمانت تي هليو وڃبو ته پوءِ قتل ڪرڻ جو ڪاروبار وڌنڌڙ واپار وانگي عام جام ٿي ويندو، جيئن اڄڪلهه ڪراچي ۾ هلي رهيو آهي. انصاف جو وقت تي نه ملڻ جو سبب، هڪ پوليس جي نااهلي، ڪمزور تفتيشي عمل رشوت خوري ۽ ٻئي نمبر تي عدل جي ادارن جي ناقص ڪارڪردگي شامل آهي. سعودي عرب ۾ پوليس ۾ نوڪري ڪندڙ ايماندار هجڻ ڪري زڪوات جا مستحق هوندا آهن، جو رمضان شريف دوران اڪثر آسودا ماڻهو پوليس وارن کي ئي زڪوات ڏيندا آهن.

دنيا جي سرمايي داري نظام (Capitalism System)، اهڙو معاشي سرشتو ڏنو آهي، جنهن ڪري معاشري ۾ شين جي پيداوار ۽ انهن جي تقسيم جو دارومدار شخصي طور سيڙايل موڙي ۽ ان جي ڪمايل نفعي يا وياج تي رکيل آهي. جنهن ڪري دولتمندي جي اجاراداري ڪجهه چونڊيل سرمائي دارن وٽ اچي وڃي ٿي، جيڪي ملڪي سياست مٿان بالادستي قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا ۽ پنهنجي پسند جون معاشي پاليسيون نافذ ڪرائي، ملڪ اندر عوام کي ٻن طبقن ۾ ورهائي ڇڏين ٿا. امير وڌيڪ سرمايو گڏ ڪندا ويندا ۽ وچئين طبقي کي غربت واري طبقي ۾ ڌڪيندا ويندا، جو وچئون طبقو ڪجهه عرصي اندر منظر عام تان غائب ٿيو وڃي. منهنجي خيال ۾ اهو منظرنامو غريبن جي اوسر جو مرحلو آهي، جيڪو انقلاب ڏانهن ڪاهي وڃي ٿو، بشرطيڪ قيادت ۾ قابليت هجي جو عوام الناس جي رهبري ڪري ۽ منزل تائين رسائي. وچئين طبقي کي ختم ڪرڻ سان ڪافي فتنا جنم وٺن ٿا، جن ۾ خاص ڪري، مذهبي نقطي نگاهه کان ڏنو وڃي ته سرمائيداري نظام ۾ غريب طبقي وارا پنهنجي پيٽ پالڻ ۽ مشقت جي زندگي گذارڻ ڪري سندن ايمان ڪمزور ٿيو وڃي ۽ مذهب کان پاسيرا ٿيڻ جي صورت ۾ حرام ۽ حلال ۾ فرق وساري، پنهنجو حق سمجهي لٽ مار شروع ڪري ڇڏين ٿا. ساڳئي طرح سرمائيدار پاڻ کي خالق جو مقرب سمجهن ٿا، جو اُنهن کي بي انداز دولت هٿ لڳي وڃي ٿي، تنهنڪري تڪبر ۾ اچي، اُهي به مذهب کان پاسيرا ٿي وڃن ٿا. انسان

جڏهن خوف خدا ڪان پري هوندو آهي، ته سندس اندر موجود حيواني قوتون وڏيڪ اثر انداز ٿي وينديون آهن، جنهن ڪري هو صرف قانون جي سختي ڪري مُهذب ٿي رهي ٿو. پر جيڪڏهن خوف خدا سان گڏ، قانوني بالادستي به قائم هجي، ته اُن معاشري ۾ گناهه ڪرڻ وارا ڳولڻ سان به ڪونه ملندا.حديث آهي ته مُفلسي ڪُفر ڏانهن ڌڪيندي آهي. ان ڪري سعودي عرب ۾ غربت گهٽ هجڻ ۽ قانون جي بالادستي هئڻ ڪري، ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گناهه گهٽ ٿين ٿا.

مغرب جي ملڪن ۾ ماڻهن جو مذهب سان گهٽ لڳاءُ هجڻ ڪري ، موقعي جي مناسبت سان غير قانوني حرڪتن ۽ گناهه ڪرڻ ۾ ڪين گهٻرائين. مثلاً : آمريڪا ۾ 1965، 1977 ۽ 2003ع دوران ٽيندڙ بجلي جي بحران ۾ جڏهن اونداهي ٿي ته هڪ مُهذِب قوم جون سڀ لڪل بُرايون سامهون نروار ٿي پيون، جو هزارين دڪان لُٽيا، سَوين نيون گاڏيون چوري ڪيون ويون، سَوين گهرن ۽ دڪانن کي باهيون، هزارين چوڪرين جي لڄالٽ ڪئي وئي. ايترو جو 1977ع واري اونداهي (Black Out) رات دوران، سينٽ باربئرا چرچ جي پادري جناب گِبريل سئنتا ڪروز کي چورن جڏهن قريو ته بئي آچر تي، هُن پنهنجي خُطبي ۾ چيو ’اسان هاڻي الله کان بغير آهيون‘ (We are without God now). اُها آهي قانون جي بالادستي، بغير خوف خدا جي، هڪ رات جي اونداهي ۾ ايترا وڏا گناهه ٿيا ۽ هزارين چورن کي پڪڙي جيل پريا ويا.

بهرحال جتي انسان آباد آهن، اُتي گناهه جو نه هجڻ هڪ ناممڪن ڳالهه آهي. هڪ جمعي تي مان جڏهن تبوڪ شهر جي پراڻي عيد گاهه واري مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويس، خبر پئي ته هڪ پاڪستاني ذوالفقار نالي کي بعد نماز موت جي سزا ملندي. مسجد ٻاهران پوليس بيٺل هُئي، سو نماز ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ماڻهو مسجد ٻاهران ميدان ۾ وڏو گول دائرو ناهي ويهي رهيا. ٿوري ديرڪانپوءِ، پوليس جون به گاڏيون آيون، جن ۾ هڪ شخص کي هٿ ڪڙيون لڳل هُيون. پوليس کيس وٺي مسجد واري پاسي کان اُن ميدان ۾ ويهاريو، جنهن بعد پوليس آفيسر هن جي ڪيل گناهه بابت تفصيل سان عوام الناس کي ٻڌايو، ته هن ’هيروئن‘ سمگل ڪئي آهي. جنهن ڪري هن کي قاضيءَ جي ڪورٽ موت جي سزا صادر ڪئي آهي. جنهن تي اڄ عمل ٿيڻو آهي. مجرم کي فوٽ پاٿ تي ويهاري، جلاد هڪ تِکي تلوار جهڙي اوزا سان سندس پويان بيهي هڪ وار ڪري سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. اهو واقعو ڏسي مون کي نه ڪاڌو وڻيو ۽ نه وري ننڊ آئي. اهو منظر منهنجي ذهن تي خوف جا نشان ڇڏي ويو.

اهڙو ئي واقعو جدي شهر ۾ هڪ پاڪستاني عورت، جنهن جو نالو راني هو، تنهن پنهنجي مڙس کي رسين سان ٻڌي ڪيس ڪاتي جا وار ڪري ماري ڇڏيو، پر اخبار ۾ لکيل هو تہ هُن پنهنجي مڙس جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا. اِن عورت کي قتل ڪيو ويو، جو سعودي عرب ۾ قتل جي سزا قتل آهي. 1993ع سال دوران ڪيترن ئي پاڪستانين جا سر قلم ڪيا ويا، جن ڄاڻندي يا لاعلمي ۾ عمري تي اچڻ وقت هيروئن پاڻ سان آندي، انهن سزايافتہ مجرمن ۾ جدي ۾ شڪر الله، منصور حسين، سلطان احمد ۽ شمس الدين شامل هئا.

هڪ پاڪستاني مجرم کي بُريدا شهر ۾ قتل ڪيو ويو، جنهن تي الزام هو تہ هن سعودي کي قتل ڪيو هو. هڪ محتاط اندازي موجب هن سال ٽيهارو کن پاڪستاني، جن ۾ اڪثريت کي هيروئن سمگل ڪرڻ واري جرم ۾ موت جي سزا ڏني وئي، تن کي پنهنجي منطقي انجام تائين پهچايو ويو، اِن اُميد سان تہ اِهو ڪاروبار هاڻي بلڪل بند ٿي ويندو.

ڪامياب تجربو ۽ انعام ۾ يورپ جودؤرو

سعودي عرب ۾ ظاهرن شهريت ڏيڻ جو نظام غير موجود آهي پر شينهن جي مرضي آهي تہ آنا ڏئي يا ٻچا، سو اِهو سلسلو هم زبان عربي قومن لاءِ جاري و ساري آهي، ليڪن غير عرب، خاص ڪري پاڪساني ۽ هندستاني ويچارن تہ صدين کان پنهنجا لباس لاهي، ڏاڙهيون عرب اسٽائيل ۾ چا نگرائي، مقامي لباس جُبو، ڳترو ۽ انگال پائي نہ صرف پنهنجي بولي ڀُلائي ڇڏي پر زبان کي وڪوڙي، ٻُڙگهُٽ کي سوڙهو ڪري، عربيءَ تي ابور حاصل ڪيو ۽ ويچارن جتيون گسائي ڇڏيون ۽ پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي صندوق اندر بند رکي گهڻائي حيلا وسيلا هلايا، ليڪن نہ گهر جا رهيا نہ گهاٽ جا، جو ڪين اجان تائين قوميت تہ ڪونہ ملي پر ڪَفيلن پويان پيا ڪافيون ڳائيندا وتن. اِن آسري ۾ ڪيترن ئي خاندانن کي اسان خوار ٿيندي ڏٺو، ڪن پنهنجون نياڻيون ڏيڻ جون آڇون ڪيون ۽ ڪن وري پنهنجي قديم نسلن سان سنگاوندي ڪري، قوميت ملڻ جي اُميد کي زندھ رکيو. حڪومت جون همدرديون پاڙيسري ملڪ، يمن سان گهڻيون هجڻ ڪري، ڪين شهريت گهڻي تعداد ۾ ڏني وڃي ٿي، ٻئي نمبر تي مصري عورتون، شامي عورتون، اُدرني ۽

فلسطيني عورتون آهن، جيڪي غالباً سعودي نوجوانن چوڪرن سان پرڻو ڪري اچن ٿيون، سوڊاني مرد ۽ عورتون بہ اِن ڊوڙ ۾ شامل آهن.

ڪجهہ سال اڳ، قوميت جي پاليسي (Immigration Policy) آمريڪا جي اظهار تي ظاهر ڪيائون، جنهن ۾ ڪجهہ اهڙا شرط وڌا ويا، جو غير عربن لاءِ سعودي قوميت حاصل ڪرڻ جي عمل کي ايترو ڏکيو ڪيو ويو. جيترو ٻبرن کان ٻير گهرڻ.

جنرل شايع KAMC جي آدمشماري وڌڻ ۽ اُن ۾ برگيڊ ۽ ڪجهہ ملٽري يونٽس جي واڌاري جي ڪري بنيادي سهولتن ۾ توسيع (Upgrading & Extension) جي حوالي سان مونکي منصوبي ٺاهڻ لاءِ چيو. مان پوري علائقي جو جائزو وٺي، سرزمين جي پيمائش ڪري پورا انگ اکر گڏ ڪري، هڪ مڪمل رٿابندي ڪري منصوبو تيار ڪري ڪيس منظوري لاءِ پيش ڪيو. جنهن ۾ مڪيہ واٽر ٽريٽمينٽ ڪارخانو البدر برگيڊ ۽ حطين برگيڊ جو واٽرٽريٽمينٽ ڪارخانو شامل هُئا. انهن ٽن پاڻي کي صاف ڪرڻ جي ڪارخانن لاءِ، سامان مهيا ڪرڻ ۽ ٽيم ٺاهي جلدي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ چيو ويو. مان انهن جي توسيع جي ڊزائين ۽ نقشا جلدي تيار ڪري ڪيس ڪمپيوٽر جي پاورپوئنٽ ذريعي پوري معلومات پيش ڪئي ۽ هڪ مهيني اندر ڪم جي شروعات ڪري ڏني. انهن ڪارخانن ۾ عمارتي ڪم کان علاوه، مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل ڪم بہ شامل حال هُيو. اڏاوتي ڪم دوران، مڪينيڪل اوزارن ۽ اليڪٽريڪل اوزارن کي جدي مان گهُرائڻ جي آج ڏني وئي، تہ جيئن اڏاوتي ڪم پورو ٿيندو وڃي ۽ انهن جي تنصيب جو ڪم، بغير وقت وڃائي، شروع ڪيو وڃي.

ٿنهي پاڻي جي صاف ڪرڻ وارن ڪارخانن تي تيزي سان ڪم ڪرائي، ڇهن مهينن جي قليل مدت ۾ ختم ڪرايو ۽ پراڻي نظام سان ملائي تجربو ڪري هلايو ويو، جنهن جو واضح نتيجو ڏسي، جنرل صاحب حطين جي برگيڊيئر جي موجودگي ۾، چيو تہ ’اداري جي هِن انجنيئر جي صلاحيت قابل تعريف آهي، جو معياري ڪم ڪري ڪارخانن جي توسيع ڪئي آهي پر جي هي ڪم آمريڪي ڪمپني کان ڪرائجن ها تہ ڍهوڻ تي پئسا خرچ اچن ها‘.

ڪارخانن جي معياري ڪارڪردگي ۽ جنرل جي تعريف ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مان پنهنجي پوري ٽيم کي اِن خوشي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ هڪ دعوت ڪئي جو هو بہ ان تعريف جي لائق هُئا. چوڪرن کي ڪافي اوور ٽائيم بہ ڏنو، جيئن هنن کي معاشي فائدو ٿئي.

جنرل صاحب جيترو سخت هو، ايترو وري مهربان به هوندو هُيو. هڪ ڏينهن مون سان واڪي ٽاڪي ريڊيو ذريعي آفيس اچڻ لاءِ چيو، مان پهتس ته مونکي پاڻي صاف ڪرڻ وارن ڪارخانن جي توسيع بابت ذڪر ڪيو ۽ چيائين ته تون پلي ڏيڊ مهيني لاءِ يورپ جو چڪر هڻڻ وڃ، جو اِهو تنهنجو انعام آهي. اداري طرفان جنهن تي مان ڪيس پوري ڪٽنب سميت وڃڻ جو اظهار ڪيو، جيڪو هُن قبول ڪيو ۽ فون ڪٽي ملازمن واري ڪاتي جي آفيسر کي چيائين ته انجنيئر نياز کي يورپ جي ٽوئر لاءِ فئملي سميت اوٽ موٽ هوائي ٽڪيٽ ۽ ڏيڊ مهيني جي موڪل مع پگهار، منظوري لاءِ ضروري ڪاغذ منهنجي آفيس موڪلي ڏي. مان اداري جي ملازمن واري ڪاتي جي آفيسر، سان ملي سڄو پروگرام ٺاهيو، جنهن ۾ هوائي ٽڪيٽ تبوڪ، جده، لنڊن، پئرس ۽ واپسي جده، تبوڪ طئي ڪئي، جنهن لاءِ ڪاغذ ٺاهي منظوري لاءِ موڪليا.

گورن جي ديس ۾

مان انگلينڊ ۽ فرانس جي ويزا وٺڻ جي تياري ۾ لڳي ويس، جيڪا مونکي رياض وڃي وٺڻي پئي. ڊاڪٽر شبير ميمڻ رياض ايئرپورٽ تي وٺڻ آيو، جنهن ڪانپوءِ ٻن ڏينهن اندر ويزا ملي وئي. تبوڪ پهچي برطانيه وڃڻ لاءِ تياري ڪئي. سعودي ايئر لائين جون ٽڪيٽون وٺي جون 93 دوران، جدي مان ڇئن ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ، لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي پهتاسين. لنڊن جو هيٿرو ايئرپورٽ، دنيا جي مصروف ترين ايئرپورٽن مان هڪ آهي. جو اسان جو لائونج ۾ پهچڻ تائين، ٻيون ڏهه فلائيٽون لهي چڪيون هيون. ايئرپورٽ لائونج تي مسافرن جي ڏاڍي رش هئي، جو اسان کي اميگريشن واري ڊيسڪ تائين پهچڻ ۾ ڪافي وقت لڳو. ڪيترائي ڪائونٽر اميگريشن وارن جا کليل هُئا ۽ هر هڪ جي سامهون ڊگهيون قطارون لڳل هُيون. پاسپورٽ تي اميگريشن وارن داخلا جو ٺپو هنيون، اسان بجلي تي هلندڙ ڏاڪڻين (Escalators) ذريعي هيٺ لهي، سامان پهچڻ واري جاءِ (Luggage Carrier) وٽ انتظار ڪيو. ٿوري دير ۾ سامان آيو. ڪٽي اسان بغير ڪسٽم واري سائي در (Green Channel) ذريعي ٻاهر نڪرڻ لاءِ اڳتي وڌياسين، ته اُتي هڪ ڪسٽم واري چوڪري بيٺي هُئي، جنهن کي مان چيو ته مون وٽ ويڊيو ڪئميرا آهي، ان کي چا پڌرو ڪرڻ ضرورت آهي؟ جنهن تي هُن مهذب رواج موجب مُسڪرائي چيو ته ضرورت نه آهي، اسان ڪيس

شڪريو ادا ڪرڻ ڪانپوءِ اڳتي وڌياسين. هيٿرو ايئرپورٽ، لنڊن جي مرڪز کان 22 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي، اولهه طرف واقع آهي. مسافرن جي اچ وڃ جي حوالي سان هي ايئرپورٽ دنيا ۾ ٽئين نمبر تي آهي. ايئرپورٽ پرسان پوري ملڪ کي ڳنڍيندڙ، ايم-25 موٽروي لنگهي ٿو ۽ ايئرپورٽ لنڊن سان زير زمين ريلوي، جنهن کي لنڊن ميٽرو (London Metro) چون ٿا، سان پڻ ڳنڍيل آهي. هن ايئرپورٽ تي جهازن جي آمدرفت جي حوالي سان، 55 جهاز في ڪلاڪ ۾ لهن چڙهن ٿا، تقريباً هر منٽ ۾ توهان کي جهاز لهندي يا چڙهندي نظر ايندو. بلڪ اگر توهان هائيڊ پارڪ ۾ ويٺا آهيو ته توهان کي آسمان ۾، مسلسل جهازن اڏامندي نظر ايندا. گهٽي ٽريفڪ هجڻ ڪري، جهازن کي ايئرپورٽ کان ٽي ڪلو ميٽر پري آهستي پهچڻ، (جنهن کي ترسڻ يا جهلڻ " Hold " چئبو آهي) لاءِ حڪم ڪيو ويندو آهي، ان ڪري جو ڇهن رنويز جي مصروفيات کي وقت اندر، ٻئي جهاز جي لهڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي. سال 2007ع ۾ ست ڪروڙ مسافرن هن ايئرپورٽ کي استعمال ڪيو هر جهاز جي ليڊنگ تي، 10 پائونڊ في مسافر جي حساب سان وصول ڪيا وڃن ٿا. توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا، ته ڪيتري ڪمائي آهي، هن ڌنڌي ۾. هن ايئرپورٽ تي ٻه خاص رنوي ۽ پنج ٽرمينل آهن، جيڪي مختلف هوائي ڪمپنين لاءِ مختص ڪيل آهن. سعودي ايئر لائين کي چوٿين ٽرمينل تي جاءِ مليل آهي، جيڪا مختلف وقتن ۾ تبديل ٿيندي رهندي آهي ۽ اهڙي طرح PIA کي ٽئين ٽرمينل تي جهاز جي پارڪنگ مليل آهي.

برطانيا جي ايراضي ڇهه لک سٺ هزار مربع ڪلوميٽر آهي، هي ملڪ يورپ جي اتر اولهه واري پاسي تي واقع آهي. 2013 مطابق، هن ملڪ جي آبادي ڇهه ڪروڙ ايڪيتاليهه لک نفوس تي مشتمل هئي. برٽن چئن ننڍن پرڳڻن جو مجموعو، 1922ع ۾ وجود ۾ آيو، جن ۾ انگلينڊ، اسڪاٽلينڊ (Scot Land)، ويلز (Wales) ۽ اتر آئرليند (North Ireland) شامل آهن، سلسليوار انهن پرڳڻن جي گادي جا هنڌ، لنڊن، ايڊنبرا (Edinburgh)، ڪارڊف (Cardiff) ۽ بيلفاسٽ (Belfast) آهن. دنيا جي مختلف ڪنڊن ۾ برٽن جي قبضي هيٺ چوڏهن ڪن ٻيٽ علائقا، جهڙوڪ فاڪلينڊ ٻيٽ، جبرالٽر برمودا ٻيٽ (Burmuda Island) ۽ هندي سمنڊ اندر ڪجهه ٻيٽ شامل آهن. سينٽ هيلينا ٻيٽ (St. Helena Island) به برٽن جي قبضي ۾ آهي، جتي فرانس جي نيپولين بونا پارٽ کي ڇهه سال قيد ڪري رکيو ويو، جتي 1821ع ۾ فوت ٿيو.

انگريزن جي سلطنت (British Empire)، دنيا جي سڄي ايراضي جي چوٿين حصي تي، اڻويهين صدي جي آخر کان ويهين صدي جي شروعاتي دور جي هڪ سَوَ سال کان وڌيڪ عرصو قابض ٿي حڪمراني هلائي، جنهن ڪري سندس تعليمي ۽ ثقافتي اثر آزادي وٺڻ کانپوءِ به انهن ملڪن ۾ اڄان تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

برٽن جي موسم ٿڌي آهي، درجہ حرات 11 کان 35 سينٽي گريٽ جي وچ ۾ رهي ٿي ۽ مينهوڳي، وقفي سان ٿيندي رهندي آهي. ڇهه فيبروري، 1952ع کان هن ملڪ جي راڻي ايلز بيٿ (ٻئي) آهي، جيڪا اڄان تائين پئي هلي ۽ پنهنجي وڏي پٽ شهزادي چارليس کي شايد ئي ڪو وارو ڏئي. حڪومت پارلياماني سان گڏ بادشاهي (Parliamentary Constitutional Monarchy) نظام رائج آهي، جنهن ۾ قانون سازي لاءِ مٿيون طبقو، هائوس آف لارڊس (House of Lords) ۽ هائوس آف ڪامنس (House of Commons) هيٺيون طبقو آهي. هن ملڪ ۾ 2011ع جي نسلي اعتبار (Ethnicity) سان پوري آدمشماري جو 87 سيڪڙو اڇا انگريز، 7 سيڪڙو ايشين، چار سيڪڙو ڪارا ۽ باقي ٻيون گڏيل قوميتون شامل آهن. مذهبي لحاظ کان، 2001ع ۾ ڪرايل آدمشماري مطابق، 72 سيڪڙو عيسائي مذهب جا ماڻهو آهن، جنهن کانپوءِ ٻئي نمبر تي اسلام مذهب آهي، جيڪو ٽي سيڪڙو جي آبادي تي شامل آهي ۽ ان کانپوءِ هڪ سيڪڙو هندو مذهب ۽ بقايا سيڪڙو سِک، ٻڌ ڌرم ۽ يهودي شامل آهن.

مغربي ملڪن ۾، برٽن صنعتي (Industrial Nation) لحاظ کان گهڻو اُسريل ملڪ آهي، جنهن ۾ وڏو ڪاروبار ڪار سازي (Automotive Industry)، هوائي جهازسازي(Aerospace Industry) ۽ دوا سازي (Pharmaceutical Industry) جو اعليٰ پيماني تي هلي رهيو آهي. برٽن ۾ آبادي جي لحاظ کان لنڊن وڏو شهر آهي، جنهن کانپوءِ نمبر وار مانچيسٽر، برمنگهم، گلاسگو، لِورپُول، نيوڪيسل، شيفيلڊ، برسٽل، بيلفاسٽ، ايڊنبرا، ۽ ڪارڊف وغيره شهر شامل آهن.

اسان ايئرپورٽ جي ٻاهرين لائونج ۾ پهچي، شهر ۾ هوٽل بڪ ڪرائڻ لاءِ هڪ بوڪنگ ڪائونٽر تي مختلف هوٽلن بابت معلومات ورتي. شهر جي مرڪز کان ٻاهر وارا هوٽل نسبتن سستا هُئا پر اسان سوچيو ته شهر جي مرڪزي علائقي (Central London) ۾ رهڻ سان، گهمڻ ڦرڻ ۾ آساني ٿيندي، تنهن ڪري لنڊن جي هائيڊ پارڪ پرسان هڪ هوٽل ’بئري هائوس‘ (Barry House)، جن کي عام طور، بريڊ اينڊ بريڪفاسٽ (Bread &

(Break Fast) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، 60 پائونڊ ڪمرو هر روز جي حساب سان، بوڪ ڪرايو. شهر وڃڻ لاءِ ڪائونٽر وارن اسان کي لنڊن شهر جو نقشو ڏنو. مشورو ڏنو ته زير زمين ريل، يعنيٰ لنڊن انڊر گرائونڊ ذريعي لنڊن شهر جي مرڪز ۾ وڏي ريلوي اسٽيشن، پيڊنگٽن (Paddington) ۾ لهي، اُتان پيدل هوٽل تي پهچڻ ۾ آساني ٿيندي. اسان وٽ هڪ بريف ڪيس ۽ هينڊ بئگ ۾ ڪجهه پيو سامان هو. لنڊن وڃڻ کان اڳ مان ڊاڪٽر سليم مهر صاحب، جيڪو ملٽري هاسپيٽل ۾ اڪين جو ڊاڪٽر ۽ برٽن نيشنل هو، تنهن کان لنڊن بابت اڳ ۾ ڪجهه معلومات ورتي هُئي. هُن اِهو ٻڌايو ته پئسا ۽ پاسپورٽ جي حفاظت لاءِ توهان پنهنجي لباس ۾ اهڙا کيسا ٺهرايو، جن مان ڪا شيءِ آسانيءَ سان نڪري نه سگهي ۽ پئسا ڪڍهن به سوٽ جي پوين يا پاسي واري کيسن ۾ نه رکڻ گهرجن. سامان جو سفر ڪرڻ وقت خيال هجي، خاص ڪري بريف ڪيس جو، هر ماڻهو پنهنجون قيمتي شيون اُن ۾ ئي رکندو آهي. اسان سامان کڻي ميٽرو جي ٽڪيٽ وٺي ٽرين ۾ چڙهياسين، تمام گهڻي رش هجڻ ڪري، ٽرين ۾ مشڪل سان ويهڻ جي جاءِ ملي ۽ سامان کي سنڀالڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو، جو ٽرين اڌ منٽ بيهڻ ڪانپوءِ هلڻ لڳي ۽ رش هجڻ ڪري سامان هڪ جاءِ تي گڏ ڪري رکڻ مشڪل هو. ٽرين جي اندر گاڏي ۾، ٽرين جي پوري ڄار (Track Network) جو نقشو لڳل هجڻ ڪري سفر ۾ آساني هُئي، جو ڪنهن کان به پڇڻ جي گنجائش نه پئي ٿي. اسان پيڊنگٽن اسٽيشن تي لهي، هلندڙ ڏاڪڻ (Escalator) تي چڙهي، پريد اسٽريٽ (Praed Street) تي پهتاسين.

پرديسي چورن جي ايمانداري

پريڊ اسٽريٽ وٽي لنڊن اسٽريٽ تي واقع نِڪي هوٽل (Niki Hotel) جي سامهون سامان رکي، بيگم کي اُتي ويهاري، پرسان واري هوٽل مان، بئري هائوس هوٽل بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ نڪري ويس، جڏهن واپس آيس ته سامان مان بريف ڪيس غائب هئي. معلوم ڪرڻ تي شڪ پيو ته شايد ريل ۾ ئي رهجي وئي هجي. اسان لنڊن اسٽريٽ وٺي، سُوسيڪس گارڊن (Sussex Gardens) وارو روڊ ڪراس ڪري، بئري هائوس هوٽل ۾ داخل ٿياسين. هي هوٽل هڪ سِکُ (Sikh) ۽ سندس زال هلائيندا هُئا. سِک ڏاڍو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ موجوده ڪمرن ۾ سنو ڪمرو ڏنو، جنهن ۾ وڃي، اسان آرام ڪيو. هي هوٽل پيڊنگٽن ۽ هائيڊپارڪ جي وچواري حصي ۾ آهي ۽ هي سوسيڪس روڊ، جيڪو به سَوَ ميٽرن جي فاصلي کان

گهٽ، اچي هائيڊ پارڪ جي ٻاهرين حد (Perimeter) واري بيزواٽر روڊ (Bayswater Road) سان ملي ٿو. جتان هائيڊ پارڪ اندر داخل ٿي سگهجي ٿو.

هوٽل ۾ بريف ڪيس گم ٿيڻ بابت، بيگم ٻڌايو ته ٻنهي هوٽل سامهون ٻه سوٽ ڪيس منهنجي بلڪل نظر سامهون هُئا، ليڪن بريف ڪيس ٿورو پاسي تي هجڻ ڪري شايد ڪو هٿ هٽي ويو هجي. هُن وڌيڪ ٻڌايو ته مصري عرب جهڙو هڪ ماڻهو آيو، جنهن هڪ پني تي ڪجهه لکيل اکرن بابت، ڪنهن هوٽل جي ائڊريس مون کان پُڇي، ٿي سگهي ٿو ته اُن نڱ سان ڪو ٻيو همراهه گڏ هو، جنهن بريف ڪيس کڻي تڪڙ ۾ رستو وٺي هليو ويو هجي. مونکي اِها ڳالهه دل سان لڳي جو لندن ۾ زوري نه ڪئي ويندي آهي، ليڪن پرامن طريقي سان سياحن کي ٺڳيو ويندو آهي ۽ اِهو ڪم ڪرڻ وارا، گهڻو ڪري ڪارا يا ڪڻڪ رنگا اسان واري نسل مان هوندا آهن.

اسان بئري هائوس هوٽل واري سِڪ سان صلاح مشورو ڪيو، جنهن دلداري ڏيندي چيو ته توهان ميٽرو پوليس کي ضرور اطلاع ڏيو، جو هو توهان وٽ هلي ايندا ۽ معلومات وٺي ڪيس داخل ڪندا ۽ ڳولا ڪانپوءِ توهان کي وڃايل شيون هٿ ڪرائي ڏيندا، جو انهن جي ذميواري ۾ شامل آهي. هي لندن آهي، ڪراچي يا بمبئي ڪونه آهي، گهٻرائڻ جي ڪا ضرورت نه آهي، هتي توهان کي ضرور انصاف ملندو. مان ڪائنس پوليس جو فون نمبر وٺي، هوٽل مان سندس بوٿ تان فون ڪئي، شروع ۾ ته ٻه ٽي پائونڊن جا سِڪا سڌا سنوان وڃي ڪريا، پوءِ پيلي اڳيان فون مشغول يا خراب چو نه هجي، سِڪ وارو بوٿ پئسا موٽائڻ کان بلڪل انڪاري هيو. بهرحال لڳاتار ڪوشش ڪانپوءِ، نمبر مليو، پوليس کي حال احوال ٻڌايم. اُنهن منهنجي هوٽل ۾ پندرهن منٽن اندر اچڻ جو چيو. ٿورو وقت گذرڻ ڪانپوءِ هو آيا ۽ پوري معلومات درج ڪري، ٽن ڏينهن ڪانپوءِ معلوم ڪرڻ لاءِ چيو. ٿاڻو هوٽل جي پرسان واري ايج ويئر (Edge Ware Road) سان لڳ هو. جڏهن مان ٿاڻي تي ويس، ته حيرت ٿي، جو اُتي هڪ ٻه فريادي نظر ڪونه آيو ۽ ٿاڻو ويران نظر آيو. ٿاڻي اندر هڪ عورت پوليس لباس ۾ ۽ ٻه ٻيا پوليس آفيسر پنهنجن ڪمپيوٽرن تي مشغول ڏسڻ ۾ آيا. مان ان وَهم ۾ هُئس ته ٿاڻي تي پاڪستاني ٿاڻن وانگر وڏي گهما گهمي هوندي ۽ هزارين فريادي پنهنجون دانهون، ڪوڪون ۽ فريادون پيا بيان ڪندا هوندا ۽ ڪجهه فريادين سان چوڌري ۽ وڏيرا به گڏ سُفارشي ٿي آيا هوندا. ٿاڻي جي احاطي ۾ سَوين مسڪين ۽ مظلوم چوڌرين، وڏيرن ۽

ڏاڙيلن طرفان مٿن ٿيل ظلمن جو داستان ٻيا ٻڌائيندا هوندا. انگريزن جا ڏيڍ سَوَ سالن وارا پراڻا پوليس جا قانون اسان وٽ اڃان تائين هلن پيا، جو اسان جي نمائندن کي تبديل ڪرڻ لاءِ وقت ڪونہ ٿو ملي. ليڪن نمائندا پنهنجون پگهارون ۽ الائونس وڌائڻ لاءِ پيا گڏجاڻيون ڪندا آهن ۽ بغير بحث جي پيا بِل پاس ڪندا رهندا آهن. انگريزن پنهنجن لاءِ سٺا قانون ٺاهي، اَمن ۽ انصاف کي عوام الناس جي درن تائين پهچايو آهي، ليڪن اسان وٽ سندن ڇڏيل فرسودو نظام اڃان تائين پيو هلي. بهرحال پوليس مشورو ڏنو تہ شهر اندر وڃايل شين جي ليڻ (Lost and Found) جا دڪان آهن، توهان انهن دڪانن تي وڃي معلومات بہ ڪندا رهو ۽ جڏهن بہ اهڙي ڪا شئي اسان کي هٿ آئي تہ توهان سان فون تي رابطو ڪيو ويندو. هتي ايتري ايمانداري آهي، جو ڪا وڃايل شيءِ ملڻ سان انهن دوڪانن جي حوالي ڪريو ڇڏين، تہ جيئن اُهي شيون مالڪن تائين پهچايون وڃن. هڪ مهيني ڪانپوءِ جڏهن پئرس مان واپس ٿيم، تہ مان ٽاٽي وڃي ڪين سعودي عرب جي ائڊريس ڏني. مون کي پڪ هُئي تہ اِها بريف ڪيس مون کي ضرور واپس ملندي، جو ان ۾ هڪ ننڍڙو قرآن شريف پيل هو. تبوڪ ۾ پهچڻ ڪانپوءِ، لنڊن جي ميٽرو پوليس جو خط مليو، جنهن ۾ هُنن بريف ڪيس پوسٽ ذريعي تبوڪ موڪلڻ لاءِ ويهہ پائونڊ گُهريا، جيڪي مان اُن ليٽر جي تصديق ڪانپوءِ موڪلي ڏنا، ڇو جو مونکي خيال آيو تہ مٿان اِهي ويهہ پائونڊ بہ انهن نڱن جي ور نہ چڙهي وڃن. بهرحال هڪ مهيني اندر، اهو بريف ڪيس مونکي لنڊن ميٽرو پوليس وارن پوسٽ ذريعي موڪلي ڏنو. اُن بريف ڪيس ۾ قرآن ۽ ٻيون شيون موجود هُيون، ليڪن،ڪئميرا، عينڪ، شيوَرُ ۽ ڪجهہ پاڪستاني ناٽي جا نوٽ نڪتل هُئا. لنڊن جي چورن جا بہ ڪي اصول آهن، جو پنهنجي ضرورت جون شيون ڪڍي، باقي مالڪن کي موڪلي واپس ڪيائون.

ٿيمس نديءَ جا نظارا

اسان پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ٻهريون ڏينهن ڊي ٽوئر سان گروپ ۾ شامل ٿي، سيرو سفر ڪري، سڄي شهر ڪان واقفيت حاصل ڪجي. ڊي ٽوئر وارن اسان کي ڊبل ڊيڪر بس ۾ ويهاري، سڄي شهر جي مکيہ روڊن تان گذرندي، مختلف پارڪ، مشهور چوڪ، آثار قديم جون عمارتون، يونيورسٽيون، ٽاور آف لنڊن، ٽاور برج، ٿيمس ندي (Thames River)، جيڪا

لنڊن جي وچ مان نڪري شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي، تنهن جو ديدار ڪرايو. اسان جي سُونهين مائيڪ ذريعي هر گهٽي، بازار، عمارت، ندي،نالن جي تاريخي، ثقافتي ۽ علمي لحاظ کان واقفيت ڪرائيندو هليو. سندس ڳالهائڻ جو فن ۽ علمي ڄاڻ سان گڏ، هُو ڏاڍو خوش مزاج به هو، جو جڏهن بڪگهام محل (Buckingham Palace) جي پرسان لنگهيو، ته مذاق ۾ راڻي الزبيت (II) جي ڊگهي عمر بابت، ڪجهه اهڙا الفاظ ڪديا جو بظاهر دُعا پئي لڳا، پر اندر ۾ بدعا جي برابر هُئا، جن مان پرنس چارليس کي ڊگهي عرصي کان انتظار ۾ رکيو آهي. جن سياحن کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي، تن کان هلڪڙو ٽهڪ نڪتو، باقي جي نه سمجهيا، سي رڊ اڳيان رباب وانگر خاموش هئا. هن چيو ته راڻي شايد ئي شهزادي چارليس کي ڪو وارو ڏيندي.

لنڊن شهر مان ٿيمس ندي نانگ وارا وڪڙ ڪائي وڃي، يورپ جي مکيه زمين (Mainland Europe) کي الڳ ڪندڙ انگلش چينل ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هي ندي ناري واهه کان ٿوري وڏي آهي ۽ قدرتي نهڻ ڪري نانگ وارا وڪڙ گهڻا اٿس. هن ندي جو لاهه، ناري واهه وانگر گهٽو هجڻ ڪري، پاڻي جي وهڪري ۾ ڪافي تيزي نظر اچي ٿي. جاگرافي جي لحاظ کان برطانيا جا ٽي پرڳڻا، انگلينڊ، ويلز ۽ اسڪاٽلينڊ هڪ علحيده ٻيٽ جي صورت ۾ آهن ۽ آئرلينڊ جو ٻيٽ، جنهن جو اتريون چوٿائي حصو برٽن جي انتظام هيٺ آهي.

لنڊن شهر جي ٿيمس ندي جي مٿان، 35 پليون نهيل آهن، جن جي وسيلي شهر جو مواصلاتي نظام سڄي ملڪ سان ڳنڍيل آهي. انهن پلين ۾، هن دنيا جو هڪ وڏو شاهڪار، ٽاور پل (Tower Bridge) آهي، جيڪا راڻي وڪٽوريا (1837-1901ع) جي دور حڪمراني، 1894ع ۾ نهي راس ٿي، جنهن کي هن وقت 120 سالن کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي. هيل تائين اِها پل هر سياح جي دلچسپيءَ جو مرڪز بڻيل آهي.

ٿيمس ندي جي مٿان نهيل پلين کان علاوه، شهري علائقي جي حدن اندر، گاڏين جي گذر، پيدل آمدرفت ۽ بجلي، فون، گئس ۽ پاڻي جي بنيادي سهولتن جي گذر گاهه لاءِ، ندي هيٺان زير زمين هٽرادو ڪوٽيل ٻاويهه سُرنگهون آهن، جن ۾ ڇوڏهن سرنگهون ريل گاڏي، ٽي سرنگهون گاڏين ۽ ڪارن لاءِ، ٻه پيدل سواري ۽ ٽي بنيادي خدمات (جهڙوڪ بجلي فون وغيره) جي لاءِ استعمال هيٺ آهن. پيدل سرنگهن ۾ پهريون دفعو لنگهڻ سان، توهان کي ضرور ڊِڄُ ٿيندو، پر سرنگهه اندر اهڙي ته وٽنڊڙ

ٿڌي ھوا لڳندي آھي جو سُرنگھہ اندر ڪجھ وقت گذارڻ لاءِ من ماندو رھندو آھي. پر خوف وچان جلدي، ٻاھر نڪرڻ بہ ضروري آھي. اتان جا رھاڪو پيدل ھلڻ جا ڏاڍا شوقين آھن، سو تڪڙيون وکون ھڻندا ويندا آھن، جڻ ڪو ڪين پويان پستول سان مارڻ پيو اچي. ندي ھيٺان زير زمين سرنگھون ٺاھڻ، برٽن ۾ صدين کان وٺي پراڻو رواج آھي، جنھن ڪري اڪثر سرنگھون سَوَ سالن کان وڌيڪ پراڻيون آھن، جن ۾ ٿيمس ھيٺان سرنگھہ، ريل گاڏي لاءِ 1843ع ۾ تيار ڪئي وئي ۽ دنيا جي ھيءَ پھرين زير آب و زمين سرنگھہ آھي، جنھن کي ڪجھہ سال اڳ، ھڪ حصي کي پيدل ھلندڙن (Pedesterian Tunned) جي سرنگھہ ۾ تبديل ڪيو ويو آھي.

ندي مٿان پلين اڏڻ جي مقابلي ۾، سرنگھن کي ترجيح، ان لاءِ ڏني وئي تہ جيئن لنڊن شھر جي بندرگاھہ تي وڏا جھاز آساني سان پھچي سگھن. انگريزن جي اڏاوتي ڪم جي اعليٰ معيار جي تعريف ڪرڻ ضروري آھي، جو جيڪڏھن اسان پنھنجي ديس جي اڏاوتي معيار کي ڏسون ٿا تہ شرم اچڻ لڳي ٿو. واھن مٿان پلين جو حال ڏسو، حيدرآباد ٻاءِ پاس تي، ٽن واھن، ڦليلي، اڪرم واھہ ۽ لائين چئنل مٿان پلين کي ٽريفڪ کولڻ جي ڪجھہ سالن کان بعد، پل جي ڇت جو لوھہ گاڏين جي گذرڻ سان مٿيون ڪنڪريٽ جي ٽٽڻ ڪري، ظاھر ٿي پيو. اھڙيون ڪيتريون ئي پليون ۽ اسڪولن جون ڇتون، جن ۾ غير معياري ڪم جي ڪري، اضافي طاقت ڏيندڙ لوھہ ظاھر ٿي پوي ٿو، جنھن جو مکيہ سبب رشوت خوري جي ڪثرت ۽ عدم احتسابي عمل آھي.

ھائيڊ پارڪ

پي.ٽي.وي جي ھڪ ڊرامي ’ڇوٽي سي دنيا‘ ۾ يوسف علي ۽ سڪينہ سمون سان گڏ نور محمد لاشاري ۽ صلاح الدين تنيو، ڏاڍو سھڻو ڪردار ادا ڪيو، جنھن ۾ يوسف جي ’ھاءِ، ماءِ سويٽ لنڊن‘ جا جملا اڄان تائين ڪنن ۾ گونجندا رھن ٿا. لنڊن ۾ ھڪ پيرو ويندڙ، نہ صرف اتي گُم ٿيندو پر مالڪن کي بہ گھڻو ڪري وساري ڇڏيندو.

لنڊن شھر کي جيڪڏھن، قدرتي نظارن سان مالا مال ھجڻ ڪري ۽ شھرين جي وندر ۽ تفريح جي حوالي سان، ’باغيچن جو شھر‘، چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. لنڊن شھر ۾ ننڍا وڏا سوين باغيچا آھن، جن ۾ وڌيڪ مشھور ھائيڊ پارڪ (Hyde Park)، ايراضي 346 ايڪڙ، ريجنٽ پارڪ (Regent's Park)، ايراضي 487 ايڪڙ، رچمنڊ پارڪ، ايراضي 2360 ايڪڙ، ڪِينسِنگٽن گارڊن

(Kensington Gardens)، ايراضي 274 ايڪڙ، بُشي پارڪ (Bushy Park)، ايراضي 1112 ايڪڙ، گرينوچ پارڪ (Green Wich Park)، ايراضي 180 ايڪڙ ۽ گرين پارڪ (Green Park)، ايراضِي 40 ايڪڙ ۽ سينٽ جيمس پارڪ (St. James Park)، ايراضي 84 ايڪڙ آهي.

متين انن تفريحي باغيچن کي، رائل پارڪس آف لنڊن (Royal Parks of London) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، جيڪي بنيادي طرح، هي پُراڻا شاهي چراگاهه ۽ شڪار گاهه ٿي رهيا آهن، جن کي عوام لاءِ شاهي تُحفو سمجهيو وڃي ٿو. اِنهن انن تفريح گاهن جي ڪُل ايراضي 4882 ايڪڙ آهي، جنهن کان علاوه سَوين ٻيا ننڍا پارڪ، شهر جي مختلف علائقن ۾ موجود آهن. لنڊن جي ڪنهن بہ پارڪ ۾ وڃو، توهان کي اُهو اڳئين کان وڌيڪ، سرسبز ۽ خوبصورت ملندو ۽ توهان کي باغ اندر موجود مختلف سهولتون، جهڙوڪ، دل وندرائڻ لاءِ ڍنڍون، جن اندر ٻيڙي جي سير، جون سهولتون، نمائشي ميلا، آرٽ گئلري، مشهور شخصيتن جا مُجسما (Sculptures) ۽ هزارين جيوت ڏسڻ لاءِ هڪ پورو ڏينهن گهربل هجي ٿو. جانورن سان ڪيڏڻ ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ (Interaction) سان انسان ۽ جانورن جي لاڳاپن جو مشاهدو ٿئي ٿو. ڪيترو نہ پلو ٿئي ها، جيڪڏهن ميرن جي چراگاهن ۽ شڪار گاهن کي عوامي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو وڃي، جيئن انگريز بادشاهن عوام لاءِ چراگاهن کي باغن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو، جنهن کي اجان تائين ياد ڪيو ٿو وڃي.

لنڊن شهر اندر قبرستان ايترا تہ سجايل ۽ سرسبز آهن، جو ڏسي دل بهار ٿيو وڃي. اسان پنهنجن وڏن جي قبرنَ تي قبرستانن جي پوئائي حالت ڏسي، اندر داخل ٿيڻ لاءِ دل گهبرائجي ويندي آهي، جو واقعي حالت بُڇڙي هجڻ ڪري، اُتي جنات گهر ڪري ويهي ٿي. حالانڪ حڪم آهي تہ قبرستان وڃو اتان اڳئين دنيا جو سبق حاصل ڪريو.

هائيڊ پارڪ سان ڪِنسنگٽن پارڪ گڏيل هجڻ ڪري، عام ماڻهو ٻنهي کي ملائي هائيڊ پارڪ سڏين ٿا، جن کي ملائي ڪُل ايراضي 625 ايڪڙ ٿي وڃي ٿي، جيڪو لنڊن جي مرڪزي حصي ۾ واقع آهي. هن باغ جي اندر گرائونڊ ريل جي هائيڊ پارڪ ڪارنر واري اسٽيشن جي پاسي کان گرين پارڪ آهي، جيڪو عوام لاءِ صبح جو 5 بجي کان رات جو ٻارهين بجي تائين کليل رکيو ويندو آهي، جنهن کانپوءِ هن جا مختلف طرفن وارا دروازا بند ڪيا ويندا آهن. هن باغ ۾ بہ پاڻيءَ جون ڍنڍون آهن، جن مان

هڪڙي کي Serpentine ۽ ٻئي کي Long Water چيو وڃي ٿو، سرپينٽائين جو نالو ان ڪري رکيو ويو آهي جو اِن ڍنڍ جي شڪل نانگ سان ملي ٿي.

ڪِنسنگٽن محل جو مکيہ داخلا وارو دروازو بہ ڪنسنگٽن گارڊن مان گذري ٿو. هن باغ جي ٻاهرين حدن تي لوهي سيخن مان خوبصورتي سان ٺهيل ديوار آهي، جنهن کي هر طرف کان ننڍا وڏا دروازا لڳل آهن، جيئن ماڻهو آساني سان باغ اندر چؤ طرفن کان داخل ٿي سگهن. اُنهن دروازن ۾ مکيہ دروازو، راڻي الزبيت جي نالي سان منصوب ٿيل آهي. هن باغ جي اتر اولهہ ڪنڊ تي هڪ اسپيڪرس ڪارنر آهي، جتي ڪير بہ وڃي آزادي سان تقرير، تبصرو يا احتجاج ڪري سگهي ٿو. اهو مشهور آهي، تہ هن جاءِ تي تقرير ڪندڙ کي گرفتار نہ ٿو ڪري سگهجي. اِها جاءِ ماربل آرچ (Marble Gate) آهي، جيڪا وڪٽوريا دراوزي جي وچواري علائقي تائين ڦهليل آهي ۽ اهڙي قسم جون آزادي ڏيڻ وارا علائقا، برٽن جي ٻين شهرن ۾ بہ واقع آهن. هن باغ ۾ ليڊي ڊيانا ۽ لنڊن جي تباهي بابت واقعن جي ياد ۾ يادگار ٺاهيا ويا آهن، جن ۾ سنگ مرمر جي پٿر مان بيضي جي شڪل (Egg Shape) جهڙو مجسمي سان گڏ هڪ عظيم پاڻي جو ڦوهارو اڏيو ويو آهي. باغ اندر اهڙي قسم جا برٽن جي تاريخ جي حوالي سان ڪيترائي يادگار، توهان کي مختلف جاين تي نظر ايندا. انگريزن پنهنجي تاريخ، تمدن ۽ ثقافت کي سُهڻي نموني سان قيد ڪيو آهي، جو سندن ايندڙ نسل ڪين هميشہ لاءِ ياد پيو ڪندو رهندو.

هن باغ اندر شاندار، دلفريب ۽ رنگارنگ ڦلن سان گارڊن (Rose Garden) جو اضافو ڪيو ويو آهي، جتان واپسي تيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هِن باغ ۾ مختلف موقعن تي، جڳ مشهور ناچو ۽ ڳائڻا عوام کي خوش رکڻ لاءِ پنهنجا پروگرام پيش ڪندا رهندا آهن.

باغ اندر هزارين قسم جا رنگ برنگ وڻ، ٻوٽا ۽ گل آهن، جتي دنيا جا هر قسم جا پکي ۽ پوپٽ توهان کي نظر ايندا. ڪيترائي ننڍا جانور، نوريئڙا، ريڪون (Racoon) وغيره توهان کي خوش آمديد چوندا ۽ اُميد رکندا تہ توهان ڪين ڪجهہ ڪاڌو وغيره اڇلائي ڏيندا.

لنڊن دنيا جو واحد شهر آهي، جتي توهان کي هر قسم جي جنس، رنگ ۽ قد ڪاٺ جا ماڻهو ملندا. باغ اندر توهان کي وڏا توڙي ننڍا ٻار ڪيڏندي نظر ايندا ۽ ڪوئي آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو. باغ اندر هر قسم جي سهولت آهي، پيدل هلڻ وارن لاءِ رستا، اسڪيٽنگ ڪرڻ وارن ۽ سائيڪل هلائيندڙن لاءِ جدا جدا ٽريڪ ٺهيل آهن. ڪير بہ ڪنهن ٻئي جي ڪم ۾

ٽنگ نتو اڙائي، هر ڪو پنهنجي ڌُن ۾ مگن آهي. توهان کي ڪافي شاگرد، پنهنجي ڪتابن ۾ مُنهن وجهو، وٽن هينان چپڙ تي ويهي مشغول نظر ايندا. سَوَين جوڙا هٿ هٿ ۾ ڏئي، پنهنجي عشق جا داستان پيا پاڙڪي ٻڌائيندا ۽ پنهنجي دنيا ۾ گم نظر ايندا.

هڪ ناولسٽ، مسٽر بينجامن، پنهنجي ناول ۾، لنڊن بابت چيو آهي تہ، "London is a modern Babylon"، جنهن ۾ ڪنهن کي بہ شڪ نہ ٿيڻ گهرجي. لنڊن ۾ پهچڻ ۽ ٿوري عرصي رهڻ ڪانپوءِ، شهر سان هڪ عجيب پنهنجائپ جُڙيو وڃي ٿي، جو واپسي ٿيڻ تي روح کي راحت ڪونہ اچي، شايد انڪري جو هتان جي رهندڙن جي وڏڙن، اسان جي وڏڙن سان سَوَ سال گڏ گذاريا هئا. يا شايد وري روح کي راحت ان ڪري پئي اچي تہ، هنن گهرن، محلن جي اڏاوت ۾، متان اسانجي وڏڙن جي محنت، پگهر ۽ رت شامل هجي.

لنڊن ۾ ايشين ريڊيو سروس، ڪميونٽي کي باخبر رکڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. تمام سُٺي سروس آهي. هر خبر، بروقت پهچائي، اردو ڳالهائيندڙن کي پنهنجو پاڻ ۾ جوڙيون بيٺي آهي. اِن ريڊيو جي ذريعي برٽن ۾ رهندڙ ايشيائي نسل جي ماڻهن کي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ پروگرامن، واقعن بابت فورن باخبر رکيو اچي ٿي. لنڊن ۾ هندوستاني، پاڪستاني ڳائڻن، يا اداڪارن جي ٿيندڙ پروگرامن جي تفصيلي معلومات ڏئي، پنهنجي روزگار سان گڏ، ديار غير ۾ رهندڙن کي تفريح جا موقعا ڏين ٿا. لنڊن جي ويمبلڊن اسٽيڊيم (Wembledon Stadium) ۾، هندوستاني اداڪار، ڀاڳيا شري ۽ ٻين ڳائڻن ۽ نچڻ وارن جي پروگرام بابت ٻڌايو، جيڪو اسان بہ ڏٺو. هال جي اندر جو منظر، رنگ برنگ روشنين سان بلڪل دل موهيندڙ هو، رات جو دير تائين پروگرام هليو، جنهن ڪانپوءِ زير زمين ريل ذريعي پيڊنگٽن اسٽيشن پهچي، سينٽرل لنڊن جي ٻئي هائوس ۾ وڃي آرامي ٿياسون. هندوستاني اداڪارن جو پهريون سڌو سڌون (Live) پروگرام ڏسڻ جو موقعو ضايع ڪونہ ڪيو. ڪجهہ ڏينهن بعد وري پاڪستاني ٽي.وي. ادڪار، بٽرسي پارڪ (Battersea Park) ۾ ايشين ميلو (Asian Melo) ملهائڻ لاءِ آيا، جن ۾ ادڪار زيبا بختيار، بُشرا انصاري، مسٽر شڪيل احمد ۽ ٻيا شامل هُئا.

ميلي ۾ پاڪستاني، هندستاني اسٽال لڳايا ويا، جن ۾ ديسي شيون وڪري لاءِ رکيون ويون هون. ادڪارن صرف فلمي ۽ ڊرامي جا جملا

ڳالھائي ماڻھن کي پئي منجھايو، جنھن ڪانپوءِ ھڪ موسيقي جي گروپ اچي محفل مچائي. پروگرام لاءِ ڏھ فوٽ مٿي ھڪ اسٽيج ٺاھي، ماڻھن کي سامھون ڇپر تي بيھاري سڄو پروگرام ڊيڪاريو ويو. مسٽر شڪيل، زيبا ۽ بشرا انصاري سان، پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ ملاقات ۽ حال احوال ٿيو، جنھن کان پوءِ ساڻن ڪجھ فوٽو ۽ مووي بہ پرائي.

لنڊن جي زير زمين ريلوي

لنڊن ۾ جڳھن ۽ عمارتن جي مجموئي اڏاوت ۽ فني مھارت، عمارتن جو مُھڙ وارو مکيہ حصو ۽ ٻاھريون ڏيک (Facades)، محرابي ونگن واري اڏاوت، اُھو گسُ، جيڪو محرابي ونگائون سلسلو، جيڪو ديوارن تي ٽِڪيل ھجي، مختلف ماپ ۽ شڪل جي وسيع گبذن واريون ڇتون، ٽڪندي لھواري ڇت جا ڇَجَا، مکيہ دروازن اڳيان نھيل لنگھہ، در ۽ دريون، ڪنڊائتون ڳاڙھي رنگ جون ڇتُون، آرائشي رنگا رنگي سينگار ۽ زينت (Decorative Details) عمارت جي مھانڊي ۽ نقش کي اھڙو تہ شاندار ۽ بينظير ڪري ڇڏيو آھي، جو انھن سيني گڏجي ھڪ اعليٰ، فن معماري کي، ھڪ اھڙي امتيازي حيثيت ڏني آھي، جيڪا دنيا جي ڪنھن بہ پرڳڻي ۾ ڳولي بہ ڪونہ ملندي. اھڙي عمارت سازي جي جھلڪ توھان کي ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاھور جي قديم عمارتن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪي صدين کان، بغير ڪنھن سار سنڀال جي، پنھنجي معمارن جي ساک سنواريو بيٺيون آھن.

لنڊن ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم، روڊ ۽ ريل جي مواصلاتي نظام کي ھلائي ٿو، جنھن تحت شھر اندر خانگي ادارا بہ ھٿ ونڊائين ٿا. لنڊن زير زمين ٻاڦ واري انجڻ تي ھلندڙ، پھري ريل 10 جنوري، 1863ع ۾ شروع ڪئي وئي ھئي، جنھن کان گھڻو اڳ، 1829ع کانپوءِ، لنڊن ۾ گھوڙن وسيلي گاڏين کي ڇڪيو ويندو ھيو. بجلي تي زير زمين ريل جو نظام 10-1900، دوران تعمير ڪري ھلايو ويو. لنڊن ۾ ريل جا ٽي نظام، گڏ ڪم ڪري رھيا آھن، ھڪ لنڊن انڊر گرائونڊ، ٻيو ڊاڪ لينڊ لائٽ ريلوي ۽ ٽيون لنڊن ٽرامس (London Trams) آھي.

زير زمين لنڊن ريلوي نظام ھيٺ، شھر اندر 270 اسٽيشن آھن ۽ 402 ڪلو ميٽر پٽڙين جي ڊيگھہ آھي، جنھن مان 52% پٽڙيون زمين مٿان وڇايل آھن ۽ باقي زير زمين آھن. انڊر گرائونڊ ريلوي جي ڊيگھہ جي

حوالي سان دنيا ۾ چوٿين نمبر تي آهي. هِن وقت (2013) دوران هن نظام ذريعي سوا ارب مسافر ساليانو سفر ڪن ٿا. زير زمين ريلوي جو نشان (Logo) ڳاڙهي گول دائري تي نيري رنگ جي هڪ پٽي تي underground جو لفظ لکيل هوندو آهي.

زير زمين ريل ۾ هڪ ٽيوب ريل آهي، جيڪا زمين جي سطح کان اسي کان سَوَ فوٽ هيٺ، هڪ مضبوط ٽيوب اندر هلائي وڃي ٿي، جنهن ۾ ريل جي آمدروفت لاءِ ٻه پٽڙيون پيل آهن، جن مٿان ڇت ڏئي هڪ ٻئي سرنگهه ناهي، اُن ۾ ٻيون پٽڙيون وجهي، اندر گرائونڊ هلائي وڃي ٿي. سڄي شهر هيٺيان ريل جي سرنگهن کان علاوه، نڪاسي آب، بجلي، فون لائينن لاءِ به ڪيتريون ئي سُرنگهون ٺهيل آهن. سڀ بنيادي سهولتون سرنگهن وسيلي زير زمين پهچائڻ ڪو آسان ڪم نہ آهي، جس آهي هن قوم کي جن پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ اهڙا بيمثال ڪارناما ڪيا آهن.

سرنگهون ٻن پٽڙين کي ٽڪائڻ لاءِ، ٻارهن فوٽ جي ويڪر جي حساب سان ٺاهيون ويون آهن. شهر جي هر چوڪ ۽ خاص جاين تي توهان کي انڊر گرائونڊ جو لوگو نظر ايندو، جيڪو زير زمين ريلوي اسٽيشن جي نشاندهي ڪري ٿو. هر اسٽيشن تي لفٽ ۽ هلندڙ ڏاڪڻيون، توهان کي پنهنجي گهربل اسٽيشن جي سطح تي ڪٽي ويندي يون، جتان توهان خودڪار مشين ذريعي، ٽڪيٽ وٺي، انهي ٽڪيٽ وسيلي دروازو کولي، توهان پنهنجي مقرر پليٽ فارم تي پهچي، پنهنجي گاڏي تي چڙهڻ لاءِ تياري پڪڙيو، جو هر منٽ ڪانپوءِ گاڏي ايندي رهندي آهي ۽ دروازا صرف ويهہ سيڪنڊ لاءِ کلندا، جنهن مان پهريائين لهڻ وارا لهندا ۽ پوءِ نئوان مسافر چڙهڻ وارا چڙهندا آهن ۽ ڏسندي گاڏي زمين هيٺ هڪ ٻئي سوراخ ۾ گم ٿي، پنهنجي منزل ڏانهن هلي ويندي آهي. انڊر گرائونڊ ريل بجلي تي هلڻ ڪري، سرنگهن ۾ دونهون وغيره ڪونہ ٿئي ۽ اندر جي آبهوا ماحول دوست (Environmental Friendly) ۽ خوشگوار هوندي آهي. ريل جو نقشو هر گاڏي ۾ مسافرن جي سهولت لاءِ لڳل هوندو آهي ۽ مائيڪ ذريعي، هر ايندڙ اسٽيشن جو نالو ٻڌائيندا رهندا آهن، تہ جيئن مسافر گاڏي بيهڻ کان اڳ، دروازي جي پرسان اچي لهڻ جي تياري ڪن.

ٽڪيٽن ۾ شاگردن لاءِ گهٽ ريٽ آهن، توهان هڪ ڏينهن جي ٽڪيٽ هڪ هفتي يا هڪ مهيني جي ٽڪيٽ، گهٽ ريٽ ۾ وٺي، سڄو ڏينهن ريل ۾ چڙهيا گهمندا رهو.

اسان جي پرسان پئڊنگٽن اسٽيشن هُئي، سو آساني سان ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ شهر جو اڌ گهمي ايندا هئاسين. هڪ دفعي جڏهن مان پڪاڊلي سرڪس (Piccadilly Circus)اسٽيشن تي لهي، ٻاهر نڪرڻ لاءِ دروازي کي ٽڪيٽ ڏيکاري، ته خودڪار مشين منهنجي ٽڪيٽ کي لفٽ نه ڪرائي، جنهن تي پري ڪنڊ ۾ بيٺل هڪ سپروائيزر جلدي آيو ۽ پنهنجي ماسٽر ڪارڊ جي مدد سان، دروازي جون رڪاوٽون کولي ڏنيون، جنهن تي مان کيس شڪريو ادا ڪيو، پر هن دروازي نه کلڻ جو سبب ڪونه ٻڌايو.

جيڪڏهن توهان هميشه زير زمين ريلوي جي ذريعي سفر ڪندا رهندا، ته پوءِ لنڊن جي خوبصورتي ۽ شاندار فن معماري کان غير واقف رهجي ويندا.

لنڊن ۾ سفر جي ايتري سهولت آهي، جنهن جو انسان سوچي به نه ٿو سگهي. ان سهولت ڪري هر روز انڊر گرائون ذريعي 35 لک مسافر سفر ڪن ٿا، جو نه رڳو سندن وقت بچي ٿو، پر ساڳئي وقت ذاتي گاڏي استعمال ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ ڪافي سستو پئي ٿو.

هتي هڪ عجيب رواج آهي، جو گاڏي ۾ چڙهندڙ مسافر اخبار پڙهي، پنهنجي جاءِ تي ڇڏيو وڃي ٿو. هتان جا ماڻهو ايترا مُهذِب آهن، جو اِن اخبار کي ضايع ڪرڻ بجاءِ، ڪنهن ٻئي کي علم ۽ ڄاڻ ڏيڻ جو ذريعو بڻجن ٿا. هتي هر شخص مسافري دوران پنهنجو وقت ضايع ڪرڻ بجاءِ، اخبار يا ڪو ڪتاب پڙهندا رهن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪو عمر رسيده گاڏي ۾ چڙهي اچي ٿو ۽ سيٽ نه هجڻ جي صورت ۾، هُن کي پنهنجي سيٽ آفر ڪن ٿا، جيڪا هڪ سُني روايت آهي.

ٽڪيٽ جو ايترو ته نظام مضبوط ۽ غلطي جي گنجائش کان پاڪ (Fool Proof) آهي، جو هڪ به مسافر بغير ٽڪيٽ جي سفر نٿو ڪري سگهي ۽ نه وري پليٽ فارم تي رسي ٿو سگهي، جو هر عمل ڪمپيوٽر ذريعي پنهنجو پاڻ پيو ٿئي ۽ ڪنهن به انسان جو ان ۾ عمل دخل نه هجڻ جي برابر آهي. پوري اسٽيشن کي صرف هڪ عملدار پيو سنڀالي ۽ نظام جي شفافيت ايتري ته واضح آهي. جو ڪنهن کي به وڌيڪ معلومات وٺڻ يا رستو پڇڻ جي ضروت ئي محسوس ڪونه ٿي پوي.

لنڊن ۾ انڊر گرائونڊ کان علاوه ٽيڪسي يا ڪئب جو نظام ساراهه جوڳو آهي، پر مهانگو هجڻ ڪري، مسافري بس ۽ ريل ۾ اڪثريت مان ڪئي وڃي ٿي. ٽيڪسي مختلف رنگن، جهڙوڪ: ڪارو، ناسي ۾ ڏسڻ ۾

اچي ٿي. ٽيڪسي اندران خلاصي ۽ آرامده آهي. دروازا اڳيان ڪلي پاسن تي ٻاهر نڪرن ٿا. ٽيڪسي ۾ چئن ڪان وڌيڪ مسافر ڪڻ منع آهي. ويهڻ سان ميٽر تي 1.90 پائونڊ لڳي وڃن ٿا، باقي ميٽر مفاصلي جي مطابق پيو هلندو ۽ مسافر جي دل جي ڌڙڪن پئي وڌندي. ٽيڪسي ۾ هلندڙ گاڏيون سڀ هڪ جهڙيون آهن ۽ ٻين گاڏين ڪان بناوت ۾ توريون مختلف آهن. پئرس ۾ ٽيڪسي جو ڪو خاص رنگ يا ماڊل مخصوص ڪيل نہ هو. ٽيڪسي جي شڪل وڪٽوريا سان ملندڙ جلندڙ آهي ۽ ڪجھ خانگي ٽيڪسيون بہ آهن، جن ۾ فون لڳل آهي ۽ سندن رابطو مسلسل پنهنجي آفيس سان رکيو اچن.

سندن آفيس وارا پيجر ذريعي ٽيڪسي ڊرائيور کي هدايتون ڏيندا رهندا آهن. اِهو ساڳيو سسٽم اسلام آباد، جده ۽ رياض ۾ موجود آهي. پئرس ۾ ٽيڪسي ۾ ويهڻ سان ميٽر تي ٻارهن فرينچ فرئنڪ لڳي ويندا. ٽيڪسيون اڪثر ڪري، آسٽن (Auston) ۽ ووڪس ويگن ڪمپنين جون آهن، پر سيني جي شڪل هڪ جهڙي آهي ۽ اندر ڪافي کليل ۽ وسيع آهن.

لنڊن ميٽرو پوليس

لنڊن شهر جي آبادي گهڻي هجڻ ۽ هزارين زائرين جو هر وقت موجود رهڻ جي باوجود، ميٽرو پوليس جي عمده ڪارڪردگي جي ڪري جرائم تي ڪافي ضابطو آهي. هتي اهو رُجحان عام آهي تہ توهان سان ڪوئي بہ مسئلو ٿئي تہ فورن ويجهي پوليس کي اطلاع ڪجي، هو مدد لاءِ بغير وقت ضايع ڪئي، توهان وٽ فوراً اچي پهچندا. توهان جيڪڏهن پوليس کان ڪنهن رستي يا علائقي بابت پڇندا تہ، هو توهان سان گڏ هلي ڪري رهبري ڪندا، فرق اهو آهي تہ اسان واري پوليس کان عوام ڊڄي ٿو ۽ هتان جي پوليس، عوام کان ڊڄي ٿي. اسان وٽ پوليس جو قانون اڄان تائين، اهو هلي پيو، جيڪو انگريز ناهي ڏئي ويا هُئا، ڪنهن بہ اُن ۾ نئين حالات ۽ ضروريات مطابق ڪا تبديلي يا بهتري ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. قانون ۾ تبديلي ڪرڻ وارا پاڻ ايترا پڙهيل آهن الائي ڪونہ، جو 67 سال جي طويل عرصي گذرڻ بعد بہ، اُن ۾ ڪا بهتري نہ آندي وئي آهي. اسان جو سڄو نظام هنگامي يا عارضي وقت (Adhoc) جي حوالي سان هلايو وڃي ٿو. مثلاً PTV تي طارق عزيز جو ’نيلام گهر‘ پنجاهہ سالن کان ساڳئي اسلوب سان، اڄ بہ پيش ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ تہ جيتري بہ

بهتري، يا ڪا تبديلي ڏسڻ ۾ نہ آئي آهي. حالانڪ بالي ووڊ جي پروگرامن ۾ بہ هر هفتہ توهان کي تبديلي نظر ايندي. اِهو مشهور آهي تہ بالي ووڊ وارا، هالي ووڊ جي ڪاپي ڪن ٿا ۽ لالي ووڊ وارا، بالي ووڊ جي ڪاپي ڪري فلمون ۽ ڊراما ٺاهن ٿا.

ميٽرو پوليس ۾، اڪثر ڪري آفيسر توڙي سپاهي (Constable)، ڳري وزن واري ۽ قداور جوانن کي ڀرتي ڪندا آهن تہ جيئن ماڻهن جي فسادي هجوم کي منهن ڏئي سگهن ۽ سڀ کان مٿي نظر اچن.

لنڊن جو پوليس ڪمشنر، مسٽر پال ڪنڊون (Paul Condon) تقريباً هر روز T.V تي اچي، پريس ميڊيا ۽ عوام کي لنڊن ۾ ٿيندڙ ڏوهن بابت معلومات ڏيندو رهندو آهي ۽ گذريل ڏوهن جي پڙواري ۽ پوليس طرفان ڪيل ڪاروائي بابت عوام کي تازي صورتحال کان واقف ڪندو رهندو آهي. T.V، هر ڪلاڪ، شهر اندر ٿيندڙ ڏوهن بابت خبرون نشر ڪندي رهندي آهي ۽ پوليس، عوام ۽ پڪڙيل ڏوهارين کان روبرو ملاقات ڪري، سوال جواب ڪندا رهندا آهن. قانون جي اهڙي بالادستي ڏسڻ ۾ آئي، جو هڪ ئي جاءِ تي بگهڙ ۽ ٻڪر گڏجي پلي سگهجن ٿا. پوليس سائنسي طريقا، جهڙوڪ: ڏوهہ جي تفتيش لاءِ حياتياتي ۽ ڪيميائي (Forensic Science) طريقا استعمال ڪري، جلدي ڏوهارين تائين پهچي ٿي، حق سچ جي بنياد تي ٺُرٺُ تفصيلي رپورٽ ٺاهي، ڏوهاريءَ کي جج اڳيان پيش ڪري، ڪيل گناهہ جي سزا ڏياري ٿي ۽ فريادي کي سندس دروازي تي انصاف ملي ٿو. ميٽرو پوليس رشوت خوريءَ جي ڪُڌي ڪاروبار کان پاڪ صاف ۽ نہ وري اسان جي پوليس وانگر ڏوهارين جي ڳجهي مدد ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهي. سياستدانن، وڏيرن جي اثر کان هتان جي پوليس بيخبر آهي، جو هتي جي پوليس جون بدليون، مقرريون سياستدان ڪونہ ڪرائيندا آهن.

ميٽرو پوليس، پاڪستاني پوليس جي برعڪس، عوام جي محافظ ۽ مددگار آهي، جنهن ڪري هن ملڪ ۾ امن ۽ انصاف جي بالادستي قائم آهي.

هتي ڏوهہ ٿيڻ وقت، پوليس فوراً پهچي وڃي ٿي ۽ واردات جي جاءِ کي، فوراً الڳ ٿلڳ ڪري، هر قسم جي آمدرفت کي روڪڻ لاءِ پوليس جي گهيري ۾ آڻي، ڏوهاري جي آڱرين جي نشانن جي ڪيميائي طريقي سان، فوٽو گرافيءَ ۾ محفوظ ڪري، ان ڪاروائي جو خاڪو ٺاهي، تفصيل لکي ڪيس کي مڪمل ڪري، وڌيڪ تفتيش ۽ ثبوت هٿ ڪري، هڪ هفتي اندر ملزم کي ڪورٽ حاضر ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪانپوءِ عدالت ۾ جرم ثابت ٿيڻ تي ڪيس قانون موجب سزا ملي ٿي. افسوس آهي

جو اسان جي نظام ۾ ڏينهن ڏٺي، شاهدن سامهون، خون ڪندڙ کي پوليس پڪڙي ڪونہ ٿي سگهي. پر جي بدقسمتي سان هو پڪڙجي پيو تہ 15-20 سالن تائين پيو ڪيس هلندو ۽ آخر ۾ ضمانت تي ڇُٽي ويندو. اهوئي سبب آهي جو، هتان جي عوام جو پوليس ۽ ڪورٽن تان اعتماد ختم ٿي چڪو آهي، جنهن ڪري ماڻهو پنهنجا فيصلا، ڪورٽن جي بجاءِ روڊن ۽ وڏيرن جي اوطاقن تي ڪرائڻ ۾ بهتري ۽ وقت جي بچت سمجهن ٿا. باقي انصاف ملڻ جي اُميد اُن کي هوندي آهي، جيڪو وڏيري جي ويجهو هوندو آهي. ميٽرو پوليس جو ڪمشنر لنڊن ميئر (Mayor) جي انتظامي حڪم هيٺ هلندو آهي ۽ هن جي هيٺان پوليس جا ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر هوندا آهن. لنڊن شهر ۾ ٽوٽل پوليس نفري، 2014ع جي موافق 48،600 آهي ۽ شهر جي آبادي پنجهتر لک آهي. هر پوليس اسٽيشن تي، دروازي پرسان، هڪ نيري رنگ جي بتي واضح طور ٻرندي نظر ايندي، جنهن تي ميٽرو پوليس لکيل هوندو، جيڪا ٿاڻي جي پڪي نشاني سمجهي وڃي ٿي.

پوليس وٽ هر قسم جون گاڏيون، گهري ڪاري رنگ جي لباس ۾ ملبوس، مٿي تي هيلمٽ، پستول سميت هيڊي رنگ جي جئڪيٽ (Yellow Visible Jacket) پاتل، موٽر سائيڪل يا ڪڏهن گهوڙن تي سواري ڪندي توهان کي لنڊن جي گهٽين ۾ گهمندي نظر ايندا.

انسان جتي آباد آهي، اُتي ڏوهہ نہ ٿئي، اهو ممڪن ڪونہ آهي. اخبار ۾ آيو تہ لنڊن پرسان هڪ ڳوٺ سِلو (Slough) ۾ هڪ پاڪستاني ڇوڪُري، مسٽر اخلاق احمد جو اُن وقت قتل ٿيو جڏهن هو پرواري باغ ۾ راند ڪيڏڻ ويو ۽ سندس لاش باغ جي غسل خاني ۾ پوليس کي هٿ آيو. ٽن ڏينهن کانپوءِ اخبار ۾ آيو تہ پوليس هِن ڇوڪري جي قاتل کي گرفتار ڪري وڌيڪ تفتيش ڪري رهي آهي. هن پوليس جي عمده ڪارڪردگي ۽ ايمانداريءَ جو ثبوت منهنجي اُن وڃائيل بريف ڪيس جو آهي، جيڪو هنن هٿ ڪري پوسٽ ذريعي، تبوڪ منهنجي ايڊريس تي موڪلي ڏني هئي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. لنڊن پوليس جا سپاهي، لنڊن ۾ حڪومتي عمارتن جي مکيہ دروازن تي، اڇي رنگ جي بخملي ٽوپي پائي ڪاري ڊريس ۾ ائين بيٺا هوندا آهن، ڄڻ ڪو بوتو بيٺو آهي. هڪ دفعي مان شڪ ۾ بوتو سمجهي وڃي سندس هٿ ۾ هٿ ملايو پر محسوس ٿيو، ڄڻ ڪنهن زندهہ انسان جو آهي.

بڪنگهم محل

بڪنگهم محل (Buckingham Palace) شاهي محل آهي، جنهن کي اٺويهين صدي جي شروعات ۾ پراڻي شاهي گهر (The Queen's House) کي ڪجهه حصا جوڙي، بڪنگهم محل جو نالو ڏنو ويو ۽ پهرين رهائش راڻي وڪٽوريا (1837-1901ع) اختيار ڪئي. جنهن ڪانپوءِ هن وقت جي موجوده راڻي ايلزبيٿ (ٻئي)، 1952ع کان پٺي هتي مزا ماڻي. هن محل ۾ اٺويهين صدي جي آخر ۽ ويهين صدي جي شروعات ۾، پراڻن جاين کي ڊاهي، نيون عمارتون اڏڻ سان گڏ، خوبصورت فن تعمير جي ماهرن جي مدد سان، هن ۾ وڏيڪ عمارتن جو اضافو ڪيو ويو. هِن محل جي هر شيءِ، ڇت، ٿنڀن، در، دريون، ديوارون، رهائشي سامان، ڪاٺ پيٽڻ جا ٽانو، ديوارن تي لڳل مورتون ۽ چٽر ڪاري وغيره سڀ جون سڀ انمول آهن ۽ توهان کي دنيا جي ٻئي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نظر ڪونہ اينديون. شهزادن ۽ راڻي جي محل اندر استعمال ٿيندڙ سون مان ٺهيل ويهڻ جو ڪوچ (Gold State Coach) ڪيترو نہ سستو هوندو. راڻي جي تاج ۾ هندستان مان آندل ڪوهہ نور جو هيرو، ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿو تہ هِن محل تي خرچ ڪيل رقم ۾ اسانجي وڏن جو حصو شامل ضرور آهي. محل جي چوڌاري طرف، هڪ سَوَ چاهٺ ايڪڙ ايراضي تي دنيا جي خوبصورت باغن کان وڏيڪ خوبصورت باغ آهي. هن محل ۾، 775 ڪمرا آهن، جن ۾ 19 حڪومت هلائڻ جا ڪمرا ۽ 52 راڻي ۽ اِن جي مهمانن جا، 188 ڪمرا ڪم ڪندڙن لاءِ، 92 آفيسرن ۽ 78 غسل خاني وغيره لاءِ شامل آهن.

پوري ملڪ ۾ ويهارو کن مختلف محل آهن جن ۾ شاهي خاندان جا فرد رهائش پذير آهن، جن ۾ مکيہ ڪليئرنس هائوس (Clarence House)، ڪِنگسنگٽن محل (Kensington Palace)، سينٽ جيمس محل (St. James Palace) ۽ ونڊسر محل (Windsor Casttle) مشهور آهن. بڪنگم پئليس جي اڏاوت ويهن ايڪڙن جي ايراضي تي مشتمل آهي. هي محل لنڊن جي مرڪزي حصي جي ٽن وڏن باغيچن، اولهہ ۾ پئليس گارڊن (ايراضي 42 ايڪڙ) اتر طرف کان گرين پارڪ، (ايراضي 40 ايڪڙ) ۽ اوير طرف ۾ سينٽ جيمس پارڪ (ايراضي 84 ايڪڙ)، جي وچ ۾ واقع آهي.

محل جي مکيہ دروازي جي سامهون سفيد رنگ جي سنگ مرمر مان هڪ عظيم مجسمو راڻي وڪٽوريا جي ياد ۾ اڏايو ويو آهي، جيڪو محل

جي سامهون واري باغ جي چوراهي تي پري ڪان، سياحن جي نگاهن جو مرڪز بڻيل آهي.

اخبار ۾ خبر آئي تہ بن ڏينهن ڪانپوءِ بڪنگهم محل جي، 30 ڪمرن کي ساحن لاءِ کوليو ويندو، جو ان وقت، راڻي بالمورل ڪيسل (Balmoral castle) ۾ رهائش پذير هوندي. آگسٽ ميهني ۾ سياحن کي ڦرڻ لاءِ، اهڙي قسم جون چالاڪيون ڪيون وينديون آهن. ٽڪيٽ ڏهہ پائونڊ رکي وئي، سو مون جڏهن بيگم کي خبر ٻڌائي، تہ چڙ هاڻي کي هندستان ڏيکاريو، سو ڏاڍو زور پريائين تہ موقعو جو فائدو چونہ ونجي، هر روز تہ لنڊن ڪونہ اچڻ ٿيندو. بهرحال ويجهي ٽورسٽ آفيس مان ٽڪيٽ وني، اُن ڏينهن محل پهتاسين. مقرر وقت تي محل جو سياحن لاءِ مخصوص دروازو کولي اندر داخل ٿيڻ جي آچ ڏنائون. هڪ اندازي موجب، اُن ڏينهن پنج هزار کان وڌيڪ سياح اچي گڏ ٿيا. اسان کي پوءِ خبر پئي، تہ اِن گڏ ڪيل پئسي مان ونڊ سر محل، جنهن کي ڪجهہ وقت اڳ باهہ لڳڻ ڪري، ڪافي نقصان ٿيو هو، ان جي مرمت لاءِ ڪم آندا ويندا.

محل جي اندر گهڙڻ سان هڪ سفيد سگ مرمر جي وسيع ڏاڪڻ (Grand Staircase) ذريعي، متي شاهي مهمانن جي ملاقات واري ڪمري ۾ داخل ٿياسين، جيڪو شاندار ۽ وسيع هو، جنهن جي وچ ۾ اعليٰ قسم جو ڦانوس، جيڪو اصلي چمڪندڙ بلورن (Crystals) ۽ ٻين چمڪندڙ نوادرات مان ٺهيل پئي لڳو. هن وسيع ڪمري ۾ اعليٰ قسم جو فرنيچر هو. ان ڪانپوءِ بلوڊرائنگ روم (Blue Drawing Room) ڏٺي، جنهن جي خوبصورتي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

ڳاڙهي رنگ سان سجايل راڻي جو تاجپوشي وارو ڪمرو (Throne Room) ڏٺو ۽ ان جي سامهون اڇي رنگ جو ڊرائنگ روم (White Drawing Room)، جنهن ۾ فرنيچر سميت هر شئي اڇي رنگ تي مائل هُئي ۽ هڪ پاسي وڏي باهہ جو چلهو (Fire Place) هو، جيڪو ڏاڍو سينگاريل هو. هن ڪمري ۾ ديوارن تي اڳين بادشاهن جون رنگين تصويرون ۽ پينٽنگس ۽ مجسما (Sculptures) رکيل آهن. اِن ڪانپوءِ محل جا حڪومتي ڪمرا (State Rooms) ڏيکاريا ويا، جيڪي راڻي يا شاهي ڪُٽنبن جي ٻين فردن جي استعمال هيٺ آهن، جن ۾ مختلف موقعن تي مهمانن سان ملندا آهن. اِنهن ڪمرن ۾ دنيا جو موجود بهترين فرنيچر رکيل آهي. محل جي پڪچر گئلري ڏسڻ وٽان آهي،

جنهن ۾ شاهي خاندان جون خوبصورت تصويرون، پينٽنگس ۽ سون ۽ چاندي مان ٺهيل شاهي مجسما قابل تعريف آهن. هيءَ گئلري 150 فوٽ ڊگهي آهي، جنهن جي ڇت گولائي تي ٺهيل شيشي جي آهي. هِن گئلري کي ڪن خاص موقعن تي ۽ خاص مهمانن جي لاءِ ڪاڏي ڪارائڻ ۽ راڻي سان ملاقات کان اڳ انتظار ڪرڻ خاطر، هِن گئلري کي استعمال ڪيو ويندو آهي.

بڪنگهم محل جي مکيہ دروازي جي سامهون، وڏي ميدان ۾ هر روز صبح ساڍي يارهين بجي ڌاري رنگا رنگ ۽ دلچسپ انداز ۾ گارڊس جي تبديلي جي رسم ٿيندي آهي. جنهن کي ڏسڻ لاءِ هزارين سياح بيتاب هوندا آهن. گارڊس رائل ملٽري جي مختلف پنجن اِنفنٽري ريجمينٽ (Infantry Regiments) مان هجڻ ڪري، محل جي جوابداري سنڀالڻ لاءِ، هڪ پُر رونق تقريب، جيڪا 45 منٽ تائين جاري رهندي آهي، محل جي حفاظت هڪ ٽولو ٻئي کي منتقل ڪندو آهي.

فلم جيوراسڪ پارڪ ليڊي ڊايانا سان گڏ ڏسڻ جو موقعو

ٽي.وي. ۽ ريڊيو تي، آمريڪن، اسٽيون اسپيل برگ، جي تازي ٺهيل فلم ’جيوراسڪ پارڪ‘ (Jurassic Park) جي وڏي اشتهار بازي هلي رهي هُئي، جو اُن وقت لنڊن جي (Block buster London Premiere) ايمپاير سئنيما ۾ پهريون دفعو پئي ڏيکاري وئي تي. اِن شو ۾ اسان ٻہ وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو، جو اتي پهچڻ تي فلم جي ڊائريڪٽر، مسٽر اسپيلبرگ سان گڏ، اِن شو ۾ ليڊي ڊيانا ٻہ فلم ڏسڻ آئي. ڪنهن قسم جي ڪا پوليس طرفان VIP جي هجڻ ڪري سختي ڪونہ هُئي، صرف ٻہ پوليس وارا سئنيما جي ٻاهران بيٺل نظر آيا. پاڪستاني وزيرن وانگر، پوليس جون پنج گاڏيون اڳيا ۽ پندرهن پويان وارو قصو ڪونہ هو.

رات جو TV, BBC تي، ليڊي ڊيانا ۽ اسپيلبرگ کي ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ ليڊي ڊيانا فلم جي ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ اِهو ٻہ ٻڌايو ويو تہ فلم دوران هوءِ ٻہ ٽي دفعا ڊڄي وئي هُئي، فلم جي باري ۾ هُن اهو چيو تہ هي فلم خطرناڪ هجڻ سان گڏ معلوماتي پڻ آهي ۽ هُن وڌيڪ ٻڌايو تہ خطرناڪ هجڻ جي باوجود سندس شهزادا وليم (ٻيو) ۽ هئري (8 سال) هي فلم ڏسي سگهن ٿا.

هيءَ فلم، 1990ع ۾ لکيل ساڳئي نالي واري ناول تي ٺاهي وئي هُئي پر فلم ۾ ڀوائتو ڊائنا سور جانور ڏسي ڏاڍو ڊڄ پئي ٿيو ۽ اهي جانور جيڪڏهن وري موٽي اچن، ته پوءِ دنيا جو حال ڪهڙو ٿيندو. اِهي چون ٿا ته ٻه هزار سال کان اڳ، ڊائنا سور، هن دنيا ۾ موجود هئا، جن جا ڍانچا دنيا جي مختلف ملڪن ۾ گهري کوٽائن دوران، اِنهن جا پٿرايل جسم يا پنڊ پهڻ هڏيون (Fossils) هٿ اچڻ کانپوءِ تحقيق ڪندي سجاتا ويا آهن.

هيءَ سڄي فلم ڪمپيوٽر تي تيار ڪيل تصويرن (Computer-generated Imagery)، کي صنعتي رنگين روشنين (Industrial Lights) جو ميلاپ ڏئي، لاڳيتن قلمي خاڪن ۽ پُتلين سان ٺاهيل تصويرن ۽ ڍانچن جي تسلسل سان چُرپُر (Animation) کي ڊجيٽل سرائوڊ سائونڊ (DTS) جو رنگ ڏئي مڪمل ڪئي وئي آهي.

فلم ۾ هٽرادو ڊائناسور جانور مختلف نسلن ۽ قسمن جا ڏيکاريا ويا آهن، جن جي اوچائي 50 کان 100 فوٽ، ڊگهائي 100 کان 200 فوٽ ۽ وزن 30 کان 130 ٽن آهي.

فلم ڏسڻ کانپوءِ آڪسفورڊ اسٽريٽ جي مارڪيٽ جو چڪر لڳايو، جتي مارڪ اينڊ اِسپينسر (Mark & Spencer) جي دڪان تان ڪپڙن وٺڻ جو شوق ٿيو، جنهن بابت تبوڪ ۾ ڊاڪٽر سليم مهر صاحب ڏاڍي تعريف ڪئي هُئي. اتان هڪ سوٽ ورتو، جيڪو واقعي اجان تائين تازن ورتل سوٽن کان مهانگو ۽ موچارو لڳندو آهي.

جڏهن واپس هوٽل ڏانهن اچڻ ٿيو ته پرسان پئريڊ اسٽريٽ تي هڪ پاڪستاني هوٽل نظر آيو، ماني کائڻ لاءِ هوٽل ۾ گهري وياسين. لندن ۾ اڪثريت هوٽلن تي سيلف سروس آهي، ڪائونٽر تي جي رش آهي، ته قطار ۾ ٿي پنهنجي واري جو انتظار ڪري، پنهنجي ضرورت آهر، آرڊ بوڪ ڪرائڻ کانپوءِ توهان کي کاڌو مائڪرو ويو ذريعي گرم ڪري ڏيندا. ڀاڄي ۽ روٽي وٺي پرسان واري ٽيبل تي ويهي کاڌي. جڏهن هوٽل وارو لسي جو گلاس ٺاهي هڪ ٻئي گراهڪ کي ڏئي رهيو هو ته منهنجي نظر پئجي وئي ۽ دل ٻه گهريو ته لندن ۾ ٻئي هر شيءِ مهانگي آهي، ڏسون هتان لسي متان سستي هجي، سو شوق ۾ ٻن گلاسن لاءِ ڪيس چيم، بل ڏيڻ وقت خبر پئي ته لسي ٻه پائونڊ، يعنيٰ 200 روپيه في گلاس پلئه پئي جنهن جي پيئڻ کانپوءِ، لندن جي ٿڌي موسم ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو. هتي پاڪستاني پنهنجا اگهه ٻڌيو ٻينا آهن، حالانڪ قانون ٻه سخت آهن.

هڪ اوفراٽو، 70 پينس ۽ هڪ سموسو 80 پينس جو هُيو. اسان جيڪي شوق مان سموسا هوٽل ۾ کائڻ لاءِ ورتا، مهانگائي جي ڪري نٽي مان هيٺ ڪو نہ لٿا.

لنڊن ۾ سنڌ جي غُربت- هڪ جائزو

مُنشي محبوب عالم جي، ’سفرنامہ يورپ‘ جي حوالي سان، آگسٽ 1900ع ۾ لنڊن جي سفر بابت لکيو آهي، تہ لنڊن شهر ۾ دولت مند ماڻهن جي ڪثرت هوندي، ڪافي مسڪين ۽ ڪنگلا ماڻهو بہ ڪافي تعداد ۾ موجود آهن، جن جي بدن تي پورا ڪپڙا بہ ڪو نہ آهن. سخت سردي ۽ برسات دوران، فوٽ پاٿن تي ڪا چادر وڇائي، ڪليل آسمان هيٺ سمهڻ تي مجبور آهن. گهٽن ڪي ميرا ۽ قاتل ڪپڙا هوندا آهن، جو انهن ۾ پرسان لنگهڻ تي گهٽي بدبوءِ محسوس ٿئي ٿي. جيئن تہ برطانيہ ۾ پنڻ، قانوني طرح سزا جوڳو جرم آهي، تنهن ڪري مسڪين انگريزن اِن جو توڙ ائين ڪڍيو آهي، جو گهٽي جي ڪنهن پاسي يا ڪنڊ تي اهڙي طرح خاموشيءَ سان ويٺا هوندا آهن، جيئن لنگهندڙ ڏسي سندس زمين تي رکيل ٽوپي ۾، ڪجهہ سِڪا وجهيو وڃن. محبوب عالم، اُن وقت جي حوالي سان، ٻڌائي ٿو تہ ڪي ناڪارهہ مرد ۽ عورتون سَسِتيون شيون جهڙوڪ، ٻٽڻ، بوٽن جون ڪهيون وغيره وڪڻڻ جي بهاني ڪنيون ويٺا هوندا آهن ۽ انڌا وري اهڙيون شيون هڪ ٽوڪري ۾ وجهي، ڳچي ۾ لٽڪائي گهمندا ڦرندا وتندا آهن. ظاهرن ڪين اُنهن شين ڪي وڪڻڻ جي بهاني سان خيرات وٺڻ جو ارادو هوندو اٿن، جنهن تي ڪجهہ مخير حضرات انهن جو مطلب سمجهي، ڪجهہ سِڪا سندن حوالي ڪندا آهن. انهن ڪنگلن ۾ ڪي سرڪش ۽ بدمعاش ماڻهو بہ شامل هوندا آهن، جيڪي رات جي انڌيري ۾، لنڊن جي گهٽين ۾، ماڻهن کان شيون زوري ڦري بہ ويندا آهن. انهن کي مقامي اصطلاح ۾ ’هُولي گن‘ چوندا آهن.

اسان جي زيارت هڪ صدي ڪانپوءِ ٿي، جنهن ۾ متي قسم جي فقيرن جو نالو نشان لنڊن ۾ نظر ڪو نہ آيو. ائين ڪو هڪ، اڌ ماڻهو پيادن جي سُرنگهہ ۾ سُتل نظر آيا. پر ان روپ ۾ اسان سُنا موسيقار، فنِ مصوري جا ماهر ۽ آرٽسٽ بہ ڏٺا. جيڪي مختلف ڌُنون وڄائي ۽ مصوري ڪري راهگيرن جي روح کي ترو تازگي ڏئي کائن داد وصول ڪري رهيا هئا.

اهڙي قسم جا ڪافي گروهه، جيڪي سُنا آرٽسٽ هُئا ۽ فن مصوري جا ماهر پئي لڳا. انهن جي رنگ برنگ فن مصوري يا فرشي نقاشي ڏسي، راهگيرن انهن جي مدد جي حوالي سان، ڪين داد ڏيندي ڪجهه نہ ڪجهه ڏيو ويندا هئا.

آڪسفورڊ اسٽريٽ جي ڪَوينڊِش اسڪاير (Cavendish square) پرسان واڪ وي تي هلندي، اسان جي سامهون، هڪ نوجوان ڇوڪري هٿ ۾ بريف ڪيس ڪنيو هلي رهي هُئي، جا ٿوري اڳتي هلي بريف ڪيس زمين تي رکي، پنهنجي ٽنگن جي وچ ۾ قابو ڪري، رش هجڻ ڪري، پٽ جي پاسي ۾ ويهي، هڪ هٿ ماڻهن اڳيان کولي ويهي رهي. مونکي ڏاڍو عجيب لڳو، جو ٽِپ ٽاپ نوجوان ڪهڙي مجبوري ڪري پني رهي آهي. مان نهاريندو رهيس، پر خبر نہ پئي، تہ اوچتو هِن پنڻ جو پروگرام ڇو ٺاهيو. اندازو اهو لڳايو، تہ هتي توهان جي ڪيسي ۾ سِڪا ضرور هجن، جو بس جو ڪرايو وغيره سِڪن ۾ ادا ڪيو ويندو آهي. تي سگهي ٿو تہ ڇوڪريءَ ڪان گهر مان تڪڙ ۾ نڪرڻ ڪري سِڪا کڻڻ وسري ويا هجن ۽ سندس گهر واپس موٽڻ ڪري، آفيس جي مقرر وقت تي نہ پهچڻ ڪري، داخلا تي پابندي هجي. سو وقت بچائڻ ۽ نوڪري ڪان هڪ ڏينهن گسائڻ بدران، هِن پنڻ جو فيصلو ڪيو هجي ۽ ڪجهہ سِڪن ملڻ ڪانپوءِ، بس پڪڙي وقت اندر آفيس پهچي وئي هجي (والله عالم).

اسان وارن فقيرن کان بهتر، اِهي آهن، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي محنت ڪري پئسو ڪمائين ٿا ۽ اينڌڙ ويندڙ کي چنبڙي تہ ڪونہ ٿا پون. جيمس برنَس جي 1828ع ۾ 'سنڌ جي دربار' ڪتاب ۾ فقيرن ۽ پناهہ گير شاهن بابت ڪتاب جي صفحي 55 تي لکي ٿو تہ سيدن کي رعايتن ۽ سهولتن ڪري، سيدن جون ٽوليون، پر وارن ملڪن مان سنڌ ۾ اينديون رهنديون آهن. هو نہ فقط سماج جا نِڪما ۽ سُست رڪن آهن، پر هنن جو عوام جي دلين تي تمام برو اثر پوي ٿو ۽ هو خلق تي ڳرو بوجهہ آهن. حيدرآباد جا رستا فقيرن سان پريا پيا آهن. هو نهايت بي حيائي ۽ آڪڙ سان خيرات گهرندا آهن، جنهن مان سندن اثر ۽ طاقت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. تحقيق هي فقير ماڻهن جي اخلاقي پستيءَ جي هڪ ڏکدائڪ ثابتي آهن.

توهان رچرڊ برٽن جي، 1851ع ڌاران لکيل 'سنڌ ڏکويل ماٿري' ڪتاب، جنهن جو ترجمو عطا محمد ڀنيري، 2003ع ۾ ڪيو آهي، تنهن مان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پنندڙ فقيرن جي پرمار ۽ ڇيڙ وانگر چنبڙڻ جا قصا هيٺ ڏجن ٿا، جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان جي سنڌ ڪيتري نہ ترقي ڪئي آهي.

مسٽر رچرڊ سوڊن ۾ جهرڪ شهر بابت هيئن لکي ٿو:
’جتي اسان جو تنبو هنيو ويو هو، سا ڏاڍي گندي جاءِ هئي ۾ ڏني پئي بڇان اچي. ناشتو به ڏهاڙيءَ جيان ڪيوسون. پوءِ لٽ ڏئي پياسون سمهي بي وڳي شام جو وجي اک کُلي ڇا ته شام هئي، بس دل خوش ٿي وئي. ٽپهري واري ماني ٽين وڳي نصيب ٿي. ڇئين وڳي گهمڻ لاءِ نڪتاسون ۽ هڪ مقبرو ڏسڻ وياسون، جيڪو ميل به پري هو. مقبرا ڏسي دل آلي ٿي پئي آهي. پر مسٽر بُل اهڙو شخص آهي، جو شل نه ڪنهن ڳالهه تي چڙهي. چوي ٿو ته آئون به مقبرا ۽ مشهور جايون ڏسندس. پهريائين ته وجي پنڻ وارن جي ٽوليءَ جي منهن پياسون. آءُ پلا ويندين ڪيڏانهن. اهي به هڪيا تڪيا ڇڻ واندا وينا هئا، ڪنهن اچڻ واري جي، اوسيئڙي ۾ گهڙيون پئي ڳڻيائون. هام وري اها پيا هڻن ته اسان رجاوت جا صاحب ۽ پهتل فقير آهيون. ٽامي جا ٻه-ٽي سڪا ڏئي مس جند ڇڏايم. هنن سان ڪنهن ڳالهايو ته ڦاٽو، ڇچڙ وانگي چنبڙي پوندا‘.

مسٽر رچرڊ سيوهڻ شهر ۾ پينو فقيرن جو داستان هيئنئين ريت بيان ڪيو آهي.

اهڙن سانن سَوَٽن ڪرڻ وارن ماڻهن جي هڪ هٿ ۾ اهڙي مَالا هوندي آهي، جنهن جو هڪ مَڻيو ڪيڏڻ وارن گولين جيترو ٿلهو ۽ سنگ مرمر پٿر جو هوندو آهي. جڏهن ته سندس ٻئي هٿ ۾، سڪل ڪدوءَ جو پيالو هوندو آهي. جنهن مان بئڪس جهڙي بت تي پاڻي هاريندو آهي ۽ ملندڙ دان ان پياليءَ ۾ وجهندو آهي. پرسان ڪاٺ جو ڪارو ڏنڊو رکيل هوندو آهي. جنهن جي مدد سان گبري ڪلهي تي رکندو آهي. جيڪڏهن هن جا لٽا ڪپڙا تعجب جهڙا آهن، ته منهن مهانڊي جي نقطئہ نظر کان هي ماڻهو به گهٽ نرالو ڪونہ آهي. مان به هندستان جا ڪيترائي سياسي، جوڳي ۽ اهڙا بيا ماڻهو ڏٺا آهن پر هن جو منهن ڏسي خوف پيو ٿيندو، معلوم ائين پيو ٿيندو، ته هڪ وڏي باندر ۽ ڪنهن ڄڻ ڀُوت جو هڪ گڏيل چهرو آهي. جيتري قدر اهڙن ماڻهن جي شخصي هلت چلت جو تعلق آهي، ته هتي اوهان اهڙا گهڻا ماڻهو ڏسي سگهندا. هن ڪي اها پوري خبر آهي، ته اسان هن ڪي ويجهو اچي پهتا آهيون پر هو پنهنجي جاءِ تان نه چريو پريو، نه وري اڌ ٻوٽيل اکيون ئي کوليون اٿائين. پر هو ڪارائي سان هڪ تعويذ ٻڌي رهيو آهي ۽ پرسان رکيل سڱيءَ سان ٿو ٿو جو آواز ڪڍي رهيو آهي. جيڪو جهنگلي آهي. ان ڪان پوءِ هو پنڻ وارو پيالو اسان ڏانهن وڌائي ٿو، انهيءَ مقصد سان ته اسان ڪيس ڪجهہ نہ ڪجهہ خيرات ڏيون ۽ چئي رهيو آهي:

”ڏيو مون کي، اي ماڻهو ڏيو، مون کي ڏيو. اوهان ٻڌو ٿا، مان ٻا چئي رهيو آهيان“ ڏسجو، مان هن فقير کي چيڙائي رهيو آهيان ۽ بعد ۾ ڏسجو ته هو ڪيترو حليم ۽ شريف آهي.

’فقير هي خيرات وٺو، هي رپيو آهي، ان جي بدلي اسان کي دعا ڪريو.‘ فقير اهو هڪدم ڪدوءَ جي پياليءَ ۾ وٺي ٿو ۽ هوريان هوريان زمين تان اُٿڻ شروع ڪري ٿو ۽ هڪ ٻه قدم پوئتي وڃي ٿو ۽ پنهنجو ٻاهه جهڙيون تيز اکيون اسان جي اکين ۾ وجهي، ڪاوڙ مان چوي ٿو، خيرات! خدا شال اوهان کي هر مصيبت کان بچائي... خيرات! اهو ته منهنجو حق آهي. اهو اوهان تي فرض آهي، منهنجو ڏهاڙي جو. اها توهان جي طرفان نه، پر خدا طرفان ڏنل سوکڙي آهي. اي حاتم جا پاءُ!، فقط هڪ رپيو؟. اهو به زمانو هو جو ماڻهو مون کي هڪ هزار رپيا ڏيندا هئا. توهان مسلمانن جا ڪپڙا پاتا آهن. هڪ ڪانوَ طوطي جا کنڀ پاتا آهن. اندر ڪارا ڪائو، ٻاهر ٻولي هنج جي. پاڻ به ڊرنڊ آهيو، ڪائيندا به ڊوندڊ ٿا وتو. هتي اهڙي ڪا مخلوق ئي ڪانه آهي، جنهن جا منهن اوهان جي منهن جهڙا ڪارا هجن. جاڏي به وڃو، وڃي ڊوڙ پايو، شل پٽون ۽ پاراتا اوهان جي ڪڏ هجن.

قلندر شهباز جو مقبرو ۽ پينو فقيرن جي حالت بابت مسٽر رچرڊ هينئين ريت داستان ٻڌائي ٿو. ’قلندر جي مقبري ڏانهن هلندي اوهان کي ڪيتريون انڌن منڊن جون ٽوليون نظر اينديون، جيڪي هٿ ٽنگي پنڻ لاءِ پريشان هونديون. چتيءَ پنَ جي هن ڏنڌي سان ٻُڍا، ٻار، جهونا، مرد ۽ عورتون لاڳاپيل آهن. هر وک تي پِنڌڙن جو ٽولو ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪو اوهان جو رستو روڪي بيهي رهندو. معلوم ٿيندو ته هن شهر جو، هَر رهاڪو پنڻ جي پورهئي ۾ مصروف آهي. هر بيمار ٻار ته هوندو ئي پنڻ واسطي آهي. هي جوان اوهان جو گهٽو ڏيان لهڻي ٿو. هي قلندر آهي. فرينچ اثر ڪري، هن لفظ جو اُچارڻ ڪئلينڊار پئجي ويو آهي. هي جوان پنهنجي طبقي جو هڪ عاليشان نمونو آهيَ. هن جا ڊگها گندا ۽ سٽيا وار هڪ ٽوپيءَ هينان لڪل آهن. يورپ وارا هن قسم جي ٽوپيءَ کي، چرين جي ٽوپي ڪري سڏيندا آهن. هن جو ڪنڌ، ٻانهون ۽ ڄنگهون ڊکيل ڪونه ٿيون ڏسجن. ڪيس پراڻو ڪمبل ويڙهيل آهي. هن کي مرچ ۽ لوڻ به ساڻ آهي.‘

تقريباً ٻه صديون گذرڻ تي آهن، ليڪن سنڌ ۾ پِنڌڙ فقيرن ۾ گهٽتائي جي بجاءِ، ڪثرت سان اضافو ٿيو آهي، جو توهان ڪنهن به چوڌڳي تي گاڏي بيهاري، ڪنهن دڪان تان ڪو سودو وٺڻ لاءِ دروازا کوليندا، ته

گاڏي جي چئني دروازن جي ٻاهران توهان کي فقير سوال ڪندي نظر ايندا. پر جي توهان گاڏي اندر وينا آهيو، تہ هو توهان جي دروازن جي شيشي تي سِڪي جي مدد سان پيا ٺهڪائيندا ۽ توهان کي اشارن سان پاڻ ڏي پيا ڏيان ڇڪائيندا. لندن وارن هڪ صدي ۾ ترقي ڪري فقيرن جو خاتمو آندو ۽ اسان ٻن صدين گذرڻ جي باوجود، نہ صرف فقيرن ۾ اضافو آندو آهي پر انهن جي پنڻ جي طريقہ ڪار ۾ وڌيڪ بدسلوڪي ۽ اڏنگي ورتاءُ ۾ واڌارو پڻ ڪيو آهي. انگريزن پِنڻ جي طريقہ ڪار ۾ سڌارو آڻي، هُنن کي فنون لطيفہ جي حوالي سان سُونهن جي حِس کي موهيندڙ شعبن، جهڙوڪ، زيب پري مصوري، شاعري، ناهوڪي موسيقي چترڪاري ۽ دلڪش ڪرتب ناهي ۽ ڏيکاري، ماڻهن جو مَنُ موهي، سندن روح کي تازگي ڏئي، داد حاصل ڪن ٿا، بجاءِ بيحيائي سان زوري گهرڻ ۽ پاراتا ڏيڻ، ڪيترو نہ نفرت جوڳو عمل آهي. سائوٿ آفريڪا جي منديلا مطابق، غُربت خيرات ڏيڻ سان نہ پر انصاف سان ختم ٿيندي آهي. هن جديد دور جي ايڪويهين صدي ۾ توهان سنڌ جي ڪهڙي بہ شهر يا پسند جي وسندي ۾ پير پايو، توهان کي موئن جي دڙي وارا آثار نظر ايندا، موئن جي دڙي جي حوالي سان پاڻيءَ جي رسد ۽ نڪاسي، سنڌ جي پنج هزار سال کان تهذيب جو حصو ضرور رهيا آهن، ليڪن هن وقت هر شهر ۽ وسندي جا گٽر ۽ نالا ٽمٽار تي مسلسل گهٽين، گهرن ۽ بازارن کي ٻوڙيندا ٿا رهن ۽ هر جاءِ تي گندگي جا ڍير، اسڪولن ۾ جانورن جا واڙا، اسپتال ۾ ڊاڪٽر ۽ عملو غائب. آخر ڪير ۽ ڪڏهن اهي مسئلا حل ٿيندا.

ميڊيا اِن لنڊن

ايشيا ريڊيو پرديسين کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ ۽ دنيا جي خبرن کان وقت رکڻ کان علاوه، سني وندر ۽ ورونهن آهي، جو مختلف وقتن تي هندوستاني گانا، بنگالي، اردو، گجراتي ۽ عربي ٻولي جا پروگرام نشر ڪري، سيني لاءِ تفريح ۽ دل وندرائڻ جو سامان مهيا ڪري ٿو. ايشين جي تفريح لاءِ هڪ نئون ريڊيو، سن رائيز (Sunrise) روزانا پنهنجي نشريات پڻ شروع ڪري ڏني آهي.

BBC ٽي.وي جا پروگرام ڏاڍا معلوماتي آهن، هر هفتہ انگريزن جي هندستان تي حڪومت جي حوالي سان، ايشين برادري کي خوش ڪرڻ يا رعب ۾ رکڻ لاءِ، انهن کي غلامي جو دور ياد ڏيارڻ خاطر، اهڙي قسم جي

فلم يا ڊرامو ڏيکاريندا رهندا آهن. انهن فلمن مان نارٿ ويسٽ فرنٽيئر (Northwest Frontier)، سل ويشن (Salvation) ۽ مشهور مزاحي شو BBC-2-KY TV اسان ۾ ڏسي دل وندرائيندا رهياسون مزاحي شو ۾ عيسائي پادري ۽ عرب مولوي کان انٽرو وٺندي، سوال کيو ته تون کهڙي نموني سان پنهنجي مذهب جي دعوت ڏيندين، جو ٻيا تنهنجو مذهب اختيار ڪري؟ پادري چيو ته مان بحث مباحثي ذريعي ۽ عرب چيو ته مان بندوق ڏيکاري کين، زور تي مسلمان ڪندس. اهڙي قسم جون مذاقون ڏيکاريون وڃن ٿيون.

BBC ٽي.وي کان علاوه، چار ٻيا چئنل آهن (جهڙوڪ: Channel-4, ITV, BBC-2)، جن ۾ هڪ راندين لاءِ ۽ ٻيو ٻارن جي پروگرام، ڪارٽون وغيره لاءِ مقرر ڪيل آهن ۽ ٻه چئنل عوام جي تفريح لاءِ مخصوص آهن. ٽي.وي پروگرامن ۾ ڇوڪرين جي ڪپڙن ۾ ڏاڍي ڪوتاهي ۽ ڪنجوسائي نظر اچي ٿي، حالانڪ هتي غضبناڪ سردي هوندي هنن جو هي حال آهي، ته گرمي ۾ سندن ڇا حال ٿيندو هوندو، جنهنجو توهان پاڻ اندازو آساني سان لڳائي سگهو ٿا. الله تعاليٰ ٻه سُجاڻي سگ ڏيندو آهي، جو اهڙي قوم کي ٿڌن علائقن ۾ آباد ڪيائين ورنه اونهاري جي موسم ۾ اگاڙا گهمن ها. دوستن کي پليڪار ڪرڻ لاءِ ريڊيو ذريعي توهان فون ڪري، پنهنجا نياپا، مبارڪون وغيره ڏئي سگهو ٿا ۽ پسند جا گانا پڻ ٻڌي سگهو ٿا.

BBC ٽي.وي، خبر نشر ڪندي ٻڌايو ته لنڊن ۾ زوري زنا جو گناهه (Rape Crime) جي نسبت ٻين شهرن کان وڌيڪ آهي. خبر نه آهي، ته ايتري آزادي هوندي ٻه اهڙي قسم جون حرڪتون ڪرڻ جي ضرورت ڇو ٿي پوي؟. اهو گناهه انهن ملڪن ۾ هجڻ گهرجي، جتي عورتن کي آزادي نه آهي. هتي ڇوڪِريون صبح جو گهرن مان نڪري وڃن ٿيون ۽ بغير اطلاع جي رات جو دير سان واپس ورن ٿيون.

اڄڪلهه جي ڏينهن چرچ ۾ ٿيندڙ عيسائيت جي عبادت، T.V جي ذريعي ڏيکاري ويندي آهي. چرچ ۾ حاضري گهٽ نظر اچي ٿي، جو عيسائي مذهب سان گهڻو لڳاءُ ڪونه ٿا رکن، جو انهن کي ٻي انداز آزادي سبب مشغوليات وڌي وڃڻ ڪري کين عبادت لاءِ وقت ڪونه ٿو ملي.

BBC ٽي.وي خبر نشر ڪئي ته هڪ ايشين عورت، پاڻ تي پيٽرول هاري باهه ڏئي خودڪشي ڪئي. هن تبصور ڪندي وڌيڪ ٻڌايو ته اهڙي قسم جون وارداتون، ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ ايشين ۾ ٽي دفعا وڌيڪ آهن.

شهر جي مختلف چؤنڪن، بس اسٽاپن ۽ وڏن دوڪانن جي سامهون، توهان کي اخبارن ۽ رسالن رکڻ لاءِ شيشي نمان باڪس نهيل نظر ايندا، جن ۾ اخبارو ۽ رسالا، سِڪو وجهي ڪڍي سگهو ٿا ۽ ٻيون وري مفت ۾ اخبارون ۽ رسالا آهن، جن کي شيشي جي پيٽن مان هر هڪ ڪڍي پڙهي سگهي ٿو. هتي ماڻهن ۾ اخبار، رِسالن ۽ ناول پڙهڻ جو ڏاڍو رجُهان نظر اچي ٿو.

هتي مفت ۾ ايندڙ هفتيوار رسالو 'نيوزلينڊ نيوز' نيوزيلينڊ مان ڇپيو ويندو آهي ۽ ٻيو آسٽريليا مان 'سائوٿرن ڪراس' (Southern Cross) جيڪو پڻ هفتيوار رسالو آهي، هر چؤڪ تي مفت ۾ موجود هوندا آهن. انهن کان علاوه هفتيوار، TNT ميگزين ۽ ڪيترئون ئي ٻيون اخبارو مفت ۾ مسافرن لاءِ، هر چؤڪ تي، هر وقت مهيا ڪيون وينديون آهن.

شهر اندر ڪيترئون ئي لائبرريريون موجود آهن، جتي توهان وڃي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب پڙهي سگهو ٿا ۽ ڪجهہ ڏينهن لاءِ اڌارا پڻ وٺي سگهو ٿا. لنڊن جي روزنامو، 'آواز انٽرنيشنل'، ٻڌايو تہ پاڪستان ائٽمڪ صلاحيت رکي ٿو ۽ آمريڪا، جنرل ضياءُ الحق کي ان وقت هٽايو، جڏهن هنن ڏٺو تہ هاڻي اسانکي هن جي ضرورت ڪونہ آهي. وڌيڪ ٻڌايو تہ اگر جنرل ضياءُ الحق زندهہ هجي ها تہ افغانستان ۾ هن وقت اسلامي حڪومت قائم ٿي چڪي هجي ها.

هڪ آچر ڏينهن هوٽل کان ايجويئر روڊ ڏانهن ويندي هڪ عمارت جي سامهون واري ڪليل ڇپر تي ڪافي ڪتابن جا اسٽال ۽ ماڻهن جي پيڙ ڏسي، اسان اِهو سوچي تہ شايد ڪتابن جي عام وڪري جي تشهير هجي، سو لڙي ڏسڻ لاءِ تورو اڳتي ٿياسين، تہ هڪ جوڙي اسان جي آجيان ڪئي. موجود ماڻهن جو عربن جهڙو ڏيسارو پئي لڳو، تنهن ڪري اسان پنهنجائپ محسوس ڪئي. سامهون پيل ڪافي ميڪر مان، ڪپ پري جڏهن گهمڻ قرڻ لڳاسين، تہ عربن ۽ ٻين ايشين جي اڪثريت ڏسي، ائين لڳو جڻ اسلام جي هتي ڪا تبليغ ٿيندي هجي. اسان ڪافي هٽ ۾ ڪڍي جڏهن ڪتابن جي مختلف اسٽالن جو چڪر لڳايو، پوءِ خبر پئي، تہ هي عيسائي مذهب جا پيروڪار آهن ۽ جنهن ڪانپوءِ اسان کي هڪ جوڙي اچي حال احوال ورتا ۽ عيسائي مذهب جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل ٻڌائڻ شروع ڪيا. اسان هنن کي ٻڌي، پوءِ آهستہ کسڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿياسين.

لنڊن ۾ عربن جي اڪثريت گهمڻ ۽ علاج ڪرائڻ لاءِ اچي ٿي. عرب عورتون توهان کي گهڻو ڪري برقو پاتل نظر اينديون، پر اڪثريت جو منهن ظاهر هوندو آهي ۽ تمام گهٽ منهن لڪائينديون آهن جيئن پنهنجي ملڪ ۾ رواج آهي. سعودي عرب ۾ عورتون يا مرد جڏهن ٻه ملندا آهن، ته هڪ ٻئي کي سلام ڪندا آهن. هتي سلام ڪرڻ جو رواج بلڪل ڪونه آهي ۽ مسلمانن ۾ ختم ٿي چڪو آهي. انگريزن ۾ ملڻ جو رُجحان شايد انڪري ختم ٿيو آهي، جو هو واقفيت ڪرڻ يا هڪ ٻئي کان حال احوال وٺڻ ۾ پنهنجو وقت وڃائڻ نه ٿا چاهين. سلام ڪرڻ يا Good Morning چوڻ جي جاءِ، هڪ ننڍڙي لفظ ’هاءِ‘(Hi) ورتي آهي، جنهن ۾ گهڻو وقت صرف ڪونه ٿو ٿئي.

گهمندي جڏهن ايجويئر روڊ جي مڪيه بازار جي چؤڪ تي، ’جمع بازار‘ وانگر، ماڻهن جي هلچل نظر آئي، جنهن ۾ آچر ڏينهن تي غريب ماڻهو ۽ شهر جي ٻاهران زمين تي ڪم ڪندڙ، هت اچي اسٽالن تي پنهنجو گهرو شيون وڪڻندا آهن. اِنهن شين ۾ ڪي سنيون شيون به هونديون آهن، جن کي سياح پسند ڪري خريد ڪندا آهن. هڪڙي اسٽال تي بائيبل ڪتاب وڪري لاءِ پيل هو. جنهن کي ڏسي مون کي افسوس ٿيو، ته هِن ڪتاب کي به ناول سمجهي وڪرو ڪيو پيو وڃي ٿو.

اسان لنڊن ۾ گهڻو سفر، زير زمين ريل جي ذريعي ڪيو، جو اُن ۾ رستي پُلجڻ جو امڪان آهي ئي ڪونه. سفر دوران ڪي مسلمان عرب، قرآن پڙهندي نظر آيا، پر ڪڏهن به بائيبل ڪنهن جي هٿ ۾ ڪونه ڏسڻ ۾ آيو.

لنڊن جي ’آواز‘ اخبار ۾ عابده پروين جي ڳائڻ جي محفل بابت اشتهار ۽ خبر آئي ته برمنگهم شهر جي موسلي ڊانس سينٽر (Mosley Dance Centre) ۾ موسيقي محفل لاءِ ايندي، ٽڪيٽ 10 ۽ 15 پائونڊ رکي وئي آهي. پروگرام جو نالو Abida Live in Birmingham رکيو ويو، جنهن جي ريڊيو تي بار بار تشهير ڪئي ٿي وئي. پروگرام تي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٻه سَو ڪلو ميٽر پري هجڻ ڪري ڪونه وڃي سگهياسين.

لنڊن جي جنگ ايڊيشن ۾، خبر آئي ته سعودي عرب جي شاهه فهد، برٽن ۾ ذهني مرض تي وڏيڪ تحقيق ڪرڻ، اُنجي روڪ ٿام ۽ علاج لاءِ، آڪسفورڊ جي بين الاقوامي تحقيق واري اداري (Oxford International Research Center) کي ساڍا ست لک پائونڊ مدد ۾ ڏنا آهن، جيڪي 1993ع ۾ چئن ڪروڙن روپيه جي برابر هُئا. برٽن ۾ ذهني مرض جي بيماري ڪينسر جي مقابلي ۾ ٽي ڀيرا وڌيڪ آهي، جنهن ڪري هِن وقت اِن موذي مرض ۾ اڍائي لک ماڻهو مبتلا آهن.

آڪسفورڊ يونيورسٽي جو دورو

پهريون دفعو لنڊن ويندڙن لاءِ منهنجو مشورو آهي، ته پهچڻ شرط ايئرپورٽ يا شهر جي ڪنهن بڪ اسٽال تان، ’لنڊن أي.زيڊ‘ (London AZ) ڪتاب خريد ڪري وٺن، جو توهان لاءِ هڪ رهبر طور ڪم ايندو. هِن ڪتاب ۾ لنڊن شهر جي هر ٻَلي، گهٽي، روڊ ۽ شاهرائن ڪان وٺي، هر جاءِ جي پوري معلومات، مختلف رنگن ذريعي درج ٿيل آهي. اِها گائيڊ توهان جي زندگي ڀر لاءِ هڪ ساٿي وانگر رهنمائي ڪندي رهندي. باقي، بسن، زير زمين ريل جا رنگين نقشا (One pager route maps) جنهن ۾ سياحن جي آساني لاءِ گهُربل معلومات ڏنل هوندي آهي، سي توهان کي هر هنڌ مفت ۾ ملي ويندا. اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته يورپ جي شهر جي هر گهٽي، رستي ۽ پاڙي جو نالو رکيل آهي، ته جيئن سياح پُلجي نه پون، پر ڪي وائڙا سياح، ڪڏهن ڪڏهن پلجي ڪنهن ڪان رستا پڇن، ته پليل ڪي ايتري تفصيل سان ٻڌائين، جو همراهه وڃي گُهربل هنڌ تي سلامتي سان پهچي. ايستائين جان ڪونه چڏين، جيستائين ڪين پڪ ٿئي ته هاڻي پنهنجي وٿاڻ تي پهچي ويندو. پر ڪي جوان يا پوليس وارا ڪجهه پنڌ ساڻ هلي اڳيرو به ڪن. بهرحال اخلاق ۽ مدد جي حوالي سان تعريف جوڳا آهن. پر جي اهڙو واقعي قاهرا ۾ ٿيندو، ته توهان کي رستو ٻڌائي، اڳيان هٿ جهلي چوندا ’اِڪراميه‘، مطلب مونکي اِن ڪم جو اجورو گهرجي.

لنڊن ۾ پئرس، سنگاپور، برلن ۽ سويڊن وانگر صفائي انتهائي درجي جي آهي، توهان کي ورلي ڪا گندگي نظر ايندي، پر جي اگر پلاسٽڪ يا ٻئي شئي ڪنهن نوجوان لاغرضائي ڪري اڇلي ۽ ڪنهن راهگير کي نظر اچي وئي، ته هو ڪٽي نِڪاڻي لڳائيندو. جو هر چوڪ ۽ رودن سان لڳل ٻجلي جي ٿنڀن ڀرسان رکيل پلاسٽڪ جا گند وارا ڊٻا، اِن مرض جي دوا آهن.

هتان جي پوڙهن کي خبر آهي، ته هنن هيءُ ملڪ ڪيڏي نه محنت ۽ جدوجهد سان حاصل ڪري، هن منزل تي پهچايو آهي پر نوجوان نسل کي شايد قدر ان لاءِ نه آهي، جو هُنن کي هي سُڌريل ملڪ ڄمڻ وقت هنج ۾ مليو. هتان جا واهڻ به شهرن وانگر صاف سُٿرا آهن ۽ هر اُها سهولت موجود اٿن جيڪا شهرن ۾ آهي.

اسان جا واهڻ به ويران، ته شهرن ۾ گندگي جا ڍير نظر ايندا. فِنانس ڪاتي جا فائيل ڪولڻ سان خبر پوندي ته، هر سال اربين روپيه اسان جي شهرن جي سار سنڀال ۽ چونڊيل ميمبرن کي ترقياتي ڪمن لاءِ ملن ٿا، پر

اڌ کان وڌيڪ هڙپ تي وڃن ٿا ۽ بقايا بيوروڪريسي ۽ ارباب اختيار جي وَرچڙهي وڃن ٿا. اِهي ترقياتي فنڊ، سياسي وفاداري حاصل ڪرڻ ۽ سندن مُنهن بند رکڻ جي حوالي سان، سياسي رشوت طَور ڏنا وڃن ٿا، حالانڪ ترقياتي ڪمن لاءِ هيترا سارا ادارا موجود آهن. سياستدانن جو ڪم صرف قانون سازي هجڻ گهرجي ۽ عوام جي مسئلن ۽ ڀلائي بابت اسيمبلي ۾ بحث مباحثا ڪرڻ گهرجن.

اسان آڪسفورڊ يونيورسٽي (Oxford University) گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو جو هن يونيورسٽي کي دنيا جو پراڻو تعليمي ادارو سمجهيو وڃي ٿو. سينٽرل لنڊن جي پئڊنگٽن ريلوي اسٽيشن تان ’ٿيمس ٽربو‘(Thames turbo) ريل گاڏي ۾ سوار ٿي، اتر اولهه طرف،90 Km جو مفاصلو هڪ ڪلاڪ ۾ طئي ڪري، گاڏي آڪسفورڊ ريلوي اسٽيشن تي بيٺي. گاڏي جي اندر سيٽون هوائي جهاز جي سِيٽن وانگر آرامده هيون. گاڏي ۾ ويهڻ سان،LCD اسڪرين ذريعي سڀي معلومات جهڙوڪ، ٽرين جو نالو،هلڻ ۽ پهچڻ جو وقت ۽ ڪهڙين اسٽيشن تي ڪيترا منٽ انتظار ڪندي وغيره، ٻڌائيندي رهي. مقرر وقت تي خودڪار دروازا بند ٿي ويا ۽ گاڏي هلڻ شروع ڪيو. گاڏيءَ جو اندريون ڏيک جيترو سهڻو ۽ وڻندڙ هو، سفر ٻه ايترو پرسڪون، مانيٽو ۽ بي آواز هو. گاڏي جي سفر دوران ٻرٽن جي ڀراڙي ڏسڻ جو جيترو شوق هيو، اوترو موقعو مليو. ڀراڙي ۾ زرعي زمينون ۽ ڪاهيل پوک نظر آئي، جيڪا مينهن جي پاڻي تي آباد ڪئي وڃي ٿي. زمين تي مال جا واڙا ۽ چرندڙ جانور ٻه نظر آيا. برساتي پاڻي تي آباد ٿيندڙ، اڪثر زمينون هموار نہ هونديون آهن، جنهن ڪري برسات جو اضافي پاڻي، هيٺائين واري ڪنهن زمين جي تلائن ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو، جيڪو بيهر پاڻي جي قلت دوران، ڊيزل پمپ ذريعي فصل کي ڏنو وڃي ٿو. برسات جي ڪري سڄو ملڪ سرسبز آهي. ڪٿي ٻه زمين خالي نظر ڪونہ ٿي اچي. ڀراڙيءَ ۾ بجلي، روڊ رستا شهري معيار جهڙا ٺهيل آهن. هتي بنيادي سهولتن جي حوالي سان ڪنهن ٻه قسم جو تفرقو نہ آهي، اسڪولن اندر پڙهائي ۽ سهولتن جو ساڳيو معيار آهي. ريل جي پٽڙي جي ٻنهي پاسن کان وڻڪار، ميون جا باغ (Orchards)، ڍنڍون ۽ ڍورا آباد آهن. هتي جي ڀراڙي ۾ روڊ رستن جي سهولت هجڻ ڪري، سڄو علائقو آباد نظر اچي ٿو. ريل ڪيترن ئي ننڍين آبادين، ڳوٺن مان پنهنجي تيز رفتاري سان منزل مقصود ڏانهن روان دوان آهي. ريل پٽڙي تي

ڪوبہ ڦاٽڪ وغيره نہ آهي، جو سڀ رستا ۽ روڊ، ريلِ جي مٿان پُلين (Flyover Bridges) ذريعي پار ڪيل آهن ۽ ڪٿي ڪٿي جانور جي لنگهہ لاءِ پٽڙي هيٺان پليون (Under Passes) ٺهيل هجڻ ڪري، ريل کي ڪنهن بہ قسم جي رڪاوٽ نہ هجڻ جي برابر آهي. ريل جي رفتار کي تيز رکڻ ۽ ڪنهن بہ ممڪن حادثي کان بچڻ لاءِ، هتي ريل پٽڙي جي ٻنهي پاسن کان ڪنڊن وارن تارن (Barbed wire fence) جون رڪاوٽون ڏنل آهن، تہ جيئن ڪو جانور اندر داخل نہ ٿي سگهي.

ڀرپاڙي واري علائقي ۾، شهرن جي بنسبت گهر ويڪرا ۽ وڏا آهن ۽ هتي ڪنهن بہ قسم جي چوري، ڦُرمار ۽ دادا گيري بنهہ ڪونہ آهي. ماڻهو ڄڻ دنيا جي جنت ۾ پيا گذارين، جتي حورن سان گڏ امن پڻ موجود آهي. هتي امن، علم ۽ صحت سان گڏ پيار ۽ محبت آهي. ماڻهن ۾ محنت ڪري رزق حلال ڪمائي کائڻ جي جستجو ۽ همت بہ آهي. ڀرپاڙي ۾ زرعي زمينون، سنڌ وانگر ننڍن ايراضين جي سروي نمبرن تي مشتمل نہ آهن، هتي زمين، ڪڙيا، ڪسيون، آوانڌا، ٻني، پارا ڪونہ ٿين، پر گهٽي ايراضي وارا بلاڪ يعني ڏهہ، ويهہ ايڪڙن جي ايراضي جا فارم ٿين، جيڪي هڪ ئي حد اندر مشيني اوزارن ذريعي آباد ڪيا وڃن ٿا.

هڪ ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ، ريل آڪسفورڊ شهر جي مرڪز ۾ واقع آڪسفورڊ اسٽيشن تي لاٿو، شهر ۾ هڪ بوڪ اسٽور تان سياحن جي معلومات جا ڪتاب ۽ پمفليٽ ورتا، جيڪي لنڊن جي ڀيٽ ۾ ڪافي سستا هئا.

آڪسفورڊ شهر قديم درسگاهن هجڻ ڪري ڪاليجن جو شهر (City of Colleges) ڪري سڏيو وڃي ٿو ۽ هن شهر ۾ ڪيترائي پراڻا ۽ نوان شاندار چرچ پڻ آهن. آڪسفورڊ شهر تي نالو آڪس (Ox) يعنيٰ ڏاند يا ڍڳو ۽ فورڊ (Ford) وهندڙ پاڻي جي نالي، واهي يا ڪڙيو،ڪسي يا ٻوري مان ڏاندن واري گاڏين يا گهوڙي گاڏي جو گهير يا ٽانگهو لنگهہ کي پراڻي انگريزي ۾ فورڊ، جنهن کي اڄڪلهہ ڪازوي (Causeway) چيو وڃي ٿو. هي ڏاند گاڏين وارو گهير يا ٽانگهي لنگهہ، آڪسفورڊ (Oxford) جي نالي سان آباد ٿي مشهور ٿيو. هي ڏاند گاڏين جو سلسلو، پاڪستان ۽ هندوستان ۾ اڃان تائين جاري ۽ ساري آهي. قديم زماني ۾ ڏاند گاڏي ئي معاش جو ذريعو هو. سويڊن ۾ وري ڏاندن تي سنج وجهي، انهن مٿان سُواري ڪئي ويندي آهي، جيئن اسان گهوڙي مٿان سواري ڪندا آهيون. هِن شهر جي آبادي، 2011ع مطابق ڏيڍ لک آهي، جنهن ۾ 72 سيڪڙو گورا، 8.50 سيڪڙو

ايشيائي، 4 سيڪڙو ڪارا، 4.50 سيڪڙو چائنيز ۽ باقي ٻيا نسل آهن. هِن وقت جو لارڊ ميئر (Lord Mayor) چانسيلر محمد عباسي آهي، جنهن جي سياسي وابستگي ليبر پارٽيءَ سان آهي. هي شهر نائين صدي ۾ آباد ڪيو ويو هو ۽ ٻارهين صدي ۾ هن شهر ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي قائم ڪئي وئي هُئي. ٻي مهاڀاري جنگ ۾ لنڊن شهر کي بري طرح تباهه ڪيو ويو، ليڪن هٽلر جي هدايتن تي، هن شهر کي ڪوئي نقصان نہ پهچايو ويو، شايد انڪري جو هٽلر جنگ کٽڻ جي صورت ۾، هن شهر کي گادي جو هنڌ ڪري وسائڻو هو. هن شهر ۾ اعليٰ تعليمي ادارن کان علاوه، مورس گاڏي ٺاهڻ جو ڪارخانو، ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن جي ڇپائي ۽ سائنٽيفڪ ۽ ٽيڪنيڪل اوزارن ۽ مشينن جي پيداوار جو ڪم اعليٰ معيار مطابق هلي ٿو.

شهر گهمڻ لاءِ ٻي ٽوئر جو پروگرام وٺي ڳاڙهي رنگ جي ڊبل ڊيڪر بس، جيڪا بغير ڇت جي سياحن لاءِ هوندي آهي، ان ۾ ويهي، سڄي شهر جو سير ڪيو، شهر جي مکيہ روڊن، جهڙوڪ لنڊن روڊ، ٻين بري روڊ، هيڊنگٽن روڊ، ايسٽرن باءِ پاس، ڪوئلي روڊ (Cowley Road)، برناردس روڊ ۽ ٻين تان گهمائيندي، شهر جي مرڪزي حصي ۾ مئڪڊونالڊ ريسٽورنٽ جي پرسان لاٿو، جتي منجهند جي ماني لاءِ اندر داخل ٿياسين. ڏاڍي رش هجڻ ڪري قطار ۾ بيهي، پنهنجي واري تي کاڌو وٺي ويهڻ لاءِ هيڏانهن اوڏانهن ڏٺو تہ ڪٿي بہ جاءِ خالي ڪونہ هُئي، سواءِ هڪ ڪنڊ ۾ ٽيبل تي اڳ ۾ هڪ بزرگ انگريز، شراب جي وڏي بوتل سامهون رکي پيئڻ ۾ مشغول هُئو ۽ ائين پئي لڳو تہ هو اڳئي گهٽو پيتل (Drunkard) هو. اسان هڪ ٻئي جي منهن ڏانهن ڏسي، بيگم کان اتي ويهڻ لاءِ مشورو ڪيو. ٿوري دير ڪانپوءِ، بزرگ پنهنجي ڳاڙهين اکين کي زور سان کولي، شراب پيئڻ جي آڇ ڪئي، جنهن تي کيس مون مهرباني چئي جان ڇڏائي. اسان کي هِن موالي مان خوف پئي ٿيو، تہ متان اِها بوتل ڪٿي نہ هٽي. آخر ۾ هن سگريٽ ڪڍيا، جنهن جي پڻ صلاح ڪيائين. پوءِ اٿڻ وقت ٿورو ٿابڙ لڳو، جنهن تي مان کيس ٿورو سهارو ڏنو، جنهن تي هن مون کي انگريزي جا هي لفظ چئي دعا ڏني (God Bless You). هِن جي اُٿي وڃڻ کانپوءِ اسان جو پوءُ پڇو ۽ افسوس ٿيو تہ هُن اهڙي حالت ۾ بہ اسان جي مهمانوازي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي اسان کيس ڪنهن قسم جي موٽ نہ ڏني.

شاپنگ لاءِ شهر جي مختلف بازارن جو چڪر لڳايو، جن ۾ سٽي سينٽر (City Center)، براڊ اسٽريٽ (Broad Street)، جارج اسٽريٽ (George Street)، گولڊن ڪراس (Golden Cross)، هاءِ اسٽريٽ (High Street) ۽ ڪُوين اسٽريٽ (Queen Street) شامل هيون. شهر ڏاڍو پر رونق ۽ سهڻو هو. ماڻهو سڀ بااخلاق ۽ همدرد طبيعت ۽ منو مزاج رکندڙ پئي لڳا. ٿيمس ندي (Thames River)، لنڊن وانگر هن شهر جي وچ مان لنگهي ٿي ۽ لنڊن ڪنهن فيري رستي به واپس هتان وڃي سگهجي ٿو.

آڪسفورڊ يونيورسٽي اعليٰ تعليمي معيار جي حوالي سان، دنيا ۾ پنجين نمبر تي ۽ ڪيمبرج يونيورسٽي (Cambridge University) چوٿين نمبر تي آهي. منهنجي خيال ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي هڪ وڏو ادارو هوندو، جيڪو هڪ ئي بائونڊري (Enclave) اندر هڪ ننڍڙي شهر وانگر علم جو شهر هوندو. جيئن اي.آءِ.ٽي ڪيمپس (AIT Campus) يا سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو واري هڪ عليحده چؤ ديواري اندر هڪ خود مختيار ادارو، پر اُتي پهچڻ سان، جڏهن خبر پئي ته، 32 ڪاليجن جي مجموئي ڪي ملائي آڪسفورڊ يونيورسٽي جو درجو ڏنو ويو آهي ۽ هر هڪ ڪاليج شهر جي مختلف پاڙن ۾ واقع آهي. پراڻي يونيورسٽي هجڻ ڪري، مختلف تعليمي شعبن ۽ مضمونن جي واڌ، وقت گذرڻ سان ڪئي وئي، جنهن ڪري يونيورسٽي ڪي ڪنهن هڪ جاءِ تي ٺاهي نه سگهيا ۽ اِن سبب ڪري يونيورسٽي جي مختلف شعبن جون عمارتون سڄي شهر ۾ پکڙيل آهن. اِن کان وڌيڪ ته اسان وٽ مهراڻ يونيورسٽي جي ڪيمپس شاندار آهي. هن وقت (1993ع) آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ هر سال پندرهن هزار کان وڌيڪ شاگرد زير تعليم رهن ٿا ۽ تقريباً نَوَ هزار پائونڊ ساليانو في شاگرد خرچ ڪن ٿا. 2014ع ۾ يونيورسٽي ۾ انٽيهه کان وڌيڪ ڪاليج ۽ ڇهه هال، شهر جي مختلف علائقن ۾ پکڙيل آهن. اسان ٽرنٽي ڪاليج (Trinity College)، ڪُوين ڪاليج (Queen's College) ۽ لنڪولن ڪاليج (Lincolin College) گهمي ڏٺاسين. لنڪولن ڪاليج ۾ جڏهن قائد اعظم بانيءَ پاڪستان جنهن وچ ايشيا جي مسلمانن کي هڪ آزاد رياست ڏئي وڏو احسان ڪيو. ان کان ڪنهن سوال ڪيو هو، ته لنڪولن ڪاليج ۾ اوهان داخلا ڇو ورتي پاڻ جواب ۾ فرمايائون، ته جڏهن مان دنيا جي وڏن قانون ڏيڻ (Lawgivers) جي لسٽ، هن ڪاليج ۾ ڏٺي ته حضرت محمد مصطفيٰ صہ جن جو نالو اول ۾ هو، بس ان ڏينهن ڪانپوءِ مون سمجهيو ته انگريزن وٽ گهٽ ۾ گهٽ تعليمي ميدان ۾ ڪو تعصب نه آهي.

ڪاليجن جي عمارتن جي فن معماري، ايتري تہ شاندار ۽ پُرڪشش آهي، جو دل وري بيهر پڙهڻ جو اُتساهہ ڏيکاري ٿي. هن پُروقار ۽ ناماياري اداري (Prestigious University) مان فارغ التحصيل ٿيندڙ شاگردن، دنيا ۾ وڏو نالو ۽ عزت ڪمائي آهي، جن ۾ نَو مختلف ملڪن جا بادشاهہ بہ شامل آهن، جن ۾ ٿي ملائيشيا، بہ برٽن، بہ ناروي، هڪ هن وقت جو عبدالله (بيو)، اردن جو بادشاهہ ۽ هڪ هاليند جو بادشاهہ شامل آهن. هِن يونيورسٽيءَ مان ٿيويهہ شاگرد دنيا جي مختلف ملڪن جا صدر ۽ وزيراعظم ٿي رهيا آهن، جن ۾ ڇهہ پاڪستاني، حسين شهيد سهروردي، لياقت علي خان، جناب ذوالفقار علي ڀٽو، فاروق احمد لغاري، وسيم سجاد ۽ محترمہ بينظير ڀٽو شامل آهن.

هن اداري مان برٽن جا 25 وزيراعظم فارغ تحصيل شاگرد آهن، جن ۾ هاڻوڪو وزيراعظم جناب ڊيوڊ ڪيمورون (David Cameron) بہ شامل آهي ۽ هي صاحب برٽش بادشاهي گهراڻي يعنيٰ بادشاهہ وليم (چوٿون) جي اولاد مان آهي. هن اداري جي فارغ تحصيل شاگردن مان پنجاهہ کان وڌيڪ شاگردن، نوبل انعام کٽيا آهن. ان کان علاوه،عمران خان، مسٽر بين (Mr. Bean) لارينس آف عريبيا، زينب بدوي (BBC Broad Caster)، مسز اندرا گاندي، سُلمان بندرا نائڪي (سريلنڪا) بہ هن ئي اداري مان پڙهي نڪتل آهن.

يونيورسٽي ۾ پنج عجائب گهر آهن، جن ۾ آشمولين ميوزم (Ashmolean Museum) جنهن ۾ قديم انگلستان جو شيون رکيل آهن، ميوزم آف نيچرل هسٽري ۽ ميوزم آف هسٽري آف سائنس قابل ذڪر ۽ ڏسڻ وٽان آهن. يونيورسٽي ۾ هڪ عظيم لائبريري بودلين (Bodleian Library) جي نالي تي آهي ۽ ٻئي ريڊ ڪلف ڪئميرا (Radcliffe Camera) جي نالي سان لائيبريري آهي، جيڪا ٽي منزل گول دائري جي عمارت آهي، جنهن مٿان هڪ وسيع گنبذ جي ڇت آهي. آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس هڪ ڇپائي جو عظيم ادارو آهي، جنهن جي هڪ شاخ ڪراچي ۾ بہ آهي.

يونيورسٽي جا باغ ڏاڍا سُهڻا ۽ سرسبز آهن، جو سياح انهن باغن ۾ فوٽو گرافي ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ٿا.

هن اداري ۾ عيسائي مذهب جي عبادتگاهہ جي حوالي سان، ڪيترائي گِرجا گهر آهن، جن ۾ ڪرائيسٽ چرچ ڪٿيڊرل (Christ Church Cathedral) ۽ چرچ آف ميري (University Church of Marry) ڏسڻ وٽان آهن. انهن گرجا گهرن ۾ رنگين موزئڪ ٽائيلن ذريعي بيبي مريم، حضرت عيسيٰ، حضرت موسيٰ ۽ ٻين نبين جون ڪهاڻيون ڀتين تي نقاشي ۽ مصوري ڪري، ڏيکاريون ويون آهن.

آڪسفورڊ شهر ۾ ٻه وسيع اسپتالون آهن، هڪ چرچل اسپتال (Churchil Hospital)، ٻئي جان ريڊ ڪلف اسپتال آهي، جن ۾ دنيا جون بهترين سهولتون ميسر آهن.

نيچرل هسٽري ميوزم

آڪسفورڊ جي دوري دوران هڪ رات هوٽل ۾ ٽڪي ٻئي ڏينهن شام جو ساڳئي ريل ذريعي لنڊن جي پئڊنگٽن اسٽيشن تي لهي وڃي هوٽل پيڙا ٿياسين. صبح جو لنڊن جي نيچرل هسٽري ميوزم (National History Museum) ۽ ريجنٽ پارڪ ۾ اُن پرسان اسلامڪ سينٽر ڏسڻ جو پروگرام ناهيو.

انڊر گرائونڊ ذريعي ڪرام ويل روڊ تي واقع عجائب گهر پهچي ٽڪيٽ ورتي، داخل ٿيڻ سان پهرئين هال ۾ ڊائنا سور جو 50 فوٽ ڊگهو ڍانچو (Skeleton) مٽي ٽنگيل ڏسي، حيرت ٿي ته ايترا وڏا جانور جي زنده هُئا، ته پوءِ انسان ذات ۽ ٻيا جانور ڪيئن بچيا، جيڪو ’جس کی لاٹهی اس کی بهینس‘ جي اصول جي ابتڙ آهي. هي ميوزم، 130 سالن کان اڳ جو ٺهيل آهي، جنهن ۾ اٺ ڪروڙ مختلف شيون ڏيکارڻ لاءِ رکيون ويون آهن، جيڪي ٻوٽن جي علم (Botany)، معدنيات (Mineralogy)، جيتن جو علم (Entomology)، نابود ۽ پند پهڻ ٿيل جانورن جو علم (Paleontology) ۽ حيوانياتي علم (Zoology) سان تعلق رکن ٿيون. هِن ميوزم ۾ چارليس ڊارون (Charles Darwin) پنهنجي تحقيق لاءِ جيڪي نمونې طور شيون ګولي هٿ ڪيون هيون، سي به رکيل آهن.

هن ميوزم ۾ شاگردن لاءِ ڪابه في وغيره ڪونه ورتي ويندي آهي ۽ ان ڪري اسڪول ۽ ڪاليج جي چوڪرن جي پيڙ لڳل هوندي آهن. هن ميوزم ۾ شاگرد گروپن جي شڪل ۾، پنهنجي اسڪولن طرفان استادن جي رهنمائي هيٺ اچي، پنهنجي علم ۾ وڌارو ڪن ٿا ۽ غالباً هر اسڪول کي حڪومت طرفان ٻارن کي تدريسي حوالي کان، اهڙي قسم جون هدايتون مليل هونديون آهن، جو ڪيترن ئي ٽولن جي شڪل ۾ ايندا رهندا آهن. اِن ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ننڍي عمر ۾ قابل استادن جي نگراني هيٺ عجائب گهر جو معائنو ڪرڻ سان، علم جي تصوراتي ۽ تخيلقي ادراڪ ۾ اضافو اچي ٿو، جنهن ڪري مغربي ملڪن ۾ تحقيق ۽ تخليق جو رجحان اسان کان هزار پيرا وڌيڪ آهي. الله ڪري ته اسان جي تعليمي ادارن جي ارباب اختيار وارن کي هوش اچي، جو هو اسڪولن جي ٻارڙن

ڪي اهڙي قسم جي چڙيا گهرن ۽ عجائب گهرن جو گهمڻ ۾ گهٽ هڪ سال ۾ هڪ دفع گهمڻ ۽ معائنو ڪرڻ لازم قرار ڏين. هن ميوزم ۾ هر قسم جي جانور، جيتن، پاڻي اندر رهندڙ مخلوقات جون اصلي حالت ۾ محفوظ (Preserved) ٿيل جنسون رکيل آهن.

هن ميوزم ۾ رائيٽ برادرس (Wright Brothers) جي جهازن جا نمونا سياحن لاءِ رکيل آهن. برٽن سائنسدانن جي پهرين اسٽيم انجن (Steam Engine) جيڪي سڻ جي ڏهاڪي ۾ اتي پيهڻ لاءِ سنڌ ۾ عام هونديون هيون، انهن جهڙي هڪ مشين، ٻہ هِن ميوزم جو شان بڻيل آهي، جنهن ڪي سياحن لاءِ اڌ ڪلاڪ ڪن هلائي ڏيکاريندا آهن جو آواز سان سڄي ميوزم جي خاموشيءَ ۾ زوزات شروع ٿي ويندا آهن. انگريزن جي هِن ايجاد، دنيا ۾ تخليقي عمل کي ايتري تيزي ونائي، جو ريل جي مواصلاتي نظام سيني جون اکيون کولي ڇڏيون.

هي ميوزم ڇئن گئلريز ۾ ورهايل آهي ۽ جنهن مان هڪ ۾ قديم زماني جا ڊائنا سور جانورن جا مُجسما ۽ ڊانچا رکيل آهن، مختلف قد ڪاٺ واري هي جانور ٻن يا ڇئن ٽنگن تي هلندا هُئا ۽ هنن جو قد وڏن ڪان بہ مٿي هوندو هو. هن وقت هي جانور، هن دنيا مان ختم (Extinct) ٿي چُڪا آهن. جن جو مغرب وارن کي ڏاڍو افسوس آهي، جو انهن تي ڪيترائي ناول ۽ فلمون ٺاهيون ويون آهن ۽ اڃان تائين پيون ٺهن.

هن ميوزم ۾ چارليس ڊَارِون جو سفيد ماربل مان ٺهيل مجسمي سان گڏ، ڪيترن ئي بادشاهن ۽ راڻين جا مجسما پڻ زائرين لاءِ رکيا ويا آهن.

ريجنٽ پارڪ

هن ميوزم جي سامهون، سائنس ميوزم ۽ وڪٽوريا ۽ البرٽ ميوزم واقع آهي، جيڪي پڻ ڏسڻ وٽان آهن. ميوزم ڪانپوءِ ريجنٽ پارڪ (Regent Park) ڏسڻ لاءِ پهتاسين. هي پارڪ، 310 ايڪڙ زمين تي، وچ شهر ۾ ڦهليل آهي ۽ هن پارڪ ۾ ريجنٽ يونيورسٽي ۽ لندن چڙيا گهر بہ موجود آهن. هائيڊ پارڪ کان پوءِ، لندن ۾ هي باغ خوبصورتي ۽ گلزاريءَ جي حوالي کان ٻئي نمبر تي اچي ٿو.

هن باغ جي چوطرف ٻاهران روڊ ٺهيل آهي ۽ باغ اندر وچ ڌاري اندرين ڪولائي ۾ روڊ ناهي، انهن ٻنهي روڊن کي ويڪرن پيدل ماڻهن لاءِ رستن

(Walk Ways) سان ملائي، پارڪ کي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايو ويو آهي، جن ۾ مختلف قسم جون گُلڪاريون، رنگ برنگي گلن جا ٻوٽا لڳائي باغ جي خوبصورتي وڌائي آهي ۽ اهڙي منظر ڪشي جيڪا قدرتي نظارن جي سجاوٽ (Landscaping) جي عڪاسي ڪري رهي آهي.

هن باغ ۾ هترادو ننهيل ڍنڍون آهن، جن ۾ ڪيترائي پکي پنهنجي آزادي جا گيت ڳائي، هر سياح جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ لاءِ آتا آهن. سياح انهن پکين جي خوراڪ پاڻ سان کنيون اچن ۽ ڍنڍ جي ڪناري سان هلندي کين خوراڪ کارائيندا رهن ٿا، جيئن پکي هر سياح جو پيڇو ڪري، ڪانئن ڪاڏو گهري رهيا هجن. باغ اندر مٽيءَ جا وڏا دڙا ناهي، متان وٽڪاري ۽ رنگين گلن جا ٻوٽا پوکي (مري جي گُلِ گلزار پهاڙين وانگر) منظر کي قدرتي نظارن سان نسبت ڏني وئي آهي. چار سَوَ مختلف گلن جي ٻوٽن جا قسم، جن مان 12 هزار کان وڌيڪ ٻوٽا لڳل آهن. باغ اندر وڏي ڍنڍ کي ريجنٽ ڪئنال سان ملايو ويو آهي، جيئن ڍنڍ ۾ تازو پاڻي ايندو رهي ۽ ڍنڍ اندر جيوت ۽ پکي خوش رهن. هن ڍنڍ اندر سياحن لاءِ ٻيڙا رکيل آهن، جيئن هو پاڻي ۾ سير ڪري تفريح حاصل ڪن. هن باغ اندر، ٻارن لاءِ مختلف راندين جا ميدان، تفريح ۽ دل وندرائڻ لاءِ چيڪلا، چوڏيلون ۽ گِسڪٽيون (Slides) موجود آهن، جن تي ٻار سڄو ڏينهن پيا ڪيڏن. باغ اندر مختلف جاين تي، پاڻيءَ جا ڦوهارا ننهيل آهن، جن جي سامهون ڪرسيون لڳل آهن، جن تي ڪُڙيل يا بزرگ سياح ويهي، منظر ڪشي سان گڏ آرام ڪري سگهن ٿا. ڪيترائي نوجوان جوڙا اٽپوري لباس ۾، هڪ ٻئي کي هٿ ڏئي يا پاڪر پائي آهستي هلندا ۽ پنهنجي رهاڻ ۾ رمندا رهن ٿا.

باغ جي اندرئين گولائيءَ ۾ ڪُوئن ميري گارڊن (Queen Marry Garden) آهي، جنهن اندر کليل ٿئيٽر (Open Air Theatre) واقع آهي.ان ۾ خاص موقعي تي رسمون ملهائڻ جي حوالي سان جشن ٿيندا آهن. لنڊن جي مرڪزي مسجد (London Central Mosque) يا اسلامڪ سينٽر بہ هن پارڪ جي پير ۾ آهي. هن مسجد جي ڇت وڏي گُنبذ سان ڍڪيل آهي، جيڪا پري کان واضع نظر ايندو آهي.

سائيڪل سُواري جي شوقينن لاءِ ٻاهريون رستو (Outer Circle) مخصوص ڪيل آهي. اونهاري ۾ ٽينڊز اولمپڪ راندين لاءِ، هن باغ ۾ ڪافي گنجائش رکي وئي آهي ۽ 2012 اولمپڪ راندين دوران هن باغ کي بيس بال (Base Ball) ۽ سافٽ بال (Soft ball) لاءِ چونڊ ڪيو ويو هيو. سياح ريجنٽ يونيورسٽي ۽ لنڊن چڙيا گهر پنهنجي سهولت سان گهمي ڦري

سگهن تا. چڙيا گهر ۾ هزارين پکي ۽ جانور، دنيا جي مختلف ملڪن مان آٽي، هن چڙيا گهر جي زينت بڻايا ويا آهن. لنڊن جي مرڪزي مسجد ۾ پنج وقت نماز باجماعت ٿيندي آهي ۽ جمع جي نماز ۾ ڪافي ڀيڙ نظر ايندي آهي. هتي هڪ مدرسو ۽ اسلامي ڪتب خانو پڻ آهي.

يوسف اسلام

اسلامي پروگرامن جي معرفت،’مسٽر يوسف اسلام‘، اڳوڻو پاپ سنگر،ڪَئِٽِس اِسٽيون (Cats Steven) جي باري ۾ ڪافي ٻڌو هو، ته هو 76-1965 دوران وڏو پاپ سنگر هو، جنهن مغربي جي موسيقيءَ جي حوالي سان وڏو نالو ڪمايو. رب پاڪ جي هدايت پهچڻ ۾ دير ڪونه لڳندي آهي، جو 1977ع ۾ هن اسلام قبول ڪري، پنهنجو نالو ڪئٽ اسٽيون مان ڦيرائي ’يوسف اسلام‘ رکيو. پوري اولهه ۾ واويلا مچي وئي ۽ BBC T.V تي هن جا ڪيترائي انٽرويو ڏيکاريا ويا، جنهن ۾ هن اسلام قبولڻ جو واضح اعتراف ڪيو. مسٽر ڪئٽ اسٽيون مغرب جي پاپ ۽ راڪ موسيقي جو بادشاهه سمجهيو پئي ويو. هُن پوري يورپ ۽ آمريڪا ۾ سَوَين موسيقي جي محفلن ۾ ناچ گانا پيش ڪري دنيا تي ڇانئجي ويو هو. هن نه صرف ڳائڻ ۾ نالو ڪيرايو، پر ڳانن جي شاعري ۽ موسيقي جون ڌُنون (Composing) به پاڻ ناهيندو هو. هو جڏهن مراڪش جي موروڪو شهر ۾ سير سفر لاءِ آيو ته اُتي شهر گهمندي، هن جي ڪن تي آذان جو آواز اچي اٽڪي پيو، جنهن بابت هن کي بيچيني ايترو بيدار ڪيو جو ڪنهن کان پڇيائين ته هي ڇا جو آواز آهي. هي الله جي عبادت جو سڏ آهي، ڪنهن راهگير کيس ٻڌايو. اُن ڏينهن کانپوءِ، اِها پُڪار سندس دل ۾ گهرُ ڪري وئي.

هڪ دفعي آمريڪا جي ڪئليفورنيا شهر جي ميليبو (Malibu Coast) سامونڊي ڪناري تي وهنجڻ دوران هڪ زوردار ڇولي کيس گهري سمنڊ ۾ ڊِڪي وئي، جو هو ٻڏڻ لڳو ۽ موت اچي کيس سوڙهي گهيري ۾ ڦاسايو. هِن کي ڪا بي واهه نظر نه آئي ۽ الله تعاليٰ کي پڪاري چيائين، ته ’اي الله مونکي بچاءِ مان پوءِ سڄي زندگي تنهنجي لاءِ ڪم ڪندس‘، جنهن تي سندس چوڻ مطابق، هڪ وڏي وِير آئي، جنهن هن کي ڊِڪي اچي ڪناري سان لڳايو. موت جي منهن مان بچڻ، کيس حق ۽ سچ جي ڳولها تي مجبور ڪيو، جنهن کانپوءِ، هُن دنيا جي مختلف مذهبن جهڙوڪ: ٻُڌ مت مسلڪ جنهن ۾ مراقبي ۽ وجدان جي حوالي عبادت ڪئي ويندي

آهي، قديم چيني فالنامو، جيڪو ٽڪنڊي ۽ ڇهه ڪُنڊي تي ٻڌل هوندو آهي، عددن ۾ فرضي اسرارن ۽ لڪل اثرن جو علم (Numerology)، پتن ذريعي قسمت ٻڌائڻ جو علم (Tarot Cards)، علم نجوم (Astrology) ۽ هندو ڌرم جو مطالعو ڪرڻ سان ڪيس ڪجهه به حاصل نه ٿيو. هِن جي ياءُ، ڊيوڊ گارڊن (David Gordon) جيرو سلم جي مسافريءَ تان واپسي تي، سندس جنمڻ ڏينهن جي سوکڙي (Birth Day Gift) ۾ هڪ قرآن شريف جي ڪاپي آڻي ڏنس، جنهن کي پڙهڻ سان هن حق ڳولي لڌو.

هن وقت يوسف اسلام، برٽن ۾ مسلمانن لاءِ ڪيترائي خيراتي ڪم ڪيا آهن. خاص ڪري هڪ خيراتي ادارو، مسلم ايڊ (Muslim Aid) هلائي رهيو آهي. اسان کي ساڻس ملڻ جو شوق ٿيو، تنهنڪري فِنسبَري باغ جي مرڪزي مسجد (Finsbury Park Mosque)، جنهن کي هن وقت ’اُتر لنڊن جي مرڪزي مسجد‘ سڏيو وڃي ٿو، پڇائيندا وڃي ڳولي لڌو. هي مسجد يوسف اسلام، 1993ع ۾ ٺهرائي، پرنس چارليس کان افتتاح ڪرايو، جنهن کانپوءِ پاڙي وارن گهڻي مخالفت ڪئي. هي مسجد اتر لنڊن جي ستن ڀينرن واري روڊ (Seven Sisters Road) تي واقع آهي.

اسان زير زمين ريل ذريعي فنسبري پارڪ اسٽيشن جي ٽڪيٽ وٺي، سيون سسٽر روڊ تي پهچي، مسجد ۾ داخل ٿياسين. جمع جي اذان اچڻ ۾ ٿورو وقت هو، سو وضو ڪري نماز جي تياري ڪئي. نماز ۾ پهريون خطبو انگريزي ۾ ۽ ٻيو عربي ۾ ڏنو ويو. عورتن لاءِ پردي جو انتظام هو، جو رابعه به نماز ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪافي عورتن کي ڏسي خوش ٿي. نماز ختم ٿيڻ کانپوءِ، اسان جي ملاقات يوسف اسلام سان ٿي. اڇي رنگ جو جُبو پاتل هجيس ۽ ڊگهي ڪاري ڏاڙهي، نماز تي سندس مسلمان زال، 15 سالن جي ڌيءَ ۽ سندس مسلمان سؤٽ، جيڪو انجنيئر هو، سيني سان ملاقات ٿي. اسان جو سعودي عرب مان اچڻ تي، هُن وڌيڪ چيو ته مدينه شريف مان اسان کي ڪجهه ديني ڪتاب ۽ ڪيسٽون گهرائڻيون آهن، جيڪڏهن ڪو هر مهيني يا ٻيءَ مهيني ايندڙ هجي ته ان کي جوابداري سان ڪم ڏجي. بهرحال هُن پوري عالم اسلام جي ابتر حالت تي ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ دعا گهري ته الله تعاليٰ سيني کي هدايت ڏئي.

برٽن ۾ اسلام تيزي سان وڌندڙ مذهب سمجهيو وڃي ٿو، جو هن وقت لنڊن شهر ۾ ڏهن کان وڌيڪ رجسٽرڊ مسجدون آهن ۽ پوري برٽن ۾ چاليهارو کان وڌيڪ مسجدون آباد آهن. برطانيه ۾ پهرين مسجد ويلز

(Wales) جي ڪارڊف (Cardiff) شھر ۾، 1860ع ۾ آباد ڪئي وئي، جنھن جو پھريون نالو ابو ھريره مسجد رکيو ويو، ليڪن ھن وقت ان جو نالو ’المنار سينٽر‘ آھي ۽ ٻئي نمبر تي قديم مسجد، 1889ع ۾ لنڊن پرسان سُري (Surrey) علائقي جي ڳوٺ، ورڪنگ (Working) ۾ ناھي وئي.

تبوڪ ۾ گڏ ڪم ڪندڙ فلسطيني انجنيئر ٽيسِير ابوالعافيه، لنڊن ۾ سندس رھندڙ سالي جيڪا، قبرصي ترڪي نزاد لڳي رھي ھُئي، تنھن جو فون نمبر ڏنو ۽ ڪجھ سامان بہ کيس ڏيڻ لاءِ ڏنو. جمع نماز سيون سسٽر روڊ واري مسجد ۾ پڙھي، کين فون ڪري پتو پڇي سندن ووڊ گرين (Wood Green) واري علائقي ۾ واقع گھر لاءِ مَنُور ھائوس (Manor House) اسٽيشن تي زير زمين ريل ذريعي پھتاسون، جتي مسٽر اُوگُز (Mr. OGUZ) ۽ سندن زال ڪار ڪاھي، اسان کي گھر وٺي وڃڻا ھُئا. بيگم کي پاڪستاني ڪپڙن ڪري، ھنن جلدي سڃاڻي ڪٺي گاڏي ۾ ويھاريو ۽ پنجن منٽن جي سفر ڪانپوءِ، پنھنجي گھر رسيا. حالي احوالي ٿيڻ ڪانپوءِ، کين امانت ڏني جو ڏاڍا خوش ٿيا، ان ڪري جو برٽن ۾ سوڪڙي پاڪڙي ڏيڻ جو رواج گھٽ آھي. ڏيڻ تہ اجان ڏاڍو ڏور پر ھڪ ٻئي کي سڃاڻڻ وارا ۽ عزيز بہ پنھنجو مُنھن پاسي تي ڪريو ڇڏين. ھو پاڻ ۾ ھڪ ڌيءَ سميت ٻن ڪمرن جي گھر ۾ رھندا آھن. سندن نوجوان ڇوڪري پنھنجي آيل ماسات سان گڏ شھر گھمڻ نڪتل ھئي، جو ھونءَ بہ نوجوان اولاد تي قانونن حڪم نٿوھلائي سگھجي، جو برٽن وارا آزاديءَ جا علمبردار آھن. ڪئناڊا وانگر توھان ننڍي ٻار سان جيڪڏھن ٿوري سختي ڪئي، تہ ھو پوليس کي فون ڪري، توھان کي آرام سان جيل جي ھوا ڪارائي سگھي ٿو. اسڪولن ۾ سيني ٻارن کي پنھنجي آزادي ۽ حقن سان گڏ پوليس جو فون نمبر بہ ياد ڪرائي ڇڏيندا آھن.

ڊرائنگ روم ۾ ڪچھري دوران، مِسز اوگز، منھنجي بيگم کي تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ ھُن کي ست ڀينر (Seven Sisters) آھن، جنھن تي بيگم مسڪرائيندي کيس چيو تہ مون کي بہ ست ڀينرون آھن ۽ اسان ھاڻي سڌا سنوان اچون بہ ست ڀينرن واري روڊ کان پيا، جنھن تي ڪچھري ۾ ھڪ ٽھڪڙو شروع ٿيو. اِن موقع جو فائدو وٺندي، مان روھڙي ۾ درياھ جي ڪابي ڪناري تي واقع ھڪ پھاڙي مٿان غار ۾ ستن ڀينرن جي قبرن، جنھن کي ’سَتَ سَتيون‘ چون ٿا، تن جو ذڪر ڪندي چيو تہ ست ڀينرن جو ذڪر ھر ھنڌ ملندو آھي، پر توھان کي ستن ڀائرن جو ذڪر شايد ئي ڪٿي ملي.

مسٽر اوگز کي نوڪري يا ڪو خاص ڪاروبار ڪونہ هُو، ليڪن هُن کي پنهنجي گهر ۾ بوٽ ٺاهڻ جو هُنر هو جو مونکي ڏاڪڻ جي هيٺان واري ننڍڙي ڪڏيءَ نما جاءِ ۾ رکيل، بوٽن سِبڻ واري مشين ۽ چمڙو ۽ بہ تيار ڪيل جوڙا ڏيکاريا ۽ چيائين تہ بس گذر سفر پيو هلي. ماني کائي اسين واپس هوٽل لاءِ ورياسين.

سينٽرل لنڊن جي هڪ قديم نالي واري چيئرنگ ڪراس (Charing Cross) ۾ واقع هڪ عظيم سنگ مرمر مان ٺاهيل نيلسن ٿنڀو (Nelsan’s Column) آهي، جنهن جي بنيادي تلهي تي ٻن پاسن کان شيهن جا مجسما رکيل آهن. هن عظيم چوراهي جو نالو ٽرئِفِل گر اِسڪاير (Trafalgar Square) آهي ۽ هي هڪ وسيع ميدان آهي، جيڪو عوام ۽ سياحن جي دلچسپي جو مرڪز بڻيل آهي. عوامي گڏجاڻيون، جلسا، جلوس اڪثر ڪري، هِن اسڪائر تي ٿيندا آهن، جن جي هڪ منفرد اهميت ۽ حيثيت هوندي آهي. سماجي گڏجاڻين کان علاوه، هر سال جي شروعات (Happy New Year) واري رات هتي وڏي ڌوم ڌام سان ملهائي ويندي آهي. هن اسڪاير جو نالو برٽن نيوي جي، نيپولين کان اسپين جي ڪيپ ٽرفلگر ڳوٺ (Cape Trafalqar Town) واري ڪٽيل جنگ، جي حوالي سان رکيو ويو آهي. هن اسڪاير جي پرسان نيشنل گئلري آهي، جيڪا 1824ع ۾ اڏي وئي، جنهن ۾ تيرهين کان اٺويهين صدي جي وچواري دور جون اڍائي هزارن کان وڌيڪ رنگين چتر ڪارين، مورتين، مُجسمن ۽ تصويرن جا نادر نُسخا سياحن لاءِ سينگاري رکيا ويا آهن.

هن گئلري ۾ انگريزن پنهنجي وڏن جي ثقافت کي ايندڙ نسلن لاءِ، قديم رنگين چٽيل تصويرن جا فني شهہ پارا محفوظ ڪري رکيا آهن، تہ جيئن دنيا جون ٻيون قومون اِن مان سبق حاصل ڪن. لنڊن شهر ۾ توهان کي شايد اعتبار نہ ايندو، جو هتي 240 ميوزيم آهن ۽ هر مضمون لاءِ جدا ميوزم آهن ۽ اڪثريت ميوزيم ۾ ڪابہ في وغيره نہ ورتي ويندي آهي، ان ڪري سياحن جو تعداد وڌندو رهي ٿو، جو هن وقت، سَوا چار ڪروڙ زائرين ساليانو ميوزم ڏسڻ اچن ٿا.

هن ميوزم ۾ رنگين تصويرن ذريعي ڏيکاريل آهي تہ، بادشاهہ هينري (ستون) جي، 17 سالن جي ڌيءَ شهزادي ليڊي جين کي ٽاور آف لنڊن اندر ٻارهن فيبروري 1954ع تي، صرف 9 ڏينهن، انگلستان جي تخت تي ويهڻ کان پوءِ، ڪنهن سازش تحت، سندس سِر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو.

وڪٽوريا ۽ البرٽ ميوزيم

وڪٽوريا ۽ البرٽ ميوزم لنڊن جي ڪارمِويل روڊ (Cormwell Road) تي واقع آهي، جيڪو دنيا ۾ هلنڊڙ رواج مطابق، عظيم تصوراتي ۽ نقش نِگاريءَ جو گهر آهي. هن گئلري ۾ توهان کي صدين پراڻي ڪارڪردگي جي مختلف انواع جي شعبن، جهڙوڪ ڪُنڀارڪو هنر، گلاس جو هنر، رهائشي سامان، سينگار جا زيور، ڌاتو گري، ڪپڙي سازي، ۽ ملبوسات نہ رڳو يورپ، پر ڏور اوڀر يعني چائنا، جاپان، ڪوريا، ڏکڻ ايشيا ۽ اسلامي دنيا جي مڪمل عڪاسي ڪري ٿي.

هن ميوزم ۾ توهان کي قومي مجسما (Sculptures)، پاڻي جي رنگن تي تيار ڪيل نقشڪاري ۾ تصويرون ۽ فوٽو گرافي جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. هي ميوزم ساڍ ٻارهن ايڪڙ ايراضيءَ تي، چار ماڙ عمارت تي مشتمل آهي. جنهن ۾ 145 مختلف گئلريز آهن، جنهن جي هر شعبي کي ترتيبوار ڏسڻ ۽ مطالعي ڪرڻ لاءِ پورو هڪ ڏينهن صرف ٿئي ٿو.

هن ميوزم ۾ 50 لک مختلف شيون سياحن لاءِ رکيل آهن، جن کي تقريباً 35 لک سياح (2013ع) ڏسڻ لاءِ اچن ٿا. هي ميوزم هڪ سَوَ سٺ سالن کان راڻي وڪٽوريا ۽ پرنس البرٽ جي طرفان عوام لاءِ هڪ عظيم تُحفو آهي. هن ميوزم جي جميل گئلري آف اسلامڪ آرٽ ۾ قرآن شريف جا قديم قلمي نسخا ڏسڻ وٽان آهن. سنڌي رلي بہ هن گئلري ۾ پيل آهي، ايراني غاليچا ۽ مغلن دور جي هٿ جو هنر ۽ بادشاهن جون تصويرون بہ نهرو گئلري ۾ رکيل آهن. ٽيپو سلطان جون ڪافي شيون، غالباً هندستان تي انگريزن جي حڪومت دوران، اُتان جي پوري ميوزيم مان ڪٽي هتي اچي محفوظ ڪيون ويون آهن. مان سمجهان ٿو تہ اُهو بهتر ٿيو، جو توهان قديم ثقافت کي هت اچي ڏسي تہ سگهو ٿا جيڪڏهن جي هي شيون هيڏانهن نہ اچن ها، تہ هِن وقت هندوستان ۾ انهن جو وجود ئي ڳوليو نہ ملي ها. جيئن مصر مان مختلف مَمِيون (Mummies) سمگلنگ ڪري، يورپ ۽ آمريڪا ۾ نيلام ڪيو ويون هيون.

لنڊن جي هن ميوزم ۾ هڪ وسيع ڪتابن جي لائبريري آهي. اهڙي طرح هن ميوزم ۾ نيشنل آرٽ لائبريري پڻ آهي جنهن ۾ ساڍا ست لک ڪتاب، مصوري خاڪا ۽ تصويرون رکيل آهن.هن لائبريري ۾ شاگردن لاءِ سَو کان وڌيڪ، هر هڪ لاءِ پڙهڻ جي ڊيسڪ ۽ ٽي وڏا ڪمرا آهن، جيڪي اجتماعي بحث مباحثن لاءِ مختص ٿيل آهن.

ٽيمس نديءَ جو سفر

ٽيمِس ندي، لنڊن شهر مان نانگ وارا وڪڙ ڪندي، پنجاهه ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري شهري حدن کان ٻاهر ٽپي وڃي ٿي. نديءَ جي ٻنهي ڪپن سان ويڪرا روڊ ۽ پيادن جي گهمڻ لاءِ رستا ناهيا ويا آهن. نديءَ جي ٻنهي ڪنارن کي عوام ۽ سياحن جي دلچسپي وڌائڻ خاطر، چِٽ ۽ رنگ برنگ گلڪاريءَ جي حوالي سان، قدرتي منظر نگاري جي اعليٰ معيار کي برقرار رکيو ويو آهي.

لنڊن شهر جي حدن ۾ ٽيمس نديءَ جي مٿان تقريباً 35 پليون، اچ وڃ جي نظام ۽ ماڻهن جي سهولت خاطر ناهيون ويون آهن. ريل، روڊ کان علاوه ٽيمس نديءَ ۾ ٻيڙين جي ذريعي اچ وڃ جي وڏي اهميت آهي، جنهن جي وسيلي گهڻا شهري توڙي سياح، هن نديءَ وسيلي سفر ڪندا رهن ٿا. هونئن به ملڪ اندر درياهن ۽ واهن ذريعي ٻيڙن جي آمدرفت برٽش واٽر ويز جي حوالي آهي.

نديءَ ۾ انهن 50 ڪلوميٽرن جي ڊيگهه اندر، 50 ٻيڙن جا پتڻ (Wharf of Piers) ناهي شهرين لاءِ سفر جي هڪ وڏيڪ سهولت پيدا ڪئي وئي آهي.

اسان به اِن حوالي سان هڪ ڏينهن نديءَ وسيلي لنڊن شهر جو نظارو ڪرڻ لاءِ لنڊن ڪروز لانچز کان ٽڪيٽ وٺي (Hampton Court) هيمٽن ڪورٽ پتڻ تان سوار ٿياسين. ٻيڙيءَ ۾ ڪافي ماڻهو سوار ٿيا، جو پيڙ جهڙو ماحول هيو.

مغربي ملڪن ۾ ڪيتري به پيڙ يا ٽريفڪ جام ڇو نه هجي، توهان کي ڪنهن جو به آواز يا هارون وغيره ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو، ايترو جو آواز ڪڍڻ واريون شيون، ورڪشاپ يا مشينون سڀ شهر کان ٻاهر نڪتل آهن يا وري دڪانن جا دروازا بند ڪري، ڪم ڪرڻ جي پابندي جو قلم لاڳو آهي ۽ اهڙي قسم جي بنيادي تربيت (شور شرابو نه ڪرڻ) اسڪولن کان شروع ڪئي پئي وڃي، جو سڀ ان تي عمل پيرا آهن. توهان ڪراچي ڊفينس واري ڊال مين مال جي ٽئين فلور ۾ داخل ٿيو ته ائين لڳندو، ڄڻ توهان ڪنهن مڇي مارڪيٽ پهچي ويا هجو، هي آهي اسان جي سڌريل سماج جو حال ته پوءِ ڪنڊي خان ۽ ڪٻڙ خان جو ڪهڙو ڏوهه ٿيندو.

ٻيڙيءَ تي چڙهي سفر ڪيو ۽ شهر جي ڊگهين جاين (Sky Lines) جو منفرد نظارو ڏسڻ ۾ آيو. اسان جو ٻيڙو هر ڪلو ميٽر جي سفر ڪانپوءِ، اڳئين پتڻ تي پنجن منٽن لاءِ ترسي، نون مسافرن کي ڪٽي پيو جنهن کي

اُتي لهي گهمڻ ڦرڻ جو پروگرام هجي، اُهو وري ٻئي ايندڙ ڪروز ۾ ساڳئي ٽڪيٽ تي چڙهي، اڳتي سفر جاري رکي سگهي ٿو.

اسان ويسٽ منسٽر پتڻ تي لهي، پارليامينٽ بلڊنگ، بگ بينگ ۽ ويسٽ منسٽر ابيي گهمي ڏٺي. هڪ ڏينهن جي ٽڪيٽ (Day Ticket) ۾ توهان سڄو ڏينهن پيا ٻيڙين تي چڙهو ۽ لهو ۽ گهمي ڦري اڳئين منزل لاءِ روانا ٿيو. هر پتڻ تي ننڍا دوڪان (Kioks)، ريسٽورنٽس، باغ ۽ سياحن جي گهمڻ جون جايون ايتريون تہ آهن، جو ڏسڻ سان دل بهار ٿيو وڃي. اسان ٻيهرئين پتڻ کان چڙهي، هر هڪ ايندڙ پتڻ تي لهي، اڌ ڪلاڪ کن گهمي، وري ٻي ٻيڙي ذريعي اڳتي هلندا رهياسين، تان جو آخري پتڻ، ٿيمس بئرير (Thames Barrier Pier) تان، سڄ لهڻ وقت زير زمين ريل ذريعي هوٽل لاءِ روانا ٿياسين. هر پتڻ کي ريل ۽ روڊ جي سواري لاءِ اسٽيشن جي سهولت ڏني وئي آهي. نديءَ جي هن سفر، منهنجي دل تي ايترو تہ وڻندڙ اثر ڇڏيو، جو ٻيهر ٻيڙي ذريعي سفر لاءِ سوچيندو رهيس، ليڪن وقت جي گهٽتائي هجڻ ڪري، ٻئي پيري ٽوئر لاءِ ملتوي ڪيو.

لنڊن شهر اندر ڪيترائي هتراڌو واهہ آهن، جن جي ذريعي ماڻهن ۽ سامان جي آمدرفت جو سلسلو وڏي پئماني تي جاري آهي. پر افسوس جو پاڪستان، دنيا جي نسبت بهترين واهن جي چار سنڌو ندي کي 65 سالن کان آمدرفت لاءِ استعمال نہ ڪري، ملڪ جي معاشي نظام کي بدتر حالت ۾ ڪيو حالانڪ سنڌ ۾ رستا نہ هجڻ ڪري، واهن کي استعمال ڪرڻ سان عوام جي اقتصادي حالت سڌريل هجي ها ۽ هن وقت بيروزگاري ۽ ان مان پيدا ٿيل، امن جا مسئلا گهٽو گهٽ هجن ها.

لنڊن شهر ۾ انڊر گرائونڊ ريل جو هڪ اهڙو حصو بہ آهي، جنهن ۾ ريل بغير ڊرائيور جي صرف ڪمپيوٽر جي مدد سان هلائي وڃي ٿي، اُن جو انڪشاف اُن وقت ٿيو، جنهن وقت اسان گاڏيءَ جي اڳئين ڊبي ۾ چڙهياسين، جتي صرف مسافرن لاءِ سيٽون هيون ۽ ڊرائيور هئو ئي ڪونہ.

ميڊم ٽُوساڊِس ميوزيم
Madame Tussauds Museum

هي لنڊن ۾ وڏي ۾ وڏو ميڻ جي ٺهيل مجسمن جو گهر (Wax Museum) آهي، جنهن جون شاخون دنيا جي مختلف شهرن، جهڙو، بينڪاڪ، برلن، هالي ووڊ، هانگ ڪانگ، لاس ويگاس، نيويارڪ، شينگهائي، سڊني،

ويانا، واشنگٽن، ٽوڪيو، سنگاپور وغيره ۾ سياحن جي دلچسپي جو مرڪز بڻيل آهن.

ميڊم ٽوسادس، فرانس جي شهر، اسٽرابرگ (Strasbourg) ۾، 1760ع ۾ پيدا ٿي، هن جي ماءُ سئزرلينڊ جي هڪ ڊاڪٽر، جيڪو ميڻ مجسمن ٺاهڻ جو ماهر هو، تنهن جي گهر جو ڪم ڪار (House Keeping) ڪندي هُئي. ميڊم توسادِس کي هِن ڊاڪٽر ميڻ مان مجسما ٺاهڻ سيکاريا، جو 1977ع ۾، ميڊم، بيجامن فريڪلن (Benjamin Franklin) ۽ جينيوا جي فلاسافر، جين جيڪس (Jean Jacques) جون مورتيون ٺاهي تيار ڪيون.

ميڊم، ڪيترن انقلاب فرينچ جي مشهور مظلومن جا پڻ مجسما ٺاهيا. 1908ع ۾ ميڊم، نوجوان چرچل برٽش وزيراعظم جو مجسمو ٺاهي عوام جي دل کٽي ورتي. جرمن جي برلن شهر ۾ جولاءِ 2008ع ۾ هڪ جنوني جرمن، ميوزيم اندر پيل هٽلر جي مجسمي تي حملو ڪري، سِر ڌڙ کان ڌار ڪري وڌو، جنهن کي وري بيهر ٺاهي تيار ڪري رکيو ويو آهي. هُن جو چوڻ هُيو تہ هڪ آمر کي توهان دنيا جي بين سُٺن ماڻهن جي مجسمن پرسان چو رکيو آهي. ساڳيو ڪارنامو لنڊن جي ميوزم، اپريل 1933ع ۾ هٽلر جي مجسمي تي ٿيو، جنهن ڪانپوءِ ٽن سالن تائين، هٽلر جو مجسمو لنڊن ميوزم ڪان غائب رهيو ۽ پوءِ جڏهن بيهر رکيو ويو، تہ اُن تي سخت پهرو رکيو ويو.

هِن ميوزم جا ٽي حصا آهن، پهريون حصو، جنهن ۾ دنيا جي نالي وارين هستين، جن ۾ مشهور سياستدان، فلاسافر، سائنسدان، رانديگر، فلمي اداڪار، مشهور بادشاهہ ۽ دنيا جا بدنام ۽ خونخوار قاتلن جا مجسما رکيل آهن. ٻئي حصي ۾ فرينچ انقلاب ۽ ٻين خطرناڪ جنگين جي حوالي سان، چيمبر آف هارر، دهشت جو هال (Chamber of Horror) آهي، جنهن ۾ توهان اُنهن جنگين ۾ شامل ٿي، اُن جي اکين ۽ ڪنن ٻڌو احوال بذات خود محسوس ڪندا. هي حصو ميوزم جو ڏاڍو خوفناڪ ۽ دل ڏاريندڙ آهي، جنهن ۾ ٻارن ۽ حاملہ عورتن جي داخلا بند آهي.

ميوزم جي ٽئين حصي ۾، گرهي نمائش گهر (Planetarium) آهي، جتي سياراتي نمائش جي حوالي سان، هڪ گنبذي عمارت اندر، آسماني جسمن جا نمونا، تعليمي ۽ تفريحي مقصدن خاطر نمائش ڪري ڏيکاريا ويندا آهن.

ميڊم توسادس جي پهرئين حصي ۾، دنيا جي مشهور شخصيتن (Celebrity) جا هوبهو ميڻ جا مجسما (Wax Sculptures) ٺاهي، دنيا جي ماڻهن کي حيرت

۾ وجهي ڇڏيو آهي. توهان جي هن حصي ۾ موجودگي ائين لڳندي ڄڻ واقعو توهان دنيا جي بادشاهن، وزيرن، فلاسافرن ۽ فلمي دنيا جي مشهور شخصيتن ۽ سائنسدانن جي وچ ۾ بينا آهيو ۽ ڪير به ائين محسوس نہ ڪندو، تہ هي ڪي هٿ جا ٺهيل مجسما آهن. مجسمن جو لباس بہ ان ئي معيار جو ٺاهيل آهي، جو ڏسندڙ کي حقيقي ۽ اهو ئي اصلي شخص نظر ايندو. اسان جڏهن انسانن جي مجسمن واري حصي ۾ داخل ٿياسين تہ سوين سياح اڳ ۾ موجود هُئا ۽ هر ڪو پنهنجن من پسند شخصيتن سان گڏ بيهي، فوٽو ڪڍرائڻ ۾ مشغول هو. اسان پاڻ کي مجسمن ۾ موجود ڏسي اندازو نہ پيا لڳائي سگهون، تہ ڪير اصلي ۽ ڪير نقلي آهي. اصلي ۽ نقلي ۾ فرق محسوس ڪرڻ ڏاڍوڏکيو پئي لڳو. مسجما ڏسندي ٿڪجي پيس سو ديوار پرسان ڪرسيءَ تي وينل ماڻهوءَ جي پرسان خالي ڪرسي تي وڃي وينس ۽ هُن کي سلام ڪيو تہ ورندي نہ اچڻ جي صورت ۾ مونکي شڪ پيو تہ متان هي بہ بوتو آهي، سو يقين نہ اچڻ جي صورت ۾ مان ڪيس ٻانهن تي هٿ رکي پڪ ڪرڻ چاهي، تہ واقعي هو اصلي نہ پر نقلي هو.

هن ميوزم جي سوين مجسمن سان هينئين جڳ مشهور شخصيتن جا مجسما پڻ سياحن لاءِ رکيل آهن. محترمہ بينظير ڀٽو، ڊيوڊ ڪيمرون، مهاتما گانڌي، جان ايف.ڪينيڊي، مارٽن لوٿرڪنگ، نيلسن مڊيلا، يارميرپوٽن، صدام حسين، بارڪ اوباما، راندين جي حوالي سان محمد علي ڪلي، مشهور آمريڪي مسلمان باڪسر جو مجسمو پڻ رکيل آهي، ان کان علاوه مادام ٽُوساد، البرٽ آئين اسٽائين ۽ فلمي دنيا جي اميتابچن، سلمان خان، شاهہ رخ، ڪرينا ڪپور، ماڌوري ڊڪشٽ، ايشوريا راءِ، چارلي چپلن، شامل آهن. شاهي مجسمن ۾ راڻي الزبيت (ٻئي)، شهزادو چارليس، شهزادي ڊيانا، شهزادو هئري ۽ ٻين ڪيترن جا شاهڪا مجسما ٺاهي رکيا آهن.

هن ميوزيم جو ٻيو حصو يعنيٰ دهشت يا خوف جو هال، عمارت جي زير زمين سطح ۾ واقع آهي. جنهن ۾ انقلاب فرينچ کان علاوه، دنيا ۾ خوفناڪ جنگين جا دل ڏهڪائيندڙ نظارا، توهان کي روبرو ڏسڻ ۾ ايندا، ڄڻ توهان انهن خوفناڪ واقعن ۾ شامل هُئا.

هن هال ۾ ٽريفلگر جي بحري جنگ جو منظر بہ توهان جي سامهون هوبهو پيش ڪيو ويندو، جنهن ۾ ايڊمرل نيلسن جو بحري جهاز وڪٽري جو توبخانو ۽ سپاهي، مصروف جنگ نظر ايندا، جڏهن تہ پردي پويان، وڏن اسپيڪرن تي توبن هلڻ جو آواز ٻڌڻ سان ائين محسوس

ٿيندو، جڏهن هي تاريخي جنگ اسان جي اکين اڳيان وڙهي پئي ٿي وڃي. توبن جي وڏن آوازن سان گڏ، ٻنهي پاسن ڪٽيل، نيلسن کي مرڻ واري بستري تي ليٽايو پيو وڃي ۽ ڊاڪٽر سندس تيمارداري ڪندي ڏيکاريا ٿا وڃن، پر ايئن نہ ٿو لڳي تہ هي ڪي مجسما آهن. ايڊمرل نيلسن فرانس جي نيپولين جي انگلينڊ کي فتح ڪرڻ جي خواب کي تباهي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. نيلسن جي هن فتح کي انگريزن جي تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيو ويو آهي. نيلسن جو جهاز اڄ ان ڏينهن ماڻهن جي يادگيري لاءِ، پورٽ سمٿ (Port Smith) تي سينگاري بيهاري ڇڏيو آهي، جنهن کي هزارين سياح ڏسڻ ايندا رهندا آهن. ان کان علاوه، چنگيز خان جي لڙائين کي بہ مجسمن جي صورت ۾ ڏيکاريو وڃي ٿو. هنن جنگين ۾ مردن جي چهري جو اُتاريل سانچي ۾ ٺهيل مصنوئي مهاندا (Death Mask) ناهي، انهن کي استعمال ڪري، اُن ساڳئي ماحول جي منظر ڪشي ڪرڻ هڪ وڏو فن آهي، جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي.

هن ميوزم جي ٽئين حصي ۾، گِرهي نمائش گهر آهي، جيڪو ٿامي جي وسيع گول گُنبذ جهڙو آهي، جنهن ۾ هزارين سياح هڪ ئي وقت مختلف آسماني سيارن، ستارن، جي عملي طور گردش کي ڏسي سگهن ٿا.

هن گِرهي نمائش گهر جو افتتاح، 1958ع ۾ ڊيوڪ آف ايڊنبرا ڪيو هو. سياحن کي مختلف گرهن، سِتارن ۽ فلڪياتي شين (Celesial objects) جي حقيقي چرپر ڏيکارڻ لاءِ سلائيڊ پروجيڪٽر. نئين دور جا ڊجيٽل پروجيڪٽر (Digital Projector) ۽ ويڊيوز استعمال ڪيا وڃن ٿا. انڌيري ۾ پروجيڪٽر هلڻ وقت گنبذ جو اندريون حصو رات جو آسمان وارو اصلي ڏيک ڏئي ٿو، جنهن ۾ چنڊ تارا ۽ ٻيا سيارا (Planets) پنهنجي مقرر ڪيل مدارن (Orbits) ۾ گردش ڪندي ڏيکاريا وڃن ٿا. پروجيڪٽر هلندي آسمان جي چؤ طرف، چڪر ڪاٽيندڙ جسمن بابت روان تبصرو بہ هڪ خاص ماحول کي جنم ڏئي ٿو. مادام، جوهي موم جي مجسمن جو نمائشي گهر نہ، پر هي هڪ مڪمل علم جي يونيورسٽي آهي. هي گِرهي نمائش اسڪول جي شاگرد لاءِ، تعليمي ۽ معلوماتي لحاظ کان ڏاڍي مفيد آهي، پر افسوس جو اسان جا شاگرد انهن سهولتن کان غير واقف آهن توڙي اسان جا اڪثريتي وزيراعظم آڪسفورڊ جا پڙهيل آهن. آخر ۾ مادام تُساد جي سوڪڙي واري دڪان تان خريداري ڪري، انڊر گرائونڊ ريل ذريعي اچي هوٽل تي پهتاسين.

مغرب جا معاشرتي مسئلا

انگريز، باوقار، سچ ڳالهائيندڙ، واعدي جا پڪا ۽ انصاف پسند ماڻهو آهن، پوءِ پلي ڪٽي قانون جي سختي ڪري هجن يا پنهنجي ذاتي خوبي يا سندن پرورش جو نتيجو هجي، سندن ايمانداري ۽ گهٽ ڳالهائڻ به سندن سُٺي صفت ۾ شامل آهي. سڄي ملڪ ۾ فون- ٽپال، ٽريفڪ، ڏيڻ، وٺڻ، دڪانداري وغيره ۾ عام طور تي حُسن ۽ ترتيب ڏٺي وڃي ٿي، جيڪا اسان وٽ 67 سالن جي آزادي کانپوءِ به نظر ڪونه ٿي اچي.

دڪان جي در کان لنگهڻ وقت، ڪائونٽر تي ويٺل نوجوان ڇوڪري، ڪُٽل ۽ اٽپورن ڪپڙن ۾ ملبوس، توهان کي مسڪرائي آڌر ڀاءُ ڪندي، جنهن کانپوءِ هُن جي منهن مان هڪ خوبصورت جملو Sir, may I help you نڪرندو، جيڪو تڪل گراهڪ جا لڳ به ٺاري ڇڏيندو. دڪانن تي اگهه مقرر ۽ هر شيءِ تي قيمت واضح لڳل هجڻ ڪري، اگهه تي وڏيڪ ڏي وٺ ڪرڻ بيوقوفي آهي. انگريز جا فون گهر ۽ ٽپال جا ڳاڙها ڊٻا، سندن عوام جي سهولت لاءِ، هر روڊ جي بس اسٽينڊ تي لڳل نظر ايندا ۽ ڳاڙهي رنگ جي ڊبل ڊيڪر بس، توهان کي هر شهر ۾ ساڳئي صورت ۾، هر جاءِ تي هلندي نظر ايندي. هِن وقت ڊبل ڊيڪر بسن کي بغير مٿين ڇت جي سياحن لاءِ مقامي طور استعمال ڪيو پيو وڃي، جيئن سياحن کي پنهنجي پسند مطابق شهر جي نظارن کي ڏسڻ لاءِ، بس جي بغير ڇت واري مٿئين منزل تي ويهي مزو ماڻين. هي بس برٽش جي قومي علامت (National Symbol) بڻجي چڪي آهي، جيڪا ٻئي مهاڀاري جنگ جي پيداوار آهي. هي بسون سڄي يورپ ۽ آمريڪا جي وڏن شهرن ۾ ملنديون، صرف پاڪستان کان علاوه هندستان ، بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ به موجود آهن.

ٻنهي عظيم جنگين جيترو نقصان ڏنو آهي، اُن کان وڏيڪ هن دنيا کي فائدو به مليو، جو چوندا آهن ته ’ايجاد ضرورت جي ماءُ آهي‘، وانگر انهن جنگين جي ڪري گهڻن ڏوڪڙن واري ملڪن هڪ ٻئي کي فتح ڪرڻ جي چڪر ۾، سائنسدانن کي تحقيق ۽ تخليق (Research and Development) جي ميدان ۾ آندو، جن گاڏيون، هوائي جهاز ۽ ايٽم بم جهڙيون ايجادون اک ٻوٽ ۾ انجام آنديون. هي موضوع وسيع آهي، تنهن تي بحث ٿي سگهي ٿو، ته آيا جنگين هن دنيا جي سائنسي ترقي جي رفتار کي ويهين صديءَ ۾ تيزي ونرائي يا نه، هن موضوع تي ٿيسِس يا تحقيقي پيپر لکي سگهجي ٿو.

هتي شراب پيئڻ جا واضح اصول آهن، جو شراب عام طرح هر دڪان تي ميسر نہ هوندو آهي. هتي ڪئناڊا وانگر، بيئر شاپ آهن يا وري شراب خانا (Bars / Pubs) آهن، جن جي اندر وڃي مُهذب طريقي سان شراب واپرائي سگهجي ٿو. شراب جي دڪانن (Wine Shops) تي اِهو نوٽيس لڳل هوندو آهي، تہ 18 سالن کان گهٽ عمر وارا شراب نہ ٿا خريد ڪري سگهن. برٽن ۾ ڊرائيورن لاءِ شراب جي قانوني حد سنڌس رت ۾ اسي ملي گرام في 100 ملي ميٽر يا سنڌس پيشاب ۾ سَوَ ست مليگرام في هڪ سَوَ مليلٽر شراب کان گهٽ شراب هجڻ گهرجي، اِن حد کان مٿي شراب نڪتو تہ همراهہ جيل ۾ يا سنڌس لائسنس رد ڪيو ويندو آهي.

انگريزن جي ديس ۾ جتي دنيا پر جو شراب نهي ٿو، اُتي شراب پيئڻ جو حدون مقرر ڪيل آهن، جن تي عمل ڪيو وڃي ٿو. ليڪن اسان جا دوست مسلمان ٿي ڪري بہ شراب پيئڻ کان ڪين مڙن ۽ پيئڻ کانپوءِ روڊ، رستن تي نڪري ماڻهن کي گاريون گند ڏئي، بد اخلاقيءَ جو مظاهرو ڪري، ايندڙ ويندڙ کي پيا محسوس ڪرائيندا، تہ هو شراب جي نشي ۾ مَحُو لڳل آهن. مان تہ انهن کي دماغي مريض يا احساس محرومي جا ستايل ڪري سڏيندس. انسان ذات کي ڏڪائڻ نہ رڳو قانوني جرم آهي پر اخلاقي پستيءَ جو پڻ اهڃاڻ آهي. ڏنو وڃي تہ سڀ انسان برابر آهن، پر ڪنهن سان زيادتي ڪرڻ گناهہ آهي ۽ ڪڏهن نہ ڪڏهن اِها ڪيل زيادتي واپس ملي وڃي ٿي. چوندا آهن تہ ظلم ۽ غرور جي سزا هن دنيا ۾ ضرور ملندي آهي.

برٽن ۾ ٻين اولهہ ملڪن وانگر، اُهي مزا جيڪي پنهنجي ديس ۾ آهن، انهن جو تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهون جو هتي توهان کي نوڪري سان گڏ، گهر جو پورهيو بہ پاڻ کي ئي ڪرڻو پوي ٿو. پئسي جي ڪمائي ۽ قدر جي حوالي سان، نوڪر يا ڊرائيور رکڻ توهان برداشت ڪري نہ سگهندا. اِهي مزا صرف پنهنجي وطن ۾ آهن، جو گهر جي هر هڪ ياتيءَ کي نوڪر جي سهولت ملي سگهي ٿي، ان ڪري جو اسان وٽ ماڻهن جي گهٽائي سان گڏ غربت بہ گهٽي آهي. گهر جي هر ڪم، استري، ٿانوَ ڌوئڻ، صفائي، ٻارن کي اسڪول لاءِ تيار ڪرڻ ۽ اسڪول پهچائڻ سڀ ڪم مرد ۽ عورت گڏجي ڪندا آهن گهرجي خرچ وڌڻ جي صورت ۾ مرد ۽ عورت هڪ نوڪري جي جاءِ تي بہ نوڪريون ڪندا آهن ۽ ٻارن کي بہ نوڪري ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا رهندا آهن تہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي مشق ڪندو رهي. اسان وٽ پوليس، روينيو ۽ ٻين آفيسرن وٽ گهرجي

ياتين کان، گهٽا تہ نوڪر هوندا آهن. جو خبر ئي ڪونہ هوندي آهي تہ ڪير ڪنهن جي ڊيوٽي ڪٽي پيو ڪري.

هتي سخت سردي ۽ برفباري ڪري ننڍن گهرن جو رواج عام آهي، جو ننڍن ڪمرن ۾ گرمائش پهچائڻ سستي پوي ٿي. اسان وانگر وڏا گهر ڪشادا ڪمرا ۽ هر هڪ ڪمري سان لڳ واش روم وارو نظام هتي مهانگو پوي ٿو. غالباً شراب ڪثرت سان واپرائڻ هتان جي سرد موسم ۽ برفباري ئي ذميوار آهن.

هتي هڪ ڪمري جا فليٽ عام ٿين ۽ ٻن ڪمرن يا ٽن ڪمرن جي گهرن ۾ هڪ بورچيخانو ۽ گهٽ ڪري هڪ واش روم ٿئي، جيان ۾ بہ ائين آهي جو اتي زمين ڏاڍي اٽلي آهي. جاپاني آهن هوشيار، هر شئي ناهي وجن ٿا، پر زمين ناهڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي.

هتي انصاف ۽ قانون جي بالادستي جا کهڙا مثال ڏجن. لنڊن ۾ سَوين مختلف قومون، نسل، رنگ ۽ تهذيب ۽ مختلف ٻوليءَ جا لکين ماڻهو گڏ پيا رهن، پر ڪنهن قسم جو تفرقو يا امتيازي سلوڪ ظاهراً محسوس ڪونہ پيو ٿئي.

اخبار ۾ خبر آئي، تہ هڪ نوجوان ماءُ کي ڪورٽ ذريعي ڇهہ مهينا جيل موڪلي ڇڏيو، جو هوءَ پنهنجي ٻن سالن جي ٻار ڏيءَ کي، گهر ۾ اڪيلو ڇڏي، ٽريول ايجنسي ۾ نوڪري ڪرڻ ويندي هُئي. ماءُ جج کي ٻڌايو تہ هوءَ هڪ سَوَ پائونڊ في هفتہ ڪمائي ٿي ۽ ٻار سنڀالڻ لاءِ Baby Sitter کي پنجاهہ ڊالر ڏيڻا پوندا، جيڪي منهنجي گنجائش کان ٻاهر آهن، تنهن ڪري ڪيس معاف ڪيو وڃي، پر جج پنهنجي قانون جي پاسداري ڪندي، ٻارن تي جنسي يا جسماني تشدد (Child Abuse) جي جرم ۾، ڪيس ڇهہ مهينا جيل اماڻي ڇڏيو.

پوري مغربي دنيا ۾ جسماني يا دماغي لياقت کان محروم ماڻهن (Disable Persons) لاءِ وڏيون رعايتون ڏنل آهن. معذور ٻارن لاءِ، انهن جي رهائشي خرچ، انهن جو کاڌو پيتو، دوا درمل، اسپتال جو خرچ، نوڪري جي ڪوٽا وغيره جهڙيون گهڻيون ئي حڪومت ۽ ٻين خانگي ادارن طرفان سهولتون ميسر آهن. معذور شاگردن لاءِ سڀ کان وڌيڪ پڙهائي ۽ مالي سهڪار جي حوالي سان مدد ڪئي ويندي آهي. جيڪو حڪومتي ادارن جي حوالي آهي ۽ عوامي بهبود ۽ خيراتي ڪم کي حڪومت سني نموني سرانجام ڏئي رهي آهي. هي اُهو ڪم آهي جيڪو اسلامي رياست کي ڪرڻ گهرجي.

وڏي عمر (Old Age) جي حوالي سان پڻ، هتي ڪافي سهولتون جهڙوڪ، مفت رهائش، سار سنڀال ۽ مفت صحت جون سهولتون، ٽيڪس ۾ رعايت، سفر دوران ٽڪيٽ ۾ رعايت ۽ مخصوص سيٽون، ڪارپارڪنگ وغيره مخصوص ڪيل آهن.

هيءَ دنيا معذورن ۽ ڪُراڙن لاءِ جهڙوڪ جنت آهي، جو اُنهن کي احساس محرومي کان قانوني طور حفاظت ڏئي، اهڙن ماڻهن کي سماجي ذاري ۾ گڏ ڪٺي، ملڪ جي ترقي جي برابري واري قاعدي مطابق، اُن ڊوڙ ۾ روان دوان آهن. اسان جي سماج ۾ اهڙن معذورن کي انڌو منڊو جي نالن سان پڪاري، کين احساس محرومي جو شڪار ڪري ڇڏيندا آهيون، جنهن جي ممانعت اسان جي پيلاري دين اسلام ۾ واضح ڪيل آهي.

هتي اکين کان معذور ماڻهو پنهنجي هٿ ۾ اڇي لڪڙي ۽ سُونهن ڪُتن (Guide Dogs) جي رهبري ۾ رستا پار ڪندي نظر ايندا، جيڪي پنهنجي ڪم ڪار، نوڪري جي حوالي سان، اکين وارن سان گڏ ڪلهوڪلهي ۾ ڏئي، ملڪ جي اقتصادي ترقي ۾ برابر جو هٿ ونڊائيندا رهن ٿا.

عرب ملڪن جا ماڻهو، پوري ڪٽنب سميت گهمڻ ڦرڻ ۽ علاج معالجه وغيره لاءِ هت اچن ٿا. باغن ۽ بازارن ۾، بُرقعي ۾ ملبوس عورتون پنهنجي ٻارن کي وٺيون گهمنديون وتن ٿيو، جن پويان فلپيني گهرو مددگار (House Maids) ننڍڙن ٻارن جي ٽرالي کي گهليندي، توهان کي شهر جي مختلف هنڌن تي ڏسڻ ۾ اينديون. سندن مرد گهٽو گهٽ گڏ گهمندي نظر اچن ٿا، هو شايد ڪٿي ٻئي جاءِ تي مشغول هجن يا پوئين گهر واري سان ڪنهن پنج ستار هوٽل ۾ ٽڪيل هجن.

مغربي ملڪن ۾، خاص ڪري لنڊن ۾، ننڍي ڪٽنب جو رجحان وڌي رهيو آهي. ڇوڪرا ڇوڪريون شاديءَ جي ٻنڌڻ کان لهرائين پيا، جو سندن خيال موجب، اڳتي هلي اِهو ٻنڌڻ غلامي جي زنجيرن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. هڪ مشاهدي مطابق، هڪ ٻار واري گهراڻي جو رجحان وڌي رهيو آهي ۽ ايندڙ ڏهاڪي ۾ نوجوانن کي ڏاڏن ۽ پيرن جي گهٽتائي ضرور محسوس ٿيندي. هتان جا مقامي ماڻهو شادي کي آزادي مٿان ڪارو داغ ڪري ڏسن ٿا. شادي ڪانپوءِ آزادي صرف نالي ماتر رهي ٿي ۽ شادي کان اڳ ۾ آزاد پکي واريون گذاريل گهڙيون کين وسارڻ سان نه ٿيو وسرن. اڳتي ايندڙ زندگي جا بقايا ڏينهڙا، ساٿي ساٿي سان گڏ گذارڻ ۾ بوريت جي رجحان ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو. اِن سان گڏ معاشي ۽ مالياتي ڏکيائي

(Financial Stresses) ته ڪير ڪيترو ڪمائي ٿو ۽ ڪير گهڻو خرچ ڪري ٿو، بار پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي پالڻ جي مسئلن، مغرب ۾ جوڙن کي جدا ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو. شاديءَ جي ٽٽڻ جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو، ته اِن عمل جي شروعات پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ کان ٿي، جيڪا ٻئي مهاڀاري جنگ ۾ پنهنجي بلنديءَ تي پهتي، جنهن ڪانپوءِ ڪجهه ناپر آئي. ليڪن انگلينڊ ۽ ويلز ۾ 1970ع ڪانپوءِ جيڪا تيزي آئي، تنهن 1993ع ۾ پنهنجي بلندي تي پهچي هڪ لک ستر هزار جوڙن جي جدا ٿيڻ جي نويد ٻڌائي، جنهن ڪانپوءِ ڪجهه ناپر ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هاڻي وڃي ڪين ڪجهه عقل آيو، جو اِن عمل جو تَسلسُل قائم آهي، ليڪن واضع واڌ نظر ڪونه پئي اچي. هڪ اندازي موجب، شادين جي ٽٽڻ جي نسبق ساڍا ڏهه سيڪڙو آهي. پوري يورپ جي نسبت، برٽن ۾ طلاق گهٽي انداز ۾ ٿئي ٿي.

يورپ ۾ شادي جي جَنجهٽ کان آزاد رهڻ وارن، ’جتي پڪي اُتي ڪاڏي‘ واري اصول تي پيا، پنهنجا ڏينهڙا گهارين ۽ جي ٻار جو شوق ٿئي ته پوءِ ’اڪيلو مائٽ‘ (Single Parent) واري زندگي اختيار ڪري پاڻ کي خوش رکيو وتن. هڪ تحقيق مطابق برٽن ۾ شاديءَ ڪرڻ جو رجحان گهٽو گهٽ ٿيندو پيو وڃي ۽ بغير شادي جي گڏ ڏينهن راتيون گهارڻ واري رسم گهڻو گهر ڪندي نظر اچي ٿي. نتيجتن، 1971ع ۾ اڪيلوي مائٽ جو تناسب اٺ سيڪڙو مان وڌي 2011ع ۾ پنجويهه سيڪڙو تي ويو آهي. سماجي مُفڪرن ۽ دانشورن جي سوچ مطابق، شادين جو نه ٿيڻ يا ٽي ٽٽڻ، ايندڙ نسلن ڏانهن رسمن ۽ رواجن جي منتقلي جي عمل ۾ نه صرف رڪاوٽ آهي، پر پوري اجتماعي معاشري کي موت ڏانهن ڌڪڻ جي برابر آهي. هڪ سٺي معاشري ۾ شادي ئي ٻارن جي پرورش جو بهترين بنياد ليکيو وڃي ٿو. شادي نه ڪرڻ ۽ طلاق جي نسبت ۾ واڌ، يورپ ۽ جاپان ۾ مُنجهائيندڙ معاشرتي مسئلن اچي مُنهن ڪديو آهي، جنهن جو حل اڃان تائين ڳولي نه سگهيا آهن. هنن ملڪن ۾ ضعيف العمر انسانن جو تعداد وڌندو وڃي ٿو، جن جو نه ڪو وارث آهي نه والي انهن جي پرگهور ۽ سار سنڀال لاءِ، حڪومت محصول گُذار (Tax Payers) جي ناڻي تي ڏاڍو هٽي گذارو پئي ڪري. ملڪ جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ هنن وٽان نوجوانن جو طبقو بلڪل غائب ٿيندو پيو وڃي. جنهن جي پورائي لاءِ ٽئين دنيا مان مزدور ۽ ڪاريگر، فني ماهر ۽ انجنيئر گهٽ اجرت تي گهرايا وڃن ٿا. هتان جي چمڪندڙ روشنين، ۽ رنگين لاءِ ٽئين دنيا جي ڏاهن ۽ وڏي

ذهانت وارن، قوميت جي شوق جو شڪار تي، غيرن جي گهٽ اجرت واري ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن، ان ڪري پور مغرب ۾ توهان کي، اعليٰ تعليم يافته مزدور، ٽيڪسي ڊرائيور يا سڪيورٽي گارڊ هن خطي جا ملندا.

ڪُتن جو انساني روپ

انسانن جي چالاڪين ۽ ڌوکيبازين ڪري، هڪ ٻئي تي اعتبار ۽ اعتماد جي کوٽ ۽ دوکيبازي وڌڻ سبب، اجتماعيت کان نفرت جو پلڙو، انفرادي رهڻي ڪهڻي جي لڳاءُ واري پلڙي کان ٻي وزنائتو لڳڻ جي صورت ۾، انسان جي انسان کان نفرت، جانورن سان محبت ۾ اضافو ڪيو آهي جنهن ڪري مغربي ملڪن ۾ هر ننڍي وڏي سان توهان کي ڪو پالتو جانور جهڙوڪ، ڪتو، ٻلو، پولڙو، نوريئڙو وغيره ضرور روڊن، گاڏين اندر، بازارن، گهرن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. جانورن سان محبت ڪرڻ جي هر مذهب ۾ هدايت ضرور ڏنل آهي، پر ايتري محبت جو انهن کي گهرن اندر پالڻ ۽ کُلهن تي کڻي گهمائڻ جي گنجائش شايد ئي ڪنهن مذهب ۾ هجي.

لنڊن ۾ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين وٽ مختلف نسلن جا ڪُتا، ٻليون ۽ پولڙا پاڻ سان گڏ ڪنيون گهمندا رهن ٿا. AIDs جهڙين بيمارين جو جنم وٺڻ، غالبن انهن جانورن سان جنسي عمل جو نتيجو آهي. هونءَ به انسانن کان ڪُتا، پنهنجي مالڪ سان وڌيڪ وفادار هوندا آهن. انسان ڌوکو ڏئي سگهي ٿو. ليڪن ڪُتو جيڪڏهن ڇتو به ٿيندو آهي، ته مالڪ يا اُن جي گهر جي ڪنهن به ڀاتيءَ کي ڏاڙهڻ جي امڪان کان، هميشه لاءِ گهر ڇڏي پري هليو ويندو آهي. اِن دوکيبازي، کوٽ ۽ بي اعتباري جي ڪري، انسان پنهنجي هم جنس جي دوستي کان، جانورن جي دوستي کي وڌيڪ ترجيح ۽ ڀروسو ڪرڻ لڳو آهي.

هتي رنگ برنگي ۽ مختلف جنسن جا ننڍڙي جسامت کان گابي جيڏا ڪُتا، مقامي ماڻهن جي اڳيان ڀويان هلندي نظر ايندا. هتي ڪيترن ئي پالتو جانورن جا دڪان (Pet Shops) آهن. جتان شوقين ڳرين قيمتن ۾ مختلف جانور، پنهنجي پسند جي حوالي سان خريد ڪندي ڏسڻ ۾ ابندا ۽ انهن جانورن جا کاڌا توهان کي عام سپر مارڪيٽن ۾ ملندا.

ڪُتن جي وفاداريءَ جا مثال سَوين آهن. پر هتي اُن ڪُتي جو احوال لکڻ ضروري آهي، جنهن جو ذڪر ’غار ڪهف‘ وارن سان گڏ هجڻ ۽ غار

جي دخل تي ائين ويهڻ، جو هر اچڻ وارو ڪيس ڏسي خوف وچان پوئتي پچڻ لڳندو رهيو ۽ ائين تي سَوَ سال گذرڻ ڪانپوءِ، غار وارن سان گڏ زندهه ٿيو.

لاڙڪاڻي ضلعي پرسان ’ڪُتي جي قبر‘ هڪ مشهور جڳهه آهي، جنهن جو قصو هڪ اهڙي وفاداري سان پريل آهي، جو اڄڪلهه ڪنهن انسان ۾ اهڙي اميد نه ٿي رکي سگهجي.

ٽوڪيو يونيورسٽي جي ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهائيندڙ پروفيسر هَديسَبُورو، هڪ سونهري رنگ وارو ڪُتو (جنس: اڪيتا Akita) پاليو، جنهن جو نالو هَچِيڪُو (Hachiko) رکيو. ڪُتي جو هي نسل پنهنجي وفاداري جي حوالي سان دنيا جي سيني ڪتن کان قابل تعريف آهي. ڪُتي ۽ پروفيسر جي ايتري محبت ٿي وئي، جو جڏهن پروفيسر ’شِبُويا ريلوي اسٽيشن‘(Shibuya Railway Station) تان ريل ۾ چڙهي يونيورسٽي صبح جو ويندو هو ته هُن جو ڪُتو پروفيسر جي موٽڻ تائين اسٽيشن تي انتظار ڪري ساڍس گڏجي گهر موٽندو هو، اهو ڪتي جو هر روز معمول بڻيل هو. هڪ ڏينهن، 1925ع ۾ پروفيسر يونيورسٽي ۾ دل جو درو پوڻ سبب مري ويو ۽ ريل ذريعي واپس نه موٽڻ جي صورت ۾ هي ڪتو مسلسل ڪيترائي سال مالڪ جي موٽڻ جو انتظار ريلوي اسٽيشن تي ڪندو رهيو ۽ آخر ۾ سندس موت به اُن ريلوي اسٽيشن تي ٿيو. هيءَ ڪهاڻي جپان ۾ مشهور آهي ۽ هن تي هڪ فلم به ٺاهي وئي آهي. هن ڪُتي جي ياد ۾ هڪ خوبصورت ڪانسِي جو مجسمو (Bronze Sculpture) ٺاهي، شبويا ريلوي اسٽيشن جي چوڪ تي سياحن لاءِ رکيو ويو آهي.

ڪُتن ۽ هندوستانين جي داخلا ممنوع آهي
(Dogs and Idians are not allowed)

چٽگانگ جي رهاڪو، نوجوان شاگرديائي ’پِرتي لَتا‘ (1911-32ع)، هڪ بنگالي نوجوان انقلابي قومپرست ڇوڪري، جڏهن ڪلڪتا جي بِٿيون ڪاليج (Bethune College) مان فلاسافي مضمون ۾ پهريون نمبر کٽي اچي هڪ اسڪول جي هيڊ مسٽريس ٿي. اهو دور انگريز جي حڪومت جو سخت دور هو، جو پوري هندستان ۾ آزادي جي لهر، عوام کي بيدار ڪري ڇڏيو هو. 1932ع ۾، هن نوجوان ڇوڪريءَ، انگريزن خلاف انقلابي مهم ۾ حصو ورتو ۽ انگريزن جي ’پهر تالي يوروپين ڪلب‘(Pahartali European Club) جنهن تي

'ڪُتن ۽ هندستانين جي داخلا ممنون آهي' (Dogs and Indians are not allowed) جو مکيہ دروازي تي بورڊ لڳل هو، تنهن کي باهہ ڏئي ساڙڻ جو پروگرام ٺاهيو. سيپٽمبر 23، 1932ع تي رات جو پوڻين يارهين بجہ، مِس پريتي لتا، پنجابي مرداني ڊريس پائي، زهريلي دوا پوٽيشم ساءِ نائيڊ (Potassium Cyanide) کيسي ۾ وجهي، پنهنجي گروپ کي وٺي ڪلب کي ان وقت باهہ ڏني، جڏهن چاليهہ انگريز ڪلب اندر پنهنجن مستين ۾ مگن هُئا. پهري تي بيٺل پوليس آفيسر فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن ۾ هڪ ٻئي ڇوڪري ٿڏي تي قتل ٿي، چار ڇوڪرا ۽ ست ٻيون ڇوڪريون سخت زخمي ٿي پيا. پرتي لتا کي گولي لڳي جو هوءَ زخمي ٿي پئي ۽ پوليس جڏهن کيس پڪڙڻ لڳي، تہ هُن جلدي ۾ سائنائيڊ زهر کائي پنهنجو انت آندو.

مذهبي لحاظ کان اُهو ظاهر ٿو ٿئي، تہ ڪُتو هڪ اهڙو نِجس جانور آهي، جو گهر ۾ اندر رکڻ سان ملائڪن جو اچڻ بند ٿيو وڃي ۽ ٻئي پهلو تي نظر وجهڻ سان، ڪُتي جي وفاداري انسان کان وڌيڪ سمجهي وڃي ٿي.

قرآن شريف ۾ ڪيترن ئي جانورن جو ذڪر آيل آهي، ليڪن ڪُتي جو غالباً بہ پيرا ذڪر آيو آهي. ڪتي جي وفاداري، حفاظتي وصفن کان علاوه، سِنگهڻ جي حساسيت (Smell Sensitivity)، هن جي درجي کي مٿاهون ڪري ٿي. جرمن شيفرڊ (German Shephered) ڪُتي جو نسل، انسان جي تفتيش کان بنسبتً ڪافي درجا وڌيڪ ماهر هجڻ ڪري، دنيا جي سيڪيورٽي ادارن کان علاوه، فوجي تفتيشي شعبن ۾ سٺي ڪارڪردگي ڪري، پنهنجو مقام ٺاهيو آهي. دنيا ۾ بارڊر ڪولي (Border Collie) واري نسل جي ڪُتي کي وڏي ذهانت ٿئي ٿي. جنهن ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي، جرمن شيفرڊ (German Shephered) آهي، جنهن کي چورن ۽ دهشتگردن کي ڳولڻ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪتي جو جڏي ۾ جڏو ۽ بي عقل نسل، افغان هائونڊ (Afghan Hound) آهي، جيڪو ڏسڻ ۾ سهڻو، ليڪن ڪم عقل آهي. آمريڪن فوج ۾ باقاعدي سان جرمن شيفرڊ ڪُتن کي، هزارن جي تعداد ۾ پالي دشمن کي سُرنگهن، غارن يا جبلن جي اهڙن هنڌن ۾ لڪل انسانن ۽ هٿيارن ۽ نشي آور شين کي ڳولڻ جي تربيت ڏني ويندي آهي. سندس مٿي تي ويڊيو ڪئميرا لڳائي ويندي آهي، جيڪا سڌو سنئون فوجي بينڪ ڏانهن تصويرون موڪليندي رهندي آهي. اِهي ئي ڪُتا صدام حسين ۽ سندس ٻن پٽن کي پڪڙڻ ۾، آمريڪي فوجن استعمال ڪيا جن ۾ هنن کي سَوَ سيڪڙو ڪاميابي حاصل ٿي. اڳتي

هلي شايد انسانن جي جاءِ تي، ڪُتن کان ڪم ورتو وڃي، جو يورپ جي ملڪن ۾، زال ۽ مڙس جي جاءِ والارڻ جي ارتقائي عمل جي شروعات ڪري چڏي آهي، جنهن کي روڪڻ جي ضرورت آهي. هونئن ڏٺو وڃي تہ عمومن پوري دنيا ۾ خاص ڪري اولهہ جي ملڪن ۾، محبت ۽ وفاداري نالي ماتر وڃي رهي آهي، بلڪ ناپيد نظر اچي پئي، جو روميو ۽ جوليٽ، هيررانجها، سُهڻي ميهار، جهڙا سچا عاشق ڪيترين صدين کان وڃي غائب آهن.

واديءَ مهراڻ ۽ پنجاب جي قديم عاشقانہ داستانن مان ظاهر ٿئي ٿو، تہ اُهو سچو عشق ۽ پيار هن وقت ناپيد ٿي چڪو آهي. انهن قديم پيار جي لوڪ قصن تي گهري نظر وجهڻ سان، ائين محسوس پيو ٿئي تہ پنجاب ۽ پروارن علائقن ۾ پنهنجن کي پيار کان پري ڪري، انجنبين سان عشق ۽ وفاداري جا واعدا نڀايا ويندا هئا ۽ انجي برعڪس، مهراڻ جي هِن مِٽي مِٽيءَ جي خوشبو ڪجهہ نرالي هجڻ ڪري، بادشاهن، اميرن، تاجدارن ۽ چامن جي تخت ۽ تاج کان نفرت ڪري پنهنجن پَرٽن سان پيار کي ترجيح ڏني ويندي رهي آهي. هن وقت وارو انسان، مادي پرستيءَ ۾ ايترو تہ منجهي ويو آهي، جو آدرش پرستي (Idealism) ۽ روحانيت (Spiritualism) جهڙن رهنما اصولن کي وڃائي وينو آهي، جنهن ڪري هو پنهنجي حقيقي وقار ۽ وزن جي سُڃاڻ کان قاصر آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو ايندڙ وقت وڌيڪ آزمائش ۽ پيڙاءَ ۾ اضافو ڪندو، جيڪڏهن پوئتي نظر رکي، اڳتي جي منزل جو تعين نہ ڪيو. اِن لاءِ ضروري آهي تہ انسان پنهنجي نفس ۽ آس پاس واري مخلوق ۾ نشانيون ڳولي ۽ انهن تي سوچ ويچار ڪري، تہ حقيقت واضح ٿي ويندي ۽ پُليل رستو بہ صحيح منزل ڏانهن هاڪار ٿي هلائيندو.

لنڊن جو چڙيا گهر

جمع جي نماز ريجنٽ پارڪ واري مرڪزي مسجد ۾ پڙهڻ جي ارادي سان انڊر گرائونڊ ريل ذريعي مسجد پهتاسين. هي وسيع مسجد آهي، جو هِن ۾ زير زمين سطح تي هڪ وڏو مدرسو پڻ آهي، جنهن ۾ ڇوڪرين کي تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ مٿئين سطح تي ڇوڪرَن کي پڙهايو وڃي ٿو. وضو خانو زميني سطح تي واقع آهي. عورتن لاءِ نماز پڙهڻ خاطر پردي

جو مناسب بندوبست آهي. نماز جي آذان ڪانپوءِ نمازين جي رش ٿيڻ لڳي، پهريون خطبو انگريزي ۾ ڏنو ويو، جنهن ڪانپوءِ ٻيو خطبو عربي ۾ ڏنو ويو. نماز پڙهي دعا گهُري وئي، جنهن ڪانپوءِ سُنتون پڙهيون ويون. مسجد سان لڳ هڪ اسلامي بڪ اسٽور آهي، جتان ڪجهه ڪتاب ورتا. اسٽور واري کان معلوم ٿيو، تہ مسجد جي پرسان هڪ ڪيفي ٽيريا پڻ آهي، جتي پاڪستاني طرز جا کاڌا ملن ٿا، سو اُتان مانجهاندو ڪري، ريجنٽ پارڪ جي گلن وارو باغ ۽ چڙيا گهر گهمڻ جو ارادو ڪيو.

هي چڙيا گهر، 36 ايڪڙ زمين جي ايراضيءَ تي ڦهليل آهي ۽ دنيا جي پراڻن چڙيا گهرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. هِن کي پهريائين سائنسي علمي اصولن مطابق تحقيق، مشاهدي ۽ نتيجن جي پرک ڪرڻ جي حوالي سان، 1928ع ۾ شاگردن ۽ محققن لاءِ سهولت پيدا ڪئي وئي. جنهن کي توسيع کان پوءِ 1947ع ۾ عوام لاءِ کوليو ويو. هن وقت هن چڙيا گهر ۾، اٺ سَوَ کان وڌيڪ نسلن جا ويهہ هزار کن جانور سياحن جي دل وندرائڻ لاءِ رکيا ويا آهن. هن جانور گهر مان ريجنٽ واهہ لنگهي ٿو، جنهن جي خوبصورتي ۽ ڪنارن سان لڳل چِبر ۽ وڻڪار ڏاڍي وڻندڙ آهي.

جانورن کي مختلف ماحول جي حوالي سان، گروپن جي شڪل ۾ رکيو ويو آهي. مثلاً آفريڪا جا جانور گهٽي سرديءَ دوران بيمار ٿيڻ جي صورت ۾، انهن کي ايتري گرمي ڏني وڃي ٿي تہ جيئن انهن کي رهڻ لاءِ ساڳيو ماحول ملي. جانورن کي پنهنجي ماحول ۾ رهڻ جي حوالي سان ان کي هينئين گروپن ۾ ورهايو ويو آهي.

گوريلا جهنگلو (Gorilla Enclosure)، جنهن ۾ مختلف آفريڪي گوريلا، جن جو مٿو وڏو، ڳچي ننڍي ۽ وات ويڪرو هوندو آهي، سي هتي موجود آهن ۽ هي ڏاڍا چست ۽ چالاڪ جانور ٿين ٿا. انهن سان گڏ ڪيترن ئي جنسن جا پولڙا، جن ۾ ڳاڙهي منهن وارا پولڙا (Red faced spider monkeys) بہ شامل آهن.

آفريڪن جهنگلو، جنهن ۾ آفريڪا مان آندل جانور شامل آهن، زرافہ (Giraff)، هِپو (Hippopotamus)، جنهن کي درياهي گهوڙو چيو وڃي ٿو. هن جي چمڙي ٿلهي ۽ هي چئن پيرن وارو وزني جانور ٿئي ٿو. زِيبرا (Zebra)، جيڪو پٽاپٽي آفريڪي گهوڙن جي جنس جو جانور آهي. ان کان علاوه، وڏي ڪوپراٽيءَ، منهن تي هَسيدار داڻن ۽ وڏن وريل وَڃن وارو آفريڪي جهنگلي سوئر (Warthog) ۽ اوڪاپي جانور (Okapi)، جيڪو اتر

اوپر زائر ملڪ جو هڪ اوڳاريندڙ جانور، جنهن جي مُنڍي زراف جهڙي ۽ جسم زيبرا جهڙو ۽ گهاٽو ناسي رنگ جو ٿئي جڏهن تہ هتي ڪيترائي جهنگلي ڪُتا مختلف نسلن جا پڻ موجود آهن.

برساتي ٻيلن جي جيوت واري جهنگلي ۾، اُهي سڀ جانور موجود آهن، جيڪي وڻڪار ۽ پاڻي سان تعلق رکن ٿا. جهڙوڪ، ڏيڏر (Toads)، انڌي مڇي (Blind Cave fish)، آمريڪي جيت خور، ننڍڙي جسامت وارا پولڙا (Tamarin)، جن جي مٿي تي گهاٽا وار ۽ ڊگهيون مڇيون هونديون آهن. ننڍڙي قد جون ڳاڙهي رنگن واريون پولڙيون، پاڻيءَ وارا ڪُوئا (Water Rats)، چمڙا ۽ ٻيا سوين جانور جيڪي گهٽ روشنيءَ ۾ برساتي ٻيلن ۾ رهن ٿا ۽ انهن کي ساڳيو ماحول ناهي ڏنو ويو جتي هو خوش ۽ ڦڙتيلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

آسٽريليا کنڊ جي جانورن جو جهنگلو، جنهن ۾ ڳاڙهي رنگت وارا ڪئنگرو(Red Kangaroos)، اُٺ پکي (Emus)، شُتر مرغ جهڙو تيز ڊوڙندو پر اُڏامي نہ سگهندڙ پکي ۽ ٻيا ڪيترائي آسٽريليا مان آندل جانور پکي نظر آيا. شينهن جو جهنگلو، جنهن ۾ ايشيائي ملڪن مان گهرايل مختلف قسمن جا شينهن، سياحن لاءِ رکيل آهن، جن ۾ بنگال، هندستان ۽ انڊونيشيا جي ملڪ شامل آهن بگهڙن (Tiger) جو جهنگلو، جنهن ۾ انڊونيشيا جي سماٽرا علائقي جي بگهڙن (Sumatran Tiger) جا پنج داٽا موجود آهن.

پاڻيءَ جي جيوت (Aquarium)، هي هڪ علحده عمارت ۾ ٽن وڏن هالن تي مشتمل آهي، جنهن مان هڪ ۾ مٺي پاڻي جي جيوت رکيل آهي، ٻئي ۾ کاري پاڻي جي جيوت محفوظ ڪيل آهي جڏهن تہ ٽئين هال ۾ اميزون ندي (Amazon River) ۾ رهندڙ جانور رکيل آهن. اڪيورَم ايترو تہ خوبصورت نهيل آهي، جو هتان ٻاهر نڪرڻ تي دل ڪونہ پئي راضي ٿيندي. سامونڊي گهوڙا (Sea horses)، ٻلي جي شڪل جهڙي مڇي (Cat fish)، ڳاڙهي رنگ سان ڪنيڙاٽين واري رُوپ مڇي (Rudd)، جيڪا مٺي ۽ کاري پاڻي ۾ بہ ٿيندي آهي. بُوهَڻ مڇي (EEL) جنهن جي شڪل نانگ جهڙي هوندي آهي. سامونڊي جيتن مان نڪتل مادو يا اهڙي نموني جو نهيل ڪوپو، مرجاني مادي جا نهيل سمنڊ جي تري ۾ گهر، جنهن کي Coral reef چيو وڃي ٿو ۽ ان ۾ رهندڙ جيوت بہ هن اڪيورم•۾ ڏيکاري وئي آهي، جنهن جو سمنڊ کان ٻاهر زنده رهڻ ناممڪن آهي. پوپٽ جهڙيون رنگا

رنگ مڇيون (Butterfly fish) ۽ ٻيون ڪيتريون ئي پاڻي ۾ رهندڙ جيوت موجود آهي، جنهن کي انسان جي اک عام رواجي زندگي ۾ ڏسڻ کان قاصر آهي.

جانورن جي جهنگلي ۾، هر قسم جا خوبصورت جانور علحدن پڃرن ۾ رکيل آهن، جن ۾ رڍن، ٻڪرين، ڪتن، سيهڙن، نورن (Meerkats)، نوريئڙن، سوئرن (Pigs)، لاما (Llama)، ڏکڻ آمريڪا جا اوني کل وارا جانور ۽ ٻيا ڪيترائي بار ڍوئيندڙ جانور، جنهن جي اُن مان ڪپڙو بہ ٺاهبو وجي، سي سڀ شامل آهن ۽ ڪيترائي ٻيا رنگ برنگي جانور ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي اسان اڳن نہ ڏٺا آهن.

ريڙهيون پائيندڙ جانورن جا گهر(Reptile House)

هتي هر قسم جا نانگ، ٻلائون، ڪِرڙيون، واڳون (Crocodile) ۽ ٻيا ڪيترائي جانور شامل آهن. رنگين پوپٽن جي گهر (Butterfly Paradise) ۾ هر قسم جا پوپٽ ۽ اِن جنس مان مختلف رنگ برنگي جيوت ڏسڻ ۾ ايندي.

پکين جي دنيا (Bird Safari) ۾، هر ملڪ مان آندل پکي سياحن لاءِ رکيل آهن، جن کي هڪ هنڌ گڏ ڏسي انسان کي الله تعاليٰ جي ڪائنات جي تخليق جو احساس ياد اچي ٿو.

هي جانورن جو گهر، تمام وسيع ايراضي تي هجڻ ڪري، گهمڻ ۽ هر شعبي جي جانورن کي چڱيءَ طرح ڏسڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن لڳي وجي ٿو.

هن گهر جي هڪ خاص ڳالھ، اِها بہ آهي، جو اُنهن جانورن جي جنس (Species) کي هت محفوظ ڪيل آهي، جيڪي ڪن سبب، آفريڪا جي جهنگلن مان نسل ڪشي جو شڪار تي ناپيد (Extinction) تي چڪيون آهن. جهڙوڪ آفريڪي زيبرا (Quagga)، جنهن کي متي، ڳچي ۽ اڳئين ڌڙ تي پٽا هوندا آهن ۽ گڏ تسمانيہ جو پٽاپٽي وارو شينهن (Tasmanian Tiger) شامل آهن.

لنڊن ۾ جانورن جو گهر ڏسڻ ڪانپوءِ واپسي تي هوٽل وڃڻ لاءِ هڪ انگريز کان ويجهي انڊر گرائونڊ اسٽيشن بابت معلوم ڪيو، تہ پڇيائين ڪٿي ويندا، اسان سُوسيڪس جي علائقي ۾ وڃڻ جو جڏهن ڪيس ٻڌايو تہ هُن اسان کي مشورو ڏنو تہ، توهان هرو پرون، ريل جي ذريعي چو ٿا وڃون. هي روڊ سڌو وڃي ايجويئر روڊ تي پوندو ۽ انجي پرسان توهان جو

هوٽل آهي، سو گاڏي تي وڃڻ جي ڪا خاص ضرورت ڪونہ آهي. واقع اسان 10 منٽن جي واڪ ڪانپوءِ اچي، هوٽل تي پهتاسين. رستي تان ايندي هڪ بوڪ اسٽور تان هڪ ڪتاب (Arab-Israeel by Victor) جي معلومات ڪئي، تہ فوراً دوڪاندار چيو تہ اسرائيلي سُنا ماڻهو ڪونہ آهن، ڏسو تہ فلسطيني ۽ ڏکڻ لبنان سان ڪيڏو نہ ظلم پيا ڪن.

هُن غالباً مونکي عرب سمجهي، پنهنجي دوڪانداري چمڪائيندي ڪتاب وڪڻڻ جي ڪوشش ڪئي. مان ڪيس جواب ۾ اهوئي چيو، تہ تون بلڪل سچو آهين. حالانڪہ اسرائيل جي تخليق ۾ انگريزن جو وڏو اهم ڪردار هُيو، جنهن ۾ بين پاڙيوارن عرب سَؤٽن جو بہ ڪردار رهيو. چوندا آهن تہ ’پنهنجي وَڍي جو نہ دارو نہ درمل‘.

سمنڊ هيٺان ريلوي سُرنگھہ (Channel Tunnel)

وزيراعظم جان ميجر، BBC T.V ذريعي ٻڌايو تہ برٽن ۽ فرانس جي وچ واري سمنڊ جي هيٺان پنجاهہ ڪلو ميٽرن ڪان ڊگهي سُرنگھہ، جنهن تي اڏاوت جو ڪم، ٻنهي ملڪن جي عهد نامي ڪانپوءِ فيبروري 1986ع ۾ شروع ڪيو ويو هو، سو پئسن نہ هجڻ جي صورت ۾، هڪ سال جي دير سان مقرر ٽيل تعمير جي عرصي 1993ع جي بدران هاڻي اهو 6 مئي 1994 تي مڪمل ٿيندو ۽ راڻي الزبيت ۽ فرينچ صدر، مسٽر مِتراند (Mr. Mitterrand) جي هٿان ان جو افتتاح ڪيو ويندو. انگلش چئنل جيڪو فرانس ۽ برٽن کي جدا ڪري ٿو، اُن هيٺان سُرنگھہ کوٽي ان ۾ ريل جون پٽڙيون ۽ روڊ ٺاهيو پيو وڃي. هن دنيا ۾ اهڙي نوعيت جو هڪ منفرد منصوبو آهي، جنهن جو ڪاٿو 14.70 بلين پائونڊ لڳايو ويو.

هي منصوبو،يورو ٽنيل (Euro Tunnel)، جيڪا اينگلو فرينچ ڪمپني آهي،اُن کي Fast track Design and Construct Turkey contract جي اصول تي ڏنو ويو، جنهن ڪري ڪمپني تيزي سان ڪم ڪري رهي آهي. هي منصوبو مڪمل ڪري، پوءِ اُن کي مالڪن جي حوالي ڪيو ويندو، جيڪي بعد ۾ اُنکي عوام لاءِ کوليندا. هي منصوبو اڏاوت جي حوالي سان، جڳ مشهور بيڪٽل (Bechtel) ڪمپني کي ڏنو ويو. هڪ ٽيم فرينچ واري شهر، ڪئلي (Calais) ڪان ڪم شروع ڪيو ۽ ٻئي برٽن واري ٽيم ڊوور شهر پرسان، فولڪ اسٽون (Folke Stone)واري جڳهہ ڪان، سمنڊ هيٺان سرنگھہ کيڻ شروع ڪئي، جو ڊسمبر 1991ع ۾ ٻنهي پاسن جون بورنگ

مشينون اچي هڪ ٻئي ڪي سمنڊ جي وچ ۾ مليون. جنهن کان پوءِ ريل جون پٽڙيون هٽڻ (Mechanical fittings) ۽ بجلي جو ڪم شروع ڪيو ويو ڪمپيوٽر ڪنٽرول سِگنلنگ (Computer Control Signalling) ۽ مانيٽرنگ ۽ مواصلاتي نظام لاءِ فائيبر آپٽڪ تارون (Monitoring devices and data وڌيون ويون. سمنڊ هيٺان سُرنگهه جي کوٽڻ جي رفتار هڪ ڪلو ميٽر في مهيني جي حساب سان ٻنهي پاسن کان تقريباً هڪ جهڙي هُئي.

بنيادي طرح هن منصوبي ۾ ٽي سرنگهون آهن، جن ۾ 25 فوٽ قطر جون ٻه مکيه سرنگهون، هڪ سَوَ فوٽن جي وٿي تي ريل لاءِ کوٽيون ويون آهن ۽ وچ ۾ هڪ سرنگهه، 15.75 فوٽ قطر جي سهولت ۽ خدمات لاءِ، جهڙوڪ، تازي هوا جي پهچ خطري مهل مسافرن کي گاڏين ذريعي ٻاهر ڪڍڻ وغيره شامل آهي، ناهي وئي آهي. هر هڪ سرنگهه، 50 ڪلو ميٽرن جي ڊيگهه جي حوالي سان، ٽوٽل سرنگهن جي ڊيگهه 150 ڪلو ميٽر ٿيندي. هي سرنگهون، 40 ميٽر جي گهرائي تي سمنڊ جي هيٺان کوٽي ان کي دنيا جي ستن عجوبن ۾ شامل ٿيڻ جوڳو ڪم ڪيو ويو آهي. سرنگهن ذريعي روزانو 500 ريل گاڏيون هر اڌ ڪلاڪ ۾ گذرن ٿيون، جو 2010ع ۾، نوي لک مسافرن جو هتان گذر رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

هنن سرنگهن مان ٻن قسمن جون گاڏيون هلايون وڃن ٿيون هڪ مسافرن لاءِ ۽ ٻيو نندين گاڏين لاءِ (Freight vehicle shuttle) جهڙوڪ، ڪار، ويگن بسون ۽ ڊبل ڊيڪر جن ۾ بسون پڻ هن گاڏي اندر چاڙهي، هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ پهچايون وڃن ٿيون.

ريل واريون سرنگهون، وچئين سهولت واري سرنگهه (Service Tunnel) سان، هر 350 ميٽرن تي پاڻ ۾ ملايل آهن ته جيئن ڪنهن خطري، جي گهڙي ۾ بغير وقت وڃائي محافظ (Rescue) پهچي سگهن ۽ ڪنهن به اڻوڻندڙ واقعي کي منهن ڏئي سگهن.

سينٽ ميري اسپتال (St. Marry Hospital)

هڪ ڏينهن، رابعه کي مٿي ۾ سور ٿي پيو، سو پر واري سينٽ ميري هاسپيٽل وياسين. ڪائونٽر تي شناختي ڪارڊ جي حوالي سان، ڊرائيونگ لائسنس ڏيکارڻ لاءِ چيائون. اسان کين جڏهن پاسپورٽ ڏيکاريو ته هنن کي ڄاڻ ٿي ته اسان هتان جا رهائشي نه پر گهمڻ آيا آهيون. چوڪري سوا چار پائونڊ ڊاڪٽر جي ڏسڻ جو مُلهه گهريو، جنهن بعد هُن هڪ ڪاغذ هٿ ۾

ڏئي اسان کي سامهون واري انتظار ڪمري ۾ ويهڻ لاءِ چيو. ٿوري دير کانپوءِ، هڪ نرس نمودار ٿي، جنهن هڪ فارم کي ڀرڻ لاءِ سَوين سوال ڪيا. درجہ حرارت، وزن، رت جو دٻاءُ وغيره سڀ ورتي، ويهڻ لاءِ چيو وري ڪجهه دير کانپوءِ نرس موٽي آئي، جنهن اسان کي ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ وٺي ويهاريو ۽ ٻڌايائين تہ ڊاڪٽر ٻئي مريض کان فارغ ٿي سڌو توهان وٽ ايندو. ڊاڪٽر آيو ڪجهه سوال پڇي طبيعت ڏسي دوا جو چٺو لکي ڏنو چيو تہ اسپتال جي دواخانہ تان وڃي دوا وٺو. دواخاني مان دوا ورتي، هن وڏيڪ پئسا ڪونہ گهريا، دوا واپرائڻ سان، الله تعاليٰ شفا ڏني جو بلڪل ٺيڪ ٿي ويئي. سينٽ ميري اسپتال هڪ تمام پراڻي ۽ وسيع اسپتال، لنڊن جي مرڪزي حصي ۾ واقع آهي، ڪيترائي پاڪستان ڊاڪٽر هتي پڙهڻ ۽ نوڪري ڪرڻ ايندا آهن.

هن اسپتال ۾، 1928ع دوران پنسلين دوا (Penicillin) ايجاد ٿي ۽ هن دوا جي خالق ڊاڪٽر اليگزيندر فليمنگ (Dr. Alexandar Fleming) کي 1945ع ۾ نوبل پرائيز مليو. هي اسپتال، لنڊن جي امپيريل ڪاليج هيلٿ ڪيئر ٽرسٽ جي ڪنٽرول هيٺ ڪم ڪري رهي آهي.

هي اسپتال ڳاڙهي رنگت جي هڪ عاليشان پاري پر ڪم جسامت واري عمارت ۾ موجود آهي، جنهن ۾ 500 مريضن جي بسترن جي گنجائش آهي. هن اسپتال ۾ ڪيترائي شاهي خاندان جا ياتي پيدا ٿيا آهن، جن ۾ خاص، شهزادو وليم، 1982ع ۾ پيدا ٿيو ۽ هاڻي بادشاهي جي انتظار واري قطار ۾ سندس ٻيو نمبر آهي. شهزادو هيري (1984)، شاهي ڪرسي جي انتظار ۾ چوٿين نمبر تي آهي. اِهي ٻئي پرنس چارليس ۽ ڊيانا جا پٽ آهن. شهزادو جارج (2013) پٽ شهزادو وليم، جيڪو ساڳئي قطار جي ٽئين نمبر تي بيٺل آهي.

برٽش جي رهاڪن لاءِ دوا درمل مفت ۾ آهي پر سياحن کي مناسب في ڏيڻي پوندي آهي ۽ ڏندن جو علاج پنهنجي خرچ تي ڪرائڻو پوندو آهي. برطانيہ ۾ ڊاڪٽري پيشي کي وڏي اهميت سان سماج ۾ وڏو مانُ ڏنو وڃي ٿو.

اسيمبلي هال (House of Parliament)

اسيمبلي هال، هن وقت ويسٽ منسٽر محل (West Minister Palace) ۾ آهي، جيڪو ٿيمس ندي جي ڪابي ڪناري تي واقع آهي. هي هڪ عاليشان محل نما وڏي جسامت وارو آهي، جيڪو لنڊن ۾ توهان کي نمايان نظر ايندو. هن هال ۾ گهمڻ لاءِ اسان جڏهن پهتاسين، تہ اُتي اسيمبليءَ جو

اجلاس شروع ٿيڻ وارو هو. اسان مکيہ دروازي جي پرسان جتي سياحن لاءِ مخصوص ڪيل جاءِ هُئي، اُتي ڪافي ماڻهو اچي گڏ ٿيا اسيمبليءَ هال جي سامهون واري روڊ پرسان، ميمبرن لاءِ مخصوص ڪار پارڪنگ آهي، جنهن ۾ هو اچي گاڏي بيهاري، هٿ ۾ ننڍڙي بريف ڪيس ڪنيون تيز وکون هڻندا اندر داخل ٿيندا ويا. اسان جي سامهون برٽش وزيراعظم جان ميجر، بہ بغير ڪنهن پوليس پروٽوڪول جي پاڻ گاڏي ڊرائيو ڪري پارڪنگ ۾ بيهاري، بريف ڪيس کڻي مکيہ دروازي ۾ اچي داخل ٿيو. سياحن جي پرسان لنگهندي، پنهنجو هٿ مٿي ڪري هاءِ ڪندو تکڙو اندر هليو ويو.

اسان جا وزيراعظم تہ وڏي ڳالهہ آهن، جو هنن اڳيان ويهارو کن پروٽوڪول وارن جون گاڏيون ۽ پويان پنجاهہ کن چمچن جون گاڏيون نہ هجن تہ مزوئي نہ اچين. پوتار وزيرن جي پويان وڏيرا بہ گهٽا ڪڍ لڳندا آهن، پوليس بي انداز هوندي آهي ۽ تنهن ڪانپوءِ سرڪاري ڪامورا جيڪي غريبن جي رت پيئڻ ۾ پنهنجو پگهر ئي نہ سُڪائين، سي بہ خوشامد ڪرڻ ۽ پنهنجي نوڪري بچائڻ خاطر پويان لڳل هوندا آهن.

برٽش جو وزيراعظم، اڪيلو گاڏي هلائي اچي اسيمبلي هال ۾ پهتو، پر اسان وارن يتيم سياسي ليڊرن، پنهنجي عياشي جي انتها ڪري ڇڏي آهي. اسان جا سياستدان، بيوروڪريٽ سڀ جا سڀ احساس ڪمتريءَ جو شڪار آهن، جو هنن سان جيڪڏهن گڏ پروٽوڪول نہ هُجي، تہ سندن ساهہ نڪريو وڃي.

تر ۾ ڏڪار ئي ڏڪار لڳو پيو آهي. سَوَين ننڍڙا بار پيار هر روز مرن ۽ مِني ۾ ارباب اختيار وارن جڏهن ميٽنگ گهرائي، تہ سٺ وڏيون گاڏيون صرف پروٽوڪول ۾ شامل هيون. هاڻي اندازو لڳايو تہ هي ڏڪار کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش آهي يا وڌائڻ جا پيا وس ڪن.

ڳالهہ پئي هلي اسيمبلي هال جي، ميمبرن جي سادگي ڏسي حيران ٿيس تہ اسان ڪڏهن هنن وانگر پنهنجن جي خدمت ڪنداسين. اسيمبلي هال ۾ بہ هائوس ويهندا آهن، هڪ هينيون هائوس، جنهن کي ’هائوس آف ڪامنس‘(House of Commons)، جيڪو باقاعدي پنجن سالن لاءِ چونڊجي ايندو آهي ۽ ٻيو مٿيون هائوس، جنهن کي هائوس آف لارڊس (House of Lords) چيو وڃي ٿو. هن هائوس ۾ پاڪستاني لارڊ نظير احمد گهٽو مشهور آهي ۽ اُتي پاڪستان ۽ ڪشمير بابت سندس همدردي ساراهہ جوڳي آهي، جو هو پاڻ

ميرپور مان آهي ۽ سنڌن ليبر پارٽي سان تعلق اٿن. هن ڪي لارڊ جي رتبي لاءِ وزير اعظم ٽوني بليئر، 1998ع ۾ چونڊيو هو.

هن وقت تائين ست پاڪستاني برٽش، مختلف پارٽين سان تعلق جي حوالي سان، ميمبر آف دي اپر هائوس، يعني هائوس آف لارڊس ۾ داخل ٿي، برطانيه جي سياسي هلچل ۾ شامل ٿي چُڪا آهن، جن ۾ چار عورتون ۽ باقي مرد آهن. هن هائوس ۾ مرتبي وارا عيسائي پادري ۽ برطانيه جا نواب شامل هوندا آهن. هينئين پارليامينٽ ۾ نوَ پاڪستاني نزاد ميمبر، پنهنجو پاڻ کي چونڊائي هائوس آف ڪامنس جي پارليامينٽ جي ڏاري ۾ شامل ٿي ويا آهن، جن ۾ ٽي عورتون شامل آهن.

يورپي يونين جي پارليامينٽ ۾، ٽي پاڪستاني نزاد برطاني عورتون ميمبر آهن. پاڪستانين جو برطانيه جي سياست ۾ مصروف العمل هجڻ، اسلامي دنيا لاءِ عمومن ۽ پاڪستان لاءِ خصوصي فخر جي ڳالهه آهي، جو اُنهن کي اسان مثالي نمونو (Role Model) سمجهي، نئين نسل کي مشورو ڏيون ته اِنهن جي محنت ۽ جفاڪشي جي پيروي ڪندي، منزل ڏانهن وک وڌائين ۽ اسلامي دنيا خلاف ٽيندڙ سازشين کي ابتدائي مرحلي ۾ چيپاٽي چُپ ڪرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين.

پارليامينٽ بلڊنگ، قديم زماني ۾ بادشاهن جي رهائشگاهه هئي، جنهن کي 1860ع ۾ پارليامينٽ جي اجلاسن لاءِ ڏنو ويو. اِن محل کي ٻئي مهاڀاري جنگ ۾ شديد نقصان پهچڻ ڪانپوءِ وري ان کي ٻيهر ناهي، 1950ع ۾ ٻنهي اسيمبلين لاءِ مختص ڪيو ويو. هن محل جي ڏکڻ اولهه وارو وڪٽوريا ٽاور، 336 فوٽ اوچو آهي ۽ هن ۾ قديم پارليامينٽري رڪارڊ محفوظ ڪيل آهي ۽ ٻيو اترين پاسي وارو، ايلزبيت ٽاور جيڪو 320 فوٽ بلند آهي، جنهن ۾، 1859ع کان، 23 فوٽ قطر جو مشهور بِگِ بَين (Big Ben) گهڙيال لڳل آهي، جيڪو انگريزن کي پنهنجي سُريلي آواز سان پيو نه صرف وقت ٻڌائيندو آهي، پر اُنهن کي وقت جي اهميت جو احساس پيو بار بار ذهن نشين ڪرائيندو آهي. انگريزن اهڙي قسم جا گهڙيال، برٽش انڊيا، هاڻوڪي پاڪستان ۾ بلند مُنارا ناهي، هر شهر جي مرڪزي چوڪن تي لڳايا، جيڪي اجان تائين قائم آهن، پر گهڙيال اسان جي مستقل خاموشي ڏسي، شرم وچان پاڻ به هميشه لاءِ خاموش ٿي ويا آهن. ڪراچي ٽاور، حيدرآباد ٽاور، سکر ٽاور، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي جو ٽاور، هن قوم کي Be in the right place at the right time واري سبق کي ياد ڪرائڻ جي ناڪاميءَ تي سوڳوار نظر اچي رهيا آهن، پر اسان ڪمن ۾

روڙا اٽڪائڻ جي فن ۾ ماهر تي، وقت کي پيا ٿا تباهه ڪيون ۽ Procrastination is best investment of time تي صدين کان عمل پيرا آهيون، جو وقت وڃائڻ هڪ عظيم سرمائيڪاري سمجهي وينا آهيون.

الزبيت ٽاور ۾ 14 ٽن جو گهنڊ (Bell) لڳل آهي، جنهن جو آواز ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ ٽاور تي روشنيءَ لاءِ وڏي بتي راڻي وڪٽوريا هٽائي هُئي، جنهن کي اُن وقت ٻاريو ويندو هو. جنهن وقت ڪو اجلاس رات تائين هلندو هو، جيئن راڻي وڪٽوريا ٻه ڪلو ميٽر پنڌ کان پنهنجي رهائشگاهه، بڪنگهم محل مان، روشني ڏسي پڪ ڪندي هُئي تہ اسيمبلي ميمبر عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۾ دير تائين رُڌل آهن.

هن عمارت اندر، نارمن پورچ آهي، جنهن ذريعي بادشاهه داخل ٿيندا هُئا، راڻيءَ جي ڪپڙن رکڻ ۽ پائڻ جو ڪمرو، شاهي وسيع گئلري، شاهي چيمبر، لارڊس چيمبر، نوابن جي ويهڻ جي جاءِ، مرڪزي لابي، ميمبرن جي لابي، ڪامن چيمبر، ويسٽ منسٽر هال ۽ ٻيا ڪيترائي ڪمرا شامل آهن. هن عمارت جي فن معماري مغربي يورپ ۾ ٻارهين کان سورهين صدي جي وچواري عرصي دوران، نوڪدار محرابن واري طرز تعمير مطابق آهي. جنهن کي گاٿڪ قبيلي جي فن معماري (Gothic Architecture) چيو وڃي ٿو.

پارليامينٽ هائوس پرسان، ويسٽ منسٽر ايبي (West Minister Abbey)، هڪ قديم چرچ آهي. جنهن جي لڳ، راڻي الزبيت ڪانفرنس سينٽر جي عاليشان عمارت آهي. ان جو جو پيو پاسو، سينٽ جيمس پارڪ سان لڳي ٿو ۽ بڪنگهم محل، پارڪ جي ٻئي ڪنڊ تي واقع آهي. وزيراعظم جي رهائشگاهه، 10 ڊائوننگ اسٽريٽ بہ پارليامينٽ هائوس ۽ راڻي الزبيت ڪانفرنس سينٽر جي پاڙي ۾ واقع آهي.

پارليامينٽ هائوس جي سامهون، ٿيمس نديءَ جي هُن پار ڪناري تي، ايڪويهين صدي (2000ع) جي شروعات ۾ لنڊن واسين کي ڏنل سوکڙي آهي، جنهن کي شروع ۾ ’هزارين سال چوڏيل‘(Millennium Wheel) ۽ هن وقت سندس نالو بدلائي ’لنڊن جي اک‘(London Eye) رکيو ويو آهي. هي چوڏيل اڏاوتي لحاظ کان، ٻين عام رواجي چوڏيلن کان مختلف آهي. اِن چوڏيل جي بلندي 443 فوٽ، ڦيٽي جو قطر 394 فوٽ آهي، پر جڏهن 1999ع جي آخر ۾ ناهيو پئي ويو، تہ اُن وقت، دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي چوڏيل ليکي ويندي هُئي. هِن چوڏيل جي ڦرندڙ ڦيٽي ۾، سياحن جي ويهڻ لاءِ هيليڪاپٽر نما نهيل خوبصورت ۽ وسيع 32 عدد گهرڙا (Capsules) آهن.

جن ۾ 25 ماڻهن جي ويهڻ ۽ اندر خلاسي گهمڻ جي جاءِ آهي. اهي گهرڙا ايئرڪنڊيشن آهن ۽ چوڏيل جي ڦيري سان گڏ، هُو پنهنجي محور تي بہ آهستہ ڦرندا رهن ٿا. جيئن سياح سڄي لنڊن جو ايتري وڏي بلندي کان نظارو ڪري سگهن. اِن چوڏيل ذريعي صاف موسم دوران سڄي شهر جو خوبصورت نظارو (Panoramic View) ايترو تہ دل اُپاريندڙ آهي، جو چوڏيل تان لهڻ ڏاڍو مشڪل ٿيو وڃي.

لنڊن جو قلعو (Tower of London)

انڊر گرائونڊ ريل ذريعي، ٽاور هل (Tower Hill) اسٽيشن تي پهچي، ٿيمس نديءَ جي ڪابي ڪناري تي واقع، قديم لنڊن قلعو ڏسڻ لاءِ پهتاسين. هي تاريخي قلعو، يارهين صديءَ ۾ ٺاهيو ويو هو جنهن اندر 12 ايڪڙ ايراضي تي ڦهليل ڪثير مقصد عمارتون ٺهيل آهن. هن قلعي اندر قديم زماني ۾ شاهي رهائشگاهہ هوندو هُيو. 1500-1952ع دوران، هن قلعي کي قيد خانو ڪري استعمال ڪيو ويو. برطانيہ جي قديم تاريخ ۾، هن قلعي جو وڏو مقام آهي، جو هن تي ڪيترائي حملا ٿيا ۽ ڪيئي ڀيرا هن تي ٻاهران اچي قابض ٿيا.

هن قلعي لاءِ ٿيمس نديءَ جي ڪناري هڪ ننڍڙو بندرگاهہ، بادشاهہ ايڊورڊ (پهرو) ٺهرايو، جنهن جي توسيع، 1399ع دوران شاهہ رچارڊ (ٻيو) ڪرائي ۽ ڇهہ ايڪڙ زمين جا وڌيڪ اِن علائقي ۾ پڻ شامل ڪيا ويا. هن قلعي جي مرڪزي حصي ۾، چار ماڙ چورس محل ٺهيل آهي، جنهن کي اچو مينار ڪري سڏين ٿا. هي بادشاهن جي رهائشگاهہ آهي، جيڪو تمام ٿلهن پٿرن جي عمارت سازي ڪري ٺاهيو ويو آهي ۽ يارهين صديءَ ۾ هيءَ عمارت تمام مضبوط عمارت سمجهي ويندي هُئي.

وقت گذرڻ سان هن قلعي جي اهميت گهٽ ٿيندي وئي، جو بادشاهن لنڊن شهر جي وڌيڪ خوبصورت علائقن ۾ پنهنجا محل ٺاهي، اُنهن ۾ رهائش اختيار ڪندا رهيا ۽ اڳتي هلي سورهين صدي ۾ هن قلعي کي خاص جيل خاني ۽ باغين کي موت جي سزا لاءِ مخصوص ڪيو ويو.

هن قلعي ۾ پهرين موت جي سزا، اِين بولين (Ann Boleyn) کي ڏني وئي، جيڪا برطانيہ جي (1533-1536) دوران راڻي ۽ بادشاهہ هينري (اٺون) جي ٻئي زال هُئي. برطانيہ جي ٻئي 19 سالن جي راڻي، ليڊي

جين گري (Queen Lady Jane Grey)، جيڪا راڻي الزبيت (پهرين) جي پيٺ هُئي، تنهن کي 9 ڏينهن تخت تي ويهڻ ڪانپوءِ، فيبروري 12، 1554 تي ڪيس ٽاور اندر سر قلم ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ راڻي ميري (پهرين) Queen Marry-I تخت تي ويني، جنهن جين گري جي پيٺ، الزبيت (جيڪا پوءِ برطانيه جي راڻي ايلزبيت (پهرين) تخت تي ويني) کي ٽاور آف لنڊن ۾ قيد ڪيو ويو. چارليس (پهريون) کي، 1649ع ۾ موت جي سزا ڏني وئي ۽ سندس قيمتي ڏاتن کي پگهاري سِڪا ناهيا ويا ۽ جواهرات وڪٽيا ويا. هن قلعي ۾، شاهي خاندان ۽ ٻين ڪيترن نوابن ۽ اميرن جي هڪ سَوَ ٻارهن ماڻهن کي مختلف ڪيسن تحت، چار سَوَ سالن جي ڊگهي عرصي دوران قتل ڪيو ويو، ٻنهي مهاياري جنگن دوران ڪيترن ئي جرمن جاسوسن ۽ ٻين قيدن کي هن قلعي ۾ قيد ڪيو ويو، جن ۾ هٽلر جو خاص ايلچي، مسٽر ڊولف هيس (Radolf Hess) به شامل آهي. آخري موت جي سزا جرمن جاسوس، مسٽر جوسف جيڪبس (Josef Jakobs) کي، 15 آگسٽ 1941ع ۾ گوليون هڻي ڏني وئي.

ٽاور پُل، (Tower Bridge)، ٽاور آف لنڊن جي پرسان، درياهه ٿيمس مٿان ٺهيل آهي. هي پل 1894ع ۾ ٺهي، جنهن کي هن وقت هڪ سَوَ ايڪويهه سال ٿي گذريا آهن ۽ اڃان تائين مضبوط بيٺل آهي. هن پل جي اڏاوت ٻن ويڪرن ٿُلهن جي سهاري، لوهي رَسِين تي لٽڪيل (Suspension Bridge) آهي، جنهن جي ٽوٽل ڊيگهه، 800 فوٽن کان مٿي آهي. هي برطانيه جي اعليٰ معياري اڏاوت جو هڪ عظيم شاهڪار آهي، جنهن کي هر سياح ڏسڻ ڪانسواءِ نه ٿو رهي سگهي. هن پل جي اهميت جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي.

گرين وچ پارڪ

لنڊن جو گرين وچ پارڪ (Green Wich Park)، 180 ايڪڙن جي ايراضي تي ڦهليل آهي، جنهن جي اتر ۾ نيشنل ميري ٽائيم ميوزيم، راڻيءَ جو محل، گرين وچ يونيورسٽي ۽ هاسپيٽل پڻ قريب آهي. هن باغ ۾ دنيا جو ٽائيم زون وارو پرائيم ميريڊين (Prime meridian)، جتان دنيا جي پهرين ڊگهائي ڦاڪ نڪرڻ واري جاءِ، جنهن کي رائيل آبزرويٽري (Royal Observatory) چيو وڃي ٿو، سا واقع آهي. هي اُها جاءِ آهي، جتان اتر ۽ ڏکڻ واري پهرين

ڊگهائي ڦاڪ (Longitude) لنگهي ٿي، جنهن جي قيمت زيرو ڊگري کان شروع ٿئي ٿي ۽ اُن جي قيمت اوڀر ۽ اولهه طرف وڌندي، 180 ڊگري تائين پهچي ٿي. شهر، مثلاً ڪراچي، 65 ڊگري اوڀر طرف واري ڊگهائي ڦاڪ ۽ 26 ڊگري اترين ويڪرائي ڦاڪ (Latitude) خط استوا (Equator) جي اترين اڌ گول (Northern Hemisphere) تي واقع آهي. خط استوا، اُها هڪ سڌي ليڪ آهي، جيڪا ڌرتي جي گولي (Globe) کي اوڀر کان مغرب، يعني انڊونيشيا جي بورنيو ۽ سُماٽرا صوبي مان لنگهي، آفريڪا کنڊ جي، ڪِينيا ۽ ڪانگو مان ٿيندي، ڏکڻ آمريڪا کنڊ جي اِڪئيڊور ملڪ مان اڀِرتي نڪري وڃي ٿي. دنيا جي گولي کي ننڍين ڦاڪن ۾ ورهايو ويو آهي، جيئن ملڪن ۽ شهرن جي مخصوص هنڌ جو تعين ڪري سگهجي. جنهن کي نئين نسل جي ٻولي ۾، جي.پي.ايس سسٽم (Global Positioning System, GPS) چيو وڃي ٿو، جيڪو اُپگرهه يا سياري (Satellite) ذريعي منتقل ٿيندڙ معلومات کي، خاص اوزارن وسيلي ڪنهن به هنڌ، مقام، عمارت جي مڪمل دُرستگي (Precision) سان، صحيح هنڌ جي نشاندهي ڪري سگهجي ٿي. اجڪلهه اهي اوزار (GPS) گاڏين ۾ لڳايا وڃن ٿا، جيڪي ڊرائيونگ دوران رستا ڏيکاريندي، مسافرن کي پنهنجي منزل تائين بغير ڀُلجڻ جي سلامتي سان پهچائڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

اها ساڳئي ٽيڪنالاجي آهي، جنهن وسيلي اسرائيل جي انٽيليجنس ايجنسي ’المُساعد‘ گهرن، روڊن ۽ وسندين ۾ فلسطين جي سياسي اڳواڻن کي ڳولي پٺي پري کان ورتل نشانن وسيلي قتل ڪري.

زمين جي ٻن گولائي اڌڙن (Hemispheres) ۾ ورهائيندڙ ليڪ (Prime Meridian) جي مٿان بيهي سڄو ۽ کاٻو پير اوڀر ۽ اولهه وارن اڌ گولن ۾ رکي، سياح ڏاڍا خوش ٿيندا آهن ته، اسان زمين جي ٻنهين اڌڙن (East & West Hemispheres) جي مٿان هڪ ئي وقت بيٺا آهيون. ڊگهائي ڦاڪ هڪ ڪنداٽتو مفاصلو آهي، جنهن جي ماپ ڊگريز، منٽس ۽ سيڪنڊس ۾ لنڊن جي گرين وچ پارڪ مان لنگهندڙ پهرين ليڪ کان اوڀر يا اولهه طرف ورتي وِيندي آهي، جنهن سان دنيا ۾ مختلف ملڪن جو وقت پڻ ماپيو ويندو آهي. هِن پهرين ڊگهائي ڦاڪ کان هر ڊگري جي ڪنداٽتي ماپ چار منٽ وقت جي برابر هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو شهر پهرين ويڪرائي ڦاڪ کان 30 ڊگري اوڀر يا اولهه آهي ته اُن شهر جو وقت 120 منٽ يعني ٻه ڪلاڪ وڌيل يا گهٽيل هوندو. مثال لنڊن ۾ منجهند جا 12 وڄڻ مهل،

ترڪي ۽ مصر جيڪي اوپارين واري اڌ گول ۾ واقع آهن، اتي ڏينهن جا ٻه وڄندا آهن ۽ انهيءَ ماپ جي اولهه واري ملڪن ۾ صبح جا ڏهه ٿيندا هوندا. ٿورن لفظن ۾، ڏکڻائي ڦاڪون دنيا جي مختلف ملڪن جي وقت کي لنڊن جي وقت سان ڳانڍاپو (Relationship) قائم رکڻ ۾ مدد ڪن ٿيون.

ساڳئي طرح ويڪرائي ڦاڪ، خط استوا کان اتر يا ڏکڻ طرف ڪنداڻتو مفاصلو آهي، جيڪو پڻ ڊگريز، منٽس ۽ سيڪنڊس ۾ ماپيو ويندو آهي ۽ هنن کي گرمي سردي جي حوالي سان ڄاتو ويندو آهي. زمين جي خط استوا وٽ گولائي وارو مفاصلو تقريباً پنجويهه هزار ميل آهي، جنهن کي جيڪڏهن 360 ڊگريز ۾ ورهائجي ته هڪ ڊگري ۾ ستر ميل (112 ڪلوميٽر) جو مفاصلو اچيو وڃي پر اهو مفاصلو گهٽبو رهندو، جيڪڏهن توهان خط استوا کان اتر يا ڏکڻ طرف ماپون وٺندا، مثلاً 45 ڊگري خط استوا کان اتر يا ڏکڻ هڪ ڊگري جو مفاصلو وڃي ستر جي بجاءِ پنجاهه ميل ٿيندو.

زمين جي شڪل بلڪل ڪُڪِڙ جي آني (Egg shaped) مثل آهي، جنهن جو ذڪر قرآن ۾ آيل آهي پر ڪيترين ئي صدين کان سائنسدان زمين جي شڪل بابت بحث مباحثا ڪندي پاڻ ۾ وڙهندا رهيا. آخر ۾ ان فيصلي تي بيٺا، جيڪو قرآن شريف ۾ چوڏهن سَوَ سال اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي.

زمين جو سج جي چؤ طرف هڪ محور (Orbit) ۽ پنهنجي مدار (Axis) تي ڦرڻ، اٽلي جي سائنسدان، مسٽر گئليلو (1564-1642ع) جي انڪشاف کان ڇهه صديون اڳ، ايراني مسلمان سائنسدان، ابوريحان البيروني (Al-Baroni, 973-1048) اِهو واضع ڪري ٻڌايو هو، پر مسلمانن جي هڪ هزار سالن جي سائنسي تحقيق ۽ انقلابي انڪشافات جي دور ڪانپوءِ، ايندڙ زوال دوران مغرب جي سائنسدانن، مسلمانن جي ڪيل ڪم کي اڳتي وڌائي، پنهنجي تاريخ روشن ڪئي، جنهن جي تصديق مسٽر رابرٽ برفالٽ (Robert Briffault) پنهنجي 1919ع ۾ لکيل ڪتاب، “The Making of Humanity” جي صفحي 202 تي دارلحڪمت (Dar Al Hikmet) يعني Home of Science واري باب (Page 182-202) ۾ هن ريت ڪئي آهي:

”وچئين زماني جي وقت دوران، ڪيميائي، نجومي علمن ۽ طبي تدريسي اسڪولن جي تعليم، جيڪا عرب تهذيب هيٺ پيدا ٿي ۽ اُپري، تنهن هن دنيا جي علمي سامان ۽ تخليقي طاقت جي ڪا يا پلٽي ڇڏي. پندرهين صدي کان ٿورو هيٺ، جيڪي ڪجهه سائنسي علم ۽

چاڻ يورپ ۾ موجود هئي، سا سڀ، عرب سائنسدانن جي ڪيل ڪمن ۽ معلومات، بغير ڪنهن اضافي جي، ڪي پاڻ ۾ گڏ ڪري پيش ڪئي وئي آهي. پورچو گال، جو شهزادو هينري (1394-1460ع) جڏهن هڪ جهاز راني جو تعليمي ادارو ڪيپ وِنسينٽ شهر ۾ قائم ڪيو، تہ اُن ۾ عرب مسلمان سائنسدان ۽ يهودي استاد رکيا، جنهن واسڪوڊي گاما جي لاءِ، سامونڊي سفر جو رستو آسان ڪيو، جنهن يورپ ڪي پوري دنيا جي چيڙن تائين توسيع ڏني. يورپ ۾، 1494ع دوران مئٿميٽڪ جو ڪتاب، پهريون دفعو ڇاپيو ويو، سو بنيادي طور البَطاني جي ڪيل ڪمن ۽ جوڙيل ٽيبلن جي هوبهو نقل آهي، جنهن ڪي لِيونارڊ فِبوناسي ساڳئي متن ڪي گڏ ڪري لِيوسا پڪولي (1447-1517) ان جو ترجمو ڪري پيش ڪيو. ڪِرسٽوفر ڪولمبس جي سامونڊي سفر ۾ رهنمائي، البطاني (858-929ع) جي ٺهيل ٽيبلن ڪئي، جن ڪي جرمن سائنسدان رَيجومونٽانئس (1436-76ع)، تارن جي بيهڪ ۽ حساب وارو ڪئلينڊر ٺاهي تيار ڪيو. ڪِپلر (1571-1603ع)، ابنِ يونس (950-1009) جي ٺهيل سائنسي ٽيبلن جي معلومات جي بنياد تي، پنهنجو ڪم اڳتي وڌايو ۽ ويسالِس (1514-1564ع)، الرازي (854-925ع) جي ڪمن جو ترجمو ڪيو..... سائنس جي علم جو سهرو عرب مسلمان جي سِرِ تي آهي، جيڪو اڄڪلهہ جي جديد دنيا ڪي مليو آهي، ليڪن اُن جا ميون پچڻ ۾ ٿوري دير ضرور ڪئي... اسلامي تهذيب جا ٻيا بہ ڪيترائي گهڻ رُخا اثر هُئا، جن يورپ جي زندگيءَ ڪي روشن ڪيو.“

فرانس جو سفر

لندن ڪانپوءِ فرانس جي پئرس شهر وڃڻ لاءِ اڳ ۾ طئي شده پروگرام مطابق، لندن ڪان انگلش چئنل جي بندرگاهہ واري شهر ڊووَر (Dover) لاءِ بس ۾ سفر ڪيو، جيڪو لندن ڪان 115Km ڪلو ميٽر اتر طرف واقع آهي. بس ذريعي انگلينڊ جي ٻهراڙيءَ ڪي ڏسڻ جو بيهر موقعو مليو. ٻهراڙيءَ ۾ بہ شهرن وانگر صاف سٿرا رستا سنا ۽ ويڪرا ٺهيل آهن. زمينون اڪثر ڪري برساتي پاڻيءَ ذريعي، مشينري سان آباد ڪيون وڃن ٿيون، بلاڪن جا بلاڪ سرسبز ۽ هڪ جهڙا فصل ۽ ڪٿي ڪٿي مختلف جانور ڀيلايل فصلن ۾ چرندي نظر اچي رهيا آهن.

ڊوور ۾ پهچي سمنڊ پار ڪرڻ لاءِ هُو وَرُ ڪرافٽ جي ٽڪيٽ ورتي، چو جو سمنڊ هيٺيان ريل سرنگهه (Channel Tunnel) تي اڃان ڪم هلي رهيو هو، جنهن جو تفصيلي ذڪر اڳ ۾ تي چڪو آهي. هُوور ڪرافٽ بابت نائين يا ڏهين ڪلاس جي انگريزي واري ڪتاب ۾ پڙهيو هو، پر استادن جي اٽپوري جاڻ ڪري، هُووَر ڪرافٽ جي مڪمل ، ىلومات نہ ملڻ جي برابر هُئي، صرف ايتري جاڻ هُئي تہ هي هڪ اهڙو جهاز ايجاد ڪيو ويو آهي، جيڪو زمين يا پاڻي جي سطح کان ڪجهہ فوٽن جي فاصلي تي، مٿي اُڏامي ڪار جيتري رفتار تيز هلي سگهي ٿو.

هوور ڪرافٽ هواجي دٻاءَ ذريعي پاڻيءَ جي سطح کان ٿورو مٿي، انجڻ تي هلندڙ زوردار پکن وسيلي ڏڪجي رفتار پڪڙي ٿو. هن جهاز اندر ڏاڍو ساز سينگار ۽ صوفا آرامده هُئا ۽ اندر مسافرن کي پيئڻ لاءِ رس ۽ کائڻ لاءِ پسند جون شيون پيش ڪيون ويون. ٿوري دير ۾ جهاز جي انجڻ جو شور ٻڌڻ ۾ آيو ۽ بغير ڪنهن لوڏي لمي جي هوور ڪرافٽ انگلش چئنل جي پاڻي مٿان تيزي سان فرانس جي ڪئليس (Calais) بندرگاهہ ڏانهن وڌڻ لڳو. پنجيتاليهہ ڪلوميٽرن جو پنڌ چاليهہ منٽن ۾ طئي ڪري، سمنڊ ڪان نڪري بندرگاهہ جي داخلا (Port Entry) واري دروازي جي اچي سامهون بيٺو. مسافرن لهڻ شروع ڪيو جنهن ڪانپوءِ بندرگاهہ جي اميگريشن وارن وٽان لنگهڻ ٿيو، جن اسان کان پاسپورٽ ڏسي، بغير داخلا ٺپي هڻڻ جي ملڪ ۾ اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني، جڏهن مان ٺپو لڳائڻ جو اظهار ڪيو، تہ هنن چيو تہ ڪائي ضرورت نہ آهي، توهان کي اسان سياح جي حيثيت ۾ خوش آمديد چئون ٿا. فرينچ ڏاڍا خوش طبع ۽ خوش اخلاق ماڻهو آهن.

ڪئليس بندرگاهہ کان پئرس بس ذريعي ٽن ڪلاڪن ۾ سفر ڪيو، جيڪو تقريباً 300 ڪلوميٽر هو. بس جي ذريعي فرانس جي ٻهراڙي ڏسڻ جو موقعو مليو جيڪا بلڪل برٽن جي ٻهراڙي وانگر هُئي. پوک پراهہ، ڍڳا، ڍور ۽ فصل ڪاهڻ ۽ اُن جي آبادي نهري ۽ برساتي پاڻي تي هجڻ ڪري ايئن پيو لڳي جڻ سڄو يورپ ننڍي کنڊ جي سر زمين هجي هڪجهڙائي (Similarity) واري خصوصيت سان گهڻو مشابهت رکي ٿو.

بس ايڪسپريس وي سان ڊوڙندي فرانس جي گادي واري هنڌ، پئرس ۾ داخل ٿي. شهر ڏاڍو صاف سترو ۽ ويڪرن رستن ۽ رنگا رنگ گلن ۽ سرسبز وڻن جي قطارن شهر جي رونق کي وڌيڪ خوبصورت بنايو بيٺيون هيون.

فرانس جي ايراضي پنج لک ستيتاليهہ هزار مربع ڪلوميٽر آهي. ايراضيءَ جي لحاظ کان دنيا ۾ ٻائيتاليهن نمبر تي اچي ٿو پر يورپ ۾

سيني ملڪن کان وڏو آهي. فرانس جي آدمشماري ساڍا ڇهه ڪروڙ نفوس تي مشتمل آهي ۽ آبادي جي لحاظ کان دنيا ۾ ويهين نمبر تي ۽ يورپ ۾ ٻئي نمبر تي آهي. ارڙهين صدي جي آخري حصي ۾، فرينچ انقلاب تحت بُنيادي ’انساني حقن جو اعلان‘ (Declaration of Human Rights)، هن قرع الارض تي، هڪ پراڻي قرارداد تحت ٿيو، جيڪو انسانن جي بنيادي حقن جي ڳالهه ڪري ٿو. جنهن تحت، 1958ع ۾ هن ملڪ کي لاديني ۽ جمهوري (Secular and Democratic) ملڪ ڪري پيش ڪيو ويو، جنهن جي اصلي طاقت اُن جي ماڻهن جي هٿن ۾ آهي.

فرانس دنيا ۾ انهن ٽن ملڪن (موروڪو ۽ اسپين) مان هڪ آهي، جنهن کي بحر اوقيانوس ۽ يونوچ سمنڊ جون ساموندي پٽيون لڳن ٿيون. فرانس، برٽش ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي دنيا جي ٻين ملڪن تي قبضو ڪري، پنهنجي حڪمراني هلائڻ واري ٻئي وڏي سلطنت (Second largest colonial empire) بڻايو

فرينچ شهري، پوري دنيا ۾ تمام اوچي درجي جي رهائشي سهولتون پيا ماڻين ۽ بين الاقوامي معيار جي تعليم، ڳالهائڻ جي آزادي اعليٰ درجي جي دوا درمل (علاج معالج)، پوئين ٻچيل عمر (ڪراڙپ) جي بهتر گذارڻ جي پُر اميدي (Life Expectancy) ۽ انساني خوبين جي ترقي وناڻڻ جي لحاظ کان، دنيا جي سيني ملڪن کان اڳيرو نظر اچي ٿو.

هي ملڪ پنهنجي ساک مطابق، اقوام متحده جي سيڪيورٽي ڪائونسل جو مستقل ميمبر جي حيثيت رکي ٿو.

فرانس جون حدون، پنهنجي اتر اوپر کان ويندي ڏکڻ اولهه تائين، بيلجيم، ليگزمبرگ، جرمني، سئزرليند، اٽلي، موراڪو ۽ اسپين سان ۽ اوپر ۾ برازيل سان ملن ٿيون. اٽلي جي پاڙي ۾ واقع ڪورسيڪا ٻيٽ (Corsica Island) بہ فرانس جي حاڪميت هيٺ اچي ٿو.

فرانس جي اٽليءَ جي سرحد واري علائقي ۾’آلپس پهاڙي سلسلو‘(Alps Mountain Ranges) آهي. جنهن ۾ پوڻا پنج ڪلوميٽرن اوچائي وارو وڏو جبل واقع آهي، جنهن کي ’مائونٽ بلانڪ‘ چيو وڃي ٿو ۽ اولهه يورپ ۾ اِهو وڏي ۾ وڏو جبل ليکيو وڃي ٿو. فرانس ۾ چئن ندين جهڙوڪ: سِين ندي (Siene River)، لوئري ندي (Loire)، گيرُونِ ندي (Garonne River) ۽ رُون ندي (Rhone River) جو ڄار وڇايل آهي، جن ذريعي زمينن کي زرخيز ڪيو وڃي ٿو ۽ اهي سڀ نديون يونچ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون.

فرانس قديم زماني کان وٺي، رومن ڪيٿولڪ مذهب جي پوئلڳن جو مرڪز رهيو آهي، ليڪن جڏهن کان مذهب ۽ حڪومت کي الڳ ڪيو ويو

آهي، تڏهن کان رومن ڪئٿولڪ مذهب جي مڃڻ وارن ۾، گهٽي گهٽتائي اچي وئي آهي ۽ گذريل صدي جي هجرت جي اضافي پڻ، مختلف مذهبن جي پرمار، ماڻهن کي مُجهائي وڌو آهي. مثال، 1965 ۾ آبادي جو 81 سيڪڙو ڪئٿولڪ هُو ۽ 2009ع ۾، اهو نمبر گهٽجي وڃي 64 سيڪڙو کي پهتو.ساڳئي طرح 1952ع ۾، 27 سيڪڙو ماڻهو هفتي ۾ هڪ دفعو گرجا گهر عبادت لاءِ ويندا هُئا ۽ 2006ع ۾ اهو تعداد گهٽجي وڃي پنج سيڪڙو کي پهتو آهي.

تازي جائزي مطابق، ڪُل آبادي جي تعداد جو 50 سيڪڙو ماڻهو ڪئٿولڪ مذهب، 31 سيڪڙو ماڻهو خالق کي نہ مڃڻ وارا (Atheist)، 8 سيڪڙو مسلمان، 3 سيڪڙو پروٽيسٽنٽ عيسائي (Protestnat)، هڪ سيڪڙو ٻڌ ڌرم ۽ هڪ سيڪڙو يهودي ۽ بقايا ڪنهن بہ مذهب کان بلڪل بي خبر نہ آهي.

2003ع جي جائزي مطابق، فرانس ۾ مسلمانن جو تعداد سٺ لک آهي، جيڪو آبادي جو اٺ سيڪڙو کان وڌيڪ ٿئي ٿو. هن وقت فرانس ۾ هڪ وڏو مذهبي خال (Vacuum) پيدا ٿيندو رهي ٿو. جنهن ۾ اسلام جي روشني کي ڦهلائڻ جي ضرورت آهي، جو عيسائي پنهنجي مذهب کان بيزار ٿي، بي مذهبا ٿيندا وڃن ٿا، جن تي محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وقت عيسائي مذهب جا پوئلڳ گهٽجي چاليهہ سيڪڙو کي وڃي پهتا آهن، جن مان ڪو،5 سيڪڙو هفتي ۾ هڪ وار چرچ جو چڪر لڳائين ٿا. باقي صرف نالي ماتر مذهب سان لڳاءُ رکن ٿا ۽ ڪيترن ئي مذهب کان هٽي وڃي، لادينيت اختيار ڪئي آهي.

اِن حوالي سان، 1993ع ۾ فرانس جي پئرس شهر ۾، اسلامڪ يونيورسٽي کولي وئي، جو اُن وقت 35 لک مسلمان آباد هُئا ۽ عيسائي جي رومن ڪئٿولڪ مذهب کان، ٻئي نمبر تي وڌندڙ مذهب اسلام آهي، جنهن ڪري يونيورسٽي ۾ هر سال 260 مسلمان شاگردن جي داخلا وڌندي رهي ٿي.

اِن مذهب ۽ حڪومت جي عليحدگي ڪري، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪنهن بہ مذهبي سجاٽپ يا پرچار تي پابندي لڳل آهي. جنهن ڪري مسلمان ڇوڪريون حجاب يا مٿي تي رومال، سِکن کي پٽڪو ۽ عيسائي وڏي جسامت جا صليب (Cross) نہ ٿا پائي سگهن، انهن تي ڪافي احتجاج بہ ٿيا، ليڪن حڪومت پنهنجي ناهيل قانون جي پاسداري ڪندي رهي ٿي ۽ عوام ان تي عمل پيرا آهي.

پئرس، 70-1854ع جي ٻن ڏهاڪن دوران، نيپولين بونا پارٽ جي پائٽي نيپولين (ٽيون) (Napolean-III) جي دور حڪومت ۾، هن شهر وڏي ترقي ڪئي، جو جڳ مشهور شهري رٿا بندي ڪندڙ انجنيئر، بئرون هُسمان (Baron Haussmann) کي پئرس شهر جي جديد طريقي سان رٿا بندي ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو. جنهن شهر اندر مختلف چوراهن (Intersections) کي ايترو وسيع ڪري ٺاهيو، جو انهن مان، مختلف طرفن ڏانهن ڏهن کان ٻارنهن رستا ڪڍيا ويا آهن، جيئن هڪ روشن ستاري جي روشني هر طرف ڦهليل هوندي آهي. مثلاً، آرڪ ڊي ٽراف (Arc de Triomphe) پئرس جو مشهور چوڪ آهي. جنهن جي مرڪز مان ٻارهن وسيع رستا، مختلف طرفن ڏانهن نڪرن (Radiate) ٿا ۽ اهڙي قسم جي شهري منصوبا بندي صرف پئرس ۾ ڏسڻ ۾ آئي. شهر جي هر چوڪ تي توهان کي ساڳئي ترتيب (Pattern) نظر ايندي، جنهن ڪري شهر اندر مختلف علائقا سڌا سنوان ڳنڍيل هجڻ ڪري، بلڪل ويجها آهن ۽ پيدل گهمڻ وارن لاءِ آساني آهي، جو هو هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين ٿورو مفاصلو طئي ڪري پهچن ٿا ۽ انڪري شهر ۾ ماڻهو پنهنجين ذاتي گاڏين تي سفر بجاءِ پيدل گهمڻ کي ترجيح ڏين ٿا يا وري شهري سُواري کي استعمال ڪرڻ ڪري، ٽريفڪ جي پيڙ کان شهر کي آزاد رکن ٿا. ليڪن پاڻ کي پيدل ماڻهن جي گهما گهمي کان بچڻ نڪرڻو پوندو آهي. شهر جي مختلف حصن ۾، ڏهن کان ٻارهن، حيدرآباد جي ٺنڊي سڙڪ جهڙا رستا اچي هڪ مرڪز تي ملن ٿا، جتي ڏيتي ليتي جو گهڻو ڪاروبار هلي ٿو ۽ ماڻهن جي پيڙ بہ گهڻي ٿئي ٿي.

اسان پئرس ۾ پهچي هوٽل ورتو، جنهن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي ڊي ٽوئر بوڪ ڪرائي صبح جو ڪليل ڇت واري ڊبل ڊيڪر بس ۾ ويهي، ٻين سياحن سان گڏ شهر جي مکيہ چوڪن، محلاتن، باغن ۽ عجائب گهرن جو ديدار ڪيو. اسان جي گائيڊ نوجوان ڇوڪري هُئي، جنهن فرينچ اُچار جي هڪ مخصوص لهجي (Accent) ۾ پئي انگريزي ڳالهايو، جيڪا ڪجهہ سمجهہ ۾ آئي پئي ۽ ڪجهہ وري پنهنجي عقل جي زور تي پئي معنيٰ ڪڍي.

پئرس شهر جي وچمان، سِين ندي (Seine River) ائين وهي ٿي، جڻ روهڙي ۽ سکر وچ مان سنڌو درياهہ وهي ٿو، جنهن جي ٻنهي ڪنارن روڊن ۽ پيدل ايندڙن جي ويڪرن رستن سان رنگا رنگ گلن جا ٻوٽا، وڻڪار ۽ باغيچا اهڙيءَ طرح سينگاريل آهن جو خوبصورتي وڌايون بيٺا آهن، جڻ ڪنوار جي ڳچيءَ ۾ موتين جي مالها جو هار پاتل هجي.




تبوڪ ۾ پاڪستاني برگيڊ جي اچڻ ڪانپوءِ پاڪستاني آرمي جي آفيسرن ڪي دعوت تي مدعو ڪيو. هن گروپ فوٽو ۾ کاٻي کان ٽئين نمبر تي ڪيپٽن ڊاڪٽر خادم حسين جتوئي، ڊاڪٽر پرسان مان، نظير جتوئي، ڪيپٽن مير محمد سولنگي ۽ ٻيا بيٺا آهن.




حيدرآباد جي اسرا يونيورسٽي پرسان واقع انڊس پئراڊائيز هائوسنگ اسڪيم جي ترقياتي ڪمن بابت مُصنف ڪوناڻل گڏجاڻي ڪي بريفنگ ڏيندي.




حاجي ڪريم دين شر



جان محمد بلوچ



ثناءالله ملاح




استاد رفيق احمد لغاري



مشهور تاريخدان ڊاڪٽر مبارڪ علي ۽ انجنيئر نياز علي شر




عنايت الله جوڻيجو
اڳوڻو ڊائريڪٽر ڪچي آبادي حيدرآباد ڊورزن



استاد خان محمد جمالي



يائرن سان گڏ عمري دوران جو گروپ فوٽو.



انجنيئر نياز شر ۽ A.D.B جي مسٽر ايلن ڪيلي ڪي دعوت ۾
سنڌي ٽوپي، اجرڪ جو تحفو ڏيندي.




کابي کان ڊاڪٽر پروفيسر پائي خان شر، پروفيسر آغا رفيق،
انجنيئر نياز علي شر ۽ ليکڪ شوڪت حسين شورو



KAMC تبوڪ ڇانوڻي ۾ مختلف منصوبن جي افتتاح دوران وزير دفاع وطيران پرنس سلطان بن عبدالعزيز سان، برگيڊيئر محمد بن علي الشايع منهنجو تعارف ڪندي ساڄي پاسي ڪان نظر اچي رهيو آهي.



مدير اداره برگيڊيئر محمد بن علي الشايع تقرير ڪندي.

استاد رحيم داد خان شر ۽ مصنف جواني جي روپ ۾




استاد اي ايم ٽالپر صاحب ۽ مرحوم لياقت علي رجپر





بابا سائين رمز علي خان ۽ مصنف جواني دوران




شفيع محمد شر



سِواپالن (سریلنکا)



استاد الطاف میمنؒ



مئسز برانڈ



ڈاکٹر اشرف ملک



محمد اسماعیل (انڈونیشیا)



مون سان گڏ پيارو دوست ڊاڪٽر غلام شبير ميمڻ جيڪو تبوڪ کانپوءِ رياض شهر ۾ سعودي آرمي جي طبي خدمت ڪندو رهيو.



KAMC تبوڪ ۾ پيئڻ جي پاڻي جون ٽينڪون جن جي اوچائي 50 ميٽر ۽ ذخيري جي گنجائش ويهه لک گيلن آهي.

فتح وارو محرابي لنگهہ (Arc De Triomphe)

هي پئرس جو جڳ مشهور چؤڪ آهي جنهن بابت مشهور آهي، تہ هن جي اڏاوت فرانس جي فاتح ڪمانڊر، نيپولين بونا پارٽ (1769-1821) مغرب ۽ آفريڪا جي فتحن کان پوءِ، 1806ع ۾ ان وقت ڪئي، جڏهن هن پنهنجي فوجي جرنيلن ۽ بين آفيسرن سان اهو واعدو ڪيو هو تہ پئرس واپسي تي، شهر اندر فوج جي ڪاميابي جو ايندڙ نسلن لاءِ يادگار طور هڪ عظيم فتح جو محرابي لنگهہ ناهيو ويندو. جيڪو هن واپسي اچڻ شرط، اُن جي اڏاوت شروع ڪئي، ليڪن سندس حياتي دوران پورو تي نہ سگهيو. جنهن کي، 1806 کان 1836 تائين، ٽيهن سالن جي هڪ ڊگهي عرصي ۾ اڏي پورو ڪيو ويو.

هي اڏاوت هڪ وسيع چوراهي جي مرڪز ۾ واقع آهي ۽ هن جي بُلندي 164 فوٽ ۽ ويڪرائي 147 فوٽ آهي، جنهن تي مٿي چڙهي سڄي پئرس کي هڪ نظر سان پوري طرح ڏسي سگهجي ٿو. هي نوس ۽ ڀاري پرڪم اڏاوت (Massive Structure)، چئن ٿلهن ٿنين تي سخت قسم جي پٿرن سان ٺاهي، هڪ وسيع محرابي ونگ ذريعي مڪمل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سياحن کي نيپولين جي فتحوحات بابت ۽ هن محرابي لنگهہ جي تاريخي اهميت ٻابت، هڪ ننڍو عجائب گهر بہ اُن ۾ شامل آهي. هِن محرابي لنگهہ جي هڪ پاسي کان، عظيم فوجي روڊ Avenue degrande Armee ۽ ٻئي پاسي کان Avenue de champs Elysees آهي، جيڪو 1792ع جي رضاڪارن جي نالي سان منصوب ڪيل آهي، جنهن تي هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي، ڪنڪورڊ محل (Palace de La Concorde) واقع آهي. هن وَنگ واري لنگهہ مان نڪرندڙ فاڪ روڊ (Avenue Foch)، توهان کي هڪ عظيم ۽ وسيع ’بولون باغ‘(Bois De Boulogne) ۾ ڪٽي ويندو، جتي توهان ٽي چار ڏينهن گهمندي باغ جي سير ۾ لڳي ويندا.

فتح واري چؤڪ کان ڪليبر روڊ (Avenue Klebèr)سان توهان کي چيلوٽ محل(Palais De Chaillot) ملندو جتان اسين ندي پار ڪري، ٻئي ڪپر تي پئرس جي علامت خاص يعني آئيفل ٽاور (Eiffel Tower) وٽ سير سفر لاءِ پهتاسين. جتان ٿوري پنڌ تي هڪ قديم ڊوم وارو چرچ واقع آهي، جيڪو وُوبان محل جي مکيہ مد خل وٽ. هڪ عاليشان سونهري گُنبذ واري نموني سان ٺهيل آهي، جنهن جو اندريون حصو ايترو تہ خوبصورت ۽ پرسڪون آهي، جو ٻاهر نڪرڻ لاءِ سوچڻو پوي ٿو، پر

افسوس جو اهڙي سينگاريل چرچن ۾، عبادت ڪرڻ وارا ڪونہ آهن. هر چرچ وانگر اندرين ديوارن تي رنگين نقاشي ۽ مصوري ۾، حضرت عيسيٰ جي جمڻ، جنگ ڪرڻ ۽ آخر ۾ صليب تي لٽڪائڻ وارو واقع واضع طور ڏيکاريل آهن.

محرابي لنگهہ جي ديوارن تي ڪجهہ اهڙا جنگ ڪٽڻ جي حوالي سان خوشيون ملهائيندڙ مُسجما لڳل آهن ۽ محراب جي مٿان واري حصي تي، اُنهن ڪٽيل جنگين جا نالا لکيل آهن، جيڪي نيپولين پنهنجي دور ۾ وڙهيون. 1920ع ۾ هڪ اڻڄاتل سپاهي (Unknown Soldier) جي قبر هن محرابي ونگ جي هينان آهي. جنهن جي تعظيم ۽ تڪريم لاءِ ڪڏهن ڪڏهن فوجي آفيسر اچي سلامي پريندا آهن.

زير زمين ميٽرو ريلوي Metro Rail

پئرس ۾ بسن ۽ ٽيڪسي جي گهٽي سهولت آهي، لنڊن وانگر بسن ذريعي سفر ڪي عوام لاءِ ڏاڍو بروقت ۽ آرامده ڪري مهيا ڪيو آهي. ٽيڪسي ڪجهہ مهانگي هجڻ ڪري، گهڻا مسافر بس ۽ زير زمين ريلوي (جنهن ڪي هتي ميٽرو (Metro) ۽ لنڊن ۾ انڊر گرائونڊ ڪري سڏين ٿا) ۾ سفر ڪرڻ پسند ڪندا آهن، چو جو ميٽرو تيز رفتار ۽ سَستي آهي. لنڊن جي انڊر گرائونڊ جي برخلاف، هتي ريل جي گاڏن ۾ پهرئين ۽ ٻئي درجي جا گاڏا هوندا آهن. ريلوي اسٽيشن ۽ گاڏن اندر، سياحن جي رهبري لاءِ ڪتاب ۽ بوڪ اسٽالن تي توهان کي پوري ريلوي نيٽ ورڪ جا نقشا لڳل نظر ايندا، جيئن سياحن کي سفر ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. شهر جي هر چؤڪ تي ميٽرو اسٽيشن، جيڪا زير زمين هوندي آهي، تنهنجو اشارن وارو بورڊ لڳل نظر ايندو، جتان هلندڙ ڏاڪڻ يا لفٽ ذريعي، توهان هيٺ وڃي اسٽيشن تان خودڪار مشينن ۾ سِڪو وجهي، ٽڪيٽ حاصل ڪري، آرام سان بغير ڪنهن ٻئي انساني مداخلت جي توهان پنهنجو خوشگوار سفر جاري رکي سگهو ٿا. هن پوري نظام ۾، انساني مداخلت کي پوري طرح ختم ڪيو ويو آهي.

شهر اندر ڪجهہ اسٽيشن اهڙيون بہ آهن، جن تي بہ ريل گاڏيون هڪ ٻئي کي مختلف سطحن تي چؤواٽي وانگر هڪ ٻئي سان ملنديون جتان توهان اوپر ويندڙ گاڏي مان اتر يا ڏکڻ طرف واري گاڏي پڪڙي، پنهنجي منزل تي پهچي سگهو ٿا.

لنڊن ۽ ٽورنٽو وانگر، هتان جا مسافر به سفر دوران، توهان کي اخبار رسالن پڙهڻ ۾ مشغول نظر ايندا. جو هتي ڪو به ماڻهو پنهنجو وقت ضايع ڪونه ٿو ڪري. عورتون به توهان کي اخبارن، ناول، ڪتابن يا وري اُونا سُوئيٽر ٺاهيندي نظر ايندي يون. انهن کان علاوه، اُهي نوجوان جوڙا، اٽپورن ڪپڙن ۾ مبلوس، هڪ ٻئي سان مَحُوَ گفتگو يا هلڪو ڦلڪو پيار ڪندي توهان کي پنهنجي جواني نه ماڻڻ تي افسوس پيا محسوس ڪرائيندا ۽ آس پاس کان وانيجهيل نظر ايندا. گاڏي اندر هڪ الڳ دنيا پئي محسوس ٿيندي.

اي ڪاش جي اهڙيون گاڏيون، جڏهن به اسان جي شهرن ۾ آيون (اميد بلڪل ڪونه اٿم)، ته انهن جو حال ڇا ٿيندو. يورپ جي شهرن ۾ اگر ڪو واندو ماڻهو هجي، ته هڪ ئي ٽڪيٽ ۾ سڄو ڏينهن پيو ريل ۾ گهمي ڦري، جو ڪير به پڇڻو وارو ڪونه آهي. توهان ٽڪيٽ وٺي گهمندا رهو، ليڪن آخر ۾ اُن اسٽيشن کان توهان کي نڪرڻو پوندو، جنهن جي توهان ٽڪيٽ خريد ڪئي آهي. ان حوالي سان اسان جا پينو فقير، موالي ۽ ڪيسن ڪترڻ وارا، هڪ ٽڪيٽ ۾ سڄو ڏينهن پيا ريل جو سفر ڪندا، پر جي ڪين سمهڻ لاءِ پنڙي پرسان ڪا مناسب جاءِ ملي به وڃين ته پوءِ گهر به ڪونه ويندا. هاڻي توهان اندازو لڳايو ته اُهو سسٽم هلڻ کان اڳ ئي اسان وٽ ناپاس ٿي ويندو. تنهنڪري اهڙين سهولتن آڻڻ کان اڳ، اسان کي سماجي ترقي جي مٿانهين درجي تائين رسڻ ضروري آهي.

توهان اندازو لڳايو ته جيڪڏهن، مديني وارو حرم، هتي اسان وٽ هجي ها، ته توهان کي ڪيترن ئي مذهبي ٽولن جي ڇڪتاڻ، قوالن، گويئن جا آڌاٽا، ڦيٽن، ڦڪين ۽ جادو، تعويذ ڪندڙن جا واهيرا ڏسڻ ۾ اچن. اسان اوليائن ۽ بزرگن جي قبرن جو ڇا حال ڪيو آهي ۽ ميلا لڳائي، اُتي ڪيترائي ڪُڌا ڪرتوت ڪيا وڃن ٿا. چرس، آفيم، ناچ گانا ۽ زنا جهڙا گناهه، انهن بزرگن جي آستانن تي ڪيا وڃن ٿا، جتي اسلامي علم، ادب ۽ ڀائيچاري جو سبق ڏنو ويندو هو.

شهر ۾ (بسن يا ريل رستي جي بنسبت) پيدل گهمڻ سان هتان جي ثقافت، رهڻي ڪهڻي ۽ شهرين جي حالات ۽ شهر جي خوبصورتي کان گهڻو گهرائي سان واقفيت حاصل ٿئي ٿي. هوٽل وارا يا ٽوئر گائيڊ سياحن کي بار بار هدايتون ڏيندا آهن، ته هميشه پنهنجي ٻٽون، ٻَجَڪو يا دستي ڳوٿري (Purse) جي حفاظت ڪندا رهو. ڪنهن سهڻي ڇهري تي به پورو سارو ڀروسو ڪيو، شَيمپَين جي بوتل کي Bubbly ڪري ضرور چيو ويندو

آهي، پر هُوءَ جڏهن مٿي ۾ داخل ٿيندي آهي، تہ دنيا جي هر بدصورتي بہ خوبصورت نظر ايندي آهي. هي زبردست مشورو، لنڊن واري منهنجي وڄايل بريف ڪيس وانگر، ڊاڪٽر سليم مهر جن ڏنو هُيو، پر مان اُن ڪي مفت ۾ مليل مشورو سمجهي، قدر نہ ڪيو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان. لنڊن جي ٿيمس ندي وانگر، اسان هتي سَين ندي ذريعي هڪ خوبصورتي سان سينگاريل ٻيڙي ۾ سوار ٿي، پوري شهر جي مختلف ڪُنڊن ڪان تفصيلي قدرتي نظارا ڏسندي، ڪئميرا ۽ ويڊيو سان منظر ۽ تصويرون ورتيون ۽ دل کي لُڀائيندڙ منظر پڻ ڏٺا.

پئرس جون راتيون ڏاڍيون مشهور آهن، هتي هزارين سئنيمائون، ٿئيٽر، ناچ گاني جا هال، بار ڪلبون، تماشائين آڏو فنڪاري، رات جون نمائشون، تماشا ۽ ڏيک ايترا تہ آهن، جو شامل ٿيڻ لاءِ هفتيوار موڪلن تي بُڪنگ ڪرائڻي پوي ٿي. هتي عام شهري هفتہ جا پنج ڏينهن سخت محنت ڪري ڪمائين ٿا ۽ ٻن ڏينهن جي موڪل دوران، بادشاهن وانگر پنهنجي زندگي گذارين ٿا. سين ندي وچ ۾ ڪٿي ڪٿي هترادو ٻيٽ ناهي، انهن کي ايترو تہ سينگاريو ۽ خوبصورت ڪيو ويو آهي، جو سياحن ۽ خاص ڪري پيار ڪندڙ جوڙن لاءِ، اِن ڪان وڌيڪ ڪا الڳ تلڳ جاءِ نہ ٿي سگهي. هتان جا ماڻهو گهڻو ڪري تنهائي پسند آهن.

پئرس شهر ۾ سين ندي مٿان چاليهارو کن پليون آهن، جن مان چار صرف پيدل هلندڙن لاءِ، بہ ريلوي پٽڙين کي ندي جي ٻئي پار پهچائڻ لاءِ استعمال ٿين ٿيون ۽ باقي روڊن لاءِ استعمال اچن ٿيون. هر هڪ پل جي فن معماري لحاظ کان، الڳ سڃاڻپ آهي. ندي جي ڪنارن سان ترندڙ ٻيڙن تي ڪاڏي (Floating Restaurants) پيتي جون شيون، ڊسڪو سينٽر ۽ ڪيفي خانن لاءِ، سياحن جي انتظار ۾ ٻينيون آهن.

پُلين مان هڪ پل، بير حاڪم (Pont de Bir-Hakim) آهي، جيڪا 1905ع ۾ تيار ڪئي وئي. هيءَ پل بہ ماڙ آهي، هيٺئين سطح تي گاڏين ۽ پيدل هلندڙن لاءِ ۽ مٿئين منزل ميٽرو ريل لاءِ مخصوص ڪيل آهي. هن پُل جو نالو، 1948ع ۾ ’بير حاڪم پُل‘ اُن يادگار طور رکيو ويو، جو 1942ع ۾ فرينچ فوجن، جرمني فوجن کي لبيا جي رڻپٽ ’بير حاڪم‘ ۾ زبردست شڪست ڏني هُئي. پيدل راهگيرن لاءِ ’پَاسِرِيلي دي آرٽس پُل‘، پهريون 1804ع ۾ نيپولين جي دور ۾ تيار ڪئي وئي هُئي، ليڪن اُن کي ڊاهي وري ٻيهر، 1984ع ۾ جديد طرز جي اڏاوت مطابق نهرائي وئي. هيءَ پل

’انسٽيٽيوٽ ڊي فرانس‘(Institute De France) جنهن ۾ ’فرينچ ٻولي اٿارٽي‘ ٻه واقع آهي، جي بلڪل پرسان نهيل آهي.هن پل جي خاصيت اِها آهي، جو هتان جا عاشق ۽ معشوق، قيمتي پيار جي تالن (Love Locks) تي پنهنجا نالا اُڪرائي (Engraving)، هن پل جي پاسن تي لڳل لوهي جاري (Hand Railing) ۾ چابي سان بند ڪري، پوءِ چابي درياهه ۾ اڇلائي ڇڏين ٿا. هيءَ هڪ پراڻي رسم آهي، جنهن ڪري پل تي توهان کي لوهي جاري جي بجاءِ هزارين تالا نظر ايندا. انهن تالن تي ڪافي مسلمان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جا نالا پڻ لکيل هُئا. اهڙي قسم جي رسم، مان جرمن جي برلن شهرن ۾ ڏٺي ۽ ساڳئي قسم جي رسم پاڪستان ۽ هندستان ۾ هزارن سالن کان هلندڙ آهي پر هتي غربت هجڻ ڪري، تالن بدران رنگين ڌاڳا يا رسيون ٻڌيون وينديون آهن. لکين لوهي تالن جي وزن وڌڻ جي خوف کان، حڪومت 2010ع ۾ جڏهن سڀ تالا ڪيرايا ته عاشق زهر پياڪ نيٺ نه مُڙيا، وجي آرڪيويڪ پل (Pont-de Archeveche Bridge) جو پاسو ورتو ۽ اُتي عشق جا تالا وڃي ٻيهر لڳايا. هي بلڪل سوڙهي پل آهي جيڪا 1828ع، ۾ ٺاهي وئي هئي. هيءَ پل ’نورٽري ڊيم ڪيٿڊرل‘(Nortre Dame Cathedral) پرسان، سين ندي تي واقع آهي.

پئرس جي علامت، آئيفل ٽاور (Eiffel Tower)

پئرس شهر جي مرڪز ۾، 1050 فوٽ بلندي وارو لوهي ٽاور، انجنيئر گُستاءِ آئيفل، 1889ع ۾’دنيا ميلو‘(World Fair) جي حوالي سان پندرهن هزار لوهي ٽڪڙن کي پاڻ ۾ جوڙي، هي 7000 ٽن وزني ٽنيا، ٻن سالن ۾ ٺاهي نه صرف دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو، پر هُن فرانس جي اقتصادي طاقت هجڻ جو پيغام پڻ دنيا کي واضح ڪري پهچايو. هي ٽاور پئرس جي هر ڪنڊ ڪُڙڇ، گهٽي ۽ رستي کان، توهان کي پاڻ ڏانهن گهرائڻ لاءِ پيو راهون ڏيکاريندو. هن ٽاور کي ٻنهي پاسن کان سرسبز باغ ۽ پاڻي جا ڦوهارا، هر وقت وهندا رهن ٿا. هي ٽاور چئن وسيع ٿنين تي ونگ نما بيٺل آهي ۽ اسٽيل بناوت جي حوالي سان، سڀي اڏاوت ٽرس (Truss) مطابق جڙيل آهي. هن ٽاور ۾ ٽي پليٽ فارم آهن، جن ۾ پهريون ونگ مٿان، 187 فوٽ تي، ٻيو سطح، 337 فوٽن جي اوچائي تي ۽ ٽيون، 899 فوٽن تي واقع آهي. پهرئين ۽ ٻئي ماڙ تي سوکڙيءَ جا دوڪان (Souvenir Shop)، شراب پيئڻ ۽ هلڪو ڦلڪو کائڻ وارا دڪان (Bars) ۽ کاڌي کائڻ جا ريسٽورنٽ، سياحن جي خوشي، موج مستي ۽ شهر جي وسيع منظر

ڪشي لاءِ ڪليل هوندا آهن. هي ٽاور هن وقت (2014ع) ۾ سَوا سَوَ سال جو ٿي ويو آهي، ليڪن سندس خوبصورتي ۾ ڪو فرق نہ آيو آهي ۽ هر مهيني لکين سياح ڏورانهن ڏينهن مان اچيو هتي حاضر ٿين ٿا. هن ٽاور تي چڙهڻ لاءِ 1710 ڏاڪن واري ڏاڪڻ، ڪان علاوه بجلي تي هلندڙ لفٽ نصب ٿيل آهي، جنهن جو ڪرايو ڏاڪڻ ڪان ٻيڻو آهي. 1993 ۾ لفٽ جو ڪرايو، 52 فرينچ فرينڪس (9.0 $) هو. هن ٽاور جي بلنديءَ مان فائدو وٺندي، ڪيترن مَنچلن عاشقن، پنهنجو انت آندو ۽ ڪيترن ئي هوا ۾ اڏامڻ (Gliding) جي حوالي سان، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي.

1911ع ۾ هڪ مقامي ماڇهو برساتي ڪوٽ ڪي پکين جي پرن وانگر کولي، اڏامڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن صفا اُفٽ مُري ويو، جو سندس هڏو بہ سڌو نہ رهيو. هن ٽاور جي محرابي ونگ جي وچونٽي مان، 1926ع ۾ هڪ پائلٽ ننڍو جهاز گذارڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن جهاز تباهہ ٿي ويو، پر ان ڪانپوءِ ڪيترائي جهاز ٻنهي ٿنڀن جي وچان گذارڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي.

هن ٽاور جي بلندي، ايتري تہ ڏگهي آهي، جو تيز هوا لڳڻ وقت، هڪ انچ کن ٻنهي پاسن تي پيو جهولو ڪائيندو آهي ۽ سياحن جي دل جي ڌڙڪن ڪي پيو تيز ڪندو آهي.

هن ٽاور جي هر ملين (ڏهہ لک) سياح (Milestone Visitor) کي انعام ۾، هڪ ڪار ڏني ويندي آهي. هن ٽاور جي بلندي مان فائدو، فوج جي مواصلات واري ڪاتي (Telecommunication Department)، گهڻو حاصل ڪيو آهي. جهڙي طرح، پهرين مهاڀاري جنگ دوران، هڪ ريڊيو ميسيج (Radio Message) جي پڪڙجڻ (Interception) سان، هالنڊي مِس ماتاهاري (Mata Hari)(1917ع) کي قيد ڪري، ڪيس جاسوسي جي الزام هيٺ بندوقن جا فائر ڪري قتل ڪيو ويو ۽ ساڳئي طرح، جرمن (1940-44) فوجي قبضي دوران، هن ٽاور کي ريڊيو اسٽيشن طور استعمال ڪيو ۽ جرمن آزادي ڪانپوءِ بہ ساڳيو ڪم وٺندا اچن ٿا.

هن ٽاور جي مُوجد مسٽر آئيفل ڏکڻ آمريڪا جي پئناما ڪئنال جي ڊزائين ۽ اڏاوت ۾ پڻ ڪافي مدد ڪئي هُئي.

هن ٽاور جو اک لُڀائيندڙ نظارو، رات جي اُن وقت ڏسڻ وٽان هوندو آهي، جڏهن ڪيس رنگ برنگ روشنين سان جڳمڳائي سهائي آهي ويندي آهي. هن ٽاور جي سامهون واري باغ جي ٻئي طرف، فرانس جي ملٽري اڪيڊمي (Military Academy) جي هڪ وسيع ۽ عاليشان عمارت آهي.

لووري محل ميوزم (Louvera Palace Museum)

شهر جي مرڪزي حصي ۾، سين ندي جي ڪابي ڪناري تي واقع ’لووري محل‘ ۾، 15 ايڪڙ ايراضي تي وسيع عجائب گهر آهي، جنهن ۾ 35 هزارن کان وڌيڪ شيون رکيل آهن. هن عجائب گهر جي ڪليل صحن ۾ شيشي جو پاري پر ڪم، بلند پئرامڊ (Glass Pyramid) ٺاهي رکيو ويو آهي، جيڪو ميوزم جي مدخل کي وڌيڪ خوبصورت بڻائي ٿو، جنهن جي چئن ڪندن تي پاڻي جا ڦوهارا هلندا رهن ٿا.

هن ميوزم ۾ مونا ليزا (Mona Lisa) جي صدين پراڻي، رنگن سان چٽيل تصوير گهڻن شوقين سياحن جي دلچسپي جو مرڪز بڻيل آهي. هن ميوزم جي هڪ شاخ، دُبئي جي ’ساديات بيٽ‘ تي پڻ کولي وئي آهي. هن ميوزم جي مختلف گئلريز ۾ هڪ مصري عجائبات، يوناني، رومن، اسلامڪ آرٽ، مجسما سازي (Sculptures)، سار سينگار جو هُنر (Decorative Arts) ۽ مصوري شامل آهن.

هي ميوزم ايترو وسيع آهي، جو هڪ پورو ڏينهن هِن جي سيني گئلريز کي ڏسڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. هن ۾ مصر مان سمگل ٿيل، فرعوني مميون ۽ اسلامي دور جون اسپيني ڪافي شيون ۽ ڪتاب (شاهنامو) ۽ ايران جي فردوسي شاعر فردوسي جا ڪتاب بہ رکيل آهن. پئرس ۾ هن کان علاوه، مُصَوَري جو هڪ خاص موسي ڊي اورسي ميوزم، نيشنل ميوزم آف نيچرل هسٽري ۽ ٻيا ڪيترائي ميوزم ڏسڻ وٽان آهن.

پئرس جي چرچ ۾ سينٽ چپال سيني کان وڌيڪ خوبصورت عمارت آهي، هي گوٿڪ فن معماري (Gothic Architecture) جو هڪ وڏو شاهڪار آهي.

پئرس ۾ ڪافي ريسٽورنٽ آهن، جن ۾ حلال کاڌو ملي سگهي ٿو. هتي غريبن جا ريسٽورنٽ ۽ پاڪستان ’لاهور هوٽل‘ ۽ هندستاني ’تاج محل هوٽل‘ توهان کي مختلف هنڌن تي ڏسڻ ۾ ايندا، جتي توهان پنهنجي ذائقي وارو کاڌو کائي سگهو ٿا.

فرينچ سماجي رسم مطابق، هڪ ٻئي سان ملڻ وقت ”Comment Ca Va“، پليڪار ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو ۽ ان جي جواب ۾ لفظ ”Bien“، يعني OK چيو وڃي ٿو. پئرس جي مرڪز ۾، تقريباً ستن ايڪڙن جي ايراضي تي جديد طرز تي ٺاهيل، عرب ورلڊ انسٽيٽيوٽ ڏٺو، جنهن ۾ هڪ وسيع عرب اسلامڪ آرٽ ميوزم، هڪ لک ڪتابن جي لائبريري، ميڊيا لائيبريري ۽ هڪ وسيع آڊيٽوريم شامل آهي. هيءَ عمارت غالباً سعودي

حڪومت جي ڪوشش سان نهي، پر ان جو نالو ’عرب ورلڊ انسٽيٽيوٽ‘ بدران اسلامڪ آرٽ سينٽر رکجي ها تہ بهتر هجي ها. ان پرسان هڪ عاليشان مسجد جو هجڻ بہ ضروري هو، جنهن جي ڪمي محسوس ٿي، ڇو جو پئرس ۾ پنجاهہ کان سٺ لک مسلمان آباد آهن.

مُنشي محبوب عالم جي ’سفرنامہِ يورپ‘، جيڪو هُن 1900ع ۾ لکيو، تنهن پئرس ۾ زير زمين پاڻي ڪڍڻ جا پمپ، هوا جي زور (Wind Mill) تي هلندي ڏنا ۽ سَوَا صدي گذرڻ کانپوءِ بہ اِها مهارت اسان وٽ اڃان تائين پوري طرح نہ پهچي سگهي آهي.

پئرس جي خوبصورتي، دنيا مان سياحن کي هر سال لکن جي تعداد ۾ ڇڪي اچي ٿي ۽ ڪروڙين ڊالر هن جي خوبصورتيءَ تي خرچ ڪري، ائين محسوس ڪرائين ٿا، ڄڻ پئرس هڪ بازاري عورت هجي، جنهن جو حُسن هميشہ وڪامندو رهي ٿو. هتان جا ماڻهو ڏاڍا زنده دل ۽ ملنسار آهن، ان ڪري جنهن شخص پئرس ۾ ڪجهہ ڏينهن گذاريا، تہ هو ان شهر کي ڪڏهن بہ ڪونہ وساريندا.

هتي شادي جي رسم، چرچ ۾ بلڪل سادگي سان ٿئي، ڪنوار کي اڇي ڊريس هوندي آهي ۽ منهن ڪليل، پوءِ پادريءَ جي پرسان ويهي، ڪجهہ رسمون ادا ڪرڻ کانپوءِ گهوٽ، ڪنوار کي چيچ ۾ مُنڊي پارائي، پاڪر ۾ ڪري وڃي ڊگهي گاڏي ۾ سوار ٿي، اڪيلا ڪسڪي هليا ويندا آهن ۽ مهمان هڪ ٻئي جي منهن کي ڏسندي پيا چپنيون وڄائين. ان پوري ڪاروائي ۾ ٽيهارو کن مهمان هوندا آهن، جن ۾ گهوٽ ڪنوار جا مائٽ ۽ ٻيا ويجها عزيز يا دوست شامل هوندا آهن. تقريب سادگيءَ سان هوندي آهي، جو شاديءَ کان اڳي ئي، هو هڪ ٻئي کان گهڻو واقف ٿي ويا هوندا. اسان هڪ چرچ جي سامهون، گهوٽ ڪنوار جي رُخصتي ڏٺي، جنهن ۾ هو چرچ کان ٻاهر نڪري، گاڏي وٽ، ڪجهہ تصويرون ڪيرائي ۽ پوءِ مائٽن کي هاءِ (Hi) چوندا گاڏي ۾ اڪيلا هليا ويا.

شهر جي خوبصورتي وڌائڻ خاطر، اتان جي ميونسپلٽي معياري ڪم ڪرائي ٿي. شهر جي مختلف روڊن ۽ چؤڪن تي صاف پاڻي جي تلائن مان، پتل، ڪانجهي جي مورتين، جهرڪ مڇيون، ڏيڏر، ڪچون، ڪُتن، باندرن جي مُنهن مان پاڻي جا ڦوهارا وهندي نظر ايندا.

پئرس جا باغ ڏاڍا سرسبز ۽ خوبصورت آهن. باغن اندر گُلڪاري ۽ وڻڪاري اهڙي ترتيب سان آهي، جو سڄو ڏينهن گهمڻ سان دل ڪونہ ٿي پرجي. باغن ۾ پاڻي جا تلاءَ، ڍنڍون ۽ انهن ۾ هر قسم جي جيوت ۽ پکي

ترندي نظر ايندا ۽ تلائن وچ ۾ پاڻي جا ڦوهارا، ٻيڙيون ۽ ٻارن ۽ وڏن جي کيڏڻ لاءِ مخصوص جايون، ننڍڙا عجائب گهر ۽ چڙيا گهر، سڀ هڪ ئي جاءِ تي توهان کي ملندا.

پئرس ۾ شراب پيئڻ جي اجازت صرف شراب خانن ۽ گهرن اندر آهي، باقي ڪو به پبلڪ پليس تي ظاهرن پيئندي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو.

پئرس شهر جي اولاهين حصي ۾، بولون باغ، ٻہ هزار ايڪڙ ايراضيءَ تي ڦهليل آهي، جيڪو نيويارڪ جي سينٽرل پارڪ کان اڍائوڻو ۽ لنڊن جي رچمنڊ باغ کان ايراضي ۾ وڏو آهي. هن باغ اندر، دنيا جي هر سهولت، جهڙوڪ: ٻارن لاءِ گهوڙي ۽ گڏهہ جي سواري، ٻارن جي وندر ۽ کيڏڻ جو حصو (Children Amusement Park)، ننڍڙي ريل گاڏي، گُڏين جو ٿيئٽر، موسيقي ۽ سائنس ميوزم، بوٽانيڪل گارڊن (Botanical Garden) ۽ گُلن جا باغ وغيره شامل آهن.

وِنسينِس باغ (Vincennes Park)، جيڪو اڍائي هزار ايڪڙ ايراضيءَ تي شهر جي اوڀارين حصي ۾، نيپولين (ٽيون)، 1855-66ع دوران عوام جي سهولت لاءِ ٺهرايو، جنهن اندر چار پاڻي جون ڍنڍون آهن، هڪ چڙيا گهر ۾ وڻن لاءِ مخصوص ڪيل نباتياتي باغ، گُلن جو باغ، گهوڙي سُواري جا رستا سائيڪلين جي پڄائڻ جو ميدان، فرينچ قومي راندين جو ادارو ۽ جسماني ورزش جي تعليم شامل آهن. هي باغ ايراضيءَ جي لحاظ کان وڏي ۾ وڏو باغ آهي ۽ هِن باغ ۾، اُهي سڀ سهولتون آهن، جيڪي بولون باغ ۾ آهن.

هن باغ ۾ 35 هزار تماشائين (Spectators) جي گُنجائش جو اسٽيج (Hippodrome) آهي جنهن ۾ ويهي گهوڙن جي ڊوڙ ڏسي سگهجيَ ٿي.

شهر جي ڪجهہ چوراهن تي پيدل رستن جيتري خلاصائي واري جاءِ تي، توهان کي ڪي غريب ۽ مسڪين ماڻهو خاموشيءَ سان ويٺل يا بيٺل نظر ايندا، جيڪي توهان کان ڪجهہ مدد وٺڻ جي حالت ۾ پَٽ تي هڪ ٿالهہ يا ڪپڙو پٿاري، ڪجهہ سِڪن جي اميد ۾ سڄو ڏينهن پيا انتظار ڪندا، ليڪن زبان يا اشارو ڪري توهان کان ڪجهہ بہ نہ گهرندا ۽ نہ وري توهان جي پويان ڪتو ڪٽي زوري خيرات گهرندا، پر هو پنهنجو هنر ڏيکاري، پنهنجي مدد لاءِ پيا جاکوڙ ڪندا، جو هتي پنڻ قانوني طرح جرم آهي.

اُنهن ۾ وري ڪجهہ بورڊ، فرش يا پٽ تي، رنگين مصوري ڪندي خيرات پيا وٺندا آهن. ڪو نوجوان موسيقي ذريعي پيو، واڄهڙن جي دل

وندرائيندو، ليڪن هو توهان جي پويان پينائو فقير ٿي، نه اچي وچڙندو. برلن ۾ ٿورو مختلف قسم جي ڪرتبن، سياحن جو پئي ذهن ڇڪايو، جو هڪ دفعو برلن ۾ هڪ ماڻهو هوا ۾ ٽنگيل ڪرسي تي وينل نظر آيو، ليڪن ڪُرسيءَ جون ٽنگون زمين کان مٿي هيون، هوا ۾ ٽنگجي ويهڻ جي فن کي ڪافي غور ڪانپوءِ مان ڳولي لڌو، پر اُن شخص کي هر راهگير پئي سِڪا ڏنا. اهڙي قسم جي پنڻ بابت تفصيلي ذڪر ’لنڊن ۾ سنڌ جي غربت-هڪ جائزو‘ ۾ ڪري آيو آهيان.

بهتر آهي ته ماڻهو ڪمائي ڪائي، بجاءِ پنهنجو هٿ ڪنهن ٻئي جي اڳيان ڦهلائي، اصل ۾ هو پنهنجي خوداري ۽ قدر کي وڃائي ويهي ٿو.

پوري يورپ ۾، شهري منصوبه بندي جي حوالي سان، شهرن اندر روڊن ۽ رستن جي ٻنهي پاسن کان ڪجهه وٿيءَ تي پيدل هلندڙ لاءِ سيمينٽ جا ٺهيل خلاصا رستا ٺهيل هوندا آهن، جن بعد هڪ وچوٽي، شهري بنيادي سهولتن جهڙوڪ، پاڻي جي رسد، فون، بجلي، باهه وسائڻ، آب رسائي ۽ نڪاسي آب لاءِ مختص هوندي آهي ۽ اُن ڪانپوءِ گهرن جي وچ ۾ ۾ هڪ سائي پٽي جنهن تي چبر، گلڪاري (Flora Gardens) ۽ شجر ڪاري ڪيل هوندي آهي. مقامي ميونسيپل ادارا، انهن منصوبه بندي کان علاوه، ڪائي به غير قانوني حد دخلي ٿيڻ ٻنهه ڪونه ڇڏين، بلڪ گهرن اڳيان واري حصي جي، چبر ۽ گلڪاري جي سار سنڀال، انهن گهرجي مالڪن يا رهڻ وارن کي ڪرڻي پوندي آهي ۽ نه ڪرڻ جي صورت ۾ ميونسپل ادارا، اُنهن تي بن چتائن ڪانپوءِ جُرمانو وجهندا آهن ۽ هر ڪو پيو جُرماني کان ڊڄندو آهي. انهن پيدل رستن جي آساني هجڻ ڪري، پوري يورپ ۾ عام ماڻهو، اڪثرتوهان کي پيدل گهمندي نظر ايندا. شهرن اندر زير زمين ريلوي ۽ بسن جي بروقت سهولت جي ڪري، شهرين پنهنجي ذاتي گاڏيون خريد ڪرڻ جو ارادو ختم ڪري ڇڏيو آهي، ۽ اگر جن وٽ گاڏيون آهن، ته اُنهن کي استعمال مهانگو پوڻ ڪري، گهٽ استعمال ڪن ٿا، جنهن ڪري توهان کي روڊن تي عام طور بسون، ٽريلر وغيره گهٽ نظر ايندا. شهر اندر، ڪارپارڪنگ في وَنڊ لاءِ، سِڪن واريون مشينون لڳل هونديون آهن، جن کي ميونسيپل عملو وقت سان اچي چيڪ ڪندو آهي ۽ گاڏي جي پارڪنگ سِلپ نه هجڻ تي هو فوراً ڏنڊ وجهندو آهي. اهڙين سهولتن هجڻ ڪري، رات اونداهي ۾ پيدل پيادو به ڪونه هروڀرو ڌابڙي ڪرندو، پر اسان جي شهرن ۾ ڏينهن ڏٺي، هوش حواس وارا به ڳٽرن ۾ ڪرندي ۽ ٿابڙندي نظر ايندا ۽ ڪيترن ٻارن ء

ضعيف مردن ۽ عورتن انهن ڪليل گٽرن تي غير موجود ڍڪڻن ڪري پنهنجي زندگي وڃائي آهي.

بازارن ۾ ڪيتري به گهما گهمي ڇو نه هجي، ليڪن توهان ڪي ڪنهن جو به آواز ٻڌڻ ۾ نه ايندو. گاڏيون هارن هرو ڀرو ڪونه وڄائين، صرف ايمبولينس يا پوليس جي گاڏين جي سائرن جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. شهر جي هر حصي ۾، توهان کي پر رونق ۽ پر سڪون ماحول ملندو.

يورپ جي شهرن ۾ ماڻهن جي پيدل سفر ڪرڻ ۽ بي آواز ماحول ۾ رهڻ ڪري، هِنن جي صحت مندي ۽ برداشت جو مادو، ٻئي دنيا جي ماڻهن کان گهڻو بهتر آهي.

سائنسدانن اهو ثابت ڪيو آهي، ته هُل هنگامي سان ڀريل ماحول ۾ رهندڙ انسان، جلدي بلڊ پريشر جو مريض ٿي وڃي ٿو ۽ اهڙي ماحول ۾ رهندڙ ننڍڙن ٻارن کي اڳتي هلي ٻولين سکڻ (Language Skills) ۽ ڳالهائڻ ۾ مسئلا پيدا ٿين ٿا.

هُل هنگامن جي خرابي (Noise Pollution) جا اثرن گهٽ ڪرڻ ۾، حڪومت ڪيترائي اپاءُ ورتا آهن، جن ۾ اسڪولن اندر ننڍڙن ٻارن کي شور شرابو ڪرڻ کان منع ڪئي ويندي آهي ۽ شهر جي مرڪزي علائقن مان، اُهي ننديا ڌنڌا جهڙوڪ، گاڏين جا ورڪشاپ، آواز ڪيندڙ اوزارن جا دڪان، فرنيچر ٺاهڻ جا ڪارخانا ، مڪينيڪل ورڪشاپ وغيره، اهڙي هنڌ منتقل ڪيا ويا آهن جتي نڪرندڙ آواز عام ماڻهن کي متاثر نه ٿو ڪري سگهي. انهن اُپائن جي حوالي سان، اسان جي پنهنجو حال پروڙيون، ته اجان به ٿي صديون سڌرڻ ۾ لڳي وينديون.

پئرس جون مسجدون

فرانس ۾ عيسائي مذهب ڪانپوءِ، اسلام ٻئي نمبر تي وڌندڙ دين آهي. پئرس ۾ ويهارو کنُ رجسٽرڊ مسجدون آهن، جن ۾ مکيه مسجد، Grand Mosque of Paris سڀ کان وڏي ۽ پئرس جي اولين مسجد آهي، جيڪا پهرين مهاڀاري جنگ ۾، فرينچ ڪالونين مان گهرايل هڪ لک مسلمان فوجي جوانن، جن جرمن فوجن سان مقابلو ڪندي شهادت پاتي، انهن جي ياد ۾، فرانس جي حڪومت 1926ع ۾، هيءَ عظيم مسجد تعمير ڪرائي. هي مسجد پنجين انتظامي ضلعي ۾ واقع آهي، جنهن جو هڪ مينار سَوَ فوٽن جي بلندي کان مٿي آهي. هن وقت هيءَ مسجد مورروڪو مسلمانن

جي انتظام هيٺ آهي. هن مسجد ۾ پنج وقت نماز باجماعت ٿيندي آهي ۽ الحمد الله، جو اسان کي بہ نماز هن مسجد ۾ نصيب ٿي.

پئرس ۾ يهودين جو تعداد، مسلمانن جي نسبت گهٽو گهٽ آهي، ليڪن اُنهن جي عبادتگاهن جو تعداد چوويهہ کن آهي. فرانس ۾ ڪنهن قسم جو مذهبي تعصب يا نفرت محسوس ڪونہ پئي ٿي، پر جي نماز ڪنهن اوپري جاءِ جهڙوڪ، انتظار گاهہ، باغ وغيره ۾، اگر پڙهي وڃي ٿي تہ، پوءِ مقامي ماڻهو غور سان ڏسن ٿا، تہ هي ڪهڙي قسم جي ورزش پيو ڪري. بلڪہ هڪ دفعي، جڏهن مان ٽورنٽو ايئرپورٽ جي لائونج ۾، وَٽِ وٺي، ڪثر نماز شروع ڪئي، تہ پرسان ڪرسي تي وينل جوڙو، تيزي سان پنهنجو ٿيلهو ڪٽي پري واري ڪرسي وڃي والاري، خبر ناهي تہ الائي چو انهن اٽخبرن کي ايتري بہ سڃاڻپ نہ آهي، تہ هي هڪ مسلمانن جي عبادت آهي. پر خبر بہ ڪيئن هجي جو، هو پاڻ هفتي ۾ هڪ دفعو چرچ وڃي، ڏهن منٽن ۾ هڪ اڌ گانو ڳائي موٽي ايندا آهن، پر اڪثريت تہ شايد چرچ جو منهن، سڄي عمر بہ نہ ڏٺو هجي.

پئرس ۾ سياحن لاءِ ايترو ڪجهہ آهي، جو ٻين شهرن ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو، بشرط ’هجي ناڻو تہ گهم لاڙڪاڻو‘. پئرس شهر ۾ ڪافي ٽي.وي چئنل سج لهڻ کانپوءِ، اعتراض جوڳيون فلمون ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏين ٿا. مگر لنڊن ۾ ان جي ابتڙ آهي ۽ پئرس ۾ عورتون ڪپڙن ۾ ڍڪيل آهن، پر لنڊن ۾ عورتون اٽپورن ڪپڙن ۾ گهمندي نظر ايندیون آهن. ڪُتن ۽ ٻين جانور پالڻ جو شوق، ٻنهين پاسي ساڳيو آهي. هتي ڪُتا انڌن لاءِ سُونهين طور ڪم اچن ٿا. انگريز قوم ڏاڍي سياڻي آهي، جو جانورن جي هر جنس مان پنهنجي فائدي جو ڪم وٺن ٿا. قانون موجب اڇي لٺ، ڪُتو هٿ ۾ ۽ ڪاري عينڪ انڌن جي شناخت آهي. هتان جا انڌا ڪنهن بہ قسم جي مُحتاجي ۽ سهاري کان آزاد ۽ خود مختيار هوندي، پنهنجي حوصلي ۽ همت سان پنهنجو وقت پيا گذارين. اسان جي معاشري ۾، دماغي يا جسماني لياقت کان محروم انسانن (Disable) سان، جيڪو امتيازي سلوڪ ڪيو وڃي ٿو، اهو نہ صرف انهن کي سماجي ڌاري مان خارج ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو، پر هو پنهنجو پاڻ کي ناڪاره سمجهڻ لڳن ٿا. ان حوالي سان اسان جي معاشري ۾ وڏي اصلاح جي ضرورت آهي.

پئرس ۾ ڪجهہ وڏيڪ ميوزم، قديم محلا ۽ چرچ ڏسڻ جو موقع مليو، پر هتي سيني جو ذڪر ڪرڻ طويل ٿي ويندو.

پئرس گهمڻ ڪانپوءِ ساڳئي رستي سان لنڊن روانا ٿي، هوورڪرافٽ ذريعي، انگلش چئنل پار ڪري، ڊوور بندرگاهه تان، بس ذريعي لنڊن پهتاسين.

عشق انگريزن جي ديس تي گهڻي آزادي هجڻ ڪري وڌيڪ چڙهيو وتندو آهي، جنهن ڪري مسلمان ڇوڪرا، يورپين ڇوڪرين سان عشق ۾ انڌا ٿيو وڃن ۽ شادي ٿيڻ ڪانپوءِ، جڏهن ٻار پيدا ٿئي ٿو ته اُن جو مذهب ڪهڙو ٿيڻ گهرجي؟ ان سوال کين ڏاڍو منجهائي وڌو آهي. شادي اسلامي رواج مطابق نه هجڻ جي صورت ۾، ٻارن جي مذهب بابت ڪافي ڪيس ديواني ڪورٽن ۾ هلن پيا، جن بابت ٽي.وي تي تبصرا هلندا رهن ٿا. هتان جون ڪورٽون به منجهيو پون، جو اهڙي قسم جي نوعيت جي ڪيسن بابت ڪو قانون اڳواٽ نهيل ئي ڪونه آهي. ماءُ جي خواهش ته منهنجو ٻار عيسائي ٿئي ۽ پيءُ جو زور آهي، ته هو مسلمان مذهب اپنائي. چوندا آهن ته تڪڙي ڪُتي انڌا ڄڻ ... وارو قصو آهي.

لنڊن ۾ پئرس کان واپسي بعد هڪ مهينو رهڻ ڪانپوءِ، واپس ڪراچيءَ لاءِ جدي ايئرپورٽ تي فلائيٽ تبديل ڪري، ٻئي، ڏينهن تي ڪراچي پهتاسين، جتي مسٽر رحمت علي ۽ نثار احمد ايئرپورٽ تي آجيان ڪئي ۽ شام جو ڪراچي کان سکر جي فلائيٽ وٺي روانا ٿياسين، جتي برادر ظفر علي صاحب، ايڊيشنل ڪمشنر سکر، ايئرپورٽ کان گهر وٺي آيو.

ويجها رشتا ۽ اڻپوري اولاد

پئرس، لنڊن کان سڌو سنئون ڳوٺ، ساڳيا لاٽون ساڳيا ڄُڳهه وانگر، مونکي سنڌي ڊرامي ’ڇوٽي سي دنيا‘ جي حوالي سان،’هاءِ ماءِ سويٽ لنڊن‘ ياد اچڻ لڳو.

ڀهراڙي جا هزارين مسئلا، هر روز نئين ڪهاڻي، نئون ڊرامو، بغض، منافقت، حسد، فساد، فريب، عيب جوئي، ڏيڏر جي کوهه واري دنيا، ۽ تجسُس، جهڙن اوگڻن ۾ ڪجهه سالن کان سنڌ جي ڀهراڙي ۾ ايترو ته اضافو ٿيو آهي، جو اسان جو معاشرو غير متحرڪ ۽ جمود (Status Quo) جي حالت اختيار ڪندو رهي ٿو. ان جو واحد سبب منهنجي خيال ۾، اسلامي تعليمات کان دُوري ۽ والدين جي پنهنجي اولاد ڏانهن غير توجهي آهي.

يورپ ۾ اهو سيڪاريو ويندو آهي، ته ڪنهن ڪامياب شخص وانگر، سخت محنت ڪري، اُن کان وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن پاڙي واري مرسيڊيز ڪار خريد ڪئي آهي، ته توهان کي محنت ڪري، اهڙي گاڏي حاصل ڪرڻ جي جاکوڙ ڪرڻ گهرجي پر ان جي برعڪس، اسان جي معاشري ۾ محنت ڪرڻ جي بجاءِ، اهڙي منصوبه بندي ڪبي ته جيئن پاڙي واري جي گاڏيءَ کي ڪو نقصان پهچي يا اِها گاڏي چوري يا ڪانئس ڦر ڪرائي وڃجي. اسان پنهنجا قدر ۽ سوچون وڃائي وينا آهيون.

برادر ظفر علي خان، جڏهن سجاول ۾ مختيارڪار هو، تڏهن امڙ اُتي مهمان ٿي وئي، سو اوچتو هڪ رات ايئرڪنڊيشن جي گهٽي ٿڌ تي ڪيس اڌ رنگو بيماريءَ جي سٽ لڳي، جنهن ڪري ڊاڪٽر رياضت ۽ علي، هڪ جيپ ذريعي بجاءِ ٺٽي يا ڪراچي جي اسپتال ڪٽي وڃڻ جي، ڳوٺ ڪٽي آيا. ڀهراڙيءَ ۾ علاج معالجي جون اٽپوريون سهولتن هئڻ ڪري سندس بَحالي (Recovery) جو سلسلو ڏاڍو سست ٿي ويو. ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ، مان ڪيس ڪراچي جي آغا خان اسپتال مان، ڊاڪٽر سليم مهر جي معرفت، علاج ڪرايو، جنهن ۾ CT Scan سان گڏ ٻيون به ڪيتريون ٽيسٽون ڪرايون ويون . ڊاڪٽر آپريشن وڏي عمر هجڻ ڪري نه ڪرائڻ جو مشورو ڏنو،پر دوا لڳاتار کائڻ سان، سترڻ جو اطمينان ڏنو. بهرحال دوا کائڻ کانپوءِ سندس صحت ۾ ڪافي سڌارو آيو پر ڊاڪٽر دوا مسلسل کائڻ جي هدايت ڪئي هئي، جنهن ڪري مان ٽن مهينن جي دوا آغا خان مان ورتي جو ڀهراڙيءَ ۾ دوا جو ملڻ ناممڪن پئي لڳو.

اسان ڳوٺ ۾ مهينو کن گذاري تبوڪ روانا ٿياسين، اُتي پهچي، عبدالله کي انٽرنيشنل اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. پهرين ڏينهن، جڏهن اسڪول ڇڏڻ ويس ته عبدالله مون کان جدا ڪونه پيو ٿئي. آخر ماسترياڻي هن کي پيار ڪندي اندر ڪٽي وئي ۽ هو اندر روئندو رهيو ۽ مان اسڪول ٻاهران، ڪلاڪ کن گاڏي ۾ روئندو رهيس. هڪ عجيب احساس، جنهن کي هتي بيان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

ماشاءُ الله، عبدالله جمندي ئي ڄام ۽ پنهنجي عمر جي حساب کان وڌيڪ ذهين آهي. هن تبوڪ جي انٽرنيشنل اسڪول ۾ پهرين پوزيشن ڪئين. انگريزي ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ استادن کان وڌيڪ هوشيار نڪتو، جو ڪيترن ئي استادن اِن جو اعتراف ڪيو ۽ اڪثر ڪري انگريزي ۾ تقرير عبدالله کان ڪرائيندا هُئا ۽ ٻين ڇوڪرن کي، عبدالله جي تقريري فن ۽ تلفظ جي اوچارن جي حوالي سان نقل ڪرڻ جي هدايت ڪندا هُئا.

تبوڪ جي ملٽري سٽي ۾، فني ملازمن ۾ فلپينو اڪثريت ۾ آهن، جو هو واقعي پنهنجي ڪم ۾ مهارت رکن ٿا. اسان وڻ ٽپان جي شوقينن

وانگر، هو گهڙي گهڙي ٿورو ٿڪو پيا ڪائيندا پيئندا وتندا آهن. اسپتالن ۾، نرسن ۾ فلپيني نرسن جي گهڻي اڪثريت آهي. ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون، سعودي ۾ قانون جي سختي هجڻ جي باوجود بہ، لڪي ڇپي پيا عشق ڪندا آهن.

هڪ دفعي هڪ فلپينو، جڏهن موڪل تان واپس آيو تہ ڏاڍو پريشان پئي لڳو. هُن افسوس ڪندي ٻڌايو، تہ هن هڪ نرس سان پيار ڪيو ۽ شاديءَ جي آسري ۾ سڀ ڪمائي کيس ڏيندو رهيو. ٻنهي موڪل تي وڃڻ جو پروگرام ناهيو تہ منيلا ۾ وڃي شادي ڪنداسين، ڏاڍا واعدا وچن ٿيا پر جڏهن هو موڪل تي ويا تہ نرس هڪ اڳئين دوست سان، بغير اطلاع جي شادي ڪري ڇڏي. هو اڪيلو سهڪندو اچي تبوڪ پهتو. مان کيس چيو تہ تون پنهنجي مائٽن کي چئي، ڪنهن رشتيدار ڇوڪِري سان شادي ڪري ڇڏين ها. تنهن تي هُن ٻڌايو تہ ويجهي عزيزن مان شادي ڪرڻ جي ڪين مذهب اجازت نہ ٿو ڏئي جو ويجهي مائٽن جهڙوڪ سَؤٽ، ماسات، ڦڦات سان شادي ڪرڻ جي نتيجي ۾ پئدا ٿيندڙ اولاد گهٻرايلءِ منجهيل يا اڌ چري هوندي آهي. اهو ساڳيو رجهان هندن ۾ بہ آهي. جنهن ڪري هو پنهنجن ويجهن عزيزن مان شادي ڪونہ ڪن. اِن جي تاڪيد اسلام ۾ بہ آهي جنهن جوذڪر امام غزالي، پنهنجي ڪتاب 'احياءَ العلوم' ۾ ڪيو آهي ۽ سائنسدانن بہ ثابت ڪيو آهي، تہ ويجهي عزيزن مان شادي ڪرڻ ڪري، ٻار ڪنهن نہ ڪنهن دماغي يا جسماني ڪمزوري کان متاثر ٿين ٿا. هن مضمون بابت تفصيلي ذڪر هن ڪتاب ۾ ٻئي ڪنهن جاءِ تي ڪيل آهي.

ٻيو هڪ فلپينو ملازم، موڪل تان چريو ٿي موٽيو، جو هوپنهنجي سڄي عمر جي ڪمائي پنهنجي زال جي حوالي ڪندو رهيو ۽ جڏهن موڪل تي وطن ويو، تہ هُن جي گهر ۾ غير ماڻهو مقيم ڏسي حيران ٿيو، جو سندس گهر واري ٻن ٻارن کي سَسُ جي حوالي ڪري، گهر وڪڻي ڪنهن ٻئي سان شادي ڪري وڃي ڪو اهڙو شهر وسايو. جو هي مسڪين سڄي موڪل جا ٻہ مهينا، هن کي ڳوليندو رهيو، ليڪن کيس هڙ حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيو ۽ پريشانيءَ حالت ۾ وري نوڪري ڪرڻ واپس تبوڪ پهتو.

هتي فلپيني عورتون اڪثر مقامي ماڻهن جي گهرن ۾ ڪم ڪنديون آهن، جو توهان کي بازارن ۾ سعودي عورتن پويان، ٻارن جا گاڏڙا گهليندي نظر ايندي يون. هتي شادي شده فلپيني مرد ۽ عورتون اڪيلا رهڻ پسند نہ ڪندا آهن ۽ گهڻي آزادي واري ماحول جي پيداوار هجڻ ڪري،

ٿوري وقت لاءِ بہ غيرن سان معاهدي تحت شادي ڪري گڏ گذارين. جڏهن وطن واپس وڃن، تہ اُتي هر هڪ پنهنجي اصلي جوڙي سان وڃي گڏ گذاري ۽ وري بيهر موڪل تي واپسي اچي، ساڳئي معاهدي ’تحت، زال مڙس ٿي گڏ رهن‘. مطلب تہ سعودي عرب ۾ هڪ نقلي جوڙو پر جڏهن پنهنجي وطن وڃن، تہ اصلي جوڙن جي صورت ۾ گڏ گذارين، هي هڪ عجيب قوم آهي. محنتي، هوشيار، فرمانبردار، فني مهارت سان ڀرپور، انگريزي ۽ عربي ٻولي تي قابوعبور هجڻ، ملنسار، عاشق مزاج، کائڻ پيئڻ جا ايترا شوقين جو ڪچو شراب، پنهنجن ڪمرن ۾ بہ ٺاهي پيئن. فلپيني ملازمن جي جدا رهائش جي ڪيمپ بريگا هُئي، جتي سيڪيورٽي وارا تقريباً هر هفتي ڇاپو هڻي، ڪچو شراب ٺاهڻ جو سامان پڪڙي، ڪين ڪجهہ ڏينهن جيل موڪلي ڇڏيندا هُئا. سعودي عرب جي جيل ۾ گهر کان وڌيڪ سهولتن هجڻ ڪري، ڪين ڪو ڏکيو مرحلو ڪونہ لڳندو هو. هنن کي جيڪڏهن نوڪري ختم ڪري واپس موڪليو ويندو هيو، تہ هو واپس وڃڻ برعڪس پاڪستاني ملازمن جي خوش ٿيندا هُئا ۽ پاڻ کي روڪائڻ لاءِ ڪنهن کي بہ منٿون ۽ ميڙون نہ ڪندا هُئا.

اسان جي هڪ همراهہ ملازم کي ٿورو گهٽو ڪم ايندو هو، جو ايترو تہ تڪبر ۾ اچي ويو، جو ويهن سالن جي ملازمت ڪانپوءِ پاڻ کي الائي ڇا سمجهڻ لڳو، سو اِن تڪبري سوچ ۾ هميشہ چوندو رهندو هُو، تہ مان نوڪري ڇڏي، تہ ڊائريڪٽر مونکي ڪڏهن بہ وڃڻ ڪونہ ڏيندو ۽ جي هليو ويس تہ هي سڄو ڪم رُلي ويندو. اِن سوچ ۾ هڪ شرارتي ماڻهو اُن کي ايترو اُڪسايو، جو هُن جهٽ پٽ ۾ ڪٽي استعيفيٰ لکي ڊائريڪٽر کي موڪلي ڏني.جيڪا فوراً قبول ڪندي،’مڪتب افراد‘ جي آفيسر کي هدايت ڪئي، تہ هن کي جلدي پنهنجي وطن واپس ڪيو وڃي. هن کي جڏهن اِها خبر پئي، تہ همراهہ سخت بيمار ٿي پيو ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ڪيس دل جو سخت دورو ٿيو، جو هن کي اسپتال جي انتهائي نگهداشت (ICU) واري شعبي ۾ داخل ڪيو ويو. هو ڪيترائي ڏينهن اسپتال ۾ رهڻ ڪانپوءِ، جڏهن چاڪ ٿي ٻاهر آيو، تہ بيهر نوڪري جي بحالي جي درخواست ڏني، ڇو پاڪستان ۾ هن جي گهر کي ڪنهن باهہ ڏني هجي، جو اهڙي حالت ۾ واپس ٿيڻ ڪيس مشڪل پيو لڳي. بهرحال اُها درخواست بہ قبول ڪونہ ٿي ۽ وڏي مايوسي ۾ وطن واپس آيو.

هڪ ٻيو دوست بہ جڏهن نوڪري مان ڪڍيو ويو، تہ هُن ڏاڍيون آزيون نيزاريون، سُفارشون ڪرايون، تہ وطن واپس نہ ٿيان. آخرڪار هُن

ڊائريڪٽر کي اهو لکيو تہ منهنجا حق ضبط ڪري، سندس نوڪري بحال ڪئي وڃي. هو پنهنجي ويهن سالن جي پينشن واپس ڏئي، نوڪري جي بحالي ڪرائڻ ڪيتري نہ هڪ گهٽيا حرڪت، غير معياري عمل آهي، جنهن ڪري اسان جي پوري قوميت جي اخلاقي بلندي، قدر و قيمت ۽ خوداري تي برو اثر پوي ٿو. انڪري اسان جا مقامي ماڻهو عزت گهٽ ڪن ٿا، جو اسان پاڪستان واپس ٿيڻ بجاءِ، اُتي اڌ پگهار تي بہ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اهڙن ماڻهن ڪري اسان جي وقار ۽ قيمت کي گهٽو ڌڪ لڳو آهي.

مقامي ماڻهن جي گهرن ۾جيڪڏهن خوبصورت نوڪرياڻيون هونديون،تہ گهر واريون ڏاڍيون پريشان نظر ايندیون آهن. ڪنهن گهر جي نوڪرياڻي ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ پنهنجو وزن وڌائڻ لڳي، سو ڪيس اسپتال ڪٺي ويا، جتان لِڪ ڇُپ ۾ وجي ڳالهہ پوليس جي ڪن تي پهتي، سو گهر مالڪ کي ڪٺي سوگهو ڪيائون. پوليس پڇا ڪندي چيو تہ هي ڪم ڪنهن ڪيو آهي؟ جنهن تي گهر مالڪ چيو تہ اِن (نوڪرياڻي) کي وڌيڪ خبر هوندي، اُن کان پڇيو وڃي. نوڪرياڻي جواب ڏيندي چيو، تہ گهٽو ڪري گهر مالڪ جي ڪري هي وزن وڌيو آهي، يا وري سندس ٻن پٽن مان، ڪنهن هڪڙي جو تہ ڪارنامو ضرور هوندو. پوليس سيني کي ڪٺي سوگهو ڪيو.

چمڪندڙ کل ۽ رنگين اکيون

مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان، تہ چِٽي چمڙي وارا انگريز، يلي پنهنجي ملڪ ۾ پِئدا چو نہ هجن، پر جڏهن تيل سان مالا مال عرب سڳورن وٽ اچن ٿا، تہ هو انهن وٽ سيدن سڳورن واري عزت ۽ مَانُ پائين ٿا. خبر نہ آهي تہ الائي چو، اسان ايترو اُنهن مان مرعوب آهيون. هنن جو ڪوڙ اسان جي سچ کان ڳورو سمجهيو وڃي ٿو ۽ سندن زبان مان نڪتل، هر لفظ کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. ڪيس ٻڌڻ سان سندن ساراهہ ۾ ’والله، خُواج ڪلام ممتاز‘، قسم ڪٺي چوندا تہ انگريز جي ڳالهہ زبردست آهي. پوءِ ڪين هُنن جي انگريزي سمجهہ ۾ يلي نہ بہ اچين، تڏهن بہ پيا ساراهون ڪندا.

هڪ دفعي رياض جي چيمبر آف ڪامرس ۽ انڊسٽري جي طرفان دعوت آئي، جو انهن جرمن جي پاسونٽ ڪمپني (Passavant Company) جي طرفان،’پاڻي کي صاف ڪرڻ جا جديد طريقا‘ جي حوالي سان، سيمينار

منعقد ڪرايو هيو. جنهن ۾ پوري وچ اوڀر جي ملڪن مان، مختلف سائنسدانن ۽ انجنيئرن کي دعوت ڏئي گهرايو هُو. مونکي بہ دعوت نامو مليو، آئون ڊاڪٽر شبير ميمڻ صاحب کي فون ڪري رياض ايئر پورٽ تان وٺي وڃڻ لاءِ چيو، جنهن چيمبر آف ڪامرس جي شاندار بلڊنگ تائين رسائڻ ۾ مدد ڪئي. بلڊنگ جي پهرين سطح تي هڪ وسيع هال ۾ سيمينار شروع ٿيڻ وقت پهچي، پنهنجي جاءِ تي ويٺس. هال ۾ سَوَ کان وڌيڪ حاضري ڏسي، اميد ٿي تہ شايد هن ڳڌجاڻيءَ مان ڪا نئين معلومات ملندي پر افسوس جو پنڌ ۽ خرچ ئي اجايو ثابت ٿيو. سيمينار جو موضوع تہ تمام سنو هُو، پر اُن ڪمپني جو انگريز ملازم، معلوماتي پيشڪش (Presentation) شروع ڪرڻ کان آخر تائين، پنهنجي ڪمپني جي تعريف (Company Profile) ۽ مختلف مصنوعات ٺاهڻ بابت وڏي اسڪرين تي ڪمپيوٽر ذريعي مُنعڪس خورد فلمي تصويرون ڏيکاريندو رهيو ۽ آخر ۾ ڪاروبار وڌائڻ خاطر پنهنجي ڪمپني جي مختلف مصنوعات جون وصفون ۽ پيمانا ۽ تعريفون ڪندي ڪيترين ئي پردي تي تصويرون ڏيکاريندي آخر ۾ پنهنجي مصنوعات جي تشريح ڪندي، ٿورو وچي موضوع کي ڇُهيائين. ليڪن موضوع جي گهرائي ۾ نہ وڃي سگهيو. بهرحال موضوع ڪجهہ هُو، پر اوسي پاسي واري ڳالهہ ٻولهہ ڪندي، پنهنجو وقت پورو ڪيائين. ٻڌڻ وارا آسري ۾ رهجي ويا، تہ شايد چاڻ هاڻي اصلي موضوع تي ايندو، ليڪن ختم ڪرڻ کان اڳ ۾ مان ڪيس ياد ڏياريو تہ سيمينار جو موضوع ڪجهہ مختلف آهي ۽ توهان صرف مصنوعات جي بابت اسان کي گهڻي معلوماتي ڏئي ويا آهيو، جنهن تي هو ۽ ٻڌڻ وارا صرف ڏسندا رهيا. جنهن ڪانپوءِ پرسان واري هال ۾ مانجهادي جي ماني جو اهتمام هو، جتي مقامي ڪمپني انانيب، جنهن اِن سيمنار ۾ سهڪار ڪيو هُو، ان ۾ ڪجهہ پاڪستاني انجنيئرن سان ملاقات ٿي، جنهن ڪانپوءِ شام جو وقت شهر گهمڻ لاءِ ’عُليا‘ جي بازار لاءِ روانو ٿيس. عبدالله لاءِ مڪتبہ جزيرا، جيڪو رياض ۾ مشهور ڪتاب گهر آهي، اُتان ڪتاب ورتا. ٻئي ڏينهن مانجهاندي جي ماني ڊاڪٽر شبير ميمڻ وٽ ڪاڌي، تبوڪ روانا ٿي وياسون.

رياض ۾ جڏهن ٽيڪسي تي چڙهيس، تہ اُن جو ڊرائيور اريٽرين (Eritrean) مسلمان هُيو. اريٽريا آفريڪا کنڊ ۾ اٿوپيا جو پاڙيسري ملڪ آهي، جنهن کي، 1961ع ۾ زبردستي اٿوپيا ۾ شامل ڪيو ويو هُيو ۽

يورپ جي اسرار تي، 1992ع ۾ ٻيهر آزاد رياست جو درجو ڏنو ويو آهي. هن ملڪ ۾ 50 سيڪڙو مسلمان ۽ باقي عيسائي ۽ ٿورا يهودي مذهب جا ماڻهو رهن ٿا. هي پرڳڻو ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري سان يمن جي بلڪل سامهون، سعودي عرب جي ’ابها‘(Abha) ۽ جيزان شهرن جي سمنڊ جي هُن پار تي واقع آهي. اسلام جي اوائلي دور ۾، جڏهن قريشي قبيلي وارن، نَوَن مسلمانن تي ظلم ڪيا، تہ اسلام جي پهرين هجرت اٿوپيا جي هن عيسائي مذهب رکندڙ پرڳڻي ڏانهن ڪئي وئي هئي. جتي اسلام جي ابتدا بہ اُن اوائلي دور کان شروع ٿي ۽ سلطنت عثمانيہ جي دور ۾، پنهنجي عروج تي پهتي. اسمارا (Asmara) گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ هن ملڪ جي آبادي (2013) 63 لک آهي. هتان جي يهودي آبادي، اسرائيلي مُساعد ايجنسي (Mossad) جي مدد سان، اريٽرين يهودين کي اسرائيل جي واپسي واري قانون (Law of Return) تحت، اسرائيل ۾ آباد ڪيو ويو آهي، جن جو تعداد 2013ع ۾ سَوا لک کن تي ويو آهي. اسرائيل ۾ مختلف رنگ ۽ نسل جي قومن جي آبادي ڪري هن وقت رنگ، نسل پرستي (Racism) ۽ بنياد پرستي جي ڪري ڪافي بگاڙ ۽ امتيازي سلوڪ جي بوءِ واضح نظر اچي رهي آهي. جيڪا اڳتي هلي وڌندي ۽ اندروني ڪمزوري جو سبب بڻجي، ڪيل ظلم ۽ منافقت جي مضبوط ڍانچي کي ڍاهي مسمار ڪندي.

اريٽرين ڊرائيور ٻڌايو تہ اٿوپيا وارن، 30 سالن جي جنگ ڪانپوءِ کين آزادي ڏني. هو انڪري مخالفت ڪري رهيا هُئا، جو ساحلي پٽي جو گهڻو حصو اريٽريا وارن جي حصي ۾ اچي رهيو هو. هُن وڌيڪ ٻڌايو، تہ سعودي عرب ۾ تازي تيل جي قيمت ۾ 50 سيڪڙو اضافو ڪري، ليموزين ڊرائيورن لاءِ وڏي مشڪلات پيدا ڪئي آهي. ٽيڪسي مالڪ هر روز 120 کان 140 ريال وٺن ٿا ۽ تيل جي واڌ ڪري،اڳهہ ۾ ڪا رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هجڻ ڪري، ڊرائيورن کي بچت ڪونہ پئي ٿئي.

هڪ ڏينهن آمريڪي قوميت رکندڙ مصري، KAMC جي دوري تي آيو، جيڪو ڪنهن ڪمپني ۾ ڊائريڪٽر هيو. تنهن خاص گفتگو دوران، گلف جنگ (Gulf War) تي تبصرو ڪندي ٻڌايو، تہ اِها گلف وار نہ پر گلف ڪاميڊي (Gulf Comedy) آهي. عراق کي ڪويت تي حملي ڪرڻ جي وڏن طاقتن طرفان تقريباً اجازت ڏني وئي هُئي، جو بغداد ۾ آمريڪي سفير جيڪا عورت هُئي، تنهن صدام کي واضع طور چيو، تہ اسان جو ٻن عرب پاڙن جي تڪرار ۾ ڪجهہ بہ نہ وجي ۽ ڪويت وارن کي چيو، تہ توهان

کي گهٻرائڻ جي ضرورت نہ آهي، جو صدام توهان جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ ٿو سگهي. هُن ٻڌايو تہ آمريڪا اِها جنگ تيل جي خزانن تي قبضي خاطر جاڻي واڻي پنهنجي ڏنڌي لاءِ ڪرائي هُئي، صدر صدام بہ چون ٿا، تہ شاهہ حُسين وانگر، فري ميسن (Free Masons) جو وڏو اڳواڻ هُو. (والله عالم...)

ڳالهہ پئي هلي پوري رنگ وارن جي، سو اِن احساس ڪمتري ۾ نہ صرف اسان جا شاهوڪار عرب شڪار آهن، پر گهڻائي پنهنجا بہ اِن موذي مرض ۾ مبتلا ڏٺا ويا آهن.

سُهڻي رنگت ۽ خوبصورتي، هر انسان جي هميشہ ڪمزوري رهي آهي. پر ڪي انسان وري پوري رنگت ۾ ايترو تہ پُلجي وڃن ٿا، جو ڏکي مهل بہ پنهنجن کي ياد ڪونہ ڪن. اسان جو بہ هڪ عزيز پورن سان پڙُ هوندو هيو، پر ڪارن سان گهٽو ڪونہ لڳندي هئس. ناناڻي راڄ مان صرف هڪ چٽي چمڙي واري رياض احمد شر، جيڪو نوابشاهہ ۾ پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي هڪ اعليٰ عهدي تي فائز آهي، تنهن سان ملڻ لاءِ آتو رهندو هو. ليڪن ماسات حسن بخش ۽ منٺار وارن کي پهرين نظر ڏسڻ بہ غلطي محسوس ڪندو هو. هڪ دفعي بردار مرحوم بهادر علي ٻڌايو، جنهن کي بعد ۾ رياض صاحب بہ تصديق ڪيو تہ بهادر پنهنجي ٻئي نمبر پٽ محمد علي کي جڏهن ٺري واري گهر، ڪنهن ڪم سانگي وٺي ويو، تہ بهادر کان پڇيو ويو تہ هي ڇوڪرو ڪنهن جو پٽ آهي، جنهن تي بهادر فقير حاضر جوابي کان ڪم وٺندي، ڪيس چيو تہ هي اسان جو ننڍو پاءُ آهي. ڇا توهان پنهنجي پاءُ کي بہ ڪونہ ٿا سڃاڻو؟ اهو ٻڌي ادو تہ خاموش ٿي ويو، پر مسٽر رياض احمد مخاطب ٿي چيو، تہ توهان ٻارهن سالن جي پائٽي کي نہ ٿا سُڃاڻو، ليڪن ٻئي پاسي کان، ٻنڌڻ ۾ جڪڙيل ڳون چاول پورن ٻارن جي نسل ۽ نالن کان بہ واقف هوندا آهيو.

اولهہ جي ملڪن ۾ بہ سَوَ سالن کان آفريڪي ڪارن، سخت محنت ۽ مشقت ڪري پاڻ مڃايو. جو هن وقت سندن اولاد مقامي پورن سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملايو بيٺا آهن. ايترو جو هاڻي پورا اِن پَوَ ۾ پاڙي ٿيل آهن، تہ متان غلامن جي اولاد، اسانجي اولاد کي غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙي وجهن ۽ پاڻ کي اقليت ۾ تبديلي جي خوف کان، ايشيائي رنگت (Colored) جي ماڻهن کي ٻاهرين ملڪن مان هجرت ڪرائي، پاڻ وٽ آباد ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهن، تہ جيئن مستقبل جي ڪنهن ڏکئي وقت ۾ ڪو نبيري ڪرڻ وارو موجود تہ هجي.

هونءَ بہ اڇي رنگ تي پروسو، سياڻا ڪونہ ڪندا آهن، جو سندن قول موجب، اِهي پاڙي هوندا آهن ڇو ته خوبصورتي جي گهٽتائي،

اخلاق پوري ڪري سگهي ٿو، پر اخلاق جي گهٽتائي، خوبصورتي پوري نہ ٿي ڪري سگهي. دنيا ۾ اقابرن جو اصول آهي تہ سُهڻي صورت کان وڌيڪ افضل سُهڻي سيرت آهي، نہ تہ سُهڻي شڪل وارو ٿوهر بيابانن ۾ بيڪار پيو هوندو آهي. حقيقي سُونهن جو سرچشمو دل آهي، جيڪڏهن دل صاف نہ آهي، تہ چمڪندڙ ڪل ۽ رنگين اکيون ڪنهن ڪم جون ناهن.

بوسينيا ۽ ڪوسووو

ويهين صدي جي آخري ڏهاڪي دوران، يورپ ۾ مسلمانن تي وڏا ظلم ۽ زيادتيون ڪيون ويون. بوسينيا ۽ ڪوسوو يورپ جي وچ ۾، مسلمانن جو هجڻ ائين پئي لڳو جڻ اڇي ڪپڙي تي ڪارو رنگ. جڏهن سڀ مسلمان ڳُلي عام قتل ڪيا ويا، تڏهن وڃي آمريڪا ۽ يورپ وارن، نيٽو (NATO) جي ذريعي ٿورو ٽڪو ائڪشن ورتو، باقي سڀ مسلمان سربراھ خاموش تماشائي وانگر ڏسندا رهيا. اجان تائين، سرب حملي آور قوم، ڊيٽون معاهدي (Dayton Agreement) جي خلاف ورزي واري عمل ۾ مصروف آهن. مسلمانن کي يورپ جي سرزمين تان نالو نشان مٽائڻ وارا، کلي عام لُلڪاري رهيا آهن، ليڪن هيگ جي بين الاقوامي، انصاف جي ڪورٽ(International Court of Justice in Hangue) يا بين الاقوامي جنگي جرائم جي ٽربيونل (International War Crime Tribunal) طرفان، ڪنهن کي بہ اجان تائين سزا نہ ڏني وئي آهي. ٻن مکيہ قاتلن، ريڊ وان ڪرازڪ (Radovan Kradzic) ۽ راٽڪو ملاڊڪ (Ratko Mladic)، لکين مسلمان، ننڍا توڙي وڏا، ٻار ۽ عورتن سان هڪ جهڙو ظلم ڪري قتل ڪيا ۽ ساڳئي راند ڪوسوو ۾ ڪيڏي وئي. نيٽو وارا ڪيترن سالن تائين، رڳو دڙڪا ۽ دلاسا ڏيندي گذاريا، جن دوران ٽن لکن کان وڌيڪ مسلمان ڀڄي وڃي ويجهڙائي وارن جهنگلن ۽ پاڙيسري ملڪن ۾ پناھ ورتي ۽ پويان سربن، انهن جا گهر ساڙي تباھ ڪري ڇڏيا. نيٽو وارا شايد انڪري فيصلو نہ ٿا ڪن جو ڪجهہ مسلمان باقي اجان زنده آهن ۽ انهن جي صفائي ٿيڻ کانپوءِ پنهنجا جهاز اڏائي، سمنڊ ۾ بمباري ڪري اچي، ميڊيا وارن کي ٻڌائيندا تہ اسان ڪوسوو ۽ بوسنيا جي مسلمانن کي بچايو آهي.

ڪوسوو وڳوڙ، هن صديءَ جو هڪ دردناڪ واقعو آهي. خاص ڪري مسلمانن لاءِ، جو يورپ جي دل ۾ مسلمانن جو وجود يهودين ۽ عيسائين لاءِ هڪ قيامت برپا ڪندڙ ايٽم بم جي برابر سمجهيو وڃي ٿو. وري بہ

نيٽو وارن کي لک شاباسيون هجن، جو دير سان هي سهي، پر آخرڪار سربن تي هوائي حملا ڪري، ڪين سهڪائي ضرور وڌو آهي. باقي مسلمانن ته ڪجهه به نه ڪيو، سواءِ چند ڪمبلن ۽ چاهه جي دٻن موڪلڻ ڪانسواءِ. ان ڪاروائي ۾ ڏهه لک ڪن ڪوسووو مسلمان بي وطن ڪيا ويا ۽ سورهن ڪان سٺ سالن جي عمر جا مرد سڀ ڪُهي ڇڏيائون. ويهه هزار ڪن بي گهر ڪوسوون کي آمريڪي حڪومت پناهه ڏني ۽ هزارين پناهگير، يورپ جي ٻين ملڪن ڏانهن وڃي لِڪا. مسلمان اڳواڻ خاموشي سان منظر ڪُشي ڪري رهيا هئا، ڇڻ ڪنهن جي مُنهن ۾ زبان ئي نه هجي. آئون سمجهان ٿو ته هن صدي جي مهاڀاري لڙاين ڪانپوءِ، هي واقعو هڪ مُنفرد حيثيت رکي ٿو. 1991ع ۾ جڏهن، سرب ۽ ڪروٽس پاڻ ۾ جنگ ڪندا رهيا، ته يورپ وارن ٻنهي قومن ۾ نهراءَ ڪرائي، ڪروئيشيا کي آزاد ملڪ بڻايو، پر بوسنيا ۾ سَرب، مسلمان بوسنين کي قتل عام پيا ڪن، ته يورپ وارن خاموشيءَ سان پئي ڏٺو، جنهن مان يورپ جي جمهوريت پسندي، انساني حقوق جي علمبرداري، روشن فڪري جو ٻٽو معيار ظاهر ٿئي ٿو ۽ بوسنيا جي مسئلي تي خاموش انڪري رهجي ويا جو هنن جو مذهب اسلام آهي.

امڙ جو انتقال

28 آگسٽ 1998ع (6/5/1419 هه) جي شام 8 بجي ڪراچيءَ جي جناح اسپتال جي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيووسڪيولر ڊزيز (Natinoal Institute of Cordiovascular Disease, NICVD) جي انتهائي نگهداشت واري ڪمري (CCU-I) ۾ امڙ آخري ساهه کنيا. ’انا لله وانا اليه راجعون‘.

امڙ کي فالج (Paralysis) جو ڏڪ پنج سال اڳ، سجاول ۾ لڳو، جڏهن ادا ظفر علي اُتي اسسٽنٽ ڪمشنر هُو ۽ امڙ گهمڻ لاءِ سجاول وئي هئي، جتي رات جو ايئر ڪنڊيشنر جي غالباً گهٽي ٿڌ تي ڪيس اڌ رنگ جو اثر، صبح تي ظاهر ٿيو.

امڙ کي سجاول مان ڳوٺ آندو ويو، جتي ڀهراڙيءَ ڪري علاج جون سهولتون نه هجڻ جي برابر هيون ۽ مقامي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جي دوا درمل تي ڪجهه وقت گذاريو، جنهن ڪانپوءِ مان جڏهن موڪل تي آيس ته ڪيس آغا خان اسپتال مان علاج ڪرايو، جتي ڪافي پرکڻ ۽ چڪاسڻ ڪانپوءِ، ماهر ڊاڪٽرن اِهو ٻڌايو ته دماغ ڏانهن رت موڪلڻ واريون نسون

(Arteries) گهٽي ياڳي بند (Partially Closed) ٿي چڪيون آهن، جن ڪري دماغ کي رت جي گهربل رسد نہ ٿيڻ ڪري، دماغ جسم جي ڪجهہ عُضوَن کي ڪنٽرول ڪرڻ کان قاصر آهي. جنهن کي اڌ رنگ يا فالج چئجي ٿو، جيڪا برين اسٽروڪ (Brain Stroke) جي پيداوار آهي.

رت ڪٽي وڃڻ واري رڳ ائين سمجهڻ گهرجي، جيئن پاڻي جي ٽڪِسي جيڪو ڪلاڪ ۾ چار ٻارا زمين جا آباد ڪري پر جيڪڏهن اُن ڪسيءَ جي منهن ۾ ڪا ڇاٻ اچي وڃي تہ پوءِ تورو پاڻي ڪٽي ڪلاڪ ۾ چئن ٻارن بدران ٻہ ٻارا آباد ڪندي ۽ بقايہ ٻن ٻارن جو فصل سُڪڻ لڳندو. سو رت جو مناسب مقدار ۾ نہ پهچڻ، ضرور دماغ جي ڪنهن هڪڙي حصي کي رت نہ ملڻ جي صورت ۾، اوترو حصو پنهنجو نيايل ڪم نہ ڪري سگهندو. ڊاڪٽرن آپريشن نہ ڪرڻ جو مشورو ڏنو، جو امڙ جي عمر وڏي هُئي ۽ جسماني طور ڪمزور ٿي چڪي هئي. ڊاڪٽر دوائون ڏنيون ۽ تاڪيد ڪيائون تہ دوائون مسلسل کائڻ سان زنده رهي سگهجي ٿو ٻهراڙيءَ ۾ خاص دوائن جي نہ ملڻ ڪري بيماري ۾ اضافو ٿيندو رهيو. مان هڪ دفعي سعودي عرب مان مالوٽ مشتاق احمد، جيڪو اسٽيل مل ۾ مئنيجر جي عهدي تي فائز هو، تنهن ڏانهن پئسا موڪلي، دوائون ڳوٺ موڪلرايون هيون.

منهنجي گهٽي اسرار تي، مرحوم مشتاق احمد خان امڙ کي ڪراچي جي بهادر آباد ۾ واقع هڪ اسپتال ۾ اُن وقت داخل ڪرايو، جڏهن هوءِ بلڪل لاچار هُئي. ڊاڪٽر رياضت، مرحوم بهادر علي خان، ممتاز علي ۽ اسان جون ٽيئي ڀينر، قادر بخش ۽ ڊاڪٽر عطاءُ الله، ڪراچيءَ اسپتال ۾ موجود هُئا. جڏهن مان سعودي عرب مان ايمرجنسي موڪل وٺي، ڪراچي ايئرپورٽ پهچي، سڌو اسپتال ويس، جتان امڙ کي NICVD ۾ ڪٽائي داخل ڪرايم، پر پوءِ بہ هُن ارادو مٽائي راهہ رباني سان رواني ٿي وئي. ڊاڪٽر رياضت ۽ وڏي ڀيڻ ڪراچي ۾ گڏ هئاسين، جو رات جو ايمبولينس ڪرائي، امڙ کي ڳوٺ لاءِ روانا ٿياسين. ڪراچي ۾ رسول بخش شر، جيڪو فشريز ڊپارٽمينٽ ۾ ڊپٽي مئنيجر هو سو بروقت اسپتال ۾ آيو ۽ مرحوم مشتاق احمد کي اسٽيل مل جي گلشن حديد، فون ڪري ٻڌايو سو بہ جلدي پهچي ويو. بهادر آباد جي اسپتال ۾ امڙ بلڪل بيهوشيءَ جي حالت ۾ بستري تي پئي هئي. مان اچڻ سان وڏي آواز ۾ ڪيس ڇيو، تہ امڙ مان اچي ويو آهيان، تہ هُن جا ٻئي هٿ نونن جي سهاري، مون کي ياڪر ۾ آٽڻ لاءِ ڪڇي آيا. امڙ کي هاٽي منهنجي حاضريءَ جو اطمينان ٿي ويو.

مون کي ٻڌايو ويندو هو تہ امڙ مون کي ۽ عبدالله کي ڏاڍو ياد ڪندي هئي. سو هڪ ڏينهن اڳ ۾، مسٽر رحمت علي پنهنجي نوجوان پٽ کي، جڏهن وٺي آيو تہ امڙ کي جڏهن بيهوشيءَ حالت ۾ ٻڌايو ويو، تہ حاجي نياز علي ۽ عبدالله اچي ويا آهن تہ امڙ انهن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. امڙ کي اسان جي ملاقات جي گهڻي سِڪ هُئي، شايد ان ڪري جو اسان ست سمنڊ پري هجڻ ڪري، ملاقات جو آسرو ڪونہ پئي سَمجهي. ڊاڪٽر رياضت کي هدايت ڏني تہ ڳوٺ ۽ حيدرآباد ۾ ماسات واحد بخش کي بہ فون ذريعي اطلاع ڏئي ڇڏي.

اسان ايمبولنس سان گڏ ۽ مشتاق احمد پنهنجي فئملي سميت ڪار ۾ ڳوٺ لاءِ روانا ٿياسين، ساندھ پنج سَوَ ڪلوميٽر مفاصلو طئي ڪري، ڳوٺ فجر مهل وڃي پهتاسين. جتي پهچڻ شرط، گهر ۾ امڙ جو مڙھ ڪٽ تي رکڻ سان ائين محسوس ٿيو، ڄڻ گهر جي ڇت ڪنهن زبردست آنڌي ۾ اُڏامي وئي هجي ۽ هاڻي اُس، سخت بارش ۽ ڳڙن کا بچائڻ وارو ڪوئي بہ نہ هجي. سڄو گهر ۽ آس پاس، اجڙيل ۽ اوپرو پاسڻ لڳو ۽ الائي ڇو ائين محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ صبح جو سج ڪونہ اپرندو ۽ هيءَ دنيا پوري روشنيءَ کان محروم رهجي ويندي. ماءُ اُها هستي آهي، جنهن جي دُعائن سان، رب طرفان رحمتون وسنديون آهن.

هاڻي هن اڱڻ تي ايندڙ هر سُواليءَ، فقير، مسڪين کي ڪير پاروٽا جوئر جا ٽڪر، لسي جي گلاس سان زوري ويهاري کارائيندو ۽ مسڪيني حال هجڻ جي باوجود، بہ سُوالي کي اٽو، ڪٽڪ جو اَنُ، پَلُوَ ۾ وجهي سندن سِعن پورو ڪندي هئي. غربت جي حال ۾ پنهنجي ٻچن کان لِڪائي، سُوالي کي ڏيڻ خوف خدا ۽ ڪامل ايمان جي نشاني آهي.

اسان جي امڙ اُن سج جي روشني وانگر هئي، جيڪا سج اپرڻ سان اميرن جي محلاتن سان گڏ، غريبن جي جهوپڙين کي بہ، بغير امتياز جي برابر روشن ڪندي رهندي هئي. بابي جي وفات 16 نومبر 1972ع (9 شوال 1392ھ)، ڪانپوءِ 26 سالن جي هڪ طويل عرصي تائين امڙ گهر کي سنڀاليو ۽ سيني ياتين کي گڏ رهائڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. (Joint Family)

امڙ آسمان جي نِکٽن (Astrology) ۾ ايتري تہ مهارت رکندي هُئي، جو رات جو ڪيس ننڊ مان اٿاري وقت پڇيو ويندو هو. آسمان جي ستارن کي ڏسي، ايترو صحيح وقت ٻڌائيندي هُئي، جو توهان وڃي پنهنجون واچون ميٽايوءِ چوندي هُئي تہ ’ڪَتِي اُيري تہ ساڙي ۽ لهي تہ بہ ساڙي‘ يعنيٰ اِهي ٻئي روپ سخت گرمي ۽ سخت سردي جي شدت جي چوٽي (Peak) جو اظهار ڪن ٿيون.

امڙ، مولوي حاجي عبدالرحمان شر جي ڌيءَ هجڻ جي ناتي، صوم وَ صلوات جي پابند هوندي هُئي ۽ هميشہ سيني کي ڀلائيءَ جي تلقين ڪندي رهندي هُئي. غيبت، منافقت ۽ تجسُس کان پاسو ڪندي هئي.

امڙ جي وفات ڪانپوءِ گهر ۾ جيڪا ٻَڌي ۽ ايڪتا هُئي، سا چند مهينن ۾ ڇُور تي ڊهي ڪري پئي. اُڏهي تہ اڳ کان لڳل هُئي، پر امڙ ڪيتري عرصي کان، پنهنجي ڪمزور هٿن جي سهاري سان، اُن ڪاٺ جي ٺهيل عمارت کي ڊهڻ کان سهارو ڏئي بيٺي هُئي. امڙ سڄي گهر مٿان، هڪ وسيع ڇٽيءَ وانگر، هڪ ڇانوَ هئي، جنهن ۾ روح کي تسڪين ڏيندڙ، چوُ طرفي ٿڌڙي هير هميشہ لڳندي رهندي هُئي، ساهڪدم بند ٿي وئي. خالق ڪائنات جيڪو الرَحيم ۽ الرَحمان پڻ آهي، اُن وٽ رحمت کي نازل ڪرڻ جا ڪيترائي وسيلا موجود آهن، ليڪن انهن وسلين ۾ سڀ کان وڌيڪ مؤثر ۽ طاقتور وسيلو، سيني لاءِ والدين جو آهي، جنهن ۾ ماءُ جو ڪردار تمام وسيع ۽ اهم آهي. اگر الله تعاليٰ کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن کي سجدو جائز هجي ها تہ اهو ماءُ کي ڏنو وڃي ها.

امڙ جي وصيت هُئي، تہ کيس سندس اباڻي (رسولپور) قبرستان ۾ رکيو وڃي، پر ڪن سببن جي ڪري اِها سندس خواهش پوري نہ ٿي سگهي جو کيس اسانجي ڳوٺ واري قبرستان ۾ رکيو ويو ۽ سندس جنازي نماز پڙهائڻ جو مون کي اعزاز حاصل ٿيو. امڙ زندگي جي آخري سالن ۾، گهرو حالتن جي حوالي سان چوندي هئي تہ چوٽيئرن چوندبيو ۽ ڪوتيئرن ڪاڌو، جنهن جو مطلب پاڻ ڄاڻندي هُئي.

امڙ جي وفات ڪانپوءِ، رحمت جو هڪ در هميشہ لاءِ بند ٿي ويو ۽ ڪافي پريشانين اچي منهن ڪڍيو. ڪجهہ ڏينهن بعد، ڊاڪٽر رياضت کي ناري تعلقہ مان سندس ٻاراڻن حرڪتن ڪري، کيس فوج ڪٽي وئي، جنهن کي مشڪل سان موٽايو ويو. ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ برادر ظفر علي صاحب سندسُ قريب عزيز ۽ محسن سان فساد ۾ اچي ويو، جيڪو فساد اڃان تائين هلندڙ آهي. هن فِتني، مِٽي مائٽي جي قديم ڳانڍاپن جي تسلسل قائم رکڻ وارين ڪڙين کي اهڙو تہ ڇَڪنا چُور ڪري ڇڏيو، جو وَارُ، وَارَ کان ۽ عُضوو عضوي کان هميشهہ لاءِ جدا ٿي ويو. ڊاڪٽر رياضت سان ڪن غلط فهمين ۽ اختلافن ڪري، مينگهو کان ڳوٺ ايندي رستي تي جهيڙو ٿيو، جنهن ڪري برادريءَ ۾ نفرت ۽ ڪِينو وڌندو رهيو.

آچر، 8 مئي، 2005ع ۾ اسان جو ٻيو نمبر ڀاءُ، بهادر علي خان جو ٽي بجہ شام ڪُنب پرسان ٻن موٽر سائيڪلن جي آمهون سامهون ٽڪر ۾،

متي، ڄاڙي ۽ سيني ۾ شديد ڌڪ لڳڻ ڪري، موقعي تي انتقال ٿي ويو. (اِنا الله واِنا اِليه رَاجِعون). بهادر خان جو بي وقتائتي موت، منهنجي دل ۾ گهرا زخم ڇڏيا آهن، جنهن جو زندگي ڀر مونکي افسوس آهي. اِها خبر مون کي، تبوڪ ۾ پئي، سخت صدمو رسيو جو ڳوٺ ۾ ٻه ٻهادر خان سان ملاقاتون گهٽ رهنديون هُيون. موڪل جا ڏينهن ٿورا هوندا هُئا، ٻيو وري بهادر خان گهمڻ ڦرڻ جو وڏو شوقين هوندو هُو، جنهن ڪري هو گهر ۾ گهٽ نظر ايندو هُو. بس جڏهن ڏيڍ سال اڳ ۾ سيني پائرن کي هتي عمري لاءِ گهرايو هيم، ته اُن ڏينهن واريون بهادر سان ڪچهريون ياد اٿم. ڏاڍو دلبر ماڻهو هو، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، گُفتار ۾ وزن، چند لفظن ۾ وڏي ڳالهه ڪري ويندو هو. مذاقي (Humorous)، ياري دوستي ڏاڍي هوندي هئس. ڪڏهن شيعو، ڪڏهن سُني ته ڪڏهن صوفي، مطلب هر رنگ ۾ رنگيل هوندو هُو. هو پويان ڏهه ٻار يتيم ڇڏي ويو. الله تعاليٰ سندس گناهه بخشي ۽ جنت ۾ جاءِ نصيب ڪريس. آمين.

ادا ظفر علي خان کي ان فتني ۽ فساد جي حوالي سان ڪافي ذهني دٻاءُ سبب پيدا ٿيل پريشانيءَ مسلسل اعصابي تناءُ جي ڪري، 2005ع ۾ فالج جو اثر ٿيو، جنهن مان سندس صحتيابي جي بحالي جو سلسلو ڏاڍو سست رهيو.

امڙ جي وفات جي ٽيويهين ڏينهن تي، اسان جو ڀاڄو مسٽر محمد سليمان ولد منظور حسين، تبوڪ ملٽري هاسپيٽل ۾ دل جي دوري سبب اوچتو وفات ڪري ويو (اِنا اِلله واِنا اِليه رَاجِعون). هن کي اُن وقت دل جو دورو ٿيو، جڏهن هو مغرب جي نماز لاءِ وضو ڪري رهيو هيو ۽ وضو ڪندي بيهوش ٿي ڪري پيو. سندس جسم کي تبوڪ مان ڏهن ڏينهن جي قليل وقت ۾ هوائي جهاز ذريعي ڪراچي ۽ اُن ڪانپوءِ پيڻ جي گهر مينگهو شر ڳوٺ ۾، ڪريم بخش ولد محمد ايوب ساڻ ڪري پهچرايو. هن جي دل جو آپريشن (Open Heart Surgery) ڪجهه مهينا اڳ، رياض جي ملٽري هاسپيٽل ۾ ٿيو هُو. هڪ ڀيري، مان ڪيس، اُن وقت تبوڪ ملٽري اسپتال پنهنجي گاڏي ۾ جلدي ڪٺي پهچايو، جڏهن هن جي دل مٿان قميص جو ڪپڙو هيٺ مٿي ٿيندي، ڇانوٽي جي مڪيه پاڻي جي رسد وارين خزانن (Main Water Complex) تي، پنهنجي ذميواري دوران مون کي اشارو ڪندي ڏيکاريو. اسپتال پهچڻ شرط ڊاڪٽر ڪيس فوراً دوائون ڏنيون ۽ هڻ جون مختلف چڪاسون ڪري ٻڌايو ويو ته، هن جي دل ۾ سوراخ آهن، جن کي فوراً آپريشن ذريعي بند ڪرڻو پوندو نه ته هي خطرناڪ شئي آهي، جو دل اندر تازو ۽ پراڻو رت، پاڻ ۾ ملڻ جي ڪري، ڪنهن به وقت حالتون خراب ٿيڻ جا امڪان آهن.

ڊاڪٽرن رياض جي ملٽري اسپتال کان وقت وٺي ڏنو، جتان محمد سلميان دل جو آپريشن ڪرائي آيو. هن ڪي ڳوٺ وڃڻ لاءِ موڪل ۽ ٽڪيٽ ونرائي ڏني، تہ هو پلي ڳوٺان ٿي اچي، ليڪن هو مون کي ائين چوندو رهو تہ آپريشن جا زخم ختم ٿيڻ کانپوءِ ڳوٺ موڪل تي ويندس. محمد سليمان مونکي اهو بہ ٻڌايو هُيو، تہ هن کي ڪڏهن ڪڏهن رات جو سمهڻ دوران، مٿي ۾ چڪر ايندا رهندا هئا، ليڪن ان جي ڪارڻ جي خبر ڪيس نہ هئي.

امڙ جي وفات کانپوءِ نازل ٿيندڙ مٿين غير معمولي واقعن مون تي ايترو تہ ذهني دٻاءُ وڌو، جو مون کي هڪ صبح جو اٿڻ سان ڏاڍا چڪر آيا ۽ بستري تي ڪِري پيس. جلدي اسپتال ڪٽائي وڃڻ کانپوءِ، ڊاڪٽرن رت جي دٻاءُ وڌي وڃڻ جو ڪارڻ بيان ڪيو ۽ اُن ڏينهن کان وٺي اڄ تائين، رت جي دٻاءُ جون گوريون کائيندو رهان ٿو. ڪجهہ مهينن کانپوءِ مونکي مسلسل مٿي ۽ ڪنڌ ۾ سخت سُور ٿيڻ لڳو، جنهن لاءِ مون کي اسپتال ۾ چار هفتا طبعي علاج (Physiotherapy) ڪرائڻو پيو جنهن جو پڻ اڃان تائين علاج هلندڙ آهي.

امڙ جي وڃڻ کانپوءِ دعائن جي در بند ٿي ويو ۽ رحمتن جو نزول گهٽجڻ لڳو ۽ حالات وقت گذرڻ سان تيزي ۾ بدلجڻ لڳا.

وِيا مورَ مَري، هَنجُ نہ رهيو هيڪڙو،
وَطن ٿيو وَري، ڪُوڙَنِ ڪانِئيَرَنِ جو.
(شاهہ)

ڪئناڊا ڏانهن هجرت
(Immigration to Canada)

KAMC ۾، ڪئناڊا ڏانهن هجرت ڪرڻ جو ڏاڍو چرچو هو، سو معلومات ڪرڻ تي خبر پئي تہ جدي ۾ ڪي ايجنٽ آهن، جيڪي ڪجهہ في جي عيوض ڪاغذ تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. مان هڪ دوست کان فارم جي، فوٽو ڪاپي هٿ ڪري، اُن جي خالي خانن ۾ گهربل معلومات ڀري ضروري ڪاغذن سان گڏ، لنڊن ۾ واقع ڪئناڊا جي سفارتخاني ڏانهن موڪلي ڏنا. پوليس رپورٽ لاءِ ڪين اِهو لکيم تہ حاصل ڪرڻ کان پوءِ موڪلي ڏيندم. هجرت جي ڪاغذن کي، بغير ايجنٽ جي مدد سان موڪلڻ

تي ڪافي دوستن اِها اڳ ڪٽي ڪئي، تہ اِهي ڪاغذ ضرور رديءَ جي ٽوڪريءَ حوالي ٿي ويندا پر اُن مالڪ جي مهرباني سان لنڊن مان ڪاغذ پهچڻ جي رسيد آئي، جنهن سان گڏ هدايت ڏني وئي تہ پوليس رپورٽ موڪلي ڏني وڃي. عام رواجي حالات ۾، اميگريشن عمل جي مرحلي ۾، هڪ ڪان ٻن سالن جو وقت لڳي وڃي ٿو پر مون کي انٽرويو خط اٺن مهينن اندر مليو، جو شايد منهنجي ذاتي سَوانحي ۽ تعليمي خاڪو (Professional Profile) ايترو معياري ۽ وزندار هو، جو هُنن وڏيڪ وقت وڃائڻ بدران مون کي تڪڙ ۾ هجرت جو اجازت نامون هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو.

انٽرويو رياض ۾ واقع ڪئناڊين سفارت خانو ۾ ڏيڻ لاءِ سيني ڪاغذن مع بئنڪ ڪاتي جي تازي تفصيل ڪني ڪري، تبوڪ مان بيگم ۽ عبدالله کي ساڻ ڪري، هوائي جهاز ذريعي رياض پهتاسين، جتان ڊاڪٽر شبير احمد ميمڻ ايئرپورٽ تان ڪٽي پنهنجي گهر آندو، جتي رات ٽِڪي، صبح جو سفارت خاني جو رُخ ڪيو. رياض جي ڊپلومينٽ اِنڪليو (Diploma Enclave) ۾ داخل ٿي، ڪئناڊا جي سفارت خاني ۾ پهتاسين. اسان کي اُن هال ۾ ويهاريو ويو، جتي ڪجهہ اميدوار ڪٽنب سميت انٽرويو جي انتظار ۾ اڳئي وينا هُئا.

ڪلاڪ اندر هڪ اڌڙوٽ عمر جي عورت، نمودار ٿي پرسان اچي آهستي منهنجو نالو ڪنيو، منهنجي هاڪار تي هُن پنهنجي پويان اچڻ جو چيو. اسان سيئي گهر جا فرد، هن جي پويان لڳاسين جو هوءَ هڪ ڊگهي وراندي مان ٿيندي، هڪ هال جي پاسي واري ننڍي ڪمري جو در کولي بيٺي ۽ اسان کي اندر ڪرسين تي ويهڻ لاءِ چيائين. ايترو تہ نرم مزاج، نرم لهجو (Soft Spoken) ۽ بااخلاق هُئي، جو ڪيتري بہ ساراهہ ڪجي، اوتري گهٽ ٿيندي.

منهنجو پورو فائيل ڏسي پهريون سوال اهو ڪيو، تہ توهان ڪئناڊا لاءِ هجرت ڪهڙي سببن ڪري ڪيو ٿا. مان ڪيس ٻڌايو تہ، ڪئناڊا هڪ عظيم ملڪ آهي، جنهن کي عالمگير بهترين رهائشي رتبي جي جائزي (Global quality of life ranking survey) مطابق، ڪئناڊا دنيا ۾ ڪيترن سالن کان، پهرين پنجن اعليٰ مرتبي واري ملڪن ۾ شامل آهي. هن ملڪ ۾ دنيا جي موجود بهترين بُنيادي ضرورتن ۽ بنيادي حقن جو تحفظ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ معياري تعليم ۽ صحت، هڪ بهتر مستقبل جي ضمانت ڏئي ٿي. هوءِ جواب ٻڌي ٺري پئي ۽ بغير ساهي پٽڻ جي وري ٻيو سوال ڪيائين، جنهن

۾ اسانجي عزيز و اقارب ۽ دوستن جو ڪئناڊا ۾ هجڻ بابت معلومات پڇيائين، جنهن تي اسان ڪيس ٻڌايو تہ ڪوئي بہ عزيز اُتي ڪونہ آهن، البت هڪ ٻہ دوست ضرور آهن. اِن ڪانپوءِ هُن ڪيترائي سوال ڪيا. آخر ۾ چوڻ لڳي، تہ مان توهان کي ويزا ڏيان ٿي، پر مونکي توهان جي ڪئناڊا رهڻ ۾ شڪ آهي. مان هُن کي پڪ ڏيڻ لاءِ ڪافي جملا ڪسيا، پر هوءَ پنهنجي قول تي قائم رهي. انٽرويو جي 45 منٽن جي وقت (دوران) ۾ هُن پوري معلومات ائين چڪي ڪڍي ورتي، جيئن پنجن ڏينهن کان پياسو پاڻي پيئندو هجي ۽ آخر ۾ اُن معلومات جي بنياد تي پنهنجي علم ۽ عقل مطابق نتيجو ٻڌايو،جيڪو سَوَ سيڪڙو سچو نڪتو، جنهن ڪري مان کيس سلام پيش ڪريان ٿو. هن هڪ مهينہ اندر ويزا ليٽر موڪلڻ جو واعدو ڪري ، انگريزي ۾ رواجي طور آخر ۾ Thank you چئي وجي در کوليو ۽ اسان ڪائنس موڪلائي سفارتخاني مان نڪري ٽيڪسي پڪڙي ۽ ڊاڪٽر شبير احمد جي گهر پهتاسين. نيشنلٽي ملڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي، شام جو بازار وڃي ڏاڍي خريداري ڪئي جو صبح تي هوائي رستي تبوڪ وڃڻو هيو.

دُبئي جو دورو

عبدالله خان کي دبئي گهمڻ جو اچي شوق چڙهيو، جو انٽرنيشنل اسڪول ۾ سندس ڪجهہ دوست تازو دُبئي گهمي آيا هُئا. تن اتان جي شاپنگ مال جي باري ۾ ڪافي تعريف ڪئي. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ پاڪستاني، سعودي عرب ۾ ملازمت ڪندڙن کي، جيڪڏهن سعودي عرب جي واپسي ويزا (Re-Entry Visa) لڳل آهي، تہ اُنهن کي دبئي ايئرپورٽ تي پهچڻ بعد، دبئي گهمڻ جي اجازت ملي وڃي ٿي. اِن آساني ڪري، دبئي گهمڻ لاءِ تيار ٿياسون ۽ دبئي ايئرپورٽ پهچي سَوَ ٽيهہ درهم ڏئي، ويهن ڏينهن جي ويزا پاسپورٽ تي لڳرائي، ٽيڪسي ذريعي وڃي هوٽل پيڙا ٿياسين. ڊاڪٽر عطاالله جو ڪو مائٽ، دبئي ۾ رهندو هو، تنهن صبح جو هوٽل تان پنهنجي گاڏي ۾ کڻي، سڄو شهر گهمايو ۽ شهر جي مختلف بازارن کان واقف ڪيو.

دبئي ۾ اسان کي مقامي عرب کي ايڪڙ ٻيڪڙ ڏسڻ ۾ آيا، ليڪن هندستاني اڪثريت ۾ ڪاروبار ۾ رُڌل پئي لڳا، باقي اسانجا پائر، بنگالي ۽ ڪجهہ فلپينو مزدوري ڪندي ڏسڻ ۾ آيا. هندوستاني ڪاروبار تي قابض

۽ اڪثريت ۾ هجڻ ڪري ائين پئي لڳو تہ ڄڻ، مقامي عربن جو گهڻو اعتماد اسان ڪان وڌيڪ اُنهن تي آهي. دبئي ۾ اليڪٽرونڪس جي دوڪانن تي سنڌي هندن جو گهڻو قبضو نظر آيو.

دبئي ايراني نار (Persian Gulf) جي ڏکڻ اوڀر واري ڪناري سان عربي اُپٻيٽ (Arabian Peninsula)تي واقع آهي، جنهن کي ستن عمارات (Emirates)ڪي ملائي، متحده عرب عمارات (United Arab Emirates UAE) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. انهن ستن عمارات (صوبن) مان زياده حڪمراني ابوذابي (Abu Dhabi) ۽ دُبئي Dubai جي آهي. دبئي جي اتر اوڀر ۾ شارجہ، ڏکڻ اوڀر ۾ عُمان جو ملڪ آهي ۽ اولهہ ۾ سعودي عرب سان سرحدون لڳن ٿيون. دبئي، ابو ذابي ڪان علاوهہ ٻيا پنج پرڳڻا، شارجا، فجيرا، راس الخيمان، اجمان ۽ اُم القُئين آهن. هنن ستن پرڳڻن، 1971ع دوران پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪري ان کي ’متحده عرب عمارات‘ جو بنياد وڌو. دبئي جي ڪل آدمشماري (2013) ايڪويهہ لک آهي، جيڪا 1960ع ۾ جڏهن اجان تيل ۽ واپار جي گهما گهمي شروع نہ ٿي هُئي، صرف چاليهہ هزار نفوس آباد هُئا. توهان اِهو ٻڌي حيران ٿي ويندا تہ ايڪيهہ لک جي آبادي مان صرف ساڍا ٽي لک (17%) اصلي مقامي عرب آهن، باقي سب خارجي ماڻهو آهن، جن ۾ 53% يعني، سَوا يارهن لک هندستاني ملازم، ٻہ لک اسي هزار (13.3 سيڪڙو) پاڪستاني ۽ باقي ٻيون قومون جهڙوڪ: 7.50 سيڪڙو بنگلاديشي، اڍائي سيڪڙو فلپينو وغيره آباد آهن.

دبئي جي ايراضي چار هزار هڪ سَوَ چوڏهن مربع ڪلوميٽر آهي، جنهن ۾ هالينڊ وانگر سمنڊ مان هٿ ڪيل زمين (Reclaimed Land) بہ شامل آهي. ملڪ اندر هڪ حد ڪان ٻئي حد تائين فاصلو 65 ڪلوميٽر ٿئي ٿو، جو ڪار ۾ هڪ ڪلاڪ جي سفر سان پورو ملڪ گهمي سگهجي ٿو. دُبئي تي المڪتوم قبيلي جي باني،راشد بن سعيد المڪتوم، 1833ع ڪان پنهنجي حڪمراني شروع ڪئي، جيڪا بادشاهي (Absolute Monarchy) طرز حڪومت تي هلائي وڃي ٿي. پرڳڻي ۾ اسلامي سزائون رائج آهن ۽ پنجانوي سيڪڙو مسجدون حڪومت جي سار سنڀال هيٺ هلن ٿيون. هن وقت جي حاڪم جو نالو محمد بن راشد المڪتوم ۽ نائب شزادو حمدان بن راشد المڪتوم آهي.

1970ع ڪانپوءِ، تيل جي حاصلات دبئي جي ترقي ۾ وڏي مدد ڪئي، جنهن ڪانپوءِ دبئي جي آمدني ۾ اضافو، سياحت، هوائي جهاز راني ۽ اندروني ٻيروني واپار جي ڪري ٿيو. دُبئي جو شهر وڏي بلندي وارين

عمارتن جي ڪري، دنيا ۾ هڪ علامت سمجهيو وڃي ٿو، جو هتي بہ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ ٽاور جن کي عربي ۾ برج چيو وڃي ٿو، هڪ بُرج خليفہ (Burj Khalifa) جيڪو، دنيا ۾ ڊگهي ۾ ڊگهو بُرج آهي، جنهن جي بلندي 2722 فوٽ آهي ۽ پنجن سالن جي اڏاوت ڪانپوءِ، 2010ع ۾ ٺهي راس ٿيو. هن برج ۾ 163 سطحي منزلون رهائش ، هوٽل ۽ 48 سطحي منزلون خدمات، واپاري دوڪان ۽ پارڪنگ لاءِ مخصوص آهن. 124 فلور تي سياحن لاءِ پوري شهر کي، پکي جي اک واري منظر وانگر ڏسڻ لاءِ هڪ سطح آهي. برج العرب (Burj Al Arab) (Observation Desk)، ٻئي نمبر تي بلندي واري عمارت آهي، جيڪا جُميرا ساموندي ڪناري پرسان هٽرادو بيٽ تي، 1999ع ۾ مڪمل ڪئي وئي، جنهن جي اوچائي، هڪ هزار فوٽ کان وڌيڪ آهي ۽ ٽوٽل 60 سطحي منزلون آهن، جن ۾ 202 ڪمرا آهن. هي هڪ ساموندي ٻيڙيءَ جي شڪل نما، هڪ پنج ستارن وارو هوٽل آهي، جيڪو ڪنهن طوفان ۾ ڦاسي ٻڏندو هجي، پر معمار پنهنجي ذهن ۾ هڪ ترندڙ ٻيڙي جو تصور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن هوٽل پرسان دبئيءَ جو مشهور واٽر پارڪ آهي، جنهن ۾ ٽي وسيع پاڻي جا تيراڪي تلاءُ آهن، جن ۾ مختلف طرفن کان سترهن آبي لاهيون موجود آهن، جن وسيلي تيراڪي، انهن لاهين ذريعي بلند اوچائين تان ترڪي اچي تلائن ۾ ڪرندا آهن ۽ پاڻيءَ ۾ وهنجڻ جو مزو ماڻيندا آهن.

دبئيءَ ۾ پنجويهہ کن وسيع ۽ عظيم مسجدون آهن، جن ۾ سڀ کان وڏي مسجد جُميريہ مسجد آهي ۽ هتي ويهارو کن خوبصورت چرچ پڻ موجود آهن. هتي هر مذهب کي هڪ جهڙو مان ڏنو وڃي ٿو.

دبئي چڙيا گهر ڏيڍ ايڪڙ زمين تي پکڙيل آهن، جنهن ۾ ڪيترائي جانور ۽ پکي، دنيا جي مختلف ملڪن مان آڻي رکيا ويا آهن. هن جي توسيع سان گڏ، دبئي ۾ ٻيا ڪيترائي وسيع باغ ٺاهيا ويا آهن، جن ۾ چڙيا گهر بہ شامل ڪيا ويا آهن. مثلا المُمزِر پارڪ، الصفا، دبئي ڊالفنيريم(Dubai Dolphinarium)، جُميرا اوپن بيچ پارڪ، مُشرف پارڪ، دبئي ڪِريڪ سائيڊ پارڪ وغيره، جيڪي سياحن جي دلچسپي جو هر وقت مرڪز بڻيل رهن ٿا.

بُرج خليفا جي پرسان ٽيهن ايڪڙن جي وسيع ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جا نچندڙ ڦوهارا (Dancing Dubai Fountains) آهن، جيڪي پنج سَوَ فٽن جي بلندي تائين، رنگ برنگ روشنيءَ ۾ پاڻيءَ کي آسمان ڏانهن اڇلائين ٿا. هي ڦوهارا عرب جي مشهور ڳائيندڙن جي ڳانن جي موسيقيءَ جي حوالي

سان رنگين روشنين ۾ پنهنجو ناچ ڏيکاري، ڏسندڙن جي دل هر روز وندرائيندا رهن ٿا.

دبئي ۾ سمنڊ اندر کجيءَ جي وڻ جهڙو هٽرادو پيٽ (Palm Island) ناهي، هزارين رهائشي گهر، هوٽل، شاپنگ مال، سياحن جي دلچسپي جا هنڌ، سياحن جي دل وندرائڻ لاءِ خوبصورت ساموندي ڪنارا، باغ ۽ آبي حيات گهر (Aquariums) وغيره آباد ڪري، دُبئي گهمڻ لاءِ، مقناطيسي ڪشش ذريعي دنيا جي سياحن جو من پيا ٿا موهن، جو لکن جي تعداد ۾ دبئي جي ديدار لاءِ اچيو دولت هارين.

دبئي وارا شيخ ساموندي زمين جي قبضي ڪرڻ ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري ويا آهن، جو پٿريلي مٽيءَ سان ٽانگهي سمنڊ جو پيٽ پري، سوَين پيٽ ناهي، زمين جي هِن قيمتي ڪاروبار ۾، ڪروڙين ڊالر پيا ڪمائين. دنيا ۾ اهڙي قسم جي ڪاروبار، دبئي ۾ وڏي اهميت حاصل ڪئي آهي، جو هِن پر ڳٽي ۾ زمين جي گهٽ هجڻ ڪري، گهرج وڌي وئي آهي هتي امن ۽ سڪون ايترو آهي، جو دنيا پر مان ڪيترن ئي ڪمپنين جا مکيه آفيسون دبئي ۾ نقل ٿيڻ لڳيون آهن.

دبئي فري پورٽ هجڻ ڪري، هتي خريد و فروخت جو ڪاروبار چوٽ چڙهيل آهي. دبئي جي مشهور مارڪيٽن ۾، ديرا ڪورڊ سُوڪ (عربي ۾ بازار کي سُوڪ چوندا آهن)، سون جي بازار، چٽپٽن مصالحن جي بازار، مينابازار، خوشبو ۽ عطر جي بازار، سوڪ البحر، سوڪ مدينته الجُميرا، خان مرجان ۽ ان کان علاوه، ٻيون ڪيتريون ئي بازارون ۽ وڏا مال موجود آهن. پر چوندا آهن تہ هجي ناٽو تہ گهم لاڙڪاڻو، وارو مثال سمجهہ کان ڪجهہ مٿاهون لڳي پيو. توهان کي مختلف معيار جون بازارون دبئي ۾ ملنديون، جو پنهنجي سرندي آهر خريداري ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي، نہ تہ وڏا مارڪيٽ اگهہ ۾ ڪجهہ مٿاهان هوندا آهن، جو انهن جو معيار بہ نسبتاً عمدو هوندو آهي.

دنيا ۾ ايراضيءَ جي لحاظ کان،’دُبئي مال‘ سڀ کان وڏو آهي، جيڪو ڪُل ٽي سوَ ايڪڙ زمين تي ڦهليل آهي، پر مال جي اڏاوت صرف 136 ايڪڙن تي ٿيل آهي. هي مال يا مارڪيٽ نہ، پر هڪڙو ننڍو شهر مثل آهي، جتي توهان کي هر سهولت، جهڙوڪ، 635 عدد مختلف دڪان، 250 روم لگزري هوٽل، 22 سئنيمائون، سون بازار، 120 کائڻ پيئڻ جا ريسٽورنٽ ۽ خوبصورت آبي حيات گهر، 14 هزار گاڏين جي پارڪنگ موجود آهي. هن مال ۾ 2012ع دوران، ساڍا پنج ڪروڙ ماڻهو خريد و فروخت ڪرڻ آيا، جيڪو

هڪ وڏو رڪارڊ آهي. دبئي ۾ 70 کان وڌيڪ وڏيون مارڪيٽون آهن جن ۾ ڪجهه سالن اندر ڏهوڻ جو اضافو ٿي ويندو آهي.

اسان به ’جئڪي اليڪرونڪس‘ جي دڪان تان، عبدالله لاءِ تازي آيل پلي اسٽيشن ون ۽ هڪ سوني ويڊيو ڪئميرا ورتي، جيڪي دڪان وارا هندوستاني سنڌي واڻيا هُئا، قيمتن ۾ چڙ چوٽ وارو ڪاروبار هُين، ليڪن وڏن اسٽورن ۽ مالن تي قيمتون مقرر ڪيل آهن. جن تي چڙ چوٽ وارو ڪاروبار بنهه ڪونه هلي. هتان جو سِڪو درهم آهي، جيڪو سعودي ريال کان ٿورو مهانگو آهي. هتي رهڻي ڪهڻي ۽ کاڌو پيتو، سعودي عرب کان ٿورو مهانگو لڳي رهيو آهي. دبئي ۾ ڪافي پبلڪ لائبريريون ۽ ميوزم آهن، جن ۾ دُبئي ميوزم وڏو مشهور آهي، جنهن ۾ دبئي جي قديم تاريخي واقعن ۽ مختلف لڙاين ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار رکيل ڏيکاريل آهن.

دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ دنيا جي مشغول ايئرپورٽن مان هڪ آهي، جنهن جي ساليانو مسافر سنڀالڻ جي گُنجائش اٺ ڪروڙ آهي. هن ايئرپورٽ جي عمارت هڪ جديد طرز جي فن معماري جو هڪ شاهڪار آهي. جنهن جي اندر هڪ ننڍڙو دبئي شهرآباد آهي. هن عمارت اندر وسيع ڊيوٽي فري شاپس، کائڻ پيئڻ جا ڪيترائي ريسٽورنٽ، ڪيترائي بزنيس سينٽر، گلن جا باغيچا، انٽرنيٽ ۽ راندين جي سهولت، وسيع مسجدون، جيم خانه، وهنجڻ لاءِ پاڻي جا تلاءُ (Swimming pool)، ٿي هوٽل ۽ ڪيترائي مسافرن جي سهولت لاءِ لائونج موجود آهن. ان کان علاوه ٻارن جي کيڏڻ لاءِ جاءِ، ٽي.وي هال وغيره شامل آهن. مطلب ته توهان جي هر ضرورت ويندي بوٽ پالش ۽ وارن جي سَيربَ تائين، ايئرپورٽ اندر پوري ٿي ويندي. هِن وقت دبئي جي حڪومت پنهنجي هوائي جهاز راني جي ڪاروبار کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ لاءِ ’جبل علي‘ جي علائقي ۾ هڪ نئون ايئرپورٽ ’المختوم انٽرنيسنل ايئرپورٽ‘ ٺهرائي رهي آهي، جيڪو 2017ع ۾ ٺهي راس ٿيندو، جنهن جي مسافر سنڀالڻ جي گنجائش، هن ايئرپورٽ کان ٻيڻي يعنيٰ سورهن ڪروڙ مسافرن لاءِ هوندي. ايئرپورٽن کي زير زمين ريل دبئي ميٽر، سان ملايو ويو آهي ته جيئن مسافرن کي سُواري ۾ وڌيڪ آساني مهيا ٿي سگهي.

هن وقت دنيا جي هر اُها ايئرلائين، جيڪا اوير کان اولهه يا اولهه کان اوير اچي ٿي اُن جو دبئي اسٽاپ اوور ضرور ٿيڻو آهي. جنهن حوالي سان، هر جهاز کي دبئي مان تيل کان علاوه ٻين سهولتن حاصل ڪرڻ جي موٽ

۾ هزارين ڊالر ڏيڻا پون ٿا. جيڪو حڪومت جي خزاني ۾ سڀ کان وڏي ڪمائي ليکي وڃي ٿي. هر سال ڪروڙين سياح دبئي جو منهن ڪن ٿا ۽ غير ملڪي ناڻو خرچ ڪري، دُبئي جي ڪاروبار ۾ وڌيڪ تيزي ۽ ترقي آڻين ٿا.

دُبئيءَ جي آمدنيءَ جو وڏو حصو، هوا بازي، واپاري ڪاروبار، سياحت، زمين جي رهائشي ۽ واپاري ڏيتي ليتي ۽ اڏاوت جهڙن ذريعن جي ڪمائي مان اچي ٿو. باقي تيل جي پيداوار، مٿين بيان ڪيل ڪاروباري عملن جي سرگرميءَ ۾ تحرڪ جي توانائي طور ڪم اچي ٿي ۽ تيل تي انحصاري ختم ڪري، گهڻ رُخي (Multidimensional) ڪاروبار کي ترقي ڏئي، دُبئي وارن، وڏي سوچ ۽ فڪر جو ڪم ڪيو آهي، جيڪو پاڙي وارن عرب ملڪن جي سربراهن کي، اڃان تائين سمجهه ۾ نه اچي سگهيو آهي. تيل تي دارومدار بابت، قطر ۽ ڪويت وارا اڃان تائين گهري ننڊ ۾ آهن، جو انهن اڃان تائين ڪي اهڙا اپاءُ ۽ قدم کنيا آهن، جو ملڪ جي ترقي ۽ بقاداري (Sustainability) کي تيل کان علاوه جي ڪمائي سان تقويت ڏني وڃي. ڪويت کي ڪاپاري ڌڪ لڳڻ کان پوءِ، به هوش نه آيو ۽ نه وري پاڙي وارن، اُن مان سبق سکيو، چوندا آهن ته ’ڌڪ هڻ ڌيءَ کي، ته ڪُني واري ڪَنُ ڪري‘، شايد هيءَ سنڌي چوڻي، اڃان عربن تائين ڪونه پهتي آهي. سعودي عرب تيل جي ڪمائي تي دارومدار گهٽ ڪرڻ جون ڏاڍيون ڪوششون پيو ڪري، پر اڃان تائين ڪو ڪڙ تيل ڪونه پيو نڪري. مان سمجهان ٿو ته مغربي ملڪ نه ٿا چاهين ته پيٽرول پيدا ڪندڙ، پڳڙي وارا پنهنجي پيرن تي بيهن. اهو ائين آهي جڻ سنڌ ۾ وڏيرڪي ذهنيت رکندڙ، ڪڏهن به نه چاهيندو ته، سنڌس هاري سڌري يا سندس ٻار سُٺي تعليم حاصل ڪري.

دبئي ۾ معياري تعليمي ادارا آهن، جن ۾ ’دُبئي برٽش اسڪول‘ جنهن ۾ پرائمري کان انٽرميڊيئيٽ، او (o) ۽ A ليول تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. هن اسڪول ۾ داخلا، هر سال سيپٽمبر مهيني ۾ ڪئي ويندي آهي. دبئي جي مختلف رياستن ۾، حڪومتي ۽ خانگي سَوَ کان وڌيڪ يونيورسٽيون ۽ ڪاليج آهن، جن ۾ متحده عرب عمارات يونيورسٽي، آمريڪن يونيورسٽي، SZABIST ڪاليج، پيٽروليم انسٽيٽيوٽ، زيد يونيورسٽي ۽ يونيورسٽي آف شارجه اعليٰ معيار وارن تعليمي ادارن ۾ شامل ٿين ٿيون.

متحد عرب امارات ۾ ڪاروبار ۽ نوڪري ڪرڻ جي حوالي سان، دنيا جي مختلف ملڪن مان لکين ماڻهو آباد آهن، جن ۾ اڪثريت ابوڌابي ۽

دبئي جي پرڳڻن ۾ آباد آهن. هجرت ڪرڻ وارن مان هندستاني اڪثريت ۾ آهن، جيڪي توهان کي دبئي جي هر ميدان ۾ مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار بيٺا نظر ايندا.

دبئي جا اصلي عرب پوري آباديءَ جو سترهن سيڪڙو ڪان به گهٽ هجڻ ڪري، توهان کي ورلي نظر ايندا، جو هُو گهڻو وقت مغربي ملڪن ۾ گذارين. دبئي ۾ نندي ڪنڌ جي ماڻهن کي، ائين پيو لڳندو ڄڻ هو پنهنجي وطن ۾ پيا رهن، جو اردو ڳالهائڻ وارن جي اڪثريت آهي ۽ توهان کي پنهنجي زبان کي ٽيڏو ڪري انگريزي يا عربي ڳالهائڻ جي ڪا خاص تڪليف ڪرڻي ڪونه پوندي ڇو ته جو هر ڪاروبار ۾ توهان کي پنهنجي علائقي جي ماڻهو سان ملاقات ضرور ڪرڻي پوندي.

دُبئي جي قوميت حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، ته توهان ويهن سالن کان آباد هجو ۽ ڪنهن قسم جي قانوني ڀڃڪڙي نه ڪئي هجي ۽ توهان کي عربي ٻولي تي عبور حاصل هجي، جنهن ڪانپوءِ توهان درخواست ڏيڻ جا اهل ٿي سگهو ٿا. اِها ساڳئي پاليسي سعودي قوميت وٺڻ لاءِ پڻ رائج آهي. دبئي جي آبادي جي اڪثريت، ٻاهرئين ملڪن کان آيل مهاجرن تي مشتمل آهي ۽ جيڪڏهن انهن سيني کي پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس ڪيو وڃي، ته پوءِ دُبئي هڪ خالي بيابان ۽ ويران نظر ايندو. تنهنڪري هتان خارجين جي واپسي انتهائي ناممڪن نظر اچي رهي آهي، جو هو پنهنجن وطن ڏانهن واپس به ڪيا وڃن، ته ملڪ جو ايترو نظام ڪير سنڀاليندو.

دُبئي ۾ ايشيائي ملڪن مان آيل مزدورن کي پگهار تمام گهٽ ملي ٿو ۽ ڪين دُبئي کان ٻاهر ريگستاني علائقن ۾ قائم ڪيل مزدورن جون رهائشيون (Labor Camps) آهن، جن ۾ انهن کي مختلف منصوبن تي، ڏينهن رات هلندڙ مزدوري جو سخت ڪم، جيڪو واري واري سان گروهن جي شڪل ۾ ڪرائي، ڪين سماج کان پري اڪيلائي واري رهائشن (Isolated Camps) تي منتقل ڪيو وڃي ٿو، جتي بنيادي سهولتون اڻپوريون ٻڌايون وڃن ٿيون، جن تي ڪن اولهه انساني حقن جي تنظيمن (Human Rights) گوڙ ڪيو آهي. پر انهن کي خاموش ڪرايو وڃي ٿو، جو چوندا آهن ته ’مدعي سُست ۽ گواهه چُست‘ وارو قصو آهي.

دُبئي جي ويران بيابان سحرا کي چاليهه سالن جي قليل وقت ۾ رنگ برنگي روشني جي شهرن، جديد فن تعمير، اعليٰ سهولتن سان مالا مال، پرڳڻي ۾ تبديل ڪرڻ، دُبئي جي شيخن جي اعليٰ ذهانت ۽ ناٽي سان گڏ اولهه منصوبه بندي ۽ ايشيائي ملڪن جي سخت محنت ۽ مزدوري شامل

آهي. مطلب تہ متحده عرب عمارات کي ناهڻ ۾، دنيا جي هر پرڳڻي جي ماڻهن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ حصو ضرور شامل آهي.

مالوٽ مشتاق احمد شر

ايروايشيا (Aero Asia) جهاز ذريعي بہ سَوَ پنجويهن درهم ۾ دبئي ڪراچي جي ٽڪيٽ وٺي ڪراچي پهتاسين، جتي سامان مان هڪ بئگ، جهاز سان گڏ ڪونہ آئي ۽ معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ ايئر لائين وارن جي چالاڪيءَ جي ڪري، ڪيترن ئي مسافرن جو هڪ هڪ بئگيج ائٽم، ڄاڻي واڻي جهاز ۾ نہ چاڙهيو ويو، جو جهاز ۾ وزن وڌي وڃڻ جو خطرو هُين.

ڪراچي ايئرپورٽ تي مالوٽ مشتاق احمد شر وٺڻ آيو هو ۽ پروگرام مطابق مون کي ڪار ذريعي ڳوٺ وڃڻو هُيو. ليڪن سامان نہ پهچڻ ڪري، رات جو ٽِڪڻو پيو. صبح جي وري ايئرپورٽ وڃي سامان لاءِ ايروايشيا جي آفيس مان پڇا ڪئي، جنهن تي انهن وري صبح اچڻ لاءِ چيو، جنهن تي اسان ناراض ٿي وياسين ۽ مشتاق احمد خان ڪين وڏي آواز ۾ چيو تہ، ’اهڙي قسم جا جهازن ڏارڻ کان، گڏهن تي سِرون ڍوئڻ جو ڪاروبار بهتر آهي‘تہ ايئرپورٽ تي سڀ ماڻهو اسان ڏانهن ڏسڻ لڳا ۽ ڪائونٽر وارو همراهہ چور دروازي کان ايئرپورٽ جي بلڊنگ اندر پٺي لڪي ويو. ڪيترائي ٻيا مسافر بہ پنهنجي پوئتي رهيل سامان لاءِ پريشان بيٺا هئا، جن کي ڪراچي کان ٻاهر وڃڻو هُيو. بهرحال چوندا آهن تہ ’مهانگائي روئي هڪ بار ۽ سستي روئي سَوَ بار‘ وانگر ايرو ايشيا وارن ڪراچي کان ٻاهر ويندڙ مسافرن کي بہ ڏينهن هرويرون ڪراچي ۾ ترسائڻ تي مجبور ڪيو.

اسان جو پيارو مالوٽ مشتاق احمد شر ولد حيدر بخش، نري ميرواهہ جي رسولپور ڳوٺ ۾ 1956ع ۾ پيدا ٿيو. نري هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ، روزگار جي تلاش ۾ ڪراچيءَ جا وڻ ڏٺا جتي سندس ياءُ مسٽر عبدالستار جي مدد سان ڪراچي جي سرڪاري بسن تي ڪنڊڪٽر طور ڪجهہ عرصو ڪم ڪيو، جتان مقامي تعصب ڪري نوڪري ڇڏي، لسبيلي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو، جنهن کانپوءِ اسٽيل مل ۾ نوڪري ورتي. اِنَ دوران هن محنت ڪري انٽر ۽ گريجوئيشن ڪري ورتي، جنهن کانپوءِ ڪراچي يونيورسٽي مان ادب ۾ ايم.اي.ڪئي. اِن دوران مختلف موضوعن تي اخبارن لاءِ مضمون لکندو رهيو. مشتاق

شر، جڏهن اسٽيل مل ۾ نوڪري ورتي، تہ هن ٻين صوبن جي ماڻهن کي وڏي تعداد ۾ ۽ مقامي ماڻهن کي اٽي ۾ لوڻ برابر نوڪريون ملڻ تي ڪيس احساس ٿيو تہ هي ادارو سنڌ ۾ هجڻ جي باوجود، مقامي ماڻهن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي، ان سلسلي ۾ مشتاق شر اسٽيل ملز جي انتظاميہ سان ڳالهيون ڪيون، جنهن ڪانپوءِ سنڌي ماڻهن کي نوڪرين ڏيڻ واري مطالبي تي انتظاميہ کي مڃڻ تي مجبور ڪيو. هن سنڌ جي سيني شهرن ۾ وڃي ماڻهن کي سجاڳي ڏني، جنهن ڪانپوءِ سوَين ماڻهن کي مل ۾ نوڪريون مليون. مسٽر مشتاق شر ذاتي ڪاوشن ڪري، سوَين مقامي ماڻهن کي مل ۾ ڀرتي ڪرائيندو رهيو. اسٽيل مل ۾ مقامي ماڻهن سان زيادتن جي حوالي سان، مشتاق شر انهن زيادتن خلاف آواز بلند ڪيو ۽ سنڌي ماڻهن جي حقن جي تحفظ لاءِ منظم انداز ۾ ’جيئي سنڌ پورهيت سنگت‘ قائم ڪئي.

مسٽر مشتاق احمد شر، جي.ايم.سيد جي فلسفي ۽ فڪر کان گهڻو متاثر هو. 1988ع ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ برپا ٿيل فسادن دوران، جڏهن ڪراچيءَ جي دهشتگردن، اسٽيل مل ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي يرغمال بڻائي مٿن تشدد ڪيو، تڏهن مشتاق شر انهن جي بازيابي لاءِ ڪراچي جي سنڌي وسندين مان سوَين ماڻهن کي ڪٺي ڪري رودن ۽ رستن تي آندو ۽ اغوا ڪندڙن جي حامين جي هڪ پريل بس کي اغوا ڪيو، جنهن ڪانپوءِ دهشتگردن سنڌي ماڻهن کي آزاد ڪري پنجي هليا ويا.

مسٽر مشتاق شر نہ صرف سنڌي ماڻهن کي اسٽيل مل ۾ ڀرتي ڪرايو، پر پورٽ قاسم ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن ۾ روزگار سان لڳايو. جڏهن پاڪ لينڊ سيمنٽ فيڪٽري مان سنڌي پورهيتن کي نوڪري مان خارج ڪيو ويو، تہ هن فيڪٽري کي تالا هڻائي، ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين نيشنل هاءِ وي کي بند رکيو، جنهن ڪانپوءِ انتظاميہ اچي معافي ورتي ۽ ڪڍيل ماڻهن کي ٻيهر بحال ڪيو. هن گلشن حديد، پپري ۽ ٻين لاڳاپيل علائقن ۾، سنڌي ماڻهن کي آباد ڪرايو. اهوئي سبب آهي جو ٿري تعلقي مان سوَين ماڻهو اچي اسٽيل مل ۽ ٻين ادارن ۾ روزگار سان لڳا.

مون کي ياد آهي، جڏهن مان ڪراچي ۾ گلشن حديد وارو بنگلو خريد ڪري رهيو هُيم، تہ بنگلي جي مالڪ، جيڪو صديقي صاحب هو، هن بنگلي جي قيمت پاڻ لڳائڻ بدران، مسٽر مشتاق کي چيو تہ بنگلي جي قيمت جيڪا توهان مقرر ڪندو، سا مونکي منظور هوندي، ڇو جو مسٽر مشتاق هڪ دلير، وفادار ۽ سچو انسان هو. هُن کي سنڌ واسين سان ڏاڍي

محبت هوندي هئي، جو هو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي به انهن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ پوئتي ڪونه هٽندو هو. مسٽر مشتاق شر کي اسٽيل مل ۾ آفيسر ڪري مقرر ڪيو ويو، تڏهن به هِن پورهيتن جي حقن جي جدوجهد کان ڪين ڪيٻايو. مان جڏهن به ڪراچي ايندو هئس ته عبدالستار جي گرين ٽائون واري گهر ۾ ترسندو هُئس جو اتي مشتاق شر به گڏ رهندو هو. مان جڏهن انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پوزيشن ڪئين ته مسٽر مشتاق جا ڏنل ڏهه روپيه انعام جا اڄان تائين ياد آهن، جن جو ذڪر مان اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. مسٽر مشتاق شر جو ننڍي عمر ۾ (2005ع) معدي جي ڪينسر ڪري انتقال ٿي سنڌ جي ماڻهن کي افسوس آهي، جو سنڌ ڏکن جو ساٿي هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. مشتاق پاڻ ۽ والدين کي حج ڪرايو.

مون کي آغا خان اسپتال جو اهو ڏينهن ياد آهي، جڏهن مرحوم مشتاق داخل هو ۽ ادا ظفر علي کي فالج جو حملو ٿيو هو. مالوٿ مشتاق ۽ ادا کي اهڙي حالت ۾، ٻنهي کي ڪُرسين تي ويٺل ڏسي، اکين مان ڳوڙها وهي پيا هئا. مسٽر مشتاق احمد پنهنجي دليري ۽ سچائيءَ جي سهاري، ڪراچي ۾ وڏو نالو ڪمايو، ايترو جو ڪراچي جا ڪروڙ پتي واپاري ۽ بلڊر پنهنجا فيصلا هن کان ڪرائيندا هُئا. اهڙا ماڻهو انهن ڏورانهن تارن جي روشني جيان آهن، جيڪا اسان وٽ پهچندي رهي ٿي، ساڳئي ريت اهڙا عظيم ماڻهو جيڪي اسان کان هن جهان مان موڪلائي هليا ويا آهن، سي پنهنجي سچائي ۽ شجاعت وسيلي، اسان جي ياداشت ۾ سندن يادون محفوظ آهن.

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ڏينهڙا ٿورا
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا
(شاهه)

ڳالهيون پيٽ ورن ۾

• تاريخ اسان جي ڏاڍي تابڪار آهي پر افسوس جو يارن جي ياداشت توڙي ڪمزور آهي. ٻئي مهاڀاري جنگ شروع ٿيڻ کان ٿورو اڳ، هڪ فوجي انگريز، ميراثين ڏانهن نياپو ڪٽي ويو ۽ ڳوٺ وارن کي گڏ ڪري چيائين ته اسان جي ملڪ يورپ ۾ هڪ فوجي وڏو حرامي ٿي پيو آهي، سو هر ڪنهن سان جنگ ڪرڻ ٿو چاهي. برطانيه جي راڻي مونکي توهان ڏانهن موڪليو آهي ته توهان جا نوجوان، فوج ۾ ڀرتي ٿين. ڳوٺ جي وڏيري اُن انگريز کي چيو ته تون وڃي راڻي کي اسان جو نياپو ڏئي،

تہ اگر جي اينترو وڏو مسئلو ٿي ويو آهي، جو اسان کي فوج ۾ ڀرتي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ پوءِ بهتر اهو ٿيندو تہ اُن حرامي جرنل سان نهراءُ ڪري ڇڏي.

• مان جڏهن انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو ۾ 1971ع ۾ داخلا ورتي تہ پهرين سال جي شروعاتي مهينن دوران، شڪارپور مان محمد صادق شر گڏ ڪلاس اٽينڊ ڪندو رهيو، ليڪن ڪجھ مهينن کان پوءِ هو غائب ٿي ويو ۽ وري نہ موٽيو. تڏهن اسان بہ نوان هوندا هئاسين، دنيا جي خبرن کان بي نياز پر ڪافي دير کان پوءِ خبر پئي تہ هو اڌ چريو ٿي پيو هو. شڪ ٿيو تہ متان شڪارپور جي شرن غيرت تان ڪيس ماري نہ ڇڏيو هجي (والله عالم). اسان بہ الائي ڇو اڌ ڀريل گلاس کي اڌ خالي گلاس چوڻ تي بضد هوندا آهيون. ائين مَتان نہ هجي، ٿي سگهي ٿو هو ويچارو بيمار ٿي پيو هجي يا وري غربت ڪري پڙهائي جاري نہ رکي سگهيو هجي.

• انگريزن جي دور ۾ ڪنهن ضلع جي انگريزي ڊپٽي ڪمشنر پنهنجي ذاتي تجربي ۽ مختلف قومن سان لاڳاپن وهنوارن ۽ ڪاروباري معاملن جي رد عمل ۾، مختلف قومن بابت پنهنجي ڊائري ۾ هيٺئن تجزيو ڪيو آهي. Placate Punjabi, Purchase Pathan, Suppress Sindhi and Honor Baloch، جنهن جو مطلب تہ پنجابين کان نرمي ۾ ٽڌا ٿي ڪم وٺو، پٺاڻن کي پئسن تي خريد ڪريو يا کين رشوت ڏيو، سنڌين کي دٻائي ڪم وٺو ۽ بلوچن کي عزت ڏيندا تہ سڌو ٿي هلندا. هي انگريز جو بہ سؤ سال پراڻو تجزيو آهي. جيڪو هن وقت بہ قابل اعتبار آهي.

• مسلمانن جي تاريخ ڪجھ اهڙا واقعا رقم ڪيا آهن، جو جيڪڏهن انهن کي ياد ٿو ڪجي تہ آليون اکيون ٿي وڃن ٿيون. چون ٿا تہ قائدي اعظم محمد علي جناح (1876-1948ع) جڏهن زيارت ۾ بيمار هو تہ اُتي فاطمہ جناح کانسواءِ ڪوئي ٻيو موجود نہ هيو ۽ جناح صاحب کي ڪراچي هوائي اڏي کان گهر آڻڻ لاءِ اهڙي ايمبولينس موڪلي وئي، جيڪا رستي ۾ خراب ٿي پئي ۽ فاطمہ جناح کي پنهنجي عليل ڀاءُ سان گڏ ٻن ڪلاڪن لاءِ، ٻئي ايمبولينس جي پهچڻ تائين روڊ تي انتظار ڪرڻو پيو ۽ هڪ مريض کي گهر پهچڻ تائين کين ڪيتري نہ تڪليف آئي هوندي. ملڪ جي پنجين وزيراعظم جناب حسين شهيد سهروردي (1892-1963ع) جي حڪومت کي سازش ۽ طاقت جي زور تي ختم ڪيو ويو ۽ جناب حسين شهيد سهروردي جو گهيرو اهڙو تنگ ڪيو ويو جو

هُن ڪي پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جا آخري ڏينهن ملڪ بدر ٿي لبنان ۾ وڃي گذارڻا پيا جتي بيروت جي هڪ هوٽل ۾ مئل مليو. گهڻن جو اندازو آهي تہ هُن کي ڪنهن زهر ڏئي ماريو هو. اسلامي دنيا جي ليڊر جناب ذوالفقار علي ڀٽو (79-1928ع) کي دُشمن جي آشيرواد تي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي، ڪيس ڦاهي جي تختيدار تي چاڙهيو ويو. پاڪستان جو پهريون وزيراعظم لياقت علي خان (1951-1895ع) کي پريل جلسي (1951) دوران گولين جو نشانو بڻايو ويو. قاتل افغاني پناڻ کي ٿڏي تي ماري، پوين سازشين کي لڪايو ويو. ساڳئي حالت وزيراعظم بينظير ڀٽو (2007-1953ع) سان ڪئي وئي، ليڪن اُن جي قاتلن کي نہ پڪڙيو ويو ۽ نہ وري ڪا انڪوائري ڪري ڪين گرفتار ڪيو ويو.

• اسلامي تاريخ جي شروعاتي دور تي نظر گهمائڻ سان معلوم ٿيندو تہ اسلام ۾ فتني جي شروعات خلفاءِ راشدين مان حضرت عثمان غني جي شهادت سان شروع ٿي، جتان پوري اُمت اسلاميا ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيا. حضرت عثمان جي قاتلن کي ڪا سزا نہ ملي، جنهن ڪري مسلمانن جي دلين ۾ بغض ۽ نفاق جنم ورتو جو اُمت اسلام وچ ۾ قائم اتحاد ڪمزور ٿي ٽولن ۽ فِرقن ۾ ورهائجڻ لڳو. هن پهرين فتني ڪانپوءِ حضرت علي رضہ جي شهادت (661 ھ) دين اسلام ۾، هي هڪ وڏي سازش هُئي، جنهن ۾ اُمت کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڪمزور ڪري ڇڏجي. بنو اُميہ جي دور حڪومت ۾، ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين رضہ جي يزيد لشڪر هٿان شهيد ٿيڻ، اُمت مسلمان کي ڪيترن ئي طبقن ۾ ورهائي ڪمزور ڪري ڇڏيو. هي انتها درجي جي سازش ڪئي وئي. اسان پنهنجي قائدين ۽ عظيم رهنمائن کي، دشمنن جي اشارن تي، هر دور ۾ قتل ڪندا رهيا آهيون، جنهن جو مثال ٻين قومن ۾ گهٽ ملندو.

• فاتح سنڌ، محمد بن قاسم الثقفي (715-695ع) اصل ۾ طائف شهر جو رهندڙ هو ۽ بنو اُميہَ سلطنت ۾ نوجوان فوجي سپهہ سالار هيو. خليفہ حجاج بن يوسف جي انتقال ڪانپوءِ، الوليد (پهريون) خليفي جي وفات ڪانپوءِ، جڏهن سُليمان ابن عبدالمالڪ خليفو ٿيو، تہ محمد قاسم کي قيد ڪرائي، هڪ روايت مطابق ڍڳن جي کل ۾ ويڙهي ڪيس دمشق ڪٽائي ويا جو هو رستي تي گذاري ويو. چچنامي مطابق هن کي اها سزا انلاءِ ڏني وئي هئي جو راجا ڏاهر جون نوجوان ڌيئر جڏهن خليفي ڏانهن موڪليون ويون،تہ اُتي انهن محمد بن قاسم کان سندن پيءُ جي وير وٺڻ لاءِ چيو تہ انهن جي بي حرمتي ڪئي وئي هُئي، جنهن تي ايتري ناراضگي ٿي ۽

شايد ڪجهه ٻيا بہ مسئلا هجن، ليڪن اهڙي سپهہ سالار کي ائين قتل ڪرڻ هڪ انتهائي شرم ۽ افسوس جي ڳالهہ آهي. طارق بن زياد (720-670ع) اسپين فتح ڪئي تہ ڪنهن ناراضگي سبب کيس گهرائي دمشق ۾ ويهاري ڇڏيو ويو. فاتح سپهہ سالار سان ڪنهن ذاتي رنجش ڪري، يورپ ۾ وڌندڙ مسلمانن جي فتوحات کي روڪي ڇڏيو ويو. طارق بن رياد جو انجام محمد بن قاسم کان وڌيڪ افسوسناڪ آهي جو هو عمر جي آخري حصي ۾ بغداد شهر جي گهٽين ۾ پنڌي مري ويو. عربن کي پنهنجي تاريخ جي عظيم جرنيلن سان ڪوئي دلچسپي نظر ڪونہ ٿي اچي.

- انگريزن جي بادشاهي نظام ۾ انهن ۾ اندروني خلفشار جي حوالي سان ڏسجي تہ انهن ۾ بہ ڪافي مونجهارا ۽ دشمنيون رهيون آهن. ايڊوارڊ (ٽيون) (1312-1377ع) جي پنجاهہ سال طويل عرصي تائين شهنشاهت جو دور (1327-1377ع) رهيو آهي. بادشاهہ هينري (ڇوٿون) (1471-1421ع) جنهن انگلينڊ تي پنهنجي جمڻ سان، اٺونجاهہ سال (1422-1471ع) پنهنجي بادشاهت هلائي، ليڪن هي مذهبي جنوني ٿي وڃڻ ڪري، 1461ع دوران هن کي تخت تان سندس سؤٽ ايڊوارڊ (ڇوٿون) لاٿو. پر وري تخت نشين ٿيو، ليڪن آخر ۾ سندس سؤٽ سازشون ڪري کيس لندن ٽاور ۾ انوقت ماريو، جنهن وقت هو پنهنجي عبادت ۾ مشغول هو.
- ايڊوارڊ (پنجون) (1470-1483ع). جي ايڊوارڊ چوٿون جو پٽ هو، جنهن هينري پنجين کي تخت تان لاهي ماريو هو. هن جي عمر 13 سال هئي، جڏهن پيءُ جي مرڻ ڪانپوءِ تخت تي وينو. مشڪل سان هڪ مهينو تخت تي ويهڻ سان، سندس چاچي رچارڊ (ٽيون)، جيڪو گلو سيسٽر جو گورنر هو، هن کي سندس ڏهہ سال ننڍي ڀاءُ سان گڏ، لندن ٽاور جيل ۾ وجهرائي ڇڏيو، جتان هو ٻئي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا. انهن کي جيل ۾ مارائي رچارڊ (ٽيون) (1452-1485) پاڻ تخت تي قبضو ڪري وينو، جيڪو پنجن سالن اندر هڪ جنگ ۾ مارجي ويو. ليڊي جين گري (1537-1553) صرف نون ڏينهن لاءِ تخت تي ويني. هن نوجوان راڻي کي مڙس سوڌو لندن ٽاور ۾ ڪنهن سازش تحت سِر قلم ڪيو ويو. هن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. راڻي اِلزبيٿ (پهرين) (1533-1603ع) انگلينڊ تي پنجيتاليهہ سال، 1558 کان 1603ع تائين حڪومت ڪئي. هن راڻي پوري زندگي شادي نہ ڪئي ۽ ٽيوڊورڪٽنب جي سلطنت جي آخري بادشاهہ ٿي گذري ۽ پويان بادشاهي لاءِ ڪوئي وارث ڪونہ پيدا ڪيو.

راڻي اين (Anne،1665-1714) ٻارهن سال، 1702 کان 1714ع تائين تخت تي ويني. هن تخت جي وارثي لاءِ ارڙهن ٻار پيدا ڪيا، ليڪن قدر الاهي جو

سڀ جا سڀ ننڍڙي عمر ۾ مرندا رهيا ۽ آخر ۾ تخت تي جارج ٽهريون تخت نشين ٿيو.
جارج ٽيون (1738-1820ع) سٺ سال جي ڊگهي عرصي 1760 کان 1820ع تائين شنهشاهت ڪئي. هي قابليت جي لحاظ کان پورو سارو انسان هو. هن کي پندرهن ٻار ڄاوا ۽ 1811ع ڌارين هن کي دماغي ڪمزوري ڪري، سندس وڏي پٽ کي ملڪ جا امور ڏسڻ لاءِ ولي عهد ڪري رکيو ويو.
راڻي وڪٽوريا (1819-1901ع)، برطانيہ جي ڊگهي ۾ ڊگهي عرصي، يعنيٰ چوهٺ سال، 1837 کان 1901ع تائين تخت تي ويٺي. هو پنهنجي نوجواني، جڏهن اڃان ارڙهن سال جي هئي، جو تخت تي ويٺي ۽ دنيا جي وسيع سلطنت جي راڻي ٿي گذري آهي. هن کي هندوستان جي راڻي هجڻ جو مرتبو مليو، جو هن جي دور حڪومت ۾ انگريزي فوجن اڇي هندوستان تي قبضو ڪيو هو. هن کي نوَ ٻار ٿيا. راڻي وڪٽوريا جي وفات کانپوءِ سندس وڏي پٽ، ايڊوارڊ (ڇهون) (1841-1910ع) کي تخت تي ويهاريو ويو، جنهن نوَ سال 1901 کان 1910 تائين بادشاهي جو تخت ماڻيو.
ايڊوارڊ (اٺون) (1894-1972ع) کي جڏهن 1936ع ۾ تخت تي ويهاريو ويو، تہ ڪجھ مهينن کانپوءِ، هن هڪ آمريڪي بہ دفعا طلاقيافتہ، عورت مسز وَيلِس سِمپسن سان عشق ۾ ايترو مهو ٿي ويو، جو هن عشق جي سچائي ۾ بادشاهي قربان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهڙو عهدنامو هڪ ڪاغذ تي پنهنجي ڀائرن روبرو لکي ڏنو ۽ انجو اعلان پوري سلطنت کي ريڊيو تي تقرير ڪري ٻڌايو تہ مان عشق تان پنهنجي پوري سطلنت قربان ڪريان ٿو. هِن جوڙي پوئين زندگي پئرس ۾ گذاري ۽ 1972ع ۾ انتقال ڪري ويو. ڪيس اولاد ڪونہ ٿي. هن جي سلطنت ڇڏڻ تي، ملڪ جون واڳون سندس ڀاءُ جارج (ڇهين) (1895-1952ع) جي حوالي ڪيون ويون، جيڪو سخت هٻڪي هٻڪي ڳالهائيندو (Stammer) هيو، جو سندس ڳالھ ڪنهن کي بہ سمجھ ۾ ڪونہ ايندي هئي. بالآخر اِن هڪڙائپ تي سوپاري ٿيڻ لاءِ سندس زال وڏي محنت ڪئي، جو هو ڳالهائڻ لائق ٿيو ۽ بادشاهي جي تخت تي ويهڻ لاءِ قابل ٿيو. هن موضوع تي هڪ انگريزي فلم The King's Speech جي نالي سان تيار ڪئي وئي آهي، جيڪا ڏسڻ وٽان آهي.
جارج ڇهون ٻئي مهاياري جنگ جي ڏکئي امتحان ۾ ڪاميابي ماڻي ۽ 1947ع کان اڳ هندوستان سميت هي آخري بادشاه هيو، جنهن کانپوءِ جارج چوئين جي ٻن ڌيئرن مان وڏي ڌيءَ اِلزبيت (ٻئي) جيڪا 1926ع ۾ پيدا ٿي، تنهن کي سندس پيءُ جي مرڻ کانپو، 1952ع ۾ برطانيہ جي راڻي

ٻڌايو ويو، جيڪا اڃان تائين هلندي اچي ٿي. هن وقت هن جي عمر 90 سال ٿي چڪي آهي ۽ سندس دور حڪومت ڪي دنيا جي ڊگهي ۾ ڊگهو عرصو ٿيھڻ سالن جو اِن تخت تي گذريو آهي. هن ڪان پوءِ جيڪڏهن وفات پائي ٿي يا تخت تان هٽ ڪٽي ٿي، تہ سندس وڏو پٽ شهزادو چارليس، (ڄمڻ، 14 نومبر 1948ع) تخت جو مالڪ ٿيندو، جنهن ڪانپوءِ سندس پٽ شهزادو وليم جو وارو ايندو.

• هندوستان تي مغل سلطنت تقريباً، 331 سال (1526 ڪان 1857ع) هلي، جنهن جي شروعات بابر (1526-1530ع)، جيڪو ٿيمور ۽ منگول سلطنت جي باني چنگيز خان جي آڪهہ مان هيو. مغلن جي بابر، همايون، اڪبر، جهانگير، شاهجهان ۽ اورنگزيب بادشاهن جي دور حڪومت ۾ هندوستان وڏي ترقي ڪئي. اونگزيب بادشاهہ پنهنجي پيءُ شاهجهان (58-1627ع) کي تخت تان لاهي جيل ۾ وجهي حڪومت ڪئي ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ دارا شڪوه کي مارائي ڇڏيو، تہ متان بادشاهي اُن کي ملي. مغلن جي دور ۾ هندوستان ۾ اڏاوت جي فن کي وڏي تقويت ملي، جو اڄ تائين تاج محل، شاليمار باغ، ڳاڙهو قلعو، جامع مسجد جهڙيون عمارتون سياحن لاءِ شوق سان ڏسڻ جو مرڪز بڻيل آهن. مغل شهنشاهت جو آخري بادشاهہ، بهادر شاهہ ظفر (1837 ڪان 1857ع) کي انگريزن، 1857 واري انگريزن خلاف مهم دوران، قيد ڪري، رنگون شهر ملڪ بدر ڪري موڪليو ۽ اُتي ئي انتقال ڪيائين.

مغلن ۾ بہ ميرن وانگر اندروني مخالفت ۽ سازشن ڪري پاڻ ۾ وڙهندا رهيا، جو دشمن قوتن انهن جي ڪمزورين مان فائدو وٺندي حاوي ٿي ويا. مسلمانن پنهنجي صفن ۾ اتحاد کي اهميت نہ ڏني، پيچيده ذهن ۽ سازشن جو شڪار ٿي پنهنجن عضون کي ڪٽيندا آيا ۽ بالآخر ڪمزو ٿيندا رهيا. 1540ع ۾ شير شاهہ سوري (1472-1545ع) سازشن تحت همايون (1508-1556ع) جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ۽ همايون 1955ع ۾ سُوري قبيلي کي شڪست ڏني. جنهن مان اهو ثابت ٿيو تہ بہ مسلم قومون پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ قتل عام ۾ مشغول هيون. مغل دور ۾ 1719ع هڪ اهڙو سال بہ آيو، جنهن دوران چار بادشاهہ تخت تي وينا ۽ لٿا، جنهن مان هنن جي اندروني وڳوڙ جو اظهار ٿئي ٿو. عثمانيہ دور واري جانسارن وانگر، 1719ع دوران، مغل سلطنت جي ملٽري طاقت بن سيد ڀائرن، حسن ۽ حُسين بُرها جي هٿن ۾ اورنگزيب جي وفات ڪانپوءِ اچڻ

لڳي، جو هو حڪمراني ۾ شريڪ ٿيڻ لڳا. هڪڙن کي تاج پارائي وري بين کي پارائڻ ۾ مشغول هوندا هئا. چاچن پائٽن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ناس ڪري ڇڏيو. بالآخر محمد شاھ (1719-1947ع) هنن ٻنهين پائرن کي پنهنجي باهمت وزير نظام الملڪ جي مدد سان دهلي ۾ مارائي ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ مغل ڪٽنب ۾ پائيچارو ۽ امن آيو.

• دنيا ۾ هڪ عظيم ۽ وسيع اسلامي عثمانيه سلطنت کي پهرين جنگ عظيم کان پوءِ، انگريزن جي دوکيبازي ۽ تخريبڪاري ڪري، لارنس آف عربيبيا، ڪيترا نہ ڪوڙا وعدا ڪيا. عرب سردارن سان ۽ اُنهن کي لالچائي ۽ ڪوڙ ٻڌي، هڪ اسلامي قُوَت کي مسلمانن جي هٿان تباھ و برباد ڪيو ويو. آخر ۾ اتحادين، عربن جي وچ ۾ اسرائيل قائم ڪري سندن پيٽ ۾ ڪاتي هٽي، هميشھ لاءِ اپاهج ڪري ڇڏيو ۽ قدرت الاهي جو لارنس آخر ۾ گمنام موت مري ويو.

• انگريز حڪومت دوران، 1848ع ۾ بمبئي جي گورنر، سر جارج ڪلارڪ (1800-1889ع) سنڌ ۾ سنڌي ٻولي کي ميجتا ڏني ۽ سيني سرڪاري آفيسرن کي سنڌي سکڻ لاءِ مجبور ڪيو. مئي 29، 1884ع تي انگريز ڪمشنر سنڌ بارٽل فريئر (1815-1884ع) وفات ڪئي. هن 1851ع ۾ هڪ فرمان ذريعي، سنڌي ٻولي کي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي ٻڻايو ۽ حڪمنامو جاري ڪيو، تہ هر اُها درخواست صرف سنڌي ۾ لکيل هوندي، سائي قبول ڪئي ويندي. هن کان اڳ ۾ سنڌ صوبي اندر فارسي ٻولي سرڪاري زبان طور استعمال هيٺ هوندي هُئي. هن 1853ع ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙي جنهن سنڌي الف.ب، فارسي ۽ عربي ٻولي جي مدد سان جوڙي تيار ڪئي ۽ ڪيترائي سنڌي ڪتاب ڇپرائي، سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ترقي وٺرائي. سر بارٽل فريئر جي خدمات کي برٽس حڪومت طرفان ميجتا جي حوالي سان، سندس بوتو لنڊن شهر ۾ ٿيمس ندي جي ڪناري بيهاريو ويو آهي. پر افسوس جو اڪثريت سنڌي سندس نالي کان ناشناس آهن.

• تڪبر ۽ غرور کي الله تعاليٰ ناپسند فرمايو آهي، جنهن جا مثال پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ اسان لاءِ سبق حاصل ڪرڻ لاءِ فرمايا آهن. سڀ کان پهريون تڪبر شيطان جو آهي، جنهن حڪم الاهي جي نافرماني ڪندي، حضرت آدم کي سجدي کان انڪار ڪيو، جو ڏينهن قيامت تائين لانتي ٿي ويو.

• انسان هن دنيا ۾ مال ملڪيت جي گهڻائي ۽ حڪومتي طاقت ملڻ ڪري، تڪبر ۾ پئجي وڃي ٿو مثال فرعون جو جيڪو پاڻ کي، رب جي مقابلي ۾ سمجهڻ لڳو، جو قدرت الاهي جو سندس طاقت ۽ غرور کي، اُن قبيلي جي هڪ فرد جنهن کي هو ختم ڪرڻ چاهي پيو، تنهن الله جي مدد سان کيس نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو، جو کيس اُها ملڪيت ۽ دولت سندس ڪنهن ڪم نہ آئي.

ان ڪانپوءِ ڪارون ۽ نمردو جا کهڙا حال ٿيا. ڪيتري نہ وڏي طاقت، ملڪيت ۽ حڪومت قائم ڪري رکي هُئي، ليڪن الله تعالىٰ جي مرضي ۾ حڪم اڳيان ڪابہ شيءِ نہ بچي، نہ ڪا شي سندن مددگار ثابت ٿي.

• محمد رضا شاهہ پهلوي (1919-1980ع)، ايران جو شاهہ، جنهن پاڻ کي ”شهنشاهت“ جو رتبو ڏنو، تنهن تيل سان مالا مال ملڪ تي، 1941 کان 1979ع تائين، پورا 38 سال حڪومت ڪئي. ٻئي مهاڀاري جنگ دوران، جڏهن هن جو پيءُ رضا شاهہ پهلوي (1878-1944ع) ايران جو بادشاهہ (1941-1923ع) هيو تہ برطانيہ ۽ رَشين فوجن ايران تي انڪري حملو ڪيو ۽ بعد ۾ ايران تي قابض ٿيا، جو هُن جرمن جي هٽلر سان معاهدو ڪيو، جنهن ۾ جنگ دوران، سندس (ايران) زمين ۽ هوائي رستي ذريعي، اتحادي فوجن کي جنگي سامان آڻڻ جي ممانعت ڪيل هُئي. برطانيہ ۽ آمريڪا جي ايجنسين، رضا شاهہ کي، 1941ع ۾ زبردستي تخت تان لاهي، سندس پٽ محمد رضا شاهہ کي تخت تي ويهاريو. آمريڪن، رضا شاهہ کي بَريطانيا کڻي ويا، جتان کيس ڊربن نيو ويو، جتان هن کي جهانسبرگ سائوٿ آفريڪا ۾ قيد ڪري رکيو ويو جتي هو جلدي 1944ع ۾ دل جي بيماري وگهي گذاري ويو. مرڻ ڪانپوءِ سندس لاش مصر جي قاهرا شهر ۾ الرفائي مسجد پرسان دفنايو ويو. 1950ع ۾ سندس جسم کي ايران آندو ويو، جيڪو تهران پرسان رَي (Ray) ڳوٺ ۾ سندس لاءِ مقبرو ٺاهي، ان ۾ دفن ڪيو ويو، ليڪن، 1979ع واري، امام خُميني جي انقلاب کان ٿورو اڳ، سندس پٽ، محمد رضا شاهہ جڏهن ڏٺو تہ هاڻي هن جي شهنشاهت خطري ۾ آهي تہ هِن کي وري ساڳئي جاءِ مصر جي قاهرا واري الرِفائي مسجد پرسان وڃي دفنايو ۽ پاڻ بادشاهن جو بادشاهہ يعنيٰ شهنشاهہ محمد رضا پهلوي، امام خميني جي خوف کان، ملڪ ڇڏي وڃي مصر جي اصوان شهر لِڪو، جتان مورروڪو ويو. موروڪو مان بهاماس ۽ اتان ميڪسيڪو

وڃي رهيو، جتي سخت بيمار هجڻ ڪري، آمريڪي صدرجمي ڪارٽر نہ اجازت ڏيندي، هُن کي نيويارڪ جي اسپتال ۾، گمنام ڊيوڊ جي نالي تي علاج ڪرايو، جو ايراني حڪومت هِن کي واپس گهرائڻ چاهي پئي. ايران، دشمني ۾ آمريڪي سفارتڪار، انٽيليجنس آفيسر يرغمال ڪيا، جنهن ڪانپوءِ شاهہ کي آمريڪا مان ڪڍيو ويو، جتان هو پناما وڃي نڪتو. شاهہ جو ٻڌي پناما جي عوام هِن کي هُتان نڪري وڃڻ لاءِ هنگاما ڪيا. بالآخر مصر جي صدر انور صادات 1980ع ۾ ڪيس مصر ۾ رهڻ جي اجازت ڏني، جتي هُو پوءِ جلدي انتقال ڪري ويو. شاہ پنهنجي تاج بچائڻ لاءِ سَوَاڪ (SAVAK) سڪيورٽي فورس ناهي، جيڪا آمريڪي انٽيليجنس سان گڏ ڪم ڪندي هئي. شاهہ پنهنجي حڪمراني هڪ ڊڪٽيٽر وانگر هلائي. ملڪ ۾ تيل مان تيندڙ اپت ذاتي خرچ ۽ ٻاهرن ملڪن ۾ وڏيون هوٽلون ۽ ڪِلَبُون خريد ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيل هيون. ايران ۾ غريب ۽ وچولي طبقي جي عوام مهانگائي ۽ رشوت ستاني جي چڪيءَ ۾ مسلسل پيسبا رهيا. شاهہ پنهنجي محل جي سينگار لاءِ اُن ماهر کي گهرائيندو هيو، جيڪو وائيٽ هائوس کي سنڀاليندو هو. هر جشن تي ڪروڙين ڊالر خرچ ڪيا وڃڻ لڳا، بالآخر عوام ڏنو تہ غريب وقت سان پوئتي تيندو وڃي ٿو، جنهن ڪانپوءِ انقلاب جون راهون هموار ٿيون. هن مان سبق اهو حاصل آهي تہ اهڙي حڪمراني ۽ ملڪيت ڪهڙي ڪم جي، جو انسان کي مرڻ جي جاءِ بہ نہ ملي ۽ اُهي دوست جن جي چوڻ تي سڄي عمر غلط عمل ڪيا، سي ڏکي وقت بہ ڪم نہ آيا. اسلامي ملڪ جو اٿميو سرمايو ساڙيو ويو، ليڪن پنهنجن غريبن کي خوراڪ ۽ گهر نہ مليو ۽ الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتن مان دشمن سنوارجي ويا.

• پاڪستان جو ٽيون گورنر جنرل، مسٽر غلام محمد ملڪ (1956-1895ع) هڪ اقتصاديات جو گريجوئيٽ، پاڪستان سول سرونٽ لاهور شهر جو پناڻ هو ۽ اڳ ۾ انڊين ريلوي سروس ۾ آڊيٽر هو. ورهاست ڪانپوءِ (1951ع) وزيراعظم خواجہ ناظم الدين هن کي گورنر جنرل ڪري مقرر ڪيو. 1953ع ۾ هن خواجہ ناظم الدين جي حڪومت کي برطرف ڪري ڇڏيو ۽ محمد علي بوگرا پارليامينٽري طريقي سان، جڏهن گورنر جنرل (غلام محمد) جا پاور گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ غلام محمد منتخب اسيمبلي کي ٽوڙي ڇڏيو. ٿورن مهينن اندر هن کي فالج جو اثر ٿيو جو هو ڪرسي تي مشڪل سان ويهي سگهندو هيو ۽ سندس

دماغي حالت پيچيده ٿي جو ڳالهہ ٻولهہ سمجهہ کان ٻاهر ٿي وئي. هن جو علاج هڪ چارٽرڊ هوائي جهاز ذريعي سئزرلينڊ ملن ڪرايو ويو، ليڪن ڪوئي فائدو ڪونہ پيو. واپسي تي پنهنجي اشارن تي ڳالهہ سمجهائڻ لاءِ، اتان هڪ ڇوڪري مِس رُٿ بورل ۽ اُنجي ماءُ گڏ آئي، جيڪا هن جي واتان نڪرندڙ آوازن کي سمجهي، انهن جي ترجماني ڪندي هُئي. اهڙي بيماري جي سٽيل انسان کان، مُلڪ جا معاملات هلايا ويا، جن جي دماغ تي فالج جو مڪمل حملو ٿيل هيو ۽ ڳالهائڻ کان عاجز هئو. هڪ ماڻهو جيڪو هلي ڪونہ ٿو سگهي، ڳالهائي ڪونہ ٿو سگهي، لکي پڙهڻ کان بي نياز هيو، ليڪن غير ملڪي خاتون جي توسط سان ملڪي معاملات کهڙي مصلحت تحت هلائي رهيو هو.

• هي سوال، مان تاريخ جي شاگردن لاءِ وڏيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڇڏيان ٿو، ليڪن مان چاهيان ٿو تہ ٿوري روشني وجهجي، تہ جيئن عام پڙهندڙ بہ ان ڳالهہ جو منطق سمجهين. مان سمجهانتو تہ هي سڄو ڊرامو ان وقت جي سياستدانن جي نااهلي ڪري، جنرل اسڪندر مرزا ۽ فوجي ڪمانڊر ايوب خان جو ڪو سٽيل سانٽ پئي ڳڍو، جو هو ٻئي هُن کي اُن وقت تائين رکڻ چاهيو پئي، جيستائين حالات سندن فائدي ۾ اچڻ جي اُميد هئي. غلام محمد سخت علالت ڪري ڪجهہ هفتا موڪل ورتي. ايڪٽنگ گورنر جنرل اسڪندر مرزا ٿيو، جنهن چارج وٺڻ سان، غلام محمد کي نوڪري مان فارغ ڪري پاڻ پڪو ٿي ويهي رهيو. غلام محمد ڪجهہ مهينن کانپوءِ انتقال ڪري ويو. اسان جي ملڪ جي اوائلي تاريخ تي نظر وجهڻ سان، ائين محسوس ٿيندو، ڄڻ پاڪستان ڪنهن جي ذاتي جاگير هئي. سُتت ئي اسڪندر مرزا (1899-1969) ملڪ جو پهريون صدر پاڻ کي چونڊائي ڇڏيو. ملڪ ۾ صدارتي نظام، 1956ع واري آئين ۾ شامل ڪري لاڳو ڪيو ويو. اسڪندر مرزا 1956ع کان 1958ع تائين صدر رهيو، ليڪن سندس چونڊيل ڪمانڊر، هن جو تختو اُلٽايو، جنهن کانپوءِ محمد ايوب خان کان 1958ع تائين ملڪ جو صدر رهيو. غلام محمد جو علاج چارٽرڊ هوائي جهاز اُن وقت، ڪرائي تي ڪري سئزرلينڊ مان علاج ڪرايو ويو ۽ قائدي اعظم کي مرڻ واري ڏينهن جيڪا ايمبولنس ڪراچي ايئرپورٽ کان سندس گهر کڻڻ آئي هُئي، اُها اڌ رستي تي خراب ٿي پئي ۽ ٻئي گاڏي ٻن ڪلاڪن کانپوءِ آئي، جنهن بستري تي پيل-عليل قائدي اعظم ۽ فاطمہ جناح کي گهر رسايو ۽ ساڳئي رات، 11 سيپٽمبر 1948ع

تي قائدي اعظم جو انتقال ٿيو. قائدي اعظم جي انتقال کان ڪجهه سال پوءِ، راولپنڊي ۾ جلسي دوران پاڪستان جي پهرين وزيراعظم، لياقت علي خان کي هڪ افغاني پناڻ ڪيس گوليون هڻي شهيد ڪيو. ڪا اِنڪوائري نہ ڪئي وئي، تہ اِن شهادت جي پويان، ڪنهن جا هٿ هُئا، اُن افغاني کي ڪنهن تہ اِن جلسي ۾ اهڙي وڏي ڪاروائي ڪرڻ لاءِ اُڪسايو يا لالچ ڏني هوندي. اسان جي انهن رَوين کي گولڻ ۾ ڪامياب ٿياسين، تہ پوءِ ڀٽو صاحب جي عدالتي قتل، بينظير ڀٽو جي قاتلن ۽ مير مرتضيٰ، شاهنواز ۽ بهاولپور ۾ ٽيندڙ C-130 جهاز جو ڦاٽي ڪِرڻ، سڀ جا سڀ پنهنجو پاڻ ملي ويندي.

• راولپنڊي ۾، جنهن باغ ۾ لياقت علي خان کي شهيد ڪيو ويو، انجو نالو لياقت باغ رکيو ويو ۽ هي اُهو ساڳيوئي باغ آهي، جنهن ۾ بينظير ڀٽو کي ڪِرائي جي قاتلن پسٽل سان فائر ڪري 2007ع ۾ مٽي ۾ گوليون هڻي شهيد ڪيو. جنرل اسڪندر مرزا، مير جعفر خان بنگالي جو پٽ هو ۽ سندس پيءُ کي ايسٽ انڊيا ڪمپني طرفان بهادر جو لقب مليل هو. جنرل اسڪندر مرزا لياقت علي خان جي دور ۾ ملڪ جو وزير دفاع هو ۽ جڏهن ايوب مارشل لا لڳائي تہ ٻن هفتن اندر جنرل اسڪندر مرزا، صدر پاڪستان کي معطل ڪري ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ هو ملڪ بدر ٿي لنڊن ۾ وڃي رهيو، جتي هن پنهنجي پوئين زندگي هوٽل هلائيندي گذاري ۽ اتي ئي انتقال ڪري ويو. جنرل يحيٰ هن جي لاش کي پاڪستان نہ اچڻ ڏنو، جنهن ڪانپوءِ شاهہ ايران پنهنجو ذاتي جهاز موڪلي، سندس لاش ايران جي تهران ۾ ڪٿي دفنائي ڇڏي. هي حال آهي اسان جي پهرين صدر پاڪستان جو، سندس دفن وقت سندس عزيزن کي پاڪستان مان ايران وڃڻ جي اجازت نہ ڏني وئي، جو وڃي سندس آخري ديدار ڪن. چون ٿا تہ ايراني انقلاب کانپوءِ، سندس قبر کي مسمار ڪيو ويو آهي. (والله عالم). جنرل مرزا 1954ع ۾ ڪراچي ۾ هڪ ايراني وڏي گهراڻي جي ناهيد نالي ڇوڪري سان عشق ڪيو ۽ اِن سان ٻئي شادي رچائي. ناهيد امر تيمور، بيگم نصرت ڀٽو جي گهاٽي دوست هئي. اسڪندر مرزا ڀٽو صاحب کي وزارت تجارت جو قلمدان، 1958ع ۾ ڏنو هو ۽ هي سيني وزيرن ۾ گهٽ عمر وراو وزير رهيو، ۽ جنهن ڪانپوءِ صدر ايوب خان هن کي 1963ع ۾ وزير خارجا جو عهدو ڏنو.

• تاريخدان ۽ محقق مڃن ٿا تہ جنرل اسڪندر مرزا ۽ جنرل ايوب خان ملڪ ۾ سياست کي فروغ نہ ڏنو ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ڇوڻ تي ملڪ

۾ جمهوريت کي اڳتي وڌڻ نہ ڏنو ۽ پنهنجي ذاتي مفادن کي وڌيڪ ترجيح ڏني، ملڪ ۾ افراتفري جو عالم قائم ڪيو، جنهن جا اثر اڄ تائين واضح نظر اچن ٿا. جنرل اسڪندر مرزا جي چئن سالن جي مختصر عرصي دوران، هن چئن وزيراعظمن کي تبديل / معطل ڪيو ۽ پاڪستاني سياسي پسمنظر ۾ آرميءَ کي اڳتي آڻڻ ۾ مدد ڪئي.

• پاڪستان ۾ جمهوريت چو ڪامياب ڪونہ آهي هندستان کي دنيا جي وڏي جمهوريت جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سياستدان چون ٿا اسان وٽ آمريت جمهوريت کي ڪمزور ڪيو آهي. ڀلا هندوستان اسان سان گڏ آزاد ٿيو، پر اُتي آمريت جمهوريت کي ڪمزور نہ ڪيو آهي. چوندا آهن تہ نچڻ اچي ڪونہ لڪ لعنت گوڏن تي. سياستدانن ۽ راشي ڪامورن جيترو هن ملڪ مان مال ۽ ملڪيت چورائي وڃي غيرن وٽ گڏ ڪئي آهي، اِن جو مثال شايد ئي ڪٿي ملي. هن ٽولي کي جيڪڏهن ملڪ بدر ڪيو وڃي تہ ڪين ڪٿي بہ پٽيوالي ۽ چوڪيداري جي نوڪري بہ نہ ملندي. انهن جي قابليت ۽ اهليت جو اهو حال آهي جيڪڏهن PCS يا CSS جي امتحان ۾ ويهاريا وڃن تہ شايد ئي ڪو پاس ٿيندو، ليڪن انگريزن جو جمهوري نظام اهڙو تہ ٺهيل آهي، جو جاهل بہ ملڪ جو سربراهہ يا رهبر ٿي سگهي ٿو، جيڪو ٽئين دنيا جي ملڪن جي جمهوريت ۾ عام ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪميونيزم (91-1917ع) کي مُني صدي اندر موت آيو، شايد جمهوري نظام کي سَوَ سال لڳي وڃن (والله عالم).

• هي بد نصيب عوام مسئلن جي ڀَنور مان اوستائين ڪونہ نڪرندو جيستائين هن نظام کي دفن نہ ڪيو ويندو. هن قوم طاغوتي نظام جي رهنمائي قبول ڪري پنهنجي رب سان بد دیانتي ڪئي آهي. جڏهن هي ملڪ دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيو تہ هن قوم الله تعاليٰ جي نظام جي سر بلندي ۽ حاڪميت جو واعدو ڪيو هيو، جتي غربت ۽ اميري موروثي نہ هوندي، جتي بيماري ۽ صحتمندي موروثي نہ هوندي، جتي تعليم ۽ جهالت موروثي نہ هوندي. اسان الله تعاليٰ جي نظام کي پوئتي ڇڏي، اهڙو نظام اختيار ڪيو آهي، جنهن ۾ حڪومت ڪرڻ جو حق صرف اميرن، سيدن، شاهن ۽ پيرن کي حاصل آهي. ليڪن محروم طبقي وارن کي محڪوميت لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن امير شاهيءَ جو هي نظام پنهنجي موت نٿو مرڻ چاهي تہ پوءِ اسان کي الله اڪبر جي نعرن جي گونج ۾ اڳتي وڌي اِن فرسودي نظام جي شهہ رڳ کي ڪَٽِڻو پوندو.

• انگريزن بئي مهاپاري جنگ کانپوءِ، رات جو سائيڪلين ۾ بتي لڳائڻ جو قانون پاس ڪيو. قائدي اعظم سان شاگردن جو وفد، پاڪستان ٺاهڻ جي حوالي سان، جڏهن مليو ته هن سندن سائيڪلن ۾ بتي لڳائڻ جو معلوم ڪيو، جنهن تي شاگردن جي وفد چيو ته اهو حڪم انگريز سامراجن جو آهي، تنهن ڪري اسان ان تي عمل نه ڪنداسين. جنهن تي قائدي اعظم کين چيو ته توهان جيڪڏهن پنهنجي ديس جي قانون جي پيروي نه ٿا ڪريو ته پوءِ پاڪستان ٺاهڻ لاءِ توهان ڪهڙي مدد ڪري سگهندؤ. جنهن تي قائدي اعظم، شاگردن کي واپس وڃڻ جي تلقين ڪئي.

• مان بلڪل ننڍو هئس، غالباً ست، اٺ سالن جو، بهادر علي فقير تڏهن گهر پرسان واري زمين آباد ڪندو هو ۽ ڦٽين جي موسم ۾ گهرن جي اولهه طرف کان هڪ دڪان ڪڍيو هو. ان ۾ ٻارن لاءِ ڪٽمنڙا، رَيوڙِيون ۽ ٻهراڙيءَ جي حوالي سان داليون، ڳوٺا ۽ سگريٽ وغيره به رکيا هُئا. سامان بوزدار وڏا، جيڪو ڳوٺ کان ڇئن پنجن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي اتر اوڀر طرف واقع آهي، اتان دڪان ۾ گڏ ٿيندڙ اَنُ يا ڦٽيون کلهن تي کڻي وڃي وڻي ايندا هئاسون. اهو دڪان موسمي هوندو هيو، باقي پاڙي ۾ چاچي زوار شرف الدين (عرف زواردين) جو اهڙو دڪان هوندو هو، جيڪو سدائين بند هوندو هو. تنهن زماني ۾، زمين مان چوندبيل ڦُٽِين جو فصل به دڪان ۾ ستي، پاٽي جا ڦوهارا ڏئي، لتاڙي اندر رکندا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ وونٽن جي چوندِ ڊسمبر مهيني ۾ ٿيندي هئي، تنهن ڪري اسان بئي رات جو دڪان اندر انهن ڦٽين مٿان سمهي پوندا هئاسون. مون کي ياد آهي ته ڦٽين جا جيت کنن ۽ وات ۾ گهڙي ويندا هئا ۽ اسان جي ننڍ مڙيوئي موچاري ٿيندي هئي.

ڳالهه پئي ڪئي چاچي جي دڪان جي، چوندا آهن ته مِني به ماٺ ته مني به ماٺ چاچي جي دڪان تان سودو وٺڻ صبح جو ويندا هئاسين، ته منجهند ڌاري وڃي دڪان کوليندو هو جو ڏاڍو سست هوندو هو. بس اسان جا پاڳ يلا هوندا هئا. جڏهن سندس دڪان ڪليل ڏسندا هئاسين، باقي سندس گهر مان دڪان تي هلڻ، سڏي تڪجي پوندا هئاسين، هو پنهنجي مرضي تي اٿندو هو. هن کي اها پڪ هوندي هئي ته هي گراهڪ ڪيڏانهن ويندا، جو ويجهي وسندي ۾ ڪو اوڏڙو دڪان ئي ڪونه هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ جهنگ جهر عام هوندو هو ۽ ڪيترائي پيرا چاچي جي دڪان ۾ لُنڊِيون ۽

هر قسم جا ڳاڙها ۽ ڪارا نانگ ويندا هوندا هُئا. شايد انهن ڪي ٻرَ جي ٻُڪ ڪان، اُهو رنگيا ٿل ڪارو ڳُڙ ۽ پتاشا ڏاڍو پسند هُئا. جيڪي چاچو اسان کي مهانگي اگهه تي وڪڻي ڏيندو هو. سدورو ٻار پينگهي ۾ پڌرو وانگر، هاڻي تي اسان کي خبر پئي ته چاچو دُڪان کولڻ تي ايترو ڇو ڪيٻائيندو هيو.

هڪ ڏينهن بهادر علي فقير پنهنجي دڪان تي گاسليٽ پريل اڇي رنگ جو ارڙهيون ٽين ۽ ٻيو سامان وٺي آيو. اسان جي دڪان ۾ ڦٽيون به جام پيون هجن، سو گاسليٽ واري ٽِين جو ڍَڪُ، اسان کان کلي ڪونه پيو. ڏاڍا زور لاتاسين پر فيڪٽري جي بند ڪيل ٻُجي کُلڻ کان، ڪروڏي ۽ نياڳي ٻار وانگر بلڪل جواب ڏئي ڇڏيو. دڪان جي ننڍڙي ڪوٺي، ٻه ڪچڙا ذهن، بالآخر اهو فيصلو ڪيو ته ڇو نه ٻُجي کي باهه ڏجي، جو هو ڀاڙهي کلي. ٻُجي مٿان ڪپهه کي تيل ۾ ٻوڙي، ماچيس جي تيلي سان ڪٽي باهه ڏني ۽ اسان ٻئي گاسليٽ جي ارڙهين ٽِين جي دٻي کي هٽن سان جهلي ويٺاسين. چوندا آهن ته جيارڻ وارو، مارڻ واري کان وڏيڪ طاقتور هوندو آهي، پر مان چوندو آهيان ته جيارڻ ۽ مارڻ وارو ساڳيو هڪ رَبُ ئي آهي.

ٻُجي مٿان ڪپهه کي باهه وٺي وئي، ٿوري وقت گذرڻ سان هڪ ڌماڪو ٿيو، جو ٻرندڙ باهه واري ڪپهه دوڪان جي ڇت کي ايتري تيزي سان وڃي لڳي جو وسامي وئي ۽ ٽين جي ٻُجي کلي وڃي پٽ کي لڳي. ڌماڪي سان اسان ٻئي گهبرائجي وياسين پر ان سان گڏ خوشي به ٿي، ته اسانجي اَنَ ٻُجي کولڻ جي فارمولا پنهنجو ڪم وڏي ڌاڪي سان ادا ڪيو. قدرت الاهي جو اُها ٻرندڙ ڪپهه ڌماڪي سان ايتري تيز رفتاري ڪري وسامي وئي پر جي اِها باهه ٽِين پريل گاسليٽ کي لڳي ها ۽ ننڍڙي ڪمرو جيڪو ڪپهه سان پريل هو ته توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته اسان جو ڪهڙو حال ٿئي ها. ڊسمبر جي سخت سردي ۾ ۽ رات جي وقت، مائٽن ۽ پاڙيوارن کي خبر ئي صبح جو پوي ها. اِن رات اسان کي نئين زندگي ملي، نه ته هي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ ڪونه هجي ها.

• مسلمان حُڪمرانن جون عجيب ڪهاڻيون آهن. هڪ دفعو اقتدار جي ڪُرسي شل هٿ اچي، انکي ايستائين نه ڇڏيو جيستائين سِسِي ۾ ساهه هوندو. هزارين هيلا هلائي ٻئي کي وارو نه ڏيو. چوندا آهن ته سياڻو ڪانوءُ ٻِہ ٽنگو ڦاسي وانگر، عراق جي صدر صدام حسين (1937-2006ع)

مصر جي حُسني مبارڪ (ڄائو-1928) ۽ لبيا جي ڪرنل قذافي (2011-1942ع) پنهنجي ڏاڏاين، ظلم ۽ ناانصافي ڪري، دنيا جي سامهون خوار ٿي پنهنجي محلاتن مان ڌڪي ڪڍيا ويا. سياڻا چوندا آهن تہ ظلم ۽ غرور جي سزا انسان کي هن ئي دنيا ۾ ملي ويندي آهي. حضرت علي رضہ جو قول آهي تہ ڪفر جو نظام هلي سگهي ٿو، ليڪن ظلم جو نظام نہ هلي سگهندو.

صدر صدام حسين، تِڪرت شهر پرسان هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ريدار عرب ٻَڍو جي گهر پيدا ٿيو. تعليم حاصل ڪري مصر جي فوج ۾ شامل ٿيو ۽ جنرل جي عهدي تي پهتو. مصر جي جمال عبدالناصر 1950 کان 1960 دوران، عرب نوجوانن ۾ عرب قوميت جو جذبو ڦوڪيو، جنهن تحت، مصر، عراق ۽ لبيا جي بادشاهي نظام کي فوجي طاقت وسيلي ختم ڪري، عربن ۾ اتحاد جي لهر ڦوڪي، پنهنجو سُئِز ڪئنال وارو معاملو فرانس ۽ برطانيہ کان آجو ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

1958ع ۾ جنرل عبدالڪريم، عراق جي بادشاهہ فيصل (ٻيو) جو ملٽري جي طاقت وسيلي تخت اونڌو ڪيو. فوجي طاقت جي زور تي جنرل صدام عراق تي مسلسل 24 سال حڪومت ڪئي. هن ڪشمڪش ۾ شاهہ فيصل، سندس چاچو عبدالله ۽ ٻيا ڪٽنب جا ڀاتي ماريا ويا ۽ هي هاشمي قبيلي مان ان علائقي جا اصل کان مالڪ هئا. صدام پنهنجي حڪومت دوران، ايران سان ڏهہ سال جنگ جوٽي رکي، جنهن ۾ لکين مسلمان ٻنهي طرفان شهيد ڪيا ويا. جنهن کانپوءِ پاڙيسري ڪويت تي قبضو ڪيو، جيڪو سعودي عرب آمريڪا ۽ نيٽو فوج سان آزاد ڪرايو ويو، جنهن جو تفصيلي ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. الله تعاليٰ جي ڏنل بي انتها تيل جي پئسي کي، پنهنجي ملڪ جي ترقي ڪرائڻ ۽ ٻين غريب اسلامي ملڪن جي مدد ڪرڻ بجاءِ، هنن سڄو ڌن دشمنن حوالي ڪري ڇڏيو. صدام 1988 دوران ڪُرد قوم جي حَلَب شهر جي ماڻهن مٿان، مسٽرڊ ۽ نَروِگئس اُڇلائي، جنهن ۾ ڳوٺ جا ننڍا وڏا موت جي مُنهن ۾ اچي ويا. 13 ڊسمبر 2013 تي صدام کي آمريڪي سپاهي، سندس ڳوٺ تِڪرتِ پرسان زير زمين، هڪ کڏ مان پڪڙي ڪڍيو. عراقي اسپيشل ڪورٽ، صدام ۽ سندس يارهن ٻين سينئر ساٿين کي ڦاهي جي سزا ڏني وئي. سندس ٻہ پٽ ۽ پائر اڳ ۾ مارجي ويا هُئا ۽ هر شهر ۾ اڏيل محلات سڀ جا سڀ ڊاٺا ويا يا باهيون ڏنيون ويون. صدام ۽ سندس پٽن پنج ارب

ڊالرن کان وڌيڪ ملڪيت غيرن جي حوالي ڪئي. اِها ايتري وڏي رقم آهي، جو جيڪڏهن سنڌ تي لڳائي وڃي ها تہ هڪ ٻئي دُبئي واري اِمارات جهڙي ترقي ٿي سگهي پئي.

• لِبيا جو ڪرنل قذافي جنهن لبيا جي ادريس بادشاهہ جو تختو اونڌو ڪري ملٽري جي طاقت ذريعي قبضو ڄمائي ٻائيتاليهہ سال (1969) (1969-2011ع) حڪومت ڪئي. هن جي تاريخ بہ عراق جي صدام حسين ۽ مصر جي صدر ايئر مارشل حُسِني مبارڪ سان مشابهت رکي ٿي. ڪرنل هڪ غريب ٻڪرار جو پٽ هو. مصر جي صدر عبدالناصر جو ڪلاس ميٽ ۽ هڏ ڏوڪي هو. 2011ع جي شروعات ۾ نيٽو جي حملن کان همراهہ کي لِڪڻ جي جاءِ ڪونہ پئي ليي، هڪ محل مان نڪري، ٻئي محل، اتان وري پاڙي وارن جي گهرن ۾ لڪڻ، آخر هوائي حملن ڪري سندس پٽ، پوٽا ۽ چاهڻ ساٿوڙين سميت شهر جي زير زمين نالين ۾ ڪسِين مان وڃي پڪڙي کين ماريو ويو.

• مصر جي صدر ايئر چيف مارشل حُسني مبارڪ انور سادات جي قتل کانپوءِ، 1981ع ۾ مصر جون واڳون سنڀاليون ۽ پورا ٽيهہ سال ملڪ جي سربراهہ رهيو. هن جي دوستي سوڊان جي صدر جعفر نُميري، صدام حسين ۽ ڪرنل قذافي سان گهاٽي رهي، جو اِهي سڀئي فوجي ٽولي سان وابستا هئا. مصر جي صدر، انور سادات، جڏهن اسرائيل سان ڪيمپ ڊيوڊ معاهدو (Camp David Accord) 1978 ۾ ڪيو، تہ حُسني مبارڪ اُن جي مخالفت ڪئي، جو هو اُنوقت ملڪ جو نائب صدر هو. عوام جو قاهرا جي تحرير اسڪاير وٽ هنگامن جي نتيجي ۾، هن کان زوري صدارت جو عهدو کسيو ويو ۽ کيس، پُٽن ۽ پارٽي جي ٻين ليڊرن سان گڏ سزا ڏئي قيد ڪيو ويو آهي. هن پنهنجي دور حڪومت، مان سٺ ارب ڊالرن جي برابر ملڪيت ٺاهي، جيڪا کيس ڪم نہ آئي.

• اتر يمن جو صدر فيلڊ مارشل، عبدالله صالح 1978ع کان 1990ع تائين ٻارهن سالن کان حڪومت ڄمايون وينو هو، جنهن کانپوءِ ٻنهين ملڪن پاڻ ۾ اتحاد ڪيو، تہ هي جنرل پوري يمن ملڪ جو 2012ع تائين صدر رهيو. ٻاويهہ سال ٻيا لڳائي ٽيٽيهن سالن تائين ڪنهن کي وارو ڪونہ ڏنو. آخر، هوتي شيعن، وڳوڙن ۽ هنگامن تحت خاموش انقلاب آڻي، هن فوجي کي ٽيٽيهن سالن جو ڄمايل قبضو زور تي ڇڏايو ۽ ملڪ هن وقت گهرو جنگ ۾ مبتلا آهي. هن وقت سعودي فوج هوتن خلاف ڪاروائي ڪري رهي آهي.

• آفريڪا جي زنمباوي ملڪ جو صدر، رابرٽ مُگابي (پيدائش 1924ع) جو اٺاويهن سالن کان ملڪ جي حڪومت جون واڳون پاڻ وٽ رکيو اچي ٿو. ٻين کي وارو ڏيڻ لاءِ اڃان تيار ڪونہ آهي.

• انڊونيشيا جو صدر جنرل سوهارتو (2008-1967ع) سَوا ايڪٽيهہ سال تائين ملڪ جو صدر رهيو. هن ملڪ اندر ايتري رشوت ۽ بي انصافي ڪئي، جو لکين ماڻهو ۽ يونيورسٽين جا شاگردن احتجاج ڪري، هن کي زوري ڪڍيو. هن ۽ سندس ڪٽنب ويهہ ارب ڊالر کان وڌيڪ پئسو ۽ ملڪيت ناهي. هن جي پٽ کي جيل جي سزا آئي ۽ پاڻ بہ دل جي دوري ۽ گڙدن جي فيل ٿي وڃڻ ڪري انتقال ڪري ويو، ليڪن گڏ ڪيل پئسو نہ ڪيس ۽ نہ وري سندس اولاد کي ڪم آيو.

• دنيا ۾ ڊگهي ۾ ڊگهو عرصو، ٻاونجاهہ سال ڪيوبا جي فيڊرل ڪاسترو (ڄمڻ 1926ع) کي ٿيا آهن، جنهن 1967ع کان 2008 تائين ملڪ جي نظام کي، پاڙيسري دُشمن ملڪ آمريڪا جي اُلِرن کان پاڻ بچائيندي، ايتري ڊگهي عرصي تائين حڪومت هلائڻ ۾ ڪامياب رهيو. بادشاهن ۾ راڻي وڪٽوريا (1901-1837ع) ساڍا ٺيهٺ سالن تائين برٽش سلطنت کي هلايو. اهڙيءَ طرح مير علي مراد خان ٽالپور (ٻهريون) (1894-1815ع) والي خيرپور رياست ساڍا ايڪونجاهہ سال حڪومت (1894-1843ع) جو نظام هلايو.

هي جيترا بہ مثال، توهان جي اڳيان رکيا آهن، اُهي صرف تنقيد يا ڪنهن تي ٺٺولي ڪرڻ مقصد هرگز نہ آهي پر اُنهن مان سبق پرائڻ مقصد آهي. حضرت علي رضہ جو قول آهي تہ ”دولت، رُتبو ۽ اختيار ملڻ سان،جيڪڏهن انسان نہ بدليو، تہ هُن جو اصلي لڪيل چهرو ضرور سامهون اچي ويندو، انسان طاقت ۽ غرور ۾ اچي، پنهنجي اصلي شڪل مِٽائي ڇڏي ٿو.

فوجي طاقت جي حوالي سان، غريب عوام جو حق لُٽي، غيرن وٽ سرمائيڪاري ڪن ٿا، پر قدرت الاهي، جو ڪين اُها نصيب بہ ڪونہ ٿي ٿِئين. قدرتي وسيلن سان مالا مال ملڪن جي عوام، اهڙن ظالمن جي غلط پاليسين جي ڪري، هيشہ وانگر ڏتڙيل رهي ٿي، ۽ قدرت جو ڏمر ڪين اهڙو پڪڙي ٿو، جو هو دنيا جي ماڻهن لاءِ هڪ مثال بڻجي وڃن ٿا.

گهڙيون گهاريم جي

• مان ننڍي هوندي، ڀهراڙيءَ ۾ پهريون دفعو ريڊيو 58-1957ع ڌاران ڏٺو. اُهو ريڊيو اسان جي ڀڦاڻ ڪوڪل فقير خريد ڪري آندو هو، جيڪو رات جو اونداهي ۾ هڪ ڪلو ميٽر پنڌ ڪري ٻُڌڻ ويا هئاسون. تڏهن ريڊيو، ’مَرفي‘ ڪمپني برطانيہ مان ايندا هُئا. هڪ وڏي صندوق، ڳاڙهي مائل رنگ جي هُئي، جيڪا صرف رات جو بئٽري تي هلندي هُئي، ان رات حيدرآباد ريڊيو تان سنڌي ۾ ڪو پروگرام هلي رهيو هيو. هي ريڊيو فقير ڪوڪل ۽ امان الله رند گڏجي ورتو هيو، جو هو ٻئي دوڪانداري وغيره جو ڪم گڏجي ڪندا هُئا.

• پرائمري اسڪول جي ٻئي يا ٽئين سنڌي ڪتاب ۾ هڪ بيت هوندو هو، جيڪو اجان تائين ياد آهي.

واهہ ڙي تارا - گول تارا
روشن تارا - چمڪي وارا

• مان پهرين اسڪرين تي هلندڙ تصويرون، هڪ پروجيڪٽر تي 1960 ڌاران فقير غلام حيدر فقير جي ميلي تي غالبا زراعت کاتي وارا جڏهن ڪجهہ زراعتي اشتهار ڪٽي آيا هئا تہ اُتي ڏٺيون هيم. اُن وقت اهڙي قسم جون ايجادون عام نہ هنيو، ٻيو جي هنيو تہ اسان تائين نہ رسيون هيون ۽ ني سگهي ٿو تہ شهرن تائين محدود هيون. هڪ تختي تي ماڻهن کي هلندي، ڦرندي ۽ ڳائيندي ڏسي اسان جون آڱريون ڏنڌين اچي ويون. مان TV تڏهن ڏٺي جڏهن انجنيئرنگ ڪالج ۾ داخلا ورتي ۽ شاهہ عبداللطيف هاسٽل جي اسٽوڊنٽس ڪامن روم جي ڪنڊ ۾ هڪ وڏي صندوق وانگر بند ۽ ڍڪيل پئي هوندي هُئي، جيڪا صرف شام ڌارين ڏسڻ ڏيندا هئا.

• امڙ پنهنجي آخري ڏينهن ۾ هڪ پهاڪو ورجائيندي رهندي هُئي، پوءِ خبر نہ آهي تہ اِن پهاڪي ورجائڻ سان هو پنهنجا کهڙا سُور، ڪنهن جي ڪنن تي پهچائڻ لاءِ پئي ورد ڪندي هُئي. سندس پهاڪو ڪجهہ اهڙو هو، تہ ’ ”پوڪي واڻي، ڄائي ڄائي“ پوکي يعنيٰ ڪمائي جو ڦل شايد پوري طرح حاصل ڪري نہ سگهي، جو ڪيس ڪو ارمان دل ۾ رهجي ويو هجيس. نيلسن منڊيلا مطابق، رتُ جا رِشتا ڪڏهن بہ قدرتي موت وگهي نہ مرندا آهن، ليڪن حضرت انسان، اُنهن کي نفرت، منافقت، غرور، نظر

اندازي ۾ غلط فهمي سان قتل ڪري ڇڏيندو آهي. اِن حوالي سان هڪ ٻيو پهاڪو نهڪي اچي ٿو. ته ’پنهنجي وڏئي جو نه دارون نه دوا‘ به مشهور آهي.

• هڪ دفعي مدينه پاڪ ۾ جنت البقيه قبرستان جي مکيه دروازي وٽ بينا هئاسون.ته هڪ ايراني ڇوڪري، عربي ۾ دروازي تي بيٺل گارڊ کان پڇيو، ته عورتن لاءِ جنت البقيه وڃڻ جو وقت ڪهڙو آهي، (مِتا رَخُول حريم) ته سپاهي حاضر جوابي کان ڪم وٺندي جواب ڏنو ته ’بعد الموت‘ يعنيٰ موت کانپوءِ جنت البقيع جو ديدار ٿي سگهي ٿو.

• هڪ دفعي خيرپور کان موٽر سائيڪل تي، ڪوٽڏجي کان ميرواهه جي ٽاپ وٽي ڳوٺ اچي رهيو هئس. موٽر سائيڪل هوندا 110 هئي ۽ فقير هدايت علي مون سان پيلهه چڙهيل هو. جڏهن اسان نيڪرانو پرسان پهتاسين ۽ هڪ سُوزوڪي واري ڪي جڏهن اچي ڪراس ڪيو، ته سوزوڪي ڊرائيور پنهنجي ڪم فهمي ڪري سوزوڪي جي تيز رفتار ڪري مونکي اوور ٽيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي ضد ۾ اچي، مان به گاڏي جي رفتار وڌائي، رستو ڪچو، ڪڏون ۽ کاٻا جام ۽ ٽاپ تي واري جي ڊاٻڙ ۽ تيز رفتاري ڪري اسان جي گاڏي مير واهه جي ٽاپ تان نڪري، پاٽي واري پاسي ڪڏن ۽ ڪوبن ۾ ٽپي پئي. رستو ڪَچر، تيز رفتاري، ذري گهٽ اسان ٻئي ڄڻا ميرواهه جي حوالي ٿيا هئاسين. اُن ڏينهن اسان جهڙو موت جي منهن مان بچي نڪتاسون. جڏهن اِهو واقعو ياد ايندو آهي ته وار ڪانڊارجي ويندا آهن. اسان جي موٽر سائيڪل ميرواهه ۾ ڪِرندي الائي ڪيئن بچي هُئي. اسان ڪپڙا لٽا ڇنڊي جڏهن ڪجهه پنڌ ڪيوته پويان اسان جي هڪ ڪار اچي پهتي، جنهن هٿ ڏئي بيهاريو. بوزدار وڏا جو ڪو ماڻهو بوزدار گهراڻي مان هيو جنهن اسان موٽر سائيڪل وارن کان تيل گهريو. تيل لاءِ اچي منٿون ميڙون ڪيون، جو آخر ان ڪي ساڻ ڪنيل نلڪي ذريعي ڪجهه تيل ڪڍي ڏنو. پر پوءِ خبر پئي ته هو پنهنجي ڪار ائين سُوالي ورتل پيٽرل تي هلائيندو رهندو آهي.

• مون کي جڏهن نري جي بورڊنگ ۾ مالوٽ عبدالستار جي مهربانيءَ سان هيڊ ماستر ايم.اي ٽالپر صاحب رهڻ جي اجازت ڏني، ته انوقت بورڊنگ ۾ به بورچي، ڪريم بخش ۽ حاجي ذات جا غالباً جوڳي، ماني پچائيندا هئا ۽ ان جي مدد ۾ اسڪول پٽيوالو سونو خان (ذات ياد ڪونه آهي) صبح ۽ شام جي ماني هڪ وڏي، هال ۾ لڳائيندا هئا. جنهن

ڪانپوءِ، ماني جو بيل وڄندو هو. اُن گھنڊ جو آواز، منهنجي ڪنن جي پردن ۾ اڃان تائين ڪتي قاتل آهي، جنهن جي سُريلي آواز سان اسان سڀ گڏجي هڪ ڊگهي ٽيبل جي ٻنهي پاسن سان پيل ڪرسين تي آمهون سامهون ويهي، حاجي بورچي ڪي نِماٽيون اڪيون ڪري، چتائي ڏسندا هئاسين، تہ من اڄ ڪجھ سرس ڀاڄي ۽ هوا ۾ اڏامندڙ مانين جي تعداد ۾ ڪو اضافو ڪري، پر مجال آهي جو هو ڪجھ پنهنجي طرفان وڌائي ڪنهن کي ڏئي. مونکي صبح وارو ناشتو اڃان تائين اهڙو ياد آهي، جو ڄڻ جنگي قيدين کي گهٽ ڪاڏو ڏئي، سندن جسم هڏن جو پڃرو ڪري ڇڏيندا آهن. صبح واري مانيءَ مان منهنجي پيٽ ۾ ڏُکو ئي داخل ڪونہ ٿيندو هو. هڪ نوجواني ٻيو اسڪول ۾ پئريڊ ۽ پي.ٽي بہ زور شور سان ڪرائي ويندي هُئي. هاسٽل وارو ڏيڍ سال، سمجھو تہ ٻُک هڙتال تي گذاريو هو. جيڪو ڊوءِ وارو ڪاڏو ماسات جي گهر ملندو هو تنهن جو ذڪر مان اڳ ۾ ڪيو آهي. چوندا آهن تہ ڪاڻڻ جا ڪرا ۽ ڪم جا ٻرا وانگر جڏهن ٻُک هئي تہ ڪاڏو ڪونہ مليو ۽ جڏهن ڪاڏو جام آهي تہ ڪاڻڻ جي سگھ ڪونہ آهي. ڏنو وڃي تہ انسان سڄي عمر ڪمائي ۽ محنت ڪري ٿو تہ آخر ۾ ڪائي چا ٿو؟ (سبحان الله). بسَ هيءَ دنيا سڄو دوکو ۽ فريب آهي.

● ڳوٺن ۾ شهرن وانگر، وِندر جهڙيون شيون يا موقعا بلڪل نہ هجڻ جي برابر هوندا هئا. ڀهراڙيءَ جي حوالي سان اسان جي آس پاس ۾ ٽن چئن بزرگن جون مزارون هيون، جن تي هر سال ميلو ۽ ملاکڙو لڳندو هو. اسان جي ڳوٺ کان ڪجھ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڳوٺ مينگهو فقير، فولاد علي فقير ۽ گوپانگن جي ڳوٺ ۾ 'حاجن شاھ' جا ڀرپور ميلا لڳندا هئا. انهن ميلن ۾، شهر وارن وندرن کي ڏسڻ جو ڪڏهن ڪڏهن موقعو ملندو هو. صبح جو پنڌ، ٽولن جي شڪل ۾ نڪري ويندا هئاسون ۽ رات جو دير اونداهي ۾ نانگن، بلائن کي جهاڳيندا اچي پنهنجي ڪکن ۾لِڪندا هئاسون. ميلي تي اچي ڪلاس ميٽ پاڻ ۾ گڏ ٿيندا هئاسون. ميلي ۾ تمام گهٽي پيهہ هوندي هُئي. مِنائيءَ جا دڪان جام هوندا هُئا، سرڪس، ناچو، ڇوڪرا ۽ عورتون عليحده عليحده ٽولن جي شڪل ۾ پنهنجي ڪِرت ۾ مشغول هوندا هئا. مائٽ ميلي جي خرچي چار آنا يا اٺ آنا ڏيندا هئا، جيڪي جلدي ختم ٿي ويندا هئا. گرميءَ جي موسم ۾ ڏاڍا رنگين شربتن وارا پئسا قري ويندا هُئا. حاجن شاھ جو ميلو ياد آهي، تہ غلام مرتضيٰ سان گڏجي ڏسندا هئاسون. ميلي ۾ لڳندڙ مختلف بازارون

پيا گهمندا هئاسون. شام جو هڪ کليل ميدان ۾ ملاڪڙو ٿيندو هو، جنهن ۾ مقامي ملهه پنهنجي زور آزمائي ڪندا هئا. تڏهن ملهه راند جو رواج عام جام هوندو هو. ڪڏهن وري شام ڌاران رڇ ۽ ڪُتن جي ٻَچ ٿيندي هئي. فرش تي ويهي اکين تي عينڪ وانگر بائنوڪولر رکي، هڪ ڪارڊ ۾ ويهارو ڪن لڳل ٻاهرين دنيا جي سِينُهري جي فوٽن کي ڏسي دل کي ڏاڍو وندرائيندا هئاسون ۽ دل ۾ هڪ اُتساهه پيدا ٿيندو هو تہ اهڙا نظارا الائي ڪڏهن روبرو ڏسڻ ۾ ايندا. الحمد الله، اهي سڀ تمنائون پوريون ٿي ويون.

• گهڻو پراڻي ڳالهہ آهي، جڏهن مان گوڏ ٻڌڻ شروع ڪئي هئي ۽ مال وغيره چاريندو هئس شايد 1957ع جو زمانو هجي جو خانہ بدوش، لاڏائو (Nomands) ماڻهو غالباً مالوَند ٻروچ، پنهنجي مال سوڏا اچي چاچي مبارڪ خان جي غيرآباد زمين، جيڪا حبيب گوپانگ ۽ يار محمد شر جي گهرن سان رستي لڳ اوير، جتي هن وقت ڪوڪل فقير جي آڪِم جا گهرڙا آهن، اتي لڏو مال سميت اچي وينا. هڪ ڏينهن، سڀي خيرپور جا شر گهوڙن ۽ اٺن تي چڙهي، اچي هنن لاڏائن ٻروچن جي گهرن کي ڪڙو هنيون. اُن شام جو سَوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا ۽ وڻ وڻ گهوڙو ٻڌل هجي. شرن جي ٻڌي جو اهڙو مثال وري ٻيهر ڪنهن ڦڏي ۾ مان نہ ٻڌو. اسان ننڍڙا، خبر نہ چار، اسان بس گهٽي گهما گهمي ۽ ميلي جهڙا منظر ڏسي، ڪيڏڻ ۾ مشغول ٿي وياسون. شر هِنن ٻروچن ٻاهران، هٿيارن سميت چئو طرف هشاش بشاش ٿي ويهي رهيا ۽ جيڪي چڱا مڙس هُئا، اُنهن، ٻروچن جي چڱن مڙسن سان ڳالهيون شروع ڪيون. ڳالهہ ڪجهہ اهڙي هُئي جو شرن جي ڪنهن ڳوٺ مان ڪا ننڍي هوندي ڇوڪري گم ٿي وئي هُئي، جنهن جو شڪ هو تہ، هاڻي وڏي تي هنن ٻروچن وٽ آهي. بهرحال ٻہ ڏينهن ۽ هڪ رات اهو فيصلو هلندو رهيو ۽ آخر اُها ڇوڪري شرن جي نہ نڪتي، جنهن ڪانپوءِ هُو اتان رات جو مال ڪاهي الائي ڪيڏانهن پڄي ويا ۽ وري اهڙي قسم جا خانہ بندوش ماڻهن اِن دڙي تي ٻيهر مال ڪڏهن بہ ڪاهي نہ آندو.

• 1965ع ڌاري جون جولاءِ جي سخت گرمي، جتي ڪانوَ جي پئي اک نڪرندي آهي، ڪنهن جوتشي، ڪتي اعلان ڪيو، تہ جون جي فلان تاريخ تي قيامت ايندي. تڏهن نہ اخبارن ۽ نہ رِيڊين تائين ڪا رسائي هوندي هئي، سو ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ويچارا اچي ڏاڍا پريشان ٿيا، جوهر

کو پيو ٻئي کان پنهنجا گناهه ۽ ڏاڍايون معاف ڪرائي. اِن خبر جي ڪري ڪيترين ئي غيرآباد مسجدون آباد ڏسڻ ۾ آيون. اُن ڏينهن ڏاڍي گرمي ٿي، جو مون کي اُهو ڏينهن ياد آهي ٺاڪ منجهند جو. امڙ سان گڏ جي پنهنجي جوئر جي پوک مان گاهه ڪرڻ ويو هيم، جو پگهرن ۾ شل ٿي ويو هيم ۽ اکين اڳيان آنڌيرا اچي ويا هئا. ان خبر جي ڪري، ڪيترائي ڏينهن، ماڻهن ۾ وڏي محبت ۽ عاجزي اچي گهر ڪيو پراڻي رنجش ۽ دشمني وارا به هڪ ٻئي ۾ محبت ڪرڻ لڳا.

• ستر جي ڏهاڪي جي شروعات جي ڳالهه آهي، الائي ڪٿي مَرن ۽ شرن جو ڪو سڱاوتي تڪرار ٿيو، جنهن ڪانپوءِ هڪ ٻئي جي گهرن مٿان حملا شروع ڪري ڏنا، جنهن ڪري پوري سنڌ ۾ سيني شرن کي اچي ڦِڦِڙي ورتو، ته مٿان مَرِي ٻروچ هلان ڪري سگ نه ڪٽي وڃن. گهٽو پوءِ اچي انهن کي ٿيو، جن جا هيڪلا يا روڊ رستن پرسان گهر هئا. رات جو هرڪو اوڪڙون ويٺو هوندو هئو ۽ ڪيترائي ڳوٺ اِن پوَ کان پڃي وڃي وَسِوَن ۾ لِڪا ۽ اُنهن ڳوٺن ۾ ويا، جتي مٿن مائٽن جي اڪثريت ۽ پهرو چاڪري هوندي هئي. شرن اِن ڇڪتاڻ دوران، پنهنجا ٻار ٻچا ڪڏي اوسي پاسي وارن مائٽن وٽ وڃي ٽِڪايا هئا ۽ باقي مرد پنهنجي مال متاع جي چارڻ وغيره لاءِ پاڻ پيا ڪوششون ڪندا هئا. ٻن قبيلن جي غيرتي جهيڙن جي پلاند جو ايترو خوف رهيو جو راتين جو سمهڻ حرام ٿي ويو ۽ رات جو اگر ڪا، پري کان روشني نظر ايندي هُئي، ته اُن تي چوٽ طرف کان فائر شروع ٿي ويندا هئا. ٻهراڙي ۾ رستن واٽن پيچرن تي وڏيون اونهيون گڏون هٽي انهن کي جيپ جي هلڻ کان ناڪاره ڪري ڇڏيو هيو. ائين لڳندو هيو جڻ ڪنهن جنگل ۾ پيا رهون، جو سرڪار جهڙي ڪا شيءِ نظر ڪونه پئي آئي جو اهڙي مشڪل ۾ ٻن ڌرين جي وچ ۾ ڪو نهراءُ ڪري. ڪيترن هفتن تائين خوف هو، ليڪن پوءِ ناپر ٿي وئي ۽ سيڪو پنهنجي ڪکن پيڙو ٿيو.

• اهو قديم زمانو ڪيترو نه پلو هوندو هو، ماڻهن ۾ ڪوڙ، منافقت، ڪينو ڪونه هوندو هيو. هرشيءِ ۾ برڪت هوندي هئي. مون کي ياد آهي ته اُن وقت گهر جون وڏڙيون فجر جي نماز کان اڳ اٿي، جَنڊ تي ڪٽڪ، جوئر ۽ ٻاجهري جو اٽو پيهنديون هيون ۽ الله جو ذڪر ان سان شامل هوندو هيو. جنڊن جا اواز مانيٽا ٿيندا هُئا. صبح جو سويل ٽڏڪار ۾ پکين جا آواز ۽ گهر پرسان ٻڌل چوپائي مال جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هُئا. جنهن ڪانپوءِ گهري ننڊ مان جاڳي پاڻ هيٺان، پاروتا ٽُڪر ڳولي باهه جي

ٽانڊن تي سيڪي کائيندا هئاسون. انهن سيڪيل ٽُڪرن ڪي کائڻ سان اهڙو لطف ايندو هو جو هاڻي بڪر جي بوڙ ۾ بہ ڪونہ ٿو اچي. جندن آهوڙڻ لاءِ هر ڇهين مهيني ڪونہ کو اچي پاڻهي منهن ڪيندو هيو. هاڻي زمانو جديد ٿي ويو آهي. صبح سوير اٿڻ، الله جو ذڪر ڪرڻ، سوير اٿي زمين کيڙڻ، ڪٿي بہ نظر ڪونہ ٿو اچي.

• ٻهراڙي ۾ ننڍي هوندي جيڪي رانديون ڪيڏيون تن ۾، ٻلهاڙو، اِٽي ڏڪَرُ، ڇِدا يا گوليون ڪيڏڻ،لِڪ ڇُپ، ڪاغذ جي ڦرڙي ناهي، وڇان ٻپر جو ڪندو هٽي، سَرَ جي ڪاني جي تِيليءَ جي هڪ ڇيڙي ۾ ٽنبي، تيلي جي ٻئي ڇيڙ مان وٺي، سڄو ڏينهن وَٽُ پڄندو ۽ ڦرڙي ڦيرائيندو. اِن ڪان علاوه، سَرَن جي تِيلي کي آلو ڪري، اُن مان ڦيتو ناهي، اُنجي پويان پڄڻ، پينگهہ لُڏَڻُ، ڪاٺ مان ڇيڪَهَلو ناهي، اُن تي چڙهي گولائي ۾ ڦرڻ. چيڪي مِٽيءَ مان بوڙينڊو ناهي وڄائڻ، چيڪي مِٽيءَ مان مختلف جانورن جا بوتا ناهي،انهن کي سُڪائي، باهہ ۾ وجهي پڪو ڪرڻ ڪانپوءِ، انهن سان ڪيڏي دل وندرائڻ. اسان لاءِ مائٽن راندين جي حوالي سان، هڪ رپيو بہ خرچ نہ ڪيو هوندو. رانديڪا پاڻ ناهي انهن سان ڪيڏندا هئاسون.

• استاد محراب خان رند (اصل ۾ ڳوٺ رئيس پنجل خان) جي اسڪول ۾ پڙهندا هئاسون، هڪ دفعي صاحب اوچتو امتحان وٺڻ آيو، تہ سڀ استاد پريشان ٿي ويا، جو سندن ڪيل محنت ظاهر ٿيڻ واري هُئي. تن ڏينهن ۾نتيجي جي بنياد تي استادن جي ڪارڪردگي ظاهر ٿيندي هئي ۽ ان بنياد تي سندن بدلي سزا طور پري جي اسڪول ۾ ڪئي ويندي هئي. صاحب جڏهن پنجين ڪلاس جي ڇوڪري، غالباً گوپانگ ذات جو هو، کان پڇيو تہ ڪڪَرَ ڇا مان ٺهندا آهن؟ ڇوڪري حاضر جوابي مان ڪم وٺندي چيو تہ سائين ڪڪر دونهين مان ٺهندا آهن. صاحب ڪاوڙجي پيو ۽ استاد جا تارا ساوا ٿي ويا، جو شايد اِن سُوال جو جواب ڪيس بہ ڪونہ پئي آيو.

• بابا سائين گهوڙا ڏارڻ ۽ چارڻ جو ڏاڍو شوقين هوندو هو، ليڪن سانگو ڪري بوزدارن تائين بہ گهوڙي تي نہ چڙهندو هو، پيدل وڃي گهر جو سامان وٺي ايندو هيو. فقير بڊل سائين، بابي کي هڪ ڪاري ڪُميتُ گهوڙي آڏياري ڏني هئي، جيڪا ميراڻي نسل مان لڳندي هئي ۽ ڏاڍا رلا گام ۽ پنڌ هلندي هُئي، شايد اڳ ۾ اِن گهوڙي جو ذڪر ڪري آيو آهيان. گهوڙي جو ايترو خيال ڪندو هو جو اٺهوند ۾ ڪجين جي ڪَتَل وٺي گهوڙي کي گاهہ سان گڏ کارائيندو هو ۽ سڄي ديڪ پال پاڻ ڪندو هو

هڪ ڏينهن منهنجو مالوٽ، محمد عيسيٰ خان، بابا کان هڪ ڏينهن لاءِ گهوڙي سُوالي ڪاهڻ لاءِ چيو، جنهن تي بابا جن ڪين گهوڙي ڏني پر تاڪيد ڪئي تہ سياٽي ضرور موٽائي ڏجان ۽ گاهہ وغيره گهوڙي کي ڏيڻ لاءِ پارت بہ ڪئي. همراهہ گهوڙي تي چڙهي ناري هليو ويو، جيڪو ٽيهن ڪلوميٽرن تائين ريگستان جو علائقو آهي. هو ٻئي ڏينهن ڪونہ آيو، بابا ڏاڍو اچي پريشان ٿيو. هڪ هفتي ڪانپوءِ گهوڙي ڪاهي آيو جيڪا بيمار ٿي پئي ۽ آخر تائين ڏڪ جهلي نہ سگهي. بابا ان ماجرا ڪانپوءِ پاڻ گهوڙي تي بوزدارن ۽ ٽالپرن ڏانهن ڪمين ڪاري چڙهڻ لڳو ۽ اسان کي چڙهڻ لاءِ پيو آچون ڪندو هيو.

• اسان جو آخري پاءُ رياضت علي کي ننڍي هوندي گاڏين تي چڙهڻ جو بي انداز شوق هوندو هو. اسان ٽري اسڪول پڙهڻ لاءِ موڪليندا هئاسين، تہ هو بسن ۾ چڙهي پيو گهمندو وتندو هيو، جو اُن وقت پٽو صاحب جي مهرباني هوندي هُئي ۽ ’جيئي پُٽو، ڪِرايو چُٽو‘ جو نعرو لڳڻ سان ڪنڊڪٽر پڇي پاسو ڪندو هيو. هن همراهہ کي هرويرو بہ سُواري تي چڙهڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هيو ۽ هو چاهيندو هيو تہ جيڪر هنن بسن جي ڇتِ مٿان سڄو ڏينهن سفر ڪندو رهان. هڪ دفعي مان امڙ سان گڏ رسولپور کان پيروسڻ وڃڻ لاءِ هنڌياري کان بلاول واهہ وٽڻ لاءِ، جڏهن هنڌياري پهتاسين تہ سيٺارجہ کان ايندڙ بس اچان مس بيٺي، تہ بس جي ڇت مٿان زوردار آواز آيو ’او امڙ مونکي ماني ڏي‘.امڙ هڪي ٻڪي ٿي وئي، جڏهن مٿي نهاريوسين تہ رياضت خان بس جي ڇت تان امڙ کان ماني گهري رهيو هو. اسان هِن کي اسڪول پڙهڻ لاءِ موڪليو هو. پلا چوندا آهن تہ گڏهہ تي لَڪِيرون ناهڻ سان هُو زيبرا تہ ڪونہ بڻجي ويندو. هن بس مٿان لهڻ جي ڪئي، پر بس تڪڙ ۾ ٽري ڏانهن هلڻ لڳي ۽ اسان بلاول واهہ وٽي پيڻ نظيران ڏانهن هليا وياسين.

• هڪ دفعي استاد نور احمد شر پنهنجي ياماها سيونٽي فائيوِ موٽر سائيڪل تي چڙهي ڳوٺ آيو تہ رياضت کي گاڏين تي چڙهڻ جو حد کان وڌيڪ جُنون هوندو هو، سو وجهہ وٺي هن جي موٽر سائيڪل ڪاهي هليو ويو، هفتو ڪن ناري ۽ پري پري جا چڪر هڻندو رهيو. همراهہ هن جي پويان پستول ڪنيون گهمندو پيووتي. جڏهن ڊاڪٽر رياضت ٽنڊي ڄام ايگريڪلچر يونيورسٽي ۾ جانورن جي ڊاڪٽري پڙهندو هو تہ هو مون سان لطيف آباد ۾ گڏ رهندو هو جو ان وقت مان ايچ.ڊي.اي ۾ اسسٽنٽ

ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي عهدي تي فائز هئس. مون وٽ سوزوڪي جيپ هوندي هئي. چوندا آهن تہ سدورو بار پيننگهي ۾ پڌرو هوندو آهي. هڪ دفعي مان جيپ حيدرآباد ڇڏي ڪنهن ڪم لاءِ ڳوٺ ويس ۽ جڏهن واپس آيس تہ ڊاڪٽر رياضت جيپ سوڍو گم هو. ٻي چار ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ، مان مسٽر شفيع محمد شر سان گڏجي، هن کي ڳولڻ ٽنڊي جام وجي نڪتاسون. اُتي تہ هي ڪونہ مليو، پر جڏهن اسان ٽنڊي جام کان واپس حيدرآباد اچي رهيا هئاسون تہ رستي تي سامهون مون واري جيپ اچي رهي هُئي. اسان جي هٿ ڏيڻ تي جيپ بيٺي، جنهن کي ڪو مقامي وڏيرو هلائي رهيو هو ۽ رياضت ۽ ڪي ٻيا جيپ جي پوئين حصي ۾ وينل هُئا. مان اُن وڏيري کي هڪل ڪري چيو تہ هي منهنجي گاڏي تون چوري ڪري آيو آهين، همراهہ هڪو ٻڪو ٿي ويو. مان ڪيس گاڏي جي چابي وٺي هنن سيني کي لاهي گاڏي حيدرآباد ڪاهي آيس. اُن وڏيري وڏيڪ ٻڌايو تہ رياضت ڪيس چيو هيو، تہ هي گاڏي سندس جي آهي ۽ تون بس هن ۾ تيل وجهي هلائيندو رهہ ۽ اسان کي مڙيوئي پوئين سيٽن تي ويهڻ جي پيو اجازت ڏجانءِ. ڊاڪٽر کي گهر وَسِنوَن لاءِ حيدرآباد ۾ ڇڏيو هيو، ليڪن هُن آندن جو واهي ڳدڙ واري ڪار ڪئي.

• مان ڇتَ تي لڳل بجلي تي هلندڙ پکو، 1962ع دوران ڏٺو، جڏهن پهريون دفعو مان سينارجہ ويو هئس، اُن ڏينهن رسولپور جي مڊل اسڪول ۾ ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندو هُئس. ادي ظفر علي سان گڏ جڏهن ڪنهن ڪپڙي جي دوڪان تي چڙهياسين، تہ ڇت تي ڪا شيءَ پنهنجي مَحور ڦري رهي هُئي. پاسو وٺي ادا کان پڇيو تہ هي ڪهڙي بلا پئي ڦري، جنهن ٻڌايو تہ گرمي ۾ هوا لاءِ هي پکو آهي، جيڪو بجلي تي هلندو آهي. مون کي بجلي جي خبر ڪونہ هُئي، سو في الحال ڪٽي ماٺ ڪئي، اُنهن ڏينهن ۾ وڏن سان سوال جواب ڪرڻ جي جُرعت نہ هجڻ سان گڏ،ممانعت بہ هوندي هئي.

• ريل گاڏي ڏسي ڏاڍو تعجب لڳو تہ هيتري ڊگهي ريل هلي ڪيئن ٿي. مان ريل پهرو دفعو تڏهن ڏٺي، جڏهن مان پرائمري ۾ پڙهندو هئس. اسان جو واسطو ڀهراڙيءَ سان هجڻ ڪري، پنهنجي ڳوٺ کان ڪنهن وڏي شهر لاءِ سفر ڪڏهن ڪونہ ڪيو هورڳو گهوڙي سواري يا موئن جي دڙي مان لڌل بيل گاڏيءَ تي سواري ضرور ڪئي هئي.

برادر ظفر علي خان کي 1962ع، دوران هڪ ڏينهن گهوڙي تي ڪٽي راڻيپور جي ريلوي اسٽيشن ڇڏڻ لاءِ ويهارو ڪلوميٽر پنڌ ڪيو هو.

جڏهن ڦاٽڪ وٽ پهتاسون، ته ڦاٽڪ بند هيو، توري انتظار ڪانپوءِ، ڪراچيءَ واري طرف کان هڪ ڏگهي ناسي رنگت واري ڏٻن جي هلندڙ قطار نظر آئي. گاڏي جي سليپرن مٿان ريل گاڏي جي ڦيٿن ڪي سهارو ڏيندڙ ٻني لوهي پٽڙيون، پنهنجي مقرر ڪيل پوروچوٽي سان سليپرن تي مضبوطي سان جڪڙيل هيون، جن مٿان گاڏي ڏگهي قطار ۾ اڳيان هڪ انجن جي سهاري پنهنجي منزل ڏانهن روان هئي. گاڏي وڏي گوڙ گهمسان سان، ڌونهان ڪيندي هلندي رهي ۽ ڦاٽڪ واري سائي جهنڊي هٿ ۾ ڪٽي لوڏيندي، ڊرائيور کي سلام ڪيو. ريل گاڏي کي ڏسڻ منهنجي لاءِ هڪ حيرت جي ڳالهه هئي. جتان مون کي سائنس پڙهڻ جو شوق جاڳيو ته انگريز ڏاريا ٿي ڪري، اسان جي ملڪ لاءِ ڪيترين نه سهولتون پيدا ڪيون آهن. جو نه اسان به محنت ڪري، هن دنيا ۾ ڪجهه ڪري ڏيکاريون انهن ڏينهن ۾ ڀهراڙي جڻ دنيا کان ڪٽيل هوندي هئي، جو توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته ويهه ڪلوميٽر گهوڙي سواري ڪري، ريلوي اسٽيشن تي پهچڻو پوندو هيو. انسان ته اُهي آهن جن اهڙن ڏکرن ۽ ڏوجهالن هوندي، سخت ڪشالا ڪيا ۽ محنت ڪري پنهنجا پير پُختا ڪيا ۽ ڪجهه نه ڪجهه ڪري ڏيکاريو آهي.

بهادر علي فقير

مرحوم بهادر علي، هر مذهب جو ماڻهو ۽ مسڪينن ۽ غريبن جو ساٿوڙي هوندو هو. ڪڏهن ڏاڙهي ڏگهي ته ڪڏهن وري صفا ڪلين شيو هوندو هيو. هاري ڪميٽي جو عُهديدار هوندو هو، سياسي اڳواڻ، مُلن ۾ مُلو، مئخانن ۾ موالين جو مهندار هوندو هو. سدائين گهر کان ٻاهر، جتي پَڪي اُتي ڪاڏي، رات تي وئي رستي ۾ پٽ جي دڙي تي سُمهي پيو، ڳالهائڻ جو داناءُ، پنهنجي ڪم ۾ لاچار، ٻاهرين جي مدد لاءِ هميشه تيار، ڪڏهن ماسو ته ڪڏهن ڪاسو. امڙ لاءِ مکڻ ته ٻين لاءِ ڏکڻ، نه اڳين کي آسرو نه وري پوين کي ڪو سُور. ڪانئس ياڙيا سدائين پَوَ ۾، موالين جو مَوڙ. چنڊ کي چوُنري ۾ بند ڪرڻ وارو، حق سچ جو حواري، سدائين سانجهي جو سواري. توهان اٿو ٻڏي گهمو جي توهان کي ڪٽي ملي وڃي

منجهند جو مسافر، شام جو شڪارپور، رات جو روهڙي، ميرن جو مير، دل جو بادشاهه، گهر ۾ فقير، ڪڏهن صوفي ته ڪڏهن ڪوفي، ڪڏهن شيعو ته ڪڏهن سَناسي ڪڏهن راهي ته ڪڏهن رهبر-پاڙي وارن سان گهٽ

رهائي، پري وارن سان پيو پيار وهائي-گهڻ گهرڻ جو گهوٽ، سيني جو سَوٽ. هڪ دفعي بلدياتي اليڪشن ۾ بيٺو، پر سندس مخالفت ۾ گهر وارا شامل هُئا. سوٽ غلام قادر ۽ پاڻ گهٽو ٺهڪندا هئا. بهادر فقير غريبن لاءِ نيڪي، همدردي ۽ نرم گوشو رکندو هو. اچي اوپرو وجي واهيرو، ڳولهه ته ليي ڪونه، جي پَسي ته پويارو. دشمن جو داڳ، جي ساڻ آهي ته وڏو ياڳ، اٿهوند جو ماڳ، جئين اونداهي جو راڳ. نظر جو باز ويراڳي جو ساز. بهادر علي فقير ڪي هٽ جو هنر تمام گهٽو هُو پر ان مان پنهنجي ذات کي ڪو فائدو ڪونه ڏنو، پر اوڙي پاڙي وارن گهٽو فائدو ورتو. بهادر فقير جي فلاسافي ڳالهين ۾ ايترو ته وزن هوندو هيو جو جڻ سمنڊ کي هڪ شيشي جي بوتل اندر بند ڪري ڇڏيندو هيو. دشمن ۽ سڄڻن کي ڪوهن تان سُڃاڻندو هو. هو هميشه گهري سوچ واري ڳالهه ڪندو هو جو مخاطب جا حواس ڊانوان ڊول ٿي ويندا هُئا.

هن جي حاضر جوابي، جامع ۽ موضوع تي اٽڪيل هوندي هُئي. هو جي پڙهي وڪالت ڪري ها ته شايد اي.ڪي.بروهي کان گوءِ ڪٽي وڃي ها. هڪ دفعو ڏاڙهي، مڃون ۽ متي جا وار تمام ڊگها ڇڏيائي پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن ڏاڙهي، مڃون، پروان ۽ متي وارا ڪوڙائي اچي گهر نڪتو. امڙ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان ڪونه پيو سُڃاپجي، پوءِ جڏهن امڙ هِن جو اهو حال ڏٺو ته ٻئي ٻُجا وجي منهن تي رڪيائينس ۽ هُن ٻه پنهنجو مُنهن پوئتي ڪونه ڪيو، انڪري ته امڙ ڪيس مکڻ سڏيندي هئي. بهادر فقير دل جو درياهه هو پرجي ته پر وارن کي ٻوڙي ۽ پُڄڙي وارن کي جوڙي. 1992 جي ٻوڏ دوران، غريبن جي مدد لاءِ نري جي SDM کي دليري ڏيکاريندي سندس آفيس ۾ ڪيس چيو ته ”تون ٻڪواس ٿو ڪرين“. جنهن تي SDM ڪاوڙ ۾ اچي پوليس کان ڪيس گرفتار ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. مان وچ ۾ اچي هن جي جان ڇڏائي. هر محفل جو هاڙي- پنهنجي ڪم جو ياڙي. منجهند جو مسافر- رات جو راهي. سانجهي جو روانو، پرِههَ ڦٽي جو پَروانو، ٿيو بهادر فقير هن دنيا مان روانو.

بهادر علي فقير ٻڌايو ته هن جڏهن پير شاهه مسافر جي مقبري مان پنهنجي اولاد ٿيڻ جي دعا گهري ٻاهر نڪري رهيو هو ته هڪ مائيءَ هن جي ڊگهي ڏاڙهي ۽ گيڙو ويس ڏسي، پيرن تي ڪري پئي ۽ پٽ جي اولاد گهرڻ لڳي، جنهن تي فقير ڪيس ٻڌايو ته مان پاڻ پير مسافر کان پٽ گهرڻ آيو آهيان ۽ پاڻ سوالي آهيان ته توکي ڪٿان ڏيان. هي آهي ڀهراڙي جي لاعلم ماڻهن جو حال.

جناب ايم اي ٽالپر

هيڊ ماسٽر هاءِ اسڪول نري، جناب ايم.اي.ٽالپر، حسب نصب اصلي خيرپور رياست جي حاڪم مير سهراب خان سان ملي ٿو، ان ڪري پاڻ سُهراڻي ٽالپر سڏائيندا آهن. سندن ڳوٺ خيرپور شهر لڳ ڪوٺ مير احمد خان ٽالپر، هاٿوڪو دارا واهڻ آهي. سندن والد مير مريد احمد خان ٽالپر، پنهنجي اولاد کي سکر، خيرپور، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ تعليم ڏياري. ٽالپر صاحب انگريزي ٻولي جو ماهر ليکيو وڃي ٿو. ٽالپر صاحب ميٽرڪ هاءِ اسڪول سکر، انٽر ڊي.جي سائنس ڪاليج ڪراچي ۽ بي.اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيو، جڏهن امتحان بمبئي يونيورسٽي وٺندي هئي. ٽالپر صاحب هاءِ اسڪول ٺٽو، نري ميرواهه، ماتلي ۽ آخر ۾ هاءِ اسڪول ٽنڊو محمد خان جا هيڊ ماسٽر مقرر ٿيا. ٽالپر صاحب 1981 کان 1985ع تائين ڊپٽي ڊائريڪٽر اڪيڊمڪس ٿي رهيو، جنهن کان پوءِ 1985 ۾ رٽائر ڪيو ۽ هن وقت حيدرآباد جي سنڌ مسلم سوسائٽي، قاسم آباد ۾ رهائش پذير آهن. سندن ڪامياب شاگردن ۾ نذير احمد مغل، سابق چانسلر سنڌ يونيورسٽي، الاهي بخش پٽي، سابق وائيس چانسلر زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام، جمشيد هاليپوٽو، پروفيسر عبدالستار شر، انجنيئر نياز علي شر سابق پي.ڊي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو، ڪامران مغل (CSS) عبدالهادي ٻُلو، عبدالرحمان ٻُلو (FIA)، فيصل ميمڻ (ڪسٽم)، ڊاڪٽر نثار ميمڻ، ڊاڪٽر خليل الله سرهندي، پروفيسر آصف قاضي ۽ انجنيئر خُرم مغل شامل آهن.

ڪئناڊا جي قوميت

دُبئي ۾ موڪلن جو ڪجهه حصو گذاري، باقي موڪل جا چار هفتا ڳوٺ ۾ رهڻ کانپوءِ، واپس جده جي فلائيٽ ورتي، هڪ رات مڪي ۾ ٽِڪي عمرو ادا ڪرڻ کانپوءِ تبوڪ ڏانهن روانا ٿياسين.

ڪئناڊا جي لنڊن واري سفارتخاني مان ويزا بابت خط آيو، جنهن ۾ 90 ڏينهن اندر ميڊيڪل ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ، جده جي هڪ خاص اسپتال جي ڊاڪٽر جي ائڊريس ڏنل هُئي، جنهن وٽان اسان کي پنهنجو ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائي، نتيجو سفارتخاني ڏانهن موڪلڻو هُيو.

ڊاڪٽر کان فون ذريعي مناسب وقت وٺي جدي پهتاسين،جتي اسانجي پوري طرح مختلف چڪاسون وٺي پوءِ ڊاڪٽر سان طبعي معائني لاءِ

ملاقات ڪئي. ڊاڪٽر مصري ڪئنيڊين پئي لڳو، جنهن وڏيڪ چڪاس ڪري ڪيترائي سوال پڇيا، رپورٽ هڪ هفتي اندر پاڻ موڪلڻ جو چيو.

ميڊيڪل رپورٽ پهچڻ ڪانپوءِ، هڪ مهيني جي عرصي اندر، پوري ڪٽنب جي ڀاتين جي اميگريشن ويزا اچي وئي،جيڪا ٽن مهينن تائين ڪارگر هئي.

جنرل شايع، مدير ادارا (KAMC) کان چئن مهينن جي موڪل ورتي، ڪئناڊا وڃڻ جي تياري شروع ڪري ڏني. ٽريول ايجنٽ کان تبوڪ، جده، ٽورنٽو، جون ٽڪيٽون ورتيون ۽ پروگرام مطابق جده کان ٽورنٽو لاءِ سعودي ايئر لائين جي جهاز ذريعي، جده - لنڊن سفر ڪيو. جهاز هتان کان ٽيندو، لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي لٿو، جتان اسان ٽرازٽ لائونج ۾ وڃي ٽورنٽو لاءِ ڪئناڊين ايئر لائين جي جهاز ۾ سفر لاءِ انتظار ڪيو، جنهن ڪي چار ڪلاڪ کان پوءِ اُڏام ڪرڻي هئي.

جهاز ۾ سوار ٿي اڳتي جو سفر شروع ڪيو ۽ سڄي رات جهاز، بحر اوقيانوس مٿان، اٺ ڪلاڪ اڏامندي اچي، ٽورنٽو جي پيئرسن بين الاقوامي ايئرپورٽ (Pearson International Airport) تي لٿو.

جدي کان جڏهن جهاز اڏام شروع ڪئي، ته ڏينهن هو ۽ موسم صاف هجڻ ڪري، حد نگاهه ايتري ته صاف هُئي، جو جهاز اتڻ سان ڳاڙهي سمنڊ مٿان ٿيندو، مصر جي قاهره شهر مٿان وڃي، يونچ سمنڊ ۾ داخل ٿيو، جتان اٽلي جي پرسان سمنڊ مٿان اڏامندو يونان فرانس مٿان گذري وڃي، چار هزار اٺ سَوَ ڪلوميٽر پنڌ، سٽن ڪلاڪن ۾ طئي ڪري، لنڊن جي هيٿرو تي لٿو. جاگرافي کان واقف هجڻ ڪري، مونکي اِهو پورو نظارو دري مان صاف ڏسڻ ۾ آيو. مصر مٿان گذرندي نيل ندي جو نظارو، 27 هزارفوٽن جي اوچائي تان،هڪ لڪير جيان ڏسڻ ۾ آيو،جنهن جي ٻنهي پاسن کان شهر، وسنديون، ساوا کيت ۽ آباد زمينون ڪاهيل هيون، جيڪو گهٽو دل اُياڻيندڙ ۽ وڻندڙ هيو. جهاز جي پوري اڏام دوران سواءِ مصر ۽ فرانس جي سر زمين کان، ڳاڙهي سمنڊ ۽ يونچ سمنڊ جي پاڻي مٿان گذريو. ڪئناڊين ايئرلائين وارو جهاز هيٿرو هوائي اڏي تان اُڏام ڀري، بڪل اولهه طرف سنڌو سنئون بحر اوقيانوس سمنڊ.مٿان سڄي رات ڇهه هزار ڪلوميٽر سفر ڪري، اٺن ڪلاڪن ۾ وڃي ٽورنٽو پهچايو. سعودي عرب جي جهاز ۾ مسافرن جي خدمت ايئرهوسٽس پئي ڪئي، پر ڪئناڊين ايئرلائين جي جهاز ۾ صرف هڪ دفعو ماني ڏني وئي، پوءِ

مسافرن پاڻ پئي ڪچن جو رخ ڪيو ۽ جو وَٽِيُن سو پئي ڪاڏائون، جو ايئر هوسٽس ڏسڻ ۾ گهٽ پئي آيون. هوائي جهاز ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي، مختلف ميون جي رس ۽ شراب عام هيو. جو شوقينن شراب پيئڻ ۾ محو ٿي ويا ۽ اسان جهڙن صرف ميون جي رس تي پئي گذارو ڪيو.

اسان جو جهاز لڏندو لمندو صبح جي وقت وڃي ٽورنٽو شهر جي پيئرس بين الاقوامي هوائي اڏي تي پيرَ کوڙيا، جتان لهي وڃي اسان اميگريشن وارن جي حوالي ٿياسين. اميگريشن وٽ حاضري صرف نئوان هجرت ڪندڙ يا پهريون دفعو ملڪ ۾ داخل ٿيندڙ يا وري تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي لڳڻ ضروري هوندي آهي. باقي اڳ جا رهاڪو ۽ ايندڙ ويندڙن کي ڪا رڪاوٽ ڪو نہ هُئي. هو سڌو سنئون وڃي پنهنجو سامان ڪٽي، بغير ڪنهن پڇا ڳاڇا يا پاسپورٽ جي تفتيش ڪرائڻ جي، پنهنجو رستو وٺيو گهر هليا وڃن ٿا. اسان هڪ اميگريشن ڪائونٽر جي سامهون وڃي قطار ۾ پنهنجي واري جو انتظار ڪيو. ويهن منٽن ۾ اميگريشن آفيسر سان دوبدو معلومات جي ڏي وٺ ٿي، جنهن اسان کي پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ تي خوش آمديد چيو ۽ اميگريشن جا ڪاغذ تيار ڪري، لفافي ۾ وجهي ڏنا، جنهن ڪانپوءِ اسان پنهنجو سامان ڪٽي، ٻاهرين لائونج ۾، اڳ ۾ انتظار ۾ ويٺل، مسٽر شاهد جاويد سان ملاقات ڪئي، جنهن پنهنجي گاڏي ۾ وٺي، اڳ ۾ ڪرائي تي ورتل گهر پيڙو ڪيو، جيڪو ٽورنٽو شهر جي اسڪاربورو جي ايلزمير روڊ تي واقع، فلورينا بوليوارڊ ۾ هو ۽ گهر بلڪل نئون نهيل هو. گهر جو مالڪ پاڪستاني، مسٽر ميان شاهد نالي سان هُو، جيڪو گهر جي مٿئين حصي ۾ رهندو هُو، بجلي جو خرچ وغيره ملائي، اِن ٻن ڪمرن جي گهر جو ڪرايو 950 ڊالر مقرر ڪيو. هي گهر ايلزمير ۽ برج مائونٽ روڊ جي چوٽاني جي بلڪل پرسان واقع هو. هن چؤ واٽي تي پيزا هَٽ، برگر ڪنگ، هڪ چرچ ۽ ڪجهہ ٻيا دڪان، جن ۾ عربن جا دڪان بہ شامل هُئا ۽ پرسان ايلز مير اسٽيشن پبلڪ اسڪول (Ellesmere Statton Public School) ۽ هاءِ ليند فارمز جو سُپر اسٽور بہ موجود هئو. ٽورنٽو جي اسڪاربورو علائقو، تمام صاف سٿرو، ويڪرا روڊ ۽ عوام لاءِ ويجهي پنڌ اندر هر سهولت فراهم ڪيل ۽ شهر جي هر حصي ۾ هڪ ڪميونٽي سينٽر جنهن ۾ سڀ سرڪاري شعبن جون آفيسون موجود آهن، جتي عوامي خدمت لاءِ هر هڪ جي ضرورتن جي مڪمل ادائگي، لاءِ هڪ دري وارو سِرشتو (One Window Operation) قائم آهي. جنهن ذريعي

توهان بغير سُفارش ۽ رشوت جي پنهنجو جائز ڪم ڪمپيوٽر جي مدد سان ٿوري وقت اندر ڪرائي سگهو ٿا.

ٽورنٽو شهر، ڪئناڊا جي اسڪاربورو (Scorborough) صوبي ۾ واقع آهي، جيڪو آمريڪي رياست نيويارڪ جي بئفيلو (Buffalow) ۽ روچيسٽر (Rochester) شهرن جي بلڪل سامهون ۽ پرسان آهي، جتي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي سرحد تي نيا گرافالس موجود آهن، جن جو ذڪر اڳتي ايندو.نياگرافالس دنيا جي حسين ترين قدرتي نظارن مان هڪ آهن. هي پاڻيءَ جا لهوارا آبشار، نياگِرا ندي تي آهن، جيڪا ٻنهي ملڪن جي سرحد سان لنگهي ٿي ۽ ٻن سرحدي ڍنڍن، سينٽ ڪليئر (St.Clair Lake) ۽ اِري (Lake Erie) مان نڪري، اونٽاريو ڍنڍ ۾ داخل ٿئي ٿي. ڊيٽرائٽ (Detroit) آمريڪي شهر، ۽ ڪليو ليند (Cleveland)، سينٽ ڪليئر ۽ اري ڍنڍ جي ڪناري تي واقع آهن، جيڪي ڪئناڊا جي اونٽاريو صوبي جي بلڪل پرسان واري سرحد جي علائقي ڪي ويجها آهن.

ڪئناڊا، آمريڪي کنڊ جي بلڪل اتر طرف واري حصي ۾ واقع آهي ۽ زميني سرحد ڏکڻ طرف کان، آمريڪا سان ڊگهي مفاصلي تائين لڳي ٿي ۽ اولهه ۾ بحر الڪاهل (Pacific Ocean) ۽ اوير ۾ بحر اوقيانوس تائين، پکڙيل ايراضيءَ وانگر ڊيگهه رکي ٿي. ڪئناڊا جي ايراضي ڏهه لک مربع ڪلوميٽر آهي، جنهن ۾ 19% ايراضي پاڻيءَ ۾ شامل آهي ۽ هي ملڪ ايراضيءَ جي لحاظ کان دنيا ۾ روس کانپوءِ ٻئي نمبر تي آهي ۽ اهڙي طرح پاڪستان 36 هين نمبر تي اچي ٿو. هن ملڪ جي آبادي، 2002ع ۾ ٽي ڪروڙ پندرهن لک هئي، جيڪا 2011ع جي آدمشماري مطابق ٽي ڪروڙ پنجٽيهه لک ٿي آهي ۽ 2014ع جي اندازي مطابق ٽي ڪروڙ ستونجاهه لک تي پهتي آهي. جنهن مطابق هي ملڪ دنيا جي آبادي واري فهرست جي ملڪن ۾، ستٽيهين نمبر تي آهي. پاڪستان اِن معاملي ۾ ڪافي اڳيرو يعنيٰ ڇهين نمبر تي آهي.ان معاملي ۾ پهرئين نمبر تي چائنا، ٻئي تي هندستان ۽ ٽئين نمبر تي آمريڪا آهي.

هن ملڪ ۾، آدمشماري جي لحاظ کان، 77 سيڪڙو پوري رنگ وارا،ايڪيهه سيڪڙو ايشيائي نسل، ٽي سيڪڙو ڪاري رنگت وارا وسن ٿا.

ڀورا ۽ ڪارا ماڻهو

الله تعاليٰ تہ رنگن جي تخليق بغير امتياز جي ڪئي، ليڪن حضرت انسان اُن ۾ امتيازي رَوَيي جو اهڙو تہ ٻج پوکيو، جو ڀوري رنگت وارن پاڻ کي اعليٰ ۽ معياري نسل سمجهي ۽ ڪارن کان سخت نفرت ڪندي هن دنيا ۾ آقا ۽ غلاميءَ جو هڪ حقير نظام رائج ڪيو. جنهن ڪري ڪاري رنگت وارن تي حڪمراني ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر الله تعاليٰ جي هڪ جهڙائي، برابري ۽ انصاف جي ادنيٰ اصول مطابق،ڪارن غلامي جون زنجيرون ٽوڙي ڀورن مٿان حڪمراني ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي. جنهن جو جيئرو ۽ جاڳندو مثال، آمريڪي صدر باراڪ اوباما ۽ ڏکڻ آفريڪا جي نيلسن منڊيلا جو آهي.ڀوري يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪارن غلامن جي اولاد، نسلي ۽ طبقاتي منافقت ۽ تعصب (Apartheid) کي ٽي سَوَ سالن جي ڊگهي عرصي کان مٽي پوڇيندا رهيا جنهن ۾ سَوا ڇهہ ڪروڙ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا ۽ سَوَا ٻہ ڪروڙ ماڻهو بي گهر ڪيا ويا، وقت گذرڻ ڪانپوءِ نسلي عليحدگي (Racial Segregation) کي الوداع چئي، برابري جي حقن جا پيا مزا ماڻين. آمريڪا ۾ نسلي عليحدگي، 1960ع تائين جاري رهي، جنهن دوران ڪاڻ پيئڻ جا هوٽل، تعليمي ادارا ساموندي ڪنارا، ڪلبون، سفر لاءِ بسون، سواءِ بادل ۽ برساتن ۽ هوائن جي، باقي سڀ ڪارن ۽ ڀورن جي وچ ۾ برابريءَ جي بنياد تي ورهايل هوندا هئا. ڀورن جي نظر ۾ ڪارا ڪم عقل، ڏِٺن جهڙا ۽ بدصورت سمجهي، ڪاڻ صرف غلامي جو ڪم ورتو ويندو رهيو ۽ ڀورا پاڻ کي خوبصورت ۽ وڏيڪ عقل وارو سمجهي، حاڪميت جو ڪردار ادا ڪيو. جنهن ڪري ڪين سني تعليم جا موقعا فراهم ڪيا ويا جو هو جلدي ڌن ۽ دولت جا مالڪ ٿي ويا ۽ سماج ۾ پنهنجو سِڪو ڄمايو. حالانڪہ عيساعيت ۽ اسلامي حڪمن موجب سڀ ماڻهو برابر پيدا ڪيا ويا آهن‘ (All Men are created equal) وارو اصول مڃيو ويندو هو ليڪن ظاهري عمل نظر نہ آيو، جنهن ڪري ڪاري رنگت وارن کي تعليم کان محروم رکي انهن کي نہ صرف سٺين نوڪرين کان پري رکيو پر سندن سماجي حيثيت کي زير ڪري، ’بيمار ماڻهو‘ (Sick Man) وارو درجو ڏنو ويو. ايترو جو سائوٿ آفريڪا ۾ نسلي ۽ طبقاتي منافقت، 94-1948ع دوران ايترو تہ عروج حاصل ڪيو، جو ڀورن ماڻهن پنهنجي پالتو ڪُتن کي، ڪاري رنگت جي ماڻهن کان نفرت جي اظهار جي سِکيا ڏني. جيتوڻيڪ ڪُتا قدرتي طور ڄائي ڄم کان رنگ

ڪور يعنيٰ رنگ سڃاڻڻ کان عاجز (Color Blind) هوندا آهن. (مطلب، ڪُتو هر شيءِ کي هڪ ئي رنگ ۾ ڏسندو آهي جو خالق کيس مُختلف رنگن ڏسڻ جي صلاحيت نہ ڏني آهي). ڪُتي جي اِن بناوتي ڪمي (Manufacturing fault) جي باوجود بہ، يورن کيس ڪاري رنگت جي ماڻهن کي سُڃاڻي پُونڪون ڪري، نفرت جو اظهار ڪرڻ سيکاري ڇڏيو. ڪارن ۽ يورن جي وچ ۾ نندي ڪنڌ يعنيٰ اندو پاڪ جا ڪڻڪ رنگا ماڻهو، وڏي پريشانيءَ ۾ مبتلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جو دنيا جي سَوا ست ارب جي آبادي نہ يورن ۾ ۽ نہ ڪارن ۾ شامل سمجهي وڃي ٿي. هندستان ۾ 16 ڪروڙن کان وڌيڪ اڇوت (untouchables) آهن، جيڪي يورپ جي ڪارن کان وڌيڪ عذاب جي زندگي گذاري رهيا آهن. جن انهن جي بچاءُ لاءِ دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڌ مان آواز بڌڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. انهن اڇوتن سان ٿيندڙ ڪلور صدين کان جاري آهن.

نندي ڪنڌ جي ڪڻڪ رنگي آبادي، يورن جي صفن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ، ڏاڍا جتن پئي ڪري ۽ اولهہ جي ملڪن، اِن ڪوشش مان گل کي پورو ڪرڻ جون ڪيتريون ئي ڪريمون،۽ کل کي نرم ڪرڻ جون دوائون ۽ مهاندي کي سهڻو ڪرڻ جو ڪيتريون ئي نقلي علاج معالجا، ناهي هِن غريب علائقي جي سرمائي کي پاڻ ڏانهن ڇڪي شاهوڪار ڪيو آهي، جنهن جو توهان اِن آبادي جي مقدار مان اندازو لڳائي سگهو ٿا.

خاص ڪري عورتن ۾ يورو ٿيڻ ۽ ڪجهہ گهڙين لاءِ سهڻو ڏسڻ جي مد ۾، هزارين رپيا صرف ٿي وڃن ٿا. ڪي عورتون جو ميڪ اپ، ايترو تہ ڪثرت ۽ حد کان مٿي ڪيو ڇڏين، جو اصلي تهہ مٿان، بہ ٽي بيا تهہ (Over Lays) چاڙهي، پنهنجي سڃاڻپ کان،پنهنجن کي بہ محروم ڪريو ڇڏين. ان Bleaching Syndrome مان ڪيتريون ئي مشڪلاتون زندگيءَ جي آخري حصي ۾، اچي مُنهن ڪڍن ٿيون، جن کي سنڀالڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو وڃي. هن رنگت جي مونجهہ (Complex Color) جي بيزاري ۾ ئي اسان جو سڌارو آهي پر جڏهن پوري ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي.

ٻئي مهاياري جنگ کانپوءِ مغرب جي معتبر ماڻهن، ڪاري رنگت جي ڏکن، نسلي نفرت جي غيراخلاقي ۽ انهن سخت حالتن سان مقابلو ڪرڻ واري، زندگي کي ازلي بقا (Survival of the fittest) ڏيارڻ لاءِ اخلاقي، سياسي ۽ سائنسي بنيادن تي برابر جا حق ڏيارڻ لاءِ تاريخي ڪاوشون ڪيون آهن.

رنگين کل وارن، يورائپ جي چڪر ۾، سخت ڇتا پيٽي ڪندي، پنهنجي وقت ۽ سرمائي جو ايترو تہ ذيان ڪيو آهي، جنهن جو اندازو

لڳائڻ مشڪل آهي. هڪ ڪنوار جو ميڪ اپ لکين روپين تائين وڃي پهتي آهي، جنهن ڪري ڪنوار کي شاديءَ واري رات، پري جا عزيز ته نهيو، پر ويجهن مائٽن کي به سڃاڻپ ڪندي ڏکيائي پيدا ٿيو وڃي. بيوٽي پالرن ۽ ڪاسميٽڪس جي ڪاروبار کي، هٿي ڏيڻ بجاءِ، هُنري اسڪول، لائبريريز، ڪمپيوٽر، سکيا گهر ۽ تحقيق ۽ ترقي جا مرڪز (Research and Development Centers) قائم ڪري،نوجوان نسل کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو سهارو ڏنو وڃي.

اسان جي اليڪٽرانڪ ميڊيا، جنهن تي اڪثريت ميراثين جو قبضو آهي، تنهن وري ميڪ اپ ۽ فيشن کي ايتري ته اهميت ڏني آهي، جو ملڪ جي 60 سيڪڙو آبادي متاثهين درجي جا ناٽ ڏسي، سُڌاري جي بجاءِ، احساس ڪمتري ۽ محرومي جو شڪار ٿيڻ لڳي آهي. اسان جا دانشوَر ۽ مفڪر خاموش آهن ۽ سرڪاري عملدار ۽ سياستدان انهن ميراثين جي موسيقي جي موج ۾ مست نظر اچي رهيا آهن. ميراثين، فيشن ۽ ميڪ اپ لاءِ، خاص ٽي.وي چئنل کولي، ملڪ جي غريب ۽ لاچار آباديءَ لاءِ آزار ڪري ڇڏيوآهي جن لاءِ به ويلا ڪاڌو مهيا ڪرڻ مشڪل آهي.

ڪارن رنگت جي بيحد نفرت، يورن کي ڪارو لباس پائڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي، جو هو ڏک يا فوتگي وقت به ڪاري لباس بدران، اڇو لباس پهرڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. توهان کي يورپ ۾ ڪاري رنگ جون گاڏيون به نظر گهٽ اينديون ۽ سندس مٽي جي ڪاري وارن کي سونهري رنگ ڏيون گهمندا وتن. بيو ته نهيو پر يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪانوَ (Crows) ۽ رڇ به پورا تين، حالانڪ سيني رنگن جي پنهنجي اهميت آهي، ڪاري رنگ جو أثر توهان کي هر رنگ ۾ شامل ملندو، پر جيڪڏهن ڪاري رنگ کي ختم ڪيو وڃي ته پوءِ سيني رنگن جي سونهن ۽ رنگت مانيٺي تي ويندي. هن موضوع تي شايد اڳ ۾ بحث ٿي چڪو آهي.

ڪجھ ڪئنادا بابت

ڳالھ پئي ڪئي ڪئنادا جي، اسان وڃي يورن ۽ ڪارن جي چڪر ۾ ڦاٿا سون. ڪئنادا ۾ نظام حڪومت، وفاقي پارلياميٽري جمهوريتي (Federal Parliamentary Democracy) نظام سان گڏ، آئيني بادشاهت (Constitutional Monorchy) طرز حڪومت آهي، جيڪا برطانيه جي راڻي اِلزبيت (ٻئي) جي سلطنت هيٺ اچي ٿي. دنيا جي هر نسل، رنگ ۽ مذهب جا ماڻهو توهان کي ڪئنادا ۾ نظر ايندا.

ڪئناڊا آمريڪا کنڊ جي بلڪل اترين طرف واقع هجڻ ڪري، هتان جي موسم گهڻو ٿڌي رهي ٿي، وڌ ۾ وڌ گرمي پد 25 کان 30 ڊگري سينٽي گريڊ،گهٽ ۾ گهٽ ڪاٽو 15 کان ڪاٽو 30 ڊگريون رهي ٿو ۽ گهڻو زميني حصو سال جي ڇهن مهينن دوران برف هيٺ رهي ٿو. ڪئناڊا دنيا ۾ ٻيهريون ملڪ آهي، جنهن جي ساموندي پٽي، ٻہ لک ڪلوميٽرن کان ڊگهي آهي ۽ آمريڪا سان تقريباً نَوَ هزار ڪلو ميٽر ڊگهو بارڊر اٿس.

هن ملڪ ۾ ڏهہ صوبا ۽ ٽي علائقا شامل آهن ۽ آٽوا(Ottawa)، ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ڪيوبڪ (Quebec) صوبو فرانسي اڪثريت جي آبادي وارو صوبو آهي، جنهن کي آزاد ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڪئناڊا، 2001ع دوران افغانستان ۾ پنهنجي فوج موڪلي هُئي، پر عراق جي 2003ع واري جنگ دوران، پنهنجون فوجون نہ موڪلڻ جو اعلان ڪيو ۽ 2011ع دوران نيٽو طرفان لبيا جي گهرو جنگ ۾ ڳنڍجي حصو ورتو.

ڪئناڊا جي البرٽا صوبي ۾، وينزويلا (Venezuela) ۽ سعودي عرب کان پوءِ ٽئين نمبر تي، تيل جا ذخيرا موجود آهن. ڪئناڊا ۾ مذهبي ورڇ مطابق، 58 سيڪڙو عيسائي، 24 سيڪڙو لاديني، چار سيڪڙو اسلام، ڏيڍ سيڪرو هندو مذهب ۽ باقي دنيا جا مختلف مذهب ٻڌايا وڃن ٿا. هتي لکيل پڙهڻ وارن جو تناسب يعنيٰ خواندگي جي شرح 99 سيڪڙو آهي. هن ملڪ ۾ تقريباً هر سال اڍائي لک ماڻهو مختلف ملڪن مان، پنهنجي قابليت جي بنياد تي، هجرت ڪري اچن ٿا، جن مان وڏو تعداد، ڪئناڊا جي ٽورنٽو، مونٽريال ۽ وينڪوئر (Vancouver) شهرن ۾ مستقل رهائش پذير آهن.

هتي انگلش ۽ فرينچ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جن ۾ آباديءَ جو تناسب 60 ۽ 23 سيڪڙو آهي. آزادي جو ايترو اوج آهي، جو ٻين يورپي ملڪن وانگر، هتي بہ ساڳئي جنس ۾ شادي کي قانوني حيثيت حاصل آهي، جنهن کي هو ڪئناڊا جي سياسي ۽ مُهذب قدرن جي اعليٰ سماجي سطح جو ماپو (Social Indicator) سمجهن ٿا.

ڪئناڊا جو جهنڊو ٻاهرين پاسن کان ڳاڙهي پٽي ۽ وچوارو حصو اڇي رنگ جو آهي، جنهن تي ڳاڙهي رنگ ۾ مَيپل (سارمَ) وڻ جو پَنُ ڇاپيل هوندو آهي. وڻ جو پن، ڪئناڊا جو قومي نشان پڻ آهي. ڪئناڊا ملڪ جي نقشي تي نظر وجهڻ سان، توهان کي ائين معلوم ٿيندو، ڄڻ اُڌهي جي کُتريل پني وانگر هجي، جو اُن جي ساموندي ڪنارن ۽ ملڪ اندر لاتعداد ڊنيون هجڻ ڪري، اُهي ڀاڱا کُتريل نظر ايندا آهن.

ڪئنادا ۾ رهڻ جي حوالي سان،دنيا جي بهترين ملڪن ۾ آسٽريليا ۽ سويڊن ڪانپوءِ ٽئين نمبر تي آهي. هتي هر سال دنيا جي هڪ سَوَ ملڪن مان، ڪيترا ماڻهو اچي رهائش پذير ٿين ٿا ۽ لک ڪن جي تعداد ۾ شاگرد، تعليم وٺڻ جي بهاني سان مستقل رهائش حاصل ڪن ٿا. هن ملڪ ۾ جرمني ۽ جپان وانگر گهٽ ٻار پيدا ڪرڻ ڪري، نوجوانن جو نسل گهٽبو رهي ٿو ۽ ڪُراڙا ماڻهو وڌيڪ نظر ايندا جو هتي انساني عمر جي حد (Life Expectancy)، اسي سالن کان مٿي چڙهي وئي آهي.

ان ڪري ديار مان نوجوان نسل کي درآمد ڪري، ملڪ جو ڪاروبار هلايو وڃي ٿو، جنهن ڪري توهان کي هتي، ٻاهرين دنيا مان ايندڙ، مزدور ۽ ماسٽرس يا ڊاڪٽر ڊگرين وارا ٻي ربط نوڪريون (Odd Jobs) ڪندي نظر ايندا.

ٽورنٽو ۾ رهائش

اسڪاربورو هڪ نئون علائقو آهي ۽ تمام وسيع ايراضيءَ تي ڪليل آبادي جي حساب سان پٽرالو زمين تي اڏيل آهي، جنهن ۾ نڪاسي آب جا قدرتي نالا موجود آهن. ايلز مير روڊ کي هڪ پاسي مڊلينڊ اوينيو ۽ برملي روڊ ڪراس ڪري ٿو، جتي اسڪاربورو سِوڪ سينٽر موجود آهي ۽ اُن جي پسگردائي ۾ ڪافي وڏا شاپنگ مال جهڙوڪ: هُڊسن بي (Hudsons Bay)، وال مارٽ (Wa Mart) آهن ۽ ٻئي پاسي وڪٽوريا پارڪ اوينيو (Victoria Park Avenue) جي چوڏڳي آهي، جتي وسيع پارڪ وي مال (Park Way Mall) موجود آهي.

ايلز مير روڊ جي پرسان پورروچوٽي تي اونٽاريو ايڪسپريس وي گذري ٿو، جيڪو ٽورنٽو شهر وچان پُلين (Flyovers) ذريعي ٻين رستن کي پهچ ڏيندو، ٻين شهرن ڏانهن نڪري وڃي ٿو.هن ايڪسپريس وي جو گهڻو ڀاڱو، شهر مٿان پلين تي نهيل آهي، جيڪو شهر جي پيهه ڪندڙ سواريءَ کان بغير متاثر ٿيڻ جي، تيز رفتار وارين گاڏين کي روان دوان رکي ٿو.

ڪئنيڊا ۾ برعڪس اسان جي، زمين وسيع ۽ آبادي گهٽ هجڻ ڪري، شهري علائقن ۾ گهر ڳتيل ۽ ڪچيون آباديون بلڪل ڪونهِ آهن، منصوبه بندي اهڙي نموني ڪئي وڃي ٿي، جو گهر ڀهراڙيءَ وانگر وٿيرڪا ناهيا وڃن ٿا، جن جي چوڌاري ڪافي ايراضي ڇڏيل آهي، جنهن ۾ گهر جو مالڪ ٻارن جي کيڏڻ لاءِ پينگهو ۽ ٻيو ساز وَسامان لڳائي ڇڏين ٿا. گهرن

ڪي عام طور تي چؤديواري ڪونہ ٿئي، اگر هوندي تہ ائين صرف ڪاٺ جي نهيل حد بندي ظاهر ڪرڻ لاءِ نظر ايندي. گهر جي اڳيان پويان چمن، رنگين گلن جا ٻوٽا ۽ خوبصورت وڻڪار لڳائي، گهرن کي خوبصورت ڪري رکيو وڃي ٿو.ڪينيڊا ۽ آمريڪا ۾ عام طور تي رهائشي عمارتون، فليٽس جي صورت ۾ هونديون آهن، جن کي مقامي ٻولي ۾ ڪنڊوز (Condominium or Condos) ڪري سڏين ٿا، جيڪي گهڻ مار وارا گهر آهن، جن ۾ گهٽو ڪري مالڪ خريد ڪري رهندا آهن ۽ ماهوار ڪجهه پئسا، اُن عمارت جي سهولتن جهڙوڪ،اندرين ۽ ٻاهرين مرمت، بجلي تي هلندڙ ڏاڪڻ، گاڏين بيهارڻ جي جاءِ، عمارت اڳيان پويان چمن ۽ وڻن جي سار سنڀال وغيره جي حوالي سان، ڪنڊو ڪارپوريشن ڪاميٽي کي ڏيڻا پوندا آهن، جيڪي ڪرائي يا خريدي قيمت کان علاوه آهن. ڪنڊو ۾ فليٽ جي مالڪي ۾، زمين جي مالڪي شامل نہ هوندي آهي. ائين سمجهو وڃي، جڻ توهان جو اِهو گهر هوا ۾ ٽنگيل آهي. ان کان ٻئي نمبر تي، روڊ سان ڳتيل گهرن، جي قطار، جنهن کي Row Houses يا Town Houses چيو وڃي ٿو، سي فليٽ کان مهانگا هوندا آهن. هي گهر تہ خانو ملائي،متي ٻہ يا ٽي ماڙ تين ٿا. هنن گهرن جي ٻہ واري پٽ ساڳئي (Common Wall) هوندي آهي. هي گهرڻان وانگر ڳتيل ۽ ننڊي ايراضي تي هڪ جهڙا يا هم شڪل (Mirror Image) اڏيل هوندا آهن. گهرن جي اڏاوت سان گڏ زمين جي مالڪي جي قيمت بہ ادا ڪئي ويندي آهي. بنگلي نما نهيل گهرن کي (Detached Houses) چيو وڃي ٿو، جيڪي وسيع ايراضي تي نهيل هوندا آهن ۽ خاصا مهانگا هجڻ ڪري عام ماڻهوءَ جي خريداري قوت کان ٻاهر هوندا آهن. اهڙن گهرن جي سار سنڀال ۽ مرمت وغيره عام ماڻهو جي وس کان ٻاهر هوندي آهي. ڪئناڊا جي اڏاوتي قانون موجب، اڪثريت گهرن ۾ تہ خاني ۽ ڪار پارڪنگ جو هجڻ ضروري آهي ۽ گهر جي اڏاوت ميونسيپل قانون موجب ڪرڻ هڪ ضروري عمل ليکيو وڃي ٿو،جنهن جي پابندي ڪرڻ، هر هڪ تي فرض آهي. بنگلي جي مرمت يا ڪنهن قسم جي واڌاري لاءِ بہ، مقامي قانون (by Laws) مطابق اجازت وٺي اُن تي عمل ڪرڻ ايترو ضروري آهي،جيترو خود اڏاوت جو ڪم ضروري سمجهيو وڃي ٿو. ڊيٽيچڊ هائوس اڪيلا بنگلا نهيل هوندا آهن جن جي پرسان واري بنگلي جي وچ ۾ڪافي ڪليل ميدان ڇڏيل هوندو آهي، جنهن ۾ ساوڪ، گل ٻوٽا ۽ وڻڪار لڳائي خوبصورتي ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي.

۽ گهر لڳو لڳ نهيل،جن کي Semi Detached House يا Duplex چيو وڃي ٿو، سي ڪجهه سستا هوندا آهن. مڊل ڪلاس وارا ماڻهو، اڪثر ڪري فليٽس (Condos) يا ٽائون هائوس ۾ رهڻ جي وسعت (Affordability) رکن ٿا ۽ هجرت ڪري اچڻ وارا به اهڙن گهرن ۾ آباد ٿيندا نظر اچن ٿا، پر جيڪڏهن ڪو اڪيلو شاگرد آهي، ته Single Room Occupancy يا گڏ رهڻ (Sharing Accommodation) کي ترجيح ڏيڻ معاشي طور فائديمند عمل ٿيندو آهي.

ڪئنيڊا جي مقامي ماڻهن ۾، گهرن جي حوالي سان ٽي عمل تعريف جوڳا ليکيا وڃن ٿا،هڪ ته هو پنهنجي گهر ۽ باغيچن جو خاص خيال رکن ٿا، ٻيو ته هو جوانيءَ ۾ سخت محنت ڪري، گهر خريد ڪرڻ کي پهرين ترجيح ڏين ٿا ۽ عمر جي آخري حصي ۾، اُن گهر کي وڏي قيمت ۾ وڪڻي، گهڻ منزلي عمارت ۾سَستو فليٽ وٺي، بقايا پئسي کي سٺي بچت اسڪيمن ۾ رکي، زندگي جو باقي حصو،ان بچت اسڪيم ۾ وڌل رقم تي هلندڙ فائدي يا وياج جي سهاري پيا عيش عشرت ڪن. ٽيون عمل اهو آهيو جو هو ڪڏهن به بغير دعوت جي آيل مهمان تي خوش ٿين. انڪري اخلاقن ضروري آهي ته ڪنهن به دوست يا عزيز جي گهر وڃڻ کان اڳ، فون تي ڪم از ڪم اطلاع ڏيڻ ضروري آهي. چوندا آهن ته ري سڏيو ڪتو به مالڪ وٽ ڪونه ويندو آهي.

گهٽي تڏ هجڻ ڪري اولهه جي ملڪن وانگر هتي به گهرن جي اڏاوت پهريون نمبر پڪل سِرن يا سيمينٽ جي بلاڪن ذريعي گهر جي ٻاهرين ديوار جي اڏاوت هڪ پٽ جي بدران ٻن پٽين سان اهڙيءَ طرح ڪئي ويندي آهي، جو ٻنهي پٽين جي وچ ۾ ٽي انچ جي وِٿي (Cavity Wall) رکي، ان ۾ ٻاهرين سردي کي اندر کان روڪڻ ۽ اندر واري گرمي (Heating)کي ٻاهر وڃڻ يا ضايع ٿيڻ کان روڪڻ واري غير پسرائيندڙ مادو (Insulating Material) جهڙوڪ: چيڪي مٽي، ڪاٺ جو ٻورو، ٿرموپور جون شيٽون وغيره، اُن وِٿي ۾ وجهي، زندگي ڀر توانائي بچائي، گهٽ خرچ تي پنهنجي باقي زندگي آرام سان بسر ڪن ٿا. گرمي پد ڪاٿو 20°c کان هيٺ وڃڻ جي صورت ۾، بغير غير پسرائيندڙ مادي جي گهرن ۾ انسانن جو زنده رهڻ ڏاڍو مشڪل آهي، جنهن ڪري هتي پٽين کان علاوه، ڇت کي به غير پسرائيندڙ (Insulate) ڪيو وڃي ٿو. ڪاش اسان وٽ به اِها سوچ اچي جو جيڪب آباد ۾ گرمي پد 50°c کان مٿي ٽپي وڃي ٿو پر غير معياري اڏاوتي نظام جي ڪارڻ، عوام پئي ٻاهه ۾ پچي، مٿان وري بجلي جي عدم

موجودگي سون تي سهاڳي جو ڪم پئي ڪري. اسان کي گهرجي تہ تحقيق ڪري مقامي اڏاوتي سامان (Indigenous Building Materials) کي استعمال ڪرڻ سان، پاڻيءَ کي ٿڌڪائيندڙ گرميءَ کي بي اثر ڪري سگهجي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪئناڊا يا اُتردي پرڳڻي جي ملڪن (Scandinavian Countries) ۾ ڏند ڪڙڪائيندڙ، برفباري کي بي اثر ڪري ڏيکاريو آهي.

حيدرآباد جي گلشن سحر واري گهر ۾، اِن ٽيڪنالاجي جي استعمال ڪري، گرمي ۾ ايئرڪنڊيشنر جي ضرورت بلڪل نہ هجڻ جي برابر آهي، بلڪ پکي جي استعمال سان وڏيڪ آرام ملي ٿو. اِن حوالي سان گرمي جي موسم ۾، بجلي جي بلن ۾ ڪافي ڪمي اچي ٿي.هر گرمي جي موسم دوران، HESCO وارا هر مهيني ميٽر چيڪ ڪرڻ ايندا آهن، تہ متان ميٽر خراب هجن. گذريل گرمي ۾،حيسڪو وارا 10 هزار جو ڏنڊ هڻي ويا،جنهن جي شڪايت حيدرآباد جي محتسب اعليٰ کي ڪئي. مان جڏهن محتسب اعليٰ کي گهرجي پاهرين پٽين جي اڏاوت ۽ وچوواري وچوٽي ۽ غير پسرائيندڙ مادو وجهڻ ۽ ان مان بجلي جي بچت بابت تفصيلي معلومات ڏني، تہ پوءِ جج صاحب حيران ٿي، حيسڪو وارن کي نہ صرف ڏنڊ واپس ونڻ تي مجبور ڪيو، پر اُن سپروائيزر کي شوڪاز نوٽيس بہ ڏياريو ويو.

اولهہ ۽ اتر آمريڪي ملڪن ۾، گهڻي برفباري ۽ برسات ڪري، گهرن جي ڇتين کي غير پسرائيندڙ مادي کان علاوه، ڇتيون لهنواريون ۽ پاڻي روڪ (Water Proof) ڪري ٺاهيون وينديون آهن،جيئن برف ڇتين متان سِرڪي زمين بوس ٿئي، ورنہ وزن وڌڻ خاطر، ڇتين جي ڪِرڻ جو خطرو وڌي وڃي ٿو.

موهن جي دڙي واري گاڏي

مغربي ملڪن جي رهواسين، جهڙيءَ طرح سرديءَ جو ٽوڙ ڪيڻ لاءِ، گهرن ۾ سيءَ کان بچڻ لاءِ اُپاءَ ورتا آهن، تہ اهڙي طرح، سنڌ جي ٻهراڙي ۾ گرمي جي شدت کان بچڻ لاءِ،اوڏڪي پٽين واريون لانڊيون يا مَنهن مقامي تحقيق جي تخليق جو اهڃاڻ چئي سگهجي ٿو. جنهن مان اسان جي سادگي ۽ سُجائي صاف ظاهر آهي. اسان اڃان تائين موهن جي دڙي واري لڏل ڏاندن واري گاڏي کي، نہ صرف گسائي ۽ گهلي گم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون،پر اُن ۾ لوهہ جا ڦيتا ۽ سرائي وجهڻ ۾ ڪا اڳرائي اڃ تائين نہ ڪئي آهي. پنجاب وارن اسان جي لاعلمي ۽ سُستي کي ڏسي، اِن ٻن

ڏاندن واري گاڏي جي اصلاح ڪري، ڪافي تبديليون آڻي، اُنکي ڇڪڙي جي شڪل ڏني، جنهن مان انقلابي ذهن جي ڄاڻ پوي ٿي.

شاهه صاحب موجب، حيف تنهين تي هوءِ، وطن جن وساريو......وانگر، اسان پنهنجن گهرن کان ٻاهر نڪرڻ عيب ۽ واهه جي هُن پَرِڪي پرديس سمجهون ٿا. غيرت جي نالي تي سنڌ اندر آبادي جي تناسب سان، جيڪڏهن تحقيق ڪئي وڃي، ته مان سمجهان ٿو ته سنڌ اندر هر مُقام جي قبرن جو تعداد، پر واري پائرن جي پيٽ ۾، هر سال تيزي سان ترقي ڪندو نظر اچي ٿو. شاعر مشرق جي هدايت مطابق "جس کهيت سے دهکان کو ميسر نه هو روٹی۔ اس کهيت کے غوشے گندم کو جلادو"..... وانگر اسان جا وڏا پائر، پوري دنيا ته ڇا، پر آئيس لينڊ تي به آباد آهن. اِها ڳالهه آهي سمجهڻ ۽ هدايت وٺڻ وارن لاءِ.باقي رِڍِ اڳيان رباب وڄائيندي ورهه ٿيا. اسان جي ملڪ ۾ وقت جو قدر نه هوندو آهي ۽ ماڻهو قلم سان لکڻ جي بجاءِ، شلوار ۾ اڳڻ وجهڻ ۾ گهڻو وقت ضايع ڪندا آهن. اِها قوم ڀلا سماجي، معاشي ۽ تعليمي ميدان ۾ ڪيئن ترقي ڪندي، جو ميراثين کي استاد، جاهل ۽ پاڳل کي درويش ۽ ظالم ۽ ڪم ظرف کي سائين سڏيندي هجي.

ٽورنٽو شهر، کي اشتهاري فقري يا مخصوص نعري جي حوالي سان ’شهرِ باغبان‘ سڏيو وڃي ٿو، جو هي شهر هڪ اهڙي هنڌ تي آباد آهي، جتي قدرتي سُونهن جا دلڪش نظارا، حد نگاهه تائين گل گلزار ۽ ساوڪ ئي ساوڪ نظر اچن ٿا. چؤ طرف خوبصورت ۽ رنگين پنن وارا وڻ، گلن وارا ٻوٽا ۽ پري تائين جيڪي جبل نظر اچن ٿا، سي به ٿاءِ لينڊ ۽ ملائيشيا وانگر ساوڪ سان ڀريل آهن. هتي برسات عام هجڻ ڪري، ماحولياتي گندگي کان پاڪ ۽ صاف آبهوا، هر جاندار لاءِ هڪ صحتمند ماحول مهيا ڪري ٿي. هتي جي زمين ايتري ته زرخيز آهي، جو غيرآباد ٽڪرو، جنهن ۾ مٽي يا دزِ نظر اچي. توهان کي ڳولڻ سان ڪونه ملندي اسان وٽ خُشڪي هجڻ ڪري، ماحولياتي آلودگي، هوا ۾ مِٽي ۽ دَز، انسانن لاءِ سوين سختيون ساڻ ڪنيون وتي. حيدرآباد شهر ۾ هر سال مارچ جي مهيني کان شروع ٿيندڙ تيز هوائون ۽ سنڌوءَ ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري، سڄي ساري درياهي مٽي هوا ۾ ملي ڪري، پورن ڇئن مهينن تائين پئي وسڪارو ڪندي آهي. شهر ۾ هر وقت تيز هوائون هئڻ ڪري، مٽيءَ جا غُبار گشت ڪندي نظر ايندا آهن، ايترو جو گهرن اندر فرنيچر وغيره

مٿي جي ٿهن سان ڊڪجيو وڃن. ان حوالي سان مان جڏهن حيدرآباد ڊولپمينٽ پئڪيج ۾ ، عُثمانيہ ڪنسلٽنگ ڪمپني طرفان، چيف ريزيڊنٽ انجنيئر هئس، تڏهن مان اِن مسئلي جي مستقل حل بابت، ان وقت جي ضلع ناظم ۽ پروجيڪٽ ڊاريڪٽر، جيڪو پڻ ڊپٽي ڪمشنر هيو، تن کي ڪوٽڙي بئراج کان لطيف آباد ٿائين، درياھ جي ڪاپي ڪناري سان، ڪونوڪارپس وڻن (Conocarpus Trees) جي قطارن لڳائڻ لاءِ مشورا ڏنا، پر اِن تي ڪنهن جو بہ ڌيان نہ اٽڪيو حالانڪ ان ۾ ايتري وڏي سيڙپ بہ ڪونہ هُئي. اُن وقت جي عمل ڪيو وڃي ها تہ هن وقت اُنهن وڻن جي قطارن جي ڪري، هڪ وڏي هترادو هوا جي رڪاوٽ (Wind Barrier) پيدا ٿي وڃي ها، جنهن مان هوا صاف ٿي، حيدرآباد جي رهواسين ڏانهن پهچي ها ۽ ڌُڌڙ جو آزار هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي ها.

ينگ اسٽريٽ، دنيا جي ڊگهي ۾ ڊگهي گهٽي

ٽورنٽو شهر جي عمومن ۽ اسڪاربورو علائقي جي منصوبندي (Town Planning) ۾ شهر جي مکيہ ويڪرن رستن کي مستطيل شڪل جي ترتيب (Gird System) ڏئي، مواصلاتي نظام کي روان دوان رکڻ کان علاوه، شهري بنيادي سهولتن جي پهچ ۽ توسيع جو خاص بندوبست پڻ شامل آهي. اِهي ويڪرا رستا، ٻن کان ٽن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي، هڪ ٻئي کي ڪٽي (Intersect) ويڪرا مستطيل ناهين ٿا، جن ۾ مختلف آباديون قائم آهن. ٽورنٽو جي يانگ اسٽريٽ (Yonge Street)، دنيا ۾ ڊگهي ۾ ڊگهي شهري گِهٽي آهي، جنهن جي ڊيگهہ 5 ڪلو ميٽر آهي. هي شهر قدرتي نظارن ۽ سرسبز گلن ۽ ٻوٽن سان ڀريل دلڪش منظر پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ مختلف جاين تي، قدرتي اُونهيون وٽڪار ڀريل کاهيون يا گهارا (Ravines) نظر اچن ٿا. گهڻو وقت اڳ هن شهر ۾، ڪراچي وانگر ڪچيون آباديون هونديون هيون، ليڪن 1950ع کان اڳ، انهن سيني آبادين کي، هڪ بلدياتي حڪم موجب، حڪومت خريد ڪري، عوامي سهولتن جهڙوڪ، باغ، لائبررين، اسپتالون، راندين جا ميدان وغيره لاءِ استعمال هيٺ آنديون ۽ ڪچي آبادي جي مالڪن کي، پڪي آبادي ۾ سنا ۽ سهڻا گهر ناهي ڏنا. اسان جا صاحب اقتدار، اِن فارمولا تي عمل ڪن، تہ سيني شهرن مان ڪچيون آباديون ختم ٿي سگهن ٿيون، پر جيڪڏهن اسان جي ادارن ۽ سياستدانن کي ڪم ڪرڻ جي نيت ۽ طريقو سمجهہ ۾ اچي. اسان

وٺ ڪم ڪرڻ جا ضابطا ايترا تہ ڪمزرو آهن، جوْ ايماندار آفيسر هڪ ڪچي آبادي ڊاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، تہ اُن کي يا تہ بدلي ڪيو ويندو يا وري ڪيس قتل ڪيو ويندو ۽ لينڊ مافيا جي طاقت سان ڍھ ٻيون آباديون ٺهي وينديون. سياڳو خان جتوئي،جڏهن سکر جو ڊپٽي ڪمشنر هو، تہ هُن کي هڪ قبضي ڪندڙ دڪاندار، اُن وقت پيٽ ۾ چاڪو هنيون، جنهن مهل هو قبضو هٽائي رهيو هو.

يورپ وانگر هتي بہ نوڪري ۽ گھر جو ڪم ڪار پاڻ کي ڪرڻو پوي ٿو، اسان جي ملڪن وارا مزا هتي ڪونہ آهن، جو هر هڪ کي نويڪلي گاڏي ۽ هر گاڏي تي ڊرائيور، گھر ۾ صفائي لاءِ جدا تہ ٿانون ڌوئڻ واري علحده ۽ ماني پچائڻ وارو بورچي ۽ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ جدا نوڪر رکيل هوندو آهي.

مطلب گھر جي ڀاتين کان وڌيڪ نوڪرن جو تعداد نظر ايندو آهي.جيڪڏهن گھر جو سربراهہ، سرڪاري عملدار آهي، تہ پوءِ ڏوئي ڊِڪڻ گيهہ تي ويندو، جو توهان کي هر هنڌ نوڪرئي نوڪر نظر ايندا. مغربي ملڪن ۾ وڏا آفيسر ۽ امير ماڻهو بہ اسان واريون سهولتون ماڻڻ کان قاصر آهن ۽ هو پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ جا عادي ٿي چڪا آهن. رڌ پچاءَ کان ٿانو ۽ ڪپڙا ڌوئڻ، گھرجي صفائي، ٻارن کي تيار ڪرڻ وغيره، ليڪن ڪم ۾ عورت کي مرد ۽ مرد کي عورت مدد ڪرائيندي نظر ايندي آهي.

زندگي جو گذر سفر ايترو تہ مهانگو آهي، جو گھر هلائڻ لاءِ زال ۽ مڙس ٻنهي کي نوڪري ڪرڻي پوي ٿي، پر وڌندڙ خرچ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪڏهن بہ ٻہ نوڪريون بہ ڪرڻيون پون ٿيون.

اسان وٽ گھڻو ڪري ٻهراڙي جي ماحول ۾، گھر جي ننڍي ڀاتي يا گھڻو ڪري ٻارن ۽ خاص ڪري عورتن کان گھر جي وڏن ڀاتين طرفان ڏاڍائي ۽ طاقت جي زور تي ڪانئن اُهي سڀ ڪم ڪرايا ويندا آهن، جيڪي برعڪس پنهنجو پاڻ کي ڪرڻ گھرجن، مثلاً پاڻيءَ جو گلاس گھرڻ، ڪرسي يا کٽ ڪڍڻ وغيره وغيره. اِن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اِهي عادتون سَوَ سال اڳ انگريزن، اسان جي بيوروڪريٽس يعنيٰ سرڪاري حاڪمن ۽ پنهنجي عملدارن کي سيکاريون، جو اُن وقت غلاميءَ جي دور جو اثر اڃان تازو هو. اُن دور ۾ ڪمشنر وٽ 50 کان مٿي ذاتي نوڪر ۽ خدمتگار، سرڪاري پگھارن تي رکيل هوندا هُئا جن جو ڪم صرف ڪمشنر جي گھر جي چوڌيواري اندر هوندو هو. انهن ۾ گاڏي پيتي ۽ صفائي کان علاوه صاحب موصوف جي اچڻ وڃڻ وقت دروازا کولڻ، بوٽ پارائڻ، پالش ڪرڻ، ڪپڙن جو انتخاب ۽ پارائڻ، گرم پاڻي جو بندوبست

۽ تڙ ڪرائڻ، جهلي هٽڻ، ڏاڙهي ڪوڙڻ وغيره وغيره اهڙي طرح گهر جي بين ياتين لاءِ، ساڳيءَ طرز جي خدمت چاڪري لاءِ، نوڪر هر وقت موجود رهندا هُئا.

انگريزن اسان جي عوام کي غلامي جا سبق سيکاري اسان لاءِ عذاب ڪري، پاڻ وچي برابري ۽ عدم امتيازي سلوڪ جا علمبردار ٿيا. اسان وٽ گهر جو هر وڏو ياتي، ڪُرسي تي ويهي، حڪم هلائيندو رهي ٿو ۽ ڪنهن بہ ڪم ۾ ذاتي ادائگي يا عملي وابستگي کان وانجهو رهي، پوري ڪٽنب جي ماڻهن کي محڪوم بڻائي، ناڪاره ڪري ڇڏي ٿو. هو پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ کي پنهنجي بي عزتي سمجهي ٿو، پر ساڳيو ماڻهو اولهہ جي ملڪن ۾ رهڻ سان، هر ڪم ڪرڻ جو عادي ٿي وڃي ٿو.

عبدالله جو، اِلزمير اسٽيشن اسڪول

اسان جي دوست شاهد جاويد، جڏهن گهر پيڙو ڪيو تہ گهر اندر فرج ڪاڏي پيتي جي سامان سان پريل هيو، اها سندس مهرباني جو ڪجهہ ڏينهن اسان کي سامان وٺڻ لاءِ دڪان وغيره ڳولڻا نہ پيا. گهر ۾ ضرورت جو سامان فرنيچر وغيره،اڳ ۾رکيل هو، ايترو جو TV بہ موجود هُئي، جنهن کي کولڻ سان، هڪ نئين رنگين دنيا جي تصوراتي ڪهاڻي جي شروعات ڪئي.

صُبح تي ڪميونٽي سينٽر وڃي، نُون هجرت ڪندڙن جي آفيس ۾، پنهنجي رجسٽريشن ڪرائي ۽ نيشنل انشورنس ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ رجوع ڪيو. ٻئي ڏينهن عبدالله جي داخلا لاءِ اِلزمير اسٽيٽن پبلڪ هاءِ اسڪول روانا ٿياسين. اسڪول جي هيڊ مسٽريس سان ملاقات ٿي، جنهن عبدالله جي انٽرويو وٺڻ کانپوءِ تعريف ڪئي ۽ سندس هوشياري ڏسي، سعودي عرب ۾ اهڙي تعليمي معيار جي هجڻ تي پڻ حيراني ظاهر ڪئي. جنهن کانپوءِ عبدالله جي اعليٰ ذهانت جو اعتراف، سندس ڪلاس ٽيچر، مس گئليگر (Ms Gallagher) هر وقت ڪندي رهندي هُئي ۽ ڏيڍ مهيني اندر هُن عبدالله کي مٿئين ڪلاس ۾ پروموشن ڏيڻ لاءِ هيڊ مسٽريس کي پاڻهي جاڻي خط لکيو ۽ سندس سُفارش تي عبدالله کي مٿئين ڪلاس ۾ داخلا ڏني وئي. مِس گئليگز اهو لکيو تہ هي ڇوڪرو پنهنجي عمر جي حساب کان ٻہ سال مٿي جي ڄاڻ ۽ علم رکي ٿو، سو هن کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال مٿئين درجي ۾ ترقي ڏني وڃي. اهو آهي انصاف ۽

سچائي،غيرن ۾، جو پاڻمرادو حق جي ڳالهه ڪن ٿا ۽ انتي قائم رهي تائيد ۽ پنيرائي به ڪن ٿا.

عبدالله جي ڪلاس ۾ ويهارو کن ٻار داخل هُئا، هونئن به قانون مطابق، ڪلاس ۾ ٻارن جو تعداد ويهن پنجويهن کان متي نه هجڻ گهرجي. تعليمي معيار مطابق هڪ ڪلاس ۾ پنجويهن شاگردن کان متي، استاد هر هڪ شاگرد کي ڀرپور توجهه ڏئي نه ٿو پڙهائي سگهي. ان جي برعڪس اسان جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽي جي ڪلاسن جو اهو حال آهي، جو هڪ ڪلاس ۾ ستر کان اسي ٻارن کي گڏ ڪري پڙهايو ٿو وڃي. هڪ ته استادن جو حال پورو سارو،وري ٻيو ڪلاس ۾ شاگردن جي ڪثرت ڪري، تعليم جو معيار قائم رکڻ ته پري جي ڳالهه، پر تعليم جو ٻيڙو ئي ٻڏي وڃي ٿو. جيئن عام چوڻي آهي ته پير جي موچ ۽ نندي سوچ، ڪڏهن به اڳتي وڌڻ ڪونه ڏيندي آهي. مونکي ياد آهي ته 74-1970ع دوران، سنڌ يونيورسٽي جي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي) ۾ پنجاسي کان وڌيڪ ڇوڪرا هڪڙي ئي ڪلاس ۾ گڏجي پڙهندا هئاسون، ائين لڳندو هو جڻ مڇي مارڪيٽ ۾ پهچي ويا آهيون. پوين بينچن وارا (Back Benchers) پاڻ ۾ جڻ ڪوڏي ڪوڏي پيا کيڏندا هُئا ۽ استاد پنهنجو وقت پورو ڪري هليا ويندا هئا.

ڪئناڊا ۾ ٻارن جي تعليم ميٽرڪ تائين بلڪل معياري ۽ مفت آهي ۽ ڪتاب ڏنا ويندا آهن. اسڪول سڏ پنڌ تي هجڻ ڪري، ڪار ذريعي صبح واري پونڌڙ برف ۾ اسڪول جي پارڪنگ ايريا ۾ لهي، سندس هٿ وٺي اسڪول جي دروازي تي ڊيوٽي تي بيٺل استاد جي حوالي ڪري، وري به بجي ڊاري گاڏي پارڪنگ ۾ بيهاري،اسڪول جي چبر تي هر هڪ ڪلاس ٽيچر پنهنجي ٻارن کي قطار جي صورت ۾ بيهاري، مائٽن جو انتظار ڪندي آهي. هر هڪ ٻار پنهنجي مائٽن حوالي ڪرڻ کان پوءِ، گهر لاءِ رواني ٿي ويندي هُئي. پيدل گهر ويندڙ، وڏن ٻارن لاءِ هڪ استاد جي اسڪول پرسان گذرندڙ رستي تي ڊيوٽي هوندي هُئي، ته ٻارن کي سلامتي سان رستو پارا ڪرائي.

اسڪول اندر سڀ ڪلاس روم ڏاڍا ڪشادا هوندا هئا، جنهن ۾ ٻارن جا لاڪرس (Lockers)، صفائي لاءِ واش بئسن، ڪمپيوٽر، ننڍڙي لائيبريري، ننڍن ٻارن لاءِ ڪجهه راندڪا ۽ ڪلاس لاءِ پالتو جانور (Class Pet) پڃري ۾ بند رکيل هوندو هو. ڪلاس روم ۽ اسڪول جي ورانڊي جي اندرين

پٽين تي رنگين چارٽ، ڪارٽون ۽ ٻيا معلوماتي پوسٽر لڳل هوندا آهن. ورانڊي ۾ هڪ بورڊ هو، جنهن تي هوشيار شاگردن جو تصويرون ۽ مختلف اجتمائي تقريبن ۾، حصو وٺندڙ شاگردن جون تصويرون لڳل هونديون هيون.

اسڪول جي شاگردن کي شهر جي سياحي اعتبار کان مشهور علائقن، جڳهين، پارڪس، چڙيا گهرن جو دورو تقريباً هر مهيني ڪرائيندا رهندا هُئا. اسڪول ۾ ٻارن لاءِ ٿيئٽر هال ۽ جيم هال (Gym Hall) هوندا هئا، جن ۾ اسڪول جي سيني شاگردن کي گڏ ڪري، ٻارن لاءِ معلوماتي ۽ تفريحي فلمون ڏيکاريون وينديون هيون.

ڪئناڊا جي اسڪولن ۾ ڪجهه سنيون ڳالهيون نوٽ ڪرڻ وٽان آهن.

1. اسڪول جي هر ڪلاس ۾، شاگردن جو تعداد پنجويهن شاگردن کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي.
2. اسڪول جي هر ڪلاس ۾، هر شاگرد کي واري واري ڪنهن مدت لاءِ مانيٽر مقرر ڪيو ويندو آهي تہ جيئن گهٽ شاگردن کي، ان جوابداري کان گذاريو وڃي.
3. پرائمري سطح تائين، هڪ ئي استاد کي پوري سال لاءِ ساڳئي ئي ڪلاس جي جوابداري سونپي وڃي ٿي.
4. ٻارن کي سڀ کان پهريائين اخلاقيات تي زور ڏنو وڃي.
5. سائنس، رياضي، آرٽس ۽ ڪمپيوٽر جي سکيا پرائمري ليول کان شروع ڪئي وڃي ٿي.
6. هر اسڪول ۾ هڪ لائيبريري ۽ مرڪزي هال آهي، جتي سيئي شاگرد گڏجي ثقافتي يا تفريحي جشن ملهائيندا آهن.
7. ڪلاس جي هر شاگرد کي، ڪنهن بہ آسان مضمون بابت اسٽيج تي اچي بيان ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ، جنهن مان شاگرد کي سڀني مجموعي سامهون ڳالهائڻ جي سگهہ ملي ۽ هن جو اعتماد وڌي.
8. اهڙا موقعا فراهم ڪجن، جو مَٿين ڪلاس جي شاگرد کي، هيٺئين ڪلاس جي شاگردن کي مختلف مضمون پڙهائين.
9. شاگردن ۾ ڪيڏڻ واسطي وسيع ميدان جو هجڻ ۽ ان ۾ ضرورت جا اوزار نصب ڪرڻ ۽ ڪنهن استاد جي نظرداري تحت، هر روز هڪ ڪلاڪ ڪيڏڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ.
10. اسڪول طرفان شاگردن کي هر مهيني، چڙيا گهر، باغن جو سفر، عجائب گهر، سرڪس يا گهمائڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي ۽ هر ٽئين

مهيني اسڪول جي مرڪزي هال ۾ مختلف موضوعن تي علمي ڄاڻ وڌائڻ خاطر، پروجيڪٽر ذريعي فلمون ڏيکارڻ، سائنسي نمائش جو انعقاد يا مختلف ادارن جهڙوڪ، صحت جي اصولن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر، جاپان ۽ پلين يا گاڏين جي مشينري بابت معلومات لاءِ، ڪنهن انجنيئر، پوليس يا ملٽري جي ڪنهن آفيسر کي گهرائي شاگردن کي سيڪيورٽي بابت تعليم ڏيڻ، هڪ وڏي اهميت رکي ٿو.

شاگردن جي ڪچن ذهن ۾ اٿندڙ سوالن جي حوالي سان، نہ صرف ڪين جواب ملندا، پر ڪين گهڻي ڄاڻ، مسئلن جي حل بابت ۽ فيصلي ڪرڻ جي قوت ۾ اضافو ٿيندو. باقي صرف ڪلاس روم ۾ بند شاگردن کي ڪتابن جا پنا رٽائڻ سان، هو پڙهي تہ ويندو، پر هڪ عظيم محقق، سائنسدان ۽ قائد نٿو ٿي سگهي. ان حوالي سان هن پراڻي ۽ فرسودا تعليمي نظام کي تبديل ڪرڻو پوندو، پر افسوس جو هِن نظام کي تبديل ڪرڻ وارن نمائندن جا ٻار، آمريڪا ۽ اولهہ ملڪن جي اعليٰ اسڪولن ۾ پڙهن ٿا، جنهن ڪري تعليمي نظام جي تبديلي يا اصلاح ناممڪن پئي لڳي. اسان جو تعليمي معيار تڏهن سڌرندو جڏهن، اميرن، وڏيرن، پيرن ۽ پوتارن جا ٻچا سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪيا وڃن.

اسان جي پاڙي واري ميان شاهد جي گهر واري،ڪڏهن ٻارن کي وٺڻ لاءِ، ڪار ڪاهي اسڪول ويندي هُئي. غالباً هتي اچي ڊرائيونگ سکي هُئي، جو پنهنجي ڊرائيونگ تي ايترو اعتبار ڪونہ هوندو هئس، سو هڪ ٻہ دفعوائين ٿيو، جو گاڏي اسڪول جي پارڪنگ ۾ وساري، ٻارن کي پنڌ گهر وٺي ايندي هُئي ۽ گهر پهچڻ سان يڪدم گاڏي ياد ايندي هئس، جيڪا وري ٻيهر پنڌ وڃي ڪاهي ايندي هُئي. سخت سردي هجڻ ڪري، اسڪولن کي گرم رکڻ جو پورو بندوبست هوندو هو ۽ اسڪول جي صفائي جي کهڙي ڳالهہ ڪجي. ڪئناڊا ۾ اسڪولن کي ويهارو ڪن ايڪڙ زمين ڏني وڃي ٿي، جنهن ۾ اسڪول جي چؤ طرف سائي چِٻر، رنگ برنگ ٻوٽا ۽ وڻڪار ۽ ٻارن جي ڪيڏڻ لاءِ وسيع ميدان شامل هوندا آهن.

ڪئناڊا ۾ مشهور شاپنگ مال، زِيلرس (Zellers)، وال مارٽ (Wall Mart)، بيز (Bays)، وِنرس (Winners) ۽ ٻيا ڪيترائي مارڪيٽ هوندا هئا. هوم ڊپارٽمينٽ (Home Department)، جنهن ۾ توهان نهيل نُڪيل گهر خريد ڪري، پنهنجي پلاٽ تي پانن ۽ پيچڪش ذريعي، ڪجهہ ڏينهن اندر ٺاهي اپو(Erect)ڪري سگهو ٿا. اِن ڪان علاوه ٻيا مال جهڙوڪ: بنيادي ڪاڏا

(Basic Foods)، پرائس چاپر (Price Chopper)، فيوچر شاپ (Future Shop) ۽ ڪاسڪو (Costisco) مشهور آهن.

تڪڙي طعام خانن ۾ مشهور، ٽِم هرٽس (Tim Hurts)، ڪنٽري اسٽائيل (Country Style)، پيزا هٽ (Piza Hut)، پيزا - پيزا (Piza-Piza)، مئڪڊونلز، ڪافي شاپ (Coffee Shop)، برگر ڪنگ (Burger King)، ڪافي ٽائيم (Coffee Time) ۽ ٻيا بہ ڪيترائي، هر چؤراهي تي توهان کي ملندا. عبدالله کي ٽِم هرٽس ۽ ڪافي شاپ ڏاڍاپسند هوندا هئا.

عيسائي مذهب جي تهوار يعنيٰ ڪرسمس ڊي، جيڪو 25 ڊسمبر تي هر سال ملهايو ويندو آهي، تنهن پوري مهيني دوران مقامي گورا موڪل تي دنيا جي ڪنهن ٻئي ڪنڊ گهمڻ لاءِ روانا ٿي ويندا آهن. انهن تهوارن تي توهان کي گورا گهٽ، ڪاري رنگن وارا ماڻهو وڌيڪ نظر ايندا. انهن موڪلن دوران حڪومت طرفان اهڙيون هدايتون ڏنل هونديون آهن، تہ قابل ۽ اهل شاگردن (Teenager Student) کي عارضي طور ڪاروبار هلائڻ لاءِ رکيو وڃي، جنهن ۾ شاگردن کي، مختلف ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري، جيڪو تجربو حاصل ٿئي ٿو،اهو نہ رڳو ڪين دنوي ڪاروبار جي مکيہ ڌاري ۾ شامل ٿيڻ ۾ ڀرپور رهنمائي ۽ مدد فراهم ڪري ٿو، پر وقتي طور تي سندس معاشي سهڪار جو پڻ ساٿ ڏئي ٿو، جيئن هو پنهنجي تعليم کي اڳتي وڌائي سگهن. ننڍي عمر جي ڇوڪِرين لاءِ منفي پهلو اِهو آهي، تہ هو نفسي حوَس جو شڪار بہ ٿي سگهن ٿيون.

نيويارڪ جي جاڙين عمارتن تي حملو
(Attack on Twin Towers)

ڪئناڊا ۾ اچڻ کان ٻئي هفتي اندر ئي متيون واقعو پيش آيو. صبح جو اجان بستري تي هئاسين ۽ اٺن واري پئي ڪئي تہ فون وڳي، ڳالهائڻ ڪانپوءِ معلوم ٿيو، تہ اسان جي جاءِ جو مالڪ مسٽر ميان شاهد هو، جنهن مون کي صرف اهو چيو تہ، توهان جلدي ٽي.وي ڏسو، جو ڪا خاص خبر پئي هلي. ٽي.وي تي CNN لڳائڻ سان، نيويارڪ جي جاڙن ڊگهي عمارتن مان اترين ٽاور جي مٿي واري حصي مان دونهنا ۽ باهہ نظر آئي، جيڪا ٽي.وي وارا سڌو سنئون ڏيکاري رهيا هُئا ۽ خبرن ۾ هڪ جهاز جي ٽڪرائڻ واري حادثي بابت ٻڌائي رهيا هُئا، تہ اوچتو هڪ ٻيو بوئنگ جهاز (Boeing 767) نمودار ٿيو ۽ لامار ڪائي اچي ڏاکڻين ٽاور کي

09:03 بجه،سڌو سنئون اچي لڳو ۽ جهاز لڳڻ ڪري ٽاور جي اڌ ڪان مٿيئن حصي کي باهه وڪوڙي وئي. ٻهرو جهاز اترين برج کي،08:46 بجه صبح جو اچي لڳو هو.اهڙي طرح 17 منٽن جي قليل وقت ۾،ٻيو جهاز اچي ٻئي برج ۾ ٽڪرايو ۽ آمريڪا جي نيويارڪ شهر ۾ قيامت برپا ٿي ۽ ٽي.وي تي آمريڪي عوام جي زبان تي ‘O’ my God جا جملا روان دوان هُئا. نيويارڪ شهر ۾ ماڻهن جي ڀاڄ ۽ افراتفري ڏسي، مونکي قرآن شريف ۾ قيامت ڏينهن جي ڪاروائي وارا منظر (جن جو ذڪر هيٺ ڏنل آهي) ذهن ۾ ڊوڙڻ لڳا، ائين جيئن پردي تي خوفناڪ حادثي جي فلم ڏيکاري وڃي.

- پوءِ جڏهن شور مچائيندڙ (قيامت) ايندي، ان ڏينهن ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کان ڀڄي پري ٿيندو ۽ ماءُ ۽ پيءُ، زال پٽن کان، اُن ڏينهن مجهائن،هر شخص کي اهڙو فڪر هوندو، جو ٻين ڏانهن ڌيان نه ڏئي سگهندو(80/33-37)
- اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ ماڻهو پکڙيل پتنگن وانگر هوندا.(101/4)
- ۽ ڪوبه عزيز هڪ ٻئي کي ڏسندو پيو، ته به هڪ ٻئي جي پڇا نه ڪندو.(70/10)
- جڏهن زمين سخت ڌٻندي ۽ جبل پوري طرح پٽي ڪبا، پوءِ اڏامندڙ ذَرَ وانگر ٿيندا.(56/4-6)
- اي انسانو پنهنجي ڌڻي کان ڊڄو ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو، جنهن ۾ ڪوبه پيءُ، سندس پٽ جي ڪم نه ايندو، نڪو پٽ، پيءُ جي ڪجهه ڪم ايندو (3/133).
- ماڻهن کي بيهوش ڏسندين حالانڪ اُهي بيهوش نه هوندا. (22/2).
- ان ڏينهن جو انتظار ڪر، جنهن ڏينهن آسمان پڌرو دُونهو آڻيندو، جيڪو ماڻهن کي ويڙهي ويندو، اهو ڏکوئيندڙ عذاب آهي. (44/10-11)
- (قيامت ڏينهن) ماڻهو چوندا ته ڀڄڻ جي واهه ڪٿي آهي. (75/10)
- ان ڏينهن ماڻهو ڌار ڌار ٿي ويندا. (99/6)

نيويارڪ جي منهيٽن (Manhattan) جي سڄي علائقي ۾، ٻنهي بُرجن کي جهازن جي ٽڪرائڻ سان پيٽرول جي باهه لڳڻ سبب آسمان ۾ ڪارا ڪڪر ڇائنجي ويا. صدين کان پرسڪون زندگي گذارڻ وارن آمريڪي شهرين کي اهڙا منظر ڪنهن ڀوائتي فلمن (Horror films) ۾ ڪڏهن ڏسڻ ۾ نه آيا هوندا سي چرين وانگر ڪنڌ مٿي ڪيون، يا خدا، يا خدا.. (‘O’ My God) جا آواز ڪندي، گهٽين ۾ هيڏانهن ڪان هوڏانهن ڊوڙندا پئي

رهيا.ٽي.وي تي بروقت سندن حالت ڏسي معلوم ٿيو، تہ هيءَ قوم ڪيتري تہ ڊڄڻي ۽ بزدل آهي.

هيءَ صرف هٿيارن جي زور تي، لِڪي وڙهڻ جا ماهر آهن، پر شايد تلوارن جي جنگ ۾ گولهيا بہ ڪونہ لين. هي صبح ايترو تہ هولناڪ هو جو ماڻهو گهرن اندر ٽي.وي ڏسندي خوف ۽ دهشت جو شڪار ٿي ويا ۽ روڊ، رستا، شاپنگ مال، بازارون، سُنسان نظر اچڻ لڳيون. سَو کان وڌيڪ ٽي.وي چئنل، بُرجن جي باهہ مان پيدا ٿيندڙ ڪاري ڌُونهين جو روبرا منظر ڪشي ۽ اُن تي تبصرن جي بوڇاڙ،ماڻهن ڪي منجهائي وڌو. اُنهن مسافر بردار جهازن جو ٽڪراءُ، صرف ٻن بُرجن تائين محدود نہ رهيو، پر ٽيون بوئنگ 757 جو جهاز جنهن ۾ پنجن جهاز جي عملي سان گڏ، 53 مسافر هُئا، تنهن کي پنجن ڄڻن واشنگٽن کان لاس اينجلس اڏام دوران اغوا ڪري،آمريڪا جي ملٽري هيڊ ڪوارٽر، پينٽاگان (Pentagon) جي عمارت کي 9:57 am تي اَچي ٽڪرايو ۽ چوٿون بوئنگ جهاز 757، جنهن ۾ ست عملي سان گڏ، 33 مسافر هئا، تنهن کي چئن اغوا ڪارن، شينڪسويلي، پينسلونيا (Shanksvilla, Pennsylvania) ۾ اچي، 10:03 am تي، زمين دوز ڪيو. اترين بُرج ۾ ٽڪرائيندڙ بوئنگ جهاز ۾، 11 عملي سان گڏ، 76 مسافر ٻيا هُئا. جن کي پنجن اغوا ڪارن اغوا ڪيو ۽ ڏکڻي برج واري جهاز ۾، 9 عملي سان گڏ، 51 مسافر هُئا، جنهن کي پنجن اغوا ڪارن اغوا ڪيو ۽ سيني جهازن جي جهاز راني پاڻ اغوا ڪارن ڪري، اڳ ۾ طئي ٿيل مخصوص هدف تائين آڻي هڪ وڏو مثال قائم ڪيو، جو اهڙن مسافر بردار جهازن جون صلاحيتون برعڪس، ملٽري جهازن جي، جنگي ڪاروائين جون چالون (Maneuvering) نہ هجڻ جي برابر هونديون آهن، جو اُنهن کان اغواڪارن ميزائيل وارو ڪم ورتو.

آمريڪا جهڙي، فيل مست ۽ طاقتور ملڪ اندر، منظم طريقي سان، چئن مختلف مسافر بردار جهازن کي اغوا ڪري، هڪ ڪلاڪ اٽويهن منٽن اندر ميزائيلن وانگر، آمريڪا جي سُڃاڻپ ۽ سندس طاقت جي مظهر، ورلڊ سينٽر جي ٻنهي بُرجن سان گڏ، ملٽري هيڊ ڪوارٽر، پينٽاگان سان ٽڪرائي مسمار ڪري ڇڏيو.

آمريڪا جي اقتصادي طاقت جا مرڪز، يعني ٻئي برج، جن جي 110 طبقن واري اوچائي، ٿوري عرصي ۾ مٽيءَ جو ڍير ٿي وئي. ڏکڻيون ٽاور 56 منٽن ۽ اتريون ٽاور، 102 منٽن کان پوءِ، جهاز جي تيل واري باهہ سبب

(Fire induced structural failure) اچي زمين تي ڦهڪو ڪيو. ڏڪٽين ٽاور جي جلدي ڪِرڻ مان ثابت ٿيو، ته اُن جهاز ۾ تيل جو مقدار پهرين جهاز، جنهن اترين ٽاور کي ٽڪرايو، کان ڪافي گهٽ هو جو باهه ٽاور جي لوهي ڍانچي(Steel Structure)کي جلدي گرم ڪري پگهرائي وڌو. انهن بُرجن جي ڪِرڻ ڪري نيويارڪ شهر ڌوڙ ۽ مٽي جي ڪڪرن۾ پوري طرح ڍڪجي ويو.دز ۽ ڌوڙ جي ڪڪرن ڪري، ماڻهون ڌوڙ ۾ بيوت ٿي ويا ۽ ڪين اچي خوف ورتو، جو شهر ۾ ڀاڄڙ شروع ٿي ۽ آسپاس وارا علائقا ويران ۽ سنسان ڏسڻ ۾ آيا. آمريڪا جهڙي طاقتور ملڪ مٿان، هڪ ئي وقت، چئن مسافر بردار جهازن کي ٽن مختلف ۽ مکيه جاين تي ميزائيل وانگر حملا ڪري، نه رڳو جاني ۽ مالي نقصان ڏنو ويو، پر ان سان گڏ آمريڪا جي بينل ساک ۽ اعتماد کي جيڪو ڇيهو رسايو ويو، تنهن جو پورائو باقي ايندڙ زندگي ۾ شايد ئي ٿي سگهي. انهن حملن ۾ 19 اغوا ڪندڙن سان گڏ تقريباً ٽي هزار مقامي ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا، جن ۾ 246 مسافر ۽ 343 باهه وسائيندڙ عملو به شامل آهن.

آمريڪي صدر جارج بش، پنهنجي ساٿين ۽ انٽيليجنس ايجنسي جي مدد سان، حملي آورن جو سوراخ لڳائڻ تي مصروف ٿي ويو ۽ يهودين جي سازش مطابق، سڄي معاملي جو مُنهن مسلمانن ڏانهن موڙي ڇڏيو. شروع ۾ عراق جي صدر صدام ڏانهن رُخ ڪيو، ليڪن آخر ۾ ’القاعده‘ جي اُسامه بن لادن تي وڃي نشانو بيهاريو.

دنيا جي سپرپاور جي سرزمين اندر، ايتري پئماني تي گوريلا ڪاروائي، سندس خفيه معلومات گڏ ڪرڻ واري اداري ۽ سيڪيورٽي سسٽم جو ڊينگو ڊيري ڪري ڇڏيو. پنهنجي نظام جي ڪمزوري سبب، انهن کي جيڪا ڦِڪائي ٿي، ان جي سبب، هو نه فقط ڇتا ٿي پيا،جو ضبط، انصاف، منطق ۽ خدا ترسي جهڙين خصلتون، جن جا پاڻ کي پاسبان سمجهندا هئا، پلائي وينا. يورپي ملڪن سميت ڪافي ٿنڪ ٽينڪ ۽ دانشور فورمن جو اِهو خيال آهي، ته اِهي حملا واقع يهودي لابي ۽ آمريڪي سي.آءِ.اي ڪرايا آهن، جيئن عالم اسلام جي وڌندڙ اثر کي ٻنجو ڏئي سگهجي.

اِهو پڻ عين ممڪن آهي، ڪرائي تي عرب اغواڪار خريد ڪري، اِهو سڄو ڊرامو رچايو ۽ پوءِ وارو وٺ ڪري، بنا دير القائده کي مجرم قرار ڏئي، افغانستان تي حملا شروع ڪري ڏيڻ جو منصوبو ٺاهيو جو اتي طالبان جي پهرين اسلامي حڪومت قائم هُئي،جيڪا اسرائيل ۽ آمريڪا

ڪي، اڃي ڪپڙي تي داغ وانگر پئي لڳي.جنرل ضياءُ الحق ڪي مارڻ جو بہ اھوئي سبب ھو تہ متان جنرل ’افغانستان ۾ طالبان جي مدد ڪري اسلامي نظام قائم ڪري.

جھڙيءَ طرح 1962ع ۾ آمريڪي فوج آپريشن نارٿووڊ (Operation Northwoods) تحت، ڪيوبا تي حملو ڪرڻ خاطر، عوامي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ، پنھنجي فوجي لڙاڪو جھازن کي، ڪيوبا جي جھازن وارو رنگ ڏئي، راتو رات پنھنجي شھر ميامي (Miami) تي دھشتگردي جا حملا ڪرائڻ جو منصوبو جوڙيون، جيئن عوامي حمايت حاصل ڪري، ڪيوبا سان جنگ شروع ڪئي وڃي ۽ فيڊرل ڪاسترو سان گڏ ڪميونيزم کي اتان ڏڪي ڪڍڻ جي منافقت ڀريل ڪوشش ڪئي وئي، جنھن کي صدر ڪينيڊي رد ڪري ڇڏيو.

اِھو پڻ عين ممڪن آھي، تہ يھودي لابي ڪِرائي تي عرب آغوا ڪار خريد ڪري، اِھو سڄو ڊرامو رچايو ۽ پوءِ وارو وٺ ڪري، بنا دير القائده’ کي مجرم قرار ڏئي، افغانستان تي حملا شروع ڪري ڏنا ويا جو اتي طالبان جي ڀرين اسلامي حڪومت قائم ھُئي. حالانڪ اڻويھن اغوا ڪارن مان، ھڪ بہ افغاني ڪونہ ھُيو ۽ سڀ جا سڀ عرب ھُئا، جن مان 15 سعودي عرب، ھڪ مصري، لبناني ۽ بہ متحده عرب امارات جا ھئا. آمريڪن اربن وارن عربن سان، دوستي جو تيل وارو ناتو نڀائيندي، غير عربن تي ھزارين ھوائي جھاز ڪني ڪري حملا ڪيا ۽ بيگناھ قتل عام ڪيو، سموري مغرب جي دنيا ۾ مسلمانن لاءِ وڏي نفرت شروع ٿي، ڪيترين مسجدن تي حملا ڪيا ويا. پوري يورپ ۽ آمريڪا ۾ عالم اسلام خلاف نفرت جي لھر پکڙجي وئي، جو آمريڪا ۾ سِکن کي مارڻ شروع ڪري ڏنو ويو، جو سِکن جو مسلمانن وانگر ڊکيل مٿو ۽ ڏاڙھي ھجڻ ڪري گھٽي مشابھت ملي ٿي. اريزونا (Arizona) ۾ بلبير سنگھ کي غلطي ۾ مسلمان سمجھي ماريو ويو. آمريڪي ۽ اتحادي، برطانيا وغيره ايترا انڌا ٿي پيا، جو افغانستان ۾ شادين جي ميڙن تي بہ بم اڇلايا، جنھن ۾ سوين بي ڏوھين کي موت جي منھن ۾ ڌڪي ڇڏيو.

انھن حملن ڪري، آمريڪي عوام ايترا تہ خوفزده ۽ پريشان ٿيا، جو ننڊ ۾ ڪين ڇرڪ ايندا رھيا. برطانيہ جي وزيراعظم ٽوني بليئر جي چُرت تي، بغير ڪنھن سبب جي، عراق تي حملو ڪري صدر صدام حسين جي حڪومت جو خاتمو آڻي، پاڙي وارن عربن کي خوش ڪيو، جنھن تي

ڪنهن بہ عرب يا مسلم دنيا جي سربراهہ، اعتراض نہ واريو ۽ سڀ جا سڀ خاموش تماشائي ٿي بيٺا. آمريڪا، عوام کي ٿڌو ڪرڻ ۽ پنهنجي حفاظتي انتظامن ۽ خفيا ادارن جي مجرماڻي غفلت کي لڪائڻ لاءِ، يهودين گڏجي حڪمت عملي ناهي، ميڊيا تي دانهون ڪرڻ لڳا، تہ اِهي سڀ اغوا ڪار مسلمان آهن ۽ اُسامہ بن لادن جي چوڻ تي اِهو سڀ ڪيو ويو آهي.

هڪ عام فهم انسان ٻڌائي سگهي ٿو، تہ ڇا افغانستان جهڙي غير ترقي يافتہ ملڪ جي جبلن اندر، غارن ۾ رهندڙ هڪ شخص، آمريڪا جي خفيہ ادارن CIA, FBI جهڙن جي مُنهن ۾ ڌوڙ وجهي، دنيا جي طاقتور ملڪ اندر اهڙي قسم جا حملا ڪرائي سگهي ٿو. اِن پوري عمل کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مٿين ادارن جي مدد ۽ آشيرواد اشهد ضروري آهي، ٻئي صورت ۾ ايڏي وڏي ڪاروائي جي تڪميل ناممڪنات ۾ شامل آهي. منهنجي ناقص راءِ اها آهي تہ هي منصوبو ڪيوبا تي حملي ڪرڻ واري نارٿووڊ منصوبي سان ڪافي هڪ جهڙائي (Similitude) رکي ٿو. ها اگر جي اهڙا حملا اسرائيل تي ٿين ها، تہ شايد اسان جا ذهن اِن مسئلي کي آساني سان هضم (Digest) ڪري سگهن ها ويران غارن ۾ لڪيل، اُسامہ بن لادن، جيڪڏهن ايڏي وڏي طاقت ۽ هوشياري رکي ٿو تہ پوءِ هو بجا طور تي اسلام جو هيرو سڏائڻ جو حقدار بڻجي سگهي ٿو.

برطانيہ جي ٽوني بليئر سڄي دنيا ۾ پولي نچائي، عراق تي حملو ڪرايو، ان خوف ۾ تہ صدام وٽ مارڻ جا اجتمائي هٿيار (Weapons of Mass Destruction) موجود آهن. اِن جنگ ۾، هڪ نمائنده حڪومت جو خاتمو آندو ۽ لکين بيگناهہ شهرين کي ماريو ويو ۽ هنن کي هڪ بہ هٿيار اتان هٿ ڪونہ آيو. هي ڪيترو نہ وڏو دوکو ۽ ڪوڙ آهي.

انهن حملن جي سبب، آمريڪا کي پنج ٽرلين ڊالرن جو نقصان ٿيو ۽ پوري دنيا جي ملڪن ۾ ڪيترن سالن تائين خراب اقتصادي حالتون ڇانيل رهيون، ڪيترائي ملڪ اڃان تائين پنهنجي اقتصادي حالتن کي سڌارڻ ۾ مشغول آهن.

ٽورنٽو

ٽورنٽو جي لفظي معنيٰ مطابق، اُها جاءِ يا علائقو جتي پاڻي اندر وڻڪار هجي، سو هتي پاڻيءَ جي هجڻ سان گڏ هزارين قسم جا رنگ برنگي ٻوٽا ۽ وڻڪار ڏسڻ ۾ ايندي. هي شهر ڍنڍ اونٽاريو (Ontario Lake)

جي ڊگهي ساحلي ڪنارو تي واقع آهي، جنهن جي اوڀر اولهه واري پکيڙ 43 ڪلوميٽر ۽ اتر ڏکڻ ۾ 22 ڪلوميٽرن جي ديگهه تي مشتمل آهي.

ڪئناڊا جي مختلف شهرن ۾، مختلف ديسن جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهن ٿا، جهڙي طرح برطانيه جي ڪجهه شهرن جهڙوڪ بريڊ فورڊ، برمنگام ۾ ديسي ماڻهن جي اڪثريت آهي، جو توهان کي ايئن لڳندو، ڄڻ اسلام آباد ۾ پيا گهمو. اهڙيءَ طرح، ڪئناڊا جي وئنڪوئر شهر، جيڪو پراڻو بندرگاهه به آهي، تنهن ۾ وري توهان کي چيني ۽ پنجابي سِک اڪثريت ۾ ڏسڻ ۾ ايندا، جو اهي اڻويهن صدي جي آخري ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اچي هتي مزدوري وغيره جي حوالي سان آباد ٿيا هئا. هي اِهو وقت هيو، جڏهن چين ۽ جپان ۾ شيد غربت هُئي. سِکن جي ڪئناڊا ڏانهن سفر جي تاريخ پراڻي آهي، ڪوما گاتا، باڦ ۽ ڪوئلي تي هلندڙ جهاز ۾، 376 مسافر ڪٺي مئي 1914ع تي، هانگ ڪانگ کان شنگهائي، يوڪو هاما (جپان) مان ڪئناڊا جي اولهه واري سامونڊي پئسيفڪ سمنڊ تي وئنڪوئر بندرگاهه پهتو، جنهن کي ٻن مهينن جي انتظار ڪرائڻ، کيس ڪئناڊا جي پوليس زبردستي واپس موٽايو، جيڪو پسيفڪ سمنڊ جي لهرن ۾ ٻوڏن کان بچي، ڏيڍ مهيني ۾ هانگ ڪانگ پهتو، جتي کيس لنگر هڻڻ جي اجازت نه ملي، جنهن ڪري سنگاپور روانو ٿيو. هن بدنصيب جهاز کي سنگاپور جي بندرگاهه ۾ پڻ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويو، پوءِ اتان ملاڪا ۽ خليج بنگال جي سمندن کي لتاڙي اچي ڪلڪتي پهتو. انهن ڏينهن ۾ پهرين جنگ عظيم جو اعلان ٿي چڪو هو، سو هن جهاز کي نيوي جي جهازن، بندرگاهه ڏانهن وڌڻ نه ڏنو جو هنن جهاز جي مسافرن کي باغي ۽ برطانيه حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ وارا قرار ڏئي ڇڏيو. آخر اسٽيمر کي ڪلڪتي کان پري، هڪ ننڍڙي بندرگاهه ڏانهن اماڻي ڇڏيو، جتان انگريز راڄ جي حڪومت ريل گاڏي ذريعي مسافرن کي پنجاب موڪلڻ چاهيو ٿي، پر سِکن ضد ڪئي ته کين ڪلڪتي وڃڻو آهي، جنهن ڪري سپاهين گوليون هلايون، جنهن ۾ ويهارو سِک مارجي پيا ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو ويو. هن جهاز جي پوري ڪهاڻي تي Continuous Journey ۽ Exclusion جي نالي سان به فلمون ٺاهيون ويون آهن، جن کي دنيا ۾ ڪافي سارا ايوارڊ به مليا آهن. سِکن جي ڪوما گاتا اسٽيمر جهاز جي ڪهاڻي جو تفصيل سان ذڪر، جناب الطاف شيخ، پنهنجي ’بخشو لغاريءَ کان بالٽِمور‘ واري سفر نامي ۾ به ڪيو آهي.

ٽورنٽو جي مِسيساگا واري علائقي ۾ پاڪستاني گهڻي تعداد ۾ آباد آهن، جنهن ڪري نُون ايندڙن کي اُتي آباد ٿيندي آساني لڳي ٿي.
ڪئناڊا جي ٻين شهرن وانگر، ٽورنٽو ۾ صفائي جو اعليٰ نظام رائج آهي، جو گهر مالڪن کي هدايت ڪيل آهي، تہ هو هفتہ جي مقرر ڪيل ٽن ڏينهن تي، صبح سوير پنهنجي گهر جو ڪچرو پلاسٽڪ جي ٽن مختلف ٿيلن ۾ وجهي، مُنهن بند ڪري، گهرجي سامهون مقرر ڪيل جاءِ تي، مقرر وقت کان ڏهہ منٽ اڳ ۾ رکن. ٿيلن جا ٽي رنگ، ڳاڙهو جنهن ۾ شيشا، بلو رنگ ۾ پلاسٽڪ جون بوتلون وغيره ۽ ڪارو رنگ، جنهن ۾ رڌ پچاءُ، ڪاڏو وغيره. جو بقايا مال رکڻ جون هدايتون ڏنل هونديون هيون.
صبح سوير گند واريون گاڏيون اچي، اُهي سڀ ٿيلها کڻي،ٻيهر ڪارآمد بنائڻ وارن ڪارخانن (Recycling Factories) ۾ کڻي وينديون هيون جتي وري ٻيهر ڪي ٻيون شيون ٺاهيون وينديون هيون.

مِسيساگا جو رشيد سومرو

تبوڪ ۾ اسان جو پيارو دوست، ڊاڪٽر امتياز جوکيو، جنهن جي گهر واري بہ وڏي ماهر ڊاڪٽرياڻي آهي هو جڏهن تبوڪ جي ملٽري اسپتال ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ آيا، تہ ساڻن ملاقات ٿي. سائين مهربان دوست هجڻ جي ناتي، ازخود پنهنجي دوست رشيد سومرو کي مِسيساگا فون ڪري، مون سان ملڻ جو زور پريو. سومري صاحب جي فون آئي، جنهن رات جي ماني، سندس رهائشگاهہ، جيڪا 50 ڪلوميٽرن’ پنڌ تي هُئي، گڏجي کائڻ لاءِ زور پريو.
اسا بہ جمع جي ڏينهن جمع جي نماز کان پوءِ وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. اسان سندس گهر واقع اِرين روڊ جي حوالي سان ڪار کان ريل يعني سب.وي تي وڃڻ کي ترجيح ڏني جو سب.وي جي اسٽيشن سندس گهر پرسان هُئي ۽ رستن جي اڻواقفيت جو گهڻو دخل هو. سومري صاحب بہ مشورو ڏنو تہ سب.وي وڌيڪ مناسب رهندو جو سندس گهر پرسان ’ڪِپلنگ‘ (Kipling) اسٽيشن واقع آهي، جيڪا اِن ريل نيٽ ورڪ جي آخري اسٽيشن آهي. ٻتيهہ اسٽيشنون طئي ڪري چاليهہ منٽن ۾، 50 ڪلوميٽر جو پنڌ ڪري ڪپلنگ اسٽيشن تي لٿاسين. سومرو صاحب پروگرام مطابق اسٽيشن تي اسانجو انتظار ڪري رهيو هو، جنهن ڪار ۾ کڻي پنهنجي گهر پهچايو.

سندس مهمان خاني ۾ پهچڻ سان، اڳ ۾ ويٺل مهمانن سان تعارف ڪرايو ويو. انهن مهمانن ۾ هڪ شيخ صاحب هو، جنهن جو نالو ياد ڪونہ اٿم، جيڪو آسٽريليا مان تازو ڪا ڊگري وٺي آيو هو.

هن ٻڌايو تہ اسان جي شر قبيلي مان، هڪ ڇوڪري (نالو پري ٻڌايائين) اسٽريليا ۾ نرسنگ جي تربيت ڪرڻ لاءِ آئي هُئي. اِها ٽريننگ UN جي هيلٿ ونگ جي سرپرستي هيٺ هُئي ۽ سندس والد جو ڄام ساقي واري گروپ سان تعلق ٻڌائي رهئي هئي. هُن وڌيڪ ٻڌايو تہ جنهن سنڌي ڊاڪٽرياڻي انهن نرسن جي چونڊ ڪئي هئي، سان بہ اسٽريليا جي ٽوئر تي آيل هُئي. جنهن چيو تہ نرس ڪورس جي چونڊ لاءِ صرف بہ سنڌي ڇوڪريون آيون هيون، تن ٻنهي کي پاس ڪيو ويو هو. شيخ صاحب هتي ٽن سالن کان رهيل آهي ۽ ڪوئي ذاتي ڪاروبار ڪندو هو. ڪچهري ۾ هڪ لغاري صاحب، ڇنو صاحب ۽ هڪ دائودپوٽو بہ موجود هُئا. لغاري صاحب اريگيشن کاتي ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي عهدي کي خيرباد چئي، هتي وڪالت جي ڊگري ڪرڻ ۾ مصروف هيو. ڪچهري ڏاڍي معلوماتي ۽ مزيدار ٿي. ڇنا صاحب تازو پاڪستان کان آيل هيو، سو سندس سفر دوران سامان گُم ٿيڻ وارو پيرائتو احوال ٻڌايائين. واپسي تي عمرو ڪندو آيو، سو اتي جيڪا هن سان حال گذاري ٿي، ان جو برجستو احوال ڏنائين ۽ سعودي عرب وارن تي ڏاڍو ناراض پئي لڳو، جو جدي ايئرپورٽ تي ڪائنس مُعلم جي نمائندن ڪائنس پاسپورٽ کسي ورتو، جنهن تي هي همراهہ ڏاڍو پريشان ٿيو. اِهو قانون بہ اسان جي ڪُڌن ڪرتوتن جي ڪري نافذ عمل آهي، جو اڪثر عمري تي ايندڙ، نوڪري ۽ پئسي ڪمائڻ خاطر لڪي ويندا آهن. هاڻي ڪفيل، عمري تي ايندڙن جا پاسپورٽ، پنهنجي قبضي ۾ رکي، سندن واپسيءَ کي يقيني بنائڻ ۾پوري طرح ڪامياب نہ ٿيا آهن، جو اسان جا ڀائر بغير پاسپورٽ جي، اتي رهيل عزيزن جي مدد سان غائب ٿيو وڃن. عرب اسان مان پريشان آهن ۽ اسان پنهنجي ڪرتوتن ۾ نيون ترڪيبون ايجاد ڪري، قانون جي پڇڪڙي ڪرڻ ۾ ڪا ڪثر نہ ٿا ڇڏيون.

ڪچهري ۾ ڪافي حال احوال ٿيا، ڪئناڊا، پاڪستان، مسلم دنيا ۽ آمريڪي پاليسين بابت ڏي وٺ ٿي. ڇنو صاحب مغربي ملڪن جي رسمن کان گهڻو متاثر پئي لڳو. ٻڌايائين تہ ويڪنوئر شهر ۾ ٽريفڪ سپاهي، صوبي جي وزير اعليٰ کي ٽريفڪ قانون جي پڇڪڙي ڪندي ڏنڊ وڌو (اِن ڏنڊ کي ٽڪيٽ چيو ويندو آهي). ٽورنٽو ۾ پڻ هڪ صوبائي وزير کي

ٽريفڪ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي ٽڪيٽ ڏني وئي. برطانيہ جي وزيراعظم ٽوني بليئر جي زال، جڏهن تڪڙ ۾ بغير ٽڪيٽ جي ريل ۾ سفر ڪيو، تہ ريل جي ملازم ڪيس ڏنڊ هنيو. شهزادي هينري تي پڻ ٽريفڪ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏنڊ وڌو ويو. اِهي احوال ٻڌي مان بہ ڪين نوازشريف تي ٽريفڪ جي سپاهي، لاهور ۽ اسلام آباد واري نئين ايڪسپريس وي روڊ تي ڏنڊ جي ڳالهہ ڪئي، جنهن تي هنن ڪلي چيو، تہ اِها هڪ نوڪئي ڪاروائي هُئي جو سپاهي کي ڏنڊ هڻڻ جا حڪم اڳ ۾ جاري ڪيا ويا هُئا. نہ تہ سپاهي جي ڪهڙي مجال جو وزيراعظم تي ڏنڊ هڻي ها.

ڪچهري ڪندي وقت جي خبر نہ پئي ۽ رات جو ڏيڍ ٿي ويو ۽ اسان کي آخري ٽرين ضرور پڪڙڻي هُئي، سو ميزبان اسان کي ڪپلنگ اسٽيشن تي پهچايو. جڏهن دريءَ مان ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ ڪراڙي عورت ٽڪيٽ ڏيندي، زور سان چيو تہ ٽرين هڪ منٽ لاءِ بيهندي آهي ۽ هي آخري ٽرين هجڻ ڪري، توهان تڪڙا وجو پر پهتاسين تہ ٽرين هلڻ لڳي ۽ اسان رهجي وياسين. جنهن ڪانپوءِ رات واري بس، جنهن جو اڏو، بلڪل پرسان هيو، تنهن ۾ چڙهي اسين روانا ٿياسين، تہ بس ۾ مختلف اسٽاپن تان، شراب پيتل نوجوان چوڪرا ۽ چوڪِريون چڙهيا جن جي هٿن ۾ شراب جون ننڍڙيون بوتلون ساڻ هيون ۽ پاڻ ۾ مستي ڪندا رهيا پر ڪنهن ٻئي کي تنگ نہ ڪيو. اُن بس ۾ ڪراچي کان هجرت تي تازو آيل هڪ انجنيئر بہ مليو، جنهن سان پڻ حال احوال ٿيو.

ڪئناڊا جون مسجدون

ڪئناڊا ۾ مسلمانن جو اڃي آباد ٿيڻ جو سلسلو بہ اڍائي صدين کان بہ اڳ جو آهي، جو هن وقت پوري ملڪ ۾ پنجونجاهہ کن وڏيون مسجدون آهن، جن ۾ پنج وقتي نماز با جماعت ۽ جمع نماز ٿيندي آهي. انهن مسجدن کان علاوه نماز لاءِ مختص ڪيل هال (Prayer Room) بہ مختلف شهرن ۾ آباد آهن. مسجدون تمام وسيع آهن ۽ انهن اندر ٻارن کي اسلامي تعليم ڏيارڻ لاءِ مدرسا پڻ آباد آهن.

اسماعيلي فرقي (آغا خاني) جا تقريباً 90 کن جماعت خانا آهن ۽ قاديانين جي مسجد جو تعداد بہ ارڙهن جي لڳ ڀڳ آهي. ٽورنٽو شهر ۽ پسگردائي جي آباديءَ ۾، ڏهہ مکيہ مسجدون، جن سان مدرسا بہ شامل آهن، جهڙوڪ، ڊينفورٿ اوينيو (Danforth Avenue) تي ڊگهن منارن سان

مدينہ مسجد، اسلامي فائونڊيشن، جامع مسجد مرڪام (Jami Masjid at Markham)، بيتِ السلام ۽ لارينس اوينيو (Lawrence Avenue) تي ’جامع ابوبڪر صديق‘ وغيره شامل آهن. ٽورنٽو ۾ ننڍي ڪنڌ جي رهواسين لاءِ AM ۽ FM تي ريڊيو سروس ڏاڍي دل لڀائيندڙ آهي، جيڪا اردو ۾ خبرون ۽ حال چال نشر ڪندي رهندي آهي. دنيا جي مختلف ملڪن مان مختلف ٻولين جي حوالي سان، ريڊيو تي ڪيترن ئي ٻولين ۾ پروگرام نشر ٿيندا رهن ٿا. ٻن ٽن اسٽيشنن تي اردو، پنجابي ۽ گجراتي ۾پروگرام ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ هلندا رهن ٿا، باقي عربي ٻولي ٻڌڻ ۾ ڪونہ آئي آهي. شايد 11 سيپٽمبر واري واقعي ڪانپوءِ، عربن پنهنجو پاڻ کي گهر اندر قيد ڪري ڇڏيو آهي، جو عربن جي ڪا بہ هلچل نظر نہ ٿي اچي. ڪافي تعداد ۾ اردو اخبارون، جهڙوڪ: اردو نيوز ’آواز‘ ۽ ’پاڪيزه‘ ڇپنديون آهن، جن جي ڪري ماڻهو هزارين ڪلوميٽرن جي پنڌ کي وساري ڇڏين ٿا. ڪئناڊا ۾ اخبارون ۽ رسالا هر چوڪ تي شيشي جي ننڍيل پيٽي ۾ رکيل هوندا آهن، جيڪي مفت ۾ ملندا آهن ۽ مقامي اخبارن لاءِ سِڪو وجهڻ سان پنهنجي پسند جي اخبار حاصل ڪري سگهجي ٿي. ڪئناڊا ۾ هر ڪم لاءِ، ماڻهن جي مداخلت کي ختم ڪري، مقرر اصولن ۽ ضابطن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، ماهراڻي ڪاريگري وسيلي، انساني ڪپت کي مورڳو ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

هڪ ڏينهن مقامي هفتيوار اردو نيوز، جي پوري صفحي تي اُوڪوِيلي (Oakville) شهر ۾’مسجد نور الحرم‘ جي زمين تي قرض لاءِ عطيات ڏيڻ لاءِ اشتهار ڇپيو، جنهن ۾ مولانا شاهہ احمد نوراني، نماز تراويح پڙهائيندڙ حافظ محمد يونس اشرفي، طرفان اپيل ڪيل هئي. هي اشتهار رمضان جي مهيني دوران اخبار ۾ آيو، تہ جيئن مسلمان پنهنجي زڪوات جا پئسا ان پلاري ڪم ۾ ڏين.

اڄ جمع نماز لاءِ، رمضان شريف جي پلاري ۽ بابرڪت پري مهيني ۾، فلئيٽ جي سامهون واري مسجد، جامع ابوبڪر صديق، جيڪا Lawrence Av روڊ تي آهي، وڃڻ ٿيو. هونءَ تہ ظهر نماز جو وقت 12:10 آهي، پر آئون وقت جو خيال ڪري،سادي يارهين بجي هليو ويس. هيءَ اُها مسجد آهي، جنهن ۾ ٻہ سال اڳ ٻہ نماز پڙهي هُئم. مسجد روڊ واري پاسي کان ايئن لڳندي آهي، جڻ مسجد جو وجود ئي نہ آهي. شايد نائين اليون واري واقعي ڪانپوءِ، مسلمانن ۾ ٿورو خوف ۽ ڊڄ هئڻ ڪري Low Profile ۾

رهڻ ڪي پسند ڪيو وڃي ٿو، يا مسجد پراڻيءَ ڪنهن جڳهه ۾ نهيل آهي، يعنيٰ، باقاعدي مسجد نهيل نه آهي. سو وڃي پرئين پاسي کان مکيه دروازي مان داخل ٿيس. سردي به ڏاڍي هئي، تقريباً خْرارتي درجو به ڊگري هو. داخل ٿيڻ سان، هڪ ڪمرو، جنهن ۾ وضو ڪرڻ جي جاءِ هئي ۽ هڪ اسٽور هيو. اڳتي وڃڻ سان مسجد جي پهرين حصي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ بوٽ لاهي ۽ انهن کي تختي جي نهيل Pigeon Holes ۾ رکيو. اڳتي وري هڪ ننڍو هال آهي، جنهن ۾ هڪ پاسي ڪوٽ ٽنگڻ لاءِ هينگر آهن، جنهن ۾ نمازي پنهنجا ڳورا ڪوٽ لاهي ٽنگي وڃي نماز پڙهندا آهن. ان کانپوءِ هڪ وڏو هال آهي، جيڪو اصل ۾ مسجد جو مکيه هال آهي، ان ۾داخل ٿيندي ويهارو کن ماڻهو، جيڪي عمر ۾ 50 کان مٿي ۽ ڪين ڏاڙهي وغيره رکيل هئي، سي پهرين صف ۾ ويٺا هُئا جن مان ڪي قرآن جي تلاوت ڪري رهيا هُئا ته ڪي وري تسبيح پڙهي رهيا هئا. هِن مسجد تي هندستان مان آيل گجراتين جو قبضو آهي، بلڪ اِنهن گجراتين جو ئي اِن مسجد جي ٻئي پاسي يعنيٰ روڊ جي هُن پاسي، هڪ وڏو تعداد، هڪ فليٽ ۾ رهي ٿو، جنهن ۾ تقريباً ٻه سَوَ کن گهر هوندا. ان فليٽ تي نظر پوڻ سان ائين محسوس ٿيندو ڄڻ ڪراچي واري سُهراب ڳوٺ ۾ هاءِ وي تي واقع اعظم فليٽ نهيل آهن، جو انهن جي درين ۽ گئلري مجهان ڪپڙا ۽ چادرون ڌوئي سُڪائڻ لاءِ رکيل ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. اهڙي منظر نگاري توهان کي پوري ٽورنٽو ۾ نظر نه ايندي. هي گجراتي ٽورنٽو ۾ تمام پراڻي وقت کان آباد آهن. گهڻو ڪري هي ڪاروباري ۽ نوڪري پيشه افراد آهن. مسجد ۾ داخل ٿيندي، آئون ٻئي صف ۾ وڃي، ٻه رڪعتون نفل جون پڙهي، قرآن کڻي پڙهڻ لڳس، ته اڳيان ويٺل بزرگ پاسو ڦيرائي مون کي چيو ته اڳتي ٿي ويهو جو هو قرآن کي پُٺيرو هُو ۽ ڪيس بي ادبي جو خيال آيو. بهرحال جي ائين سوچجي ته پوءِ مسجد اندر صرف اڳئين صف وارا ئي قرآن پڙهي سگهن ٿا ۽ پويان ويٺل قرآن جي تلاوت کان بي نياز رهي سگهن ٿا. ائين هر گز نه آهي. ساڳئي وقت مسجد جي امام واري جاءِ جي بلڪل مٿان ڇت جي لائيٽ به خراب هُئي ۽ منهنجي اچڻ کان اڳ هڪ بجلي وارو ان تي ڪم ڪري رهيو هو ۽ اُن سان مسجد جا سنڀاليندڙ به گڏ همٿ افزائي ڪري رهيا هُئا. بجلي وارو ڪم ڪندي ڪائنس اوچتو وڏو آواز ٿيو ۽ بلبن جي ڪِرڻ ڪري شيشن جا پرزا ڪافي فرش جي ڪارپيٽ مٿان پکڙجي ويا. سيني نمازين جو ڌيان ڇڪجي ويو ۽ هڪ خوف جو

ماحول تي ويو. ٿوري دير کان پوءِ اطمينان آيو ته خير آهي ڪا اهڙي ڳالهه ڪونه آهي.

ان کانپوءِ Lighting Fixture تيار ٿيو ۽ تقريباً 20 منٽن تائين صفائي واري وڪيوم هلائي ان فرش کان شيشا صاف ڪيا، بهرحال مسجد ۾ ڪافي گوڙ ۽ گهمسان رهيو ۽ مٿان نماز جو وقت به اچي سوڙهو ٿيو. هڪ بزرگ جيڪو وڏي عمر جو نظر اچي رهيو هو. تنهن اچي پهري صف کان وينل نمازين کي عطر هڻڻ شروع ڪيو، جو رمضان شريف ۾ خوشبوءِ لڳائڻ سنت آهي. عطر هڻندي هڪ واقف ڪار کي آهستي چيائين، ته منهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي، سو امام کي دعا گهرڻ جي پارت ڪجانءِ.

انڪانپوءِ آذان جو آواز آيو. جيڪو اسپيڪر ذريعي هُيو ۽ مدم آواز ۾ ۽ پوئين پاسي کان اچي رهيو هو. توهان کي خبر آهي ته يورپ، آمريڪا ۽ ڪئنادا ۾ مذهب جي ڪلي آزادي ضرور آهي، پر اسپيڪر ذريعي وڏي آواز ۾ آذان نه ٿي ڏئي سگهجي. آذان کانپوءِ جمائت اُٿي سُنتون ادا ڪيون ۽ ان کانپوءِ مولوي صاحب خطبي جي جاءِ تي بيهي اردو ۾ خطبو ڏنو.مولوي کي سندس مؤذن خُطبي جي جاءِ تائين گائيڊ ڪيو ۽ پوءِ جڏهن پرسان پيل جنڊي تي لٺل، هڪ وڏي ۽ ٿلهي لٺ سندس هٿ ۾ اچي وئي، تڏهن هُن خطبو شروع ڪيو. اردوءَ ۾ تقريباً 20 منٽ ڳالهايو. سندس موضوع هو ته ڪجهه خير ڪيو ۽ هن مسجد کي نهرائڻ ۾ مدد ڪريو. اهو ئي موضوع آئون به سال اڳ هن مسجد ۾ ٻڌي ويو هئس. تڏهن به مسجد نهرائڻ جو پروگرام هُيو. مولوي چيو ته چندو ڏيو ته مسجد جي عمارت جو نقشو پاس ڪرايون. ان کانپوءِ وري ٻئي خطبي لاءِ آذان ڏني وئي ۽ پوءِ عربي ۾ خطبو ڏنو ويو، جنهن کانپوءِ ٻه رڪعت فرض ادا ٿيا.

ان کان پوءِ سنتون پڙهي ٻاهر نڪرڻ تي معلوم ٿيو ته ٻاهرين ڪمري ۾ ڪجهه سامان جو ڍڪرو لڳو پيو آهي. جيڪو سامان چندي طور مسجد کي ملندو آهي. گهڻا ماڻهو روڪ ناڻو نه ڏئي سگهندا آهن ته پوءِ هُو ڪنهن شيءِ يا سوکڙي جي صورت ۾ جيڪي وٽن هوندو آهي، اُهو مسجد جي انتظاميه جي حوالي ڪندا آهن، پوءِ انهن کي سستي اگهه تي وڪڻي،روڪ پئسا حاصل ڪري مسجد جي اڏاوت واري حساب ڪتاب ۾ داخل ڪيا ويندا آهن. اهڙي طرح مون کي ياد آيو، اُن مسجد جو احوال، جيڪا 1970ع کان اڄ تائين ڪراچي ۽ حيدرآباد واري سُپر هاءِ وي جي وچواري مفاصلي وٽ تيار ٿيڻي هئي، جنهن جون صرف پِتيون، هالن جي

ٽائيل سان لڳل نظر اچن ٿيون، پر اها مسجد اڃان ٽائين تيار ڪونہ ٿي سگهي. جنهن کي اڃي تقريباً 45 سال ٿيا آهن. اُن مسجد لاءِ چندا ايترا تہ گڏ ڪيا ويا، جو ايترين 10 مسجدون ٺهي وڃن ها، پر جيڪڏهن اسان مسلمانن ۾ ايمانداري جو ذرو برابر موجود هجي ها.

مان 74-1970 ڌاري جڏهن ڄامشوري جي انجنيئرنگ ڪالج ۾ پڙهندو هُئس، تہ ڪراچي ويندي، حيدرآباد کان 60 ڪلو ميٽر پنڌ تي، هڪڙو ٿي پناڻ جو مدوي، نالي هوٽل هوندو هيو، جتي ڪراچي ۽ حيدرآباد ايندڙ ويندڙ بسون، ٽرڪون ۽ ڪارون بيهنديون هيون ۽ بئي ڪابہ وَسِنوَ ان رستي تي انهن ڏينهن ۾ نہ هوندي هئي، انهن ڏينهن ۾ مسجد جون پِتيون نهنديون رهنديون هيون ۽ روڊ واري پاسي کان هالا ٽائيل لڳائي، مسافرن کان چندو ورتو ويندو هو ۽ روزانا هزارين رپيا جمع ٿيندا هئا. ليڪن اڄ بہ اُها مسجد اُتي جو اُتي اڌوري بيني آهي، جنهن کي ڏسي دل غمگين ٿي ويندي آهي ۽ اسان مسلمانن جو دين اسلام سان سچائي جو جيئرو ۽ جاڳندو ثبوت پئي ٻڌائيندي آهي.

رمضان شريف جي مهيني ۾ نماز عشاءَ ۽ تراويح پڙهڻ لاءِ پر واري مسجد ’جامع ابوبڪر صديق‘ ۾ جڏهن داخل ٿيس، تہ الحمد الله ساڍا ٽي سَوَ نمازين سان مسجد ڀريل ڏسي، دل کي ڏاڍو سڪون آيو. مسجد جي پهرين حصي ۾ مسجد جي نئين اڏاوت وارو نقشو آويزان ڪيل هو، جنهن تي ڪم شروع ڪرڻ وارا هُئا ۽ ناڻو جمع ڪرڻ جي مهم زور شور تي هُئي. مسجد جي نوٽيس بورڊ تي اُنن نمازن جا وقت پڻ آويزان ڪيل هُئا. جن ۾ پنجن وقتن سان گڏ اشراق ۽ مغرب کان اڳ ۾ يعنيٰ سج لهڻ کان اڳ واري نماز بہ شامل هُئي.

نماز عشاءُ ادا ڪرڻ کانپوءِ، نماز تراويح جون ويهہ رڪعتون پنجن امامن چار چار رڪعتون ڪري، واري واري سان پڙهايون.

عام طور نماز مغرب ۽ عشاءِ جي وچ ۾ ٻن ڪلاڪن جو وقفو رکيو ويندو آهي، پر هتي ٽن ڪلاڪن کانپوءِ، عشاءِ جي نماز شروع ڪرائي وئي. جماعت جي پهرين قطارن ۾ ڏاڙهي وارا بزرگ، انهن پٺيان نوجوان طبقو ۽ آخر ۾ ٻار (Teenagers) بيهاريا ويا. عورتن لاءِ بلڪل پويان هڪ پردي اندر بندوبست هيو. نماز ختم ٿيڻ کانپوءِ، اعلان ڪيو ويو تہ ٻن نوجوان چوڪرن تحقيق ڪري، تڪڙ ۾ تيار ڪندڙ طعام گاهن (Fast Food Restaurants)، جهڙوڪ: مڪدونلدس، ٽِم هرٽس ۽ ڪافي شاپ وغيره، جي تيار ڪيل کاڌن ۾ اهو واضع ڪيو آهي، تہ حرام حلال بابت ڪهڙين شين

جو خيال رکڻ گهرجي. انهن نوجوانن www.hotel.com جي نالي سان هڪ ويب سائيٽ ناهي آهي، جنهن جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. هن مسجد ۾ هندستان مان آيل گجراتي قوم جو گهڻو قبضو آهي، جن جا بزرگ اڪثر ڪري،عربن واري ڊگهي جُبي (جنهن کي عربيءَ ۾ ’توب‘ چوندا آهن) ۾ ملبوس رهن ٿا.

عيد نماز هتي ٻن قسطن ۾ ٿئي، هڪ صبح جو ساڍي اٺين ۽ ٻئي نشست ساڍي نائين بجھ شروع ڪئي وئي.شايد اِن لاءِ تہ نمازين جو تعداد وڏيڪ هجڻ ڪري ۽ مسجد ۾ گنجائش نہ هجڻ ڪري،ٻہ وقت مقرر ڪيا ويا آهن. عيد نمازين جو تعداد ايترو وڏي ويو، جو ڪافي نمازي ٻن ڊگري سينٽي گريڊ (2°c) جهڙي، سردي پد دوران، 60-70 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي تيز رفتار هوائن ۾، ٻاهرين ڪليل صحن ۾ نماز ادا ڪئي.

عيد نماز ڪانپوءِ، خطبي لاءِ مسجد اندر جاءِ خالي ٿيندي رهي ۽ خطبي ڪانپوءِ نمازين پاڻ ۾ ڀاڪر پائي هڪ ٻئي کي عيد مبارڪون پئي ڏنيون.

ٽيڪس جو گوشوارو

جهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ روينيو بورڊ ٽيڪس وٺي ٿو، اهڙيءَ طرح، ڪئناڊا ۾ Canada Revenue Agency آهي، جنهن کي CRA چيو وڃي ٿو. ڪئناڊا ۾ جيئڻ تہ هر هڪ مرد ۽ عورت نوڪري ڪري ڪمائن ٿا، تہ انهن تي مقامي قانون مطابق لازم آهي تہ پنهنجي ڪمائيءَ مان قانون مطابق مقرر ڪيل تناسب حڪومت کي محصول جي مَدَ ۾ ادا ڪن تہ جيئن حڪومت عوامي ڀلائي جي خدمت وارا ڪم جاري رکي سگهي. ڪئناڊا ۾ ٽن قسم جا ٽيڪس آهن جهڙوڪ، فيڊرل،صوبائي ۽ ميونسيپل ٽيڪس،جن جو تناسب هر صوبي ۾ مختلف آهي. عام طور تي ٽيڪس، GST GST (Goods Services Tax) ۽ HST (Harmonised Sales Tax) جي شڪل ۾، هر ماڻهو کي ادا ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان کان علاوه توهان جي ساليانى آمدني جي مقدار تي مقرر ڪيل شرح سان ٽيڪس ڏيڻو هوندو آهي. GST ۽ HST توهان کي هر خريد ڪيل شئي تي ادا ڪرڻي آهي، جنهن جو تناسب مقرر قيمت کان 5% ۽ 8% اضافي آهي. صرف بنيادي کاڌي جي شين تي ان ٽيڪس جي ڇوٽ آهي. اِن لاءِ ٽيڪس جي پئسي مان حڪومت عوام جي ڀلائي لاءِ روڊ رستا، معياري تعليم ۽ عوام کي اعليٰ قسم جون بلدياتي خدمتون ڏيڻ کان علاوه،زبردست سماجي ڀلائي ۽ تحفظ

(Social Security) جو پروگرام نافذ العمل آهي، جنهن تحت بلا تفريق، رنگ نسل ۽ مذهبي امتياز جي، سرڪاري امداد قانون مطابق اهليت، لياقت رکندڙ مستحق ماڻهن کي ڏني وڃي ٿي. اِن پلائي جي ڪمن ۾ مفلسن جي مدد ۽ تحفظ، پوڙهن ۽ معذورن جي امداد، گهٽ آمدني وارن کي مدد ڪرڻ، شاگردن کي اعليٰ تعليم جاري رکڻ ۾ سهڪار، بي گهر ۽ بيروزگارن کي سهارو ڏيڻ شامل آهن. ڪئنيڊا ۾ غير شادي شده لاءِ،31% ٽيڪس ۽ شادي شده ٻن ٻارن واري لاءِ 21% ٽيڪس جي شرح مقرر آهي. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس جي شرح، بيلجيم ٻئي نمبر تي جرمني آهي. هر شخص کي سوشل انشورنس نمبر (SIN) وٺڻو پوي ٿو. اهو سماجي تحفظ جو خاڪو، قرآن ۽ سنت مان ورتو ويو آهي ۽ غير اسلامي حڪومتن ان اقتصادي برابري واري ورڇ جي نظام کي رائج ڪري، پنهنجي عوام کي اعليٰ درجي جون سهولتون ۽ تحفظ فراهم ڪيو آهي، جنهن جو مثال ڪنهن به اسلامي دنيا ۾ نه ٿو ملي. حڪومت شادي ڪرڻ، گهر وسائڻ، اولاد پيدا ڪرڻ ۽ ان جي پرورش ڪرڻ تي، نه صرف ٽيڪس جي شرح گهٽائي ٿي، پر ان ڪٽنب کي ٻار جي نگهداشت لاءِ مخصوص وظيفو، بغير سُفارش ۽ رشوت جي هڪ خودڪار نظام هيٺ مدد طور ماهوار ڏيندي رهي ٿي. ڪئنيڊا ۾ توهان کي مفلس يا پينو فقير نظر ڪونه ايندا، البته ضرورت مند روڊ جي ڪناري يا ڪار پارڪنگ ۾، پنهنجي تخليقي مهارت جهڙوڪ، موسيقي، فن مُصَوري، نقاشي جي نمائش ڪندي نظر ايندا، جنهنجو ذڪر مان اڳم ۾ ڪري آيو آهيان. اسان جي فقيرن جو اهو حال آهي، جو گاڏي ڪنهن به دڪان پرسان بيهارڻ سان،لهڻ کان اڳ،فقير چارئي شيشا ڪڙڪائي پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائي، بي حيائي ۽ آڪڙ سان خيرات گهرن ٿا. ان ۾ هر جنس ۽ عمر جي مخلوق شامل آهي. ائين پيو لڳي جڻ ليند مافيا وانگر، فقير مافيا به طاقت وٺندي وڃي پئي. هن وقت هي ڪاروبار ايترو ته مُنظم ۽ مضبوط ڍانچي ۾ ڍلجي چڪو آهي، جو ان کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ بنهه مشڪل نه پر، ناممڪن پيو لڳي.

اسان جي هن سُهڻي سنڌ ۾، انهن فقيرن جو ذڪر 1820ع دوران برطانيه جي ڊاڪٽر جيمس برنس (Dr. James Burnes) ’سنڌ جي درٻار‘ ڪتاب (صفحه 55) ۾ هيٺئين طرح ڪيو آهي.

’حيدرآباد جا رستا فقيرن سان پريا پيا آهن، هو نهايت بي حيائي ۽ آڪڙ سان خيرات گهرندا آهن، جنهن مان سندن اثر ۽ طاقت جو اندازو

ڪري سگهجي ٿو. تحقيق هي فقير ماڻهن جي اخلاقي پستيءَ جي هڪ ڏکدائڪ ثابتي آهن'.

هاڻي سُهڻي سنڌ سان ڪو محبت رکندڙ يا سنڌي دانشور، مفڪر يا قوم پرست ٻڌائين، ته ڇا ٻه سوَ سال اڳ جي سنڌ ۾ هاڻوڪي سنڌ ۾ غربت گهر نه ڪيو آهي؟ اِن ڏس ۾ اسان ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟ اِهو ائين ڪيترين صديون هلندو رهندو؟

ستر جي ڏهاڪي ۾ حرمين شريفين جا ڪجهه امام، جڏهن آمريڪا جو دورو پورو ڪري رياض ايئرپورٽ پهتا، ته هڪ اخبار نويس ڪائنس سوال ڪيو، ته آمريڪا ۾ ڇا ڏٺو؟ تنهن تي امام جواب ڏنو، ته 'آمريڪا ۾ اسلام ڏٺو، پر مسلمان ڪونه هيا'.امام ڄڻ سمنڊ کي هڪ بوتل ۾ بند ڪري ڇڏيو. واقعي ڏسجي ته اسلامي حڪمن ۽ تعليمات جي پوري تصور کي ذهن ۾ رکي، قوم جي ڀلائي واسطي سماجي تحفظ ۽ معاشي نظرين کي، پنهنجي حڪومتي سرشتي سان اهڙيءَ طرح مربوط ڪيو آهي، جو ٻئي دنيا جي آبادي اوڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ مجبور آهي.

اسان جا نمائندا ۽ پوتار قانون سازي ڪرڻ بجاءِ، ترقياتي فنڊن کي هڙپ ڪرڻ ۽ سياسي رشوت طور مختلف ادارن جون نوڪريون، نالائق ۽ نااهل ماڻهن ۾ وڪڻندا نظر اچن ٿا ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ پئسو جمع ۽ ملڪيت ناهڻ ۾ مصروف آهن. اِن صورت ۾ هي اسان جو وطن ڪيئن ترقي ڪندو، پوءِ ڇو نه فقيرن ۽ اپاهجن جي انگ ۾، هر سال اضافو ٿيندو، پر ان سان گڏ هڪ ٻئي قومي خساري جو قوي امڪان نظر اچي پيو،جو اسان جا پڙهيل ۽ تحقيقي ماهر، هميشه لاءِ دشمنن جي صفن ۾ شامل ٿيندا ويندا. باصلاحيت ۽ هنرمند ماڻهن جي لڏ پلاڻ (Brain Drain)، نه صرف نقصان آهي، پر ڪا گهڻ رُخي (Multidimensional) قومي سازش به ٿي سگهي ٿي، جنهن جو هن وقت ادراڪ، عام ماڻهو جي وس کان ٻاهر آهي. سنڌ جي هلندڙ تعليمي معيار ۽ گوسڙو استادن کي ذهن ۾ رکي، هن خطرناڪ صورت حال تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن موضوع تي تفصيلي ذڪر، هن ڪتاب جي ڪنهن ٻئي جاءِ تي اچي چڪو آهي.

هن خطرناڪ صورتحال کان بچڻ جو رستو، سورت الرعد (13) جي آيت يارهن ۾ هن ريت فرمايل آهي.

بيشڪ الله تعاليٰ ڪنهن به قوم جي حالت کي ايستائين نه ٿو بدلائي، جيستائين هو پنهنجي اندر کي نه ٿا بدلائين. (13/11)

عالم آشڪار آهي، ته معاشري جي معياري تبديلي گهٽي پاڳي، قائد جي ذهني قابليت جي محتاج هوندي آهي. سُلطان صلاح الدين ايوبي مطابق ته جڏهن حڪمران پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت کي ترجيح ڏيڻ لڳن، ته اُهي پوءِ ملڪ ۽ قوم جي عزت جي حفاظت ڪرڻ جي قابل نه ٿا رهي سگهن.

هاڻي جي سنڌ ۽ ٻولي کي بچائڻو آهي، ته پوءِ اسان تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو، ته ووٽ جو صحيح استعمال ڪري، باصلاحيت، ماهر تعليم ۽ بلند اخلاق و ڪردار وارن اميدوارن کي، نه صرف پنهنجي لاءِ، پر ايندڙ نسلن جي ڀلائي ۽ تحفظ لاءِ قانون سازي ڪرڻ خاطر اسيمبلين ۾ موڪليون.

هي غربت، مفلسي، ناانصافي، رشوت خوري، مارڌاڙ، اقربا پروري، ميرٽ جي لتاڙ، ڀتا خوري، دهشت ۽ غنڊا گردي جي ڀرمار سڀ عيب سونهاري سنڌ ۾ موجود آهن. انهن ۾ اسان جو ڪيترو حصو آهي. اسان اگر اهڙن ماڻهن کي پنهنجا ووٽ ڏئي اسيمبلين ۾ موڪليندا سين ته ان ڏوهه ۾ اسان ٻه ڀائيوار آهيون. اسان جڏهن ڪپڙا يا بوٽ ڪنهن دڪان تان وٺڻ ويندا آهيون ته ڏهه ڏهه جوڙا لاهي پائي بار بار ڏسي انهن جي اعليٰ معيار کي جاچي اطمينان ڪري پوءِ خريد ڪندا آهيون، ليڪن افسوس جو اليڪشن ۾ ڪڏهن ٻه ائين نه سوچيو آهي ته ڪنهن ايماندار، تعليم يافته ۽ سچي انسان کي ووٽ ڏئي اسيمبليءَ ۾ موڪليون جو هو اسان جي ۽ ايندڙ نسلن جي ڀلائي لاءِ وجهي قانون ناهي. توهان اهو ٻڌي حيران ٿيندا ته اسان وٽ اڄان تائين اڌپورا انگريزن جا صدين پراڻا قانون رائج آهن، جن کي اسيمبليءَ ۾ ڪڏهن ٻه اصلاح يا ترميم لاءِ پيش نه ڪيو ويو آهي. اسيمبلي وارن جو ڪم عوامي ڀلائي لاءِ قانون سازي آهي نه ڪو ترقياتي ڪم ڪرائڻ، بلڪ ترقياتي ڪم ڪرائڻ ادارن جو ڪم آهي.

ڪبيرا اترے جگت ميں - اُلٹی ديکھی ريت
پاپی بيٹھا راج کرے - اور سادھو مانگے بھيک

ڳالهه پئي ٽيڪس جي ڪئي، موضوع الائي ڪيڏانهن هليو ويو. بهرحال مونکي ٽيڪس گوشواري لاءِ دوست، عامر سليم جڏهن پنهنجي گهر ۾ دعوت تي گهرايو، ته اتي امجد شيخ جو فون ڏنو، جنهن سان وقت وٺي سندس گهر ويس. شيخ صاحب ملتان جا آهن، تمام خوش طبع ۽ سچا ماڻهو پئي لڳا. 30 سالن کان هِتي آباد آهن، سندن دل جو آپريشن ٿيل هو.

پاڪستان سرزمين سان بيحد محبت رکن پيا، پر ملڪ جي تباهي جي ذميواري جو ذمولُولي لنگڙي سياست ۽ سياستدانن تي لڳائين ٿا. هن جو چوڻ هيو ته اسان جا سياستدان ملڪ سان وفادار نه آهن، جو هو ذاتي ملڪيت ۽ پئسو ڌارين جي ملڪن ۾ رکن ٿا. علاج ۽ تعليم لاءِ به هو ٻاهرين ملڪن جو رخ ڪن ٿا، پوءِ انهن کي عوام جو ڪهڙو ڏک ٿيندو. عوام هر روز غربت جي چڪي ۾ پيسبو رهي ٿو ۽ سياستدانن جي ڪنن تي جونءِ ئي ڪونه ٿي چري. بحرحال، شيخ صاحب گوشوارا پُري ڏنا ۽ جنهن ڪانپوءِ، عبدالله جي لاءِ معاوضو به سوَ ڊالر ماهوار مقرر ٿيو.

بس افسوس آهي اسانجي عوام تي جو رهنمائن، ليڊرن ۽ حاڪمن جي ڪوڙن واعدن پويان گذريل 68 سالن کان، ائين لڳا پيا هلن، جيئن چاڪي جو ڍڳو، اکين تي پٽي چاڙهي گهاٽي ۾ پيو ڦرندو آهي. جمهوري غلامي، پراڻي دور جي غلامي کان به بدترين آهي. اسان جو عوام انهن ٽاهڙ ڪڪڙن وانگر آهين،جيڪي پريل پيٽ هوندي پاڻ ۾ وڙهي ڍانگا ٿين ۽ ٻک ڏئي ڪين جڏهن ڏاٽا ڏيکارجن ته ڊوڙي اچي هٿئين پوندا آهن. جيڪڏهن پاڪستان ۾ بغير خون وهائي تبديلي آڻڻ چاهيو ٿا، ته پوءِ ڪنهن مجاهد مرد کي گهرجي ته، سنڌ مان جاگيرداري ۽ وڏيرپ جي پاڙ پٽي، مسڪين عوام کي ذهني، سماجي ۽ اقتصادي آزادي وني ڏئي، نه ته اسان جي پوين نسلن کي ساڳئي جنجال ۾ جيئڻو پوندو. ساڳئي وقت معياري تعليم ذريعي، عوام جي ذهني قوت، ايترو روشن ڪري، جو سنڌس شعور، هوشياري ۽ سگهڙائپ صحيح نمائندي جي سڃاڻپ ۽ چوندڻ ۾ رهبري ڪري. عوام جي ذهني، سماجي ۽ اقتصادي آزادي، وسيلي پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ صوبي ۾، تبديلي ذريعي حقيقي جمهوريت اچي سگهي ٿي، باقي ته هر حڪمران، گذريل 70 سالن کان مختلف تجربا ڪندا رهيا آهن، ليڪن سڀ جا سڀ ناپاس ٿي رهيا. ان کان علاوه اليڪشن جي طريقيڪار کي تبديل ڪري، شمارياتي نظام (Bio-Metric System)، رائج ڪيو وڃي، جنهن ۾ هر انسان جي سڃاڻپ آڱوٺي جي نشان ذريعي ٿيندي آهي، تنهن کي فورن رائج ڪيو وڃي، جيئن چوندن ۾ ڌانڌلي ڪرڻ جو ڪنهن وس واري پوتار ۽ وڏيري کي موقع نه ملي.

آمريڪا جي ٽئين صدر، ٿومس جيفرسن (Thomms Jafferson) جي مطابق، ”جمهوريت جو وجود مُسلسِل خطري ۾ پئجي ويندو، جڏهن توهان

اهل ۽ قابل (دماغي ۽ جسماني توانائي سرف ڪندڙ) ماڻهن کان ڪم ڪسي نا اهل ماڻهن جي حوالي ڪريو ٿا.“ توهان ڏسو ته سنڌ ۾ هلندڙ صورتحال بلڪل ٿومس جيفرس جي اِن قول تي عمل پئرا آهي. جنهن ڪري حالتن جو سڌرڻ ناممڪن لڳي ٿو.

قدرت الله شهاب، پنهنجي ڪتاب ۾ سياسي قائدين جي باري ۾ هيئن لکي ٿو.

”مون سموري دنيا جي سربراهن مملڪت، وزيراعظم ۽ بادشاهن کي ڪيترائي ڀيرا، ڪافي ويجهڙائي کان ڏٺو آهي. پر مان ڪنهن کان به مرعوب ڪونه ٿيس ۽ نه وري ڪنهن ۾ به ڪو عظمت جو شان نظر آيو، جو جهنگ شهر، جي شهيد روڊ، جي فوٽ پاٿ تي وينل، پراڻن بوٽن ڳنڍيندڙ موچين ۾ نه ڏٺو ويو هجي“. قدرت الله جي هنن مختصر جملي ۾ ڪيتري نه وسيع معنيٰ سمايل آهي، جنهن مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا، هِن علائقي ۾ قابل ۽ اهل ماڻهن کي سياست جي ڏاڪڻ تي، پير رکڻ ئي نٿو ڏنو وڃي ۽ ٻاويهه خاندان جي اولاد، اسان تي هميشهه حڪراني ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار ويٺا آهن.

ٿي ڊبليوز (3 W's)

- ڪئناڊا ۾ گهٽي ٿڌ هجڻ ڪري، ماڻهو گهرن کان ٻاهر نڪرڻ وقت، ايترا ڪپڙا ۽ اووَرڪوٽ وغيره پائين ٿا، جنهنڪري سندن سڄو جسم ڍڪيل هوندو آهي ۽ صرف ڏسڻ لاءِ،برساتي ٽوپي جي ٻن سوراخن مان سڄو ڪم ڪڍيو ويندو آهي، تنهنڪري هڪ ٻئي کي ايندي ويندي ڪٿي به سڃاڻي ڪونه ٿو سگهجي. برفباري ايتري ٿيندي آهي، جو هر صبح روڊ رستا ۽ گهرن جي گئلري ۾ برف ئي برف نظر ايندي. رستن مٿان برف، ميونسيپل جون گاڏيون، جيڪي سڄو ڏينهن پيون بليڊن ذريعي برف هٽائين ۽ ساڳئي وقت روڊ مٿان لوڻ پيا ڇڙڪائين، جو لوڻ برف کي ڄمڻ نه ڏيندو آهي.
- لڳاتار برف پوڻ ڪري سڄي زمين ڍڪجي وڃي ۽ وڻن مٿان برف جا اچا تهه چڙهي وڃڻ ڪري، پڪي ويچارا اُڏامي اچي گهرن جي درين ٻاهران کاڌي جي تلاش ۾ پريشان ٿين ٿا. گهرن اڳيان واڪ ويز تان برف هٽائڻ ۽ ڇپر جي سار سنڀال، مالڪ مڪان جي جوابداري ۾ شامل آهي. ڪوتاهي ڪرڻ جي صورت ۾، ڪارندا اچي نوٽيس يا ڏنڊ هڻي ويندا آهن. هر ڪو ماڻهو ازخود قانون جي پاسداري ۽ عمل ڪندي نظر اچي ٿو.

❖ ڏينهن رات، ڪڪر، برسات ۽ برفباري ڪري سيني گاڏين جو بتيون ڏينهن جو بہ ٻرنديون آهن، جو هتان جي قانون مطابق، نظر حد گهٽ هجڻ ڪري، گاڏي جي انجڻ چالو ڪرڻ سان، ازخود بتيون ٻرن ٿيون ۽ سج لهڻ، سان انهن بتين ۾ حسب ضرورت اضافو ڪيو وڃي ٿو.

❖ هتان جا ماڻهو ۽ پوليس وڏي خلاق آهي، جو پوليس توهان کي بغير ڪنهن الزام جي ڪڏهن بہ هٿ نہ وجهندي ۽ عوام دوست آهي. هتي پوليس واري کي ڏسڻ سان امن ۽ تحفظ جو احساس اڀري اچي ٿو.

❖ هڪ ڏينهن مان رائل بئنڪ (Royal Bank) مان سفري چيڪ ڪئش ڪرائڻ ويس، ڪائونٽر تي هڪ ڇوڪري ويٺي هُئي، ٻہ ٽي گراهڪ منهنجي اڳيا قطار ۾ هُئا، مان پويان قطار ۾ بيهي، پنهنجي واري جو انتظار ڪيو، جڏهن منهنجو وارو آيو تہ چيڪ ڪيڻ وقت هٿ مان کسڪي ڪِري پيو، جنهن تي دري ڪان هُن پاسي ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪري، مونکي دلداري ڏيندي I am sorry چيو، حلانڪہ هُن جي ڪابہ غلطي نہ هُئي. برعڪس، اِن جي، جيڪڏهن اهو واقعو اسان وٽ ٿئي ها، تہ ڪائونٽر وارو ڇڙٻ ڏئي ڇڏي، ها تہ يار ڏسين ڪونہ ٿو ڇا؟ اسان جا رويا ڏاڍا سخت ۽ اٽوٽندڙ آهن.

❖ ڪئناڊا ۾ اِهو مشهور آهي، تہ هتي ٽن ڊبليوز (3 W's) کي جنهن منهن ڏنو، سي گهڻو ڪامياب ٿي ويندا آهن. هڪ ڊليو آهي موسم (Weather)، ٻيو آهي ڪم ڪار يا نوڪري (Work) ۽ ٽيون آهي عورت (Women). موسم جو احوال ڪري ڇڪو آهيان، پروڊيڪ اِهو لکڻ ضروري آهي، تہ انهن ٽنهي کي گڏي پيش ڪرڻ ۾ هڪڙي شي، جيڪا ٽنهي ۾ هڪ جهڙائي ڏيکاري ٿيٰ سا اِها آهي جو ٽنهي جي اچڻ، وڃڻ، فائدي يا نقصان ڏيڻ جو ڪو مقرر وقت ڪونہ هوندو آهي ۽ سڀ ڪجهہ اچانڪ ۽ اوچتو ٿي ويندو آهي. توهان کي صاف آسمان نظر ايندو ۽ اچانڪ برسات يا برفباري شروع ٿي ويندي، جو توهان کي تياري جي مهلت ڪونہ ملندي، تنهنڪري ڪئناڊا ۾ هر ماڻهو کي ڇَتي ۽ برساتي ڪوٽ، هميشهہ پنهنجي ٽول ڪِٽ (Tool Kit) ۾ پاڻ سان گڏ رکڻو پوندو آهي. اهڙي طرح نوڪري بہ ائين آهي، جو ڪنهن بہ ڏينهن جي آخري گهڙين دوران، توهان کي هٿ ۾ حساب ڪتاب جو چيڪ پڪڙائي، ائين چيو ويندو،تہ ’توهان سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو، ليڪن سڀاڻي کان توهان آفيس ۾ اچڻ جي تڪليف نہ ڪجو ۽ هي توهان جو ڪمپني

طرفان رهيل حساب ڪتاب جو چيڪ آهي، مهرباني‘. ساڳئي طرح، حال چوڪرين جو آهي، جو ٿوري گهڻي ناراضگي تي، هڪ ڏينهن هڪڙن سان، ته ٻئي ڏينهن ٻين سان گهمندي ڦرندي نظر ايندي. اِهو آهي گهڻي آزاديءَ جو نتيجو، جنهن جو ادراڪ آزادي جي علمبردارن شروعات ۾ نه لڳايو. ڇو ته اُهي به عُجلت واري اِيجاد ۾ اُن جي قبوليت، اڳتي هلي ڏاڍي مهانگي پوندي آهي. اِهو به عام مشهور آهي، ته اُت ۾ عورت جو ساڳيو مثال آهي، جو توهان هنن جي نئين چال بابت ڪا به اڳڪٿي ڪري نٿا سگهو.

❖ چون ٿا ته ڪئناڊا، نوجوان نسل ۾ عورتن لاءِ بهترين جاءِ آهي. ڪيترائي ڪٽنب هر مهيني لڏ پلاڻ ڪري، جڏهن هتي پهچن ٿا، ته مردن کي گهڻي تڏ ۾ نوڪري نه ملڻ ڪري،سرڪار کان امداد وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهو ڪرڻو پوي ٿو، جنهن لاءِ گهڻا ماڻهو پنهنجي ضمير کي مطمعن ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي، جڏهن واپسي جو پروگرام ٺاهن ٿا، ته اُن وقت سندن ٻار ۽ زال ساٿ ڏيڻ کان انڪاري ٿي بيهن ٿا. اهڙي حالت ۾ ڪيترن ئي ڪٽنبن جون ڪهاڻيون ٻڌڻ ۾ آيون، ته همراهه هميشه لاءِ واپس هليو ويو، پر سندس زال ٻارن سميت ڪئناڊا ۾ رهجي وئي.

❖ ٽورنٽو جي هڪ مقامي اخبار ۾ خبر (Boy Friend Behind Bars) ڇپي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٽورنٽو جي مرڪزي جيل ۾،هڪ چوڪِري پوليس آفيسر، ڳجهي طرح هڪ قيدي سان عشق رچائي ڇڏيو آهي. جنهن جي پوري ڪهاڻي کي جيل جي خفيه ڪئميرائن، نه صرف پنهنجي اکين سان ڏٺو، پر پوري فلم به ٺهي ڇڏي.

❖ ليڊي ڊيانا جو پئرس ۾ حادثو يا قتل، اڄان تائين هڪ معمو بڻيل آهي. هن انگريز شهزاديءَ جا لاڳاپا پاڪستاني ڊاڪٽر خان سان ۽ بعد ۾ مصري، مسٽر ڊوڊي سان ايترا ته مشهور ٿي ويا، جو بلآخر مالڪن موقع جو فائدو وٺي، هڪ پرڏيهه ۾ اُن وقت حادثو ڪرايو، جڏهن هوءَ پنهنجي عاشق سان پئرس گهمڻ وئي هُئي. اُهو به چيو وڃي ٿو، ته هوءَ مرڻ وقت پيٽ سان هُئي. غالباً گورن کي حد کان وڌيڪ غيرت اچي لِلڪاريو، جو جيڪب آباد جي ٻروچن وارو ’ڪاري ڪارو‘ ڪري، ٻنهين کي گڏي ماريو ۽ چارليس پنهنجي ڪُڌن ڪرتوتن تي هميشه لاءِ مٽي وجهي ڇڏي.

❖ شهر جي مختلف چؤراهن واري واپاري هنڌن تي، شراب جا دوڪان موجود آهن، پر ڪنهن به دڪان تي ڪڏهن پيڙ نظر نه آئي آهي ۽ نه وري ڪو اُتي نشي ۾ چُور ويٺل يا ڪو ٿابڙندو موالي ڪڏهن ڏسڻ ۾ آيو. مقامي قانون مطابق، 19 سالن جي عمر کان گهٽ وارن نوجوانن کي شراب ۽ سگريٽ وڪري ۾ ڏيڻ جرم جي ذمري ۾ اچي ٿو.

❖ شهر جا روڊ وسيع ۽ صاف سٿرا آهن. ٽريفڪ جي سخت قانون هجڻ ڪري، حادثا نه ٿيڻ جي برابر آهن. شهر گُتيل آبادي (Down Town) واري علائقي ۾ روڊن جي ڪنارن سان ڪار پارڪ ڪرڻ جون مخصوص جايون آهن، جن ۾ ڪجهه خود ڪار سِڪن واريون مشينون پڻ لڳل آهن، جنهن مان توهان کي سِڪي وجهڻ سان ٽڪيٽ ملندي، جنهن تي شروعاتي وقت لکيل هوندو ۽ ان پوري علائقي جي ڪئميرائن (CCTV) ذريعي پوري نظام جي نگراني ڪئي وڃي ٿي. اِهو ساڳيو نظام، توهان کي لنڊن شهر ۾ به ڏسڻ ۾ ايندو. هتي گاڏي بغير انشورنس جي هلائڻ کي ايترو ئي جرم ليکيو ويندو آهي، جيترو بغير ڊرائيونگ لائسنس جي. روڊن جي سُني حالت هجڻ ۽ پوري چڪاس ۽ قابليت جي بنياد تي ڊرائيونگ لائسنس جو ملڻ، حادثن جي واقعن کي ڪافي حد تائين گهٽائي ڇڏڻ ۾ مددگار آهي، ليڪن اهڙي حالت ۾، انشورنس ڪمپنيون ڏاندارين سان پيون پئسا ميڙن. انشورنس ڪمپنين جا مالڪ گهڻو ڪري مقامي يهودي آهن، جيڪي مُسلسل سرمايو گڏ ڪندا رهن ٿا.

❖ ڪئنادا ۾ جهڙيءَ طرح گهر وياج تي آساني سان ملي وڃن ٿا،اهڙي طرح نئون ۽ پراڻيون گاڏيون به توهان کي قسطن تي ملي وينديون. هتي گاڏين جي انشورنس (Auto Insurance) تمام مهانگي آهي. ڪَرولا جي نئين ماڊل جي گاڏي جي انشورنس تقريباً،500 ڊالر ماهوار آهي. هر سال انشورنس جي قيمت وڌندي رهي ٿي، عوام وڏو پريشان آهن، پر بيوس لڳي رهي آهي، جو هر اليڪشن تي اُميدوار، ان کي گهٽائڻ جا واعدا ڪندا آهن، پر وقت گذرڻ سان ڳالهه مڙيوئي وساري ڇڏين ٿا. مان جڏهن پنج سال پراڻي، آمريڪن گاڏي Dodge Neon ورتي، ته ان جي انشورنس 300 ڊالر ماهوار ڏيڻي پئي. انشورنس جو اگهه وڏن شهرن جي نسبت ننڍن شهرن يا ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ گهڻو گهٽ آهي. انشورنس جو اگهه ڪنهن خاص فارمولا تحت مقرر ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڊرائيور جا ماضيءَ ۾ ڪيل حادثا ۽ ڪهڙي نوعيت جو

ڊرائيونگ لائسنس (G1/G2/G)، هو رکي ٿو. جيڪڏهن ڊرائيونگ هسٽري بغير ڪنهن حادثي يا ٽڪيٽ جي آهي، ته انشورنس جي اگهه ۾ رعايت ملي وڃي ٿي.

❖ ڪئناڊا ۾ ڊرائيونگ لائسنس ايترو ڏکيو آهي، جڻ هتان ڪنهن يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻي آهي. هتي ڊرائيونگ سيکارڻ لاءِ ڪيترائي اسڪول آهن، جن جا اشتهار توهان کي هر اخبار ۽ ريڊيو تي آسانيءَ سان ملي ويندا. توهان کي ڊرائيونگ لائسنس وٺڻ کان، اڳ اسڪول مان سرٽيفڪيٽ ضرور وٺڻو پوندو، جتي توهان کي ڪجهه هفتن يا مهينن جي سکيا وٺڻ ضروري آهي. هتان جي گريجوئيشن لائيسنس نظم Graduated License System طرفان پهريائين ٽيسٽ وٺي، هڪ سال لاءِ سيکڙات ڊرائيور جو اجازتنامو (Learners Permit) ملندو، جنهن کي G1 چيو وڃي ٿو. جنهن ڪانپوءِ هڪ سال بغير ڪنهن حادثي جي، ٻئي ٽيسٽ ڏيڻ سان،هن کي آزمائشي لائسنس (Probationary License) ملندو، جنهن کي G2 چئجي ٿو. جنهن کي هڪ سال گذرڻ ڪانپوءِ، وري ٽئين روڊ ٽيسٽ وٺي،مڪمل لائسنس ملندو، جنهن جي وٺڻ وارا ڏاڍا خوش ٿيندا آهن ۽ ڪچهري ۾ فخر سان ٻڌائيندا آهن، ته هن وٽ G لائسنس آهي، اسان جا پاڻ انشورنس وارن کي ٺڳڻ جي بهاني،شهر جي بجاءِ، ڪنهن ڳوٺ جي ائڊريس ڏيندا، جيئن انشورنس جو اگهه گهٽجي وڃي. موٽر سائيڪل وارو ڪار ۽ ڪار وارو وڏي گاڏي نه ٿو هلائي سگهي. هتي مزدوري ڏاڍي مهانگي آهي، توهان کي گاڏي جو تيل تبديل ڪرائڻ لاءِ 25 ڊالر ۽ پنچر جا 35 ڊالر ڏيڻا پوندا. ڪار پارڪنگ جا اگهه به هر هڪ جاءِ جا پنهنجا آهن، هڪ ڪلاڪ جي پارڪنگ جا 5 ڊالر ۽ ٻن ڪلاڪن جا 10 ڊالر، اِها ڳالهه اسان جي سمجهه کان مٿي آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو اڪثريت ماڻهو، توهان کي زير زمين ريل، بسن يا پيادل پڇندي نظر ايندا ۽ روڊن تي گاڏين جو تعداد گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو.

❖ هتان جي زندگي ظاهري طرح تمام سُٺي ۽ صاف نظر اچي ٿي، پر اندر نگاهه وجهڻ ڪانپوءِ گهڻيون ئي خاميون نظر اچن ٿيون. هتي غير مسلم ماڻهو غسل خانن ۾ صفائي خاطر پاڻي جي بجاءِ ٽِشو استعمال ڪن ٿا ۽ ڪنهن به هوٽل يا گهر ۾ صحيح طرح سان استنجا ڪرڻ جي گنجائش ئي ڪونه آهي. توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا، ته پاڻي جي جاءِ تي ٽِشو پيپر سان صفائي سان ڪهڙي پاڪائي ايندي. اهو شايد انگريزن جو پراڻو رواج آهي. صرف ٻاهران رنگ صاف، ليڪن اندر گندگي سان پريل رهن ٿا.

ڪئنادا ۾ وياج تي هوائي جهاز ملي ويندا

ڪئنادا ۾ گهر، گاڏي يا ڪو بزنس خريد ڪرڻ، ڪو وڏو مسئلو نہ آهي، سچو ڏنڊو تہ چا، پر پورو ملڪ وياج جي ڪاروبار ۾ ائين قائل آهي، جڻ ڪنهن وڏي بحري جهاز ۾ برداشت ڪان وڌيڪ وزن وجهڻ سان، جهاز واٽڙو تي هلندو هجي، جو اُن جون انجٽيون وزن چڪي نہ سگهنديون آهن. گهرن جي اڏاوت هڪ جهڙي فن تعمير، ۽ اعليٰ قسم جي معيار مطابق آهي، جن ۾ فلئٽ ۽ Town Houses شامل هوندا آهن.فلئٽس ۾ توهان کي هر مهيني سار سنڀال لاءِ انتظاميہ کي، 400 کان 600 ڊالر جي فيس ڏيٽي پوندي آهي، جنهن ۾ هو توهان جي اپارٽمينٽ ۾ جيتريون بہ پيون سهولتون، جهڙوڪ، وهنجڻ لاءِ تلاءِ، بجلي خرچ، پاڻي ۽ نڪاسي،گڏجاڻي جو هال ۽ ڪلب وغيره، اُنهن جي سار سنڀال، ۽ حڪومتي محصولن پرڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن. ان ۾ پوري ڪامپليڪس ٻاهران جي سار سنڀال بہ شامل هوندي آهي.

هتي ٽائون هائوس جي بہ ماڙ اضافي تهخاني جي قيمت خريد ادائي کان پنج لک ڊالرن (2003) تائين آهي. جيئن مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان، تہ هتي توهان کي هر شئي وياج ۽ قسطن تي آساني سان دستياب آهي، بلڪ ڪيتريون ئي ڪمپنيون ۽ سڀ بئنڪون يا انهن جا نمائندا، توهان کي منٿون ڪندي نظر ايندا. هن وقت (2003ع) وياج جي شرح 5 کان 10 سيڪڙو آهي ۽ گهرن لاءِ قسطون لاهڻ جو مُدو (Amortization Period) 20 کان 30 سالن تائين ٿئي ٿو. قسطون قرض ڏيندڙ ڪمپني يا بينڪ ۽ خريدار جي وچ ۾ ڪمائي جي آڌار تي ماهوار طئي ڪري، گهر وڪرو ڪندڙ کي ادا ڪيون وينديون آهن تہ جيئن قسطون نہ ڏيڻ جي حالت ۾، قرض ڏيندڙ ڌُر کي ڪو نقصان نہ ٿئي. خريدار پاڻ تہ نهيو، پر سندس اولاد ٽيهن سالن تائين، اِهو قرض پئي چُڪائيندي رهندي آهي. ڪئنادا ۾ ملڪيت خريد ڪرڻ لاءِ، ڪجهہ رقم اڳواٽ (Down Payment) ڏيٽي پوندي آهي ۽ وچواري ايجنٽ جي في جيڪا 3 کان 7 سيڪڙو هوندي آهي، سا سڀ وڪرو ڪندڙ ڌُر کي ادا ڪرڻي پوندي آهي. گهر يا ڪاروبار خريد ڪرڻ کان اڳ، خريدار لاءِ ضروري آهي تہ حڪومت جي هلندڙ محصول جي اڳهن کان واقفيت رکي،جو نون گهرن تي ٽيڪس جي شرح 15 کان 18 سيڪڙو تائين آهي. هتان وانگر سودي ڪرائڻ وارا ايجنٽ چالاڪ هوندا آهن ۽ اڻ ڄاڻ خريدار کي دوکو ڏئي وڪرو ڪندڙ پارٽي سان ملي ڪري،

قيمت خريد جي اڳهه ۾ واڌارو ڪندا آهن، جنهن کي مقامي ٻوليءَ ۾ Gazumping چيو ويجي ٿو.

نُون هجرت ڪندڙ لاءِ، منهنجو مشورو آهي، تہ ڪئناڊا ۾ پهريان ڇهہ مهينا، ڪنهن سُٺي علائقي ۾ ڪِرائي جي مڪان ۾ رهن ۽ ان دوران مناسب علائقي کي پسند ڪري، ان ۾ فليٽ يا گهر خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ان کان اڳ مارڪيٽ سروي ۽ حڪومتي نافذ محصولن بابت مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي ۽ بهتر اِهو ٿيندو تہ فليٽ ڪنهن پسند جي جڳهہ تي، نُوَن منصوبن ۾ بُڪ ڪرائڻ سان گهر سَستو ملندو.

انساني حڪمت ۽ مهارت جي تعمير ۽ ترقي

حڪومت مقامي ۽ نُوَن ايندڙن لاءِ انساني قُوَت ۽ مهارت جي تعمير ۽ ترقي جو شعبو (Human Resources and Skill development) قائم ڪيو آهي، جنهن وسيلي عوام الناس جي مجموئي ڀلائي جا ڪم ورتا وڃن ٿا. نُوَن ايندڙن لاءِ، هن اداري ۾ ايتريون سهولتون موجود آهن، جو هڪ اجنبي سوچي بہ نہ ٿو سگهي. بنيادي طرح هن آفيس ذريعي توهان کي مڪمل رهنمائي فراهم ڪئي ويجي ٿي. توهان لاءِ فون، انٽرنيٽ، فوٽو ڪاپي ۽ نوڪري بابت رهنمائي کان علاوه، مخصوص فن ۾ تربيت جو بندوبست، بنا معاوضي جي فراهم ڪيو ويجي ٿو. توهان کي جيڪڏهن نوڪري نہ ٿي ملي يا نوڪري مان ڪڍڻ جي صورت ۾، وظيفو مقرر ڪري ڏيڻ ۽ مقامي ماڻهن جي رٽائرمينٽ يا بزرگي حالت ۾ الائونس (Old Age Security) يا پينشن جو احتمام ڪرڻ، بي گهر ۽ معذورن لاءِ وظيفو مقرر ڪرڻ، مطلب تہ عوام الناس جي ڀلائيءَ جا ڪم، بغير امتياز ۽ اهليت جي بنياد تي سرانجام ڏئي رهيو آهي.

مان جڏهن پنهنجي نوڪري لاءِ درخواست جون ۽ ڪجهہ فوٽو ڪاپيون ڪرائڻ، ڪينيڊي روڊ تي واقع مٿئين آفيس ۾ پهتس، تہ هڪ هندستاني گجراتي، پنهنجا سرٽيفڪيٽ فوٽو ڪاپي ڪرڻ ۾ مشغول هيو. مان مشين مشغول ڏسي، ڪمپيوٽر تي درخواست ٽائيپ ڪرڻ ۾ لڳي ويس، ڪافي دير کان پوءِ هن ڏانهن ليئو پاتم، تہ هُن وٽ اجان ڪافي پنا رهيل هُئا. مان وري ڪمپيوٽر تي وڃي ڪجهہ اِي. ميل وغيره ڪيون ۽ انٽرنيٽ تي وقت گذاريم، تہ جيئن فوٽو ڪاپي واندي ٿئي، پر همراهہ جا پنا کٽن ئي ڪونہ پيا، آخر مونکي همراهہ جي پرسان، انتظار ڪرڻو پيو. آخر ۾ مان سندس

ڏيان مشين مٿان يت تي لڳل، اُن نوٽيس ڏانهن ڇڪايو. جنهن ۾ هڪ ئي وقت صرف ڏهہ فوٽو ڪاپيون ڪرائڻ جي اجازت لاءِ لکيل هو. منهنجي اندازي موجب، هن وٽ ڪي پنجاهہ کن پنا باقي رهيل هُئا. مان ڪيس چيئي ڏنو تہ ڇا توهان جا سرٽيفڪيٽ اجان ختم ڪونہ ٿيا آهن؟. هتي تہ اِنهن سرٽيفيڪيٽن کي، هٿ لائي ئي ڪونہ ٿا ڏسن، بلڪ انٽرويو دوران،انهن پرديسي سرٽيفڪيٽن کي ڏسڻ گوارا بہ نہ ٿا ڪن. هِنن کي صرف ديسي سرٽيفڪيٽن جي اهميت نظر اچي ٿي. دوست سان ڪچهري ٿي، هو ڊاڪٽر هو ۽ بہ سال اڳ هجرت ڪري پهتو هو. ڪجهہ عرصو آمريڪا ۾ بہ نوڪري جي چڪر ۾ ويو هو ۽ هاڻي ڊاڪٽري پيشي کي ڇڏي، ڪمپيوٽر ۾ انفرميشن ٽيڪنالاجي ۾ ڊگري حاصل ڪئي هئي. توهان کي ياد هوندو، تہ آمريڪي صدر بِل ڪِلنٽن، جڏهن هندستان جو دورو ڪيو هو،تہ هن ڪمپيوٽر جي انفرميشن ٽيڪنالاجي (I.T) واري شعبي ۾وڌي ترقي ڏسي، ڪيترن ئي هندوستاني ماهرن کي، آمريڪا ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. هي دوست آمريڪا وڃڻ جي جوش ۾، پنهنجي ڊاڪٽري جهڙي نوبل پروفيشن کي ڇڏي، ڪمپيوٽر علم جي دنيا کي وسايو ۽ اِن چڪر ۾ آمريڪا کي وڃي پنهنجو ديس ڪيو. اِن دوران، هن ڪئناڊا جي اميگريشن حاصل ڪري ورتي، پر منهنجي سرٽيفڪيٽن واري ڳالهہ، اجان هن جي ذهن تان ڪونہ لٿي هُئي، سو پڙاس ڪندي چوڻ لڳو، تہ يار هي اسان کان وڏيڪ ڪونہ ٿا ڄاڻين ۽ نہ وري سندن ڊگريون ۽ مهارت ڪا اسان کان وڌيڪ اٿن. اسان پنهنجي تعليمي قابليت ۽ اهليت جي بنياد تي اميگريشن حاصل ڪئي آهي، جيڪا هنن ماڻهن جي وس کان ٻاهر لڳي ٿي. اسان جا ملڪ سياستدانن جي بداخلاقي، بي راهہ روي، بي ايماني ۽ رشوت خوري جي ڪري پنتي پيل آهن، نہ تہ اسان وٽ ڪهڙي شئي جي ڪمي آهي. هن وڏو ساهہ پري ڇيو، تہ بس قسمت جي ڳالهہ آهي.

هن وڏيڪ ٻڌايو تہ ڊگرين جون ڪاپيون پيو ڪرايان، تہ انهن کي هتان جي ڊگرين جي برابري (Equivalence) لاءِ تشخيص (Assessment) ڪرائي، پوءِ وڏيڪ تعليم يا ٽريننگ وٺي،مقامي تعليم جي ڍارا ۾ داخل ٿيان، نہ تہ منهنجي سڄي عمر حاصل ڪيل تعليم ضايع ٿي ويندي.

اِها ڏک جي داستان آهي جو اعليٰ تعليم ۽ قابليت وارن کي اهليت جي بنياد تي چونڊ ڪرڻ ڪانپوءِ، اُنهن ڊگرين کي اُن سر زمين ۾ نٿو قبوليو وڃي، جنهن جي بنياد تي اميگريشن اسٽيٽس ڏنو وڃي ٿو.

نوڪري لاءِ ڊگرين جي برابري جو وڏيڪ امتحان يا مقامي تعليم جو حصول لازمي قرار ڏئي، اعليٰ تعليم يافته ماڻهن کان مزدوري ۽ نرالا ڪم (Odd Jobs) ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو.

بحرحال انساني مهارت جي تعمير ۽ ترقيءَ واري هن اداري، شهر جي مختلف حصن ۾ نئون ايندڙن لاءِ ڪيترائي سِکيا سينٽر قائم ڪري رکيا آهن، جو نئون ايندڙن کي گهڻي رهنمائي حاصل ٿي ٿئي ۽ انهن کي مقامي سماجي ڌارا ۾ داخل ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي. هي حڪومت جو ساراهه جوڳو قدم آهي، نه ته اسان جي ملڪن ۾، پنهنجن ديسي ماڻهن کي، اهڙيءَ طرح مُنجهايون وينا آهن، جو انهن کي پنهنجي حقن جي پوري طرح ڄاڻ ئي ڪونه ٿي ملي.

HRSDC آفيس ۾ فوٽو ڪاپيون ڪندي، پنجاب مان آيل هڪ همراهه مليو، جيڪو ڏاڍو پريشان نظر اچي رهيو هو. هن ٻڌايو ته هو پاڪستان ۾ جهاز راني ۾ مئنيجر جي رتبي تي فائز هيو،پر ڪيس ڪئناڊا ۾ هڪ سال ٿي چڪو آهي. ليڪن ڪا نوڪري ڪونه ٿي مليس. هن آهه ڀريندي چيو ته، اُهي ماڻهو هتي خوش آهن، جن کي پوئتي ڪجهه به ڪونه آهي وڏيڪ ٻڌايائين ته هڪ ننڍي گهر کي هلائڻ لاءِ، توهان کي گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سَوَ ڊالر گهرجن، جيڪي هتي جي بيڪار نوڪرين ذريعي نه ٿا حاصل ڪري سگهجن. هن اِهو فيصلو ڪيو، ته فئملي هتي رهائي، پاڻ پوئتي وڃي، ساڳئي نوڪري وسائيندو. اسان جي ملڪ ۾ سياستدانن ۽ حاڪمن، ڪڏهن به اِن ڳالهه ڏانهن ڌيان نه ڏنو آهي، ته اعليٰ تعليم يافته ماڻهن جي لڏ پلاڻ کي روڪڻ لاءِ ڪي تدبيرون اختيار ڪجن، جو هي لڏ پلاڻ جو سِلسلو هڪ وڏو قومي نقصان آهي. جيڪو اڳتي هلي ملڪ لاءِ وڏو هاجيڪار ثابت ٿيندو. ليڪن هو پنهنجن ڪرسين بچائڻ ۽ مدو پورو ڪرڻ جي چڪرن ۾ گهڻو مصروف پيا لڳن.

ٽورنٽو ۾ چيني ماڻهو

بئنڪاڪ ۽ لنڊن واري چائنا ٽائون وانگر ٽورنٽو ۾ڇهه مخلتف چائنا ٽائون آهن. جيئن برطانيه جي بريڊ فورڊ ۽ برمنگهام وغيره ۾ ديسي ماڻهن جي اڪثريت هجڻ ڪري، ايشيائي شهر لڳندا آهن. تيئن ٽورنٽو ۾ ڪثير تعداد ۾ چيني نظر ايندا. گهڻو ڪري بئنڪن ۾ نوڪري ۽ دڪانداري ڪندي، توهان کي نِوڙت ۽ هيڻائي سان پيش ايندا. ٻه صديون

اڳ، دنيا ۾ چيني وڏا مشهور ۽ محنتي مزدور ليکيا ويندا هُئا، جو مقامي مزدورن کان نہ ٿيندڙ ڪم، چيني مزدورن کان ڪرائڻ جو رواج عام ٿي ويو هو. چون ٿا تہ ملائيشيا جي شهر ڪوالامپور جي ترقيءَ جو سِهرو بہ چيني مزدورن جي سر آهي، جيڪو هڪ گهاٽن ٻيلن ۽ جهنگلن مان ملائيشيا جو هڪ عظيم شهر ٺهي اڀريو. چيني مزدورن غربت ۽ مسڪيني حال ڪري، 1788ع واري ڏهاڪي ڌاري، ڪئناڊا اچڻ شروع ڪيو، جڏهن پنهنجو وطن ڇڏڻ ڏاڍو ڏکيو هو.1858ع دوران ڪئناڊا جي ڌرتي ۾ دفن ٿيل سون جي ڊرڙن ڪي ڳولڻ جو ڪم ورتو ويندو هو، جنهن کي Fraser River Gold Rush چيو وڃي ٿو.1880-85ع وقت دوران، ڪئناڊا جي ’برٽش ڪولمبيا‘ صوبي جي جابلو ۽ سامونڊي ڪناري سان ريل جون پٽڙيون وڇايون ويون، جنهن دوران سترهن هزار چيني مزدورن، سخت محنت ڪري، مقامي گورن مزدورن جي اڌ پگهار جيتري پگهار تي ڪم ڪيو.

مقامي گورن جي اڌ پگهار جيتري چيني مزدور کي پگهار ڏئي، سخت ڪم وٺڻ تان سعودي عرب ياد آيو، جو اُتي بہ اِهو ئي ساڳيو نظام هلندڙ آهي. سعودي عرب توڙي ٻين خليجي رياستن ۾، سڀ کان مٿي آمريڪن جي پگهار آهي، جن کان ٿوري گهٽ ٻين يورپي ملڪن جي ماڻهن کي ڏني وڃي ٿي. اِن ڪانپوءِ عربن جي پگهار سني آهي، جن ڪانپوءِ ايشيائي ملڪن ۾ پاڪستان، انڊيا، بنگلاديش ۽ فلپيني سڀ کان گهٽ پگهار کڻندڙ آهن.

چيني مزدورن جي ڪئناڊا ۾ داخلا، پهرين جنگ عظيم (1914-18ع) ۽ ٻئي جنگ عظيم (1939-45) ڪانپوءِ ٻيهر شروع ٿي، جنهن وري ٻيهر زور ورتو، جڏهن انگريزن هانگ ڪانگ کي چين حوالي،1974ع ۾ ڪيو، جو اتان جا ڪافي رهاڪو چين سان گڏ رهڻ نہ پيا چاهين. 1947ع ۾ چيني باشندن کي ڪئناڊا ۾ ڪاروبار ڪرڻ ۽ سياست ۾ حصو وٺڻ لاءِ قانوني حق ڏنو ويو. 1967ع ۾ حڪومت لڏ پلاڻ جا قانون، چيني عوام لاءِ آسان ڪيا. ڪئناڊا ۾ چيني، ايشيائي آدمشماريءَ جو 40% آهن ۽ سڀ کان گهڻا ٽورنٽو، وئنڪوئر ۽ ٻين شهرن ۾ رهائش پذير آهن.

ڪئناڊا ۾ دڪانن تي شين جا اگهہ مقرر ٿيل هوندا آهن، جو وڌيڪ ڇڏ ڇوٽ ڪرائڻ تي وقت ڪونہ وڃائبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن دڪانن تي 50-40 سيڪڙو جو Sale لِکيل هوندو آهي، پر اڪثر ڪري گراهڪن جو ڌيان ڇڪڻ لاءِ هوندو آهي، جو اندر داخل ٿيڻ ڪانپوءِ معلوم ٿيندو تہ ڪنهن

هڪ ٻن شين تي 50% سيڪڙو چوٽ هوندي آهي ۽ باقي شين تي ڏهن ڪان ويهه سيڪڙو چوٽ هوندي آهي. هتي شين جا اگهه ٻه ٻاٽا ريٽ جهڙا لکيل هوندا آهن، شايد گراهڪن کي اِهو محسوس ڪرايو ويندو آهي، ته اگهه گهٽ ۽ مناسب آهن. چيني سپر مارڪيٽن جو ٻاهريون ڏيک اِهو ظاهر ڪندو آهي ته هن دوڪان جو مالڪ چيني ئي تي سگهي ٿو، جو انگريزي سان گڏ دڪان جو نالو ننڍڙن اکرن ۾ چيني ٻولي ۾ لکيل ٻه هوندو آهي ۽ دڪانن جي اندر گهرڻ سان، توهان کي ائين محسوس ٿيندو ڄڻ توهان چائنا ۾ اچي ويا آهيو. چيني دڪانن تي مناسب ۽ اعليٰ معيار جون شيون توهان کي ملنديون. ايترو جو سپر مارڪيٽ اندر تازي مڇي لاءِ پاڻي جا وڏا حوض هوندا آهن، جن ۾ هر قسم جون تازيون مڇيون گراهڪن جي انتظار ۾ ترنديون رهن ٿيون، جن مان توهان پسند ڪري هٿئي واري جاري ذريعي پنهنجي ٻارن کان پڪڙائي خريد ڪري سگهجي ٿي. اهڙي قسم جي انوکي وندر، ٻارن کي شاپنگ دوران خوش و خُرم ۽ ڪين بار بار اچڻ لاءِ آماده پئي ڪندي رهندي آهي.

ڪئناڊا ته ڇا پر پوري يورپ ۽ آمريڪا ۾ شاپنگ مال ۽ هر قسم جا ننڍا وڏا دڪان، اعليٰ معيار جي چيني مصنوعات سان ٽِمٽار لڳا پيا هوندا آهن. خبر نه ٿي پوي ته ايتري مقدار ۽ معيار سان مصنوعات ڪيترو تيزي سان ناهي، وري بحري جهازن ذريعي، دنيا جي مختلف ۽ ڏورانهن علائقن ۾ ڪيئن پهچايون وڃن ٿيون. منهنجي اندازي موجب، چائنا وارا پنهنجي مصنوعات ٽن معيارن ۾ ناهين ٿا. پهرين درجي جي معيار جون شيون، آمريڪا ڪئناڊا ۽ ٻين مغربي رياستن ڏانهن ۽ ٻئي نمبر واري معيار جون مصنوعات، سعودي عرب ۽ ٻين خليجي رياستن ڏانهن موڪليون وڃن ٿيون. ٽئين درجي جون سستيون ۽ غير معياري شيون، ايشيا جي غريب ملڪن جي مارڪيٽن ۾ موجون ڪن.

ڪئناڊا ۾ هڪ ڊالر شاپ جا ڪيترائي دڪان ملندا، جيڪي سعودي عرب وانگر، ’ڪُل شي عشر ريال‘ يعنيٰ ’هر شيءِ ڏهه ريال‘،وارن دوڪانن جي نالي سان مشهور آهن، اهي دڪان هزارين قسم جي چيني مصنوعات سان ڀريل نظر ايندا، جنهن ۾ توهان کي کاڌي پيتي جي شين کان علاوه گهر جي هر ضرورت واريون شيون هڪ ڊالر واري دڪان ۾ دستياب هونديون.

ديس پرديس جون ڳالهيون

❖ ٽورنٽو شهر جي مرڪزي بازار ’بي اسٽريٽ‘ (Bay Street) ۾ هڪ شام جو گهمندي روڊ جي پر ۾ هڪ فقير وينل ڏٺو، جنهن جي پرسان سندس پاليل ڪُتو به گڏ وينو هو ۽ اُن جي سامهون اينڌڙ ويندڙن جي سهولت خاطر، پنهنجي ٽوپي اونڌي ڪري رکي هُئي، جيئن اُن ۾ آساني سان خيرات ڏيندڙن پنهنجا سِڪا وجهي سگهن. هي فقير فرش تي رنگ برنگي ٽُڪرين واري سنڌي رليءَ جهڙو، هڪ پٽراڻو وڇايو وينو هو. عبدالله اڳتي وڌي جڏهن ڪجهه سِڪا ڪٽي اڳيان رکيل ٽوپي ۾ وڌا ته اُن فقير عبدالله ڪي مخاطب ٿي چوڻ لڳو، ته منهنجا پيارا مون ڪي ڏس! مان اسڪول نه وڃڻ ڪري اڄ هتي وينو آهيان، منهنجي توکي گذارش آهي، ته تون اسڪول کان نه گسائجان.

❖ ٽورنٽو ۾ الله ڏتو شر صاحب جيڪو ڪجهه سال اڳ،خيرپور ضلعي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿي رهيو هو، ان جو وڏو پٽ محمد بخش شر به ٽورنٽو ۾ پنهنجو ڊرائيونگ اسڪول هلائيندو هو. اُن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. هو اُتي پنهنجي ڪٽنب سان گڏ پيو رهي. هڪ ڏينهن سندن دعوت ڪئي سون، اسان جي لارنس روڊ واري فلئٽ تي گڏجي ماني کاڌي ۽ ڪافي حال احوال ڏنا.

❖ ڪئناڊا ۾ ڪار انشورنس کان وٺي هر شئي جي انشورنس ڪئي پئي وڃي، هي هڪ وڏو ڪاروبار آهي، جنهن بابت مختلف اخبارن جي پورن صفحن تي هر روز اشتهار ڇپيندا رهن ٿا ۽ FM ۽ AM ريڊيو ته ڪن کائيندو رهي ٿو. لائيف انشورنس کان وٺي جنازو تيار ڪرڻ ۽ تدفين جي انتظام (Funeral Insurance) ڪرڻ تائين به انشورنس ڪئي ٿي وڃي. اهڙي قسم جا اشتهار ڏسي، هن پرديس ۾ دل گهبرايو وڃي. غالباً جنازي جي انشورنس جي ضرورت ان ڪري به آهي جو هتي ڪنهن وٽ ايترو وقت نه هوندو آهي، جو اسان وانگر ڏينهن جا ڏينهن فالتو ڪمن ۾ لڳائي ڇڏين. ڪئناڊا ۾ وقت جي پابندي نه ڪرڻ وارو دردر جون پيو نوڪرون ڪائيندو ۽ ڪٿي به نوڪري ڪون ملندس. هڪ دوست ٻڌايو ته به پائر هُئا، جن جو پيءُ گذاري ويو، مقامي قانون مطابق دفن ڪرڻ کان اڳ، ميونسيپل آفيس ۾ اطلاع ڏيڻ ۽ اتان مرڻ جو سرٽيفڪيٽ وٺڻ ضروري هجڻ ڪري، وڏي پاءُ ننڍي کي اِن ڪم لاءِ چيو،جنهن تي هُن ڪيس پنهنجي نوڪري بچائڻ خاطر انڪار ڪيو،

جنھن ڪري پيءُ جو جنازو بہ ڏينھن گھر ۾ رکي موڪل واري ڏينھن دفن ڪيو. اِن حوالي سان جنازي جي انشورنس ڪنھن سُٺي ڪمپنيءَ ۾ ڪرائڻ سان، پوءِ سڀ مسئلا حل ٿيو وڃن ٿا.

❖ اسان جڏھن 2003ع ۾ وري ٻيھر ڪئناڊا وياسين تہ آڪٽوبر جو آخري ھفتو ھو. موسم ڏاڍي ٿڌي ۽ برفاٽي ھُئي. عبدالله جي داخلا پرسان واري اسڪول ڊان ووڊ پارڪ (Donwood Park Public School) ۾ ڪرائي. اسڪول رھائش جي پرسان ھيو، پر صبح سوير برف ۽ برسات گھڻ ھجڻ جي صورت ۾ ڪيس پيادل ڇڏي واپس وڃي اچڻو پوندو ھو. گھڻي برف يا برسات ۾ گاڏي استعمال ڪندا ھئاسين، جنھن لاءِ وري ڊگھو رستو وٺڻو پوندو ھو. صبح جو رنگ برنگي ڊريسن ۾ اوڙي پاڙي جا ٻار پنھنجي مائٽن سان گڏ اسڪول ڏانھن ويندا رھندا ھُئا. اسڪول جي پڙھائي ۽ انتظام بابت مان اڳ ۾ ڪافي لکي چڪو آھيان. ھتان جي تعليم ۽ استادن جي ھر ھڪ ٻار سان توجھہ ۽ ھمت افزائي ڏسي، پنھنجي تعليمي ماحول سان تشبيہ ڏيون ٿا تہ پريشاني ٿيو ٿي وڃي، تہ اسان ھن منزل تي الائي ڪيئن پھتا آھيون.

❖ ڪئناڊا ۾ ھرسال يارھين نومبر جي ڏينھن، اُنھن ھڪ لک ستر ھزار ڪئناڊا جي سپاھين جي ياد ۾ ملھايو ويندو آھي، جن ٻئي جنگ عظيم دوران، بيلجيم ۾ پنھنجي ملڪ جو دفاع ڪندي جان ڏني ھئي. شاگردن کي پوپي جي ڳاڙھن گلن (Red Poppy Flowers) کي، ڇاتي جي کٻي پاسي تي لڳائي، سپاھين جي ياد تازي ڪرائي ويندي آھي. اِھو پوپي گل، بيلجيم جو مشھور گل آھي.

❖ اسڪول ۾ ٻيو اھم ڏينھن، 31 آڪٽوبر ۽ پھرين نومبر تي،’ھَالَو وِين‘ (Halloween) جي نالي سان، عيسائي رواج مطابق پنھنجي مري ويل بزرگن، ۽ عزيزن جي روح کي ثواب ۽ آرام پھچائڻ لاءِ ملھايو ويندو آھي. ھن ڏينھن جي ملھائڻ جو رواج، تقريباً دنيا جي اڪثر مذھبن ۾ رائج آھي، جنھن جو طريقو مختلف ٿي سگھي ٿو، ليڪن مقصد ساڳيو ئي آھي. يھودي ’يزڪور‘ (Yizkor) جي نالي سان ۽ ھندو پنھنجي مري ويل عزيزن جي روح کي سڪون ڏيارڻ لاءِ، ’پترو پڪشا‘ (Pitru Paksha) جي نالي سان، اھڙي قسم جي روايت صدين کان ملائيندا اچن پيا. ھندن جي ديوالي واري تاريخ عيسائين جي ھالووين واري رسم سان، ڪئناڊا ۾ متصادم ٿئي ٿي. ھن رسم ۾ گھڻو ڪري، ٻار اھڙيون

خوفناڪ پوشاڪون پائن جهڙوڪ: زنده لاش يا مردو جنهن بابت سمجهيو ويندو آهي ته اهو رات جو جيئرو ٿي قبر مان نڪري، سُتل ماڻهن جو رت چوسيندو آهي. ڀوائتي شڪل وارو راڪاس (Vampire)، يا فرضي شڪل جي خوفناڪ مخلوق (Monsters)، ڀوتن جو روح (Ghost)، مئل ماڻهن جي هڏن جا ڍانچا، پوشاڪن تي رنگيل ڍانچا، ڏائڻ ۽ شيطاني شڪل جون پوشاڪون پائي، ٽولن ۾ گڏجي، پاڙي وارن جي گهرن ۾ وتندا در کڙڪائيندا ۽ خيرات گهرندا. هن ڏينهن جي رسم ملهائڻ ۾ مختلف ڪرتب،هڪ ٻئي کي خوفناڪ پوشاڪن ذريعي، ڊيڄارڻ ۽ ڏندن ۾ چاڪو يا ڪنڊيدار چمچو ڏندن ۾ قابو جهلي پاڻي ۾ ترندڙ صوف کي ٽنبي ٻاهر ڪڍڻ (Apple Bobbing) ۽ ڪدُو (ڀَينو ڦَل) کي ڪَٽي، انهيءَ مان مختلف خوبصورت شڪليون ٺاهڻ وغيره وغيره. هتي ڏينهن رات ڏاڍي خوبصورت هوندي آهي ۽ مارڪيٽن، دڪانن ۽ وڏن دڪانن اندر، توهان کي رنگ برنگي پوشاڪن ۾ ڀريل نوجوان گهمندي ۽ نچندي نظر ايندا، جن کي ڏسڻ سان دل وندريو وڃي. گهڻو ڪري انهن موقعن تي گوشت نه کاڌو ويندو آهي، صرف مڻايون ۽ سبزين تي گذر ڪبو آهي. مون کي ياد آهي ته سنڌ ۾ پنجاهه جي ڏهاڪي دوران ڳوٺن جا ٻار انگوڇي جا پَلوَ ٻن ٻارن جي ڪنڌ ۾ ٻڌي، گهر گهر خيرات وٺڻ ويندا هئا ۽ ”ڪارڙا ڪمبرڙا تندي ٻڌا ٻڪرڙا،موليٰ سائين مينهن وساءِ“، جا راڳڙا ڳائيندا رهندا هُئا. خيرات ۾ ڪٽڪ جي اَنَ داڻا ملندا هُئا، جو غريب عوام وٽ اُن وقت روڪ پئسو ڏاڍو اٽلپ هو، اُن خيرات کي وڪڻي، ٻارڙا مٺا ڀڳڙا وٺي کائي ڇڏيندا هُئا يا اَنَ کي ديڳڙيءَ ۾ وجهي باهه تي ڪوهر ٺاهي کائيندا هئا ۽ هي رواج گهڻو گرمي جي آمد ۾ رائج هُيو ۽ الله تعاليٰ کي اُنهن معصومن جي پڪار تي رحم ايندو هُو جو ويجهي وقت ۾ برسات وسڻ شروع ٿي ويندي هُئي ۽ مالوند ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيندا هُئا. يورپ ۽ ڪئناڊا ۾ ڊسمبر مهيني ۾ عيسائي مذهب جو مکيو تهوار ’ڪرس مس ڊي‘، وڏي ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو آهي. سڄي شهر جي عمارتن ۽ گهرن کان علاوه روڊن جي چونڪن، بازارن کي رنگ برنگي روشنين سان چمڪايو ويندو آهي ۽ شهر جي مختلف جاين ۽ چوڪن تي وڏا ڪرتب پڻ ڏيکاريا ويندا آهن.

❖ هڪ ڏينهن ٽيڪسيءَ ذريعي بازار وڃي رهيا هئاسين، ته ٽيڪسي ڊرائيور جيڪو عبدالله نالي صومالي هُيو، تنهن هلندي پنهنجي ملڪ

جو احوال ڏيندي ٻڌايو تہ اسان جي ملڪن ۾ چار موسمن سان گڏ، الله تعاليٰ ڪافي وسائل ڏنا آهن، ليڪن نااهل ۽ راشي سياستدانن جي غلط پاليسين ڪري، عوام بک تي ويٺي آهي ۽ اسان روزگار لاءِ پنھنجا وطن ڇڏي، غلامن واري زندگي پيا ٽا گذاريون ۽ سخت محنت جي باوجود، مشڪل سان پيا پنھنجو پيٽ پاليون. هتي ڊالر ڪمائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، وڌيڪ چيائين تہ، هو 14 سال اڳ پناهگير ٿي آيو هو، ان وقت تمام گھٽ مسلمان ۽ مسجدون هيون، هاڻي تہ تمام گھڻيون مسجدون ٺهي ويون آهن ۽ ڪافي مسلمان اچي آباد ٿيا آهن ۽ ڪيترائي مقامي ماڻهو دين اسلام قبول ڪندا رهن ٿا.

❖ ڪئناڊا ۾ ميٽرڪ تائين تعليم مفت آهي، پر ڪاليج يا يونيورسٽي جي تعليم ڏاڍي مهانگي آهي، جو عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر آهي. 2003ع دورن مقامي ماڻهن لاءِ،ڪاليج ۾ سائنس ۾ بئچلر ڊگري ڪرڻ لاءِ پنج هزار ڊالر سالميانو خرچ آهي. تنھن ڪري هتي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ تمام مهانگي آهي، پر حڪومت شاگردن کي قرض جھڙيون سھولتون ڏئي رهي آهي. انٽرنيشنل شاگردن جي ساليانو في ڏهن کان پندرهن هزار ڊالر ورتي وڃي ٿي. هن وقت ڪئناڊا ۾ بين الاقوامي شاگردن جي داخلا %25-30 وڌي وئي آهي، غالباً ان ڪري جو 9/11 واري واقعي آمريڪا ۾ ٻاهران ايندڙن شاگردن جي داخلا تي سختي ڪئي وئي هجي.

❖ سريلنڪا مان آيل پناهگير، جن جو تعلق تامل ٽائيگر تنظيم سان آهي، سي رات جي وقت دوڪانن تان چوري ڪرڻ ۽ راهگيرن کان پئسو ڦرڻ جي الزام ۾، پوليس ڪجھ ٽولن کي پڪڙي قيد ڪيو آهي. تامل قبيلي جي سريلنڪا حڪومت سان صوبي جي عليحدگي واري معاملي تي جنگ هلندڙ آهي. پڪڙيل ڏوهارين مان ڪجھ کي سزا طور پنھنجي وطن واپس ڪيو آهي ۽ هاڻي شھر ۾ ڪافي سڪون آهي.

❖ اسان جي گھر پرسان،’پرائيس شوپر‘ (Price Chopper) نالي هڪ وڏي سپر مارڪيٽ هئي، جتان هر ضرورت جي شيءِ ملي ويندي هُئي. اهڙن مارڪيٽن ۾ پالتو جانورن (Pet Animals) کي اندر وٺي وڃڻ تي پابندي هوندي آهي ۽ اهڙي قسم جو ننڍڙو نوٽيس در وٽ لڳل هوندو آهي ۽ هر هڪ اُن جي پوئواري ۽ عمل ڪندو آهي. جيئن تہ آئون اڳ ۾ پالتو جانورن بابت ذڪر ڪري آيو آهيان، سو هتي گھڻو ڪري عورتن وٽ پالتو ڪتا رکڻ جو ڏاڍو شوق آهي ۽ انهن جو پنھنجي اولاد ۽ بزرگن

ڪان وڏيڪ خيال رکيو ويندو آهي ۽ هڪ اندازي موجب، پڳهار جو چوٿون حصو پالتو جانور جي پرورش تي صرف ڪيو وڃي ٿو. ٻلن ۽ ڪتن جا سوَين مختلف قسم آهن. هڪڙا ڪُتا ننڍي ڳابي جيترا به عورتن سان گڏ گهمندي نظر آيا. انهن جو دٻن ۾ بند کاڌو، هر سپر مارڪيٽن ۾ آرام سان دستياب آهي ۽ وري سرديءَ کان بچڻ لاءِ گرم پوشاڪون پهريل ڪتا ۽ ٻيا جانور ڏسي اسان کي ٿر جا مسڪين ماڻهو ياد اچيو وڃن. جانورن جي علاج لاءِ وڏيون اسپتالون ۽ ماهوار چيڪ اپ ڪرائڻ ۽ ڪتن جي بيمارين جي معلومات ۽ آپريشن وغيره TV تي ڏيکاريا وڃن ٿا. هي آهي هِن قوم جو هڪڙو پاسو ۽ ٻئي پاسي تي نظر وجهڻ سان، بوسينيا، ڪوسوو، افغانستان، عراق، ڪشمير، فلسطين ۽ تازو نيپال جي روهنجا مسلمانن جو قتل عام، هنن جي منافقت ۽ ٻٽي معيار جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. مغربي ملڪن ۾ جانورن جي خون جي قيمت، اوپر جي انسانن جي خون کان گهڻو افضل آهي. ڳالهه پئي هلي هڪ عورت جي جنهن وٽ هڪ قداور ڪُتو ساڻ هو سو مارڪيٽ ۾ اجازت نه هجڻ ڪري ڪُتي کي دروازي جي ٻاهران ٻڌي رهي هُئي، ته ڪُتو پرسان بينل هڪ بزرگ عورت تي ڀؤنڪڻ شروع ڪيو، جنهن تي مالڪياڻي ڪُتي کي مُسڪرائي چيو ته ’ڪيتري نه زبردست تنهنجي ڀؤنڪ آهي‘ (What a nice bark).

❖ ٽورنٽو ۾ ڪجهه اهڙا دڪان ڏٺا جيڪي خيراتي شيون حاصل ڪري، انهن جي ٿوري گهڻي مرمت ۽ صفائي ڪري، گهٽ قيمت تي وڪرو ڪرڻ ڪانپوءِ اُن پئسي مان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ غريب، مسڪين، بي گهر ۽ اپاهج ماڻهن جي مدد، ۽ ڪين پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي ڪوشش پيا ڪن. هي سماجي ڀلائي واري تنظيم، جيڪا سپاهِ نِجات (Salvation Army) جي نالي سان مشهور آهي ۽ عيسائيت جي جاڳرتا ۽ غريبن جي مدد لاءِ پاڻ پتوئيندڙ،هڪ بين الاقوامي سطح جي نيم فوجي تنظيم آهي. هن تنظيم مختلف شهرن ۾، نِجاهه سِپاهه جي نالي سان ڪيترائي اسٽور کوليا آهن، جن تي توهان کي استعمال شده ۽ گهٽ قيمت تي شيون (کاڌي پيتي جي شين کان علاوه) سستن اگهن تي ملنديون. نوَان لڏ پلاڻ ڪندڙ، گهڻو ڪري انهن دڪانن جو پاسو وٺندا آهن ۽ هو اڌ ملهه تي گهر جو فرنيچر، ڪپڙو لٽو، زيبائش وغيره جو سامان وٺي گهر آباد ڪندا آهن. مان ڏٺو آهي ته لڏ پلاڻ ڪندڙ گورا، گهڻو ڪري پنهنجي گهر جو سامان ڪٽڻ بدران، هن دڪان کي خيراتي

ڏئي ويندا آهن. اُهي ماڻهو جيڪي پنهنجي پوري پراڻي فرنيچر جي جاءِ تي نئون فرنيچر خريد ڪرڻ چاهيندا آهن يا شادي وغيره ۾ هو اهي سڀ شيون نجاهه سپاهه جي دڪانن وارن کي ڏئي ايندا آهن. سامان ڏيندڙ، انهن دوڪانن ۾ هڪ مخصوص جاءِ آهي،جتي هو رکي ويندا آهن. هي خيراتي ڪم حضرت عيسيٰ پاران قرباني ذريعي عطا ڪيل گناهن جي معافي ۽ جنت ۾ داخلا جي بشارت جي عقيدي تي ٻڌل آهي.

گئراج سيل

ڪئناڊا ۾ ٿوري محنت ڪرڻ سان توهان کي سَو ڊالر جي شيءِ، ڏهن ڊالرن ۾ ملي سگهي ٿي، خاص ڪري ايشيائي لڏ پلاڻ ڪرڻ وارا، اِن ڏنڌي ۾ ڪافي مهارت ڪمائي آهي. جيئن مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان، تہ گورن جون استعمال ڪيل شيون، سٺي حالت ۾ سستي اگهن ۾ آسانيءَ ملي وڃن ٿيون ۽ اسان جهڙن نئون جي آمد مان هنن، ڪمائڻ جا نوان ڏنڌا کوليا آهن، جن ۾ ’گئيراج سيل‘(Garage Sale) وڏي اهميت جو حامل آهي. گهر جي گئراج کي سهڻي ترتيب ڏئي، استعمال جي قابل شين کي نيڪال ڪرڻ خاطر سستي اگهہ تي وڪرو ڪرڻ لاءِ گئراج ٻاهران ’وڪرو‘ جو بورڊ هڻي ڇڏيندا آهن، تہ جيئن روڊ تان لگهندڙ مسڪين مهاجر پڙهي اچي پاسو وٺن. اهڙن گئراج سيل تي توهان کي سُئي کان وٺي ڪار تائين سڀ شيون ملي وينديون، بشرطيڪ توهان صبح جو مقرر وقت تي سڀ کان پهريائين پهچڻ جي ڪوشش ڪيو. اهو ڪاروبار ايترو وڏي ويو آهي، جو توهان کي روڊ تان پنجن ڪلو ميٽر سفر دوران ڏهہ پندرهن گهر اهڙا ملندا، جن تي گئراج جي در مٿان يا روڊ تي نوٽيس ڏسڻ ۾ ايندو.

اسان جي هڪ دوست کي بہ اِن سيل تي هرويرو وڃڻ جي عادت هئي، سو هن مونکي فون ڪيو ۽ چيائين تہ اڄ سڄو ڏينهن گئراج سيل ڏسڻ هلنداسين. هن کي سيل تي هلڻ جي ايتري لڳل هُئي، جيتري هڪ موالي کي مئخاني جي لڳل هوندي آهي. صبح جو گاڏي ڪڍي آيو، هن سان گڏ هڪ ٻيو شوقين دوست بہ ساڻ هيو. اسان گڏجي هڪ ويجهي گئراج سيل تي پهتاسين، تہ گهر مالڪياڻي سيل لاءِ نڪري آئي، جنهن دروازو رموٽ تي کولي سامان ڏيکاريو. پوري گئراج سامان سان ڀريل هُئي، اسان کي ٿورو وقت گذريو، تہ ڪافي ٻيا گراهڪ اسان واري نسل مان پهچي ويا ۽

ٿوري دير ۾ پيڙ ٿيڻ لڳي. هر شئي مٿان قيمت جي پرچي چُنڪيل هُئي. هڪ گراهڪ 54 انچ جي.ٽي.وي، پنجن ڊالرن ۾ خريد ڪري ڏاڍو خوش ٿيو، جنهن تي گوري پنهنجي زال کي آهستي آواز ۾ چيو تہ سنو ٿيو،TV نڪري وئي، نہ تہ مرمت لاءِ سَوَ ڊالر خرچ ڪرڻا پون ها. هنن جي گفتگو مان سمجهي ويس تہ هي گئراج سيل آهي يا گاربيج سيل.گورا ٻئي شهر لڏڻ يا وري پُراڻي شين کان جان ڇڏائڻ جو حل گئراج سيل جي وسيلي، نَوَن مهاجرن کي قرڻ جا طريقا ڪديا آهن. انگريز ان ۾ خوش تہ گهر مان گند پيو صاف ٿئي ۽ موٽ ۾ پئسا بہ پيا ملن پر اسان جا يائر، گورن جون استعمال ڪيل شيون، گهر آڻي خوش ٿيو وڃن. پر اجان جي اڱاري جي ڏينهن جو انتظار ڪن تہ شايد اِهو ئي سامان گاربيج جي ڊبن پرسان پيل هوندو، جنهن کي مناسب بندوبست سان مفت ۾ ڪٺي سگهجي ٿو. ٽورنٽو ۾ هر اڱاري تي ميونسپالٽي طرفان گندگي جي ڊبن کي صاف ڪيو ويندو آهي.

گئراج سيل تي اچڻ وارن جا ساڳيا چهرا، هر روز ڏسي ائين لڳندو هو تہ ڪي پراڻا واقف آهيون ۽ هڪڙي عورت ايتري شوقين هُئي، جو گهر ۾ ويهڻ بدران صرف گئراج سيل تي هر وقت موجود هوندي هُئي. اُن عورت کي هر دڪان تي ڏسي، اسان جي دوست جي پٽ، اُن جو نالو ئي آنٽي اڳين (Anti Again) رکي ڇڏيو. اسان ماڻهن ۾ هڪ سُجائي ۽ ٻئي خوبصورت عادت، تہ بغير ضرورت، سستي شيءِ هجڻ ڪري هرويرو بہ خريد ڪري وٺبي. هڪ دوست بجلي تي هلندڙ ٻهارو خريد ڪري ، پنهنجي زال اڳيان پيش ڪيو، تہ سندس زال ناراض ٿي پئي، جنهن تي همراهہ عاجزي ۾ اچي، پيار سان چيو، تہ مونکي ٻهارو ڏيندي چيلهہ ۾ سُور پوڻ لڳو آهي، سو مان پنهنجي سهولت لاءِ آندو آهي. زال ناراض ٿي چيو، تہ تون هر هفتي گئراج سيل تان بغير ضرورت جي ايترو تہ سامان آڻيندو رهين ٿو جو سڄو گهر پرچي ويو آهي ۽ پير رکڻ جي جاءِ ڪونہ آهي، سو تون هي ڦريو پنهنجي مُنهن تي وجي لڳاءِ.

وڌيڪ مزي جي ڳالهہ، تہ اسان هر اُها سستي شئي خريد ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهيون، جنهن شيءِ جي استعمال جي پوري خبر بہ نہ هوندي آهي. هڪ ڏينهن اسان جي پاڙيوارو، نوڙ ڪديو گهمندو نظر آيو، اسان پڇيو تہ يار خير تہ آهي، چا پلا حجم جي ڏيءُ سان ڪا هٿ چراند ڪئي، جو تنهنجا ههڙا حال ڪري ڇڏيائين. هن ٻڌايو تہ گئراج سيل تان مشهور ڪمپني جي

هيئر ڪريم ورتي هُئي، جنهن تي بدقسمتي سان Hair Remover جا لفظ مِٽجي چڪا هُئا. گئراج سيل تي سامان جي پرمار ڏسي ائين لڳندو هو، ڄڻ گورن اسان جهڙن متاثر ماڻهن کي قرض جو ڏنڊو شروع ڪيو هجي. پلا هڪڙي گئراج سيل ۾ اٺ اٺ ٽي.ويز، پنج ڊش واشر، ڏهه ايش ٽري، پنج ڪمپيوٽر وغيره جو سامان هڪ گهر جو نه تو تي سگهي. اِن مان محسوس ٿئي ٿو ته گورا ’ڊالر شاپ‘ مان شيون وٺي ۽ پنهنجي گهر جو ناپسنديده سامان ملائي، وڪرو ڪرڻ جو اهڙو ڏنڊو کوليو آهي. جنهن ۾ اسان جهڙن مسڪينن کي هنن پنڻ جهڙو ڪري ڇڏيو آهي، اهوئي سبب آهي جوگئراج سيل تي اسان ڪڏهن به گوري کي سامان خريد ڪندي نه ڏٺو.

بشيرُ اٺ گاڏي وارو

مئي 1961ع جي ڳالهه آهي، ته آمريڪي صدر جان.ايف ڪينيڊي، پنهنجي نائب صدر ليندن بي جانسن کي اڪثر ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن سان دوستي جي ناتن کي اوسر ڏيڻ خاطر دوري تي موڪليندو هو ته جيئن آمريڪا جي دوستي دنيا جي ملڪن ۾ مشهور ٿئي. ليندن جانس جنهن سان به ملندو هيو، تنهن کي چئي ڏيندو هيو ته، ’توهان جڏهن واشنگٽن اچو، ته اسان سان ضرور ملجو‘. هن جو اِهو تڪيو ڪلام هو.

بهرحال هُو جڏهن پاڪستان آيو ۽ ڪراچي ايئرپورٽ کان سرڪاري پروٽوڪل ۾ اسٽيٽ گيسٽس هائوس وڃي رهيو هو،ته شاهراهه فيصل تي ڪارساز پرسان، رستي جي ٻنهين پاسن کان بيٺل ماڻهن پئي آجيان ڪئي، ته اُن مجموئي ۾ هڪ بشير احمد پنهنجي اُٺ سميت بيهي نعرا هڻڻ وارن سان شروع تي ويو. اُٺ مٿان ڪپهه جون ڪافي اوچائي تائين ٻوريون سٽيل هيون، جن کي نائب صدر، ليندن جانس ڏسي، پروٽوڪول جي خلاف، پنهنجي گاڏي بيهاري، هيٺ لهي وڃي بشير احمد سان هٿ ملايو ۽ خوش خيرآفيت معلوم ڪئي ۽ اُٺ کي پنهنجي هٿ سان ٿڦڪي (Patting) ڏئي، بشير احمد سان مخاطب تي چيو، ته ”توهان جڏهن واشنگٽن اچو ضرور اسان سان ملجو. (You came to Washington and see us sometime).

اُن وقت ڪنهن به نه تي ڄاتو، ته هڪ ڏينهن بشير جا ڀاڳ کُلندا ۽ جو هُن کي آمريڪا جي نائب صدر جي دعوت ملندي ۽ هو اوڏانهن روانو به تي ويندو. الله تعاليٰ فرمايو آهي، ته ’توهان کي اتان رزق ڏيندس، جتان توهان کي گمان ئي نه هوندو‘. (سبحان الله)

هن خبر کي مقامي توڙي ٻاهرين اخبارن ايترو شايع ڪيو، جو هڪ ڪچي آبادي ۾ رهندڙ بشير دنيا جي اخبارن جي شاهي سُرخين ۾ اچڻ لڳو. جو آمريڪا جي سفارتخاني خط لکي، صدارتي محل ۽ ريڊرس ڊاجيسٽ جي خاص مهمان طور دعوت جي اجازت ورتي ۽ ساڳئي سال آڪٽوبر ۾ بشير خان کي نيويارڪ جي ايئرپورٽ تي، نائب صدر ليندن بي.جانسن، پاڻ اچي هن مهمان جي آجيان ڪئي، جنهن جي جهلڪ ’ٽائيم ميگزين‘ وارن هيئن ڇاپي.

"Wearing a Jounty Karakul Cap. a trimly Tailored Frock Coat and a 500 Watt smile".

اُن گاڏي واري بشير کي قراقلي ٽوپي، ڪاري شيرواني ۽ پالش ٿيل بوٽ پاتل هُئا ۽ جانس اُڏر ياءُ ڪندي کيڪاري، سخت سردي جي سيءَ کان معافي ورتي، بشير کيس جواب ۾ چيو، تہ ’سيءَ جو فڪر نہ ڪرڻ کپي پر ماڻهن جي دلين جي گرمائش کي اهميت ڏيڻ ضروري آهي‘. هن جواب مان آمريڪي صدر، بشير جي ذهانت جو ضرور اندازو لڳايو هوندو.

هن بادشاهي مهمان کي، هفتي لاءِ آمريڪا جي مختلف شهرن جو سرڪاري دورو ڪرايو ويو ۽ هُو جتي بہ ويو، اُتي سَوين ماڻهن ۽ اخباري نويسن جي مجموئي سندس عزت سان آجيان پئي ڪئي. هو جتي بہ ويو تي، ماڻهن کيس هميشہ کلندي ڏٺو ۽ کيترن ئي اخبارن ۽ ميگزين جي سرخين ۾ سندس حاضر جوابي جي تعريف ڪئي وئي ۽ ڪئنساس شهر (Kansas City) جي، گورنر، هيري ٽرومين جون ايتريون تہ وايون بتال تي ويون، جو هُن هڪ اُن گاڏڙي هلائيندڙ کي هڪ محفل ۾ His Excelley چئي وينو. ٽيڪساس شهر ۾ چوپائي مال جي پرورش گاهہ تي، هڪ باربي ڪيو پارٽي دوران بشير ٻڌايو تہ هُن کي چئن ٻارن مان سندس ننڍي ڌيءَ ڏاڍي پياري آهي، جوڌيءَ پوري ڪٽنب ۾ جڻ سمنڊ اندر، هڪ مٺي پاڻي جي چشمي وانگر آهي.

ڪنهن اخبار نويس سندس اُن بابت سوال ڪيو، تنهن کي جواب ۾ چيائين تہ ’اُن ۽ عورت هڪ جهڙا آهن ۽ توهان انهن جي ٽين چالن بابت ڪابہ اڳ ڪٿي نٿا ڪري سگهو‘، پيا بہ هن ڪيترائي اهڙا جملا پئي چيا، جو ٻڌندڙ واڻڙا ٿي پي ويا. پوري هفتي جي سرڪاري دوري دوران، هن کي واشنگٽن ۾ لنڪولن ميموريل، سينيٽ هال، صدر ڪينيڊي جي آفيس ۽ ٻيون ڪيتريون ئي مشهور جايون ڏيکاريون ويون. نائب صدر جي زال ۽ ڌيءَ، هن سان گڏ جيمس ميڊيسن ساءِ اسڪول ڏيکاريو، جتي سَوين شاگردن سندس آجيان ڪئي ۽ هن اُنهن کي مخاطب ٿي تقرير ڪئي.

بشير جي واپسي تي، ايئرپورٽ تي پهچڻ وقت، نائب صدر جي هڪ ٽيليگرام موصول ٿي، جنهن ۾ بشير کي عمري جي سعادت جي خوشخبري ڏني وئي، جنهن تي هِن کان ’الله اڪبر‘جو آواز نڪري آيو. سندس واپسي تي، فورڊ ڪمپني وارن، هِن کي ڊلاس ۾ فيڪٽري جي وزٽ دوران، هڪ فورڊ ٽرڪ سوکڙي طور ڏنو ۽ ٻيون ڪيتريون ئي قيمتي سوکڙيون ساڻ ڪري وطن واپس ٿيو. 1963ع ۾ جڏهن آمريڪي صدر ڪينيڊي جي زال، خاتون اول جئڪيلين ۽ سندس ڀيڻ، پاڪستان جي دوري تي آيون، ته صدر ايوب خان جي گهر ۾، بشير ۽ سندس اُٺ کي گهرائي، اُن تي سفر ڪيو ۽ دل وندرائي. بشير جي زندگي نائب صدر جي ملاقات ڪانپوءِ، ڏاڍي آسودي گذرڻ لڳي، پر وقت جي گردش هن جي گهراڻي جي حالت تبديل ڪري ڇڏي، بشير جي وفات 70 جي ڏهاڪي ۾ ٿي ۽ سندس اولاد، گل شير، غلام رباني ۽ نذير احمد بيحد غربت جي زندگي گذاري رهيا آهن.

ڪئناڊا جا نياگرا آبشار

هي آبشار دنيا ۾ مشهور ترين آبشارن مان پهري نمبر تي آهن، جيڪي آمريڪا جي اِري ڍنڍ (ERIE Lake) مان نڪرندڙ نياگرا ندي تي موجود آهن، جيڪا اونٽاريو ڍنڍ ۾ اچي چوڙ ڪري ٿي ۽ هي ندي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جو بارڊر جدا ڪري ٿي. هڪ ڏينهن نياگرا آبشار کي ڏسڻ لاءِ، سيئي گڏجي پنهنجي ڪار ذريعي نڪري پياسين. ٽورنٽو کان اونٽاريو ڍنڍ جو ڪنارو وٺيو وڃي، سينٽ ڪئٿرين شهر پرسان ٿيندا، 130 ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري، آمريڪا حد لڳ نياگرا شهر پهتاسين. هي علائقو ساوڪ سان ڀريل، پهاڙي علائقو آهي،هڪ عظيم قدرت جو شاهڪار آهي، جنهن جي ڏسڻ سان دل بهار ٿيو وڃي ۽ زندگي جا گذاريل ڏک ۽ غم وسريو وڃن. هڪ هزار فوٽن جي ويڪرائي سان، گهوڙي جي سنب (Horse Shoe) وانگر، پوري ندي جو وهڪرو (ڇهه لک گيلن في سڪنڊ) اچي، هڪ سَوَ ستهٺ (167) فوٽن جي هيٺائين ۾ ڪِرڻ سان، هڪ دلفريب منظر پيش ڪري ٿو، جيڪو روزانا هزارين زائرين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي اچي ٿو. نياگرا آبشار ٽن مختلف جاين تي، هڪ ٻئي کي ويجهو آهن، جن مان ٻه آمريڪا جي حد کان ڏسي سگهجن ٿا، تن کي آمريڪن آبشار ۽ برائيڊل ويل آبشار (Bridal Veil Falls) سڏجي ٿو. انهن ٽنهي ۾

ڪئنادا واري حد ڪان، گهوڙي جي سنب واري شڪل وارو آبشار سڀ کان سهڻو ۽ وڏو آبشار آهي ۽ برائيڊل آبشار ننڍي ۾ ننڍو آهي. هن آبشار مٿان، چڪيل رسي (Tight Rope) ذريعي اج تائين ڪيئي پانديئڙا پنڌ ڪري، ندي جي ٻئي پاسي ڪاميابي سان پهتا آهن، جن ۾ 1859ع ۾ هڪ اسڪول ٽيچر عورت ۽ 2012ع ۾ نِڪ وليندا نالي نوجوان شامل آهن. شام جي وقت هن آبشار جي ڪري، توهان کي آسمان ۾ رنگبرنگ اندلٺ نظر ايندي، جا گهڻن زائرين ۽ نوجوان نسل لاءِ دلفريب منظر پيش ڪري ٿي. دنيا جي مٺي پاڻيءَ جي ڪُل ذخيري جو تقريباً، چوٿون حصو، هن آبشار مان لنگهي وڃي اونٽاريو ڍنڍ ۾ پوي ٿو.

هي آبشار دنيا جي مشهور نئون شادي جوڙن جون پهريون راتيون ملهائڻ (Honey Moon Destination) جي حوالي سان، هڪ بهترين جاءِ آهي. هتي مختلف اسڪول جي شاگردن کي استادن جي نگهباني هيٺ، زيارت ڪرائي ويندي آهي، جيئن شاگردن کي وڌيڪ ڄاڻ ۽ ذهني سڪيا ۾ اضافو ٿئي. هن مخصوص هنڌ تي ڪئي انگريزي ۽ هندي فلمون ٺاهي، من موهيندڙ ۽ قدرتي نظارن کي دنيا لاءِ پيش ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ’نياگرا‘ نالي سان فلم، 1952ع ۾ مرلن مُنرو جي اداڪاري مشهور آهي. سياحن جي سهولت لاءِ ٻيڙي، ڪروز، جهاز ۽ هيليڪاپٽر ذريعي توهان پوري علائقي جي خوبصورتيءَ کي آرام سان ڏسي سگهو ٿا. نياگرا قصبي جو پراڻو نالو ڪلفٽن هو. هن خوبصورت شهر ۾ راڻي وڪٽوريه باغ لنڊن جي ٿيمس نديءَ تي لڳل چيڪلي جهڙو، سياحن لاءِ، 175 فوٽن جي اوچائي وارو عمدو چيڪلو آهي، جنهن ۾ ويهي توهان ٽنهي آبشارن جي حيرت انگيز نظارن کان لطف اندوز ٿي سگهو ٿا. نياگرا آبشار پرسان، 775 فوٽن جي اوچائي وارو اِسڪائلون ٽاور (Skylon Tower) آهي، جنهن تي چڙهڻ لاءِ تيز رفتار بجلي تي هلندڙ لفٽ آهي، جيڪا 52 سيڪنڊ اندر توهان کي ٽاور جي اوچائي واري هوٽلن ۾ پهچائي سگهي ٿي. اِن ٽاور تي هڪ چؤ طرف ڦرندڙ هوٽل آهي، جنهن ۾ ڪاڌو کائيندي توهان ٽنهي آبشارن جو قدرتي منظر ڏسي، دل وندرائي سگهو ٿا. هتي فلورل ڪلاڪ نباتياتي باغ ۽ سفاري نياگرا باغ ڏسڻ وٽان آهن.

اسان نياگرا آبشار ڏسي، شام جو ٽورنٽو پنهنجي گهر اچي آرامي ٿياسين، ليڪن قدرتي نظارا ڏسي، دل اداس ٿي پئي، ته جيڪر ڪجهه وقت ترسي پئجي ها.

سي.اين ٽاور C.N TOWER

ٽورنٽو ۾ سي.اين ٽاور (CN Tower)، جيڪو 553 ميٽرن (1815 فوٽ) جي اوچائي ڪري، آسمان سان پيو ٿو ڳالهيون ڪري. شهر جي مرڪزي حصي ۾ هجڻ ڪري توهان کي سڄو شهر، ائين ڏسڻ ۾ ايندو، ڄڻ ڪنهن پني تي شهر جو نقشو ڏسي رهيا هجو. صاف موسم ۾، توهان هتان نياگرا آبشار بہ ڏسي سگهو ٿا. اِن ٽاور جي مٿين چوٽيءَ تي چؤطرف ڦرندڙ هوٽل ۽ ڪيٽريون ٻئي پيون هوٽلونءَ دوڪان شامل آهن.

هن ٽاور ۾ هڪ شيشي جو فرش آهي، جنهن مان هيٺ نظر وجهڻ سان، انسان ڪِولي وانگر نظر اچن ٿا ۽ هن شيشي جي فرش تي گهمڻ ڏاڍو خوفناڪ لڳي ٿو، جو هر هڪ انسان ايتري اوچائي جي منزل تان، آرپار نظر گذرڻ واري شيشي مٿان نہ ٿو گهمي سگهي. مان ۽ عبدالله هڪ ٻئي کي هٿ ڏئي گهمڻ جي ڪوشش ڪئي، پر دل جهلي گهمندا رهياسين، پر گهٽا گورا پڇي پاسو پيا ڪن، تہ مٿان شيشو ٽُٽي نہ پوي ۽ وڃي فرش تي ڦهڪو ڪيون. هي ٽاور 76-1972، دوران ٺهي راس ٿيو ۽ اُن وقت دنيا جو ڊگهي ۾ ڊگهو ٽاور، اوستائين رهيو، جيستائين دبئي ۾ بُرج خليفہ ٽاور نہ نهيو. CN ٽاور جي بلڪل پرسان هڪ عظيم راندين جو ڪامپليڪس آهي، جنهن کي Rogers Center جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، هن ڪامپليڪس جي سِرڪندڙ ڇت (Sliding Domed Roof) کي مرضيءَ مطابق کولي ۽ بند ڪري سگهجي ٿو، اِهو ان ڪري جو ڪئناڊا جي موسم ڏاڍي بي اعتبار واري آهي، جنهن جو ذڪر مان اڳ ۾ گهٽي گهرائي سان ڪري آيو آهيان. ان کان علاوه، ٽورنٽو ۾ ڪيٽريون ئي لائبررين، آرٽ گئلريون، ميوزم جهڙوڪ: ڪيسا لوما (Casa Loma)، ٽورنٽو چڙيا گهر، هاءِ پارڪ، اونٽاريو سائنس سينٽر، ٽورنٽو بيٽ ايٽون مارڪيٽ (Eaton Market)، سٽي هال ۽ سينٽ لارينس مارڪيٽ گهمڻ وٽان آهن.

تبوڪ لاءِ واپسي

ڪئناڊا ۾ بيهر اچي رهڻ جي ڪوشس ڪئي، پر پنهنجي ڌرتي ماءُ جي ڇڪ ۽ ماروئڙن سان محبت، ڪڙو مَنجهہ ڪَڙي جيئن لوهار لَپيٽيو وانگر هڪ پريشان ڪندڙ مسئلو ٿي پيو. آخر گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. آخر ٻيو دفعو سامان کڻي اچي تبوڪ نڪتاسين

۽ ساڳيا چگهه ساڳيا لاٽو واري معاملي وانگر. نوڪري ۾ لڳي وياسون. يا اهلاً وسهلاً، يا حبيبي، يلا يلا يا رفيق، مُويافي وَلا مافي، سُرع، سُرع يا صديق، جهڙا آواز ڪنن ۾ گونجندا هُئا. سي صحيح تلفظ ۽ اوچارن سان وري ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا.

اداري جي ڊائريڪٽر جنرل شايع کي تبديل ڪري، ڪرنل قباني کي رکيو ويو. هي شخص اصل ۾ سعودي نه پر شامي نسل جو لڳندو هو. بهرحال ڪافي پڙهيل پئي لڳو ۽ هن جو پاءُ ايئر فورس ۾ پائلٽ ۽ سندن والد ڪٿي سَفير ٿي رهيو هو. جنرل شايع جي دور جي سختي ڪجهه گهٽ ٿي جو، جنرل شايع نون منصوبا شروع ڪرائڻ ۾ گهڻي مهارت رکندو هو. نئين ڊائريڪٽر اداري جي اصلي ڪم، يعني، خدمتن جي سار سنڀال ڪرڻ تي گهڻو زور ڏنو، جنهن ڪري فوجن جون مشڪلاتن کي دور ڪرڻ ۾ مدد ملي ۽ ماڻهو هِن مان ڪافي خوش ٿيا، جو اُنهن جي مسئلن جو تدارڪ جلدي ٿيندو رهيو. تبوڪ جي ملٽري ڇانوڻي، ملڪ جي دفاعي نُقطِ نظر کان، وڏي اهميت جي حامل آهي، جو اترين ۽ اولاهين حدن جي حفاظت هن جي ٻلي آهي.

منهنجي ماضيءَ جي ڪارڪردگي ۽ محنت مان نئون ڊائريڪٽر به ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مونکي نَوَن ڪمن جي منصوبہ بندي لاءِ رٿائون ناهڻ جو ڪم سونپيو، جنهن ۾ ڇانوڻيءَ جي آب رسائي، نِڪاسي آب ۽ پاڻي کي صاف ڪرڻ لاءِ جديد قسم جي ٽيڪنالاجي جي حوالي سان، نوان پلانٽ ڊزائين ڪري لڳرائڻ شامل هئا.ڪرنل قباني ۽ جنرل شايع جي ڪم ڪرڻ جي انداز ۾ فرق اهو هو ته جنرل شايع پنهنجي سوچ سمجهه مطابق ڪم ڪندو هو ۽ ڪنهن ٻئي جي ڳالهه، صلاح مشوري کي وزن گهٽ ڏيندو هيو، هٽلر وانگر اڪيلي سِر پيو فيصلا ڪندو هيو. هو بغير سوچي سمجهي فيصلي ڪرڻ ۾، وري تڪڙ جو عنصر شامل هجڻ ڪري، سندس هڪ به منصوبا، پنهنجي ناقص ڪارڪردگي جي حوالي سان ڪمزور ثابت ٿيا، جن ۾ جبلن وچ ۾، اُها هٽرادو ڊيڊ هُئي، جنهن کي شهر کان ٻاهر مِٽي جو بند ٻڌي ناهي، ان ۾ شهر مان پيدا ٿيندڙ گندو پاڻي صاف ڪري جمع ڪيو ويو. ڪروڙين ريال خرچ ڪري جڏهن ان ۾ پاڻي وڌو ڪيو ويو ته هوءَ ڇئني پاسن کان سيمون ڪري وهڻ لڳي. هي ڪم بغير ڪنهن اڀياس ۽ تحقيق جي شروع ڪيو ويو هو ۽ نه ڄاڻ ته اُن پهاڙ اندر ڪيترائي پاڻي جي وهڻ جا رستا اڳ ۾ موجود هُئا ۽ نه رکيو اهو پر جنهن مٽيءَ سان بند ٻڌو ويو هيو، تنهن ۾ به پاڻي جهلڻ جي قُوت نه هُئي. انهن سيمن کي روڪڻ خاطرِ، بند جي اندران سيمنٽ ڪانڪريٽ جو هڪ تلهو تهه چاڙهيو

ويو، جنهن ڪانپوءِ بہ پاڻي وهندو رهيو. اِن هترادو ڏِنڊ جو سَوَ فوٽ ڪن زمين جي سطح ڪان مٿي هجڻ ڪري، شهرين لاءِ هڪ بئي آزار اچي منهن ڪڍيو. اِهو آزار زير زمين پاڻيءَ جي سطح ۾ تيزي سان اضافو ٿيڻ ڪري، عمارتن جي بنيادن ۽ زير زمين خدمتن جهڙوڪ: پاڻي جا پائيپ، بجلي جو تارون ۽ ٽيليفون جي تارن کي، پاڻي جي سيڪ ڪري ڪارڪردگي اثر انداز ٿيڻ لڳي. هي اهڙو مسئلو اچي نمايان ٿيو، جنهن جو تصور نہ پيو ڪري سگهجي ۽ ان لاءِ ضروري هو تہ اهڙي قسم جي هترادو ڍنڍ، جنهن جي سطح زمين ڪان مٿي هجي اُن کي ناهڻ کان اڳ، انجا آسپاس جي ماحول تي ڪهڙا اثر پوندا، انجي مطالعي ۽ ڄاڻ لاءِ ضروري هو تہ هڪ تحقيق ڪرائي وڃي ها، جيڪا نہ ڪرائڻ ڪري ڪروڙين ريال رولڙي جو شڪار ٿي ويا. ڪرنل قباني، برعڪس جنرل شايع جي، اقتصاديات جو ماهر هجڻ ڪري، ڪنهن بہ ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ کان اڳ، هو هزار دفعا سوچيندو هو ۽ حساب لڳائيندو هيو تہ، هن منصوبي مان KAMCکي ڪيترو فائدو ملندو. اِن ڏس ۾، هن دهران ۽ رياض يونيورسٽين جي ماهر پروفيسرن کي پڻ شامل ڪري، صلاح مشورا وٺي پوءِ منصوبن جي ڪم کي شروع ڪرائيندو هو.

آفيس مٿان ملٽري جهازن جو ٽڪرائڻ

هڪ صبح جو آفيس جي ڪم ۾ رڌل هئس، جو اوچتو آرمي جي جهازن، جيڪي پنهنجي هر روز جي اڏام مشق تي هُئا، تن مان بن جهازن جو پاڻ ۾،منهنجي آفيس مٿان ٽڪر ٿي پيو ۽ جهاز آفيس جي ڪارپارڪنگ واري جاءِ تي ايتري رفتار سان اچي ڪِريو، جو پڪي روڊ نهيل جاءِ ۾، ڇهن فوٽن جو کڏو ٿي ويو. ليڪن اُن کڏي ۾ جهاز جو هڪ ٽڪرو بہ نظر نہ آيو ۽ ٻيو جهاز بہ سَوَ فوٽن جي فاصلي تي، جتي تيل جون وڏيون ٽانڪيون هيون، تن پرسان وڃي ڪِريو ۽ اُن جو زمين تي ڏڪ لڳڻ سان کڏو ٿي ويو، ليڪن جهاز جا پرزا سنهڙي دز ٿي الائي ڪيڏانهن وڃي ڪريا. دراصل ملٽري ڇانوٽي هجڻ ڪري ۽ تبوڪ ايئرپورٽ تي ملٽري لاءِ هڪ رَنوي جي هجڻ ڪري ايئرفورس وارا، هر روز پنهنجا جهاز ڇانوٽي مٿان پيا اڏائيندا هُئا ۽ پنهنجن ويڙاڪ جهازن ۽ انجي نُون پائلٽن کي سکيا ڏني ويندي هُئي. ويڙاڪ جهازن جو گڏجي، هيٺئين سطح تي اڏامڻ،زمين تي رهندڙن لاءِ وڏو هاجيڪار هوندو هو، جو

ننڍڙو ٻار ۽ بزرگ لاءِ آوازي آلودگي (Noise Pollution) جي ڪري گهڻو پريشان رهندا هُئا. جهازن جي ايتري تہ گجگوڙ هوندي هُئي، جو ڪڏهن،هڪ ٻئي جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو هو. انهن ڏهن جهازن جي گڏ اڏام، هر وقت پريشاني جو باعث رهندي هُئي ۽ وري ايئرپورٽ جو گهرن پرسان ويجهو هجڻ، ڏوئي ڏکڻ گيهہ مِثل هوندو هو.


اُن ڏينهن غالباً بہ سيڪڙاتون پائلٽ هڪ ٻئي پويان جهاز لڳايون آيا، سو پوئين جهاز جي بريڪ نہ لڳڻ ڪري وڃي، اڳئين جهاز ۾، منهنجي آفيس جي بلڪل مٿان ٽڪرايو ۽ جهازن زمين ڏانهن رُخ رکيو، تہ پائلٽن پنهنجي جان بچائڻ خاطر، ايمرجنسي بٽن دٻائڻ سان سندن سيٽون هوا جي دٻاءَ ذريعي جهاز ڪان ٻاهر نڪري پيراشوٽ ذريعي اچي آهستي زمين تي ڪريون. وڏو ڌماڪو ٿيو، منهنجي آفيس جي جاءِ سڄي لُڏي وئي، جو ڪجهہ پَرَ ۽ پرزا سڌو سئنون اچي ڇت کي لڳا. ڌماڪي ۽ جاءِ جي لُڏڻ ڪانپوءِ،آفيس مان جڏهن ٻاهر نڪري ڏٺو، تہ پائلٽ ڇتري سوڌا زمين تي ڪريا پيا ۽ ڪجهہ زخمي ۽ نيم بيهوشي ۾ نظر پئي آيا ۽ ڪجهہ اشارن سان ڇئي رهيا هئا، ليڪن ڪوئي بہ اُن جي ويجهو ڪونہ پئي ويو، جو هي هڪ حادثو هو ۽ ملٽري وارن جو هڪ خاص گروهہ هيو، جنهن کي ايم.پي (MP)يعنيٰ ملٽري پوليس چيو وڃي ٿو، انهن جو ڪم آهي، تہ حادثي جي حالت ۾، ڪجهہ شاهديون هٿ ڪرڻ لاءِ، هو پاڻ اچي جاءِ واردات جو مشاهدو ڪن. ٿوري دير ۾ ايم.پي ۽ ايئرفورس وارا پهچي ويا، جن حادثي جي حوالي سان ثبوت گڏ ڪيا ۽ جلدي ۾ ايمبولينسون اچي ويون، پائلٽ کي فوراً اسپتال پهچايو ويو. هن حادثي ۾ ايئرفورس جا F-15 بہ جهاز هُئا، جيڪي پائلٽ جي غلطي سبب ٽڪرائي تباهہ ٿيا. البت جي اڳيون جهاز تيل جي پريل ٽئڪن ۾ لڳي ها، تہ اها ٻاهہ بہ ڏينهن ڪونہ وسامي ها ۽ الائي ڪيترو جاني نقصان ٿئي ها. ان حادثي ڪانپوءِ هڪ هفتي لاءِ ملٽري جهازن جي اُڏام بند رهي ۽ اِهوئي تبوڪ جي KAMC ۾،سڪون جو هفتو ياد آهي. حيرت جي ڳالهہ تہ جهازن جا زمين تي پرزا ڳولڻ سان بہ ڪونہ لڌا. ايتري رفتار سان ڪِرڻ ڪري، زمين سان ٽيندڙ ٽڪراءَ جي نتيجي ۾، ڪابہ شيءِ ڏسڻ ۾ ڪونہ آئي، البتہ پري پري ننڍڙن ٽُڪرن ۽ ذرن جي صورت ۾ ڪي لوهہ جون شيون نظر آيون، جن کي ڪير بہ سڃاڻي نہ سگهيو تہ هي ڪي جهاز جا ٽڪرا ٿي سگهن ٿا.



المدينه ويلفيئر اينڊ ڊولپمينٽ هڪ فلاحي اداري طرفان هاءِ اسڪول مينگهو فقير ۾ هڪ ڪلاس روم ٺهرائڻ واري تقريب دوران اسڪول جي استادن سان گروپ فوٽو ساڄي ڪان استاد عبدالحق، مسٽر سرفراز، نور علي، خادم علي، عزيز ڍهر، کاٻي ڪان ڇهو نمبر ممتاز علي، استاد ساعت علي، رحيم حسين ۽ استاد محسن علي سان گڏ مُصنف



مدينه منوره ۾ جنگ اُحد جي شهيد حضرت حمزه رحمة جي قبر مبارڪ
جيڪا اُحد جبل جي دامن ۾ واقع آهي



KAMC تبوڪ ۾ منهنجي گهر هڪ ڊنر پارٽي ۾ شامل، ساڄي کان، ڊاڪٽر مشتاق احمد سومرو، ڪرنل شفقت صاحب ۽ ڊاڪٽر امتياز جوکيو



تبوڪ ڇانوڻي، ۾ وزير دفاع وطيران ۽ ڊپٽي پريمير پرنس سلطان بن عبدالعزيز جي دوري دوران ساڻس تعارف ۽ هٿ ملائيندي.



وڏي وزير کي خيرپور جي منصوبي لاءِ بريفنگ ڏيندي.




وزير اعليٰ سنڌ جناب سيد قائم علي شاهه، خيرپور ۾ مختلف منصوبن جي افتتاح لاءِ آمد وقت مصنف سندس آجيان ڪري رهيو آهي.




هي گروپ فوٽو خيرپور ضلع جي انهن نوجوانن جو آهي جيڪي ستر جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ ڄامشوري جي انجنيئرنگ ڪاليج جي مختلف ٽيڪنالاجي ۽ درجن ۾ داخل ٿيا. ڪرسين تي ويٺلن ۾، ساڄي پاسي تي مان آهيان ۽ وچ ۾ ٽوپي سان غلام سرور ڪنڌر (هن وقت پرووائيس چانسلر خيرپور انجنيئرنگ ڪاليج) ۽ ڪابي ڪان ٻيو نمبر غفار شيخ آهي.



ٽورنٽو جي ايلزمير اسٽيشن پبلڪ اسڪول ۾ عبدالله جي ڪلاس روم جو منظر



مدير اداره جنرل قباني (وچ وارو) ڪرنل فيصل حازمي KAMC جي نڪاسي آب جي منصوبي جي اختتام تي شهر کان ٻاهر پنجاهه ڪلوميٽر پري هڪ وادي ۾ پاڻي ڇوڙ جو معائنو ڪري رهيا آهن. مان ٻنهي جي سامهون اسڪيم بابت معلومات ڏيندي نظر اچي رهيو آهيان.




ٽورنٽو شهر جي اِسڪار بورو علائقي ۾، ايلزمير ۽ برچمائونٽ روڊن جي سنگم پرسان فلورينا بوليوارڊ ۾ واقع گهر ۽ ڪرولا ڪار پرسان عبدالله ۽ سندس دوست بيٺا آهن.




مصنف، تبوڪ ۾ بينڪ الاهلي جي مئنيجر جناب اشرف صاحب جي الوداعي تقريب ۾ خطاب ڪندي. مسٽر اشرف صاحب پنهنجي ننڍڙن سان گڏ منهنجي پرسان ويٺل آهي.



حيدرآباد شهر ۾ مختلف ترقياتي منصوبن جي معائني دوران ضلع ناظم جناب ڪنور نويد جميل کاٻي پاسي کان ٻيو نمبر ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سرفراز شاهه ۽ مان (بلڪل ساڄي پاسي) لڇپت روڊ سان گهمي رهيا آهيون



خيرپور ۾ مڪمل ڪيل منصوبي جي رونمائي دوران، ڪابي کان وزير اعليٰ سيد قائم علي شاھ، ايم ڊي نساسڪ انجنيئر نياز شر ۽ ڪمشنر جناب عباس بلوچ دعا گهري رهيا آهن.



1982ع دوران HDA ۾ گلستان سرمست هائوسنگ اسڪيم بابت وزير اطلاعات جناب سيد احد يوسف کي بريفنگ ڏيندي وچ ۾ آمهون سامهون نظر اچان ٿو ۽ منهنجي پرسان (بلڪل ڪابي پاسي) تي HDA جو ڊائريڪٽر جنرل جناب سليم خان صاحب آهي هي بريفنگ ڪار جي بانيٽ مٿان نقشو رکي ڏني وئي. مسٽر افضل آرائين ساڄي کان نظر اچي ٿو.





خيبر جو قلعو، جيڪو هڪ پهاڙي جي چوٽي تي واقع آهي ۽ منجهس هڪ کوهه
بہ اجا تائين موجود آهي.

پائرن ۽ ڀينرن ڪي عمرو ۽ حج جي سعادت

سال 2002ع ۾، ٽنهي ڀينرن ۽ ياجائي کي حج لاءِ، سندن پٽن جي وسيلي، حج ڪرائڻ جو پروگرام ناهيو ۽ سندن اولاد، جن کي چانوٽي ۾ نوڪري وني ڏني هُئي، تن کي آماده ڪيو. الله تعاليٰ سيني جا عمرا ۽ حج قبول فرمائيندو. سيني گڏجي مڪي ۽ مديني ۾ زيارتون ڪيون ۽ الله تعاليٰ کين عبادت ڪرڻ ۽ نبي صلعم جن جي مقبري جو ديدار نصيب ڪيو. 2003ع ۾ خيال آيو ته ٽنهي پائرن کي به عمرو ڪرائجي، سو مان کين ٽڪيٽ جا پئسا موڪلي ڏنا، جو هنن ڪراچيءَ مان ويزا لڳائي، اچي جدي ايئرپورٽ پهتا، جتي مان، عبدالله ۽ بيگم سندن آجيان ڪئي. جدي مان مڪي شريف جي هڪ هوٽل ۾ رهائش پذير ٿيا. هوٽل حرم کي ويجهو هجڻ ڪري، عمرو ڪرڻ ۽ نمازن پڙهڻ ۾ ڏاڍي آساني هوندي هئي. مون کي ياد آهي ته جڏهن امڙ جيجل کي به دفعا حج ڪرايو، ته آخري حج دوران، جڏهن مديني پاڪ وياسين، ته امڙ جنت البقيا ۾ زيارتون ڪرڻ وئي ته واپسيءَ تي مونکي ٻڌايو ته هُن پنهنجي هڪ ڏاٿ زور ڏئي ڪڍي، جنت البقيا اندر ڪڏ ڪوٽي، ان ۾ ان ڏاٿ کي پوري چڏيو. مان امڙ جي هِن عمل تي ڏاڍو حيران ٿيس، جو اهڙي حرفت ۽ چالاڪي اسان جي ذهن ۾ ڪڏهن به نه آئي، حالانڪ مان پندرهن ڀيرن کان وڌيڪ، جنت البقيا جون زيارتون ڪري چڪو آهيان. امڙ ڏاڍي ذهين هُئي ۽ سندس پيءُ يعنيٰ منهنجو نانومولانا حاجي عبدالرحمان (1934-1863ع)، پنهنجي ڦوهه جواني ۾ بغير ٿمر و سامان جي پيدل حج ڪيو ۽ ڏهه سال مڪي ۽ مديني جي حرمين شريفين ۾ عبادت ڪئي، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. اِن ۾ ڪوشڪ نه آهي، ته والدين پنهنجي اولاد جي ڀلائي ۽ سگهائي لاءِ هميشه دعاڳو رهندا آهن. مرحوم ناني جي ڪجهه دعائن جي مُحابي ۽ ڪجهه امڙ جي زور آوري ڪري، جنت البقيا ۾ پنهنجو حصو ضرور داخل ڪيو. مونکي سعودي عرب ۾ نوڪري جو ملڻ ۽ حرمين شريفين جي زيارتن، عمرا ۽ حج، ناني سائين جي ان اگهيل دعائن طفيل نصيب ٿيا. اسان جو وڏو ڀاءُ ظفر علي خان ۽ ٻيو ڀاءُ بهادر علي خان جيڪو صوفي فقير هوندي، ڪڏهن نماز هٿ ٻڌي پيو پڙهندو هيو،ته ڪڏهن وري وڏي ڀاءُ سان گڏ هجڻ ڪري، هٿ کولي نماز پڙهندو رهيو. مان کيس دلداري ڏيندو رهيس، ته بابا تون صوفي فقير آهين، تو تي ڪنهن قسم جي معيار ڪونه آهي. مقصد، الله جي احڪامن جي پيروي ڪرڻ آهي. سو نماز پڙهندو رهه ۽

سجدو ڏيندو رهه. ڊاڪٽر رياضت اسان جو ننڍي پاءُ بہ نماز شروع ڪئي ۽ هن کي حرمين جي زيارتن خاصو اثر وڌو، جو نماز پابندي سان ٽي مهينا ڪن ڳوٺ ۾ بہ پڙهندو رهيو، پر وري ساڳيا ڇڳهہ ۽ ساڳيا لاٺون وارو قصو ٿي ويو. بهادر فقير هٿ ڪولي نماز پڙهڻ جي حوالي سان ذڪر ڪيو، تہ هٿ ڪولي انڪري تو پڙهان، جو ادي وٽ ڪجهہ ڪاتي جو ڪم رهيل آهي، متان ناراض ٿي پوي. انهن ويهن ڏينهن ۾ پائرن جي مڪي مديني ۾ ڏاڍي خدمت ڪئي ۽ گڏجي رهڻ، ويهڻ ۽ حال احوال ڪرڻ جو خلاصو موقع مليو، جنهن نندپڻ جون يادون تازيون ڪري ڇڏيون. پر افسوس جو اسان جو بابو، 1971ع ۾ گذاري ويو ۽ امڙ کي ڪجهہ سال ٿيا هُئا، جو هن فاني دنيا مان دارالبقا ڏانهن راهي ٿي چڪي هُئي، نہ تہ اِهي بہ ئي اسان سان گڏ هجن ها، تہ ڪيترو نہ لطف اچي ها ۽ والدين جي خدمت جو سونهري موقعو ملي وڃي ها. بس جيئن مالڪ جي مرضي.

برادر ظفر صاحب جون ڪچهريون ۽ ڊاڪٽر عبدالله (منهنجو پٽ، جيڪو هن وقت LUMHS جامشوي ۾ ڊاڪٽري جي ٽئين سال ۾ پڙهي رهيو آهي)، سان گهڻو بحث مباحثو ٿيندو هو جنهن ۾ ظفر علي خان،ڊاڪٽر عبدالله جي تعريف ۾ چيو تہ ’تون اسان جي ڪٽنب جو ضرور نالو روشن ڪندي‘. هڪ دفعي بهادر پنهنجي خيال سان هوٽل مان لهي شهر جو رُخ ڪيو ۽ ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ڳولا ڪان پوءِ، پاڻمرادو وٽاڻ ٿي جڏهن موٽيو، تہ مان ڪائنس اڪيلي گم ٿيڻ جو سبب پڇيو، تہ جواب ۾ چوڻ لڳو تہ، هو مديني جي شهر ۾ مئخانو ۽ عَلمُ ڳولڻ ويو هو ليڪن ڪٿي بہ ڪيس نظر ڪونہ آيو.

مديني ۾ هوٽل تي هڪ رات جو ڪچهري ڪندي، ڊاڪٽر رياضت ۽ بهادر کان واعدي وٺڻ لاءِ چيو تہ توهان ٻئي جيڪڏهن واپس وڃي نشو پتو ڪيو، تہ پوءِ توهان جو ٽئي سان ڪارو مُنهن ڪيو ويندو. ان تي بهادر فقير پنهنجي روايتي حاضر جوابيءَ مان ڪم وٺندي چيو، تہ سائين اِن حُڪم نامي ۾ ٿوري نرمي ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن ڪانپوءِ اسان کي منظور آهي. منهنجي پڇڻ تي، هُن چيو تہ ’ٽئي‘ لفظ جي جاءِ تي ’چانهن واري ڪِتلي‘ بهتر ٿيندي، جو ان ۾ ڪارنهن ڪجهہ گهٽ هوندي آهي. بهادر فقير جي حاضر جوابي جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، هو پنهنجو مَٽ پاڻ هو. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر رياضت مڪي شريف ۾ صبح جي وقت گم ٿي ويو ۽ منجهند ڌارين موٽي آيو. پڇڻ تي معلوم ٿيو، تہ هو اسان جي

سؤٽ ’مَسُو خان‘ جي بدران ’عمرو ڪرڻ‘ ويو هو. مان سمجهو هيو تہ بابا مرحوم کي ثواب ڏيارڻ خاطر عمرو ڪري آيو هوندو، پر خدا جي قدرت، سبحان الله، ڪنهن جي ڀلائي ڪٿان پئي ٿئي ۽ وري ڪهڙي مقدس جاءِ تي، هن لاءِ عمل صالح پيو ٿئي، جنهن جي نہ مالڪ کي خبر ۽ نہ وري ڪو سندس اهڙو اظهار ٿيل هيو. اهو ٻڌي مان حيران ٿي ويس ۽ مونکي فوراً، الله تعاليٰ جو فرمان ياد اچي ويو، جنهن ۾ فرمايل آهي تہ ’مان توهان کي اُتان ڏئي سگهان ٿو، جنهن جو علم توهان جي ذهن ۽ گمان ۾ بہ نہ هوندو‘.

اسان جي سؤٽ مَسُو خان گهڻي عرصي، ڪان گهرو جهيڙن ڪري پنهنجي ڳوٺ مان نڪري وڃي ڪو لاڙ ۾ پنهنجو بسيرو قائم ڪيو ۽ سڄي عمر پرديس ۾ گذاريائين. پهرين شادي مان هٿ ڪڍي، عمر ڀر لاءِ اڪيلي زندگي گذارڻ جو پڪو پهہ ڪري، آخري ڏينهن ۾ اچي ديسي ٿيو. سندس ڀائرن بہ ڪو خاص خيال ڪونہ ڪيو ۽ گهڻا سال اڳ وڃي دارالبقا حوالي ٿيو. آخري وقت جڏهن موٽي آيو، تہ ڪجهہ عرصو اسان جي اوطاق ۾ رهندو هو. مان جڏهن موڪل تي سعودي عرب کان ڳوٺ آيس، تہ هن سان ملاقات ٿي. هي ڊگهي قد جو وزني انسان هو سو ڪٽ تان اٿڻ ويهڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو هئس. هڪ ڏينهن مان ڪيس زور ڀريو تہ تون اٿي نلڪي تان وضو ڪر ۽ نماز پڙهہ، تہ محشر جي ڏينهن، جڏهن الله تعاليٰ تنهنجي باري ۾ ملائڪن کان پڇي تہ ڇا هِن آدم بہ ڪو سجدو ڪيو هو؟ تنهنجي هِن سجدي بابت، رب کي، ملائڪ بہ هائوڪار ۾ جواب ڏيندا ۽ قبوليت جي حوالي سان متان توکي جنت ملي وڃي. گهڻوئي انڪار ڪندي، چيائين تہ مان ڪڏهن زندگي ڀر سجدو نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري مونکي وضو جي ڪا خبر آهي، سو مهرباني ڪر، اهو ڪم مون کان ڪونہ ٿيندءِ. بهرحال گهڻي اسرار ڪانپوءِ مان ڪيس ٻانهن کان زوري ونئي، نلڪي تي وضو ڪرايو ۽ ڪيس گڏجي چار رڪعتون، ظهر نماز پڙهائي. مون کي جنهن طاقت، هن کي سجدي ڪرائڻ لاءِ اُتساهيو، ساڳئي طاقت، ڊاڪٽر رياضت جي دل ۾، سندس لاءِ ’بدل عمرو‘ ڪرڻ جي وسعت وڌي. اهو منهنجو رب آهي، جنهن کي چاهي اُن جا سڀ گناهہ معاف ڪري سگهي ٿو. (سبحان الله).

وتايو فقير هڪ وساريل ڪردار

ڪنهن قوم جي تاريخ جو ڳم ٿي وڃڻ، ڪنهن شخص جي حافظي ختم ٿي وڃڻ جي برابر آهي. ’نسليت‘ جي اعتبار سان، ڪنهن به گروه جي تاريخ، ان گروهه جي نظريَن، جذبن ۽ احساسن ذريعي زنده رهي ٿي پر نفسياتي توڙي ظاهري لحاظ سان، اها ڳالهين ۽ ڪهاڻين، نقلن ۽ نظيرن رستي محفوظ رهي ٿي، جيڪي ان گروه ۾ رائج آهن. اهي آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا ساڳئي وقت، علم ۽ ادب جو هڪ اهم حصو آهن. انهيءَ لحاظ سان، جيڪڏهن ’علم ادب‘ ڪي جيارڻو آهي، ته پوءِ ضروري آهي، ته قومي ياداشت جو اهو سرمايو، هر حالت ۾ محفوظ ڪيو وڃي. اسان مان هر هڪ لکيو پڙهيو، جنهن ۾ ذرا ڪجهه لياقت آهي، اِنهيءَ ڪم ۾ حصو وٺي سگهي ٿو. وتائي فقير جو نالو، اوهان مان گهڻن ئي ٻڌو هوندو، پر توهان مان ڪو اهڙو به هجي، جنهن وتائي جا نقل، جيڪي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور آهن، تن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي؟ وتائي جا فقط ٻه نقل نموني طور بيان ڪجن ٿا جيئن انهن نقلن مان ماڻهو سبق حاصل ڪري سگهن.

چون ٿا ته هڪ ڀيري وتايو ڪنهن پاسيري پيچري سان اڪيلي سر پئي ويو ۽ سندس بوچڻ جي پلاند ۾ هڪ ڪلدار رپيو ٻڌل هو. خيال آيس ته متان هن اڪيلي واٽ تي ڪو چور نه گڏجي وڃي ۽ نه رڳو ڪانئس رُپيو ڦري پر هٽي ڪيس ڦٽي وجهي، سو چا ڪيائين جو رپيو ڇوڙي ڪڍي، گس جي پرسان ٻينل اڪ جي پاڙ ۾ رکيائين ۽ پوءِ خدا جا شڪرانا بجا آڻيندي چيائين. ’اي ڏٽي منهنجا! ڇگو جو هن جزا مان جند ڇڏايئي. هاڻي هٿين خالي ڪي ڊپ ڪونهي! نڪي هڙ ۾ ڪي هوندو، نه ڪير ڦريندو‘، ائين چئي اتي پنڌ پيو. ڪجهه وقت گذري ويو ۽ واءُ لڳڻ سببان رپئي جي مٿان مٽيءَ جو ته وري ويو. هڪ ڏينهن ڪو مسافر ساڳئي گس تان اچي لنگهيو، قضا حاجت لاءِ اچي انهيءَ اڪ جي پاڙ ۾ وينو. رپئي واري جاءِ تي جو پاڻيٺ پئي، سو مٽي لهي ويئي ۽ هينان ڪلدار چمڪڻ لڳو. بنا هبڪ جي، هن يار به جهٽ ڪري ڪڍي هٿ ۾ ڪنيو. ياڻيائين ته اهو اڪيلو رپيو ڪونه هوندو، پر اتي پڪ ڪو خزانو پوريل آهي، سو سنيري وڃي مزدور وٺي آيو ۽ اچي کوٽائڻ شروع ڪيائين. ڇوڏاري ڪڏون لڳي ويون ۽ اڪ پاڙ سوڌو ڪڍي ڪٽي باهر ڪيائين، پر هئا ڪاريءَ وارا ڪک، سو ملبن ڪي به ڪين. نيٺ سُور پئي، ڪَکِ تي روانا ٿيا. هڪ ٻن ڏينهن بعد،

وتايو بہ وري ساڳئي انهيءَ گس تان اچي لنگهيو. ڏسي تہ مار! چوڏاري ڪڏون لڳيون پيون آهن ۽ اڪ پاڙ سوڌو ٻاهر پيو سُڪي، اتي ٻئي هٿ مٿي ڪٽي چيائين تہ: شڪر اٿئي اي منهنجا موليٰ، جيڪڏهن آئون انهيءَ رپئي مان جند نہ ڇڏايان ها، تہ مون سان بہ ساڳي انهيءَ اڪ واري ڪار ٿئي ها.

ٻيو نقل هن طرح آهي:

چون ٿا تہ وتايو ڏسي تہ هڪ گهورڙيو پيو گدرا وڪٽي، ڪيس رڳو چار پئسا ڳنڍ ۾ هئا، سي ڪڍي ڏنائينس ۽ گهورڙيي ڪيس هڪ چڱو ناهوڪو گِدرو ڪٽي ڏنو، وتائي ڏنو تہ گهر ۾ ماڻهو گهڻا آهن ۽ هن هڪ گدري مان پورت ئي ڪانہ ٿيندي، پر هڪ پئسو بہ وٽس ڪونہ هيو، سو ويچار ڪيائين تہ گهورڙيي جي آڏو گدرن جو ڍڳ لڳو پيو آهي، سوال ڪريانس، من هڪڙو ڪٽي ڏئي. اهو سوچي چيائين تہ پئسا ڪونہ اٿم جو ٻيو گدرو وٺان پر پويان آڪهہ وڏي آهي ۽ هن گدري مان تہ ڪين ڦار ڦار بہ ڪانہ ايندي، سو سائينءَ جي نالي تي تو توکي سوال ڪريان، تہ نامِ خدا، انهيءَ موليٰ جي محابي هڪڙو ٻيو گدرو ڏيار! گهورڙيو ڪجهہ ڪاوڙ وچان گهور ڪريِ ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ آخر خفا ٿي ڪُسندي مسندي هڪ اهڙو ڪِنو ڦتل، گِدرو هٿ ڪيائين، جو ڀاڀائين تہ ڪوبہ ڪونہ وٺندو، سو ڪٽي وتائي فقير جي هٿن ۾ هنيائين، وتائي هي لقاءُ ڏسي، گدرو ترِيءَ تي رکي ڪٽي مٿي ڪنيون ۽ ڳوڙهن ڀريل اکيون آسمان ڏي ڪٽندي چيائين، تہ ’اي الله! ماڻهن وٽ تنهنجو قدر اجهو اِهو آهي‘،تنهنجي نانءُ ۽ نالي تي اِجهو هيءُ مليو اٿم. ڏسان تو تہ ماڻهن وٽ تنهنجي نالي ڪان، ڇئن پئسن جو مان مڙيو ئي مٿي آهي.

اوهان هن نقل مان شايد هڪ چرچو ڪري ڀانيو، پر عقلمندن لاءِ هي نقل، عقل جي موتين سان ڀريل آهي، هنن ٻن نقلن جهڙا سوين نقل سنڌ ۾ رائج آهن، پر ڪنهن بہ انهن کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي.

اُردن جي سفرتي

ملٽري ڇانوڻيءَ ۾ نئين ڊائريڪٽر جي اچڻ سان ڪافي محنت ڪرڻي پئي ۽ ڪيترائي نوان منصوبا منظر عام تي آيا، جن کي شروع ڪرڻ لاءِ مونکي اڪيلي سِر سخت محنت ڪرڻي پئي، جو منهنجي هيٺيان ٽن انجنيئرن مان بہ مصري هُئا، جيڪي ماشاءُ الله عربي ٻولي ڳالهائڻ ۽ مقامي آفيسرن کي راضي رکڻ ۾ وڏي قابليت ۽ مهارت رکندا هُئا. باقي

ڪنهن منصوبي جي شروعاتي رپورٽ (Inception Report) يا تخميني جي لاڳت ٿاهي ڏيڍ جڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ جي برابر هئو. فلپيني انجنيئر صرف انگريزي ڳالهائڻ جا هوشيار باقي مڙيوئي رڍ اڳيان رباب وارو قصو هو. هينين فيلڊ عملي کي ڪافي سکيا اچي چڪي هُئي، جن نوان الاهي ڪوڙ سارا منصوبا خير اسلوبي سان مڪمل ڪيا هُئا. ان عملي مان چند نالا ونڻ ضروري آهن، جو اُنهن مشڪل وقت ۾ مون سان گڏ سخت محنت ڪئي. مسٽر يحيٰ حسين طُويرقي،مسٽر علي جدوع ٻئي اُردني قوميت جا ۽ مسٽر محمد صديق، مسٽر بشير مرزا ٻئي پاڪستاني، انهن کان علاوه آب رسائي ۽ نڪاسي آب جي سار سنڀال لاءِ، مسٽر محمد حسن ۽ ظهير عبدالله، ٻئي اُردني قوميت رکندڙ، تعريف جا مستحق آهن. اِنهن ۾ يحيٰ حسين، جڏهن 1983ع ۾ مان چانوٽي ۾ نوڪري لاءِ پهتس، ته هي شخص شهزادي جي محل واري پمپنگ اسٽيشن تي هڪ معمولي آپريٽر هو ۽ هڪ ٽنگ کان معذور هيو، ليڪن چوندا آهن، ته هيرن جي سُڃاڻ لاءِ ٻه غير معمولي ذهانت ضروري آهي. جنرل شايع جڏهن مختلف منصوبا شروع ڪرايا، ته هِن شخص، يحيٰ کي سپروائيزر ڪري رکيو ۽ موٽ ۾ هُن ٻه اهڙي محنت ڪئي،جو رتبي سان گڏ پندرهن سَوَ ريالن مان ڇهه هزار ريال جي پگهار ڪٽڻ لڳو. محمد صديق ٻه وڏي صلاحيت جو مالڪ آهي ۽ بشير مرزا جي هٿ ۾ وڏو هنر هو. هي شخص ايترو ته قابل هيو، جو سُئي کان وٺي مختلف مشينن جا پرزا ناهڻ ۾ وڏي مهارت رکندو هو. فلپيني ٻه ڪافي هوشيار ۽ محنتي هئا، پر هنن ۾ هڪ اٽوٽندڙ عادت هئي جو هُو هر وقت ڪائڻ پيئڻ ۾ مشغول هوندا آهن. فلپيني سٺا تجربيڪار هنرمند ۽ صنعتي ڪاريگري جا ماهر آهن، جو انهن کي فني تعليمي ادارن ۾ سکيا ڏئي پوءِ ٻاهرين ملڪن ڏانهن اماڻيو ويندو آهي.

ئون منصوبن ۾ پاڻي کي صاف ڪرڻ جي تنصيبات (Water Treatment Plants) جي توسيع ۽ چانوٽي جي ڪجهه علائقن ۾ ايسبيسٽوس سمينٽ پائيپ نيوٽورڪ (Asbestos Cement Pipes), جي مڪمل تبديلي جو سمينٽ فائيبر پائيپ ذريعي ڦڦڙن ۾ ڪينسر (Lung Cancer) جهڙين بيمارين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. مڪيه چانوٽي سان گڏ، بدر ۽ حطين چانوٽين جي گندي پاڻي کي صاف ڪرڻ جي ڪارخانن جي ترقي ۽ توسيع جو ڪم، هڪ سال اندر ختم ڪيو ويو، جنهن ڪري اداري کي لکين ريالن جي بچت ٿي جو ان جي برعڪس ڪنهن ٻاهرين ڪمپني کان ڪم ڪرائڻ ۾

ڪافي وڏيڪ پئسو خرچ اچڻ جو انديشو هيو. مونکي ياد آهي، تہ جڏهن اداري جي ڊاريڪٽر حطين چانوٽيءَ جي ڪمانڊر کي ساڻ ڪري، ڪليريفايرس جي نئين توسيع Clarifiers مٿان چڙهي معائنو ڪيو، تہ ڊاريڪٽر، ڪمانڊر کي عربي ٻولي ۾ چيو تہ ’مونکي اعتبار نہ پيو اچي تہ هيڙا پلانٽ بہ اسان جا انجنيئر ٺاهي سگهن ٿا، جو اڳ نهيل سڀ ٻاهرين ڪمپنين جا هئا، جيڪي ڏهہ دفع هنن جي قيمت کان وڌيڪ ۾ پلئہ پيا.‘ مونکي پوري طرح ياد آهي، تہ ڪجهہ سال اڳ، جڏهن شهزادي سلطان جي قصر ۾ آب رسائي جي نظام جي اڏاوت مڪمل ڪئي، تہ جنرل شايع، شهزادي جي ذاتي سيڪريٽري کي ساڻ ڪري، اِن پاڻي جي ڪارخاني بابت ٻڌائيندي، چيو تہ ’والله، شغل ذي هاذا، مَااِقدر، سَوَي اِي شرڪه في الدنيا‘، يعني ’قسم کڻي چيو تہ هيڙو ڪم دنيا جي ڪابہ ڪمپني نہ ڪري سگهندي‘، ڊائريڪٽر طرفان اهڙي قسم جا ساراهہ ڀريا لفظ ٻڌي ڏاڍي دل خوش ٿي، جو گهٽ ۾ گهٽ اسان جي محنت کي دل سان قبول ڪيو ويو.

اسان جي نئين ڊائريڪٽر جنرل قباني، جنهن جي هٿي اچڻ کانپوءِ جلدي ترقي ٿي هُئي ۽ هو بہ جنرل ٿي ويو، تنهن اسان جي ڪم جي ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ هڪ اهم ڪاميٽي جي رُڪنيت ڏني، جنهن جو ڪم ٻين ڪاتن جي ڪارڪردگي تي نظر ۽ سڌاري جون تجويزون ڏيڻ شامل هيون.

اِن دوران مون موڪل وٺي ٻہ وارن ملڪن، يعنيٰ اُردن ۽ شام جي سياحي سفر تي روانو ٿي ويس. اُردن ۾ مسٽر ظُهير، اسان جي آڌر ڀاءُ ڪيو. اَمان شهر ۾ هفتي کن، هڪ هوٽل ۾ رهياسين. تبوڪ کان اَمان تائين بس ذريعي سفر ڪيو جو تقريباً بہ سَوَ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي.

اڳتي وڌڻ کان اڳ، اِهو ضروري سمجهان ٿو تہ پڙهندڙن جي معلومات خاطر، اُردن جي مختصر جاگرافي ۽ تاريخ تي ٿوري نظر وجهان.

اُردن ايشيا کنڊ جي وچ اوڀر پرڳڻي ۾ هڪ عرب ملڪ آهي، جنهن کي هاشمي سلطنت بہ سڏيو وڃي ٿو. اُردن جاردن ندي جي اوڀارين ڪناري تي آباد آهي. اردن جي ڏکڻ اوڀر ۾ سعودي عرب، اوڀر ۾ عراق، اتر اولهہ ۾ شام ۽ اولهہ ۾ فلسطين ۽ ازرائيل جا ملڪ واقع آهن.

هن عرب پرڳڻي جو خاڪو پهرين مهاڀاري جنگ جي خاتمي کانپوءِ، برطانيہ ۽ فرانس گڏجي هڪ سمجهوتي تحت ڪيو، جنهن کي ان وقت، 1922ع، ۾ ليگ آف نيشن (Leage of Nations) جي پٺ هٿي هئي، ليڪن ٻئي مهاڀاري جنگ کانپوءِ، 17 جون 1946ع ۾، اُردن کي پوري طرح آزادي ڏني وئي ۽ عبدالله (پهريون) کي بادشاهہ مقرر ڪيو ويو. هي ملڪ عرب ليگ

۽ اسلامي اتحاد واري تنظيم (Organization of Islamic Cooperation) جو بنيادي رڪن پڻ آهي.
شاهه عبدالله (پهريون) بين عربن جي مدد سان، 15 مئي 1948ع ۾ فلسطين تي حملو ڪري قبضو ڪيو، جنهن ڪانپوءِ هڪ فلسطيني قوم پرست، شاهه عبدالله تي ان وقت (1951ع) حملو ڪري قتل ڪيو، جڏهن هو جيروسلم جي مسجد الاقصيٰ مان ٻاهر نڪري رهيو هو. هن جي مرڻ ڪانپوءِ سندس پٽ شاهه حُسين کي بادشاهي ڏني وئي، جيڪو 1999ع ۾ بيماري سبب وفات ڪري ويو. هن پنهنجي ڀاءُ حسن کي ولي عهد جو لقب ڏنو هيو، ليڪن مرڻ کان اڳ، اِهو لقب ڦيرائي پنهنجي انگريز زال جي پٽ، عبدالله (ٻيو) جي حوالي ڪيو، جيڪو هن وقت تخت تي ويٺو آهي. اردن جي زمين گهڻي ڀاڱي جابلو ۽ وادين جي پٽي تي، آبادي جا ڪيترائي وسيع علائقا نظر ايندا.
اَمان گادي جو شهر آهي ۽ ان کان علاوه، اِربِد، جَرشَ زرقا، ڪَرَڪَ ۽ ڳاڙهي سمنڊ تي عَقَبَا جو بندرگاهه مشهور آهن. هن ملڪ جي موسم وچ ٿري آهي، گرمي پد 13 کان 30C⁰ جي وچم ۾ رهندو آهي. هن ملڪ ۾ سِوِل ڪورٽن سان گڏ، اسلامي ڪورٽون به ڪم ڪنديون آهن، جن کي زياده تر اسلامي سزائن جو اختيار آهي. هن ملڪ ۾ ٻارهن صوبا ۽ 54 ضلعا آهن.
هن ملڪ جي آدمشماري (2014ع)، اسي لک نفوس تي مشتمل هئي، جيڪا ڪراچي شهر جي اڌ کان به گهٽ آهي. آدمشماري جو 92 سيڪڙو سُني ملسمان ۽ 6 سيڪڙو عيسائي آهن. پناهه گيرن ۾ گهڻو تعداد فلسطيني، عراقي ۽ شامين جو آهي جو ٻولي ۽ سيپتا ساڳئي هجڻ ڪري ڪوئي به اُتي اجنبي نه ٿو لڳي. هن ملڪ جي ايراضي نوي هزار، مربع ڪلو ميٽر آهي، رائج سِڪو اردني دينار آهي، جنهن جو وزن ڏيڍ آمريڪي ڊالر برابر آهي.
هن ملڪ ۾ ڪيترائي تعليمي ادارا آهن، جن جون عاليشان عمارتون ڏسڻ وٽان آهن. تعليم جو معيار ايترو ته سٺو آهي، جو تعليمي سيڪڙو 97% ٻڌايو وڃي ٿو، جيڪو ڪنهن مغربي ملڪن کان گهٽ نه آهي. صحت جي حوالي سان ڏنو وڃي ته بهترين سهولتون موجود آهن. جو آدمشماري جي 70% کي هيلٽ انشورنس جي سهولت مهيا آهي، جنهن ڪري هتي زندهه رهڻ جي حد 80 سالن کان به مٿي ٻڌائي وڃي ٿي.
سياحت جي حوالي سان هتي هر شئي موجود آهي، جو هر سال ستر کان اسي لک سياح هيڏانهن جو رخ ڪن ٿا، جنهن ڪري ملڪ جي

ڪمائي ۾ 10% کان وڌيڪ ناڻي جو اضافو ٿئي ٿو. سياح خاص ڪري قديم تهذيب وارا شهر، جهڙوڪ پيٽرا (Petra) ۽ جرش (Jersh)، مئل سمنڊ (Dead Sea) ۽ اَقبَا جا سامونڊي ڪنارا ڏسڻ ايندا آهن.

اسان جي بس تبوڪ مان رواني ٿي، ’بيربن هماس‘ کان ٿيندي، اردن جي سرحد سان لڳ حالتعمار شهر پهتي، جتي اسان ڪي اميگريشن ڪرائڻي پئي. تبوڪ کان حالتعمار سرحدي شهر هڪ سَوَ ڏهه ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي، جيڪو سعودي عرب جو شهر آهي ۽ اُردني حد کي ’المُدوِرا‘ ڪري پئي سڏيو ويو، جتي اسان جي اميگريشن ٿي. هي علائقو ڳاڙهو ريگستاني پٽرالو ۽ غيرآباد لڳي رهيو هو جو سواءِ ڪجهه گول دائري وارا ڦوهاري وسيلي ٿيندڙ زراعت کان علاوه ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو. ٽيهارو ڪلوميٽر پنڌ ڪانپوءِ جابلو علائقي جي شروعات ٿي ۽ روڊ هڪ برساتي واڏي جي ڪناري سان هلڻ لڳو، جيڪو ’مَعَان صوبي‘ مان ٿي گذريو. اسان جي بس، مَعان شهر مان نڪري، هڪ ننڍي ڳوٺ ”جرف الدرواش مان ٿيندي ’اَلحَسَا‘ پهتي، جتي ڏهه منٽ چانهه وغيره لاءِ وقفو ڪيو ويو. بس اڳتي اسٽاپ ’القطرانا‘ مان ٿيندي ’الجزا‘پرسان گذرندي، راڻي عاليا انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي ويجهو لنگهندي، اچي اَمان شهر ۾ پهتي. اَمان ۾ هوٽل اڳ ئي بڪ ٿيل هو، تنهن ۾ رهياسون ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ٽيڪسي ڪري مئل سمنڊ جيڪو، شهر کان هڪ سَوَ ڪلوميٽر پنڌ تي هو سو گهمڻ لاءِ نڪتاسين. هي دنيا جو هڪ ننڍڙو نمڪين سمنڊ آهي، ان جي ويڪرائي 10-15 ڪلوميٽر ۽ ڊيگهه 50 ڪلو ميٽر ٿائين آهي. اسرائيل ۽ اردن جي حد، هن سمنڊ کي پوري وچ مان چيري اڌ ڪري ٿي. هي سمنڊ چئو طرف جبلن سان وڪوڙيل آهي ۽ هن ۾ صرف برساتي پاڻي ايندو آهي، باقي ڪو تورو پاڻي، اُردن (Jordan River) ندي مان اچي، ڪڏهن ڪڏهن چوڙ ڪري ٿو. هن سمنڊ جي گهڻي نمڪين هجڻ جي ڪري، ڪابه جاندار شيءِ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آئي. هن سمنڊ ۾ ماڻهو بغير ٻانهن يا ٽنگن هڻڻ جي آرام سان تري سگهي ٿو، جو گهڻي نمڪيات هجڻ ڪري، هن پاڻي جي مخصوص گهاٽاڻ، جو مقدار عام پاڻي کان وڌيڪ آهي. مثال، عام پاڻي جي گهاٽاڻ (Specific Density) هڪ ڪلو في لٽر ٿئي، ليڪن مئل سمنڊ جي پاڻي جي گهاٽاڻ سَوَا ڪلو في لٽر جي برابر هجڻ ڪري،ترڻ ۾ مدد ڪري ٿي. هي سمنڊ 200 ميٽر گهرو آهي ۽ سامونڊي سطح کان 429 ميٽر هيٺ آهي، جنهن جو مثال دنيا ۾ ڪون ملندو. هن

سمنڊ جي پاڻي ۾ 34.5، سيڪڙو نمڪيات (Salinity) آهي، جيڪا ٻين سمنڊن کان گهڻو وڌيڪ آهي. هن سمنڊ جو ذڪر حضرت دائود عليہ و سلام، جي حوالي سان، بائيبل ۾ لوڻياٺو سمنڊ (Salt Sea) جي نالي سان آيو آهي.

سمنڊ جي ڪناري ڪافي ننڍا هوٽل هئا ۽ سياحن جي پيڙ لڳي پئي هئي. عبدالله خان کي ٻيڙي ۾ چڙهي سفر جو ڏاڍو شوق هيو ۽ سو ڪافي لطف اندوز ٿيو. هن سمنڊ جي ڏکڻ اولهہ واري ڪُنڊ ۾سان هڪ وڏو لوڻ جو پهاڙ آهي، جنهن جي پرسان، هڪ ٽنيي تي حضرت لوط عليہ سلام جي گهر واريءَ جو نالو لکيل آهي، جنهن جو ذڪر بائيبل ۾ پڻ (Destruction of Sodom and Gomorrah) تحت اچي ٿو.

وادي موسيٰ ۽ پيٽرا شهر

اسان شام ٽائين سمنڊ جو اردن وارو پاسو گهمي، پيٽرا شهر وڃڻ جو ارادو ڪيو، جيڪو 150 ڪلو ميٽر، پنڌ تي ڏکڻ طرف واقع آهي. هي قديم تاريخي شهر، اردن جي معان صوبي ۾ آهي،جيڪو قديم زماني ۾ جبلن کي ڪٽي ڪوري (Rock-cut Architecture) گهرن ٺاهڻ ۾ گهڻي شهرت رکي ٿو. جبلن کي ڪٽي اندر گهر ٺاهڻ جو فن، هڪ قديم نُباتِينس (Nabateans) قوم ۾ ڏاڍو مشهور هو جن جبلن کي ڪٽي اندر عاليشان شهر آباد ڪيا، جنهن ۾ سٺو وهندڙ برساتي پاڻي جي آب رسائي ۽ نڪاسيءَ جو پورو بندوبست ڪري، دنيا ۾ نالو ڪمايو. پيٽرا، 2007ع ۾ نون دنيا جي ستن عجوبن مان هڪ آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ پوري دنيا مان لکين سياح هت اچن ٿا.

پيٽرا قديم زماني ۾ نباتين حڪمرانن جي گاديءَ جو هنڌ رهيو، هي نہ رڳو هڪ دفاعي قلعو رهيو، پر هي شهر ان علائقي جي مکيہ تجارتي رستن جي چوواٽي تي هجڻ ڪري، عظيم ڪاروباري مرڪز جي حيثيت پئي ماڻي. هن شهر مان مکيہ ڪاروباري گذرندڙ لنگهہ جهڙوڪ: اولهہ طرف ويندڙ گازا پٽي، اتر طرف ويندڙ بصره ۽ دمشق ڏانهن ڳاڙهي سمنڊ ۽ اقبا ڏانهن ۽ ريگستان مان گذرندڙ لنگهہ جيڪو ايراني نار ڏانهن وڃي ٿو، سي سڀ شامل آهن. هن شهر جي ٻيهڪ ۽ وقوع جديد دور جي دُبئي سان مشابهت ڏئي سگهجي ٿي، جو دنيا جو هرهوائي جهاز پلي چونہ ڪٽي بہ ويندو هجي، پر دُبئي ايئرپورٽ تي ضرور پنهنجا پير گهمائيندو ويندو.

هي شهر وسيع ايراضي تي ڦهليل آهي ۽ ڳاڙهي رنگ جي وڏي اونچائي وارن جبلن کي اندران ڪوري ڪٽي، قصر نما وسيع ۽

خوبصورت گهر ناهيا ويا آهن. هن اڏاوت کي ڏسي انسان جون ڏنديون آڱريون اچي وڃن ٿيون، جو ان وقت جي ماڻهن ڪيتري نہ سخت محنت ۽ جفاڪشي ڪري، جبلن مان ايترو وڏو شهر ناهيو آهي. هن شهر جي ڏکڻ طرف کان ’جبل هارون‘ آهي، جنهن ۾ حضرت هارون عليہ سلام (حضرت موسيٰ جو ڀاءُ) جي قبر بہ موجود آهي، جتان هن شهر ڏانهن هڪ رستو نڪري ٿو ۽ ٻئي پيدل رسد، وادي حضرت موسيٰ کان آهي، جيڪا گهٽي اُونهي ۽ سوڙهي غار مثل آهي. جنهن مان سياح پيدل اچڻ وقت پاڻ کي خطري کان خالي نہ سمجهندا آهن. پيٽرا جي بي انتها اوچائي وارن پهاڙن تي، جڏهن برسات پوندي آهي، تہ اهو پاڻي هن اوڀاري پاسي واري اونهي ۽ سوڙهي لنگهہ (Gorge) مان وهي وڃي وادي موسيٰ ع ۾ داخل ٿيندو آهي. هي وادي غالبن اُها آهي، جتي حضرت موسيٰ ع پنهنجي لٺ هڻي ٻارهن قبيلن لاءِ ٻارهن چشما ڦُٽايا هئا. وادي موسيٰ جي شروعات پيٽرا شهر مان شروع ٿئي ٿي ۽ پرسان هڪ جبل آهي جنهن تي بيبي مريم جي قبر، چوٿين صدي تائين، زيارتين کي ڏيکاري ويندي هئي، جنهن کان پوءِ نشان مٽجي ويا آهن.

وادي موسيٰ ڏاڍي زرخيز وادي آهي، جنهن ۾ گهڻي قدر قيمتي زيتون (Olives) جا وڻ آهن، جن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ آهي. هي زيتون ٻير جي ٻيرن جيترا، ڪاري رنگ جا ٿيندا آهن، جن جي مسلسل ڪائڻ سان، انسان ڪنهن بہ بيماري ۾ مبتلا نہ ٿو رهي ۽ هن ميوي ۾ گهڻي ئي شفا آهي، قديم سباتين قوم جي اعليٰ معيار، فن تعمير جا شاهڪار پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هي قوم ڪيترن ئي خدائن کي مڃيندا هئا، جن ۾ ’العضا‘، ’الات‘ ۽ ’منات‘ قابل ذڪر آهن، جن جو قرآن پاڪ ۾ پڻ ذڪر آهي.

پيٽرا جي ڳاڙهي رنگت جي جبلن ڪري، هن شهر کي ڳاڙهي گل جو شهر (Red Rose City) پڻ سڏيو ويندو آهي. جبلن اندر اُڪاريل محلاتن. يهودين جا عبادت خانا ۽ ٿئيٽر وغيره ايترا تہ سهڻا آهن، جو زائرين ڦريو ڦريو اچي ڏسندا رهن ٿا . هن قديم غير آباد شهر، وسيع ايراضي تي ڦهليل هجڻ ڪري، زائرين لاءِ هڪ ڏينهن ۾ مڪمل ڏسڻ ناممڪن لڳي ٿو. جبلن ۾ بہ بہ منزلي عمارتون، هڪ ٻئي مٿان اُڪريل آهن ۽ سامهون وارو حصو جبلن جي اڪريل ڊگهن مستطيل ٿلهن ٿنين، جن جي مختلف حصن ۾ خوبصورت چٽسالي سان.دروازن جي ٻنهي پاسن کان بيهاريل آهي، جو زائرين کي اندر داخل ٿيڻ کان اڳ ۾، هڪ رعب

طاري ڪري ڇڏي ٿو تہ هيءَ قوم واقعي فن معماري جي لحاظ کان قابل تعريف قوم آهي. ڇتن ۽ ديوارن جي پٿرن کي تراشي، انهن تي خوبصورت نقش نگاري وسيلي، بُت ناهڻ، مختلف ڊزائين جون شڪليون ۽ گل ڪاري، اهڙي صفائي سان ڪئي وئي آهي، جنهن جو مثال دنيا ۾ ڪٿي ڪونہ ملندو.

مقامي ماڻهو، زائرين لاءِ رنگ برنگي سنجن سان اُٺ، گهوڙا ۽ گڏهہ تيار ڪيون بيٺا آهن تہ جيئن ڪو شوقين انهن تي سفر ڪري ۽ موٽ ۾ ڪين ڪجهہ ناڻو ملي، جو پنهنجي ڪٽنب کي سهارو ڏئي سگهن. هن شهر جي پوري ايراضي ۾ سَوَ کان مٿي جبل آهن، جن ۾ توهان کي جبلن اندر تراشيل مختلف جايون نظر اينديون ۽ هر هڪ جاءِ هڪٻئي کان وڌيڪ سهڻي ۽ شاندار نظر ايندي.

صلاح الدين ايوبي جو قلعو

پيٽرا گهمڻ کانپوءِ ويجهو ئي، ڪَرڪَ شهر ۾ قديم قلعو ڏٺوسين، جيڪو 1136ع ۾ صليبي جنگين دوران مصر ۽ شام ملڪ جي رسد کي ٽوڙڻ لاءِ ناهيو ويو هو. هن قلعي کي اسلامي سپهہ سالار صلاح الدين ايوبي، 1188ع ۾ پنهنجي قبضي هيٺ آندو. هي قلعو هڪ اونچي جبل مٿان ٺهيل آهي ۽ تقريبن ڪوٺڙجي واري ميرن جي قلعي واري شڪل ۽ ايراضي اٿس. هن قلعي جي ڇت مٿان بيهڻ سان مُئل سمنڊ جو پورو نظارو صاف نظر ايندو آهي.

اسان واپس اَمان آياسين، جتان اسان کي مسٽر ظهير، پنهنجي گاڏيءَ ۾ امان شهر جو سير ڪرايو. شهر صاف سٿرو ۽ ماڻهو اخلاق وارا لڳا. ظهير اسان کي هڪ ميوزيم ۾ وٺي ويو، جتان پوءِ هڪ هوٽل تي ماني کاڌي. هتي بازارون صاف ۽ دڪانن تي اگهہ بابت ڇڏڇوٽ ڪرائڻ جو رواج عام آهي. شراب جا دڪان ڪليل نظر اچن ٿا، جتي ڪنهن کي بہ، ڪنهن قسم جي جهل پل ڪونہ آهي. روڊ تي مختلف ملڪن مان درآمد شده گاڏيون گهٽيون ئي نظر اچن ٿيون. مسٽر ظهير ’اَجلُون‘ شهر پرسان ’اَنجَرا‘ ڳوٺ جو رهواسي آهي، جيڪو هتان 75 ڪلو ميٽر پنڌ تي، اتر طرف واقع آهي. اَجلون ويندي اسان هڪ ڏينهن ’جرش‘ شهر جي قديم آثار ڏسڻ لاءِ مختص ڪيو. جرش شهر هتان کان 50 ڪلوميٽر تي آهي. ڪار ۾ ڪلاڪ کن ۾ جرش پهتاسين، هتي جا قديم آثار ۽ پيٽرا جي جبلن اندر جاين ۾ صرف ايترو فرق آهي، جو جرش ۾ پٿرن کي ٽُڪي ٺاهي ڪٽي

اڇي عمارتون ناهيون آهن ۽ پيٽرا ۾ جيئن اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان، ته جبلن کي کوري انهن اندر رهائش گاهه ۽ بيون عمارتون ناهيون ويون آهن. هي شهر قديم زماني کان عيسائي مذهب وارن جي رهائش گاهه ٿي گذريو آهي. هن شهر ۾ قديم آثارن ۾ عبادت لاءِ مندر، ڪليسائون، ٿئيٽر، يهودين جي عبادت گاهه، صفائيءَ لاءِ پاڻيءَ جا ذخيرا ۽ باٿ روم وغيره سڀ جا سڀ هڪ چوڏيواري جي اندر آهن، جن جي داخلا ۽ مخرج لاءِ مخصوص دروازا موجود هئا. هن قديم آثارن ۾ اوپن ٿئيٽر ڏٺو، جنهن جي گولائي ٻه سَوَ فوٽن تائين ۽ اوچائي 50 فوٽن جي هئي ۽ هڪ اندازي مطابق پنج هزارڪن ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش موجود هئي. منهنجي هڪ اندازي موجب، هيءَ قوم اصل کان وٺي موج مستي ڪرڻ ۾ هندن وانگر موسيقي ۾ محبت ۾ رُڌل هئي.

جرش شهر ۾ جڏهن ميوزيم ۾ گهرڻ لڳاسين، ته دروازي تي بيٺل چوڪيدار ٻڌايو ته هاڻي داخلا جو وقت ختم ٿي چڪو آهي، سو توهان صبح جو اچجو. جنهن تي ظهير چوڪيدار کي پنهنجو تعارف، آرمي ڪرنل ڪرايو ۽ مونکي پاڪستان ۾ آيل مهمان، جڏهن ٻڌايو ته هُن آجيان ڪندي دروازو کولي ڏنو، جنهن ڪانپوءِ اسان ميوزيم گهمي واپس ٿياسين. جرش ۽ اَجلون صوبا هڪٻئي جا پاڙيسري صوبا آهن. جرش کان اجلون پهچي صلاح الدين ايوبيءَ جو عاليشان قلعو ڏٺو، جيڪو 85-1184ع دوران صليبي جنگين کي منهن ڏيڻ لاءِ ناهيو ويو هو. هن قلعي کي ’قلع اجلون‘ (Castle of Ajlun) چون ٿا، جيڪو چار هزار فوٽن کان ڊگهي ’جبل اَوف‘ جي چوٽي تي نهيل آهي. هي قلع تقريبن مربع شڪل ۾ آهي ۽ چئن ڪندن تي چار وڏا ٽاور نهيل آهن.

جنگي حڪمت عملي جي لحاظ کان، هن قلعي جي وقوع، اهڙي جاءِ تي رکي وئي، جو دُشمن جي فوجن کي سَوَين ڪلوميٽر جي پنڌ کان سڃاڻي وٺڻ ۽ پنهنجي زائرين ۽ سوداگرن جي قافلن جي حفاظت لاءِ باخبر هجڻ ضروري هو. هن قلعي جي ڏيک مان اسلامي مملڪت جي طاقت جو اندازو آساني سان لڳائي سگهجي ٿو. جنهن جو ثبوت انگريزن جي گڏيل طاقت کي مختلف لڙاين ۾ شڪست نصيب ٿيڻ آهي.

اَمان کان عَجِلون ايندي سڄو پهاڙي سلسلو آهي. آبادي گهٽ ۽ پهاڙ گهڻا. زراعت صرف پهاڙن مٿان برسات پوڻ جي صورت ۾ ٿيندي آهي. جابلو زمين ۾ زيتون جي وڻن کي بچائڻ لاءِ هرهنڌ برسات جو پوڻ

ضروري آهي ۽ هتان جا ماڻهو برسات جي پاڻي کي ضايع ٿيڻ ڪونہ ڏين، جنهن ڪري برسات جي پاڻيءَ ۽ گهرن جي ڇتن ۽ نيسارن مان وهندڙ پاڻيءَ کي، ڪنهن مٿاهين جاءِ تي سيمينٽ مان ٺهيل ٽيڪ يا ڪچي کڏ ۾ جمع ڪري، برسات نہ پوڻ يا دير سان اچڻ ڪري، ان پاڻي کي وڻن لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي. ان حوالي سان برساتي وادين تي ننڍڙا بند بہ ڏٺل آهن، تہ جيئن پاڻي کي ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي. هتي زيتون جا وڻ ۽ باغ ڏسڻ ۾ آيا، هر ماڻهو پنهنجي گهرن جي آسپاس، زيتونن جا وڻ هڻي آبادي ڪري گذران ڪري ٿو. هڪ اندازي موجب، هر وڻ هڪ هزار دينار جيترا زيتون، هڪ موسم ۾ ڏئي ٿو. جنهن ماڻهو کي زيتون جا وڻ گهڻي تعداد ۾ آهن، اهو ماڻهو هتان جو وڏيرو سمجهيو وڃي ٿو.

شام ملڪ جو سفر

عَجلون مان ’اِربد‘ شهر پهچي، شام ملڪ لاءِ ٽيڪسي ڪئي، جنهن ٻن ڪلاڪن ۾ شام جي گادي واري هنڌ، دمشق شهر ۾ پهچايو، جتي هوٽل وٽي آرام ڪيو. صبح جو سوير اٿي تيار ٿي، دمشق شهر جي ’ڊڪيل بازار‘ جو رخ ڪيو. هي ڊڪيل بازار، دمشق شهر جي قديم بازارن مان آهي. جتي توهان کي ضرورت جي هرشيءِ ملي ويندي. هن بازار کي ’مدهت پاشا سوڪَ‘(Madhat Pasha Souq) بہ سڏيو وڃي ٿو، جو عثمانيہ دور جي هڪ وزير جي نالي سان منصوب آهي، جنهن هن بازار جي مرمت ڪرائي، مٿان ڇپرو هڻايو.

پڙهندڙن جي ڄاڻ خاطر، شام ملڪ جي جاگرافي ۽ تاريخ تي مختصر نظر وجهڻ ضروري آهي. ملڪ شام، اردن سان لڳ اتر طرف آهي، جنهن جون حدون اولهہ کان لبنان، اتر طرف ۾ ترڪي، اوڀر ۾ عراق ۽ ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ اسرائيل سان لڳن ٿيون. شام جي ايراضي هڪ لک پنجاسي هزار، هڪ سَوَ اسي مربع ڪلوميٽرن تي ڦهليل آهي ۽ آدمشماري (2014) ٻن ڪروڙن جي لڳ ڀڳ آهي. هن ملڪ جي گادي جو هنڌ، دمشق ۽ وڏو شهر اليپو (Allepo) آهي. وڏن جي ڏند ڪٿائن موجب، اهو شهر آهي، جتان اسان جا وڏا لڏي، اچي بلوچستان ۽ پوءِ هتي سنڌ ۾ پهتا. هتان جو رائج سِڪو سِيرِيَن پائونڊ آهي. شام ملڪ، 1946ع ۾ فرانس کان آزادي ورتي ۽ 1967ع ۾ اسرائيل سان ڇهن ڏينهن جي جنگ دوران گولان هائيٽس جو پهاڙي علائقو دشمن حوالي ڪيو. شام ۾ چوڏهن صوبا ۽ ايڪيهہ ضلعا آهن.

توهان شام جي نقشي تي نظر وجهندا، تہ توهان کي شام جي اتر ۾ ترڪي ۽ ڏکڻ ۾ اردن جا ملڪ نظر ايندا. اليپو شهر ترڪي واري حد کي ويجهو آهي ۽ گادي جي هنڌ وارو شهر دمشق اردن واري پاسي، يعني لبنان جي حد جي ويجهو آهي. هي ملڪ زرخيز وادين، ميداني علائقن ۽ ريگستان سان گڏ جابلو ۽ پهاڙي سرشتن سان گنديل آهي. چون ٿا تہ آبادي جي لحاظ کان، دمشق شهر دنيا جي قديم آبادين ۾ هڪ آهي، جتي انيڪ قسم جا مختلف لساني، مذهبي ۽ ثقافتي گروهن جو بسيرو آهي. جهڙوڪ: تُرڪ، ڪُرد، آرمينين، قديم اسيري قوم، عيسائي، ڪوهہ لبنان جي پاسي ۾ رهندڙ مسلمان دُروز (Druz) کان علاوه شيعا ۽ سُني مسلمانن جي اڪثريت شامل آهي.

حافظ الاسد (2000 - 1930) جيڪو، آرمي جو جنرل هيو، تنهن شام جي حڪمراني، 1970ع کان 2000ع تائين صدارت ۽ وزيراعظم جي عهدن تي فائز رهيو، جنهن جي مرڻ کانپوءِ سندس پٽ بشار الاسد جاءِ سنڀالي. تاريخ ۾ نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو، تہ دنيا جي هن خطي ۾ خاص ڪري عرب ممالڪ ۾ اهو مشهور آهي، تہ هڪ دفعو ڪُرسي ملڻ کانپوءِ، مرڻ يا مارجي وڃڻ کانپوءِ ڪرسي وارثن حوالي ڪئي وڃي ٿي. مثال توهان جي سامهون آهن، عراق جو صدام، لبيا جو ڪرنل قذافي، مصر جي حسني مبارڪ، اردن جي شاهہ حسين ۽ ٻين قريبي عرب رياستن جو بہ حال ساڳيو آهي. جن کي ڪرسي ملي ٿي، تہ مرڻ ۽ مارائڻ تائين ڪرسي ڪونہ ٿا ڇڏين. ڪرسي سان محبت ڪري اسان وٽ بہ ڪئي قيمتي جانيون، هن جهان مان جدا ٿي ويون. منزل تہ سيني جي ساڳئي آهي، پرڪي ٿورا ماڻهو، ان راز ۽ رمز کي سمجهي سگهيا هوندا.

خاڪ مين مل گئي نگيني لوگ،
حڪمران بن گئي ڪميني لوگ.

(حبيب جالب)

اسلامي تاريخ تي نظر ڊوڙائڻ سان خبر پوندي، تہ هن پرڳڻي تي ڪيترين ٻاهرين قومن حملا ڪري، حڪومت پئي ڪئي آهي. 640ع ۾، عرب حڪمران خالد بن وليد قبضو ڪيو،جنهن کانپوءِ، ستين صدي عيسوي ۾، سلطنت عُميَد حڪمراني ڪئي، جنهن کانپوءِ 750ع ۾ عباسي خلفاءِ جي حاڪميت هيٺ آئي. سلطنت ايوبي جو باني، اسلام جو هڪ عظيم جرنل،

صلاح الدين ايوبي (93-1138ع) هن پرڳڻي جو ويهن سالن تائين (93-1174ع) حاڪم رهيو. جنهن اسلام جو نالو بلند ڪيو ۽ انگريزن جي حملن (Crusade Wars) جو، هر جاءِ تي اهڙو منهن ٽوڙ جواب ڏئي فتح حاصل ڪندو رهيو، جنهن جو اڄ تائين ڪو اهڙو مثال ڪونہ ٿو ملي.

هي جرنيل، هاٺوڪي عراق جي تِڪرت (Tikrit) شهر ۾، ڪُرد قوميت جي ڪٽنب ۾ پيدا ٿيو. هن جي بهادري ۽ شجاعت جي ڪري، فاطمہ سلطنت ۾ هن کي وزير مقرر ڪيو. هن عيسائي صليبي جنگين جو بهادري سان مقابلو ڪري، بغير خون خرابي جي، 1187ع بيت المقدس آزاد ڪرايو. هن اسلامي سپهہ سالار کان انگريز جرنيل، نالو ٻڌي، ڪين موت ياد اچي ويندو هو. هي جرنيل چار مارچ 1193ع ۾ دمشق ۾ بخار ٿيڻ سان، هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. هن بادشاهہ وٽ مرڻ وقت صرف هڪ سون جو ۽ چاليهہ چاندي جا سِڪا موجود هئا. هن پنهنجي ملڪيت مسڪينن، يتيمن ۽ ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏي هئي. هن جو مقبرو دمشق جي مشهور، مسجد اُميہ جي احاطي ۾ آهي.

شام ملڪ تي ڪجهہ عرصو منگولن اچي قبضو ڄمايو، جن کان مصر جي مملوڪن جنگيون ڪري پوري علائقي جي حڪمراني پنهنجي هيٺ آندي. 1516ع دوران ترڪي جي سلطنت عثمانيہ اچي مملوڪن کي ملڪ مان تڙي ڪڍيو. پهرين مهاياري جنگ دوران، فرينچ فوجين هن علائقي ۾ مسلمان فوجين کي شڪست ڏئي، پنهنجي حڪمراني ڄمائي، جنهن جي مخالفت مقامي گروهہ، ڪيترائي سال ڪندا رهيا، جو آخر ۾ ڪفر جي حڪمراني جو خاتمو آڻي، حڪومت جون واڳون، 1946ع ۾ پاڻ سنڀاليون.

فرات ندي (Euphrates River) هن ملڪ جي آبادي ۽ پيداوار جي حوالي سان، ڪرنگهي جي هڏي وانگر اهميت رکي ٿي. جيئن عراق ۾ ٽِگرس ندي (Tigris River) جيڪا ٽُرڪيءَ مان گذري عراق ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ وڃي شَٽَل العرب (Shatt-Al-Arab) وٽ ايراني نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح فرات ندي، شام مان ٿيندي، عراق ۾ داخل ٿي وڃي، ايراني نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هي ٻئي نديون هڪ پور وڇوٽي سان گذرن ٿيون ۽ ٻنهي ملڪن جي زرخيزي جون ذميوار آهن. الله تعاليٰ جو هڪ زبردست نظام آهي. جو پهاڙي علائقن مان برسات ۽ برفباري ذريعي پاڻي جو ذخيرو درياهن ۽ ندين ذريعي، ريگستانن ڏانهن موڪلي ٿو، جيئن اُتي آبادي ۽ زندگي جي هم آهنگيءَ کي قائم رکي سگهجي. مثلاً: پاڪستان ۾ پنجاب جو ڏکڻيو حصو ۽ سنڌ جو گهڻو ڀاڱو ريگستاني ۽ غير آباد هجي ها،

جيڪڏهن اهو درياهي نظام، هماليا پهاڙن ۾ برفباري ۽ برسات جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ جهلم، چناب، راوي، ستلج ۽ سنڌو درياهه نہ هجن ها.

شام ۾ آباديءَ جو سٺ سيڪڙو سُني مذهب وارا آهن ۽ 13 سيڪڙو شيعا ۽ ڏهہ سيڪڙو عيسائي مذهب سان تعلق رکن ٿا.

موجوده صدر، بشار الاسد، علوي شيعا فرقي مان آهي. هتي ٻارن جي تعليم لازمي آهي ۽ ٻارهن سالن جي عمر تائين تعليم مفت ڏني وڃي ٿي. شام ۾ تعليمي تناسب، مردن ۾ 90% ۽ عورتن ۾ 80 سيڪڙو آهي. ملڪ ۾ ڇهہ حڪومتي يونيورسٽيون ۽ 15 خانگي يونيورسٽيون قائم آهن، جن ۾ زياده، مشهور دمشق يونيورسٽي ۽ اليپو يونيورسٽي آهن.

هڪ ڏينهن شهر ۾ گهمندي اوچتو هڪ ڦِٽل پراڻي ريلوي اسٽيشن تي نظر پئي، جنهن جي سامهون ٽي اسٽيم انجن ۽ ڪجهہ ٻِگل گاڏا بيٺل هئا، سو مونکي حِجاز ريلوي ياد اچي وئي. هي اسٽيشن عثمانيہ دور واري دنيا ۾ ڊگهي ۾ ڊگهي ريل جا آثار هئا، جنهن کي مقامي مسلمانن، انگريزن جي چُرت تي پئسا وٺي تباهہ ڪيو هو. هن ريل جو تفصيلي ذڪر مان اڳ ۾ ڪري آيو آهيان، پر هتي هن جو حال ڏسي مونکي اکين مان ڳوڙها وهي آيا.

شام ۾ ٽوٽل چار بندرگاهہ آهن، جيڪي يونچ سمنڊ يعني بحر روم جي ڪناري تي واقع آهن. هي اهو سمنڊ آهي، جيڪو ڏکڻ يورپ، اتر آفريڪا ۽ ڏکڻ اولهہ ايشيا جي وچ ۾ گهيريل آهي. هي سامونڊي ڪنارو 170 ڪلوميٽرن تائين ترڪي جي سرحدن کان لبنان سرحد جي وچ ۾ ڦهليل آهي، جيڪو قبرص ٻيٽ جي بلڪل سامهون اچي ٿو. مکيہ ٻن بندرگاهن جا نالا ’لتاڪيا‘(Latakia) ۽ ’طرطوس‘(Tartus) آهن. هن سامونڊي ڪناري کي، سياحن لاءِ ڏاڍو خوبصورت بڻايو ويو آهي. اسان هڪ ڏينهن ۾ هي ٻئي بندرگاهہ ۽ سياحت جي حوالي سان سامونڊي ڪنارا گهمي ڏاڍو مزو ماڻيو. هنن ٻن وڏن بندرگاهن کان علاوه، ٻہ ننڍا بندرگاهہ بہ آهن، جن کي ’برج اسلام‘ ۽ ’بانياس‘ بندرگاهہ چيو وڃي ٿو. ’برج اسلام‘ ترڪي جي سرحد جي بلڪل ويجهو آهي.

دمشق ۾ اسلامي زيارتون

شام ملڪ، اسلامي تاريخ ۾ وڏي اهميت جو حامل آهي، جو دمشق ڪافي عرصي تائين مختلف اسلامي حڪومتن جي گادي جو هنڌ رهيو

آهي. دمشق شهر ۾ ’بنو اُميہ مسجد‘ آهي، جنهن جو شمار دنيا جي قديم وسيع ۽ شاندار مسجدن ۾ ٿئي ٿو. هن مسجد جي احاطي ۾ حضرت يحيٰ ابن ذڪريا عليہ سلام (St. John the Baptist) جي قبر آهي ۽ پرسان باغ اندر ڪُردش سپهہ سالار صلاح الدين ايوبي جو مقبرو پڻ موجود آهي، جنهن جي ديدار لاءِ مغربي ملڪن جا سربراهہ اجان تائين ايندا رهن ٿا. هن مسجد جي پرسان، امام حسينؑ بن عليؑرضہ جي ننڍي ڌيءُ سيده رقياؑ جي مسجد ۽ مقبرو پڻ موجود آهي. دمشق شهر جي ’زيئبيا‘علائقي ۾ بيبي زينبرضہ جو مقبرو ۽ مسجد آهي، مقبرو توهان کي پري کان سونهري گنبذ (Golden Tomb) جي خوبصورت رنگت ۾ چمڪندي نظر ايندو. شيعا مسلڪ مطابق، عراق جي ڪربلا واقعي کان پوءِ بنو اُميہ جي خليفي يزيد، امام حسين عليہ السلام جو سِر مبارڪ پاڻ وٽ گهرائي، هن ئي مسجد جي احاطي ۾ دفن ڪرايو هو، جو ان وقت سندس محل بہ اتي ئي واقع هو. امام حسين عليہ السلام جي ٻين ساٿين جا سِر مبارڪ جنهن علائقي ۾ رکيا ويا هئا، تن کي ’رئوس الشهداءَ ڪربلا‘ چيو وڃي ٿو، جتي ڪيترائي شيعا حضرات ماتم ڪندي نظر اچن ٿا. شام ملڪ ۾ اصحابہ ڪرام، نبين ۽ ڪيترن اولياءَ الله جون قبرون آهن. ماڻهن ۾ مشهور آهي، جبل اربعين يا جبل قاسيون جي دامن ۾ ستر هزار نبي ۽ ولي دفن آهن، ليڪن انهن جي نالن جي خبر ڪونہ آهي. هن علائقي ۾ حضرت بلال الحبشي بن رباح،رحمت الله عليہ مُوذن اول. حضرت عبدالله بن مڪتوم رحمت الله عليہ موذن ٻيون. حضرت عبدالله بن سيدنا جعفر طياررضہ، حضرت اسماءَ بنت سيدنا ابوبڪر صديقرضہ، حضرت عبدالله بن جعفر صادقرضہ، حضرت سيده اُمِ ڪلثوم بنت سيدنا اما عليرضہ، سيده فاطمہ الصغرا، بنت امام حسينرضہ، اولاد امامِ حسينعليہ السلام جا ڇهہ سِر مبارڪ جنهن ۾ امام زين العابدينرضہ ۽ امام قاسمرضہ شامل آهن. هن قبرستان ۾ سيدنا عبدالله بن زين العابدينرضہ، امير معاويہرضہ، حضرت عبدالله بن ڪعبرضہ، حضرت عمر بن عبدالعزيزرضہ، سيده ميمونہرضہ، نبي ڪريمصلي الله عليہ وسلم جي حرمن مان سيده اُمِ حبيبہرضہ، سيده اُمِ سلمہرضہ، بيبي فِضہرضہ، ۽ سيده سڪينہرضہ بنت حضرت امام حسينرضہ جون مزار مبارڪ شامل آهن.امام حسين عليہ السلام جي سِر مبارڪ واري مقبري ۾ توهان کي ڪيترائي ماڻهو هر وقت مرثيا پڙهندي روئيندي نظر ايندا. هتي ان قبلي جو نشان ڏيکاريل آهي جتي چيو وڃي ٿو تہ اما زين العابدين رضہ قيد هجڻ دوران نماز

پڙھندو ھيو. ھن مسجد کي ٽي منارا آھن، جن ۾ ھڪ مناري جي وچ واري گئلري مان موذن آذان ڏيندو آھي ۽ بلڪل ڪابي پاسي واري مناري کي، حضت عيسيٰ جو منارو چون ٿا ۽ مسلمانن جو ايمان آھي تہ روزِ محشر کان اڳ، حضرت عيسيٰ عہ جو نزول ھن مناري مان ٿيندو(الله عالم)

دمشق شھر، اسلام کان اڳ، عيسائي مذھب جو مرڪز رھيو آھي ۽ اسلام اچڻ کانپوءِ اسلامي تھذيب ۽ تمدن جو گھوارو ٿي رھيو آھي.

دمشق شھر جو قديم حصو اجان تائين ھڪ ديوار اندر بند آھي، جنھن کي خاص دروازا آھن، جن مان مواصلات جو نظام روان دوان آھن. ھن شھر ۾ آذر چوڪ کان المغربيا چوڪ جي وچواري روڊ جو نالو پاڪستاني اسٽريٽ آھي. شھر ۾ سياحن لاءِ عزت ۽ احترام آھي، جو حڪومت سياحن جي آمد کي وڌائڻ لاءِ ڪافي اُپاءَ ورتا آھن، سياحن جي گھٽي تعداد ۾ ڪنھن قسم جي ٺڳي يا دوڪو يا زوري، جھڙيون وارداتون ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن.

مسجد اُميہ کان ’ھميديا بازار‘(Souq Hamidiyah) شروع ٿئي ٿي، جيڪا 500 ميٽر ڊگھي آھي ۽ 1863ع ۾ عثمانيہ دور جي سلطان، عبدالحميد (ٻيو) ٺھرائي، جيڪا پوري طرح مٿان ڍڪيل آھي. ھن بازار ۾ ھزارين دوڪان آھن ۽ ھر ضرورت جي شيءِ توھان کي مناسب اگھہ تي ملي ويندي. ھن بازار ۾ سياحن لاءِ ڪيترين ’سوڪڙين‘ جا دڪان آھن، جن تي اعليٰ معياري سوڪڙيون دستياب آھن. دڪاندار خوش اخلاق آھن، جو توھان کي ويھاري چانھہ جو پڇندا ۽ ڪوشش ڪري توھان کي مناسب اگھہ ۾ پنھنجي ڪا شيءِ ضرور وڪڻندا. ھن بازار ۾ جڏھن اسان داخل ٿياسين تہ ڪافي سوڪڙيون مناسب اگھہ تي خريد ڪيون ۽ ٻاھر نڪرڻ کانپوءِ خبر پئي تہ سڄو ڏينھن لڳي ويو.

ھڪ ڏينھن نيشنل ميوزيم ڏسڻ وياسين، جيڪو قديم بَنو اُميہَ جي محل ۾ واقع آھي. ھن ميوزيم کي پنجن حصن ۾ ورھايو ويو آھي، جنھن ۾ تاريخ کان اڳ جو دور (Prehistoric)، مشرقي تھذيب جو دور (Oriental)، يونان، رومن دور، بازنطيني يا ايرندي روم جي تھذيب، عرب ۽ اسلامي دور ۽ جديد فن ۽ مُصوري جو دور شامل آھن. ھن ميوزيم جي ڏسڻ سان ماڻھوءَ کي قديم تھذيبن سان گڏ، جديد فن ۽ مصوري جي شناسائي ٿئي ٿي ۽ خبر پوي ٿي تہ حضرت انسان، زندگي جون ڪيتريون مشڪل منزلون طئہ ڪندو اچي، ھن منزل تي پھتو آھي. شام ۾ ٻن ھفتن جي

سياحت ڪانپوءِ واپسيءَ جو پروگرام ٺاهيو. جو هتان سڌو سنئون تبوڪ لاءِ بس ذريعي روانگي ٿي. بس اردن جي بارڊر وٽ اميگريشن ۽ ڪسٽم وغيره ڪرائي اندر داخل ٿي ۽ أمان ۾ ڪجهه مسافرن کي ڪٽي، سعودي رواني ٿي. واپسي ۾ حالتعمار واري حدن بجاءِ بئي جاءِ تان سعودي عرب ۾ داخل ٿي، جتان تبوڪ خاصو پري ٿي ويو، جنهن لاءِ بس ڊرائيور کي پوليس طرفان هدايت ڪرائي تہ ڪيس مونکي سعودي عرب جي ’تيما‘ شهر مان، تبوڪ جي بس ۾ سوار ڪري، پوءِ پنهنجي منزل غالبن مديني منوره لاءِ روانو ٿئي. بس ڊرائيور تبوڪ بس لاءِ انتظار ڪري، مونکي ان ۾ سوار ڪري ۽ ڪرايو ادا ڪيو، جنهن ڪان پوءِ پنهنجي منزل ڏانهن رواني ٿي هلي وئي ۽ تيما ڪان تبوڪ ٻن ڪلاڪن جو سفر طئہ ڪري، خير سان اچي ڇانوٽي اندر پنهنجي گهر پهتاسين.

شام ۽ ترڪي ۾ هڪ خاص لذيذ کاڌو آهي، جنهن کي ’شاوِرمَا‘ چئجي ٿو، جيڪو توهان کي هر بازار ۾ عام نظر ايندو. هن ۾ گوشت جا تهہ، گولائي ۾ ڪٽي، هڪ چار فوٽ ڊگهي لوهي، سيخ ۾ ٿنبي ان کي عمود تي ٿانڊن جي باهہ يا گئس تي ٻرندڙ باهہ جي ڀرسان، ان سيخ کي ڦيرائيندا رهن ٿا، جنهن ڪري ان سيخ تي چڙهيل گوشت جي تهن جا ٻاهران پاسا پچي تيار ٿيندا رهن ٿا ۽ ڪاتي ذريعي انهن پڪل پاسن کي ڪٽي، ان کي پڪل مانيءَ جي وچ ۾ وجهي رول ڪري ناهي ڏين ٿا. هي هڪ تڪڙو کاڌو‘ يعني Fast Food جي حوالي سان نہ صرف مشهور آهي پر هر ماڻهوءَ جي پهچ اندر ۽ ڏاڍو لذيذ پڻ آهي.

ڪُل شي يَرجِع الاِ اَصلِحي

اردن ۽ شام جي سير سفر ڪانپوءِ ڇانوٽي ۾ سال ڪن نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ حالتون اهڙيون ٿي پيون جو عرب چوٽيءَ مطابق ’ڪل شيءِ يَرجع اليٰ أصلحي‘ وانگر نوڪري تان دل ڀرجي وئي ۽ واپسي جو ارادو ڪيو. ان جا ڪارڻ ڪجهه اهڙا بہ هئا، جو هڪ تہ ساٺيهہ جي سِڪ، امڙ جو دارالبقا ڏانهن سفر، وڏي ياءُ سان ڳوٺ ۾ پنهنجي هڪ عزيز سان جهيڙي ۾ (2004) مبتلا ٿيڻ، ٻيو نمبر برادر بهادر علي فقير جو ڪُنب هاءِ وي تي موٽر سائيڪل جي آمهون سامهون ٽڪر ۾ فوت ٿيڻ جي ڪري، ڇيلهہ ڇبي ٿي پئي، جو ايتري قدر جو 2004 ڪانپوءِ مونکي هميشہ لاءِ بلڊ پريشر جي شڪايت ٿيڻ لڳي. ڪئنادا ۾ بہ دفعا وڃي واپس ٿيڻ ۽ اتي نہ رهڻ جو

فيصلو ڪرڻ، انهن سيني مسئلن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ، پنهنجي وطن ورڻ جو فيصلو ڪيو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ دل ۾ پنهنجي وطن ۽ سر زمين جي خدمت جو جذبو بہ شامل حال رهيو.

رزق حلال جي تلاش ۾، مان ان وقت حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ڪي خيرآباد چيو، جڏهن مون وٽ قاسم آباد، سچل سرمست، ڪوهسار ۽ گلشن شهباز هائوسنگ اسڪيمون منهنجي هٿ هيٺ هنيون. جڏهن انسان نيڪي جو ارادو ڪندو آهي، تہ رب سائين ان جي ضرور مدد فرمائيندو آهي.

الله تعاليٰ رزق ۽ آڪسيجن جا ڪاتا پاڻ وٽ رکيا آهن نہ تہ هي حضرت انسان هڪٻئي کي قيامت اچڻ کان اڳ ئي ڪائي کپائي ڇڏي ها. شيطان، ڪمزور ايمان واري کي پيو دل ۾ وسوسا وجهندو ۽ پيو ڊيڄاريندو تہ متان نوڪري ڇڏي اتئي سهڻا بُک مري ويندين.

جنهن انسان کي الله تعاليٰ تي ڀروسو ۽ ايمان ڪامل آهي، تہ پوءِ هون نہ ڊڄندو، جو الله تہ خود ئي رازق آهي، جنهن رزق جو واعدو ڪيو آهي. جيڪو انسان، الله جي ٻڌايل هدايتن مطابق خرچ ڪندو تہ بيشڪ ’الله تعاليٰ ان کيْ اهڙي جاءِ تان رزق ڏيندو، جتان کيس گمان ئي نہ هوندو (65/3)‘. هونئن بہ آسمانن ۽ زمين جي خزانن جون چاٻيون پاڻ وٽ محفوظ رکيل اٿس، پوءِ جنهن کي وڻيس ججهو رزق ڏئي ۽ جنهن کي وڻيس تہ، ان کي ناپي توري ڏئي، جو هو هر شيءِ تي قادر ۽ جاڻ رکڻ وارو آهي.

مون کي ياد آهي تہ جڏهن جنرل شايع بدلي ٿي آيو هو تہ هن ڪافي پاڪستاني انجنيئرن کي نوڪري تان فارغ ڪيو هو جنهن ڪري هو ڏاڍو پريشان ٿيا ۽ ڪيترائي دفعا اِلاز منٿون ڪندا رهيا تہ نوڪري بحال ڪئي وڃي. توڙي سڄي عمر پاڪستان ۾ نوڪري ڪري اچي، هتي رٽائرمينٽ ڪانپوءِ هڪ قسم جو اوور ٽائيم ڪرڻ آيا هئا، پراجان ٽائين پيٽ خالي پئي لڳن. بهرحال اسان جي ماڻهن جون اهڙيون حرڪتون قومي تشخص ۽ قومي وقار کي ڏاڍو نقصان رسائين ٿيون.

جو اسان کي عربن سامهون هڪ سستي قوم ڪري ظاهر ڪيو وڃي ٿو. اهڙي قسم جي واقعن جو مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آهيو آهيان.

اڳ ۾ لکي چڪو آهيان، تہ هڪ دفعو 90's جي شروعات ۾، مان پگهار گهٽ هجڻ ڪري پنهنجي استعفيٰ، جڏهن جنرل شايع کي موڪلي، تہ هن مونکي گهرائي سبب پڇيو، جنهن تي هن منهنجي پگهار وڌائي يورپين ڪنٽريڪٽ جي رتبي برابر ڪئي، جنهن ۾ پگهار سان گڏ ڀيون ڪافي

مراعتون مليون. مان ٻهريون پاڪستاني انجنيئر هئس، جنهن کي يورپين ڪنٽريڪٽ ڏنو ويو (الحمد لله). ڏنو وڃي ته هلندڙ رزق کي ڇڏڻ ايترو آسان به نه آهي، پر الله تي آسرو ڪري، مان پنهنجي استعفيٰ ڪرنل علي العمري جي معرفت، ڊائريڪٽر ڏانهن موڪلي ڏني. ٻئي ڏينهن تي ڊائريڪٽر ۽ ڪرنل مونکي آفيس ۾ گهرائي استيعفيٰ ڏيڻ جا ڪارڻ پڇيا. جنهن تي مان کين واپس وطن ورڻ جو ٻڌايو، جيڪو هُنن کي نه وڻيو ۽ مون کي استيعفيٰ واپس وٺڻ تي زور ڀريو ۽ چيائون ته جيڪڏهن ضروري آهي ته تون ڀلي ڇهن مهينن جي موڪل تي وڃ ۽ پنهنجا مسئلا حل ڪري واپس موٽي اچ. منهنجي هڪڙي عجيب عادت آهي، جو هڪ دفعو فيصلو ڪري ڇڏڻ جي صورت ۾، ان جي موٽ ڏاڍي مشڪل ٿيندي آهي، سو گهڻو ئي هنن کي سمجهايم، پر رد اڳيان رباب وارو ڪم ٿيو. آخر مان کين شرط وڌو ته منهنجا پورا سڀ حق (Service Benefits) به ڏيو ۽ ڇهه مهينا موڪل،۽ پوري ڪٽنب جون واپسي ٽڪيٽ به ڏيو ته پوءِ واپسي ممڪن ٿي سگهي ٿي. هنن منهنجا سڀ شرط منظور ڪيا، جنهن بعد مان واپس پاڪستان اچڻ جي تياري شروع ڪئي.

نري ۾ رهائش

مان پنهنجي علائقي مان پنجويهه ڇوڪرا گهرائي نوڪري تي لڳايا هئا، تن ۾ ڪجهه واپس موٽي آيا هئا جو مان ڪجهه عرصو ڪئناڊا هليو ويو هئس. انهن مان قادر بخش کي نري، واري فليٽ جي سار سنڀال جو ڪم سونپيو، جنهن منهنجي اچڻ کان اڳ نري وارو گهر تيار ڪري ڏنو. اسان سان گڏ ڪراچي تائين ڊاڪٽر نجيب ٻگٽي پڻ موڪل تي آيو. اسان ڪراچي ۾ ترسي ٻئي ڏينهن جو ڪرولا گاڏي ڪاري رنگ ۾ شو روم تان ڪيرائي، ڇو ته ڳوٺ وڃڻ ۽ رهڻ لاءِ سواريءَ جي سخت ضرورت هئي.

الحمدلله پنهنجي گاڏي ۾ وڃي نري شهر واري فليٽ ۾ رهائش اختيار ڪئي. ان وقت ڳوٺ ۾ رهڻ بدران نري جي رهائش کي ترجيح ڏني، جو ڳوٺ ۾ هڪ سهولتن جو فقدان، ٻيو وري اتان جو ماحول ۽ ماڻهو ڏاڍا ڏکيا پئي لڳا. الائي ڇو ڀراڙيءَ جي ماڻهن مان سچائي ۽ وفا نڪري، اچي ڪوڙ، حسد ۽ منافقت گهر ڪيو آهي.

اجوڪي ڀراڙي ويهن سالن واري ڀراڙي کان گهڻو مخلتف نظر اچي ٿي. اها ڀاجهه، مهر، محبت، سچائي ۽ خلوص هن وقت ختم ٿي ويو آهي.

انھن جي جاءِ ڪوڙ، حسد، منافقت، دوکي، چالاڪي ۽ لالچ اچي سنڀالي آھي. ان تبديلي جي ڪارڻ تي تحقيق ڪرڻ ضروري آھي، جو ايتري تيز رفتاري سان معاشري جي بگھاڙ کي معقول اُپائن ذريعي روڪي سگھجي. حضرت انسان جي واڌ سان گڏ، بُراين ۾ نہ صرف اضافو، پر جِدت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. حرام حلال، حق ناحق، سچ ڪوڙ ۾ فرق جي سمجھہ ختم ٿيندي نظر اچي ٿي، جيڪا قوم کي خبر نہ آھي تہ الائي کھڙي در ڌڪي ويندي، ان جو اندازو توھان پاڻ لڳائي سگھو ٿا. بھرحال بھراڙي جي رھواسين کي گھرجي، تہ پنھنجي اولاد کي اخلاقيات جا بنيادي اصول سيکارين جو اسڪولن جي تعليم وجي صرف نالي ماتر رھي آھي ۽ اسڪول جي استادن تي پڻ لازمي ٿئي ٿو تہ ھو شاگردن کي اخلاقيات جا معياري اصول سيکارين.

پڙھيو ٿا پڙھن، ڪڙھن ڪين قلوب ۾ (شاھہ صاحب)

اسان ٺري جي فليٽ ۾ رھي، پنھنجي عزيزن کي جڏھن ويجھي نظر سان ڏٺو، تہ ائين محسوس ٿيو،جڻ اُھي رت جي رشتن کي جوڙڻ بجاءِ، ٽوڙڻ ۾ مصروف عمل ھئا. چوندا آھن تہ منافقت جي رشتن کان اڪيلو وجود بھتر آھي. بھراڙيءَ جي رھواسين، جي زير زمين چُرون ڪوٽڻ، رموٽ ڪنٽرول ذريعي دشمني ۽ نفرت جو ٻج پوکڻ،حسد ۽ منافقت ڪٻي ھٿ جو کيل لڳي ٿو، ليڪن ان عمل جي منطقي انجام جي حوالي سان، اللهٰ تعاليٰ جي ناراضگي ۽ ملندڙ عذاب کان ناواقفيت، ھڪ مڪمل جاھلي عمل لڳي ٿو. حديث نبوي آھي تہ حسد کان پاڻ بچايو، ڇاڪاڻ تہ حسد نيڪين کي اھڙي طرح ضايع ڪري ٿو، جيئن باھہ سُڪين ڪاٺين کي ساڙي ڇڏيندي آھي.

بيشڪ رب رزاق آھي

اسان ٺري ۾ ٽن مھينن جي رھائش پذيري دوران، اھو محسوس ڪيو تہ بھراڙيءَ ۾ رھڻ اسان لاءِ ڏاڍو ڏکيو لڳندو، تنھن حوالي سان، ھر نماز ۾ رھنمائي لاءِ دعا گھرندا رھياسين، تہ اسان جي رھنمائي ڪئي وڃي. شايد دعا قبول ٿي ۽ ھڪ ڏينھن صبح جو فون وڳو، کڻڻ تي معلوم ٿيو تہ، مسٽر مظھر جتوئي صاحب ’دي بلوچ‘ ڪمپني جا مالڪ آھن، جنھن مونکي پنھنجي ڪمپني ۾ ٺٽي سجاول روڊ جي منصوبي لاءِ ڊپٽي پروجيڪٽ مئنيجر جي آسامي لاءِ، ھڪ ٻن ڏينھن ۾ ڪراچي، سندن ھيڊ

آفيس ۾ ملاقات لاءِ چيو. حالانڪ مونکي موٽي اچڻ ڪانپوءِ، ڪٿي بہ نوڪري ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونہ هو.

جتوئي هونئن بہ اسان شرن کي گهڻو پيار ڏيندا آهن، سو مان ڪيس هفتي اندر ڪراچي اچڻ ۽ ملاقات لاءِ واعدو ڪيو. هي جنرل مشرف جو دور هو ۽ اِن ۾ پاڪستان ۾ عام طور ۽ سنڌ ۾ خاص ڪري، گهڻائي ترقياتي ڪم هلندڙ هئا، جن ۾ ڪراچي شهر اندر روڊ ۽ فلائي اوور جو جار ۽ حيدرآباد شهر ۾ ڪافي ترقياتي ڪم شامل آهن جن جو ذڪر اڳتي ايندو. پروگرام مطابق،ڪراچي جي پئنوراما سينٽر ۾ وڃي جتوئي صاحب سان ملاقات ڪيم، هن منهنجي درخواست تي 50 هزار پگهار مقرر ڪئي ۽ صبح جو ساڍس گڏجي، ٺٽي واري منصوبي تي هلڻ لاءِ چيو، جو اڳ ۾طئي شده پروگرام مطابق سرڪار طرفان، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، جناب اڪبر راشدي صاحب سان ملاقات ۽ منصوبي جو سرڪاري دورو ڪرڻو هو. مسٽر مظهر جتوئي، سڪندر علي جتوئي جو ننڍو ڀاءُ آهي ۽ هنن پنهنجي ڪاروبار کي ڪجهہ وقت اڳ، الڳ ڪري ورهائي ڇڏيو هيو. منهنجي دلي خواهش هئي تہ جتوئي صاحب جي ڪمپني کي سٺي نموني سان ترتيب ڏئي، هڪ منظم ادارو ٺاهجي، پر پهچڻ تي معلوم ٿيو تہ ڪمپني جو سڄو ڪاروبار، ٻن منشين جي حوالي هو ايترو جو جتوئي صاحب منشين جو منتائو ڏسوسي.

مُنشين ۾ هڪ اسان جو عزيز مسٽر قربان علي شر ۽ ٻيو هڪ پٺاڻ هئو. هي ٻئي هڪ ٻئي کان گوءِ کٽندا رهندا هُئا ۽ وڏي قابليت ۽ هر معاملي کي پنهنجي اندروني روشني وسيلي جاچڻ جي مهارت ۽ هر ڪمائي واري ڪم کي جلدي ڪرڻ پنهنجي مالڪ کي راضي رکڻ سندن هر روز جو عمل هو. علم کان پاسيرا، پر هر معاملي ۾ دخل ڏيڻ، آسمان مان تارا لاهي اچڻ، چڻ سندن ڪاٻي هٿ جو هنر هو. مان سمجهان ٿو مسٽر قربان شر، منهنجو سعودي عرب مان موٽي اچڻ ۽ فارغ هجڻ جو غالباً، جتوئي صاحب کي اطلاع ڏنو ۽ ساڳئي وقت پروجيڪٽ ڊاريڪٽر، اڪبر راشدي صاحب اڳئين پروجيڪٽ مئنيجر جي ڪارڪردگي کان ناخوش هجڻ ڪري، مون کي پنهنجي ٺٽي، سجاول روڊ واري منصوبي تي ڊپٽي پروجيڪٽ مئنيجر (DPM) ڪري لڳائڻ ۾ سيني جو سهڪار پئي لڳو.

مان ٺٽي جي مَڪلي واري علائقي ۾ گهر ڪِرائي تي وٺي رهڻ شروع ڪيو ۽ باقائدي نوڪري ڪرڻ لڳس. عبدالله خان کي مَڪلي ۾ واقع سِٽي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني ۽ ساڳئي وقت، ڊاڪٽر رياضت جي پٽ شاهنواز کي بہ ساڳئي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني.

مون کي ياد آيو تہ چار سال اڳ ۾ مان جڏهن سعودي عرب مان موڪل تي آيو هُئس، تہ مالوٽ مشتاق احمد شر، پئنوراما سينٽر ۾، مظهر جتوئي، سان نوڪري جي حوالي سان ملاقات ڪرائي هُئي. اُن ملاقات ۾ جتوئي صاحب، جڏهن منهنجي سعودي عرب ۾ ملندڙ پگهار جو ٻڌو تہ مون کي نوڪري ڪرڻ بجاءِ، ساڻن ڪاروبار ۾ حصو ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي. جنهن تي مان ڪيس مُسڪراهٽ ڏئي هروڀرو بہ مٿو لوڏي هائوڪار ڪئي هئي. جتوئي صاحب وارن وٽ ان وقت اريگيشن کاتي ۾ نارا ڪئنال جي وَرَ وڪڙن کي ڪڍڻ جو منصوبو،جيڪو غالباً رولڊ بينڪ يا ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ (ADB) جي مالي امداد هيٺ هلندڙ هيو. جتوئي صاحب ٻڌايو تہ اسان هڪ ڊپلوما سب انجنيئر کي سوٽ ۽ ٽاءِ پارائي بيهاري ڇڏيو آهي، جو صرف مٿان ايندڙ آفيسرن ۽ بئنڪ جي ماهرن کي مڙيوئي اکين ۾ سرمو پارائڻ لاءِ ڪافي آهي.هي هڪ وڏو منصوبو هو جنهن تحت نارا ڪئنال جا وز وڪڙ ڪڍي ان کي ويڪرو ڪرڻو هو ليڪن بدقسمتي چئجي اسان جي قوم جي جو اهڙي قسم جي منصوبن جي اهميت کي، نہ ڪرڻ وارا نہ ڪرائڻ وارا سمجهي سگهيا. نارا ڪئنال جا ور وڪڙ تہ ڪونہ نڪتا،لڪين ڪامورن پنهنجن پيٽن جا ور وڪڙ ضرور ڪڍيا هوندا.

منهنجي پهچڻ سان روڊ تي ٿيهہ سيڪڙو ڪم ٿي چڪو هيو ۽ باقي ڪم ۾ ٺٽي جي باءِ پاس جو مڪمل نئون ڪم يعنيٰ روڊ ۽ پليون شامل هيون. ٺٽي ڪان سجاول جي پراڻي روڊ جي توسيع ۽ ٻن واهن مٿان پليون ۽ سيني ڪڙين ۽ پاڻي جي برساتي لنگهن مٿان پلين جي اڏاوت شامل هئي. مان جڏهن جتوئي صاحب سان گڏ پهريون دفعو ٺٽي باءِ پاس جي زيرو پوائنٽ وٽ راشدي سان تعارف ٿيو تہ اُتي عُثمانيہ ڪمپني، جنهن وٽ هن ڪم جي صلاحڪاري هئي تنهن جو مُقيم انجنيئر (Resident Engineers) مسٽر عبدالله ميمڻ هو، جيڪو منهنجو انجنيئرنگ ڪاليج ۾ استاد هو ۽ ڊپٽي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، مسٽر بخش علي ابڙو جيڪو منهنجو انجنيئرنگ تعليم دوران ڪلاس ميٽ هيو. اِن بهاني سان پراڻن ساٿين سان ملاقات ٿي. اِن دوري دوران، راشدي صاحب ٺٽي، کان مختلف جاين تي ڪم جو معائنو ڪندي، سجاول تائين هليو ۽ ڪيترين ئي هدايتون ڏنيون. سرڪاري آفيسر جي پويان گاڏين جي ڊگهي قطار ڏسي، مونکي HDA واري نوڪري ياد اچي وئي. اها پروٽوڪال جي رَوَشِ، انگريزن کان

ورثي ۾ مليل، پر هُنن پاڻ اهڙين گندي رسمن مان جان آزاد ڪري ڇڏي آهي، ليڪن اسان اڃان لڪير جا فقير لڳا پيا آهيون. مان جڏهن لنڊن جو پارليامينٽ هائوس ڏسڻ ويس ته وزيراعظم ٽوني بليئر پاڻ گاڏي ڪاهي اچي پارڪنگ ايريا ۾ بيهاري، هٿ وار ٿيلهو کڻي، ٽِڪو ٽِڪو پارليامينٽ هائوس ۾ هليو ويو. هو اڪيلو هيو ۽ نه وري ڊرائيور يا پروٽوڪول جون ڏهه گاڏيون اڳيان ۽ ڏهه پويان ۽ نه وري ڪنهن گاڏي جي سائرن ۽ ٽوتارين جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اسان وٽ ته پوليس آفيسر ڪي انهن گاڏين جي پروٽوڪول نه هجي، ته پوءِ هو آفيسر ئي نه سڏبو. هتي VIPڪلچر جي هڪ اهڙي وبا ڦهلجي وئي آهي، جنهن مان جان ڇڏائڻ، ڪنهن ڳاڙهي رت وهندڙ انقلاب ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي. ڪجهه ڏينهن اڳ، برطانيه جي وزيراعظم ڪئمورون، لنڊن جي زير زمين ريلوي ۾ جاءِ نه ملڻ ڪري، اخبار پڙهندي بيٺل نظر آيو. اِهي ماڻهو چور ۽ ڌاڙيل نه هجڻ ڪري، ڪنهن کان به ڪونه ٿا ڊڄن، پر اسان وٽ ته آهن ئي ڌاڙيل، سو سندن جان کي خطرو هجڻ ڪري، ڪيتريون ئي گاڏيون پريل محافظن جون ساڻ کڻن ٿا. ايران جي صدر، احمد نجار جو مثال، اسلامي دنيا جي حوالي سان ڏئي سگهجي ٿو، جو هو به صدر هوندي، پنهنجي ٻن ڪمرن جي فليٽ ۾ رهي ٿو ۽ اُن پڳل گاڏي ۾ چڙهندو آهي، جيڪا هن غربت واري زماني ۾ خريد ڪئي هئي ۽ گذريل هفتي سندس فوٽو ڏٺم، هو هڪ بس ۾ سفر ڪري،رٽائرمينٽ ڪانپوءِ يونيورسٽي ۾ ڪلاس وٺڻ وڃي رهيو هو.

اسان جي سياستدانن کي سبق سکڻ گهرجي جو پوليس جي اڌ کان وڌيڪ نفري آفيسرن، ججن، وڏيرن، ڪارخانيدارن، اميرن ۽ سياستدانن پنهنجي ڪٽنب جي بچاءُ ۾ لڳائي ڇڏي آهي، جنهن ڪري عوام جا مسئلا ۽ مشڪلاتون دور ڪونه ٿيون ٿين.

راشدي جي ٻئي دوري دوران، ڪجهه پُلين جي ناهموار اوساري ۽ پلستر جي معيار تي،هُن ڏاڍي ناراضگي ڏيکاري ۽ انهن کي صحيح ڪرڻ لاءِ ويهن ڏينهن جو وقت مقرر ڪيو جو، بئنڪ جا ماهر دوري تي اچڻا هئا ۽ ڪراچي مان منصوبا بندي کاتي جي سيڪريٽري کي به مُعائني تي اچڻو هو. راشدي صاحب مون کي ذاتي طور ان ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ چيو ۽ جتوئي کي پوري تعاون لاءِ جوابدار ۽ تاڪيد ڪيو. جتوئي هن سڄي ڪم ۾ صرف روڊ جو ڪم پنهنجي ماڻهن کان ڪرائيندو هو ۽ باقي پليون ۽ ٻيو سيمنٽ ۽ پٿرن جو ڪم ننڍن ٺيڪيدارن کي پنهنجي مُنشين جي هٿ تي ڏياريندو هو. ننڍي ۾ ٺيڪيدار صرف پٿرن جي اوساري

ڪرائڻ ۾ مهارت رکندا هُئا. سا بہ ڪتان ٿيڙي لڳندي هُئي هتان جا مزدور ۽ مستري ڏاڍا سست ٿين. بهرحال مان پلين جي ٽيڏين پِتين ڪي ڏور تي پلستر ڪرائي سيئي عيب ڍڪي ڇڏيا ۽ مسٽر راشدي صاحب جڏهن بيهر ڏسڻ آيو، تہ منهنجي ڪم ڪي ڏاڍو سارهايائين. ٻن هفتن ڪانپوءِ، بئنڪ ماهرن جو دورو بہ اطمينان بخش تي ويو.نوڪري جي معاهدي مطابق، هن منصوبي تي مون ڪي گاڏي ڪمپني طرفان مهيا ڪرڻي هُئي، پر ڪمپني مالڪ ٽن مهينن گذرڻ تائين، گاڏي ڏيڻ جي ڪونہ ڪئي جو مان پنهنجي ذاتي گاڏي پئي استعمال ڪئي.

چيف انجنيئر عثماني اينڊ ڪمپني

جيئن تہ هن منصوبي جو فني صلاحڪار، عثماني ڪمپني هُئي، تنهن ڪي جنرل مشرف جي حڪومت، حيدرآباد ڪي بنيادي سهولتون وڏائي ڏيڻ لاءِ ڪم پڻ سونپيو هيو. انهن ڪي جيئن منهنجي خبر پئي، تہ انهن مون ڪان تعليم ۽ تجربي جي تفصيل گهرائي ۽ هڪ هفتي اندر ڪراچي ۾ واقع PECHS آفيس ۾ انٽرويو تي اچڻ لاءِ چيو.

انٽرويو دوران ڪمپني جي مالڪ، مسٽر انعام عثماني صاحب سان حال احوال ٿيو،جنهن ڪانپوءِ هن پنهنجي پٽ مسٽر عارف عثماني ڪي مون سان گڏ ويهاري مانجهاندو ڪيو ۽ پگهار بابت ڳالهائڻ لڳا. منهنجي پگهار هڪ لک روپيہ ماهوار ۽ گاڏي مع ڊرائيور ڪان علاوه پنج هزار ٽيليفون لاءِ پريپيڊ ڪارڊ ڏيڻ شامل ڪيو. منهنجي هائوڪار تي هڪ معاهدو لکيو ويو جنهن تي سيئي صحيون ڪيون ۽ مون ڪي جلدي دخلڪاري ڏيڻ لاءِ هڪ هفتي جي مهلت ڏني وئي. مان بغير اطلاع ڏيڻ جي، آهستي جتوئي جي ڪمپني مان هٿ واڪا ڪرڻ لڳس ۽ اوچتو هڪ ڏينهن گاڏي گهرائي سامان ڪٽي اچي، حيدرآباد جي ٺنڍي سڙڪ تي واقع ڊفينس پلازه ۾ فليٽ وٺي رهڻ لڳس. ساڳئي هفتي راشدي صاحب سان گڏ ٻيا آفيسر روڊ تي هلندڙ ڪم ڏسڻ لاءِ آيا، مونڪي غير حاضر ڏسي، راشدي صاحب جتوئي تي زور پريو تہ ٻئي دفعي شر صاحب جو هتي هجڻ ضروري آهي ۽ لڳي ٿو تہ تو ئي هن ڪي ڪڍيو آهي جو هو ڀهريون ماڻهو هو جيڪو ڪم ڪي سمجهي پيو ۽ تون نہ ٿو چاهين تہ هن پروجيڪٽ تي ڪو اهڙو انجنيئر هجي جيڪو صحيح ڪم ڪرائي. ٻئي هفتي جتوئي مون ڪي فون ڪئي ۽ منٿون ڪيائين تہ واپس اچي ڪم ڪي

سنڀاليان. مان موقع جو فائدو وٺي ڪيس پگھار گھٽ هجڻ ۽ پنهنجي ذاتي گاڏي استعمال ڪرڻ جي شڪايت ڪئي، جنهن لاءِ هن فوراً، پگھار ٻيڻي ڪري ڏيڻ ۽ گاڏي جي خريدي رقم جو چيڪ ڏيڻ جو واعدو ڪيو. مان اخلاقن جڏهن هن سان ملڻ لاءِ پئنوراما سينٽر واري آفيس پهتس ته قربان شر اڳئي هن جي آفيس ۾ وينو هيو. جتوئي صاحب ڪنهن به ڳالهه ٻڌڻ کان اڳ چيڪ ڪڍي، منهنجي گاڏي جي خريدي رقم لکي، چيڪ منهنجي حوالي ڪيو. قربان هن سان ڪافي مذاق ڪندو رهندو هو سو مان جتوئي کي چيو سائين، توهان انجنيئرن کان وڌيڪ منشين تي اعتبار ۽ ڀروسو ڪيو ٿا، سو قربان ۽ پناڻ منشي جهڙا ماڻهو توهان کي اڏوهي وانگر پيا کائيندا ۽ ڪم به پيا ڪندا. توهان انهن مُنشين ڪانسواءِ اٽپورا آهيو ۽ هي بي بس آهن، جو هنن کي ٻئي هنڌ اهڙي نوڪري ڪونه ملندي. هي ماڻهو ڪشمير وانگر توهان جو حصو آهن، هنن ڪانسواءِ توهان جي ڪمپني ڪونه هلندي ۽ نه وري هنن کي ڪو ٻئي ڪمپني وارو نوڪري ڏيندو. مان سندن دل رکڻ خاطر چيڪ وٺي، ٽن هفتن ڪانپوءِ ڪراچي ۾ موٽائي ڏنو، جو عثماني ڪمپني ۾ چيف انجنيئر جي نوڪري اعليٰ رطبي واري هُئي ۽ منهنجي تجربي سان هم آهنگ پڻ.

حيدرآباد شهر ۾ منهنجو اسيءَ جي ڏهاڪي دوران،HDA سان ڪم ڪيل هو، جڏهن قاسم آباد جا روڊ رستا ۽ پاڻي جي رسد جا پائيپ نهرايا هُئا ۽ لطيف آباد جي واٽر سپلاءِ جي نظام جي سار سنڀال جو پڻ ڪم منهنجي حوالي هو جنهن جو ذڪر مان اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان.

هي دور جنرل مشرف جي وقت ۾ ڪراچي جيان حيدرآباد شهر واسين کي بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ شهر جي پراڻي معاشري جي بنيادي ڍانچي (Infrastructure) جي توسيع ۽ تجديد لاءِ ڏهه ارب روپيه ڏنا، جنهن تحت ان وقت جي ضلع سطح جي چونڊيل نمائندن يعنيٰ ضلع ناظم حيدرآباد ڊولپمينٽ پئڪيج جي نالي سان، عثمانيه اينڊ ڪمپني جي مشاورت ۽ نظرداري هيٺ، ٻن سَوَن کان وڌيڪ منصوبا تيار ڪيا، جن جا ٽينڊر ڪري، شهر اندر ڪم شروع ڪرڻا هُئا.

هن پوري منصوبي جو مون کي چيف انجنيئر مقرر ڪيو ويو ۽ ضلع جي ڪوآرڊينيٽر آفيسر DCO،سيد محمد حُسين کي پروجيڪٽ ڊاريڪٽر ڪري مقرر ڪيو ويو ۽ اُهو سڄو منصوبو ضلع ناظم، جناب ڪنور نويد جميل جي رهنمائي ۽ گهري نظر هيٺ هيو. ضلع حيدرآباد جو DCO،مسٽر

سيد محمد حسين، جيڪو DMGگروپ مان هو ۽ ادي ظفر علي خان سان ڪراچي ۾ گڏ ڪم ڪيو هو، ڏاڍو هوشيار ۽ محنتي شخص هو. اسان جون گڏجاڻيون گهڻو ڪري، سندس GOR واري گهر ۾ ٿينديون هيون ۽ ٻيون گڏجاڻيون ۽ منصوبن بابت چونڊيل نمائندن کي معلومات جي فراهمي (Presentation) ضلع ناظم جي آفيس ۾ واقع ڪانفرنس هال ۾ ڏني ويندي هُئي.

منهنجي اچڻ وقت چند منصوبن جا ٽينڊر ٿي چڪا هُئا، پر ٺيڪيدارن موقعي تي ڪجهه رڪاوٽن هجڻ ڪري ڪم شروع ڪري سگهيا هُئا، جن کي مان اچي خاص تيزي وٺرائي. ڪمپني جي آفيس، ٽئين نمبر لطيف آباد جي هڪ بنگلي ۾ آباد ڪئي، جتان سڀني منصوبن جي نگرانيءَ جو ڪم سنڀاليو. سنڌ تي ايم.ڪيو.ايم (MQM) جي حڪومت هُئي، تنهنڪري شهري آبادي جي سهولتن جو خاص خيال رکيو ٿي ويو.

جيئن مان اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان، ته ضلعي انتظاميہ (يعنيٰ حڪومت) طرفان پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سيد محمد حسين، ۽ ڊپٽي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر مسٽر ڪفيل احمد ۽ ٽيڪنيڪل آفيسر مسٽر فهيم جوڻيجو صاحب هو. اِهي ٻئي HDA طرفان قابل ۽ محنتي ماڻهو هُئا، جن سان منهنجي اڳ ۾ ٻہ واقفيت هُئي. جوڻيجو صاحب جي لاهور يونيورسٽي مان پاڻي جي رسد ۽ نيڪال ۾ ماسٽر ڪيل آهي، ڏاڍو مهربان ۽ قابل انجنيئر آهي. هن وقت هو ڊپٽي سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ڪراچي ۾ پنهنجون خدمتون ڏئي رهيو آهي.

حيدرآباد شهر جي، لاچار حالت،HDA ۽ پناڻ ٺيڪيدارن گڏجي ڪئي آهي،هر سال اربين روپيہ غلط منصوبہ بندي ۽ رشوت جي ور چڙهي وڃڻ ڪري، عوام ناڪاره بنيادي سهولتن جي ڪري، پريشان ۽ لاچار نظر اچن ٿا. شهر جي نڪاسي آب جي نظام جي تجديد جو ڪم، پناڻ ٺيڪيدارن کان علاوه ٻيو ڪو ٺيڪيدار ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي. پناڻ ڪم هٿ ۾ ڪٽي پوءِ پنهنجي مرضي مطابق ڪندا رهندا آهن، نتيجتن ڪم غير معياري هجڻ ڪري، بي مقصدو ٿي وڃي ٿو ۽ عوامي ٽيڪس جا پئسا،جيئن چوندا آهن تہ آنڌن جا واهي گدڙ وانگر حرامين جي حوالي ٿي وڃن ٿا.

مان ٺيڪيدارن کي گهرائي ميٽنگ ڪئي، جنهن ۾ هر هڪ پنهنجي ڪم ۾ پيل رڪاوٽن ۽ مسئلن بابت وضاحت سان ذڪر ڪيو. انهن رڪاوٽن ۾ اڪثريت جو تعلق حڪومتي ادارن سان هجڻ ڪري انهن

دشوارين جي فهرست ناهي، پروجيڪٽ ڊاريڪٽر (PD) کي حل بابت چيو، جنهن ڪري اڪثريت مسئلا حل ٿي ويا ۽ باقي جن جو اِن سطح تي ڪو ڪڙ تيل نہ نڪرندي محسوس ٿيو، تہ پوءِ اِهي مسئلا سڌو سنئون ضلع ناظم جي غور طلب آڻيندو هئس. ضلع ناظم مسٽر ڪنور نويد جميل صاحب ڏاڍو مهربان، محنتي، پنيرائي ڪندڙ ۽ جفاڪش ضلعي ناظم آفيسر هو. ڪجهہ مهينا اڳ مان ڪنهن ڪم سانگي ڪراچي ويس، تہ هن سان ملاقات ڪرڻ جو اوچتو خيال آيو. مان کيس فون ڪري ساڻس ملڻ لاءِ چيو، هن فورن ها ڪئي ۽ ناظم آباد جي ايم.ڪيو.ايم جي هيڊ ڪوارٽر 90 تي اچڻ لاءِ وقت معلوم ڪيو، جيئن سيڪيورٽي وارن کي مطلع ڪرڻ سان گڏ، هو مون کي سونهون ڪري اوستائين وٺي اچن، مان ناظم آباد جي مکيہ روڊ تي اجان پهتس، تہ هڪ موٽر سائيڪل سوار اچي مونکان پڇيو تہ توهان شر صاحب آهيو. هائو چوڻ تي، موٽر سائيڪل وارو اسان جي گاڏي اڳيان هلڻ شروع ڪيو، هُن ٽن محافظ هنڌن کي خاص اشارو ڏيندي، چوٿين سيڪيورٽي دروازي وٽ مونکي پنهنجي موٽر سائيڪل تي ويهاري،ايم. ڪي. ايم جي هيڊ ڪوارٽر آفيس جي مکيہ دروازي تائين پهچايو، جتي ٻيو گارڊ منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. هُن مونکي اندر وٺي هڪ ڪمري ۾ ويهاري، ڪنور نويد کي اطلاع ڏنو، جيڪو ٽن منٽن اندر آيو. پنهنجي آفيس ۾ وٺي حال احوال ورتائين. مان کيس صرف ديدار ڪرڻ لاءِ، اچڻ جو مقصد ٻڌايو ۽ پوءِ ڪجهہ حيدرآباد جا پويان حال احوال ٿيا. جمع جو ڏينهن هو سو گڏجي پرسان واري مسجد ۾ نماز ادا ڪئي، جنهن ڪانپوءِ، چانهہ پي موڪلايو. هن وقت ڪنور نويد جميل صاحب MPA آهي ۽ MQMجي ”رابطا ڪاميٽي“ جو سرگرم رڪن آهي.

اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان، تہ جنرل مشرف، حيدرآباد شهر جي بنيادي سهولتن جي توسيع ۽ تجديد لاءِ، جيڪي ڏهہ ارب ڏنا هُئا. تن کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو، جو ايم.ڪيو.ايم جي شهري علائقن تي قابض هجڻ واري پاليسي تحت، حيدرآباد ضلع کي اهڙي طرح ورهايو، جو حيدرآباد شهر، پسگردائي واري ٻهراڙي کان جدا ڪيو ويو، جو ايندڙ چونڊن ۾ حيدرآباد شهر تي مڪمل طور MQM جو قبضو رهي، حيدرآباد ضلع کي ورهائي، مٽياري ضلع ۽ ٽنڊو محمد خان ضلع ناهيو ويو. توهان ڏسو تہ مٽياري هڪ ننڍو ڳوٺ آهي ۽ حيدرآباد جي بلڪل ويجهو، ويهن ڪلوميٽر جي پنڌ تي واقع هجڻ ڪري، ضلع جو درجو ڏيڻ، هڪ اڻ هضم ٿيندڙ شيءِ

آهي. اهڙن سياسي فيصلن، اسان جي ملڪ ۽ قوم کي تباهه ڪيو آهي. هر اهڙن فيصلن جا نتيجا غلط نڪرندا آهن، جيڪي اهليت ۽ معيار کي لتاڙي، ذاتي مفادن تحت ڪيا ويندا آهن.

حيدرآباد ضلع جو ورهاڱو، ڏهه ارب روپيه اچڻ ڪانپوءِ ٿيو، تنهن ڪري ان رقم کي ڪنهن فارمولا تحت تقسيم ڪيائون، جنهن جي نتيجي ۾ ساڍا ست ارب روپيه حيدرآباد جي حصي ۾ آيا.

ضلع ناظم جڏهن تعلقه ناظمن جي گڏجاڻي ڪندو هيو ته تعلقه قاسم آباد جو ناظم اڪثر غائب رهندو هيو، جنهن ڪري، ضلع ناظم، مون کي اُن پاران قاسم آباد جا مسئلا ۽ منصوبا، اُن گڏجاڻي ۾ پيش ڪرڻ لاءِ چوندو هيو، بلڪ هڪ دفع، مونکي قاسم آباد جي مسئلن جي حوالي سان،ائين چيو ته تون، اسان لاءِ قاسم آباد تعلقه جو ناظم آهين. لطيف آباد ۽ ٻين تعلقن جا ناظم، هر گڏجاڻي ۾ پنهنجن علائقن جي عوام جي سهولت وڌائڻ لاءِ وڏيون لسٽون تيار ڪري ايندا هُئا ۽ حصي جي مقرر ڪيل بجيٽ کان وڌيڪ پئسا منظور ڪرائي ويندا هئا. اُن دور ۾ جڏهن گهٽي انداز ۾ پئسا مليا، ته قاسم آباد تعلقه جي ڪنهن مالڪي ڪونه ڪئي، جنهن ڪري ٻين تعلقن ۾ وڌيڪ ترقياتي ڪم ڪرايا ويا، مثلاً لطيف آباد ۽ گاڏي کاتو وغيره.

قاسم آباد ۾ پاڻي جي قلت کي ختم ڪرڻ لاءِ، فلٽر پلانٽ کان سحرش ننگر تائين ساڍا ٽي ڪلوميٽر ڊگهي لوهي پائيپ وڇائي وئي، جنهن ڪري قاسم آباد ۾ پاڻي جي قلت ختم ٿي ۽ انهن علائقن کي صاف پاڻي مهيا ڪيو ويو،جن وٽ اڳ ۾ پاڻي سري کان ميسر ڪونه هيو، جهڙوڪ لنڊن ٽائون، شيدي ڳوٺ سحرش ننگر شامل آهن.

قاسم آباد جي مرڪزي روڊ جي گلستان سجاد کان ماروي ٽائون جي وچم نڪاسي آب، ۽ روڊ جي اڏاوت جا ڪم شامل آهن. مسلم سوسائٽي، ٽيڪنيڪل ڪاليج وارو علائقو، ميمڻ سوسائٽي، شيدي ڳوٺ ۾ نڪاسي آب جو نظام ۽ روڊ جي اڏاوت سان گڏ پاڻي ڪڍڻ جي پمپنگ اسٽيشن جو ڪم مڪمل ڪيو ،جنهن ڪري هن علائقي جي نڪاسي آب ۽ زير زمين پاڻي جي سطح کي هيٺ ڪرڻ ۾ مدد ملي. مڪيه فلٽر پلانٽ جي توسيع جو منصوبو پڻ منظور ڪيو ويو، جنهن تحت پنجاهه سيڪڙو اضافي پاڻي صاف ٿيندو ۽ ان سان گڏ پاڻي جي زير زمين تلاءُ ٺاهيا ويا. ساڳئي طرح ٻين تعلقن ۾ به آب رسائي و نڪاسي سان گڏ وسيع پمپنگ اسٽيشن جي

اڏاوت، جهڙوڪ: باچا خان چوڪ، لطيف آباد نمبر7، آمريڪن اسپتال پرسان ۽ پنجاهه ڪلوميٽر روڊ نيٽ ورڪ جي اڏاوت شامل هئي. ٻه نوان فلٽر پلانٽ، بشمول وسيع تلائن جي اڏاوت، جهڙوڪ هالا ناڪا فلٽر پلانٽ ۽ پريٽ آباد فلٽر پلانٽ شامل آهن. جنهن ڪري سڄي حيدرآباد شهر کي پهريون دفع صاف پاڻي دستياب ٿيو.

لطيف آباد شهر جي برساتي پاڻي جي نڪاسي لاءِ، ناظم صاحب مونکي پوري اسڪيم ناهڻ جو چيو، جنهن جي منصوبه بندي ۽ ڊزائين ڪئي ۽ ان کي تڪميل ڪري ڏنو. توهان کي ياد هوندو ته، 2006ع جي برسات دوران، لطيف آباد ۽ قاسم آباد جا علائقا بلڪل ٻڏي چڪا هئا. لطيف آباد لاءِ ۾ ننڍي مان بيڙيون گهرائي، ماڻهن کي ڪاڏو ڏنو ويندو هيو. نئين نڪاسي جي نظام ڪانپوءِ ڪيترين ئي برساتيون آيون، پر 2006ع واري صورتحال کان هميشهه لاءِ نجات ملي وئي. هن نوڪري دوران مون کي ڏاڍي محنت ڪرڻي پئي ۽ اُن وقت زندگي جا هي ٽي سال ڏکيا ڏسڻ ۾ آيا ليڪن جڏهن نساسڪ (NSUSC)، سکر ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر جو عهدو سنڀاليو ته پوءِ احساس ٿيو ته اُهي ٽي سال ايترا ڏکيا نه هُئا، جيترا ايم.ڊي (M.D) وارا ٻه سال.

مون کي 27 ڊسمبر 2007ع جي خميس واري شام اجان تائين ياد آهي، جڏهن مان ڪراچي مان آيل، ڪنهن ڪمپنيءَ جي ٻن انجنيئرن سان گڏ هالا ناڪا جي فلٽر پلانٽ جو معائنو ڪري رهيا هئاسون، ته اوچتو ڪراچي وارن دوستن مان هڪ کي فون آئي، ته محترمه بينظير ڀٽو کي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ شهيد ڪيو ويو آهي. هي خبر هڪ آتش فشان جي اچانڪ ڦاٽڻ وارن اهڙن شعلاً وانگر هئي، جيڪي آهستي چؤ طرف ڦهلجڻ لڳا. جيئن ڪراچي وارا دوست ۽ اسان فورن گاڏي ۾ سوار ٿي گهر وڃڻ لاءِ تڪڙ ڪئي پر جنهن پاسي ٻه نڪرڻ جي ڪئي، روڊن، رستن، گهٽين تي باهيون ئي باهيون نظر آيون. اسان اڪرم واهه جي ڪچي بند سان هلڻ لڳاسين، ته ٽن ڪلوميٽر تي اڳيان، مچريل ماڻهن روڪيو ۽ اسان کي لاهي گاڏي کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر مان هنن کي چيو ته بابا هن گاڏي ساڙڻ سان، چا بينظير زنده ٿيندي. جيڪڏهن ائين آهي. ته مون کي ماچيس ڏيو مان ٿو توهان کان اڳ ۾ اهو نيڪي جو ڪم ڪيان. مان ڪين اهو به چيو ته اسان پاڻ هتان جا آهيون ۽ PPP لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا آهن. همراهه ٿڌا ٿيا جو اُهي ڳوناٺا هئا. اسان گاڏي اڌ ڪلو ميٽر ڪاهي، پريٽ آباد جي فلٽر پلانٽ تي بيهاري، جو اتي ريجنرس وارن جي چؤڪي موجود هئي. هاڻي اسان اتان کان پندرهن ڪلوميٽر پيادل پنڌ ڪري ٿڌي

سڙڪ تي واقع ڊفينس پلازا اچي دم ڪيو. پيادل ايندڙن ۾ مون سان گڏ هڪ مهاجر انجنيئر هڪ سائيٽ انجنيئر، ڪريم بخش شر، سپروائيزر ۽ ڊرائيور شامل هُئا. پيادل ايندي پوري رستي جي هر چوڪ تي ماڻهو روڊن تي باهيون ٻاريون، نعرا هڻندا پئي رهيا، ڏاڍو جوش ۽ وِلولو نظر آيو. اڪرم واهه جي ساڄي پاسي واري بند مٿان روڊ تي، ڪيترن ٽريلرن ۽ ٽرڪن کي اسان پنهنجي اکين سان باهه ڏيندي، ڦُر ڪندي ۽ سڙندي ڏٺو. اِن حادثي جي نتيجي ۾، پوري سنڌ ۾ هزارين ٽرڪون، ٽريلر، ٽن ڏينهن تائين، مسلسل نذر آتش ٿيندا رهيا ۽ ائين پئي محسوس ٿيو، ڄڻ ملڪ ۾ راڪاس گهمي ويو هجي ۽ حڪمرانيءَ جو ڄڻ وجود ئي نہ هجي. هي اهڙو نازڪ وقت هيو، جو جيڪڏهن اسان جو دشمن ملڪ 1971ع جهڙي ڀئي ڪا شرمناڪ حرڪت ڪرڻ چاهي ها، تہ انکي ڪنهن بہ قسم جي مزاحمت شايد نہ ڏسڻي پوي ها. اِهي ٽي ئي ڏينهن ضلع انتظاميہ، پوليس، رينجرس ۽ فوج پنهنجي ڪولين ۾ لڪل هُئا، ڪو بہ ٻاهر ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو.

پاڪستان جي مشهور شخصيتن جهڙوڪ: لياقت علي خان، جنرل ضياءُ الحق، مير مرتضيٰ ڀٽو، شاهنواز ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جي قاتلن کي نہ پڪڙيو ويو ۽ نہ وري عوام کي ڪا آگاهي ڏني وئي. محترمہ بينظير ڀٽو، جڏهن وزيراعظم هُئي، تہ سندس اڪيلي زنده ڀاءُ کي نہ بچائي سگهي ۽ نہ وري سندس قاتل پڪڙيا. مان سمجهان ٿو، تہ اگر مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن کي پڪڙي ڦاهي تي چاڙهيو وڃي ها، تہ بينظير ڀٽو جو قتل ڪونہ ٿئي ها. منهنجي ناقص سمجهہ، اشارو ڏئي ٿي، تہ ٻنهي وارداتن جو ماسٽر مائينڊ ڪو مختلف نہ آهي. بينظير ڀٽو جي چيف سيڪيورٽي، خالد شهنشاهہ جي قاتل کي سڄي منصوبي جي خبر هئي. ٿورڙي محنت ڪرڻ سان، هن ڪيس جي تہ تائين، آساني سان پهچي سگهجي ٿو، صرف مالڪي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

انڊس پيراڊائيز هائوسنگ اسڪيم

سعودي عرب جي تبوڪ ملٽري ڇانوڻي، ۾ پاڪستاني برگيڊ جي آمد ٿي، جنهن ۾ ڪافي سنڌي آفيسر ۽ سپاهي شامل هُئا، جن مان گهڻن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. برگيڊ جي ترسڻ جو مدو ٽي سال هو. جنهن ڪانپوءِ، ٻئي برگيڊ، پوئين برگيڊ جي جاءِ ورتي. برگيڊ کان علاوه بہ، پاڪستاني آرمي آفيسر، مختلف شعبن ۾ سعودي فوج کي سکيا ڏيڻ لاءِ

ٽن سالن جي مدي لاءِ ايندا رهندا هئا. سيئي سنا دوست آهن پر انهن مان قابل ذڪر ڊاڪٽر ڪرنل (ر) محمد اڪرم قريشي صاحب، جيڪي ان وقت ڪئپٽن هئا، ۽ مون کي حيدرآباد ۾ ڳولي لڌو ۽ انڊس پئراڊائيز هڪ هائوسنگ اسڪيم ۾ پاڻ سان گڏ مون کي به شامل ڪيو. ڪرنل صاحب هڪ دفعي مون وٽ آيا ۽ ڇيائون ته سندس دوست چند ذات جا آهن، جن جي زمين، چاليهه ايڪڙ، اسرا وليج جي پرسان پيل آهي، تنهن لاءِ هائوسنگ اسڪيم جي منصوبي لاءِ، توهان کي شامل ٿيڻ جي دعوت ڏجي ٿي. مان به اڄان نئون وطن وريو هئس، سو سوچ ۾پئجي ويس. صلاح مشوري لاءِ ڪائنس ٽن ڏينهن جي مهلت ورتي، جنهن ڪانپوءِ عبدالله ۽ مان ڪرنل صاحب سان گڏجي زمين ڏسي آياسين، جيڪا پڻ آباد هئي ۽ ان ڏينهن عبدالله جي نئين ورتل ڪئميرا به گاڏي مان گم ٿي وئي، جو گاڏي ۾ انِ سودي سان واسطو رکندڙ به ٻيا ماڻهو به ساڻ ڪنيان هُئاسين. ڪرنل صاحب جي ڳالهه اڌ ۾ رهجي وئي، ڇا ٿيو جو تبوڪ ڇانوڻيءَ ۾ ڪرنل صاحب جي ڊيوٽي ڊاڪٽري پيشي جي لحاظ کان، هڪ شهزادي سان لڳي، جيڪو پڻ تبوڪ ڇانوڻي ۾ ڪرنل جي عهدي تي هو. آرمي جي مختلف گروپن کي ڏورانهن جبلن يا ريگستاني علائقن ۾ فوجي مشقن ۽ تربيت لاءِ هفتن يا مهينن لاءِ موڪليو ويندو آهي. اِن حوالي سان، ڊاڪٽر کي شهزادي جي گروهه ۾ شامل ڪري، جابلو علائقي ۾ مشق لاءِ موڪليوويو موٽڻ بعد ڊاڪٽر صاحب ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ ڳوٺ واپسيءَ جو پروگرام ناهڻ لڳو. جيئن ئي مون کي خبر پئي، ته مان ڪيس ڏاڍو سمجهايو ۽ دلداري ڏني، ته اهڙا موقا زندگي ۾ گهٽ ملندا آهن ۽ ان رد عمل ۾ فوجي نوڪري تي خراب اثر پوندو، جنهن ڪانپوءِ ڪرنل کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي ۽ نوڪري سان دل لڳائي ڪم ڪيو. ان ڪان پوءِ ڪرنل صاحب پنهنجي گهر واري ۽ ٻچن کي وزٽ ويزا تي تبوڪ گهرايو. پاڻ به آرمي ۾ ڪميشنڊ آفيسر جي رُتبي تي فائز آهي.

ڪرنل ديهه مرزا پور ۾ مالڪن سان معاهدو ڪيو، جنهن ۾ مالڪن کي هن ڪاروبار ۾ برابر جو حصيدار بڻايو. اسڪيم تي نالو رکڻ لاءِ جيڪا ميٽنگ ٿي، ان ۾ مان ڊاڪٽر عبدالله کي به ساڻ ڪيو، جيئن هن جي راءِ به شامل ڪئي وڃي. ميٽنگ ۾ نورالحق قريشي صاحب جيڪو هن وقت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ سينيئر جج آهن، سو به حصيداريءَ جي حيثيت ۾ شامل هو. جج صاحب ڊاڪٽر عبدالله کان راءِ پڇي، جنهن تي

اسڪيم جي نالي بابت هن چيو، تہ نالو ’انڊس پئراڊائيز هائوسنگ اسڪيم‘ بهتر ٿيندو. جنهن تي ٿوري خاموشيءَ ڪانپوءِ، جج صاحب سيني کي چيو تہ، ڊاڪٽر عبدالله جو تجويز ڪيل نالو مونکي بهتر ٿو لڳي. توهان جي ڪهڙي راءِ آهي. جنهن تي سيني هائوڪار ڪئي ۽ نالو ’انڊس پئراڊائيز‘ منظور ڪيو ويو. هن اسڪيم ۾ سڀ کان سٺي ڳالھ هيءَ آهي، تہ اسڪيم جي منصوبہ بندي اسان سيني گڏجي ڪئي آهي، جنهن ۾، 60 فوٽ ويڪرو روڊ ڏنو آهي، جيڪو ڏيڊ ڪلوميٽر ڊگھو هجڻ ڪري، حيدرآباد باءِ پاس کي پرائيٽ نيشنل هاءِ وي، لڳ اسرا يونيورسٽي وٽ ڳنڍي ٿو. هن اسڪيم ۾ ڪو بہ روڊ ٽيھ فوٽ ويڪرکان گهٽ نہ رکيو آهي. پلاٽن جي ايراضي 120، 240 ۽ 400 گز مقرر ڪيل آهي. هيءَ اسڪيم حيدرآباد جي ڊفيسن هائوسنگ اسڪيم جي مقابلي ۾ ثابت ٿيندي. هن وقت اسڪيم ۾ روڊن جو ڪم آخري مرحلن ۾ آهي، پاڻي ۽ نڪاسي جو ڪم هلندڙ آهي. بجليءَ جي حوالي سان HESCO طرفان ڪم چالو آهي ۽ اُميد آهي تہ ٿوري وقت اندر پلاٽن جي مالڪن کي قبضو ڏيڻ شروع ڪيو ويندو يا هن ڪتاب جي اشاعت تائين ڪافي پلاٽ مالڪن جي حوالي ڪيا ويا هوندا ۽ شايد ڪجھ پلاٽن تي اڏاوت جو ڪم بہ شروع ڪيل هجي. هن اسڪيم ۾ آباديءَ جي شروعات اِسرا يونيورسٽي واري طرف کان شروع ٿي ويندي.

ڪرنل محمد اڪرم قريشي، اصل کان کهڙا تعلقہ گمبٽ جا آهن. سائين جن جو والد محترم فتح محمد قريشي جن جو تعلق تعليم کاتي سان هو. ڊاڪٽر صاحب جن 1966ع دوران حيدرآباد ۾ تعليم پرائڻ لاءِ آيا ۽ 1979ع ۾ لمس (LUMHS) مان ڊاڪٽري پاس ڪري ملٽري ۾ ريگيولر آرمي آفيسر، 1983ع ۾ شامل ٿيا ۽ گھر واري ۽ پاڻ تازو ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدي تان رٽائر ڪيو اٿن. اسان جو ٻيو حصيدار محترم نورالحق قريشي صاحب جيڪي حيدرآباد جي ناميارې وڪيل جناب نعمت الله قريشي جا فرزند آهن. قريشي صاحب ڊسٽرڪٽ بار ۽ هاءِ ڪورٽ بار جا ڪيترائي ڀيرا صدر رهيا ۽ هن وقت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ سينئر جج آهن. قريشي صاحب سچ ۽ حق جا علمبدار آهن. سائين جن جو برادر ڊاڪٽر نعيم الحق قريشي صاحب، هن وقت اسان سان انڊس پئراڊائيس جي بورڊ آف ڊاريڪٽرس جو ميمبر آهي. هِن ڪاروبار ۾ مسٽر علي حسن چنڊ ولد فضل محمد چنڊ بہ شامل آهي، جيڪو زميندار آهي. سنڌن ڳوٺ

انڊس پئراڊائيس جي لڳ، اسرا يونيورسٽي جي پرسان حاجي، اسمائيل چنڊ جي نالي مشهور آهي.

لطيف آباد جي فلائي اُوور

حيدرآباد جي، هن ترقياتي منصوبن ۾، سڀ کان ڏکيو، لطيف آباد نمبر ست وارو ريلوي ڦاٽڪ مٿان، فلائي اوور (Fly Over) ناهڻ وارو ڪم هو. هيءُ پل ڏيڍ ڪلوميٽر ڊگهي آهي، ۽ بدقسمتيءَ سان هن پل جي نهڻ واري زمين تي چار پيٽرول پمپ آرمي جا هُئا ۽ پل ۾ ڪم ايندڙ زمين بہ آرمي ۽ ريلوي جي ڪنٽرول هيٺ هُئي. پل نهڻ ڪري آرميءَ جا پيٽرول پمپ ناڪارهہ ٿيڻ يا ڪاروبار ۾ ڪمي واقع ٿيڻ ڪري، فوجي مزاحمت سان گڏ، انهن جي مختلف تحفظات کي ٻُڌڻ ۽ دور ڪرڻو هو. اِن مسئلي جي حل لاءِ چار مختلف موقعن تي، اسٽيشن ڪمانڊر، ميجر جنرل عبدالوهاب صاحب کي ڪمپيوٽر ذريعي پل جي تفصيلي معلوماتي ڏني، جنهن ڪانپوءِ هُنن جي ايچ.ڪيو مان هائوڪار جو سِگنل حاصل ڪيو. فوجي زمين ۽ پمپن جو حل مس ڪديو، تہ وري ريلوي جي زمين ۽ ريل پٽڙي مٿان پل ٺاهڻ جي لاءِ لاهور مان اجازت نامو (NOC) وٺڻ ضروري هيو. انهن جا نخرا وري نرالا آهن. هنن اجازت نامي جي في 65 لک گهريا، جيڪي اسان کين موڪلي ڏنا، پر ٽي چار مهينن گذرڻ ڪانپوءِ، بہ اجازت نامو وصول ڪونہ ٿيو. ريلوي جي لاهور هيڊ ڪوارٽر وارن، جي دنيا ئي نرالي آهي. هنن جي عادت آهي، تہ توهان کي اجازت نامي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ هفتو کن لاهور وڃي ترسڻو پوندو ۽ هر روز سندن آفيس ۾ وڃي، هر هڪ واسطيدار کي منٿون ڪرڻيون پونديون. ان سان گڏ ڦاٽڪ لڳ ريلوي زمين تي غير قانوني دڪان جي مالڪن جو اعتراض ۽ انهن سان مٿو ماري ڪرڻ. ان ڦاٽڪ وٽ ڪئنٽومينٽ بورڊ جي زمين جو ڪجهہ حصو لڳي رهيو هيو، وري انهن جا اعتراض ۽ حل ڳولهڻ، HESCO جا پنج فيڊر اتان لنگهي رهيا هُئا، انهن کي زير زمين ڪٽي وجڻ واري منهنجي مشوري تي بيهارڻ ۽ عمل ڪرائڻ،HDA جون آب رسائي ۽ نڪاسي جون مکيہ پائيپ لائين (Trunk Lines) سان گڏ ٽيليفون وارن جو فائيبر آپٽڪس جون مکيہ لائينن جو متبادل رستو ڳولڻ شامل هو.حالانڪ اِهي سڀ ڪم ضلع ناظم کي ڪرائڻ گهرجن ها، پر هتي جي هڪ عجيب روايت آهي، تہ ڦاهو ان کي ڏنو ويندو آهي، جنهن جي ڳچيءَ ۾ فِٽ اچي.

ڇهه مهينا گذري ويا، پر ريلوي کان اجازت نامو موصول ڪونه ٿيو. ضلعي ناظم ذاتي طور گورنر جناب عشرت العباد کان سفارش ڪرائڻ ڪانپوءِ به ڪجهه نه ٿيو. ان دوران موقعي تي ريل جي پٽڙي تائين ٻنهي پاسن ڏانهن پلرن مٿان گرڊر رکي ڇڏيا، پر پٽڙي مٿان گرڊر چاڙهڻ بغير اجازت نامي جي غير قانوني ۽ خطري کان خالي نه هيو. آخر ضلع ناظم هڪ ڏينهن مونکي پنهنجي گهر گهرايو ۽ ريل جي پٽڙي مٿان گرڊر چاڙهڻ لاءِ مشورو ورتو. جنهن تي مان ڪيس هر قسم جي تياري جو يقين ڏياريو ۽ مشورو ڏنو ته توهان جيڪڏهن ساٿ ڏيو، ته ڇئن ڪلاڪن اندر ريل پٽڙي، ٻنهي پاسن کان بند ڪري، ڪجهه گرڊر چاڙهي سگهجن ٿا. ريل انتظامه 65 لک روپيه وٺي ڇڏيا آهن، هاڻي بال انهن جي ڪورٽ ۾ آهي. ناظم کي مشورو وڻي ويو ۽ اُن مقرر ڏينهن تي، هن سيني ناظمن ۽ شهر جي پوليس کي پل جي محل وقوع تي اچڻ لاءِ چيو ۽ مان ٺيڪيدار کي ڪرين وغيره تيار رکڻ لاءِ چيو.

اسان ريل ٻنهي پاسن کان بند ڪرڻ لاءِ پٽڙي مٿان ڪاٺ جا بُند رکي، ماڻهو بيهاري ڇڏيا. اسان فوراً ڪرين ذريعي گرڊر چاڙهڻ لڳاسين، ڇئن گرڊرن مان به مس چڙهيا، ته انڊيا ويندڙ سمجهوتا ايڪسپريس"، ٽرين ڪراچي کان نمودار ٿي، جنهن کي روڪيو ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ ريل جا سپ آفيسر ۽ ريلوي پوليس اچي ڪڏ ٿي. ناظم صاحب، انهن کي پوري تفصيل بيان ڪئي، جنهن تي هو ريل روڪڻ تي خوش ڪونه ٿيا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ، لاهور ۽ اسلام آباد مان فون اچڻ لڳا ۽ آخر ۾ گورنر صاحب جو فون، ضلع ناظم کي آيو، جنهن ڪم بند ڪرڻ لاءِ اسرار ڪيو. بهرحال اسان چار گرڊر چاڙهي، پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاريو، جنهن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي لاهور مان NOC به اچي وئي. ريل جو نمائندو انجنيئر ڪم جي سپروائيزنگ لاءِ به پهچي ويو، جنهن ڪانپوءِ، اسان پل جا بقايا گارڊر چاڙهي، پنهنجو ڪم پورو ڪيو ۽ ريل جي ڦاٽڪ مٿان، حيدرآباد ۽ لطيف آباد جي عوام لاءِ، هميشه وانگر ڦاٽڪ جي بند رهڻ جي انتظار کان جان ڇڏائي. هِن پل جو افتتاح، گورنر عشرت العباد ڪيو ۽ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، جو حيدرآباد ۾ هيءَ پل پنهنجي نوعيت جي پهرين اڏاوت هئي.

ڳالهه پئي ڪئي، لاهور کان NOC جو ملڻ جيڪو ايترو ڏکيو عمل آهي، جيئن ٻبرن کان ٻير گهرڻ. توهان ڏٺو هوندو ته سنڌ اندر ترقي ۾ رڪاوٽ جو مکيه عنصر، ريل جي پٽڙين جي هينان يا مٿان روڊ جون پُلون

گذارڻ يا بين خدمتن کي آرپار ڪرڻ،جنهن ڪري ڪيترائي منصوبا اڏ ۾ رليل نظر ايندا. لڳي ائين ٿو تہ ريل وارو ڪاتو هڪ اهڙي هستي آهي، جنهن تي ڪنهن جو بہ وس نہ ٿو هلي. توهان ڏٺو هوندو تہ دوڙ باءِ پاس وٽ پل ۽ ڪنب راٽيپور واري پل، جو ڪم بہ ان NOC جي نہ ملڻ ڪري، ستن سالن کان بند پيو آهي. حالانڪ اِهو روڊ اُن وقت پئي نهيو، جڏهن صدر بہ پنهنجو هيو، پر لاهور واري ريل جي هيڊ ڪوارٽر کي شايد ملڪ جو صدر بہ ڪجھ نہ ٿو ڪري سگهي.

تقريباً هر پندرهين ڏينهن ناظم صاحب شهر جي چڱن مڙسن ۽ نمائندن کي پنهنجي آفيس جي ڪانفرنس روم ۾ گهرائي، اسان کان ڪمپيوٽر جي پاور پوائنٽ ذريعي منصوبن جي هلندڙ ڪم جي رفتار ۽ نون منصوبن يا نئين مشينري گهرائڻ بابت معلومات وٺندو رهندو هو. ڪمپيوٽر ذريعي معلومات اڪثر ڪري عثمانيہ ڪمپني جي هيڊ آفيس مان تيار ٿيندي هُئي ۽ ڪمپنيءَ جا مالڪ، انجنيئر پاڻ ڏيندا هُئا، پر مان ڪين ڪنهن سوالن جي جوابن لاءِ مددگار هوندو هس. هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ اهڙي معلومات ڏيڻ لاءِ، ڪمپني جا مالڪ ڪونہ پهتا ۽ هڪ انجنيئر موڪلي ڏنائون. اُن معلومات ۾ سيني منصوبن جي اوسر سان گڏ، ڪجھ روڊ صاف ڪرڻ واري نئين مشينري (Road Broomer) خريد ڪرڻ بہ شامل هُئي. اُن جا فوٽو وغيره اُن پيشڪش جي آخري حصي ۾ شامل هُئا جڏهن معلومات مشينري واري حصي تي پهتي، تہ ڪراچي مان آيل انجنيئر کي بہ شايد اُن مشين جي وصفن جي ڄاڻ نہ هئي، جو هِن چيو تہ هاڻي انجنيئر نياز توهان کي هن بابت وڌيڪ ٻڌائيندو. حالانڪ مون کي بہ اِن مشين جي وصفن جي ڪا خبر ڪونہ هُئي، جو اِهو پورو پروگرام ڪراچي مان تيار ٿيو هيو. بهرحال اهڙي صورتحال کي، منهن ڏيڻ لاءِ مان ڪيس پرسان وجي، آهستي چيو تہ هي ڪم توهان ڪراچي مان تيار ڪري آيا آهيو، مونکي اُن جي خبر نہ آهي، سو تون اِن کي پورو ڪر. همراهہ جي گهڻي اسرار تي، مان روڊ صاف ڪرڻ واري مشينري جي اڇي تعريف ڪئي، پر نہ ڄاڻ تہ ڪو، اِن مشين جي ناهڻ وارو ڪجھ ڏينهن اڳ، ناظم صاحب کي پوري معلومات ٻڌائي ويو هو.

مان مشين جي آپريشن بابت ٻڌايو، تہ ڪيئن ڪم ڪندي آهي ۽ گندگي فلان خاني ۾ رکندي آهي وغيره... پر ڪجھ وقفي کانپوءِ، ناظم صاحب پڇيو تہ اِها مشين هڪ ڪلاڪ ۾ روڊ جي ڪيتري ايراضي صاف

ڪندي؟ مان فوراً ڪيس چيو تہ اهڙي معلومات مشين جي ڪئٽالاگ ۾ ملي ويندي، جنهن تي ناظم ناراض ٿيو ۽ چيائين تہ توهان بيهر تيار ٿي ايندا ڪريو.

حيدرآباد ڊولپمينٽ پئڪيج جي منصوبن لاءِ، گورنر صاحب تمام گهڻي دلچسپي وٺندو هيو. مون کي ياد آهي تہ ٿي دفعا سندس گهر ۾ پاور پوائنٽ ذريعي عثماني صاحب وارن سان گڏجي منصوبن جي اوسر بابت معلومات ڏني هُئي ۽ چوٿون دفعو، حيدرآباد جي ماسٽر پلان جي بريفنگ ورتي هئي، جنهن ۾ ڪمپني جو مالڪ جناب انعام عثماني صاحب بہ اسان سان گڏ گورنر هائوس هليو هو. انعام صاحب حيدرآباد جي منصوبن جي تيزي سان ترقي ڏسي مونکي، شاباس ڏيندو رهندو هو ۽ ڪافي دفعا ٻين جي سامهون چوندو هيو، تہ تون ’شر‘ نہ پر حيدرآباد جو عثماني آهين. انعام صاحب بغير چوڻ جي، منهنجي پگهار اسي هزار مان وڌائي هڪ لک ويهہ هزار ڪئي هئي.

ناظم صاحب هميشہ شام جي وقت، هڪ ٻن منصوبن جو معائنو ڪرڻ هلندو هيو ۽ مون کي پاڻ سان گڏ پنهنجي گاڏي ۾ ڪڻندو هو. مون تي ڏاڍو مهربان هوندو هو، ڪم جي لحاظ کان سخت، ٻئي ڪنهن جي چيچ جو اشارو بہ نہ سهندو هيو. مون کي چوندو هو تہ You are a nobleman. ناظم صاحب. رات جو 9 بجہ کان صبح جو ڇهين بجہ تائين، مون کي ۽ ڪفيل احمد کي ساڻ ڪري، انهن منصوبن تي هلي ويهي رهندو هيو. جن جو ڪم رنڊيل يا ڍرو هوندو هيو. اسان گڏجي ڪيترين ئي راتيون. حيدر چوڪ ۽ باچا خان چُوڪ واري ڊسپوزل اسٽيشن تي گذاريون ۽ صبح جو وري آفيس بہ حاضري پريندا هُئاسين. مطلب هڪ ڏينهن ۾ ٻہ ڊيوٽيون ورتيون ويندیون هيون.

منهنجي ٺيڪيدارن ۽ اسٽاف تي ايتري سختي هوندي هئي، جو مجال آهي جو ڪٽي بہ هڪ رپئي جيتري ڪرپشن ٿي هجي، باقي حڪومتي حاڪمن کي خدا پلي.

اڍائي سالن جي سخت محنت سان ساڳئي پروجيڪٽ ڊاريڪٽر، مسٽر سيد محمد حسين سان ڪم ڪيو، پر آخري وقت ۾،KDA ڪراچي مان، مسٽر سرفراز شاهہ، پاڻ کي بدلي ڪرائي آيو، جنهن DCO کان وٺ وٺان ڪري چارج ورتي. ڪم جي جاڻ پوري ساري، پر ٺيڪيدارن سان گهاٽي ياري وارو معاملو ڏسي، مونکي ڏاڍو افسوس ٿيو بهرحال منصوبن جي اڪثريت، پوري ٽيڻ کي بلڪل ويجهو هئي ۽ ڪافي منصوبا اڳ ۾

مڪمل ڪري ڇڏيندا هُئا، پر اجان ڪجهه ناٽو بقايا بچيل هو، جنهن جي ڏپ ٻڪايل ڳچهن کي اچي ڳرهو وڌو. هر نئون ماڻهو، نئين عمارت ٺاهڻ جي چڪر ۾، نڳ ٺيڪيدار ڪراچي مان ائين هتي اچي پهتا، جيئن ٻڪايل ٻگهڙ، ڪاڌي جي ڳولا ۾ پاڳل نظر ايندا آهن.

بچيل رقم، بغير ڪنهن منصوبہ بندي ۽ سوچ جي ڇهہ عدد پلين ۽ ڪجهہ روڊ ٺهرائڻ تي سرف ڪئي وئي. قاسم آباد جي مکيہ گذر گاهہ کي بند ڪري، پل ٺاهي وئي ۽ ٻئي پل راڻي باغ جي تڏي سڙڪ واري روڊ تي ٺاهي وئي. جڏهن اِهي ٻئي پليون، ضلع ناظم جي ڪانفرنس هال ۾ هڪ وڏي گڏجاڻي ۾ زير غور آهيون تہ اُن ميٽنگ ۾ مان موجود هئس ۽ جڏهن ناظم صاحب، مون کان پنهنجي راءِ ورتي،تہ مان چِٽي طرح اُنهن پلين کي واڌو واهہ تي ٺاهڻ لاءِ زور پريو، جو واڌو واهہ واري ٽريفڪ کي سِگنل فري ڪرڻ سان، پراڻي نيشنل هاءِ وي ۽ تڏي سڙڪ جي ٽريفڪ کي ڪنهن قسم جي رڪاوٽ ٿيڻ جو امڪان گهٽجي وڃي پيو ۽ قاسم آباد جو لنگهہ بہ آزاد ٿي ويندو. پر افسوس آهي، جو ڪِن ذاتي مخصوص مفادن خاطر، منهنجي مشوري کي وزن نہ ڏنو ويو. توهان پاڻ سوچيو تہ انهن پلين ٺهڻ جي باوجود، هر روز ٽريفڪ پلين هيٺان جام ٿيندي رهي ٿي ۽ پلين مٿان سواري لنگهندي گهٽ نظر اچي ٿي، جو پليون غلط رُخ تي ٺهيل آهن. ڇهن پلين مان غالباً،بہ پليون (هڪ اڪرم واهہ تي) اجان تائين اڌ ۾ پيون آهن. خبر نہ آهي تہ الائي ڇو، سڀ ادارا ۽ ايجنسيون گهري ننڊ ۾ ستا پيا آهن. هن ملڪ جو آهي ڪو ڌڻي سائين؟

اسان جڏهن حالتون خراب ڏٺيون تہ ڀڄڻ واري سوچي،جو مونکي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي جي پي.ڊي.اِن چيف مسٽر غلام سرور ڪنڌر، ٻڌايو تہ نئين پروجيڪٽ لاءِ، پي.ڊي جي جاءِ خالي آهي. هڪ رستو بند ٿيندو آهي، تہ الله تعاليٰ ڪيترائي ٻيا رستا کولي ڏيندو آهي، سبحان الله. مان بغير ڪنهن کي ٻڌائڻ جي، هڪ درخواست يونيورسٽي رجسٽرار ڏانهن موڪلي ڏني.

2007ع جي شروعات ۾ نري ۾، سينارجہ روڊ تي جوڳين کان خريد ڪيل، 25 ويسن جي پلاٽ تي، اڳين 500 والن تي، هيٺان دوڪان ۽ مٿان گهر جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪرائي ڏنو، جو نري شهر اندر واري، دڪانن مٿان فليٽ وٺ، ڪافي رش ۽ پيڙ ٿيڻ ڪري، اتي گاڏي ڪاهي وڃڻ مشڪل لڳندو هو. حيدرآباد ۾ ڪرائي جي فليٽ ۾ رهڻ، ڏاڍو ڏکيو

لڳڻ ڪري اِهو فيصلو ڪيو ويو، تہ ڪنهن مناسب محلي ۾ پلاٽ خريد ڪري گهر نهرائجي. اِن حوالي سان پلاٽ حيدرآباد باءِ پاس تي واڌو واهہ جي چوءِ واٽي پرسان، گلشن سحر اسڪيم ۾ خريد ڪري هڪ ڳوٺائي ٺيڪيدار، مسٽر محمد اعظم دستي کي ليبر ريٽ تي ٺاهڻ جو ڪم سونپيو، جيڪو پنجن مهينن جي ٺٺئي ٺيل مدت کان وڌي اٺن مهينن ۾ مڪمل ٿيو. گهر جي اڏاوت، وقت گهٽ هئڻ باوجود مان پاڻ سنڀالي ۽ الحمدالله مڪمل ڪري، 2008ع جي شروعات ۾ رهائش جو اختيار ڏنو.

راڻي باغ

حيدرآباد پئڪيج ۾، قديم قِتَل ’راڻي باغ‘ کي نئين سر اڏاوت جو سهرو، ضلع ناظم ڪنور نويد جميل ۽ اسان کي ڪٽڻو پيو، جو رقم مهيا ڪئي وئي ۽ جلدي ۾ ڪم شروع ڪرائي ڏنو. راڻي باغ تہ وڃي نالي ۾ رهيو هو. باغ جي چوديواري ليند مافيا ۽ موالين ڳڍجي ڳر ڪئي ۽ چئني ڪندن کان قبضا ٿيڻ شروع ٿيا ۽ پراڻيون عماتون ڊاهي، اڳتي وڌائي ٺاهڻ جا ڪم، اهڙي طرح شروع ڪيا ويا جو باغ جي ڪافي زمين مالڪي متاثيندي رهي. جتوئي پيٽرول پمپ واري ڪنڊ تي ڪنهن ٺيڪيدار جو اسٽور ٿي ويو، جنهن کي اسان آثاري سامان ڪٽايو.

راڻي باغ، 1861ع ۾ Botanical &Zoological Garden ڪري آباد ڪيو ويو هو، جيڪو 53 ايڪڙ ايراضي تي ڦهليل آهي. هن باغ کي ’داس گارڊن‘ چيو ويندو هو ۽ هن باغ جا مکيہ چار حصا آهن. عيد گاهہ، عباس ٻائي پارڪ، چڙيا گهر ۽ ٻارن لاءِ کيڏڻ ۽ گهمڻ وارو حصو هن باغ ۾ شامل آهن. اسان جڏهن باغ جو قبضو ورتو، تہ اندر جانور چرندا هُئا. راڻي باغ جي شڪل بگڙيل هُئي، جنهن ڪري ڪروڙين روپيہ خرچ ڪري، باغ جي ٽنهين حصن کي بيهر نئين منصوبہ بندي هيٺ ٺاهيو. باغ کي چؤ طرف، لوهي ديوار ۽ ٻہ مکيہ شاهي دروازا ٺاهيا ويا ۽ اندر رنگين پيورس سان پيادل گهمڻ لاءِ واڪ وي ٺاهيا ويا ۽ پاڻي جي ڦوهارن سان سينگاريو ويو. عيد گاهہ جي منارن جي ڪجهہ حصن کي ڊاهي ٺاهيو ويو ۽ رنگ روغن ڪري مسجد کي نئون ڪيو ويو.

عيد گاهہ ۽ مسجد جي احاطي ۾ چيبر هئين وئي. باغ جي قاسم آباد واري پاسي ڏانهن، زير زمين پاڻي جي سطح کي هيٺ ڪرڻ لاءِ، نڪاسي آب جو جديد نظام Tile Drainage لڳايو ويو، جنهن ۾ منهنجو ذاتي تحرڪ

شامل آهي، جو اِن پاسي هينائين هجڻ ڪري، برساتي پاڻي تلاءُ جي شڪل اختيار ڪندو هو، جنهن ڪري وڻ، ٽڻ، ٻوٽا ۽ ڇٻر سڪي ويندي هُئي. جانورن ۽ پکين جي پڃرن جو تعداد وڌائي، نئين طرح ٺاهيا ويا. راڻي باغ جي زمين هيٺ هجڻ ڪري،ڀَراءُ لاءِ سُني مِٽي ٻاهران گهرائي اندر وڌي وئي، جو اندرين سطح کي متاهون ڪرڻ تمام ضروري هُئو. مختلف قسم جا وڻ ۽ ٻوٽا آڻي لڳايا ويا ۽ پيادل گهمڻ لاءِ، رستن جو وسيع چار ڦهلايو ويو. عباس پائي پارڪ جي پوري مرمت ڪئي وئي ۽ اوپن ايئر ٿئيٽر کي پڻ ٺيڪ ڪرايو ويو.

راڻي باغ حيدرآباد جي دل آهي ۽ توهان نيون آباديون گهمي ڦري ڏسو، توهان کي ڪٿي بہ پبلڪ پارڪ نظر نہ ايندو، تنهنڪري هن پارڪ کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. هڪ تجويز موجب ٽڏي شاراهہ سان پراڻين قديم عمارتن کي ڊهرائي، راڻي باغ جي ايراضي ۾ شامل ڪيو وڃي، تہ اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ پلو ٿي ويندو ۽ HDA جي پلاننگ ڊپارٽمينٽ کي، الله نظر ۽ سمجهہ وارو ڪري، جيئن نئين آبادين ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10% ايراضي باغن لاءِ مُختص ڪن، جو اهي اسان لاءِ آڪسيجن جي مثل آهن.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو.

مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي (MUET)، ڄامشوري ۾،PD جي عهدي لاءِ انٽرويو آيو، جنهن ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ پنهنجي واري جو انتظار ڪيو. يونيورسٽيءَ جي هڪ خاص سليڪشن بورڊ جي سامهون ٿيس، تہ ميمبرن مان وائيس چانسيلر ڊاڪٽر قدير راجپوت، پي.ڊي.انچيف مسٽر غلام سرور ڪنڊر، ڊاڪٽر پروفيسر حاجي محمود ميمڻ، پروفيسر آف اِمرِيٽس ۽ ٻي ٻيون شخصيتون شامل هيون، جن کي مان نہ پيو سڃاڻان. مان جڏهن پنهنجو تعارف ڪرايو، تہ ڪنڊر صاحب منهنجي لاءِ چيو تہ، شر صاحب منهنجو ڪلاس ميٽ ۽ پوزيشن هولڊر آهي، حاجي محمود صاحب چيو، تہ نياز کي مان پڙهايو آهي ۽ هي هر سال پوزيشن کڻندو رهندو هو. اڻ واقفن مان هڪ چيو تہ، سائين منهنجو استاد آهي، جو نواب شاهہ جي ڪاليج ۾ مون کي پڙهايو هئائين. مون کي پوءِ خبر پئي تہ هي ڊاڪٽر

پروفيسر غوث بخش خاصخيلي آهي. جنهن کي انٽرويو ٽيم ۾ ٽيڪنيڪل ماهر جي حيثيت سان شامل ڪيو ويو هو. پر. هن سُوال پڇڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هن بورڊ ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين به ميمبر هوندو آهي. حاجي محمود،منهنجي ڪلاس ميٽ مسٽر ممتاز ميمڻ جو چاچو آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي.

ماٺهو ڪيترو به هوشيار ۽ تجربيڪار هجي، پر انٽرويو ڏيڻ دوران هڪ عجيب احساس ٿيندو آهي، جيڪو مون سان گڏ بورڊ جي ميمبرن به محسوس ڪئي، جو ڪجهه وقت لاءِ خاموشي طاري ٿي وئي ۽ هر ڪو، ٻئي جي واتان پهريون سوال ٻڌڻ پيو چاهي. آخر حاجي محمود صاحب همت ڪري، سُئي ڪِرڻ جي آواز کي ٻڌڻ (Pindrop Silence) واري خاموشي کي ٽوڙيندي، هڪ سوال ڪيو، جنهن جو مان ڪيس جواب ڏنو، ان ڪانپوءِ سروس ڪميشن جي چيئرمين، منصوبن جي حوالي سان سوال ڪيو. ان ڪانپوءِ پگهار ۽ ٻين سهولتن بابت معلومات جو تبادلو ٿيو ۽ مونکي نوڪري تي چڙهڻ بابت ٻن هفتن لاءِ زور پريو، جنهن تي مان هائوڪار ڪئي ۽ پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويس. هاڻي اِن تاڙ ۾ هئس، ته مان عثماني ڪمپني کان ته ٻن هفتن اندر اجازت وٺان، پر مسئلو هيو، ضلعي ناظم جو جيڪو مون کي ڇڏڻ ۾ راضي ڪونه ٿيندو. معلومات ڪندي خبر پئي، ته ناظم، مسٽر ڪنور نويد کي MQM جي الطاف ڀائي، لنڊن گهرايو آهي. الحمد الله، ڪم سولو ٿي آيو، هن جو لنڊن پهچڻ، منهنجو مهراڻ ۾ ڊيوٽي تي چڙهڻ پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ، هو جڏهن واپس آيو، ته ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ عثماني ڪمپني جي مالڪ انعام صاحب کي منهنجي واپسي لاءِ زور پريو. انعام صاحب، هن کي گهڻائي دلاسا ڏنا، پر هو خاموش نه رهيو ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر مسٽر راجپوت سان ڳالهايو ۽ منهنجي واپسي لاءِ چيو. VC اِن معاملي کي ڪجهه هلڪو ڪري ورتو، جو ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ،VC مونکي آفيس گهرايو ۽ چيو ته مسٽر ڪنور نويد توهان کي واپس گهرائڻ چاهي ٿو، جو هن گورنر صاحب کي به چيو آهي، ته VC منهنجو ڪم نه ٿو ڪري. سو هاڻي تون ائين ڪر، جو صبح 12 بجه تائين، تون هت ڊيوٽي ڪر ۽ شام جو وڃي ڪنور نويد صاحب جي ڪمن جي نگراني ڪر. پوءِ ٻن مهينن لاءِ ڪافي ٿيندو، جو مان هُن سان اِن ترتيب بابت طئي ڪري ڇڏيو آهي. مان آخر ٻن مهينن تائين ڏينهن جو پويون اڌ، پراڻن ڪمن کي ڏسڻ ۾ گذاريا ۽

ڪيترن گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو رهيس ۽ اهو سڄو ڪم بغير ڪنهن معاوضي جي حيدرآباد شهرين جي ڀلائي واسطي ڪيم.

مهراڻ يونيورسٽي ۾، 70 ڏهاڪي جي شروعات ۾ چار سال ڪن گذارڻ ڪانپوءِ،ڄامشورو مونکي الائي ڇو پنهنجي گهر واري سڪ لاهيندو آهي، انڪري هن اداري جي خدمت ڪرڻ لاءِ مونکي ڪافي وقت کان تانگهه رهندي ٿي آئي. جنرل مشرف جي دور ۾، يونيورسٽين جي مالي سهڪار لاءِ هڪ مرڪزي ادارو ’اعليٰ تعليمي ڪميشن‘ (Higher Education Commission, HEC) وجود ۾ آندو، جيڪو اسڪالرشپ ڏيڻ کان علاوه، تعليمي ادارن جي توسيع ۽ ترقي لاءِ بغير ڪنهن امتياز جي، اهليت جي بنياد تي، وڏن منصوبن لاءِ مالي امداد ڪندو آهي. انڪري اعليٰ تعليمي ادارن وڏي ترقي ڪئي ۽ معياري تعليم ڏيڻ ۾ بہ ڪامياب ٿيا ۽ ان دور ۾ هزارين جي تعداد ۾ پي.ايڇ.ڊي (Ph.D) پيدا ٿيا.

ايڇ.اي.سي (HEC) يونيورسٽي انتظاميہ کي پابند ڪيو تہ، سَوَ ڪروڙ جي منصوبي لاءِ علحيده پروجيڪٽ ڊاريڪٽر مقرر ڪيو وڃي تہ جيئن منصوبا معيار مطابق ٺاهيا وڃن ۽ مقرر وقت اندر، انهن جي تڪميل ڪري، فوراً استعمال هيٺ آندو وڃي، تہ جيئن لاڳت جو فائدو عوام تائين پهچي.

ان حوالي سان مون کي 100 ڪروڙ لاڳت وارو منصوبو سونپيو ويو، جنهن تحت شاگردن لاءِ هڪ هاسٽل، بئچلر استادن لاءِ هاسٽل، پوسٽ گريجوئيٽ شاگردن لاءِ هاسٽل، انگلش ٻوليءَ جو مرڪز (English Language Centre)، انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي، يونيورسٽي جي بسن جي شيڊ ۽ ڪجهہ روڊن جي اڏاوت ۽ ٻيا ننڍا ڪم شامل هُئا.

مون سان گڏ هڪ ٻيو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، مسٽر صغير احمد ميمڻ کي بہ هڪ ٻئي منصوبي جي تڪميل لاءِ رکيوويو هو. ميمڻ صاحب ڏاڍو بهترين دوست ۽ سچ گو انسان آهي. مسٽر غلام سرور ڪنڌر کي خيرپور واري انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پرو وائيس چانسيلر رکڻ ڪانپوءِ، ميمڻ صاحب کي مهراڻ يونيورسٽي ۾ ڊاريڪٽر، ورڪس اينڊ سروسز جي مرتبي تي فائز ڪيو ويو آهي. هن سان گڏ مسٽر رياض احمد قريشي صاحب پروموشن وٺي گڏ ڪم ڪري رهيو آهي.

منهنجي منصوبي لاءِ، مسٽر شوڪت علي ٽالپر، اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر، مسٽر عبدالصمد شيخ، اسسٽنٽ انجنيئر، ۽ سب انجنيئر مسٽر بردي ۽ ڪمپيوٽر /سيڪريٽري مسٽر عبدالفتاح رند، اهي سڀ محنتي ۽

مددگار هُئا. مسٽر شوڪت علي ٽالپر جي نوڪري جي روش ۾ وڏيرڪي چلت ۽ پروچڪي رت جو اثر نمايان نظر ايندو هو، پر هنن سيني ۾ ڪم ڪرڻ جي سهڻي سگهه شامل آهي.

مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخل ٿيڻ سان، توهان کي ائين محسوس ٿيندو، ڄڻ ڪنهن مغربي ملڪ جي ڪنهن اعليٰ اداري ۾ داخل ٿيا هجو، ان جو ڪريڊٽ مسٽر غلام سرور ڪنڌر ۽ ان جي ٽيم جي سَر آهي.

يونيورسٽي ڪي بنيادي رِٿا بندي ذريعي، اهڙيءَ طرح جوڙيو ۽ اڏيو ويو آهي، جو اُن جي مختلف ڪاتن جي عمارتن جي اعليٰ معيار، اڏاوت جي فن ۽ طرز تعمير ۽ رنگين ٻوٽن ۽ وڻڪار، هڪ اهڙي گلدستي جو دلڪش منظر پيش ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ سَوين رنگ سمايل هجن ٿا.

يونيورسٽي ۾ اڏاوت معياري ۽ ڪثرت سان هجڻ ڪري، وسيع ايراضي تي ڦهلجي وئي آهي، پر اڄ تائين، ڪنهن بہ اِهو نہ سوچيو هو، تہ ايتري وسيع ايراضي لاءِ بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ ان جي سار سنڀال ڪيتري تہ مهانگي ٿيندي. يونيورسٽي جي بتدريج توسيع، پاڻي جي رسد گهٽجي وئي، جو هر روز شاگردن کي هاسٽلن ۾ پاڻي جي عدم موجوگي ڪري، شاگرد VC آفيس آڏو اچي ڌرڻا ۽ نعري بازي ڪندا رهندا هُئا. يونيورسٽي جي وڻڪار ۽ ٻوٽا گرمي جي موسم ۾ سُڪڻ لڳا. پاڻي جي رسد جو هڪ قديم ۽ اٽپورو نظام، VC ڪان وٺي چوڪيدار تائين پاڻي لاءِ پريشان رهندو هيو. ڪنڌر صاحب مونکي پاڻي جي رسد سڌارڻ بابت سفارش لاءِ چيو، جنهن لاءِ مان ٽالپر سان گڏجي موجوده نظام ڏٺو. جيڪو قديم، اٽپورو ۽ ناڪاره لڳو. مان ڪيس پنهنجي سفارش موڪلي ڏني، جيڪا هن پنهنجي سفارش لڳائي، VC کي منظوري لاءِ موڪلي، جنهن بعد، باضابطا پاڻي جي سار سنڀال جو سڄو سارو ڪم، منهنجي حوالي ڪيو ويو. اسان محنت ڪري، پاڻي جي پائيپ جا سڀ سَيما (Leakages) بند ڪري، پاڻي جي مقدار کي وڌايو. آبادي جي لحاظ کان، پاڻي کي مشين ذريعي ڪڍڻ واري سگهه (Pumping Capacity) ۽ رسد جو نظام ضرورت کان گهٽو گهٽ هجڻ ۽ بجلي جي اکپوت، ملي ڪري سَنئي جا پٽي سَور وڌايا.آخر پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ، هڪ نئين اسڪيم تيار ڪئي، جنهن ۾ ڪراچي واهہ تي نئين پمپنگ مشينري جي تنصيب ۽ گنجائش ۾ اضافي سان گڏ، ٽي ڪلوميٽر، 12 انچ قطر واري لوهي پائيپ جي تبديلي شامل هُئي، جيڪا مقامي مخالفت ۽ ڪنجوس پائي واري عنصر هوندي

زبردستي پاس ڪرائي، ڪم شروع ڪيو، جيڪو پنجن مهينن ۾ مڪمل ڪري، يونيورسٽي کي وافر مقدار ۾ پاٽي پهچايو، جنهن ڪانپوءِ ڪنهن به شاگرد کان Go VC Go جا نعرا ڪونه ٻڌا. هن ڪم ۾ مسٽر ٽالپر ۽ ٻڙدي وارن جي همت ۽ ڪاوش ساٿ رهي.

يونيورسٽي ۾ اڏاوتي ڪم کي تيز ڪرايم ۽ سخت نظر هيٺ، معياري تعمير کي يقيني بڻائي مقرر وقت اندر مڪمل ڪري، مخصوص ڊپارٽمينٽ جي حوالي ڪندو رهيس. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته بس شيڊ جي ڇت جي پرائي، انجنيئر جي نگراني هيٺ هلي رهي هئي ڪم دوران هڪ پينل واري ڪاٺ جي شٽرنگ ڪمزور هجڻ ڪري، ٽٽي پئي ۽ ڇت جو ڪجهه حصو ڪِري پيو. هي هڪ غير اهم واقعو آهي، جيڪو اڏاوتي ڪمن ۾ ٿيندو رهندو آهي ۽ دوران اڏاوت، ڪنهن به اهڙي قسم جي واقعن جو ذميوار ٺيڪيدار هوندو آهي، ان ڪري جو عمارت نا مڪمل حالت تائين، جوابداري ٺيڪيدار جي هوندي آهي ۽ اهڙي قسم جي ضمانت ٽينڊر واري معاهدي ۾ ڏنل هوندي آهي، پر اِن کان به اضافي، ڪنهن جاني نقصان جو به ٺيڪيدار ئي جوابدار هوندو آهي. پر افسوس جو اسان ماڻهن جي نِيتن ۾ کوٽ ۽ حسد ڪارڻ، نوڙيءَ مان پيا نانگ ٺاهيون. يونيورسٽيءَ جي انتظاميه، هڪ انڪواري ڪميٽي ٺاهي، جنهن ۾ ڪوئي به ميمبر اهڙو نه هو، جنهن کي اڏاوتي تجربو هجي، اچي مسئلا منڊا،ڇڻ ڏيڏر کي زڪام ٿيو هجي يا پاڙي ۾ اچي ڪو هندستاني هوائي جهاز ڪريو هجي. ڪاٺ جي شٽرن جو ٽُٽڻ ۽ استادن اچي سيمينٽ ۽ لوهه جون ليبارٽري ٽيسٽون شروع ڪرائي ڏنيون. سور دل ۾، اعلاج اکين جو پيو ٿئي.

هن واقعي کي منافقن ايترو ته مشهور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جو اخباري نمائندن، ٽي.وي چينلن کان گورنر آفيس تائين پروپيگنڊا ڪئي وئي، حالانڪ اهڙي قسم جا واقعا عام ٿيندا رهندا آهن، جن ۾ ٺيڪيدار جي غفلت جو عنصر هوندو آهي، جنهن ۾ يونيورسٽي جو نه، پر سندس نقصان آهي، جو هُن کي عهدنامي مطابق، معياري ڪم جي تڪميل ڪانپوءِ ئي، بل جا پئسا ملي سگهندا آهن ۽ اهڙن واقعن ۽ حادثن جي تحفظ لاءِ، حفاظتي قدم ٽينڊر جي شڪل ۾ شامل هوندا آهن، جن تحت ٺيڪيدار جي هر بل مان ڏهه سيڪڙو رقم ڪٽي پنهنجي حفاظت ۾ رکي ويندي آهي.

ٺيڪيدار اضافي مزدور لڳائي، چئن ڏينهن ۾ساڳيو ڪم مڪمل ڪيو، جنهن ڪانپوءِ گدڙن جون ڪوڪارون بند ٿيون. پوري يونيورسٽي مان،صرف ڪنڌر صاحب هو، جنهن مسئلي کي سمجهيو؟ باقي مڙيوئي خير.

مان متي ذڪر ڪيل عمارتن جي اڏاوت مقرر ٽائيم اندر، مڪمل ڪري واسطيدار ادارن جي اعليٰ عملدارن کي باقائدي حوالي ڪري ڏنيون. گذريل مهيني، وائيس چانسيلر هڪ شادي ۾ مليو، ته ٻڌايائين ته يونيورسٽي ۾ پاڻي جي رسد ايتري وڌي وئي آهي، جو هاڻي بند ڪرائڻو پوندو آهي، اسان جو مسٽر ٻڌي سپروائيز ڏاڍو خوش آهي، جو هاڻي پائيپ جي مرمت نه تي ڪرڻي پوي ۽ رات ڀر آرام سان پيو ٿو ننڊون ڪري.

انڌي جهڙي ساهرين تهڙي پيڪين

توهان سيني کي ڄاڻ آهي، ته هن وقت جڏهن هي ڪتاب لکي رهيو آهيان (2015)، هر پاڪستاني، بشمول ڄمندڙ ٻار،هڪ لک رپئي جو مقروض آهي، گذريل سال اها رقم ٿوري گهٽ هئي، هي وزن هر سال وڌندو رهي ٿو ۽ ڪشڪول ٽوڙڻ وارن قرض وٺڻ لاءِ تغارا خريد ڪيا آهن.سياڻا چوندا آهن ته ڪشڪول هٿن ۾ کڻڻ واري قوم، ڪڏهن به هٿيار هٿن ۾ نه کڻي سگهندي آهي. جنهن رفتار سان اسان جي پياري وطن جون معاشي حالتون بدتر ٿينديون نظر اچن ٿيون، دل گهبرائڻ لڳي آهي، متان ڪنهن اڌ رات ڪانپوءِ، مغربي تصنيف جي لوهي بوٽن جا ڪڙڪيدار آواز، اسان جي دروازن تي نومولود ٻچن جي ننڊ حرام ڪن. پر شُڪر آهي جو اينڊڙ دور ۾ جنگيون گهٽ ٿينديون چو ته سيني وٽ ساڳيا جوهري هٿيار موجود آهن، جيڪي نه صرف ٻنهي کي هڪ ئي وقت، موت جي گهري ننڊ سُمهاري ڇڏيندا ۽ پاڙي وارن کي به انڌو منڊو ضرور ڪندا. پهرين زماني ۾ ته انساني طاقت ۽ تلوار جي زور تي جنگيون ٿينديون هيون، جن جو نقصان اُن جنگي ميدان تائين محدود هوندو هو، جنهن ڪانپوءِ بارودي هٿيارن جي طاقت، جنگ کٽائڻ جو سبب بڻي. سائنسي کوجنا وڌيڪ خطرناڪ نيوڪلائي هٿيارن، کي جنگ کٽڻ جي طاقت قرار ڏنو آهي پر مستقبل جي جنگين جا طريقي ڪار اجا ئي ٻيا هوندا. هڪ ملڪ ٻئي ملڪ جي سرزمين تي قبضو نه ڪندو،پر دشمن ملڪ جي معاشي حالت، ايتري ته ڪمزور ڪندو، جو هو اٿي ٻيهي نه سگهندو. آمريڪين ٻئي جنگ عظيم دوران 6 آگسٽ 1945ع تي هيروشيما تي دنيا جو پهريون نويڪلائي بم (Atom Bomb) اڇلايو ۽ ٽن ڏينهن ڪانپوءِ، ناگاساڪي شهر تي ڪيرايو، جنهن ڪري لکين پُرامن شهري قتل ٿيا ۽ جنگ کٽڻ جو سهرو پنهنجي سِر ٻڌو.

سائنس جي ترقي اُن حد کي ڇُهندي جو مسافري لاءِ گاڏيون، ۽ جهازن جي ضرورت نہ پوندي. توهان جيئن ڪثير منزل عمارت ۾ لفٽ ذريعي مختلف منزلن تي آساني سان چڙهي سگهو ٿا، اهڙي طرح ’لفٽ اسٽيشن‘ ذريعي توهان صرف بٽڻ هٽڻ سان، ٿوري وقت اندر، پنهنجي بئي منزل پهچي ويندا. ائين سمجهو ڇڻ توهان حيدرآباد مان فيڪس مشين ذريعي، ڪو ڪاغذ لنڊن موڪلي رهيا آهيو. اهڙي طرح انسانن جو مستقبل ۾ سفر بہ مختلف ٿي ويندو.

ڏنو وڃي تہ انهن عظيم جنگين ڪانپوءِ، دنيا جي ٻن سپر طاقت وارن ملڪن (آمريڪا ۽ اڳوڻي سويت يونين) جي وچ ۾ سٺ سالن کان وڌيڪ عرصي تائين، سرد جنگ رهي، جنهن ۾ اصلي جنگ ڪرڻ ڪانسواءِ، انتهائي دشمني جي حالت ۾ هميشہ تيار رهڻ ڪري، جنگي اوزارن ۽ مشينري گهڻي ترقي ڪئي. روايتي اوزارن مان ترقي ڪري، نيوڪلائي، ڪيميائي ۽ بيالاجيڪل هٿيارن کي ايجاد ڪيو ويو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اِن سرد جنگ واري حالت ۾، سائنسي علم گهڻي ترقي ڪئي آهي. تحقيقي مهارت ڪري حضرت انسان چنڊ تائين پهچي ويو. هوندئن بہ ڏسجي تہ سائنس جي ترقي جي رفتار، پوين چند صدين دوران ئي ٿي آهي، جنهن کان اڳ واريون صديون خاموشي ۾ گذري ويون.

جديد جنگ و جدل ڪرڻ لاءِ، نئين حڪمت عملي جوڙي، دُشمن ملڪ جي اقتصادي ڍانچي (Economic Structure)کي ڪمزور ڪري، پنهنجي ضابطي هيٺ آڻي، هميشہ لاءِ محڪوم بڻائي سگهجي ٿو. ٻيو طريقو اِهو آهي تہ ڪيس قرض ايترو ڏيو، جو واپسي سندس وس ۾ نہ هجي ۽ پوءِ توهان قرض جي بهاني يا موٽ جي عيوض، ڪانئس کي اهم ادارا يا بنيادي هنڌ جهڙوڪ: بندرگاهہ، ايئرپورٽ، ريل وغيره قبضي ۾ ڪري، پنهنجي ناڻي جي بازيابي ڪندي، ڪيس بي اختيار ڪري ڇڏيو. هن جنگ کي اقتصادي جنگ (Economic Warfare) جو نالو ڏئي سگهجي ٿو، جيڪا اسان جي ملڪ ۾،هن وقت ڪيڏي وڃي ٿي. ايندڙ وقت، جنهن کي خلائي تحقيق جو زمانو (Space Age) چيو وڃي ٿو، تنهن ۾ شايد جنگي هٿيار، خلا کان سڌو سَنئون زمين تي تباهي ڪئندا، پر خلا ۾ هٿيارن جي پيڙ، زمين جي ٻاهران،پئي هر وقت ڦرندي (Orbital Weaponry) رهندي. اڳان بہ هڪ قدم اڳتي، جنگ ڪرڻ بي مقصد ٿي ويندي، جڏهن نينو ٽيڪنالاجي (Nanotechnology) پوري ترقي ڪئي. جنهن وسيلي نينو مائڪرو چپس

(Nano-Microchips) وجود ۾ اينديون ۽ هر نومولود کي، ڪنهن ويڪسين ذريعي جسم ۾ داخل ڪري، سندس دل ودماغي دنيا جي ڏورانهين ڪنڊ يا مصنوئي سياري مان،برقي اشارن (Remote Sensing) جي ريڊيائي اوزارن(Remote Control) ذريعي، پوري طرح قابض ٿي هلايو ويندو. ايندڙ وقت ٻڌائي ٿو تہ دنيا تي ڪنٽرول، اُهي ڪندا، جيڪي سائنس جي علم ۾ اڳيرا هوندا ۽ لاعلم ماڻهن لاءِ، هي دنيا ائين هوندي جيئن جانورن لاءِ آهي.

اِن ڪري اسلامي دنيا کي گهرجي، تہ پاڻ ۾ ٻڌي قائم ڪن ۽ هڪ اجتمائي ’دارُالحِڪمُت‘ جو مرڪز قائم ڪن ۽ ويچا وساري سائنسي علم ۾ گڏجي کوجنا ۽ تحقيق شروع ڪن.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر نساسڪ

اسان جي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ ادارن ۾ رشوت خوري ۽ اهليت جي لتاڙ ڪري وڏي تباهي ٿي آهي ۽ جي ٿوري وقت اندر سڌارو نہ آيو، تہ هن قوم جو خدا حافظ آهي. دنيا جي اُڏار ڏيندڙ ادارن ۽ ملڪن جڏهن اهو ڏٺو تہ گذريل چاليهہ سالن کان، عوام کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ واسطي جيترا بہ ڊالر ڏنا ويا آهن، سي سڀ رشوت جي حوالي ٿي وڃن ٿا ۽ عوام کي ڪابہ سهولت نہ ملڻ جي برابر آهي. سو ان لاءِ ورلڊ بئينڪ (WB) ۽ ايشين ترقياتي بئنڪ (ADB)، عوام کي سڌو سنئون فائدو پهچائڻ لاءِ مختلف پروگرام ناهي حڪومت جي اڳيان رکيا ۽ پڻ اِهو شرط وڌو، تہ انهن پروگرامن کي هلائڻ لاءِ، حڪومتي ادارا يا افراد نہ، پر قابل ماڻهن جو ناهيل ادارو، جنهن کي قانوني مڃتا حاصل هجي، جنهن کي ڪارپوريشن چئي سگهجي ٿو، انهن کي بنيادي سهولتن جي فراهمي جي جوابداري سونپي وڃي. لک شاباسون هجن انهن غيرن کي، جن کي هتان جي ڏتڙيل عوام جي ڏٻرائي جو احساس ٿيو ۽ صوبائي حڪومتن کي پنهنجو پئسو ڏيئي، رشوت کان پاڪ، عوامي ادارا کولڻ تي پابند ڪيو، جيئن پئسي جي سيڙپ مان عوام کي سڌو سنئون فائدو پوي. اهڙي قسم جون ڪارپوريشن، پاڪستان ڪمپني آرڊيننس، 1984ع مطابق مختلف صوبن ۾ قائم ڪري، شهري عوام جي بنيادي سهولتن کي ترقي وٺرائڻ جو پڪو پهہ ڪيو.

هي ڪارپوريشن، سنڌ جي ڏتڙيل ويهن شهرن جي بنيادي سهولتن جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ، ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ (ADB)طرفان چاليهہ لک ڊالر

(چاليھ ارب روپيہ)، سنڌ گورنمينٽ جي 25% شراڪت سان، آسان قسطن وارو قرض،Sindh Cities Improvement Investment Program, SCIP تحت ڏنو، تہ جيئن شھري آبادي کي ضروري بنيادي سھولتون ميسر ڪيون وڃن.

صوبي سنڌ ۾ اھڙي قسم جون، ٽي ڪارپوريشن ناھٽيون هيون، جن ۾ هڪ، اتر سنڌ جي ڇھن ٽي.ايم.ايز(Taluka Municipal Administrations, TMA)، سکر شھر جا بہ TMA،روھڙي، خيرپور، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو کي ملائي، نساسڪ،(North Sindh Urban Services Corporation), NSUSCکي وجود ۾ آندو ويو.نساسڪ جي جوابداري ۾ ڇھن ٽي.ايم.ايز جي شھري علائقن جي صفائي سترائي ڪرڻ ۽ گندگي کي نڪاٽي لڳائڻ يا اُن گندگي کي ٻَلَ طور استعمال ڪري، بجلي ناھڻ، پاڻي جي رسد ۽ نڪاسي آب سان گڏ، گندي پاڻي کي صاف ڪري، وري ٻيھر زراعتي استعمال جي قابل ڪرڻ شامل آھن. NSUSC ۾ ٻن سالن کانپوءِ، جيڪب آباد ۽ گھوٽڪيءَ بہ شامل ڪرڻو هيو.

اھڙي قسم جي ٻئي ڪارپوريشن وچين سنڌ جي شھرن جھڙوڪ، سانگھڙ، شھدادپور، ٽنڊو آدم، ميرپورخاص ۽ ٽنڊوالھيار شامل آھن، جنھن کي Central Sindh Urban Services Corporation CSUSCسڏيو وڃي ٿو. اھڙي قسم جي، ٽئين ڪارپوريشن، ٺٽو، بدين ۽ عمرڪوٽ شھرن تي مشتمل آھي، جنھن کي(South Sindh Urban Services Corporation SSUSC) سڏيو ويندو،جڏھن وجود ۾ ايندي. اسڪيم SCIP جو ادارو، سنڌ حڪومت جي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي چيف ايڊيشنل (ACS) سيڪريٽري تحت قائم آھي، جنھن جي آفيس ڪراچي ڪلفٽن جي هڪ بنگلي ۾ واقع آھي. ھن جو سربراھ پروگرام ڊاريڪٽر ھوندو آھي، جيڪو حڪومت طرفان، ڪنھن جو نور نظر، بيوروڪريٽ مان چونڊي رکيو ويندو آھي. حالانڪ ھي اھم جاءِ، اھليت جي بنياد تي مارڪيٽ مان رکڻ گھرجي،جيڪو اچي پوري پروگرام جي مالڪي ڪري. برعڪس ان جي، جو ڪنھن بيوروڪريٽ کي رکيو وڃي، جنھن جي لاپرواھي ۽ ناتجربيڪاري ڪري، پوري پروگرام جو ستيا ناس ٿي وڃي ٿو. ھونئن بہ ڏنو وڃي تہ، اھي ساڳيا آفيسر ئي شھر جي بنيادي سھولتن کي گذريل ستر سالن کان پيا ڏسن ۽ سنڀالين، ليڪن تباھي ۽ بربادي کانسواءِ، عوام کي ڪجھہ بہ نہ مليو آھي ۽ سڀ بجيٽ، ٽي.ايم.او وارن سان ملي ڪري، بغير اوڳرائي جي ھضم ڪري ڇڏين ٿا.

ADB جي سيٽ‌اپ تي ساڳئي قسم جا پروگرام، پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي صوبن ۾ هلي رهيا آهن، جن عوامي سهولتن ۾ خاطر خواهه اضافو آندو آهي.

سکر جي نساڪ 2010ع ۾ ميدان ۾ آئي. جنهن ڪري ڇهن شهرن ۾ پاڻي جي رسد، نڪاسي آب ۽ صفائي سترائي جي حالت سڌرڻ لڳي، پر ڪارپوريشن جي ڪارڪردگي جو دارومدار، اُن ۾ پرتي ڪيل ملازمن جي محنت ۽ جفاڪشي تي منحصر آهي، پر افسوس جو ڪمپني جي وجود دوران، جيڪو معاهدو TMA سان ڪيو ويو، اُن ۾ ڪجهه خاميون رهجي ويون، جنهن ڪري TMA جي پراڻي عملي کي، NSUSC جي حوالي ڪيو ويو. اِهو ممڪن ڪيئن ٿي سگهي ٿو، ته ساڳين مندن گهوڙن ۽ مُڏين تلوارن سان هارايل جنگ کٽي سگهجي.نساسڪ کي گهرجي ها، ته شهر جي صفائي لاءِ نئون عملو، مارڪيٽ مان اهليت جي بنياد تي آندو وڃي ها، جيڪو TMAجي عملي کان وڌيڪ محنت ڪري ها ۽ ڪارپوريشن کي پنهنجو ادارو سمجهي،روزگار جي حوالي سان قدر و قيمت ڪري ها، برعڪس TMA جي اوڏر تي ڏنل عملي جي. هِن خامي جو اظهار، مان، ADB بئنڪ جي نائب صدر سان، منيلا ۾ ملاقات دوران ڪيو هو.

شهر جون ميونسپل سروسز جي سار سنڀال وارو ڪم خاصو ڏکيو ۽ پيچيده آهي، جو مختلف سهولتون ڏيڻ واريون تنصيبات (Infrastructures) ايتريون ته ڪمزور آهن، جو ڪنهن به سهولت کي مسلسل روان رکڻ ممڪن نه آهي. اِن ۾ ڪافي رنڊڪون جهڙوڪ، رشوت خوري، توانائي جو اڻپورو نظام، ڪم چوري، غير جوابداري، بي ايماني ۽ عدم احتساب شامل آهن.

اسان جي هڪ محترم دوست هڪ ڏينهن مون کي اخبار ۾ آيل اُن اشتهار ڏانهن ڌيان ڏياريو، جنهن ۾NSUSC، ۾ مئنيجنگ ڊاريڪٽر جي خالي جاءِ لاءِ درخواستون گهربل هيون.

مون کي مهراڻ يونيورسٽي ۾ سٺي ۽ پرامن نوڪري هُئي ۽ مون کي حيدرآباد ڇڏڻ ڏکيو لڳي رهيو هو، جو عبدالله بِيڪن هاءِ اسڪول ۾ A-Level جي آخري مرحلن ۾ هو ۽ گهر اڪيلو ڇڏڻ ڪري مون کي درخواست موڪلڻ جو ڪو خاص شوق نه ايريو، پر دوستن ۽ سڄڻن جي صلاح مشوري تي عمل ڪندي، درخواست ڪراچي جي مئنيجمينٽ ڪمپني، سِدات حيدر (SIDAT HYDER) کي موڪلي ڏني، جنهن ڪجهه ڏينهن اندر،

گهرائي Assessment and Psychometric Test جو امتحان ورتو. هن انٽرويو ۾ تقريباً ڏهه کن اميدوار، سدات حيدر ڪمپني شارٽ لسٽ ڪري ڏنا هُئا. ٻن هفتن کانپوءِ،SCIP آفيس ۾ نُساسڪ جي سليڪشن بورڊ آڏو انٽرويو لاءِ گهرايو ويو. بورڊ جي ميمبرن، اڌ ڪلاڪ تائين سوال جواب ڪندا ۽ ٻڌندا رهيا.

انٽرويو دوران پگهار بابت معلومات ورتي، پوءِ مونکي چيو ويو ته توهان کي ٻن هفتن ۾ اطلاع ڏنو ويندو. بهرحال اسان انتظار ۾ رهياسين.ڪجهه عرصي کان پوءِ سِدات حيدر ڪمپني مان فون آئي، جنهن وري ٻيهر بورڊ اڳيان پيش ٿيڻ لاءِ چيو.ٽيون دفعو انٽرويو لاءِ،SCIP جي گِذري واري آفيس ۾ پهتس، جتي خبر پئي ته هاڻي صرف ٽي اميدوارن مان هڪڙي کي چونڊڻو آهي. اميدوارن ۾ هڪ آرمي انجنيئرس مان برگيڊيئر رينڪ جو انجنيئر ۽ ٻيو ڪراچي جي KMC مان هڪ سينيئر انجنيئر انٽرويو لاءِ آيل هُئا. ٻنهين سان ملاقات ٿي. آرمي انجنيئر، جڏهن منهنجي سعودي عرب ۾ آرمي سان ڪم بابت معلومات ورتي، ته چوڻ لڳو، هِن ڪم لاءِ توهان اسان کان وڌيڪ موزون اميدوار لڳي رهيا آهيون.

انٽرويو ۾ مسٽر رفيع صفي، عثمان غني کتري، ادي ناهيد شاهه (سيد قائم علي شاهه جي ڌي) ۽ صدات جو مسٽر صيفي صاحب موجود هُئا. ڪافي سوالن جوابن کانپوءِ، هنن منهنجي جان ڇڏي. ڪجهه عرصي کانپوءِ، صيفي صاحب اطلاع ڏنو، ته سُئي جو ڪانٽو اچي توهان تي اٽڪيو آهي، سو تنهن ڪري توهان تياري ونو ۽ پندرهن ڏينهن اندر دخلڪاري ڏيو.

آخري انٽرويو دوران، پگهار ۽ الائونسز جي حوالي سان ڪافي بحث هليو، جنهن ۾ ادائي لک پگهار، واڌو ويهه هزار، گهر جو ڪرايو،ماهوار طئي ڪيو ويو، جنهن لاءِ مان پگهار ٽن لکن تي ضد ڪئي، جنهن بعد هنن مونکي ٽن مهينن کانپوءِ، پگهار وڌائڻ جو واعدو ڪيو، جيڪو بعد ۾ وفا ڪيو ويو.

NSUSC ڪارپوريشن جا مکيه فيصلا، بورڊ آف ڊاريڪٽرس (Board of Directors, BOD) جيڪو 18 ميمبرن تي مشتمل هيو، تنهن جي ٽماهي گڏجاڻين ذريعي ٻڌا ۽ حل ڪيا ويندا هُئا.BOD جي ارڙهن ميمبرن ۾، پنج آزاد يا ٻاهران،ڇهه ٽي.ايم.اوز، خيرپور جو DC، سکر ڊويزن جو ڪمشنر، SCIP جو پروگرام ڊاريڪٽر،NSUSC جو MD ۽ ڪجهه ٻين کاتن مان سرڪاري آفيسر شامل هوندا هُئا. ڪارپوريٽ قانون مطابق،BOD جو چيئرمين آزاد اميدوارن مان چونڊيو ويندو هيو. آزاد ۽ سرڪاري ڪامورن

جي نامزدگي، سنڌ حڪومت، پنهنجي من پسندي تي ڪندي هئي. جن جي مدت ٽن سالن جي عرصي لاءِ هوندي هئي. BOD جو چيئرمين، انجنيئر عبدالجبار ميمڻ هيو، جيڪو ٽن سالن لاءِ چونڊيو ويو. ميمڻ صاحب اقتصاديات جي ڪافي ڄاڻ رکندو هو ۽ هوشيار محسوس ڪرائيندو هو. ڇهن شهرن جي سار سنڀال لاءِ، هڪ ڊاريڪٽر اڳ ۾ رکيل هو ۽ منصوبن لاءِ هڪ مئنيجر پڻ نون ڪمن جي نگراني لاءِ مقرر هو.

منهنجي دخلڪاري ڪان اڳ، هڪ سال جي مدي اندر، NSUSC، ٽي M.Dڪائي ڪپائي ڇڏيا هُئا. جڏهن مان دخلڪاري ڪئي، ته ان وقت M.D جي چارج، ڊائريڪٽر فنانس (D.F) وٽ هُئي،جيڪو معاشي معاملن جي ڄاڻ رکندو هيو. هو ڪراچي جو هو، پر سکر شهر ۾ ڪيس ڄاڻي واڻي تنگ ڪيو پئي ويو، جو هُو منهنجي پهچڻ ڪان جلدي پوءِ، نوڪري ڪي خيرآباد چئي ڪراچي هليو ويو، ڪنهن به ڪارپوريشن جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ قابل ماهر اقتصاد جو هجڻ تمام ضروري آهي.

انقلابي اصلاحن جي شروعات

ڇهن شهرن جي صفائي ۽ سترائي لاءِ،TMO ڪان مليل ٽريڪٽر، ٽراليون ۽ ٻيا اوزار ناڪافي هجڻ ڪري، جديد مشينري، جن ۾ ٽريڪٽر ٽراليون،گند جي ڍڳن کي کڻڻ واريون گاڏيون،کڏن کوٽڻ واريون مشينون (Excavators) وغيره گهرائي مختلف شهرن ۾ حسب ضرورت موڪليون ويون، جن کي پيلو رنگ ڪرائي، پاسن کان NSUSC لکرايو ويو، جيئن عوام کي ڄاڻ پوي، ته هي سڄو ڪم TMO نه، پر NSUSC پئي ڪري.

روهڙي، سکر ۽ خيرپور کي صاف پاڻيءَ جي حوالي سان، فلٽر پلانٽ ۽ ٽِين پمپنگ اسٽيشن جو قيام عمل ۾ آيو. پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ، درياهه ۽ ميرواهه اندر، وڏي گنجائش جا پمپ لڳايا ويا ۽ شهر جي انهن علائقن ۾ نون پائيپ لائينن جو ڄار وڇايو ويو، جتي پاڻي جي رسد سِري کان ئي موجود ڪونه هُئي ۽ شهر اندر پراڻن پائيپ لائينن کي تبديل ڪري، نه صرف پاڻي جي ذيان کي ختم ڪيو ويو، پر شهر جي روڏن، عمارتن جي بنيادن کي نقصان ۽ زير زمين پاڻي جي وڌنڌڙ آزار کي روڪيو ويو. پراڻن پائيپ لائنيون، جيڪي اِيسِبيسِٽوس سيمينٽ (Asbestos Cement), AC جي مواد مان ٺهيل هيون جيڪي عام طور تي، ڦڦڙ جي ڪينسر (Lung Cancer) جو ڪارڻ ثابت ٿي چڪيون آهن، انهن کي

تبديل ڪرڻ جو پروگرام شروع ڪيو ويو. پوري مغرب ۽ آمريڪا ۾ اِن پائيپ تي مڪمل پابندي هڄڻ ڪري، اِن مواد کي نہ صرف ختم ڪرڻ پر ان کي نيڪال ڪرڻ جا طريقا واضح طور تي بيان ڪيا ويا آهن. پر بدقسمتي جو اسان جو غريب عوام بي خبر هڄڻ ڪري، اڄان تائين AC پائيپ ۽ AC Sheets تيار ڪرڻ وارين فيڪٽرين ۾ مزدوري ڪندا رهن ٿا ۽ حڪومت اهڙين فيڪٽرين کي بند ڪرائڻ کان قاصر آهي. ايبيسٽوس سمينٽ جي فائيبر، جيڪڏهن هوا رستي جسم اندر داخل ٿيندي رهندي، تہ اُها وجي ڦڦڙن ۾ ڪينسر جي موذي مرض کي جنم ڏيندي. گهرن جي ڇتين، تي جيڪڏهن ACشيٽ لڳل آهن، تہ انهن کي خارج ڪري زمين ۾ پوري ڇڏڻ گهرجي. اسان اِن پائيپ جي جاءِ تي هڪ جديد قسم جي مواد مان ٺهيل پائيپ، جنهن کي پولي ايٿيلين پائيپ (Polyethelyne Pipe) چيو وڃي ٿو، شهر جي گهڻن حصن ۾ سَوَين ڪلوميٽرن جي ڊيگهہ تائين تبديل ڪرايا.هن پائيپ جي زندگي اگر هن کي نہ ڇيڙيو وڃي تہ پنجاهہ سالن کان مٿي آهي.

سکر شهر ۾، بہ فلٽر پلانٽ جن جي حالت تمام خراب هئي، انهن جي توسيع ۽ ترقيءَ سان گڏ پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ جا نوان طريقا شامل ڪيا ويا. پاڻي جي تلائن جي توسيع ۽ انهن جي سيمنٽ لائيننگ شامل آهي. ساڳئي طرح روهڙي ۾ فلٽر پلانٽ ٺهرايو ويو ۽ خيرپور جي پراڻي فلٽر پلانٽ جي توسيع جو ڪم ۽ تلائن جي سيمينٽ لائيننگ وغيره سان گڏ پمپنگ مشينري ۾ اضافو ڪيو ويو. خيرپور ۾ پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ ٺيڪيدار جي اڻبڻت ڪري، اڌ ۾ رهيل فلٽر پلانٽ (Rapid Sand Filter) جي تڪميل جو ڪم تيزي سان ڪرايو ويو تہ جيئن خيرپور جي عوام کي صاف پاڻي ڏئي سگهجي. خيرپور شهر کي جيڪو اڳ ۾ پاڻي سپلاءِ ڪيو ويندو هيو، تنهن ۾ پوري شهر جي گندي پاڻي جي ملاوٽ هوندي هُئي،جنهن جو مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان. شهر جا سڀ گندي پاڻي جا نالا، ميرواهہ جي مٿاهين ۾ ڇوڙ ڪندا هُئا ۽ هيٺاهين يعني ميرواهہ جي پرڳڙي پل کان شهرين کي پيئڻ جو پاڻي ڪڍي ڏنو ويندو هو. اِهو نظام TMO ۽ پبلڪ هيلٿ جو جوڙيل هو. شهر مان سڀ اُهي پائيپ، جيڪي ميرواهہ ۾ گندي پاڻي جو ڇوڙ ڪندا هُئا، تن سڀني کي ڪڍي ٻئي پاسي نيڪال ڪري ڇڏيا.

پاڻيءَ جي رسد سان گڏ، خيرپور شهر ۾ بہ وڏيون پاڻيءَ جون ٽانڪيون(Over head Reservoirs) ٺهرايون، هڪ لُقمان ڦاٽڪ

پرسان دلشاد پارڪ ۾، بئي شهيد آباد ۾ ڳاڙهي پل ميرواهه پرسان، ساڳئي طرح سکر ۽ روهڙي ۾ به واٽر سپلاءِ جو وسيع ڪم ڪرايو.

هر ٽن چئن مهينن جي وقفي سان منصوبن جي اوسر ڏسڻ لاءِ، ADB جا نمائندا مسلسل ايندا رهيا ۽ اسان جي ڪم مان ڏاڍو خوش ٿي موٽندا هُئا، جنهن جو ثبوت ADB جي رپورٽن ۾ درج ٿيل آهي.

شهرن اندر گندگي ڪڍڻ لاءِ نيون مشينون ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيون ۽ صفائي جو ڪم بهتر ٿيڻ لڳو، پاڻيءَ جي نظام ڪي گهٽو سڌاري وياسين ۽ نڪاسي آب نالن جون صفايون وقت اندر ٿيڻ لڳيون. سکر، روهڙي ۽ خيرپور ۾ فلٽر پلانٽس تي ڪم تيزي سان هلڻ لڳو. قدر خاص ڪافي بجلي جي حوالي سان SEPCO طرفان بلن مٿان اوور بلنگ ڪري سڄي شهر ۾ بجلي جو خسارو ۽ چوري، وڪرو، اسان جي بلن ۾ اضافي، واري چڪر کي ختم ڪرايو. جو سيني پمپنگ اسٽيشن تي نوان ميٽر هٽايا ۽ بل حقيقي ڪپت مطابق ڏيڻ تي، SEPCO جي عملي کي مجبور ڪيو،جنهن مان NSUSC کي ڇهن ضلعن مان ٻن ڪروڙ روپيه ماهانه بچت ٿيڻ لڳي. هي هڪ اهڙو قدم هيو، جو سيپڪو وارن کان مسٽر گل شير شر وڏي جفاڪشي ۽ محنت سان ڪرايو. اُن ڪم لاءِ مان جڏهن،BOD جي ميٽنگ ۾ معلومات ڏني، ته چيئرمين، بجاءِ شاباس ڏيڻ جي، پنهنجي هڪ آڊيٽر کي Verify ڪرڻ لاءِ چيو. مسٽر گل شير جو هي ڪم تعريف جي لائق آهي، جو هن وڏي محنت ڪئي.

مان مهراڻ يونيورسٽي جي نوڪري ان لاءِ ڇڏي هُئي ته وڃي ڏُٽڙيل عوام جي خدمت ڪيان پر افسوس جو ڪجهه افراد پنهنجن ذاتي اَنا ۽ فاعدن، ڪري تعاون نه ڪندا هُئا ۽ هر مرحلي ۾ وينا مخالفت ڪندا هئا هي اسان جي قوم ۾ هڪ وڏي گهٽتائي آهي، جو عوامي خدمت کان ذاتي فائدن کي ترجيح ڏني وڃي ٿي.

مان تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ٽيم ورڪ ناهڻ جي، پر هتي منافقت چوٽ چڙهيل هئي. نوڪري جي حوالي سان، حسد (Professional Jealousy) ڪندڙن بابت ٿورو پڌو هو پر هتان جي ٻن سالن جي ڪار گذاري دوران،حاسد، منافق ۽ احساس ڪمتري ۾ مبتلا، تخريبڪار ذهن رکندڙ ماڻهو، ڪهڙيون نه ڪريل حرڪتون ڪن ٿا، ان جو احساس، مون کي هن نوڪريءَ ۾ اچي ٿيو. اِن تي جي لکڻ چاهيان ته هڪ پورو ڪتاب لکي سگهان ٿو. مون کي NSUSC جي نوڪري دوران انسانن جي حسد ۽ منافقت ۽ دغابازيءَ جو ايترو مشاهدو ٿيو آهي، جنهن مان، مون کي گهڻن

ماڻهن ۾، حيوانيت نظر اچي ٿي. مارڪ ٽُون بلڪل صحيح فرمايو آهي:
“The more I learn about people, the more I like my dog”,

چوندا آهن تہ پيرن جي موچ ۽ گهٽيا سوچ، ڪڏهن بہ اڳتي وڌڻ ڪونہ ڏيندي آهي.

نساسڪ هڪ اهڙو ادارو آهي، جيڪو ڇهن TMA جي جاءِ تي ڪم ڪري ٿو ۽ ملازمن ۾ اڪثريت، اُن عملي جي آهي، جيڪو اڳ ۾ TMA وٽ ڪم ڪندو هُو يعنيٰ نساسڪ جو عملو TMA جي طرفان ڏنل آهي.TMO اڳ ۾ آزاد هوندي، ڊپٽي ڪمشنر جي نگراني هيٺ ڪم ڪندو رهندو هو. نساسڪ جي وجود سان ٽن گروهن جي دُشمني رهندي اچي، هڪ تہ TMO جا آزادي وارا خرچ ۽ مزا ختم ٿي ويا ۽ مٿين آفيسرن جا انگل بہ اڌ ۾ رهجي ويا ۽ ٽيون گروهہ ۾، اُهي پبلڪ هيلٿ جا انجنيئر جن جي روزگار تي نساڪ جي اچڻ سان لت لڳي. هي هڪ ڪُند ذهن انسان جي سوچ آهي جو عوام جي ڀلائي کي پنهنجي ذاتي فائدي کان گهٽ سمجهيو وڃي ٿو. هر ڳڏجاڻي يا ڪنهن خاص موقعي تي، نساسڪ جي ڪارڪردگي تي نقطہ چيني ڪرڻ ۽ بيوروڪريٽ آفيسرن جا ڪن ڀرڻ، هر روز جو ڪاروبار هوندو هو. توهان ڏنو آهي تہ هر سال شهري علائقن کي ڪروڙين روپيہ ملن ٿا پر 70 سالن جي تاريخ گواهہ آهي، تہ TMO وارن جي ڪارڪردگي ۽ PHED جي انجنيئرن جا ٽوٽل منصوبا فيل ٿي ويا آهن ۽ سنڌ جا سڀ شهر توهان کي کنڊر ٿيو تا نظر اچن.

ٻاهرين ملڪ جو ادارو يا بئنڪ جڏهن قرض ڏيندي آهي تہ ان قرض سان سخت شرط هوندا آهن، جيڪي قرض وٺندڙ ملڪ کي مجبوراً مڃڻا پوندا آهن. هونئن بہ مشهور آهي تہ Beggars are not choosers. انهن شرطن ۾ اهڙو طلسم آهي جو قرض جي ڪافي رقم ساڳئي ملڪ کي واپس ملي وڃي ٿي پوءِ ان جي کهڙي بہ شڪل هجي. مثلاً، ان قرض تحت جيڪي منصوبا جوڙيا ويندا، اُنهن لاءِ صلاحڪار (Consultants) ٻاهرين ملڪن (International Consultants) جا رکڻا ضروري آهن۽ انهن جو تعداد، ڪم جي نوعيت تي دارومدار رکي ٿو ۽ اڪثر ڪري ٺيڪو بہ بين الاقوامي سطح تي ڏنو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح مان جڏهن نساڪ ۾ دخلڪاري ڏني تہ پنج ٻاهرين ملڪن جون صلاحڪار ڪمپنيون،NSUSC جي صلاحڪاري ۾ لڳل هيون، جن جا ڪراڙا انجنيئر، مغربي ملڪن مان مهيني ۾ هفتي لاءِ ايندا ويندا رهندا هُئا، انهن جون هوائي ٽڪيٽون، ڪاڏا

پيتا، هوٽل وغيره جو خرچ سندن گهر کان ونئي سکر تائين ڪمپني جي بلي هوندو هو. اڪثريت ۾ ڪم جي مهارت مون کي ڪنهن ۾ نظر ڪونہ آئي، پر مون کان اڳ ۾ موجود آفيسرن کي گوري رنگت وارا گهڻو پسند هوندا هُئا ۽ جڏهن ڪنهن ڪمشنر، چونڊيل نمائندي يا وزير جي گڏجاڻي لاءِ سڏ ڪيو ويندو هوتہ انگريز ساڻ ونئي ڏاڍو وڃي رُعب سان تعارف ڪرائيندا هُئا. انگريز پنهنجي زبان کي ٽيڏو ڪري، سِيٽِن جي آواز ڀريل لفظن سان، سڀاجهن سنڌين تي پنهنجو جادو ڏيکاريندا هُئا. پنهنجي عيبن ۽ ڪوتاهين کي لڪائڻ خاطر، انگريزن کي بغير ضرورت جي گڏجاڻين ۾ونئي، ماڻهن تي اثر وجهڻ بدران، پنهنجي نالائقي ۽ ڪوتاهي کي لڪائيندا هُئا. مون کي پورن ۽ ڪارن انگريزن ۾ ڪنهن بہ مسئلي تي ڪڏهن بہ ڪو اختلاف ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. ليڪن ڪڙُو مَنجھ ڪڙي، وارو معاملو ضرور لڳو پئي. مان سال ڪن ۾ ڪيترن ئي صلاحڪار ڪمپنين جو سفايو ڪيو ۽ ڪروڙين رپيا بچايا جنهن جو مونکي ڪنهن بہ ڪريڊٽ ڪونہ ڏنو.

مون پنهنجي وقت ۾ سخت محنت ڪئي، اداري ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ، روزانو ٻارهن ڪلاڪ صرف ڪيا. سکر جي اسلام الدين شيخ ۽ سندس ٻن پٽن، مسٽر نعمان شيخ ۽ بئرسٽر ارسلان شيخ سان گڏجاڻيون، رات جي ٻارهن بجي تائين هلنديون رهنديون هيون. وفاقي وزير جناب خورشيد احمد شاهه هر هفتہ سکر ايندو هيو ۽ سندس معمول ٻارهين بجي گڏجاڻي سکر سرڪٽ هائوس ۾ ڪرائيندو هو جنهن ۾ پوري ڊويزن جا آفيسر هوندا هُئا. هر هڪ کان پيو پڇندو هو ۽ پنهنجن ۽ عوامي ڪمن بابت معلومات پيو وٺندو رهندو هو. شڪارپور ۾ ڊاڪٽر ابراهيم جتوئي، مير عابد جتوئي وارن کي بہ شڪارپور ۾ هلندڙ ۽ رٽيل ڪمن بابت معلومات ڏيندو هيم. اِهي ٻئي ڀائر اسان تي مڙيوئي گهڻو مهربان آهن. شڪارپور ۾ ميراڻي صاحب سان بہ ڪيترائي دفعا ملاقات ٿي. سائين تمام معتبر ۽ بااخلاق شخصيت جا مالڪ آهن. فنڪشنل ليگ جي اڳواڻ مسٽر امتياز شيخ صاحب فون ڪري شڪارپور شهر ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان گڏجي معائنو ڪرڻ لاءِ چيو، مان ٻئي ڏينهن سندس رهائش گاهه تي پهتس. سائين سان ملاقات ٿي، پوءِ سڄي شهر جو معائنو ڪري مسئلن جا حل ڳولي ڪڍيا.اُن ڪانپوءِ هڪ جاءِ تي وٺي ويو، جتي ڪافي ماڻهو گڏ هئا، جن جون شڪايتون ٻڌي، ٿڏي تي عمل ڪرايو،

جنهن ڪانپوءِ شيخ صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پيهر ساڻس ڪئي دفعا، شڪارپور جو گڏجي دورو ڪيو. شيخ صاحب پڙهيل ڳڙهيل عوامي نمائندو آهي. سائين جن پاڻ DMG گروپ جا وڏا ڪامياب بيوروڪريٽ هُئا پر سياست جي شوق ۾ عوام جي خدمت لاءِ پيا پاڻ پتوڙين.

شيخ صاحب مون کي گذريل مهيني فون ڪئي ۽ حال احوال ورتو ۽ پنهنجو ذاتي فون نمبر ڏنو ته ڪو ڪم ڪار هجي ته ڪيس ٻڌايان. مان سائين جن جو گهڻو ئي ٿورائتو آهيان، جو ٻن سالن گذرڻ ڪانپوءِ به مونکي ياد ڪيو اٿس.

جيئن ته اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان، ته نساسڪ جي وجود ۾ اچڻ ڪري، گهڻن جي روزي تي لت لڳي، تنهنڪري هر سطح تي مخالفت ٿيندي رهي. پر الحمد الله، جو مون کان ڪنهن رُشوت گهرڻ يا ذاتي پاسداري لاءِ ڪنهن کي به جُرعت ڪونه ٿي، سواءِ هڪ اڌ واقعي جي، جتي مان صاف انڪار ڪيو ۽ اڳتي لاءِ اهڙي قسم جي سختيءَ سان منع ڪئي.

ميڊيا TV وارن کي صرف هڪ دفعي ورڪنگ لنچ جي دعوت ڏياري هُئي، جيڪا پڻ سکر فلٽر پلانٽ تي ڪرائي هئي. ڇهن شهرن جي پوتارن ۽ بيوروڪريٽ، جيڪي پاڻ کي ضلعن جا مالڪ ۽ وارث سڏائيندا آهن، انهن کي منهن ڏيڻ ۽ راضي رکڻ، جبل جهاڳڻ جي برابر هو. قانوني طور، هو اسان کي ڪجهه به چئي ڪونه پيا سگهن، جو ڪارپوريشن سندن اثر هيٺ نه هئي. سکر جو ڪمشنر، جڏهن نئون بدلي ٿي آيو، ته اتان جي TMO ، پنهنجي ڪنهن خاص ميٽنگ ۾، ڪمشنر کي نساسڪ جي برخلاف گهڻيون ئي گلائون ڪيون، ۽ ڪمشنر کي هدايت ڪيائين، ته سائين توهان ڪڏهن متان پلجي، نساسڪ جي ڦلنڊڙ منصوبي تي وڃو، هو توهان کي اچڻ ئي ڪونه ڏيندا. ڪمشنر صاحب هفتو کن پريشان رهيو،ته هي ڪهڙي بلا آهي، جو TMO وارا پنهنجي منهن پيا ٿان ڏينهن جو خواب لهن. آخر ٻن هفتن ڪانپوءِ، ڪمشنر صاحب مون سان فون تي ڳالهايو ۽ ملڻ لاءِ چيو. منهنجي ملاقات دوران، ڪمشنر اُن TMO جو ذڪر ڪندي چيو، ته يار توهان ته مونکي ڀلا انسان پيا لڳو. فلاڻ TMO مونکي خوامخواهه غلط ٻڌايو آهي. بهرحال پوءِ حال احوال ٿيو. انگريزن دور ۾ بيوروڪريٽ کي ٽريننگ دوران، ڪين اهو ٻڌايو ويندو هيو، ته هو اچي ۽ ڪاري جا مالڪ آهن، تنهنڪري ضلع اندر، هر ڪاتي جي آفيسرن تي، رُعب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اڳ ۾ ڪمشنر ته نهيو، پر مختيارڪار کي

مئجسٽريٽ جا پاور ڏنل هوندا هُئا، جڏهن انگريزن هي ملڪ، ڪارن انگريزن جي حوالي ڪيو هو. ۽ جنرل مشرف، انهن جي طاقت گهٽائي ڇڏي هُئي.

عوام جي سهولت خاطر ۽ سندن مشڪلات جي حل لاءِ، هر شهر ۾ هڪ ڪان وڏيڪ ’شڪايت مرڪز‘(Complaint Centre)ڪوليا ويا، جيئن عوام جي دانهن ڪوڪ رجسٽر ڪري، انجو جلدي ازالو ڪيو وڃي. شڪايت ٽيليفون SMS ۽ email ذريعي پڻ داخل ڪري سگهجندي هئي.

لاڙڪاڻو شهر لاءِ ان وقت جي اسپيڪر، جناب نثار احمد کهڙو سان ڪيترائي پيرا شهر جي مسئلن تي گڏجاڻيون ٿيون، خاص ڪري، 2011ع واري برسات ۾ ڇهن شهرن ۾ ايتري برسات پئي جو لاڙڪاڻو ۽ سکر ۾ هيٺائين وارا علائقا ٻڏي ويا برسات دوران بجلي جو غائب ٿيڻ، پاڪستان ۾ ڪا نئين ڳالهه نہ آهي. سکر جو هيٺائين وارو پراڻي سکر جو علائقو تہ بلڪل ٻڏي ويو، جنهن ڪي ڇئن ڏينهن جي مسلسل محنت سان شهر جو برساتي پاڻي درياهہ ۾ پمپ ڪري اڇلايو. ڪمشنر انعام الله ڌاريجو، هڪ بهترين انسان مون کي ياد آهي، جڏهن وزير اعليٰ سکر آيو، تہ TMO ۽ شاهي بازار جي واپارين، ڪنهن جي چرت تي نساسڪ جي غفلت جو تاثر ڏنو، جنهن تي مون وزيراعليٰ کي کولي سمجهايو، تہ هن برسات گذريل 50 سالن جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو آهي ۽ لڳاتار SEPCO وارن بجلي جي سپلاءِ بند رکي پر تنهن هوندي بہ اسان ڏينهن رات ڪري، مسلسل برسات جي پاڻي کي درياهہ ۾ پمپ ڪندا رهياسين. هي هڪ قدرتي آفت آهي، جنهن کي اسان پنهنجي پوري طاقت سان منهن ڏنو. جنهن تي ڪمشنر صاحب، منهنجي دليل جي پنيرائي ڪئي، جنهن ڪري مان سندس ٿورائتو آهيان. انهن واپارين ۾ هڪڙو سچار هو، جنهن وڏي آواز ۾ چيو، تہ توهان کي SEPCO جي شڪايت ڪرڻ گهرجي، جو هو آسمان ۾ ڪکر ڏسي، بجلي بند ڪري ٿا ڇڏين ۽ جڏهن تي مرضي پئين، تڏهن ٿا کولين.

مان ڏنو آهي تہ پاڪستان ۾ گڏهہ ۽ گابو برابر آهن. ڇئن ڏينهن ۽ راتين جي مسلسل ڪوشش ۽ محنت جي باوجود، ڪنهن بہ شابس تہ نہ ڏني، ليڪن شڪايتن جا انبار لڳي ويا. هي هڪڙي سازش هئي، تہ جيئن هي ڪمپني ختم ٿئي، تہ پوءِ سيني کي پنهنجو وند ملي، جيڪو ستر سالن کان پئي مليو. TMO وارن ۽ PHED جي انجنيئرن جا بيورو ڪريٽ ۽ چونڊيل نمائندن سان تمام گهاٽا رشتا قائم آهن. ان ڪري نساسڪ جي

مخالفت جو ميدان وسيع ٿيندو ويو، جيئن جيئن ان جي ڪارڪردگي سٺي ٿيندي وئي ۽ سنڌ حڪومت جي ڄاڻي واڻي سازش ڪري پئسو سست رفتار ۾ اچڻ لڳو، جنھن ڪري تساسڪ ۾ مالي تنگي ٿيڻ لڳي.

خيرپور شھر جي خاڪي شاھ پرسان، فلٽر پلانٽ جي توسيع ۽ ترقي جو ڪم اچي تڪميل کي ويجھو ٿيو ۽ ساڳئي وقت ڊرينيج جي پمپنگ اسٽيشن ۽ پائيپ نيٽ ورڪ مڪمل ڪري وزير اعليٰ کان انھن ٻنھي منصوبن جو افتتاح (August, 2012) ڪرايو. خاڪي شاھ جي فلٽر پلانٽ کي نقشن ذريعي پوري تفصيلي معلومات ڏني، جنھن ڪانپوءِ جمالي ڳوٺ ۾ گندي پاڻيءَ جي ڊزپوزل اسٽيشن تي بٽن دٻائي، پمپ چالو ڪرائي افتتاح ڪرايو. وزير اعليٰ، اسان جي ڪم جي معيار ۽ رفتار جي تعريف ڪئي. مھمان خاص، جڏھن گاڏي ۾سوار ٿيو تہ مونکي چيائين تہ ھتي نوڪريون وغيرہ ھجن تہ ضرور اسان کان پڇي پوءِ ڏيندا ڪريو، جنھن تي مان ڪيس يقين ڏياريو.

لاڙڪاڻي شھر ۾ نِڪاسي آب جي حوالي سان پنجٿيھ ڊزپوزل اسٽيشن جي توسيع ۽ نئين مشينري لڳائي وئي.

لاڙڪاڻي جي ھن منصوبيٰ جي افتتاح لاءِ، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جناب نثار احمد کھڙو کي دعوت ڏني. شھر ٻاھران مکيہ ڊزپوزل اسٽيشن تي خيما ھڻايا ۽ پنج سوَ کن ماڻھو دعوت ڏئي گھرايا ويا. کھڙو صاحب افتتاح ڪري، تقريب ۾، مھمان خصوصي جي حيثيت ۾ اسٽيج تي اچي وينو. ٻن ٽن پارٽي ڪارڪنن طرفان تقرير ڪئي وئي جنھن ڪانپوءِ مان اسٽيج تي اچي تقرير ڪئي، جنھن ۾ منصوبي جي عوامي ڀلائي بابت ۽ آخر ۾ کھڙي صاحب جي تعريف ڪئي جو ھو ھميشہ اسان جي ڪمپني جي پٺڀرائي ڪندو رھندو ھو. آخر ۾ کھڙو صاحب ڪلاڪ کن ڀرپور حالت ۾ تقرير ڪئي، جنھن ۾ ھن، تساسڪ لاءِ سٺا لفظ استعمال ڪيا ۽ پبلڪ کي ياد ڏياريو تہ ھي ڪمپني،TMO کان وڌيڪ محنت ڪري، شھر کي صاف رکي ٿي. توھان ھنن جون اِھي پيلي رنگ واريون گاڏيون ڏسو ٿا، جيڪي مان نيويارڪ ۾ ڏٺيون آھن، ڪيئن صبح روڊن تان گندگي کڻي وڃن ٿيون. مطلب تہ کھڙي صاحب اُن ڏينھن اسان جي تعريف ۾ ڍُھل ڪڙڪائي ڇڏيا.

نَساسڪ، سياسي نرڳي ۾ قاتل

سکر شهر ۾ سياست ٻن ڌڙن، شاهن ۽ شيخن وچ ۾ پئي چڪريون ڪائي. سياستي نرسري، ضياءُ دور جي سنڌ گورنر جنرل ايس.ايم. عباسي جي هٽان پيپلز پارٽي کي سکر مان نيڪالي وارن ڏينهن ۾ شروع ٿي. اِهو هڪ قصو آهي، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ نہ تو ڪري سگهجي. جڏهن سکر جي فلٽر پلانٽ جو افتتاح، وفاقي وزير خورشيد شاهہ صاحب کان ڪرايو ويو تہ نہ ڄاڻ سينيٽر صاحب لاڙڪاڻي ۾ اهڙي شڪايت ڪئي، جو ادي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ لاڙڪاڻي جي ڪمشنر کي صاف چئي ويو، تہ نساسڪ کي لاڙڪاڻي مان ڪڍو ۽ ڪانئن سامان ۽ عملو وٺي واپس TMO جي حوالي ڪري ڇڏيو.

سکر فلٽر پلانٽ جي افتتاح ۾، هڪ وڏي رنگا رنگ تقريب جو اهتمام ڪيوسين. هزار کن ڪان مٿي ماڻهو گڏ ڪيا ۽ مان سکر جي عوام کي خاص دعوت ڏني، سي وڏا ريشمي پٽڪا ٻڌي آيا. وسيع پنڊال سجايوسين ۽ سنڌي قوم پرستي وارا نغما سڄي سکر ۾ ٻڌجڻ لڳا. شاهہ صاحب جي اعزاز ۾، پهچڻ تي گلن جي ورڪا ٿي، جنهن ڪانپوءِ منصوبي جي افتتاح جي رنگين پٽي ڪاٽي، پوري منصوبي جو ذاتي دورو ڪيو. دوري دوران، سڄي پبلڪ پويان هجي ۽ ساڳئي وقت، ميڊيا ۽ ٽي.وي وارن کي بہ دعوت ڏني، سي بہ اچي شامل ٿيا، ڄڻ مڪڻ ۾ ماکي ملي وئي.

منصوبي جي دوري کان پوءِ، شاهہ صاحب کي سينگاريل اسٽيج تي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ پر ۾ مان وينس. پبلڪ جا نعرا ۽ تاڙين جي گونج شروع ٿي. قرآن شريف جي تلاوت ڪانپوءِ، ڪجهہ معزز سياسي شخصيتن تقرير ڪئي، جن بعد مان تقرير ڪئي، جنهن ۾ منصوبي جون خوبيون ۽ منجهس عوام جي فائدن بابت ٻڌايو ۽ ساڻ شاهہ صاحب جي نساسڪ سان پنيرائي بابت ڪافي واکاڻ ڪئي، جنهن بعد شاهہ صاحب سياسي تقرير ڪانپوءِ، نساسڪ جي ڪارڪردگيءَ جي ساراهہ ڪئي ۽ عوام کي پاڻيءَ جي بلن جي ادائگي بابت هڪ سنو ليڪچر پڻ ڏنو. هن پوري ڪاروائي ڪي، پرنٽ ميڊيا ۽ ٽي.وي ايترو ڪنيو، جو سکر جي ٻئي سياسي ڌر اچي مون تي ناراض ٿي، جو آخر ڳالهہ وڃي شڪايت تي پهتي. جنهن تي بغير ٻئي ڌر کي ٻڌجڻ جي، هُن يڪطرفو فيصلو ڏنو ۽ ڪمشنر لاڙڪاڻو، ڊاڪٽر سعيد مگڙيجو کي، نساسڪ کي لاڙڪاڻي ۾، ڪم ڪرڻ کان منع جو حُڪمنامو جاري ڪيو. منع نامي جي جڏهن مون کي خبر

پئي،تہ ڪمپني آرڊيننس ۾ ڪارپوريٽ لا جي توري گهٽي جاڻ ۾ ADB سان ڪيل معاهدن جي پسمنظر ۾،مونکي پڪ هُئي، تہ اِهي سياسي حُڪمناما، ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهن. بئي ڏينهن تي، ڪمشنر صاحب، فون ڪري سچي ماجرا ٻڌائي،پر هو نادري حڪم جي تعميل بابت تورو پريشان ڏسڻ ۾ آيو. بهرحال ڊاڪٽر صاحب هڪ قابل ۽ سچو انسان هجڻ جي ناتي، اِن مسئلي جو حل ڪڍڻ جي نيت سان، اِهو پئي چاهيو، تہ نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ بچي. مان ڪمشنر صاحب سان ملاقات لاءِ بئي ڏينهن لاڙڪاڻي وڃڻ جو پروگرام ناهيو، پر ساڳئي وقت، اِن نادري حڪم جي اخبارن ۾ ٽي.وي تي گهٽي واکاڻ ٿي وئي. سَوين اخباري نمائندن ۾ ٽي.وي چئنلن جي خبر واري شعبن مان فون اچڻ لڳا، ائين جڻ مگٺهارن ۾ ميراثين جي ڳوٺ ۾ ڪنهن وڏيري جي ڪاج جي خبر پئي هجي. هتي افسوس سان چوڻو ٿو پوي، تہ اسان جا اڪثر پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو بہ، جاهلن واري روش رکن ٿا، نہ ڄاڻ آهي ۽ نہ وري علم، پر بحث هر موضوع تي ضرور ڪرڻو آهي.

مان ڊاڪٽر سعيد صاحب جو ٿورائتو آهيان، جو هِن اِن مسئلي کي ڏاڍو ڌيرج ۽ تحمل سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇو جو ڊاڪٽر صاحب کي TMO ۾ پبلڪ هيلٿ جي ڪارڪردگي کان بخوبي واقفيت هُئي ۽ ٻنهين جيڪي گڏريل ستر سالن ۾ ڦاڙها ماريا آهن، تن کان سڀ واقف آهن.

ڊاڪٽر سعيد مونکي هڪ هفتي کان پوءِ، ادي سان ميٽنگ لاءِ وقت وٺي ڏنو. جنهن لاءِ اسان ڪمپيوٽر تي پاور پئانٽ ذريعي لاڙڪاڻي ۾ ٻين شهر ۾ پنهنجي ڪارڪردگي بابت مڪمل معلومات ڪني ڪرڻ جي تياري شروع ڪري ڏني. اِن دوران، مان BOD جي چيئرمين، جناب انجنيئر عبدالجبار ميمڻ صاحب کي گڏجاڻي جو اطلاع ڏنو ۽ هن اسان کي معلومات ڪني ڪرڻ بابت بہ رهنمائي ڪئي.

مان ۽ شهري سهولتن جي سار سنڀال واري ڊائريڪٽر ۽ انجنيئر محمد علي شيخ،جيڪو منصوبن جي اڏاوت تي مئنيجر مقرر هيو، تن سيني گڏجي ڏاڍي محنت ڪري، پاور پئانٽ تي مڪمل معلومات جمع ڪئي.جنهن ۾ گهڻو لاڙڪاڻي شهر جي نساسڪ کان اڳ واري بڇڙي حالتن جي تصويرن جو چِٽو عڪس نِمايان ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ نساسڪ طرفان هلندڙ ڪمن ۾ توسيعي اصلاحات بابت پوري معلومات بمع تصويرن جي جمع ڪئي ۽ آخر ۾ لاڙڪاڻي شهر جي سهولتن جي تازي صورتحال ۽ مستقبل قريب

۾ منصوبہ بندي ۽ ٻين شهرن جي پيٽ ۾ سيٽ اپ بابت پوري معلومات ڪمپيوٽر تي تيار ڪئي.

مان ۽ ڊائريڪٽر گڏجاڻي واري ڏينهن، سکر مان نڪتاسين ۽ پنهنجي ترجمان مسٽر عديل شاھ ۽ لاڙڪاڻي جي انچارج، مسٽر وحيد ابڙو ۽ محمد يوسف ڀٽو، کي اتي ملڻ لاءِ اطلاع ڪيو. اسان نئون ديرو ۾ واقع صدارتي محل ۾ پهتاسين، تہ ٻاهرين در تي سيڪيورٽي وارن فون ذريعي معلومات وٺي اندر ڪيو، تہ وري هڪ ٻيو در آيو، جنهن تي ڪافي سيڪيورٽي وارا بيٺا هُئا، جن اندر وڃڻ کان روڪيو. ڪمشنر صاحب کي فون ڪئي، تنهن مختياڪار کي موڪلي ڏنو، جنهن ٽيون در آساني سان پار ڪرايو. اسان کي پهريائين طئي ڪيل پروگرام تحت گهرايو ويو، تنهن هوندي بہ ايتريون رڪاوٽون جو ڪمشنر صاحب کي چوڻو پيو، جنهن کان پوءِ اندر وڃڻ جي اجازت ملي.

اسان کي صدارتي محل جي هڪ ڪمري ۾ انتظار ڪرڻ لاءِ چيو ويو، جو ميڊم ڪنهن ٻئي گڏجاڻي جي سرپرستي ڪري رهي هُئي. اسان جي ميڊم سان پهرين ملاقات هُئي.

ٻن ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ، ڪمشنر صاحب ۽ ميڊم جي پرائيويٽ سيڪريٽري، جنهن جو نالو ياد ڪونہ اٿم، اسان کي ٻڌايو، تہ ميڊم کي جلدي ۾ ڪراچي پهچڻو آهي، تنهنڪري توهان کي هڪ هفتي کانپوءِ اطلاع ڏينداسين پر توهان شهر جي صفائي سٿرائي تي وڊيڪ ڏيان ڏيو ۽ ٻيهر تيار ٿي اچجو.

مان موقعي جو فائدو وٺندي، BOD جي چيئرمين کي اڳئين ميٽنگ تي گڏجي هلڻ لاءِ چيو، جيڪو هن قبول ڪيو ۽ پاور پئانٽ جي معلومات کي وڌيڪ سڌارڻ لاءِ رهنمائي پڻ ڏني. اسان جي BOD جو چيئرمين ڏاڍو مهربان ۽ مددگار رهيا آهن، پر جڏهن ناراض ٿيندا آهن تہ پوءِ لِڪ ڇپ ۾ دشمني تي لهي پوندا آهن.

اسان کي ميڊم سان گڏجاڻي جي ٻيهر تاريخ ملڻ تي، چيئرمين سميت پوري ٽيم، جڏهن صدارتي محل ۾ پهتي، تہ اُتي لاڙڪاڻي شهر جي سڄي ساري پريس نفري سان گڏ شهر جا معزز شهري ۽ واپاري طبقو اسان جي انتظار ۾ ويٺا هُئا. مون کي تہ TMO ۽ اُن جي ساٿين جي سازش پئي نظر آئي، پر الله تي ڀروسو رکي، اسان ڪانفرنس هال جي ٽيبل تي پنهنجا دهل ۽ باجا سنواري، ميڊم جي اچڻ جو انتظار ڪيو.

اڳ ڪلاڪ ڪانپوءِ، ميڊم پنهنجي ساٿين سان گڏ هال ۾ داخل ٿي، اسلام الدين شيخ، آغا سراج دراني ۽ اياز سومرو نمايان نظر آيا. اڄڻ سان سيني ميڊيا جي نمائندن جي حاضري لڳائي وئي، KTN جو نمائندو موجود نہ هجڻ تي ناراض ٿي ۽ فورن فون ڪري اُن کي گهرائڻ لاءِ حڪم ڏنو پر هو محل ۾ داخل ٿي رهو هو. ان لاءِ انتظار ڪيائين، جڏهن هو داخل ٿيو تہ ان ڪانپوءِ ميڊم ٻين شهرن ۽ واپارين جي وفدن سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ مشغول ٿي وئي. اسان جي چيئرمين، تعارف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسان ڏانهن توجهہ ڪونہ پئي آيو. آخر ناراضگي ۾ پڇيائين تہ، نساسڪ وارا ڪٿي آهن ۽ ڇا ٿا چوڻ چاهين. اسان پنهنجي تيار ڪيل معلومات جو ڪجهہ پٽيون (Slides) هلائڻ شروع ڪيو، پر هر ڳالهہ مٿان اعتراض ۽ سوال ٿيندا رهيا. چيئرمين بہ پنهنجو موقف، جادوگري ڪندي، انگريزي لفظن کي چباڙي بيان ڪندو رهيو، جنهن جو ڪجهہ اثر ڏسڻ ۾ نہ آيو.

اسان پنهنجي ڪمپني جي ننڍي عمر هجڻ، جي حوالي سان چيو، تہ 70 سالن جي مسئلن کي، هڪ سال اندر ختم نہ ٿو ڪري سگهجي، تنهن ڪري اسان کي ڪجهہ عرصو ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي ۽ پوءِ ڪارڪردگي جي بنياد تي، توهان جيڪو فيصلو ڪيو، اسان مختلف تصويرون ۽ معلومات ڏيکاريندا رهياسين، گڏ سوالن جا جواب بہ ڏيندا رهياسين. تہ اوچتي سينيٽر شيخ صاحب، وڏي آواز ۾ چيو، تہ "نساسک نے ہمارے ناک میں دم کردیا ہے، اسے مہربانی کر کے بند کروادو۔"

بهرحال ميڊم خاموش رهي ۽ اسان پنهنجون سڀ سلائيڊ، ڏيکاري پوريون ڪيون.

ڪافي بحث مباحثي ڪانپوءِ، ميڊم ڪمشنر کي مخاطب ٿي چيو تہ، ’هي ماڻهو پڙهيل ڳڙهيل لڳن ٿا، ظاهر آهي ڪو سٺو ڪم ڪندا هوندا، تنهنڪري هنن جو ڪم پلي جاري رهي، پر توهان هنن مٿان نگراني ڪندا رهو‘. ميڊم اسان کي چيو تہ، توهان ڪو اهڙو هاءِ ٽيڪ جو منصوبو لڳائڻ جي ڪوشش نہ ڪندا، جو توهان جي وڃڻ ڪانپوءِ، TMO وٽ اهڙا قابل ملازم مٿان نہ هجن ۽ ان کي نہ هلائي سگهن.اسان هُن کي هر ڳالهہ جو يقين ڏياريو، تہ اوچتو جنگ اخبار واري نمائندي، وڏي آواز ۾ رڙيون ڪري چيو، تہ ميڊم توهان جو اڄوڪو فيصلو، کهڙي سببن ڪري، گذريل هفتي جي فيصلي جي بلڪل برعڪس ڪيو آهي؟ ميڊم ڪجهہ وقت خاموش ٿي، چيو تہ ’هي اڄ جو فيصلو آهي ۽ گذريل هفتي جو اهو فيصلو گذريل هفتي جو هو‘.

اسان خير سان ميٽنگ ختم ڪري، اچي سکر نڪتاسين، ADB بئنڪ جي مسٽر ايلن ڪيلي کي ناراضگي بابت اطلاع ڏنو هيو، جنهن لاءِ هو پڻ پريشان هيو ۽ هن ميٽنگ ۾ پنهنجي ڪاميابي جي باري ۾، جڏهن پرفارمنس، تہ پوءِ هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سک جو ساهہ کنيو.

ADB مِشن جو دورو

قرض جي معاهدي مطابق، هر ٽن چئن مهينن ۾،ADB مشن جو دورو ٿيندو رهندو هو. ADBگروپ ۾ منيلا مان، مسٽر ايلن ڪيلي سان گڏ بہ چوڪريون ايندڙيون هيون ۽ ADB جي اسلام آباد واري آفيس، مان ميان شوڪت شفيع ساڻ هوندو هيو.ADB وارا جڏهن بہ سکر ايندا هُئا تہ هو چئن ڏينهن تائين رهندا هُئا ۽ ايمانداري سان پرپور ڪم ۽ منصوبن جو معائنو وغيره ڪندا هُئا ۽ هر هڪ منصوبي جي تفصيلي جانچ پڙتال ڪندا هُئا. اسان ڪڏهن ڪين گهمائڻ خاطر، موئن جو دڙو يا ڪوٽڏجي قلعي جو چوندا هئاسون تہ لنوائي ويندا هُئا. مسٽر ايلن هن منصوبي جي ڪاميابي تي ڏاڍو خوش ٿيندو هيو ۽ ڪنهن بہ رڪاوٽ جي حوالي سان، پاڻ SCIP جي PD سان يا ايڊيشنل چيف سيڪريٽري(ACS) سان روبرو جلدي حل ڪرائڻ جي ايئن ڪوشش ڪندو هيو، ڄڻ هي ڪم سندس ڳوٺ جي عوام جو هجي.پر افسوس جي اسان جي مقامي آفيسرن، سرڪاري ڪامورن ۽ نمائندن کي عوام جي پريشان حال تي ڳڻتي ڪندي نہ ڏٺو. اسان جي نمائندن ۽ ڪامورن کي ڪڏهن ڪل پوندي، جو هِنن ماروئڙن تان، جبلن جيڏيون مشڪلاتون ڪيرائي پورا پورا ڪندا. هڪ دفعو مان وفاقي وزير، سيد خورشيد شاهہ ۽ ڪمشنر سکر کي پنهنجي آفيس اچڻ جي دعوت ڏني، جو ان ڏينهن ADB جو مسٽر ايلن بہ پنهنجي وفد سميت پهچڻو هيو.

اُن ڏينهن ڏاڍي خوشگوار گڏجاڻي تي ۽ مسٽر ايلن ڏاڍو خوش ٿيو، جو هُن ڏٺو تہ هاٽي ڪمپني جي مخالفت گهٽجي وئي آهي، ۽ چونڊيل نمائندا، ڪمپني جي آفيس ۾ اچي مسئلن جي حل ڳولڻ لاءِ بحث مباحثو ڪن ٿا.

هڪ واري ADB مشن جي دوري دوران، روهڙي ۾ سَتين جي مزار پرسان، درياهہ جي ڪپ تي پاٽي ڪيڊ جي پمپنگ اسٽيشن کي ڏاڍو سينگاري، شاميانا هڻائي، ڪاڏي جي بندوبست سان گڏ، سنڌي لوڪ موسيقي جو بندوبست ڪيو. اسان جو عملو، انهن ڪمن ۾ ڏاڍو هوشيار

پئي لڳو، جو پروگرام ۾ ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نظر نہ آئي. مسٽر ايلن کي هونئن بہ پاڪستاني ڪاڏو ڏاڍو پسند آهي، سو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪاڏي ڪانپوءِ، مهمانن کي سوکڙي ۾ ايلن کي اجرڪ، ٽوپي ۽ فلپيني چوڪرين کي خيرپور جي بنارس ڪالوني بازار مان گهرائي ريشمي وڳا ونئي ڏنا. جيئن تہ مسٽر ايلن جو قد، انن فوٽن جي ويجهو هجڻ ڪري، اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي ۾ پهلوان لڳي رهيو هو.

مسٽر ايلن ڪن مجبورين ڪري پاڪستان نہ اچڻ جي صورت ۾، منيلا مان سنڌو سنئون ويڊيو ڪانفرنس ذريعي، پوري معلومات وٺندو رهندو هو. هڪ دفعي، سکر کان ڪراچي جي فلائيٽ نہ ملڻ جي صورت ۾، پوري ٽيم کي، ڪار ذريعي ڪراچي تائين گڏ وٺي وياسين، رستي تي چانهہ، هالا ۾ پيتي، جو پوليس جو پروٽوڪول شامل هو نہ تہ انهن لاءِ سيڪيورٽي جو وڏو مسئلو ٿي سگهيو پئي.

اسان جي ڪم جي رفتار ۽ معيار ڏسي، مسٽر ايلن ٻئي قسط، پنجاهہ ملين ڊالرن مان وڌائي، هڪ سَوَ چاليهہ ملين ڊالر يعنيٰ چوڏهن ارب روپيہ ڪئي، جنهن ۾ ڇهہ شهرن سان گڏ، بہ نوان شهر، جيڪب آباد ۽ گهوٽڪي بہ نساسڪ جي حوالي ڪيا پئي ويا.

چوڏهن ارب روپيہ، نساسڪ کي انن شهرن جي سار سنڀال ۽ پاڻيءَ جي منصوبن سان گڏ، نڪاسي آب ۽ سکر خيرپور ۽ شڪارپور شهرن مان نيڪال ڪيل ڪچري کي پسگردائي ۾ زير زمين ڪرڻ جا منصوبا (Land Fills Sites) شامل ڪيا ويا. اِن سان گڏ سکر لاءِ موجوده فلٽر پلانٽ جي توسيع ۽ هڪ نئين فلٽر پلانٽ جي تعمير شامل ڪئي. سکر شهر لاءِ درياهہ مان پاڻي ڪڍڻ جو خاص نوعيت جو هڪ نئون منصوبو، جنهن جي تحقيق ۽ تخليق ۾ لاکو صاحب سان گڏ منهنجو هٿ شامل هو. اِهو منصوبو درياهہ جي وچ ۾ بکر ٻيٽ تي، جتي درياهہ جو وهڪرو سڄو سال وهندو رهي ٿو، اتي هڪ وڏي پمپنگ اسٽيشن جي اڏاوت شامل ڪئي، جنهن لاءِ سيد خورشيد شاهہ هڪ اپياس گڏجاڻي دوران چيو، تہ اُهو پروگرام سندس خواب ۾ هو.

هاڻي جڏهن پنج ارب روپين مان، بجيٽ وڌي چوڏهن عرب ٿي تہ وزيراعليٰ کي خط لکيو ويو تہ قرض جي ٻئي قسط وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي، جنهن لاءِ اسلام آباد جي اڪنامڪس افيئرس ڊويزن (Economic Affairs Division) وٽ صحيحون ڪرڻيون هنيو. بهرحال

ڪافي وقت گذرڻ ڪانپوءِ، حڪومت طرفان قرض لاءِ معاهدي تي صحين ڪرڻ لاءِ،سرڪار طرفان ايڊيشنل چيف سيڪريٽري ACSڪي ۽ ڪمپني طرفان، مونکي نامزد ڪيو ويو. ان معاهدي تي اربع 8 مئي، 2013ع تي، پاڪستان سيڪريٽرٽ، بلاڪ سي، جي ٽئين منزل تي، واقع EAD آفيس جي ڪاميٽي روم ۾ صحيحون ڪيون ويون. اِن معاهدي تي مون سميت ADBطرفان، مسٽر ورنر ليپاڪ (Mr. Werner .Liepach) ڪنٽري ڊاريڪٽر، سيڪريٽري اڪنامڪ افيئرس ڊويزن، مسٽر محمد شهزاد ارباب ۽ مسٽر عارف احمد خان، ACS صحيون ڪيون.

قرض جي انگ جي واڌ، واءُ مينهن وانگر، جهر جهنگ پهچي وئي، شاهي ڪامورن، ڪمائو پٽن ۽ بيورو ڪريٽ جي واتن ۾ پاڻي اچڻ لڳو. شوقينن لندن ۽ پئرس جا پروگرام ٺاهيا، تہ ڪن وري شاپنگ لاءِ، جرمني ۽ دُبئي جي دوري لاءِ وڃڻ تي وهلور هئا. هِن معاهدي ڪانپوءِ، مونکي هر اُهي ماڻهو، اُن بڪايل گِجهہ وانگر پئي لڳا، جيڪي اُن ڏيري ڊور متان پيا ڦيرا ڪائيندا رهندا آهن، تہ ڪڏهن تو ڪرڻ واري ڪري. الله جي ڪرم سان، مان پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو، سعودي عرب جهڙي پاڪ ملڪ ۾، سعودي آرمي سان نوڪري ۾ گذاريا، جتي ڪنهن قسم جي ڪوڙ، بغض، حسد ۽ منافقت، نہ هجڻ جي برابر آهي، بالعڪس هتان جي اڪثريتي ڪامورن ۾ مٿين وصفن جي ڪا ڪمي ڏسڻ ۾ نہ آئي.

جرمني، آسٽريا ۽ پولينڊ جو ٽوئر

جرمن ۾ KSB جي وڏي ڪمپني آهي، جيڪا دنيا ڀر کي پاڻي ڪڍڻ لاءِ مختلف قسم جا اعليٰ معياري پمپ ٺاهي ڏئي ٿي. انجنيئر عبدالجبار ميمڻ صاحب ۽ پاڪستان KSB فيڪٽري، حسن ابدال جي،MD مسٽر مسعود صاحب سان گڏ جرمني وڃڻ جو موقعو مليو. گلف ايئرويز جي بزنيس ڪلاس ۾ ڪراچي کان دُبئي روانا ٿياسين، جتان جرمني واري جهاز ۾ مسعود صاحب سان ملاقات ٿيڻي هُئي، جو هُن کي اسلام آباد مان دبئي لاءِ سفر طئي ڪرڻو هو.

جرمني يورپي يونين ۾ شامل هجڻ ڪري، اسان کي شِيگين(Schengener Staaten) ويزا ضروري هُئي، جو يورپي يونين جي 25

ملڪن لاءِ ان هڪ ئي ويزا تي، توهان پوري يورپ ۾ ائين گهمي ڦري سگهو ٿا، جيئن پاڪستان جي مختلف صوبن ۾ توهان کي ڪو به سرحد تي روڪي نه ٿو سگهي. ان حوالي سان اولهه ملڪن جي اتحاد (European Union) ۾ شامل 25 ملڪن جي باشندن کي پاڙيسري ملڪن ۾ اچ وڃ ۽ روزگار ڳولڻ لاءِ ڏاڍي آساني ٿي وئي آهي، جنهن تحت غريب پاڙيسري کي، امير ملڪ جي آسودگي ۽ واپار مان ترقي ونڻ جا موقعا ميسر ڪري ڏنا ويا آهن. حالانڪه هر هڪ ملڪ جي تهذيب ۽ زبان ۾ گهڻو فرق آهي، پر هنن ويڙهه جهيڙي کان صلح ۽ امن کي ترجيح ڏني آهي. اسان پنهنجي پاڙيسري ملڪ سان جنگ جوٽيو وينا آهيون اڄ تائين ڪنهن به ڌر جي سياستدان، صلح ۽ امن جي ڪوشش نه ورتي آهي. ستر سالن جي دشمني جا نتيجا واضح آهن، جو هندستان جي آدمشماري جو پنجاهه سيڪڙو آبادي، غربت جي لڪير کان هيٺ رهن ٿا ۽ اسان جو به لڳ ڀڳ ساڳيو حال آهي. هاڻي دشمني کي ڀُلائي، دوستي جي ناتي سان، پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، واپار ۽ ڪاروبار لاءِ سرحدون کولڻ گهرجن. مونکي يقين آهي، ته ڏهن سالن اندر،دنيا جي ٻئي طاقت ٻڻجي ويندا سين، اگر اسان جا سياستدان اسان سان سچا ٿين. غالباً اولهه وارا، اسان کي ٻئي طاقت ڏسڻ نه ٿا چاهين. انڪري اسان کي ويڙهائڻ ۾ رڌل آهن ۽ پنهنجا نوان ۽ پراڻا جنگي هٿيار وڪڻي پيا ٿا ناڻو ڪمائين، ڀلا جي اسان صلح ۽ امن ۾ گذاريندا سين، ته پوءِ هُنن کان هٿيار ڪير وٺندو؟.

دُبئي جي ايئرپورٽ تي اسان ٽيئي پاڻ ۾ ملياسين، امارِيٽ ايئرلائين جي بزنيس ڪلاس ٽڪيٽ جي حوالي سان، توهان جي خاص مهمانوازي لاءِ اِمائريٽ ايئر لائين لاءِ،هر ايئرپورٽ تي هڪ خاص لائونج آهي، جتي توهان کي کاڌو، پيتو، ترسڻ لاءِ سهولت، فون ۽ انٽرنيٽ جي سهولت هر وقت ميسر آهي. دبئي وارن جي هِن سهولت خاطر، دنيا ۾ سفر ڪندڙ پئسي واري مخلوق، ٻئي ڪنهن جهاز ۾ سفر ڪندي ڪونه ملندي. توهان کي ايئرپورٽ کان شهر پهچائڻ ۽ واپس ايئرپورٽ تي آڻڻ لاءِ، خاص آرامده وڏيون گاڏيون، هڪ اشاري جون منتظر بيٺيون هونديون آهن.

دُبئي ايئرپورٽ جي مان ڪهڙي ڳالهه ڪيان، جو هي ايئرپورٽ هڪ مڪمل ننڍڙو ملڪ، دُبئي آهي. هي ايئرپورٽ، لوهي ۽ فائيبر گلاس جي اڏاوت، جنهن کي ٻاهران ڏسڻ سان هڪ ڊگهي ڪئپسول (Capsule) سان مشابهت ڏيندڙ چار منزلي عمارت آهي، جنهن جو غالباً، مان اڳ ۾ ذڪر

ڪري آيو آهيان. مٿان کان ڏسڻ ۾ ايندو، ته هڪ ڪلوميٽر ڊگهو ۽ 300 فوٽ ويڪرو، 130 فوٽ اوچائي وارو، بغير پرن جي بوئنگ جهاز، مثل ڍانچو، زمين تي رکيل آهي. هن ايئرپورٽ جي فن معماري ۽ طرز تعمير، دنيا ۾ پهرين ۽ خاص نوعيت جو آهي، جو توهان کي ڪٿي به ڏسڻ ۾ نه ايندو. هي ايئرپورٽ گهٽ، پر هڪ ڳتيل آبادي وارو مڪمل شهر لڳندو، جو هتي توهان سُئي کان وٺي هوائي جهاز تائين ڪجهه به خريد ڪري سگهو ٿا. ٻيو ته نهيو پر، بوٽ پالش وارا هڪ خاص لباس ۾ ملبوس، توهان جي بوٽ جي پالش ڏهن کان پندرهن ڊالرن ۾ ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار ملندا، جو صرف توهان اچي هڪ وسيع آرامده صوفي تي ويهو ۽ پنهنجون ٽنگون ڊگهيون ڪري، اخبار يا فون تي بس مشغول ٿي وجو ۽ نوجوان هاءِ ٽيڪ طريقي سان توهان جو بوٽ هڪ ڏيڍ منٽ ۾ اهڙو ته چمڪائي ڏيندو، جو توهان کي پنهنجي منهن جو عڪس بلڪل صاف نظر ايندو.*پندرهن سَوَ روپين جي پالش ۾، عام ماڻهو ته ٻخارجي ويندو، جو ايترن سارن پئسن ۾ هو پنهنجي آڪهه لاءِ سستا بوٽ نه پرچپليون ضرور وٺي سگهي ٿو.

دُبئي ايئرپورٽ، ست هزار ٻه سَوَ ايڪڙ ايراضي تي ڦهليل آهي ۽ دنيا جي مشغول ترين ايئرپورٽن مان، مسافرن جي حوالي سان آمريڪا ۾ ائلانٽا، جارجيا ۽ چائنا جي بيجنگ ايئرپورٽ ڪانپوءِ ٽئين نمبر تي آهي. اهڙي طرح، 2015 جي جائزي مطابق، جپان جو ٽوڪيو ايئرپورٽ چوٿين نمبر ۽ لنڊن جو هيٿرو ايئرپورٽ ڇهين نمبر تي اچي ٿو.

هن ايئرپورٽ جا ٽي ٽرمينل يعنيٰ مسافرن لاءِ اسٽيشن آهن ۽ روزانو ٻه لکن مسافرن جي گنجائش رکي ٿو، جنهن ۾ ٽرمينل نمبر ٽيون، دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو آهي. هڪ سَوچاليهه مختلف ايئرلائين ڪمپنين جا جهاز دبئي ايئرپورٽ تي، روزانو هڪ هزار هڪ سَو پنجيتاليهه پيرا مسافرکڻي اچن ٿا.

هن ايئرپورٽ اندر، ڪيترائي چار،پنج اسٽار هوٽل ۽ ڪثرت تعداد ۾ ريسٽورنٽ شامل آهن. ايئرپورٽ عمارت اندر پاڻي جا ڦوهارا ۽ آبشار، رنگ برنگ ٻوٽا ۽ باغيچا مسافرن جي وندر لاءِ موجود آهن. ايئرپورٽ جي مسافرن جي سهولت لاءِ ميٽرو ريل جي اسٽيشن آهي، جيڪا مسافرن کي شهر پهچائڻ لاءِ تيار بيٺي هوندي آهي. هر ٽرمينل ۾ تقريبًا هڪ جهڙيون سهولتون ميسر آهن، جن ۾ وسيع ”دبئي ڊيوٽي فري دڪان“ شامل آهن.اسان دبئي گهمڻ جو پروگرام، جرمني کان واپسي تي ٺاهيو، جو ايئرپورٽ تي انٽري ويزاملڻ جو بندوبست اڳ ۾ ڪيل هو.

اسان دبئي ايئرپورٽ مان اِمائريٽ ايئرلائين ذريعي، جرمني جي فرينڪفرٽ (Frankfurt) شهر جي هوائي اڏي تي پهتاسين، جتي اڳ ۾ ئي هڪ جرمن شيفر (Chauffe'ur) ڏکيين مُڇن سان، اسان ٽنهن جي جا نالا ڪاغذ جي شيٽ تي لکرايون بينو هو. ٽنهن ڪان مسعود صاحب جرمني ۾ وڏيڪ معلوم ڪيو تہ توڪي ڪنهن موڪليو آهي جنهن تي هُن KSB ڪمپني جو نالو ڪنيو ۽ اُن تختيءَ تي KSB ڪمپني جو نشان (Logo) بہ اسان لڳل ڏٺو، جنهن ڪان پوءِ وڏيڪ اطمينان ٿيو، پر مغربي ملڪن ۾ گهٽو اَمن ۽ قانون جي پاسداري هجڻ ڪري گهٽي فڪرمندي ڪرڻ جي ضرورت ڪونہ آهي. اسان جي پروگرام مطابق، فرينڪفرٽ شهر گهمڻ لاءِ بہ ڏينهن هتي ترسڻو هو، سو ٽيڪسي اسان کي فرينڪفرٽ انٽرڪنٽينينٽل هوٽل ۾ پهچايو، جتي اسان لاءِ ڪمرا بوڪ ٿيل هُئا. رات جو آرام ڪري، صبح 10 بجي ڏارين، شهر گهمڻ لاءِ ٽيڪسي ۾ نڪتاسين.

مان اهو ضروري سمجهان ٿو تہ هٽلر جي ملڪ، جرمني بابت ضروري معلومات بيان ڪيان. جرمني يورپ جي مرڪز ۾ واقع آهي، برلن (Berlin) شهر، ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. هن ملڪ جو ڪجهہ حصو سوويٽ يونين ۽ يورپ بلاڪ جي اثر هيٺ رهڻ ڪانپوءِ، 1990ع جي آڪٽوبر مهيني ۾ برلن شهرڪي ٻن حصن ۾ ورهائيندڙ ديوار ٽوڙي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏيو.

جرمن جي ايراضي ٽي لک ستونجاهہ هزار مربع ڪلوميٽر آهي ۽ آبادي (2014) اٺ ڪروڙ جي برابر آهي. هن ملڪ جو سِڪو يورو (EURO) آهي، جيڪو سڄي يورپ ۾ رائج آهي، سواءِ برطانيہ جي.

هن ملڪ جي اتر ۾ ڊينمارڪ، پولينڊ ۽ چيڪو سلوواڪيا، اوڀر ۾ آسٽريا ۽ سُئزرلينڊ، ڏکڻ طرف، فرانس ۽ ڏکڻ اولهہ طرف ۾ ليگزمبرگ ۽ بيلجم، نيدرلينڊ اتر اولهہ ۾ واقع آهن. هي غالباً، دنيا جو واحد ملڪ آهي، جنهن جون سرحدون، نَون ملڪن سان لڳن ٿيون ۽ ساموندي پٽي جي ڪناري جي ڊيگهہ 200 ڪلوميٽر آهي.

هن ملڪ جو سياسي نظام پارلياميںٽري آهي، جنهن ۾ حڪومت جي سربراهہ کي چانسيلر (Chancellor)۽ اسٽيٽ جي سربراهہ کي صدر چيو وڃي ٿو. هتان جي چانسيلر،مسز انجيلا مرڪيل (Angela Markel) آهي، جيڪا 2005ع کان چونڊبون ڪٽندي اچي ٿي. هن ملڪ جا مکيہ شهر مِيونِخ، برلن، هيمبرگ، هينوئر، ڊريسڊان ۽ ڪِيل مشهور آهن. هن ملڪ ۾

رشوت خوري جو موذي مرض ڪونہ آهي ۽ دنيا ۾ جپان، آمريڪا ۽ چائنا کانپوءِ ڪارن ناهڻ جا وڏا ڪارخانا هتي آهن ۽ دنيا جون مشهور گاڏيون جهڙوڪ: مرسيڊيز بينز،BMW، وَوڪَس ويگن هتي ٺهنديون آهن. هن ملڪ ۾ آبادي جو تناسب ٻين يورپي ملڪن کان گهٽ آهي ۽ تعليم معياري ۽ مفت ڏني وڃي ٿي. هن ملڪ ۾ دنيا جي پيٽ ۾، اعليٰ فني مهارت جا مزدور ۽ مستري (Highly Skilled Labour Force) موجود آهن. مذهبي لحاظ کان، ستر سيڪڙو عيسائي آهن ۽ 2% مسلمان، باقي ٻيا مذهب جهڙوڪ: هندو، ٻُڌ ڌرم، يهودي وغيره شامل آهن. جرمن ۾ عيسائيت کان پوءِ، ٻئي نمبر تي اسلام مذهب آهي.

فرينڪفرٽ ڏاڍو خوبصورت شهر آهي، هتي 1960ع جي ڏهاڪي کانپوءِ ڪافي مسلمان هجرت ڪري آيا، جو ڪيترين ئي مسجدون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. شهر ۾ عمارت سازي جو ڍنگ ساڳيو ئي يورپ جي ٻين شهرن وانگر آهي. البت برلن جي اوڀر وارو پاسو، جيڪو گهڻو عرصو سوويت يونين جي اثر هيٺ رهيو، اتان جون عمارتون ڪجهہ مختلف لڳن ٿيون.

هتي هوٽلن تي حلال ڪاڌي جو هجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. البتہ مان گهڻو ڪري مڇي تي گذر ڪيو. حلال ڪاڌي لاءِ توهان کي، اُنهن هوٽلن جي ڳولا ڪرڻي پوندي، جتي حلال ڪاڌي جو سرڪاري طرح بندوبست ٿيل هوندو آهي ۽ ميونسپلٽي طرفان اهڙو سرٽيفڪيٽ جاري ڪيل هوندو آهي، تہ هتي حلال ڪاڌو ميسر آهي. اسان جا دوست هر هوٽل تي گوشت بغير معلومات جي رهڙيو پيا وڃن، پر منهنجي دل ڪائڻ کان بيزاري ڏيکاري رهي هُئي. خبر نہ آهي تہ گوشت حلال يا حرام جانور جو آهي ۽ کهڙي تيل ۾ پچايو ويو آهي، جو هتي سوئر جو تيل (Pig Oil) پچائڻ جي ڪم ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

جرمنيءَ جو حالي شهر

اسان فرينڪفرٽ ۾ ترسڻ کانپوءِ مقامي فلائيٽ ذريعي،ليپزگ (Leipzig) شهر لاءِ روانا ٿياسين، جيڪو هتان 400 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. لائيپزگ جي پرسان هالي (Halle) ڳوٺ ۾ ڪي.ايس.بي (KSB) وارن جي فيڪٽري هئي. مسعود صاحب تہ اِن ڪمپنيءَ کان مختلف پمپ وٺي پاڪستان ۾ وڪڻندو رهندو آهي، سو هي سندن ڪاروباري پائيوار لڳين.

ليپزگ ايئرپورٽ تي پهچڻ سان، ساڳئي طرح هڪ ڊرائيور اسان جا نالا لکيو هٿ ۾ جهليو بيٺو هو ۽ سندس ويس تي ڪمپني جو نشان به واضح ڏسڻ ۾ آيو، سو اسان کيس وڃي ملياسين، هن جي گاڏي ۾ ڪوئي 30 ڪلوميٽر ڪري ڪمپني آفيس پهتاسين، جتي ڪمپني جو آفيسر اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو. اِهو منجهند جو وقت هُو، جنهن ڪانپوءِ اسان کي ماني کارائڻ لاءِ چيو ويو ۽ ڪاڌي جي حلال هجڻ جي تصديق لاءِ، اسان کي ميونسيپل ڪان ورتل هڪ سرٽيفڪيٽ به ڏيکاريو، جنهن ۾ ڪاڌي جي حلال هجڻ جي تصديق ڪيل هُئي پر لکيل جرمن ٻولي ۾ هو،اسان مڙيوئي اعتماد تي ماني کاڌي. جرمني جو ليپزگ، اُهو شهر آهي، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو پهريون متن (پر اٽيورو)، پهريون ڀيرو، شاهه صاحب جي انتقال ڪانپوءِ، 115 سال بعد، 1866ع ۾ مسٽر اَنريسٽ ٽرمپ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڪاڌو کائي پوءِ اسان کي پمپ ٺاهڻ واري فيڪٽري جو معائنو ڪرايو ويو. فيڪٽري اندر مختلف ڪاتا هئا، جتي پمپ لاءِ گهربل مال خريد ڪيو وڃي ٿو، پمپ جي باڊي ۽ امپيلر (Impeller) جي بناوت جا ٺَنا ڪورا (Kilns) ڏيکاريا ويا. پمپ جي اسيمبلي ڪرڻ ۽ مختلف مرحلن جي حوالي سان ٽيسٽ ڪرڻ جا طريقا ڏيکاريا ويا. پمپ ٺاهڻ جو طريقڪار به ساڳيو،ڪنهن ڪار ٺاهڻ واري طريقيڪار وانگر آهي، جيڪي هڪ ڊگهي عمل مان گذاريا وڃن ٿا.

اسان جڏهن ليپزگ کان فيڪٽري واري شهر، هالي، ڪار ۾ سفر دوران، ڪيترن ئي جاين تي ڪثير تعداد ۾ اوچائي وارن جبلن تي بجلي پيدا ڪندڙ هوائي يا پَوَنِ چڪي (Wind Mills) قرندي نظر آيون. يورپ ۾ بجلي جي کوٽ نـ هجڻ ڪري بـ، هنن بجلي پيدا ڪرڻ جا متبادل طريقا ڳولهي ڪڍيا آهن ۽ انهن کي استعمال ڪري عوام کي وڌيڪ سهولتون ڏيڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهياآهن.

ان جي برعڪس اسان وٽ گذريل ٽيهن سالن کان بجلي جي کوٽ هجڻ ڪري، عوام پريشان آهي ۽ ڪيترائي ڪارخانا بند ڪيا ويا آهن. اسان جي ساحلي پٽي سان، قدرتي تيز هوائن مان اهڙي قسم جي پَوَنِ چڪين لڳائڻ سان هزارين ميگاواٽ بجلي مفت ۾ پيدا ڪري سگهجي ٿي، ليڪن اسان جي قائدين ۽ عوامي چونڊيل نمائندن جي نااهليت ڪري، عوام پئي تي چڪي ۾ پيسجي. ساڳئي طرح اسان وٽ سج جي تابش ايتري تيز آهي، جو ان مان بجلي پيدا ڪرڻ جي طريقن کي پڻ نئتو آزمايو

وجي، جو هتي ڪي اهڙيون مافيائون ڪم ڪن ٿيون، جنهن ڪري هو، پنهنجي مفادن ڪي، عوام جي سهولتن مٿان ترجيح ڏئي، حڪومت سان ملي پاڪستان ڪي ترقي جي راهہ کان پاسيرو ڪيون بيٺا آهن.جهڙي طرح ٽينڪرمافيا، گرمي جي موسم دوران،مختلف شهرن ۾ چونڊيل نمائندن ۽ ڪامورن کي راضي رکي، پاڻي بجاءِ پائين جي، ٽينڪرن ذريعي پيا مهانگي اگهہ تي وڪڻن. آخر اسان جي عوام الائي ڇو ايتري اڄوجهہ آهي، جو اهڙين ڪارين رڍن کي سڃاڻي نہ ٿي سگهي.

ٽي ڏينهن ليپزگ ۾ رهياسين ۽ مسلسل فيڪٽري جو معائنو ڪيو ۽ ليپزگ ۾ گندي پاڻي کي صاف ڪرڻ جو پلانٽ بہ ڏٺو، جنهن ۾ KSB جا پمپ ۽ ڪروميم مليل فولاد يا رُڪ، جنهن کي ڪٽ بلڪل نہ لڳندي آهي،اُن مان ٺهيل پائيپ استعمال هيٺ ڏٺا. هن پلانٽ ۾ بايوگئس (Bio-gas) ناهي، ان ملن ايتري بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي، جو پلانٽ ۾ استعمال ٿنيدڙ بجلي جو چاليهہ سيڪڙو، بايوگئس ذريعي پيدا ڪري پورائو ڪيو وڃي ٿو. گندي پاڻيءَ جي صفائي مان بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي، هي آهي قومن جي ترقي جو راز ۽ منزل.

برلن واري پُريل پٽ

ليپزگ ريڊيسن Radisson Hotel هوٽل ۾ ٽن ڏينهن جي رهائش ڪانپوءِ، ڪار ذريعي ڏيڍ ڪلاڪ جي سفر کان پوءِ برلن شهر جي ليونارڊوورائيل هوٽل (Leonardo Royal Hotel) ۾ آرام ڪيو. ڪار ذريعي سفر دوران، سڄي جرمني جي جيوگرافي،قدرتي نظارن ۽ فن تعمير کان ڪافي واقفيت ٿي. جيئن تہ مان برطانيہ ۽ فرانس اڳ ۾ گهميل هُئس، مونکي سڄي يورپ جي قدرتي نظارن ۽ فن تعمير ۾ ڪافي مماثلت ملي ٿي. هتي سج بنهہ ڏسڻ ۾ ڪو نہ اچي،سدائين آسمان ڪڪرن سان پريل، وسڪارو مسلسل چالو ۽ وقفي سان برفباري ٿيندي رهي ٿي، هتي بہ عورت ۽ موسم تي پروسو ڪرڻ بيوقوف جو ڪم آهي.هتي وِڪ وِڪ ۾ وڃهندا رهو ۽ قدم قدم سان ملائي، اڳتي هلڻ واري پاليسي ڪاميابي جو راز آهي.

اسان برلن شهر جا مختلف تاريخي مقام ڏٺا ۽ سالن کان بيٺل برلن شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائيندڙ ديوار جا ڪِريل ۽ سياحن کي ڏيکارڻ لاءِ بيٺل ٽڪرا بہ ڏٺا ۽ اُهي جايون بہ ڏٺيون، جتان اوڀر برلن وارا پنهنجي ويجهڙن عزيزن سان ملڻ لاءِ جڏهن پٽ ٽپندا هُئا تہ گولين جو نشانو بڻندا

رهندا هُئا. اُهي لائبريري جون عمارتون ڏٺيون، جن ڪي باهيون ڏنيون ويون ۽ لکين سائنسي ۽ ٻين علمن جا ڪتاب ساڙيا ويا. برلن تاريخي شهر هجڻ ڪري مشهور آهي. اسان گهمندي پنهنجو پاڻ ڪي ايترو محفوظ سمجهيو،جيترو پنهنجي گهر ۾ محسوس ڪندا آهيون. هتي هر ڪو پنهنجي ڌنُ ۾ مغشول آهي.هتي ٻه واقف اگر ڪنهن ريل گاڏي يا بس ۾ ملي ويا، ته پري کان هٿ هلائي، هاءِ جو صرف هڪڙو لفظ خرچ ڪندا. اسان پنهنجو ڪم وساري، سڄو ڏينهن نظرون ايندڙ ويندڙ تي کُپائي، سڄو ڏينهن گِلا، غيبت ۽ سازش ۾ صرف ڪري ڇڏيندا آهيون. مان سمجهان ٿو ته ترقي جو راز ٻه اهو ئي آهي، ته پنهنجي وقت کي صحيح سِمت ۾ استعمال ڪجي، بجاءِ ٻين جي پير هيڻان واري ڪڍڻ ۾ سڄي عمر گذارجي.

برلن ويندي روڊ سان ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن جا بورڊن تي نالا لکيل هُئا، جن ۾ ٻه نالا اهڙا لڳا جڻ اِهي علائقا مسلمانن جا هجن، هڪڙو هو، نوسدين (Nousedin) ۽ ٻيو هو، علي (Allee)، هتي مسلمانن جي آبادي مان اڪثريت ترڪ مسلمانن جي آهي.

جرمني ۾ ايلبي (Elbe River) ۽ رائين (Rhyne River) نديون (Rhyne River) وهن ٿيون، جيڪي ٻه وارن ملڪن مان گذرنديون وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون. لنڊن وانگر يورپ جي شهرن وچ مان نديون يا واهه نڪرن ٿا. اِها ساڳئي رائين ندي فرانس جي پئرس شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. جرمني ۾ 16 صوبا آهن ۽ برلن شهر جي آبادي 35 لک نفوس آهي. هن شهر مان ٻه نديون وهن ٿيو،جن مان هڪ جو نالو اسپري (Spree River) ۽ ٻئي جو هَيوِل ندي (Havel River) آهي برلن قديمي تاريخي شهر آهي، جيڪو ٻئي مهاڀاري جنگ ۾ بلڪل تباهه ٿي ويو هو.

برلن شهر ۾ 73 مسلمانن جون مسجدون، 11 يهودين جي عبادت گاهه ٻه ڏڍ ڏرم جا گرجا گهر ۽ ٽي احمدي مسلمانن جون مسجدون آباد آهن.

هي شهر انتظامي لحاظ کان، ٻارهن تعلقن (Boroughs) ۾ ورهايل آهي. برلن جي ٻين شهرن جي مماسلت (Twinning). آمريڪي شهر لاس ايجنلس سان ملي ٿي، جهڙيءَ طرح، ترڪيءَ جي 'برصا' شهر ملتان سان Sister Cities جو رشتو قائم رکي ٿو.

برلن شهر ۾ گهمندي، توهان کي پوليس نظر ڪونه ايندي ۽ شهر ۾ پيدل گهمڻ وارن جي ايتري پيڙ هوندي آهي، جو روڊن تي گاڏيون توهان

کي ورلي ڏسڻ ۾ اينديون، صرف ماڻهو ئي ماڻهو پيا هيڏانهن هوڏانهن تڪڙا گهمندي نظر ايندا. اسان شهر ۾ گهمندي، هڪ چار منزلا عمارت جي مکيہ دروازي وٽ، هڪ سپاهي بيٺي نظر آيو، منهنجي پڇڻ تي اسان جي ميزبان جرمن ٻڌايون تہ هن فلئٽ ۾ چانسيلر (وزيراعظم) جو ٻن ڪمرن جو فلئٽ آهي، جتي هوءَ پاڻ رهندي آهي، جو سرڪاري گهر ۾ رهڻ بجاءِ هوءَ پنهنجي ٻن ڪمرن جي فلئٽ ۾ رهڻ کي پسند ڪري ٿي. ٻاهر بيٺل سپاهي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو، تہ ميڊم اينجيلا چانسيلر هن وقت آرام فرمائي رهي آهي. اِها آهي هن قوم جي ترقي جو راز، جو جرمن جي وزيراعظم، سرڪاري گهر بجاءِ، پنهنجي ٻن ڪمرن جي فلئيٽ ۾ رهي ۽ عوام جي ٽيڪس جو پيسو ضايع ٿيڻ کان بچائي ٿي. توهان اسان وٽ ڏسو تہ هڪ ايس.پي پنهنجي بچاءَ لاءِ، ڪيترا تہ سپاهي پاڻ سان گڏ پروٽو ڪول ۾ ڪٽي ٿو.

برلن کي ٻن حصن ۾ ورهائيندڙ تاريخي ديوار تي، سياحن ۽ مقامي ماڻهن مصوري ڪئي آهي. ديوار تي برزنيف ۽ هونيڪا، جيڪو آخري اولهہ جرمني جي ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو ليڊر هيو، تنهن کي چميون ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي. ديوار جي بچيل ٽڪري تي اوڀر جرمن واري پاسي تي، هتوڙي ۽ ڏاٽي جي شڪل وارا نشان نمايان آهن ۽ ٻئي پاسي هتوڙو ۽ ڪمپاس نهيل آهي. ڪمپاس جي معنيٰ تحقيق ۽ گوجنا ڪري ترقي ڪرڻ جي آهي ۽ ڏاٽي مان مطلب تہ محنت ڪري کائو ۽ ٻين کي کارايو جو ملطب نڪري ٿو.

يورپ ۾ ايراضي ۽ آبادي جي لحاظ کان يورپ جا ملڪ هڪ ٻئي کي ايترا ويجها آهن، جو ڪار ذريعي سڀ ملڪ آرام سان هڪ هفتہ اندر گهمي ڦري سگهجن ٿا.

پولينڊ جو سفر

اسان جي پروگرام مطابق، پولينڊ جي گاديءَ واري هنڌ وارسا (Warsa) شهر مقامي ايئرلائين ذريعي وڃڻ ٿيو. هي شهر برلن کان 518 ڪلوميٽر جي پنڌ تي واقع آهي. جنهن ڪري جهاز هڪ ڪلاڪ اندر وارسا، شهر جي ايئرپورٽ تي لاٿو. هتي يورپ جي وڏي ۾ وڏو پاڻي صاف ڪرڻ جو ڪارخانو (Sewage Treatment Plant) جو معائنو ڪرڻو هو جيڪو اڳ ۾

طئي ڪيل پروگرام ۾ شامل هو ۽ ميزبانن اسان لاءِ اڳ ۾ ئي تياري ڪري ڇڏي هئي. اسان ايئرپورٽ کان هوٽل ۾ آرام لاءِ ترسي پياسين ۽ صبح 10 بجي هوٽل جي لائونج ۾ گڏ ٿيڻ لاءِ هڪ ٻئي کي چيو ويو، جتان ڪار ذريعي پلانٽ سائيٽ تي هلڻو هو.

پولينڊ، جرمني سان اوير واري سرحد سان لڳ پاڙيسري ملڪ آهي، جنهن جي ايراضي ٽي لک تيرهن هزار مربع ڪلوميٽر ۽ آدمشماري ٽي ڪروڙ چوراسي لک نفوس تي مشتمل آهي. هن ملڪ جي سِڪي جو نالو زوٽي (Zioty) آهي.

پولينڊ انتظامي لحاظ کان،16 صوبن ۾ ورهايل آهي ۽ يورپي يونين جي شينگين ايريا (Schengen Area) جو ميمبر ملڪ پڻ آهي. هن ملڪ ۾ هاءِ اسڪول تعليم تائين ۽ علاج معالجو مفت ۾ ڪيو ويندو آهي. جان پال (ٻيو) (John Paul-II) پهريون پولش هيو، جيڪو عيسائي مذهب جي رومن ڪئٿولڪ جو پادري (Pope) ٿيو. جهڙيءَ طرح ’چائو ڦريا‘ ندي، بئنڪاڪ شهر جي وچ مان لنگهي ٿي، اهڙيءَ طرح وِستولا اندي (Vistula River) وارسا شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. هن شهر جي آبادي، ساڍا سترهن لک ماڻهن تي مشتمل آهي ۽ هي شهر يورپ ۾ اقتصادي سرگرمي جو محور آهي ۽ انتظامي لحاظ کان شهر کي 18 تعلقن ۾ ورهايو ويو آهي.

هن شهر کي ٻئي جنگ عظيم ۾ اِن ڪري تباهه ڪيو ويو، جو يهودين اڪثريت سان هتي آباد (Warsaw Ghetto) هُئا ۽ جرمن انهن جي قتل عام دوران، يهودين پاڻ کي بچائڻ لاءِ مقابلو ڪيو، جنهن ۾ سڀ جا سڀ مارجي ويا. ميڊم ماريا ڪيوري (Maria Curie) (1867-1934)، هن شهر جي سائنسدان آهي، هيءَ پهرين عورت آهي جنهن ٻه دفعا نوبل انعام سان گڏ، ٻيا ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيا. وارسا شهر جي مرڪز ۾، هاءِ وي نمبر 631 ۽ عليجا جانا پاوِلا روڊ (Aleja Jana Pawla) جي چوڙاهي تي، وارسا اسلامي سينٽر واقع آهي، جتي پنج ئي وقت نماز باجماعت ٿيندي آهي ۽ هڪ عظيم مدرسو پڻ آهي، جنهن ۾ ٻارن کي اسلامي تعليم ڏني وڃي ٿي.

ڳالهه پئي ڪئي پلانٽ جي ڏسڻ جي، هي پلانٽ جديد ٽيڪنالاجي جي حوالي سان، يورپ ۾ پنهنجي نوعيت جو پلانٽ آهي، جيڪو 115 ملين گئلن، گندي پاڻي کي هڪ ڏينهن ۾ صاف ڪري، پيئڻ وارن اوصافن جي بلڪل ويجهو آڻي ٿو. ان ڪري جو يورپ ۾ بغير صاف ڪئي، پاڻي کي واهن ۽ درياهن ۾ ڇوڙڻ قانوني جرم آهي، جنهن جي ڳري سزا ڏني وڃي

تي. اهو ئي سبب آهي جو يورپي ملڪن ۾، توهان کي ماحولياتي آلودگي جو نشان ئي نہ ملندو ۽ انسان وچڙندڙ بيمارين کان آجو آهي. گهڻو ڪري گندي پاڻي جي واپرائڻ سان، اڪثريت ٻارن جي، مختلف بيمارين وگهي، پنهنجي موت پاڻ مريو وڃن ٿا، تہ جي ٻارن جي موت تي ميڊيا ڪيتريون ئي دانهون ڪوڪون ڪيون، ليڪن حڪومت فيل مست آ. جڻ اُٺ تي ڪُتي پونڪ ڪئي وارو مثال آهي.

اسان وٽ عجيب رواج آهي، جو شهرن ۽ ڳوٺن جي گندي پاڻي جو چوڙ واهن ۽ درياهن جي مٿاهين وهڪري کان وجهي، پوءِ هيٺائين وهڪري مان پاڻي ڪڍي پيئڻ لاءِ استعمال ڪندا رهون ٿا، جنهن ڪري ٻارن توڙي وڏن ۾ مهلڪ بيماريون وٺي وڃن ٿيون، جن مان جان ڇڏائڻ ڏکيو ٿيو وڃي.

اسان وارسا جي پلانٽ تي ڪار ذريعي صبح جو پهتاسين، ميزبان اسان کي پهريائين ڪمپيوٽر ذريعي بنيادي معلومات کان واقف ڪيو ۽ ڪجهہ ڪاغذي مواد بہ ڏنو. هي پلانٽ، 25 ايڪڙ ايراضيءَ تي ڦهليل هو. پاڻي صاف ڪرڻ جي عمل جا مختلف مرحلا ڏيکاريندا رهيا ۽ آخر ۾ انهن کوهن تي پهتا، جتي بايوگئس پيدا ٿي رهي هُئي. اِن بايو گئس جو اعليٰ معيار ۽ وسيع مقدار هجڻ ڪري، ايتريقدر بجلي پيدا ٿئي ٿي، جو پلانٽ جي سٺ سيڪڙو بجلي جي ضرورت، اِن بايو گئس مان پيدا ٿيندڙ بجلي پوري ڪري ٿي ۽ باقي چاليهہ سيڪڙو بجلي، ٻاهرين ڪمپنيءَ کان حاصل ڪئي وڃي ٿي. هتان جا آپريٽر تمام قابل آهن پر افسوس جو انگريزي کان واقفيت گهٽ اٿن. اسان سان گڏ مترجم آهي، جيڪو ٻنهي جي وچ ۾ پيو ٿو مٿو ماري ڪري ۽ نتيجتن ڳالهہ ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ ڪونہ پئي اچي. اسان پنڌ گهمي ۽ مختلف ڏاڪڻن تي چڙهي ٿڪجي پياسين، جو منجهند جي مانيءَ جو ميزبانن پلانٽ جي ميس هال اندر ئي بندوبست ڪيو هو.

هن پلانٽ جي اڏاوت ڏاڍي معياري آهي ۽ صفائي جي ڪاروائي ۾ ڪتب ايندڙ عمل جا مختلف مرحلا (Treatment Process)، سائنس جي جديد علمي نتيجن جي بنياد مطابق آهن ۽ اهڙن مرحلن ۾ هڪ مستطيل سِيڪوئنشل بئچ ريئڪٽر (Rectangular Sequential Bach Reactor) جو آهي، جيڪو مان اٺ سال اڳ KAMC، جي بدر چانوٽي ۾ اڏاوت شروع ڪري وطن واپسي ڪئي هُئي. اُن وقت اها بلڪل جديد ٽيڪنالوجي هُئي. پلانٽ مان خارج ٿيندڙ ڦوڳ کي سُڪائي وڏيڪ طبعياتي عمل مان گذاري، زراعت لاءِ پاڻ ئاهي، ناڻو ڪمايو وڃي ٿو.

آسٽريا جو سفر

اسان ٻئي ڏينهن تي مقامي جهاز ذريعي، آسٽريا جي گاديءَ واري هنڌ، ويانا روانا ٿي وياسين. پڙهندڙن جي سهولت خاطر، آسٽريا جي جاگرافي بابت ٻڌائڻ ضروري آهي.آسٽريا يورپ جي مرڪز ۾ واقع آهي ۽ 85 لک ماڻهن جي آبادي جو هڪ ننڍڙو ملڪ آهي. هن ملڪ جي اتر ۾، چيڪ (zech) ۽ جرمني واقع آهي ۽ اوڀر ۾ هنگري ۽ سلوواڪيا ۽ ڏکڻ ۾ سِلو وينيا، اٽلي ۽ سوئزرلينڊ اولهه طرف واقع آهن. هي ايراضيءَ جي لحاظ کان يورپ ۾ ننڍو ملڪ آهي، 84 هزار مربع ڪلوميٽر، يعنيٰ سنڌ صوبي جي (141000km²) جي تقريباً اڌ جيتري ايراضي جيترو ملڪ آهي. هي ملڪ گهڻي ڀاڱي سرسبز، جابلو علائقي تي ڦهليل آهي ۽ هتي جي ٻولي جرمن ٻوليءَ سان ملندڙ جلندڙ آهي، جنهن ڪري ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هيءَ قوم اصلي جرمن قوم منجهان آهي يا انهن جا سؤٽ آهن. نسلي لحاظ کان، آبادي جو 82% آسٽرين نسل،3% جرمن نسل، سوا ٻہ سيڪڙو ترڪ نسل ۽ باقي 13% ٻين نسلن منجهان آهن. آسٽريا جو سِڪو يورو آهي ۽ شينگين مجموعي ملڪن جو ميمبر پڻ آهي ۽ انتظامي لحاظ کان هي ملڪ نون صوبن ۾ ورهايل آهي.

هن ملڪ جي، آبادي جي مذهبي لاڙي جي حوالي سان، هڪ جائزو ورتو ويو، جنهن مان ظاهر ٿيو تہ 44% سيڪڙو ماڻهو يقين سان چون ٿا، تہ الله موجود آهي، 38% چون ٿا تہ روح يا اهڙي ڪا طاقت ضرور موجود آهي پر 12% ان جي وجود کان انڪاري آهن.

هن ملڪ ۾ پندرهن سالن تائين معياري تعليم مفت ۾ ڏني وڃي ٿي ۽ ماڻهن جو علاج معالجو بہ گهڻي ڀاڱي مفت ۾ ڪيو ويندو آهي. اسان ويانا ۾ ٻہ ڏينهن ترسي اميئريٽ (Emirate) هوائي جهاز ذريعي دبئي پهتاسين جتان اڳ ۾ بندوبست ٿيل دبئي ايئرپورٽ تي ويزا لڳي مليون جتان گاڏي ڪري دُبئي ۾ هوٽل ورتوسون. دُبئي ۾ خريد وفروخت ۽ سياحت کان علاوه ڪجهہ بہ نہ آهي. جيئن تہ دبئي، مان اڳ ۾ ڏسي چڪو هئس، سو مونکي ڪو خاص تجسس ڪونہ هو ليڪن دوستن سان گڏجي مختلف جاين ۽ پارڪ وغيره جا چڪر هنياسين ۽ چئن ڏينهن جي ترسڻ کانپوءِ وطن واپسي ورڻ جي ڪئي. هونءَ بہ دُبئي بابت اڳ ۾ ڪافي لکي چڪو آهيان.

ميريوٽ هوٽل ۾ ورلڊ بينڪ جو سيمينار

نساسڪ ۾ ايم.ڊي (MD, NSUSC) جي حيثيت جي حوالي سان، مون کي ڪيترن ئي ادارن جهڙوڪ: USAID جي امداد برائي جيڪب آباد، خيرپور اڪنامڪ زون، سنڌ سٽيز انويسٽمينٽ پروگرام (SCIP) ۽ نساسڪ جي اسٽيئرنگ ڪاميٽين جو ميمبر جي حيثيت حاصل هُئي، ۽ مٿين ادارن جي بورڊ جو ميمبر به رهيس. ان سان گڏ مهراڻ يونيورسٽي، خيرپور ڪيمپس جي ورڪنگ ڪاميٽي تي پڻ ميمبر هئس، اِنهن ميمبرشپ جي حوالي سان، هر هفتي ڪنهن نه ڪنهن گڏجاڻي ۾ وڃڻو پوندو هو.

نساسڪ جي ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ، هر ضلع جي ڊپٽي ڪمشنر، ڊويزنل نمائندن ۽ ڪمشنر سان بي انداز گڏجاڻيون ڪرڻيون پونديون هيون. ضلع جي انتظاميه، پوليس، ججن،واپاري طبقو، سياسي عهديدار سان گڏجاڻيون ڪري مسئلا حل ڪيا ويندا هُئا.

ميرٽ هوٽل (Marriot Hotel)، اسلام آباد ۾ ورلڊ بئينڪ طرفان، پيئڻ جي پاڻي ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪالي بابت هڪ بين الاقوامي سيمينار ڪرايو، جنهن ۾ مون کي شموليت لاءِ چيو ويو، جو سيمينار جي منتظم ميڊم سيما منگي اڳ ۾ سکر آفيس ۾ گڏجاڻي ڪئي هئي. هوائي جهاز جون ٽڪيٽون مع هوٽل ۾ رهائش جو بندوبست، ورلڊ بينڪ طرفان ڪيل هو. سيمينار ۾ ٻاهرين ملڪن جي ماهرن شرڪت ڪئي ۽ هر هڪ پنهنجي ملڪ بابت پاڻي جي کوٽ ۽ ان جا متبادل طريقا بيان ڪيا. ورلڊ بينڪ طرفان ڪمپيوٽر ذريعي مختلف ملڪن ۾ پاڻي بابت منصوبه بندي ۽ سيٽ اپ جي پوري معلومات ڏني، جنهن کانپوءِ پلاننگ ڪميشن، پنهنجي پروگرام بابت تفصيل ٻڌايا. سائوٿ آفريڪن چوڪري، جيڪا ڪنهن NGO جي سربراهه هُئي، تنهن پاور پئائنٽ ذريعي، پيئڻ جي پاڻي جي قلت ۽ غير معياري هجڻ بابت معلومات ڏني.

مسز سيما منگي ٻئي ڏينهن جي پروگرام دوران، مونکي چيو ته توهان NSUSC جي طرفان ڪارڪردگي بابت اسٽيج تي اچي ٻڌايو ۽ صدارتي ڪُرسي سان گڏ ويهي،پينل سيشن (Panel Session) ۽ سوال جواب سيشن (Q&A) ۾ صدر جو ساٿ ڏيو. سيما منگيءَ جو هي اوچتو پروگرام، عجيب لڳو، جو بغير ڪنهن اڳواٽ اطلاع ۽ تياري جي ڪرڻو ٿي پيو. بهرحال مان ڪيس نا اُميد نه ڪيو، وجي ڊاڪٽر مبشر، جيڪو

صدارت ڪري رهيو هو، تنهن سان وچي وينس. ڊاڪٽر صاحب جي ڀئي پاسي جيلاني صاحب هيو، جيڪو پوئين وقت جي حڪومت ۾ نائب وزير اقتصاديات رهي چڪو هو.

ٿوري دير ۾ ميڊم منگي، منهنجو تعارف ڪرايو ۽ ڳالهائڻ جي دعوت ڏني. مان نساسڪ جي جوڙجڪ ۽ ڇهن شهرن جي بنيادي سهولتن جي سار سنڀال بابت، انگ اکر ڏئي کولي بيان ڪيو، جنهن ۾ سنڌ حڪومت ۽ ADB جي تعريف ڪئي. مان حاضرين مجلس کي ٻڌايو، تہ نساسڪ، ADB جو اُهو يتيم پاليل ٻار آهي، جنهن جا سڀ پاڙيسري دُشمن آهن ۽ هن کي جوان ٿيڻ نٿا ڏسڻ چاهين. مان ڳالهہ کي رومال ۾ ويڙهي اڇلايو، پر حاضرين تجربيڪار هجڻ ڪري، مُسڪرائي ڏنو جو منهنجو نياپو ڪين پهچي ويو.

ان ڪانپوءِ، سامعين پاران ڪجهہ تجويزون آيون، جن تي بحث مباحثو ٿيو. سيمينار جي آخري سوال جواب جي عرصي دوران، ڪافي ڏي وٺ ٿي، جنهن ڪانپوءِ هيءَ گڏجاڻي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي.

اسلام آباد جي سيرينا هوٽل (Sereena Hotel) ۾ ADB طرفان چئن ڏينهن لاءِ تربيت جو پروگرام رکيو ويو، جنهن جو عنوان Project Implementation and administration (PIA) هو.هن تربيت لاءِ مون سان گڏ نساسڪ مان مسٽر مُنعم خان ڊومڪي، مئنيجر ۽ نويد اختر، مئنيجر اقتصاديات شامل هُئا. پاڪستان ۾ ADB جي آفيس بہ سيرينا هوٽل جي پرسان واري بلاڪ ۾ واقع آهي. اِن تربيت ۾،ADB جي وضاحت هُئي، جنهن تحت نيڪا ڏيڻ سامان ۽ مشينري وغيره ڪيئن خريد ڪئي ويندي آهي، هي معلومات تمام ڪارآمد هُئي.

نساسڪ جي ڪارڪردگي ۽ مستقبل منصوبہ بندي بابت ڪمشنر، سکر مسٽر عباس بلوچ ۽ لاڙڪاڻي مسٽر آصف حيدر شاهہ ۽ بعد ۾، ڊاڪٽر سعيد مگٽيجو کي پاور پئانٽ ذريعي آگاهي ڏيندو رهندو هئس. ساڳئي طرح، ادي نفيسہ شاهہ کي خيرپور ۾ بہ دفعا معلومات فراهم ڪئي. هوءَ ڏاڍي هوشيار آهي، جو آگاهي دوران، سَوين سوال ڪندي رهندي هئي پلا آهي جو پاڻيجي جڳ مشهور وڪيل، اي.ڪي بروهي صاحب جي.

ساڳئي نوعيت جي معلومات،SCIP جي هر نئين پروگرام ڊائريڪٽر کي بہ ڏيندو رهيم جو هر ڇهين مهيني اِهي ڊائريڪٽر تبديل ٿيندا رهيا.

قرض جو پئسو ٻُڏي ڪيترائي شوقين ناسون هٽندا رهيا، پر جڏهن ڏنئون تہ سندن ڪنهن مهمان لاءِ، سکر کان ڪراچي تائين، نُساسڪ جي گاڏي بہ استعمال نہ ٿي ڪري سگهيا، انڪري ڪجهہ مهينن جي انتظار کان پوءِ، ڪنهن ٻئي منزل جا راهي پئي ٿيا. حڪومت عوامي خدمت ڪرڻ کان بلڪل اٽڃاڻ،جو چاليهہ ارب روپيہ جي منصوبن کي هلائڻ لاءِ، هر چوٿين مهيني PD ۽ MD تبديل ڪندا رهيا. PD پروگرام کي اڃان مشڪل سان سمجهڻ لڳندو هو تہ ٻئي ڪنهن جي بدلي جا حڪم ناما پهچي ويندا هُئا. هنن ٻن سالن ۾ مونکي سنڌ حڪومت جي اندرين ڪمزورين ۽ ڪينسر جهڙين موذي مرضن جي خبر پئجي وئي، جو حڪومتي ادارا، بيوروڪريٽس لاءِ چڻ، ساهرن جي گهر مثل آهن، اونڌو ڪن تہ ٿا چا، پاسيرو ڪن، تہ بہ ڪانئن ڪوئي پڇڻ وارو ڪونہ آهي. هي ڪامورا ادارن کي غير فعال ۽ ڪمزور ڪري پوءِ نڪري هليٰ وڃن ٿا. هي ڪامورا، پوتارن جا ڪمدار ٿي ڪم ڪن ٿا. بس سائين وڏي کي راضي رکي ٻئي عوام جو پلي ڏينهن ڏني ڪارو منهن ڪندا وتو، توهان کان ڪوئي بہ نہ پڇندو ۽ ’سپ ٽيڪ‘ واري پاليسي تي عمل قائم رکي، پنهنجا پيٽ پريندا رهو. مان ڊڄان ٿو تہ هن قوم جي ايندڙ نسلن جو ڇا ٿيندو؟ هن مانيٽي سمنڊ ۾ الائي ڪڏهن لهرون ۽ ڇوليون جاڳنديون. ايتري ويراني ۽ خاموشي الائي ڇو ڇانئجي وئي آهي. اسان جا مفڪر ۽ دانشور الائي ڇو خاموش آهن، يا ڪُٺي ڪپي ويا آهن. بي همت ماڻهو قوم جي بدحالي ۽ پستيءَ کي نصيب سمجهي خاموش ٿي ويهي رهندا آهن ۽ بزدل انسان آهو آهي، جيڪو پنهنجي ۽ ايندڙ نسلن جي حق تلفي خلاف آواز بلند نٿو ڪري. ڪيڏانهن ويا، اسان جا صلاح الدين ايوبي، طارق بن زياد، محمد بن قاسم، دودو ۽ هوش محمد شيدي؟.

ناهيد شاهہ، هڪ ايماندار آفيسر

هڪ دفعي،BOD جي ميمبر، ادي ناهيد شاهہ، نساسڪ جي ڪارڪردگي جي واڪاڻ خاطر، گڏجاڻي دوران مشورو ڏنو تہ خيرپور شهر ۾ هلندڙ ڪمن مان، ڪنهن هڪ يا ٻن منصوبن جو افتتاح وزير اعليٰ کان ڪرايو وڃي. ان لاءِ ڊپٽي ڪمشنر کي پابند ڪيو ويو، تہ هو وزير اعليٰ کان، هفتي اندر وقت وٺي ڏئي مان ڪوشش ڪري، ٻن منصوبن لاءِ تياري ڪئي، جن ۾ لُقمان ڦاٽڪ پرسان دلشاد پارڪ اندر، پنج لک گئلن گنجائش

پاڻيءَ جو ٽاور ۽ ٻيو ميرواهه تي گاڙهي پل پرسان،شهيد آباد ۾ ٽاور ۽ لاڳاپيل علائقي ۾ نئون پاڻيءَ جي پائيپن جو ڄار وڇائڻ شامل هُئا. ٻئي منصوبا ۽ موقعا،DC کي ڏيکاريا پر هن وقت صرف انڪري نه وني ڏنو جو هو نه پيو چاهي ته نساسڪ جي منصوبن جو افتتاح ٿئي. متان نساسڪ جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ٿئي جو ٽي.ايم.اوز ۽ پبلڪ هيلٿ وارا نساسڪ جي پويان ڪتو ۽ ڏاتو هميشه ساڻ کيون وتندا هئا.

ادي ناهيد شاهه، وزيراعليٰ قائم علي شاهه جي ڌيءَ آهي ۽ وڏي هوشيار ۽ ايماندار عورت آهي. هميشه سچ منهن تي چوڻ واري دلير عورت آهي. هن منهنجي محنت کي هميشه ساراهيو ۽ همٿايو، جنهن ڪري مان ٻه سال مسلسلMD جي رتبي تي رهي، سخت محنت ڪري پاڻ مڃايو، نه ته هر ڇئن مهينن کانپوءِ MD کي هٽان، تنگ ڪري ڀڄايو ويندو رهيو آهي. اندروني ۽ بيروني سياست، اسان جي اداري جي ڪارڪردگي تباهه ڪري ڇڏي آهي.

سکر شهر جي واپاري طبقي کي هميشه پريشاني لاحق هوندي رهي، جنهن ڪري ڪيترائي ڀيرا نساسڪ جي ڪانفرنس هال ۾ يا وري چيمبر آف ڪامرس جي ڪانفرنس هال ۾، ڪين پاور پئانٽ ذريعي، شهر جي صفائي بابت ڪنيل قدم ۽ ويجهي مستقبل ۾ توسيع ۽ نئون منصوبن جي معلومات ڏيندا رهياسون. هي ماڻهو شايد وقت گذرڻ سان، ننڍن ڪاروبارن مان مٿي چڙهي آيا هجن، جو مونکي هي ننڍڙي سوچ ۽ ڪنجوس ذهن جا مالڪ لڳا. سوَاءِ ڪجهه چند سائين جي. ڪيسي مان هڪ روپيو به خرچ نه ڪندا پر توهان کي ڪمن جي پوري پريل لسٽ ٻڌائي ڇڏيندا. هنن کي حڪومتي سطح تي چڱيءَ طرح ٻڌو وڃي ٿو، والله عالم ان جو سبب ڪجهه به ٿي سگهي ٿو. شايد هنن جي تنظيم مختلف نمائندن جي اليڪشن دوران مالي مدد ڪندي هجي.

ادي ناهيد شاهه، سنڌ بورڊ آف انويسٽمينٽ، ڪراچيءَ جي چيئرمين ۽ ساڳئي وقت BOD جي ميمبر پڻ هُئي. ٽرڪيءَ مان ايندڙ هڪ ڊيليگيش، سندس آفيس واقع، FTCE بلڊنگ ڪراچي ۾ سيمينار ڏنو جنهن لاءِ مون کي به دعوت ملي. جنهن ۾ KMC، KDA ۽ سنڌ جي ٻين ادارن مان ڪيترن ئي انجنيئرن شموليت ڪئي. اِن سيمنار ۾ ادي ناهيد مونکي NSUSC جي اهميت ۽ ڪارڪردگي ٻڌائڻ بابت چيو، جيڪو مان کولي بيان ڪيو. هن بورڊ جو ڊائريڪٽر مسٽر عظيم عُقيلي هو.

KMC جي ڊائريڪٽر ساڳئي گڏجاڻي ۾ ٻڌايو ته ڪراچي شهر جي ٽوٽل ايراضي جو 30% ايراضي KMC جي ڪنٽرول هيٺ آهي، باقي 70% ايراضي، ٻين ايجنسين جهڙوڪ، ڊفينس، ڪينٽومينٽ بورڊ ۽ ريلوي جي قبضي ۾ آهي. اِها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، جو ايتري ٿوري ايراضي هوندي به هيترو وڏو ادارو پنهنجي شهر کي صاف سٿرو رکي نه سگهيو آهي ۽ نه وري آبادي کي صاف پاڻي مهيا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. نڪاسي آب ۽ برساتن دوران، شهر اندر ابتڙ وهندڙ نالا ۽ اُبرندڙ گٽرن کي سنڀالڻ ۾ KMC مڪمل ناڪام رهي آهي. جو شهر جي 30 سيڪٽرو علائقي کي پاڻي جي فراهمي ۽ نڪاسي ۽ صفائي کان محروم ڪيو ويني آهي.

هڪ ڏينهن PD آفيس مان حڪم ٿيو ته، وزير اعليٰ جي انسپيڪشن ٽيم جي ڊائريڪٽر جنرل کي پاور پوائنٽ ذريعي سيني منصوبن جي معلومات ٻڌائڻي آهي. DG صاحب کي مقرر تاريخ تي، ڊپٽي ڪمشنر،خيرپور جي رهائشگاهه واري ڪانفرنس هال ۾ ڪيس پوري معلومات ڏني جنهن تي هو ڪمن جي رفتار ڏسي تعريف ڪان نه رهي سگهيو.سائين آيو ته الائي ڪهڙي نيت سان هو پر ملڻ کان پوءِ هو سمجهي ويو، ته هتان ڪجهه به هٿ نه ايندو.منجهند جو ڪاڌو ڪائي، خيرپور ۾ هلندڙڪمن جو معائنو ڪري، معيار ڏسڻ ڪان پوءِ، ڪيس اطمينان آيو ته هتي ڪم سنو پيو ٿئي.

هڪ ڏينهن ڪراچي SCIP آفيس مان فون آيو ته صدر آصف زرداريءَ کي نئون ديرو ۾ پاور پوائنٽ ذريعي نساسڪ جي ڪارڪردگي ۽ منصوبن بابت پوري معلومات ڏيڻي آهي، جنهن ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ هلندڙ منصوبن بابت تفصيلي معلومات سان گڏ، ٻين شهرن ۾ نساسڪ جي اختيار ۾ هيٺ هلندڙ منصوبن جي اوسر بابت ڄاڻ شامل هجي.

مان ڪمشنر لاڙڪاڻي،کان فون ذريعي پروگرام بابت پڪ وني، BOD چيئرمين ۽ PD سان رابطو ڪري، ڪين گڏ هلڻ لاءِ پڻ چيو. ڪمشنر صاحب، نسانڪ مان صرف منهنجي پاس ٺهرائي جو هو سار سنڀال يعنيٰ آپريشن جي ڊائريڪٽر کي شريڪ ٿيڻ لاءِ راضي نه هيو.

مون سان گڏ اسڪپ جوPD، سعيد اعوان صاحب، BOD چيئرمين، انجنيئر عبدالجبار ۽ BOD ميمبر، مسٽر عثمان غني کتري سيئي تيار ٿي صبح سوير سکر مان ڪار ذريعي لاڙڪاڻي جي نئون ديرو ۾ واقع صدر جي گهر جي ٻاهرين مکيه دروازي تي، اندر داخل ٿيڻ جي اجان ڪوشش

ڪري رهيا هئاسين تہ خبر پئي تہ صدر صاحب، اسلام آباد لاءِ تيار آهن.ان ڪري اسان کي ٻئي دفعي گڏجاڻي لاءِ تيار رهڻ جي هدايت ڪئي وئي. اسان سيئي اتان ئي سکر لاءِ واپس روانا ٿياسين.

يو ايس ايڊ جونساسڪ تي پروسو

افغان جنگ دوران، پاڪستان جو دهشتگردي جي عيوض جنگ (Proxy War) ۾ ٻہ قدم وڌي حصي ونڻ جي عيوض، آمريڪا خاص ڪري، جيڪب آباد جي ملٽري ائيرپورٽ جي استعمال جي موٽ ۾ خاصي رقم، سنڌ جي اترين علائقي جي شهرن جي عوام لاءِ، بنيادي سهولتن جي سڌاري لاءِ، مدد طور ڏيڻ چاهي ٿو. ليڪن حڪومتي ادارن ۾ رشوت جي گرم بازار ڏسندي، آمريڪا نٿو چاهي، تہ اِها رقم بہ سياستدانن ۽ بيوروڪريٽن جي کيسن ۾ هلي وڃي. ان حوالي سان USAID وارا، اِن رقم کي، صحيح جاءِ تي خرچ ڪرڻ واستي اهڙين NGO'S جي تلاش ۾ پئي ڪئي، جيڪي ايمانداري سان اِن پئسي کي استعمال ڪن. حڪومت جو زور هو تہ اِها رقم کين ملي. ان ڪشمڪش ۾،USAID وارن کي جيڪب جي حوالي سان، نساسڪ جي خبر پئي تہ هي ڪمپني، ڇهن شهرن ۾ سنا ڪم ڪري رهي آهي، سو ڇو تہ انهن سان ملاقات ڪري وڌيڪ معلومات حاصل ڪجي.

USAID جو ڪنٽري ڊائريڪٽر، مسٽر اسڪپ ليونارڊ، سنڌ حڪومت جي ميونسيپل سروسز ڊليوري پروگرام (MSDP)، جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر کي ساڻ ڪري، سکر منهنجي آفيس پهتو. اسان سندن خوش آمديد ڪئي ۽ ٻن ڪلاڪن جي ڊگهي عرصي جي معلومات (Presentation) کيس ڏني جنهن ۾ ڇهن شهرن ۾ هلندڙ منصوبا ۽ قرض جي ٻئي قسط ۾ ايندڙ مستقبل منصوبن بابت معلومات هئي.

هلندڙ ڪمن جي رفتار ۽ مستقبل منصوبن جو ٻڌي مسٽر اسڪپ جي مُنهن ۾ رونق اچي وئي، ڄڻ ريگستان جي سخت گرمي ۾ سفر ڪري ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ داخل ٿيو هجي. هن چيو تہ مان توهان کي آسمان تي پئي ڳوليو پر اِهي منهنجا ڀاڳ آهن، جو توهان مونکي هتي ملي ويا آهيو، سمجهو تہ هاڻي منهنجا سڀ مسئلا حل ٿي ويا. اسان جڏهن هن کي اِهو ٻڌايو تہ ڇهن مهينن اندر، جيڪب آباد ۽ گهوٽڪي شهر نساسڪ جي اختياريءَ هيٺ اچي ويندا تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو. جو هنن کي ڪثير رقم،

جيڪب آباد جي ترقي لاءِ رکيل هُئي، جو افغان جنگ دوران هو جيڪب آباد جو ايئرپورٽ استعمال ڪندا رهيا. مسٽر اسڪپ ليونارڊ، اشارتن ٻڌايو تہ USAID، جيڪڏهن اها سڄي رقم نساسڪ حوالي ڪري تہ پوءِ ان جو طريقي ڪار ڪيئن ٿيندو؟ ان لاءِ اسان ڪيس ٻڌايو تہ نساسڪ جي فنڊنگ ۾ ADB ڪان گڏ سنڌ حڪومت سيڙپ ۾ حصيدار هجڻ ڪري،انهن ٻنهين سان USAID ڳالهيون ڪري ڪين مڃرائي، جنهن ڪانپوءِ USAID وارن، حڪومت سنڌ سان ڪيترا ڀيرا ڳالهيون ڪيون ليڪن انهن ۾ ڪين ڪاميابي نہ ٿي.

بهرحال مسٽر اسڪپ ليونارڊ، ڪراچي ۾ آمريڪي ڪنسوليٽ جي آفيس ۾ هڪ ميٽنگ لاءِ چيو، جنهن ۾ مان شريڪ ٿيس USAID وارن نساسڪ کي پوري رقم ڏيڻ لاءِ راضپو ڏيکاريو پر حڪومت سان گڏجاڻين ۾ USAID کي ائين ڪرڻ کان روڪيو ويو، جو بعد ۾ هنن هڪ ادارو ڪولي،جيڪب آباد ۽ ٻين شهرن ۾ ڪم ڪرائڻ جي شروعات ڪئي. بهرحال شابس هجي، انهن غير ملڪين کي، جن اها رقم ٽي.ايم.اوز پبلڪ هيلٿ وارن يا ضلعي انتظاميا جي ٻُڪين ٻگهڙن جي حوالي نہ ڪئي ۽ پاڻ هڪ ادارو ڪولي جيڪب آباد ۽ ٻين آس پاس جي شهرن ۾ ميونسيپل سروسز جو ڪم پنهنجي نگراني هيٺ شروع ڪرايو. شابس آهي اِن قوم جي سچائي ۽ ايمانداري کي، جو هڪ اجنبي ديس جي ماڻهن جي، اڇي خدمت ۾ پاڻ شامل ٿين ٿا. يلا جي ڳجهن ۾ ماس اُڇلي. پاڻ تان بار لاهي ڇڏين، تہ ڪير ٿو انهن کان پڇا ڪري تہ آيا سنڌ جي ماروئڙن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مليو يا ڪونہ مليو!

منيلا ۽ سنگاپور جو سفر

نقشي تي نظر ڊوڙائڻ سان توهان کي اترين سمنڊ وچ ۾ ملائيشيا جي پرسان،ڪجهہ ٻيٽ نظر ايندا، جن جو تعداد موسم جي مطابق گهٽ ۽ وڌ ٿيندو رهندو آهي. صاف موسم ۾ جڏهن سمنڊ جو پاڻي هڪ سطح تي بيٺو رهي ٿو، تہ انهن ٻيٽن جو تعداد 7,107 آهي، جن کي ملائي ٽن ڀرڳٽن جهڙوڪ: لوزان (Luzon)، وساياس (Visayas) ۽ مِنڊ نائو (Mindano) سان سڏيو وڃي ٿو. هن ڪثير تعداد ٻيٽن تي هي ملڪ فلپائين (Philipine) آهي، جنهن جي گاڏي جو هنڌ منيلا آهي. هن ملڪ جي ايراضي ٽي لک مربع ڪلوميٽر آهي ۽ آبادي (2015)، ڏهہ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي. هي ملڪ چار.

جولاءِ 1946ع ۾ آمريڪا جي چنبي مان آزاد ٿيو ۽ پيسو (Peso) سندس سِڪو آهي. فلپائين آبادي جي لحاظ کان، ايشيا ۾ ستين نمبر ۽ دنيا ۾ ٻارهين نمبر تي آهي. هن ملڪ ۾ مسلمانن جي آبادي، مِنڊناڻو ٻيٽ تي اڪثريت سان آهي.

نسلي لحاظ کان گھٽيون ئي قومون آباد آهن پر 34% وِسيان، 28% تگالو، 10% لُڪانو ۽ ڪيتريون ئي ٻيون قومون پڻ آباد آهن. هن ملڪ ۾ 81 صوبا ۽ 144 شهر آهن ۽ منيلا کان وڏيڪ آبادي وارو شهر ڪيوزون (Quezon City) آهي، جيڪو منيلا جي بلڪل ويجهو آهي. مسلمانن جي اڪثريت (11% مسلمان) وارو صوبو منڊ نائو، اڄڪلھ خودمختيار علائقو (Autonomous Region in Muslim Mindano) سڏيو وڃي ٿو. هي ساموندي پاڻي سان وڪوڙيل هڪ عجيب دنيا آهن، جتي توهان کي ڪارن ۽ جيپن جي هلائڻ بجاءِ، ٻيڙا غوراب ۽ آگبوٽ هلائڻا پون ٿا. هتان جا ماڻهو، ننڍي قد جا، اڪيون اندر ۾ ڏٻيل ۽ رنگ جا پورا پر عام طرح ڏسڻ جا سُھڻا ۽ بااخلاق آهن. هن قوم سان منهنجو سعودي عرب ۾ گھڻو واسطو رهيو آهي ڪم ڪرڻ جا پڙ ۽ هوشيار پر هر وقت ڪجھ نہ ڪجھ ڪائيندي يا پيئندي نظر ايندا.

فلپني ٻولي سان گڏ، اڪثريت انگريزي ٻولي ڳالهائيندا آهن، جو هنن جي اسڪولن ۾ انگريزي پڙهڻ لازمي آهي. هن ملڪ جي آمدني جو گھڻو حصو سياحت تي آهي، جو هي ملڪ سياحت لاءِ کليل ۽ پُرامن آهي. هن ملڪ ۾ پنجانوي سيڪڙو کان وڏيڪ خواندگي جو تناسب آهي. مدل ايسٽ ملڪن ۾، اسپتال ۾ نرسون ۽ ادارن ۾ اڪثريت فلپينو ٽيڪنيشن نوڪرين ۾ ملندا. مان جهاز ذريعي جڏهن، منيلا جي اڪينو انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لٿس تہ اتي هڪ ڪائونٽر تي ADB لکيل هُيو، مان اڄان ان جي سامهون ٿيس تہ هڪ ڇوڪري اچي پڇيو، تہ ڇا توهان ADB جا مهمان آهيو؟ مان هرون پرون بہ ڪٿي ها ڪئي، جو مهمان نہ سهي پر گراهڪ تہ هئس. هن منهنجو نالو پڇيو ۽ پنهنجي لسٽ ۾ ڏسڻ لڳي. ٿوري دير ڪانپوءِ مون کان پاسپورٽ وٺي مونکي پويان هلڻ لاءِ چيو. هن اميگريشن ڪائونٽر واري آفيسر کي،ADB جو مهمان ٻڌائي، مونکي سامان واري لائونج ۾ ويهاري،سامان جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لاءِ چئي پاڻ هلي وئي. ٿوري دير ۾ ڪجھ ٻين گورن مهمانن کي ساڻ ڪري آئي جو ايستائين، منهنجو سامان بہ اچي ويو. ADB جي مهرباني ڪري اسان جو ڪسٽم

وغيره بہ ڪونہ ٿيو، سڌو سنئون، بغير ڪنهن رڪاوٽ جي، اسان ٻاهر نڪرڻ لڳاسين. معلومات خاطر اهو ٻڌائيندو هلان، تہ جڏهن ڪو ڊرائيور اڻ ڏٺل مهمان کي ايئرپورٽ تان ڪٽڻ ايندو آهي تہ هو پنهنجي هٿ ۾ اُن ايندڙ مهمان جو نالولکيل تختي سامهون جهلي بيهندو آهي، جتان مسافر ٻاهر نڪرندا آهن. اسان سان گڏ نڪرندڙ هڪ انگريز جڏهن پنهنجي نالي جون تختيون، ٻن ماڻهن سان ڏٺيون، تہ هو پريشان ٿي ويو ۽ غالباً ڊڄي ويو ۽ ڪنهن هڪ سان بہ نہ ويو ۽ وڃي اڪيلي ٽيڪسي ڪيائين، جو هن کي خوف ٿيو تہ ٻنهين مان ڪوئي بہ فراڊ ڪري سگهي ٿو. ڇو جو مسافر جو نالو تہ ڪٿان بہ هٿ ڪري سگهجي ٿو يا وري ٺڳ ماڻهو ڪنهن عام نالن مان ڪوئي نالو لکي، پنهنجو ڀاڱ آزمائي سگهي ٿو. اڪثر ڪري سياحن کي پئسي جي لالچ تي ماڻهو قتل ڪري ڇڏين ٿا. تنهن ڪري سفر ڪرڻ سان عقل کي ضرور استعمال ڪجي، نہ تہ نقصان ٿيڻ جو انديشو رهجي وڃي ٿو. اڄڪلهہ تہ انٽرنيٽ ذريعي هوائي جهاز جي ڪنهن بہ ايئر لائين جي کهڙي بہ اُڏام جي مسافرن جي فهرست آساني سان هٿ ڪري سگهجي ٿي.

منيلا ايئرپورٽ تان، اِن ADB جي گاڏي ۾ چڙهي، منيلا شهر جي مَڪاتي (Makati) علائقي جي آگيوري (Aguirre) روڊ تي، واقع سَمرَ سَيٽ ملينيم هوٽل (Sumer Set Millennium Hotel) تي پهتس، جتي ADB طرفان منهنجي لاءِ اڳ بوڪنگ ڪرايل هُئي. هوٽل ۾ رات جو آرام ڪري، صبح جو ڏهين بجي ڏاري گاڏي کي اچي ڪٽڻو هو. اسان کي، منيلا شهر کي پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪندڙ ڪمپني منيلا (Minilad) جا منصوبا ۽ ڪمپني جي ڪارڪردگي ڏسڻي هُئي ۽ اتي ڪجهہ ڏينهن ليڪچر ٻڌڻا هُئا. هي سڄو پروگرام هڪ هفتي جو هيو ۽ هن پروگرام کي،ADB جي ڪفالت ۽ سرپرستي هئي. پاڻي جي ڪمپني، اسان کي پنهنجا سڀ منصوبا ۽ هلندڙ ڪم ڏيکاريا. پاڻي جا فلٽر پلانٽ ۽ نڪاسي آب جو پورو سِرشتو، نقشن ذريعي ۽ عملن موقعي تي وٺي ڏيکاريائون. پاڻيءَ جي زير زمين پائيپن جو ٽُٽڻ، اُن مان پاڻي جو وهڻ ۽ سيمن واريون جايون ڳولڻ، اُنجي اصلاح ڪرڻ، اهو سڄو عمل تجرباتي طور ڪري ڏيکاريو ويو. خير مان انهن سڀني عملن کان گهڻو واقف هئس، جو سعودي عرب ۾، اهڙن منصوبن جي سار سنڀال، فورن ۽ معياري ڪئي ويندي آهي. منيلا جو مَڪاتي علائقو، ائين آهي جيئن ڪراچي ۾ ڊفينس جو علائقو، بلڪل پرامن، سو

مان شام ڌاري اڪيلو سپر مارڪيٽ گهمڻ لاءِ نڪري ويندو هيس ۽ وري هوٽل تي پهچي ويندو هئس. اسان جي ليڪچر جي وقتي دوران مسٽر ايلن ڪيلي (Mr. Allan Kelly) اچي ويندو هو ۽ حال چال پڇندو رهندو هو.ADB هيڊ ڪوارٽر ۾ اسان واري هنڌ جي بلڪل پرسان هو. هڪ ڏينهن مسٽر ايلن آيو ۽ مون کي پنهنجي باس سان ملائڻ لاءِ وٺي ويو، جيڪو ADB ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي فائز هيو ۽ سنڌس نالو مسٽر آنند چپلنڪر (Anand Chiplunkar) هو، ڏاڍو خوش طبع ۽ يار ويس انسان لڳو، جو هُن اڌ ڪلاڪ مون سان ڪچهري ڪئي. مون کان نساسڪ جي باري ۾ ڪافي معلومات ورتي ۽ مسئلن بابت ٻه پڇيائين، جنهن تي مان کيس نساسڪ ۽ TMA جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي ڪجهه خامين جو ذڪر ڪيو، جنهن ڪري TMA جا ملازم،NSUSC کي پنهنجو نٿا سمجهن، انڪري جو سنڌن نوڪري مان ڪڍڻ جو حق اسان وٽ نه آهي پر TMA وٽ آهي. ان لاءِ مان کيس ٻڌايو ته 50% ملازم،TMA مان اهليت جي بنياد تي عارضي طور منتقل ڪجن ها ۽ ٻقايا نساسڪ، اهليت جي بنياد تي مارڪيٽ مان ڀرتي ڪري، انهن کان ڪم وٺي ها ته انهن ٻنهي گروپن ۾ چٽا ڀيٽي جي رجحان تحت سخت محنت ڪن ها. اِهو ماڊل وڌيڪ مؤثر طريقي سان ڪم ڪري ها. اهڙي طرح ٻين معاملن ۽ حڪومتي برتاءُ بابت باخبر ڪيومانس. جنهن تي هو ڏاڍو خوش ٿيو. منهنجي انهن ڳالهين ۽ مشورن تي ايترو مطمعن ٿيو جو ڪلي چيائين، ته توهان هن سيمينار ۾ سکڻ جي بجاءِ، سيڪاريو ها ته بهتر هجي ها، جنهن تي مسٽر ايلن معمول مطابق هڪ ٺهڪڙو ڏني، ٻُنيرائي ڪئي. مسٽر ايلن، جڏهن ڊاريڪٽر آنند ڏانهن وٺيو پئي آيو، ته ڪاريڊور ۾ مونکي ٻڌايائين ته اڳيون ڊاريڪٽر مون سان نهيل هيو، پر هي ڏاڍو سخت آهي، جو غلطي کي معاف گهٽ ڪندو آهي.

مسٽر ايلن اينڊڙ رات جي ماني گڏ کائڻ لاءِ چيو، پر مان گسائڻ جي ڪئي.جنهن تي هُن زور ڀريو ۽ ڌمڪي ڏيندي چيو، ته سکر ۾ اسان ٻه توهان وٽ ماني ڪونه کائيندا سين. مان ڪٿي هٿيار ڦٽا ڪيا، سو شام جو گاڏي پاڻ کاهي آيو، گڏجي هڪڙي فائيو اسٽار هوٽل جي گيٽ سامهون گاڏي مان لهي، انتظار ۾ بيٺل شوفر کي گاڏي پارڪنگ ۾ لڳائڻ جو اشارو ڏني، هوٽل جي ڊائننگ هال ۾ ٻهتاسين. مان کيس اهڙي حرڪت، ڪراچي ۾ ڪرڻ کان منع ڪئي، ته ٿوري دير کانپوءِ کلي چيائين، ته هاڻي سمجهي ويم ته توهان کهڙي ڳالهه ڏانهن اشارو پيا ڪريو. دل ۾ چيم ته

اگر ڪراچي ۾، روڊ تي انجڻ اسٽارٽ گاڏي، ڪنهن خوش نصيب کي اگر ملندي، تہ هو ڪراچي کان قلات ڪاهي وڃي، پرزا اهڙي طرح ڪپائيندو، جڻ گاڏي فيڪٽري مان ئي ڪونہ نڪتي هُئي.

حلال ڪاڏو نہ هجڻ ڪري افسوس ٿيو، جنهن ڪري مان مڇي ۽ سبزي تي گذر ڪيو. ڪچهري ڪندي ٻڌايائين تہ زال ۽ پٽ موڪلن تي آسٽريليا گهمڻ ويا آهن. مسٽر ايلن پاڻ قداور هجڻ ڪري،ڪلي چيائين تہ منهنجو پٽ وري مون کان اڌ فوٽ ڪن ڊگهو آهي، سو گهر جو رهائشي سامان ۽ ڪپڙا خاص آرڊر تي ٺهرائيندا آهيون. هن سان گڏ، جيڪا فلپيني ڇوڪِري، مس لنڊا سڪر ايندي آهي، تنهن جو قد وري مَس چار فوٽ ٿيندو، سو اُن تي ڪلي چيائين، تہ اسان جڏهن گڏ سفر ڪندا آهيون، تہ ماڻهو هرو ڀرو ڏسي، پوئتي منهن ڪري ڪلندا آهن، يا وري ڀري کان هڪ ٻئي کي اشارا ڪندا آهن. مسٽر ايلن ڏاڍو خوش طبع ۽ يوگائي آهي، جو ڪچهري ڪندي ڪافي يوگ ۽ ڪلڻ جو مواد پيدا ڪندو رهندو آهي.

سنگاپور جي سفر جو مان اڳ ۾ احوال ڏئي چڪو آهيان، جڏهن مان AIT ۾ پڙهندو هئس انوقت دوستن سان گڏجي ملائيشيا ۽ سنگاپور جو ٽوئر، ريل رستي، بئنڪاڪ کان ڪئالالمپور سفر ڪيو هيو. سنگاپور شهر ۾، پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪندڙ ڪمپنيون، گڏجي هر سال ’سنگاپور انٽرنيشنل واٽر ويڪ‘ ملهائينديون آهن، جنهن لاءِ دنيا مان مجيل پاڻي جا ماهر، انجنيئر ۽ سائنسدان اِن ۾ شموليت ڪري، پنهنجا تجزيا ۽ سُفارشون ڏيندا آهن، تہ جيئن بهتر کان وڌيڪ بهتري آندي وڃي، جيئن انسان ذات کي پاڪ صاف پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪري سگهجي.

انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽنٽس (ICAP)

نساسڪ جي شروعات کان بدقسمتي رهي، جو SCIP جي PD ۽ نساسڪ جي MD جو ٿوري عرصي ۾ تبديل ٿيڻ سان گڏ، سکر جهڙي گرم ۽ پري پنڌ واري علائقي ۾ هجڻ ڪري، ڪو ڍنگ جو اقتصاديات جو ماهر، CFO،(Chief Financial Officer) نہ ملڻ يا سازشي ۽ پيچيده ذهنيت وارن جي سياسي ۽ شرارتي چڪرن ڪري CFO کي پڄائي پڌڻ، هڪ سازش لڳي رهي هئي. جنهن کي اڄ تائين ڪو سڃاڻي نہ سگهيو آهي. پهريون CFO، جنهن جي سڀ ڪنهن تعريف پئي ڪئي، ليڪن اُن کي بہ تخريبڪار ۽ بغاوتي ذهنن پڄائي ڇڏيو. اُن کانپوءِ ٻيو CFO پرتي ڪيو

ويو، جنهن کي ٿوري عرصي ۾ سازش تحت تنگ ڪيو ويو، جو پڇاڙي نوڪري ڇڏي ويو. نساسڪ کي هلائڻ لاءِ چئن مضبوط ٿنڀن جي ضرورت آهي، جن ۾ CFO، MD، ڊائريڪٽر آپريشن ۽ ڊائريڪٽر منصوبه بندي شامل آهن. ڊاريڪٽر منصوبه بندي شروع کان ئي جاءِ نه رکي وئي، ليڪن اُنجي جاءِ تي مئنيجر کي رکيو ويو هو، جيڪا نسبتاً ننڍي رتبي جي حيثيت هُئي. هاڻي چئن ٿنڀن جي عمارت کي، جيڪڏهن توهان، ڪم و پيش ٽن ٿنڀن تي اڏيندا، ته پوءِ اِن عمارت جو ڇا حال ٿيندو. وري جي انهن ٿنڀن جو بنياد ڇور گپ مٿان رکيل هجي، ته پوءِ ائين نه ٿيندو ته وري ٻيو ڇا ٿيندو. ڪمپني جي اقتصادي ڪنٽرول لاءِ جي قابل انسان نه هوندو، ته پوءِ ائين آهي، جيئن نئين مرسيڊيز گاڏي خريد ڪري، سيڪڙائٽ ڊرائيور جي حوالي ڪري ڇڏجي. مان اچڻ سان ٽيم ناهڻ جي ڪوشش ڪئي، ته جيئن عمارت کي ٻيهاري سگهجي، پر افسوس جو تخريبڪاري ۽ منافقت ايتري وڌيل هئي، جو ٿنڀن کي سهارو ڏئي،عمارت کي مس ٻيهاريان پيو، ته ڪو ٻيو ٿنڀو لڏڻ لڳندو هو. منهنجي دخلڪاري سان مسٽر حسين CFO، جيڪو اڳئي، سازشين جو ڏنيل هيو، تنهن بسترا ٻڌا. مان نئين CFO، جي ڀرتي لاءِ يادگيري ڪرائيندو رهيس، ليڪن بورڊ کي ڀرتي ڪندي سال کن لڳي ويو. آخر ۾ اهڙي CFO کي ڀرتي ڪري اماڻيو ويو، جيڪو اچڻ سان چوڻ لڳو ته مان ’فلان فلان جو مُخبر ٿي آيو آهيان‘. ڪم جي ڄاڻ پوري ساري، سڄو ڏينهن وتي ٻين کان خبرون پڇندو، ۽ باقي ڪمپني جي مالياتي معاملن کان وتي پاسيرو گهمندو. هڪ دفعي هن ٻڌايو ته مون کي صرف MD جي جاسوسي ڪرڻ لاءِ هتي رکيو ويو آهي.

انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽنٽس ڪراچي جي ڊائريڪٽر مسٽر سُريا صاحب مون کي،BOD چيئرمين، CFO ۽ هڪ بورڊ جي ميمبر مسٽر ڪتري کي، ڊائريڪٽر جي ٽريننگ لاءِ دعوت ڏني، جنهن لاءِ اسان سيني هائو ڪئي. اِها ٽريننگ ايواري ٽاور جي ڪانفرنس هال ۾ منعقد ٿي، جتي روزانو ڪيترائي ليڪچر ڏنا ويندا هُئا. انهن ليڪچرس ۾ پوري ڪراچي مان ڪيترائي آفيسر شامل هُئا، ۽ ڪافي مزيدار گڏجاڻيون ٿينديون هيون. ليڪچر جي اڪثريت، ناڻي سان وابستا هُئي، باقي مئنيجمينٽ يا انجنيئرنگ سان ڪا گهڻو واسطو ڪونه پئي لڳو. بهرحال هڪ هفتي جي ٽريننگ کان پوءِ، گروپ فوٽو سيشن ٿيا ۽ عاليشان ٽريننگ پوري ڪرڻ جو سرٽيفڪيٽ به ڏنو ويو.

وزير سان ملاقات

سنڌ ۾ نساسڪ جي وجود سان ضلعي انتظاميہ سان گڏ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرن ۽ مقامي ادارن جي آفيسرن جي ڪمائي کي ڌاڙو لڳو، تنهنڪري سيني جي دُشمني کي مُنهن ڏيڻ ۽ ساڳئي وقت ميونسيپل خدمتن ۾ سڌارو آڻڻ، ڪنهن وڏي آزمائش کان خالي نہ هو. سرڪاري ادارن جي آفيسرن جي هڪ پنهنجي مخصوص دنيا آهي، جتي هو پاڻ کي اتان جوبادشاهہ سمجهن ٿا. مثال ونو فنانس ڪاتي جو، نساسڪ کي بين الاقوامي معاهدي تحت خرچ جو چوٿون حصو، سنڌ حڪومت کي وقت ضرورت فوري ادا ڪرڻو هو. ليڪن انهن معاهدن کان ڪوئي بہ واقف ڪونہ لڳندو هو، بس رقم هوندي بہ ڏيٽي ناهي پر جيڪڏهن هڪ آفيسر وٽان پئسا نڪتا، تہ وري بئي آفيس ۾ ڦاسي ويندا هئا ۽ اڇي آخر ۾ اسڪپ آفيس ۾ رڪجي پوندا هئا. اسڪپ آفيس جو مقصد، حڪومت کان ڪمپني کي رقم جي فراهمي يقيني بنائڻ آهي پر افسوس جو رقم پنهنجي قبضي ۾ رکيو ڇڏين ۽ ائين ڏين، ڄڻ سندن ذاتي ملڪيت هجي اها آهي اسانجي ذهنيت ۽ بي ضميري جي حد. اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي، جيڪي ذاتي لوڀ ۽ لالچ کي قومي مفادن کان مٿاهون سمجهن ٿا. اهڙين آفيسرن جي منفي سوچ ۽ رَويَن ڪري، ملڪ ترقي نہ ٿو ڪري. نساسڪ پنهنجي پروگرام مطابق شهرن اندر منصوبن لاءِ صلاحڪارن (Consultants) جي سفارش تي، هر هڪ شهر اندر پاڻي جي رسد، نڪاسي ۽ صفائي جي حوالي سان مختلف رٿائون ٺاهيون، جن کي مختلف مرحلن مان گذاري آخري شڪل ڏئي،ADB کان منظوري ورتي، جنهن کانپوءِ نيڪن ڏيڻ جي ڪاروائي مڪمل ڪري، ڪم شروع ڪري ڏنا. ADB جي منظوريءَ کانپوءِ انهن ڪمن جي دائري ۾ ڪا وڏي تبديلي نہ ٿي ڪري سگهجي، جو هڪ تہ ائين ڪرڻ سان اهو ڪم پنهنجي مقرر وقت اندر مڪمل ڪونہ ٿيندو ۽ ٻيو تہ هڪ قسم جو شڪ پيدا ٿي وڃي ٿو، تہ وڏي تبديلي ڪنهن جي ذاتي مفادن ڪري ڪئي پئي وڃي.

اسان کي اعليٰ اختياريءَ وارن کان، هڪ حڪم نازل ٿيو، تہ نساسڪ جي اختياري وارن شهرن ۾ پاڻي صاف ڪرڻ لاءِ، ڪراچي جي ڪنهن خاص ڪمپنين کان آر.او (Reverse Osmosis Plant, RO) پلانٽ خريد ڪري لڳرايا وڃن. هلندڙ ڪم ۾، هڪ نئون مسئلو پيدا ٿي پيو، آر.او (RO) پلانٽ جي ذريعي سمنڊ جو ڪارو پاڻي صاف ڪري، پيئڻ لائق بڻايو ويندو آهي پر اٽجاڻ لاءِ هڪ دلفريب ڳالهہ ضرور آهي، پر ڄاڻ وارو ٻڌائيندو، تہ

آيا اهڙي قسم جا پلانٽ هتي لڳائڻ قابل عمل آهن يا نہ. هن قسم جا پلانٽ، گهڻو مهانگا آهن ۽ اسان وٽ بجلي جي بحران جي صورت ۾ ان صنعت جي پيداواري صلاحيت گهڻ گهٽجي وڃي ٿي.

مان اهڙي قسم جا پلانٽ، سعودي عرب ۾ بحراحمر تي واقع شرما پورٽ ۾ لڳائي آيو هُئس. هن پلانٽ ۾ پاڻي صاف ڪرڻ جي حوالي سان، کاري پاڻي مان نمڪيات ڪڍڻ ۽ صاف پاڻي جي پيداوار جي تياريءَ جا سلسليوار مرحلا، ايترا تہ ڏکيا آهن، جو عام مستري يا مشين هلائيندڙ جي سمجهہ يا ضابطي کان ٻاهر آهن. هن پلانٽ مان صحيح پيداوار وٺڻ لاءِ، تربيت يافتہ ۽ تجربيڪار آپريٽرن جو، هر وقت هجڻ ضروري آهي. هي پاڻي صاف ڪرڻ جو ڪارخانو انتهائي مهانگو پوي ٿو ۽ سار سنڀال جي لحاظ کان بہ ڏٺو وڃي تہ گهڻو مشڪل ۽ ڏکيو آهي. انهن ڪارخانن کي رد ڪرڻ جو ٻيو خاص سبب اِهو بہ هيو تہ سکر، روهڙي ۽ خيرپور لاءِ دريائي پاڻي صاف ڪرڻو هو نہ ڪي ساموندي کارو پاڻي، جنهن ڪري اسان اِن تجويز کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. جنهن ڪري اعليٰ آفيس وارا شايد ناراض بہ ٿيا هجن. انهن مونجهارن ۾ SCIP جو هڪ PD بدلي ڪرائي وڃي سيڪريٽري ٿيو ۽ ڪافي وقت نئون PD ڪونہ آيو پر ساڳئي آفيس جي هڪ ٻئي آفيسر کي اضافي چارج ڏئي مڙيوئي گاڏي کي ڌڪو ڏنو ويو. ڪافي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ، PD جي اضافي چارج، ڪراچي اوڀر جي ڊپٽي ڪمشنر جي حوالي ڪئي وئي. قاضي صاحب پنهنجي ڪم ۾ ڏاڍو مشغول رهندو هو ۽ ڪڏهن وقت ڪڍي ملاقات ۽ بريفنگ لاءِ گهرائيندو هو. هڪ دفعي مونکي حڪم ٿيو تہ ڪراچي اچي SCIP ڪلفٽن واري آفيس ۾ منصوبن بابت تازي معلومات ڏيان. قاضي کان اڳ، هڪ ٻيو ڪراچي واسي، مسٽر دانش پنجن مهينن لاءِ اچي،PD ٿيو هو. هن ڪرسيءَ کي سرڪاري ڪامورن،هڪ آرام ڪرڻ جي اسٽيشن طور استعمال ڪيو، ڪجهہ مهينا گذاري، ڪنهن سُٺي پوسٽ جي ڳولا ۽ تبادلي جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ وقت گذاري کان سواءِ، ٻئي ڪابہ اهميت نہ هُئي. ڇهن شهرن جي پنجويهہ لک آبادي کي سهولتون مهيا ڪرڻ جو، ڪنهن کي بہ فڪر ڪونہ هيو. نساسڪ - اترين سنڌ جي ڇهن ڏتڙيل ضلعن جي پنجويهہ لک ماڻهن جي زندگي بهتر ڪرڻ لاءِ، ڏينهن رات جي محنت ۽ مشڪل ۾ قاتل ۽ هيڏانهن سرڪار نامدار جي آفيسرن جو، ويڳي ماءُ وارو ورتاءُ دل شڪن ۽ حيران ڪندڙ پئي لڳو.

مون قاضي صاحب کي بريفنگ ڏني ۽ ڪافي انتظار ڪانپوءِ گڏجي ڪلفٽن آفيس مان سنڌ سيڪريٽريٽ پهتاسين. قاضي صاحب مون کي چيو

تہ اج توکي، وزير لوڪل گورنمنٽ سان ٿو ملايان. قاضي صاحب کي گهڻ وقت هجڻ جي باوجود بہ، مسئلن جو حل ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

اسان وزير موصوف جي آفيس پهتاسين تہ خبر پئي تہ هو آفيس مان نڪرڻ وارو آهي. مان وراندي ۾ انتظار ڪيو پر ڏاڍي پيڙ هُئي. بحرحال پنجن منٽن جي انتظار ڪانپوءِ، وزير موصوف جيئن باهر نڪتو، تہ مان کيس پنهنجو تعارف ڪرائي هٿ ملايو. جنهن ڪانپوءِ قاضي صاحب، هن کي پنهنجي طرفان وڏيڪ کولي ٻڌايو، تہ شر صاحب نساسڪ ڪمپني جو MD آهي، جنهن ڪانپوءِ هلندي حال احوال ٿيو،۽ وزير صاحب پنهنجي گاڏي ۾ وڃي ويٺو. مان اتان پنهنجي گاڏي ۾ حيدرآباد لاءِ روانو ٿيس. اِهو سج لٿي جو وقت هوندو ۽ مان جڏهن ٽئي واري روڊ سان اسٽيل مل جي پرسان پهتس، تہ فون آئي، مون کي ٻڌايو ويو تہ وزير موصوف توهان سان ملڻ چاهي ٿو، سو جلدي بلاول هائوس پهچو. مان کيس ٻڌايو تہ اسٽيل مل پهتو آهيان. پر تنهن هوندي بہ مون کي موٽي اچڻ لاءِ زور ڀريو. بلاول هائوس پهچڻ سان، مون کي وزير جي رهائش وٽ PD سان ملاقات ٿي، جنهن هڪ وڏي حال ۾ ويهاريو جتي اڳ ۾ هڪ شخص ويٺو هو جيڪو پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري هو. پهرين گڏجاڻي اُن سيڪريٽري سان ٿي. سيڪريٽري سان ساڳئي موضوع، يعنيٰ R.O پلانٽ جي خيرپور ۽ سکر ۾ استعمال بابت ٿي. مان کيس RO پلانٽ جي بنيادي مسئلن ۽ منصوبي جي مستقبل قريب جي حوالي سان، افاديت ۽ خامين بابت، جڏهن ذڪر ڪيو تہ مون ڏانهن گهوري ڏسڻ لڳو. مان R.O پلانٽ جي حوالي سان، کيس واضح ڪيو تہ دريائي پاڻي ۾ نمڪيات نہ هجڻ جي برابر آهن ۽ پاڻي ۾ ميراڻ (Turbidity) ايتري حد تائين آهي جو RO پلانٽ جون سنهڙيون ڄاريون (Micro Filter Membranes) هر وقت بند پيون ٿينديون رهنديون، جنهن ڪري R.O پلانٽ دريائي پاڻي کي صاف ڪرڻ لاءِ موضون نہ آهي. ساڳئي وقت سکر ۽ خيرپور شهر ۾ بہ بہ فلٽر پلانٽ بحالي ۽ توسيع جي آخري مرحلن ۾ هجڻ ڪري، هڪ نئين منصوبي جي سُفارش ڪرڻ مناسب نہ ٿي لڳي.

سيڪريٽري مون سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري، وزير موصوف ڏانهن حال اورڻ لاءِ هليو ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ، مون کي وزير جي ڪمري ۾ هلڻ لاءِ چيو. مان وزير صاحب کي سلام ڪري، پرسان خالي صَوفي تي ويهي رهيس.

وزير موصوف، R.O پلانٽ جي حوالي سان مون کي مخاطب ٿي چيو تہ نواب شاهہ شهر ۾ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو،R.O پلانٽ لڳايو ويو آهي، چا

توھان ڏنو آھي؟ مان اِن پلانٽ ڪي نہ ڏسڻ بابت ٻڌايو، جنھن تي ھُن مونکي ڏسڻ لاءِ زور ڀريو.
موصوف مون کي چيو تہ شر صاحب، سوچ ’جيڪڏھن تنھنجو دُشمن، تنھنجو دوست ٿي وڃي تہ ڪيترو نہ بھتر آھي‘. مان ڪيس چيو تہ توھان، اسان جا دشمن نہ پر سڄڻ ۽ ھميشہ مددگار رھيا آھيو. جنھن ڪري ھن پروگرام تحت پنجويھہ لک ماڻھن جي خدمت ٿي رھي آھي.
مون کي خيرپور ۽ سکر ۾ R.O پلانٽ لڳائڻ لاءِ چيو ويو، جنھن بابت مان ساڃيو مشورو ڏنو، جيڪو سيڪريٽري سان زير بحث رھيو. پر محسوس ٿيو تہ اِھا منھنجي ڳالھہ کين نہ وڻي. چانھہ پيئڻ ڪانپوءِ مان موڪلائي حيدرآباد ھليو آيس.اِن دوران مان کين مشورو ڏنو تہ توھان پلين RO پلانٽ شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ ھڻو، جتي عوام کي ضرورت بہ آھي. ليڪن زور خيرپور ۽ سکر ۾ RO لڳائڻ تي ڏنو ويو، جنھن لاءِ مان کين ساڃيو نامناسب ھجڻ جو دليل ڏھرايو.

مزدور تنظيمون ۽ ادارن جي تباھي

مختلف ڪاتن ۾ پورھيتن جي مفادن جو دفاع ڪندڙ مزدور تنظيمون، سھڪار ۽ اصلاح ڪرڻ بجاءِ، ھر اداري جي ڪارڪردگي تباھہ ڪئي آھي. مزدور ليڊر پنھنجي ذاتي مفادن کي حاصل ڪرڻ خاطر، بليڪ ميلنگ جا مختلف طريقا استعمال ڪري، عوام کي ملندڙ سھولتن ۾ ھزارين رنڊڪون وجھن ٿا.
ستر جي ڏھاڪي دوران، تعليمي ادارن ۾ تنظيم سازي، ڪاپي ڪلچر ۽ گروھہ بندي ڪري، نہ صرف تعليم تباھہ ٿي، پر استادن ۽ شاگردن جا رت وھايا ويا. ساڳئي طرح اسڪولن ۾ يونين وارا پڙھائڻ کان پاسيرا ٿي ويا ۽ آفيسرن کي زوري بدلين ۽ ڪوڙيون نوڪريون، بغير اھليت جي نہ ملڻ تي مارڪٽ جھڙن حرڪتن ڪري، تعليمي انتظام ۽ معيار کي تباھہ ڪري ڇڏيو. جعلي نوڪرين ۽ گوسڙو استادن جو رواج ۽ رشوت خوري مزدور تنظيمن جي سِرِ آھي.
شھري سھولتون ڏيڻ وارن ادارن، TMA، پبلڪ ھيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ لوڪل گورنمينٽ ۾ مزدور يونين، وڏي تباھي آندي آھي. يونين ليڊر، عملي سان ڪوڙا واعدا ڪري، آفيسرن کي ڌمڪائي ۽ دابا ڏئي، غلط ڪم ونيو وڃن ۽ شھر اندر، آئي وقت توري توري ڳالھہ تي عملي کي


گوڙ ۽ ٽڪراءَ لاءِ پيا اڪسائيندڙ رهن ٿا. ساڳئي طرح ٻڌي واري تنظيم جا ليڊر پنهنجو زور ڏيکارڻ ۽ پنهنجي مرضي مطابق فيصلو ڪرائڻ يا وري فيصلي ۾ ديگهه ڏيارڻ ۽ تالا هڻڻ، اهي سڀ حربا آهن. ته ملڪ ۾ ڪا به سهولت ميسر نه هجي ۽ عوام پريشان رهي جو هو مجبور ٿي، پنهنجا فيصلا روڊ تي بيهي پاڻ ڪري. هن ستر سال جي گند کي آخر ڪيئن. ڪيستائين ۽ ڪير اچي صاف ڪندو. حالانڪ مزدور تنظيمن جو وجود، هڪ سجاڳي آهي، مزدورن کي پنهنجي حقن وٺڻ جو پُرامن رستو ملي ٿو، پر اسان جا مزدور ان مان ناجائز فائدو وٺڻ جي نئين ترڪيبن ڳولهڻ ۾ مصروف آهن ۽ اصلي فرض کان غافل ٿي، حرام پگهار ڪائڻ تي لهي پيا آهن. ڇا انهن تنظيمن ڪڏهن به عوامي مسئلن يا سهولتن جي بروقت فراهمي يا توسيع لاءِ ڪڏهن به احتجاج ڪيو آهي.

هي مسئلو اسان جي سماج ۾ اهڙو ناسور ٿي ويو آهي جو چونڊيل نمائندا قانونسازي ڪري، ان جو حل ڪڍن، ورنه هي ناسور ڪينسر جهڙي موزي مرض جيان وڪوڙي ويندو. قانونسازي اهڙي ڪئي وڃي، جنهن ۾ مزدورن جي جائز مفادن جو تحفظ ڪانسواءِ، ٻئي ڪابه اهڙي قسم جي سازش، هڙتال ۽ بليڪ ميلنگ جي گنجائش نه هجي. مان سمجهان ٿو ته، مزدور تنظيمن لاءِ ڪجهه ڊوز ۽ ڊوئنٽس هجڻ لازمي آهن، نه ته مزدور بغير ڪم جي پگهار ملڻ کي ترجيح ڏيندو، نتيجي طور اسان جا شهر گندا ۽ روڊ رستا گندي پاڻي ۾ هميشه ٻڏل ڏسڻ ۾ ايندا ۽ هر روز هنگاما ۽ هڙتالون هونديون. مغربي ملڪن ۾ اهڙيون تنظيمون بيشمار آهن، پر اُهي پنهنجا جائز مسئلا، ڪڏهن به پنهنجي شهر ۽ گهٽين کي گندو ڪري حاصل ڪرڻ کي ترجيح نه ڏيندا آهن. غالباً انڪري جو اُهي، اسان کان وڌيڪ پڙهيل ۽ مُهذب آهن، پر اسان موئن جي دڙي جي پنج هزار سال واري پراڻي تهذيب جي مانَ ۽ مرتبي کي ڇو پيا مٽي ۾ ملايون. مزدور طبقي ۾غير معياري ۽ نااهل ماڻهن جي ڀرتي، به باهه ۾ تيل جو ڪم ڏنو آهي. هڪ دفعي سکر TMA جي مزدورن کي پگهارون نه مليون، سو ليڊرن نساسڪ تحت هلندڙ گندي پاڻيءَ جا ڊسپوزل پمپنگ اسٽيشن بند ڪرائڻ جو پروگرام ٺاهيو. حالانڪ TMA جي ان عملي جنهن کي پهگارو نه مليون تنهنجو نساسڪ سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه هجڻ جي باوجود، هُنن عوام کي پريشان ڪرڻ لاءِ، نساسڪ جي زير اختيار هلندڙ سهولتي وسيلن (Facilities) کي بند ڪرڻ ۽ نقصان ڏيڻ کي ترجيح ڏني، جيڪا سو

سيڪڙو غير قانوني هُئي، پر افسوس جو ضلعي انتظاميہ خاموش تماشائي نظر آئي. نساسڪ طرفان، TMA جي عملي کي سمجهايو ويو پر ڊسپوزل جي بند ٿيڻ سان عوام جو ڪافي نقصان ٿي چڪو هو.

مياڻي ڊسپوزل پمپنگ اسٽيشن، جي بند ٿيڻ سان شاهي بازار جي ڪاروباري ۽ دوڪاندارن جو قيمتي سامان زير زمين تهخانن (Basements) ۾ هجڻ ڪري، گندي پاڻي جو پمپ بند ٿيڻ جي اڌ ڪلاڪ اندر، پاڻي نالين ذريعي پوئتي موٽ ڪندو آهي، جنهن ڪري شاهي بازار ۽ پسگردائي واري علائقي ۾ پاڻي تهخانن ۽ بازار ۾ چڙهي ٻوڏ جي صورت اختيار ڪندو آهي. TMA جي عملي ڪي پگهارون نہ ملڻ سان، نساسڪ جي اختيار هيٺ هلندڙ ڊسپوزل اسٽيشن کي بند ڪرائڻ سان TMA ۽ PHED طرفان سازش جو هڪ عنصر ظاهر پيو ٿئي تہ جيئن نساسڪ جي بدنامي ٿئي. اهڙي قسم جا ڪيترائي واقعا، هر شهر ۾ گهڻو ڪري ٿيندا رهندا هُئا. ضلع انتظاميہ جو عدم تعاون،دير سان هلڻ ۽ انهن کي منٿون ڪرڻ، هڪ عجيب ڪشمڪش لڳندي هُئي. اهڙيءَ طرح بليڪ ميلنگ، اڪثر ڪري خاص موقعن، جهڙوڪ عيد جي ڏينهن، محرم جي ڏهاڪي دوران، ڪنهن VIP جي دوري، دوران ڪئي ويندي آهي ۽ ميڊيا ۾ ان جي اشتهار بازي ۽ هائيپ پيدا ڪندڙ، ٽڪرن تي پليل، نمائندن طرفان، اهڙي نموني ڪرائيندا هئا، جيئن نساسڪ جي ڪارڪردگي تي داغ لڳي ۽ شديد رد عمل سامهون اچي، جيئن ڪمپني جو ڪم واپس مڪاني ادارن جي حوالي ڪيو وڃي، جنهن ۾ انتظاميہ سان گڏ هنن جو بہ ڀوڙ گهاٽو ٿئي.

نام نهاد ليڊر، پنهنجن ذاتي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، آفيسرن ۽ پنهنجن سپروائيزرن کي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ سياستدانن جي ڪلهن جي سهاري، اچيو ڪم بندا ڪرائين. ڪڏهن انهن نام نهاد مزدور ليڊرن، اهڙي ڪنهن امرجنسي ڪم ۾ اچي ڪڏهن مدد ڪئي هجي، اهي صرف ڪم ۾ رخنو وجهڻ ۽ هنگاما ڪرائڻ ۾ ماهر آهن. مزدور رهنما، گهڻو ڪري، ملازمن ۽ مزدورن کان رشوت وٺي، انهن جا ناجائز ڪم ڪرائڻ ۽ انهن کي هڙتالن جي ترغيب ڏيندا رهندا آهن سنڌ جي تعليم کاتي جو مثال وٺو تہ توهان کي معلوم ٿيندو تہ سنڌ جي تعليم جي تباهي ۾ جيترو سياسي حڪومت جو هٿ رهيو آهي، اوتروئي استاد تنظيمن جو پڻ. جڏهن استادن کي پگهارون ۽ سهولتون نہ ٿيون ملن تہ هزارين استاد گڏجي احتجاج ڪري، اسڪولن ۾ پڙهائڻ کان انڪار ڪن ٿا. جڏهن سنڌ اندر موجود



AIT ۾ پاڪستاني سفير کي خوش آمديد ڪرڻ وقت ساڄي پاسي کان
AIT جو پريزيڊنٽ ڊاڪٽر رابرٽ پرسان مصنف ۽ سفير ڪنهن کي سلام ڪري رهيو آهي.



AIT لائبرري ۾ ساڄي پاسي کان منهنجو ڪلاس ميٽ امتياز (الهہ آباد هندوستان مان)
وچ ۾ مصنف، اسرائيلي استاد ڊاڪٽر ايڇ بي اووربيڪ کان ڪجهہ درسي معلومات وٺندي.



ٽورنٽو شهر پرسان اونٽاريو ڍنڍ تي ورتل هڪ تصوير




مان ۽ عبدالله ٽورنٽو
جي
CN ٽاور پرسان



غلام حيدر فقير جي ميلي دوران (1989) ڪاڀي ڪان، ڊاڪٽر ڀائي خان صاحب، ڊائريڪٽر سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽس ۽ ڊزائين ڄامشورو، مسٽر حبدار علي، مصنف، عبدالطيف خادم، ليند ڪسٽم حيدرآباد، عبدالطيف آدم خان، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ۽ استاد محسن علي خان "محسن" نظر اچي رهيا آهن.




عبدالله پنهنجي والده سان گڏ ٽورنٽو جي هڪ باغ ۾



مان ۽ عبدالله نياگرا آبشار وٽ



1975ع دوران، AIT ۾ تعليم دوران IBM ڪمپني جي ڪمپيوٽر تي
ڪم سگهندي، ڪمپيوٽر ماڊل IBM 370 ڊسڪ ۾ اچي ٿو.



عبدالله پنهنجي والده سان گڏ بحراحمر جي ڪناري شهر دُبا (ضبا) جي ويجهو.



عبدالله پنهنجي والده سان گڏ بحراحمر جي ڪناري شهر دُبا (ضبا) جي باغ ۾



ٽورنٽو جي ايلزمير اسٽيشن پبلڪ اسڪول ۾
عبدالله پنهنجي ڪلاس ميٽ سان گڏ



مصنف تبوڪ چانوڙي جي پنهنجي آفيس ۾




1978ع دوران ان وقت ۾ مهراڻ يونيورسٽي نواب شاهه ۽ هاڻي قائد عوام يونيورسٽي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر شپ دوران جو گروپ فوٽو – ويٺل ساڄي پاسي کان کيريو صاحب ٻئي جو نالو ياد نہ آهي ٽيون پرنسپل غلام سرور شاهه، ڊاڪٽر ايس-ايم - قريشي (وائيس چانسلر)، ڊاڪٽر حاجي محمود ميمڻ ۽ ڊاڪٽر عبدالاحد ابڙو صاحب. بيٺل قطار ۾ مان، غلام سرور شاهه ۽ ڊاڪٽر ايس – ايم قريشي جي پويان ۽ منهنجي پرسان ٽالپر صاحب ۽ اسان ٻنهي جي پويان ڊاڪٽر واحد بخش سومرو (سابق V.C قائدي عوام يونيورسٽي) ۽ سومرو صاحب جي پرسان کاٻي پاسي غلام نبي مهر نظر اچي رهيو آهي.



مصنف، عبدالله ۽ بيگم سان گڏ ٽورنٽو جي هڪ باغ ۾
ڄميل برف تي ويٺل نظر ٻندي.



AIT جي 1977 ۾ پاس ڪندڙ شاگردن جي گريجوئيشن تقريب دوران انجنيئرنگ ۾
ماسٽرس ڊگري AIT پريزيڊنٽ ڊاڪٽر رابرٽ بي بيڪس کان وٺندي نياز علي شر بلوچ (مصنف)
۽ ڊاڪٽر جي پويان ، AIT جي رجسٽرار مسز مائي چَيٽرن سُپيا نظر اچي رهي آهي.



گريجوئيشن واري ڏينهن دوستن ۽ استادن سان گروپ فوٽو ڪاڃي ڪان
الله آبادي دوست امتياز مسز عاليہ مُعين الدين ۽ ڊاڪٽر فئودي سان گڏ مصنف

سَوين اسڪول بند پيا آهن تہ ڪڏهن انهن بند پيل اسڪولن کي کولائڻ لاءِ استاد تنظيمن ڪڏهن کو هُل هنگاما يا احتجاج ڪيا آهن.

اترين سنڌ جا چونڊيل نمائندا

نساسڪ جو هيڊ ڪوارٽر سکر ۾ هجڻ ڪري، هر هفتي چئن ڪان ڇهن چونڊيل نمائندن سان، نہ چاهيندي بہ ملاقات ڪرڻي پوندي هُئي. وزير اعليٰ، سرڪاري جهاز ذريعي هر هفتي سکر ايئرپورٽ تي ديدار ڪرائيندو هو، جتان ڪيس جلوس جي شڪل ۾ خيرپور ۾ گهٽو ڪري ساڳئي ڏينهن تي واپس ڪراچي ويندو هيو، سائين هڪ رات مشڪل سان ڪا خيرپور ۾ رهيو هجي.

2011ع وارين برساتن اُڪري وجڻ ڪانپوءِ، سيئي شهر ڏسڻ آيو. هن جو ڏسڻ چاهي بس ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جا نهيل دربار هال ۾ ويهي مختلف ماڻهن ڪان راءِ وٺيو، هليو ويندو هيو. هڪ ڏينهن ايئرپورٽ ڪان سکر جي سرڪٽ هائوس ۾، تاجرن سان ميٽنگ، جنهن ۾ TMO، پبلڪ هيلٿ ۽ ضلع انتظاميہ طرفان خاص هٿرادو بيهاريل شاهدن (Implanted)ڪان، نساسڪ جي باري ۾ شڪايت جو وِرِدُ اڳيان پيش ڪرائڻ، جنهن ڪانپوءِ خيرپور جو دورو، اُتي جي سرڪٽ هائوس تائين محدود رهڻ ۽ پنهنجن ماڻهن جا ڪم ڪار ۽ درخواستن تي احڪام جاري ڪرڻ ڪانپوءِ ڪراچي روانو ٿي وڃڻ، هڪ معمول هوندو هو. مونکي پڪيءَ طرح ياد آهي تہ ڪڏهن بہ ڪو، خيرپور شهر ڪان علاوه ٻين تعلقن يا ڳوٺن مان ڪو ماڻهو دانهن يا درخواست ڏني هجي. جيڪڏهن ڪو غلطي سان يا ڪنهن وڏن واسطن ذريعي اچي سامهون ٿيو، تہ پهريون سوال اِهو پڇيو ويندو تہ ڪٿان جو آهين؟ جي چوندو خيرپور، تہ ڪهڙي تعلقي جو، جي هوندو سياڻو ۽ چوندو خيرپور شهر، تہ پوءِ پڇا ٿيندي، شهر جي ڪهڙي پاڙي مان. هاڻي جيڪڏهن هو سرڪار جي ووٽر حد اندر هوندو تہ پوءِ سندس درخواست وٺي ڏسبي، باقي ڪم ٿئي يا نہ ٿئي، اُهو وري چؤ طرف گهيرو ڪيل ڪمدارن مان، جي ڪنهن مالڪي ڪئي، تہ پلو ٿي ويندو نہ تہ گهر خير، پر جي سوالي چيو تہ سائين مان نري تعلقہ جي فلا ڳوٺ مان آيو آهيان، تہ فورن ڪيس احڪام جاري ٿيندا تہ تون هتي ڇو آيو آهي؟ توهان پنهنجي حد جي چونڊيل ميمبر وٽ وَڃو جو توهان جا فنڊ انهيءَ کي ڏنل آهن. سرڪار جي حد، صرف خيرپور شهر اندر محدود آهي ۽ باقي علائقا ڪيس غير پيا لڳندا آهن.

اسان جي وڏن جي ايتري محدود سوچ آهي، تہ پوءِ لاچار ۽ غريب انسانن جي حق تلفي ۽ پيڙا لاءِ، پورا پندرهن سال،صدين جي برابر آهن. هڪ لاچار ۽ لاوارث انسان، پنهنجي خالي پيٽ پنهنجا پير پسون ڪري پهچي تو ۽ اُن کي ڏيڻ بدران،هڪ ٻئي طرف جي واٽ ٻڌائڻ، ڪٿان جو انصاف آهي.

هڪ سپاهي، ڏهن سالن کان جيلاني هائوس تي مسلسل ڊيوٽي ڪندو رهيو، پر هن کي پنهنجي ڳوٺ لاءِ پنجن ٽنين پنڌ تي بجلي ان ڪري نہ ملي جو هن جو ڳوٺ خيرپور شهر کان ڪجهہ ڪلوميٽر پنڌ تي هو. پلا ڇا ٿي پوي ها، جو هن مسڪين جو گهر، ارڙهن ڪروڙ جي آبادي جيان روشن ٿي وڃي ها. ادي نفيسہ شاهہ ايم.اين.اي، هر هفتي اسلام آباد کان خيرپور ايندي رهندي هُئي. هڪ ڏينهن مونکي فون ڪئي تہ خيرپور شهر جي علائقي مان ماڻهن ڪيس شڪايت ڪئي آهي، تہ اتان جو ناليون بند ٿي ويون آهن. سو توهان فلان وقت تي مون سان اچي موقي تي ملو. مان پنهنجي خيرپور جي انچارج مسٽر خورشيد عامر کي تيار رهڻ ۽ موقع جو اڳ ۾ معائنو ڪرڻ لاءِ چيو. مان جڏهن پهتس تہ ادي بہ پروٽوڪول ۾ اچي پهتي. مونکي ڏسي خوش ٿي، جو عوامي ميڙ ۾، اڪثر سياستدان،حد جي عملدار کي گڏ ڪٺندا آهن، جيئن عوام تي اثر پوي ان کان پوءِ ڪيترائي پيرا، ادي نفيسا شهر جي مختلف علائقن جي مسئلن بابت گڏ دورو ڪيو. هڪ دفعي مان ۽ ڊپٽي ڪمشنر مسٽر عباس بلوچ گڏ خاڪي شاهہ فلٽر پلانٽ جي دوري لاءِ نڪتاسين تہ ادي جي فون آئي، جنهن آڊيٽوريم ۾ اچڻ لاءِ چيو. اسان پهتاسين تہ ادي کي آڊيٽوريم ۾، ضلعي جي معذور ماڻهن کي خطاب ڪرڻو هو. عباس بلوچ مون کي بہ اَدي سان گڏ اسٽيج تي ڪٺي ويهاريو. هن پروگرام ۾ اوچتو شامل ٿي حيران ٿيس. اُن ميڙ ۾ تقرير دوران مان معذور ماڻهن کي ميرٽ تي، نساسڪ ۾ بہ نوڪريون ڏيڻ جو اعلان ڪيو، پر ادي جي اسرار تي ٻن جي بجاءِ ڇئن نوڪرين لاءِ تائيد ڪئي، جيڪي ڪمپيوٽر آپريٽر جي آسامي لاءِ ميرٽ تي ڏنيون ويون. اُن گڏجاڻي ۾ مونکي بہ اسٽيج تي اجرڪ پارايو ويو، حالانڪہ پروگرام بابت ڪابہ اڳواٽ خبر نہ هُئي.

خيرپور جي دربار هال ۾، هڪ ڏينهن اَدي نفيسہ اسرار ڪيو تہ خيرپور شهر ۾ هلندڙ سيوريج پروجيڪٽ بابت، تفصيل ڪيس ٻڌايا وڃن. اِهو غالباً 2011ع جي برسات هئي، جنهن ۾ ڪچهري روڊ وارو علائقو پاڻي ۾

ٻڌي ويو هو. ڊائريڪٽر آپريشن سڄي معلومات ڪمپيوٽر ذريعي پيش ڪئي، جنهن دوران ادي ڪنهن علائقي مان پاڻي ڪيڏڻ لاءِ TMO، کي هدايتون ڏنيون ته اِن دوران ڊائريڪٽر ڪجھ ڳالهايو، جنهن تي ادي گهڻو ناراض ٿي. ادي ڏاڍي هوشيار ۽ سمجهدار آهي، جو مسئلي جي تهه تائين جلدي پهچي ويندي آهي. خيرپور جي PPP صدر قلپوٽو ۽ نائب صدر ڊاڪٽر يار محمد سان به گهٽيون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون.

سکر جي ايم.اين.اي، حاجي انور الدين مهر صاحب هڪ سچو ۽ درويش انسان آهي. جڏهن به ايندو هو ته اڳ ۾ فون ڪندو هو سائين فلان ڪم لاءِ اچان ٿو، هڪ به ماڻهو هوندا، پوءِ ڪم جي ٿي سگهي ته مهرباني ڪجانءِ نه ته خير آهي. سائين هڪ دفعي سکر جي باهران غالباً ايئرپورٽ کان ٿورو پر پرو سندس اوطاق ۽ ڳوٺ آهي، اتي اچڻ جي دعوت ڏنائين. ڏاڍي خدمت ڪئي ۽ اوطاق ۾ سندس لائيبريري آهي. جنهن ۾ ڪافي ڪتاب ذخيرو ڪيل آهن. سائيجن پنهنجن ابن ڏاڏن جا انگريزن سان ڦوٽو ۽ حاصل ڪيل سَندون ۽ تمغا ڏيکاريا. لڳو ته مهر صاحب جي وڏن جي انگريزن سان ڪافي صلح صفائي هئي. بهرحال اهو اثاثو آهي، جيڪو سائين اجان تائين سانديو پيو اچي. مهر صاحب، ادي ظفر علي خانَ جي وفات تي، نري عُذر لاءِ به آيو هيو. ادو جڏهن، سکر ۾ ايڊيشنل ڪمشنر هيو، ته مهر صاحب جن سان ڪافي دوستي هُين.

ڊاڪٽر نصرالله بلوچ، ايم.پي.اي، پراڻي سکر جو رهواسي، جتي ٿوري مينهن پوڻ سان گوڏي جيڏي گپ ضرور ٿئي، تنهن سان به هر هفته ملاقات ۽ اُن کي وري پنهنجي بيهر اليڪشن هارائڻ جو هميشه خطرو چڙهيل هوندو هو. سيد خورشيد شاهه جي همدردي هميشه ساڻ هوندي اٿس. هر هفتي بس چوندو ته مون سان گاڏي ۾ گڏ هلو ۽ ماڻهن جا مسئلا ٻڌو. سائين پراڻو سکر ايترو گهمايو جو سئهين گهٽين جي ور وڪڙن ۽ لاهين چاڙهين لاهه ڪڍي ڇڏيا. سڄي سکر ۾ هي هيٺائين وارو پاڙو آهي ۽ ڪٿي ٿورو به مينهن پوندو، مٿاهين تان وهڪرو ڪري وڃي ڊاڪٽر جي گهر پرسان ڍنڍون ۽ ڍورا ڪري بيهندو. غالباً اِهو ئي سبب آهي، جو ڊاڪٽر 2012ع واري اليڪشن زوري هارائي ويو.

سکر جي پراڻي سياستدانن ۾ شيخ اسلام الدين ايند سنز وارن جو رَويو ناقابل ادراڪ رهيو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. شيخ نعمان ۽ ارسلان بهترين قسم جا مهذب شخص آهن، ٻئي شهري مسئلن جي حل لاءِ ڪوشان رهن ٿا ۽ ارسلان شيخ جن لوڪل باڊيز اليڪشن ۾ بيهڻ ۽ سکر ميونسپلٽي جي ميئر لاءِ پيو پر ساهي. شايد مسئلو حل ٿي وڃي، بشرطيڪ خورشيد شاهه ساٿ ڏئي.

خيرپور جي، جاويد شاهه صاحب سکر آفيس آيو، مونکي خيرپور ۾ اچڻ جي دعوت ڏني، جنهن ڪانپوءِ شاهه سان ملاقات ٿيندي رهي. جنهن ڏينهن وزير اعليٰ برساتن ڪانپوءِ سکر ۽ خيرپور جو دورو ڪيو تہ جاويد شاهه صاحب، وزير اعليٰ جي گاڏي هلائي رهيو هو. خيرپور ۾ مونکي ٻڌايائين، تہ ماڻهو، سائين وڏي ڪي نساسڪ جي باري ۾ شڪايتون ڪن ٿا، پر مان انهن جي شڪايت کي بدلائي تو چڙيان. برعڪس TMA ۽ پبلڪ هيلٿ جي، نساسڪ هڪ منظم ادارو آهي ۽ ڏينهن رات ڪم ۾ مشغول نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر مَهرين پٺو، ايم.اين.اي سان بہ ڪافي گڏجاڻيون ٿيون. ڊاڪٽر نري تعلقہ ۾ تمام گهڻا ڪم ڪرايا آهن. هن نوان روڊ رستا ۽ گئس لائينون ڳوٺن کي ڏياريون آهن. نري تعلقو يتيمن جو هجڻ ڪري، ترقي نہ ٿو ڪري، اگر جي مالڪي هجي ها، تہ هن وقت خيرپور ضلع کي ورهائي، نري کي ضلع جو درجو ڏنو وڃي ها. اسان جا مقامي چڱا مڙس، صرف مينهن جي موسم ۾ آواز ڪيندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. حيدرآباد ۾ ويهہ ڪلوميٽر پنڌ تي ٽي ضلعا نهي سگهن ٿا، تہ ڇو نہ نري کي ضلع جو درجو ڏئي عوام لاءِ آساني ڪئي وڃي.

نواب خان وساڻ ايم.اين.اي فون ڪري پنهنجي گهر واقع خيرپور ۾ ڪاري پاڻي هجڻ جي شڪايت ڪئي، جنهن ٻن هفتن ڪانپوءِ گهر ۾ ماني کائڻ لاءِ چيو. مان اتي پهتس تہ، ڪافي ماڻهو گڏ هُئا، جيڪي اسان جي وڏيرڪي سياست جي سڃاڻپ آهن، نواب خان وساڻ ڏاڍو مهربان ۽ سُلجهيل سياستدان لڳي پيو.

جيڪڏهن ادارا مضبوط هجن تہ عوام جا مسئلا ازخود اهليت جي بنياد تي حل ٿيندا رهن، جيئن مغربي ملڪن ۾ One Window Operation جو نظام قائم ڪري عوام کي نہ صرف خيرات ۽ پنڻ کان بچايو ويو آهي پر ساڳئي وقت خود داري ۽ احساس برتري سان بہ سنواريو ويو آهي. اسان جا نمائندا، ڪڏهن بہ ائين نہ چاهيندا تہ عوام جا مسئلا، بغير سندن مداخلت جي حل ٿين. ائين ڪرڻ سان سندن دوڪانداري ڪيئن چمڪندي ۽ مان سمجهان ٿو تہ اسان جي سياستدانن جو تصور برعڪس يورپي سياستدانن جي، اِهو آهي تہ عوام جا جتا، هميشہ سندس در تي ڌڪا کائيندا رهن، ان ۾ ئي وڏ ماڻهپائي جي نشاني آهي. اسان جي سنڌي قوم، اُنهن بڪايل چوزن مثل آهي، جيڪي واڙيل هجن ۽ مالڪ پنهنجي مرضيءَ سان، جڏهن خوراڪ جا داڻا ڏيکاري تہ اُهي سڀ جا سڀ سندس

پيرن ۾ اچي پيش پون. سنڌ جي عوام کي لاعلم ۾ بکيو رکي، بس چوندن دوران ڪجهه داڻا ڏيڪاريندا، ته هي قوم اُن بکايل چوزن وانگر، توهان ڏانهن ڊوڙندي ايندي. هر اليڪشن دوران، اِن سلسلي کي ورجائيندا رهو، پوءِ توهان ته بلاشڪ ڪامياب ليڊر آهيو.

اسان جي ڪراچيءَ وارن پاڙن هڪ قدم وڌائي رکيو آهي. جيڪڏهن ڪو ڪُڪڙ ٻُڪ ۾ پلجي به رڙ ڪري ٿو ته مورڳو انجي رڙ هميشه لاءِ بند ڪري ٿا ڇڏين. مان سمجهان ٿو ته اسان جي پاڙن ڪميونزم جي خلاف "Animal Farm" واري فلم جي ڪهاڻي وانگر، سنڌن من پسند حڪم، ٻين لاءِ قانون جي حيثيت رکڻ ۾ عدم بجا آوري ڪندڙن کي، صُفحي هستي تان هميشه لاءِ مٽائي ڇڏڻ، نه هجي بانس ۾ نه وڄي بانسري وارو مثال قائم ڪن ٿا.

ووٽ وٺڻ کانپوءِ، چونڊيل نمائندي تي جوابداري عائد ٿي ٿئي، ته هو پنهنجي ووٽر لاءِ سڀ سهولتون سندس دروازي تي پهچائين،برعکس اُن جي، جو ووٽر سندس درتي، هر روز پنڻ اچن. هيءَ هڪ اهڙي سماجي برائي پيدا ٿي آهي، جو وڏيري جي اوطاق يا ڪنهن سياستدان وٽ، جيڪڏهن ماڻهن جي پيڙ ختم ٿي وڃي ته هو پنهنجي موت پاڻ مري ويندو.

لاڙڪاڻي ۾ اسپيڪر، سنڌ اسيمبلي، جناب نثار کهڙي سان گهڻيون ملاقاتون ٿيون. خورشيد شاهه وانگر، ڪم وٺڻ جاڻي ۾ ڪافي ملنسار آهي. خورشيد شاهه غريبن جو دوست، سڀ ڪنهن کي ٻڌڻ وارو ۾ مسئلي جو حل ڪڍڻ وارو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سکر جي سرڪٽ هائوس ۾ گڏجاڻي دوران، مان چيئرمين SEPCO لاءِ بجلي جي اک ٻوٽ بابت شڪايت ڪئي، شاهه صاحب چيئرمين تي وڏي چڙهائي ڪئي. شاهه صاحب پري گڏجاڻي ۾هڪ دفعي مونکي پنهنجي سوسائٽي واري نئين گهر ۾ پاڻي جي ڪنيڪشن لڳرائڻ لاءِ چيو، جنهن تي مان ڪيس ٻڌايو ته سيڪريٽري کي هدايت ڪيو ته سياڻي سرڪاري في جمع ڪري ته ساڳئي وقت ڪنيڪشن لڳي ويندو، جنهن تي هُن پنهنجي سيڪريٽري کي في جمع ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۾ وڌيڪ چيائين ته شر صاحب سني ڳالهه ڪئي آهي نه ته ميڊيا کي خبر پئجي وئي ته پوءِ بريڪنگ نيوز ڪري پيا هلائيندا. نثار کهڙي لاڙڪاڻي ۾ نساسڪ، جي هڪ انجنيئر جي ترقيءَ لاءِ چيو، جنهن تي مان همراهه جي ٽيسٽ ورتي پر هو پاس ڪون ٿيو. هفتي کانپوءِ نثار صاحب وري فون ڪئي، جنهن تي مان ڪيس نتيجو ٻڌايو ۾ معذرت ڪئي، جيڪا هُن قبول ڪئي ۾ چيائين ته هن کي ٻيهر پڙهڻ لاءِ چيو وڃي.

مذهبي معاملن جي وزير ڊاڪٽر رفيق ڀانبڻ ڪافي دفعا فون تي ڳالهايو ۽ سندس ڀاءُ غالباً ساجد سان ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سان گڏجاڻي دوران پڻ ملاقات ٿي. ڊاڪٽر صاحب جن شڪارپور ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار ابڙو بابت ڪنهن ڪم لاءِ چيو. شڪارپور مان، آغا تيمور، پنهنجي ڳوٺ لڳ، شڪارپور جو گڏجي دورو ڪيو، جيڪو برساتن ڪري ڪافي متاثر ٿيو هو.

ADB ۽ اڪنامڪ افيئرس ڊويزن جي اسلام آباد ۾ گڏجاڻي

اڳ ۾ لکيو اٿم ته اسڪپ جو پروگرام ڊائريڪٽر نساسڪ جو ايم ڊي ۽ CFO جهڙن اعليٰ عهديدارن جو ڪنهن اداري ۾ گهڻو عرصو نه ٽِڪڻ، ڪنهن سازش کان گهٽ نه آهي. پروگرام ڊائريڪٽر (PD)، حڪومت سنڌ ADB ۽ نساسڪ جي وچ ۾، هڪ پُل جو ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ ڪمپني جي ڪاميابي ۾ گهڻو حصو،PD جي سِر تي آهي، جو هو حڪومت کان وقت اندر ناڻو حاصل ڪري ڏئي سگهي ٿو، جيڪڏهن هو چاهي ته.

BOD جي انهن پنجن آزاد ميمبرن ڪي، ٽن سالن جو مدو پورو ٿيڻ تي، بورڊ جي گڏجاڻي ڪرائي، نون ميمبرن جي چونڊ ڪرائڻ بدران، ساڳين ميمبرن پاڻ کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا ٻين سرڪاري ميمبرن ۽ PD کي اِها ڳالهه نه وڻي، نون ميمبرن جي اعليٰ اختياري وارن کان اجازت وٺي، انهن ڪي،BOD کان پاس ڪرائڻ لاءِ، جڏهن ٻيهر گڏجاڻي ڪوٺائي وئي ته اُن ۾ پراڻن ميمبرن اعتراض ڪيو. BOD جا حڪومتي ميمبر ۽ TMA وارن گڏجاڻي ڪري، نون ميمبرن جي توسيع ڪري ڇڏي. جنهن کي تحريري طور (Exchange Commission of Pakistan,) ECP ڏانهن موڪلڻ لاءِPD جي آفيس مان پوري ڪارروائي ناهي، منهنجي صحيح هيٺ موڪليو ويو. بنيادي طور، اِها ڪاروائي، ڪمپني سيڪريٽري طرفان موڪلڻ گهرجي ها. پر سيڪريٽري جي غائب هجڻ ڪري PD مونکي صحيح ڪرڻ لاءِ چيو. اِن خط ECP ۾ پهچڻ سان پراڻن ميمبرن ۾ جنهن ۾ چيئرمين ۽ ٻيو فنانس ڪاميٽي جو سربراهه پڻ شامل هئا، سي سڀ BOD کان خارج ٿي ويا.پراڻا ميمبر PD تي ڪونه ڪاوڙيا، چوندا آهن ته ’ڪانوَ جي ڪاوڙ اَڪمَڪڙ تي‘، اُهي خارج ٿيل چيئرمين ۽

ٻيا ميمبر،اچي مون تي ناراض ٿيا تہ مان هنن کي ڪڍائڻ ۾ شامل آهيان. حالانڪ اِهو سراسر غلط فهمي تي مبني هو. مون کي نون ميمبرن جا نالا،جيڪي اعليٰ اختياريءَ وٽان منظور ٿيل هُئا، ان وقت ڏيکاريا ويا، جڏهن ميٽنگ شروع ٿي چڪي هئي. ٻاهر نڪتل ميمبرن ڏاڍي ڀڄ ڊڪ ڪئي، جيئن پنهنجي وڃايل رُتبي کي ٻيهر حاصل ڪري سگهن. ٽن سالن جي مدي پوري ٿيڻ ڪري، ڪنهن ٻئي باصلاحيت ۽ اهل ميمبر کي موقعو نہ ڏيڻ ڪري، ادارن ۾ اجاراداري قائم رهي ٿي، جنهن ڪري، ادارن جي ڪارڪردگي ڪمزور ۽ عوام تائين مقرر ڪيل حدف جون سهولتون مقرر وقت اندر نہ ٿيون پهچائي سگهجن.

پروگرام ڊائريڪٽر جي بدلي ٿي وئي ۽ هي ماجرا اڌ ۾ لٽڪيل رهي. بورڊ جي گڏجاڻي لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ جيئن نون ميمبرن مان چيئرمين چونڊجي يا وري پراڻي ميمبرن کي بحال ڪجي. نئينPD کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچڻ ڪري،BOD جي گڏجاڻي نہ ٿي سگهي ۽ ائين پئي لڳو، ڄڻ بورڊ جو وجود ئي نہ آهي. بورڊ ڪانسواءِ ناڻي جي آمد، حڪومت سنڌ کان، جهڙوڪ بند ٿي وئي. ADB ٻئي قسط جي فنڊن لاءِ، نئون اڪائونٽ کولڻ ۾، سنڌ حڪومت کان گهربل اجازت نامون اعليٰ آفيسن جي ڪنهن فائلن ۾ ٽنگجي ويو، يا ڄاڻي واڻي گم ڪيو ويو تہ جيئن اُهي فنڊ ڪمپنيءَ جي هٿ نہ چڙهن. ADB کان سار سنڀال جي خرچ جا پئسا بہ آخري مدي ختم ٿيڻ ڪري بند ٿي ويا.

اِهڙين حالتن ۾، نساسڪ جي، سنڌ حڪومت کان ملندڙ حصو، بند ٿيڻ ڪري عملي جي پگهارن ۽ اوور ٽائيم وقت تي نہ ملڻ ڪري ڪافي مسئلا پيدا ٿيا. اِن دوران، نئين PD جي بدلي ٿي وئي. هن پروگرام جي بنيادي اصولن ۽ ننڍن وڏن مامرن جي عملي تفصيل (Nitty Gritty) کي سمجهڻ لاءِ، علم سان گڏ حرفت جي ضرورت هئي. جيڪا هر نئين ايندڙ PD جي وس کان ٻاهر جي ڳالهہ پئي محسوس ٿي. نساسڪ جا معاملا مهارت طلب ان ڪري بہ آهن، جو هن معاهدي ۾،ADB سان گڏ حڪومت پاڪستان سنڌ حڪومت، TMA ۽ نساسڪ ڪمپني ڀائيوار آهن. سو هر نئين ايندڙ آفيسر کي سطحي سمجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا درڪار هجن ٿا. ايندڙ نون آفيسرن مان اڪثريت اڳواٽ رٿيل پروگرام تحت قليل عرصي لاءِ بدلي ڪرائي ايندا رهيا. جتي ڪين محنت ۽ وقت گهٽو سرف ڪرڻو نہ پوندو هو. بلڪ انتظار جون گهڙيون، گذاري اڳئين منزل ڏانهن روان ٿي ويندا هئا.

اهڙين حالتن ۾ اسلام آباد جي،EAD اڪنامڪس ڊويزن جي جُوائنٽ سيڪريٽري، نساسڪ ۽ اهڙي قسم جون ٻيون اسڪيمون، جيڪي پنجاب ۽ پشاور ۾ هلن پيون، انهن جي اوسَر بابت، نمائندن کي گهرايوويو. مان هن موقعي کي غنيمت سمجهي، پوري تياري ڪري ويس. گڏجاڻي ۾ PD، ”سڀ نيڪ آهي“ وارو بيت اوڳاڇيندو رهيو، جيڪا ڳالهه مونکي بلڪل پسند نہ آئي. مان آخر زبان کولي، سيني جي سامهون ٻڌايم، تہ BOD ڇهن مهينن کان فعال نہ هجڻ ڪري، نساسڪ وٽ ناڻي جي ايتري کوٽ آهي، جو بجلي جي بلن جي عدم ادائگي ڪري، ڇهن ضلعن ۾ پمپنگ اسٽيشن بند رهڻ ڪري، شهر ۾ گندو پاڻي روڊن تي اچي چڪو آهي. ADB سان ٻئي قسط واري معاهدي کي چار مهينا تي چڪا آهن پر سنڌ حڪومت، اسٽيٽ بئنڪ، کي اڪائونٽ کولڻ لاءِ هدايتون نہ تي ڏئي. حڪومت سنڌ پنهنجي حصي مان، نساسڪ کي پئسا نہ ڏيڻ ڪري، ملازمن کي پگهارو نہ تا ڏئي سگهون ۽ مزدور اتحاد وارا هڙتالون ڪري رهيا آهن. اهڙي حالت ۾ مونکي مناسب هدايتون ڏنيون وڃن تہ نساسڪ جي ڪارڪردگي کي ڪيئن سُڌاريان؟ جُوائنٽ سيڪريٽري،PD تي ناراض تي ڇيو تہ بابا جي سنڌ وارا پنهنجا ادارا نہ تا هلائي سگهن، تہ ٻڌايو ڇو نہ اِهي پئسا پنجاب وارن کي ڏيون، جو گهٽ ۾ گهٽ حڪومت پنجاب، اهڙي پروگرام کي وڏي ڪاميابي سان هلائي رهي آهي. ADB جي ڪنٽري ڊاريڪٽر، جا ڪن ڳاڙها تي ويا ۽ هُن چيو تہ اِهي سڀ مسئلا، سنڌ گورنمينٽ ۽ SCIP جي عدم توجهي جو شڪار آهن ۽ هي جاڻي واڻي پروگرام کي هلائڻ نہ تا چاهين.

جڏهن مان ڳالهائي بس ڪئي، تہ پرسان وينلن جا منهن لهي ويا ۽ پنهنجو ڪرسيون، گڏجاڻي واري ٽيبل کان هٽائي، پٺ جي پر ۾ وجي لڳايون ۽ پنهنجن ڪچن ڇنن تي اندر ئي اندر ۾ ڪُوسجڻ لڳا.

مان سچ ڳالهائي پنهنجي دل جو بار لاهي ڇڏيو، ارباب اختيار کي مُنهن ۾ متي وجهي ڇڏي. جنهن ڪري مون کي پُٽ جمڻ جيتري خوشي تي.

بورڊ جي آخري گڏجاڻي

بورڊ جي ميمبرن جي نئين سِر تشڪيل بابت منهنجو خط ECP کي پهچڻ سان پراڻي ميمبرن جي رڪنيت معطل تي وئي ۽ PD ٻيهر تبديل

ٽيڻ ڪري، ٽون ميمبرن لاءِ بورڊ جي گڏجاڻي، منهنجي هر روز ياد ڪرائڻ جي باوجود، ڪنهن سوچيل سمجهيل چال تحت نہ گهُرائي وئي پر افسوس جو PD گڏجاڻي ڪرائڻ جي اهميت کان اڻ واقف هئڻ ڪري، اداري کي ڪيترو نقصان ڏئي رهيو هو. ECP ڏانهن اُن خط جي واپسي يا اُن کي ختم ڪرڻ لاءِ مون تي ڪافي زوربار وڌو ويو پر ايترو جو اُن خط جي جواب ۾ مون کي با اثر شخص طرفان فون ۽ اي ميل ڪرائي وئي، جنهن ۾ مشورو ڏنو ويو تہ پراڻي بورڊ جي ميمبرن کي بحال ڪري، انهن سان ڪمپنيءَ جي روڪيل معاملن کي اڳتي وڌايو وڃي. بلڪ بہ پيرا مون کي فون بہ ڪرائي وئي تہ گڏجي سڏجي ڪم کي وڌايو وڃي. نساسڪ جي اندروني حالتون اقتصادي ڪمزوري ڪري خراب ٿينديون رهيون. ڪمپني جي CFO بہ ناڻي جي وهڪري کي، اسڪپ، سنڌ حڪومت يا ADB کان ضرورت آهر گهُر ڪرڻ يا روبرو وڃي منظور ڪرائي اچڻ ۾ دلچسپي نہ ورتي، جو هو جنهن پروگرام لاءِ موڪليو ويو هو، سو هٽ پورو ٿيندي نظر ڪونہ آيس ۽ پيو ڪراچي جو رهاڪو، سکر ۾ ڪم ڪرڻ ڪيس اهنجو پيو لڳي ۽ مجهس تجربي جي ڪمي بہ محسوس ٿي. هڪ دفعي اهو بہ چئي ڏنو تہ مونکي بورڊ صرف انڪري موڪليو آهي، تہ مان MD تي نظر رکان. (والله عالم).

CFO جي ضعيف ڪارڪردگي ڏادي تڪليف واري رهي جو هو اداري ۾ ڪرنگهي جي هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿو پر هن ۾ اهڙي ڪابہ شئيءَ نظر نہ آئي جو ناڻي جي رسد واري ڏوري کي قائم رکي سگهي. PD ۽ انهن جي اسٽاف سان،CFO جي ناراضگي اهڙي تي جو انهن ڪيس سندن آفيس ۾ اچڻ تي پابندي لڳائي ڇڏي. هاڻي توهان سوچيو، تہ بورڊ جيڪڏهن اهڙن نااهل ماڻهن، کي ايتري اهم عهدي تي پرتي ڪري موڪلي ڏئي تہ پوءِ ادارا ڪيئن هلندا. ٻيڙي کي هلائڻ وارو، ڪپتان ضرور آهي، پر جي مسافر، ان ٻيڙي جي پٽين ۾ سوراخ ڪرڻ ۾ مشغول هجن تہ پوءِ ڪپتان ڪتان اُن ٻيڙي کي بچائي، ڪناري تي پهچائيندو. مان هلندي، CFO جي اِي- ميل ذريعي موڪليل استعيفيٰ تي نوڪري مان، هڪ خط ذريعي معطل ڪري،BOD ۽ PD کي خط لکي ڇڏيو. جو CFO جي پرتي بورڊ جي طرفان ٿيل هُئي ۽ نوڪري مان ڪڍڻ جو حق بہ انهن وٽ محفوظ هو. ان دوران، ڊائريڪٽر، سار سنڀال جي ڪمزور ڪارڪردگي بابت، ڪمشنر سکر سخت خط لکيو، BOD جي چيئرمين، چيف

سيڪريٽري ۽ ٻين اعليٰ عملدارن ڏانھن ڪاپي موڪلي ھئي، جنھن ۾ هُن، ڊائريڪٽر جي ڪمزور ڪارڪردگيءَ جي ڪري شھرن جي صفائي جو ڪم نہ ٿيڻ جي برابر ھجڻ وغيره جو ذڪر ڪيو. ڊائريڪٽر سار سنيال جي نوڪري واري معاھدي جو مدو ختم ٿيڻ تي، مان سندس معاھدو نہ وڌائڻ جي سفارش،BOD ۽ PD کي موڪلي ڏني.

ھاڻي معطل بورڊ جنھن ۾ بااثر شخصيتون ھيون، اُنھن CFO کان منھنجي خلاف NAB کي درخواست ڪرائي ۽ تخريبڪاري جي عمل کي تيز ڪندي، ھن ڊائريڪٽر، جنھن جي نوڪري جو مدو ختم ٿيڻ تي، ڪيس نوڪري مان ڪڍڻ جي سُفارش ڪئي ھئي، تنھن کي منھنجي خلاف ڀڙڪايو، جنھن KTN تي پيسا ڏئي منھنجي خلاف ڪجھہ پروپيگنڊا ڪرائي. منافقت ڏيکاريندي معزول ميمبرن جي اُڪسائڻ تي، سازشي ذھن رکندڙ، ڪم ۾ گھڻ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي، ھي منھنجا ٿي بھادري وارا عمل، پنھنجي نوڪري خاطر نہ پر صرف نساسڪ کي بچائڻ خاطر ورتا، جو منھنجي نظر ۾ ھي ھڪ واحد ادارو ھو، جيڪو عام ماڻھن جي بلا تفريق خدمت ڪري رھيو ھو ۽ ان کي بچائڻ منھنجي فرض ۾ شامل ھو ۽ ھن اداري کي ھلائڻ جو مون کي سعودي عرب ۾ ويھن سالن جو تجربو ھيو.

ADB نساسڪ جي بھتر ڪارڪردگي ڏسي، قرض جي ٻئي قسط پنجن ارب روپيہ مان وڌائي، جڏھن چوڏھن ارب روپيہ ڪئي، تہ ڪيترن جو اجايل نظرون اچي ھتي کُتيون. اِن قرض جي ٻئي قسط، منظور ٿيڻ سان، اعليٰ اختياري وارن کي جڏھن اسٽيٽ بينڪ ۾ اڪائونٽ کولڻ ۽ ھدايت نامو جاري ڪرڻ لاءِ خط لکيو تہ اِھو بہ گھڻن جي دلين ۾ چُڀي ويو، جن ۾ TMA کان وٺي، پبلڪ ھيلٿ، انتظاميہ جي نوڪر شاھي، ۽ امير سڀ شامل ھئا. تن ڏٺو تہ ھاڻي، ھي سڄي بجيٽ سڌو سنئون نساسڪ طرفان، عوام تي لڳي وڃڻ جي صورت ۾ اسان جو ڇا ٿيندو؟ جڏھن جھنگ ۾ ڪو جانور ٿورو بيمار ٿي، ولر کان ڇڄي ويندو آھي، تہ اڳ ۾ نظر رکندڙ ٻُڪايل، ڳجھون (Vultures) مٿان دائرن ۾ پيون چڪر ڪاٽينديون آھن ۽ شڪار جي ڪِرڻ تي ڳِيا ڳِيا ڪري کائي وينديون آھن.

ADB وارا دانھون ڪندي رھجي ويا، ايترو جو پريل گڏجاڻين ۾، ھنن بورڊ جي غلط روين ڪري، نساسڪ کي نقصان ٿيڻ جا واضع اشارا ڏنا، پر چوندا آھن تہ جنھن جي لٺ، اُنجي سِٺ. حڪومتي ڪمائو پٽ، ڏاڍا

پيارا هوندا آهن، جو انهن کي وڏين ڪمپنين جي بورڊ آف ڊاريڪٽر تي رکيو وڃي ٿو، جيئن هو زير زمين ڪمائي ڪارائيندا رهن. هي هڪ اهڙوڪمائي جو ذريعو آهي، جنهن ۾ ڪوبہ حساس ادارو، رشوت کي سڃاڻي نہ ٿو سگهي ۽ نہ وري ڪو ثبوت رهجي وڃي ٿو.

توهان اُهو ٻڌي حيران ٿيندا تہ ساڳيائي ماڻهو ڪيترن ڪمپنين جي بورڊ جي سنن عهدن تي فائز آهن، ڇا پاڪستان ۾ قابل انسان کٽي ويا آهن، يا آسمان ڳهي ويو اٿن.

بورڊ ۾ رهي توهان بين الاقوامي ڪمپنين ۽ ٺيڪيدارن سان رابطا قائم ڪري پنهنجي اثر رسوخ کي استعمال ڪندي، ڪافي ڪجهہ ڪري سگهو ٿا. اهڙي ڪُڌن ڪرتوتن ڪري، ڪيترائي ادارا ۽ ڪمپنيون پنهنجي موت پاڻ مري ويون يا اهڙي طرح ڪمزور ڪيون ويون، جو اٿڻ جو نالو ئي ڪونہ ٿيون وٺن. مثلاً اسٽيل مل،پي.آءِ.اي، پاڪستان ريلوي ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا ادارا، اڄان تائين عوامي خزاني تي وزن آهن.

مان نساسڪ کي مثالي ادارو ناهڻ لاءِ، انقلابي قدم کنيا، ليڪن ڪرپٽ مافيا، تخريبڪار ذهنيت رکندڙ ۽ منافقن، اِن عوامي ڀلائي جهڙي اداري کي، ڪاري نانگ وارا وار ڪري زخمي ڪري وڌو. ان ڪُڌي عمل ۾ اعليٰ اختياري وارن ڪان وٺي هيٺيان سڀ ٻڏل هُئا، جنهن ڪري اُترين سنڌ جي پنجويهہ لکن جي آبادي کي، بنيادي سهولتون مهيا ڪندڙ ادارو بڪين بگهڙن هٿان ڪاڄي ڪپي ويو. مان پُر اُميد آهيان تہ الله تعاليٰ نِيَتن کي ڄاڻي ٿو ۽ منافقن جو مُنهن ضرور ڪارو ڪندو.

رياست خيرپور جو مختصر احوال

مير سُهراب خان (1745-1830ع) جي حڪومت دوران (1784-1811ع)، خيرپور رياست جي ايراضي 15640 مربع ڪلوميٽر هئي. رياست جي آبادي (1872) ۾ ساڍن ٽيرهن هزرا نفوس تي مشتمل هُئي ۽ خيرپور شهر جي آبادي ساڍا ست هزار نفوس هُئي، اُن وقت دوران، سنڌ ۾ بلوچ قوم جي ڏهہ سيڪڙو جي تناسب سان آبادي هُئي. بلوچن جي سنڌ ۾ داخلا، ڪلهوڙن جي دور ڪان شروع ٿي، جو بلوچ وڏا ويڙهاڪ ۽ جنگجو مشهور هُئا. ڪلهوڙا حڪمرانن ۾ اڪثريت، اثنا عشري

فرقي سان تعلق هيو ۽ سيدن، پيرن، فقيرن جي وڏي عزت ۽ احترام ڪندا هُئا ۽ ڪين جاگيرون ڏئي آباد ڪيو ويندو هيو، جنهن ڪري پسگردائي رياستن مان، مختلف نسلن جا ماڻهو، سنڌ ۾ سيد، پير ۽ فقير تي داخل ٿيا، ۽ مقامي ماڻهن جي ڀيٽ ۾، وڏيون جاگيرون هٿ ڪري ويا، جو هاڻي بہ انهن جي اولاد يعنيٰ سيدن، شاهن مان سنڌ جي حُڪمراني ۾ بااختيار آهن.

هالاڻي جي جنگ ۾، ڪلهوڙن کي شڪست ڏيڻ وارن ميرن مان، مير فتح علي، مير صوبدار خان، ميرمراد علي، سُني مذهب جا پوءِ لڳ هُئا. وقت گذرڻ سان، مير مراد علي خان پنهنجي وزير، جيڪو ايران مان تعليم حاصل ڪيل هو تنهن جي مشوري ۽ صحبت ۾ مذهب تبديل ڪيو.

خيرپور رياست ۾ زرخيز زمين هجڻ ڪري، زراعت جي پيداوار تمام سني ٿيندي هُئي ۽ زمين کي سيراب ڪرڻ لاءِ، پنج واهہ کوٽايل هُئا، جيڪي سنڌو درياهہ مان ۽ ڪجهہ اوپارين ناري واهہ مان نڪرندا هُئا، جن ۾ سڀ کان وڏو، ميرواه (142KM ڊيگهہ)، نُوان واهہ (52Km)، ابل واهہ (45Km)، مين واهہ (26Km) ۽ سنهڙو واهہ شامل آهن.

سنڌ تي حڪمراني ڪندڙ ۽ انهن جو عرصو

1. سال 495ع کان 632ع تائين 137 سال — رائي خاندان
2. سال 632ع کان 712ع تائين 80 سال — چچ برهمڻ خاندان
3. سال 712ع کان 1050ع تائين 338 سال — عرب مسلمان
4. سال 1050ع کان 1350ع تائين 300 سال — سومرا خاندان
5. سال 1350ع کان 1520ع تائين 170 سال — سَما خاندان
6. سال 1520ع کان 5555ع تائين 37 سال — اَرغُون
7. سال 1555ع کان 1592ع تائين 37 سال — تُرخان

8. سال 1592ع کان 1700ع تائين — مغل
108 سال
9. سال 1700ع کان 1782ع تائين — ڪلهوڙا
82 سال
10. سال 1782ع کان 1843ع تائين — ٽالپر
61 سال
11. سال 1843ع کان 1947ع تائين — انگريز
104 سال
12. سال 1947ع کان هن وقت تائين — نقلي انگريز

خيرپور رياست تي ميرن جي حڪمراني ۾ عرصو

1. مير سهراب خان 1782ع کان 1811ع تائين
29 سال
2. مير رستم خان 1811ع کان 1843ع تائين
32 سال
3. مير علي مراد خان (پهريون) 1843ع کان 1894ع تائين
51 سال
4. مير فيض محمد خان 1894ع کان 1909ع تائين
15 سال
5. مير امام بخش خان 1909ع ڪگان 1935ع تائين
12 سال
6. مير علي نواز خان 1921ع کان 1935ع تائين
14 سال
7. مير فيض محمد (ٻيو) 1935ع کان 1947ع تائين
12 سال
ليڪن حڪومت وزير هلائيندا هئا.
8. مير علي مراد خان (ٻيو) 1947ع کان 1955ع تائين
8 سال

شر قبيلي جا بزرگ ۽ شاعر

غلام حيدر فقير:

غلام حيدر فقير ولد رئيس قائم خان شر بلوچ ويٺل مينگهو فقير شر، فقير نانڪ يوسف جو ٻالڪو هو. هو غلام حيدر گودڙئي جي نالي سان بہ مشهور آهي. اڳ ۾ سرڪاري نوڪري ۾ هو، پوءِ فقيري اختيار ڪيائين. وقت جي پيرن، فقيرن ۽ عالمن سان دوستي هوندي هئس. فقير خير محمد هيسباڻي، لونگ فقير مهيسر ۽ عثمان فقير سانگي سان گهاٽا تعلقات هوندا هئس. راڻيپور جو پير غلام محي الدين شاهہ، کيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو. وقت جو حاڪم، مير علي مراد خان، سندس وڏو معتقد هوندو هو. فقير سائينءَ جي جنم جي تاريخ 24 رمضان 1224هہ، مطابق جمع 3 نومبر 1809ع آهي. فقير صاحب سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ چڱو ڪلام چيو آهي. سندس ڪلام ۾ خيالات جي بلندي ۽ فڪر جي گهرائي آهي. سندس وفات 1278هجري، مطابق 1861ع ۾ ٿي. سندس مقبرو مينگهي فقير شر ڳوٺ ۾ آهي.

فقير صاحب جي شاعري مان ثابتي ملي ٿي تہ پاڻ مذهب شريعت محمدي ۽ طريقہ قادري جا پيروڪار هُئا ۽ پنهنجي والد قائم خان شر وانگر روزي نماز جا سختي سان پابندي ڪندا هُئا.

غلام حيدر فقير ڇهن ڀائرن ۾ وڏو هو ۽ پاڻ ٻہ شاديون ڪيون، جنهن مان هن کي ست پٽ ڄاوا، سيني کان وڏو مينگهل فقير گادي نشين ٿيو، جنهن جي پويان هي ڳوٺ سڏيو وڃي ٿو. مينگهل فقير کي ٽي پٽ هُئا، غلام شاهہ سيني ۾ وڏي هجڻ ڪري گادي تي ويٺو جنهن جي وفات کان پوءِ، سندس ننڍو ڀاءُ، مراد علي فقير جانشين ٿيو. مراد علي فقير جي انتقال تي، سندس وڏو پٽ، ميان بدل فقير پڳ ٻڌي، هي بہ وڏو دیندار سخي مرد ٿي گذريو آهي. سندس وفات سال 1970ع ڌاران ٿي، هَن وقت درگاهہ جي دستار فقير بدل جي وڏي فرزند، فقير سڪندر علي خان وٽ آهي، جيڪو شرن جو سردار ۽ وڏي مانُ ۽ عزت وارو آهي.

فولاد علي فقير:

هيءَ ڪل جڳ جو ڪاپڙي ذات جو شر هو ۽ مينگهي فقير شر جي ڳوٺ جو ويٺل هو. سنڌي فائنل پاس ڪري ماستر بڻيو. مگر ڪجهہ سال نوڪري ڪرڻ بعد استعيفا ڏنائين ۽ فقيري اختيار ڪيائين. سندس مرشد

جو نالو محمد علي شاھ هو. فولاد علي فقير پنهنجي عمر جا پورا پنجاھ سال شريعت جو پابند رهيو ۽ تهجد گذار تي زندگيءَ بسر ڪيائين. آخرڪار مٿس حقيقي عشق جو غلبو ٿيو ۽ هو سڪر جي حالت ۾ رهڻ لڳو. ڪيس فارسي زبان تي وڏي قدرت حاصل هئي. ڪچهريءَ جو بہ ڏاڍو ڪوڏيو هو. هو پنهنجي گفتگو ۾ ذڪر ۽ فڪر صنعت توريہ جو گهٽي تلقين ڪندو هو. تنهن ڪري عام ماڻهو سندس گفتگو کي شريعت جي بر خلاف سمجهندا هئا. هن نثر ۾ هڪ ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو ’روح الاعظم‘ رکيائين. اهوئي ڪتاب فقير صاحب جي فرزند علي گوهر فقير وٽ محفوظ آهي. فقير سائين جو جنم 1867ع ۾ ٿيو.

فقير فولاد علي، مولانا حاجي عبدالرحمان شر ۽ گهنور فقير ڪندياري پرسان مخدوم ميان حبيب الله جي مدرسي ۾ داخلا ورتي، جتي اسلامي تعليم سان گڏ، عربي ۽ فارسي بہ سکيا.

فقير فولاد علي سان ملڻ ۽ پرائڻ لاءِ سنڌ جا ڪيترائي دانشور، عالم جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، احمد علي بروهي وغيره ڪشالا ڪري، ساڻس ملاقات لاءِ ايندا رهندا هُئا.

فقير صاحب هڪ ڏينهن خيرات ڪئي، جنهن ۾ ٻن قسمن جا طعام هُئا. خدا واسطي خيرات لاءِ دال ۽ جوئر جي ماني ۽ شيطان جي ختمي لاءِ ٻڪر ۽ پلاءُ تيار ڪرايائين. جڏهن ماڻهن کي کائڻ لاءِ چڏيائين تہ ٻڪر پلاءُ سڀ ڪاڄي ويا، پر دال کي ڪنهن بہ هٿ نہ لاتو. هن قصي جو ذڪر ماهوار ”نئين زندگي“، جولاءِ 1961ع جي شماري ۾ آيو آهي. فقير صاحب چوندو هو تہ عشق جو علم حياتي آهي ۽ نفس جو علم مماتي آهي. تصوف ۽ فقيري ان کي چئجي، جنهن جي دل ۾ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ محبت نہ هجي، نہ ڪنهن سان تعلق ۽ نہ ڪنهن سان واسطو هجي.

فقير صاحب، سَوَ سالن جي عمر ۾ 1967ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس فرزند ميان فقير علي گوهر، جيڪو پاڻ اعليٰ درجي جو بزرگ ٿي گذريو آهي، گادي تي وينو. فقير سائين جي انتقال ڪانپوءِ، هن وقت شاھ مردان فقير شر گادي ڏٺي آهي.

ساماڻو فقير شر

هي فقير نري شهر جي اوير پاسي واري جي دڙن وچ ۾ واقع ڊيداڻو ڳوٺ جو رهواسي هو. هي بزرگ اڻ پڙهيل هو سان ۽ پنهنجون رڍون ۽ ٻڪريون چاريندو هو ۽ هو پاڻ سان گڏ درود شريف ياقرآن شريف هميشہ

رکندو هو. اونهاري جي سخت گرمين ۾ گرم پاڻي پيئندو هو ۽ سياري جي سخت سرديءَ ۾ رلي پسائي ويڙهي گهمندو هو. چون ٿا ته 1955ع ڌاري ڳوٺ ۾ مختيار ڪار ڪنهن ڪم لاءِ پنهنجي جيپ ۾ چڙهي آيو ته فقير مختيار ڪار سان انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو رهيو.

علي بخش شر:

هيءَ غلام رسول شر جو فرزند هو. سندس ڳوٺ جنگو خان شر آهي. هن جي حياتي جو گهڻو عرصو عالمن جي صحبت ۾ گذريو. سندس ڪلام مان مداحون ۽ مولود مشهور آهن.

رئيس علي بخش خان منهنجي ناني مولانا حاجي عبدالرحمان سان جنگو خان شر (هاڻوڪو مينگهو فقير شر) جي ڳوٺ ۾ واقع مدرسي ۾ قرآن شريف گڏ پڙهيو. رئيس علي بخش وڏو سخي، ديندار، طريقت ۽ شريعت جو پابند، بي رياءُ، غريب نواز ۽ خيرپور رياست جو وڏو زميندار ٿي گذريو آهي.

رياست جي حڪمراني مير سهراب خان جي پنجين پيڙهي ۾پوٽو، مير علي نواز خان (1884-1935ع) جي دور ۾، رعيت مٿان چيڙ بيگار جي ٿيندڙ ظلم خلاف، علي بخش شر ذاتي ڪوششون ڪري، انگريز سرڪار کان معاف ڪرائي، جنهن ڪانپوءِ عوام الناس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سُک جو ساهه کنيو. علي بخش خان، 21 رمضان المبارڪ 1352هه، مطابق آچر 7 جنوري 1934ع ۾ وفات ڪئي، جنهن ڪانپوءِ جنگو خان جي پنجين پيڙهي واري وڏيري ناظم خان، مسند سنڀالي، جيڪو سندس رشتي ۾ ڀاءُ هيو.هو پڻ سخي ۽ فيض وارو ٿي گذريو آهي، جنهن جي انتقال ڪانپوءِ، وڏيري بلاول خان پڳ ٻڌي، جيڪو ديندار ۽ دلير انسان ٿي گذريو آهي. وڏيري بلاول خان جي انتقال ڪانپوءِ، سندس وڏي پٽ علي بخش خان گادي سنڀالي. هِن وقت سندس ڀاءُ محمد صالح خان سيني جو وڏو ۽ چڱو مڙس آهي.

مُبين فقير:

هن جي والد جو نالو، جامي فقير هو ۽ ذات جو شر هو. سندس ڳوٺ رسولپور، تعلقي مير واهه ۾ آهِي. ننڍپڻ کان وني البيلي طبيعت جو هوندو هو. کيس پڙهڻ لاءِ مدرسي ۾ موڪليو ويو، پر اصل نه پڙهيو.

سمورو وقت فڪر ۾ گذاريندو هو ۽ ماڻهو ڪيس چريو سڏيندا هئا. ڪيس پنجويهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪرائي وئي. شادي ڪرڻ کان پوءِ، غلام حيدر فقير شر جو مريد ٿيو. مرشد کان ذڪر وٺڻ بعد، هن جو قلب ڪلي ويو ۽ معرفت جو صاحب بڻجي ويو. ڪڏهن ڪڏهن ڪافيون يا بيت چوندو هو. پنهنجي زماني جو هڪ سنو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾ دنيا جي بي ثباتي جو گهڻو ذڪر آهي. هن جي ولادت 1862ع ۾ ۽ وفات 1925ع ۾ ٿي. مبين فقير جا بيت هيٺ ڏجن ٿا:

جان بچائڻ فرض ٿي بندا، ڪجانءِ ڏرم ڏيان
هِت ٿي ڪيڙا ماڪوڙا ڪيترا، هُت ٿي جيتن جو جهان
آهين طعام تنهين جو، متان ڪرين ڪو گمان
اوڳاڙي انسان مطلب سمجهه مبين چئي
مطلب سمجهه مبين، چئي ڪجهه نه پوئتي هَٺ
وارث ٻڌنديءِ وات ڪي، جيئن چِڪي ٻڌجي ڦَٺ
قريب ڪٽنديءِ قبر ڪي، ڪَٺ پِٽانِ او ڪَٺ
ميت ڪي ٿي منجهند ٿئي، جهٽ ڪيوڙي جهٽ
جڏهن لِڳئين پونديءِ لِٽ، تڏهن هڙئي حرص هليا ويندا

مولانا حاجي عبدالرحمان شر بلوچ

مولانا حاجي عبدالرحمان قوم جو شر بلوچ هو ۽ سندس والد صاحب جو نالو حيدر خان، ڏاڏي جو نالو ميان حسين فقير هو. جنهن جو مذهبي طريقو اهل سنت والجماعت طريقي سان وابستہ هو. مولانا صاحب پنهنجن وڏن کان وٺي اصل ڳوٺ گهنڊ، هاڙوڪو رسولپور، تعلقہ نري ميرواهہ جا رهاڪو هئا. ڳوٺ گهنڊ خيرپور ضلع ۾ واقع آهي ۽ سندس ڏاڏو ميان حسين فقير ۽ ان جا عزيز مائٽ اصل کان ’حريجند‘، بلوچستان علائقي جي خانگي حدن اندر، ’شوري‘ پرڳڻي جا رهاڪو هئا. جيڪو جيڪب آباد واري ريلوي لائين سري ڍاڍر واري اسٽيشن، دنبولي کان اٽڪل چاليهہ ميل خشڪي پنڌ رستي، اتر ۽ اولهہ طرف سان آهي. هينئر بہ هتان جا ماڻهو شر، خواہ ٻيا، اُنهي شوري پرڳڻي ڏانهن ايندڙ ويندڙ آهن. اِها شوري اُنهي وقت کان وٺي خاص شرن جي نالي سرڪاري نقشي ۾ داخل ٿيل آهي. انهيءَ ڪري بلوچ شر، خواہ ٻيا ماڻهو انهيءَ شوري ۾ اجان تائين رهندڙ بہ آهن.

انهيءَ وقت شوري ۾ شرن بلوچن ۽ ٻڙدي بلوچن جو هڪ ٻئي سان سڱاوتي تڪرار ٿي پيو. جو ٻئي ڌريون پاڻ ۾ اچي دوبدو ڳنڍيون. انهيءَ وقت لڙائيءَ ۾ شرن جو تعداد ٻڙدين کان تمام گهٽ هو. جنگ ڪندي شرن جا گهڻا ماڻهو مارجي ويا. رڳو نندا ٻار ۽ عورتون وڃي بچيون يا اُهي وڏا مرد بچيا، جيڪي لڙائيءَ وقت مال سانگي ٻاهر ويل هئا. لڙائيءَ واري وقت مولانا موصوف جو ڏاڏو ميان حسين فقير، ٻاهر ويلَ هجڻ ڪري حيات رهيو. اهو تڪرار تيرهين صدي هجري جي شايد شروعات، ارڙهين صدي عيسوي جي آخري ڏهاڪي، يعنيٰ 1790ع ڌاران ٿيو هو. انهيءَ وقت، ۾ سنڌ تي ميرن جي حڪومت هئي. اُهي مظلوم شر پوءِ پنهنجي ڪٽنب سميت شوري مان لڏي اچي مير سهراب خان جي اجهي هيٺ رياست خيرپور ۾ ڪوٽڏيجيءَ جي اولهہ ۾ اچي ويٺا. جتي هينئر جسڪاڻي بلوچن جو ڳوٺ آهي، جيڪو ميرواهہ ڪئنال کان ساڄي پاسي ڪوٽڏيجيءَ جي سامهون اولهہ طرف آهي. مير سهراب خان انهن مظلوم شرن جي ڪٽنب لاءِ ’روزينہ‘ مقرر ڪري ڏنو. جو انهيءَ مير صاحب جي مڙني بلوچن سان تمام گهڻي خاطري هوندي هئي. پوءِ اُهي مظلوم شر گهڻي عرصي کان پوءِ، انهيءَ ڳوٺ کي ڇڏي، ڏکڻ طرف ٽاٽاري واري مُهاڙي جي ڊبُ تي شهر ٻڌي ويٺا، تہ بہ مير صاحبن جي مٿن مهرباني گهڻي

هوندي هئي. انهيءَ کان پوءِ هزهائينس مير علي مراد خان(94-1843ع) خيرپور جو والي ٿيو. جيڪو مير سهراب خان جو ننڍو فرزند هو. جنهن جي نيڪ نامي جي ساري ملڪ ۾ هاڪ آهي. مير سهراب خان جي انتقال کان پوءِ، مير علي مراد خان جي شرن تي محبت جي نظر گهٽي هوندي هئي ۽ اڳوٽي عهدنامي موجب کين اڳوٽا حق ۽ تنخواهون ملنديون رهنديون هيون ۽ مٿن سرڪاري چيڙ بيگارون معاف هونديون هيون. اڳتي هلي مير صاحب کين هڪ نئون ڳوٺ خلاصو ٻڌرائي ڏنو. جيڪو هينئر نري تعلقي جي هيڊ ڪوارٽر کان اٽڪل چارميل اتر جي طرف ۽ ميرواهه جي ساڄي ڪپ ويجهو آهي، جنهن ۾ شر بلوچن جو سارو ڪٽنب اچي وينو. پوءِ اُهو ڳوٺ وڏيري جنگو خان شر سخيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. جنهن کي هينئر ’وڏا شر‘ يا ڳوٺ ’مينگهو فقير‘ چوندا آهن. گهٽي عرصي گذرڻ کان پوءِ، مولانا موصوف جي ڏاڏي، ميان حسين فقير لڏي وڃي هڪ ٻيو ڳوٺ ٻڌرايو، جيڪو پوءِ ’رئيس حيدر خان‘جي نالي سان مشهور ٿيو. جنهن کي ان وقت ’ننڍا شر‘ پوءِ ’گهنڊ‘ ۽ هينئر ’رسولپور‘ چون ٿا. اهو ڳوٺ مينگهو فقير جي ڳوٺ کان اولهه طرف ٻه ميل پنڌ تي آهي ۽ مولانا موصوف جي ولادت ڳوٺ گهنڊ ۾، 1863ع (1280هه) ۾ ٿي. مولانا جي والد حيدر خان جي شادي هڪ معزز گهراڻي، ميان غلام حيدر صوفي فقير جي همشيره سان ٿي. جنهن جو والد قائم خان شر، شرن جو قومي سردار هو ۽ مٿس ’رئيس‘ جو لقب هو. پاڻ اهل سنت والجماعت جو هو ۽ وڏو پرهيزگار ۽ متقي ٿي گذريو آهي ۽ سندس وڏو فرزند ميان غلام حيدر فقير سندس وفات کان پوءِ سجاده نشين ٿيو. جنهن سمورا دُنوي تعلقات ترڪ ڪري، وڏو برگزيده اهل الله ٿي ويو. جنهن جي درگاهه خيرپور، خواه سنڌ ۾ مشهور آهي، انهيءَ درگاهه تي فقير صاحب جو هر سال (11، 12 ربيع الاول) وڏو ميلو ٿيندو آهي. هينئر انهيءَ درگاهه جو سجاده نشين ميان فقير سڪندر علي خان آهي. جيڪو ميان غلام حيدر فقير جو پنجين پيڙهي ۾ پوٽو آهي.

مولانا موصوف جي ڄمڻ شرط، الاهي فيض جو جلوو سندس منهن ۾ ٿي چمڪيو ۽ ننڍپڻ واري زماني ۾ ئي ديني علم پڙهڻ جا مشتاق هوندا هئا. سندس پائرن کيس دنيوي ڪاروبار کان آزاد ڪري پڙهڻ لاءِ موڪليو. کيس چار ٻيا پائر ٻه هئا. هر هڪ نالي رئيس عمر بخش خان، عيسيٰ خان، صابل خان ۽ چوٿون رهاڻ فقير، مولانا موصوف مڙني پائرن کان ننڍو هو.

سندس والد رئيس حيدر خان،1289هه ۾ سندس ننڍ پڻ جي زماني ۾ ئي وصال ڪري ويو ۽ مولانا موصوف جي ان وقت عمر اٽڪل نون سالن جي هئي. مولانا موصوف جي والد بزرگوار پنهنجي برادريءَ ۾ نيڪ مرد، نيڪ نيت ۽ وڏي عزت وارو ديندار مومن ماڻهو هو. سندس وفات کان پوءِ زمينداري ڪاروبار هلائڻ لاءِ سندس وڏو فرزند عمر بخش خان پڳدار ٿيو. ان جي انتقال کان پوءِ اُن جي جاءِ تي سندن فرزند وڏيرو احمد علي خان شر پڳدار ٿيو آهي، جنهن جي انتقال کانپوءِ سندس وڏو پٽ وڏيرو پهلوان خان پڳ تي وينو. هنيئر استاد عبدالخالق شر جيڪو حيدر خان جو پنجين پيڙهي ۾ پوٽو ٿئي ۽ پڳ تي وينو آهي

مولانا پنهنجي والد شريف جي حياتيءَ ۾ ئي علم حاصل ڪيو، جو رئيس جنگو خان شر سخيءَ جي ڳوٺ، ملان دولت وٽ قرآن مجيد پڙهندو هو. جڏهن سندس والد شريف هن جهان مان وصال ڪيو ته پاڻ پنهنجو ڳوٺ ڇڏي وجي ڏورانهن هنڌن تي وڏن وڏن عالمن وٽ رهي عربي خواه فارسي جو علم حاصل ڪندو رهيو.

مولانا موصوف جا اٽڪل ويهه ورهيه خاص ديني علم جي پڙهڻ لاءِ سرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ حرمين شريفين جو حج به حاصل ڪيائون. اهي سمورا اسلامي فرض پيادل پنڌ ادا ڪيائون. پنهنجي ڳوٺ واپس اچڻ واري وقت تائين سندس عمر جو گهڻو عرصو گذري ويو هو. جڏهن مولانا موصوف حرمين شريفين جو حج ڪري واپس موٽي آيا، ته سائين ڏتو ابن الحسين شر بڏايو ته مولانا صاحب مون کي سڃاڻڻ ۾ ڪونه آيا. ڇو جو گهڻي عرصي گذرڻ ۽ سفر ڪرڻ ڪري سندن جسم جا ننڍڙائپ وارا نشان بدلجي ويا هئا. ڳوٺ وارا ماڻهو به ڪيس سڃاڻي نه سگهيا. مگر سندن والده محترمه، جيڪا ان وقت زنده هئي، تنهن ڪيس سڃاتو. جنهن کي خداوند ڪريم پنهنجي لطف سان ورهين جو فراقي فرزند ناقابل علم ڇڻ انعام ۾ عطا فرمائي ڪيس حياتي اندر ملايو. جنگو خان ڳوٺ جي مدرسي ۾ علي بخش نالي ساٿس هم درس به پڙهندو هو. جنهن جي سخاوت ۽ ناموري بعد ۾ مشهور ٿي. رئيس علي بخش شر وڏو سخي ۽ ديندار، طريقت ۽ شريعت ۾ مڪمل بي رياءُ، غريب نواز زميندار رياست خيرپور ۾ مشهور ٿي گذريو آهي. مولانا موصوف جڏهن انهيءَ مدرسي مان قرآن شريف پڙهي مڪمل ڪيو، ته عربي ۽ فارسي ديني علم پڙهڻ خاطر ٻاهر مسافري ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو، جو ان زماني ۾ گهڻو ڪري رياست ۾ فارسي ديني علم جو ڪو مدرسو ڪونه هوندو هو. جنهن ڪري پائرن ڪيس

اجازت ڏني. ان کان پوءِ اول ضلعي نواب شاهه ۾، مولوي ميان عبدالقدوس ٺڳڙن واري جي مدرسي ۾ وڃي پهتو جتي فارسي پڙهندو رهيو. مولوي ميان عبدالقدوس وڏو فيض وارو ۽ پرهيزگار هوندو هو، جو پنهنجي مدرسي ۾ طالب علمن کي ماني وغيره في سبيل الله ڏيندو هو. جنهن ڪري پري پري جا طالب کهي اچي وٽس پڙهندا هئا. مولانا موصوف ان مدرسي ۾ گهڻو وقت پڙهڻ کان پوءِ، پنهنجي استاد کان اجازت وٺي، آباد واري مخدوم ميان حبيب الله جي مدرسي ۾ اچي داخل ٿيو. هن وقت اهو ڳوٺ درياهه جي پيٽ ۾ هجڻ ڪري، لهرن جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي ۽ اهو ڳوٺ درياهه جي ڪاپي طرف ڪنڌياري شهر کان ست ميل اولهه طرف واقع هو. مخدوم ميان حبيب الله پنهنجي حياتي ۾، اتان لڏي اچي نئون ڳوٺ، پيري ۾ ٻڌرايو. جيڪو درياهه جي ڪناري تي بند اندر اڃان به قائم آهي. مولانا موصوف جڏهن پهريون دفعو مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته ساڻس سندن ٻيا عزيز فولاد علي فقير ۽ گهنور فقير رفيق ٿي آيا هئا. جيڪي ڪجهه وقت مدرسي ۾ مولانا موصوف سان هم درس ٿي پڙهندا رهيا. پوءِ سگهو ئي بيئي ڄڻا اِهو مدرسو ڇڏي واپس موٽي آيا. پر مولانا موصوف بعد ۾ به اُتي فارسي تعليم حاصل ڪندو رهيو.

هن مدرسي ۾ گهڻو وقت علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، مولانا موصوف کي دل ۾ سفر ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو، ته مخدوم ميان حبيب الله کان اجازت وٺي، ٻِٽَ واري بزرگ، مولوي محمود ڏانهن روانا ٿيا. جتي انهن جي خدمت ۾ رهي، عربيءَ جو درس وٺڻ ۾ مشغول رهيا. اتان علم جي نعمت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، مولوي صاحب کان اجازت وٺي اچي، اَمروٽ شريف ۾ پهتا. جتي مخدوم تاج محمود امروٽي (1857-1929ع) بزرگ جو مدرسو هو. جنهن ۾ پڻ هزارين طالب علم موجود رهندا هئا. هن مدرسي ۾ اڄ ڪلهه به اسلامي عربي خواه فارسي جي تعليم جاري آهي ۽ مخدوم صاحب جي علمي فيض جي هاڪ هر جاءِ مشهور آهي. شروعاتي زماني ۾ مولانا تاج محمود وٽ ايترو پئسو نه هوندو هيو، جنهن ڪري مسجد شريف ڪاٺ جي ڪانن سان ٺهيل هوندي هئي. جهالت سبب سندس پاڙيسري زميندار ۽ وڏا ماڻهو ڪيس نه سهندا هئا. ڇاڪاڻ ته علم وارا ماڻهو، جاهلن کي دشوار نظر ايندا آهن ۽ جاهل ماڻهو سواءِ آزمائش توحيدي ۽ معجزات جي باز نه ايندا آهن. تنهن ڪري عالمن سڳورن جو شان، عام ماڻهن کان مخفي رهندو آهي.

مولانا موصوف گهڻو عرصو هن درسگاهه ۾ علم ديني حاصل ڪري مولوي ميان تاج محمود ڪان اجازت وٺي اچي، مولوي ميان عبدالغفور همايونيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جيڪو وڏو عارف بالله ۽ عاشق رسول ٿي گذريو آهي. سندس مدرسو همايون ۾ آهي. جتي فيض الاهي مالا مال پريو هوندو هو. مولانا موصوف اهڙي پلاري عالم وٽ وجي ديني فيض حاصل ڪيو. تنهن ڪري مولانا موصوف روزل ازل کان ايترو جهاد في سبيل الله ڪري مٿين عالمن سڳورن وٽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هفتا يا مهينا نه پر ورهين جا ورهيه مدرسن ۾ زير درس رهيا. پاڻ فرمائيندا هئا ته پاڻ استادن کان اجازت وٺي ايندا هئا ته پنهنجن مائٽن کان خرچ لاءِ پئسا ٽا وٺي اچون پر پوءِ عزيزن ڏانهن وڃڻ جي بدران مزدوري ڪندا هئا. ان زماني ۾ بيو پورهيو گهٽ هوندو هو. راتين جون راتيون هودن ۾ ڪارونير جهاڳيندا هئا. ڪيترا ڏينهن مزدوري ڪري ڪمايل پئسو آڻي استادن کي ڏيندا هئا. جو اهي پئسا ڪتابن خريد ڪرڻ ۽ بين ضروري ڪمن تي خرچ ڪيا ويندا هئا. ڪاري نير جهڳڻ ڪري بدن تي نير جا نشان بيهي ويندا هئا، اهي استادن کان لڪائي رکندا هئا. ۽ چاڪ وغيره هڻي انهن کي لاهي ڇڏيندا هئا، جيئن مٿان سندن استاد اهي نشان ڏسي اهو محسوس ڪن ته طالب علمن مزدوري ڪري پئسا آندا آهن. استادن کي ٻڌائيندا هئا ته پئسا پنهنجن مائٽن کان آندا اٿائون. ان زماني ۾ ملڪ ۾ ڏڪار هوندو هو ۽ مولانا موصوف جا مائٽ تمام مسڪين هوندا هئا ۽ تعليم لاءِ پئسي خرچ ڪرڻ جي منجهن طاقت ڪانه هئي.

مولانا موصوف کي اهو ٻڌايو ويوهو،ته حيدرآباد ۽ پرپاسي وارن مدرسن ۾، ٺٽي جي عالم سڳورن جا فقهه ۽ حديث تي لکيل ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا. جڏهن ته اتر سنڌ جي مدرسن ۾، اُهي ڪتاب پڙهايا ويندا ها، جيڪي شڪارپور مان ملي سگهندا هئا. انهن مدرسن ۾ رڳو شروعاتي تعليم فارسي ۾ پڙهائي ويندي هئي، پر فقهه حديث ۽ تفسير بابت جامع پڙهائي رڳو ٺٽي حيدرآباد يا هالا جي مدرسن ۾ ملندي هئي. مولانا موصوف کي شوق جاڳيو ته چو نه اهڙن مدرسن ۾ تعليم وٺجي، جتي علم جي وڏيڪ حاصلات ٿي سگهي. آخرڪار مولانا موصوف پنهنجي استاد مولانا عبدالغفور همايونيءَ کان اجازت وٺي هالا جي قريشي عالمن جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ روانو ٿيو. پيدل سفر ڪري، درياءَ جي ڪابي پاسي واقع شهر هالا ۾ مخدوم ميان عبدالعليم قريشيءَ جي مدرسي ۾ وڃي حاضر ٿيو. جو ڏاڍو نيڪ انسان ۽ سخي مرد هو. مولانا موصوف ان

مدرسي ۾ سال کن رهي، فقہ ۽ حديث تي وڏا ڪتاب پڙهي ورتا. گهر ڪان پري هجڻ جي ڪري ۽ پائرن جي چوڻ تي ان مدرسي جي عالم سڳورن کان اجازت وٺي، مخدوم ميان حبيب الله آباد شريف واري جي مدرسي ۾ بيهر حاضر ٿيا، جو ڪين دعا ڪيائون تہ توهان کي انشاءُ الله تعاليٰ حرمين شريفين جو حج نصيب ٿيندو. مخدوم ميان حبيب الله جي دعا ربالعزت جي بارگاهہ ۾ قبول ٿي. ان دعا جي قبول ٿيڻ ڪري، مولانا موصوف جي دل ۾ حرمين شريفين جي حج ڪرڻ جو عشق جاڳيو. جنهن جي خمار ۾ مولانا موصوف حج ڪرڻ جي ارادي سان پيادل ڪراچي لاءِ روانا ٿيا. ان وقت ساڻن هڪ ٻيو شخص، حبيب الله ذات نانگرو وينل ڳوٺ نِهان سندس رفيق ٿيو. جيڪو پڻ ساڳئي مدرسي جو طالب علم هو. ٻئي مسافر پيادل سفر ڪري ڪراچي پهتا. جتان درگاهہ رب العزت جا هي پانڌيڙا، حرمين جي ديدار جي تپش ۾، ڪراچيءَ کان بمبئي لاءِ روانا ٿيا.

انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ ريلوي گاڏيون يا موٽر لاريون ڪونہ هونديون هيون ۽ نہ وري ڪين اهڙي دنيا هٿ ۾ هئي جو گهوڙن ۽ اُٺن جو خرچ ڏئي سواريون پاڙي تي ڪن ها.

مولانا موصوف چوندا هئا تہ جڏهن سارو سفر پيدل رستي طئي ڪري آخرڪار شهر بمبئي ۾ پهتا سون پر انهيءَ راهہ واري سفر ۾ عجيب سير ڪندا آياسون، جو انهيءَ سفر ۾ تمام گهڻو وقت لڳي ويو. بمبئي شهر ۾ عجب خوش نما نظارا، نقاشي سنگ مر مر ۽ بلور (شيشي) جون نهيل جايون ڏٺيوسين. بازارن ۾ عجائب سير فرحت جا آثار ڏٺاسون. انهيءَ شهر ۾ ملسمان وڏا دنيادار ۽ ڪروڙ پتي هئا. جن جي دُنوي ملڪيت اتان جي نوابن کان وڌيڪ نظر ٿي آئي، جو انهن سيٺين سان عام غريب ماڻهو يا امير لکپڙهہ کان سواءِ ڳالهائي نہ سگهندا هئا. جن کي اسان بہ جهاز جي خرچ ۽ ڪرائي لاءِ درخواستون پيش ڪري ڏنيون، تہ جيئن اسان کي انهن مسلمان سيٺين کان ايترا پئسا ملن، جيئن جهاز ۾ چڙهي وڃي حج بيت الله پڙهون. پوءِ انهن سيٺين اسان کي جهاز جي خرچ جا پئسا في سبيل الله ڪري ڏياريا. انهن پئسن ملڻ کان پوءِ جهاز جي آفيس وياسون ۽ ڪرايو ڏئي سامونڊي جهاز ۾ چڙهي پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿياسون. ان زماني ۾، سامونڊي جهازن کي هلائڻ لاءِ ٻاهہ جون مشينون ڪونہ هيون. اُهي جهاز هوا جي آڌار سان سڙهن جي ذريعي سمنڊ ۾ هلندا هئا. سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ دوران گهڻي پنڌ کان پوءِ درمياني سمنڊ اندر، هڪ سُڪنديءَ تي جهنڊو اشارا ڏيندي نظر آيو، جو اُهو جهنڊي وارو نشان

رستي جي حد تي مقرر ٿيل هو. جو ان جي حد کان ٻيءَ جاءِ تي سمنڊ ۾ هلندڙ جهاز غرق ٿي ويندا هئا. هن وقت ساموندي جهاز مشين جي زور سان سڌا ٿا وڃن. جو اهو سمنڊ وارو جهندو شايد جهاز وارن ماڻهن کي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. اڳوڻي زماني وارا جهاز مشينن جي نہ هجڻ ڪري، سمنڊ ۾ تمام گهڻو سفر ڪندا هئا. انهيءَ سبب ڪري حاجين سڳورن خواهہ جهاز تي سوار قافلہ وارن جي، سر جو سودو سمنڊن سان هوندو هيو. مولانا موصوف ٻڌائيندا هئا تہ سمنڊ سفر دوران هڪ پڪي اچي جهاز ۾ ڪريو، جيڪو ڳاڙهي ڳيرڙي جي مهاندي هو. جيڪو سمنڊ ۾ اڏامندي ۽ سواءِ جهاز جي ٻي جاءِ نہ ملڻ ڪري ۽ سمنڊ جي پار نہ پهچڻ ڪري، ٿڪجي اچي جهاز ۾ ڪري پيو. اهو پکي جده جي بندر تائين جهاز ۾ رهيو ۽ بندر تي ڇڏڻ کانپوءِ اڏامندو هليو ويو.

مولانا موصوف چوندا هئا، تہ انهيءَ ساموندي سفر جو احوال سمنڊ جي هر هڪ بندر سميت باقاعده کين ياد هو. انهيءَ سفر مان صرف ڪراچي مان جهاز جي هلڻ جو احوال هت بيان ڪجي ٿو. جڏهن جهاز ڪراچيءَ مان ڇُٽي ٿو تہ خط مستقيم وانگر سنئون سڌو مڪي شريف نٿو وڃي ، ڇو تہ سمنڊ جو رستو ڦيري تي آهي. عربستان جي ملڪ کي ٽن طرفن کان سمنڊ ڦريل آهي. اولهہ اوڀر ۽ ڏکڻ پاسن کان سمنڊ اٿس. فقط اترين پاسو اردن ۽ شام ملڪن سان لڳي ٿو. انهيءَ ڪري ارض حجاز کي جزيره عرب چئبو آهي. ڪراچيءَ مان جڏهن جهاز روانو ٿئي ٿو، تہ ڏکڻ جو رخ ڪري الهندي طرف هلي ٿو. تان جو عدن کان اڳي باب المَندنب وٽان ڦري اتر ڏانهن مڙي ٿو ۽ قبلہ جي الهندي پاسي کان جده شريف جي بندر تي وڃي بيهي ٿو. جو مڪہ شريف کي ويجهو اولاهين سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي. ڪراچيءَ ۾ سڌو اولهہ منهن ڪري نماز پڙهبي آهي. پوءِ جيئن جيئن جهاز اڳتي هلندو ويندو تہ اتر طرف ڏانهن منهن موڙي نماز پڙهبي. جڏهن جده ۾ پهچجي ٿو تہ اڀرندي طرف منهن ڪري نماز پڙهبي آهي. جدي کان مڪہ شريف خشڪيءَ رستو آهي، تہ بہ نماز اوڀر منهن ڪري پڙهبي، وري مڪي معظم کان مدينہ منوره سڌو اتر طرف آهي. جو مدينہ منوره ۾ نماز ڏکڻ منهن ڪري پڙهبي آهي.

جڏهن جده شريف ۾ مولانا موصوف وارن جو، ساموندي جهاز پهتو تہ ڪافي وقت اتي رهي پيا. ڇاڪاڻ تہ حج جي موقعي ۾ اجا گهڻو وقت دير هئي. جنهن کان پوءِ حضور انور سرور ڪائنات، حضرت محمد مصطفيٰ

صلي الله عليہ وسلم جي طرف، مدينہ پاڪ ڏانهن روانا ٿيا. مدينہ منوره تائين انهيءَ قافلي واريون منزلون ڪل 18-19 آهن. پهرين منزل ٿوري پنڌ تي آهي مولانا موصوف پيادل رستي تنها منزلون سر ڪندا وڃي آخرڪار مديني پاڪ پهتا. جده کان مدينہ منوره وڃڻ لاءِ پيادل سفر ۾ پهرئين منزل واديءَ فاطمہ آهي، جيڪا ’شهداءِ‘ کان اٺ ميل پري آهي. هي وادي، آباد ۽ سرسبز آهي ۽ اُتي مٺي پاڻيءَ جا چشما، کوهہ ۽ باغبات پڻ آهن. ٽين منزل ’اَنعان‘ آهي، جيڪا واديءِ فاطمہ کان سورنهن ميل پري آهي. جبل جو پنڌ ڏکيو آهي ۽ اتي پاڻي کارو آهي، مگر برسات جو مٺو پاڻي بہ اتي ڪثرت سان ملندو آهي. چوٿين منزل ’قضيہ‘ آهي، جيڪا پوئين منزل، ’رابق‘ کان چوڏهن ميل پري آهي. پنجين منزل لالَق آهي، جيڪا قضيہ کان سورنهن ميل اڳتي آهي. هي چڱو خاصو پڪو ڳوٺ سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي. ڇهين منزل ’مستوره‘ آهي، جيڪا ’رابغ‘ کان تيرهن ميل پري آهي. جتي بلسفانِ جا وڻ آهن. جن ڪي ماڻهو گهٽين دوائن ٺاهڻ جي ڪم آڻيندا آهن. هن منزل کان مدينہ منوره جي طرف کان روح افزا هوا شروع ٿئي ٿي. اٺين منزل ’بيارين سفيانہ‘ آهي. جيڪا پوئين منزل کان سورنهن ميل پري آهي. اهو رستو ڏکيو ۽ جبل جي سوڙهي لڪ مان لنگهندڙ آهي. ڏهين منزل بيرالماس آهي ۽ يارهين منزل ’بير علي‘ آهي. جيڪا بيرالماس کان يارنهن ميل اڳتي آهي. انهيءَ منزل کان حضرت نبي الڪريم سرور ڪائنات ﷺ جي شهر مدينہ منوره مان، روضي مبارڪ گنبذ خضرا جون نوراني نيلون نظر اينديون آهن. اتان مدينہ پاڪ جي نوري نظاري روضي اقدس ڏسڻ وقت لارين ۽ قافلن جي سواريءَ وارا ماڻهو هڪدم سوارين مان لهي پيادل سفر شروع ڪندا آهن.

مولانا موصوف مدينہ منوره ۾ پهچي، روضي مبارڪ جي زيارت حاصل ڪري فيضياب ٿيا. گهڻو وقت مدينہ منور جي مسجد نبوي ۾ رهي، نمازون ۽ فرض ادا ڪندا رهيا ۽ محمد مصطفي ﷺ جي نور جا روشن تجلا ڏسي انهيءَ ۾ دائما مشتاق رهندا هئا. جيئن تہ سرور ڪائنات صلم جن پنهنجي حديث مبارڪ ۾ فرمايو آهي، تہ جيڪو شخص مسجد نبوي ۾ چاليهہ وقت نماز ادا ڪندو، انهيءَ تي رسول الله ﷺ جي شفاعت هر حال ۾ لازم ٿيندي، جو اهو شخص قيامت ۾ اول رسول الله ﷺ جي شفاعت جو حقدار ٿيندو. مولانا موصوف اُتي رهي مسجد نبويءَ ۾ ڪيترائي مهينا نمازون پڙهندا ۽ دعائون گهرندا رهيا. مديني پاڪ ۾

اهل بيتن ۽ اصحابن سڳورن جي مقدس مزارن جون زيارتون، جنت البقيا ۾ پيادل زيارتون ڪيائون ۽ پاڻ چوندا هئا تہ جنت البقيع ۾، حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنہ جو روضو مبارڪ نقاشي ۽ سنگريز جو تمام سهڻو ٺهيل هو ۽ حضرت امير حمزه رضي الله تعاليٰ عنه جو، روضو تمام افضل نموني ٺهيل هو، زيارتگاهن تي وڏا وڏا روضا ۽ عمارتون ٺهيل هيون. انهيءَ زماني ۾ عربستان تي ترڪن جي حڪومت هئي. جنهن جو حڪمران سلطان عبدالحَميد خان (ٻيو) (1909 - 1876) هو. جو اُن زماني ۾ حاجي خرچ ۽ سامان ڪان سواءِ عربستان ۾ رهندا هئا ۽ حڪومت جي ڪابہ منع ڪانہ هوندي هئي. حج واري مهيني ويجهي اچڻ ڪري، مولانا موصوف مدينہ طيبہ مان ديدار حاصل ڪري تحفا ۽ عنايتون وٺي اچي مڪ معظمہ ۾ حاضر ٿيا ۽ حج جي ڏينهن ۾ احڪام شريعت لوازمي ادا ڪري، حرم پاڪ ۾ سعادت حاصل ڪيائون. طواف وداع ڪان فارغ ٿي پاڪ حرم وارين جاين تي وجي سڀ زيارتون حاصل ڪيائون، جنهن ڪان پوءِ وطن واپس موٽڻ جو خيال دل ۾ پيدا ٿيڻ ڪري اچي جده ڪان ساموندي جهاز ۾ سوار ٿيا، پاڻ ٻڌائيندا هئا تہ سندن رفيق ميان حبيب الله نانگور حرمين شريفين جو حج ۽ زيارتون حاصل ڪري، موٽندي سفر ۾ وفات ڪري ويو. (انا الله وانا عليه راجعون). ساموندي سفر پورو ڪري، جڏهن ڪراچي پهتا تہ مولانا موصوف جي مائٽن کي سندس واپس اچڻ جي خبر ڪانہ هئي. جيئن اجڪلهہ عام آهي. ڪراچي ڪان سلامتيءَ سان سفر پورو ڪري پنهنجي ڳوٺ پهتا. جتي اچڻ شرط پنهنجي گهر ڀاهران مسجد ۾ بانگ ڏنائون. بانگ جي آواز ٻڌڻ سان سندن والده پنهنجي لخت جگر کي سُڃاڻي ورتو ۽ ڳوٺ جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. آخرڪار سڃاڻپ ڪان پوءِ، سندس پائرن ۽ عزيزن ڏاڍيون خير خيراتون ڪيون ۽ سندس موٽي اچڻ جي خوشخبري سندس عزيزن ۾ هر طرف وڃي پهتي. مولانا موصوف جي حج ڪري واپس موٽڻ وقت عمر 34 سال هئي ۽ سن 1315هہ مطابق 1897ع هو.

مولانا موصوف پنهنجي ڳوٺ واري مسجد کي نئين سر ناهي سينگاري اعتڪاف ۾ ويهي شاگردن ۽ ڳوٺ وارن کي ديني تعليم ڏيڻ ۾ مشغول ٿي ويو. جو گهڻا ماڻهو انهي اسلامي تعليم ۽ درس تدريس مان قابل ديندار ٿي نڪتا. اهڙي تعليم جي ظاهر ٿيڻ ۽ علمي خدمت جي عيوض رياست جي حڪمرانن ڪيس گرانٽ مقرر ڪري ڏني، جيڪا

ڪجهه وقت کان پوءِ، ماهوار پگهار ۾ تبديل ڪئي وئي. مولانا موصوف کي اها سرڪاري پگهار نه وڻي، جنهن ڪري نوڪري تان استعيفا ڏئي دست بردار ٿيا ۽ عام ماڻهن کي تعليم ڏيڻ جو شغل جاري رکيائون. سندس درس و تدريس مان ڪجهه شاگرد زاهد ۽ عبادتي پرهيزگار ٿي ويا. جهڙوڪ فقير صاحب ڏنو ۽ ميان رحيم ڏنو فقير گهٽو فيضياب ٿيا ۽ جلال الدين ۽ حمزه علي نيڪ سعادت مند ٿي نڪتا.

مولانا موصوف جي شادي سندس پائرن پنهنجن عزيزن مان ڪرائي، مولانا موصوف دنيوي ڪاروبار ۾ تمام همت وارا هوندا هئا، جو سفر کان موٽي اچڻ کان پوءِ، ڳوٺ جي سهنج لاءِ پنهنجن پائرن سان گڏجي کوهه کوٽيائون. جنهن مان عام ماڻهن ۽ عزيزن خواه پاڙي وارن کي پاڻي پيئڻ لاءِ وڏو سک ۽ آرام ٿي پيو. ان زماني ۾ کوهن جي قلت هجڻ جي ڪري پيئڻ جي پاڻي آڻڻ ۾ ڏکيائي هوندي هئي، جو هن علائقي جي ڳوٺن ۾ کوهه کوٽيل ڪونه هوندا هئا ۽ ماڻهو پيئڻ جو پاڻي پري پنڌ کان کڻي ايندا هئا. ان کان پوءِ مسجد شريف جي ايوان اندر هڪ مسافر خانو ٺهرايائون. جنهن ۾ درس و تدريس سان گڏ، مسافرن جي رهڻ جو جوڳو بندوبست مهيا ڪيل هوندو هو، جتي امير خواهه غريب جي مهمان نوازي ۽ خدمت هڪ نظر سان ڪندا هئا. خيرپور رياست جي حاڪمن جو رعيت جي مٿان چيڙ ۽ بيگار جو ظلم قائم هو. مير صاحبن جي سفارشي ماڻهن کان سواءِ، ڪوبه ماڻهو انهيءَ ظلم کان ڇٽل ڪونه هوندو هو. رعيت تي سرڪاري ملازمن جو ظلم هوندو هو. ڇاڪاڻ ته وقت جا حاڪم انهن ڪامورن کي ظلم ڪرڻ کان منع نه ڪندا هئا. وري ڏڪاريل ملڪ ۾ کيتيءَ لاءِ ناٿو نه هجڻ ڪري، ماڻهو رڳو خريف جو هڪ فصل کوهه جي پاڻي تي آباد ڪندا هئا ۽ سيپٽمبر ۾ درياهه جو پاڻي لهي ويندو هو، ته درياهه کان پري وينل ماڻهو ويچارا سانگ ڪري ناري يا بَڪار طرف لڏي ويندا هئا. پر مولانا موصوف پنهنجي ڳوٺ ۾ مسجد شريف ۾ هميشه خدمت ڪندا رهندا هئا ۽ لڏپلاڻ ڪري سندن غريب خانه ۾ عام مسافر ايندا هئا، جو ته ڳوٺ ۾ ٻي اوطاق جو سهنج ڪونه هوندو هو.

نقل آهي ته هڪ دفعي مولانا موصوف رستو ڏيو پئي آيا، ته ڪين ڪِريل اٺ آنا مليا. پاڻ ڳوٺ ۾ اچي منادي ڪرايائون ته پئسا ڪنهن جا آهن. اعلان ٻڌڻ تي ڳوٺ جي هڪ شخص، منڻ شر چيو ته پئسا منهنجا آهن. پوءِ اُهي پئسا ان کي ڏنائون.

رياست خيرپور جو ان وقت حاڪم، مير علي نواز خان (1935-1884ع) هو. جيڪو مير سهراب خان جو پنجين پيڙهيءَ مان پوٽو هو. جنهن جي وقت ۾ چيڙ بيگار جي خلاف رعيت گورنمينٽ وٽ پڪاريو تہ جيئن ظلم عوام تان معاف ٿئي. رياست جي هندن توڙي مسلمانن، گڏجي وڏيري علي بخش خان شر کي متفقہ راءِ تي پريزيڊنٽ ڪري چونڊيو، تہ جيئن هو صاحب ڪوشش ڪري حڪومت سان ڳالهائي. ان زماني ۾ چيڙ بيگار جي رَوَشِ هينئن هئي، جو رياست جو والي جڏهن شڪار تي چڙهندو هو تہ هر هڪ منزل تي گهٽ ۾ گهٽ چار سو ماڻهو بيگار گهرجندا هئا. جن کان پورهيو ڪرائيندا هئا ۽ هر روز هر مهيني ايترا ماڻهو رعيت مان زبردستي گرفتار ڪري گڏ ڪيا ويندا هئا. پوري رياست ۾ ديهون ۽ تپا مقرر ٿيل هوندا هئا، جنهن ۾ هر هڪ رهندڙ لاءِ وارو مقرر ٿيل هوندو هو. انهيءَ وقت ۾ ماڻهن کي گهر ۾ ڪاڻي لاءِ اَنُ ڪونہ هوندو هو. نہ وري انهن کي سرڪار طرفان ڪو روزينہ ملندو هو. زمين ڪاهڻ ۽ آبادي ڪرڻ، اَن ماڻهوءَ کي ڏيندا هئا، جيڪو چيڙ بيگار ۾ ماڻهو مهيا ڪري ڏيندو هو. مطلب تہ هڪ مخصوص ڪلاس جا ماڻهو، عام ماڻهن ۽ زمين تي قابض هوندا هُئا. جيڪڏهن خريف جي موسم ۾ رعيتي ماڻهو ڪجهہ آبادي ڪندا هئا، تہ سمورو فصل ڪٽائي سرڪاري ڪاتن يا ديرن ۾ رکيو ويندو هو. جيڪو رياستي عملدارن ۽ ڪاراون جي هٿ هيٺ نپي اندر بند ٿيل هوندو هو. پنهنجي اختيار تي ڪردار، ڪاراوا يا بٽئي ڪندڙ عملدار،رعيتي آبادگار ماڻهن کي پنهنجي مرضي سان ورهائي ڏيندا هئا ۽ اها ورهاست يقيناً بدديانتي تي ٻڌل هوندي هئي. انهي ظلم جي ڪري، گهڻا ماڻهو رياست ڇڏي لڪي لڏي هليا ويندا هئا. رياست جا حاڪم پنهنجن عملدارن، ڪردارن، ڪاراون ۽ بٽئي عملدارن کي ظلم کان ڪونہ روڪيندا هئا. جو اُهو حصو سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪيو ويندو هيو. اهڙي بيداد هوندي، رياستي ماڻهو چيڙ بيگار ۽ بٽئيءَ جي بيجا ورهاست جي ايذاءَ سبب هميشہ فريادون ۽ دانهون ڪرڻ تي مجبور هوندا هئا ۽ اهڙي دستور هوندي رياست اندر ڪنهن ماڻهوءَ جي عزت محفوظ نہ هوندي هئي. آخرڪار انهن رعيتي ماڻهن جي فريادن تي انگريز حڪومت فيصلو ڪيو ۽ ظلم معاف ٿي ويو ۽ اهي ظالم ملازم، ڪاردار، بٽئي دار ۽ ڪاراوا موقوف ڪيا ويا. يورپين سرڪار رياست خيرپور لاءِ وزير مقرر ڪري موڪليو. ان ڪري سڄي رياست ۾ انصاف جاري ٿيو. يورپين سرڪار، جي اهڙي فيصلي ڪان پوءِ، رياست جي والي مير صاحب ڪوٽڏيجيءَ ۾ هڪ دعوت جي بهاني وڏيري علي بخش خان کي ۽ ٻين

زميندارن سان گڏ گهرائي چيو تہ توهان چيڙ ڏيڻ کان انڪار نہ ڪريو، جو مان توهان جو بلوچ ياءُ آهيان. چيڙ ڪانسواءِ پيو جيڪو بہ قانون چوندا، تہ اُهو مقرر ڪري ڏنو ويندو، جنهن تي وڏيري علي بخش خان حاضر جوابي ۾ مير صاحب کي جواب ڏنو تہ خدا ڪري تہ هن ملڪ تي شال توهان حڪومت ڪرڻ لاءِ نہ رهو، تہ جيئن رعيت آزار کان آزاد هجي. جنهن تي مير صاحب مٿس تمام گهڻو رنج ٿيو ۽ رعيت مان چيڙ وهائڻ کان نااميد ٿي ويو ۽ مير صاحب وڏيري علي بخش سان وڌيڪ تڪرار نہ ڪيو ۽ گورنمينٽ جو ڪيل فيصلو رعيت لاءِ فائدي مند ٿيو ۽ اهڙي چيڙ بيگار لهي وڃڻ کان پوءِ، رعيتي ماڻهو، هن جا شڪر گذار ٿي ويا، جو ان مرد ديندار، صاحب دل انسان اسلامي ڪم ڪيا. چون ٿا تہ ٽالپرن جي شهر ۾ هڪ مسجد اوائلي زماني کان وٺي هندن جي قبضي ۾ هئي، جيڪا وڏيري علي بخش آزاد ڪرائي. ان جو متولي غلام رسول ٽالپر کي مقرر ڪيائين ۽ مسجد جنهن جو سمورو خرچ وڏيري پاڻ ڪرايو هو.

ٽنڊي مير علي ۾ هڪ جهوني مسجد هئي، جيڪا هندن جي عمارت هيٺ لڪل هئي. ان جي واپسي ڪرائڻ لاءِ، وڏيري علي بخش شر رياست جي وزير مسٽر سليڊن جي معرفت حاصل ڪري، مسلمانن کي واپس ڏياري. وڏيري علي بخش خان جي وفات، 21 رمضان 1352هہ مطابق، 7 جنوري 1934ع تي ٿي. جنهن کان پوءِ جنگو خان جي پنجين پيڙهي وارو وڏيرو، ناظم خان مسند نشين ٿيو. جيڪو پڻ سخاوت جو صاحب ۽ فيض وارو ٿي گذريو آهي ۽ وڏيري علي بخش خان جو رشتي ۾ ياءُ هو. ان جي انتقال کان پوءِ وري وڏيري علي بخش جو فرزند وڏيرو بلاول خان مسند نشين ٿيو.

ٻالهہ ٿا ڪن تہ نري جي مختيارڪار، سرائي فتح علي خان خيرپوري ڪنهن مذهبي فيصلي ڪرڻ لاءِ سيد عبدالله شاهہ فتاحي ۽ مولانا عبدالڪريم ڪورائي کي گهرايو، جو انهيءَ شرعي فيصلي ۾ فولاد علي فقير شر جوابدار هو. ان اجلاس ۾ مولانا موصوف بہ موجود هو ۽ ٻيا وڏا آفيسر بہ موجود هئا. بحث هلڻ کان پوءِ شريعت موجب فيصلو صادر ٿيو ۽ قانون موجب جيل وڃڻ جو ڏوهہ مقرر ٿيو. جنهن جي بدلي ۾ جوابدار ڏر، تعذير شرعي قبول ڪيو، جنهن تي عمل درآمد ڪيو ويو. ان انجمن ۾ عالمن واعظ ڪيا. جن ۾ مولانا موصوف بہ واعظ ڪيو. ان ڪيس هلائڻ جي ابتدا، وڏيري علي بخش شر ڪئي هئي. جيڪو دينڊار هو ۽ اسلام جي پابندي ڪندي، هن ڪيس اڪلائڻ جي ڪوشش ڪئي. مولانا موصوف

وڏي عالم هجڻ جي باوجود بہ، پاڻ ڪڏهن بہ ڏيکاءُ نہ ڪيو. سندس بندگي ڏسي ائين لڳندو هو، تہ هن بزرگ ۾، درويشن ۽ عارفن واريون صفتون آهن.

مولانا موصوف کي آخر ۾ جڏهن جسم ۾ بيماري پيدا ٿي جنهن ۾ ڇهہ مهينا گذري ويا. اُن حال ۾ بہ پاڻ نماز پنج وقت پابندي سان ادا ڪندا هئا. جيتوڻيڪ کين اسهال جي بيماري هئي. پوءِ بہ وضو ۽ لباسن جي صفائي کان غافل نہ رهندا هئا. انهيءَ حال ۾ کين راڻيپور جي درگاهہ ڏسڻ لاءِ، ڏوليءَ ۾ کڻائي، پير ميان عبدالجبار شاهہ جي بنگلي تي پهتاسون. جتي هفتو کن رهيل هئا. مرض جي دوا اول راڻيپور شهر جو حڪيم مولوي محمد صادق ڪندو هو. اُن کان پوءِ هڪ نُڪُرُ حڪيم کين دوا ڏيندا هو. سندن خدمت ۾ سندن فرزند ارجمند بہ گڏ رهندا هئا ۽ بيماري جي اهڙي حالت ۾، بہ مولانا موصوف ڏينهن رات باوضو، با نماز رهندا هُئا. رحلت کان هڪ ڏينهن اڳ، راڻيپور مان واپس پنهنجي گهر ڏولي تي کڻائي آيا ۽ واپسي ۾ ماڻهن جو وڏو تعداد ساڻ هو. جو اُن وقت روڊ رستا، لاريون، موٽر ۽ ٻيون سواريون ڪونہ هيون. پنهنجي ڳوٺ پهچڻ کان پوءِ کين تڪليف وڌي وئي. ان وقت حاضر مجلس عزيزن کان ذڪر ۾ ڪلمہ توحيد وڏي آواز سان پڙهڻ سان روح سندن خاڪي پڃري مان پرواز ڪري وڃي دارلبقا ۾ ملڪ الرضوان جو مهمان ٿيو. انا الله وانا عليه راجعون. سندن روح و داع وقت حاضر مجلس احمد علي شر، شاهن شر، واهڙ خان شر ۽ سندن فرزند گڏجي ساڻس ذڪر ٿي ڪيو. سندن مزار سندن ڳوٺ واري جامع مسجد جي ايوان ۾، سندن وصيت موجب ڪيل آهي ۽ سندن وفات جي تاريخ 13 رجب المرجب 1353هہ، ڏينهن سومر، 22 آڪٽوبر 1934ع جي اڳئين رات جي ڏيڍ پهر گذرڻ بعد آهي. مولانا صاحب کي ٽي پٽ هُئا، حاجي بخت علي، حيدر بخش ۽ احمد علي، جنهن مان حاجي بخت علي کي يارهن پٽ ۽ حيدر بخش کي پنج پٽ اهن.

عمري ۽ حج بابت معلومات

عمري ۽ حج لاءِ ضروري آهي تہ مقرر ڪيل ميقات تي پهچي، پاڻي ميسر هجڻ تي غسل ڪري احرام ٻڌي نہ تہ وضو ڪري احرام ٻڌي ۽ پوءِ نماز جو وقت هجي تہ ادا ڪري ۽ سفر لاءِ ٻہ رڪعتون پڙهي عمري يا حج لاءِ نيت ڪري، نيت ڪرڻ کانپوءِ ”تلبيه“ بلند آواز سان صرف مرد (حضرات) شروع ڪري ڏين.

تلبيه: لَبَيکَ اللّٰهُمَ لَبَيکَ- لَبَيکَ لَاشَرِيکَ لَکَ لَبَيکَ
اِن الــحَمُدَ، وَالنِعمَهُ لَکَ، والمُلک - لَاشَــرِيکَ لَــکَ

تلبيه عمري وارن لاءِ احرام ٻڌڻ کان وٺي طواف شروع ڪرڻ تائين ۽ حاجين لاءِ، احرام ٻڌڻ کان وٺي عيد ڏينهن وڏي شيطان (جمره عقبته) کي پٿريون مارڻ تائين پڙهڻ ضروري آهي.

ميڪات

1. ذُوالحُلَيفہ: هي ميقات مدينہ وارن لاءِ يا اِن خشڪيءَ رستي سان ايندڙن لاءِ آهي، جنهن کي اڄڪلهہ ’ابيار علي‘ بہ چيو ويندو آهي، جيڪا مڪي شريف کان 450 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي مدينہ شهر کي ويجهي آهي.
2. جُحفہ: هي ميقات شام، اُردن، مصر يا اُن رستي سان ايندڙن لاءِ آهي، جيڪا ’اربغ‘ شهر جي ڀرسان آهي ۽ مڪي شريف کان اولهہ 183 ڪلوميٽرن تي واقع آهي.
3. قَرنِ مَنازل: هي نجد صوبي جي رهندڙن يا اِن رستي سان ايندڙن لاءِ ميقات آهي، جنهن جو موجوده نالو ’سبل ڪبير‘ آهي ۽ مڪي شريف کان اوڀر طرف 75 ڪلوميٽرن تي واقع آهي.
4. يَلَعلَم: هي يمن ملڪ جي حاجين لاءِ ميقات آهي،اڄڪلهہ عمري وارا سعديہ کان احرام ٻڌندا آهن، جيڪي مڪي مڪرمه کان ڏکڻ طرف 92 ڪلوميٽرن تي واقع آهي.
5. ذاتِ عِرق: هي ميقات عراق يا اِن رستي سان ايندڙن لاءِ آهي، جيڪا مڪي مڪرمه کان اتر طرف 94 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي.

نوٽ: (1) جيڪو شخص عمري يا حج جي نيت سان ڪنهن به ميقات تي پهچي ته اُن تي واجب ٿيندو ته احرام ٻڌي ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي بغير احرام ٻڌڻ جي گذري وڃڻ جي صورت ۾ ڪيس واپس اچي احرام ٻڌي، پوءِ عمري يا حج لاءِ مڪي شريف سفر لاءِ جاري رکي. احرام نه ٻڌڻ جي صورت ۾، مڪي شريف پهچي هڪ ٻڪري يا ٻڪر ذبح ڪري اتان جي غريبن ۾ ورهائڻ واجب آهي.

2) اهلِ مڪ حج لاءِ احرام پنهنجي گهرن کان ٻڌن ۽ عمره لاءِ حدود حرم کان ٻاهر وڃي يعنيٰ ’مسجد تنعيم‘ کان احرام ٻڌن.

3) جن ماڻهن جا گهر ميقات جي حدن اندر آهن سي احرام پنهنجي گهرن کان ٻڌن جو انهن جا گهرئي انهن لاءِ ميقات آهن.

حج جا ٽي قسم

1. حج تَمتَع: حج جي مهينا يعنيٰ شوال، ذوالقعد ۽ ذي الحج جي ابتدائي ڏهن ڏينهن دوران عمرو لاءِ ميقات ۾ احرام ٻڌي لبيڪ چوندو اچي خانہ ڪعبه جو طواف ڪري پوءِ سفا ۽ مروا جي وچ ۾ سعي ڪري پنهنجا مٿي جا وار ڪوڙائي يا ڪٽائي عمري کان فارغ ٿي وڃي. ان کانپوءِ هِن لاءِ سڀ شيون حلال ٿي وڃن ٿيون، جيڪي احرام جي حالت ۾ حرام هيون. مطلب ته احرام کولي عام رواجي زندگي بسر ڪري. ان کانپوءِ، 8 ذي الحج تي پنهنجي گهر کان احرام ٻڌي منيٰ وڃي باقي حج جون رسمون ادا ڪري پوءِ هڪ ٻڪري يا اُٺ ۽ ڳئون ۾ ستون حصو جي شراڪت سان قرباني ڪري. اگر قرباني نٿو ڪري سگهي ته پوءِ ايام حج دوران ٽي روزا رکي يا گهر واپسي تي ست روزا رکي.

2. حج قِرن: حج ۽ عمري جي گڏي نيت ڪري، لبيڪ چوندي مڪي شريف پهچي ’طواف قدوم‘ ڪري حج ۽ عمري جي ’سعي‘ ڪرڻ کانپوءِ احرام جي حالت ۾ رهي ۽ اٺين ذي الحج تي منيٰ پهچي حج جون باقي رسمون پوريون ڪري، هڪ ٻڪري يا اُٺ ۽ ڳئون ۾ ستون حصي جي شراڪت سان قرباني ڪري. جيڪڏهن قرباني نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ايام حج دوران ٽي روزا رکي يا گهر واپسي تي ست روزا رکي.

3. حج أفراد: صرف حج جي نيت ڪري ۽ جڏهن ميقات پهچي تہ لبيڪ چوندو رهي ۽ مڪي شريف پهچڻ تي طواف قدوم ۽ حج جي سعي ڪرڻ ڪانپوءِ حالت احرام ۾ رهي. انين ذي الحج تي منيٰ ۾ داخل ٿئي ۽ حج جا سڀ ارڪان پورا ڪري. افراد حج ڪرڻ وارن تي قرباني ڪرڻ لازم نہ آهي، جو هِن صرف حج ڪيو آهي ۽ عمرو نہ ڪيو اٿس.

عمرو ادا ڪرڻ

عمري جا بہ مکيہ حصہ آهن هڪ خانہ ڪعبه ڪي طواف (ست چڪر) ۽ ٻيو حصو آهي ’صفا ۽ مروه‘ پهاڙين جي وچم ’سعي‘ (ست چڪر) ڪرڻ. مسجد حرام ۾ داخل ٿيڻ وقت، پنهنجو سڄو پير أڳ ۾ داخل ڪرڻ وقت دُعا پڙهي، ’اللهُم اَفتحَ لِي اَبوَابَ رَحمتک‘ ۽ داخل ٿي بہ رڪعتون نفل ادا ڪرڻ ڪانپوءِ طواف لاءِ خانہ ڪعبه ڏانهن وڌي ۽ پهرين طواف جي شروعات، ’حجر اسود‘ جي سامهون ٿي، الله اڪبر چئي حجر اَسوَد ڏانهن اشارو ڪري ساڄڙ ست چڪر پورا ڪري. حجر اَسود جي ويجهو وڃڻ جي صورت ۾ چمي ڏيڻ سنت آهي. پر جي خلاصائي نہ هجي، تہ پوءِ پري کان اشارو ڪري، الله اڪبر چئي طواف جا ست چڪر ڏجن. هر طواف جي چڪر سان الله جو ذڪر ۽ دعائون پڙهڻ گهرجن.

حجر اسود ڏانهن مُنهن ڪري پوءِ ساڄي هٿ تي طواف شروع ڪجي، خانہ ڪعبه جو دروازو (سون مان ٺهيل) جنهن کي مقامِ مُلتزِم سڏجي ٿو، اُن جي ڀرسان مقام ابراهيم آهي، جنهن ۾ اهو پٿر رکيل آهي، جيڪو الله تعاليٰ حضرت ابراهيم ڏانهن جنت مان موڪليو هُو، جنهن تي بيهي خانہ ڪعبہ جي اڏاوت ڪيائين ۽ حضرت ابراهيم جي پير مبارڪن جا نشان واضع نظر ايندا. اِن جاءِ تي طواف ڪندڙ لاءِ ضروري آهي تہ بہ رڪعتون نفعل واجب طواف ادا ڪن.

مقام ملتزم سڀ کان وڌيڪ افضليت جي جاءِ آهي. نبي صلعم جن، هن مقام تي پنهنجو سِر مبارڪ ۽ سينو لڳائي روئي دعائون گهرندا هُئا.

حجر اسود ۽ مقام ابراهيم جي ڀرسان، آبِ زَم زَم جو مقام آهي، جيئن طواف لاءِ اڳتي هلندؤ تہ اڌ گولائي جي ديوار آهي، جنهن کي ’حطيم‘ چيو وڃي ٿو. هيءَ جاءِ دراصل خانہ ڪعبہ جي اندر واري حصي ۾ هُئي، ليڪن اُمت محمدي لاءِ، اِن کي کليو رکيو ويو آهي، جيئن گنهگار

هتي نفل پڙهن ۽ اُن جو ايتروئي ثواب حاصل ڪن جيترو خانہ ڪعبه جي اندر پڙهڻ برابر آهي.

حطيم ڪان ٿورو اڳتي هلڻ سان، ’ميزاب رحمت‘ واري علائقي ۾ داخل ٿيندا، جنهن لاءِ هڪ روايت آهي تہ حضرت اسماعيل ۽ سندن والده حضرت بيبي هاجره هِن جاءِ ۾ مدفون آهن ۽ ميزاب رحمت ڪان اڳتي خانہ ڪعبہ جي ڏکڻي ڪُنڊ (رُڪن)، جنهن کي ’رڪن يماني‘ چيو وڃي ٿو، تڪبير چئي ان کي پنهنجي هٿ سان ڇهي (touch) (چُمي ڏيڻ ۽ مسح ڪرڻ صحيح نہ آهي) دعائون گهرندو اڳتي حجر اسود واري ڪُنڊ ڏانهن طواف جاري رکي. پر جيڪڏهن گهڻي رش آهي تہ پوءِ ڇُهڻ ضروري نہ آهي ۽ رڪن يماني ۽ حجر اسود وچواري مفاصلي دوران مسنون آهي تہ هينئين دُعا پڙهي.

رَبَنَا ءَ اتِنآ فِي الدُنياَ حَسَنَتہً وَفِي الاءخِرَةِ حَسَنَةً وَقِنا عَذَابَ النَارِ.

جيئن اڳم بيان ڪيو ويو آهي تہ هر چڪر حجر اسود ڪان شروع ٿي حجر اسود وٽ ختم ٿئي ٿو، اهڙي طرح خانہ ڪعبہ جي ٻاهران ست چڪر طواف جا مڪمل ڪري ۽ ياد رهي تہ هر چڪر دوران زياده ڪان زياده الله جو ذڪر ۽ دعائون گهرجن الله تعاليٰ قبول فرمائيندو آمين.

طواف دوران ڪاٻو ڪلهو احرام سان ڍڪيل هجي ۽ طواف ختم ٿيڻ ڪانپوءِ مقام ابراهيم واري جاءِ پرسان ٻہ رڪعتون سنت موڪوه پڙهي. پهرين رڪعت ۾ سوره فاتح ڪانپوءِ، سوره الڪافرون ۽ ٻئي رڪعت ۾ سوره فاتح ڪانپوءِ سوره الاخلاص پڙهي، پر جي اِهي صورتون ياد نہ آهن تہ پلي ڪي ٻيون سورتون پڙهجن، تڏهن بہ ڪو حرج نہ آهي. حطيم جيئن تہ خانہ ڪعبه جو حصو آهي، اُتي بہ نفل ادا ڪرڻ سان خانہ ڪعبہ جي اندر نماز جيترو ثواب ملندو. طواف پوري ٿيڻ ڪانپوءِ، آب زم زم جو پاڻي پيئڻ سنت آهي ۽ الله تعاليٰ اِن پاڻي ۾ بي انداز امت ملسم لاءِشفا رکي.

طواف ڪانپوءِ، صفاه ۽ مروه پهاڙين جي وچم ’سعي‘ ڪرڻ واسطي، مقام ابراهيم جي سامهون واري پاسي تي صفاه پهاڙي جيڪا هاڻي مسجد حرم اندر ئي آهي ويجهو پهچي هي دعا گهري.

اِن الصَفَا وَ المَروَة مِن شَعَائِرِ اللهِ.

صفاه پهاڙي تي چڙهي خانہ ڪعبہ ڏانهن منهن ڪري، ٽي دفع الله اڪبر چئي ۽ هٿ مٿي ڪري هي دعا پڙهي

لَاالہَ الاالله وَحدَہٗ لَا شَرِيکَ لَہٗ ، لہُ الملکُ وَلہُ الحمدُ وَ هُوَ عَليٰ کُلِ شئي قَديره.

لَا اِلہَ الا اللهُ وَحدَہٗ اَنجَزَ وَعدَہٗ وَنَصَرَ عَبدہٗ وَ هَزَ مَ الاحزَابَ وَحدَہٗ

متئين دعا هٿ مٿي ڪري ٽي دفعہ پڙهي ۽ ٻيون بہ دعائون گهرڻ جي ڪا نہ آهي ۽ الله اڪبر چئي صفاه پهاڙي ڪان مروه پهاڙي ڏانهن پهرين چڪر جي شروعات ڪري ۽ هلندي پنهنجي لاءِ پنهنجي اهل عيال ۽ مسلم امت لاءِ جيڪي دعائون ياد هجن سي گهرندو رهي، اوستائين جيستائين وچ رستي ۾ ڇت تي لڳل سائي رنگ جون بتيون اچن، جن ڪان پوءِ سعي ڪندڙ صرف مرد تيز ڊوڙي، جيستائين ٻئي سائي رنگ جون بتيون گذرن، جن ڪانپوءِ عام هلت وانگر هلي، وڃي ’مروه‘ پهاڙيءَ تي پهچي. صفاه ۽ مروه جي وچوارو مفاصلو طئي ڪرڻ سان،’سعي‘ جي ستن چڪرن مان هڪ چڪر پورو ٿيڻ ڪانپوءِ، مروه ڪان صفاه تائين ٻيو چڪر ٿيندو.

جڏهن مروه پهاڙيءَ تي پهچو تہ خانہ ڪعبه ڏانهن مُنهن ڪري اُهي ساڳيون دعائون پڙهو جيڪي صفاه تي پڙهيون آهن.

مروه لهي عام هلت هلندي جڏهن سائي رنگ جي بتي اچي، تہ ٻئي بتي تائين تيز ڊُڪَڻ گهرجي ۽ ان ڪان پوءِ صفاه تائين عام هلت هلي وڃي ساڳيون دعائون پڙهڻ گهرجن ۽ اهڙيءَ طرح سعي جا ست چڪر پورا ڪرڻ ڪانپوءِ، پنهنجي مٿي جا وار ڪوڙائي يا وري ڪٽائي پر ڪوڙائڻ افضل آهي. عورتن لاءِ ضروري آهي، تہ هُو پنهنجي چوٽي مان آڱر جي برابر وار ڪٽائين ۽ حيض واري عورت لاءِ سعي ڪرڻ جي ممانعت نہ آهي، جو سعي واري جاءِ مسجد حرام ڪان ٻاهر آهي، ليڪن هُو طواف نہ ٿيون ڪري سگهن.

اهڙي طرح عمري جا ارڪان پورا ٿيا، هاڻي توهان لاءِ دنيا جون اُهي سڀ شيون حلال ٿيون جيڪي احرام جي ڪري توهان لاءِ حرام هيون.

حج ادا ڪرڻ

حج جا چار رڪن آهن.

1. احرام ٻڌڻ
2. عرفات ۾ ترسڻ
2. طواف افاضہ ڪرڻ
4. سعي ڪرڻ

نوٽ: ڪنهن بہ هڪ رڪن جي ادا نہ ڪرڻ سان حج مڪمل نہ ٿيندو.

حج جا ست واجبات آهن.

1. ميقات ڪان احرام ٻڌڻ
2. سج لهڻ تائين (9 ذي الحج) ميدان عرفات ۾ ترسڻ

3. مزدلفہ جي ميدان ۾ هڪ رات (10-9 ذي الحج) گذارڻ
4. ايام تشريف جون راتيون منيٰ ۾ گذارڻ
5. شيطانن کي پٿريون هڻڻ
6. مٿي جا وار ڪوڙائڻ يا ڪٽائڻ
7. طواف وداع ڪرڻ

نوٽ: جنهن حاجي ڪوئي هڪ واجب ڇڏي ڏنو تہ اُن جي بدلي فديہ (قرباني) ڪري ۽ اُن کي مڪي شهر ۾ ذبح ڪري، اتان جي فقيرن، غريبن، يتيمن ۾ ورهائي ڏئي ۽ پاڻ اُن مان نہ کائي.

حج جا ارڪان اٺين ذوالحج ، ظهر نماز کان اڳ شروع ٿين ٿا، جنهن کي يوم ترويَہ چيو وڃي ٿو.

تمتع حج ڪرڻ وارا اٺين ذوالحج چاشت جي وقت احرام ٻڌن پر احرام ٻڌڻ کان اڳ، اُهي سڀ ڪم ڪن جيڪي عمري لاءِ احرام ٻڌڻ کان اڳ ڪيا هُئا، مثلاً تڙ ڪرڻ، خوشبو لڳائڻ، نماز پڙهڻ ۽ پنهنجي گهر کان احرام ٻڌڻ وغيره. البت قِرن ۽ افراد حج ڪرڻ وارا حاجي، پنهنجي احرام ۾ ئي رهن.

تمتع، قِرن ۽ افراد حج ڪرڻ وارا سمورا حاجي، ظُهر جي نماز کان پهريائين منيٰ جي طرف نڪرن ۽ ظهر، عصر، مغرب ۽ عشاءُ جون نمازون پنهنجي مقرر وقت ۾ چار رڪعتن واريون نمازون قصر ڪري پڙهن. نائين ذوالحج جي رات منيٰ ۾ گذاري ۽ فجر جي نماز هي سڄ اُياري، پوءِ سڪون ۽ وقار سان تلبيہ، ذڪر، دعائون گهرندي، قرآن پڙهندي، لا اله اِلا الله ۽ الله اڪبر چوندي رب العالمين جو حمد، ثناءَ ۽ شڪر ادا ڪندي، ميدان عرفات ڏانهن روانا ٿين.

وقوف عرفات حج جو هڪ رڪن آهي، جنهن جي بغير حج صحيح نہ ٿو ٿي سگهي. عرفات مڪي شريف کان ڏکڻ طرف 19 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي.

عرفات جو ڏينهن سڀ کان بهترين ڏينهن آهي. هن ڏينهن تي حاجين جا وفد عرفات ۾ جمع ٿيندا آهن، جتي سڄ لهڻ تائين عرفات جي ميدان ۾ ترسندا آهن ۽ اِن ڏينهن تي الله تعاليٰ حاجين بابت فرشتن سان ذڪر ڪندو آهي، تہ هي منهنجي مخلوق پنهنجن گناهن جي بخشش لاءِ جمع ٿي آهي.

سُنت مطابق حاجين کي گهرجي تہ سڌو عرفات جي ميدان اندر، ’مَقامِ نَمِرَہ‘ ۾ پهچن پر گهماگهمي (Over Crowding) هجڻ جي صورت ۾ اِهو

خيال ڪيو وڃي، تہ ميدان عرفات جي حدن اندر داخل ضرور ٿيڻ کپي. ڪافي نشانيون لڳل نظر اينديون، جيڪي حدود جي نشاندهي لاءِ خاص طور تي لڳايون ويون آهن. عرفات جو سڄو ميدان حاجين جي ترسڻ لاءِ آهي. حاجين کي گهرجي تہ هِن عظيم ڏينهن جي قيمتي وقت کي بغير ضايع ڪئي، هر وقت تلبيہ، ذڪر الاهي ڪثرت سان استغفار ڪندا رهن، لا اله الا الله پڙهندا رهن. الله جو حمد ۽ ثناءَ ۾ وقت لڳائين، خشوع ۽ خضوع سان الله تعاليٰ جي طرف متوجہ ٿي پنهنجي ۽ پنهنجي گهر وارن لاءِ پنهنجي اولاد واسطي ۽ اُمت مسلم لاءِ دعائون گهرندا رهن.

بہ پهري نماز وقت، ميدان عرفات ۾ اڏيل مسجد ’نِمره‘ ۾ امام وعظ ۽ نصيحت تي مبني خطبو ڏيندو، ان لاءِ بهتر ٿيندو جي مسجد اندر وقت تي پنهنجي جاءِ وٺي آرام سان خطبو ٻڌو، جنهن کانپوءِ امام بہ پهري ۽ ٽيهري وقتن جون نمازون قصر ڪرائي ٻن اقامت جي اذانن سان پڙهائيندو.

حاجين کي گهرجي تہ هن مبارڪ ڏينهن ۾، ڪي اهڙيون غلطيون نہ ڪن، جو اِن عظيم ڏينهن ۽ اِن باعزت جاءِ ۾ سڄي عبادت جو اجر ۽ ثواب ضايع ٿي وڃي.

يوم عرفات دوران هيٺين غلطين کان بچڻ گهرجي.

1. حدود عرفات کان ٻاهر ترسڻ
2. سج لهڻ کان اڳ عرفات مان نڪري وڃڻ
3. دعا ڪرڻ وقت جبل عرفات جي طرف منهن ڪرڻ (سنت آهي تہ دعا جي وقت منهن قبلي طرف هجڻ گهرجي).
4. گهما گهمي ڪرڻ ، هڪ ٻئي کي ڌڪا يا بدڪلامي ڪرڻ.

نائين ذوالحج جي سج لهڻ کانپوءِ، حاجين جي قافلن کي الله جي برڪت سان، ’مُزدلفہ‘ جي طرف هلڻ گهرجي. تلبيہ چوندي، الله جو ذڪر ۽ شُڪر ادا ڪندي، جيئن الله تعاليٰ انهن کي ميدان عرفات ۾ حاضري جي توفيق بخشي. مُزدلفہ ۾ پهچڻ شرط، مغرب ۽ عِشاءُ نماز جمع ۽ قصر، هڪ اذان ۽ ٻن اقامت تحت باجماعت ادا ڪرڻ گهرجي ۽ سڄي رات هتي گذارڻ گهرجي. نمازکانپوءِ، شيطانن کي هڻڻ لاءِ پٿريون هٿ ڪرڻيون آهن، پر اهو خيال ڪجي تہ نماز کان اڳ پٿريون نہ ميڙڻ گهرجن. سنت اِها آهي تہ حاجين کي رات مُزدلفہ ۾ گذارڻ ۽ فجر جي نماز کانپوءِ، منيٰ لاءِ روانو ٿيڻ گهرجي.

حاجي جڏهن نماز فجر کان فارغ ٿين تہ انهن لاءِ مُستحب آهي تہ ’مَشعرِ حرام‘ جيڪو مزدلفہ ۾ جبل آهي تنهن وٽ يا ڪنهن ٻئي جاءِ وٽ

ٿورو ترسڻ ۽ ڪثرت سان الله جو ذڪر، تڪبير ۽ جيترو ٿي سگهي دعائون گهرندا، سج اڀرڻ کان اڳ ۾، مزدلفہ کان منيٰ لاءِ روانا ٿي وڃڻ گهرجي.

مِنيٰ ۾ 10 ذوالحج جي صبح جو پهچي، وڏي شيطان (جُمرة عَقبہ) کي ست پٿريون هڪ هڪ ڪري هڻي ۽ هر هڪ پٿري سان الله اڪبر چئي. شيطان ڏانهن ’تلبيه‘ پڙهندي وڃڻ ۾ جيترو ٿي سگهي جلدي ڪري ۽ پهچڻ وقت ’تلبي‘ بند ڪري ۽ پوءِ ست پٿريون هڻڻ شروع ڪري.

پٿريون هڻڻ کانپوءِ جيڪڏهن قرباني ضروري آهي، تہ منيٰ ۾ قرباني جي مخصوص جاءِ پهچي قرباني ڪري، پاڻ بہ کائي ۽ بين مسڪينن، فقيرن کي بہ کارائي.

10 ذوالحج قرباني جو پهريون ڏينهن آهي. هن ڏينهن تي دنيا ۾ مسلمان ۽ منيٰ ۾ حاجي، هڪ خاص انداز ۾ عيد جي ڏينهن جي آجيان ڪندا آهن. الله جي نعمتن جو شڪريو ڪندي ۽ سندس تقرب حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا جانور قرباني لاءِ پيش ڪندا آهن. اُن ياد کي تازو ڪندي، تہ حضرت ابراهيم پنهنجي خواب جي تڪميل ڪندي، پٽ حضرت اسماعيل کي قرباني لاءِ پيش ڪيو هو. وڏي شيطان، جيڪو منيٰ جي مکي شريف واري طرف واقع آهي، تنهن کي پٿر هڻي پوءِ هيٺئين تڪبير چئو.

اَللهُ اَکبرُ، اَللهُ اَکبرُ، لَااِلٰهَ اِلااللهُ، اَللهُ اَکْبَرُ وَاللهِ الْحَمدُ.

وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ کانپوءِ، مٿي جا وار ڪوڙائڻ يا ڪٽائڻ کانپوءِ حاجين لاءِ جائز آهي تہ هو پنهنجا ڪپڙا پائي سگهن ٿا.

اِهو ياد رکڻ گهرجي تہ 10 ذوالحج تي صرف وڏي شيطان کي پٿريون هڻيون آهن ۽ 11-12-13 ذوالحج تي ٽنهي شيطانن کي هڻڻ گهرجن.

قرباني ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي مٿي جا وار ڪوڙائي يا ڪٽائي وار ڪوڙائڻ افضل آهي ۽ عورت کي پنهنجي چوٽي مان هڪ آڱر برابر وار ڪٽائڻ افضل آهي. اِها ترتيب افضل آهي پر ڪن مجبورين تحت اِن ترتيب کي اڳتي پوئتي ڪرڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي.

وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ کانپوءِ مڪہ مڪرمہ وڃي ’طوافِ اضافہ‘ ڪرڻ گهرجي جو هي هڪ حج جو رڪن آهي، ان کان سواءِ حج پورو نہ ٿي سگهندو. تمتع حج ڪرڻ وارو سعي بہ ڪري ۽ حج قِرن ۽ افراد ڪرڻ وارن حاجين جيڪڏهن طوافِ قدوم دوران سعي نہ ڪئي هجي تہ هن طواف سان سعي ڪري وٺن طوافِ اضافه کي توهان ايام منيٰ دوران بہ ڪري سگهو ٿا ۽ جي مجبوري آهي تہ اُن کي ايام منيٰ کان پوئتي ڪرڻ بہ جائز آهي.

حاجي قرباني واري ڏينھن طواف اضافہ ڪرڻ ڪان پوءِ احرام دوران أھي تمام شيون جيڪي منع ڪيل ھيون سي سڀ حلال ٿي وجن ٿيون.

يارھن ذوالحج جي رات ڪان ’ايام تشريف‘ شروع ٿي وجن ٿا، جن ۾ يارھين، ٻارھين ۽ تيرھين ذوالحج جا ٽي ڏينھن ۽ راتيون منيٰ ۾ ترسڻ ضروري آھن.

پر الله تعاليٰ سوره بقره جي آية نمبر 203 مطابق ھڪ ڏينھن جي مُھلت ڏني آھي، جن ڪي ڪا جلدي ھجي.

ايام تشريق (11،12 ۽ 13 ذوالحج) دوران حاجين لاءِ ضروري آھي، تہ زوال ڪانپوءِ، ٽنھين شيطانن ڪي پٿريون ھڻي ۽ ھر پٿري ھڻڻ وقت، الله اڪبر چئي، ڪثرت سان ذڪر ڪري ۽ ٻيڙ ڪرڻ، ويڙه، ڏڪا ڏيڻ يا گار گند ڪرڻ ڪان پرھيز ڪري.

تيرھين ذوالحج بعد زوال، ٽنھي شيطانن ڪي پٿريون ھڻڻ ڪان پوءِ، حاجين ڪي گھرجي تہ حج جو آخري مرحلي ۾، بيت الله جو طواف ڪرڻ، جنھن ڪي ’طوافِ وداع‘ چيو وڃي ٿو ۽ ھي حج جو آخري واجبات ۾ آھي.

نبي صلم جن فرمايو آھي تہ توھان مان ڪوئي بہ اُن وقت تائين نہ موڪلائي نڪري، جيستائين توھان جو آخري عھد بيت الله سان نہ ٿئي.


ھر حاجي لاءِ ضروري آھي تہ وطن موٽڻ ڪان اڳ، طوافِ وداع ڪري ۽ پوءِ وطن واپس ٿئي. طواف وداع صَرف حيض واري عورتن لاءِ معاف آھي.

***

الرياض



AL RIYADH - 8688 - 28th Year - Tuesday 7 - 4 - 1992



● سمو الامير لدى وصوله الى مقر مشروع توسعة مركز ومدرسة سلاح المدرعات ويصافح سموه العاملين بالمشروع

نیاز احمد شر ایک مزدور دوست انسان ہیں، سید سردار علی شاہ

اسٹاف ورکرز یونین میونسپل کمیٹی روہڑی کے صدر اور دیگر کا ایم ڈی نساسک سکھر سے اظہار تشکر

روہڑی (نمائندہ کلیم) اسٹاف ورکر یونین میونسپل کمیٹی روہڑی کے صدر سید سردار علی شاہ جنرل سیکریٹری شفیق شیخ سینئر نائب صدر کرم دین، نائب صدر بشیر احمد، جوائنٹ سیکریٹری روشن علی، بلو شیخ، موسن علی، مشتاق احمد، اختر مسیح ودیگر نے اپنے مشترکہ پریس بیان میں ایم ڈی نساسک سکھر نیاز احمد شر سے اظہار تشکر کرتے ہوئے کہا ہے کہ وہ ایک مزدور دوست انسان ہیں نیاز شر کی کوششوں سے نساسک ملازمین کی دو ماہ کی رکی ہوئی تنخواہیں ملی ہیں جس کے باعث ملازمین میں خوشی کی لہر دوڑ گئی یونین رہنماؤں نے ایم ڈی نساسک کی ملازمین کے لیے کاوشوں کو سراہتے ہوئے خراج تحسین پیش کرتے ہوئے اپنے بھرپور تعاون کا یقین دلایا۔

ہم وطن

تبوک میں لڈی اور ہو جمالو

مدینۃ العسکریہ میں پاکستان کی گولڈن جوبلی تقریبات میں سعودی اور یورپی کمیونٹی کے افراد بھی شریک ہوئے

شجاعت حمیدی۔ تبوک



تبوک اور اس سے ملحقہ شہروں میں 14 اگست کو قیام پاکستان کی گولڈن جوبلی تقریبات بڑے پیمانے پر منائی گئیں۔ اس سلسلہ کی سب سے بڑی تقریب مدینۃ العسکریہ میں واقع پاکستانی کمیونٹی کلب میں منعقد ہوئی۔ اس تقریب میں تبوک اور اس سے ملحقہ شہروں میں مقیم پاکستانیوں کے علاوہ مقامی اور یورپی کمیونٹی کے افراد نے کثیر تعداد میں شرکت کی۔ تقریب کیلئے ہال کو بڑی خوبصورتی سے سجایا گیا تھا جس میں قائد اعظم سمیت تحریک پاکستان کی متعدد شخصیتوں کی تصاویر اور قومی پرچم نمایاں تھے۔

تقریب کا آغاز تلاوت کلام پاک سے ہوا، تلاوت قاری عبداللہ خان نے کی جس کے بعد کلب کمیٹی کے انچارج حافظ الرحمٰن نے مہمانوں کو خوش آمدید کہا۔ اسٹیج سیکرٹری حافظ اصغر اقبال نے اردو، عربی اور انگریزی میں پروگرام کے مقاصد اور جدوجہد آزادی پر جامع تقریر کی۔ قاضی محمد جاوید نے تمام حاضرین سے یہ عہد لیا کہ ہم اپنی تمام تر توانائیاں ملک کی تعمیر و ترقی کیلئے صرف کریں گے۔ اس کے فوری بعد ڈاکٹر سلیم اور دیگر مقررین نے قیام پاکستان اور جدوجہد آزادی کے پس منظر پر بھرپور روشنی ڈالی اور قائد اعظم، قائد ملت اور دیگر شہدائے آزادی کو خراج عقیدت پیش کیا۔



تبوک میں جشن زریں آزادی پاکستان کی تقریب سے حافظ اصغر اقبال خطاب کر رہے ہیں

مصنف
محمد عبداللہ

تقریب کا دوسرا دور موسیقی اور مزاحیہ پروگرام پر مشتمل تھا۔ پہلے مرحلے میں فرالدین اور ساتھیوں نے سرحد کا مشہور لوک ڈانس لڈی پیش کیا جس کو حاضرین نے بہت پسند کیا۔ سندھ کا مشہور رقص ہو جمالو عبدالوارث اور ساتھیوں نے پیش کیا۔ بانسری پر قومی نغمے محمد ارشد نے پیش کئے۔ محمد نعیم اور پرنس کامران نے علاقائی رقص پیش کئے جس پر حاضرین بالخصوص مقامی افراد نے بہت جوش و خروش کا مظاہرہ کیا اور داد تحسین پیش کی۔ کامران صدیقی نے مشہور ملی نغمے اپنی خوبصورت آواز میں پیش کئے جو کافی مقبول رہے۔ اس پروگرام میں جن فنکاروں نے حصہ لیا ان میں کامران صدیقی، پرنس کامران، محمد ارشد، طارق حمید، ملک بشارت، چوہدری سعید، ملک محمد الطاف اور ملک محمد شریف شامل تھے۔

حافظ عبدالصمد نے مہمانوں کو جدوجہد آزادی پاکستان کے بارے میں انگریزی زبان میں تفصیل سے بتایا جس کو عرب مہمانوں نے کافی سراہا۔ مہمان خصوصی ادارہ مدینۃ العسکریہ کے میجر فیصل علی کی جانب سے انجینئر محمد فرج العطوی نے پاکستانیوں کو آزادی کی پچاسویں سالگرہ کی مبارکباد دی۔ آخر میں اسٹیج سیکرٹری حافظ اصغر اقبال نے اختتامی کلمات ادا کئے اور مندرجہ ذیل اشعار پڑھے:

خدا کرے میری ارض پاک پر اترے
وہ فصل گل جسے اندیشہ زوال نہ ہو
خدا کرے میرے ایک بھی ہم وطن کیلئے
حیات جرم نہ ہو زندگی وبال نہ ہو

آخر میں مہمانوں کے اعزاز میں پرتکلف عشائیہ دیا گیا۔

دوسری بڑی تقریبات خواتین اور بچوں کیلئے سمل ہاؤس مدینۃ العسکریہ اور محمد علی ہاؤس تبوک میں منعقد ہوئیں جس میں خواتین اور بچوں نے بڑی تعداد میں شرکت کی۔ اس سلسلہ میں خواتین مقررین نے جدوجہد آزادی پر تقاریر کیں۔ مقررین میں مسز طارق مغل، مسز الطیب، مسز محمد علی پیرزادہ، مسز انجینئر ممتاز علی اور دیگر خواتین شامل تھیں۔ جس کے بعد بچوں کیلئے ذہنی آزمائش کا پروگرام، ٹیبلو اور کھیلوں کے پروگرام پیش کئے گئے۔ بچوں نے علاقائی لباس پہن کر قومی یکجہتی کا مظاہرہ کیا اور ملی اور قومی نغمے پیش کئے جس کے بعد خواتین کے ذہنی آزمائش کے پروگرام ہوئے اور آخر میں تقسیم انعامات کی تقریب ہوئی۔ جن بچوں نے مختلف پروگراموں میں حصہ لیا ان میں علی الطیب، ہادی الطیب، انس، سلیمان، کنول علی، طلحہ، ثنا، سمارا، شمائل طارق اور فرحان شجاعت شامل تھے۔ اس طرح منطقہ تبوک میں گولڈن جوبلی تقریبات اختتام پذیر ہوئیں۔



تبوک میں ملی جذبے سے سرشار بچے قومی ترانہ سنا رہے ہیں

18/3/79



15.6.79

تخليق پبلڪيشنس

جو پهريون ڪتاب شايع ٿي ويو

مرتب: طارق اشرف

هن ڪتاب ۾

اياز قادري، شوڪت حسين شورو، حليم بروهي، سرفراز راجڙ، نياز شر جون ڪهاڻيون، ڀارت جي انگريزي ڪهاڻيءَ جو ترجمو، ذوالفقار راشدي، امداد حسيني، ”عبد“ ماڇواڻي، تنوير فتحي، عشاق ميمڻ، انور ڪهاڙ، نصير مرزا، اياز گل، ادل سومرو، ... واحد، لياقت رضوي، بلقيس عارباڻي، غلام علي، زيب سنڌي، فيض سومرو ۽ سرفراز راجڙ جا شعر، انهن کان علاوه عبدالجبار جوڻيجي جو مضمون، طارق اشرف جو هڪ مشهور ناول تي اڪيلي خاڪو ۽ ج.ح. سنڌي ڪهاڻيءَ جو ادبي خط،

ٻن رنگن ۾ عظيم چانڊيي جو ناهيل شاندار ٽائيٽل، صفحا ٻه سو چار ۽ قيمت چار رپيا.

سنڌ جي هر بڪ اسٽال تان ملي سگهي ٿو

منگهو فقير شر ۽ رمزآباد جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

لاڙي مهراڻ ۱۳- (نمائندو) تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ منگهو فقير شر ۽ رمزآباد ڪيئي اهم سهولتون ابان نه فراهم نه ڪيون ويون آهن.

انهيءَ ڳالهه هتان جي سماجي ڪارڪن مسٽر اياز علي شر هڪ ملاقات ۾ ڪئي.

هن ٻڌايو ته ڳوٺ منگهو شر کان ڳوٺ رمزآباد (نئون ڳوٺ) جي وچ ۾ ڪچو رستو تمام پراڻو ... آهي ۽ اهو رستو هر وقت ... جي ڪري ... جي وڏي ڪولن کي ايندي وڃڻ ۾ تمام تڪليف آهي

هن ٻڌايو ته هن رستي کي ۱۹۸۳ ۾ ... واري ...

... ڏينهن ... انتظاميه ... ڪيو ويو آهي. ...

مسٽر اياز علي شر سنڌ يونيورسٽي مان سول انجنيئرنگ ۾ فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن حاصل ڪري انجنيئرنگ ۽ ... جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ... روانو ٿي ويو.



اياز علي شر بلوچ جنهن سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج مان هن سال انجنيئرنگ جي امتحان ۾ ۹۰۸ مارڪون کڻي نمبر حاصل ڪيو آهي.

متحده شر بلوچ فلاحي انجمن



تاريخ

نمبر

هيڊ آفيس خيرپور

صدر :-
رئيس محمد ملوڪ خان
مير علي بازار خيرپور

* * *

نائب صدر :-
رئيس غلام نبي خان
چاڪر صاحب
حڪيم محمد بروهي
خيرپور ڏهرڪي

* * *

جنرل سيڪريٽري :-
محمد حسن بلوچ
چاڪر صاحب

* * *

جوائنٽ سيڪريٽري :
نواز علي خان
I-45 سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

* * *

خزانچي :
شفي محمد خان بلوچ
ايگريڪلچرل ورڪشاپ سانگهڙ

* * *

پبلسٽي سيڪريٽري :
آسوه خان
ڪروڙي

آفتاب

٢١- جون ١٩٨١ع

شر قوم جي گڏجاڻي

خيرپور ٢١- تعلقي فيض گنج خيرپور ميرس ۾ حاجي ڪريم الدين شر بلوچ جي جاءِ تي ڏهين نومبر تي متحده شر بلوچ فلاحي انجمن جي گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان شر قوم جي ماڻهن شرڪت ڪئي، صدارت حاجي ڪريم الدين شر ڪئي.

ميٽنگ ۾ سنڌ شر بلوچ ايجوڪيشنل ٽرسٽ جو بنياد وڌو ويو، جيڪو اهو الهن غريب هوشيار شاگردن جي مالي مدد ڪندو جيڪي غريب هئڻ ڪري [illegible] ڪ ڪان هتي پڙهي نه ٿا سگهن. انهن لاءِ پيسا گڏ ڪري ڪمن اسڪالرشپون ڏنيون وينديون.

رسول پور کان ٽالپر وڏا رستي جي حالت سڌاري وڃي

لڙي ميرواهه ٢- لڙي ميرواهه تعلقي جي سماجي ڪارڪن مسٽر نياز علي شر مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ رسولپور کان ٽالپور وڏا جي ٻنهي پڪن رستن کي ملائڻ لاءِ ٻن ميلن جي فاصلي تي مٽي ۽ پٿر وجهي عوام جي تڪليف کي دور ڪيو وڃي. رسولپور کان ٽالپر وڏا جي وچوارو فاصلو پنج ميل آهي جنهن مان ٽن ميلن تي مٽي وڌي وئي هئي باقي رهيل ٻن ميلن جي فاصلي لاءِ مٽي ۽ پٿر وجهرائي ڏيڻ سان نه صرف لڙي ميرواهه ۽ خيرپور جي وچوارو فاصلو ٽيڪڙو گهٽجي ويندو ٻيران سان گڏ ويهن ڳوٺن جي رهواسين جي خواهش پوري ٿيندي.

شر بلوچ قوم جي گڏجاڻي

لڙي ميرواهه ٢١- (نمائندو) تعلقي فيض گنج جي هيڊڪوارٽر پڪا چانگ ۾ ڏهين نومبر ارڙهين تاريخ ١٢ بجي حاجي ڪريم الدين شر بلوچ جي جاءِ تي شر بلوچ قوم جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي. سڄي سنڌ جي شر بلوچ قوم جي باشعور طبقي کي جيڪي پنهنجي قوم جي پسندي ۽ ترقي جا خواهشمند آهن انهن کي اپيل ٿي ڪجي ته وڏي ۾ وڏ شرڪت ڪري فرمائين.

ٻي انجنيئرنگ
مهراڻ اخبار
گروپ 6 آڪٽوبر 70ع

فرسٽ ڪلاس

(۱۵۰۰۴)، ۱۵، ۲۳، ۲۴،
۴۱، ۴۵، ۴۷، ۵۰، ۵۴، ۵۵،
۵۶، ۷۲، ۷۳، ۸۵، (۱۵۱۰۸)،
۱۰، ۱۸، ۱۹، ۲۶، ۲۷، ۳۴،
۳۷، ۳۸، ۳۹، ۴۸، ۵۰، ۵۶،
۵۷، ۶۱، ۶۶، ۷۰، ۷۳، ۷۸،
۸۴، (۱۵۲۳۴)، ۳۶، ۳۷، ۳۸
۴۰، ۴۲، ۴۳، ۴۵، ۴۶، ۵۳،
۵۶، ۵۷، ۷۰، ۷۱، ۷۳، ۷۴،
۷۵، ۷۶، ۷۸، ۸۴، ۸۵، ۹۸،
(۱۵۳۵۰)، (۱۵۴۱۵)، ۱۷، ۲۱،
۲۳، ۲۸، ۲۹، ۳۰، ۳۳، ۳۴،
۳۶، ۶۴، ۶۶، ۹۵، (۱۵۵۵۱)،
۵۴، ۸۶، ۹۳، (۱۵۶۱۸)، ۱۹،
۲۵، ۳۰، ۳۲، ۳۳، ۳۵، ۳۸،
۴۸، ۵۱، ۵۳، ۵۴، ۵۷، ۵۹،
۷۱، ۷۷، ۷۸، ۸۲، ۹۵، ۹۹
۹۷، (۱۵۷۰۵)، ۲۳، ۲۴، ۲۹،
۵۵، ۵۶، ۵۷، ۵۸، ۶۶، ۹۸،
۶۹، ۷۰، ۷۱، ۷۲، ۷۳، ۷۸،
۸۰، ۸۱، ۸۳، (۱۵۸۱۳)، ۱۵،
۱۸، ۲۱، ۲۳، ۵۴، ۶۰، ۶۵،
۷۳، ۷۵، ۸۱، ۹۲، ۹۶، ۹۷،
۹۹، (۱۵۹۱۱)، ۱۷، ۱۸، ۲۰،
۵۷، ۵۸، ۶۶، ۷۰، ۸۲، ۸۴،
۸۵، ۸۶، ۸۹، ۹۰، ۹۳، ۹۴،
۹۷، ۹۹، (۱۶۰۰۰)، ۱، ۲، ۴،
۵، ۷، ۸، ۹، ۱۲، ۱۳، ۱۴، ۱۵
۱۶، ۱۸، ۱۹، ۲۰، ۲۱، ۲۲،
۲۳، ۲۴، ۲۵، ۲۷، ۲۸، ۳۰، ۳۱،
۳۲، ۳۳، ۳۴، ۳۵، ۳۷ کان ۴۷،
۵۸، ۵۹، ۶۰، ۷۱، ۸۵، ۸۸،
۸۹، ۹۲، ۹۷، (۱۶۱۱۱) ۲۱،
۲۳، ۴۵، ۴۶، ۵۰، ۵۱، ۹۴،
(۱۶۲۱۰) ۴۹، ۵۰، ۵۷، ۶۶،
۷۸، (۱۶۳۲۸) ۳۴، ۵۷ ۽

سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج، ڄامشورو

فرسٽ ايئر انجنيئرنگ ڪلاس ــ سيشن ۷۱-۱۹۷۰ع

داخلائون

سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج، ڄامشوري ۾ سول، ميڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ جي ڊگري ڪورسن جي فرسٽ ايئر انجنيئرنگ ڪلاس ۾ داخلا لاءِ مقرره فارمن تي درخواستون گهرايون وڃن ٿيون.

داخلا فارم پراسپيڪٽس جي ڪاپي ۽ ٻي واسطيدار معلومات سميت پرنسپال، سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو جي آفيس مان ۸ آڪٽوبر کان ۳۱ آڪٽوبر ۱۹۷۰ تائين موڪل کان سواءِ ڪم وارن ڏينهن تي ۸ بجي صبح کان ٻپهري ۱۲ بجي [illegible] ادا ڪري حاصل ڪري سگهجن ٿا. آخري تاريخ يعني ۳۱ آڪٽوبر جي شام [illegible] کان پوءِ داخلا فارم جاري نه ڪيا ويندا.

پراسپيڪٽس جي ڪاپي سميت داخلا فارم ۱۰/۰ روپيا [illegible] ۳ روپيا [illegible] پوسٽل آرڊر / مني آرڊر [illegible] ادا ڪرڻ سان موڪليا ويندا. آخري [illegible] ۾ [illegible] لکيل [illegible] ۱۲۲۵ [illegible] لکيل [illegible] فارم [illegible] لاءِ لکيل [illegible] سميت [illegible] موڪلڻ گهرجي.

درخواستون جا فارم جيڪي هر حالت ۾ مڪمل [illegible] گهرجن ۽ انهن سان گڏ [illegible] (پنج روپيا) [illegible] پوسٽل آرڊر / مني آرڊر سميت ۸ آڪٽوبر ۽ ۷ نومبر ۱۹۷۰ درميان پرنسپال سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري جي آفيس ۾ [illegible] گهرجن. ۷ نومبر ۱۹۷۰ درخواستون [illegible] ڪرڻ جي آخري تاريخ آهي [illegible] سوال [illegible] موڪليون وارن [illegible] انهيءَ تاريخ يعني ۷ نومبر ۱۹۷۰ کان پوءِ فارم [illegible] هر حالت ۾ [illegible] نه ڪيا ويندا.

"[illegible] جي پاڙن" واري قسم جي [illegible] درخواستون [illegible] سرٽيفڪيٽ [illegible] ڪورس، [illegible] انهن کي [illegible] مڪمل فارم ڪلاس ۽ [illegible] اميدوارن جي [illegible] لاءِ جي [illegible] موڪلڻ گهرجن.

ڪورس ۾ داخلا لاءِ گهٽ ۾ گهٽ تعليمي لياقت انٽرميڊيئٽ سائنس امتحان (پري انجنيئرنگ گروپ) گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ سنڌ يونيورسٽي يا بورڊ آف انٽرميڊيئٽ ائنڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد مان پاس ڪيل يا ان جي برابر ڪو ٻيو امتحان جنهن کي سنڌ يونيورسٽي طرفان [illegible] حاصل هجي.

داخلائون سنڌ يونيورسٽي سنڊيڪيٽ طرفان انهيءَ مقصد لاءِ ٺاهيل قاعدن مطابق ڏنيون وينديون.

پرنسپال
سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج
ڄامشورو.

پي آءِ ڊي (ح) ۶۰۲-آب-۷۰

نيازي جي جان بخشيءَ لاءِ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي استاد طرفان رحم جي اپيل

نوابشاهه (پ.ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي، نوابشاهه جي استادن پنهنجي صحيحن سان، صدر جنرل محمد ضياءالحق کي، مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي جي جان بخشي لاءِ اپيل ڪئي آهي.

جن استادن اها اپيل تي صحيحون ڪيون، تن ۾ واحدل نبي شاهه، ناظم الدين شيخ، ايم-اي ڀٽو، غلام شبير ميرزادو، نياز علي شيخ، حيدر بخش جتوئي، ڪشور لال، سليم-اي- مغل، ايم-واءِ سومرو، هدايت الله، ابوبڪر ميمڻ، قطب الدين انڙ، عبدالحميد، ايم-اي آرائين، سڪندر ۽ انور پٺاڻ جيا الا شامل آهن.

خوشي جو اظهار

[illegible]

ر بلوچ فلاحي انجمن جي ميٽنگ ٿي گذري جنهن ۾ انجمن جي جوائنٽ سيڪريٽري نياز علي جهڪو انجنيئرنگ جو شاگرد بڻ آهي ان غلام مصطفى خان جتوئي جي صوبه سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

مراسلات

ایڈیٹر کا مراسلہ نگاروں کی رائے سے متفق ہونا ضروری نہیں

تعلقہ ٹھری میرواہ کے مسائل

تعلقہ ٹھری میرواہ ضلع خیرپور میں واقع ہے۔ یہ برطانوی دور حکومت میں تعلقہ بنا تھا اور اتنا عرصہ گزرنے کے بعد یہاں کوئی ترقی کے آثار دور تک نظر نہیں آتے۔ آبادی کے لحاظ سے میرواہ سب ڈویژن خیرپور ضلع کا بہت بڑا سب ڈویژن ہے۔ لیکن سیاستدانوں، پیروں اور وڈیروں کی سیاست سے الیکشن میں اپنے اپنے فائدے حاصل کرنے کے لئے اس تعلقہ کو تین حصوں میں تقسیم کیا جاتا ہے اور ہر دور میں اسے پیچھے دھکیل دیا جاتا ہے تعلقہ ٹھری میرواہ میں پچھلے 47 سالوں سے کوئی ترقی کا کام نہیں ہوا۔ اور اگر ہوا تو وہ کام ابھی تک نامکمل پڑا ہے۔ مثلاً محکمہ پبلک ہیلتھ نے 15 سال پہلے واٹر سپلائی اسکیم شروع کی تھی لیکن اب تک نامکمل ہے۔ حکومت نے لاکھوں روپیہ اس اسکیم پر لگایا لیکن لوگ ایک پانی کی بوند کے لئے ترس رہے ہیں۔ شہر میں ہر جگہ گندگی کے ڈھیر نظر آتے ہیں۔ صفائی کا کوئی بندوبست نہیں ہے۔ ٹھری میرواہ شہر میں گندے پانی کی نکاسی کے لئے گٹر ہمیشہ اُبلتے رہتے ہیں۔ عوام کو اپنے مسائل حل کرانے کے لئے ضلع خیرپور ہیڈکوارٹر تک پہنچنے کے لئے سو سو کلومیٹر کا فاصلہ طے کرنا پڑتا ہے ان مشکلات کو نظر میں رکھتے ہوئے تعلقہ ٹھری میرواہ کو ضلع کا درجہ دیا جائے اور یہ نیا ضلع تعلقہ میرواہ، تعلقہ فیض گنج اور تعلقہ ٹھاراشاہ پر مشتمل ہو۔

(نیاز علی بلوچ تھوک۔ سعودی عرب)

اسسٹنٹ کمشنر میہڑ کا تبادلہ

میہڑ (نامہ نگار) اسسٹنٹ کمشنر میہڑ ڈاکٹر فضل کیہر کا تبادلہ شہدادکوٹ کر دیا گیا ہے جبکہ [illegible] سے تبدیل ہو کر آنے والے اکبر علی قریشی نے میہڑ میں اسسٹنٹ کمشنر کا چارج سنبھال لیا

بسم الله الرحمن الرحيم

Flat No. 3/2, Block AA,
Jacob Lines Complex,
Karachi - Pakistan.
Tel 710917

P. O. Tharee Mirwah
Dist: Khair Pur Mir's,
Sind - Pakistan
Tel.

Engr. NIAZ ALI SHAR BALOCH

BSCE, MSCE
M. PEC, M. PIE, M AWWA, M. ASCE

Civil Engineer
King Abdul Aziz Military Cantonment,
P. O. Box No: 1275,
Tabuk - Kingdom of Saudi Arabia

TEL. Off. (04)4230001/97573
Res. (04)4230001/92375

Date Jan. 01, 1990

Dear A.R. Shah Sahib
Principal,
Intermediate Science College
at Tharee Mirwah

NIAZ ALI EDUCATIONAL FELLOWSHIPS

Since our tribe, Shar Baloch has not produced any lady Doctor so far and you know that Medical profession being sacred profession from Islamic point of view.

We do announce NIAZ ALI EDUCATIONAL FELLOWSHIPS as a first step to the welfare of Community.

Detail is as under:

1. Rs 1000/= (Rs One Thousand) Prize to only ONE student acquiring highest marks in First Class in Intermediate Pre-medical final examinations.
2. Rs 500/= (Five hundred) per month Schclarship for only First Year in Medical College (extendable).

Note: This offer is Valid for only Shar Baloch female students of Tharee Mirwah Taluka and upto Dec. 1994 (INSHA ALLAH).

[signature] 1-1-1990

1. Engr. Niaz Ali Shar Baloch

Baloch

2. Mrs. R. Niaz Baloch

ڳوٺ ظفرعلي خان شر ۾ گرلس پرائمري اسڪول کولڻ جو مطالبو

لاڙڪاڻو ( ) ڳوٺ ظفرعلي شر ۾ گرلس پرائمري اسڪول کولڻ لاءِ مذڪوره ڳوٺ جي مشهور مسٽر ظفرعلي شر ڊي. اي. او (گرلس) لاڙڪاڻو جي حڪم مطابق ۔ سندن آفيس ۾ هڪ اگريمينٽ بابت مارچ ۱۹۷۵ع ۾ اسڪول لاءِ جڳهه ۽ فرنيچر فراهم ڪرڻ لاءِ مضمون اقرار ڪيو. جنهن تي محترمه ڊي. اي. او گرلس صاحبه واعدو ڪيو ته ٿوري عرصي دوران گرلس اسڪول کولڻ جا انتظام ڪيا ويندا. پر افسوس آهي جو هيل تائين اهي ڪا عملي قدم نه کنيو ويو آهي جڏهن ته موجوده عوامي حڪومت تعليم کي وڌيڪ اهميت ڏئي ۽ اسڪول کولڻ جا اقدام ڪري رهي آهي.

ڳوٺ جي مشهور قومي ۽ عوامي همدرد مسٽر ظفرعلي شر ڊي. اي. او گرلس لاڙڪاڻو کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته مذڪوره ڳوٺ ۾ گرلس اسڪول کولڻ لاءِ جلد کان جلد قدم کنيو وڃي.

ڳوٺ رمز آباد جا مسئلا

گرلس اسڪول

سن ڳوٺ ۾ صرف هڪ

چوڪرن جو اسڪول آهي، جنهن ۾ پڙهن ٿا. ڇوڪرين لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جو ڪو به بندوبست نه آهي. ان ڪري ڇوڪريون تعليم کان محروم رهجي وڃن ٿيون. اسانجي ڳوٺ کان ڪجهه مفاصلي تي ڳوٺ ۾ گرلس اسڪول آهي جيڪو اسانجي ڇوڪرين لاءِ تمام پري آهي. اسان ڪيترن سالن کان هتي اسڪول لاءِ درخواستون ڏنيون آهن، ليڪن ڪو به ڌيان ڪونه ڏنو ويو آهي. اسان پاڪستان جي صدر جنرل محمد ضياءالحق کي پرزور اپيل ٿا ڪريون ته برائي ڪرم اسانجي ڳوٺ جا مسئلا حل ڪيا وڃن.

اسپتال

افسوس آهي جو ڪيترن ماڻهن لاءِ هتي ڪا به اسپتال نه آهي. هن ڳوٺ ۾ اسپتال جي سهوليت نه هجڻ سبب ماڻهو ڪيترن ئي مرضن سبب جانيون ختم ٿيو وڃن.

بجلي

هن ڳوٺ کي بجلي نه آهي. صرف هڪ ڳوٺ آهي، جنهن کي بجلي کان محروم رکيو ويو آهي. اسان جي ڳوٺ کان ٿورو پري ڳوٺ صرف ٽي ميل ۽ لواڻ ڳوٺ ٻه ميل آهي، انهن ڳوٺن کي بجلي، اسپتال ملي آهي، جڏهن هي ڳوٺ آهي. وس وارن عملدارن کي عرض آهي ته مهرباني فرمائي هن ڳوٺ کي بجلي ڏني وڃي.

(continue --)

رستو

هن ڳوٺ ۾ رستو به ڪونه آهي. ڳوٺ سيڪڙي کان نئين تائين ڪچو رستو ٺهرايو ويو. فقط سال ۱۹۶۳ ۾ مٽي وجهرائي ٿي، پر رستو ٺهرايو نه ويو آهي. گاڏيون ڪاما پورايا وڃن. اونهاري برسات پوي ته ڪاما پرجهو ٿيون.

صحت ۽ ڪلو

هن ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو صحت جي خرابي ڪري ٻيا آهن ۽ برسات جي موسم جي وقت رستو ملائي. پيدل به هلڻ مشڪل آهي. وس وارن عملدارن کي عرض آهي ته هن طرف خاص توجهه ڏيڻ فرمائيں. ٽيوب ويل لڳايا وڃن ۽ ڳوٺ کي تباهي کان بچايو وڃي.

(مسز رحمت نياز شر ۽ فرزانه شر)



ليکڪ

انجنيئر نياز علي شر هڪ ناليوارو سول انجنيئر، محقق، ڪهاڻيڪار، استاد ۽ سياحت جي حوالي سان هڪ وڏو نالو آهي، جنهن دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏ، عالمي پروفيشنل ڪانفرنسون اٽينڊ ڪري چڪو آهي. نياز شر جي پيدائش خيرپور جي ٺري ميرواهه تعلقه جي ڳوٺ حاجي مبارڪ شر ۾ ٿي. پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ ورتي ۽ سيڪنڊري تعليم مڊل اسڪول رسول پور ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول ٺري مان پاس ڪئي. انٽر سائنس پري انجنيئرنگ گروپ ۾ اڳوڻي ممتاز ڪاليج خيرپور مان فرسٽ ڪلاس ۾ ڪري سول انجنيئرنگ اڳوڻي سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري مان فرسٽ ڪلاس، سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪئي. انجنيئرنگ جي آخري سال جي نتيجي نڪرڻ کان اڳ نواب شاهه جي نئين انجنيئرنگ ڪاليج جنهن کي هاڻي قائدي عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي چيو وڃي ٿو تنهن ۾ ليڪچرر طور مقرر ڪيو ويو. هاليڊ گورنمينٽ جي اسڪالرشپ تي انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس ڊگري ڪرڻ لاءِ ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي بئنڪاڪ(AIT) ويو جتان ماسٽرس ڊگري حاصل ڪئي. واپسي تي حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (HDA) ۾ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آسامي تي ٽن سالن تائين ڪم ڪيو. اِن دوران قاسم آباد، ڪوهسار، گلستان سرمست، گلشن شهباز ۽ لطيف آباد جي آبي رسد جو ڪم بخوبي نڀايو. اِن کان پوءِ سعودي عرب جي تبوڪ شهر ۾ واقع عبدالعزيز ملٽري ڇانوڻي ۾ سينيئر سول انجنيئر ۽ آخر ۾ چيف انجنيئر تي رٽائر ڪيو. ڪئناڊا جي اميگريشن حاصل ڪئي ليڪن سانڍيهه جي سِڪ ڪيس موٽائي ماڳ تي آندو. ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪيا ۽ آخر ۾ وطن واپسي کان پوءِ حيدرآباد شهر جي ترقياتي ڪمن ۾ چيف انجنيئر طور ڪم ڪيو جنهن کانپوءِ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو ۽ آخر ۾ نارٿ سنڌ اربن ڪارپوريشن، نساسڪ (NSUSC) (سکر) جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو. اِن دوران اتر سنڌ جي شهرن، سکر، روهڙي، خيرپور، لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور جي شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪندو رهيو.

ڊاڪٽر عطاء الله شر

گلشن مهراڻ، حيدرآباد